سنڌ گزيٽيئر

(گڏيل جلد 1 ۽ 2)

مصنف
ڊاڪٽر ايڇ. ٽي. سورلي

سنڌي ادبي بورڊ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

سنڌ گزيٽيئر

(گڏيل جلد 1 ۽ 2)

مصنف

ڊاڪٽر ايڇ.ٽي.سورلي

سنڌيڪار

سليم احمد

۽

محمد احمد منصور عباسي

سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو، سنڌ

2016ع

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

چپائيندڙ پاران

هي، "سنڌ گزيٽيئر" دنيا جي قديم تهذيب، تمدن ۽ ثقافت جي عظيم اهڃاڻ وادئ مهراڻ جي جاگرافيائي تاريخ تي مشتمل هڪ اهم تاريخي ۽ معلوماتي دستاويز آهي. جنهن ۾ سنڌي سماج ۾ صدين کان مروج ريتن، رسمن، روايتن ۽ ثقافتي قدرن کي هڪ هنڌ ڪٺو ڪري نه رڳو سنڌ کي پنهنجي عظيم ورثي کان روشناس ڪرايو ويو آهي، پر دنيا آڏو به سنڌي سماج جي ثقافتي خوبصورتين کي نروار ڪيو ويو آهي.

هي، "سنڌ گزيٽيئر" برصغير جي نامياري محقق ايڇ. ٽي. سورلي ٽي سال (1957ع کان 1959ع) برابر وڏي محنت سان سنڌ جي تاريخ جا اهم ماخذ هٿ ڪري، انگريزي ٻوليءَ ۾ لکي مڪمل ڪئي؛ جنهن ۾ سنڌو ماڻري جي تهذيبي، تمدني، ثقافتي، ادبي، جاگرافي، ارضياتي، حيواناتي، نباتاتي ۽ آدم شماري جي تاريخ کي مستند حوالن جي روشني ۾ بيان ڪيو ويو آهي. سڄ ته يورپ جي هِن نامور محقق جي سنڌ جي تاريخ تي مشتمل هي، هڪ وڏي ۽ ماناڻتي ڪاوش آهي، جنهن کي اوپر پاڪستان جي گورنمينٽ سال 1968ع ۾ چپائي پڌرو ڪيو.

سنڌي ادبي بورڊ جي اِها شروع کان ئي ڪوشش رهي آهي ته، سنڌ جي تاريخ تي مشتمل اعليٰ درجي جا معياري ڪتاب اداري طرفان شايع ڪرايا وڃن، ته جيئن سنڌ جي تاريخ جي مختلف دورن جا باب محفوظ ٿي سگهن هِن اهم تاريخي ۽ معلوماتي ڪتاب جي اهميت، ضرورت ۽ افاديت کي محسوس ڪندي، بورڊ ان جو سنڌي ۾ ترجمو ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو.

گزيٽيئر جي ترجمي جو ڪم جناب سليم احمد صاحب کي سونپيو ويو، جنهن صاحب فقط شروعاتي ڏهن بابن جو ترجمو ڪري بورڊ کي ڏنو. جڏهن ته باقي رهيل بابن جي ترجمي جو ڪم وري محترم محمد احمد منصور عباسي صاحب جي حوالي ڪيو ويو. جنهن مختصر عرصي اندر ترجمي جو ڪم مڪمل ڪري، بورڊ جي حوالي ڪيو.

سنڌ جي تاريخ تي مشتمل هي، "سنڌ گزيٽيئر" آڻ پنهنجي ايامڪاري، ۾ اداري طرفان شايع ڪري سُرهائي محسوس ڪري رهيو آهيان. جنهن لاءِ آڻ بورڊ جي مانائتي چيئرمن جناب مخدوم جميل الزمان صاحب جو تهدل شڪر گذار آهيان، جن پنهنجي مفيد مشورن سان منهنجي رهنمائي ڪري اشاعتي مرحلي کي آسان ڪيو.

اميد آهي ته، اسان جي ڪاوش تاريخ سان دلچسپي رکندڙن وٽ مجتا ماڻيندي.

17- رمضان المبارڪ 1437ھ
23- جون 2016ع

الهڏتووگهيو
سيڪريٽري

فهرست

ديباچو:	ڈاڪٽر ايڇ.ٽي.سورلي	3
باب پهريون:	**سنڌ نالو**	13
	جاگرافيائي بيهڪ	13
	جبل	14
	لٽاشا ئڙ	16
	واريءَ سو علائقو	16
	نظارا	17
	سنڌو ندي	18
	حَب ندي	22
	اُپرندو نارو	22
	اُلهندو نارو	23
	ڪڇ جو رڻ	23
	سنڌوءَ جي ليٽ	25
	زلزلا	25
	واڇوڙا	26
	مُندون	27
1)	سيارو- ڊسمبر کان مارچ	27
2)	اونهارو- اپريل کان جون	27
3)	چوماسو- جولاءِ کان سيپٽمبر	28
4)	سرءُ- آڪٽوبر کان نومبر	28
باب ٻيو:	**سنڌ جي ارضيات**	29
1)	مهاڳ	29
2)	طبعي جاگرافي	29
3)	جوڙجڪ	30
4)	ارضياتي بناوتون	30
5)	جوراسڪ	31
6)	ڪريٽيشس	31
7)	رني ڪوٽ سلسلو	33
8)	لکي سلسلو	34
9)	ناڑي سلسلو	35
10)	گاج سلسلو	36
11)	منچر سلسلو	37
12)	ڌرتيءَ جو ٽيئن زماني کان پوءِ جا ست	38
13)	آتشي ٽکر	38
14)	اقتصادي ارضيات	38

باب ٹيون:	**حيوانات**	0
	1) ٽٽيارا جانور	40
	2) پکي	60
	3) سُرٹا (جانور)	71
	4) مڇيون	91
باب چوٿون:	**نباتات**	100
	عام خاصيتون	100
	آبهوا جون خاصيتون	101
	زمين جا قسم	102
	حياتياتي سبب	103
	مختلف نباتاتي علائقن جون جنسون	104
باب پنجون:	**آڪاڻا اهجاڻ**	108
	سنڌ ۾ تاريخ کان اڳ جو زمانو	108
	سنڌ ۾ پُهٽ وارو زمانو	110
	سنڌ ۾ پُهٽ جا يادگار	112
	سنڌوماٿريءَ جي تهذيب	112
	موئن جو دڙو	114
	ٻُڌ ڌرم جي باقيات	136
باب ڇهون:	**تاريخ**	144
	عربن جي حڪومت	149
	وچ وارو دؤر	154
	مغلن جو دؤر	160
	ڪلهوڙن جو دؤر	169
	تالپرن جو دؤر	176
	انگريزن جو دؤر (1843ع - 1947ع)	188
	ورهاڱي کان پوءِ وارو دؤر 1947ع ۾ هندستان جي ورهاڱي کان اڄ ڏينهن (1958ع) تائين	207
باب ستون:	**آدم شماري**	214
	مکيه خاصيتون	214
	جنس وار تناسب ۽ انگن اکرن جي صحت	215
	مذهب	216
	نسلي عنصر	218
	آدم شماريءَ جو رولو	219
	پرٽي جا انگ اکر	223
	ڄمار جي لحاظ کان جوڙجڪ	224
باب اٺون:	**نسل، قبيلا ۽ ذاتيون**	229
	نسل ڄاڻ	229
	گڏيل سڏيل آدم شماري	233
	ڳٽپ جون جدولون	234

راجپوت 236
سما 236
سومرا 237
بلوچ 238
بروهي 241
سيد 244
خوجا 246
جت 247
مهاڻا 250
سرائي 251
هندو 251
لوهاڻا 253
سهتا 255
اڇوت 255
ڪولهي 257

باب نائون: **ثقافت** 259
سنڌي ٻولي 259
سنڌي ادب 264
موسيقي 273
فن 276
زندگيءَ جي رهڻي ڪهڻي 281
لباس 284
ڪاڏو 286
راند روند 288
مسلمانن جون ريتون ۽ رسمون 290
نالو رکڻ 290
مٿو کوڙائڻ 290
ٻُهر کڻڻ 290
شادي 291
لاڏاڻو 292

باب ڏهون: **دلچسپي جون جڳهون** 293
سکا 321
1) مرزا جاني بيگ ۽ مرزا غازي بيگ جو مقبرو 326
2) نواب مرزا عيسيٰ ترخان جو مقبرو 326
3) مرزا طغرل بيگ جو مقبرو 327
4) ديوان شرفا خان جو مقبرو 327
5) نواب امير خليل خان جو مقبرو 327
6) مرزا عيسيٰ ترخان جو مقبرو 327
7) جام نظام الدين جو مقبرو 327

مسجدون 328
دابگير مسجد 328

پاگو نيون:

باب يارهون: ڍل 331
ڍلن مان حاصل ٽيندڙ مجموعي آمدني (لک روپين ۾) 331
نصل جي ورهاست: بنڌي نظام 339
زمين جا پٽا (Tenures) 342
لاپو 345
آبادي ۽ ڍل 346
اسيسمينٽ/بستگي/ ڍل جي اگهن جا قسم 347
غير زرعي ڍل 348
ڍل جو اگهه مقرر ڪرڻ جو ذريعو 348
سيٽلمينٽ تي نظر ثاني 348
زمينن جي آبادڪاري (Colonization) 350
(الف) لائيڊ بيراج، سکر 350
(ب) غلام محمد بيراج، ڪوٽڙي 350
انتقال جائيداد (Alienations) 352
جاگيرون 355

باب بارهون: زراعت 360
زراعت جي نوعيت ۽ مکيه نصل 360
معيشت ۾ زراعت جي حيثيت 361
آدمشماري جي اقتصادي حيثيت سيڪڙي ۾ 361
زمينون ۽ زمينن جي درجي بندي 365
پوک جا طريقا ـ خريف جا نصل 373
ساريون 373
ٻاجهري 375
جوئر 376
مڪائي 377
سانڀون 377
چونرا 377
تِرِ 377
لُٽي 377
ڪمند 378
نيرِ 379
سٽي 379
تماڪ 379

ربيع جي فصلن جي پوکيءَ جا طريقا 380
ڪڪ 380
سرنهن ۾ جانپو 380
چڻا 381
مٽر 381
پاڇيون ۽ ميوا 381
گرم مصالحا 381
ميوا 381
انب 382
انجير 382
ڏاڙهون 382
صوف 382
ناشپاتي 382
زيتون 382
انگور 383
ڪيوڙو 383
فصل جي ڪيري/ساهي ۽ پاڙ 383
فصلن جا جيت جڻا ۽ بيماريون 386
ماکڙ 386
تڏا 389
سڙس بلئڪ فلاءِ 389
رتي 389
مهلو 389
ڪُٽي ۾ تيرڪ (Terek) واري بيماري 390
ڪُٽيءَ جي ڏيني جو جيت (Cotton Bollworm) 390
زمينن ۾ ڪم ايندڙ اوزار 390
نار 392
گاڏي 392
زراعت کاتي جي ترقي 393
ڪُٽي 393
ڪڪ 393
ڪمند 393
تيلي ٻج ۽ دالیون 393

مال جي گاهه ۽ سائي پاڻ جا فصل 393
ميرپورخاص ۾ گورنمينٽ فروٽ فارم 394
ڪاٽن ريسرچ اسٽيشن ميرپورخاص 394
چوپايو مال 396
اُٺ 397
گھوڙا 398
چوپايو مال 399
ٽري نسل 400
پاڻناڙي نسل 400
اينيمل هسبنڊري ڊپارٽمينٽ جي ڪارڪردگي 402
سول وٽرنري ڊپارٽمينٽ جو ڪم 404

باب تيرهون: آبپاشي 408

گڏو بيراج ڪمانڊ 421
ڪوٽڙي (غلام محمد) بيراج ڪمانڊ 422
آبڪلاڻي واهن تي پوک 74-1873ع ڪان لائيڊ بيراج ڪلڙ تائين 425
لائيڊ بيراج جو بيان ۽ تفصيل 429
واهه 435
لائيڊ بيراج جي دائمي ڪينالن تي ساريالا علاقا مقرر ڪرڻ 446
(4) رونيو آفيسر، بيراج حاڪم 448
بيراج تحت ايسٽرن نارا سسٽم هلائڻ 451
منڙائو ڪينال 453
لائيڊ بيراج اسڪيم ۾ جاگير زمينون 455
بيراجي ڪينالن مان ٻيلن کي پاڻي جي پهچ 457
غلام محمد (ڪوٽري) بيراج 458
ايراضيون ۽ ڪينال 462
ڪينال هيڊ ريگيوليٽرن وٽ فل سپلاءِ ڊسچارج 462
گڏو بيراج 464
ڊزرٽ انهر فيڊر 467
اڊيواهه 467
بيگاري- سنڌ فيڊر 467
گھوٽڪي فيڊر 468
سنڌ ۽ خيرپور ۾ سير 468

باب چوڏهون: معيشت 477

سنڌ ۾ خيرپور جي گهٽي حد تائين زرعي معيشت 477
ڏنڊن جي رٿا (Occupational Scheme) 483
غير زرعي مزدور 487
سنڌ ۾ خيرپور 487
III ـ زرعي معيشت جون خصوصيتون 490
سنڌ ۾ خيرپور ۾ صنعتي عمل جي صورتحال 504
واپار تجارت ۽ مواصلات 518
ميلا 521
آبي رستا 528
ماهي گيري 531
1 ـ هڪ هنڌ بيٺل هار 536
2 ـ پن رڄ 536
3 ـ لڙهندڙ هار 537
4 ـ ڪناري تي لڙهندڙ هار 537
5 ـ اڇلايا ويندڙ هار 537
6 ـ ڍڳهيون ڏوريون 537
7 ـ ڪنديون ۽ ڏوريون 537
ٻيلا 546
سنڌ ۾ خيرپور ۾ معدنيات ۽ ڪاٽيون کوٽڻ 560
ميٽ 560
گلاس سينڊ 560
جپسم 560
لگنائيٽ 560
چن جو پٿر 561
آئرن آڪسائيڊ مليل سٽيپي مٽي 561
لوڻ 561
سيليسٽائين 561
تيل 561
ٽنڪي 561
عمارتي پٿر 562
ڪاربونيٽ آف سوڊا 562
سيليسٽائين 563
ڪوئلو 563

میٹ 563
جپسر 563
سالٹ 564
لوڑ ۽ آبکاري 565
لوڑ 566
آبکاري 567
ديسي شراب 567
نشو ڏيندڙ شيون 569
چرس 569
گانجا 570
پنگ 571
آفيم 571
ڏوڏي 573
ولايتي شراب 573

باب پندرهون: لوڪل گورنمينٽ 575

عمومي تاريخ ۽ نوعيت 575
لوڪل فنڊ قائم ٿيڻ 576
لوڪل گورنمينٽ مکيه نقص 579
بسٽرڪٽ لوڪلبورڊن ۾ ووٽ ڏيڻ جو حق، چيف آفيسر جا اختيار ۽ تعليم جو ڪنٽرول 580
ميونسپالٽين ۾ ووٽ جو حق 580
لوڪل گورنمينٽ سينٽري ڪميٽيون 580
لوڪل گورنمينٽ ميونسپالٽيون 581
ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن 584
قانوني ذميواريون 584
صوابديدي ڪم 586
هدايتي ڪم 586
لوڪل گورنمينٽ سڌارا 589
لوڪل گورنمينٽ چانوٽيون 589

باب سورهون: تعليم 592

عمومي تاريخ ۽ نوعيت 592
تعليمي تاريخ ٽي دور 595
پرائمري تعليم 597
ملا اسڪول 599

پرائمري تعليم تي ڪنٽرول 599
ثانوي تعليم 600
گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد 602
اين.جي.وي گورنمينٽ هاءِ اسڪول، ڪراچي 602
سنڌ گورنمينٽ ڪاليج آف ڪامرس اينڈ اڪانامڪس ڪراچي 603
انجنيئرنگ اسڪول 603
انڈسٽريل اسڪول 603
ڪمرشل اسڪول 603
اورئينٽل اسٽڊيز اسڪول 603
ڇوڪرين ۽ عورتن جي تعليم 603
گورنمينٽ گرلس ڪاليج حيدرآباد 604
سروري اسلاميہ ڊگري ڪاليج هالا 604
ڊي.جي سنڌ سائنس ڪاليج ڪراچي 604
سي اينڈ ايس گورنمينٽ ڪاليج شڪارپور 604
شاهہ عبداللطيف گورنمينٽ آرٽس ڪاليج، ميرپورخاص 605
نڊرٽ ڪاليج حيدرآباد 605
ٽريننگ انسٽيٽيوٽ ۽ سيڪنڊري استادن جي تعليم 605
پروفيشنل اسڪول ۽ ڪلاس 605
يونيورسٽي تعليم 606
خواندگي 610

باب سترهون: پوليس ۽ امن امان: انصاف، جيل خانا ۽ پبلڪ هيلٿ 611

اپرندي سرحد 620
ڪرپشن 622
جيل 627
انصاف 631
ڪورٽس آف سمال ڪازز 634
پبلڪ هيلٿ 636
وئڪسينيشن 639
سي.ايم.ايس جو ڪم 640
چرچ زنانا مشن سوسائٽي جو ڪم 641
مس وارڊ جو بيان 641
موت جي شرح 642
اسپتال ۽ ويلفيئر ڊپارٽمينٽ 643

	دماغي مرضن جون اسپتالون	645
باب اڑڻهون:	**پناهگيرن جو مسئلو ۽ بحالي، ترقي ۽ سماجي پلائي**	647
	مهاجرن جي ورهاست	650
	اُن ڪٽڻ	654
	سيمينٽ	655
	سماجي بهبود	657
	پنج سالا منصوبو 60-1955ع	658
	سنڌ حڪومت پاران ورهاڱي کانپوءِ سماجي بهبود جا اُپاءَ	659
	1958ع جو انقلاب	664
	لئنڈ رفارمز	665
	سنڌ حڪومت پاران جاگيرداري جي منسوخي	668
	لئنڈ رفارمز: جذباتي نہ پر سائنسي حل	672
	زميندار کي سلو معاضو ملندو	672
	سڌارا بهتر پيداوار ۽ سماجي انصاف کي يقيني بڻائين	672
باب اٽويهون:	**آئين ۽ انتظام** (Constitution and Administration)	674
	سيڪشن 2: انتظامي جوڙجڪ ۽ حڪومت جون ذميواريون	678
	سيڪشن 3: مالیات	679
	سيڪشن 4: سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن	681
	سيڪشن 5: ٽريڊ يونين ۽ محنت ڪشن جا معاملا	683
	سيڪشن 6: سنڌ ۾ آرمي	686
	1958ع جي انقلابي حڪومت دوران تڪڙيون تبديليون	690
ضميمو_1	اڳوڻي سنڌ جي پکين جي لسٽ	696
ضميمو_2	ڪڙم، قبيلا، ذاتيون	713
ضميمو_3	سنڌ ۾ عام موجود جيت	714
ضميمو_4	اڳوڻي سنڌ جا ڪمشنر	716
ضميمو_5	اڳوڻي سنڌ صوبي جا گورنر	718
ضميمو_6	اڳوڻي خيرپور رياست جي حاڪمن جي لسٽ	719
	اڳوڻي خيرپور رياست جي ايڊمنسٽريٽرن جي لسٽ	719
	ايگزيڪيوٽو ڪائونسل جا صدر	719
	منسٽرز	720
	ايڊوائيزري ڪائونسل جي مشوري سان	720
ڏسڻي/انڈيڪس		721

❊❊

سنڌ گزيٽيئر

(گڏيل جلد 1 ۽ 2)

ايچ.ٽي.سارلي جي هٿ سان ٺاهيل موئن جي ڊڙي جي مورتي جي هڪ تصوير

ديباچو

سنڌ گزيٽيئر جنهن کي هاڻي حيدرآباد ۽ خيرپور ڊويزنن (اولهه پاڪستان جي سياسي يونٽ جي حصي) جي گزيٽيئر جو نالو ڏنو ويو آهي. اهو پنجاهه کان وڌيڪ ورهين جي عرصي کانپوءِ نئين سر لکيو ويو آهي. اها اڌ صدي تمام اهم ۽ انقلابي نوعيت جي رهي آهي. انهيءَ ۾ به عالمي جنگيون، ننڍي کنڊ جو ورهاڱو، پاڪستان جو ٺهڻ، سنڌ جي هڪ گورنر واري صوبي طور وجود ۾ اچڻ ۽ وجود وڃائڻ، جنهن کي پنهنجي قانون ساز اسيمبلي هوندي هئي، سميت ڪيترين ئي تمام اهميت رکندڙ اقتصادي، سياسي، سماجي ۽ انتظامي تبديلين ڏٺيون. هي جُلد انهيءَ گزيٽيئر جي ٽئين ايڊيشن جي حيثيت رکي ٿو. پهريون ايڊيشن اي ڊبليو. هيوز 1874ع ۾ ترتيب ڏنو هو جيڪو بامبي روينيو سروس جو ميمبر هو. انهيءَ جو 1876ع ۾ مختصر ڦيرڦار سان نئون ڇاپو آيو. ٻيو ايڊيشن 1907ع ۾ اي. ايڇ. ائٽڪن ترتيب ڏنو. هن جو تعلق بامبي سالٽ ائنڈ ايڪسائيز ڊپارٽمينٽ سان هو. اهي ٻئي ايڊيشن گهڻي وقت کان ختم ٿي ويا آهن ۽ ڏاڍي ڏکيائي سان هٿ اچن ٿا. مسٽر هيوز جي ڪم ۾ جيتوڻيڪ ترتيب ۽ تشريح جون ڪيتريون ئي اوڻايون نظر اچن ٿيون، پر انهيءَ ۾ تمام گهڻو ڪارائتو مواد شامل آهي ۽ انهي جي ڪجهه حصي کي هاڻي تاريخي اهميت حاصل آهي، جو اهو اهڙين حالتن جي تصوير پيش ڪري ٿو جيڪي هاڻي موجود نه آهن. مسٽر ائٽڪن واري ايڊيشن جي نمايان خصوصيت طبعي تاريخ کي مهارت سان بحث هيٺ آڻڻ هو. جو هُو پاڻ علم جي انهي شاخ جو هڪ مڃيل استاد هو. انهيءَ ڳالهه جو هن برطانوي هندستان بابت پنهنجن ٻن دلچسپ شاهڪار ڪتابن "Tribes on my frontier" ۽ "Behind the Bungalow" ۾ پلي پٽ ثبوت ڏنو آهي. موجوده ايڊيشن جنهن بابت آءٌ ذميوار آهيان، انهيءَ ۾ مسٽر ائٽڪن جي ڪم مان گهڻو استفادو ڪيو ويو آهي، جو اهو موجوده سنڌ ۽ خيرپور جي علائقي بابت اڄا به درست معلومات پيش ڪري ٿو. انهيءَ ڪري ڪجهه گهٽ حد تائين مسٽر ائٽڪن جي گزيٽيئر جي ٽڪرن تي انحصار ڪيو آهي. اها ڳالهه واقعي ڏاڍي فسوسناڪ آهي، جو اهي ٻئي دلچسپ ڪتاب هاڻي فقط اقتباسن جي صورت ۾ هن ڪتاب ۾ نظر اچي سگهندا. مغربي پاڪستان حڪومت لاءِ پنهنجن رڪارڊن جي خاص اشاعت جي سلسلي ۾ 1874ع ۽ 1907ع وارين ايڊيشنن جي اهڙن حصن کي نئين سر ڇاپڻ هڪ ڏاهپ پريو قدم ٿيندو جن کي تاريخ ۽ سماجياتي اهميت واري مواد جو حامل سمجهيو وڃي ٿو. گذريل اڌ صدي دوران اڳوٽي سنڌ ۾ 1922ع ڪانپوءِ ٿوئن جي دڙي وارين کوٽاين سبب عالمي دلچسپي پيدا ٿي پئي آهي. انهن کوٽاين سموري دنيا جي آثار قديمه

جي ماهرن جي توجهه سنڌو ماڻري جي تاريخ کان اڳ واري دور جي تهذيب جي صحيح اهميت ڏانهن چڪرائي آهي. اهڙي تهذيب جنهن جي صورتخطي تي ايا ڀاڄ نه ٿي سگهي آهي ۽ جيڪا ڏاڍين عجيب اکريل مُهرن جي مالڪ آهي. سنڌ جي آبپاشي جي ميدان ۾ حاصلات به انهي کي عالمي مشهوري ڏياري آهي. سنڌو ندي تي سکر وٽ 1932ع ۾ لائيڊ بيراج کلڻ کان پوءِ سنڌو ماڻريءَ جي زرخيز زمين ۽ پوکي راهيءَ لائق ايراضي جي وڏي حصي تي پاڻي پهچڻ سان آبپاشي جو انقلاب شروع ٿي ويو. ڪوٽڙيءَ ۾ 1955ع ۾ غلام محمد بيراج ۽ بالائي سنڌ ۾ گڏوءَ وٽ ٽيون بيراج ٺهڻ سان انقلاب جو اهو سلسلو هلندو رهيو. اهي عظيم الشان اسڪيمون واهن ۽ شاخن جي سوين ميلن جي ذريعي سنڌو جو لٽ سان پريل پاڻي ملڪ جي هڪ ڪناري کان ٻئي ڪناري تائين پهچائين ٿيون ۽ پوکي راهي لائق زمين تي ٽيندڙ آبادي ۽ کي حياتي بخشين ٿيون. اهڙي طرح اڳوڻي سنڌ آثار قديمه توڙي آبپاشي ۾ سموري دنيا کي سبق سيکاري سگهي ٿي.

مون کي جيڪو ڪم سر انجام ڏيڻ بابت چيو ويو آهي. انهيءَ بابت منهنجون قابليتون خاص طور انتظامي نوعيت جون آهن. اها منهنجي لاءِ خوش نصيبي جي ڳالهه هئي. جو مون برطانوي دور ۾ انڊين سول سروس ۾ پنهنجي ڪيريئر جي شروعات سنڌ مان ڪئي. پوءِ مون مختلف وقتن تي حيدرآباد، نوابشاهه، ٿرپارڪر، سکر ۽ جيڪب آباد ضلعن جون چارجون سنڀاليون. اڄ پوءِ جڏهن مون حڪومت پاڪستان ۾ سينٽرل بورڊ آف ريونيو جي ميمبر جو عهدو سنڀاليو تہ مون کي انهي علائقي سان پنهنجي واقفيت کي نئون ڪرڻ ۽ پنهنجي ڄاڻ کي گهرو ڪرڻ جو وڏيڪ موقعو مليو جيڪو اڇڪلهه حيدرآباد ۽ خيرپور ڊويزن تي مشتمل آهي. مون 1939ع ۾ سنڌ جي قومي شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي تي لکيل پنهنجي هڪ ڪتاب ۾ سنڌ جي ماڻهن ۽ سنڌ جي علائقي کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي. مون هن ڪتاب ۾ جيڪو ڪجهه لکيو آهي، مون کي انهي جي وڏي حصي لاءِ گذريل چاليهن ورهين جي عرصي دوران ڪيترن ئي واقعن بابت منهنجي شخصي ڄاڻ مان سگهه ملي آهي. اها ڄاڻ مون کي هڪ ٻيڙهيءَ کان به وڏيڪ سوين سنڌي ماڻهن سان ذاتي دوستي ذريعي حاصل ٿي. اهڙو فائدو مسٽر هيوز يا مسٽر ائٽڪن جي نصيب ۾ نه هو. سن 1956ع جي بهار جي مند ۾ مغربي پاڪستان وڃڻ سان مون کي موجوده صديءَ جي ٽئين ڏهاڪي کان پوءِ سنڌو ماڻري جي ميدانن ۾ آبپاشي نظام جي تمام گهڻي پکيڙ سبب آيل تمام وڏي ترقي نظر آئي. آءٌ خيرپور ويس ۽ اُتي آيل تمام گهڻين تبديلين جو مشاهدو ڪيو ۽ مون اهي ٽئي گهر به هڪ دفعو وري ڏٺا، جن ۾ آءٌ سنڌ ۾ پنهنجي نوڪري دوران ڪليڪٽر جي حيثيت ۾ رهيو هئس. سن 1956ع جي انهي سفر مون کي لاهور ۾ چيف سيڪريٽري سان گڏجي هن گزيٽيئر جي عمومي نوعيت بابت رٽابندي ڪرڻ ۽ رڪارڊ آفيس جو معائنو ڪرڻ جو به موقعو مليو جيئن آءٌ پوءِ اڏ صدي کان وڌيڪ عرصي تي پکڙيل انتظامي ۽ محڪما جاتي رڪارڊن کي ڪم آڻڻ جي سهوليت حاصل ڪري سگهان.

هن گزيٽيئر کي ترتيب ڏيڻ دوران پيش آيل عملي مشڪلاتون به ڪي گهٽ نه هيون. انهيءَ جو سبب فقط اڌ صدي جو ڏگهو عرصو نه هو جنهن جو هيءُ ڪتاب احاطو ڪري ٿو پر سياسي تبديلين سبب وجود ۾ آيل نئين انتظامي جوڙجڪ به هو ۽ ڪنهن حد تائين حڪومتي سرشتي تي ٻي جنگ عظيم جو اثر به هو. انهيءَ واقعي حڪومتي ڪاتا هلائڻ ۾ باقاعدي سرڪاري رپورٽون جاري ٿيڻ ۾ پهرئين جنگ عظيم کان به وڌيڪ مونجهارا پيدا ڪيا. پر سن 1947ع ۾ برصغير جي ورهاڱي ڪان پوءِ پيدا ٿيل اٿل پٿل ۽ انهيءَ کانپوءِ ايندڙ مونجهاري واري دور تمام وڌيون دشواريون پيدا ڪيون. ڇاڪاڻ ته انهي کان پوءِ پنهنجن علائقن مان نڪتل ماڻهن جي وڏي انگ جي پاڪستان ۾ آبادڪاري پڻ تمام وڏا مسئلا پيدا ڪيا. وري جڏهن پاڪستان قائم ٿيو ۽ ڪراچي نئين رياست جو وناڪو ڳاديءَ جو هنڌ ٿيو ته تڏهن هڪ جدا حڪومتي يونٽ طور وجود رکندڙ سنڌ کي پنهنجو هيڊ ڪوارٽر ڪراچي ۾ ٻئي هنڌ منتقل ڪرڻو پيو. ايڏا اڪٿتي هلي 1955ع ۾ جڏهن سنڌ هڪ جدا حڪومتي يونٽ طور موجود نه رهي ته اولهه پاڪستان جي صوبائي حڪومت جي گادي لاهور منتقل ڪئي وئي. انهن سيني ڳالهين رڪارڊ رکڻ ۾ تمام گهڻو رخنو وڌو ۽ خدشو آهي ته ڪيترائي اهم محڪماجاتي رڪارڊ دستياب نه آهن. وڌيڪ اهو ته انهي وڏي اٿل پٿل جي ڏينهن ۾ ڪيترائي ڪاتا سالياني رپورٽن جي اشاعت ۾ دير ڪندا هئا يا اهي "اختصار جي صورت ۾ ڪيندا هئا ۽ اهي به گهٽو ڪري ڇپيل نه پر ٽائيپ ٿيل هوندیون هيون." مون 1956ع ۾ جڏهن لاهور سيڪريٽريٽ ۾ اولهه پاڪستان حڪومت جي رڪارڊ آفيس جو دورو ڪيو ته سنڌ بابت رڪارڊ ايڏا ڪراچي مان لاهور اچي رهيا هئا ۽ انهن مان ڪيترن بابت کوپتو نه پئجي سگهيو هو. اهڙين دشوارين جي نتيجي ۾ 1907ع کان هي گزيٽيئر نئين سر لکجڻ جي تاريخ تائين سمورين انتظامي رپورٽن جو مڪمل سيٽ هٿ ڪرڻ ناممڪن ڏسڻ ۾ آيو ۽ جيڪو ڪجهه ڪيو تڪيو دستياب هو انهيءَ کي ئي ڪم آڻڻ کانسواءِ ڪو چارو نه هو. اهڙين حالتن ۾ هي گزيٽيئر نئين سر لکندي منهنجو پلان اهو رهيو ته مون اڌ صدي دوران مختلف وقتن جي رڪارڊ مان مخصوص ٽڪرا چونڊ ڪيا. نڪتل رپورٽن جي سموري ذخيري کي نظر مان ڪيڻ جو ته سوال ئي نه ٿي ٿيو. حڪومتي نظام جي پنجاهه ورهين جو احاطو ڪرڻ ئي پنهنجي سر هڪ تمام ڏکيو ڪم هو. هن ڪتاب ۾ مختلف عنوانن کي زير بحث آڻيندي جيڪي اوٽايون نظر اچن انهن جو سبب هڪ منجهيل مسئلي ۾ اصل کان موجود دشواري کي قرار ڏنو وڃي.

هي گزيٽيئر ترتيب ڏيندي کاڻي اهم ڳالهين ۾ ماڻهن مون سان سهڪار ڪيو آهي. ڀائٽي جيالاجي ۽ زولاجي بابت ٿي باب پنهنجي سبجيڪٽ جي ماهرن پاران لکيل آهن. ڀائٽي وارو باب ڊاڪٽر ايس. زيڊ. حسنين (پي. ايڇ. ڊي) ڪراچي يونيورسٽي ۾ ڀائٽي جي پروفيسر لکيو آهي. هو سنڌ واري علائقي ۾ ڀائٽي جي علم ۾ اڃڪلهه زنده شخصن مان شايد سڀ کان وڌيڪ ڄاڻو ماڻهو آ هي. جيالاجي وارو باب ڊاڪٽر ايڇ. ايڇ. ربني سن جو لکيل آهي، جيڪو پاڪستان پيٽروليم لميٽيڊ ۾ سينيئر جيالاجسٽ آهي.

سنڌ ۾ تيل جي ڳولها لاءِ ٽيندڙ تازين کوٽائين کان واقف آهي ۽ سنڌ جي جبلن جي تهن جو اپياس ڪيو اٿائين. زولاجي وارو باب مسٽر ڪي. آر. اينس. MB.E جو لکيل آهي. جيڪو پڙهين جو سڀ کان وڏو ماهر آهي. سنڌ جي پهراڙين بابت خاص ڄاڻ اٿس ۽ سنڌ جي پکين جي آنن جي اپياس جو خاص ماهر آهي. هن وٽ انهن آنن جو تمام سٺو ذخيرو پڻ آهي. مسٽر اينس زمين تي ريڙهيون پائي هلندڙ جانورن جو پڻ مڃيل ماهر آهي ۽ زولاجي جي سيني شاخن تي وٺوق سان لکڻ جي قابليت اٿس. هُو زولاجيڪل سوسائٽي جو فيلو آهي ۽ FRSA ۽ MBOU پڻ آهي. هن طبعي تاريخ تي ڪيترائي اهم ليک پڻ لکيا آهن. وڌيڪ اهو ته سنڌ ۾ ڪيترائي ورهيه پوليس آفيسر طور ڪم ڪرڻ جي سبب هو پهراڙين کان پڻ پلي پت واقف آهي. مون کي اها ڳالهه چوڻ ۾ ڪا هيڪ نه آهي ته هن گزيٽيئر ۾ شامل باٽني. جيالاجي ۽ زولاجي بابت ليک انهن موضوعن بابت تمام تازي ڄاڻ جي نمائندگي ڪن ٿا. "سنڌ جي منڇر مان هٿ آيل ڪرنگهي واري هڏي وارن جانورن جي پٽرايل آثارن" جي لسٽ ۽ "ڇيسلمير واري علاقي جي جُراسڪ دور جي ٻُوٽن جي آثارن" تي هڪ نوٽ لاءِ آءِ منسٽري آف اسٽيل مائينز ۽ فيول جي ڊپٽي سيڪريٽري شري اين. ايس. گدواڻي معرفت جيالاجيڪل سروي آف انڊيا جو شڪر گذار آهيان. اها معلومات ڪميشن فار انڊيا. سالسبري سدرن رهوڊيشيا جي توسط سان حاصل ڪئي وئي. انهن ڏانهن سنئون سڌو خط لکيو ويو هو. سنڌ يونيورسٽي حيدر آباد ۾ ايڊيوڪيشن جي پروفيسر ڊاڪٽر اين. اي. بلوچ سنڌي موسيقي ۽ وهمن سنسن کي زير بحث آڻڻ ۾ منهنجي تمام گهڻي مدد ڪئي. سنڌ جي هڪ اڳوڻي ڪمشنر سر پيٽرڪ ڪيبل سي. ايس. آءِ. وي. ڊي. فوجي ڇانوڻين ۽ قديم سنڌ ۾ فوج بابت نوٽ لکيا ۽ سر هينري هالينڊ سي. آءِ. اي. مون کي جڳ مشهور سي. ايم. ايس. آءِ. هاسپيٽل بابت ڄاڻ مهيا ڪئي. هُو ورهين تائين شڪارپور پوءِ ڪراچي ۽ سنڌ جي ٻين حصن ۾ اها اسپتال هلائيندو رهيو. هو دنيا جو هڪ ممتاز اکين جو سرجن ٿيو ۽ پنهنجي زندگي جو احوال پنهنجي ڪتاب "دي فرنٽيئر ڊاڪٽر" ۾ ڏنو اٿائين. مس اليس وارڊ مون کي انهي ڪم بابت ڪجهه تفصيل مهيا ڪيا. جيڪي هن ۽ مس راچيل پگٽ سنڌ جي پهراڙين وارن علاقن ۾ دائپي جي ڪم جو بنياد وجهڻ لاءِ ڪيا.

شمس العلماء ڊاڪٽر يو. ايم. دائودپوٽه هن جلد لاءِ سنڌي ادب جي موضوع تي لکڻ جو واعدو ڪيو هو. هن پاران پنهنجو ليک ڏيڻ کان اڳ 1958ع ۾ سندس بي وقتائتي موت سبب گزيٽيئر هڪ ڪارائتي واڌاري کان محروم ٿي ويو. ڊاڪٽر دائودپوٽه مرزا قليچ بيگ جي وفات کان پوءِ پنهنجي دور جو بهترين سنڌي اسڪالر هو. بهرحال ڊائريڪٽر انفارميشن پاران 1954ع ۾ ڇپرايل "سنڌ جو عوام ۽ ترقي" نالي ڇپرايل هڪ ڪتابچي ۾ هن پاران سنڌي ادب تي لکيل هڪ ليک جي مدد سان سنڌي ليکڪن بابت هڪ بيان لکڻ جي قابل ٿي ويو آهيان. انهي ۾ مون ڊاڪٽر دائودپوٽه جي ماهراڻي رهنمائي مان گهڻو استفادو ڪيو آهي.

هن جلد ۾ معياري صورتخطي اطمينان بخش نه آهي. جيستائين انگريزي زبان ۾ مشرقي لفظن جي هِجي جو ڪو مڃيل معيار نه ٿو ٺهي تيستائين حالتن جي سڌاري بابت ڪجهه نه ٿو ڪري سگهجي. مون عربي لفظن جي عالماڻي هِجي جو انداز اختيار نه ڪيو آهي، جنهن ۾ عربي الف ـ ب جا اڪر اصلي صورت ۾ لکيا ويندا آهن. پر محمد ۽ حسن جهڙن عام مشهور نالن جي هِجي ۾ هر جاءِ تي يڪسان رهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. تاريخ واري باب ۾ مرن لفظن جي صورتخطي اهڙي رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جن مان واحد ۽ جمع ظاهر ٿين ٿا. مثلاً مون واحد لاءِ ڪلهوڙو ۽ جمع لاءِ "ڪلهوڙا" لکيو آهي. جڏهن ته مرن واحد لاءِ ڪلهوڙو ۽ جمع لاءِ Kalhoras نه لکيو آهي. جو اهو طريقو نه ئي منطقي آهي نه ئي ٽڙ پر ائين ڪندي به آءُ هر هنڌ ساڳئي معيار تي نه هلي سگهيو آهيان. ڇاڪاڻ ته ٻيلن جا نالا لکندي جيڪي ايجا به سنڌي بجاءِ راجپوت خصوصيتون برقرار رکيو ويٺا آهن. مثلاً سوڍا ته انهي حالت ۾ مون واحد لاءِ سوڍا ته جمع لاءِ به سوڍا ڪتب آندو آهي. انهي ڳالهه جي واقعي جو ڪو دفاع نه ٿو ڪري سگهجي. ڊاڪٽر دائودپوٽا خود پاڻ کي دائودپوٽو نه پر دائودپوٽا سڏيندو هو. هن گزيٽيئر ۾ اڳوٽين لکتن مان ڪيترائي اهڙا اقتباس موجود آهن، جن ۾ صورتخطي مڪمل طور بي قاعدي ۽ غلط آهي. پر صورتخطي جي انهن سيني غير درست مثالن کي درست ڪرڻ کي فائديمند ڪم نه آهي ۽ شايد منجهيل کي وڌيڪ منجهائي ڇڏيندو. سنڌي لفظن ۾ آوازن کي بلڪل صحيح نموني انگريزيءَ ۾ لکڻ جو ڪم تمام ڏکيو آهي. ڇاڪاڻ ته آخري مختصر حروف علت، غُني وارين پچاڻين ۽ ڪيترن ئي مخصوص سنڌي اکرن لاءِ عام انگريزي ٽائيپ ۾ ڪا به نشاني موجود نه آهي. سنڌي پهاڪن واري سيڪشن ۾ اها ڳالهه واضح نظر ايندي ته سنڌي ٻولي کي انگريزي اکرن ۾ لکڻ ڪيترو نه ڏکيو ڪم آهي. تنهنڪري مون اهو فيصلو ڪيو ته صورتخطي ۾ يڪسانيت بابت هتي بيان ڪيل حدن کان وڌيڪ ٻيو ڪجهه نه ڪندس. صورتخطي بابت ڪو معيار مقرر ڪرڻ جي ڪم بابت سنڌي ادبي بورڊ کي مشورو ڏيڻ سلو قدم هوندو ته هُو دير سوير انهي ڪم ڏانهن توجهه ڏين. في الحال پڙهندڙن کي Karachi ۽ Kurrachee جهڙين ڦيرين گهيرين تي راضي رهڻو پوندو. سنڌ کي انگريزي درست نموني Sindh لکڻ گهرجي. پر انهي لفظ جي انگريزي صورت طور Sind ايترو ته مروج ٿي ويو آهي جو انهي کي ترڪ ڪرڻ علم جي اجائي نمائش ۽ قاعدن تي هروپرو ڳٽ ڏيڻ جي دائري ۾ ايندو. عربي، فارسي ۽ سنڌي جا عالم ساڳئي لفظ جي مختلف صورتخطين تي ضرور چڙي پوندا. پر جيئن ته گزيٽيئر ڪو ٻولي تي سائنسي مقالو نه آهي. تنهنڪري انهن کي انهي اوٽائي کي برداشت ڪرڻو پوندو. اڳوٽي ڪنهن گزيٽيئر ۾ به انهي بابت ڪا ڳڻتي ڪانه ڪئي وئي آهي.

هن جلد ۾ شامل ڪيل ضميما اهڙن تفصيلي مسئلن بابت آهن، جيڪي جيتوڻيڪ سولائي سان متن جو حصو نه ٿا ٿي سگهن، پر اهي بهرحال مستقل اهميت ۽ دلچسپي وارا آهن. ضميما هيٺين عنوانن جو احاطو ڪن ٿا:

- سنڌ جي منجرن جي ڪرنگهي وارن جانورن جي پٽرايل آثارن جي لسٽ.
- جيسلمير واري علائقي جي جُـ اسڪ دور جي ٻُوٽن جي آثارن تي نوٽ.
- سنڌ ۾ خيرپور جي ٻوٽن جي لسٽ.
- سنڌ ۾ خيرپور جي پکين جي لسٽ.
- بمبئي پريزيڊنسي جي 1931ع واري آدمشماريءَ مطابق سنڌ ۾ خيرپور جي قبيلن ۽ ذاتين تي نوٽ.
- سنڌ ۾ ڪلرانين زمينن بابت ضميمو.
- فصلن تي حملو ڪندڙ جيت.
- آبپاشي نظام تي 48-1947ع کان 57-1956ع دوران ٽيل خرچ ۽ آمدني.
- سنڌ جي ڪمشنرن ۽ گورنرن جي لسٽ.
- خيرپور رياست جي حڪمرانن جي لسٽ.

هڪ جدا سيڪشن ۾ ليکڪن ۽ پبلشرن جو شڪريو مجيو ويو آهي، جن مهرباني ڪندي پنهنجن ڪاپي رائيٽ ڪتابن مان اقتباس ڪم آڻڻ جي اجازت ڏني.

آخر ۾ انهن سڀني ماڻهن جي شڪريه ادائي واجب آهي جن هن پيچيدي ڪم جي تياري ۾ مدد ڪئي. آءٌ اها ڳالهه خاص طور بيان ڪرڻ چاهيان ٿو ته آءٌ هن گزيٽيئر لاءِ خاص ليک لکندڙن جو ڏاڍو احسان مند آهيان. آءٌ اولهه پاڪستان حڪومت جي چيف سيڪريٽري پوليٽيڪل ائنڊ سروسز ڊپارٽمينٽ مسٽر اين. اي فاروقي جو به تمام ٿورائتو آهيان جنهن جي ايامڪاري ۾ هن ڪم جي شروعات ٿي ۽ جنهن مون کي گهربل هر سهوليت مهيا ڪري ڏني. آءٌ چيف سيڪريٽري طور سندس جانشين مسٽر فدا حسين جو به ٿورائتو آهيان، جيڪو به ساڳئي طرح مددگار رهيو. مون کي اولهه پاڪستان سرڪار جي ريونيو ۽ ريهيليٽيشن ڊپارٽمينٽ جي آفيسرن ۽ اسٽاف جو پڻ شڪريو ادا ڪرڻو آهي، جو انگ اکر گڏ ڪرڻ جي ٽڪائيندڙ ڪم جو وڏو حصو انهن جي ڪلهن تي پيو هو. آءٌ حڪومت پاڪستان جي وزارت تجارت پاران سرانجام ڏنل خدمت کي به وساري نه ٿو سگهان، جنهن جي معرفت مون کي سالسبري سدرن رهو ڊيشيا ۾ پاڪستان جي ٽريڊ ڪميشنر جو سهڪار حاصل ٿي سگهيو. اسڪواڊرن ليڊر محمد اڪرم منهنجي لڳاتار مدد ڪندو رهيو. هن آفيس ۽ ڪمرو به مهيا ڪري ڏنو جنهن ۾ ڏيڍ سال تائين گزيٽيئر جو ڪم ٿيندو رهيو. جڏهن اسڪواڊرن ليڊر اڪرم سدرن رهوڊيشيا مان بدلي ٿي ويو ۽ ٽريڊ ڪميشنر جو ڪم ڪار هلائيندڙ مسٽر عصمت الله پڻ ساڳئي طرح مددگار ٿي رهيو. آءٌ انهن ٻنهي جو شڪر گذار آهيان. ٽن ورهين تائين خط ڪتابت، مختصر نويسي، ٽائيپنگ، فائيلنگ ۽ ڪاغذن کي ترتيب ۾ رکڻ جو ڪم ڪندڙ مس ايم. وي. ڊيوي خاص تعريف جي حقدار آهي جو هن سڀ ڪم تمام درستگي، احتياط ۽ خوشدلي سان ڪيا. انهيءَ ڪم دوران ڪيس عجيب ۽ سمجهه ۾ نه ايندڙ لفظن جي انبار کي منهن ڏيڻو پوندو

هو. اسان مان سڀني کي پنهنجي ذمي آيل ڪم ڪرڻو پوي ٿو ۽ جيئن هڪ سنڌي ٻهاڪو آهي ته "لاچار کي سڀڪي روا" سو ضرورت ڪنهن قاعدي قانون کي نه ٿي ڏسي.

ايڇ. ٽي. سورلي

شاهي باغ، A_10 منٽگمري روڊ، هالينڊز
سالسبري، سدرن رهوڊيشيا.
هي گزيٽيئر جي لکڻ جو ڪم 27 آڪٽوبر 1957ع تي شروع ٿيو 3_ ڊسمبر 1959ع تي پڄاڻي تي پهتو.

سنڌيڪار
محمد احمد منصور عباسي

اظهار تشڪر

هيٺين ماڻهن جي شڪريه ادائي واجب آهي، جن ڪاپي رائيٽ ڪتابن مان اقتباس ڪرڻ جي اجازت ڏني:

اڪبر دي گريٽ مغل، از: وسينٽ سمٿ، پبلشر: آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس واروڪ اسڪوائر لنڊن.

ايوري مئنز انسائيڪلو پيڊيا 1950ع جي ٽئين چاپي، ڏهين جلد ۾ "پاڪستان" تي ليک، پبلشر: جي. ايم. ڊينٽ اينڊ سنز پيڊ فورڊ اسٽريٽ لنڊن.

بايو گرافيڪل اسٽڊيز آن مادرن انڊين ايڊيوڪيشن از: ايڇ. وي هيمپٽن، پبلشر: آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس، لنڊن.

سن 1949ع جي سالياني ڪتاب ۾ "ڊومينين آف انڊيا" تي ليک، پبلشر: دي انسائيڪلوپيڊيا برٽانيڪا لنڊن.

دي ڪيمبرج شارٽر هسٽري آف انڊيا، پبلشر: ڪيمبرج يونيورسٽي پريس، لنڊن.

پري هسٽورڪ انڊيا، از: اسٽورٽ پگٽ، پينگئن بوڪس، پبلشر: جان لين، 28 لين، ليٽل رسل اسٽريٽ، لنڊن.

دي انڊس سولائيزيشن، از: ارنيسٽ ميڪي، پبلشر: لو وات، ڊڪسن اينڊ ٽامپسن لميٽيڊ.

سنڊ ـ اي ري انٽرپريٽيشن، از: جي ايبٽ، پبلشر: همفري ملفورڊ، آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس، 1925ع.

گزٽيئر جي مرتب ڪي انسائيڪلوپيڊيا برٽانيڪا، چيمبرس انسائيڪلو پيڊيا، ايوري مئنز انسائيڪلوپيڊيا ۽ سرمورٽيمر ويلر ۽ پروفيسر اسٽورٽ پگٽ جي ڪتابن مان تاريخ ۽ آثار قديمه بابت مسئلن جي پڙهڻ سان تمام گهڻي مدد ملي آهي.

سنڌيڪار:

محمد احمد منصور عباسي

سنڌ گزيٽيئر

(جلد پهريون)

سنڌيڪار:

سليم احمد

باب پهريون

سنڌ نالو

ريورٽي پنهنجي تصنيف "سنڌ جو مهراڻ" ۾ چوي ٿو: "اوير جا جاگرافيدان ۽ تاريخ نويس" "انڊس" نالي کان اڃاڻ رهيا آهن. سنڌو نالي جي اها يورپي صورت يونانين ڏني. انڊس نالي مان سندن مراد شايد اها ندي هئي، جنهن 'هند' کي 'ايراني زمين' کان ڌار ٿي ڪيو ۽ هنن جو مقصد اهو نه هو ته ڪو انهيءَ نالي کي درياء جو اصل نالو ڪري ڄاتو وڃي" پلائني چوي ٿو ته تر جا ماڻهو ان کي "سنٿوس" سڏيندا آهن. اڇوڪا سنڌي جڏهن ان کي درياء يعني سمنڊ نه سڏيندا آهن، تڏهن سنڌوندي چوندا هئا. ٻوليءَ جي علم جا ڄاڻو لفظ 'سنڌو' جي بڻ بنياد کان اڃاڻ آهن. "سنڌو"، هند-يورپي لفظ ڏسڻ ۾ اڇي ٿو ۽ شڪ آهي ته لکيل تاريخ جي شروعاتي ڏينهن کان اهو لفظ ندي‌ءَ جي نالي طور ڪم اڇي رهيو آهي. سنڌ، هند ۽ انڊ لفظن جو بڻ بٽياد ساڳيو ئي آهي.

هند يورپي ٻولين ۾ 'هند' ۽ 'سنڌ' اڪثر هڪٻئي جي بدران ڪم اچن ٿا. ۽ شروعاتي اکر 'هـ' اڪثر ترڪ ڪيو ويندو آهي. انهيءَ نالي جي 'هـ' سان شروع ٿيندڙ صورت هند، يورپي ٻولين جي ايراني شاخ ۾ نظر اچي ٿي. ۽ گجرات ۾ اڄ به ڪيترائي ڳالهائيندڙ ڪن ترڪيبن ۾ شروعاتي اکر 'س' نه اُچاري سگهندا آهن ۽ ان کي 'هـ' جي آواز ۾ متائي ڇڏيندا آهن. ان ڪري ڏيڻ جو نالو 'سنڌ'، درياء جو نالو 'سنڌو' ۽ هند پار نديڙي ڪنڊ جو اڳوٽو نالو "هندستان"، اهي سڀ لساني لحاظ کان هڪڙو ئي لفظ آهن. ۽ ڪو به نڪو ڄاڻي ته درياء تي اهو نالو ڏيڻ تان پيو آهي يا ڏيڻ تي اهو نالو درياء تان پيو آهي[1].

جاگرافيائي بيهڪ:

اڳوٽي پرڳڻي سنڌ ۽ خيرپور رياست جي ايراضي 23 ڊگريون اُتر ويڪرائي ڦاڪن جي وچ ۾ (سرطان گهيري کان ٿورڙو اُتر طرف) ۽ 67 ڊگريون ۽ 71′ ڊگريون اوير ڊگهائي ڦاڪن جي وچ ۾ واقع آهي. اهو علائقو پاڪستان جي اولهندي پاڻي جو ڏاڪڻو حصو آهي ۽ ان جي ايراضي انهيءَ طبعي جاگرافيءَ واريءَ ورچ سان ڏري گهٽ ڏهڪي اچي ٿي جيڪا "سنڌوءَ جي هيٺئين ترائي" سڏجي ٿي.

---

[1] هاڪارو عالم ۽ محقق ڪاڪو پيرومل مهرچند آڏواڻي پنهنجي تصنيف: 'قديم سنڌ' ۾ سنڌو لفظ جي معنيٰ بابت لکي ٿو: "سنڌ تي سنڌوندي‌ءَ تان نالو پيو آهي. سنسڪرت ۾ "سنڌو" معنيٰ سمنڊ يا وڏو درياء اڄي ڪابل ندي، گومتي (گومل) وغيره سنڌوندي‌ءَ جون پرتي ڪندڙ شاخون هوندڙ هيون. تنهنڪري 'سنڌو' رواجي نڊين کان تمام گهڻي وڏي هوندي هئي ۽ سمنڊ سان ڪلهو پئي هڻندي هئي. انهيءَ سبب آڪاڻي آرين اهو نالو رکيس." [ص- 36 ڇاپو ٽيون 1993ع سنڌي ادبي بورڊ، جامشورو] (ايڊيٽر)

انهيءَ علائقي جي ٻيگهه اُتر کان ڏکڻ تائين 360 ميل آهي ۽ ويڪر، جا اُتر ۽ ڏکڻ ۾ گهٽ وڌ آهي. سا وچ کان 170 ميل ٿيندي

سنڌ ملڪ 50,397 چورس ميل ايراضيءَ[1] تي پکڙيل آهي ۽ آدم شماريءَ 46,08,514 ماڻهو اٿس. يعني سراسري طرح هڪ ميل تي 91 ماڻهو رهندڙ آهن. سنڌ نه ته بلوچستان جيتري وسيع آهي، جيڪو پاڪستان جي ڪُل پکيڙ جو 37 سيڪڙو آهي پر آدم شماري 15٪ سيڪڙو اٿس. ۽ نه اوپر پاڪستان جيان ڳٽيل آهي، جتي پاڪستان جي ڪُل پکيڙ جو 15٪ آهي پر آدم شماري 55 سيڪڙو اٿس. سنڌ اڳوٽي خيرپور رياست سميت، پاڪستان جي ڪُل پکيڙ جو 15.5٪ سيڪڙو والاري ٿي ۽ ڪُل آدم شماري 6.5 سيڪڙو اٿس. اڳوٽي خيرپور رياست سنڌ جي اوپرندي پاڳي اندر آهي. ڪُل پکيڙ 6,050 چورس ميل ۽ آدم شماري 3,19,543 اٿس.

رڪارڊ ٿيل ايراضي ڏهاڪو ڏهاڪو ورهين ۾ گهٽ وڌ ٿيندي رهي ٿي. ان جو مکيه ڪارڻ سنڌو نديءَ جي ڪاروائي ۽ سروي ۾ سڌارو آهي.

ڏکڻ اولهه ۾ عربي سمنڊ سان لڳو لڳ 150 ميل ڪن سوڙهي پٽيءَ کي ڇڏي باقي سجو مُلڪ چوڌاري زمين سان وکوڙيل آهي. ڏکڻ ۾ ڪڇ جو رڻ ۽ هندستان جي ڪڇ رياست اٿس. اوپرندي حد راجستان (هندستان) تائين هلي وڃي ٿي. اُتر اوپر ۾ اڳوٽي بهاولپور رياست سان ملي ٿي. بلوچستان ۽ پنجاب اُن جي اُتر ۽ اولهه ۾ آهن.

جبل:

سنڌ جي اولهه ۾ جابلو علائقو آهي، جنهن ۾ غير آباد ڪيرٿر جبلن جو ڪوهستان وارو پاڳو اچي وڃي ٿو. اوپر ۾ واريا سو پٽو اٿس، جيڪو بهاولپور رياست کان ڪڇ جي رڻ تائين ڦهليل آهي. انهن ٻنهي وچ ۾ سنڌو ماٽري آهي، جا وڃي ڏکڻ اولهه واري ڪينيءَ (ڊيلٽا) ۾ پوري ٿئي ٿي. انهيءَ ماٽريءَ جي اُترئين پاڳي کي "سِرو" (مٽيون)، ڏاکڻي پاڳي کي "لاڙ" (هيٺيون) سڏيو وڃي ٿو. انهن ٻنهي جي وچ وارو پاڳو "وچولو" (وچون) سڏجي ٿو. انهن ايراضين جي زمين پلي لٽاسي آهي ۽ وچولي پاڳي کي سکر بئراج کان مدامي پاڻي ملي ٿو. اهو بئراج پرڳڻي جي زرعي واڌاري لاءِ وڏي حيثيت رکي ٿو.

ٿرپارڪر ضلعي (ننگر پارڪر) جي ڏکڻ اوپر ۾ هڪ ننڍي ٽاکرو علائقي کي ڇڏي باقي پرڳڻي جو فقط اولهندو حصو ئي جابلو آهي. انهيءَ علائقي کي "ڪوهستان" سڏجي ٿو. تنهن هوندي ب، هِن علائقي جا جبل ايترا اوچا نه آهن جو چوماسي جي مُند ۾ مينهن واري ڪڪرن کي روڪي سگهن، جنهن ڪري سنڌ ۾ برسات عام طرح جوڪائتي پوي ٿي.

---

[1] ڪڇ جي رڻ واري تڪرار جو بين الاقوامي نبيرو ٿيو ته ان جي نتيجي ۾ الڳ روءَ 350 چورس ميل ايراضي پاڪستان کي ملي، جيڪا سنڌ جو حصو آهي جا اصل حدبندي ٿيڻ باقي آهي. (مترجم)

ائين ڪٽي چئجي ته سنڌ، سڄي ليکي، هڪ هيناهون، تراکڙو ڏيهه آهي. البت ان جي اولهندي حد وارو جابلو علائقو انهيءَ بيان هيٺ نه ايندو. اهي جبل، ڪجهه ڇُڻ پَهڙ جا ۽ ڪجهه واري پهڙ جا آهن ۽ بلوچستان ۽ سنڌ جي وچ ۾ قدرتي حد جو ڪم ڏين ٿا. ڪراچي ضلعي جي اولهندي پاڳي وارو علائقو جيڪو "ڪوهستان" (پکيڙ: 8500 چورس ميل) سڏجي ٿو سو پڻ تمام ٿاڪرو آهي، جڏهن ته ٿورا ڇُڻ پَهڙ جي ٽڪرين جا رواجي ڇَپَر، پرڳڻي جي ٻين هنڌن تي به آهن. انهن مان هڪڙو (گنجو ٽڪر) حيدرآباد ضلعي ۾ آهي. ان جي سراسري اُوچائي 100 فوٽ آهي. حيدرآباد جو شهر اهڙي ئي ٽڪر تي ٻڌل آهي. هڪ ٻيو ڇپر جئسلمير جي ٻرپاسي کان اتر اولهندو طرف ونندو سنڌو نديءَ وٽ اچي 150 فوٽن جي اوچائيءَ کي پهچي ٿو ۽ روهڙيءَ جو شهر توڙي بکر جو قلعو ڏري گهٽ سڄي جو سڄو انهيءَ ڇپر جي ڇپن تي ٺهيل آهي. ٽيون ڇپر آهي "مڪليءَ جي ٽڪري"، جا ڪيٽيءَ ۾ ٿٽي جي ٻرسان آهي. اهو ڇپر ڏهاڪو ميل ڏگهو آهي ۽ اوچائي 50 کان 150 فوٽن تائين اٿس.

جبلن جو جيڪو سَنڊو سنڌ کي بلوچستان کان ڌار ڪري ٿو سو انهن سيني ۾ اتانهين ۾ اتانهون آهي. اهو ڇَپڙُ سنڌ جي حد کي پهرين پهرين 28 ڊگريون اُتر ويڪرائي ڦاڪ وٽ ڇُهي ٿو. هيل تائين انهيءَ ڇپر کي عام طرح، توڙي جو غلطيءَ وچان، "هالا" جبل جي نالي سان سڏيو ويو آهي، پر ان جو صحيح نالو سمجهيو وڃي ٿو ته "خيرپور" آهي، ۽ ان کي انهيءَ نالي سان سڏجي، ان جو اڌو 26 ڊگريون ويڪرائي ڦاڪ وٽ پهچي ٿو. اتي اهو ڇپر پب جبل سان وڃي ملي ٿو جيڪو ڪي 90 ميل ڏکڻ طرف وڃي راس ماڻري وٽ سمنڊ سان ملي ٿو. ڪيرٿر جبل ڇڪا اتانهان آهن، ان جون ڪي چوٽيون ته 7000 فوٽن کان به مٿي آهن. ٻئي طرف، پب ٽڪر گهٽا گهٽ اتانهان آهن ۽ سمجهيو وڃي ٿو ته ڪٿي به انهن جي اوچائي 2000 فوٽن کان مٿي نه آهي. انهيءَ ڇپر جي ماڻرين ۽ ڳهارن منجهان "حب" ندي وهي ٿي. پرڳڻي ۾ سنڌوءَ کان پوءِ اهو ئي هڪڙو دائمي وهندڙ درياءُ آهي ۽ ڳپل پنڌ تائين سنڌ جي اولهندي سرحد جو ڪم ڏي ٿو. ڪيرٿر ڇپر جي هڪ نمايان خاصيت هيءَ آهي ته اهو ٽن قطارن ۾ ورڇيل آهي. پهريون يا اوپرندي ۾ اوپرندي قطار جا پاسا اُيا ۽ اولهه طرف اُڀڪيرا آهن، پر اوپر ڏانهن ڊگهو لاهه اٽن. ٻئيءَ جي مٿاڙ سنئين ۽ پاسا گولائيءَ تي آهن. منجهس اونها گهارا ۽ ڌار آهن. ٽينءَ ۾ سنئين زمين جا وڏا وڏا پونا آهن ۽ اها جزوي طرح پنڌ پهڙ ٿي ويل لوهه گاڏڙ ڇُڻ پَهڙ جي ٺهيل آهي. منجهن زمين جهڙي آهي تهڙي ناهي. ان ڪري انهن تي نباتات ڪانه ٿئي يا تمام ٿوري ٿئي. اجا تائين انهيءَ ڇپر کان صحت صفائي جو ڪم نه ورتو ويو آهي، سواءِ بن ننڍين اسٽيشنن، ڌڙ يارو (Dhar Yaro) ۽ دنَ (Danna) تاور جي، جي ٻئي ميهڙ تعلقي ۾ سمنڊ کان ترتيبوار 6000 ۽ 4500 فوٽن جي اوچائيءَ تي آهن. پر انهن تائين پهچڻ ايترو ته ڏکيو ۽ اهنجو آهي جو انهن جو ڪو خاص فائدو نه آهي.

ڪيرٿر ٽڪرين جي زنجير سان ڳنڍيل ۽ اوپر طرف سيوهڻ ڊانهن ويندڙ ڏکڻ ۽ ڏي پاڻيو "لکي" نالي ڇپر آهي، جيڪو ڏيڳهه ۾ پنجاهه ميل ٿيندو. اهو ڇپر آتشي (هرندڙ) مول منڊ جو ڏسڻ ۾ اچي ٿو ڇالاءِ جوان ۾ گرم چشما ۽ ڳندر ۽ جا پٿرتا عام جام ملن ٿا.

اهو ڇپر سيوهڻ وٽ سِنڌو نديءَ جي اولهندي ڪنڊيءَ تي امالڪ پورو ٿي وڃي ٿو. ان جي اتانهين ۾ اتانهين چوٽي 1500 کان 2000 فوٽ مٿي آهي. هاڻي تائين جيڪي به ڇپر بيان ڪيا ويا آهن، سي سڀ واري پهڻ ۽ چن پهڻ جي بناوت وارا آهن ۽ منجهائن ڪيٽرا ساموئڊي جانورن جي ڪلن ۽ ڪوپن سان پريل آهن.

لٽاساتَر:

لتاسن ترن ۾ جا سيني کان پلي ۽ اُپٽ واري زمين آهي، سا شايد شڪارپور ۽ لاڙڪاڻي جي پرپاسي ۾ آهي. اها زمين هڪ سوڙهي پيٽ جي شڪل ۾ اُتر کان ڏکڻ طرف 100 ميل ڪن ٿيندي ۽ پاسن کان سنڌو نديءَ اولهندو نارو اٿس. انهيءَ پوئين وهڪري جي ڇهاڻ سنڌ ملڪ جي اڪيلي وڏي ڊنڊ ڏاهي آهي. اها ڊنڊ دادو ضلعي ۾ آهي ۽ نالو"منچر" اٿس. جڏهن تار هوندي آهي تہ چيو وڃي ٿو تہ ڏيڳهه ويهارو ميل ۽ پکيڙ 180 چورس ميل ٿي ويندي اٿس.[1]

هڪ ٻيو لٽاسو تر، جو ستر اسي ميل ويڪرو آهي، سو سنڌوءَ کان اوپر طرف ڇهليل آهي ۽ اويرندو نارو ان جي وچان وهي ٿو. ڇيو وڃي ٿو تہ سنڌو ايام اڳي انهيءَ تر منجهان ۽ تحقيق انهيءَ مهان ضلعي جي گهٽي پاڻي منجهان(جنهن کي ٽرپارکر سڏجي ٿو)وهندي هئي ۽ تنهن سموري تر کي زرخيز ڪندي هئي، جنهن کي هاڻ اوپرندو وارياسو سڏيو وڃي ٿو. انهيءَ حقيقت جي ساک نہ فقط ڪيترن ئي آڪاڻن شهرن جا اهڃاڻ پرين ٿا، پر ڪيترن ئي درياڻن جا گهٽو اڳ سُڪي ويل پيٽ پڻ، جي هن سوڪ ماريل تر اندر موجود آهن. بهاولپور ۽ روهڙيءَ واري پاسي هڪ وڏي ندي، جيڪا هاڻ "ريڻ نالو" سڏجي ٿي، تنهن جا نشان اڄا تائين موجود آهن. ٿي سگهي ٿو تہ هيءَ ندي اوپرندي ناري سان گڏجي وڃي سنڌوءَ جي تنهن ڇوڙ رستي سمنڊ ۾ پوندي هجي جنهن کي هاڻ "ڪوري شاخ" سڏي وڃي ٿو.

وارياسو علائقو:

سنڌ جي اوپرندي سرحد وارو ڏيهه گهٽي پاڻي واريءَ جي پٽن سان پريل آهي. اهي پٽون هن ويران ۽ سُڄي علائقي ۾ لڳندڙ طوفانن جي اثر هيٺ شڪل ۽ جاءِ مٽائيندیون رهن ٿيون. انهيءَ واريءَ کي "ريگستان" سڏيو وڃي ٿو ۽ ان جي پکيڙ 13,100 چورس ميل آهي. سنڌ اندر ٻيا ٻہ ڪيترائي اهڙا وڏا وڏا علائقا آهن جيڪي آبپاشيءَ جي وسيلن کان محروم آهن. اهڙو هڪڙو

---

[1] منچر هن وقت هڪ سمنڊ مثل آهي، جنهن جا چارئي پاسا 45x45 ڪلوميٽر ڊگها آهن. (ايڊيٽر)

تر "ڪچيءَ جو ميدان" آهي، جنهن جو اُتريون پاڳو ٽيهارو ميل ويڪرو آهي. اهو ميدان شڪارپور ۽ بولان لڳ جي وچ ۾ آهي ۽ نالو "پٽ" اٿس. پٽ جي زمين بولان، نارڙي ۽ بين اهڙين ڇڻن جي لوڙهي آندل رائي (لڻُ) منجهان جڙيل آهي، جيڪي ڪيرٿر ڇپر تان وهي ايندين آهن ۽ هن ٻُسي سُڄ ۾ گم ٿي ويندين آهن. گدبو بئراج مان هڪ واهه ڪڍي انهيءَ ايراضيءَ کي آباد ڪيو ويندو.

نظارا:

سنڌ جهڙي تراکڙي ۽ سنئين سڌي ملڪ کان اها آس نٿي رکي سگهجي ته کو اُتان جا قدرتي نظارا انهيءَ ڏس ۾ هند- پاڪستان ننڍي کنڊ جي بين انتهائي وڌيڪ نوازيل هنڌن سان برميچي سگهندا. سنڌ جي ڪنارن کي اوڏو ايندڙ اوپري ماٺهوءَ کي شايد ان جي ڪپر جي پهرين ديد کان وڌيڪ ٻيو ڪو نظارو اٽوندڙ ۽ ٻُسو نه لڳي، چا لاءِ جو اهو ڪپر، تمام ٿورن هنڌن کي ڇڏي، نباتاب کان بنهه وانجهيل آهي. ٻئي طرف، پراڻي ڪراچي ضلعي جي ٽاڪرو علائقي ڪوهستان، جي ڪن پاڳن ۾ نظارو تمام وٽندڙ آهي، پر جيئن ته اُتي جا ٽڪر ٻرندڙ مُول منڊ جا آهن. انهيءَ ڪري اُتي قدرتي سونهن جو سيني کان دلپسند جزو وٽڪار ۽ ساوڪ، نه هئڻ برابر ٿئي ٿي. هوڏانهن، ٿرپاڪر ضلعي، خيرپور رياست ۽ روهڙي تعلقي جي اوپرندي پاڳن ۾ رڳو ريگستان آهي، جتي پٽن کان سواءِ ڪجهه به نظر نٿو اچي، توٽي جو اهي پٽون چٽي بيهڪ واريون ۽ چڳيون وٽڪاريل آهن. اهي پٽون هڪٻئي پويان واريءَ جي وڏين ويڪرين لهرون جيان هليون وڃن ٿيون.

آبڪلاٽيءَ جي منڊ ۾، اوپرندي ناري جي اڪيچار ڏنڊين ۾ وڏي سونهن وارا هنڌ ڏسڻ ۾ ايندا آهن، پر پوسلي هب جي ڪري اهي هنڌ ايترا ته غير صحتمند هوندا آهن جو اُتي ٽڪاءُ نه ڪري سگهبو آهي. سنڌوءَ جي ٻنهي پاسي وارو لٽاسو تر، جيڪو ڏهن ٻارهن ميلن جي مفاصلي تائين هليو وڃي ٿو سو سنڌ جي ڪنهن به ٻئي پاڳي کان زمين ۽ پيدائش ۾ يلو هوندي به قدرتي نظارن جي لحاظ کان اٽوندڙ ۽ ٻسو آهي، سواءِ انهن هنڌن جي، جتي سنڌو درياهه ٻهر جي ٻيلن سان پريل آهي. ڪن هنڌن تي اهي ٻيلا درياء جي ڪنڊيءَ جي سنوت ۾ ميلن جا ميل هليا وڃن ٿا.

سيوهڻ شهر جي پرسان لڪيءَ وارو ڇپر اُمالڪ سنڌوندي تي هڪڙي ذري گهٽ اُپي ڇپ وٽ پورو ٿي وڃي ٿو. هيءَ ڇپ 600 فوٽ اُتانهين آهي ۽ درياء وٽان تمام سهڻو ڏيک ڏي ٿي. پر سنڌ ملڪ جو سيني ۾ سهڻو نظارو سکر ۽ روهڙي شهر ۽ بکر جي ٻيٽ واري قلعي جو آهي. اهو قلعو پنهنجي ڪوٽ جي پٽين سان ٻنهي شهرن جي وچ ۾ درياء اندر واقع آهي. اهي سڀ ڇُن ڦهڻ جي ٽڪرين واري ڇپر تي، اڏيل آهن ۽ منارا ۽ ماڙيون خاص ڪري روهڙيءَ جون مٿي ئي مٿي هليون وڃن ٿيون ۽ ائين لڳندو آهي، جڙ ته درياء تي چانوَ ڪيو ٻيٺيون هجن. ساڌ ٻيلي جو سهڻو ساوڪ سان چانيل ٻيٽ، پنهنجي مندر سان بکر واري قلعي کان ٿوري مفاصلي تي ڏکڻ طرف آهي ۽ درياء جي ٻنهي پاسي کجيءَ ۽ ٻهر جي وٽن جا ڇڇ ساوا جُهڳٽا

آهن. اهو سڀ درياءَ جو ڇوهي (تيز) وهڪري سان ملي، اهڙو ته سهڻو ۽ دلپذير ڏيک ٿي پوي ٿو جو کهڙي ڳالهه ڪجي!

سنڌوندي:

سنڌ جي سرزمين سنڌونديءَ جي سرجيل ۽ تاتيل آهي. درياء نه هجي ته هوند سُڄ پئي واکا ڪري ڪٽلاش جبل کان وٺي سمنڊ تائين، سنڌوءَ جي ڪُل ڊيگهه ڪي 1800 ميل آهي. انهيءَ جي ٽين پٽي (580 يا 590 ميل) اها سنڌ ڏيهه منجهان لنگهي ٿي. هر سال جڏهن بهار جي مُند وٽ برف رجڻ لڳندي آهي ۽ ان جي واهن جي پاڻي جهٽيندڙ ايراضين ۾ ڇوماسي جا مينهن پوندا آهن، تڏهن ان ۾ چاڙهه ايندو آهي ۽ ان جو پاڻي اُٽل ڪائي ڪنڊين ۽ بڇاءُ بندن جي وچ وارين ايراضين کي ٻوڙي ڇڏيندو آهي. اهي بند درياء جي ٻنهي پاسي ذري گهٽ سموريءَ ڊيگهه تائين ٺهيل آهن. ايامن کان ان جي بيحد گهٽي پاڻيءَ کي انسان جو هنر روڪيندو ۽ مرضيءَ موجب هلائيندو رهيو آهي. ان جو بيان آبپاشيءَ واري باب ۾ ڪيو ٿئون.

سنڌونديءَ جي سيني ۾ نمايان خاصيت ان جي وهڪري جي وات ۾ ايندڙ ڦيرن جي حد ۽ تيزي آهي. سڄيءَ سنڌ ۾ درياء جا رڳو ٻه دائمي پاڳا آهن: هڪڙو بکر وٽ ڇور لڪ ۽ ٻيو ڪوٽڙيءَ وٽ. انهن ٻن هنڌ تي ٻه اڪثر تبديليون ايندڙيون رهن ٿيون. تبديليون، جن جي ڪري اهڙي ڪٽ ڪرڻ جا پوري بيهي، ڏکيو ٿي پوي ٿو ته فلاڻي مرحلي تي ان جي پاڻيءَ جو ڊسچارج وهڪرو هيترو ڪي هيترو ٿيندو.

انهيءَ ٻي جٽائيءَ جا ٽي سبب هيٺ ڏجن ٿا:

پهريون: لڳ ڀڳ سموري سنڌو ماٽريءَ جي زمين بيحد ڦيسڙ آهي ۽ پاڻي جي وهڪري ۾ سولائيءَ سان پُري وڃي ٿي. ان جي ڪري وهڪري جي هلڪي ڪلهي ڪس ٻه ڪنڊيءَ کي تيزيءَ سان پائڻ لاءِ ڪافي ٿئي ٿي. زمين جي ڦيسڙ هجڻ ۽ سولائيءَ سان پڄڻ پُرڻ جو نتيجو اهو ٿو نڪري ته پاڻيءَ ۾ لٽ جو وڏو انداز لڙهندو هلي ٿو ۽ جتي ٻه وهڪري جي رفتار لوڙهي سگهڻ واريءَ سگهه کان گهٽ ٿي وڃي ٿي، اُتي لٽ ترو ونڻ شروع ڪري ٿو ۽ تيزيءَ سان ڪنڊيون ۽ ريٽ ناهڻ لڳي ٿو.

ٻيو: ملڪ چڱي تکي لاهيءَ وارو آهي، ان ڪري درياء کي پنهنجي رفتار اهڙي حد اندر رکڻ لاءِ ته جيئن ڪنڊين جي گهٽي کاڌ نه ٿئي وڏا ور وکڙ ڏئي وهڻو پوي ٿو.

ٽيون: ڪنڊيون تمام هيٺاهيون آهن ۽ آبڪلاٽيءَ جي مند ۾ گهڻو ٻڏي ويندیون آهن. درياء جي ور وکڙ وهڪري جي ڪري اڪثر ائين ٽيندو آهي ته ٻن وڏن وکڙن کي ڌار ڪندڙ زمين جي ڳچيءَ آرپار مفاصلو نسبتي طرح تمام ٿورو هوندو آهي. انهيءَ ڳچيءَ جي ٻنهي پاسي درياء جي متاڇرن جو فرق وکڙ جي گولائيءَ جي مفاصلي جي ڪري ٿئي ٿو. درياء پوءِ ٽي سگهي ٿو ته زمين جي انهيءَ ڳچيءَ منجهان زوريءَ ڌڳ ناهي وهڻ لڳي. ان جي نتيجي ۾ درياء جي ڊيگهه ڪڏهن ته ميلن جي

حساب سان گهٽ ٿي ويندي، ور وڌڻ جي نسبت گهٽجي ويندي ۽ وهڪري جي ٽِڪ عام رواجيءَ کان وڌي ويندي جيئن ته ڪنڊيون انهيءَ ٽِڪ جي ڏپ نه جهلي سگهنديون آهن. ان ڪري درياء پنهنجي رواجي رفتار وري هٿ ڪرڻ لاءِ ڪنڊين کي لوڙهي ويندو آهي ۽ زبردست ڪاڌ شروع ٿي ويندي آهي، تان جو درياءِ کي سندس رواجي ڏيگهه موٽي ملندي آهي. درياء ٽلهي ليکي، ويڪرو ۽ کي قدر تانگهو آهي، ۽ هڪ يا وڌيڪ مڪيه ڦاٽ (گهٽو ڪري رڳو هڪ) منجهان وهندو آهي. سانگهاري وقت اوڪر وٽ اونهائي ڇڻن کان ڇهن فٽن تائين هوندي اٿس. وچ ۾ تانگهي ريڙ يا اُوڪر سان تلاءَ هِن يا هُن ڪنڊيءَ تي هوندا آهن. سياري جي مند ۾ ان جي ويڪر 1000 کان 4000 فٽن تائين هوندي آهي، جڏهن ته آبڪلاٽيءَ ۾ ان جو پاٽي ڪنڊين تي ڦلهجي ويندو آهي ۽ رڳو بچاءُ بندن يا شاهين پٽ جي جهل هوندي اٿس. اهڙي وقت ان جي ويڪر ڪيترائي ميل به ٿي سگهي ٿي.

هيٺيان انگ اکر دلچسپيءَ جو باعث ٿيندا:

آبپاشيءَ واريءَ مند جي شروعات 10 جون

ان تاريخ تي سراسري چاڙهه (پنج سال 59_1955ع)

بکر 12.82 ـ سراسري ڏسچارج 247,917 ڪيوسڪ

ڪوٽڙي 10.88 ـ سراسري ڏسچارج 160,294 ڪيوسڪ

پنجن ورهين جي وڏ ۾ وڏ سراسري 11 آگسٽ تي بکر وٽ ٿئي ٿي، چاڙهه 20.80، ڏسچارج 9,48,817 ڪيوسڪ، ۽ 22 آگسٽ تي ڪوٽڙيءَ وٽ ٿئي ٿي: چاڙهه 25.30 ڏسچارج 7,72,730 ڪيوسڪ.

پنجن ورهين جي گهٽ ۾ گهٽ سراسري 2 جنوريءَ تي بکر وٽ ٿئي ٿي: چاڙهه 1.00، امڪاني ڏسچارج 25,940 ڪيوسڪ، ۽ 17 جنوري تي ڪوٽڙيءَ وٽ ٿئي ٿي: چاڙهه 1.30، امڪاني ڏسچارج 19,430 ڪيوسڪ.

هيٺيان خاڪا پوين پنجن ورهين جو چاٽايل تاريخ وار چاڙهه ڏيکارين ٿا:

بکر

	1955	1956	1957	1958	1959
15 جون.....	10.70	13.20	13.30	12.90	14.40
وڏ ۾ وڏ.....	19.6	20.7	17.3	20.6	20.9
15 سيپٽمبر	12.9	12.9	12.9	13.5	15.2
31 ڏسمبر...	1.00	11.10	4.10	5.10	1.30
گهٽ ۾ گهٽ	0.70	1.00	_0.50	3.80	1.30

ڪوٽڙي

	1955	1956	1957	1958	1959
15 جون.....	8.1	17.8	11.0	2.1	15.4
وڌ ۾ وڌ.....	24.7	26.6	20.5	24.5	24.5
15 سيپٽمبر	22.6	15.3	16.9	15.5	20.2
31 ڊسمبر...	5.1	0.8	8.5	5.7	7.3
گهٽ ۾ گهٽ	-2.2	-2.2	-0.8	-4.4	3.5

جهڪ

	1955	1956	1957	1958	1959
15 جون.....	3.10	12.60	6.10	-0.80	11.30
وڌ ۾ وڌ.....	20.90	22.90	15.30	19.50	19.60
15 سيپٽمبر	18.80	9.50	12.30	10.90	15.0
31 ڊسمبر...	1.80	-4.60	3.90	1.30	3.70
گهٽ ۾ گهٽ	-8.1	-7.0	-6.9	-7.90	-0.4

حد کان وڌيڪ ٻوڏ کي روڪڻ لاءِ درياء جي پاسن کان هر اهڙي هنڌ بند ٻڌا ويا آهن. جتي ٻوڏ اچڻ جو امڪان هجي.

مکيہ بند هيٺان آهن:

ساڄي ڪنڌي

نالو				ڊيگهہ
ڪشمور بند	.....	.....	.....	73.00 ميل
سکر بيگاري بند	.....	.....	.....	46.5 ميل
گهاڙ واهہ بند	.....	.....	.....	45.8 ميل
نارا بند	.....	.....	.....	77.00 ميل
مانجهند بند	.....	.....	.....	5.75 ميل
ڪراچي ڪئنال بند	.....	.....	.....	65.00 ميل

ڪاپي ڪنڊي

نائچ بند	.....	.....	.....	34
قاسم پور بند	.....	.....	.....	10.5
سکر جي اُتر ۾ ننڍا بند	.....	.....	.....	28.25
نولکي پورٽي بند	.....	.....	.....	8.9
ڪليلي ڪئنال بند	.....	.....	.....	35.01
ڪراچي ڪئنال بند	.....	.....	.....	98

ڪوري ڪاري:

جنهن منجهان ڪنهن زماني ۾ ڪليلي وهي وڃي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندي هئي. اُتان کان وٺي تنهن ڪاريءَ تائين، جيڪا گزريءَ کان گهاري تائين هلي وڃي ٿي، سڄو 125 ميلن جو مفاصلو سموري ڪپر ليڪ سمنڊ جي ڪارين سان چيريل آهي. انهن ڪارين منجهان شايد هڪڙي به اهڙي نه آهي، جيڪا ڪڏهن نه ڪڏهن سنڌوءَ جو ڇوڙ نه رهي هجي. ڪليليءَ کان اڳ ريڙ ۾ انهيءَ کان اڳ پُراڻ هئي. ڪيٽيءَ جو هاڻوڪو سِرو اوچو ۾ حيدريءَ جي دوشاخي وٽ ڇڻي سگهجي ٿو. يعني ڪليليءَ جي مُنڊ کان 139 ميل کان هيٺيرو اهي ٻئي مکيہ شاخون آهن، جن منجهان درياء جو پاڻي وهي وڃي سمنڊ ۾ پوي ٿو. پوئين شاخ ته هن وقت گهٽي وڌيڪ اهميت واري آهي. اهي شاخون اڄا هيٺيرو هلي ڪيترين ئي ڪارين ۾ ورهائجي وڃن ٿيون. انهن مان مکيہ ترشيان، ڪلندري، جونگ، ٺٽي، (حيدري)، ۽ مَل آهن. سِير ڪاري به ذڪر جوڳي آهي، ڇا لاءِ جو سير گندي جو بندر ان تي ئي آهي. سنڌونديءَ جي ڪنهن به ڇوڙ تي، ڪيٽي بندر کي ڇڏي (جو اوچتو ئي آهي)، اهوئي هڪڙو بندر آهي. پر اڄ ڪلهہ انهيءَ ڇوڙ منجهان پاڻي خير کو وهندو آهي.

پراڻي گزيٽيئر ۾ ڄاڻايل آهي ته وِيرن جو اثر پري ٺٽي تائين محسوس ڪيو وڃي ٿو. جيڪي ٿورا مشاهدا ڪيا ويا آهن، سي ظاهر ڪن ٿا ته هاڻ وِير ايترو پري تائين ڪونہ ويندي آهي ۽ ان جو اثر دوشاخي يعني ڪيٽيءَ جي سِري کان مٿي ڪونہ ٿيندو آهي. اهو هنڌ ٺٽي کان 45 ميل هيٺيرو آهي. سمجهيو وڃي ٿو ته انهيءَ هنڌ وٽ رڳو 3 کان 6 انچ اثر ٿئي ٿو.

سنڌوءَ جي ڪيٽي هر سال وڌندي رهي ٿي. سال اندر ان ۾ لڙهي آيل لٽ ۽ ريءَ (Spoil matter) جو اندازو 217 1/4 لک ڪعب وال ٿئي ٿو. ڪيٽيءَ وارو تر اٽڪل 1500 چورس ميل ايراضيءَ تي پکڙيل آهي، پر اهو زرخيز نه آهي. درياء وقت بوقت رُخ ڦيرائيندو رهي ٿو. انهيءَ ڏڱ مَٽَ جي ڪري ان جي ڪنڌين تي وسندڙ ڪيترائي شهر ڦِٽي ويا آهن. درياء جا ڇوڙ هي آهن: سير، پکار ڪجهر، ڪارڪ، ڪبر، قلندري، تريشاڻ، حجامڙو شيشا، رُبو پتياڻي، ڪڏي ۽ پِٽي.

سن 1836ع ۾ اسسٽنٽ سرجن هيڊل(Heddle) جي چوڻ موجب، "جهاز راني‌ءَ ۾ مشڪلاتن جي ڪري نٽي جا واپاري، پنهنجو وکر هاڻ سنڌونديءَ جي بدران اُنن تي ڪراچيءَ کان شڪارپور ۽ حيدرآباد ڪٽائي ويندا آهن. ڪنڊين جي ڪاڌ ۽ پور پوران جي ڪري ٻيڙين جي ٻڌڻ جو خطرو هوندو هو تنهن کان سواءِ ڪنڊين جي ڪاڃڻ ڪري "جهاز راني‌ءَ لائق ڦات سدائين ڦرندو رهندو هو. گهاري، بگهاڙ ۽ ٻين پراڻن پيٽن جي بند ٽيڻ جو وڏو سبب ٻه اهوئي ڄاڻايو وڃي ٿو. ايڇا هيٺ ڪيترن ئي پاڳن ۾ پن گاهه جون پري تائين ويندڙ پاڙون زمين کي ٻڌل رکي ڪاڌ کي اثرائتي نموني روڪين ٿيون." مسٽر هيڊل ڏٺو ته تر جي ماڻهن کي انهيءَ گاهه جي ڪارائتي هڄڻ جي پروڙ هئي ۽ هو ان کي ڪپي تڏا ناهيندا هئا. ۽ "هاڻي جيان تڏهن ٻه اهو ڏنڏو آدم شماريءَ جي ڇڄ حصي جو روزگار هو. هو ٻوٽن کي پٽ وٽان ڪپي ونندا آهن ۽ پاڙن کي ڇڏي ڏيندا آهن." ڪپر کي ويجهو ويڑ وارين کارين ۾ ساڳيو ڪم ڪندل ۽ تمر جا ٻوٽا، ڪندا آهن، ۽ هي جو انهن کي بنا روڪ ٽوڪ جي ڪپي ٻاڙڻ ڪري ڪم آندو پيو وڃي، ان ڳالهه تمام گهڻو نقصان رسايو آهي ڪندل ۽ تمر جا پن اُنن لاءِ عمدو چارو آهن. سمنڊ جي ترت اثر کان مٽيرو سنڊي لئي ۽ جهاڻو اُسرن ٿا ۽ جي ڇڏي ڏجين ته هر نئين نڪتل ڪنڊي کي تيزيءَ سان ڏکي ڇڏين ٿا. انهن جو جيئن تمر جو ڪاٺ درياء جي آڳبوٽن ۾ پڻ ڪتب آندو ويندو هو. ميرن جي شڪار گاهن ۾، جي ٽيهارو ميلن جي مفاصلي تي هالا کان حيدرآباد تائين ۽ اُتان پرتي سيوهڻ جي پرپاسي تائين هليا ٿي ويا، لئي ۽ ٻهر جا وڻ هوندا هئا. پويون وڻ ته ايڇا ٻه درياء جي ٻنهي ڪنڊين کي ڇڪي پنڊ تائين ڏکيو ٻيٽو آهي.

حب ندي:

اڳوٽيءَ سنڊ ۾ سنڊونديءَ کان سواءِ فقط هڪڙي ٻي مدامي ندي، "حب"، آهي. ڪيترين ئي نيون، برساتن کان پوءِ، ٽڪرن تان وهي هلندين آهن ۽ وڃي سمنڊ، سنڊوءَ يا منچر ۽ ٻين ڏنڊين ۾ چوڙڪنديون آهن. انهن مان ڪن نين جو آندل پاڻي، مثال طور: "باران" جو جيڪا ڪوٽڙيءَ لڳ سنڊوءَ ۾ چوڙڪري ٿي يا "ملير" جو جا گذري کاريءَ ۾ وڃي پوي ٿي، ايترو ته گهٽو ٽئي ٿو جو اهي نيون جتان جتان وهنديون آهن، اُتان جي هيٺاهين کي اُجاڙي ڇڏيندين آهن. انهن سيني تي ٻنڊون ٻڌي انهن جي پاڻيءَ کي آبپاشيءَ لاءِ ڪم آندو پيو وڃي. ڪراچيءَ کي ملندڙ پيئڻ جي پاڻيءَ جو ڪُجهه پاڳو ملير نئن جي پيٽ ۾ ڪنيل کوهن مان ڪڍيو وڃي ٿو.

اُيرندو نارو:

اُلهندي ناري ۽ اُيرندي ناري جي ذڪر کان سواءِ سنڊ جي ندين جو بيان اڻپورو رهندو. اُيرندو نارو پنهنجي وهڪري جو ڪجهه پاڳو تنهن وجايل ندييءَ" جي پيٽ منجهان وهي ٿو جنهن بابت ڪيترائي نظريا پيش ڪيا ويا آهن. هڪڙو نظريو هيءُ آهي ته اها وجايل ندي ستلج هئي، جنهن کي صديون اڳ اُتان گهٽو پري نه جت اها جبلن کي ڇڏي ٿي. پنهنجو اصلوڪو پيٽ تياڳي ڇڏيو هو ۽ اولهه طرف وڪڙ

کائي وڃي بياس سان ملي هئي ۽ اهڙيءَ ريت سنڌوءَ جي اڳيئي پريل پيٽ ۾ ايا وڌيڪ پاڻي وڏو هٿائين. جنهن جي ڪري هڪڙو وڏو ويڪرو تڙ جو اڳي ئي سرجو ۽ وسندڙ هو سو غير آباد ۽ اُجاڙ ٿي ويو هو. ٿامس پيننانٽ (Thomas Pennant) جي مزي جهڙي عالماڻي تصنيف "هندستان جو منظرنامو" (View of Hindustan) ۾ جيڪو نقشو ڏنو ويو آهي، تنهن ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته هيءَ درياءَ "ستلج" جي اوپر ۾ همالياماڻ نڪري ٿو ۽ "امرڪوٽ" وٽان لنگهي وڃ ڪڇ جي نار ۾ پوي ٿو. اُتي ان کي "گهگهڙ ندي" سڏيو وڃي ٿو. اهو نالو ٿي سگهي ٿو ته هاڪڙي جي بگڙيل صورت هجي. ان ندي جي پراڻيءَ پيٽ جي ڪجهه ياڳي کي ايا به هاڪڙو ڪوئيو وڃي ٿو. ان درياء جي پاڻ وهيٽي حيثيت پوري ٽيهڻ کان گهٽو پوءِ. ان جو پيٽ، 'نارو' جي نالي هيٺ، سنڌوءَ جي اُتل لاءِ گهارو ٿي ڪم ايندو هو ۽ ٻُوڏ جو پاڻي ان منجهان وهي وڃي ڏوري پراڻ ۽ اُتان 'ڪوري ڪاريءَ' ۾ وڃي پوندو هو. سن 1857ع ۾ روهڙيءَ وٽان سنڌوءَ ۽ ان جي وچ ۾ واهي ڪوٽي ان کي واهه جي شڪل ڏني وئي. اڳتي هلي ان واهه کي سکر بئراج سان ڳنڍيو ويو.

اُلهندو نارو:

اُلهندو نارو پڻ اِن ئي نالي سان هڪ واهه هو پر پوءِ ان تي رائيس ڪئنال جي ميهڙ شاخ جو نالو رکيو ويو. ڪنهن زماني ۾ اهو سنڌوءَ جي ڇاڙ هو جنهن جو پاڻي لاڙڪاڻي کان مٿي مکيه پيٽ کان الڳ ٿي سنڌوءَ سان لڳ پڳ پور وڃوٽيءَ تي وهندو وڃي، درياء سان گڏ. تنهن مان قدرتي هيٺاهين ۾ پوندو هو جتي منڇر ڍنڍ آهي. هڪ ٻيو ڦاٽ اڳل واهه جي نالي سان سيوهڙ جي ڏکڻ ۾ سنڌوءَ کان ڇڄي وڃي ساڳي هيٺانهينءَ ۾ ڇوڙ ڪندو هو پر جڏهن ٻوڏ لهڻ شروع ڪندي هئي، تڏهن اڳل واهه اُبتو وهي منڇر جو پاڻي موٽائي وڃي سنڌوءَ ۾ وڃهندو هو. جيئن ته منڇر جي پاڻيءَ جي موٽ سان پلي زمين جا ڪي 20,000 ايڪڙ سياري جي مُند ۾ پوک لاءِ نروار ٿي ٻيهندا آهن. انهيءَ ڪري اڳل واهه کي هٿ وس ڪرڻ آبپاشي کاتي لاءِ وڏو مٿي جو سُور آهي.

ڪڇ جورڻ:

ڪڇ جورڻ راجپوتانا کان سمنڊ تائين سنڌ جي ڏاکڻي يا ڏکڻ اُپرندي سرحد ٺاهي ٿو. ان ملڪ جي تاريخ کي تيستائين سمجهي نه سگهيو جيستائين اهي تبديليون ذهن ۾ نه رکيون ويندیون، جيڪي انهيءَ تر ۾ رونما ٿيندیون رهيون آهن. هاڻ اهو هڪ وڏي لوٽياڻي سُڃ آهي، جتي سال جا ڪيئي مهينا سمنڊ جو پاڻي ٻيڻل رهي ٿو. اهو پاڻي ڏکڻ اولهه واري چوماسي جي زور هيٺ رڻ ۾ ڏکجي اچي ٿو ۽ اُن کي لوٽياڻي ڍنڍ ۾ مٽايو ڇڏي. ٻين مندن ۾ اهو بيابان هوندو آهي. تراکڙو پختو ۽ بنهه اگهاڙو سواءِ ٿورڙن "ٻيٽن" جي جتي نالي ماتر ساوڪ ٿيندي آهي. ان ۾ هرڻ ۽ گورخر گهمندا وتندا آهن، جي رڳو چاري لاءِ سرحد ٽپندا آهن. پر ائين وسهڻ لاءِ سبب آهي ته جڏهن سڪندر اعظم سنڌ آيو هو تڏهن ڪڇ جو رڻ 'اندر پرو سمنڊ'، يا ڍنڍ، هو جنهن کي "وجايل ندي" ۽ پوءِ "پراڻ" پاڻي

پڄائيندي هئي. وڏيڪ ويجهڙائيءَ ۾ رڻ جو ٻيو نه ته اُلهندو پاڳو علي بندر کان ڪوري ڪاريءَ تائين، روايت موجب تمام زرخيز هو ۽ سنڌ ۽ ڪڇ جي وچ ۾ لهه وچڙ بنا روڪ ٽوڪ جي ۽ اڪثر ٽيندي هئي ۽ وچ ۾ بيابان جي رنڍڪ کاڻ هين. سچ پچ ته پراڻ وٽ لکپت کان عمرڪوٽ تائين هڪڙو واهه ٻه گهٽو ڪري هو. لکپت کان 30 ميلن ۽ علي بندر کان 20 ميلن تي "سنڌڙي" ڪوٽ هو. رحيمڪي (وڏيڪ صحيح راءِ مڪي) بازار هڪ ٻيو مکيه شهر هو. پر 1762ع ڌاري يا ان جي لڳ پڳ ميان غلام شاهه ڪلهوڙي پراڻ تي موريءَ وٽ هڪ وڏي ٻند ٻڌائي، جنهن جا ٻه ڪم هئا: سنڌس پنهنجين زمينن کي آباد ڪرڻ ۽ سنڌس دشمن، ڪڇ جي راءُ جي زمين کي برباد ڪرڻ، اُن ڪري ڪوري نار چڙي ڪاري وڃي رهي ۽ لکپت ڪڇ جي ڏورانهين ۾ ڏورانهين وسندي، پوءِ سن 1819ع واري هيبتناڪ زلزلي رهيل ڪُهيل ڪسر ٻه پوري ڪري ڇڏي. زمين جي اوچتي ويهڻ ڪري سمنڊ جو پاڻي اندر گهڙي آيو جنهن سنڌڙيءَ جي اوسي پاسي واري ملڪ کي في الحال لوٽيائي ڏنڊ ۾ مٽائي ڇڏيو ۽ ان هنڌ کي ناس ڪري ڇڏيو. سنڌڙيءَ جو هڪڙو خاڪو جيڪو سن 1808ع ۾ ڪئپٽن گرينڊلي (Capt. Grindly) ڪڍيو هو ۽ جنهن کي اليگزينڊر برنس (Alexander Burns) پنهنجي ڪتاب "بخارا ۾ مسافريون" (Travels into Bukhara) ۾ شايع ڪيو سو هڪڙو چورس ڪوٽ ڏيکاري ٿو جنهن جي هڪڙي ڪُنڊ ۾ وڏو اوچو منارو آهي. خاڪي موجب، ڪوٽ هڪ وڏي درياء جي ڪنڊيءَ تي اڏيل آهي. جنهن ۾ ٻيڙيون اچي وڃي رهيون آهن. زلزلي کان پوءِ ڪوري ڪاريءَ کان وٺي ننگرپارڪر تائين واري علاقي جي سرحد نسورو لوٽيائو بيابان آهي ۽ رائمڪي (راحمڪي) بازار جهڙا سرحد وارا شهر پوئتي پئجي ويا آهن.

رڻ جو چيڙو لاکي ڄاڃي، ڪونج، هنج ۽ گورخر جي جنت آهي. پيڙَ پکي پڙ گهٽو آهي. راقم الحروف اُتي سياري جي مُند ۾ اهي ساهوارا هزارن جي تعداد ۾ ڏٺا آهن. رڻ ۾ اهڙائي وڏا وڏا هنڌ آهن. جتي لاکي ڄاڃي آرو ڪندا آهن[1]. ڪيترن ئي ايراضين ۾ ڳهميل زمين ٽونگن سان ائين ڏسڻ ۾ پئي ايندي آهي. جڙ ته هر ڏنل ٻني. اهي ٽونگا ڪونجن جا هوندا آهن، جيڪي ڪاڏي جي ڳولا ۾ پنهنجين ڊگهين ڇُهنبن سان گاهه جي پاڻن کي ٽونگيندڙيون رهنديون آهن. رڻ جا 'گورخر' سهڻي ڪل سان ۽ ڳاڙهسري رنگ تي سگهارا ۽ سهڻا جانور آهن. اهي اهڙا ته تڪا پڄندا آهن جو تيز رفتار موٽر کي ٻه ميل پُنتي ڇڏي ويندا آهن. هنج سياري جي پچاڙيءَ ڌاري لڏڻ کان اڳ هزارن جي تعداد ۾ رڻ اندر پاڻيءَ جي ڪليل ڏُهن تي وڃي گڏ ٿيندا آهن. اهو نظارو ٻه ڏسڻ وٽان هوندو آهي. جڏهن پهريدار هنج مکيه وڳر جي چوڌاري ڇڪيرڙي پنڌ تي بيٺل هوندا آهن ته جيئن ڪنهن ٻه شڪي شيءِ کي ايندو

---

[1] سنڌ جي لوڪ ادب جي داستانن ۾ روايت آهي ته اهي پکي لاکي ڳوراهي جي جڳ مٽان چانو ڪري اُڏاڻان هئا. ان ڪري ڪين لاکي ڄاڃيءَ جو نالو ڏنو ويو آهي. (ايڊيٽر)

ڏسي چتاءِ ڏيئي سگهن. اهي پکي جڏهن وڏا وڏا وڳر کيو گڏ ٿيندا آهن، تڏهن هنن جي ويجهو وڃڻ ناممڪن آهي. اهڙي وقت کوبہ پکي کائڻ وڌيڪ ويڑهو نہ ٿيندو.

سنڈوءَ جي ليٽ:

اڄاتل ايامن کان سنڌ پنهنجي زرخيزيءَ لاءِ ٻوڏن تي پاڻيندي رهي آهي. اونهاري جي شروعات ڏاري سنڈوءَ ۾ چاڑهہ ايندو هو تہ اها پنهنجين ڪنڈين تان اُٿلي يا ڪچين ڪنڈين کي ڪنڌ هڻي ليٽ ڪندي هئي ۽ ليٽ جو اهو بي انداز پاڻي پنهنجي مُنهين وهندو واٽ تي ايندڙ هيٺانهين کي ٻوڙيندو وڃي سمنڊ کان نڪرندو هو. اهڙي طرح سنڈوءَ جي هڪڙي ليٽ بهاولپور جي علاقي مان نيم سان نڪرندي هئي ۽ هاڻ جنهن تر کي سکر ضلعو ڇڻجي ٿو تنهن جي اوپرندي اڌ کي ٻوڙي ڇڏيندي هئي، هڪ بي ليٽ سکر کان ويهہ ٽيهہ ميل مٿي ساڃي ڪنڈيءَ تان اُٿل کائي هلندي هئي ۽ شڪارپور تعلقي کي لتاڙي وڃي لاڙڪاڻي ضلعي جي ڏنڌن ۾ ڇوڙڪندي هئي يا وڃي منڇر کان مُنهن ڪيندي هئي ۽ وري پُنڌتي موٽ کائي اٿل وسيلي سنڈوءَ ۾ اچي پوندي هئي. اُتر ۾ اڳتي مٽئين سنڌ (هاڻوڪو جيڪب آباد ضلعو) ۾ سنڈوءَ جي اُٿل کي اڪثر اُتر وارن ٽڪرن تان وهي ايندڙ ڇرن جو پاڻي بہ ملندو هو جنهن جا تمام اگرا نتيجا نڪرندا هئا. ڏکڻ طرف خاص ڪري ڪينجيءَ ۾ اهي ڏار ڏار ٻوڏون وڏي ليٽ آڻيندیون هيون. درياء ۾ ان جي ڪنڈين کان وڏو چاڑهہ اچي ويندو هو جيڪو سڄي تر کي ٻوڙي ڇڏيندو هو. تمام اوائلي زماني کان مقامي حاڪم، سڃاڻ ڪُڙم ۽ ماڻهو بچاءِ بند ٻڌرائيندا ۽ واهہ کوٽائيندا رهيا آهن. پر سنڌ صدين جون صديون جهڙيءَ ريت بي بقا ۽ پاڻ ۾ وڙهندڙ حڪومتن هيٺ رهي آهي. تنهن جي ڪري بي لغام آبپاشيءَ جي بدران هٿ وسيلي آبپاشيءَ جي ڪابہ همہ گير رٽا اڻ ٽيٽي هئي.

زلزلا:

سڄي سنڌ، خاص ڪري حيدرآباد ۽ ٺٽي ضلعن جا ڏکڻ وارا تعلقا ۽ اوپرندو واريا سو ڏرتيءَ جي ڏوڏن وهيٽا آهن پر 1819ع واري زلزلي کان پوءِ، جنهن جي ڪري چيو وڃي ٿو تہ ڪينجيءَ ۾ چڱيون چوکيون تبديليون آيون هيون، کوبہ وڏو ڏرتيءَ ڏُڌڻ جو واقعو رکارڊ نہ ڪيو ويو آهي. البت هڪڙو زلزلو 15 آڪٽوبر 1898ع ۾ صبح جو 8۔ بجي آيو هو جيڪو شاهبندر کان خيرپور تائين ۽ سڄي ٽرپارڪر ۾ محسوس ڪيو ويو هو. پر اهو ڪٿي بہ سخت نہ هو. ٽوٽي جوان جي ڪري ڪي پراٽيون پتيون ۽ جايون ڪِري پيون هيون. ڪي مهينا ننڍا زلزلا ٽورو ٽورو مدو رکي ايندا رهيا. 14۔ جنوري 1903ع تي سڄي ٽرپارڪر اندر ۽ حيدرآباد ضلعي جي ڏکڻ ۾ ڪجهہ وڌيڪ سخت زلزلو محسوس ڪيو ويو هو. انهيءَ زلزلي سان گڏ وڏي گجگوڙ بہ ٿي هئي. حيدرآباد ضلعي ۾ ان زلزلي جا عجيب اثر ٿيا. بدين تعلقي اندر ڪيترين ئي جاين تي زمين ۾ ڊار پئجي ويا هئا، جن منجهان ڪوسو پاڻي ۽ گپ ڏوڪيندي ٻاهر نڪتي هئي، ايتري تہ گهٽي انداز ۾ جو هڪڙي هنڌ اوسي پاسي جي گهٽ ۾ گهٽ

هڪ چورس ميل ايراضي ٻڌي وئي هئي. اهو ڇلڪو 12 ڪلاڪ هليو هو ۽ جڏهن اهو پورو ٿيو هو تڏهن گرم چشمن جهڙا ڪاما رهجي ويا هئا. جيڪي ٿورڙن انچن کان وڌي پندرهن ويهه فوٽ قطر وارا ۽ گهٽ ۾ گهٽ اٺ ڏهه فٽ اونها هئا. ۽ ترا نرم گپ جا هئن. ساڳيءَ طرح جي صورتحال سن 1819ع واري وڏي زلزلي جي حوالي سان، "بمبئي جي جاگرافيءَ واري سوسائٽي جون ڪار گذاريون" جي جلد 10 ۾ صفحي 152 تي بيان ٿيل آهي: "سنڌڙي شهر، جيڪو اُتي واقع آهي جتي سنڌوءَ جي هڪ ڇاڙ رڻ سان ملي ٿي ۽ جيڪو انهيءَ موقعي تي دائمي طرح ٻڌي ويو هو تنهن شهر جي پرپاسي ۾ زمين منجهان ڪيترائي ننڍا ننڍا ڇهه يا اٺ فوٽ ڊگها، مخروط ٿلها نڪتا هئا ۽ انهن چوٽين منجهان ڪيترائي ڏينهن گپ ۽ هوا جا ٿوڪڙا نڪرندا رهيا هئا." ساڳي رسالي ۾ اهو پڻ ڄاڻايل آهي ته آڪٽوبر 1849ع ۾ ڪانياواڙ ۾ پوربندر کان پرتي جهڙوڪر وبائي گئس جو اوهيڙو نڪتو هو جيڪو شايد زمين اندر ڪنهن برندڙ جبل نيڪال نٿي ڪيو. اهو اوهيڙو ٽيهه چاليهه ميل ٻاهر سمنڊ مان نظر پئي آيو. ان جي ڪري سمنڊ جون مڇيون هزارن جي تعداد ۾ مري ويون هيون ۽ ڏينهن جا ڏينهن پاڻيءَ جي مٿاڇري تي لڙهندیون رهيون هيون. "مڇين جو ائين مرڻ، پوءِ ان جو سبب ڪٿي ڪهڙو به هجي، عام آهي. مئي 1905ع ۾ مئل مڇي ڪلفٽن واري ڪنڌي تي ايتري گهٽي انداز ۾ لڙهي آئي هئي جو هڪڙو اونهو ٽلهو ڍڳ ٺهي پيو هو جيڪو پنجن کان ڏهه پندرهن فٽ ويڪرو ۽ ڪيئي ميل ڊگهو هو. لسبيلي جا گپ اوڀاڇيندڙ برندڙ جبل ته مشهور آهن. راقم الحروف کي ياد آهي ته هڪ لڳ ڀڳ جڏهن هو سکر ضلعي جي انتهائي اُتر ۾ ريتيءَ وٽ ترسيل هو تڏهن هُن پنهنجن تنبُن وٽ ڏرتيءَ کي ڇِتا ۽ وڏا وڏا ساهه ڪٽندي ڏٺو هو. اهو 1932ع جي بهار واري وڏي زلزلي جو اثر هو.

واچوڙا:

واچوڙا ڪڏهن ڪڏهن هيٺينءَ سنڌ ۾ لڳندا آهن ۽ بعضي وڏا راڳا ڪندا آهن. هلندڙ صديءَ ۾ ڪئين واچوڙا لڳا آهن، جن جي ڪري ڪراچيءَ ۽ ان جي پرپاسي ۾ نه رڳو ٻوڏ اچيو وڃي، پر ريلوي يارڊن ۾ رکيل اناج به ناس ٿيو وڃي ۽ ڇڇ چوپايو مال ٻڌي مريو وڃي. هڪڙي واچوڙي مئي 1902ع ۾ ڪپر تي ڪڙڪو ڪيو هو ۽ اُتر اوپر وارو رخُ وٺندي ڇڪو جاني نقصان ڪيو هئائين. رڳو شاهبندر تعلقي ۾ ئي سوا ٻه سو ماڻهن جي ٻڌي وڃڻ جا اطلاع مليا هئا. ساڳي سال مهينو ڪن پوءِ هڪڙو ٻيو واچوڙو ڪراچيءَ ۾ لڳو هو. ان جي رفتار به 100 ميل ٿي وئي هئي ۽ بندر کي نقصان پهتو هو ۽ وير جو ڇاڙهه ان کان به 7 فوٽ 2 انچ مٿي ٿي ويو هو جن جي اڳ ڪٽي وير جي شايع ٿيل خاڪن ۾ ڪئي وئي هئي. بندر جا دڪا به لڙهي ويا هئا. پهڻ جي بندن ۾ گهارا پئجي ويا هئا ۽ اهي پڄي پيا هئا. ٻاهران ايندڙ مال واري پڌر جي گهٽن ڇاپرن جون ڇتيون ڏهي پيون هيون ۽ به به- ٿي ٿي ٽن ڪورا بادگير آڏامي ويا هئا.

تنهن هوندي به، سنڌ ۾ واچوڙا ورلي لڳندا آهن، ۽ سراسري طرح 15 ورهين ۾ هڪڙو واچوڙو مس لڳي ٿو. اهي گهٽي پاڳي ڏکڻ سنڌ جي سامونڊي ڪپر واري ڏيهه تائين محدود ڏسڻ ۾ اچن ٿا. جون 1883ع ۾ شاهبندر جي ڏاکڻي پاڳي تي سامونڊي ويرجي چڙهي اچڻ جو رڪارڊ موجود آهي. اها ويرپاڻ سان 92 ماڻهو گهٽو ڪري زالون ۽ ٻار لوڙهي وئي هُئي ۽ چوپائي مال ۽ اُٺن جو چگو چوکو تعداد ماري تباهه ڪري ڇڏيو هئائين. پر ٽلهي ليکي سنڌ جي آبهوا حيرتناڪ حد تائين جتادار آهي ۽ اتي مُندن جو قيرو هر سال ساڳيءَ طرح ٿيندو رهيو آهي.

مُندون:

آبهوا جي لحاظ کان سنڌ ۾ سال جون چار مُندون ٿين. هر هڪ جون عام خاصيتون هيٺ ڄاڻائجن ٿيون. پيچاڙيءَ ۾ مختلف استيشنن جي آبهوا جا رواجي انگ ڏنا ويا آهن.

(1) سيارو- ڊسمبر کان مارچ:

هن مُند ۾ اولهه کان ايندڙ گهٽ داب واريون لهرون اڪثر ڪري علائقي جي آبهوا تي اثر وجهنديون آهن. سراسري طرح هر مهيني ۾ ڇهه وڳوڙا اوپر طرف لنگهندا آهن. پر سڀ سرگرم نه هوندا آهن. اهي عام طرح ڊسمبر جي وچ ڌاري سرگرمي ڏيکارڻ شروع ڪندا آهن. اهي وڳوڙ ڪڏهن ڪڏهن ڇٽن سرد محاذن سان ڳنڍيل هوندا آهن، اُتر کان اُتر - اوپر مُنهين هوائن سان ٽڏ جون لهرون هڪ ٻه ڏينهن هلنديون آهن. انهن جي ڪري ڪڏهن ڪڏهن سنڌ جي وڏي حصي ۾ پارو پوندو آهي. فيبروريءَ ۽ مارچ ۾ گهٽ داب وارين لهرن جو رستو پري ڏکڻ ۾ هليو ويندو آهي. ڏينهن جو گهٽ ۾ گهٽ گرمي پد 50 ۽ 60 ڊگريون فارنهائيٽ جي وچ ۾ رهندو آهي. انهيءَ مُند دوران ميداني هنڌن جو گهٽ ۾ گهٽ گرمي پد 24 ڊگريون فارنهائيٽ رڪارڊ ڪيو ويو آهي. مڊيم روزاني نسبتي گهر 46 کان 54 سيڪڙو جي وچ ۾ رهي ٿي. انهيءَ مند ۾ ڪُل رواجي برسات 0.71 انچ پوي ٿي.

(2) اونهارو- اپريل کان جون:

هيءَ جيئن پوءِ وڌندڙ گرمي پد جي مُند آهي، جنهن ۾ منجهند جو آرهڙ جون ڇوهيون- هوائون جهڙوڪ: ڏُوڙيا، جهولا ۽ گجگوڙ سان طوفان لڳندا آهن. گهٽ داب واريون لهرون اوپر طرف هلنديون رهنديون آهن ۽ انهن وڳوڙن جا سرد محاذ عام طرح خشڪ ڏُوڙيا ۽ ڪڏهن ڪڏهن گجگوڙ سان طوفان آڻيندا آهن. وايو منڊل، ڏُوڙ جي ڪري لُڙاٽجي ويندو آهي. مڊيم روزانو وڌ ۾ وڌ گرمي پد 100 ۽ 105 ڊگريون فارنهائيٽ جي وچ ۾ رهندو آهي. وڌ ۾ وڌ رڪارڊ ٽيل گرمي پد 127 ڊگريون فارنهائيٽ جيڪب آباد جو آهي. مڊيم روزاني نسبتي گهر 45 کان 57 سيڪڙي تائين رهي ٿي. هن مُند ۾ ڪُل برسات 0.61 انچ پوي ٿي.

(3) چوماسو- جولاءِ کان سيپٽمبر:

چوماسو جولاءِ جي ٻئي يا ٽئين هفتي ۾ هيٺينءَ سنڌ اندر پهچي ٿو. گهميل هوائون سيپٽمبر جي مُنڊ ۾ انهيءَ تر مان نڪري ويندیون آهن. هن مُند ۾ ڪڪر چوماسي وارن وهڪرن جي هٿ وس هوندا آهن. سنڌ ۾ برسات عام طرح هن مُند ۾ گهٽو ڪري جولاءِ- آگسٽ ۾ پوندي آهي. برسات جڏهن بہ پوندي آهي. تڏهن گهٽو ڪري سخت هوندي آهي ۽ ڏوڙين سان گڏ پوندي آهي. انهيءَ سموريءَ مند دوران سنڌ اندر سراسري روزانو وڏ ۾ وڏ گرمي پد اٽڪل 97 ڊگريون فارنهائيٽ رهندو آهي. مڌيم روزاني نسبتي گهم 66 کان 68 سيڪڙي جي وچ ۾ رهندي آهي. انهيءَ مند دوران ڪُل برسات 4.63 انچ پوندي آهي. سال جي گهٽي ۾ گهٽيءَ برسات وارو مهينو جولاءِ آهي. جڏهن 2.42 انچ مِينهن پوندو آهي.

(4) سَرءُ- آڪٽوبر کان نومبر:

هن مند ۾ آسمان عام طرح صاف هوندو آهي ۽ ڏسڻ جوڳائي چٽي کان تمام چٽي هوندي آهي. مڌيم گرمي پد 70 کان 80 ڊگريون فارنهائيٽ جي وچ ۾ رهندو آهي. مڌيم روزاني نسبتي گهم 47 کان 50 سيڪڙي تائين هوندي آهي. هن مند ۾ ڪُل برسات 0.10 انچ پوي ٿي. سال جو خشڪ ۾ خشڪ مهينو نومبر آهي.

سڄي سال جو ٽلهو ليکو ڪبو تہ سالياني مڌيم گرمي پد 80 ڊگريون فارنهائيٽ نڪري ٿو. سالياني مڌيم روزاني نسبتي گهم 51 سيڪڙو ٿئي ٿي ۽ سالياني برسات جو انگ 6.05 انچ آهي.

پر برسات جي انهيءَ سراسري انگ مان ڪو خاص پتو ڪونہ ٿو پوي. ڇا لاءِ جو مينهن اڪثر ڪري پورالو ٿئي ٿو. هڪڙا سال، خاص ڪري بياباني علاقي ۾، سخت برساتن جا هوندا تہ ٻيا وري ڏري گهٽ نسوري سوکڙي وارا هوندا. ضلعي جي دفترن ۾ هر ضلعي جي مڪاني طرح برسات جو انگ درج ڪيو ويندو آهي. انهن انگن اکرن جي آڌار تي مٿين سراسري درست ڪري سگهجي ٿي.

ڪڏهن ڪڏهن رات جو ڏينهن بن لاءِ گهٽو ڪري جنوريءَ جي پڇاڙيءَ يا فيبروريءَ جي منڊ ڏاري پارو پوندو آهي. راقم الحروف کي ياد ٿو پئي تہ 1916ع ۾ جڏهن هو حيدرآباد ضلعي جي گشت تي هو تڏهن تنبوءَ اندر رکيل جگ جو پاڻي جمي برف ٿي ويو هو ۽ 1932ع ۾ هن سکر ضلعي جي گشت وقت ڏکڻ وٽ آبپاشيءَ جي ڪڙين کسين جو پاڻي برف جي سنهيءَ چادر سان ڍڪجي ويو هو جيڪا سج اُپرڙ سان رجي رهي هئي.

باب ٻيو

سنڌ جي ارضيات

منهاڳ:

1. لکي ڇپر جي اُترئين پاڳي ۾ جيڪي متين ڪرٽيشس سلسلي جا ٽڪر ملن ٿا ۽ رڻ ڪڇ جي اترئين ڇيڙي تي ننگر پارڪر واري تر ۾ جيڪي سماڻ پهڻ هيڪليون ٽڪريون (جيڪي آرڪائين دؤر جون سمجهيون وڃن ٿيون) آهن. تن کي چڏي سنڌ جا ٻيا سڀ ٽڪر ترشري جُڳ جا آهن. انهن جي بناوٽ اهڙي ته چٽي آهي. جو هندستان- پاڪستان ننڍي کنڊ جي باقي پاڳن لاءِ پڻ انهن کي نمونو ڪري ورتو وڃي ٿو. انهن جي پهرين پهرين چوڪ چڪاس جيالاجيڪل سروي آف انڊيا جي مسٽر ڊبليو ٽي. بلائفورڊ ۽ مسٽر ايف. فيڊن 1874ع-1877ع سالن ۾ ڪئي. انهيءَ چڪاس جا نتيجا مسٽر ڊبليو. ٽي. بلائفورڊ 1879ع ۾ شايع (هندستان جي ارضياتي جائزي جون يادگيريون نالي رسالي جو جلد سترهون 1) ڪيا. جنهن ۾ هن سنڌ جي ترشري ڇپرن کي پنجن سلسلن ۾ ورهايو. مسٽر ڊبليو. ٽي. بلانفورڊ جي اصلوڪي درجي بندي. ٿوري سڌاري سان. اڄا تائين لاڳو ڪئي پئي وڃي. 1900ع ۾ مسٽر ايف. نوٽنلنگ ۽ مسٽر اي. ورينڊنبرگ کي مسٽر بلائفورڊ جي اصلوڪي "ڪير تر سلسلي". هي هيٺئين ۽ متئين پاڳي جي پنڊپهڻ ٽي ويل مواد ۾ فرق نظر آيو ۽ پوئين صاحب وڌيڪ جهونن تهن (beds) کي ڌار ڪري انهن تي 'لکي سلسلو' نالو رکيو. 1906ع ۾ مسٽر اي. ورينڊنبرگ متنگ وارين گپ پهڻ جي ڇپن کي لکي سلسلي جو هيٺيون رکن ڪري شامل ڪيو. ڊاڪٽر ڊبليو. ايل. ايف. نٽال وري 1926ع ۾ متنگ جا ڇُڻ پهڻ وارا ٽَڳر ۽ لوهي پهڻ جو هڪڙو تهه پڻ انهيءَ سلسلي ۾ وڌايا. لوهي پهڻ وارو تهه لکي ۽ رني ڪوٽ سلسلي جي وچ ۾ ناموافقت جو مثال آهي.

2. سنڌ جي ٽڪرن مان تيل نڪرڻ جا وڏا امڪان آهن. جنهن ڪري تيل وارين ڪمپنين هن علائقي ۾ گهڻي دلچسپي ڏيکاري آهي. انهن ڪمپنين جي ڏرتي- جاڻ (Geology) رکندڙن سنڌ جي ارضيات بابت معلومات کي وڌائڻ ۾ وڏي هٿي ڏني آهي.

طبعي جاگرافي:

3. حيدرآباد جي ڀرپاسي ۽ ٽرپارڪر جي ڪن هيٺين ڇپرن کي ڇڏي باقي سڄي اوير ندي سنڌ هڪ وڏو وارياسو ميدان آهي. جيڪو سيوهڻ جي اُتر ۾ اولهه طرف کيرٿر جي پاڙ تائين هليو وڃي ٿو.

4. سنڌ جا مکيه ٽاکرو ڇپر سنڌونديءَ جي اولهه ۾ آهن. انهن ٽاکرو ڇپرن جو عام طرف اُتر- ڏکڻ يا اُتر. اُتر- اولهه. ڏکڻ. ڏکڻ- اوير آهي ۽ سنڌن وچ ۾ جهڪي لاهه چاڑهه واريون ويڪريون ماٽريون آهن. ٽاکرو ڇپر اوير ڏانهن ويندي اُتانهان ٽيندا وڃن ٿا. سنڌونديءَ جي پرسان لاکڙي وٽ هيٺانهين ٽڪرين جي سمنڊ جي مٽاڇري کان وڌ ۾ وڌ اوچائي 685 فوٽ آهي. اولهه ۾ پرتي لکي

چپر وارو ڏاکڻو پاڳو 2350 فوٽن کان وڌيڪ اُتانهون آهي ۽ اُتر ۾ اڳتي شايد ايڏا به وڌيڪ مٿانهون آهي. پٽ چپر سمنڊ جي مٿاڇري کان 2786 فوٽ مٿي ۽ کير ٿر چپر، ڪٽي ڪٽي، 6000 فوٽن کان وڌيڪ اوچو آهي.

5. عام طرح اهي ٽاڪرو چپر اُتر ۾ وڌيڪ اُتانهان آهن ۽ جيئن جيئن ڏکڻ ڏانهن وڃبو تيئن تيئن انهن جي اوچائي گهٽبي ويندي تان جو اهي سمنڊ تائين پهچڻ کان اڳ ۾ لٽاشي تر هيٺ گم ٿي وڃن ٿا.

جوڙجڪ:

6. ٽاڪرو چپرن جو چگو چوکو تعداد اُپيٽي لهرن جي بناوت وارا آهن، جن کي لاکن واريون ماٽريون ڏار ڪن ٿيون. لهرن جو عام طرف انهيءَ علائقي جي مکيه اُتر ۽ ڏکڻ واري طرف سان موافقت ۾ آهي. سواءِ ڏکڻ اولهه ۾ ڪراچيءَ وٽ جتي ڪِن لهرن جو طرف اتر اوير- ڏکڻ اولهه تي وڃي ٿو.

ارضياتي بناوتون:

سنڌ جي ٽڪرن بابت مکيه ڳالهين جو خاڪو هيٺ ڏجي ٿو.

سلسلو	استيج	پهڻ جو قسم	مکيه ٻيهڪ	ارضياتي زمانو
	مٽيون 500 فوٽ	ڪڪريءَ جو مرڪب	ناڑي نديءَ جي اُتر ۾ کير ٿر چپر جي اوپرندين لاهين سان لڳولڳ	
منچر سلسلو	وچون 500_4600 فوٽ هيليون 500_4000 فوٽ	نارنگي ۽ ڪڪڙو واري پهڻ ظاهري مرڪب اڇو خاڪي ۽ 0 ڪڪرو واري پهڻ ڳاڙهي ۽ نارنگي مٽي	کيرٿر چپر جي اوير ۽ ڏکڻ ۾ اولهندي سنڌ	مٺاهين حياتيءَ جو چوٿون دؤر امائيوسين کان پلايوسن تائين
گاج سلسلو 2400 فوٽ		چن پهڻ، واريا سو گپ پهڻ ۽ واري پهڻ	اولهندي سنڌ (لکي چپر جي اوير ۾ ناپيد يا 0 سنهو)	هيٺانهون حياتيءَ جو چوٿون دور امائيوسين چپر
	مٽيون 7000 فوٽن تائين	واري پهڻ واريا سو گپ پهڻ ۽ گپ پهڻ	اولهندي سنڌ، حب ماٽري (لکي چپر جي اوير ۾ غير موجود)	
ناڑي سلسلو 700 فوٽن تائين	هيليون 1800 فوٽن تائين	گپ پهڻ ڪٺلهر ڪاربونيٽ گاڏي واري پهڻ ۽ چن پهڻ پاڙو وٽ اڇي ۽ لکي ڪڪري رنگ جي ڳري چن پهڻ سان	اولهندي سنڌ (لکي چپر جي اوير ۽ ناپيد)	اوليگوسين

	مٽيون 1500 فوٽ تائين	اڇو خاڪي ڳرو چن پٿ	ڪيرٽر، پٽ ۽ ٻيڙو ڇپر ۽ ڪير ٽر جي ترت اولهه ۽ اُپٽي ڇپر
ڪيرٽر سلسلو 6000 کان 8000 تائين	وچون 2000 فوٽ	ساوا ۽ خاڪي گپ پٿ تمام گهٽي فاسيليفورس ڪکي ۽ خاڪي چن پٿ جي ڪيترن تهن سان	مٽانهون ۽ وچون ايوسين
	لڪي چن- پٿ 1000 فوٽ تائين	تمام سخت، ملائي، جهڙو اڇو چُن پٿ	لڪي ڇپر ۽ ان جي اوپر ۽ ڏکڻ اوپر وارا هيٺانهان لهرا
لڪي سلسلو	مٽنگ وارو گپ پٿ 100 فوٽ	ڪکي چُن پٿ جي تهن سان گپ- پٿ	نفٽ مٽنگ ۽ جهرڪن واري تر ۽ مڪامي طرح اُپريل	هيٺانهون حياتي، جو ٻيو دؤر/ ايوسين دؤر
	مينگ وارو چن پٿ 140 فوٽ	سخت ڳرو چن پٿ	مورگو مٽنگ جهرڪ واري تر ۽ مڪامي طرح اُپريل
رني ڪوٽ سلسلو 3000 فوٽ	مٽيون رني ڪوٽ 1150 فوٽن تائين	ڪڪو چن پٿ ۽ گپ پٿ	لاڪڙي ۽ جهرڪن وارا لهرا ۽ لڪي ڇپر جو اُتريون پاگو	پٽليوسين
رني ڪوٽ سلسلو 3000 فوٽ	هيليون رني ڪوٽ 2000 فوٽن تائين	مختلف شڪلين وارا لوهه گاڏڙ چن پٿ ۽ گپ پٿ	لڪي ڇپر جو اُتريون پاگو ۽ لاڪڙي وارو تر	پٽليوسين
	ڪاربيٽا بومانٽي تهه 230 فوٽ	زيتون جهڙي سائي رنگ جو گپ پٿ آلائشي چن پٿ جي سنهڙن تهن سان	لڪي ڇپر جو اُتريون پاگو	ڪريٽيشس
مٽيون ڪريٽيشس	پپ واري پٿ 2000 فوٽن تائين	ڪهرو ڪرسٽريو واري پٿ ڳوڙهي خاڪي گپ پٿ سان	لڪي ڇپر جو اُتريون پاگو	ڪريٽيشس
	هيمينوسٽيس جا تهه 315 فوٽ	واريا سو ڳرو چن پٿ	لڪي ڇپر جي اُترين پاگي جو ٻيڙو ٽڪر

جوراسڪ:

8. تيل جي ڳولا ڪندي جيڪي ڪيئي هزار فوٽ اونها کوهه کنيا ويا آهن. سي اهڙي ڳري چن پٿ منجهان ۽ لنگهيا آهن. جو شايد جوراسڪ زماني جو آهي. پر اهو چُن- پٿ سنڌ جي متاچري تي ظاهر نه آهي.

ڪريٽيشس:

9. جيڪي اونها کوهه جوراسڪ زماني جي چُن- پٿ منجهان پيهي ويا آهن. سي ڪريٽيشس زماني جي وڏي ٿولهه واري گپ- پٿ، چُن گاڏڙ گپ پٿ ۽ گپ گاڏڙ چن پٿ منجهان پڻ لنگهيا آهن.

لاکڙي ۾ جيڪو کوهه (25 ڊگريون 38 فوٽ ويڪرائي ڦاڪ، 68 ڊگريون 8 فوٽ ڊگهائي ڦاڪ) 1948ع ۾ کوٽيو ويو هو. سو اهڙن تهن جي 9000 کان به وڌيڪ فوٽن منجهان لنگهيو هو. اهي تهه سينونئين کان وٺي نيوڪاميئن زماني تائين جا آهن. سنڌ ۾ تريماري (تهه) مول منڊ جا پراٽي ۾ پراٽا ظاهر تهه مٽئين ڪريٽيشس سلسلي سان واسطو رکن ٿا. اهي لکي ڇپر جي اُترين پاڳي ۾ آهن، جتي انهن کان ڪي 1450 فوٽ زمين مٽان آهن.

10. هيئين ۾ هيئيان تهه، جن کي 'هيمپنيوسٽيس تهه' چئجي ٿو سي تمام سخت، ڳتيل، ڳري شفاف چُن پهڙ جا آهن. انهن جي مٽئين پاڳي ۾ هڪڙو تهه چن پهڙ جو ته ٻيو وري واري پهڙ جو آهي. اهي تهه پنڊ پهڙ ٽي ويل باقيات ۾ شاهوڪار آهن، جا ظاهر ڪري ٿي ته اهي ڪئمپانيئن کان مائسٽر ڪٽيئن زماني تائين جا آهن. هتان جي عام پنڊ پهڙ ٽي ويل باقيات هيئين آهي.

سيفالوپاڊس... ناٽيلس سبلووائگيش، پٽرا پاڪيڊسڪس ۾ ڊلمينسميس، باسٽريڪو سيراس پالييپلوڪم

ايڪينائڊس ... هيمپينوسٽيس پائيرينائڪسل، ايچڻ ليميراءِ، ايچ ڪامپريسس، ايڪيناڪونس گائگاس، اِي ميلياس، پائرينا ائٽازينسيسل، هيمياسٽر بلائفورڊي

لٽمليبرانڪس... آسٽريا (لوفا) پيڪٽيناٽا، او (پائڪنوڊونٽي) ويسيڪيو لارس، نائٽيا (نائٽياپس) اوئاڊريڪوسٽاٽا، ڪلاس ڊوجار ڊيني، ويريڪار بولا هارپا.

11. هيمپينوسٽيس تهن جي مٽان پب واري، واريءَ پهڙ جا تهه آيل آهن. لکي ڇپر جي ٽن ٽڪرن منجهان وچون ٽڪر انهيءَ واري پهڙ جو آهي. هيمپينوسٽيس تهن ۽ پب واري پهڙ جي وچ واري حد هڪڙيءَ حالت مان ٻيءَ ۾ ويندڙ آهي، يعني ڪٽي وارياسو چن- پهڙ آهي ته ڪٽي پب واري- پهڙ، جن جي تهن جي ٿولهه الڳ الڳ آهي. پب واري- پهڙ ڳري يا لهريدار تهن واري ڪرشريي واري- پهڙ جو ٿهيل آهي، جنهن ۾ ڪيتري قدر ڪڪريءَ وارو واري- پهڙ، مرڪب پهڙ ۽ ڪرشري ۽ تمام هينانهين تهن وارو گپائون واري پهڙ ۽ وارياسو گپ پهڙ به مليل آهي. سالٽ جا سنها تهه، جن کي حد دخلي ڪندڙ ڄاتو وڃي ٿو سي هن گروهه سان رليل مليل تهه بنديءَ ۾ موجود آهن. پب واري پهڙ گهٽي پاڳي فاسيليفرس نه آهي، پر گروهه جي مٽئين پاڳي ۾ ڪن ڪن هنڌن تي ..... گپائون واري- پهڙ ملي ٿو.

12. سنڌ ۾ شاهين ڪريٽيشس سلسلي جي ٽئين ورڇ، جا پب واري- پهڙ جي مٽان آيل آهي، سا "ڪاربيٽا بومونٽي تهه" جي نالي سان سڃاتي وڃي ٿي. اهو ان ڪري جو ان ۾ لٽمليبرانچ ڪاربيٽا بومونٽي جو وڏو تعداد موجود آهي. اهي تهه فاسيليفرس چن- پهڙ گپ- پهڙ ۽ گپ- پهڙ جا ٿهيل آهن. ڪاربيٽا بومونٽي تهن ۽ انهن جي هيٺان واري پب واري پهڙ جي وچواري حد پڻ هڪڙيءَ حالت مان ٻيءَ ۾ ويندڙ آهي. ڪاربيٽا بومونٽي تهن جو

زمانو(مسيوزڪ دؤر (Mesozoic Era) جو آخري دؤر آهي انهيءَ دؤر ۾ جبل ٺيا) چن وارو دؤر ۽ اوائلي ارضياتي پيليويسين دؤر جي وچ ۾ چيو وڃي ٿو.

رني ڪوٽ سلسلو:

13. سنڌ ۾ ترشري سرشتي جا جيڪي ٽڪر آهن، تن جي هيٺين ۾ هيٺين ورڇ کي "رني ڪوٽ سلسلو" سڏيو وڃي ٿو. اهو نالو هڪ ڪوٽ تان پيو اٿس. جيڪو ڪوٽڙي جي اُتر ـ اولهه (25 ڊگريون 54 منٽ 67 ڊگريون، 56 منٽ) ۾ لڪي ڇپر ۾ ٽهيل آهي. هيٺانهين رني ڪوٽ استيج جو سڀني ۾ سڀ اوپر لڪي ڇپر ۾ ۽ داڦڙي واري لهري جي پرپاسي ۾ آهي، جتي اهو اٽڪل 1430 فوٽ ٽلهو آهي.

14. هيٺانهين رني ڪوٽ اندر ٽي چوٽيون ورڇون آهن. هيٺين ۾ هيٺين چوٽي ورڇ "داڦڙو تهه" سڏي وڃي ٿي. اهي تهه ٽلهن تهن واري ڳري زيتوني رنگ جي چن پٿڙ ۽ رليل مليل گپ پٿڙ جا ٽهيل آهن، جن جي مٿان "ترئپ" نالي واري چوٽي ورڇ وارا آتشي ٽڪر آيل آهن. اهي مٿان وريل آتشي ٽڪر آبهوا جي عنصرن سبب بيحد ڪاڦل آهن. لڪي ڇپر ۾ "ترئپ" جي ٿولهه 50 کان 100 فوٽن تائين آهي. هيٺئين رني ڪوٽ جي ٽين ۽ اُتانهين ۾ اُتانهين چوٽي ورڇ "ڪڏڙو تهه" جي نالي سان سڏجي ٿي. ۽ واري- پٿڙ چيڪي مٽي گاڏڙ واري پٿڙ، واريا‌سي گپ پٿڙ ۽ واريا‌سي مٽيءَ جي جڙيل آهي، جي رليل مليل رنگن جا آهن. لڪي ڇپر جي اولهندي ڇيڙي تي انهيءَ چوٽيءَ ورڇ وارن ٽڪرن جي ڪري لڪيءَ واري چن- پٿڙ جي جوڙيل اُتانهين لاهيءَ جي پاڙ وٽ هيٺاهيون ٽڪريون اُپريل آهن.

15. هيٺانهين رني ڪوٽ بابت سمجهيو وڃي ٿو ته اهو دريائي حالتن هيٺ سٽيو ويو هو. جڏهن ته مٿانهون رني ڪوٽ تانگهي پاٽيءَ ۾ جڙيل سامونڊي سٽ آهي. رني ڪوٽ سلسلي جي ٻن مکيه ورڇن جي وچ ۾ پوري پوري موافقت آهي. هيٺانهين رني ڪوٽ واري پٿڙ جا تهه مٿانهين رني ڪوٽ جي تانگهي پاٽيءَ واري سامونڊي ٽڪر سان پوريءَ طرح ٽهڪيل آهن.

16. مٿانهين رني ڪوٽ جا سڀني ۾ سڀني اوپڙ لاکڙي واري تر ۾ آهن. پر لڪيءَ واري چن- پٿڙ جي مٿان اچي وڃڻ ڪري انهن جي سموري ٿولهه ظاهر نه آهي. لاکڙي واري تر ۾ مٿانهون رني ڪوٽ لوهه ۽ ڪوئلي گاڏڙ گپ پٿڙ ۽ ڪئلشم گاڏڙ ۽ رليل مليل واري پٿڙ جو جڙيل آهي ۽ منجهس ڦڳي ڪڳي چن- پٿڙ جون گندرفي (فاسليفيرس) پٽيون آهن.

17. مٿانهين رني ڪوٽ وارن تهن جا ٻيا اوپڙ لڪي ڇپر جي اُترئين پاڳي ۾ ۽ ڪوٽڙيءَ (25 ڊگريون 22 منٽ، 68 ڊگريون 19 منٽ) ۽ هيلايا ٽڪرين (24 ڊگريون 52 منٽ، 68 ڊگريون 3 منٽ) جي وچ ۾ ملن ٿا. پوئين تر ۾ انهيءَ سلسلي جا ٽڪر سنهي ڪڙ واري بيحد گهٽي فاسليفيرس چن پٿڙ جا جڙيل آهن، جيڪو رنگ ۾ نارنگيءَ کان وٽي پيلي ڪڪي تائين آهي. منجهن گپ- پٿڙ، واريا‌سو گپ- پٿڙ ۽ واري- پٿڙ به ملي ٿو.

18. دريائي مول منڊ وارو هيٺانهون رني ڪوٽ ڏري گهٽ غير فاسليفيرس آهي. پر بنياد وٽ ۽ پنٽريئي پن جا نشان ۽ ڪڏو ملن ٿا. ٻئي طرف، مٿانهين رني ڪوٽ مان جانورن جي پنڊ پهڻ ٿي ويل باقيات جهجهي انداز ۾ ملي آهي. اها باقيات هيءَ آهي: نورامنيفيرا، ڪورل، ايڪينائڊ ۽ مولسڪ، رني ڪوٽ جي مکيہ پنڊ پهڻ ٿي.

ويل باقيات هيٺ ڏجي ٿي.

فورامنيفيرا: نمولائيٽس نٽالي، اين ٽئليڪس، اين گلوبولس، اين وادياءِ، اين لاهيراءِ، آپر ڪيولينائيڊيس، سنڊينيسيس اسيلينا رنيڪوٽينيسيس، اي ڊنڊوٽيڪا، اي اسپائنوسا، آپر ڪيولينا ڪئناليفيرا، او سبسالسا، او جيوٽي، او پتالينسيس، سيلئنيا مسيرا، ايم استيمپي، لاڪڙا شيا ڪانڊتي، ايل هئماءِ، ايل ٽپيري، روٽاليا ٽروچيڊيفارمس، ڊاءِ ڪوٽيڪانئڊرس، فليمنگي، ڊسڪو سائيڪلينا رنيڪوٽينيسيس، الويولينا ورينڊينبرگي، اي، اوويا.

ڪورلس:سائيڪلو لائيٽيس، ٽروڪو سمائيليا.

ايڪينائڊس: فائيلاڪانٿس سنڊينسيس، فائيمو سوما ابنارملي، سائليفيا بلا نفوردي، ڊڪٽائپلورس هائماءِ، ڪانوڪلائپيوس سنڊينيسيس، پليسيولامپس پلاسينٽا، پي او ايس، يورهوڊيا ماربسي، هيمياسٽر ايلانگاٽس، شيزاسٽر الويولاٽس.

لئميلبرانچس: آسٽريڪف ملٽيڪوسستانا، او بيلو وسينا، او ٽالپر، او (لايوسٽريا) هيڊيني، اسپانڊائلس روئالتي، ونيريڪارڊيا هالنڊي، ٽرپچيڪارڊئيم شمارپيئي، پائٽار مارگني، ڪاربولا ورينڊينبرگي.

گئسٽروپاڊس: ٽريڪيولا (پلورو فيوزيا) پاليسيسٽا، پي (ائپيوٽوما) ورينڊينبرگي، ٽرس (ابوپلوروٽرما) جهڪينسيس، ڪئلپٽو فورس انڊيڪس، ڪونس (لٽوڪونسي) بلاگراويئي، نيو ائٽليٽا نيوٽليجي، والو ٽوڪاريس يوجينيئن، لائريا فيڊيني، ڪلاويليٽيس لائنينسيس، استريپسيڊيورا ڪاسماني، پٽيرينوٽس (پرپريلس) سنڊيئنسيس، ٽرانسووبولا (آگزيسپوريئيا) جهرڪينسيس، ٽيبيا مارگني، ڪلاوا سبنيوڊم، ٽريٽيلا (هاسٽيٽر) جهرڪينسيس، ڪروميئم روئالتي، سي. ڊوليئم، ولاٽيس نورپورينسيس.

سفيالوپاڊس: يوٽريفوسيرس سبفلوريوسيانس، ڊيلٽائلوناٽيلس ڊليوسي، سائموميا ڪاسماني، ناٽيلس سنڊئينسيس.

19. رني ڪوٽ سلسلو پئليوسين جُڳ جو آهي.

لڪي سلسلو:

20. مٿانهين رني ڪوٽ مٿان غير موافق طرح هيٺانهين گلن ۽ ڦر وارن ٻوٽن جي حياتيات جو ٻيو دؤر ايوسين جُڳ (Eocene Era) جو "لڪي سلسلو" سٽيل آهي. اهو سلسلو اڳي مٿان آيل "ڪيرٿر سلسلي" سان گڏ رکيو ويندو هو. پر پوءِ ان جي نرالي حيواني باقيات جي ڪري ان کي

الڳ ڪيو ويو. رني ڪوٽ ۾ لڪي سلسلن جي وچ ۾ جا غير موافقت آهي، سا (لئترائيٽ) جي تهه جي ڪري آهي، جيڪو ڪن ڪن جاين تي 25 فٽ ٿلهو آهي.

21. سنڌ ۾ لڪي سلسلي جون تي ورڇون آهن: لڪي چن- پهڙ، مٽنگ گپ- پهڙ ۾ ميٽنگ چن- پهڙ. لڪي چن پهڙ ڇپر ۾ ۽ لڪي ڇپر جي ترت اولهه وارين ٽڪرين ۾ توڙي اوپر ۽ ڏکڻ وارن هيناهن لهرن ۾ پورو اُسريل آهي. اهو پهڙ سخت ڇپن ناهيندڙ تهن جي چن پهڙ جو آهي ۽ مٽي هاٽي گول چن پهڙ جو جڙيل آهي. سنڌ اندر ان جو وڏ ۾ وڏ اوپڙ لڪي ڇپر جي اُترين ۽ ڏاکڻي ڇيهه وٽ آهي، جتي ان جي ٿولهه 1000 فوٽ ڪن ٿي وڃي ٿي.

22. مٽنگ گپ- پهڙ ۽ مٽنگ چن- پهڙ پوريءَ طرح مڪاني اوسر آهن ۽ انهن جا سڀ ۾ سنا اوپڙ مٽنگ وٽ آهن. مٽنگ چن- پهڙ اڇي ۽ هلڪي ملائيءَ واري رنگ جي چاڪائين چن پهڙ جو جڙيل آهي، جنهن ۾ ڪٽي ڪٽي گپ- پهڙ ۽ گپ ۽ چن گاڏڙ پهڙ به آهي. ان جو پورو سلسلو رڳو مٽنگ ۽ لطيف چانگ ريلوي اسٽيشن جي وچ ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. مٽنگ گپ- پهڙ گهٽي ياڳي پهڙ جو جڙيل آهي، جنهن ۾ چن پهڙ ۽ واري پهڙ ۽ ڪٽي ڪٽي مرڪب پهڙ به ملي ٿو.

23. لڪي سلسلي جي پنڌ پهڙ ٽي ويل حيواني باقيات هيٺينءَ ريت آهي.

فورامنيفيرا: نمولائيٽس آبٽيوسس، ان. پرفوريٽس، اين. اڪيوٽس، اين. جوگجڪار تاءِ، اين. بيومانٽي، اين. لئوگيٽس، اين. استئمينيوس، اين. آبٽيوسس واريورانينسس، اين. ماميلاٽا، اي. اريگولارس، اي. سب پاپيلاٽا، ڊڪٽايو ڪانوبيس ڪوڪي، ائڪٽينو سائيڪينا ائڪٽيڪو سٽاٽا، ڊسڪو سائيڪينا ڊسپانا، ڊي. سوئربائيي، الويولينا الپٽيڪا.

ايڪينائيڊس: فائيموسوما انڊائم، ڪانوڪلائپيوس راسٽرٽس، سسمونڊيا پاليمارفا، ائمبيپائگس ٽيرميڊس، اي. لاٽس، ايڪينولئمپاس سنڊينسس، ايڪينانٽوئن ٽرميبڊيئس، مائڪراسٽرٽيو ميڊس، شيزاستي سمولنس.

ناڙي سلسلو:

24. ناڙي سلسلو هيٺين چوٽي ورڇ ۾ ورهيل آهي. هيٺين چوٽي ورڇ عام ڪري بنا موافقت جي وچين ڪير ٿر واري چن پهڙ تي بيٺل آهي ۽ پاڙ وٽ جڙت سخت ڪڪي ۽ اڇيرڙي چن پهڙ جي ۽ مٽي گپ پهڙ، واري- پهڙ ۽ واريا سي چن پهڙ جي اٽس. سنڌ جي گهٽي ياڳي تي انهيءَ سلسلي جي هن ورڇ وارا ٽڪر اولهندي طرف ٿولهه ڏانهن لاڙو رکندي ڏسڻ ۾ اچن ٿا. انهن جي وڏ ۾ وڏ اوسر گاج ندي‌ءَ واري تر ۾ آهي، جتي انهن جي ٿولهه 1800 فوٽ ٿي وڃي ٿي.

25. ناڙي سلسلي جي مٿين چوٽي ورڇ گهٽي ياڳي کهري- ڀُري واري- پهڙ ۽ لوهه گاڏڙ مرڪب پهڙ جي جڙيل آهي، جنهن ۾ گپ پهڙ، مٽيءَ ۽ لوهه پهڙ گپ- پهڙ جون ماتحت پٽيون آهن. واري- پهڙ گهٽو ڪري خاڪيءَ ڪان وڌي ڳاڙهسري تائين رنگ جا آهن، پر ڪڏهن ڪڏهن هن سطح تي

گهٽو واري- پهڻ ڳرو ۽ قسماقسمي آهي. ٽاٽي بولا خان ۽ ٽاٽي شاهه بيگ جي پرپاسي ۾ هيءَ چوٽي ورچ سخت ڳاڙهسري چن- پهڻ جي جڙيل آهي.

26. واري- پهڻ جي نرميءَ جي ڪري، مٽين ناڙيءَ جا ٿهه تمام اٽپوري نموني ۾ پڌرا ٽيل آهن. سواءِ وڌيڪ ڏاکڻين ايراضين جي، جتي سخت چن- پهڻ جي پٽين جي ڪري اڇي لاهيءَ واريون ڇپون ٿهي پيون آهن.

27. مٽين ناڙي جا ٽڪر اولهه طرف ويندي تيزيءَ سان ٽلها ٿي وڃن ٿا، ۽ حب ماٽريءَ ۾ ته انهن جي ٽولهه 7000 فوٽ به ٿي وڃي ٿي.

28. مٽين ناڙي هيٺين ناڙيءَ جي اٽمواقفت ۾ بيٺل آهي. پڳي ٽوڙهي وٺ، لڪي ٽڪر جي اولهندي پاسي، هيٺين ناڙيءَ جو رڳو هيٺيون پاڳو ئي ظاهر آهي، ۽ مٽين ناڙيءَ جا ٿهه سخت چن- پهڻ جي ڪاڌل ڇپڙن ٿي بيٺل آهن، جي هيٺين ناڙيءَ جي مڪاني مٽاڙ جوڙين ٿا. سنڌ جي ڪيترن ئي خاص ڪري وڌيڪ اوپر وارن علائقن ۾ اٽموافقت مٽين ناڙيءَ جي پاڙ وٺ مرڪب- پهڻ جي ٿهه جي ڪري آهي.

29. ناڙي سلسلو(حياتيات جي ٽئين دؤر جنهن ۾ وٽن ۽ٽارين تي گذران ڪندڙ جانور آٽ ۽ گهوڙا پيدا ٿيا) اوليگوسين زماني جو آهي. پر مٽيون ناڙي، گهٽ ۾ گهٽ ان جو ڪجهه پاڳو ٽي سگهي ٿو هيٺين مايوسن زماني جو هجي ان سلسلي جي پنڌ پهڻ ٽي ويل حيواني باقيات هيءَ آهي.

فورا منيفيرا: نمولائيٽس انٽر ميڊيئس، اين. نچيلي، ليپ ڊوسائيڪلينا (يوليپيڊينا) ڊائليٽاٽا.

لئيملبرانچس: ائسٽريا ائف فراسي، او. سب ائنگولاٽا، پيڪٽن (امسيوپيڪٽين) لبادئي، شاملس سينا ٽوريا، ٽرائسيڊاس سيمينار ٽم، لوسينا ڪولمبيلا، "ڪراسينيلا" سلڪاٽا، چيونيلا اسپلينڊيڊا، مئڪرو ڪئلسٽا (ڪوسٽا ڪئلسٽا) ائگزنٽر ميڊيا، پيري گئلپٽا ائگلاريٽي، وينٽريڪولائيڊيا ملٽيلا ميلا، پائٽر پوريڪٽس.

گئسٽروپاڊس: ٽريبراناڙيڪا، اينسيلا (اسپاريلا) انڊيڪا، والپٽواسپائنا سنڊيئسس، ويئريا ائنسيپس، پروائڊوسٽا پرونيفارمس، پٽائيڪوسيريٽيئم سنڊائنس، پي پڳو ٽوڙويئنس.

گاج سلسلو:

30. سنڌ جي گاج سلسلو چڱو اُسريل آهي ۽ پهڻ جي وڏي گوناگوني اٽس. گاج ۽ ناڙي ندين جي سنوٽ ۾ اهو گهٽي پاڳي گپ- پهڻ جو جڙيل آهي، جنهن ۾ ڪجهه ٽلهو واري- پهڻ ۽ پڻ چن- پهڻ جون سنهيون پٽيون آهن. پر اڀتي ڏکڻ ۾ چن جُون پٽيون گهٽيون ۽ نمايان ٿي وڃن ٽيون.

ڏکڻ اولهندي طرف وري گپ- پهڻ آهي، ۽ منگهي پير وٺ چن- پهڻ واريون پٽيون ماتحت ٿي وڃن ٽيون. وڌيڪ اوپرندين ايراضين ۾، مهر پوئي ۽ لڪي ڇپر جي وچ ۾ گاج سلسلي جو هيٺيون پاڳو گهٽو ٽٽو چن پهڻ جو آهي ۽ نمايان اڇي لاهيءَ واريون ڇپون ٺاهي ٿو.

31. گاج سلسلي جي ٿولهه ڪٿي گهٽ ڪٿي وڌ آهي. راس مانزي وٽ ٿولهه اٽڪل 2500 فوٽ ۽ گاج نديءَ وٽ اٽڪل 1600_1800 فوٽ اٿس. لڪي ڇپر جي اوپر ۾ گاج سلسلو ناڙي ۽ ڪيرٿر سلسلن کي اوڙانگهي سڌيءَ طرح لڪيءَ واري ڇُن- پهڻ تي بيٺل آهي. ايڏا اوپر ۾ اهو بنهه ناپيد آهي.

32. گاج سلسلو هيٺين (وهيل مڇين ۽ باندرن جي پيدا ٿيڻ وارو حياتيات جو چوٿون دؤر) ميئوسين دؤر (Miocene Period) جو آهي ۽ پنڌ پهڻ تي ويل باقيات ۾ شاهوڪار آهي. فورامنيفيرا ۾ هايوجپسينا، مايوجپسينائڊس، ليپيڊوسائيڪلينا (نيفرليپيڊينا)، اپرڪيولينا ۽ آسٽروٽلينا جون جنسون عام ملن ٿيون. آرڪائياس سائيڪلوڪلاٽيپيوس ۽ جپسينا نالي جنسون پڻ ملنڌڙ آهن. اسپائروڪلاٽيپيوس جي نالي باقيات انهيءَ سٽ جي پاڙ وٽ ملي ٿي، جيڪا ٻي پنڌ پهڻ ٿي ويل باقيات انهيءَ سلسلي ۾ منجهه ملي ٿي، سا هيءَ آهي:

ايڪينائڊس: برينيا ڪاريناٽا، پوپاٽاگس پٽيلارس، ايڪينولئمپاس جاڪومانٽي، ڪلائيپاسٽر ائفپر وفنڊس، ايڪينوڊسڪس (ٽريٽو ڊسڪس) پلاسينٽا.

گئسٽروپاڊس: وائڪاريا ورنئي لي، ٽريٽيلا (زاريا) ائنگولاٽا، ٽيلي اسڪوپيئم پاڪستانيڪم، اولي وئنسيلاريا (ائنازولا) نبيولوسا وارپوپا.

لئميليبرانڪس: شلامس (ائڪٽيپيڪٽن) اسڪئبريلا، سي. سينا ٽوريا، ڊوسينا سوڊو ارگس، پيريگلپٽا گرانوسا، ڪليمينشا پئپيراسيا، ڊسڪار سٽرائفارمي، ليوسينا ڪولمبيلا.

33. آسٽريا لٽيمارجيناٽا نئين گاج سلسلي ۾ عام ملي ٿي. آسٽريا جي ٻين جنسن ۾ او. (ڪراسا سٽريا) گاجينسس، او. (لوفا) هايوٽس، او. (ڪراساسٽريا) گريفائيڊس ۽ او. ويسٽيٽا اچي وڃن ٿيون. پيڪٽن (ايموِيوپيڪٽن) پلاسينٽا، ايموشيئم سب ڪارنيئم، ائنادرا پيٽينسس، اي. ڪرٽيڪيولاٽا وار. برنيسي، ٽرائسيڊاس سيميٽارٽم نالي باقيات بہ آهي، ۽ گينڊي جي ڪجهه پنڌ پهڻ تي ويل باقيات پڻ.

منچر سلسلو:

34. منچر سلسلو سنڌ اندر ٽرشري سرشتي جي اتاهين ۾ ورڇ آهي ان تي اهو نالو منچر ڏنو (26 ڊگريون 25 منٽ: 67 ڊگريون 42 منٽ) تان رکيو ويو آهي، جا سيوهڻ کان ڪجهه ميل اولهه ۾ آهي اهو سلسلو گاج نديءَ جي سنوت ۾ چڱو اُسريل آهي، جتي انهيءَ سلسلي جا ٽڪر 9000 فوٽن کان وڌيڪ ٽلها آهن. ان سلسلي جون ٽئي چوٽيون ورڇون مڇيون وڃن ٿيون.

35. هيٺيون منچر ڪٽي ڳاڙهي ۽ نارنگي مٽي پهڻ جو تہ ڪٽي سائيرٽي ڳري واري- پهڻ جو جڙيل آهي ۽ ناڙي ۽ گاج ندي جي ٻرپاسي ۾ چڱو اُسريل آهي. ڳري ڪڪي سائي ۽ خاڪي واري- پهڻ منجهان ڪرنگهي وارن جانورن جي پنڌ پهڻ تي ويل باقيات ملي آهي. گاج ندي جي ڏڪڻ ۽ اوپر

ڀرڀان سلسلي جا ٽڪر سنها ٿي وڃن ٿا. ناڑي نديءَ پير غازيءَ جي وچ ۾ گاج ۽ منچر سلسلن جي وچ ۾ اٽموافقت ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

36. وڇين چوٽي ورچ ڪٽي نارنگي رنگ جي مٽي پٿر جي ۽ ڪٽي ڪکي کهري واري- پٿر جو ۽ ڪٽي وري ڪسي مرڪب- پٿر جو جڙيل آهي.

37. مٽيون منچر. جيڪو ڪير ٽر چپر جي اوپرندي ڇيڀ وٽ ٻاهرين ڀر ٻاهرين چپ ٽاهي ٿو سو ڪڪريءَ جي مرڪب پٿر جو جڙيل آهي. جنهن ۾ ايوسين زماني جي چن- پٿر جون ڪريون مليل آهن. مرڪب پٿر سان گڏوگڏ کهري ڪرسڙي واري- پٿر جون پٽيون پٽ ملن ٿيون.

38. منچر سلسلي جا ٽڪر مايوسين کان وٺي (گوشت خور جانورن جي) چوٽين پليٽوسين دؤر (Plerstonce Period) تائين جا آهن ۽ اڪثر ڪري پرتي اتر وارين ايراضين جي سيوالڪ سلسلن سان لاڳاپيا وڃن ٿا. اهي گهٽو ڪري درياهي مول منڊ وارا آهن. پر ڏکڻ طرف ويندي جيئن پوءِ منهن ٻاري جي ۽ ساموندي مول منڊ وارا ٿي وڃن ٿا.

ڏرتيءَ جو ٽيئن زماني کان پوءِ جا ست:

سنڌ ۾ ٽڪرن جا ڏرتيءَ جي ٽئين زماني کان پوءِ وارا ست تازي مرڪب- پٿر، رائي، اڏامي آيل واريءَ ۽ لٽ جا جڙيل آهن. مرڪب- پٿر وارن ٽڪرن ۾ رائي ۽ واريءَ اندر وڏيون وڏيون چپون آهن ۽ ايوسين يا گاج چن پٿر جو چونائي مادو جيڪو ڪڏهن ڪڏهن ڳنڍيڻ جو ڪم ڪري ٿو. اهي مرڪب- پٿر هيٺاهيون چپون ٽاهين ٿا. رائو ۽ اڏامي آيل واري مکيه چپرن جي وچ ۾ ماٽرين جا وڏا وڏا علائقا والاري ٿي. پر لٽاشي ايراضي گهٽو ڪري لکي چپر جي اوپر تائين محدود آهي.

آتشي ٽڪر:

39. ننگر پارڪر واري تر ۾ ڪڇ جي رڻ جي اُترئين چيڑي وٽ گهٽي پاڳي سماڻ پٿر جون هيڪليون ٽڪريون آهن. انهن ٽڪرين کي عام طرح اُپ ٻيٽي ننڊي ڪنڊ جي اراولي سرشتي سان واسطو رکندڙ سمجهيون وڃن ٿيون پر پڪ ناهي ته اهي ڪهڙي زماني جون آهن.

اقتصادي ارضيات:

40. اڳوٽو سنڌ صوبو گهٽو ٿئو تهي ٽڪرن جي لٽ ۽ بياباني واريءَ جو جڙيل آهي. انهي سان گڏ ملندڙ معدنيات مان کي ٽوريون شيون ئي اقتصادي اهميت واريون هونديون آهن.

41. سنڌ ۾ برسات تمام ٿوري پوي ٿي. ۽ جيڪا پوي ٿي. سا اوچتن ڳرن وسکارن جي صورت ۾ پوي ٿي. ان جو نتيجو اهو ٿو ٿئي ته پاڻي واهڙن منجهان وهيو وڃي ۽ ان کي ايتري مُهلت ئي نٿي ملي. جو زمين ۾ جذب ٿي زير زمين پاڻي جي ناڪافي ذخيرن کي پري سگهي. جيڪڏهن اهو پاڻي بچايو وڃي ته اهو ملڪ جي ضرورتن کي پوري ڪرڻ ۾ وڏي مدد ڏيندو.

42. ايتري وڏي تهي ترائيءَ ۾ ٿوري گهٽي هائيڊرو ڪاربان معدنيات جي ليڀ جو آسرو هوندو آهي. پر سنڌ جي ظاهر ٽڪرن ۾ اهڙي ڪابه شيءِ ڏسڻ ۾ نه آئي آهي. ماضيءَ ۾ تيل وارين ڪمپنين

ڪيترائي ڪوهه ڪنيا آهن ۽ اڃا تائين ڳولا ڪئي پئي وڃي، پر اڃا تائين علائقي ۾ تيل يا گيس جي تجارتي تعداد هجڻ جا آثار ڪونہ ڏنا ويا آهن.

43. جيڪا بي اقتصادي اهميت واري معدنيات ملي آهي. سا آهي اڏاوتي پٿر، چن- پهڙ، سليستائيٽ، ميٽ، ڪچو ڪوئلو ڪڇ جي واري، چيرولي، چقمق ۽ ڦٽڪي.

44. گاج ۽ ناڙي سلسلن جو ڪجهه نرم چن- پهڙ اڏاوتي پٿر ڪري ڪم آندو ويو آهي. هيءَ چن- پهڙ ٽوٽي جو ڪم آٽي ۾ سولو آهي، پر جاتو(پائيدار) نہ آهي. هوريان هوريان اڏاوتي ڪم لاءِ واهپو بند ڪيو پيو وڃي.

45. سنڌ جي ٺاڪرو پاڳي ۾ چن پهڙ گهٽو آهي ۽ ان کي سيمينٽ ٺاهڻ جي ڪم آندو پيو وڃي. ڪراچي، حيدرآباد ۽ روهڙيءَ ۾ ٽي سيمينٽ جا چڱا وڏا ڪارخانا ڪم ڪري رهيا آهن.

46. سيلستائيٽ ٺاٽي بولا خان جي ويجهو فورامينفيرا اندر رڳن جي شڪل ۾ ملي ٿو.

47. ميٽ جا تهه چن پهڙ جي گاج کان رني ڪوٽ تائين زماني جي تهن سان گڏ ملن ٿا. سڀ ۾ سڀ ميٽ خيرپور ڪمشنريءَ ۾ خيرپور شهر کان اوپر طرف وارين ٽڪرين اندر فورامينفيرائي چن- پهڙ جي سَنوت ۾ ملي ٿو.

48. ميٽ ٺاٽي بولا خان ۽ حيدرآباد وٽ ۽ جهمپير ۽ جهرڪ ريلوي اسٽيشنن جي ويجهو پڻ ملي ٿو. ٿورو ڪسي قسم جي ميٽ ڊرگ روڊ واري اپيٽ اندر گاج چن- پهڙ واري اوڙ ۾ پڻ ملي ٿو.

49. ڪچو ڪوئلو جهمپير ۽ مٽنگ لڳ مٽئين رني ڪوٽ سلسلي جي سونهري وارن تهن اندر سنهي تهه جي شڪل ۾ ملي ٿو. هيءُ ڪوئلو 1941ع کان تجارتي طرح ڪڍيو پيو وڃي ۽ ڪاٿو آهي تہ ان جو ذخيرو اٽڪل هڪ ڪروڙ ٽن ٿيندو.

50. ڪڇ جي واري نٽي ضلعي ۾ جنگشاهيءَ لڳ وڏي انداز ۾ ملي ٿي، پر گهٽي سڀ نہ آهي. انبس گلاس ورڪس وارا ڪڇ ٺاهڻ لاءِ اها واري ڪم آڻيندا آهن.

51. چيرولي بلور ۽ تاندوري وارين رڳن جي شڪل ۾ ترَشري زماني جي چن- پهڙ ۽ گپ پهڙ اندر اولهندي سنڌ جي چڱي چوکي پاڳي ۾ لڀي ٿو. اهو ڪيترن ئي هنڌن تي ٿورو ٿورو ڪري ڪڍيو پيو وڃي. چيرولي سيمينٽ ٺاهڻ ۾ ڪتب آندو پيو وڃي، پر ايترو نِجو نہ آهي جو ٻئي ڪنهن ڪم اچي.

52. چقمق پهڙ ڳوڙهن جي صورت ۾ ڪلن ۽ ڦر وارن ٻوٽن جي پيدا ٿيڻ واري حياتيات جي ٻئي ائيوسين دؤر (Eoceue Peried) جي چن- پهڙ سان گڏ ملي ٿو. جنهن پهچڻ جوڳي هنڌ تان وڏي انداز ۾ هٽ ڪري سگهجي ٿو سو روهڙيءَ جي چوڌاري ۽ خيرپور لڳ ٽڪرين اندر آهي.

53. ڦٽڪي اڳي اولهندي سنڌ جي ٽڪرين مان لينڊڙ لوهه گاڏڙ گپ- پهڙ مان ناهي ويندي هئي. پر ٻاهران گهرايل ڦٽڪيءَ جي گهٽ قيمت جي ڪري هاڻ ائين نٽو ڪيو وڃي.

باب ٽيون

حيوانات

ٽٽيارا جانور

ڪچي وارين ايراضين ۾ سنڌو بٹراج سرشتي هيٺ آباد ٽيندڙ زمين کي ڇڏي باقي سڄي سنڌ خشڪ ۽ گهٽو تٽو غير آباد آهي، جتي رڳو واري آهي يا ٽڪر، بيابان آهي يا بياباني اوڀر، جتي برسات گهٽ پوي ٿي، موسم سخت ٿئي ٿي ۽ جتي جون هوائون اونهاري ۾ لوساٽيندڙ ۽ سياري ۾ سخت ٿڌيون ٽين ٽيون. ٽلهي ليکي سنڌ، خاص ڪري اندرين علائقن جي آبهوا کي وڏ ۾ وڏ "جوڙ- استوائي" چئي سگهجي ٿو.

سنڌ جهڙي سرزمين ۽ آبهوا ۾ محدود قسم جي نباتات ئي ٿي سگهي ٿي ۽ ان جي نتجي ۾ جيڪا حيوانات هوندي، سا ان کان گهٽي گهٽ شاهوڪار ۽ گوناگون هوندي. جهڙي گهميل آبهوا ۾ ٽيندي آهي، جتان جون حالتون نباتات توڙي حيوانات جي گهٽائيءَ ۽ مختلف قسمن لاءِ سٽايون هونديون آهن.

سنڌ جي نباتات توڙي حيوانات پاڪستان جي ٻين علائقن خاص ڪري گهاٽي استوائي ساوڪ واري مهات همالياڻي چپر ۽ ان پير- ٽڪرين ۽ ميداني پٽي (ٽيرائي ۽ بابر) کان گهٽي مختلف آهي.

سنڌ جي ٽٽيارو حيوانات ۾ ڪيٽريون ٿي هنڌ آفريقي جنسون آهن، جيڪي علائقي جي اوپرندي حد کان گهٽو پرتي ڪونہ ٽين، جڏهن تہ جهنگي ٽڪرين، گهاٽن ٻيلن ۽ وسيع جهنگلي ڍٻٽين وارا جانور هتي آهن ئي ڪونہ. سچ پچ تہ، سنڌ جي ٽٽيارو حيوانات، پکين ۽ سرٽن جانورن جيان، ٻرپاسي واري خشڪ علائقي، ڏکڻ اوپر ايران، بلوچستان، ڏکڻ افغانستان، اتر اولهہ سرحد، پنجاب ۽ راجپوتانا جي ساڳي قسم جي حيوانات سان ويجهي نسبت رکي ٿي. ٽٽيارو حيونات، توٽي جو قدرتي ٻيلن جي اٿوند جي ڪري گهٽي نہ آهي، تڏهن بہ گوناگون ۽ دلچسپ آهي.

مري (Murray) 71 جنسون رکارڊ ڪيون آهن، جن ۾ هيٺيون جنسون اڃي وڃن ٿيون. چمڙا (چيروپيٽرا) 20، جيت کائو (انسيڪٽيوورا) 4، ڪترينڊڙ (روڊينشا) 15، ڪُرن وارا ٽٽيارا (انگولانا) 7، ۽ اڻ- ڏندیا يا اڏ ڏندیا ٽٽيارا (ايڊن ٽاٽا)

سنڌ ۾ خيرپور علائقي ۾ هي جنسون ڪونہ ٽين: پرائيميٽس (باندر پولا ۽ لنگور)، ڊيمي آپٽيرا (اڏامندڙ لنگور) يا سرينيا (ساموندي مينهن)

علائقي اندر چمڙا جام آهن، اڏامندڙ لومڙ (پٽيروپس انڊيڪس)، سنڌي چمڙو ۽ سنڌو گنگا جي ميدانن وارو چمگادڙ (جو ميون وارن چمڙن ۾ سيني کان وڏو هوندو آهي)، جنهن جي ڪنين جي پکيڙ 4

فوٽ هوندي آهي، سو گهٽ آهي، پر اتر ۾ ملي ٿو جتي اهو جيڪب آباد، لاڙڪاڻي ۽ شڪارپور ۾ ڏٺو ويو آهي.

اهي چمڙا وڻن وٽن ۾ وڌا وڌا ولر ڪري رهندا آهن. پيپر (فائڪس رليجيوسا) ۽ گدامڙي (ٽمارنڊس انڊيڪا) جا وڻ گهٽو وٽندا اٿن. واهيري وقت، عادت موجب متو هيٺ ڪري لڙڪندي ڏاڍو لُڙ ۽ گوڙ ڪندا آهن.

بنگال ۾ وري انهن کي بانس جي وڻن جهڳٽن ۾ واهيرو ڪرڻ وٽندو آهي ۽ گهٽو ڪري پڪل سوپاري ۽ پام جو ميوو کائيندا آهن. جڏهن ته ڏکڻ هندستان ۾ اهي گهٽو ڪري غار ٿوٿي (ڪولوفائيلم مارفائيلم) جو سائو داڻو کائيندا آهن. ان داڻي ۾ تکي بوءِ وارو تيل هوندو آهي، جيڪو کائي ڏاڍا متارا ٿي ويندا آهن. جڏهن کين اُپاريو ويندو آهي، ته منجهانئن هڪڙو تيل نڪرندو آهي، جنهن لاءِ چيو ويندو آهي ته ان کي لائڻ سان وار وري جمڻ لڳندا آهن. اها بي ڳالهه آهي ته جيتريون گنجيون ٽڪڙيون شايد ڏکڻ هندستان ۾ آهن، ايتريون اُتر، اوپر يا اولهه ۾ ناهن، چوندا آهن ته انهيءَ چمڙي جو هڏو ڳئون جي ڪارن وارن سان مُري يا ويڙيءَ کي ٻڌبو ته وائي سور چڙي ويندو.

اهي چمڙا اپايل ڳردار ميوي خاص ڪري زيتون، لوڪاٽ، شفتالو، انجير ۽ آلو بخاري لاءِ پويون ڏينهن آهن، پر سنگترڙي جي ڪنهن به جنس جي ويجهو نه وڃن جهنگلي ميون ۽ گُلن ۾ بادام (ٽرمينالیا ڪٽپا)، نم (ازادیرا چتا انديڪا)، بير (زيزيفس جوجوبا)، جانبو (يوجينيا چانبولان)، پيپر (فائيڪس رليجيوسا)، برڙ (فائينس بنگالينس) ۽ فائيڪس جون ٻيون جنسون، مونا (باسيا لئٽيفوليا)، سيمل (بامباڪس مالاباريڪم) ۽ ڪچنار (باهينيا وئرائگاٽا) جهڙا ڳردار گُل وٽندا اٿن.

اهي چمڙا ڊگهي ۽ لاڳيتي اڏام ڪري جاڻن. سيلون ۾ هنن کي ٽيهه ٽيهه چاليهه چاليهه ميل اُڏامي وڃي يوڪليپٽس جا گُل کائيندي ڏٺو ويو آهي.

ننڍي کنڊ جي اُتر وارن ميدانن ۾ اهي چمڙا زيتون کائڻ جا ڏاڍا شوقين آهن، ۽ باغن جا لاهه ڪڍي چڏيندا آهن، توٽي جو ميوي کي بچائڻ جا اُپاءَ به ورتا ويندا آهن، جيڪي گهٽا ڪامياب نه ٿيندا آهن. باغائي چا ڪندا آهن جو چمڙن کي قاسائڻ لاءِ ڊگهن لڪڙن جي وچ ۾ جاريون هٽندا آهن. پر تمام ٿورا قاسيندا آهن، چو جو ورلي جارين منجهه ويندا آهن.

انهن ميوي جي چمڙن جو ڪاڄ سڄي جو سڄو نباتاتي نه آهي. شارٽ (Short) ٻڌائي ٿو ته اهي چمڙا ڪيئن نه آمريڪا جا ميڇي مار چمڙن (ناڪٽيليو ليمپارينس) وانگر پاڻيءَ جي مٿاڇري تي ننڍيون ننڍيون مڇيون ترنديون ڏسندا آهن، تنهن مٿان تنبندا آهن ۽ لامارو ڏيئي چنبن ۾ مڇي ڪٽي وڃي ڪنڊيءَ لڳ وڻ تي ويهندا آهن ۽ مزي سان کائيندا آهن.

ٻين چمڙن جيان هي چمڙا به پاڻيءَ مٿان ترڪندي ٽپي ڏيئي ڏُڪ ڏُڪ ڪري پاڻي پيئندا آهن.

ڊاڪٽر ڊي (Day) موجب، انهن چمڙن کي نشي جي عادت بہ آهي، ڪجين سان ٻڌل ٽين منجهان تاڙي چاڙهي خماريل خماريل واهيري ڏانهن موٽندا آهن. شايد ان ڪري ئي ٻئي ڏينهن صبح جو ايترا بدمزاج ۽ جهڳڙالو هوندا آهن. هو رات جو دير تائين کائيندا پيئندا رهندا آهن.

انهيءَ چمڙي جو گوشت نرم آهي ۽ سواد بہ خراب نہ اٿس. چيو ويجي ٿو تہ اهو گوشت مشڪن جي سگهہ بحال ڪرڻ جو تاثير رکي ٿو ۽ منن پيشابن جا روڳي ان جو ٻوڙ چاهہ سان کائيندا آهن.

ميوي وارو ڪٽڪ رنگو چمڙو (زانٿارپيا ائمپليڪ سيڪاڊيٽا)، جنهن جي ڪنين جي پکيڙ اٽڪل ٻہ فوٽ هوندي آهي، سو پٽ مڪاني طرح اڻ لپ نہ آهي. اهو چمڙو ٺٽي لڳ مڪليءَ جي پُراڻن قبن اندر ڪلفٽن ۾ ۽ مڪران جي ڪپر تي لڪ بدوڪ ۾ ڇُرُن اندر رهندي ڏٺو ويو آهي، اهو اولهہ ۾ ابہ اني نار تائين ۽ اوير ۾ پرتي فلپائن جي ٻيٽن تائين ملي ٿو. پنهنجي وڏي مائٽ، اڏامندڙ لومڙ، وانگر اهو پڻ رڳو نباتات تي گذران نہ ڪندو آهي ۽ برما ۾ موطائين لڳ ان کي ننڍا ننڍا ڪيڪڑا کائيندي ڏٺو ويو آهي. ان جو ننڍو مائٽ، ميوي وارو بينو چمڙو (سائنوپٽيرس مارجيناٽس)، جنهن جي ڪنين جي پکيڙ اٽڪل 18 انچ ٽيندي آهي، سو انهن ضلعن ۾ عام آهي، جتي ڳردار ميوو اُپايو ويجي ٿو. اهو چمڙو بہ نسورو آزار آهي ۽ زيتون، انبن ۽ ڪيوڙي جي باغن سان راڳا ڪريو ڇڏي ميوي جو اهو ننڍو چمڙو، جيڪو هندستان- پاڪستان ننڍي ڪنڊ ڪان ويندي ڏور اوير تائين ٽئي ٿو سو جيت کائو چمڙي وانگر سهنجي اڏام وارو آهي، ۽ اڏامندڙ لومڙ وانگر، وڻن ۾ ولر ڪيو مٽي ير لڙڪندي واهيرو ڪندو آهي، خاص ڪري ڪجيءَ ۽ ڪيوڙي جي وڻن ۾. اهو چمڙو وڏو پيٽي آهي، ايتريقدر جو ٿورڙن ڪلاڪن اندر پنهنجي تور جيترو ڪاڏو ڪايو ويجي، جيڪو سندس ڪاڏي واريءَ نليءَ منجهان ڏري گهٽ ان مٽيو لنگهيو ويجي. پنهنجي پيٽوڙي عادت جي ڪري اهو ڳردار ميون جو ڳاٽاٽي کان ٻاهر زيان ڪندو آهي.

ننڍو اوير وارو نقل جهڙو چمڙو (رهائنولوپس ٽرائڊينس) ۽ ان جون لاڳاپيل جنسون، اسپيورس ۽ فلوا، جيت کائو چمڙا آهن، جيڪي ڪراچي ۾ ٽيندا آهن. خاص ڪري ٽرائڊينس جنس جا چمڙا مارچ جي پڇاڙيءَ ۽ اپريل ۾ سج لٿي جو ولر ڪندا آهن.

وڏن ڪنن وارو وٽمپائر (ميگاڊرما لائرا) بچڙيءَ شڪل وارو چمڙو آهي، پر ان کي آمريڪا جي اصل رت پياڪ وٽمپائر (فائليواسٽوما ٽائيڊيئي) سان نہ ڀُلايو ويجي. هيءَ چمڙو سڄي هندستان- پاڪستان ۽ سيلون ۾ ٽئي ٿو ۽ پراڻين جاين، قبن ۽ غارن ۾ رهي ٿو. رات جو اڪثر ڪاڏي جي ڳولا ۾ روشنيءَ تي ڇڪجي آيل جيتن کي ڏسي ورانڊن ۽ ڪمرن اندر هليو ويندو آهي، جيتوڻيڪ جيت کائيندو آهي، پر ننڍن چمڙن، ڏيڏرن، مڇين ۽ ڪرڙين مان بہ نہ مڙندو آهي، ويندي انهن جا ڪي هڏا بہ چٻاڙيو ويجي. بلٿ (Blyth) موجب، ان کي ڪڏهن ڪڏهن ننڍن چمڙن کي ڪنن پويان چڪ هٽي

سندن رت پيئندي به ڏنو ويو آهي. هيءُ چمڙو عام نه آهي، پر ڪراچيءَ ۽ سکر ضلعن ۾ ٿئي ٿو جتي اهو جهونن قبن ۽ ٽڪرين جي ڇُرن ۾ ملندو آهي.

سنڌي چمڙو (ويسپروگو ناسوٽس) هڪ ننڍڙي جيت ڪائو جنس آهي، جيڪا خاص طور سنڌ ۾ ٿئي ٿي. هتي اهو سکر ۽ شڪارپور ۾ ملي ٿو. ان بابت شڪل شبيهه ڪان سواءِ ٻي ڪا خاص معلومات نه ملي آهي.

عام رواجي هڏرو چمڙو (نڪٽيسيجس ٽيمينڪاءِ) سنڌ ملڪ جي عام ۾ عام چمڙن منجهان هڪڙو آهي، ان تي خاص طرح نظر انهيءَ لاءِ پوي ٿي، جو اهو جاين ۾ رهندو آهي ۽ ڪاڌي جي ڳولا ۾ سوير ئي نڪري پوندو آهي. مون اهڙن ويهارو ڪن چمڙن ڪي سانجهيءَ جي وسڪاري سبب نڪري آيل جيتن جا حشام ڪائي جاوا ڪندي ڏٺو آهي. انهيءَ چمڙي جي اُڏام ٻين جي پيٽ ۾ ڪجهه مڙيوئي ڏري هوندي آهي.

سنڌ جو ننڍيو ۽ سيني ڪان نظر ايندڙ چمڙو پيسٽريل (ويسپروگو ابرامس) آهي، جيڪو روشنيءَ جي ڇڪ تي آيل جيتن جي ڳولا ۾ پيو گهرن ۾ ايندو ويندو آهي، ويندي ڪمرن اندر به هليو ايندو آهي.

اهو چمڙو تمام تکو اُڏامندو آهي ۽ غارن، وٽن جي خالن ۽ پورن بانسن اندر رهندو آهي. اهو محدود ايراضيءَ ۾ جهڙوڪ ڪمري اندر ايترو ته تکو اڏامي سگهي ٿو جو ان وڏي پتنگ جو گمان ٿيندو آهي.

مون انهيءَ ننڍڙي چمڙي کي 'ڪلان ڪوٽ' ڏنڊ جي مٿان بيٺل مڪلي ٽڪرين جي اونهين سورهين ڇُرن اندر ڏٺو آهي.

ڪُتي جي پُڇ جهڙو پن ڪائو چمڙو (رهائنوپوما مائڪرو فائلم) سنڌ ۾ ڪمياب نه آهي ۽ ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر ضلعن ۾ ٿئي ٿو جتي مون ان کي غفائن، جهونن قبن ۽ ناريل جي سُڪل پنن ۾ واهيرو ڪندي ڏٺو آهي.

سنڌ ۾ جيڪي ٻيا ذڪر لائق جيت ڪائو چمڙا ٿين ٿا، سي هي آهن: پاپڙي ڪنيو چمڙو (ويسپروگو ڪُوهلي) وڏ ٻانهيو چمڙو (ٽافوزس لوئجيمئنس)، اڇي پيٽ سان ميارُ جهڙي پُڇ وارو چمڙو (ٽافوزس ساڪولائمس) ۽ ڪاڇي چمڙو (ٽافوزس ڪچينسس)، وڏا ٻانهيو چمڙو جاين ۾ ايندو ويندو رهندو آهي ۽ وڏن شهرن ۾ گهٽ ڏسبو آهي، جڏهن ته ميارُ پُڇيو چمڙو غفائن ۽ جاين ۾ واهيرو ڪندو آهي ۽ ايترو عام نه آهي.

سنڌ ۾ جيت ڪائو ساهوارن جون رڳو چار جنسون ٿين، جن ۾ ٿئي ڇاها آهن.

نندي کنڊ جو ڇڇوندر (ڪروآئيڊيُورا ڪائرولِيا) يا سنڌ جو ڪانوڙي ڪُوئو شايد گهريلو ڪير ڏارائيندڙن ۾ سڀني کان گهٽو عام آهي. ويندي هر جاءِ حاضر گهرو ڪوئي کان بہ. ڇا لاءِ جو اهو پريشان ڪيو ويندو تہ پنهنجي موجودگي ڏڳها تيز چيچاٽ ڪري محسوس ڪرائيندو آهي. ۽ پنهنجين جيتامڙين تنگن تي وت آهر پِٽ جي پاڙ وٽي تکڙو تکڙو ڊوڙندو آهي. هيءَ رات جو راهي آهي ۽ ڏينهن جو نالين ۾ يا پٽ جي ڏرن ۾ يا باغڻ جي جهگڙن ۾ لڪل رهندو آهي. رات جو ڪاڏي جي ڳولا ۾ جاين اندر گهڙي ايندو آهي ۽ جيتوڻيڪ ڏاڍو ڪارائتو جيت ناس ڪندڙ آهي. تڏهن بہ پنهنجو نازڪ نڪ ميز تي پيل کاڏي کان پري نہ ڪندو آهي. ان کي ڏيڏر وڏو ڪوريئڙو ۽ ويندي وڇون بہ کائيندي ڏٺو ويو آهي. عام طرح ان کي ماريو نہ ويندو آهي. ڇا لاءِ جو ڇيو وڇي ٿو ان جي ڏپ تي نانگ نہ ايندا آهن. اهو پڻ ڇيو وڇي ٿو تہ ان جا بانس وارا غدود هڪڙو ڪُرائيندڙ زهر نيڪال ڪندا آهن. جنهن جي ڪري اهو جنهن جانور مٿان لنگهي ويندو آهي. تنهن کي ڦٽ ٿي پوندا آهن.

ڪتا ۽ ٻلا ڪانوڙي ڪوئو ماري تہ سگهن ٿا. پر ڪائيندا ناهن ۽ مون هڪڙي سرڻ کي ٻليءَ جو ماريل ۽ ڇڏيل ڪاٽ ڪوئو کڻي ويندي ۽. وڻ تي ويهي بہ ٿي ڇهنبون هڏي پشم پٽي پوءِ هيٺ اُڇلائيندي ڏٺو آهي.

ڪانوڙي ڪوئو ڪراچي. ڪوٽڙي. حيدرآباد. سکر ۽ جيڪب آباد ۾ ڏٺو ويو آهي ۽ گهٽو ڪري سنڌ ۽ خيرپور جي سيني وڏن شهرن ۾ ٿئي ٿو ڪراچيءَ ۾ اهو نالين ۽ مورين ۾ رهندڙ وڏين ۽ ڪراهت جهڙين پيندن کي کائي وڏو فائدو پهچائي ٿو ڇا لاءِ جو اهو جيت رات جو گهرن ۾ پيل کاڏي کي پليت ۽ ڪِنو ڪري ڇڏي.

سکر ۾ ڪانوڙي ڪوئن جو هڪڙو جوڙو جيڪو باغ جي ناليءَ ۾ رهندو هو سو کاڏي جي ڳولا ۾ منهنجي وراندي ۾ هليو ايندو هو ۽ نيٺ ايترو هِري مِري ويو جو منهنجي هٿن مان ٽنڊيٽ ڪاڪڙ. تڏ ۽ ڊبل جا سُڪل ٽڪر وٽي کائيندو هو. مون وٽ ڪجهہ هسي واريون ڪرڙيون پيچري ۾ بند هيون. انهن ڪاٺ ڪُوئن ڪيترائي ڀيرا انهن ڪرڙين کي هٽ ڪرڻ جي ڪئي. اسان انهن جي گهر ۾ موجودگيءَ تي خوش هئاسون. ڇا لاءِ جو انهن جي ڪري ڪوئا ڪونہ ايندا هئا. هنن جي اچڻ کان اڳ خاص ڪري ڪوئن اسان لاءِ وڏو آزار ڪيو هو ۽ پيچري جي ڪن پڪين سان. جي مون وٽ هئا وڏو ويل هوندو هو.

سکر ڇڏڻ کان اڳ مون ڪانوڙي ڪوئن جو سڃو ڪٽنب ڏٺو. اهي ڪُل ڇهہ هئا. ڇهہ ئي هڪ ٻئي جو پڇ وٽيو قطار ۾ ايندا هئا. اسان وارو ڪتو ٻلي عام طرح هنن تي پنهنجين اڏ ڪليل اکين جي ڪُنڊن منجهان هڪ آڏي نظر وجهي پوءِ وساري ڇڏيندو هون. پر جي ڪڏهن هو منجهن انهيءَ کان

وڌيڪ چاهه ڏيکارينڊو هو ته اهي چاهيءَ تي هلندڙ ريل جيان ورانڊي واريءَ پٽ جي پاڙ ڏيو تيز ڊوڙندا هئا ۽ تکيون ڪيهون پيا ڪندا هئا.

سنڌ ۾ جيڪي ٽي ڇاها آهن، تن ٽنهي کي ڇاهويا ڪنڊو ڪوئو سڏبو آهي. انهن مان ڪنڊو ڪوئو (ايريناسيوس ڪالري) پنجاب، راجپوتانا ۽ اجمير تائين ڦهليل آهي. اهو ڇاهو ڪراچيءَ، ڪوٽڙيءَ، حيدرآباد ۽ نوابشاهه ۾ ڏٺو ويو آهي. جرڊان وارو ڇاهو (ايريناسيوس جرڊاني) پنجاب تائين ٽٽي ٽو ۽ ڪراچي، حيدرآباد، نوابشاهه، روهڙي ۽ سکر ۾ ملي ٿو جڏهن ته چٽن وارو ڇاهو (ايريناسيوس پڪٽس)، جيڪو آگري (هندستان) کان راجپوتانا (هندستان) ۽ ڪچ (پاڪستان) تائين ٽٽي ٽو سوايترو عام نه آهي، جيتروڪ ان جا ٻيا هم جنس. اهو پڻ ڏينهن جو ٻين جيان لڪل رهندو آهي، پر ڪليل ميدانن ۾ ڏرن اندر يا گاهه هيٺ.

ڇاها ڏاڍا مزيدار هٽ پال ٿيندا آهن. 1916ع ۾ ڪئمبلپور (پنجاب) ۾ مون وٽ ڇهه ڪوئا هئا. پر ايڏا اهي پوريءَ طرح هِريا مِريا ڪونه هئا جو ڇڏي ڏيڻا پيم، ڇو جو مون کي نوڪريءَ سانگي سمنڊ پار وڃڻو پئجي ويو هو.

1932ع ۾ ڏهر لڳ مون هڪڙو جرڊان وارو ڇاهو پنهنجين ڇٽن ياتين سان ڪانڊيري هيٺان هڪڙيءَ ڪڏ اندر لڪل لڏو هو. ماءُ ۽ هڪڙو ٻچڙ ڇاهو سکر ويندي وات تي پڄي نڪري ويا باقي ٽٽي، جن جا نالا ٻهر، ٻير ڪنڊي هئا، سي ڏاڍا هريِ مِري ويا. ايتري قدر جو بنا ڏپ ڏاءَ جي رُلندا وٽندا هئا.

اهي ڇاها ماني، کير، تڏيون، وڏيون ڪاريون ڪِوليون ۽ ڪڏهن ڪتاتي ننڍڙو نانگ ڪائي ڪائي مڇي ويا. ٽنهي کي ڇهر ڏاڍي وٽندي هئي، جيڪا ڇپاڙي ڇپاڙي ڳوهيل اتي جهڙي ڪري ڇڏيندا هئا ۽ پوءِ پنهنجين ڇِنُ کان ماري جو ڪم ونندي پاڻ کي ليپ ڏيندا هئا. ڪن مشڪن جي سوس سان سنڊن سيون وڇوڙجي ويندڙيون هيون ۽ هو پنهنجين ڇين کي ٽنبائڻ کان سواءِ سِڪي ويندو هو ۽ ٻٽي جيان لهي ويندو هو. سنڊن هيٺيان هنڊ، جتي سيني ۾ ڪونئري پشم ٿيندي هئي، سي هو چٽي صفا ڪندا هئا. ڇاهي جو گوشت نرم ۽ سوادي ڇيو وڃي ٿو. لاڏائو ماڻهو اهو ڏاڍي ڇاهه سان ڪائيندا آهن.

سنڌ ملڪ گهٽو ٽٽو خشڪ آهي. تڏهن به هتي ٽٽياري حيوانات جون ماس ڪائو جنسون ڇڪيون آهن. همالیا جو ڪارو ريڇ (اُرس ٽارڪٽيٽس)، جنهن کي سنڌيءَ ۽ پنجابيءَ ۾ ريڇ ۽ بلوچيءَ ۾ "مم" سڏيو وڃي ٿو سو ڪيرٿر ڇپر ۽ منڊ لڳ بلوچي ٽڪرين ۾ ٽٽي ٿو جتي گوادر جي پوليٽيڪل ريزيڊنٽ، ميجر ماڪلر، ان جون ڪيٽريون ئي ڪلون هٽ ڪيون هيون، ۽ ڊبليو. ايڇ. ليوڪاس،

1902ع ۾ ڪتي جي قبر (تعلقي قنبر) وٽ هڪڙو رڇ ماريو هو. بلوچن جو چوڻ آهي تہ زائفون ۾ بار ڪٽي ويندي آهي.

گورپٽ (ميليوورا اِنديڪا) سڄيءَ سنڌ ۾ ملي ٿو ۽ اڪثر ڪري ڪم نہ ايندڙ قبرستانن اندر جهونين قبرن جي ڪڻن ۾ رهندو آهي. اهو شايد قبرن ۾ گهر ڪرڻ جي ڪري ئي آهي جو ان بابت مشهور آهي تہ اهو لاش کوٽي ڪڍي کائي ويندو آهي. اهو پڻ چيو وڃي ٿو تہ اهي گهرن ۾ گهڙي ننڍڙا بار ڪٽي ويندا آهن ۽ جڏهن ڪو بالغ ماڻهو اڪيلو ملي ويندو اٽن تہ اهي پوين جنگهن تي بيهي ماڻهوءَ کي ٻک ڪٽي وجهندا آهن ۽ پنهنجي پيٽ ڪاهڻ سان ٻوساٽي ماري ڇڏيندا اٿس.

گورپٽ رات جو نڪرندو آهي. گهٽو ڪري ماس کائيندو آهي ۽ ڳوڻن جي ڪڙين ۽ بدڪن جو دشمن آهي. مون کي سرحد ۾ هڪڙي پراڻي قبرستان ۾ ٽي گورپٽ مليا هئا. جيتوڻيڪ مون وٽ نانگن جهلڻ لاءِ ٻہ ڇانگي ڪاٺيءَ کان سواءِ ٻيو ڪو هٿيار ڪونہ هو تڏهن بہ هنن منهنجي ٻک سان تواضع نہ ڪئي، نہ ئي ٻک وجهڻ جي ڪوشش ئي ڪئي هئائون. جڏهن مون اها ڳالهہ هڪڙي بلوچ اردليءَ سان ڪئي تہ هنن وڏي ڳڻيرتا سان چيو تہ ٻُجوءَ کي پتو هو تہ توهان پوليس ڪپتان آهيو!

عام لڏڙو (لٽرا ولگارس) سنڌوءَ جي ڪن پُراڻن واهن ۾ ڇڳو عام آهي. جڏهن تہ لسو لڏڙو (لٽرا ايليوٽي)، جيڪو عام لڏڙي سان وڏي مشابهت رکندڙ ٿئي ٿو سو بظاهر بيٽل پاٽيءَ ۾ اونهن ۽ اوتاڪتن تلاءَ ۾ رهڻ پسند ڪري ٿو. مون ڪلان ڪوٽ ويجهو مڪلي ٽڪرين جي ٻن روڻن جي وچ ۾ هڪڙي ڪنڊ اندر انهن جو ڇڳو چوڪو تعداد ڄرڪا ڪاسائيندي ڏٺو هو. جڏهن بہ ڪو ڄرڪو ڪاٽن ٿي، ڪنڊيءَ تي ڪٽي وڃي کاڌائون ٿي.

ٻنهي جنسن کي سنڌي مهاڻا "لڏڙو" جي نالي سان سڃاڻن. وڏيڪ لسي جنس کي مهاڻا ۽ ميربحر اڪثر پاليندا آهن ۽ انهن کي مڇين يا ٻلهڻ کي تلاءَ يا درياء جي ڪارين ڏانهن ڏڪڻ جو ڪم ونندا آهن، جتي انهن کي سولائيءَ سان ڪاسائي سگهبو آهي.

سنڌ جو واگهہ يا شينهن (فليس ٽائيگرس) هاڻ ان ڏيهہ ۾ ڪونہ ٿئي. آخري بچيل شينهن 1886ع ۾ ڪرنل مئڪراءِ ماريو هو. 1878ع ۾ ايڇ. سي. ميولس ۽ سندس ساٿين هڪ شينهن، هڪ شينهڻ ۽ سندن ٻچو گولي هٽي ماريو هو.

1884ع ۾ مري خيرپور رياست ۾ ان جي موجودگي رڪارڊ ڪئي هئي، پر ان جا ٽاڪ سنڌوءَ جي ڪچي وارا لئي ۽ گاهہ جا گهاٽا جهنگ هئا. جتي اهو روهڙيءَ ۾ ٽيندو هو ۽ سکر ۽ جيڪب آباد ضلعن کان وڃي نڪرندو هو پر ڏڪڻ ۾ لاڙ ڏانهن ڪڏهن ڪونہ ويو.

سنڌ جو چيتو (فيلس پارڊس) لڳي ٿو تہ سنڌوءَ جي ڪيٽيءَ وارن گهاٽن جهنگن ۾ ٽيندو هو ۽ چو تہ ليفٽيننٽ ڪاريس لکي ٿو تہ هن 1847ع ۾ هڪڙو چيتو اتي ڏٺو هو. تڏهن کان صورتحال گهٽي

منجي وئي آهي ۽ هاڻ چيتو ڪيرٿر چپر ۽ لسبيلي ضلعي جي پب جبلن تائين محدود ٿي ويو آهي. جتان اهو ڪڏهن ڪڏهن اڳوٽيءَ سنڌ جي ميدانن کان وڃي نڪرندو آهي. 1896ع کان 1915ع تائين سنڌ ملڪ اندر 21 چيتا ماريا ويا هئا. جن مان ٻن کان سواءِ ٻيا سڀ ڪراچي ضلعي ۾ ڪيرايا ويا هئا ٻيا چيتا پب جبلن ۾ ماريا ويا آهن. جن مان پويان ٻه جي گراسينبارڪر 1936ع ۾ ماريا هئا.

سنڌي چيتو توقع موجب، هندستاني چيتي کان رنگ ۾ هلڪو ۽ هاڻيءَ ۾ ڪسو ٿئي ٿو تڏهن سنڌ ڏيهه ۾ ستن ورهين اندر ٻه ڪارا چيتا ماريا ويا. ڊاڪٽر ايڇ.ٽي.سور ، جڏهن يو.ايس.ايف جو ڊپٽي ڪمشنر هو تڏهن 1928ع ۾ جيڪب آباد لڳ هڪڙو چيتو مار۔ ۔ هو. ۽ ٻئي کي 1939ع ۾ ريهڙي ويجهو هڪ غار ۾ ڦاسائي گولي هنئي وئي هئي. سنڌ ملڪ ۾ ڪاري چيتي جو هجڻ وڏي دلچسپيءَ وارو آهي، ڇو ته هتي جون حالتون آبهوا ۽ ماحول رنگ جي ڪاراڻ لاءِ ڪنهن ٻه طرح سازگار نه آهي.

هيٺ ٻئي واقعي جو مختصر بيان ڏجي ٿو جيڪو بمبئيءَ جي قدرتي تاريخ واري سوسائٽي جي رسالي ۾ ڇپيو هو.

اپريل 1939ع جي اوائل ۾ ڪراچي ضلعي جي برام حيدري (ابراهيم حيدري) ڳوٺ جا رولو ڪتا نهايت پراسرار نموني ۾ گم ٿيڻ لڳا. ڳوٺ وارن جو خيال هو ته ڪو چراخ کنيو پيو وڃي. سو هنن ڳولا شروع ڪئي ۽ پيرا کنيائون، ريهڙيءَ ويجهو ٽوڙن جي ڏر اندر هڪڙي ڇُر ۾ ٽي ويا.

ڏنائون ته جانور جنهن کي هنن چراخ ٿي ڄاتو سو اندر آهي. سو هڪڙو مهاڻو بتي ۽ نوڙي ڪٽي چراخ کي جيئري جهلڻ لاءِ اندر ويو. سنڌ ۾ چراخ کي عام طرح ايئن ئي جهليندا آهن. مهاڻو جيئن ئي اندر گهڙيو. تيئن ئي جانور چڙهي آيس ۽ هٽي چيري رکيائينس. ڪيس اسپتال پهچايو ويو. جتي هو ٽورڙن ڏينهن کان پوءِ زهر چڙهي وڃڻ سبب گذاري ويو. ڇو ته هن جنگهه ويڙائڻ کان نابري واري ڇڏي هئي.

انهيءَ وچ ۾ ڇُر جي منهن تي هڪڙو مضبوط رَڇ ٻڌو ويو ۽ ڇهه ميل پري ملير ۾ پوليس کي اطلاع موڪليو ويو.

پوليس، ڪجهه زميندارن ۽ ماڻهن جو هڪڙو ڊنب بندوقون، ٻالا ۽ ڏنڊا ڪٽي وڃي ڇُر وٽ پهتا. ۽ دونهان ڪري جانور کي ٻاهر ڪڍيائون. اهو جانور کو چراخ نه پر هڪڙو ساماڻل ڪارو چيتو هو. ان ڇُر جي منهن وٽ اچي رَڇ پاڻ ڇڏائي ڇڏڻ جي ڪرڻ لڳو. تڏهن ماڻهن ان کي گوليون، ٻالا ۽ ڏنڊا هٽي ماري ڇڏيو.

چُر ۾ ڪتي جي هڏن کان سواءِ هڪ تازي ماريل رولو ڪتي جو ڏڙ به پيو هو. چيتي جي کل جا مون ورتي، جڳي ڏڪيل هئي. ان جي ماپ نڪ جي چهنب کان وٺي پُڇ جي پڇڙيءَ تائين 6 فوٽ 8 انچ هئي. پڇ 2 فوٽ 6 انچ هو.

وڏو شينهن ٻلو يا مچي مار ٻلو (فيلس ووبرينا) اوپرندي ناري واري تر ۾ ٿئي ٿو. جتي هڪڙو ايم. ڊي. مئڪينزيءَ 1906ع ۾ ماريو هو.

مري، جاڻائي ٿو ته اهو سنڌوءَ جي لئي سان ڇانيل ڪنڊين تي ڪامياب نه آهي. مون ڇڻن ورهين ۾ رڳو به پيرا سکر ضلعي ۾ ڏٺو آهي. پهريون پيرو تروڙ ڏنڊ وٽ سَرن ۾، ۽ ٻيو پيرو لئي گاهه جي گهاٽي جهنگ ۾ ڪاري ناري جي ڪنڊيءَ تي، جتي اهو اوپرندي ناري سان گڏجي ٿو.

اهو وڏو ٻلو سياهَ جو ڪڙڙو ۽ اڳرو آهي ۽ گهٽو ڪري مچيءَ تي گذران ڪندو آهي. پر ڪتا، ريڍون، گابا (ننڍا) ۽ ويندي اهڙا ابهم ٻار به نه ڇڏيندو آهي، جن کي مائرون وٽن سان ٻڌل پينگهي ۾ اڪيلو سُمهاري پاڻ وڃي پرپاسي گاهه ڪنديون يا ڪائيون ميڙيندیون آهن.

ريگستاني ٻلو (فيلس آرناتا) يعني سنڌي جهنگراڙ يا جهنگ جو ٻلو ڪراچي، حيدرآباد ۽ نوابشاهه ضلعن ۾ ٿئي ٿو. جتي اهو باغن، گاهه ۽ سنهن جهنگن ۾ واسو ڪندو آهي. اهو ڳوٺ جي ڪڙين بدڪن جو ڏاڍو شوقين ٿيندو آهي ۽ سها ڪٽي ويندي ڏٺو ويو آهي. تنهن هوندي به، اهو گهٽو ڪري ٻنيءَ جا ڪوئا ۽ پکي کائيندو آهي.

عام جهنگلي ٻلو (فيلس چاس) يعني سنڌي جهنگراڙيا جهنگ ٻلو سنڌ جو عام جهنگ ٻلو آهي ۽ سڄي ڏيهه ۾ ٿئي ٿو. هي ڪليل ملڪ ۾ رهڻ پسند ڪري ٿو. جتي گاهه جو سنهو جهنگ هجي ڳوٺن ۽ واهڻن ويجهو بينل پوکن ۽ ڍنڍين جي سڪل پيٽن اندر اُپريل ڪانهن به سندس ٽاڪ آهن. هيءَ ڳوٺ جي ڪڙين ۽ بدڪن لاءِ پوين ڏينهن آهي، ۽ ڳوٺ جي ڇيڇڙن جهڙوڪ: ڪڪڙ، بدڪ، ٻڪريءَ ۽ رڍ جي آندن مان به نه مڙندو آهي. مون انهيءَ ٻلي کي هڪڙي ريسٽ هائوس جي ورانڊي ۾ گهڙي ڏينهن جو ماريل شڪار تڳائيندي ڏٺو آهي. هڪڙي پيري مون کي سکر ضلعي ۾ هڪڙي ننڍي ڪڙئي جي ڍڪيل موري هينان اهو جهنگ ٻلو ۽ ڪاريهر نانگ ٻئي مئل ڏٺا هئا. ٻلي کي ڪاريهر جا ٽئي وڪڙ آيل هئا ۽ خود ڪاريهر جو مٿو ڳچي ۽ وڇون بدن ڏاڍا چڇريل هئا. نانگ ۽ ٻلي جي وچ ۾ اها لڙائي ضرور ڇتي ۽ طوفاني هوندي، ڇا لاءِ جو ٻنهي ٽڏي تي هڪٻئي کي ماري وڏو هو. شايد ٻئي موريءَ ۾ آمهون سامهونءَ وارن ڇيڙن تان گهڙيا هوندا ۽ اوچتو جو هڪٻئي تي نظر پئي هوندن ته وڇڙي پيا هوندا. امالڪ اچي ڪڙڪڙ جي ڪري، ۽ نه پڇاڙيءَ تائين وڙهڻ جي خيال کان؛ ڇا لاءِ جو ٻنهي مان ڪوبه ڪاڏي لاءِ ٻئي تي جُلهه نه ڪندو آهي.

پيڪاري يا سياهه گوش (فيلس ڪئراڪل) سنڌ ۾ ڪامياب آهي، پر چيو وڃي ٿو ته جتي به سٺائي جُوءِ هوندي آهي، اُتي ٽيندو آهي. مون ڪيترن ورهين ۾ رڳو به پيرا ڏنو آهي. هڪڙو حب ماڙيءَ ۾ ڪاروٽ ۽ ٻيو ڪراچي ڪوهستان ۾ موئدان لڳ چيو وڃي ٿو ته اهو ڪوئن، سَهن ۽ ٻاٽيٻڙن جو شڪار ڪندو آهي. ۽ مون هڪڙي جوڙي بابت ٻڌو جنهن نئينگ لڳ ٽاڪرو سنهي جهنگ ۾ هڪڙي گولي لڳڻ سبب سخت ڏکيل هُرڻ کي چڙهڻ ڪري ماري وڌو ۽ ڪجهه ڪائي نه ويو.

1884ع ۾ مري، لکيو ته شڪارپوري پلنگ يا چيتو (فيلس جوباٽا) سنڌ ۾ ٽيندو هو. اهو هاڻي پاڪستان يا هندستان ۾ ورلي ملي ٿو ۽ اڇڪلهه جيڪي شڪار لاءِ ڪتب آندا وڃن ٿا، سي ذري گهٽ سڀ آفريقا کان گهرايا وڃن ٿا. مان نٿو سمجهان ته هاڻ ڪو سنڌ ۾ چيتو هوندو.

چراخ (هائنا استرياٽا) سڃيءَ سنڌ ۽ خيرپور ۾ سٺائي جُوءِ ننڍين سنهي جهنگ سان ڇانيل ٽڪرين ۽ غارن ۾ ملي ٿو. هن کي گڏهه کائڻ جو ڏاڍو چاهه هوندو آهي ۽ هر سال ڪيترين ڳڏهون ماري يا منڊيون ڪري ڇڏيندو آهي.

اهو ڇُرن ۾ رهي ٿو ۽ سنڌي ماڻهو نوڙي ۽ بتي ڪٽي اندر وڃي ان کي جيئرو جهلي ايندا آهن. هيءَ ويڙهه ورلي ڪندو آهي ۽ شايد روشنيءَ ۾ ڏسي نه سگهندو آهي. ان ڪري نوڙي وجهي قابو ڪري ونبو اٽس ۽ چڪي ٻاهر وٺي اچي يا ته ڏنڊا هٽي ماري ڇڏبو آهي يا وري ڳوٺ جا ڪُتا بچيندا اٽس.

چراخ ڪراچي ضلعي اندر اورنگي نئن، ڪڏيجي، گُجي ۾ مڪلي ٽڪرين وٽ ۽ سکر ضلعي اندر اروڙ ۽ ڪالڪان جي پرپاسي واري علائقي ۾ هميشه ملندو رهي ٿو.

1939ع ۾ ٽاٽي بولا خان جي پسگردائيءَ ۾ چراخن جو هڪ جوڙو هڪڙي پٽيوالي تي چڙهي آيو هو جو قبر کوٽيندي مٽان وڃي پيو هُئن. پٽيوالي کين ماري پري ڪيو ۽ پاڻ ڊوڙي وڃي ٽاٽي تي لِڪو ڪيو. چراخ پٽيان ڪونه پيو هُئس. سرزمين تي پيرن مان معلوم پيو ته چراخ سڄ پڄ هڪڙي پراٽي قبر وٽ نوس نوس ڪري رهيا هئا ۽ جڏهن ته پٽيوالو هڪڙي طرف پڳو هو ته ٻئي چراخ پڄ لڪائي ٻئي پاسي، شايد گهٽو وڌيڪ تڪو پڳا هئا.

ڪجهه ڏهاڙا هڪڙي مڪاني اخبار ۾ ليک ڇپيو ته هڪڙو چراخ پٽيوالي تي چڙهي آيو هو جيڪو پير پختا ڪيو بينو رهيو ۽ چراخ کي ڪٽي سوگهو ڪيائين ۽ آٽي ٽاٽي تي ڇڏيائينس.

ڪانوڙي ٻلو (ووپريڪيولا مالاسيفسس) سنڌ اندر ٿئي ٿو. پر ڪمياب ۽ تمام مڪاني آهي. ان کي اهڙا ٻيلا وٽندا آهن، جتي سر ۽ ٻيا ڪسا گاهه اُپرندڙ هجن. ڊي جي. اوماني کي اهي حيدرآباد ۽ لاڙڪاڻي ضلعن ۾ ڏسڻ ۾ آيا هئا ۽ مون وري انهن جو هڪڙو جوڙو سکر ضلعي اندر ۽ سانگيءَ جي وچ ۾ جهنگ جي ٻاهران ڏٺو هو.

وڏو شڪ ٻلو (ووبرازي بيٽا) جيتوٽيڪ سنڌ جي 1940ع واري جهنگلي پکين ۽ جهنگلي جانورن واري ائڪٽ ۾ مذڪور ٿيل آهي. پر اهو سنڌ اندر ٿئي ڪونہ.

سنڌ جي نورن جي حيثيت واضح نہ آهي. ان جانور تي ميدان توڙي عجائب گهر ۾ وڌيڪ ڪم جي ضرورت آهي.

مري (1884ع) نور جا ٽي قسم بيان ڪري ٿو: خاڪي، ڳاڙهسرو ڪڪو ۽ اينڊرسوني. انهن مان پوئين قسم کي هو نئين جنس جاٽائي ٿو جا رڳو سنڌ ۾ لڀي ٿي. اهو سڀ رڳو هڪڙي نموني جي آڏار تي ڪري ٿو. جيڪو ڪيس ڪونڙيءَ وٽ هٽ لڳ هو.

نور جا جيڪي ٽي قسم سنڌ ۾ بلڪل ٽين ٽا، سي آهن: عام خاڪي نور (هرپيسٽيز منگو)، ڳاڙهسرو يا وڏي پڇ وارو نور (هرپيسٽيز سمٿي) ۽ ننڍو پاڪستاني نور (هرپيسٽيز آٽو پنڪٽيٽس).

عام خاڪي نور سيني کان گهٽو ڏسبو آهي ۽ هر ضلعي ۾ ٽئي ٿو. مون هڪڙي خاڪي نور کي ۾ فوٽ ڪن ڊگهي نانگ کي چڪ ۾ ڪنيو ٽپو ڏئي ٽي فوٽ اُتانهين پٽ تي چڙهندي ڏٺو آهي.

ڳاڙهسرو نور ڏاڍو سهڻو ۽ خاڪي نور کان وڏو ٽيندو آهي. هيءَ ٻيلائي جنس آهي ۽ گهٽو نہ ڏسبو آهي. عام طرح اهو جهنگ جي پهي تان چوهو ڊوڙي وڃي سرن ۾ لڪندي پسبو آهي، جتي اهي پينو ڪتي وانگر پوين جنگهن تي ويهي اوپري کي جاچيندو آهي.

ننڍو پاڪستاني نور ٽنهي ۾ ننڍي ۾ ننڍو ۽ لسي ۾ لسو ٽيندو آهي. اهو ايترو عام نہ آهي، جيترو ٻيا قسم ۽ جي سوڙهو ڪبس، تہ ٻلي‌ءَ جيان وڙهڻ جي سنبري ٻيهندو آهي.

نور ميوي، جيتن، بيدن، ڪوئن، پکين ۽ نانگ سميت ننڍن سُرٽن تي گذران ڪندا آهن. اهي سولائي‌ءَ سان هري مري ويندا آهن ۽ ڏاڍا دلچسپ ۽ ڪارائتا ۽ قربائتا هٽ پال ثابت ٽيندا آهن.

سنڌي ٻگهڙ (ڪئنس پالپيز) هيٺين‌ءَ سنڌ ۾ ڪامياب نہ آهي. مون انهن کي هڏيري، هاليجي، سوندا ۽ ليوڪا جي پرپاسي ۾ پرهہ کان سُتت پوءِ اڪيلي سر يا جوڙو جوڙو ٽي ٻڪل پونءِ ۽ پناهہ گاهہ ڏانهن پڃندي ڏٺو آهي. مڪران جي ڪپر تي لڪ بدوڪ وٽ ٻير جي سنهي جهنگ ۾ هڪ ٻہ ٻگهڙ هميشہ ڏسي سگهجن ٿا.

ٻگهاڙ ڊوري جي پرپاسي واري ٻڪل پونءِ ڪنهن زماني ۾ ٻگهڙن کان مشهور هوندي هئي. اهي ٻگهڙ آسپاس جي گهاٽي جهنگ ۽ ڇُرن ۾ رهندا هئا. ماٺهن کي ايڏا ٻہ ياد آهي تہ سنڌ جا ٻگهڙ ردن ۽ ٻڪرين لاءِ وڏو خطرو هوندا هئا ۽ هر سال 5800 ڪن ناس ڪري ڇڏيندا هئا. سن 1897ع کان 1907ع تائين 1178ع ٻگهڙ ماريا ويا ۽ انهيءَ ڏهاڪي جي پچاڙيءَ ڏاري سنڌ ۾ ٻگهڙن جو آزار ضابطي هيٺ اچي ڇڪو هو ۽ اڄ ڏينهن تائين وري منهن نہ ڪڍيو اٿائون.

بلائفورڊ موجب، جيڪو بگهڙ اولهندي سنڌ ۾ ٿئي ٿو سو پوري جنس (ڪئنس ليوپس) آهي ۽ پنهنجي اوپر واري مائٽ کان رڳو پنهنجي ڪجهه وڌيڪ گهاٽي ۽ ڊگهي پشم ۾ مختلف آهي.

گدڙ (ڪئنس آريوس)، جنهن کي مڪراني ۾ تولڪ سڏيندا آهن، سو سڄي سنڌ ۽ خيرپور ۾ ٿئي ٿو. پاڪستان جي ٻين پاڻ وانگر، هتان جو گدڙ به شڪار لاءِ نڪرندو آهي ته ڏاڍيون اوناڙون ڪندو آهي. پر هڪڙو فائدو سواتس، اهو هي ۽ ته ڊوند ڪائي ڪپائي ڇڏيندو آهي.

شڪارين مون کي ٻڌايو آهي ته گدڙ جوڙو جوڙو ٿي شڪار ڪندا آهن ۽ سيهڙ ۽ تتر جهليندا آهن. مون جوڙن کي ڏينهن ڏني جو شڪار ڪندي ڏٺو آهي: هڪڙو ڪنهن پيچري وٽ ٻوڙي جي پويان لڪي ويهندو ۽ ٻيو وري سامهونءَ واري طرف کان ٻوڙن منجهان ٽپندو ويجهو ايندو. شايد انهيءَ اُميد سان ته سهويا تتر اتان نڪرندو ته سڏو وڃي سندس منتظر ساٿيءَ جي وات ۾ پوندو. پر مون کين ڪجهه جهليندي ڪڏهن ڪونه ڏٺو آهي. ڪلان ڪوٽ ڏنڊ ۾ مون گدڙن جي هڪڙي جوڙي کي تانگهي پاٽيءَ ۾ مريل (Murul) مڇيءَ جو پيڇو ڪندي ڏٺو آهي. فيض آباد (هندستان) ۾ مون ٻن گدڙن کي پنهنجي ئي هڪڙي ڪمزور هم جنس تي حملو ڪري ماريندي ڏٺو. هو ان کي مارڻ ۾ ايترا ته غلطان هئا جو مون کي سڄي ڪاروائي ۾ وٽان ڏسڻ جو وڇه ملي ويو هو. بيمار گدڙ جو ڏري گهٽ پوريءَ طرح ساماڻيل هو سو ڏاڍو سنهو هو ۽ مارجڻ وقت ڏاڍيون دردليون دانهون ٽي ڪيائين. ماريندڙن مان هڪڙي ڪيس ڳٽر کان ڪٽي جهليو هو ۽ اُها ڪري رهيو هئس، جا ڪتو ٻليءَ سان ڪندو آهي. ٻئي گدڙ پنهنجي شڪار کي سنگهي پوءِ چورن وانگر مخالف طرفن ڏانهن هليا ويا هئا.

گدڙ جيتوڻيڪ گوشت خور جانور آهي، تڏهن به ان کي ڪنڊر ٻير (ززيفس روٽنڊيفوليا)، نم (ازادير اچتا ايڊيڪٽ) ۽ بڑ (فائڪس بنگالينسس) جو ميوو ڏاڍو وڻندو آهي. انهن وڻن جو ميوو هي پٽ تان هيٺ سان ڪٽندا آهن ۽ ڪائڻ وقت گُلرن وانگر ڪٽ پٽ ڪندا آهن. ٻيرن ۽ نمورين جو ککڑيون ڪائڻ کان پوءِ سڄي جون سڄيون ڪيڏي ڇڏيندا آهن. "ڪاڪوس" وقت ڪنهن ٻوڙي يا وڻ جي پاڙ وٽ ويهڻ وڻندو اٿن ۽ گهٽو ڪري فرلانگ واري پٽر کي ائين سينگاريندا آهن. ڪمند ۽ پڪل گدرا پڻ چاهه سان ڪائيندا آهن ۽ اهڙن ڳردار فصلن جو ستياناس ڪري ڇڏيندا آهن.

پاڪستاني لومڙ (ولپيز بنگالينسس) سنڌ جي گهڻن ضلعن ۾ چگو عام آهي، ۽ گهٽو ڪري گاهه يا بيابان ۾ اڪيلو ڏسبو آهي. گدڙ وانگر هن کي به ميوو خاص ڪري ٻير ۽ گريويا وڻندو آهي. انهن جون ککڑيون سڄيون ڪيندا آهن. هيءُ گهٽو ڪي ميداني ڪوئن، سڪيءَ جي ڪيڪڑ، ننڍن پکين، ڪرڙين ۽ ساندن تي گذران ڪندو آهي. ساندي کي اهو ان جي پوائتي، ڪنڀائين پڇ جي باوجود جهلي وڻندو آهي.

آگري (هندستان) ۾ رهتا لومڙ. ڪتن جي شڪار لاءِ وڪٽندا هئا. شڪار ڪڏهن ۽ گهٽو وقت نه هلندو هو. چا لاءِ جو اهي اپاڃا جانور بند رهڻ ۽ ڪاڏي پيتي نه هئڻ ڪري ڪمزور ٿي ويندا هئا ۽ سندن ٻوٽ هميشه سبيل هوندا هئا. جڏهن ته ڪتا ڏاول ۽ شڪار لاءِ آتا هوندا هئا.

بياباني لومڙ (ولپينر ليوڪاپس). جنهن کي سنڌيءَ ۾ ننڍو يا اڇو لوڪر ۽ بلوچيءَ ۾ لومبر سڏيندا آهن. تنهن جو منهن يورپي لومڙ جهڙو ٿيندو آهي ۽ اصل بياباني جنس آهي. گهٽو ڪري ڪرڙيون ۽ ڪٽا ڪائيندو آهي ۽ اهڙي ڄو وسائيندو آهي. جتي ريگستاني ٻوٽا جهڙوڪ ڪِرڙ اڪ، ڪپ ۽ ڦوڳ ٿيندڙ هجن. اهو ڪڏهن ڪڏهن هندستاني لومڙ واريءَ جوءِ ۾ ٻسبو آهي، ۽ هندستاني لومڙ اڇي لوڪڙ جي اصل جوءِ يعني خشڪ وارياسي تر ۾ خير کو ڏسبو آهي.

ننڍو پنجابي لومڙ (ولپينر پيوسيلس) هن وقت تائين رڳو متين سنڌ ۾ ڏٺو ويو آهي. جتي مون کي اهو ريتي، اوباوڙي ۽ ڪشمور جي ڀرپاسي ۾ نظر آيو آهي. هيءُ ٻڌ اڇي جهڙي جوءِ وسائيندو آهي، ۽ مري جي چوڌ موجب، ان کي اڪثر اڇي لوڪڙ سان ڳنڍيو ويو آهي. انهن ٻنهي جنسن جي ڇڃ جي پڇڙي اڇي ٿيندي آهي. جڏهن ته هندستاني لومڙ جي پُڇ جي پڇڙي ڪاري ٿيندي آهي. هيءَ جنس ٻه سنڌ ۾ ننڍو لوڪڙ سڏبي آهي.

سنڌ ۾ پاڻيءَ جي ٽٽيارن (ويسر. ڊولفن ۽ ٻلهڙ جون چار جنسون ٿين، جن مان ٻه ڊولفن جون، هڪ ٻلهڙ جي ۽ هڪ ويسر جي آهي. ٻلهڙ کي ڇڏي باقي سڀ سامونڊي جنسون آهن.

شيهي جي رنگ واري ڊولفن (استينوپلميوس) ۽ ڇُهنبياري ڊولفن (استينو لانجيراسٽرس)، ٻئي سامونڊي جنسون آهن ۽ سنڌو جي ڪپر لڳ سمنڊ ۾ ٽين ٽيون. پهرين جنس کي سنڌوءَ جي ڪن ڪيٽيءَ وارين کارين ۾ ٻڌ ڏٺو ويو آهي.

پاڪستاني يا گنگا واري ٻلهڙ (پلاٽانسٽا گئنجيٽيڪا)، جيڪا 7 فوٽ ڊگهي ٿيندي آهي، مٿي پاڻيءَ جي جنس آهي ۽ صفا انڌي ٿئي ٿي. چاڪاڻ جو ان جون اکيون پوريءَ طرح اُسريل نه هونديون آهن. جيتوڻيڪ ان کي گنگا جي نالي پٽيان سڏيو وڃي ٿو تڏهن ٻه اها ان ندي سان مخصوص آهي، پر ننڍي کنڊ جي گهٽن وڏن درياڻن ۾ ملي ٿي. اها سنڌوءَ ۾ گهٽي ٽٽي ٿئي ٿي ۽ سنڌيءَ ۾ سيسر ٻه سڏبي آهي. مهاڻا ۽ ميربحر ان جي تيل کي وائي جي سور لاءِ اڪسير سمجهندا آهن ۽ پنهنجين پونگين ۽ گهرن ۾ سوجهري لاءِ ٻاريندا آهن. ڪپر تي رهندڙ ڪيتريون ئي قومون ان مڇيءَ جو ٻوڙ وڏو طعام سمجهنديون شوق سان کائيندڙ آهن ۽ ڪڇونءَ ۽ ٻي مڇيءَ کان وڌيڪ وٽندو اٿن. سواءِ پلي (ڪلوپئيٽليشا) جي، جنهن جو ستت بيان ڪبو.

سنڌ جا مهاڻا ٻلهڙ کي سيڪاريل لڏڻ جي مدد سان قاسائيندا آهن. جن کي هو اهڙي کنڊ يا درياڻي کاريءَ ۾ ڇڏي ڏيندا آهن، جتي مڇي هجي لڏڻا مڇيءَ جي ڪيڏ پوندا آهن ٻلهڙ وڳوڙ ٻڌي

مڇين کي جهلڻ لاءِ ڪنڌ ۾ ڪاهي پوندي آهي، پر پاڻ گهنڌ جي شڪل جهڙين مضبوط جارين ۾ ڦاسي پوندي آهي ۽ مهاڻا جار جي وٽين منجهان پالا هڻي ماري وجهندا اٿس.

نيرو ويسر (بلائنوپٽيرا انڊيڪا) وڏي ۾ وڏو ٽٽيارو جانور آهي ۽ ڊيگهه سؤ فوٽ کن ٽيندي اٿس. سنڌ ۽ مڪران جي ڪپر ڪان پرتي سمنڊ ۾ مڙيوئي پيو ملندو آهي ان جو گذران ننڍن جهينگن، گانگٽن، ڪيڪڙن وغيره تي آهي. اهو گهٽ ۾ گهٽ ٻه پيرا ڪراچيءَ ۽ بمبيءَ جي وچ ۾ آڳبوٽن سان ٽڪريو آهي. هڪڙو ويسر مڪران جي ڪناري وٽ زير ساموندي تار سان وڇڙيل لڏو ويو هو. 1879ع ۾ هڪ 17 فوٽن ڪان وڏيڪ ڏگهي ڪوڙي ڪلفٽن وٽ ڪپر تي لڙهي آئي هئي.

پيٽ ۽ بابا ٻيٽن جي مهاڻن وارو چيتو يا بهاري ٻلهڻ ظاهر آهي ته اهوئي ويسر آهي، جنهن کي ڪڏهن ڪڏهن پالن سان ساڻوڪري ٻيڙيءَ سان ٻڌي بندر تي آڻيندا آهن اتي ان کي ڪپي تيل ڪڍندا آهن. ساموندي مهاڻن وٽ ان تيل جو وڏو قدر آهي. ڏکڻ ايران ۽ مڪران جي ڪپر تي ڪپر وارا لوڪ ڪناري تي ڏکجي آيل ويسرن جا هڏا پنهنجين پونگين جي اڏاوت ۾ ڪم آڻيندا آهن.

ڪٽرينڊڙ جانورن (روڊنشا) جون سنڌ ۽ خيرپور ۾ ڪافي جنسون ملن ٿيون.

پٽن سان ڪجيءَ وارو نوريئڙو (سڪايورس پاميرم) يعني سنڌوءَ ۽ گنگاهه جي ميدانن واري گلهري اتان جي باغن ۽ رستن سان عام ڏسڻ ۾ ايندو آهي، پر سنڌ ۽ خيرپور ۾ ڪامياب آهي. اهو سيني ضلعن ۾ ٿئي ٿو پر ڪٿي به عام نه آهي. هيءُ جانور مڪاني طرح لڏپلاڻ ڪندو رهي ٿو. ڪراچيءَ ۾ اُهي ٻليون ان جو شڪار ڪنديون آهن، جن جو ڪو ڏٺي سائين نه هوندو آهي ۽ جن سان شهر پريو پيو آهي. مون هڪڙي سرڻ کي ان تي لامارو ڏيندي ڏٺو آهي. تڏهن جڏهن اهو تاريءَ جون ڪريل ڦريون ڳولي رهيو هو جن جو هو ڏاڍو شوقين ٿئي ٿو. مون ڪانوَن کي پڻ ان سان آزار ڪندي ڏٺو آهي، جن پنهنجي عادت موجب اڳيان پويان جُلهون ٿي ڪيس. هيءُ ننڍو نوريئڙو، جنهن کي انگريزي سپاهي وڻ جو ڪوئو سڏيندا آهن، سو جيڪڏهن هٿ سان پاليو وڃي، ته سندس هٿ پال ثابت ٿئي ٿو. اهو قيد ۾ پڻ ڀڃا ڏي ٿو.

پاڪستاني ڪوئو (گربيلس انڊيڪا) ۽ ان جو ننڍيڙو مائٽ ريگستاني ڪوئو (گربيلس هُرياناءِ) شايد سنڌ ۽ خيرپور جا پنهنجي پنهنجي جُوءِ اندر سيني ۾ عام ڪٿا آهن. پوئين جنس، جا وڏيڪ خشڪ تر ۾ رهڻ پسند ڪري ٿي، سا وڏيڪ مڪاني هوندي به وڏيڪ عام آهي. ٻئي قسم جي ولرن ۽ چار پنج فوٽ اونهن ڏرڻن ۾ رهندا آهن. اهي گاهه جي پاڻن ۽ آن تي گذر ڪندا آهن ۽ گهٽو ڪري ڏينهن جو سرگرم هوندا آهن. پاڪستاني ڪوئو ڏاڍو وياتو آهي ۽ هڪ وقت ۾ ڏهه ٻارنهن ٻچا ڏيندو آهي. پنهنجي رنگ، پوين جنگهن جي وڏي ڊيگهه ۽ تِپ ڏيڻ جي سگهه جي ڪري اهي ڳاڙها

ڪوئا بہ سڏيا ويندا آهن. پاڪستاني ڪوئو هڪ ئي ٽِپي ۾ ڪتي کان بچي نڪرندو آهي ۽ ان کي 5 وال ٽپندي ڏنو ويو آهي.

سنڌ اندر ڪوئن جون جيڪي ٽي جنسون ٽين ٽيون، تن ۾ ننڍي ۾ ننڍي جنس ٻُجر پيرن وارو ڪوئو (گربيلس گليبوئي) آهي. اها جنس ٻيلي ڪاتي جي ايف. گليبو روهڙيءَ ۾ ڏني هئي. اهو ڪوئو تمام مڪاني آهي ۽ عادتون پنهنجن وڏن هم جنسن جهڙيون اٿس. مون سکر قلعي اندر ريتيءَ ۾ ڪينجوءَ جي وچ ۾ وارياسي وَر ماريل مور ۾ ان ڪوئي جا ننڍا ولر ڏٺا آهن.

هيءُ خاص سنڌ جي جنس ڏسڻ ۾ اچي ٿو پر جيئن ته اهو پنجاب جي سرحد جي ايترو ويجهو ٿئي ٿو انهيءَ ڪري ٽي سگهي ٿو ته بهاولپور ۽ ٻين سکر جي پر وارن ضلعن ۾ بہ هجي. سکر ضلعي ۾ اهو مسٽر گليبو لڏو هو جنهن صاحب جي سنڌ اندر سئي ڪوجنا ڪيل آهي.

ننڍي پچ وارو ڪوئو يا پوڪ وارو ڪوئو (نيسوشا هاربوڪي) ۽ ان جي وڏو مائٽ عام پرڪ وارو ڪوئو (نيسوشا بنگالينسس) ٻئي سنڌ ۾ ملن ٿا. پهريون ڪوئو جنهن کان ڪڙمي ايترو ڊجندا آهن، جيڪو پوکن ۽ پروارن درياڻن ۽ واهن جي بندن کي ايترو نقصان پهچائي ٿو سو چگو ڦهليل آهي ۽ جتي بہ ٽيندڙ آهي، اُتي گهٽو ملي ٿو. پويون ڪوئو جيڪو عام گهر کان ٻاهر ڪوئو آهي. سو سنڌ ۾ ايترو ڪونہ ٽئي ۽ هن وقت تائين، مريءَ جي چوڙ موجب، رڳو ٽرپارڪر ضلعي اندر ڏسڻ ۾ آيو آهي. اهو سياڻ جو شوخ ۽ اڪيلائي پسند ٽئي ٿو. وڏا وڏا ٻر ڪري، جي ڪيترن ئي والن تي پکڙيل هوندا آهن، انهن ۾ اڏ اڏ سير انَ يا گاهہ جو ٻج سانديي رکندو آهي. هيءُ ڪوئو انهيءَ جنس مان آهي، جنهن کي "طاعون جو ڪوئو" سڏيندا آهن. بمبئيءَ (هندستان) جي وادر نالي رولو قبيلي ۾ ان جي گوشت جو وڏو قدر آهي.

مرون ڪوئو (نيسوشا بئنڊيڪوٽا) جيڪو ڊيگهہ ۾ بہ فوٽ يا وڌيڪ ۽ تور ۾ ٽي پائونڊ ڪن ٽيندو آهي، سو ماڻهن جي چوڙ موجب ڪراچيءَ ۾ ليپي ٿو ۽ اتي ڪپهہ جي گدامن ۾ رهي ٿو پر منهنجي ڄاڻ موجب اهو سنڌ ۾ ڪٽي ڪونہ ٽئي. 73 ورهيہ اڳ مريءَ جي وقت ۾ ڪراچيءَ جي گدامن اندر جيڪي ڊگها ڪوئا ڏٺا ويا هئا، سي ٽي سگهي ٿو ته ڪڪا يا موريءَ جا ڪوئا هجن، جيڪي وڏي وڏا ٽي ويا هجن. ڪلڪتي ۾ انهن ڪوئن کي پلجي مرون ڪوئو سمجهيو ويو هو.

ڪڪر يا موريءَ جو ڪوئو (مس ڊيڪومئنس) ۽ چت وارو يا ڪارو ڪوئو (مس راٽس)، اهي ٻئي عام گهر ۾ رهندڙ جنسون آهن ۽ ٻنهي کي طاعون جا ڪوئا سمجهيو ويجي ٿو. خاص ڪري پوئين جنس کي، جا گهرن ۾ رهندي آهي ۽ مٽي چڙهي وڃڻ جي ڪري چت وارو ڪوئو پڻ سڏبو آهي.

ٻئي جنسون ماس کائي رات جو نڪرندڙ آهن ۽ تري بہ ڄاڻن ميز جو ڪاڏو ڏاڍو وٽندو اٿن، جنهن کي چورائڻ جو ڪو وجهہ نہ ويجائيندا آهن.

موريءَ وارو ڪوئو چالاڪ، ڪرڙو ۽ زيان خور آهي. اهو تتر جيترا وڏا پکي ماريو وڃي. انهيءَ جنس جي هڪڙي ڪوئي سکر ۾ پاليل خاڪي تتر، جيڪو گهر ۾ ڏوڙون پائيندو رهندو هو. سو ماري وڌو هو. مون وٽ ڪراچيءَ ۾ ٽي پٽ تتر هئا، جيڪي پيڃري ۾ بند رهندا هئا. انهيءَ جنس جو ئي هڪڙو ڪوئو هو جنهن انهن مان هڪڙي کي ماري وڌو هو. انهيءَ ڪوئي کي سُتل ماڻهن کي چڪ پائيندي ڏٺو ويو آهي. سندس چڪ جي ڪري ڪوئي جي چڪ جو بُخار ٽي پوندو آهي. انهيءَ بخار جو ڪارڻ هڪ "سپريلم نيورسس ميورس" نالي هڪ طفيلي جيت هوندو آهي. ڪراچيءَ ۾ منهنجي هڪڙي گُلر کي اهڙي ڪوئي ڪچيءَ ۾ ڏاڍو چڪ پاتو هو. گلر کي ڇٺين ۾ هفتا لڳي ويا هئا. چڪ واريءَ جاءِ تي سخت پوڻ وارو ڦٽ ٽي پيو هو ۽ گلر ڏاڍو ڏُنجي پيو هو. اهڙو جو ڏري گهٽ مئو هو. خاڪي توڙي ڪارو ڪوئو ٻئي جنسون سنڌ ۾ خيرپور جي سيني وڏن شهرن ۾ ملن ٿيون.

ايراني گهرو ڪوئو (مس ٻئڪٽريانس) سنڌ جو عام گهر جو ڪوئو آهي. گهرو ڪوئي (مس مسڪيولس) بابت چيو وڃي ٿو ته اهو مٿينءَ سنڌ ۾ ٿئي ٿو پر جيستائين مون کي پتو آهي ته ايڏا تائين ان کي رڪارڊ نه ڪيو ويو آهي. ايراني جنس ۾ اهي سڀ عادتون خاصُ ڪري ڪترڻ جون آهن، جيڪي ان جي پاڪستاني ۾ ٿين ٿيون، جنهن بابت ڪم جي هر ڳالهه اڳي ئي معلوم آهي.

ڪنئري بُج وارو پوک جو ڪوئو (مس ميٽادا) سنڌ ۾ ملي ٿو پر ايترو عام نه آهي، جيترو ننڍي پُڇ وارو ڪوئو يا عام پوک وارو ڪوئو. هيءُ ڪوئو ننڍن ننڍن ولرن ۾ رهي ٿو ۽ آباد زمينن ۾ واسو ڪري ٿو. جتي اهو چڱي طرح نه ٿهيل ٻرن اندر پوک وارن ڪوئن جي پراڻن ٻرن يا پهڙ يا ڪچري جي ڍڳن اندر رهي ٿو.

سُين سان ڪڪو ڪوئو (مس ٻئٽيٽرڪس) چيو وڃي ٿو ته سنڌ ۾ آهي، پر تر جي ماڻهن کي ان بابت تمام ٿوري ڄاڻ آهي. هيءُ جوڙن ۾ رهي ٿو ۽ ڳاڙهي ڪريلي زمين وٽندي اٽس، جتي اهو ٻر ڪري رهندو آهي. جڏهن ٻر اندر هوندو آهي، تڏهن هو ٻر جو منهن ننڍين ننڍين پترين سان بند ڪري ڇڏيندو آهي. انهيءَ مقصد لاءِ ٻاهر ٻر وٽ پٽريون هٿيڪيون هونديون اٽس. ٻر جي تري ۾ پڙ ننڍيون ننڍيون پٽريون وڇايل هونديون اٽس. عادتون هندستان جي پوک واري ڪئي (مس بندونگا) جهڙيون اٽس. هندستان جنس سنڌ ۽ خيرپور ۾ ڪانه ٿئي.

ٻوڙي جو ڪوئو (گولنڊا ايليوٽي)، جيڪو ٻوڙي اندر يا پٽ تي پيل گاهه اندر لڪل گاهه جو آڪيرو ناهي رهندو آهي، سو سنڌ جي جنس ڪري ڄاڻايو وڃي ٿو. هيءُ اڪيلو رهي ٿو ڏينهن جو نڪري ٿو ۽ گذران گاهه جي پاڻ تي اٽس. ان بابت گهٽي ڄاڻ ڪانهي.

سنڌ جي پوک ڪوئڙن (Mice) بابت گهٽي معلومات نٿي ملي. مون لاڙ وچولي ۽ سرن ۾ ڪپڙ ۽ ڪرڙ جي ٻوڙن ۾ پوکن جي پرسان پوک ڪوئڙن جا آڪيرا ڏٺا آهن، جن ۾ ڪڏهن ڪڏهن وڻ وارو وڏ

پُڇيو ڪوئڙو (مس اوليراسيوس) بہ نظر آيو اٿم. پر جيئن تہ تڏهن پتو ڪونہ هئم تہ انهي ڪوئڙي بابت تمام ٿوري معلومات رڪارڊ تي آهي، سو منجهن ڪا دلچسپي ڪانہ ورتي هئم.

سنڌ ۾ خيرپور جي پوک ڪوئڙن تي کوجنا جو ميدان تمام وسيع آهي.

سيڙهہ، سيسل، سنڪور يا خارپشت (هسٽرڪس ليڪيورا) جتي بہ موافق زمين ۾ پوک هوندي اُتي عام ٿئي تي.

هيءُ وڏو نقصانڪار جانور آهي، ۽ خاص ڪري ڪچالو ۽ پٽاٽي جي فصلن ۾ ڪيوڙي جي سلن جا لاهہ ڪيڙي ٿو انهي ڳالهہ ۾ ڪوسچ نہ آهي تہ هي پنهنجا قلم تيرن وانگر چوڙي سگهي ٿو.

سڙهہ جي ايراني جنس (هسٽرڪس ڪرستاتا) سنڌ بلوچستان جي سرحدن تي مُولا نئن وٽ ليپي تي ۽ شايد کيرٿر ڇپر ۽ ان جي ٻاهرين اوڀڙ ۾ ڏکڻ ۾ پري ڪراچي ڪوهستان تائين ڦهليل آهي، چاڪاڻ جو ان کي ڳچل تاڪرو ڏيهہ گهڻو وڻندو آهي. ڏکڻ ايران جي اهڙي تر ۾ هيءُ جانور عام آهي. مون کي اُتي ڪيترائي ڀيرا انهن کي ڏسڻ جو اتفاق ٿيو آهي.

عام پاڪستاني سنهو (ليپس ريوفيڪاڊيٽس) سنڌ ۾ ڪونہ ٿئي.

ايراني جنس (ليپس ڪرايپيڊٽس)، جنهن کي مري سنڌ جي جنس ڪري ڄاڻايو آهي، سا هتي مڪران ۾ ٿئي ٿي پر تمام ٿوري اُتي وندر ۽ تتيان نين جي ڪنڌين سان لڳو لڳ پوکن جي ويجهو مور ۾ ڪيترائي اهڙا سها ماريا آهن. جيتوڻيڪ مون اهو سنهو اوپر ۾ اڳتي حب نديءَ جي ٻئي پاسي ڏٺو آهي تڏهن بہ شايد اهو رولاڪ جي حيثيت ۾ اها وات وٽي سنڌ ۾ اچي ٿو چاڪاڻ جو حب سُڪي اوکر آهي، سواءِ مينهوڳيءَ جي مند ۾ جڏهن اها تار وهندي آهي.

سنڌي سنهو (ليپس ڊيانس) جنهن کي سيهڙ بہ چون، سو سنڌ جو عام سهو آهي ۽ هر هنڌ جام ٿئي ٿو خاص ڪري لاڙ ۾، جتي اهو گدپ جي ميدان ۽ جنگشاهيءَ، پير پٽي ۽ گلا ملاح وٽ مور ۾ ٿئي ٿو.

لاڙ جي جوکين کي ڪائيءَ جو گهوباٽو اچلائي هٽڻ جو وڏو ڏاڻ آهي. مون کين پندرهن ويهن وکن تان سهن کي چُٽي ڪيرائيندي ڏٺو آهي. مجنون نالي هڪڙو جوکيو شڪاري انهيءَ شڪار ۾ اهڙو تہ پڙُ هو جو ڏسي حيرت وٽي ويندي هئي.

ايف گليڊو کي جنگشاهيءَ لڳ جيڪو سهو هٿ آيو هو ۽ جنهن کي مري ليپس جنگشائنسيس جو نالو ڏنو آهي، سو ضرور رڳو انهيءَ تر ۾ ٽيندڙ ۽ تمام گهٽ ليندو هو. چاڪاڻ جو ڪرنل ڊبليو. جي. ڊڪسيءَ ميجر وليمس. ميجر گبنس ۽ مون انهيءَ کي ڳولڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي هئي پر اسان کي ڏسڻ ۾ ڪونہ آيو هو. هيءُ سهو ٿي سگهي ٿو تہ ڊيانس جو ڪو قسم هجي ۽ جيئن اي. ايڇ. اي ڄاڻايو آهي، سنڌ علائقي ۾ ٽيندڙ "واحد جنس آهي،" ڪجهہ بہ هجي. هيءُ معاملو وڏي دلچسپيءَ وارو آهي ۽ ان جي وڌيڪ پڙتال ٿيڻ ڪپي.

ڪُرن وارا ٽٽيارا، ڪُر- ڏاتن، اوڳاريندڙ جانورن جي اٽاڪ جي ڪري ايترا گهٽا نه آهن. انهن ٽٽيارن جا سنڌ اندر ست قسم ملن ٿا. انهن ۾ ڏبڙ وارو هرڻ ۽ چئو سگو روجهه نابود ٿي وڃڻ جي ڪري شامل نه آهن. انهن ٻنهي جي سنڌ جي جانورن واري فهرست ۾ دخلا واجبي نٿي چئي سگهجي.

ايشيائي جهنگلي گڏهه (ايڪئس ڪيميونس) جنهن کي سنڌيءَ ۾ گورخر چون، تنهن جا ٽاڪ ڪڇ جو رڻ ۽ بيڪانير ۽ جيسلمير جا ريگستان آهن.

1936ع ۾ ٿرپارڪر جي ريگستاني علائقن ۾ گهٽي پڇا ڳاڇا ڪئي وئي پر ان ڳالهه جي تصديق نه ٿي سگهي ته اهو جانور ڪو اتان جو دائمي رهاڪو آهي. ڪولهين ۽ ٿرين ٻڌايو ته ڪڏهن ڪڏهن رڻ جي اوسي پاسي ۾ ٿورا نظر ايندا آهن. وڌيڪ چيائون ته اهي ڏاڍا ننڍ ۽ تير جهڙا تکا هوندا آهن. جيڪڏهن پريشان ڪبن ته پڇي اوڏانهن موٽي ويندا جتي رهندڙ هوندا.

جهنگلي سوئر (سس ڪرسٽاٽس) جنهن کي سنڌيءَ ۾ مِرون يا ڏوکر "سوئر" چون، سو درياء جي پرپاسي وارن ٻيلن ۽ ڪڇي ۾ عام ملي ٿو پر ته ان کي گهربل گهاٽي پناهه اتي ئي ملي ٿي. اهو چڱو وڏو قد ڪري وڃي ٿو ۽ ڏاڍو پوائتو ۽ بي ڊپو ٿئي ٿو. اڪيلو مرون خطرناڪ ٿئي ٿو ۽ وڙهڻ ۾ دير نه ڪندو. اهڙا مِرون به بندوق يا برڇيءَ سان ماريا ويا آهن، جن جون وڃون اٽ اٽ ڏهه ڏهه انچ ڊگهيون هيون. مون ڪيترائي اهڙا ماٿهو ۽ گهوڙا ڏٺا آهن، جن کي وڃن جا وڏا وڏا گهاو هئا. اها ڳالهه بلڪل بي بنياد آهي ته ڪو هو ترڻ جي ڪوشش ۾ پنهنجيون سسيون اڳين پيرن جي تکن ڪُرن سان ڪپي وجهندا آهن. حقيقت ۾ هو سُٺا تارو هوندا آهن ۽ ڪاڌي جي ڳولا ۾ وڏا ويڪرا ڊورا به پار ڪري ويندا آهن. جهنگلي سوئر پوک لاءِ پويون ڏينهن ٿئي ٿو ۽ سنڌوءَ جي ڪڇي ۾ مٽر، چٽي ۽ گدري جي پوکن جو گهٽو زيان ڪندا آهن. ڪمند لاءِ ڏاڍو چاهه هوندو اٿن ۽ رات جو گشت ڪندي جي ڪو ڏوند ملي ويندو اٿن ته اهو به کائي ويندا آهن.

جهنگلي سوئر جا ٻچا ٽپن سان ٽيندا آهن ۽ جيڪڏهن پالبا آهن ته پنهنجن مالڪن جي پنيان ڪتن جيان لور لور ڪندا آهن.

اُڙيال (اووس وگنيئي)، جنهن کي بروهڪيءَ ۾ گَدَ چون، سو ڪيرٽر ڇپر ۽ ان جي ٻاهرين اوپڙن ۾ ۽ لسٻيلي ضلعي جي ٻَٻ جبل ۾ ٿئي ٿو. ڪنهن زماني ۾ اهو ڪراچيءَ ڪوهستان ۾ سرجاٽي، ڪڏيجي، ڪڙ ۽ موديان وٽ به ملندو هو پر ان کي ايترو گهٽو شڪار ڪيو ويو آهي جو هاڻ اهو پنهنجي ڳڙهه يعني ڪيرٽر ڇپر ۾ به ڪمياب آهي. هن وقت تائين سنڌ ۾ هن جانور جو جيڪو سٽي ۾ سٽو داٽو ڏٺو ويو آهي تنهن جي منڊي گولائي ماپ ۾ 36 انچ هئي. پنجاب جي لوڻ وارن ٽڪرن ۾ پڻ پلو اڙيال ٿئي ٿو جو اتي ڪنهن حد تائين ان جي شڪار تي بندش آهي.

ايشيائي جهنگلي ٻڪر (ڪاپرا ائگاگرس)، جنهن کي سنڌيءَ ۾ سرهه يا ٿير چون، سو ڪيرٿر چپر جي وڌيڪ اُتاهين ٽڪرين ۽ ٻپ ۾ ٿئي ٿو. ڪنهن زماني ۾ اهو تيرٿ لکي ٽڪرن ۾ به عام هو. پر اڙيال جيان ان جو تعداد به بي ساڳاهي شڪار سبب گهٽجي ويو آهي ۽ ويندي وڌيڪ اُتانيهن ڪيرٿر ۾ پڻ، جي اهو بنهه اڻ لٻ نه آهي ته به ڪمياب ضرور آهي. حالانڪ ڪو زمانو هو جو اتي اهو ضرور ملندو هو ۽ اهو پڻ ڇڪي ڇوڪي تعداد ۾. سنڌ اندر انهيءَ جانور جي جيڪا وڏي ۾ وڏي منديِ ڏني وئي آهي، تنهن جا سگ ¼ 52 انچ ڊگها ۽ پاڙ وٽ 7 انچ ٿلها هئا. اهو جهنگلي ٻڪر جنرل اي. سي. مارسٽن ماريو هو. هي اهوئي صاحب آهي، جنهن ليفٽيننٽ جي حيثيت ۾ 1843ع ۾ حيدرآباد ويجهو ميانيءَ جي لڙائيءَ ۾ نيپيئر جي جان بچائي هئي.

سنڌي هرڻ (گزيل بينيٽي) سنڌ ۽ خيرپور ۾ جتي جتي به موافق جوءِ آهي. اُتي اُتي ٿئي ٿو. پر هاڻ اُهو ايترو گهٽ نه آهي، جيترو ويهه ورهيه اڳي هو ۽ اڌ ڏزن کان وڌيڪ هرڻن جو ولر ورلي ئي ڏسڻ ۾ ايندو آهي، سواءِ ٽرپارڪر جي پٿن ۾ جتي اهو اڄ به وڏن وڏن ولرن ۾ ملي ٿو. اهو هرڻ راجستان ۽ راجپوتانا کان به سنڌ ۾ ايندو آهي. اُتي ان جي شڪار تي سخت بندش آهي.

سنڌ وارن هن سهڻي جانور سان به اڙيال ۽ جهنگلي ٻڪر واري ڪار ڪئي آهي، ۽ ان کي ڏينهن جو توڙي رات جو ڊوڙائي ڊوڙائي يا موٽر منجهان گوليون هڻي ايترو گهٽ شڪار ڪيو ويو آهي جو هاڻ ان جو تعداد گهٽ گهٽجي ويو آهي. سواءِ شايد خيرپور ضلعي جي جتي ان جي شڪار تي بندش آهي، جابلو جهنگن ۾ ڪراچي ڪوهستان جي اوسي پاسي ۾ ۽ انهيءَ علائقي سان رڙ پيتائيءَ کان پلهڙيءَ تائين لاڳاپيل ميدانن ۾ ڇڪو هرڻ ٽيندو هو. پر هاڻ اهو ايترو ته ڪمياب آهي، جو وري ڏسڻ ۾ نٿو اچي. وڏي ۾ وڏي منديِ جنهن جا سگ 16 انچ آهن، سا خيرپور جي ميروٽ آهي.

انهيءَ هرڻ ايراني جنس (گزيل سب گٽروسا) سنڌ يا خيرپور ۾ ڪونه ٿئي.

ڪارو هرڻ (ائنٽيلوپ سروي ڪاپرا) هندستان کان خيرپور ۾ آندو ويو هو جتي ميرجي سخت حفاظت هيٺ ان جي تڪڙي واڌ ٿي. ميروٽ جيڪا وڏي ۾ وڏي منديِ آهي، سا "شاهي منديِ" آهي، جنهن جا سگ ڊيگهه ۾ 26 انچ آهن سگ جي وچ ۾ ڇُهنب کان ڇهنب تائين مفاصلو پڻ ايترو ئي آهي. خيرپور جي ڪاري هرڻ جا سگ پنهنجي ڦهلاءَ کان مشهور آهن. آءٌ سمجهان ٿو ته هتي "شاهي منديِءَ" وارو ڪارو هرڻ گهٽو آهي.

ڇٽن سڱن وارو هرڻ يا چؤسڱو (ٽيٽرا سيراس ڪئادري ڪارنس) مري طرفان ڄاڻايو ويو آهي، پر جيستائين مون کي پتو آهي ته اهو هاڻ سنڌ يا خيرپور ۾ ڪٿي ڪونه ٿئي، جيڪڏهن ٽيندو به هو ته هاڻ اهو ٻارنهن سڱي يا ڏهڻ واري هرڻ وانگر ناپيد ٿي ويو آهي.

ڦاڙهو يا ڄانگهو (سَروَس پارسينس) سڃيءَ سنڌ ۾ خيرپور اندر ڪچي جي گهاٽن ٻيلن ۾ عام آهي. هيءُ ڪچي ۾ يا ٻيلن جي پرپاسي ۾ ٽيندڙ پوکن جو ڏاڍو زيان ڪري ٿو. اڙ سامايل ڦاڙها چٽن سان هوندا آهن ۽ اهڙو ئي زورائتو تري ڄاٽن. جهڙو سامايل ڦاڙها. مون ليوڪا جي ويجهو هڪڙو عاليشان ڦاڙهو درياء جي چورگپ ۾ ڦاٽل ڏٺو هو. خيرپور جي مير وٽ ڦاڙهي جي هڪڙي منڊي آهي، جنهن جا سگ ½ 23 انچ ڊگها آهن. ۽ سکر ضلعي جي مشهور 'ڪوٽ' جي پٽين تي ڦاڙهن جون ڪي عاليشان منڊيون ٽنگيل آهن.

ڏٻڙ جو هرڙ يا ٻارنهن سڱو (سروس ڊووسيلي) يعني سنڌيءَ جو گوئن ۽ هندستان جي گوگرا نديءَ وارين ڏٻڙين جو گوند جيڪو ڪنهن زماني ۾ روهڙيءَ ۽ سکر جي پرپاسي ۾ سنڌوءَ جي ڪچي اندر گهاٽي گاهه ۽ لئي جي جهنگن ۾ ٽيندو هو. سو هاڻ ناپيد آهي. توٽي جو 1933ع تائين ڏهر ۽ سانگي ٻيلن جا جاگيراٽي پير مڙد ان جون "چيتو ڦاڙهو" يا "گوئن" جي نالي سان ڳالهيون ڪندا هئا.

سنڌ اندر ڏُڌن ٽٽيارن (Edentata) جي هڪ ئي جنس، ڇلا مرون (مئنس پينٽا ڊڪٽائلا) ٽئي ٽي، پر جيئن ته اهو رات جو نڪرندو آهي ۽ زمين هيٺان رهندو آهي، انهيءَ ڪري اهو ورلي ڏسڻ ۾ ايندو آهي. اهو هيٺينءَ سنڌ ۾ ٽئي ٽو. جتي اهو حب ۽ ڪڏيجي ماڙين ۾ مڪران جي ڪپر تيل بدوڪ وٽ ڏٺو ويو آهي.

هيءُ جوڙن ۾ رهي ٿو ۽ زمين ۾ اونهو هرڙ ڪندو آهي، جنهن جي تري وٽ رهڻ جي جاءِ هوندي اٽس. جڏهن اهو "گهر" هوندو آهي، تڏهن هرڙ جو منهن اندرئين پاسي کان گهرگهلي منڍَ سان بند ڪري ڇڏيندو آهي. هيءُ ڪاريون ڪِوليون ۽ اڇي اڏوهي کائيندو آهي، جيڪي پنهنجيءَ وڏيءَ ڇپ سان کوٽي ڪڍندو آهي. سندس ڇپ کي انهيءَ مقصد لاءِ وڏا وڏا پِڪ وارا غدود چگيءَ طرح آلو رکندا آهن. ان جي اڳين پيرن جا پوائتا ڇَنبا، جيڪي ڪاٽيءَ لاءِ ائين آهن جهڙا ٽيڪر. سي هلڻ وقت اڳين پيرن جي مخصوص حالت سبب تکا رهندا آهن. تڏهن ڇنبا پيرن جي تِرين تي اندرين طرف وريل هوندا آهن.

هن هٿيان پنهوارن واري ٽٽياري جو آواز هڻ ڪڻ جي شُوڪي جهڙو هوندو آهي. ڇلا مرون تي ننڍڙي نيري ڇڇڙ جي صورت ۾ هڪڙو طفيلي جيوڙو تڳندو آهي. اهي ڇڇڙ ڪڏهن ڪڏهن سڃي بدن تي هوندا اٽس، خاص طرح هر ڇلي جي هيٺان، جتي اهي ڳاهڻ ٽيل ڏسڻ ۾ ايندا آهن. جڏهن کو خطرو محسوس ڪندو آهي، تڏهن کينهوءَ جيان ويڑهجي سيڑهجي ويندو آهي ۽ شايد جبلت جي ڪري سمهندو به ائين ئي آهي.

هڪڙي بروچ شڪاريءَ کان پڇيو ويو تہ چلا مرون زمين منجهہ ايترو گهٽو چو رهندو آهي. هن وراڻيو تہ هي ميرن ۽ پيرن جي آزار کان "زمين جي هيٺان" هليا ويندا آهن. اهي ماڻهو جتي ڏسندا آهن، اتي مارائي چڏيندا اٿن، چو تہ ان جو گوشت قوتِ باهہ وڌائيندو آهي.

پکي:

سر اليگزينڊر برنس 1830ع ۾ سنڌ گهمي پکين جا اٽڪل 190 قسم ڳاڻايا آهن. ڊاڪٽر ڊبليو. گرفٿ 1839ع ۾ شڪارپور جي اوسي پاسي مان ڪيترائي پکي ڦاسائي گڏ ڪيا. 1854ع ۽ 1855ع ۾ ڊاڪٽر ايڇ. گولڊ پٽ سنڌ جي پکين جو ننڍڙو ميڙ ڪٺو ڪيو. ايلن.او.هيوم ڊاڪٽر فرانسز ڊي 1872ع ۾ مٿينءَ سنڌ اندر ڪم ڪري سر اي.برنس جي 1830ع واري 190 پکين جي فهرست ۾ وڌيڪ 200 جنسن جو اضافو ڪيو. ڊبليو.ٽي.بلائفور 1871ع ۽ 1877ع ۾ ننڍا ننڍا ميڙ گڏ ڪيا. اٽويهين صديءَ جي ستين ۽ انين ڏهاڪي دوران ويندي 1920ع تائين ڪرنل اي.اي.بلٽر، اسڪروپ پي. ڊوئگ، ڊبليو. اي. بُروڪس، ليفٽيننٽ ايڇ.اي.بارنس، ڪرنل لي ميسوريئر، سر ايون جيمز جي، ڊي.مري، جي.ڊيوڊسن، ڪسيمينٽ، ٽي.آر.بيل، گوردن، آر.ايل. مئڪلڪ، فرئنڪ لڊلو هئرنگٽن بلڪلي، ڊي.جي.اوماني، جي.ايمايس. ڪلبرٽسن، آر.اي.گبسن، سر چارلس ڪالي، اي.اي.جونس، ايڇ.ٽي.لئمبرڪ، اين.ايڇ.مينيس، هاٽسن ۽ ڊاڪٽر سي.بي.ٽائيهرٽ سيني پنهنجي پنهنجي ليکي ايلن ميوم جي ڪيل ملهائتي بنيادي ڪم ۾ ٿورو ڪي گهٽو اضافو ڪيو جو "استري فيدرس" جي پهرين جلد ۾ شايع ٿيو.

اسڪروپ ڊوئگ اوپرندي ناري واري ايراضيءَ ۾ ڪم ڪيو. ڪيس گهٽي دلچسپي ڇڻندڙ جنسن سان هئي. ٽي. آر. بيل جو بہ انهن ئي جنسن سان چاهہ هو. هن صاحب سکر ضلعي جي ٻيلن ۽ ڪچي وارن علائقن ۾ ڪم ڪيو. ڪرنل ٽلر ۽ ليفٽيننٽ بارنيس حيدرآباد ۽ ڪراچي ضلعن اندر ڪم ڪيو ۽ "استري فيدرس" ۽ ڪيترائي سُٺا ليک وجهايائون. جڏهن تہ بلائفورڊ مٿين سنڌ ۾ ۽ بروڪس ٿرپارڪر ضلعي جي ڪن ريگستاني ايراضين اندر ڪم ڪيو.

هيوم جي "استري فيدرس" ۾ ڇپيل عاليشان ليک کان پوءِ پکين جي رسالن ۾ سنڌ جي پکين تي وقت بوقت رڳو ننڍا ننڍا نوٽ ڇپبا رهيا. 1884ع ۾ مريءَ پنهنجي تصنيف "ورٽيبريٽ زولاجي" ڇپائي پڌرو ڪيو. پر ان ۾ سنڌ جي پکين جو ڪو خاص ذڪر ڪونہ هو. بارنيس جي ليک، "برڊس آف دي بامبي پريزيڊنسي" ۾ سنڌ علائقي بابت ايترو ئي ڳاڻايل هو جيترو اڳي ئي معلوم هو جڏهن تہ بٽلر جو "ڪٽلاگ آف دي برڊس آف سنڌ"، جو هن 1879ع ۾ جوڙي راس ڪيو سو نلهي "فهرست" کان وڌيڪ ڪجهہ نہ هو. هڪ اهڙي فهرست، جنهن ۾ تازي ۾ تازي معلومات شامل ڪيل هئي. 1880ع کان پوءِ جيڪي ڪجهہ لکت ۾ آيو سو اهي ننڍڙا اُڃاترا نوٽ هئا،

جيڪي "جرنل آف دي بامبي نيچرل هسٽري سوسائٽي" ۾ پڌرا ٿيا. 1907ع ۾ اي ايڇ. ائٽڪن پنهنجي "سنڌ گزيٽيئر" ۾ پکي جي هڪ مختصر فهرست شامل ڪئي. ڊاڪٽر ڪلاڊ اي ٽائيسهرٽ، جو 1917ع کان 1920ع تائين ڪراچيءَ ۾ هو سو پنهنجي واندڪائيءَ واري وقت ۾ پکين بابت معلومات گڏ ڪرڻ لڳو. هن صاحب نه رڳو سنڌ جي پکين بابت اڳيئي معلوم ڳالهين کي اپ ٽو ڊيٽ ڪيو پر ان ۾ ڪيتريون اهڙيون ڳالهيون پڻ شامل ڪيائين جي نيون ۽ وڏيءَ دلچسپيءَ واريون هيون. هن جو ملهائتو مقالو "بربس آف سنڌ" "آئبس" ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

مون کي 1920ع ۾ سنڌ موڪليو ويو. 34 ورهين تائين جڏهن به واندڪائي ملندي هئم، تڏهن گهٽو ڪري سنڌ جي حيوانات، خاص ڪري پکين ۽ سُرٽن جانورن جو اڀياس ڪندو هئس. آءٌ سموري پرڳڻي ۾ سڄي ليکي ڪم ڪندو هئس. ڪم ڪندو هئس. ۽ توڙي جو اولهه جي ڪيرٿر جبل ۽ ڏکڻ اوپر جي تر وارن واريا سن علائقن ڏانهن اڇ وڇ جي ڏکيائين جي ڪري ٿوري ٿوري وقت لاءِ ٿي وڃي سگهندو هئس، تڏهن به خوشقسمتيءَ سان سنڌ جي پکين واري لسٽ ۾ ڇهڻ نون قسمن جو اضافو ڪيم، جنهن سان جوڙ وڌي 426 ٿي ويو.

بارنيس، ڊوئگ، بيل ۽ بلڪلي جيان مون به ٻچا ڏيندڙ جنسن جو اڀياس ڪيو ۽ نه رڳو 13 جنسن جي ٻچن ڪرڻ بابت معلومات جيڪا تنهن وقت تائين غير يقيني هئي، تنهن جي تصديق ڪيم، پر 24 ٻين جنسن بابت پويون پيرو معلوم ڪيم، ته اهي ٻچا ڪيئن ڪنديون آهن؟

سنڌ جي پکين واري فهرست ۾ جن ڇهن جنسن جو مون واڌارو ڪيو سي هي آهن:

1. وڏي ڇُهنب واري ڳجهه (جپس انڊيڪس انڊيڪس)، جيڪا سياري جي مند ۾ سنڌ جي انتهائي اوپر واري تر ۾ ايندي آهي، جتي ان کي 1946ع ۾ ٻچا ڏيندي ڏٺو ويو.

2. چوٽيءَ سان ماڪيءَ جي رنگ جو باز (پرنس ڪوستاتس ريوفيڪولس)، جيڪو سکر ضلعي (1931ع، 1932ع ۽ 1949ع ۾ ٽرپارڪر جمڙائو (1936ع) ۾ ۽ نئين جيڪب آباد جولاءِ (1949ع) ۾ ڏٺو ويو. جتي اهو ٻچا ڪندو آهي ۽ ڪليل ٻيلن ۾ ۽ واهن جي ڪنڊين سان ٽاريءَ (ڊلبرجياسيسو) جي وڻن تي واهيرو ڪندو آهي.

3. ننڍو نارنگي ڇاتيءَ وارو ڪبوتر (ڊينڊرو فاسابائسيڪٽا)، ڪراچيءَ (1938ع) ۾ هڪ ماريو ويو ۽ ٽي ڏٺا ويا.

4. سخت چُڇ واري بدڪ (ايرسماتورا ليوڪوسيفالا) سڪرنڊ (1922ع) ۾ ماري ڊي جي. اوماني کي ڏيکاري وئي، جنهن مون کي ٻڌايو ته هن هڪڙي 1908ع ۾ سکر ضلعي اندر ماري هئي ۽ هڪڙي بدڪ ايڇ. ٽي. لئمبرڪ 1935ع ۾ ڊگهه (قنبر) وٽ ماري هئي.

سنڌ جي هيٺين 13 جنسن بابت پڪ ڪئي وئي ته اهي ٻچا ڪنديون آهن:

1. روڊ ڪانگ ـــــــــــ ڪاروس ڪوريڪس لارينسي
2. رولاڪ ـــــــــــ پيريڪراڪوٽس پيريگرائنس پاليڊس
3. وڏو تاڪلو ـــــــــــ ميراپس پرسيڪس پرسيڪس
4. وڏو طوطو ـــــــ پئليارنس پوئٽري نيپالينسس
5. ننڍو گهگهه ـــــــــ تائٽوالبا جا وانڪا
6. ڳجهه ـــــــــ جپس فَلوَس
7. گَٽوَ ـــــــــ پيٽروڪلس اينيگالس
8. ڪاٽنگا ـــــــ پيٽروڪلس ڪارو ناٽس ائٽراٽس
9. گرهاٽو گوراهه ـ منهن ـــــــ ڪوريوٽس نائگريسيپس نائگريسيپس
10. ڪر ـ مهر، تان ـ مهر ـــ سائفيوٽس انڊيڪا
11. ڪارو ڪڪڙ ـــــــ گاليڪريڪس سائنيريوس
12. خاڪي ٻٽيرو ـــــ ڪاٽرنڪس ڪاٽرنڪس ڪاٽرنڪس
13. ڪار چاتيو ٻٽيرو ـــــــ ڪاٽرنڪس ڪارو منڊليڪس

هيٺين 24 جنسن جي ٻچن ڏيڻ بابت پهريون پيرو معلوم ڪيو ويو.

1. هيڙهو ـــــ پائڪتارهس آلٽيريسترس سنڊيڪس
2. ڏاريدار چڪ چڪو ـــــ اسڪاٽوسرڪا انڪائتا استرياٽا
3. وڏو پُڇيو ٽاڪرو چڪ چڪو ـــــــــ سويا ڪرنيجيرا استرياٽولا
4. حُد حُد ـــــــــ اوٽنانٽي موناچا
5. ڪوسائو ابابيل ـــــــــ پلايا نوپراگني آبسوليٽا
6. ڳاڙهن ڪنين وارو چنڊول ـــــــ مائرافرا ايريٽروپٽيرا سنديانس
7. چٽڪمرو ڪاٽ ڳٽو ـــــــــ لايو پائڪس مرهٽنسس
8. چاپاڪوپڪي ـــــــــ ڪاپريملگس پوروبيوس انويني
9. چاپاڪوپڪي ـــــــــ ڪاپريملگس ايشياٽيڪس
10. عربستاني مڇ مار گهگهه ـــــــــ ڪيٽوپازيلو نينسس سمينووي
11. ننڍو گهگهه ـــــــــ اوٽس برويسئي
12. وڏي چهنب واري ڳجهه ـــــــــ جپس انڊيڪس انڊيڪس
13. وڏو چٽن وارو عقاب ـــــــــ اڪئيلا ڪلئنگا
14. ماڪي رنگ چونڙ باز ـــــــــ پرنس ڪرستاٽس ريوفيڪولس

15. ٻاٽينير ـــــــــ پٽيروڪلس لڪٽينس ٽناءِ لڪٽينس ٽناءِ
16. اڇو برنگو ـــــــــ ڪرسورئس گئليڪس گئليڪس
17. ڪيڪرا ـــــــــ هايڊرو پراگني ڪئسپيا ڪئسپيا
18. وڏو ڪينائي ـــــــــ ٽئلاسيوس برگائي بيڪري
19. ڪُڙي ـــــــــ استرنا آلبيفرونس پرٽٽر ميسا
20. جهڏي ـــــــــ لارس ميمپريڪاءِ
21. آڙي ـــــــــ فليڪا آٽرا آٽرا
22. سيسي تٽر ـــــ ائموپرڊڪس گريسيو گوڪارس گريسيو گولارس
23. ٽٽ ٻٽيرو ـــــــــ ٽرينڪس گسومائري
24. ننڍو ٻٽيرو ـــــــــ ٽرنڪس ٽٽنڪي ٽٽنڪي

هيٺين زميندارن ميداني ڪم ۾ منهنجي وڏي واهر ڪئي. هي سپ پاڻ وڏا شڪاري ۽ زبردست توبچي هئا:

ڪاماري شريف وارو پير تاج محمد جنهن صاحب حيدرآباد ۽ ٽرپارڪر ضلعن ۾ ڏهرڪيءَ وارو خان عبدالرزاق خان، جنهن صاحب سکر ضلعي ۾ ابراهيم حيدريءَ جي رئيس فقير محمد ۽ رئيس علي محمد، جن صاحبن سنڌوءَ جي ڪيٽيءَ ۽ ڪراچي ضلعي جي ڪپر وارن علائقن ۾ مدد ڪرايم.

هين کان سواءِ هيٺ ڄاڻايل ننڍا ليک بمبئي جي قدرتي تاريخ واري سوسائٽيءَ ۾ سنڌ جي قدرتي تاريخ واري سوسائٽيءَ جي رسالن ۾ وقت بوقت شايع ٿيا.

1. ڪراچيءَ ۾ ڪاري بگلي جو آکيرو ٽاهڻ (1936ع)
2. چنڊول، ننڍا چنڊول ۽ ڇاها (1936ع)
3. ڪٽياٽي، لاکي ڇاجي ۽ شڪرا (1937ع)
4. سنڌ ۾ ڪوئل جي حيثيت (38_1937ع)
5. سنڌ اندر ڪاٺ ڪُٽي جي ورڇ ۽ آکيرا ٽاهڻ (1937ع)
6. سنڌ ۾ وڏي ڇٽن واري عقاب جي ورڇ ۽ آکيرا ٽاهڻ (1937ع)
7. سنڌ ۾ وڏي هندي طوطي جي ورڇ ۽ آکيرا ٽاهڻ (1937ع)
8. سنڌ ۾ ريٽ جي گهُگهوءَ جي ورڇ ۽ آکيرا ٽاهڻ (1937ع)
9. سنڌ ۾ نارنگي ڇاتيءَ وارو سائو ڪبوتر ڪٽي ٽئي ٿو (1938ع)
10. سنڌ ۾ (پنجابي) ڪانگ جي ورڇ ۽ آکيرا ٽاهڻ (1939ع)

11. سنڌ ۾ وڏي تاڪلو جي حيثيت ۾ آڪيرا ناهڻ (1939ع)
12. سنڌ جا ديسي گهُگهُه (1941ع)
13. وڏي ڪينائيءَ جو سنڌ جي ڪپر کان پري پچا ڏيڻ (1943ع)

ڪيرٽر ۾ ان جي ٻاهرين اويڙ، منڇر جي سر سان ڇانيل پيٽ ۾ منڇر، ٽرپارڪر جا ريگستاني علائقا، ڪپر واري پٽي جون ڏهٽيون، ڪارين ۾ بيٽ ۾ سنڈوءَ جي ڪيتي، انهن هنڌن تي ايڇا ۽ گهٽو ڪجهه معلوم ڪرڻ جهڙو آهي ڇو ته اهي پکين جي ڇاڻن لاءِ "اٽڇاتل جوءِ" رهيا آهن. انهن هنڌن جي رڳو ٻاهرين ڪنار ئي چوڪ چڪاس هيٺ آئي آهي. ڪنهن هنڌ جي ۽ سياري کان سواءِ ٻين مهينن دوران باقاعدي کوجنا ناهي ڪئي وئي. حالانڪ شڪاري پکين کي چڏي ٻيا گهڻا پکي انهن ئي مهينن ۾ پچا ڏيندا آهن.

ٻون چالیهن ورهين کان وڌيڪ مدي اندر هندستان- پاڪستان- ملايا واري علائقي جي حيوانات جا 12000 کان سرس نمونا کنا ڪيا هئا. منهنجي اِها گڏ سنڈ مان منهنجي روانگي کان اڳ مئي 1954ع ۾ سنڈ سرڪار ورتي هئي.

طبعي انگ ۾ ساوڪ:

جيئن ته هيءُ باب اڳين سنڈ گزيٽيئر جو مڪيه پاڳو آهي، انهيءَ ڪري هت طبعي انگن يا ساوڪ جو ذڪر ڪرڻ غير ضروري ٿيندو. اهي بئي مضمون وڌيڪ موزون جاءِ تي مون کان گهٽي وڌيڪ ڄاڻ رکندڙ طرفان لکت هيٺ آندا ويندا. هت رڳو ايترو چوڻ ڪافي ٿيندو ته سنڈ پرڳڻي جي پکيڙ جي 54000 چورس ميلن اندر طبعي انگ اهڙا ئي قسمين قسمين آهن، جهڙا اتان جا وڻ ٻوٽا انهيءَ ايراضيءَ اندر ڪٽي سوڪ ماريل ريگستان ۾ رڻ پٽ آهي ته ڪٽي پوڪ لائق شاهوڪار زمين، ڪٽي واريءَ جون پٽون آهن ته ڪٽي اُيڪپرا جبل ڪٽي ساحلي مڇر آهن ته ڪٽي مٽي جون ڏندون ۾ ڏورا، ڪٽي ريگستاني جهنگ آهي ته ڪٽي ڪڇي جا ٻيلا، ڪٽي مُندائتا وهڪرا آهن ته ڪٽي دائمي واهه ۾ درياء، ڪٽي درياء جا بيٽ آهن ته ڪٽي ڪپر جون ڪيٽيون. اهي انگ ۾ انهن جا پيدا ڪيل تاتيل گونا گون وڻ ٻوٽا سموري نامياتي حياتي لاءِ بنيادي اهميت جا عنصر آهن، ڇا لاءِ جو زمين، پاڻيءَ ۾ وڻ ٻوٽن جي حياتيءَ جو اهو ميلاپ ئي آهي، جيڪو حيوانات جي سيني قسمن جي جياپي ۾ بقا لاءِ ضروري حالتون ۾ ماحول موجود ڪري ڏي ٿو.

لڏپلاڻ:

آبهوا ۾ قيرقاريا ڪاڏي، پاڻيءَ ۾ اجهي جي اٿوند جي ڪري هڪ هنڌان ٻئي هنڌ لڏپلاڻ ٿيندي رهندي آهي. اهڙيءَ مڪاني لڏپلاڻ کان سواءِ ٻه وڏيون لڏپلاڻون ٻه آهن. انهن مان هر هڪ جو رستو پنهنجو آهي. منجهائن هڪڙي يعني اُتر کان ڏکڻ ۾ ڏکڻ کان اتر ڏانهن ٿيندڙ لڏپلاڻ مان هڪ چٽي شاخ ڏٽي اولهندي طرف وڃي ٿي، جنهن ۾ هندستان پاڪستان ننڍي کنڊ ۾ سيارو گذارينڊڙ ڪي

جنسون اونهارو ايران ۾ گهارڻ ويندڙيون آهن. هڪڙو مکيه رستو اهو آهي، جيڪو اُتر کان ڏکڻ ۽ ڏکڻ کان اُتر واري چُڙ پُڙ جو اولهندو پاڻو وٺندو آهي. انهيءَ چُڙ پُڙ ۾ سياري جي ڪري لڏيندڙ پکي پنهنجن اُتر وارن واهيرن کان، جتي اهي ٻچا ڪندا آهن، ايندا ۽ اوڏانهن ئي موٽي ويندا آهن.

ٻيو مکيه رستو تنهن رستي جو اوپرندو ڪنارو آهي، جيڪو افغانستان ۽ ايڇا اُتر کان لڏيندڙ پکي وڃي آفريقا ۾ سياري ڪندا آهن.

پکين جا گهٽا قسم سنڌ ۾ ٽين ٽا، ۽ جيئن ته اهو ڏيهه پاڪ ـ ملايائي علائقي جي اولهندي حد آهي لڳ ڀڳ پئلي آرڪٽڪ علائقي جي اوپرندي ڪناري اندر ٻيئل آهي، انهيءَ ڪري اهو پکين جي ڄاڻ جي لحاظ کان وڏي اهميت رکي ٿو. سچ پچ ته اهڙي ڪا به حد نه آهي، جنهن کان پرتي ڪا به پئلي آرڪٽڪ جنس اوپر طرف يا هندستان ـ پاڪستان ـ ملايا جي جنس اولهه طرف نه ويندي هجي. ٻنهي علائقن جا ڪنارا ڇڪي ڇوڪي ايراضيءَ تي ڏکڻ ايران کان سنڌ تائين پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن. ڏکڻ ۾ بندر عباس کان اُتر ۾ ڪرمان تائين ڪا ليڪ ڪيڏيل هجي ته مون ان جي اوپر طرف هند ـ پاڪ ـ ملايائي جنسن کان وڌيڪ پئلي آرڪٽڪ جنسون ڏٺيون آهن. هند ـ پاڪ ـ ملايائي جنسن جو ائين محدود رهڻ شايد ان ڪري آهي جو سنڌوماٿريءَ جي اولهه پاسي هڪ ته سڌائي جوءِ نه آهي ۽ ٻيو ته ڪيرٿر ۽ مڪران ڪپر وارا جبل هڪ اهڙي رندڪ ناهين ٿا، جتي پاٽي جهڙو آهي تهڙو ناهي، اهي جبل شڪ ناهي ته ڪيتريون اهڙين هند ـ پاڪ ـ ملايائي جنسن کي اولهه طرف وڃڻ کان ڪافي حد تائين روڪين ٿا، جن کي پنهنجي جياپي لاءِ ٻيلا ۽ ڊنڊن واري زمين گهرجي.

سنڌ جون گونان گون طبعي حالتون، سنڌوءَ ۽ ان جي ٻڙاجي واهن تي آباد ٽيندڙ ميدانن ۾ پکين جو ڪاڏو ۽ پاٽي ايترو ته گهٽو آهي جو سنڌ جي پکين واري فهرست تي جيڪي 426 جنسون آهن، تن کي رهڻ لاءِ گهربل جوءِ هتي ئي ملي وڃي ٿي. انهن جنسن جي وڏي اڪثريت برابر سياري ۾ اچي ٿي. جنسون ٻچا ڪندڙ سانگي آهن ۽ باقي سڄو سال هتي ئي رهنديون آهن ۽ هتي ئي ٻچا ڪنديون آهن.

هتي ئي رهي ٻچا ڪندڙ جنسن جي اڪثريت قدرتي طرح هند ـ پاڪ ـ ملايائي علائقي سان واسطو رکي ٿي، جنهن علائقي جي اولهندي حد سنڌ آهي. ان هوندي به اصل ۾ پئلي آرڪٽڪ علائقي جُون جنسون پڻ سنڌ واري فهرست ۾ ڄاڻايل آهن. منجهائن ڪي ته هتي ئي رهندڙ آهن. پئلي آرڪٽڪ علائقي کان جيڪي جنسون سياري ۾ لڏي ويندڙيون آهن، تن جو ڇڪو ڇوڪو تعداد رڳو يا ڏري گهٽ سنڌ ۾ نظر ايندو آهي.

جيڪو نسل سنڌ ۾ ٽئي ٽو سو گهٽين حالتن ۾ اهوئي آهي، جيڪو عام طرح اُتر اولهه پاڪستان ۾ ۽ سنڌ سان لاڳاپيل بلوچستان واري علائقي جي خشڪ علائقن ۾ ملي ٿو ۽ نه اهو جواڻ

ورهايل هندستان جي گهٽي ياڳي تي ملندڙ هو. ان هوندي به اهڙيون ڪي ٿوريون جنسون آهن، جيڪي رڳو سنڌ ۾ ٿين ٿيون. ٿورا ورهيه اڳ تائين نِجيون سنڌي جنسون تي هيون. پر ڊبليو. ايڇ. وئٽ طرفان پنجاب اندر هيڙهي جي ليَ ڪان پوءِ رڳو به جنسون وڃي رهيون آهن. اهي هي آهن: ڪارو وَهيَو (استرنس ولگرس مائنر) ۽ ڪُري (استرنا آبيفرونس سانڊرسي).

سنڌ جو هيڙهو پهرين بلائفورڊ کي 1871ع ۾ 1878ع جي وچ ۾ سکر ضلعي جي منگراٹيءَ مان هٽ آيو هو جنهن کان پوءِ اهو 'غائب' رهيو هو تان جو وري 1930ع ۾ مون کي سکر ضلعي اندران اوپرندي ناري تي ۽ ڪجهه وقت پوءِ وئٽ کي پنجاب ۾ ملیو هو. اها منهنجي خوشقسمتي هئي جو سيپٽمبر 1930ع ۾ سکر ضلعي ۾ جانملیءَ وٽ هڪڙو آکيرو لڌو هئم. جنهن ۾ به آنا به هئا. تنهن کان پوءِ اهو هيڙهو ڏٺر. جئنب واهه ويجهو هڪ گهاٽي جهنگ اندر ۽ پراٹي سنڌ واهه تي راهوجا لڳ ڏسڙ ۾ آيو هئم. پويون هنڌ منگراٹيءَ کان گهڻو پري نه آهي جتي اهو پهرين بلائفورڊ کي هٽ آيو هو. ڪارو سنڌي وهيو ٻچن ڪرڙ واري مند ۾ سنڌوءَ جي ڪچي ۽ ٻيلائي تر کان ٻاهر نه ويندو آهي. اهي هنڌ آبڪلاٹيءَ جي ليٽ هيٺ ايندڙ آهن. هتي هيءَ ايجا به انهن هنڌن تي ٻچا ڪندو آهي، جتي اهو اسڪوپ ڊوئگ کي 1878ع ۾ لڌو هو.

بئراجي واهن جي سرشتي جي راس ٽيڙ سان سنڌ علائقي جي حيوانات تي وڏو اثر پيو آهي ايجا پوندو ڇو ته دائمي واهن، وٽن، باغن ۽ هزارها ايڪڙن تي ڦهليل پوکن جي ڪري جهجهو ڪاڏو پاڻي ۽ اجهو موجود ٿي ملندو، جنهن جي نتيجي ۾ پکين جون اهي جنسون به سنڌ ۾ ٿي پونديون، جيڪي هيل تائين بنهه نه هيون يا جيڪي رڳو سياري جي مند ۾ يا ڀٽڪي سنڌ ڏانهن ايندیون رهيون آهن. مون کي پختو يقين آهي ته سنڌوءَ جي بئراجن وارن واهن جو سرشتو وقت سارو سنڌ ۽ خيرپور جي پکين ۾ اوس وڏي ڦيرڦار آڻيندو. انهن ڦيرڦارن کي پختي ڪرڻ لاءِ تن جنسن جي شڪار تي بندش وجهڻ سان گهڻو ڪُجهه ڪري سگهجي ٿو جن کي ڦريل حالتن ۽ ماحول جي ڪري دائمي رهائش لاءِ سڀائي جوءِ ملندڙ هُجي.

پکين جو تفصيلي ضلعي وار فهرستون ظاهر آهي ته هن تصنيف جي دائري کان ٻاهر آهن، تنهن هوندي به جيڪو ذڪر هيٺ ڏجي ٿو ۽ سنڌ جي پکين جي جيڪا فهرست ضميمي طور ڏني وئي آهي، سي سنڌ جي پکين جي نرالپ ۽ گوناگوني چٽيءَ طرح اُجاگر ڪن ٿا. هيءَ نرالپ ۽ گوناگوني سنڌ جي هڪجهئي سان اڻ ٺهڪندڙ طبعي انگن ۽ قسمين قسمين وڻ ٻوٽن جي ڪري آهي.

مهان سنڌوماٿريءَ کي باقي ملڪ يا ننڍي ڪنڊ کان خشڪ ريگستان ڏار ڪري ٿو. اهو ريگستان اهڙي رنڊڪ آهي، جنهن جي ڪري پکين جون ٻيون ڪيتريون جنسون يا ته هتي آهن ئي ڪونه، يا تمام گهٽ آهن. اهي ناپيد يا گهٽ لڀ جنسون هي آهن: جهنگلي ۽ ڪڙهه وارا ڪڪڙ ٽڪر

۾ ٻوڙي وارا ٻنيرا. "Ioras" آيورا (جهرڪي جيترو پيٽ پيلو ۾ مٽان ڪارو ٿيئي)، گل ڪٽا. ڏن چڙيون، بلبل جون ۽ جنسون چڏي ٻيون سڀ، ميوي وارا ڪبوتر سواءِ بن جي، ٻئي ڪڏهن ڪڏاڻي ٻڌڪي هليا ايندا آهن. مون ڏڏيون سواءِ هڪ جي. ۽"Barbet" باربيٽ (جهرڪي کان ننڍوماڊي جو رنگ سائو ۽ نر جي ڳچي ۾ مٿي تي ڳاڙهو پٽو) سواءِ هڪ جي، سو پڻ ورلي ٻڌڪي ايندڙ آهي. سنڌ جي پکين ۾ هڪڙي عجب جهڙي ڳالهه هيءَ آهي ته هتي ڦيهوڙيءَ جي هڪڙي جنس (هائيبروفاسياس ڪررگس) ته جام ٿئي ٿي پر ان جي ويجهي مائٽ جنس (ميٽوپڊ ايوسنڊيڪس) بنهه ناپيد آهي. توڙي جو ٻنهي لاءِ هتان جون حالتون تمام موافق آهن. وڏيڪ حيرت انهيءَ ڳالهه تي ٿئي ٿي ته ڦيهوڙيءَ جي هيءَ جنس سنڌ کان سؤکن ميل پري برّودي، خاص ڪري ڊيسا، ۾ ته ملي ٿي پر هتي آهي ئي ڪونه اي ايڇ. ائٽکن عام هندستاني خاڪيءَ ڦوسڙيءَ (شايد مئجر سائنيريوس) کي سنڌ جو پکي ڪري ڄاڻائي ٿو. جيڪڏهن هيءُ اهوئي پکي آهي. جيڪو آءٌ سمجهان ٿو ته پوءِ اهو سنڌ ۾ ڪونه ٿئي. پنجاب واري خاص ڦوسڙي (پارس مئجر پلئنورم) جيتوٽيڪ پنجاب جي هينئين پاڳي ۾ عام آهي، پر سنڌ يا خيرپور ۾ ڪٿي به نه ملي آهي. ۽ نه ئي اڇن ڪنين واري ڪاري ڦوسڙي (پارسن نيوچالِس)، جيڪا ڪڇ ۾ ٿئي ٿي پر اُتي خاڪي ڦوسڙي ڪانه آهي.

گلابي تليهر (پاسٽر روزيوس)، جنهن کي لدلو ترڪستان جي ٽيڪيس ماڙيءَ ۾ ٻچا ڏيندي ڏٺو هو سو سنڌ مان رڳو ٻه مهينا غير حاضر رهي ٿو.

بالغ نر پهرين مونڊندا آهن پوءِ بالغ مادیون ۽ ٿورا ڪڪن ڪنين سان اڀ سامايل ٻچا ايندا آهن. ٻه هفتا رکي ٻچن جا وڏا ولر پهچي ويندا آهن ۽ وڏن سان رلي ملي ويندا آهن.

هن وهيي کي توڙي جو جوئر جو پکي چيو وڃي ٿو پر اهو عام خيال جي ابتڙ اناج جون پوکون ناس ڪندڙ پکي نه آهي، بجاءِ ان جي، اهو ڪيترن ئي پوکن لاءِ هاڃيڪار جيوڙن جيتن کي ناس ڪندو آهي، جهڙوڪ: مڪڙ جا پونگ، تڏون ۽ سُوٻٽ وغيره.

چَتوُن (پئلي آرنس تارڪوٽا) بيڊوهي تليهر جي پيٽ ۾، گهٽو وڏيڪ پوک ڪائو آهي. پر پاسٽر پچندڙ ڪجيءَ مان البت ڪونه مڙندو آهي ۽ روهڙيءَ ۾ ڪجين جي باغن جا لاهه ڪڍي چڏيندو آهي. ورهاڱي کان اڳ شڪاري واڻيا اهو پکي سوَن جي تعداد ۾ ماريندا هئا. سنڌي جهنگ جي جهرڪي (پاسر پائرانوٽس) پهرين پهرين سر اي برنس 1830ع ۾ ڏٺي هئي، جنهن کان پوءِ اها 40 ورهيه "گم" رهي تان جو 1870ع ۾ اسڪوپ ڊوئگ کي اها ٻچا ڪندي ڏسڻ ۾ آئي. هيءُ هاڻ سنڌوءَ جي ڪچي وارن ٻيلن ۽ ٻوڙ وارين ايراضين جو عام پکي آهي. انهن هنڌن تي هيءَ جهرڪي اڪثر پيلي ٽريءَ واريءَ جهرڪي يعني بور (جهنارس زينا استرنا ٽرانسفيوگا) ۽ ڪاري وهيي (استرنس ولگارس مائنر) سان گڏ ساڳي جاءِ تي ٻچا ڪندي ملندي آهي. بلائفورڊ کي حب ماٽريءَ مان ۽ ڊوئگ

کي سکر ضلعي مان جيڪا ڪوئل (لٽاڪوڪٽاليشين نائيٽي سرکي) هٽ آئي هئي، سا مون کي سکر ضلعي ۾ اوپرندي ناري تي ۽ جمڙائو هيڊ ۽ ٽرپارکر ضلعي جي عمر ڪوٽ ۾ لڏي هئي. وڏو طوطو (پئلي آرنس پوپئٽريا نيپالينسس) هاڻ مٽين سنڌ ۾ ٽانيڪو ٽي ويو آهي، جتي اهو سکر ضلعي اندر بنا روک ٽوک ٻچا ڪندو آهي. ٽورا پکي، جي يا پٽکي ايندڙ وڃڙي ايندڙ يا پڄي ايندڙ آهن. سي مليير جي آسپاس ناريل جي وڻن ۾ ٻچا ڪندا آهن. سڪندر اعظم انهن مان هڪڙو پکي سنڌ مان پاڻ سان گڏ کڻي ويو هو ۽ لنايوس ان تي سڪندر پٽيان 'اليگزنڊري' نالو رکيو هو. ائٽکن موجب، هاڻ ان کي سڪندر جي بدناموسيءَ لاءِ نيپالينسس سڏيو وڃي ٿو.

ڏاڙهيار ڳجهه يا ڪرگس (جپائٽس بارباٽس گراندس) اتاهين کيرٽر ۾ ملي ٿو جتي اها هيوم کي ٻه پيرا ڏسڻ ۾ آيو هو ۽ ڊي ڏاڙهياري وٽ ڏٺو هو. سياري ۾ اها ڳجهه ايڏا ڏکڻ ۾ هلي ويندي آهي. مئڪڊونلڊ کي اها بيليءَ ويجهو ۽ ايڏا هيٺ تي حب ماٽريءَ ۾ ڪنڊ جهنگ لڳ ملي هئي، جڏهن ته مون ڊسمبر 1934ع ۾ ڪرچات ۽ جرواري وٽ ڏٺي هئي. لکيءَ جي شير محمد رند مون کي ٻڌايو ته هيءُ پکي ٽڏي مند ۾ اڪثر لکي جي ٽکرن وٽ ڏسڻ ۾ ايندو آهي. يورپ ۾ انهيءَ ڳجهه جي اولهنديءَ جنس کي 'هڏاپور' سڏيو وڃي ٿو. جيڪو ان سان بلڪل ٺهڪي اچي ٿو. ان کي وڏن هڏن سان ڏاڍي رغبت آهي، جيڪي هوءَ هوا ۾ مٽي ڪٽي ويندي آهي ۽ اُتان هيٺ اڇلائيندي آهي. هڏا ڪرڻ سان پور پور ٿي ويندا آهن، جن کي هوءَ لهي اچي سولائيءَ سان ڳڙڪائي ويندي آهي. مون انهن پکين کي اڳوٽي سرحد پرڳٽي ۾ جرات ويجهو ٽکرين اندر هڪڙيءَ ماٽريءَ ۾ وڏا وڏا هڏا چپن تي کيرائيندي ڏٺو آهي. ليوانٽ ۾ اهي ڳجهون ڪُمين سان ساڳي ڪار ڪنديون آهن، ۽ هڪڙي ڏند ڪٽا موجب اٽينس جي ائشيلس کي سسليءَ ۾ هڪڙيءَ هڏا پور ڳجهه ماريو هو. اهو هيئن ته ڳجهه هڪڙي ڪُمي ڪٽي سندس گنج مٽان کيرائي هئي ۽ هڏا پڄي وڏا هٿائين پر ظاهر آهي ته اهي هڏا ڪُمي جا نه هئا.

ايتري گنجائش نه آهي، تڏهن به شڪار جي ڪن گهٽ مصروف پکين جو ٽورڙو احوال ڏجي ٿو. سنڌ ۾ پٽ تتر جون جيڪي ڇهه جنسون آهن، تن مان چور (پٽيروڪلس اورئنٽالس) ۽ گٽو (پٽيروڪلس الچاٽا ڪاڊيڪيوٽس) کي ڇڏي باقي سڀ رهواسي آهن. سسي سنگرس يا باٽينير (پٽيروڪلس لڪٽين استائني)، جيڪو هندي پٽ تتر (پٽيروڪلس انڊيڪس) جي خشڪ علاقي واري صورت آهي، تنهن ۾ سڀ عادتون پنهنجي هنديءَ پاءُ واريون آهن ۽ اهڙي ئي جُوءِ ۾ ملي ٿو جهڙيءَ هندي ۾ ٽئي ٿو. ڪاٽينگا (پٽيروڪلس ڪارونائٽس ائٽراٽس) ۽ گٽو (ٽيروڪلس سينيگالس) پنهنجي پنهنجي جوءِ اندر جهجها ٽين ٽا. پهريون ٽاکرو لڳل پوءِ ۾ ۽ ٻيو 'پٽ' ۾ رهڻ پسند ڪري ٿو. چور جيڪو سياري ۾ اچي ٿو. سو گٽو جيان مٽين سنڌ ۾ وڌيڪ عام آهي. گٽو جيڪب آباد جي

اوسي پاسي ۾ چگو ٿئي ٿو جتي اهو ولرن ۾ اچي سيارو گذاري ٿو. تلور جي پنجن جنسن منجهان رڳو هندي وڏي تلور (ڪوريوٽس نائيجريسيپس نائيجريسيپس) ئي رهواسي جنس آهي، ۽ ٽرپارڪر ضلعي اندر روجهاڻ جي اوسي پاسي ۾ عام ملي ٿي. هيءَ مٽيندڙ سنڌ ۾ ڪمياب ۽ هيٺينءَ سنڌ ۾ پٽڪي ايندڙ آهي، جتي اها حيدرآباد، دادو ۽ ڪراچي ضلعن ۾ ڏٺي وئي آهي. اي. ٽي. فاربي 1924ع ۾ ڪمڙ وٽ هڪڙو جوڙو ماريو هو. يورپي وڏي تلور (اوٽس ٽرادا)، ننڍي تلور (اوٽس ٽيٽراڪس) جيان، تمام ورلي پٽڪي ايندڙ آهي. 1911ع ۾ هڪڙي زميندار جيڪب آباد لڳ پهرينءَ تلور جي چٽن داڻن مان هڪڙي ماري هئي، جڏهن ٻيءَ جنس جو هڪڙو پکي، جنهن کي ايس. اي استرپ سڃاتو هو 1912ع ۾ ڪراچيءَ وٽ موچ ميدان ۾ ماريو ويو هو. ڪرمهر/ تان مهر (سنيوٽس انڊيڪا) هاڻ ايتري عام نه آهي، جيتري 1975ع ۾ هئي. تاهم، هيءَ جنس ايڏا تائين ڪڏهن ڪڏهن مينهوگيءَ جي مند ۾ حب ماڙيءَ جي ميدانن ۾ ايندي آهي. جتي اها ٻڌا ڪندي آهي. جيستائين مون کي پتو آهي ته اها آخري پيرو ڪجهه تعداد ۾ جولاءِ 1937ع ۾ آئي هئي. تڏهن مون حب ماڙيءَ ۾ موچڪي ۽ بند مراد خان جي وچ ۾ ڪيترائي نر گهاٽي گاهه ۾ ڪُڏندي ڏٺا هئا ۽ ڪيترا ٻيا پکي ساڳي سال گڏاپ جي چراگاهن ۾ ڏٺا ويا هئا. تلور جي هن جنس جي شڪار تي سخت بندش هئڻ گهرجي، ڇا لاءِ جو اها ڇڻ ڏيڻ واري مُند ۾ سنڌ ايندي آهي. توڙي جو ماضيءَ ۾ ٿورو تعداد لاڙڪاڻي[موجوده قنبر] ۽ نوابشاهه ضلعن ۾ سيارو ڪرڻ ايندو هو. هرسٽن انهن کي اتي ڏٺو هو ۽ ڪيترين ماريون به هئائين. تلور جي هوبارا جنس (ڪلئميڊاٽس انڊلٽا مڪئيني) سياري ۾ ايندي آهي، جتي موافق جوءِ هُجي، اتي عام ٿيندي آهي. جهڙوڪ: سنهو ريگستاني جهنگ ۽ جانيي (اروڪا سئنيوا) جي پوک.

اڇو ٽيٽو (اسڪالوپئڪس رسٽيڪولا رسٽيڪولا) سنڌ ۾ تمام ورلي پٽڪي ايندڙ سانگي پکي آهي ۽ ان کي جڏهن به ڏٺو ويو آهي، تڏهن ڪراچيءَ ۾ ڏٺو ويو آهي. بٽلر هڪڙو 1877ع ۾ ماريو هو ۽ جنرل مارسٽن 50 ورهين ۾ رڳو به شڪار ڪيا. استرپ 1881ع ۾ ۽ ڪرنل نيسبٽ 1917ع ۾ هڪ هڪ ڏٺو.

ڏوم پکيءَ جون ٽئي جنسون لڪٽو (گالينا گو گالينگا گو گالينا گو)، اشناف (گالينا گو استينورا) ۽ اشناف (لمنوڪرپٽيس منيمس) ملن ٿيون. پويون به لڪئي جيان جهجهيون نه آهن. ڪچو اشناف (راسٽراٽيولا بنگالينسس بنگالينسس) رهواسي آهي ۽ موافق جاين تي ٻچا ڪري ٿو. سکر ضلعي ۾ مون ڪن جوڙن کي برسات جي پاڻيءَ ۾ پريل ڪڻن ۾ واهيرو ڪندي ڏٺو آهي ۽ هڪڙو جوڙو حب نديءَ جي پيٽ سان هڪ تانگهي تلاءَ جي چيڙي تي گاهه ۽ سرن جي ننڍي جهڳٽي ۾ آکيرو ٺاهي رهندي ڏٺم.

گونگو هنج (سگنوسولور) تمام ورلي پٽڪي ايندڙ پکي آهي. 1878ع ۾ واٽس ڪيترا منجر ڏنڌ تي ڏٺا هئا ۽ پوءِ سيوهڙ ويجهو پنجن جي ولر مان تي ماريا هئائين. 1900ع ۾ هڪڙو ولر حب نديءَ تي ڏٺو ويو هو ۽ تنهن کان پوءِ ساڳي سياري دوران اهي هن ريت ڏٺا يا ماريا ويا هئا. ڪوئٽي 8، منجر ڏنڌ 1، لکي 10 ۽ متنگ 1. 1904ع ۾ ڪريرار هڪڙو هو ڪرائي هنج (سگنس) قنبر وٽ ۽ 1907ع ۾ مئڪلاڪ هڪڙو بيوڪ هنج (سگنس بيوڪي) جيڪب آباد وٽ ماريو هو. سموري اڙ ورهايل ننڍي ڪنڊ ۾ هنج جي انهيءَ جنس جي ملڙ جو اهوئي هڪڙو رکاربڙ آهي. فلو هنج (ائنسر البيفرونس البيفرونس) هيوم کي سنڌوءَ تي ڏسڻ ۾ آيو هو ۽ ٽائيسهرٽ کي انهيءَ جنس جا ٻه نمونا منجر ڏنڌ وٽان هٽ آيا هئا. ڪارو هنج (شارڪيدايورنس ميلانو نوٽس ميلانو نوٽس) رڳو سنڌ جي ڏکڻ ۽ اوپر ۾ ڏٺو ويو آهي. بٽلر، ويب، مئڪلاڪ ۽ گاربن ڪراچي ۽ حيدرآباد ضلعن ۾ انهن هنجن جو شڪار ڪيو آهي. ڪراڙي (نيٽاپس ڪارومنڊليانس) تمام مڪاني ۽ ڪمياب آهي. هيءُ پکي آر. اي. گبسن، لڊلو مئڪلاڪ، ٽارن هل، هاٽسن ۽ مون ڪراچيءَ، حيدرآباد ۽ لاڙڪاڻي [موجوده قنبر] ضلعن ۾ ڏٺو يا ماريو آهي. منگهه (تاڏورنا تاڏورنا) مڪاني ۽ اٽلپ آهي. هيءُ پکي هيوم، ڪئمپبيل، ٽائيسهرٽ ۽ مون دادو ڪراچي، لاڙڪاڻي ۽ حيدرآباد ضلعن ۾ ڏٺو يا شڪار ڪيو آهي.

1901ع ۾ ايل. رابرٽسن ٽرپارڪر ضلعي ۾ هڪڙو ڪلنگيءَ وارو ڪرڙو (ائناس فالڪيٽا) شڪار ڪيو هو. بارڪراڙي (ڪئرڪوڊولا فارموسا) ڪڏهن ڪڏهن ئي سنڌ اچڻ وارن مان آهي. اهو پکي سنڌ ۾ هڪڙو ئي پيرو هٽ آيو هو. ان کي ڪرنل لي. ميسوريئر ماريو هو. اسڪاپ پکي (نائروڪا ماريلا) مري کي 1879ع ۾ ڪراچيءَ وٽ ۽ رُڻڪارو پکي (گلوسيان ڪلٽنگولا) سر اليگزينڊر برنس کي سنڌوءَ تي هٽ لڳو هو. 1917ع ۾ ٽائيسهرٽ ڪراچيءَ ۾ سمنڊ ڪان اندر خشڪيءَ تي پکين جون پنج ويڑهون ڏٺيون هيون. انهن پکين کي هن رڻڪارو سمجهيو هو.

وڏي چيهه (ڊينڊرو سگنا) تمام مڪاني پکي آهي. سر ايون جيمز کي اها 1872ع ۾ ڪيترائي پيرا ڏسڻ ۾ آئي هئي. ڊوئگ کي اها اوپرندي ناري تي ۽ ابرنيس کي حيدرآباد وٽ ملي هئي، جڏهن ته بٽلر ۽ بيچر ان کي منجر تي ڏٺو هو. مون کي حيدرآباد ۾ پلهه وٽ ڪيترين نظر آيون هيون ۽ 1947ع ۾ ڪراچي ضلعي ۾ ڪلريءَ وٽ به ڏٺي هئم. هڪڙو ٻيو ورلي ايندڙ پکي گوسئنڊر (مرگس مرگنسر) آهي. ڪئپٽن بشب انهيءَ پکيءَ جي هڪڙي مادي ڪراچي بندر ۾ ماري هئي. ۽ 1918ع ۾ ٽائيسهرٽ هڪڙو جوڙو جنگشاهيءَ ويجهو هاليجي ڍنڍ وٽ ڏٺو هو. ڳاڙهي چاتيءَ وارو مرگنسر (مرگس سيراٽر) جيڪو پڻ هڪ ورلي پٽڪي ايندڙ پکي آهي. سويربريءَ کي ڪراچي بندر مان هٽ آيو هو، جڏهن ته هيوم منجر تي ۽ ڪشمور وٽ سنڌوءَ جهالي (مرگس البيلس) ڏٺا هئا. ٽائيسهرٽ کي اهو پکي ٽن مندن ۾ به پيرا گهٽو ڪري ڪراچيءَ ۾ نظر آيو هو جتي مون پڻ جاموڙي ڍنڍ وٽ ڏٺو هو.

ڪارچانيو يا يا برساتي ٻٽيرو (ڪوٽرنڪس ڪارو مندليڪس) منڊائتو ايندڙ پکي آهي. بشرطيڪ برسات جهجهي پئي هجي. اهو حب ماڙيءَ جي ميدانن ۾ ٿئي ۽ ٻچا ڪري ٿو. ڏونگ ان کي اوپرندي ناري واري تر ۾ ٻچا ڪندي ڄاڻايو آهي ۽ ٻٽلر ان کي حيدرآباد ضلعي ۾ ڏٺو هو. عام ٻيٽرو (ڪوٽرنڪس وڪٽرنڪس ڪوٽرنڪس) جهجهو آهي ۽ ڪيترا مٽين سنڌ جي ڪچي ۽ ڇٽي مٽر جي پوکن اندر ٻچن ڪرڻ لاءِ رهي پوندا آهن. مور (پاووڪر سٽاٽس) ٻاهران آندل پکي آهي ۽ هاڻ حيدرآباد، دادو سکر ۽ ٿرپارڪر ضلعن ۾ پير پختا ڪري ويو آهي. جتي جتي ٿئي ٿو. اتي اتي ٻچا ڪري ٿو ۽ ٿرپارڪر ۾ نانگن مارڻ کان مشهور آهي. مون هڪڙي ڊيل کي 1936ع ۾ ڏگهڙيءَ وٽ هڪڙي لنڊي (ايڪس ڪئريناٽا) ماريندي ڏٺو هو. جيڪڏهن نانگ سڃاڻڻ لاءِ ڊيل کي پڃايان نه ها ته اها هوند پنهنجي شڪار کي کائي وڃي ها. اهو نانگ 14 انچ کن ڏگهو هو. برساتي ٻيٽري جيان ٿُڻُ ٻٽيرو (ٽرنڪس ڏسومائري) ۽ ننڍو ٻٽيرو (ٽرنڪس ٽٽنڪي ٽٽنڪي) به مينهوڳيءَ ۾ ايندڙ آهن ۽ موافق سالن ۾ ڪراچي ضلعي اندر حب ماڙيءَ جي چراگاهن ۾ ٻچا ڪندا آهن. مالڊن کي توت ٻٽيرو جيڪب آباد وٽ هٽ آيو هو ۽ ٻٽلر اهو اوپرندي ناري ۽ حيدرآباد جي آسپاس ڏٺو هو. مون وانگر لي ميسوريئر کي اهي ٻئي جنسون ڪراچي ضلعي اندر موچ (هاڻي مواچ) ۽ گڏاپ جي چراگاهن وٽ مليون هيون.

سرٽا:

سنڌ جا سُرٽا جانور ٽن سلسلن سان واسطو رکن ٿا: واڳون ۽ سيسر (ايمائڊو سئوريا)، ڪُميون ۽ ڪُڇون (ڪيلوينا ۽ ڪرڙيون ۽ نانگ (اسڪئاماٽا).

ايشيا ۾ مانگرمڇ آهن ئي ڪونه ۽ واڳونءَ جي 24 معلوم جنسن مان سنڌ ۽ خيرپور ۾ رڳو به ملن ٿيون.

سيسر (گئويالس گئجيٽيڪس) کي وهندڙ پاڻي مرغوب آهي ۽ سنڌو نديءَ ۽ ڪن پراڻن واهن ۾ عام ٿئي ٿو جن کي آبڪلاڻيءَ جي مند ۾ سنڌوءَ جي ليٽ جو پاڻي ملندو هو. آگسٽ 1930ع ۾ مون ڪاري ناري ۽ اوپرندي ناري جي ميلاپ وٽ هڪ ٻيٽ تي ڪيترن واڳن سان گڏ سيسر ڏٺا هئا. خود سنڌوءَ تي جهرڪ ۽ ڪاري ڇاڻ جي وچ ۾ ڪي تمام وڏا سيسر ڏٺا آهن. اُتر هندستان جي وڏن دريائن ۾ ان جانور جو نالو گهڙيال آهي، ۽ گئويال شايد انهيءَ نالي جي بگڙيل شڪل آهي. اهو 20 فوٽ ڏگهو ٿئي ٿو ۽ مڇيءَ تي گذران ڪندو آهي. ان جون ڏگهيون سوڙهيون ڇاڙيون ۽ ڏندن جون ٻوائتيون قطارون خاص مڇي پڪڙڻ لاءِ ٺهيل آهن. اهو واڳون جيان لسا پهڻ شايد هاضمي وڏائڻ لاءِ ڳهي ويندو آهي. اُتر هندستان ۾ جتي مئل هندن جا مڙهه گنگا، جمنا، گوگرا، سرجو ۽ بين ندين ۾ لوڙهيا ويندا آهن، اتي اهو واڳون بنا ڪنهن شڪ جي پنهنجي قدرتي ڪاڏي مڇيءَ کان سواءِ لاش به

ڪائيندو آهي، ڇا لاءِ جو اُتر هندستان جي ڪيترن گهڙيالن جي پيٽ ۾ اڳيئي ڄاڻايل پٿڻ کان سواءِ اهڙا زيور، پازيب، ڪڙا يا ڪنگڻ ملندا آهن، جهڙا غريب هندو پائيندا آهن. فيض آباد وٽ گوگرا نديءَ ۾ هڪڙو 16 فوٽ ڊگهو گهڙيال ماريو ويو هو جنهن جي پيٽ مان ماڻهوءَ جي ڪلهي تائين سڄي ٻانهن ۽ جرڪي جو وڏو پاڳو نڪتو هو.

منهن ٻاري وارو واڳون (ڪروڪوڊائلس پاروسس) سامونڊي جنس آهي، جيڪا خوشقسمتيءَ سان سنڌ جي ڪپر تي ڪونہ ٿئي. ان جو قد 33 فوٽ ۽ وڏيڪ ٻہ ٿئي ٿو. هيءُ سُرٽن جانورن ۾ سڀني کان وڏو ۽ چتو خطرناڪ ۽ ماڻهو کائو ٿئي ٿو.

سنڌي واڳون (ڪروڪوڊائلس پئلسٽرس) درياءِ، واهہ ۽ ڍنڍ ۾ عام ٿئي ٿو. پر تلاءَ ۽ ڊورا وڏيڪ وٽندا اٿس. 12 فوٽن کان وڏيڪ ڊگها واڳون سنڌ ۾ گهٽ ٿين. هي ماڻهوءَ ۽ جانور ٻنهي لاءِ خطرناڪ آهي، خاص ڪري ٻڪرين ۽ ريڍن لاءِ، جي پاڻي پيئندي سولائيءَ سان هن جي ور چڙهي ويندیون آهن. 1937ع ۾ ڪينجهر ڍنڍ جي هڪڙي مهاڻي کي هن جانور سخت ڏٽي وڏو هو. جيئن تہ هن هڪڙي جنگهہ ڪپائي ٻي ڪپائڻ کان نابري واري ڇڏي هئي، انهيءَ ڪري زهر چڙهي ويڙ سبب مري ويو هو.

هيءُ واڳون، جنهن منگهي پير کي 'ڏسڻ جهڙو هنڌ' ڪري ڇڏيو آهي، سو موافق پاڻيءَ تائين پهچڻ لاءِ سڪيءَ تي ٻہ هلندو آهي. حب ماڙيءَ ۾ مون انهن کي ندي کان ڪيئي ميل پري ريگستاني تلائن ۾ ڏٺو آهي، ۽ هڪڙي پيري مون هڪڙي ڏهہ فوٽ ڊگهي واڳونءَ کي گڏاپ جي ميدان مان سڌو حب نديءَ ڏانهن ويندي ڏٺو هو. مون منگهي پير واري تلاءَ ۾ جيڪو وڏو چٽن سان واڳون 1954ع ۾ ڏٺو هو سو جيڪڏهن اهو هو جيڪو ليفٽيننٽ ڪارلس 1938ع ۾ ڏٺو هو تہ پوءِ اهو ضرور 116 ورهين کان وڏيڪ ڄمار جو هوندو. سنڌ گزيٽيئر جي مرتب جي. ڊبليو. سمٿ 1919ع ۾ بلڪل سچ چيو هو تہ هڪ ننڍي ۽ گدلي تلاءَ ۾ اهي ڪنا ۽ گندا واڳون ڏسي ڪراهت ٿي اچي.* 1954ع ۾ ٻہ انهيءَ ڏيڪ اندر ڪا ڦير ڦار آيل ڪاڦ ٿي ڏٺي، سواءِ شايد انهيءَ ڳالهہ جي تلاءَ جو پاڻي 35 ورهين ۾ وڏيڪ گدلو ٿي ويو هو. انهيءَ جنس جا سامايل واڳون ٻہ ايترائي چتا هوندا آهن، جيترا ٿورڻ ڏينهن جي ڄمار وارا. منگهي پير جي تلاءَ جي ڪيترن سڳورن واڳن مان ڪنهن جو پير ڇَٽ آهي تہ ڪنهن جو پُڇ. ڪنڪڻ لکي ٿو تہ: جنرل نڪولس منگهي پير وارو تلاءُ پار ڪري شرط ڪٽي هئي. هو هڪڙي واڳونءَ جي پٽيءَ تان ٻڌي تي ٽپندو تلاءُ اُڪري ويو هو. هتي سر واهي طور هيءُ ٻہ ڄاڻائي ڇڏجي تہ سندس گهر واري تنهن زماني جي مشهور شاعره هئي ۽ 'لارينس هوپ' جي قلمي نالي سان لکندي هئي.

واڱون تمام خبردار جانور آهي ۽ ويجهو اچڻ نه ڏيندو آهي. ويندي تنهن وقت ٻه جنهن وقت سکيءَ تي تڙڪي ۽ ليٽيل يا سُتل هوندو آهي. هڪڙو 9 فوٽ ڊگهو واڱون، جنهن کي حب ماڙيءَ ۾ مواڇ جي ميدان تي هڪڙي ريگستاني تلاءَ اندر ماريو ويو هو تنهن هڪڙو وڏو ڪڇو (ريڻا بوچاناني) ۽ ڪيترين آڙين (فليڪا انڊرا) کاڌين هيون.

هن واڱونءَ کي پنهنجن هم نسلن جيان، لسا پهڻ ڳيهڻ جي عادت آهي. ڪڏهن ته بدڪ جي آني جيڏا پهڻ ٻه ڳڙڪائي ويندو آهي. شايد ائين هاضمي وڌائڻ لاءِ ڪندو آهي. اُتر هندستان ۾ واڱن جي پيٽ منجهان هندن جي مُردن جي ٻانهن يا پيرن جا زيور ٻه نڪرندا آهن.

نوڙيءَ سان جيئرا واڱون رڳو سنڌ ۾ ئي جهليا ويندا آهن. مون مهاڻن کي ڪينجهر ۽ ڪلان ڪوٽ ڏنڍن مان 7 کان 10 فوٽ ڊگها واڱون جهليندي ڏٺو آهي. واڱون کي ڏسي ٻه مهاڻا ٽپي هڻي وڃي نشانيءَ لاءِ ٻه ڊگها ڪانا کوڙي ايند آهن. پوءِ هو ٻاهر نڪري ساهي پٽي، نوڙي ڪٽي وري ٽپي هڻندا آهن ۽ هڪڙو اڳين جنگهن جي پٺ وٽان نوڙي ٻڌي ڇڏيندو آهي. هو اهو ڪارنامو تڏهن ڪندو آهي، جڏهن ٻيو مهاڻو واڱونءَ جي پيٽ ۽ پاسن تي ڪتڪتائي ڪندو آهي. ڪتڪتائيءَ جي ڪري واڱون ٿورو مٽي ٽيندو آهي ۽ مهاڻي کي سندس هيڻان نوڙي لنگهائڻ جو وجهه ملي ويندو آهي. نوڙي ٻڌي مهاڻا نڪري ايندا آهن ۽ ڪيترا ماڻهو گڏجي واڱونءَ کي ڇڪي ٻاهر ڪيندا آهن. اها ڪاروائي اٽ ڏهه فوٽ اونهي پاڻي ۾ ڪئي ويندي آهي ۽ واڱون جي نظر اچڻ کان پوءِ ٿوري ئي وقت اندر پوري ٿي ويندي آهي. ظاهر آهي ته واڱون جيڪو سُتل يا ڳهيو ۾ هوندو آهي، سو مهاڻي جي هٿن جي ڪرامت سان پاڻ کي محفوظ ۽ سلامت سمجهڻ لڳندو آهي ۽ خطري جو احساس ويجي دير سان ٽيندو اٿس. جيئن ئي ڇڪجي سُڪيءَ تي ايندو آهي، تئين ئي مٽي تي ڪهاڙين جو وسڪارو ٿي ويندو اٿس. ڪهاڙيءَ جي ڏڪ هڻڻ وقت مهاڻا ان جي پُڇ کان ڇڪو پري رهندا آهن. هن واڱونءَ جي کل ايتري سٽي نه هوندي آهي، جيتري گهڙيال جي.

ڪُميون ۽ ڪيون

مٽي پاڻيءَ جون ڪُميون (ٽرايوني سائيڊي):

خيرپور ۾ نرم کوپي وارين مٽي پاڻيءَ جي ڪمين جا چار قسم ٿين ٿا. سڀ گوشت خور ۽ اڳرائي ڪندڙ آهن ۽ کي قد بت ۾ ڇڪيون وڏيون ٿين ٿيون. کوپي جي ڏيگهه پنج پنج فوٽ ٿين. ٽرايونڪس جا کوپا خاص ڪري نرم هوندا آهن. انهيءَ جنس جون ڪُميون وڏي ۾ وڏيون ۽ ڪرڙي ۾ ڪرڙيون هونديون آهن جنهن تيزيءَ سان اهي پنهنجيون ڳچيون کوپي مان ٻاهر ڪڍي چڪ وجهي سگهنديون آهن، تنهن جي ڪري انهيءَ جنس جون وڏيون ڪُميون تڙ ڪندڙ ماڻهن لاءِ خطرناڪ ٿين ٿيون، ڇا لاءِ جو هنن کي بنا ڇُرڇُ جي حملو ڪندي ٻه ڏٺو ويو آهي.

گنگا واري نرم کوپر (ٽرايونڪس گئنجيٽيڪس) جي کوپي جي ڏيگهه پنج فوٽ به ٿي ويندي آهي. هيءُ سنڌو نديءَ ۾ وڏن واهن ۾ عام آهي، جتي اها ٻيٽارين يا ڪنڊين تي تڙڪو ونندي نظر ايندي. ڏگهي ڳچي سڏي ۾ مٿواڻ ڇُر هوندس البت ڪنهن ڪنهن مهل ڪڏهن ڪابي ڪڏهن ساڄي ڏسندي. هردم خبردار، هوشيار هوندي. انهيءَ ڪميءَ جي ڏاکڻي جنس (ٽرايونڪس لائٽي) پڻ سنڌونديءَ ۾ ملي ٿي هيءَ پنهنجي اُترادي جنس جهڙي ئي آهي. فرق رڳو ايترو آٿن ته هن جو قد بت ننڍو ۽ هوٽ وڏو ٿئي ٿو.

ڪميءَ جي چٽرا (چٽرا انڊيڪا) جنس جنهن جي کوپي جي ڏيگهه به فوٽ ٿئي ٿي، سا ٽرايونڪس جهڙي آهي، سواءِ ان ڳالهه جي ته هن جو مٿو ننڍو هيٺين جاڙي ڪمزور ۽ هوٽ ننڍو ٿئي ٿو ۽ اکيون چڳيون ٻاهر تي اٿس. هيءَ نه ته اڳرائي ڪنڊ آهي ۽ نه خطرناڪ. انهيءَ طبقي جي آخري جنس ٻنگوما (امائيڊا گرائرسا) آهي، جنهن جو کوپو ڏيگهه ۾ ڏهه انچ ٿئي ٿو. هيءَ ننڍي ڪمي سنڌو نديءَ ۾ گهٽن واهن ۽ ڏندن ۾ عام آهي. 1934ع ۾ مون پير پٽي جي ويجهو بگهاڙ واهه جي ڪنڊيءَ تي وساڻل باهه وٽ هن ڪميءَ جا ڪيترا کوپا ڏٺا هئا. هڪڙي ميربحر مون کي ٻڌايو ته ٻيل ۾ رمتا جوڳي هن ۽ وڏين ڪمين جو ماس کائيندا آهن. بنگوما ڪڏهن ڪڏهن پاڻيءَ کان ڪجهه پنڌ پرتي به ملندي آهي. 1936ع ۾ هڪڙي دفعي انهيءَ جنس جي هڪ 8 انچ ڏگهي ڪمي هڪ مهاڻيءَ ڪراچيءَ ۾ آڻي ڏني هئم. جا ڪيس ڪينجهر ڍنڍ ۽ سنڌونديءَ جي وچ ۾ هٽ لڳي هئي. مون پوءِ ان کي حب نديءَ جي هڪڙيءَ تلاءَ ۾ ڇڏي ڏنو هو.

سنڌ ۾ سڪيءَ جي ڪڇونءَ (ٽيسٽوڊنيڊي) جا فقط ٻه قسم آهن. هڪڙو ٽيون قسم به شايد ٿئي ٿو پر ايجا تائين ڏسڻ ۾ نه آيو آهي. سڀ جل واسي ۽ ٻوٽا خور آهن. تارا ڪڇون (ٽيسٽوڊو الڳنس)، جنهن جو کوپو 12 انچ ڏگهو ٿئي ٿو سو حب ماڻريءَ جي گاهه وارين ۽ ٽاکرو ايراضين ۽ گڏاب جي چراگاهن ۾ ٿئي ٿو. ان جو ننڍو هم جنس يعني لائيٽ وارو ڪڇون (ٽيسٽوڊو لائٽي)، جنهن کي 1869ع ۾ سنڌ اندر ڏٺو ويو هو سو وري ڏسڻ ۾ نه آيو آهي. اهو شايد ان ڪري جو اهو قدبت ۾ ننڍو اٽڪل پنج انچ ڪن، ٿئي ٿو ۽ ڇُڳل ٻوڙ، گاهن ۽ ٻوٽن ۾ رهڻ پسند ڪري ٿو جن ۾ اهو سولائيءَ سان لڪي وڃي ٿو. ٽه تريو سڪيءَ جو ڪڇون (نڪورياتري جيوگا)، جيڪو ڏکڻ پنجاب جي علائقي ۾ ٿئي ٿو جتي اهو بهاولپور جي چاچران ايراضيءَ ۾ ملي ٿو سو شايد سنڌ ۾ به آهي، پر ايجا تائين ڏٺو نه ويو آهي. هٽملٽن وارو ڪڇون (ڊامونيا هٽملٽني) جو 9 انچ ڏگهي کوپي سان هڪ نيم جل واسي قسم آهي، سو بولينجر کي مٽيءَ سنڌ ۾ ڏسڻ ۾ آيو هو.

سنڌ ۾ مٺي پاڻيءَ جي ڪڇون (ٽيسٽوڊنيڊي) جا چار قسم ٿين ٿا. سڀ جل واسي ۽ ٻوٽا خور آهن ۽ سارين جي بيٺل فصل کي نقصان رسائين ٿا.

ٽرگي ڪچون (هاربيلا ٽرگي) سنڌونديءَ ۾ ملي ٿو. انهيءَ ڪچونءَ جي مادي جو ڪوپو ڊيگهه ۾ 20 انچ ٿئي ٿو ۽ نر گهٽو ننڍو هوندو آهي. باٽاگور ڪچون (باٽاگور باسڪا) جنهن جي ڪوپي جي ڊيگهه 15 انچ ۽ ٻوٽ مٿي وريل ٿئي ٿو سو پڻ سنڌونديءَ ۾ ملي ٿو. پيل، باگڙي ۽ ٻيا لاڏائو قبيلا ان ڪچونءَ جي گوشت کي سوادي سمجهندا آهن.

ڏانگوڪا ڪچون (ڪاچوگا ڏانگوڪا) جي ڪوپي جي ڊيگهه 30 انچ ٿئي ٿي ۽ اهو پڻ سنڌونديءَ ۾ ملي ٿو. سمٿ جو ڪاچوگا ڪچون (ڪاچوگا سمٿي) جنهن جو ڪوپو 9 انچ ڊگهو ٿئي ٿو. تنهن بابت مري جو چوڻ آهي ته اهو سنڌونديءَ ۾ عام آهي. ڊيورا ڪچون (ڪاچوگا ٽيڪتم)، جنهن جو ڪوپو ڊيگهه ۾ 9 انچ ٿئي ٿو سو پڻ سنڌونديءَ ۾ ملندڙ جنس آهي ۽ گهٽو ڪري بگهاڙ ڏليلي، ڪلري، پيچاري، جمڙائو ڏارا، سنڌ ۽ ماهي جهڙن پراڻن ۾ به ٿئي ٿو. انهيءَ ڳالهه جو گهٽو امڪان آهي ته مٽي پاڻيءَ جي ڪچوئن جا اهي سڀ قسم، جي سنڌو نديءَ ۾ ملن ٿا، سي شايد واهن جي انهيءَ پراڻي سرشتي ۾ به ٽيندڙ آهن، جيڪي آبڪلاٽيءَ جي مند ۾ سنڌوءَ جي ليٽ تي وهندا هئا ۽ ٻين واهن ۽ ڊنڊن کي پاڻي ڏيندا هئا.

ساموندي ڪمي (چيلونيا) جا به قسم سنڌ جي ڪپر تي ٽين ٿا. سائي ڪمي (چيلونيا مائڊاس) جنهن تي اهو نالو ان جي چربيءَ جي رنگ تان پيل آهي، سا سنڌ جي ڪپر جي عام ڪُمي آهي. ان جي ڪوپي جي ڊيگهه 4 فوٽ ٿئي ٿي ۽ گهٽو ٿلهو ٻوٽا خور آهي. مڪراني، ڪچي ۽ ٻين مڇي مار قومن وٽ ان جي گوشت جو گهٽو قدر ٿئي ٿو. پر سر ايمرسن ٽينينٽ موجب، ان جو گوشت ڪڏهن ڪڏهن زهريلو به ڄاڻايو وڃي ٿو. ڪنهن زماني ۾ هيءَ ڪُمي گذري ڪلفٽن، سئنڊزبٽ ۽ هاڪس بي جي ڪنارن تي باقاعدي مند تي ايندي رهندي هئي ۽ اتي پنهنجا نرم ڪوپي وارا گول آنا سون جي تعداد ۾ پوري ويندي هئي. جي پوءِ ڪوٽي وڪڻي ڇڏيندا هئا. افسوس، پيار جو هيترو پورهيو اجايو ويندو هو. تڏهن به ڇيو وڃي ٿو ته ان جا آنا ڪائڻ ۾ ڏاڍا سوادي ٽين ٿا.

موگو ڪچون (ٽالا سوڪيلس ڪاريٽا) سائي ڪُميءَ جيان، چار فوٽ ڊگهو ٿئي ٿو. مري موجب هيءَ ڪچون عام آهي، پر پٽ، بابا، ابراهيم حيدري، ريڑهي ۽ ڪيٽي بندر جي مهاڻن جو چوڻ آهي ته ائين نه آهي، اهي اهو پڻ چون ٿا ته ان جو گوشت ڪنهن کي ڪونه وڻي ۽ بنگالي هندو لهه چاهه سان کائيندا آهن. هي ڪچون گوشت خور ٿئي ٿو ۽ گهٽو ڪري سڀ جهڙا به پڙا ۽ ڪيڪڙي جهڙا سخت ڪلا ساهوارا کائي ٿو. ان جا آنا سائي ڪميءَ جي آنن جهڙا ٿيندا آهن ۽ مارچ يا اپريل ڌاري واريءَ ۾ لاهي پوريا ويندا آهن. ابراهيم حيدريءَ جي مهاڻن کي ان جا آنا سنڌ جي سرحد لڳ ڪجهر ۽ نير کارين جي چوڻن وٽ واريءَ جي وڏن ٻيٽن تان به هٿ آيا آهن.

ڪرڙيون ۽ سانڀا

ليسرٽيليا ايٽ ريٽوگوسا:

سنڌ ۾ خيرپور ۾ انهن جا 38 قسم ملن ٿا، جي هي آهن: گيڪو (گيڪنيڊا) 11، اڪ پور گيڪو (يوبليفريڊاءِ) 2، ائگامڊ (ائگامڊاءِ) 8، مانيٽر (ورانيڊاءِ) 3، ٽپيڪل (لئسرٽيڊاءِ) 4 ۽ رگماهي (سفيڊاءِ) 10، سنڌ ۾ خيرپور ۾ ڪي به انڊا ڪينئان (ائنگئيڊاءِ ۽ ڊئبامڊاءِ) يا سانڀا (ڪئميليانٽيڊاءِ) ڪونه آهن.

گيڪو ڪرڙيون گهٽو ڪري جيت ڪائينديون آهن ۽ رات جو نڪرنديون آهن. عام طرح سنڊن پيرن جون آڱريون وڌيل هونديون آهن، جن جي مدد سان اهي لسي مٿاڇري تي ڪنهن به طرف ٽپ ڏيهن، ويندي پٽ تي مٿان کان هيٺ، تڪڙيون هلي سگهنديون آهن. اهي گول، سخت کل وارا آنا ڏينديون آهن. انهن جا وڌيڪ عام قسم هر گهر ۽ باغ ۾ ٽيندا آهن. هي چگيون دلير ۽ لالچي ٽيندیون آهن ۽ گهرن جون ڪي ڪرڙيون پنهنجو جيتن وارو قدرتي ڪاڏو ڏکاريندي ماٺهن وارو ڪاڏو چاهه سان چورائي ڪائينديون آهن ۽ مچي ويندیون آهن.

گيڪو ڪرڙيءَ جا جيڪي قسم جاين ۽ باغ جي وٽن تي گهٽا ڏسڻ ۾ ايندا آهن، سي هي آهن: عام گهرو گيڪو (هيمي ڊئڪٽائلس گليڊوءِ)، پير جي سوڙهين آڱرين واري گهر گيڪو (آلسو فائيلئڪس ٽيوبرڪيوليشس) ۽ ايشيائي گهرو گيڪو (هيمي ڊئڪٽائلس ڪاڪٽيئي)، ڊنسٽروني گيڪو (استينو ڊئڪٽائلس اورئنٽالس) عام طرح وارياسي بيابان ۾ اڏامي آيل واريءَ جي ٽُڪرن ۾ يا اڪ (ڪئلوٽراپس) جي پاڻ ۾ ملي ٿي، جڏهن ته ٽاڪرو گيڪو (جمنو ڊئڪٽائلس ڪاچينسيز) ڇپن جي چيرن اندر رهڻ پسند ڪندي آهي ۽ گهرن ۾ ورلي ملندي آهي.

اڪ پور گيڪو جي سچي گيڪو سان ويجهي مشابهت ٿئي ٿي، پر اهي انهن کان ٻاهرينءَ طرح هن ڳالهه ۾ مختلف هونديون آهن جو هنن جي اکين جا ڇپر پورجي ويندڙ هوندا آهن ۽ پيرن جون آڱريون سنهيون ٽيندیون اٿن، جي وڌيل نه هونديون آهن. کل، داڙا داڙا ۽ هسن واري ٽيندي اٿن. ۽ پڇ ٽلهو ۽ اُڻيل. سنڌ علائقي ۾ ان ڪرڙيءَ جا ٻه قسم ٽين جي ٻئي پٽرپهڙ جي ڪپجي يا ڳريل ڪاٺ جي ڊڳن ۽ ڀڳل ڦٽل جاين ۾ رهڻ پسند ڪن. هاروڪ جي هسي واري گيڪو (يوبلي فارس هاروڊيڪ) ۽ چٽن سان هسي واري گيڪو (يوبلي فارس ميڪيولاريئس) يعني سنڌ جي پوائتي هڙ ڪڙ، اهي ٻئي ٻنهه اڙ ڏکوئيندڙ آهن، تنهن هوندي ٻه انهن کي ايترو موتمار سمجهيو ويندو آهي جو نالو ئي 'هڙ ڪڙ' اٿن. سنڌي پهاڪو پدم نه ڪڙ قدم انهيءَ پوءِ ڏهڪاءَ کي چٽيءَ طرح ظاهر ڪري ٿو جيڪو سنڌين ۾ ڪو نقصان نه پهچائيندڙ ڪِرڙيءَ جي چڪ لاءِ وينل آهي. پهرين قسم جي گيڪو اٽ نوانچ ڊگهي ٿئي ٿي، جڏهن ته ٻي، جا عراق ۾ موصل وٽ نينوا جي پَڌَ ۾ ڏٺي وئي آهي، سا ڊيگهه ۾

فوت کن ٿئي ٿي، ٻئي هسي واريون، بي ڍوليون ۽ رنگ جون ايتريون ته ڳوڙهيون ٿين ٿيون جو ڏسندي ٻُڃان پئي ايندي، هنن جي بي واجبي بدناموسيءَ جو سبب شايد سندن بي ڍولي شڪل آهي، جا کين قدرت طرفان ملي آهي. سنڌين جو چوڻ آهي ته ان جو چڪ موتمار ٿئي ٿو ۽ اها ڪيترن فوٽن جي مفاصلي تان ٽپو ڏيئي چڪ هڻندي آهي.

سکر ۾ مون وٽ ٻنهي جنسن جون ڪيتريون ڪرڙيون ٻن ورهين کان مٽي بند هيون. اهي ايتريون ته هِري ويون هيون جو آءٌ وڏا وڏا جيت ڏينڊو هو مان ته وٽي کائي ويندڙيون هيون. شڪار جي پٽيان هوندڙيون آهن ته چپ چپ ڪري ويجهو ويندڙيون اٽس ۽ اُمالڪ اُلر ڪري وڃي ڳٽڑ کان جهلينديون اٽس. پاڻيءَ کي ويجهو نه وڃن، پر اڪ جي پنن يا گاهه جي تيلن تان پاڻيءَ جا ڦڙا چاهه سان چٽي ويندڙيون آهن، يا جي بت تي پاڻيءَ جو هلڪو چنڊو هڻڻن ته اهو لڪيندڙيون آهن. هي پنهنجي ٻاهرين چمڙي چٽين ۾ لاهنديون آهن. اڪثر ڪري چمڙيءَ جا ٽڪر پٽي کائيندڙيون ويندڙيون آهن. مون واريون ڪرڙيون ڪڏهن به اڳريون نه ٽيون، ۽ جيتوڻيڪ ڪنهن جو هٿ لائڻ نه وڻندو هون، تڏهن به چڪ پائڻ جي ڪوشش ڪڏهن نه ڪيائون. سندن پُڇَ، اصل گيڪو ۽ لسرتن ڪرڙين جي پُڇن وانگر، تاڪڻان هڻا ۽ شايد احتجاج طور سولائيءَ سان ڀڄي پوندا هڻا. وري ڇمندا هڻا، پر جهڙي بدزيبي بوندڙي.

ڪِرڙي جا رڳو ٻه قسم، جي ٻئي هليوڊرما يا ڏاڙهيار ڪرڙيءَ جي جنس سان واسطو رکندڙ آهن، تن بابت معلوم آهي ته اهي زهريلا آهن. هڪڙو آمريڪا ۾ ٽئي ٿو ۽ ٻيو ميڪسيڪو ۾.

سنڌ علاقي ۾ ائگامڊ ڪرڙين جا جيڪي 8 قسم ٽين ٿا، تن مان رڳو چئن جو ذڪر ضروري آهي. 'رت پياڪ' يا باغ جي ڪرڙي (ڪئلوٽيز ورسيڪلم) سيني ۾ عام آهي ۽ باغن ۽ باغيچن ۾ ملي ٿي. هيءَ ڪرڙي ريگستاني سنهي جهنگ ۾ به ٽئي ٿي، جتي اها ٿوهر (يونوربيا) جي ٻوٽن تي ويهي تڙڪي کاڻڻ جي شوقين آهي. ڪليل خشڪ زمين جي ٻيلن ۾ به ملي ٿي، جتي ان کي ڪنڊي (پراسوپس اسپسيجيرا) ۽ ببر (اڪيشيها اربيڪا) جي وڻن تي رهڻ وڻندو آهي. ان کي ساندي وانگر رنگ متائڻ جي عادت آهي، ۽ لڳ واري مند ۾ هٿيلي نر جي ڪل شوخ ڳاڙهي، ڪاري ۽ پيلي ٿي ويندي آهي، جنهن جي ڪري اهو ڏاڍو رعبائتو لڳندو آهي، اهي ڪرڙيون ڪنهن کي نقصان نه پهچائن ۽ سندن 'رت پياڪ' وارو نالو بلڪل بي واجبي آهي، هي پڪين جا آنا ته جام پيئي، پر رت بنهه ڪونه پيئي، ڪئلوٽيز جنس جي ٻين ڪرڙين جيان هن ڪرڙيءَ کي به پنهنجو ڪنڊ هيٺ مٽي ڪرڻ جي عادت آهي. هيءَ ڪنهن ٻوٽي يا وڻ جي مٿاهين ٽاريءَ تي ويهي اُس کائڻ پسند ڪندي آهي، ۽ سولائيءَ سان شڪري (ائڪسيپائٽر باڊيويس ڊسومائري) ۽ ڳاڙهي مٽي واري چٽئو (فالڪو چڪئيرا) جي ور چڙهيو وڃي. مون هڪڙي گُهگهه (سينٽروپس سائنينس سائينينسس) کي هيءَ

ڪرڙي جهلي ڳڙڪائيندي ڏٺو. ڪرڙيءَ جو پڇ ۽ انڇ ڪن وات مان ٻاهر نڪتو پيو هئس. ۽ هيڏي هوڏي پئي ڇُريو. گهگهه ڏاڍو بي مزي پئي لڳو. پر نيٺ اها رکي رکي چرندڙ پچڑي ۽ ڳڙڪائي ويو. مون هڪڙي ڪانءَ (ڪاروس اسپلينسس زگميئري) کي هڪڙي نر تي لامارو ڏيندي ڏٺو. جيڪو انجير جي اتاهين لام جي چيڑي تي ويٺي هوا کائي رهيو هو. پر ڪرڙو پير پختا ڪيو. ڇاڙيون ڦاڙي ويٺو رهيو. ڪانءَ هٿي هٿي ٻيهي رهيو. 'رت پياڪ' کي چوري نه سگهيو. نيٺ جَڪَ کائيندو هليو ويو. نيري پاسي واري اگاما (اگاما آئسوليپس) ميدانن، ٽڪرين، چپن ۽ ٻوٽن ۾ هڪ جهڙي ملندي آهي. نر کي هڪڙو ننڍڙو غٻغب ٽيندو آهي ۽ لڳ واري مند ۾ سندس ڳچي ۽ پاسا گهاٽا نيرا ٿي ويندا آهن. ڳاڙهي ڳچيءَ واري ائگما (ائگما بيگُلاريس) واريءَ سي نيم ريگستاني جنس آهي. نر توڙي ماد، ٻنهي جي نڙيءَ جي هيٺيان تيز ڳاڙهو نشان ٽيندو آهي.

هيءَ ڪِرڙي ڪيرٽر پير ٽڪرين جي تر وٽ عام ٿئي ۽ مون اها لکيءَ ۽ سرجاٽي وٽ نئن باران جي آپاس ۾ ڏٺي آهي.

ڏيڏر جهڙي متي واري ڪرڙي (فرائنو سيفالس اوليويئري) بچڑي شڪل واري ڪرڙي آهي. جيڪا ٽاڪرو سڄن هنڌن، سُڪل نديءَ جي ڪڪرالن ترن ۽ اهڙن ٻين هنڌن تي ٿئي ٿي. ان جو حفاظتي رنگ مڪمل ٿئي ٿو ۽ جڏهن پريشان ڪبس ۾ پڄي وڃي سنهي واريءَ يا ڪڪريءَ يا بجريءَ هيٺان لڪندي. هيءَ ڪراچي ضلعي اندر جهنگڙي ۽ باران جي پيٽ واري علاقي ۾ عام آهي ۽ مون ان کي اپريل ۽ مئي ۾ ملير ۽ گڏيجي ندين جي سُڪل پيٽ اندر ڏٺو آهي.

آخر ۾ ڪنبر پُڇ واري ڪرڙيءَ (يورو مئسٽڪس هاردويڪاءَ) جو ذڪر ڪجي ٿو. ان کي سنڌيءَ ۾ ساندو چون. هيءَ ڳري ۽ بيبدولي ڪرڙي. جا 15 انڇ ڊگهي ٿئي ٿي. سا واريءَ، پٿريلي، خشڪ علائقي ۾ ملندڙ ڪرڙين مان سيني ۾ عام آهي. هيءَ رواجي طرح رستن تي نظر ايندي آهي. موٽر ۾ لنگهبو ته هن تي نظر پوندي. موٽر کي ايندو ڏسي وٽي پڇندي ۽ وڃي پنهنجي ريگستاني هڙڙ ۾ ڪرندي. هيءَ ڪرڙي ياڇين ۽ ان ڦل تي گذران ڪري ٿي ۽ پوريءَ ريت ٽل واسي آهي. هيءَ پنهنجو هڙڙ پاڻ کوٽي ٿي. جيڪو 8 يا 9 انڇ ڊگهو متاچري کان 4 کان 5 پنج هيٺ ٽيندو آهي. ٽڏي ۽ گهميل مند ۾ هيءَ پنهنجي هڙڙ ۾ هلي ويندي آهي ۽ ان جو منهن اندرين پاسي کان سنهي واريءَ سان چگيءَ طرح بند ڪري چڏيندي آهي. عام طرح لنز باز (فالڪو جگر) شڪار ڪريس ۽ مون ڊگهين جنگهين واري باز (هيٽو ليراڪس ليراڪس) کي متس لامارا ڏيندي پر ڪامياب نه ٽيندي ڏٺو آهي. ساندو سراوندو ٿئي ٿو ۽ ڪڏهن به چڪ نه پائيندو آهي. پر وڏن ساندن کي ڪٽڻ يا هٽ رکڻ ۾ بيپرواهي ڪبي ته ٿي سگهي ٿو ته اهو ڊڄي پنهنجي هٿيار جهڙي پڇ کي ڪم آڻيندي ڏکي وڃي. هن جو پَو جهڙو ڪنبر پُڇ جو پاڙ وٽ چگو ويڪرو ٿئي ٿو سو بچاءَ جو نهايت اثرائتو هٿيار آهي. ڪيترن

معتبر شڪارين مون کي ٻڌايو آهي ته نانگ کي پوندو اٿس ته سانڊو پنهنجي هڙ ڏانهن ڇڄندو آهي. پر سڄو اندر ناهي ويندو. ڇڄ سڄي جو سڄو ٻاهر رهڻ ڏيندو آهي. ائين ڪرڻ سان ان جي نرم، غير محفوظ عضون کي ڇيهي رسڻ جو ڪو امڪان نه رهندو آهي. پوءِ اهو پنهنجي پُڇ جا ستڪا ڪرائڻ لڳندو آهي، جنهن جا ٻوائتا ڪنڌا ڪنهن به اهڙي نانگ، لومڙ يا گدڙ کي ڇڄائڻ لاءِ ڪافي آهن، جنهن لڇائيءَ تي سندرو ٻڌو هجي.

ڪوموڊو (انڊونيشيا) جي اجگر ڪرڙي، جا ڏهه فوٽ ڊگهي ٿئي ٿي، جيڪا مانيٽر لزرڊ (چتاءُ ڏيندڙ) ڪرڙي آهي. وڏي ميداني مانيٽر (وارانس بنگالينسيس)، جنهن کي سنڊي، ڳوهه ۾ ڪانياواڙي ۾ مرهٽا، گورپڙ چون، سان ننڍي ڪنڊ جي عام مانيٽر ڪرڙي آهي. ڇپ يا ٻت جي ڇير کي ان جي وَڻَ ايتري ته پختي هوندي آهي جو چيو وڃي ٿو ته ڪاٺڙيا وڻن ٻتين تي چڙهڻ لاءِ ان کي جيئري ٻلي ڪري کم آڻيندا آهن. ڳوهه کي نوڙي ٻڌي ٻٽ تي چڏي ڏيندا آهن. اها مٿي چڙهندي ويندي آهي تان جو چگو مٿي ڪا وٽي ڏسي ان ۾ گهڙي سوگهو جهلي ويهي رهندي آهي، اهڙو جو ماڻهو ان جي زور تي ٻٽ تي چڙهي سگهندو آهي. ڪراچي ضلعي اندر اگهاماڻي ريسٽ هائوس ۾ هڪڙي ڳوهه ورانڊي جي ٿنبي تان چڙهي وڃي چمڙن تي پئي هئي، جيڪي ڪامهيڻان هڪڙي وٽيءَ ۾ رهندڙ هئا. چمڙن جي ڪيڪرات ۾ هڏن جي رڙڪجڻ منهنجو ڌيان ڇڪائي وڏو پر جيسين مون ڳوهه کي ڇڄائڻ جي ڪئي، تيسين ان ڪيترا چمڙا ڪائي پورا ڪري چڏيا. ڪراچي ضلعي ۾ ڳوهه عام آهي، جتي اها ملير ۾ لانڍي جي آسپاس باغن جي ڏڻل ڪوهن اندر رهي ٿي. رولو قومون ان جو گوشت چاهه سان ڪائيندیون آهن. ڊاڪٽر ڪيلارٽ ٻين ڳالهين سان گڏ هي به چوي ٿو ته "دکن ۾ سنڊ جا اصل رهواسي ان جي گوشت کي ڏاڍو پائيندا آهن ۾ وائيءَ جي سور لاءِ اڪسير سمجهندا آهن. چون ٿا ته ان جو رت تازو پيئڻ يا چيلهه کي هٽن سان چيلهه جو سور چڏي ويندو ۾ قوت باهه به وڌائيندو." ڳوهه جي ڪل ڏُهل ۾ دنبوري تي مڙهڻ جي به ڪم ايندي آهي. توڙي مانيٽر جنس جي ٻين ڪرڙين جا ٻچا ڇٽ ۾ ڳوڙهن رنگن وارا ٽيندا آهن. اٽڄاڻ انهن کي هڻ ڪڻ سڏيندا آهن ۾ سمجهندا آهن ته ان جو چڪ زهريلو ٿئي ٿو ۾ ماڻهو توڙي ڏور ٻنهي کي ماري وجهي ٿو. پر ان ڳالهه ۾ ڪا سچائي ڪانهي ۾ اها ڏلهي ڏند ڪٽا آهي. سڀ مانيٽر ڪرڙيون گوشت خور ٽيندیون آهن. سو ٿي سگهي ٿو ته ان جي چَڪ سان ڪا بيماري ٿي پوي، مون انهيءَ مانيٽر کي ڪراچي، نوابشاهه ۾ حيدرآباد ضلعن ۾ ڪيترائي ڀيرا ماکوڙا ڪائيندي ڏٺو آهي.

ريگستاني مانيٽر (وارانس گريسيوس). 4 فوٽ ڊگهي ٿئي ٿي ۾ ريگستاني هنڌن تي عام ملي ٿي. اتي اها وڻن وڻن ٻرن ۾ رهي ٿي. جي اها پاڻ کوٽيندي آهي. بارڊ مانيٽر (وارانس فليوسينس) ڊيگهه ۾ 3 فوٽ ٿئي. هيءَ ڪِرڙي بنگالينسيس قسم جيان، ميداني جنس آهي ۾ عام طرح خشڪ ريگستان ۾

آباد زمين جي وچ واري ٽُڪري ۾ ملي ٿي. هيءَ سُڪل واهه جي پيٽ پٽرين جي ڏڳن ۾ رهڻ پسند ڪري ٿي. هڪ اهڙي تي فوٽ ڏگهي ڪِرڙِي ڪراچيءَ ۾ اورنگ نئن وٽ هڪ تلاءَ ويجهو رهندڙ هئي ۽ تلاءَ تي پاڻي پيئڻ لاءِ ايندڙ پٽ تترن ۽ ڪِيرن تي اُلرون ڪندي هئي، پر ڪڏهن به ڪامياب نه ٿي.

اصل پاڻيءَ واري مانيٽر (وارانس سلوٽور)، جا 7 فوٽ ڏگهي ٿئي ٿي ۽ پنهنجي سختيءَ سان ڳتيل پُڇ جي ڪري پاڻيءَ ۾ رهي سگهي ٿي، سا سنڌ ۾ خيرپور ۾ ڪونه ٿئي.

سنڌ ۾ مخصوص ڪرڙيون (لئسرٽائيڊي) تمام ٿوريون آهن. هتي ان جا رڳو چار قسم ٿين ٿا، جن مان ٽي ذڪر لائق آهن. سڀ نهايت ڦڙت هوندیون آهن ۽ تڙڪو وٽندو اٽن. ٻه واري- ڪرڙيون (اڪنٽو ڊڪٽيلس ڪئنٽورس ۽ اڪنٽو ڊڪٽيلس مائيڪرو فولس)، جي ڏيگهه ۾ 8 يا 9 انچ ٿين ٿيون، سي واريءَ سان هنڌن تي تمام عام آهن. انهن کي اُڏامي آيل واريءَ جي پٺن تي رهڻ وٽندو آهي، جتي اهي اڪثر گڏ ملنديون آهن. ننڍن پٺن سان ڪرڙين (اڪنٽوڊڪٽيلس مائيڪروفولس) جي پُڇَ جي نوڪ شوخ نيري رنگ جي هوندي آهي اها شايد جيتن کي هرڪائڻ لاءِ هوندي آهي. هيءَ ڪرڙي چا ڪندي آهي ته واريءَ تي مٿو پڇ ڏانهن ڪري ليٽي پوندي آهي. ڇُرندي پُرندي بلڪل ناهي. رڳو پڇ جي پڇڙيءَ کي رکي رکي تڪڙي لرزش ۾ آٽيندي آهي. آيا پڇڙيءَ جي اها لرزش جيتن کي هرڪائڻ لاءِ هوندي آهي، جن تي سندس گذران آهي، يا اها حملي کان بچڻ جي ڪا اٽڪل آهي يا ماڳهين ان جي ڪا جنسي اهميت آهي، سو ڇئي نٿو سگهجي. بهرحال مون ڪڏهن جيت کي هرڪجي موت جي منهن ۾ ويندي يا انهيءَ جنس جي مادي ڪِرڙِيءَ کي ان جي موهه ۾ ايندي ناهي ڏٺو. شايد متان پورو انتظار نه ڪيو هجيم. نه ته شايد انهن مان ڪا ئي ڳالهه ٿيندي ڏسان ها. انهن ٻنهي ڪرڙين جي پيرن جي بٽاوت اهڙي آهي جو اهي واريءَ تي سولائيءَ سان هلي سگهنديون آهن. ڇُٽن سان واري ڪرڙي (اريمياس گٽولاٽا)، جا 6 انچ ڏگهي ٿئي ٿي، سا گهٽي ياڳي مڪاني آهي ۽ اڪثر ڏسڻ ۾ نه ايندي آهي. تاهم، اها باران، حب، ملير ۽ گڏيجي ندي جي پرپاسي ۾ واريءَ سان ٽڪرن ۾ اڻ لپ نه آهي. اتي اها ڪپ (ليپٽاڊينيا اسپارٽيئم)، اڪ (ڪولو ٽراپس پروسيرا ۽ ڪولوٽراپس گگانٽيا)، ڪوڪ ۽ بوهه جي ٻوٽن وٽ ملي ٿي. مون کي اها اهڙين ئي جاين تي تروڙ غلام ڳوٺ، لنواري ۽ ٻير واريءَ ويجهو واريءَ جي پٺن تي نظر آئي آهي.

سنڌ، خيرپور ۽ ريگماهي (سنسيداءِ) جون ڪافي جنسون ملن ٿيون. هتي ڏهه قسم ٿين ٿا، جن مان پنج ڪراچيءَ ۾ آهن. ريگماهي ڪرڙيون نهايت بي ضرر ٿين ٿيون. سندن پُڇَ، گيڪو ۽ لئسرٽين ڪرڙين جي پڇن وانگر، ٽاڪڻان ٽيندا آهن ۽ سولائيءَ سان پڇي پوندا آهن. اُتر هندستان جي گهٽن هنڌن، جتي ريگماهي ڪرڙيون ٽيندیون آهن، اتي انهن کي 'بامن' يا 'بامني' سڏيو وڃي ٿو. اهي پتين جي ڏارن، باغن لوڙهن ۾، سڪل پنن يا ڏسڙ هيڻان ۽ جاين ۾ رهن ٿيون. ريگماهيءَ جون رڳو

ٿي جنسون ذڪر لائق آهن. پٽاپٽي ريگماهي (مابوئيا ڪارياتا)، جا 14 انچ ڊيگهه ڪري وڃي ٿي. سا اڻ ورهايل ننڍي ڪنڊ جي عام ريگماهي آهي. هيءَ سڃيءَ سنڌ ۾ خيرپور ۾ ملي ٿي. نر ريگماهيءَ جي بت تي ڪلهي کان ستر تائين هڪڙو ڳاڙهو پٽو هوندو آهي. چٽن واري ريگماهي (مابويا مئڪيولاريا)، جا ڇهه انچ ڊيگهه ڪري وڃي ٿي، سا باغن ۾ لوڙهن ۾ رهڻ پسند ڪري ٿي. هيءَ ڪراچيءَ ۾ عام آهي. ٽپيري ريگماهي (اوفيمورس ٽراءِ ڊئڪٽيلس)، جا ڇهه انچ ڊگهي ٿئي ٿي. سا سڃي ريگستاني جنس آهي ۽ واريءَ ۾ هڙڻ ناهڻ جي پوري پوري اهليت اٿس. هيءَ اڏامي آيل واريءَ جي ڏڙي ۾ رهڻ پسند ڪري ٿي. اُتي جتي واريءَ جا ٻوٽا جهڙو ڪپ، ڦوڳ، اڪ ۽ ٻوهر ٿيندا آهن، مون هيءَ نئن باران جي ڪنڊين تي ۽ سکر ضلعي اندر تروڙ صالح پٽ، مامري ۽ ساهي پٽ وٽ واريءَ جي پٽن تي ڏٺي آهي. انهيءَ ڪرڙي جي چربي سنڌ ۽ پنجاب ۾ وائيءَ ۽ چيلهه جي سور کان واپرائيندا آهن.

نانگ (اوفيديا):

دنيا جا جاتل نانگ 9 ڪٽنبن ۾ ورهايل آهن ۽ انهن ۾ 1536 جنسون اچي وڃن ٿيون. خوشقسمتيءَ سان رڳو 300 جنسن جو زهر ماڻهوءَ لاءِ خطرناڪ آهي.

ڏندن جي لحاظ کان سڀ نانگ ٽن واضح طبقن مان ڪنهن نه ڪنهن سان واسطو رکندڙ ٿين ٿا. پهرين طبقي وارن نانگن کي وهه وارا ڏند ڪوٺه ٿين. انهن کي 'اڻ ڏنديا' ڪوٺيو وڃي ٿو. ٻئي طبقي وارن نانگن جا زهر وارا ڏند متين جاڙيءَ يا هڏپات جي پٺيان ٿورا ڪانچيل ٿين ٿا. اهڙن نانگن کي "پٺ ڏنديا" چيو وڃي ٿو. ٽئين طبقي وارن نانگن جي زهر وارا ڏند متين جاڙيءَ جي اڳيان اونها ڪانچيل ٿين ٿا. انهن کي "اڳ ڏنديا" سڏيو وڃي ٿو. سيني اڳ ڏندين نانگن جو زهر ناهيندڙ عضوو تمام سڌريل ٿئي ٿو ۽ انهن جا زهر ماڻهو لاءِ، جي سڀ موتمار نه ته خطرناڪ ضرور آهن. اهي سڀ جنسون، جيڪي هن طبقي ۾ شامل آهن، سي ٻن ڪٽنبن ۾ ورهايل آهن جيڪي يا ته ڪوليوبر ٿيندا آهن يا وائيپر. پهرئين ۾ سامونڊي نانگ، ڪرئٽ، ڪاريم ۽ ڳٽوٽي نانگ اچي وڃن ٿا ۽ ٻئي ۾ سڃي لنڊي ۽ ڪڏ لنڊي (وائپر) شامل آهن. پهرئين ڪٽنب جا نانگ "پراٽي دنيا" تائين محدود آهن. پوئين ڪٽنب جا نانگ، ورهاڱي کان اڳ واري هندستان جي ٻين هنڌن تي ڇڪا ٿين ٿا، پر سنڌ يا خيرپور ۾ ڪونه آهن.

'اڻ ڏنديا' طبقي جي نانگن جا ڏند سادا يعني نهرا ٿيندا آهن. زهر وارا غدود غير موجود هوندا اٿن. پر تنهن هوندي به ڪولبري ڪٽنب جي 'اڻ ڏندين' نانگن جو پڪ هڪڙو زهريلو مادو ٿيندو آهي، سو تنهن مادي سان هي هڪ موافق نه ته هڪجهڙائي رکندڙ آهي، جنهن جي ڪري ساڳي ڪٽنب جي "اڳ ڏندين" نانگن جي زهر ۾ موتمار خاصيتون ٿيندين آهن.

سنڌ ۾ خيرپور ۾ نانگن جون 43 جنسون آهن. انهن مان 21 کي وهه وارا ڏند ڪونه ٿين ۽ باقي 22 کي ٿيندا آهن، جن مان 4 پٽ ڏندين، کي ڇڏي سڀ 'اڳ ڏندیا' آهن ۽ سندن زهر ماڻهوءَ لاءِ موتمار ٿئي ٿو. انهيءَ 18 اڳ ڏندين جنسن ۾ 13 سامونڊي، 2 ڪرئٽ، 1 ڪاريهر ۽ 2 لنڊيون اچي وڃن ٿيون. سنڌ يا خيرپور ۾ ڪڏ لنڊي يا ڳٽوني نانگ ڪين ٿين. سنڌ جي سيني ضلعن اندر جتي جتي به موافق جوءِ آهي، اتي ڪاريهر، ڪرئٽ ۽ ڪپر عام آهي. سنڌ جو ڪرئٽ (بنگارس سنڊانس) جنهن کي سنڌيءَ ۾ 'پيئڙ بلا' چون، سا ڇهه فوٽ ڊگهي ٿئي ٿي ۽ ٽرپارڪر، سکر ۽ خيرپور جي وارياسن ٽڪرن ۾ عام جام ملي ٿو. ڪپر، جي وڏيڪ نه ته به ايترو ئي عام آهي ۽ سيني ضلعن اندر اهڙن هنڌن تي ٿئي ٿو، جتي خشڪ پٿريلا پٽ، هيناهون ٽڪريون يا ريگستاني سنهو جهنگ هجي. هيءَ ننڍو نانگ، ڪپر يا لنڊي سيني ۾ عام بلا آهي. هيءَ ايائي فوٽ ڪن ڊگهي ٿئي ٿي. هن جا پرڪار به اهڙائي ڊلا ۽ ڇهڙائتا ٽين ٽا، جيڪي هن ڪٽنب (وائپريداءِ) جو مرڪ آهن ۽ جن جي ڪري سڀ وائپر خطرناڪ ٽين ٽا، ڇاڪاڻ جو اهي ڇاٽي واٽي پر بنا ڪنهن چرچ يا چتاءَ جي حملو ڪري سگهن ٽا. مون کي ان جو ذاتي آزمودو آهي. خوشقسمتيءَ سان هن بلا جو وهه ڪو گهٽو اثرائتو نه ٿيندو آهي. ڪٽ ڪئي وئي آهي ته ڪپر جي ڪاڏلن مان فقط 20 سيڪڙو ڪن مرندا آهن. 1933ع ۾ سکر ضلعي جي روهڙي تعلقي ۾ اپريل ۽ آگسٽ جي وچ ۾ سڄ پڄ نانگ جي ڏنگيلن جا جيڪي ڏهه ڪيس پوليس جي ڏيان تي آيا، تن مان ڇهه موت ڪپر جي ڏنگ وگهي ۽ چار ڪاريهر يا ڪرئٽ جي ڏنگ وگهي ٿيا هئا.

هيءَ وائپر مڪمل طرح خشڪيءَ جو نانگ نه آهي ۽ گهٽن اهڙن خشڪيءَ جي نانگن جيان، جن کي پيٽ تي ڇلر هوندیون آهن، هن بلا جون عادتون به وٽن تي رهڻ وارن جهڙيون آهن. مون ان کي ڪيترائي پيرا ڪرڙ (ڪئپارس ائفائلا) جي چوٽيءَ تي تڙڪو ڪائيندي ڏٺو آهي. هڪ دفعي ته ان کي 9 فوٽن جي اتانهينءَ تي ڏٺم. ٻئي دفعي هڪڙي لئي (تمارڪس گئليڪا) جي وڻ تي چڙهي ويڃي هڪڙي ڪائير کي ڏنگي وڌو هو، جو 20 فوٽ مٿي لامون ڪپي رهيو هو.

عام ڪرئٽ (بنگارس ڪئرولیوس)، جو چئن فوٽن کان ورلي وڌو ٿيندو آهي. سو رنگ ۽ نشانين ۾ سنڌي ڪرئٽ يعني پيئڙ (بنگارس سنڊانس) سان گهٽي مشابهت رکي ٿو. اهو ڪراچي، حيدرآباد، نوابشاهه ۽ سکر ضلعن ۾ ڏٺو ويو آهي، ۽ گهٽو ڪري ٻين ضلعن ۾ به ٿئي ٿو پر مون کي خشڪ ريگستاني هنڌن تي نه مليو آهي، جي ان جو وڏو مائٽ 'سنڊانس' جام ٿئي ٿو.

هتي هيءَ ڇاڻائڻ واجبي ٿيندو ته ڪرنل فرئنڪ وال کي پوري پڪ نه هئي ته 'سنڊانس' کي 'ڪئرولیوس' کان الڳ جنس جو درجو ملڻ گهرجي، جڏهن ته ڊاڪٽر ائنڊيل جو چوڻ هو ته 'والي' ۽ 'سنڊانس' جنسون هڪ ئي ڳالهه آهن. مون کي انهن ٻنهي جنس جي ڪيترن ئي

جيئرن توڙي تازو ماريل نمونن کي چڪاسڻ جو وجهه مليو آهي، ۽ ائين وسهڻ لاءِ کو سبب کين اٿم ته 'ڪئرولیوس' ۽ 'سنڊانس' هڪ ئي جنس آهن يا 'سنڊانس' ۽ 'والي' جنسون هڪ موافق آهن. ٻين کيترن تفاوتن کان سواءِ مون 'سنڊانس' کي خشڪ علاقي جو نانگ ڏٺو جڏهن ته 'والي' ۽ 'ڪئرولیوس' ٻئي گهميل ترن جون جنسون آهن يعني خشڪ ريگستان جون نه.

ڪوبرا (نائيا ترائپوڊينسي) يعني ڪاريهر ۽ رسيلز وائپر (وائپر رسيلي) يعني ڪوراڙ اهي ٻئي چگڻ گهميل هنڌن تي رهڻ پسند ڪندا آهن. ڪُرئٽ جيان ڪاريهر به گهٽو واهٽن ۽ ڳوٺن ۾ رهندو آهي، جتي ڪُٽا هوندا آهن، جو ان جو دل گهريو کاڄ آهن. ڪوراڙ سنڌ ۾ تمام گهٽ لڀ آهي. هيءَ بلا گهٽو ڪري هيئينءَ سنڌ يعني لاڙ ۾ ملي ٿي، جتي جي ڊبليو رولئنڊ به جهڙڪ وٽ ماريون هيون. فلن کي اها ڊملوٽيءَ ۾ نظر آئي هئي ۽ مون وٽ ان جي کار ڪڍيجي، هلايا ۽ پير پٽي ۾ هجڻ جا رکارڊ آهن. مري، ان کي جيڪب آباد ۾ ڏٺو هو. جتي 1934ع ۾ پراڻي ريزيڊنسيءَ جي پويان پهڻ جي تلاءَ وٽ هڪ ٻي ڪوراڙ ماري وئي هئي. انهيءَ بلا جي وِهه تمام موتمار ٿئي. ان جو کاڏل ماڻهو گهٽو ڪري کونه بچي.

سنڌ ۽ خيرپور جي علاقي ۾ جيڪي ڪاريهر ملن ٿا، تن جي وڏي اڪثريت رنگ جي ڪاري ۽ بائنوسيليٽ قسم جي آهي. (Monocella) ۽ انهيءَ قسم جا ٻيا نانگ پڻ ٿين ٿا. (Monocella) نانگ، جو مري رکارڊ ڪيو هو سو بنگال برما وارو قسم آهي ۽ سنڌ ۽ خيرپور اندر ضرور گهٽ لڀ هوندو. مون ڪڏهن ناهي ڏٺو توڙي سنڌ اندر 34 ورهين جي ايامڪاريءَ ۾ مون ڪيئي ڪاريهر ڏٺا آهن. هڪڙو 4 فوٽن کان وڌيڪ ڊگهو ڳوڙهو ڳاڙهيرو ڪڪو ڪاريهر 1935ع ۾ نوابشاهه ضلعي اندر درٻيلي وٽ ماريو ويو هو ۽ کي ڏکڻ اوير (ننگر پارکر) واري پاسي ملندڙ ڪاريهر اراولي (ابو) ٽڪر جي ڪاريهر جيان سخت کارا ٿيندا آهن. ڪاريهر يا کارو نانگ ڇهه فوٽ ۽ ڪڍهن ته ان کان به وڌيڪ وڏو ٿئي ٿو. مون 1930ع ۾ سکر ضلعي اندر سنڊوءَ جي ٻوڏ سبب پنهنجن ٻرن مان نڪري آيل تمام گهٽي تعداد ۾ ڪاريهر ڏٺا يا ماريا هئا. هڪڙي پيري مون ڪرڙين نانگ، جن ۾ گهٽا ڪپر، ڪاريهر، ڪرئٽ، واري نانگ ۽ ڪٽا ـ نانگ هئا، هڪڙي ٻيٽاريءَ تي ڏٺا هئا، جتي انهن ٻوڏن کان پناهه وڃي ورتي هئي. مٽاهين پٽ جي انهيءَ ٽڪري تي ڪرڙ ۽ ڪٻڙ جا وڻ نانگن سان کارا لڳا پيا هئا، پر آءٌ انهيءَ هنڌ کان پري رهيو هئس، ڇا لاءِ جو نانگ بلائن سان پريل وڻ ٻوٽن منجهان دڳ ٺاهڻ کان سواءِ ٻيٽاريءَ تي لهڻ ممڪن نه هو.

سامونڊي نانگن جون 13 ئي جنسون ڏاڍيون زهريليون ٿين ٿيون. هڪ عام قسم اينهائيڊرينا ولاڪاڊائن يعني باز جي چهنب جهڙي ڦڻ وارو سامونڊي نانگ جو زهر ڪاريهر جي زهر کان ست اٺ ڀيرا ۽ پيئڻ بلا جا خشڪيءَ جي موتمار بلائن مان هڪڙي آهي، تنهن جي زهر کان چار پنج ڀيرا

وڏيڪ اثرائتو ٿئي ٿو. هڪڙو اٺ، جنهن کي سمنڊ ۾ تڙ ڪرايو پئي ويو تنهن کي انهيءَ سامونڊي نانگ (Hawk_ nose) ناس تي ڏنگي وڏو ۽ اهو اُٺ ڪلاڪ جي اندر مري ويو. خوشقسمتيءَ سان سامونڊي نانگ نه ته اڳرا ٽيندا آهن نه ڇڙائتا، ۽ جيستائين ڇيڙين نه تيستائين ڇڪ نه پائيندا. ڪارين جا مهاڻا ڪنهن به سامونڊي نانگ کان ايترو ناهن ڊڄندا، جيترو سئريءَ کان، اها هڪ ننڍڙي گپ جي مڇي آهي، جنهن جي پٺيءَ واري ڪنيڙاٽي جا ڪنڊا زهريلا ٽيندا آهن.

سيني نانگن جا زهر مرڪب ٽيندا آهن ۽ ڪولبري ڪٽنب جي 'اڳ ڏندين' نانگن (سامونڊي نانگ) ڪرئٽ، ڪاريهر ۽ ڳٽوني نانگ جا زهر، وائپر نانگن جي زهر جيان، بناوت ۾ ماڻهوءَ تي ٽيندڙ مکيه اثرن جي لحاظ کان هڪجهئي کان ڪي گهٽا مختلف نه هوندا آهن. پر ڪولبري ڪٽنب جي نانگن جي ڏنگ سبب ظاهر ٽيندڙ نشانيون، وائپر ڪٽنب جي نانگن جي ڏنگ سبب ظاهر ٽيندڙ نشانين کان مجموعي طرح ڪافي مختلف ٽيندين آهن. ڪولبري نانگن جو زهر گهٽي ياڳي مرڪزي تنتي سرشتي تي اثر ڪري ٿو ۽ مغز جي ساهه کڻڻ واري مرڪز کي نستو ڪري ڇڏي ٿو. موت دم گهٽجڻ وگهي ٿئي ٿو. رت تي ڪو خاص اثر نٿو پوي. خون جو جريان ورلي ٿئي، ۽ جي ٿئي به سهي ته تمام معمولي ٿئي ٿو ۽ ڪڏهن به گهٽو نٿو ٿئي. ٻئي طرف، وائپرين ڪٽنب جي نانگن جي زهر جو مرڪز تنتي سرشتي تي ڪو اثر ڪونه ٿئي، سواءِ رت جي دوري کي ضابطي هيٺ رکندڙ مرڪز جي البت اهي زهر دل ۽ رت تي وڏو اثر ڪونه ٿئي، سواءِ رت جي دوري کي ضابطي هيٺ رکندڙ مرڪز جي نستي ٽيڙ ڪري ۽ اندر توڙي باهر رت جي بند نه ٽيندڙ جريان ڪري پيدا ٽيندڙ هيڻائيءَ سبب يا وري هڪ اٽسڌي سبب يعني جيوڙي جي چوت جي ڪري ٽيندو آهي. پوئين حالت ۾ ڏنگيل هنڌ وٽ ماس تنتو جي سڙڻ جي ڪري ناسور جهڙو ڦٽ ٿي پوندو آهي، جنهن کي جيوڙي جي چوت ترت لڳي سگهي ٿي.

نانگ جي زهر جو عمل تمام تکڙو آهي ۽ جيئن ئي جيئري ماس تنتوءَ ۾ داخل ٽيندو آهي، تيئن ئي اهڙو ته سخت چهٽي پوندو آهي جو وڏي تڪليف سان، سو پڻ پوريءَ طرح نه، ڪا بي اثر ڪندڙ دوا ان سان ڪيمياءِ لاڳاپي ۾ آڻي سگهبي آهي. اهڙيون دوائون تڏهن ئي اثر ڪنديون، جڏهن انهن کي زهر سان سڌي واسطي ۾ آندو ويندو. ائتي وينين هڪ اهڙو تریاق آهي، جيڪو اهڙي زهر کي بي اثر ۽ نستو ڪري ٿو جيڪو رت جي دوري ۾ داخل ٿي ويو هُجي.

هتي هيءُ ڄاڻائڻ ضروري آهي ته الڪوحل بي اثر ڪندڙ دوا نه آهي ۽ ان کي نانگ جي ڏنگ لاءِ تریاق ڪري ڪم آڻڻ بلڪل غلط آهي. الڪوحل جو تحرڪي اثر عارضي ٿئي ٿو. اهو ستت ئي لهيو وڃي ۽ ان کان پوءِ جا ڪهوماٽ ٿئي ٿي، سا نانگ جي ڏنگيلن لاءِ سخت هاڃيڪار آهي. الڪوحل رت جي نلين کي ڦندائي ۽ دل جي سرگرميءَ کي وڌائي رت ڇڏڻ جو لاڙو پيدا ڪري ٿي، ۽

جيڪڏهن اهو لاڙو اڳي ئي موجود هوندو جيئن وائپر جي ڏنگيل جي حالت ۾ اوس ٿئي ٿو ته پوءِ اهو ويتر وڌي ويندو ازانسواءِ، دل جي سرگرمي وڌڻ سان رت جو دورو تکو ٿئي ٿو جنهن ڪري زهر وڌيڪ تيزي سان جذب ٿيڻ لڳي ٿو. پچاڙيءَ ۾ الڪوحل اهڙي حالت پيدا ڪري ٿو جنهن ۾ بيماريءَ جي مزاحمت ڪرڻ واري سگهه ڪافي گهٽجيو وڃي. اهي رد عمل چٽيءَ طرح ثابت ڪن ٿا ته الڪوحل نانگ جي زهر جي اثر کي ٽوڙڻ جي بدران ان کي پنهنجي هاڃيڪار ڪاروائي تڪڙي ۽ وڌيڪ اثرائتي نموني ۾ اُڪلائڻ ۾ هٿي ڏي ٿو.

ڪولبري ڪٽنب جي چئن 'پٽ ڏندين' مان ڪڪو وڻ جو نانگ (ڊپساس ٽرائگوناٽا) ۽ پٽن وارو واري نانگ (سئموفيس ليٽاءِ) سيني کان وڌيڪ عام آهن. پهريون نانگ رنگ ۽ نشانن ۾ 'ايڪس' سان گهڻي مشابهت رکي ٿو ۽ اڻ ڄاڻو ان کي اڪثر ڪري 'ايڪس' ئي سمجهندا آهن. ڪراچيءَ ۾ ٽرائگوناٽا، گهٽ وڌ، باغ جو نانگ آهي ۽ پيڙي جي پکين لاءِ خطرو. اهو چار فوٽ ڊيگهه ڪري وڃي ٿو. عجيب ڳالهه هيءَ آهي ته باغن کان پري اهو خشڪ ريگستاني جهنگ ۾ رهڻ پسند ڪري ٿو. جيتوڻيڪ هيءَ ساڳي سٽ جي ٻين نانگن کان گهٽ وڻ واسي آهي، مون ان کي ڪڙ ۽ ڪنڊيءَ تي ويهي تڙڪو ڪائيندي ڏٺو آهي. ۽ ڪراچيءَ ۾ هڪڙو ٽن فوٽن کان ڊگهو لئيءَ جي هڪ وڏي وڻ تي چڙهي ۽ جهڙڪ ڳڙڪائي ويو هو. تنهن تي ڪيترين جهڙڪين وکوڙي ويس، ۽ نانگ جو وٽ ڇڏائجي ويو ۽ اچي ويهارو فوٽ هيٺ ڪريو. پر ٽيس ڪجهه ڪونه. پڇڻ جي پئي ڪيائين جو ماٺهن ماري وڌس. ٻئي جهڙڪ منديءَ کان جهلي ڳڙڪايا هئائين. ٻئي تازا مئل ۽ نانگ جي پيٽ ۾ هڪٻئي کان ٻه انچ ڪن پري هئا. انهيءَ جنس جو هڪ ٻيو نانگ پيڙي ۾ گهڙي هڪ چٽڪمري چتلي (اماڊوا اماڊوا) ڳڙڪائي ويو هو. ٻين پکين جي هاس ڪري ان پڇڻ جي ڪئي. پر پيٽ ڦوڪيل هجڻ ڪري پيڙي جي شيخن منجهه ڦاسي ٽي پيو. هٽي هٽي بيهي رهيو پر نه نڪري سگهيو. نيٽ چتلي اوڳاڇي پوءِ نڪتو. جهڙڪن جيان چتلي (Chitle) تي ٻه لعاب جو تهه چڙهيل ۽ منديءَ واري پاسي کان ڳڙڪايو ويو هو. چتلي (Chitle) سوَلي ٻاهر ڪونه نڪتي هئي، جو جو ٽوٽي جو ان جا چنبا پکوڙيل هئا، تڏهن ٻه اوڳاڇ ۾ رندڪ ٿئي ٿي. مس مس وڃي چتليءَ جا پير وات تائين آندائين، جنهن کان پوءِ ٻاهر ڪڍڻ ۾ تڪليف ڪونه ٿيس. اهڙو ئي هڪڙو ٻيو نانگ، جو 4 فوٽ کن ڊگهو هو تنهن کي هڪ ڪمريءَ ۾ ٻليءَ اچي سوڙهو ڪيو. تنهن تي نانگ ويڙهجي سيڙهجي پئجي رهيو ۽ ڪيترائي پيرا ٻليءَ کي چڪ هڻڻ جي ڪيائين. جڏهن مارجي ويو تڏهن ڏٺو ويو ته ان جي ڏري گهٽ سڄي ٻُٽ تي هڪڙي پيليرڙي ڏپ واري لعاب جو ليپ آيل هو جو پوءِ سڪي شفاف روغني پني جي ٿُڪرن جيان لهي ويو. ظاهر آهي ته اهو لعاب ٻليءَ جي حملي خلاف بچاءَ جي اُپاءَ طور نانگ پاڻ خارج ڪيو هو.

پٽاپٽي واري- نانگ (سئموفس لائٽاءِ)، جو 4 فوٽ وڏو ٿئي ٿو سو اهڙن کليل وارياسن هنڌن تي ٿئي ٿو. جتي ڪِرڙ ڪنڊيِ اڪ ۽ ڪانڊيرو پيدا ٿيندڙ هجي. اهو اڪثر قد ماريل ريگستاني وٽن يا ڪرڙ جي ٻوٽن تي تڙڪو کائيندي نظر ايندو آهي. سئموفس ڪنڊانارس، جو 'لائٽاءِ' جهڙو ۽ ان جيترو سهڻو نانگ آهي، سو تي فوٽ ڪن ڊگهو ٿئي ٿو ۽ سنڌ علائقي ۾ تمام گهٽ ٿئي ٿو. اهو فقط جيڪب آباد ۾ ڏٺو ويو آهي. اهي ٻئي نانگ 'پٽ ڏنديا' آهن. سنڌ ۾ 'پٽ ڏندين' نانگن جي جا چوٽين جنس ٿئي ٿي، سا آهي ڪتي منهنو. منهن ٻاري جو نانگ (سربيرس رنچاپس) اهو سادا تي فوٽ وڏو ٿئي ٿو ۽ سامونڊي ڪپر تي چڪن ۾ تمر ۽ ڪامي جي وٽن سان چانيل ڏٻڻين ۾ ۽ ويڑ وهيٽين کارين جي گپ ۾ ملي ٿو. هيءُ فقط ننڍي مڇي کائيندو آهي ۽ اڳرو نه آهي.

ڪن ڏکڻ آفريقي جنسن کي چڏي ٻين 'پٽ ڏندين' نانگن جي زهر بابت تمام ٿوري ڄاڻ ملي سگهي آهي. انهيءَ طبقي (اوپسٿو گلائفا) جا وِهه ڏند ڪتل ۽ ڪانچيل هوندا آهن. سندن وِهه ناهيندڙ غدود اکين کان هيٺ ۽ وِهه ڏندن کان مٿي هوندا آهن. اهي غدود وِهه ڏندن سان ڪنهن نليءَ رستي ڳنڍيل نه هوندا آهن، جيئن 'اڳ ڏندين' نانگن (پروٽيرو گلائفا) ۾ بلڪ پنهنجو زهر وهه ڏندن وارين مهارن ۾ موجود ننڍين ننڍين ٽنگن رستي ڪيڏندا آهن. سندن وهه ڏند مٽين ڄاڙيءَ ۾ چڳو پنتي ٽيندا آهن. انهيءَ ڪري هي نانگ تمام ننڍين ساهوارن (ڪٽا، ننڍين پکين جا ٻچڙ، ننڍيون ڪِرڙيون وغيره) کي ئي سوگهو جهلي سگهندا آهن. سندن گذران به اهڙن ئي ساهوارن تي آهي.

سنڌ ۾ اهڙن نانگن جون 21 جنسون آهن، جن کي زهر ڪونه ٿئي. ڪينئين جهڙن ۾ ڪندڙ نانگن (ٽائيفولو پيداءِ) جون ٻه جنسون لاڳاپيل ڪيماب ڏڙ نانگ (گلوڪونيا بلائفوريِ) ملندڙ آهن. اهي ٽيئي جنسون ۾ ڪري رهڻ جي عادت ۽ روشنيءَ کان ٿهڻ جي ڪري ورلي ڏسڻ ۾ ايندیون آهن.

اروڙ (بوئداءِ) بلا جون هي ٽي جنسون ٽين ٽيون: (1) ٽاڪرو اروڙ (پائٽن مولرس)، جو 20 فوٽن کان وڏو ٿئي ٿو. (2) وارياسو اروڙ (گانگيلوفس ڪونيڪس) ۽ (3) جان وارو ڏرتي نانگ (ايرڪس جاني) ٽاڪرو اروڙ جهڙڪ (1926ع)، سڪرنڊ (1935ع)، ڪلان ڪوٽ (1936ع) ۽ جنگشاهيءَ (1937ع) وٽ ڏٺا ويا آهن. منجهائن ڪوبه 12 فوٽن کان وڌيڪ ڊگهو ڪونه هو ۽ سپ پاٽيءَ جي ويجهو ملیا هئا. وارياسو اروڙ سنڌ ۾ ڪمياب آهي. اهڙو هڪڙو 1932ع ۾ ڪرنل هارٽيءَ مون ڏانهن ڏياري موڪليو هو جو ڪيس سکر ۾ سندس گهر وٽ هڪڙي ٽڪريءَ تان هٿ آيو هو. هن بلا جون اکيون ۽ چلر تمام ننڍا ٽين ٽا. اهي چلر، خاص ڪري پُڇ جا، سخت اُپيتا ٽين ٽا. هيءُ به فوٽ ڪن ڊگهو ۽ سياءُ جو تکو ۽ اهڙو ئي ڪرڙو ٿئي ٿو. جهڙو ان جو ٿورو پري جز مائٽ، ڏرتي نانگ، مانيٽو ۽ حليم آهي، ڏرتي نانگ، پنهنجين ننڍين ننڍين اکين جي باوجود، رات جو نڪرندو آهي ۽ ننڍن ٽٽيارن ۽ ڪينئن تي گذران ڪري ٿو. هيءُ وارياسن هنڌن تي عام ملي ٿو ۽ پاڪستان جا جوڳي ان کي 'به

منهين، سڏيندا آهن. هيءَ چار فوٽ ڏگهو ٿئي ٿو ۽ تمام بي ضرر ۽ مسڪين نانگ آهي. انهيءَ جاٽائڻ جو ڪو خاص ضرور ڪونهي ته جيئن جوڳين کي هڪڙو منهن ٿيندو آهي. تيئن هن نانگ جو به هڪڙو ئي منهن آهي ۽ اهو چوڙ سراسر غلط آهي ته ڪو هن جو پڇ سال جا ڇهه مهينا منهن جو ڪم ڏيندو آهي ۽ ان جو اصل مُنهن آرام ڪرڻ لاءِ پڇ تي پوندو آهي.

باقي 15 بي زهر جنسون ڪولبري ڪٽنب سان واسطو رکن ٿيون. انهن ۾ بگهڙ نانگ (جينس لائيڪوڊان) 2. ڪٺا نانگ (جينس زامينيس) 6. پٺان پٽيا (جينس ٽراپيڊو نوٽس) 3. جينس سوڊو سائيڪلوفيس 1. جينس اوليگوڊان 1. جينس لائٽنور هنڪس 1. ۽ جينس ڪولبر 1. اچي وڃن ٿيون.

عام بگهڙ نانگ (لائيڪوڊان آليڪس) رنگدان ٿئي ٿو ۽ اهڙا ئي چٽ ٿينس ٿا. جهڙا عام ڪرئٽ (بنگارس ڪئرولينوس) تي ۽ اڪثر ان کي به ڪرئٽ سمجهيو ويندو آهي. ڪٺا، جهڙڪين جا آنا ۽ بچا ان کي ڳوٺاڻن جي پونگين ۽ شهر ۾ نوڪرن جي جاين ڏانهن چڪي ايندا آهن. ٻن فوٽن کان وڌا نمونا ڪمياب آهن.

شاهي بگهڙ نانگ (لائيڪوڊان استرياٽس) سنڌ ۾ گهٽ ٿيندو آهي. اهڙو هڪڙو نانگ 1933ع ۾ ايس. بي هِڪي مون کي سکر ڏياري موڪليو هو.

ڪٺا- نانگن ۾ ڏمڙ (زامينيس ميوڪوسس). شاهي ڪٺو نانگ (زامينسيس ڊايا ڊيما) ۽ چٽڪمرو ڪٺو نانگ (زامينسيس وينٽريمئڪيولاٽس) گاهه وارين زمينن ۽ حب ماٽريءَ جي هيٺاهين ٽڪرين ۽ اهڙين ٻين هنڌ تي عام آهن. پهريون ٻه جنسون ڇهه ڇهه فوٽ ڏگهيون ٿين ٿيون ۽ سياهَ جون ڪرڙيون آهن ۽ جهلجهڙ کان بچڻ لاءِ چتي ويڙهه کائيندڙيون آهن. چٽڪمرو ڪٺو نانگ 3 فوٽ وڏو ٿئي ٿو ۽ اهڙو ڪرڙو نه آهي. جهڙا ان جا هم جنس.

پٺان پٽين ۾ پتاپتي پٺان پٽيو (تراچي ڊونوٽس استولاٽس) ۽ چؤنڪڙين سان پٽيان پٽيو (تراچي ڊونوٽس پسڪاٽر) عام آهن. پهرين قسم جي پٽيان پنڌتي جا ٻن فٽن کان وڌيڪ وڏا نمونا ورلي ملندا. پوئين قسم جو نانگ پاڻيءَ ۾ رهي ٿو 4 فوٽ ڪن ڏگهو ٿئي ٿو ۽ گهٽو ڪري مڇيون ۽ ڏيڏر کائي ٿو. هيءَ سياهَ جو چتو ۽ چهڙائتو آهي. استولاٽس جڏهن کاوڙيو آهي يا جڏهن سوڙهو ڪيو اٽس، تڏهن ڳچيءَ جا پاسا ڪٽي ڦنڊائيندو آهي. ائين رڳو پاڻ کي بچائڻ لاءِ ڪندو آهي.

پتاپتي پٺان پٽيو تمام سهڻو نانگ آهي. ڪاري پيٽ وارو پٺان پٽيو (تراپي ڊونوٽس پلمبي ڪلر) سنڌ ۾ گهٽ ليڀي ٿو. مون کي اهو 1935ع ۾ سکرنڊ وٽ ڏسڻ ۾ آيو هو. هيءَ ايائي فوٽ ڪن ڏگهو ٿئي ٿو ۽ اسٽلاٽس وانگر ڳچي ڦنڊائڻ جي عادت اٽس.

باقي ڇئن قسمن مان رڳو هڪڙو ذڪر لائق آهي يعني ڇهنب جهڙي نڪ وارو بيابان وارو نانگ (لائٽنورهنڪس پئرا ڊاڪسس). هيءَ رڳو سنڌ ۾ ٿئي ٿو ۽ ان کي ويندي ان جي ڳڙهه يعني ريگستان ۾

بہ ڳولي لهڻ تمام ڏکيو آهي ڇاڪاڻ تہ ان کي ہر ڪري رهڻ جي عادت آهي. سائنسدانن کي ان جون رڳو ٽي جنسون معلوم آهن: ايل ڊايا ڊيميا، جو ايران کان آلجيريا تائين ملي ٿو ايل رجويئي، جو افغانستان ۽ ترڪستان ۾ ٿئي ٿو ۽ ايل پئرا ڊاڪسس، جيڪو رڳو سنڌ ۾ آهي. هن نندڙي نانگ جو رنگ ان کي پاڻ بچائڻ ۾ مدد ڪري ٿو ۽ واريءَ جي سچن نانگن جيان واريءَ ۾ ہر ڪرڻ جو ڏاڻ اٿس. هڪڙي فوٽ کان وڌيڪ وڏا نمونا گهٽ لينڊا آهن. مون اهو ٽرپارڪر ضلعي ۾ کوکراپار وٽ ۽ سکر ضلعي ۾ ڪينجوءَ وٽ ڏٺو آهي.

ڏندڪٿا:

ٽرين جو چوڻ آهي تہ پيڙ بلا ستل ماڻهوءَ جي ڇاتيءَ تي ور وڪڙ ٿي ويهندي آهي ۽ سندس ساهہ اندر ڪڍندي آهي ۽ پنهنجو زهر ساهہ ٻاهر ڪيڻ سان سُتل جي وات ۾ اُماڻيندي آهي. سُتل جي جيءُ تي ڦلوڪڙو ٿي پوندو آهي. جنهن ۾ زهر هوندو آهي، ۽ هو جيئن ئي ڪا روشني ڏسندو آهي، تيئن ئي انڊو ٿي پوندو آهي. جڏهن ڦلوڪڙو ڦاٽندو آهي، تڏهن زهر اندر هليو ويندو آهي ۽ ماڻهوءَ تي بيهوشي طاري ٿي ويندي آهي ۽ هو بيهوشيءَ جي حالت ۾ گذاري ويندو آهي. ٽري پاڻ سان ڪچا بصر کڻندا آهن تہ جيئن پيڙ ويجهو نہ اچين. جتي سمهندا آهن، اتي چوڌاري ڦِٽل بصر پکيڙي ڇڏيندا آهن. بتي ٻاري پٺ تي رکي ڇڏيندا آهن چو تہ هُو سمجهندا آهن تہ پيڙ رات جو روشنيءَ جي ويجهو نہ ويندي آهي.

ٽرين جو اعتماد آهي تہ مصري ڳجهہ يا هل (نيونيران پرڪنو پٽيرس پرڪنو پٽيرس) يا (Gorham) (ڪوريوٽيس نائيجرسيسپس نائيمبريسيپس) جو آنو پيڙ جي زهر کي بي اثر ڪري ٿو. سو هو پاڻ سان ٽينَ جي ڊبلي کڻندا آهن، جنهن ۾ هل يا ڳجهہ جي آني ۾ پُسيل ڪپهہ پيل هوندي آهي. ضرورت مهل ڪپهہ کي پاڻيءَ ۾ پُسائي کاڏل جي وات ۾ ڦڙو ڦڙو ڪري وجهندا آهن ۽ سندس اکين کي پٽي ٻڌي ڇڏيندا آهن تہ جيئن روشنيءَ تي نظر نہ پويس، نہ تہ انڊو ٿي پوندو. پوءِ کيس ڪنهن اونداهيءَ ڪوڻيءَ يا سکل کوهہ ۾ ابتو ٽنگي ڇڏيندا آهن تان جو هو خوش ٿي پوندو آهي يا مري ويندو آهي. حقيقت ۾ ڪڏهن بہ بچندو ناهي. اُبتو انهيءَ لاءِ ٽنگيندا آهن تہ جيئن هو ڦلوڪڙي ڦاٽڻ وقت زهر ڳهي نہ وڃي. جيڪڏهن آني وارو علاج نہ ٿي سگهي تہ کاڏل کي اُبتي ٽنگڻ کان اڳ پيٽل ڦٽکي کارائيندا آهن. ڦٽکي لاءِ پڻ سمجهيو ويندو آهي تہ اها زهر کي بي اثر ڪري ٿي.

ريگستاني علائقن ۾ گهٽي پچا ڳاڇا کان پوءِ بہ اهڙي کا ثابتي نہ ملي آهي تہ علاج جي انهيءَ طريقي کنهن کي چٽايو آهي. ان هوندي بہ ٽرين جو ان جي تاثير ۾ انڊو اعتماد آهي ۽ هو ان تي عمل ڪندا رهن ٿا. ۽ جيڪي پيئڻ نہ ڪيو هوندو آهي، سو هي ڪري وجهندا آهن. ريگستان جي ڪن علائقن جا ٽري پيڙ کان ايترو تہ ڊڄندا آهن جو سڄي سڄي رات ٻاهہ يا بتي ٻريل رکندا آهن. ٽر ۾

مينهن کان پوءِ نانگ گهٽو ڪري ڇوڪرن جي ڇتين ۾ وڃي پناهه وٺندا آهن. سو ٿري ڇت هيٺان ڪپڙو ٽنگي ڇڏيندا آهن ته جيئن نانگ ڇوڪرن ۾ هيٺ نه اچي ڪرن. ٿرپارڪر ۾ سخت برساتون پونديون آهن ته ڏاڍا نانگ نڪرندا آهن ۽ سخت خطرو ٿي پوندو آهي. 1934ع ۾ گڏڙي ۾ پيڙ بلا ايتري ته گهٽي نڪتي هئي ۽ ماڻهو ۽ ڍور ٻئي ايترا گهٽا ماريا هئائين جو ٿري هندو ڪجهه وقت لاءِ ڳوٺ ئي ڇڏي ويا هئا. 1930ع ۾ سکر ضلعي اندر سنڌوءَ جي ٻوڏ دوران مچر جي ڪري بـ لڏپلاڻ ٿي هئي. تڏهن ٻيلن واري تر ۽ ڪچي ۾ ايترا ته گهٽا مچر ٿي پيا هئا جو ماڻهن توڙي ڍورن جو جيئڻ حرام ٿي ويو هو. پيڙ ۽ ٻيون بلائون ڪيڙ (سئلوابورا پرسيڪا)، ٽوهر (يونوربيا نيريفوليا) ۽ ڪِرڙ (ڪئپاريس ائفلائلا) جي پاڻ ۾ سياري ڪاٽڻ جون شوقين آهن. هڪڙي پيري مون ڪراچي ضلعي اندر گهاري جي پرپاسي ۾ جتي ڪيڙ گهٽو ٿئي ٿو رڳو هڪڙي ڪيڙ جي پاڙ مان 7 نانگ 3 پيڙ ۽ 4 لنڊيون ڪڍيون هيون.

سنڌين ۾ هڪڙو ٻيو اعتماد هيءُ آهي ته بي ضرر ڪنو نانگ، ڏمڻ جو ڇڪ زهريلو ٿئي ٿو ۽ جنهن عضوي کي ان جو ڏڪ لڳي ٿو سو هوريان هوريان سڪي بيڪار ٿي وڃي ٿو. ڪي ته ائين به سمجهندا ته انهيءَ نانگ جي ڇڪ لڳڻ کي لڳندو ته اهو به زهريلو ٿي ويندو ۽ ماڻهوءَ کي اهو زهريلو هنڌ جتي ڇُهندو اتي زهر چڙهي ويندو.

ڏيڏر ۽ ٻيا جل ٿل واسي:

جل ٿل واسي ساهوارن (بئٽراڪيا) ۾ ڏيڏر ۽ ڏيڏار (ايڪوڊيٽا)، نيوٽ، سلامئنڈر (ڪاڊيٽا) ۽ سئسيليئن (ائپوڊا) اچي وڃن ٿا.

سنڌ ۽ خيرپور جي علاقي ۾ نيوٽ، سلامئنڈر يا سئسيلسئن ڪونه ٽين ڏيڏرن (Frog) ۽ ڏيڏارن (Toad) جا به ڪي ٿورا قسم آهن. ڏيڏرن جون جيڪي ڇهه جنسون ٽين ٽيون، تن مان فقط ٻي ذڪر جوڳيون آهن. وڏو ڏيڏر (رانا ٽائيگرينا)، جو سائڍا ڇهه انچ ڊگهو ٿئي ٿو سو وڏي ۾ وڏو ۽ عام ۾ عام آهي. اهو اصل جل واسي آهي ۽ گهٽو وقت پاڻيءَ اندر گذاري ٿو. اهي هر ڳوٺ جي ڪوهه ۾ ٽيندا آهن ۽ توڙي جو ڪوهه مان نڪري نه سگهندا آهن. تڏهن به اتي پڻ تيتروئي آرام سِان گهارينداآهن. جيتروڪ درياهن، واهن ونڊين يا تلائن ۾ ٻاماڻيل توڙي اڻ ساماڻيل، ٻئي ڇڳا هڇي ٽيندا آهن ۽ ننڍين پکين، ويندي نانگن تي به حملو ڪندي ڏٺا ويا آهن. ۽ جي ڪو نانگ جي ور چڙهي ويندو آهي ته اهڙو روڇ راڙو ڪندو آهي جو بس. لاڙڪاڻي واري ريسٽ هائوس جي باغ ۾ هڪ ڇڪيرڙو وڏو ڏيڏر ٽانڪيءَ جي ڇيڙي تي تڙڪي ۾ ويٺو هو ته امالڪ هڪڙي ڇانهن (ڪورئسياس بنگالينسس بنگالينسس) ڳٽڙ کان جهلي ڪٽي هڙپ ڪيس. ڇڳي چوڪي جاکوڙ کان پوءِ سڄو گڙڪائي ويس. سواءِ پوين ٽنگن جي، جيڪي وات منجهان ايئن ٻاهر نڪتيون پيون هيس. جيئن پوت جا ڪن.

چانهن جي شڪل اهڙي ٿي وئي هئي جو ڏسي ڪل ٿي آئي ۽ ڏيڏر جي ٽنگن کي ڇڙڪائڻ لاءِ ان جي لُڇ پڇ ۾ ڏسڻ وٽان هئي. نيٺ هٽي اهي ۾ ڪيائين، پر سڄي آڦرجي پئي ۽ ڪنپ ڪنڌار جي ويس. طعام تہ ڏيڏري کاڌو هئائين، پر ائين ٿي لڳو جڙ کائي ڦاتي هجي.

پاڻي ٽپڻو ڏيڏر (رانا سيانوفلڪٽس) سايا ٿي انڇ وڏو ٿئي ٿو ۽ تلائن، ڍنڍن جي تانگهارن، پاڻيءَ ٻڏل ٻنين، ڇوٽ جي ٽانڪين ۽ ويندي ٻرن جي اندر بيٺل کاري پاڻيءَ جو ڏيڏر آهي. پاڻيءَ جي مٽاچري تان ترکندو هليو ويندو آهي. هيءَ انهيءَ جنس جي ڏيڏرن جي خاصيت آهي. استريچن وارو ڏيڏر (رانا استريچني)، تي اهو نالو جي. استريچن پٽيان رکيو ويو آهي، جنهن کي هيلر وٽ هٿ آيو هو هي ڏيڏر ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي تہ رڳو سنڌ ۾ ٿئي ٿو هي ننڍڙو ڏيڏر آهي، جنهن جا اڳيان پير پوريءَ طرح ڇوٽيل نہ هوندا آهن. ان بابت ڪا گهٽي ڄاڻ ڪانهي.

سنڌ ۽ خيرپور ۾ ڏيڏر جون فقط ٻہ جنسون ٽين ٽيون، يعني اينڊرسن وارو ڏيڏر (بيوفواينڊرسني) ۽ عام ڏيڏار (بيوفو اسٽائڪيوٽس). پهرين جنس ٽي انڇ وڏي ٿئي ٿي، نٽي ۽ جنگشاهيءَ وٽ تلائن ۾ ڏٺي وئي هئي. ان بابت سواءِ ان جي ٿوري ڄاڻ آهي تہ اهو عربستان ۽ هندستان ۾ ٻہ ملي ٿي. ٻي جنس اها آهي، جيڪا رهڻ جي جاين ۾ گهڙي اچي ٿي ۽ اڙ ورهايل هندستان ۾ عام ٿيندڙ آهي. هيءَ ڏيڏار ڇهہ انڇ وڏو ٿئي ٿو ۽ پهٽن هيٺان، ڏرن اندر ڪوڪن هيٺان، سڄ پڇ تہ هر اهڙي هنڌ ملي ٿو جتي پاڻ لڪائي سگهي.

انهيءَ ڏيڏار کي خبرداريءَ سان هٿ وجهڻ کپي، ڇو تہ ان جي هسياري کل مان هڪ ڪُراٽيندڙ رطوبت خارج ٿيندي آهي، جنهن جي ڪري ڪتا انهيءَ ڏيڏار کي ڪٽندا آهن تہ وات ۾ ڦٽ ٿي پوندي اٿن. هيءَ ڏيڏار ٻہ ايترو ئي ٻي ڊپو ۽ پيٽوڙي آهي، جيتروڪ ان جا ٻيا هم جنس. مون اهڙن ڪيترن ڏيڏارن کي ڏٺو آهي، جي ريسٽ هائوس جي وراندي ۾ پيل لالٽين جي چوڌاري اوڪڙو ويهي وسڪاري جي ڪري اڏامندڙ جيتن جا جيڪي هشام نڪرندا هئا ۽ لالٽين جي روشنيءَ تي. پنيلجي ايندا هئا، تن کي ڪائي ڪائي ڦوڪجي ويندا هئا. اهڙن موقعن تي جيت روشنيءَ تي اصل ڳاهت پيا ٿيندا آهن ۽ منجهائن گهٽا ظاهر بنا ڪنهن سبب جي پنهنجا ڪنپ ڇاڏي ڇڏيندا آهن. اهڙي ئي موقعي تي مير خان ۾ هڪڙو سهڻو ڪپر اتي اچي نڪتو ۽ جائزي وٺ ڪان پوءِ هڪڙو ڏاڏار جهلي هوريان هوريان ڇڙڪائي ويو. ساهي پٽي وري ٻيو جهليائين، جنهن کي ڇڙڪائڻ ڪان پوءِ ساڻو ٿي پئجي رهيو. جيت مٽان پئي پيس ۽ ايڏا ڏيڏار ڏڏي تي موجود هئا ۽ مزي سان جيت ٿي ڪاڏائون. ان جي ڪا ڪاڻ ڪانہ هين تہ اهو ڪپر ايڏا اُتي آهي، جنهن سندن ٻہ همراهہ ڇڙڪايا آهن، مون ويٺي تماشو ڏٺو. جڏهن سمجهيم تہ هاڻ وڌيڪ ڪجهہ نہ ٿيندو تڏهن وڃي ڏيڏارن جو پاسو ڪٽندي ڪپر کي پورو ڪري ڇڏيم. ان جيڪي ٻہ ڏيڏار ڇڙڪايا هئا، تن کي لعاب جو چڱيءَ طرح ليپ آيل هو ۽ ساهہ بنهہ ڪونہ

هون. ڪپر سان بہ ساڳي حالت هئي. ڏيڏارن جا ڪرائيندڙ رطوبت خارج ٿي ڪئي، تن کين ڪپر جي حملي کان کين بچايو ۽ نہ ئي ان جو نانگ تي ڪو اثر ڏسڻ ۾ ٿي آيو. مري لکي ٿو تہ: هن انهيءَ ڏيڏار کي هڪ پٽان پٽيي نانگ جو ۽ پنهنجي هڪڙي هم جنس جو ڪاڄ ٿيندي ڏٺو هو.

ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي تہ انهيءَ ڏيڏار جي ڪُرائيندڙ رطوبت ان کي سيني حالتن ۾ حملي کان ڪونہ بچائيندي آهي.

مڇيون

ساموندي مڇيون:

سنڌ جي علائقي جو ساموندي ڪپر راس مٺاري (راس مانڙي) لڳ حب نديءَ جي ڇوڙ کان وٺي ڪڇ لڳ سير کاريءَ تائين پکڙيل آهي.

ڳِڙيءَ کان سير کاريءَ تائين هيءَ ڪپر ـ ليڪ 120 ميل ٿيندي. هيءَ سمورو ڪپر ساموندي کارين جهڙوڪ ڪورنگي، جهاري، پٽي، کوبر، مل، ڪجهر ۽ ٻين ڪيترين سان اِنگڙ ونگڙ لڳو پيو آهي. اهي سڀ هڪجهي سان آڏن ٽيڏن واهڙن جي هڪ مها ڄار وسيلي ڳنڊيل آهن، واهڙ جي ڪيئي ميل خشڪيءَ اندر هليا وڃن ٿا ۽ جي اوپر جو شايد وڏي ۾ وڏو ۽ منجهائيندڙ ۾ منجهائيندڙ مونجهارو ٿاهين ٿا، ڇا لاءِ جو زمين جي ڪابہ سروي هوائي فوٽن کان سواءِ هن منجهيل گنڊگوڙ جي صحيح پيمائش نہ ڪري سگهندي.

سنڌوءَ جي ڪيٽي صدين کان گهٽي ڦرندي گهرندي رهي آهي. درياء جون پراڻيون ڇاڙون جهڙوڪ پُراڻ، ريڙ، ڪليلي، گهارو ۽ بگهاڙ هاڻ ڇاڙون نہ رهيون آهن.

1819ع واري زلزلي ڪيٽيءَ جي مهانديءَ ۾ وڏي ڦيرڦار آندي هئي. ڪيٽيءَ جي هاڻوڪي نوڪ سانول پور کان ڪي اٺ ميل هيٺ تي اوچتو (حجامڙو) ۽ منڇيءَ (حيدري) جو دوشاخو آهي. ڪيٽيءَ جو پايو مڪيہ شاخن، حجامڙو ۽ حيدري، جي وچ واري اِنگڙ وِنگڙ ڪپر ليڪ آهي. اهي ٻئي شاخون ڏکڻ ۾ اڳتي هلي ڪيترين وڏين کارين ۾ ورهائجي وڃن ٿيون، جن مان ڪن جا نالا ترشيان، قلندري، ڪهر ۽ مل آهن.

ساموندي وِير جو اثر انهيءَ هنڌ کان، جتي سنڌوندي دوشاخي ٿئي ٿي، کو گهٽو محسوس نہ ڪيو ويندو آهي: تنهن هوندي بہ مني پاڻي تي کاري پاڻيءَ جي غلبي (سواءِ وير جي آلڙ واري وقت جي) انهن آبادين لائق زمين تي تمام هاجيڪار اثر وڏو آهي، جيڪي سنڌونديءَ جي هيٺئين وهڪري جي پهچ هيٺ آهن.

سامونڊي ڪپر لڳ مهاڻن جا جيڪي ڳوٺ آهن، تن ۾ مڪيه پٽ، بابا، گذري، ابراهيم حيدري، ريڑهي، ڪيٽي بندر، جاديواري ۽ سرگنڊا آهن.

سنڌ علائقي جي حد اندر سمنڊ ۾ هڪ ئي وقت هزارين مڇين جي مرڻ جو سبب سمنڊ ۾ هيٺ شايد آتشي مول منڊ جي اٽل پٽل آهي، جنهن جو خاص سبب زهريلين گئسن جو خارج ٿيڻ آهي.

انهيءَ نوعيت جو هڪڙو واقعو 1849ع ۾ پوربندر (ڪاٺياواڙ) جي ڪپر کان ٻاهر سمنڊ ۾ رونما ٿيو هو ۽ هزارن جي تعداد ۾ زهر ماريل مڇيون ڏينهن جا ڏينهن پاڻي جي مٿاڇري تي لڙهنديون رهيون هيون.

اي. ايڇ. اي. وارورڪار:

"مئي 1905ع ۾ ڪلفٽن واري ڪناري تي مئل مڇيون ايتري ته گهڻي تعداد ۾ لڙهي آيون هيون جو 5 کان 10 فوٽ ويڪرو ۽ ڪيئي ميل ڏگهو ڏير نهي پيو هو."

"ڊسمبر 1929ع ۾ ٻيڑي تي ڪراچيءَ ٻئي آياسين ته حجامڑي واري شاخ جي چوڙ وٽ هڪ وڏي ٻيٽ جي پاڻي ليڪ تي هزارين ٽورن انچن کان ونڊي فوٽ تائين وڏيون مئل مڇيون پکڙيل هيون ۽ جا ڳالهه مون کي ڏاڍي عجيب لڳي، سا هيءَ هئي ته ڪينا ۽ ڊڊ پکي به اتي جام هئا، پر اهي مئل مڇين جي طعام کي ويجها ئي ڪونه ٿي ويا. وري 1934ع ۾ مون کي جاڙي شاخ ۾ ڪوٽ رتي وٽ ۽ ڪجهه پريرو اولهه ۾ پٽي کاريءَ کان پرتي اڪاب ٻيٽ جيّ ڪپر لڳ پڙ ساڳي ڳالهه ڏسڻ ۾ آئي هئي. مون ڪن مهاڻن کان پڇيو ته اهي مڇيون ڪاسائي پوءِ بيڪار سمجهي اڇلائي ڇڏيون اٿو چا. تنهن تي هنن وراڻيو ته نه، البت ڪڏهن ڪڏهن ڪپر لڳ کارين ۾ هرندڙ گپ گاگي نڪرندي آهي، جنهن جي زهر وگهي مڇيون مري ويندیون آهن."

1945ع ۾ حب نديءَ جي چوڙ کان پرتي سمنڊ ۾ چرنا نالي ٻيٽ ويجهو ساڳي طرح جو واقعو ٿيو هو ۽ فوٽ تائين ڏگهين مڇين جا ڍير گڏاٽي لڳ ۽ مڪران جي ڪپر لڳ پري ميائي هور تائين ڪناري تي لڙهي آيا هئا.

ڊاڪٽر فرانسز ڊي، مڇين جا 224 قسم ڄاڻايا آهن، جن مان 160 سامونڊي ۽ 64 مٺي پاڻيءَ جون مڇيون آهن. ٻيا به ڪيترائي سامونڊي توڙي مٺي پاڻي جا قسم ضرور هوندا، جي هو هٿ نه ڪري سگهيو هوندو.

هتي انهن قسمن جو ذڪر واجبي ٿيندو جي ڪائڻ ۾ اڇن ٿيون يا ڪوبيو اقتصادي ملهه اٿن.

پٽون: (استروماٽيوس سائنيريرس) ۽ ڪارو پٽون (استرو ماتريس نائيجر)، جي ٻئي مڇي جي دڪانن تي 'پاپليٽ' جي مشهور نالي سان وڪامنديون آهن. ٻئي ڪائڻ ۾ سوادي آهن. پهرين مڇيءَ

جو گوشت هيءَ جي گوشت کان وڌيڪ نرم ۽ سوادي ٿئي ٿو. پاپليٽ روز کونہ ڪاسي ڪڏهن ڪڏهن ئي ملندي آهي.

گاڏو مڇي: (ڊريپاني پنڪٽاٽا) لڳ ڀڳ پاپليٽ جهڙي ٿئي ۽ مهاٽا وسوڙل گهرڏياڻين کي پاپليٽ چئي هيءَ مڇي مٽي ۾ هڻي ويندا آهن. هن جو گوشت اصل پاپليٽ کان ڪسو ٿئي ٿو.

گور: (سائيبيئم گٽاٽم) يعني مڇي مارڪيٽ جي سرمائي مڇي: هيءَ مڇي ڪائڻ جي سٺي آهي ۽ منجهس ڪنڊا بہ گهٽا کونہ ٿين. هيءَ چڱيءَ ڀڳهي ٿئي ٿي. ڪڪڙ (سائبيئم انٽرپٽم) ۽ ڪرگهڙ (سائبيئم ڪامرسوني)، اهي ٻئي هڪ ٻئي سان ويجهي مشابهت رکندڙ قسم آهن، انهن ٽنهي جنسن جو گوشت شوق سان کاڏو ويجي ٿو.

سنڌ جو مشهور پلو ۽ بنگال جو هلسر (ڪلوپيا ايشا): هيءَ مڇي، جا اولهہ جي هِرنگ مڇيءَ جي ڪٽم مان آهي، سا جيتوڻيڪ سالمن جيان، کاري پاڻي جي مڇي آهي. تنهن هوندي بہ ٻچن ڪرڻ لاءِ درياهہ ۾ هلي ايندي آهي. سنڌوءَ ۾ ويڙ کان اڳ وڏي تعداد ۾ گڏ ٿيندا آهن ۽ انهيءَ وقت انهن کي سمنڊ ۾ ڦاسائي سگهبو آهي، پر جڏهن اوپاري لڏپلاڻ شروع ٿيندي آهي، تڏهن کين سنڌونديءَ اندر هر سڀائي هنڌ ڦاسائي سگهبو آهي. انهن کي ڦاسائڻ جو نمونو جيترو عجيب آهي اوترو ئي اصلوڪو آهي. اوپاري لڏپلاڻ فيبروري، مارچ ۽ اپريل جا مهينا هلندي آهي ۽ انهن مهينن دوران سوين پلا ڦاسايا ويندا آهن ۽ وڃي امير توڙي غريب جي دسترخوان جي زينت بڻبا آهن.

پلي ۾ ڪنڊن جو سرشتو ڏاڍو پيچيدو ٿئي ٿو تڏهن بہ اهو اوپر جي سوادي ۾ سوادي مڇي آهي، اي ايڇ اي جي چوڻ موجب، "سنڌ ۾ يورپي توڙي ڏيهي ماڻهو هن مڇيءَ کي دسترخوان جو سيني ۾ لذيذ طعام ڪري سمجهندا آهن ۽ ڪٽي ان جي ڪنڊن جو سرشتو سراسري سمجهہ واري ماڻهوءَ جي سمجهہ ۾ اچي بہ وڃي، تڏهن بہ ان جي لذت کان انڪار نہ ڪيو ويندو.

جن اڳي ڪڏهن پلو نہ کاڏو هوندو تن لاءِ ان مان لطف وٺڻ وڏي آزمائش ٿئي ٿي، جيڪڏهن صبر جو ڦل مڻو ٿئي ٿو تہ پوءِ تحقيق پلو وڏي نعمت آهي. پر هيءَ طعام انهن لاءِ ناهي، جن کي چٽي بک هجي يا جن کي ريل پڪڙڻي هجي تاهم، پلي مان ٻيا بہ فائدا آهن. هڪڙي ڏهر زميندار مون کي ٻڌايو تہ هتي سيني کي خبر آهي تہ ڪنهن بلوچ سردار وٽ ڪا واتراڏي شيديائي آهي، پوءِ الائي بہ ڪهڙي مقصد لاءِ، سردار صاحب مائيءَ کي پلو کارائيندو آهي تہ جيئن منجهند جي مانيءَ کان پوءِ ننڊ نہ ڦٽائيس. اکيون چنيندي وڌيڪ چيائين تہ خان بهادر ويچاري جي اڪل کونہ ٿي هلي، چو جو جوٽس جي نڙيءَ ۾ جيڪي بہ ڪنڊا ڦاسندا آهن سي هوءَ اڃا تائين تہ هڪ هڪ ڪري ڪيڏي ويندي آهي.

پلي ۾ تيل گهٽو ٿئي ٿو ان ڪري اصل مزو ونڊو هجي ته سڄو تازو کائجي. وڪري لاءِ پلي جي چگي چوڪي تعداد کي لوڻ هنيو ويي ٿو پر لوڻ هڻڻ سان ان جو اصل سواد نڪريو ويي البت ڪِڪَ باقي رهي ٿي، جا اصل سنڌيءَ کي گهٽي وڻندي آهي.

سنڌ ۾ پلي ڦاسائڻ جو نمونو بنهه نرالو آهي، ۽ اي ايچ.اي ان کي اهڙو ته سهڻو بيان ڪيو آهي جو سندس لکت نقل ڪرڻ ڏاران رهي نٿو سگهان.

"سنڌين وٽ جيڪي بنهه اصلوڪيون ڳالهيون آهن، تن ۾ هڪ پلي جي شڪار جو عام نمونو به آهي. پلي ڦاسائڻ لاءِ هڪ ڳوٽريءَ جهڙي ڇاري ڪم آڻيندا آهن، جا هڪ تمام ڊگهي لکڙي جي پچڙي سان ٻڌل هوندي آهي. اهو لکڙو پچڙيءَ وٽ ٻشانگو هوندو آهي. انهيءَ ٻيانيءَ جون شاخون 5 فوٽ کن ڊگهيون ٿيندیون آهن ۽ ڇاريءَ کي ڪنهن وڏي پوپٽن واري ڇاري جيان، تيستائين ڪليل رکنديون آهن، جيستائين انهن سان لڳل ٻٽي ڏور، چڪيل رکبي آهي. جيئن ڏور ڍري ڪبي آهي، تيئن ئي ڇاري ڊهي پوندي آهي.

"مهاڻو سوڙهي منهن سان هڪ وڏي ويڪري چاڏي تاري پاڻ ان تي اهڙيءَ طرح ليٽي پوندو آهي، جو سندس پيٽ چاڏيءَ جي منهن کي پوريءَ طرح ڍڪي ڇڏيندو آهي. پوءِ هو مزي سان لهوارو لڙهڻ لڳندو آهي ۽ پاڻ کي وات سنئين رکڻ لاءِ پير هٽندو ويندو آهي، جهڙيءَ طرح ارڏانگي ڪچون پاڻيءَ ۾ ترندو آهي. هاڻ لکڙو اُپو جهلي ڇاريءَ وارو پاسو هيٺ ڪندا آهن ۽ ڏور کي ساڄي هٿ سان چڪيل رکندا آهن. جيئن ئي پلو ڇوهي ۽ لڙاٽيل وهڪري خلاف ترندو ڇاريءَ سان اچي لڳندو آهي، تيئن ئي مهاڻو ڏور ڇڏي ڏيندو آهي ۽ ڇاري ڊهي پوندي آهي ۽ وهڪري جي ڪري ويڙهجي سيڙهجي ويندو آهي. هاڻ رڳو ايترو ڪرڻو هوندو آهي ته ڇاري ڇڪي، ور مان لوهي ڪيرو ڪيڍي پلي کي هڪجي ۽ ڇاريءَ مان ڪيڍي چاڏيءَ ۾ وجهي ڇڏجيس. اهو سڀ ڪجهه گوتي کائڻ يا ٻڌڻ کانسواءِ ڪيئن ٿو ڪيو وڃي. سو بازيگريءَ جو راز آهي. ڪڏهن ڪڏهن مهاڻو چاڏيءَ جي بدران تنبي جي آڌار تي لڙهندو آهي، پر اهو سندس مرڪ نه آهي. جڏهن مهاڻو پنهنجي حد جي ڇيڙي وٽ پهچندو آهي، تڏهن نڪري ڪنڊيءَ تي ايندو آهي ۽ ڇاري ۽ چاڏي ڪلهي تي ڪري پويان پير ڪري وري اچي ساڳي هنڌان پاڻيءَ ۾ گهڙندو آهي. هتي هيءَ ڇاڻائڻ واجبي ٿيندو ته پلي ڦاسائڻ جي ڇاريءَ جو اڪو گهيري ۾ 71/2 انچ کن هوندو آهي. انهيءَ ڪري ان ۾ رڳو ڇڪيرڙي وڏي مڇي ئي ڦاسندي آهي."

ڇڻ ڪرڻ کان پوءِ پلو لهوارو تري سمنڊ ۾ هليو ويندو آهي، پر تڏهن اهو بيحال هوندو آهي. نه سواد هوندو اٿس. نه ڪِڪَ، سو مهاڻا ڪونه ڦاسائيندا اٿس.

پاليمس انڊيڪس، پاليمس سيڪستاريئس ۽ پاليمس ريٽرا ڊئڪاٽيلس، مڇيءَ جون اهي ٽيئي جنسون سنڌيءَ ۾ 'سير' سڏبيون آهن، ۽ ڏاڍي شوق سان کاڌيون ويندیون آهن. ٽنهي جي هڏي (اوجهري) سڀي ٽيندي آهي، خاص ڪري انڊيڪس جنس جي. هيءَ جنس تمام گهٽي پسند ڪئي ويندي آهي ۽ سڀي هوري جي ڪري سنڌي 'سرقوٽائي' سڏيندا اٿس. پاليمس سيڪستاريئس کي بمبئي ۾ گوا وارا 'رانوس' ۽ پاليمس اريٽرا ڊڪٽيلس کي سامونڊي مهاڻا 'بامن' ڪوٽيندا آهن.

موري يا ڪار: (ميوگل وئگينسس)، چوڏي (ميوگل ڊسومائري) ۾ لاڳاپيل جنسون مڇي مارڪيٽ ۾ 'بوئي' جي نالي سان سڏيون ويندیون آهن. لڳ ڀڳ سڀ طعام آهن ۽ گهڻو ڪري جام ۽ سهانگيون ٽيندیون آهن.

ڪرينيڊنيس انڊيڪس ۽ ڪرينيڊبينس فارسڪالي، جن کي سنڌيءَ ۾ ڪسي چون، سارگس ناڪٽ ڪرائسوفرس ساربا، ڪرائسوفرس بائفئشياٽا ۽ ڪرائسوفرس برٽا، جي سپ ڏانڊيو سڏجن ٽيون، ۽ ڪجهه ٻيو اسپاريڊا ۽ ڊاياگراما نائيجرم سنڌيءَ ۾ 'موئي'، اهي سپ 'پهڻ مڇي' جي ڪٽم مان آهن ۽ مارڪيٽ ۾ 'اشٽون پش' جي نالي سان وڪامنديون آهن. منجهائن ڪي ڪائڻ ۾ تمام سٺيون ٽين ٽيون.

ڪاٽي: (سائنا پٽورا اوئنٽالس) ڏاڍي نرم ۽ نازڪ مڇي آهي. تمام لذيذ ٽئي ٽي ۽ شوق سان کاڌي ويندي آهي. کارين جي ڪاٽي پلي ٽيندي آهي.

جيل: (پلاگوشيا بلائنيٽا) ۽ ڪاٽيءَ جهڙي هڪ ٻي جنس، جنهن کي 'حجم' سڏين، سي وڪامنديون ٽه آهن پر اصل ڪاٽيءَ کان ڪسيون ٽين ٽيون.

بمالوهه: (هارپوڊان نهيرئيس) سُڪائي کائبي آهي ان جو ٻوڙ سڀ ٽئي ٽو ۽ سپ ماڻهو چاهه سان کائيندا آهن. هيءَ رڳو مند تي ملندي آهي ۽ گوا وارن جي 'ليڊي فش' وانگر ڪڏهن ڪڏهن ئي جام ٽيندي آهي.

لوڙم: (ڪلوپيا لانجي سيپس)، جنهن کي مرهٽيءَ ۾ 'تارلي' چون، سا تنهن زماني ۾ ڪاسندي آهي، جنهن زماني ۾ اها وڏا جوها ڪري سنڌ جي ڪپر ڏانهن ايندي آهي. غريب غربي کي هيءَ مڇي ڏاڍي وٽي ۽ تمام سوادي هوندي به اميرن ۽ 'نڪ چڙهين' جي دسترخوان تي ورلي نظر ايندي آهي، جو اهي ان کي گهٽ ۽ خسيس، رڳو سجن سڪٽن جو کاڌو ڪري سمجهندا آهن.

ڪلوپيا ڪاپرا، جنهن کي سنڌي 'ننڍو پلو' سڏين، سا لائجيسيپس جيان هيرنگ مڇي جي ڪٽنب مان آهي. اهو ايترو وڏو نٿو ٽئي. جيترو اصل پلو (ڪلوپيا ايشا) ۽ 9 يا 10 انچن کان وڌيڪ ورلي ڏگهو ٽيندو آهي. اهو سنڌوندي ۽ ان جي شاخن، اوچتو ۽ منٽي، ۾ ملي ٿو.

ڪلوپيٽرا نمبر ياڻا، ڪلوپيٽرا لائيل ۽ اينگرولس ملباريڪا، سنڌي ڪاريٽري يا ڪنڊ اهي سڀ ميزنگ جي ڪٽنب جون مڇيون آهن. لئار مڇي ڪري وڪيون ويندين آهن. مئڪرال (مائڪرو ليپيڊوٽس اسڪامبر) جنهن کي مرهٽيءَ ۾ بانگڙا چون تنهن جيان هي به جام ملن ٽيون ۽ سهانگيون ۽ ڪائڊ ۾ پليون آهن ان هوندي به وڏن ماڻهن جي دسترخوان تي اچڻ لائق نه ڄاتيون ويندين. رڳو انهيءَ ڪري جو اهڙي سستي شيءِ ڪائڊ ۾ هو پنهنجي گهٽتائي سمجهندا آهن.

ڊانگرو: (ليٽس ڪئلڪاريفر)، جا درياهه جي ڇاڻ ۽ اونهي پاڻي جي ڪارين اندر ملي ٿي، سا پلي ۽ ڳري مڇي آهي ۽ 5 فوٽ ڪن ڊگهي ٿئي ٿي. هيءَ پنهنجي غذائيت جي ڪري ڏاڍي پسند ڪئي وڃي ٿي.

گسر: (سيرانس لينسيولاٽس) ۽ ڊمبو (سيرانس ڊايا ڪئنس) توڙي ڪٽنب جون ٻيون مڇيون، سڀ هوريءَ جي ڪري گهٽيون پسند ڪيون وڃن ٿيون. جيتوڻيڪ هنن جو گوشت کي قدر کهرو ٿيندو آهي، تڏهن به ڪائڊ ۾ لذيذ ٿين ٿيون.

دوٿر: (پرسٽي پوما هئسٽا) چاهه سان ڪاڏي وڃي ٿي ۽ پارسين جو مرغوب کاڌو آهي، باوجود ڪن ماڻهن جي انهيءَ وهم جي ته ان جو گوشت چٽي ڪري ٿو هيءَ انهن وڏين مڇين مان هڪڙي آهي، جيڪي لوٽي ڏيساور موڪليون ويندين آهن.

شئنا سنا ۽ شئنا مائيلسن، جن ٻنهيءَ کي سنڌيءَ ۾ 'سوٽا' چون، سي وڏي انداز ۾ لوڻ هٽي ٻاهر موڪليون ويندين آهن. دوٿر ۽ ال A'II (ڪورينيمس سئنڪٽپيٽري) وانگر، سوٽا مڇي پڻ وڏن جوهٽن ۾ چوماسي ڪان اڳ ۽ پوءِ سنڌ جي ڪپر ڏانهن ايندي آهي. تڏهن ان کي هزارن جي تعداد ۾ قاسائي روانگي ۽ واپار لاءِ لوٽيو ويندو آهي. سڀ مند ۾ هڪڙي ڏينهن اندر انهيءَ مڇيءَ جا 2500 داٽا تائين لوٽجڻ لاءِ کڏي ايندا آهن.

گول: (شئنا ايگزبلارس)، سنيئا ڪئائٽر، شئنا گلوڪا ۽ ٻيون اهڙيون جنسون آهن، جن کي لوٽيو ويندو آهي ۽ اُڇي قسم جي آنيءَ جي ڪري گهٽو پسند ڪيو ويندو آهي.

سائلوريڊاءِ قسم جون سڀ مڇيون پڻ آنيءَ واريون آهن. جن جو مارڪيٽ ۾ چڱو ملهه ٿئي ٿو. ڪارين ۾ ڪڳن جو شڪار ڪڏهن ڪڏهن ته رڳو هوريءَ لاءِ ڪيو ويندو آهي. آني (هوري) ڪيڊي باقي مڇي اُڇلائي ڇڏيندا آهن. ڪن مڇين جون هوا نليون چيڙهه ناهڻ جي ڪم ايندين آهن ۽ چڱي مقدار ۾ يورپ ۾ چين موڪليون ويندين آهن.

ڪنگو: (بيلوني استرانگيليورا) به جام ٿئي ٿي، پر ان ۾ ڪو خاص فائدو ڪونهي. ان کي ڪائڊ مهل ڪنڊيءَ ۾ گانگٽ يا جهينگو وجهي سولائيءَ سان قاسائي سگهجي ٿو. مون هيءَ مڇي ڪياماڙيءَ ۾ ويڑ جي چاڑهه وقت هڪڙي پڻيان قاسندي ڏٺي آهي.

ڪڇو: (آرئيس ٿئلاسينس) ۾ انهيءَ قسم جي بين مڇين: منگرو ۾ مور منگر سان ڪچين، مهاڻن، شيدين ۾ مڪرانين کي ڏاڍي رغبت آهي. خاص ڪري منگري جو کهرو گوشت تمام طاقت وارو سمجهيو وڃي ٿو. وڏو تعداد لوٽي ڏيساور اُماڻيو وڃي ٿو.

منگري: سانگوس ۾ مور منگر جا ڪنيڙا لوٽي چين ڏانهن موڪليا ويندا آهن. انهن مڇين جي جيري مان جيڪو تيل ڪڍيو وڃي ٿو سو تمام قيمتي هوندي به عام طرح ٻاهر ناهي موڪليو ويندو. چاڪاڻ جو اهو گهٽي پاڻي مڇي مارڻ جي ٻيڙين وغيره جي پٽانن ۾ ترن کي مڪڻ لاءِ ڪم آندو وڃي ٿو.

گپ ٽپڻي مڇي (پيريوف ٽالمس)، جنهن جا تارا ٻاهر نڪتل هوندا آهن، سا ويڑ جي آٿر وقت کارين اندر گپ تي اصل ڳاهڻ اڇي ٽيندي آهي، ۾ رولو ڪتن ۾ سامونڊي ڇاهن لاءِ رونشو ٿي پوندو آهي. اهي ڪڏي لڳ ليارئ جي ڇوڙ وٽ هن مڇيءَ جي ڪيڙ گپ ۾ ليءَ ۾ ٽاڦوڙا هڻندا وتندا آهن.

اونهي سمنڊ ۾ مڇي پنُ ڇڪي ماري ويندي آهي. ان لاءِ جيئرو يا مئل چارو جهينگو يا مڇي، ڪٽندا آهن ۾ سرندي آهر ٻيڙي يا لانچ ڪم آڻيندا آهن.

سڻي ۾ سٽو شڪار حب ندي ڇوڙ ڪان پرپرو چرنا ٻيٽ وٽ ملندو آهي.

ڪپر تي ويهي مڇي مارڻ جو شوق سيني طبقن کي آهي. اهڙيءَ طرح خاص ڪري پاٽ مڇي ڦاسائيندا آهن. هاڪس بي، بالیجيءَ تي ويندي راس مٿاريءَ وٽ بتي گهر تائين گوج ۾ ٻيون سامونڊي مڇيون چگيون ڦاسنديون آهن.

مني پاڻيءَ جون مڇيون:

ڊاڪٽر ڊي، مني پاڻيءَ جي مڇين جا 64 قسم ڄاڻايا آهن، جيڪي ڪيس درياهن، پاڻيءَ جي ڏهن ۾ ڏينڊن مان هٿ آيا هئا.

سڀني ۾ سڀني وقت تي نمونن هٿ ڪرڻ لاءِ مڇي مارڻ جو ڪائٽو ڪم آهي، سو ضرور مني پاڻيءَ جي مڇين جا ڪيئي قسم اهڙا به هوندا، جي هن کي هٿ نه آيا هوندا.

مکيه وسيلو درياهه ۾ ڏنڊون آهن: سنڌوندي ۾ ان جا واهه، حب ۾ باران جهڙيون غير مدامي ندين، جن کي ٽڪرن تان وهي ايندڙ چرن جو پاڻي ملندو آهي، سي ڳري برسات کان پوءِ وهندين آهن، ۾ نيون جيڪي ڪيرٿر چپر کي چيريندين سنڌ ۾ ميدان ۾ اڇي پوندين آهن، جهڙوڪ: ڪينجي، سيتا، دلان، سالاري، گاج ۾ نئنگ.

سنڌ ۾ خيرپور ۾ سنڌو ندي ئي اهڙي ندي آهي، جا منڊ کان وڃي سمنڊ تائين سڄو سال وهي ٿي. ٻيون سڀ ندين يا نيون منداڻتيون آهن ۾ رڳو برسات تي پاڻيندين آهن. ڪي اهڙيون به آهن، جي ٻارهوئي سڪل رهن ٿيون. درياهه جي ٻيٽ ۾ وڪڙن ۾ هيٺالهن اندر وڏا اونها ڏُها ٿهي پوندا آهن، ۾

انهن مان هڪ، به يا وڌيڪ پاڻ ۾ تانگهي واهي رستي ڳنڊيل به ٿي سگهن ٿا. يا ماڳهين اهو ڳانڍاپو هڪ کان ٻئي ڏانهن ٽورو ٽورو ڪري وهندڙ پاڻيءَ جي شڪل ۾ به ٿي سگهي ٿو.

وڏين ڏندين ۾ منچر، ڪينجهر، سونهري، هاليجي ۽ هڏيرو جا نالا ونڊي سگهجن ٿا. اهي سڀ مدامي آهن. ڏٻا، سرو ۽ تروڙ به وڏيون ڏنديون آهن. پر سول وارن ورهين ۾ انهن اندر تمام ٽورو پاڻي ٽئي ٿو. اهڙيون ننڍيون ڏنديون ته اڪيچار آهن، جن درياهن يا واهن جي اُٽل سبب يا قدرتي هينالهن جي پرجڻ ڪري ٺهي پونديون آهن. اهڙي هڪڙي ڏنڊ مڪران جي ڪپر تي سراندا نالي آهي. ٽڪرين ۾ ڳري يا لاڳيتي برسات کان پوءِ جيڪي نيون وهنديون آهن، تن جي ليٽ جو پاڻي وڃي انهيءَ ڏنڊ ۾ پوندو آهي.

ٻئي پاڻيءَ جون اڪثر ميڇيون ڪاڙ جوڳيون آهن، سو هت وڌيڪ اهم يا جاتل سڃاتل ميڇين جو ذڪر ڪجي ٿو.

ڏنيرو: (لئبيو روهيتا) عاليشان ميڇي آهي، جنهن جي ڏيگهه ٽن فوٽن تائين ٿئي ٿي. گوشت سٺو اٿس، پر سواد بعضي بعضي گپ جهڙو ٿئس ٿو. هيءَ عام ڪري سڃي پاڪستان ۽ هندستان ۾ پسند ڪئي وڃي ٿي.

سرهو: (لئبر گونيئس)، ڏاهي (لئبيو ڪئلباسو) ۽ سڱاري (لئبيو ڊايوڪيلس) اهي سڀ وڏيون ميڇيون آهن ۽ ڏنيري سان ويجهي ماٽي اٽن.

موراکو: (سرهيان مريگيل) ۽ ٽيلهي (ڪٻٽلا بچاناني) پڻ ڏنيري واري ڪٽنب مان ۽ ڪاڙ ۾ سڀيون آهن. ٽيلهي تمام وڏي ٿئي ٿي، ان جي ڏگهه ڇهه يا وڌيڪ فوٽ ٽيندي آهي، ۽ نسبتي طرح ڳري ٿئي ٿي.

انهن سيني ميڇين جو اصل گهر سنڌو ندي آهي، جتان اهي هوڏن دوران ڏندين ۾ وڃي پهتيون آهن. اهي ڏندين ۾ ٻچا ڪن ٿيون.

منداڻيون ڏنڊيون اونهاري ۾ جيئن سُڪنديون ۽ سُسنديون ويندڙيون آهن، تئين سوين وڏيون ۽ لکين ننڍيون ميڇيون ختم ٿيندڙيون ويندڙيون آهن. وڏين جو انت ته ماڻهو جي هٿان ايندو آهي. ۽ ننڍيون وري واهن يا شاخن، کسين ۽ ڪڙين جي وهڪري سان وهي ويندڙيون آهن ۽ جيئن ته موٽي نه سگهنديون آهن ۽ ان ڪري لکن جي تعداد ۾ ناس ٿي ويندڙيون آهن.

ڪڇا ۽ سائلوريداءِ ڪٽنب جون ٻيون ميڇيون، جن ۾ ڪيٽريون وڏيون جنسون به شامل آهن، ۽ جيڪي درياهه ڏنڊ ۽ واهه اندر مني پاڻيءَ جي مڇي ميائين جو ملهه ۾ وڏو واڌارو ڪن ٿيون، تن ۾ ٻين سان گڏ ڪڇو (ريٽا بچاناني) سڱاري (مڪرونس ائور)، ملي، مولي يا پوئڪي (ملاگو آئو) ۽ ڏمڙ (ڪاليڪرس باءِ مئڪيوليٽس) اچي وڃن ٿيون.

خاص ڪري پويون ۾ مڇيون سولائيءَ سان ڦاسنديون آهن. انهن کي ڪنڊيءَ ۾ سانپا، ڏيڏر يا پکين جا آنڊا وجهي ڦاسائي سگهجي ٿو اهي ڪائڻ ۾ سٺيون آهن.

هرڪو: (اوفيوسيفالس استرياتس)، گوج (موستاسيمبلس ارماتس)، گڏڻ (نوتوپٽيرس ڪاپيرٽ)، ڦنڊن (نوتو پٽيرس چيتلا)، اهي سڀ گپ مڇيءَ جي ڪٽنب مان آهن ۽ گهٽين پن (ٽائيفا ايليفنٽينا) سان چانيل ٻاپيري ڏنڊن ۾ عام جام ٿين ٿيون.

کيرٽر ڇپر جي نين جهڙوڪ سيتا، دلان ۽ گاج جي ڏن ۽ حب ۽ باران ان مڇين جا 12 قسم هٿ آيا آهن، ۽ وسهڻ ۾ ايئن ٿو اچي ته کيترا ٻيا قسم به ضرور هوندا، جيڪي هٿ نه اچي سگهيا هُئا.

هٿ آيل قسم هي آهن:

لئبيو ڊپلواسٽوسس، سرهينا ڊيرو، سرهينا گوهاما، سرهينا سنڊينسس، سرهينا ريبا ۽ سرهينا مرگانا، جي سڀ ڏنيري جي ڪٽنب مان آهن، بوٽيا ڊاريو اسڪئفيوڊن واٽسني، چيلا بوڪلائلا، ولاگو اٽو نيما ڪيلس سنئاٽس ۽ بارس ٽور.

بارس ٽور: مشهور ماهيسر آهي، جنهن کي سنڌيءَ ۾ ڪاريا چوندا آهن. هيءَ مڇي حب نديءَ جي ڏُهن اندر موڇڪي ۽ لوهارٽيءَ جي وچ ۾، چگي وڏي ڊيگهه ڪري وڃي ٿو. ايم. مئڪڊونلڊ، ڊبليو مئڪڊونلڊ، ڪرنل جي، اينڊرسن، ڪرنل ڊبليو ڊڪسيءَ، ڊبليو. هسٽيڊ، اي. ڊليما ۽ ايڇ. ٽامپسن حب نديءَ جي ڏهن منجهان کي چگيون ڳريون مڇيون ڦاسايون آهن.

مهاٽا ۽ مير بحر اڪثر ڪري لڏڻا ڏاري انهن کان مڇي ۽ ٻلهڻ کي ڏهن ڏانهن ڏکڻ ڏتارڻ جو ڪم ونڊندا آهن، جتي انهن کي سولائيءَ سان ڦاسائي يا ماري سگهبو آهي. آءٌ سمجهان ٿو ته پيڙ ۽ سلي پکي پڙ ڏاريا ويندا آهن، جي ننڍي مڇي ڦاسائڻ جو ڪم ڪندا آهن. انهن پکين جي ڦاسايل ننڍي مڇي کاريءَ يا مٽي پاٽيءَ جي منهن وٽ آرپار ٽنگيل ڏور ۾ چاري طور هنئي ويندي آهي.

مٽي جن مڇين جو بيان ڪيو ويو آهي، تن کانسواءِ ٻيون به ڪيتريون ننڍيون ۽ ڪنڊر جنسون آهن. ماڻهو توڙي اگهاڙا پيٽ چورا هٽن ۾ جاريون ڪنيو انهن جي ڪڍ هوندا آهن. ريلوائي بند يا روڊ جي پاسي ۾، مطلب ته جتي به پاٽي ڏسندا، اتي ٻيڻا هوندا، پوءِ اهو پاٽي سسندڙ ڍنڍ جو هجي يا ٽڪڙو سُڪندڙ ڪڏ جو، ويندي گوڏي جيڏي پاٽيءَ جي گپ مان پيرن يا هٽن سان ڪوجهيون ڪُڙڻيون ڪوٽي ڪيڻ کان به نه مڙندا آهن.

بکيو پيٽ انگل مان نه جاڻي. جيڪي ملي سو بسّم الله.

باب چوٿون

نباتات

عام خاصيتون:

سنڌ انهيءَ عظيم آفريقي پاڪ هند بيابان جو پاڳو آهي، جيڪو اولهه ۾ مراڪش کان وٺي اوپر ۾ گنگا ماٽريءَ تائين ڦهليل آهي. اهو ڪيترن ئي ڳالهين ۾ هڪ قدرتي علائقو آهي، جو لاڳاپيل علائقن کان ٿورو ڪي گهٽو جٽيءَ ريت ڏار ٽيل آهي. ۽ هتي ٻين ڳالهين سان گڏ، اهڙي نباتات ۽ حيوانات ٽئي ٽي. جا هن علائقي سان مخصوص آهي.

جيتوڻيڪ هيءُ علائقو هاڻ گهٽي پاڳي خشڪ يا نيم خشڪ آهي، تڏهن ايئن وسهڻ لاءِ ڪيئي ارضياتي ۽ آڳاٽن اهجاڻن سان واسطو رکندڙ سبب آهن ته ماضيءَ ۾ هتان جي آبهوا ڇگي گهميل هوندي هئي. سو موهن جي دڙي واري تهذيب جي زماني (لڳ ڀڳ 2500 ق.م. کان 1500 ق.م تائين) ۾ هتي ميجرن ۾ رهندر ٽٽيارا جانور ٽيندا هئا. اٽڪل 500 ق.م تائين هيءُ علائقو استوائي ٻيلن سان ڇانيل هو. انهن ٻيلن ۾ هاٿي ۽ جهنگلي سانهڙ رهندا هئا. پر پوءِ جاگرافياتي سببن جي ڪري، آبهوا درجي بدرجي وڌيڪ خشڪ ٽيندي وئي تان جو سنڌو ۽ ان جي ڏڻ پرو ندين واري ترائي وڌي بچي، جا هيڏي ساري بياباني وستار ۾ جهڙوڪر نخلستان هئي.

ارضياتي ساک انهيءَ خيال جي پٽيرائي ڪري ٿي ته ماضيءَ ۾ گهٽ ۽ گهٽ ٻه ٻيا درياهه ستلج ۽ سرسوتي، پڻ هن علائقي منجهان وهندا هئا ۽ وڃي ڪڇ جي نار ۾ ڇڙندا هئا. اها نار تڏهن ڇگو وڏو سمنڊ هئي. پوءِ سرسوتي سڪي وئي ۽ هاڻ ان جا نشان بهاولپور جي اوير ۾ لٽجي ويل گهاگهڙ جي شڪل ۾ موجود آهن. جڏهن ته ستلج پنهنجو دڳ مٽائي وڃي سنڌوءَ ۾ تنهن هنڌ کان ٿورو مٿيرو ڇوڙ ڪرڻ لڳي. جنهن هنڌ پويون درياهه سنڌ ۾ داخل ٿئي ٿو. انهن درياهن جا نشان وڏن لٽاشن پيٽن جي صورت ۾ موجود آهن. جن کي هاڻ علائقي جي آبپاشيءَ لاءِ واهن واري سرشتي جو حصو ڪري ڪم آندو پيو وڃي. جهڙوڪ بگهاڙ ڪلري، ڏليلي ۽ پنياري واهه. لڳي ٿو ته سنڌو اڳي پنهنجي هاڻوڪي دڳ کان ڪافي اوير ۾ وهندي هئي گذريل ڪجهه هزار ورهين کان ان جي دڳ ۾ اولهه واري طرف ڏانهن ڦيرو ايندو رهيو آهي. تان جو اها دڳ- مٺ اُتر ۾ روهڙيءَ واري چورلڪ، وچ ۾ سيوهڻ لڳ لڪيءَ وارن ٽڪرن ۽ ڏکڻ ۾ ڪوٽڙيءَ واري چورلڪ جي ڪري رُڪجي وئي. سنڌوءَ جو هڪڙو پراڻو 'نارا' جي نالي واروپيٽ هاڻ ٽرپارڪر ضلعي کي آباد ڪرڻ لاءِ ڪتب آندو پيو وڃي. ان جو نالو اُپرندو نارو آهي.

هتي درياهه جي پيٽن کان سواءِ ڏنڊون ۽ ڏورا پڻ آهن. انهن منجهان ڪي ٿورڙا مدامي ۽ باقي سڀ موسمي آهن. مدامي ڏنڊن ۾ وڏي ۾ وڏي منجر آهي، جا سيوهڻ جي ويجهو آهي. شايد سڄي

پاڪستان ۾ مني پاٽيءَ جي ايتري وڏي ڏينڊ ٻي ڪانهي. موسمي ڏنڊين ۾ مڪيه گهاري لڳ هاليجي، سانگهڙ ضلعي واري مڪيه ڏنڊ ۽ جهرڪن لڳ چار ڏنڊ آهن. هاليجي ڏنڊ کي هڪڙو واهڙ ڪوٽي سنڌوءَ سان ملايو ويو آهي، ان ڪري هاڻ اها مدامي ڏنڊ ٿي پئي آهي. ڪراچيءَ کي گهٽي پاڻي پاٽي انهيءَ ڏنڊ جو ملي ٿو.

آبهوا جون خاصيتون

برسات:

سنڌ ۾ سراسري برسات اٽڪل 17 انچ ۽ گهٽ ڪري گرمين ۾ پوي ٿي. گهٽ برسات ۽ گهٽي گرميءَ جي ڪري ڪابه دائمي نباتات نٿي ٿئي، سواءِ ڊنگرن ۽ قد ماريل وڻ ٽڻ جي.

جيڪب آباد، حيدرآباد، ڪراچي، نوابشاهه، لاڙڪاڻو، سکر، دادوءَ ۽ ميرپور خاص کان ملهل آبهوا جي انگ ۾ اڪرن جو اپياس ڪبو ته گذريل ستر ورهين دوران انهن علائقن اندر پوندڙ برسات ۾ ڦيري جو ڪوبه جاري رهندڙ لاڙو ڏسڻ ۾ نه ايندو. هڪ سال ڏان ٻئي سال ۾ جا تبديلي نظر ايندي، تنهن جي ڪري ڦيرگهير جي هرندي اهڙي ڦيرگهير. انگن اکرن جي لحاظ کان اهم نه هوندي آهي. البته، انهن شهرن ۾ جيڪي واهن واري ايراضيءَ ۾ آهن، تو ڏي ڪراچيءَ ۾ 1932ع کان پوءِ جيئن پوءِ وڌيڪ برسات پوندي ڏسڻ ۾ آچي ٿي. انهيءَ جو سبب شايد سمنڊ بٿراج جو نهي راس ٿيڻ آهي. هيءَ بيراج، جا 1932 ۾ نهي پوري ٿي، تنهن سري ۽ وچولي جي ڇڻي جوڪي ايراضي آبپاشيءَ هيٺ آڻي گهم ۾ ڪافي وڏارو ڪيو ۽ ڏينهن جي گرمي ۾ گهم جي پد کي گهٽايو. پاڻيءَ جو اهو توازن پڻ ڇڻو متاثر ٿيو آهي. نتيجي طور چوماسي وارن مهينن ۾ گهٽ ۾ گهٽ داب جو مرڪز درجي بدرجي بلوچستان واري علائقي ڏانهن منتقل ٿيندو رهيو آهي. سو هيءَ ڇالهه ڪا گهٽي حيرت جوڳي نه آهي ته گذريل ويهن ورهين دوران سنڌ اندر وڌيڪ برسات پوڻ لڳي آهي. واهن واري ايراضيءَ ۾ وڻ ٻوٽن جي وڌڻ سان گرمي پد گهٽ هو ۽ نتيجي طور مينهن وڌيڪ پوڙو هو. ڪوٽڙي بٿراج جي اڏاوت جو اُميد ته هيٺينءَ سنڌ ۾ به سٺيو ئي اثر ٿيندو.

گرمي پد:

ٻين استوائي گهيرن کان ٿورو ٻاهر وارن بيابانن جيان، سنڌ جي آبهوا به انتهائي آهي، يعني اونهاري ۾ سخت گرمي پوي ۽ سياري ۾ ٺڏ. اونهاري ۾ ڄانوري جو گرمي پد اڪثر 130 ڊگريون فارنهائيٽ تائين وڃيو پهچي. وڌ ۾ وڌ گرمي پد 133 ڊگريون فارنهائيٽ آهي. اهو انگ 1935ع ۾ جيڪب آباد ۾ رڪارڊ ڪيو ويو هو. وڌ ۾ وڌ گرمي مئي ۾ پوي ٿي. گهٽ ۾ گهٽ گرمي پد جنوريءَ جو آهي، جو سراسري طرح 36 ڊگريون فارنهائيٽ رهي ٿو.

ايڪيهه شهرن جو ساليانو وڏ ۾ وڏ توڙي گهٽ ۾ گهٽ سراسري گرمي پد جاچي ڏنو ويو آهي ۽ گذريل ستر ورهين دوران برسات جيان گرمي پد ۾ به ڪو اهڙو جاري رهندڙ عام لاڙو ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي. جنهن جي آڌار تي چئي سگهجي ته گرمي يا سردي وڌي رهي آهي.

گهم:

نسبتي گهم گرمي وارن مهينن يعني مارچ، اپريل مئي ۽ جون ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٽئي ٽي. اها چوماسي وارن مهينن يعني جولاءِ، آگسٽ ۽ سيپٽمبر ۾ وڏ ۾ وڏ ٽئي ٽي. مئي جو مهينو گهٽ ۾ گهٽ ۽ آگسٽ جو وڏ ۾ وڏ نسبتي گهم جو آهي.

هوا:

سال جا چار مهينا يعني مئي کان سيپٽمبر تائين جو هوا جو رُخ گهڙو ڪري اولهه- ڏکڻ رهي ٿو. انهيءَ عرصي دوران هوا چڱي چوهي ۽ هڪ ڪري رهي ٿي ۽ رفتار 20 کان 25 ميل في ڪلاڪ هوندي اٿس. سال جا ٻه مهينا يعني ڊسمبر ۽ جنوريءَ ۾ هوا جو رُخ گهڙو ڪري اُتر- اوپر ٽئي ٿو. اهو رُخ خاص ڪري سامونڊي ڪپر لڳ ۽ هينئنءَ سنڌ ۾ غالب رهي ٿو. انهيءَ ساڱي سرد موسم ۾ ڪڏهن ڪڏهن اتر- اولهه واري هوا ٻه لڳندي آهي. جيئن ته اها بلوچستان (ڪوئيٽا ۽ قلات ڊويزنون) وارن مٿانهن پٽن جي خشڪ آبهوا تي تڳي ٽي، انهيءَ ڪري اها خشڪ ۽ خشڪي ڪندڙ ٽئي ٽي.

مئي ۽ جون جي مهينن ۾ رُخ ڏکڻ- اولهه اُتر- اوپر کان ڦري اولهه- اوپر وارو ٽي وڃي ٿو. اهي هوائون پڻ خشڪ ۽ خشڪي ڪندڙ ٽيون ٽيون.

جولاءِ ۽ آگسٽ ۾ هوائون گهميل ۽ ٻوٽن لاءِ فائدي واريون ٽين ٽيون.

زمين جا قسم:

سنڌ جي اڳوٽي پرڳڻي ۾ چار جِٽيءَ طرح ورڇيل ٿُڪرا آهن: (1) ڪوهستان، جيڪو بلوچستان جي حد وٽ ڪيرٿر ڇپر جي سنوت ۾ هڪ سوڙهو پٽو آهي، (2) وچ وارو لٽاشو ميدان، جنهن کي سنڌوءَ جو پاڻي ريجي ٿو هتان جي زمين درياهه جي ڦرندڙ ڏڳن ۽ ان ۾ ايندڙ ٻوڏن ٺاهي آهي. (3) ٿر جو ريگستان، جو اوپرندي ناري کان ونڊي اوپر ۾ راجستان جي بيابان تائين ڦهليل آهي، (4) ڪپر واريون ڊهٽيون، جي تمر سان وڻڪاريل آهن.

ڪوهستان واري علائقي جي زمين ٽاڪرو مادي جي ٺهيل آهي. انهيءَ ٽاڪرو مادي ۾ گهڙو چن پهڻ ٽئي ٿو. تر جي زمين ۾ اٽڪل 85 کان 87 سيڪڙو واري ۽ 10 سيڪڙو چيڪي مٽي ٽئي ٽي.

ريگستان جي زمين 90 کان 96 سيڪڙو واريائسي ۽ رڳو 5 کان 7 سيڪڙو چيڪي آهي.

وچ واري لٽاشي ميدان جي زمين ۾ اٽڪل 20 سيڪڙو واري ۽ 80 سيڪڙو چيڪي مٽي ۽ رڙ آهي. هيءَ زمين گهڻي پاڻي سنڌوءَ ۽ ان جي ڏن ڀرو درياهن جي لوڙهي آندل لٽ جي ٺهيل آهي. انهيءَ زمين جي اُپي پاڻي ۾ اسان کي هڪڙي پٽيان واريءَ ۽ لٽ جا تهه ڏسڻ ۾ ايندا. هيءَ زمين سخت

گرمي ۾ سخت تڏ جي اثر ۾ رهي ٿي ۽ ان ڪري ان ۾ موجود لٽ جا جزا ترت ڳري پُري وڃن ٿا. انهيءَ ۾ جيڪي لوڻ اُيامن ٿا، تن مان ڪي، جهڙوڪ، سوڊيم ڪلورائيڊ، سوڊيم سلفيٽ ۽ سوڊيم ڪاربونيٽ ٻوٽن جي اوسر لاءِ سخت نقصانڪار آهن. اهي لوڻ سال بسال ڪٿا ٽيندا رهن ٿا، چاڪاڻ جو جيڪا ٿورڙي برسات پوي ٿي، سا انهن کي لوڙهي وڃڻ لاءِ ناڪافي ٿئي ٿي. آلاڻ جو اهو ٿورو مقدار ماڳهين ڳاڙهو پورڻ جي عمل کي هٿي ڏي ٿو. زمين ۾ ٽهيل لوڻ مينهن جي وسڪاري کان پوءِ ٿورو پنڌ اندر هليا وڃن ٿا ۽ وري جڏهن خشڪ مند ۾ پاڻي بخار بڻجي اُڏامڻ لڳي ٿو تہ اهي لوڻ اُيامي اچن ٿا ۽ زمين بڻ ٿي وڃي ٿي.

ساموندي ڪپر واري ٽڪري اندر ڪارين واري علائقن ۾ ٻين محفوظ ايراضين جي زمين جي خاصيت ويرن واريون ڏهٽيون آهن. نہ تہ اها گهٽو ڪري چيڪي ۽ سخت آهي. ڪپر وارين ڏهٽين کان اورتي واري علائقي جي زمين عام چيڪي متيءَ جي ٽهيل آهي، جنهن ۾ ٿوري کي گهٽي واري ۽ مليل ٿئي ٿي، منجهس لوڻ جو وڏو مقدار ۽ ٿئي ٿو. جو اڪثر متاڇري سنهي کل جي شڪل ۾ نروار هوندو آهي. ڪن هنڌن تي اها ڏاڍي چيڙهالي چيڪي آهي، جا اُس ۾ سخت ٿي اڇيرڙي ٿي وڃي ٿي. انهيءَ زمين ۾ اٽڪل 20 سيڪڙو سوڊيم ڪلورائيڊ ٿئي ٿو. سنڌ جو ڏکڻ اوپر وارو ساموندي ڪپر لوٽياڻي سُڄ جو هڪ وڏو وستار آهي، جتي ساوڪ اٿهوند برابر ٿئي ٿي.

مٽين ايراضين جي زمين ۾ پٽ جي سطح تي مختلف جُزن جو سيڪڙو هيٺينءَ ريت آهي.

	ڪوهستان	وچ وارو لٽاشو ميدان	ريگستان
چيڪي متي	10.59	24.19	5.97
لوڻ	2.60	56.11	2.33
سَنهي واري	35.15	19.52	30.41
ٿُلهي واري.....	51.66	0.18	61.29
	100.00	100.00	100.00

حياتياتي سبب:

شايد سيني ۾ مکيہ سبب خود نباتات آهي، جا ٻوٽن جي اوسر ۽ واڌ ويجهه ۾ وڏو ڪردار ادا ڪري ٿي. موجود ٻوٽا نامياتي مادي لاءِ لنگرگاهہ جو ڪم بہ ڏين ۽ اهڙي ريت ٻج جي ڦوٽهڙي لاءِ شروعاتي دور ۾ ٻوٽن جي حفاظت لاءِ سازگار حالتون پيدا ڪن ٿا.

سنڌونديءَ يا واهن تي آباد ٽيندڙ ايراضين کي ڇڏي باقي سنڌ گهٽ آدمشماريءَ وارو بيابان آهي. ڪن پاڳن جي في ميل آدمشماري تہ 20 کان گهٽ ٽيندي. انهن علائقن جا ماڻهو گهٽو ڪري چارڻ ۽ لاڏائو آهن ۽ اٽن، رڍن ۽ ٻکرين جا ڏڻ ڏارينڊا آهن: ٻکري تہ وڻ ٻوٽي جي وڏي دشمن آهي.

سنڌ ۾ وٽڪار ۽ ساوڪ ٻڪرين ۽ جهنگلي جانورن جي چاري ٽيڪ ڪانسواءِ وڏي مقدار ۾ چاري ۽ ٻارڻ لاءِ وڍي ٻه وڃي ٿي. وڍڻ جو ڪم لاڏائو توڙي ٽانيڪا، ٻنهي قسمن جا ماڻهو ڪندا آهن.

هيءُ علائقو جو ڪڏهن سرسبز هوندو آهي، تنهن جي موجوده حالت جو سبب قدرتي سوڪ کان سواءِ اهو ٻه آهي ته هتان جي وٽڪار 30 سيڪڙو کان وڌيڪ چاري ۽ حد کان وڌيڪ ٻاري وئي آهي. گذريل ڏهاڪو ورهين ۾ هندستان کان لڏيندڙ جيڪي ٻي زمين ماڻهو راجستان، گجرات ۽ ڪاٺياواڙ کان ڏڪاڻجي آيا آهن. تن صورتحال ابتر ڪري ڇڏي آهي.

سن 1932ع ۾ اُميد ڪئي وئي هئي ته سکر بئراج جي ڦهڙ سان سنڌ جا طبعي مهاندا ويهارو ورهين اندر متجي ويندا. ايئن برابر آهي ته پوکيل ايراضي ۾ واڌارو ٿيو آهي ۽ انهيءَ سان گڏ ساوڪ ۾ پڻ، پر بدقسمتيءَ سان آبپاشيءَ کي استعمال ڪرڻ وقت اڪثر ڪري آئيندي جو ڪو خيال نه ڪيو ويو آهي. نتيجي طور، واهن جي پرپاسي ۾ وڏيون وڏيون ايراضيون اڳيئي سم هيٺ اچي ويون آهن. ٻين ۾ وري ايترو ڪلر ٿي پيو آهي جو اتي سارين کان سواءِ ٻي ڪا پوک نٿي ٿي سگهي. ڪن ڏڻن ٿي ته ساري به نٿي ٿئي. اتي جو ڪجهه اُپري ٿو ته رهڻ پن، لئي وغيره. اهڙيءَ ريت وڏيون ايراضيون وري پوک کان چڙهنديون پيون وڃن ۽ ان جي جاءِ تي ڏنگر ۽ ڪانديري جا جهنگ وڌندا رهيا وڃن. هيءَ حقيقت خاص ڪري لاڙڪاڻي، دادوءَ ۽ خيرپور جي انهن ٽڪرن سان لاڳو ٿئي ٿي، جن کي 'سارين جو تر' سڏيو وڃي ٿو.

اڪثر واهن جو مٽاچرو ايترو مٽي ٿئي ٿو جو سيموار تر ٿيو پوي. سيمي جي ڪري سم ۽ ٻيا لاڳاپيل آزار منهن ڪڍن ٿا.

مختلف نباتاتي علائقن جون جنسون:

جيئن ته سنڌ ۾ مختلف آبهوا وارا ڪيئي علائقا آهن، ان ڪري اها ڳالهه حيرت جهڙي نه آهي ته هتي وڻ ٻوٽن جا ڪيئي اهڙا مجموعا آهن، جي پنهنجي پنهنجي علائقي سان مخصوص آهن.

ڪوهستان جا وڻ ٻوٽا:

جيئن ته ڪتاب ۾ وڻ ٻوٽن جون مختلف جنسون سندن لاڳاپيل قدرتي سلسلن هيٺ ڄاڻايون ويون آهن، ان ڪري هت رڳو وڌيڪ اهڙي مکيه نباتات جو ذڪر ڪبو جا هرهڪ نباتاتي علائقي ۾ ٿيندڙ آهي. سو ڪوهستان ۽ سنڌ جي ٻين ٽاڪرو علائقن جا غالباً وڻ ۽ ٻوٽا هي آهن:

ائبوٽائلن گلوڪم، ائبوٽائلم انڊيڪم، ائبوٽائلم ميوٽيڪم، اڪيشيا آربيڪا، اڪيشيا سينيگال، ايروٽا سوڊو ٽومينٽوسا، ايروٽا ٽومينٽوسا، ائسٽراگئلس استاڪسي ڪئپارس ائفائلا، ڪاميفورا ميوڪل، ڪارڊيا راٿي، ڪروٽا لاريا بررهيا، ڊائميا ايڪسٽينسا، ايمفوربيا ڪادو سيفوليا، گريويا پاپوليفوليا، گريويا ولوسا، انڊيگوفيرا پاسيفلورا، لائشيئم بار باٽم، ميموسا هئماٽا، پئوونيا

اربيڪا، پراسوپس اسپائسجيرا، پيريپلوڪا افائلا، رهازيا استرڪتا، سئلوادورا اوليوڊيس، سينرا انڪانا، سائڊا گريوبڊيس، زيزيفس روٽنڊيفوليا.

انهيءَ ساڳي جُوءِ يعني ٽاڪرو ۾ جابلو علائقي ۾ ٿيندڙ آهن:

ائگراسٽس سپ، ائرسٽيڊا اسڪوپاريا، ڪليومي برٽيڪارپا، ڪليومي وسڪوسا، ڪنوولويولس گلومريٽس، ايراگراسٽس سيليارس، يوفوربيا هرٽا، يوفوربيا ٽائميفوليا، هيليوٽراپيئم انڊولئٽم، انولا گراٽوائڊيس، ڪڪشيا انڪانا، لانيا سپ، ميلهاينا ڊينهامي، مولگهه هرٽا، پٽنيڪم سپ، پيني سيٽم سينڪرائڊيس، پارٽولاڪا ڪئڊريفائيڊا، سئلويا ائجپٽياڪا، ٽراءِ ائٽيما پينٽانڊرا، زائگوفائڪم سمپليڪس.

واريءَ جي پٽڻ جا ٻوٽا:

ٻين هنڌن تي نباتات زمين جي قسم يعني واريءَ، رائي، لوٽيات وغيره تي مدار رکي ٿي ۽ موجود آلاڻ جي مقدار تي پڻ. واريءَ ۽ واريءَ جي پٽڻ جي وڻ ۽ ٻوٽن جون غالب جنسون هي آهن:

اڪيشيا اربيڪا، ايئروٽا سوڊو ٽومينٽوسا، ڪئلوٽراپس پروسيرا، ڪئپارس افائلا، ڪارڊيا راٿي، ڪروٽا لاريا برهيا، يوفيوربيا ڪاڊيسيفوليا،گريويا پاپوليفوليا، انڊيگوفيرا سپ، ليپٽاڊينيا اسپارٽيئم، ليشيئم باربارم، براسوپس اسپائسيجيرا، سئلوادورا اوليوڊيس، سيريڪواسٽوما پاسيفلورم، ٽمارڪس ڊايوايڪا، زيزيفس روٽنڊيفوليا.

انهن ايراضين سان لاڳاپيل وڌيڪ عام ٻوٽين جون جنسون هي آهن:

آلٽرننٽيرا ناڊيلوارا، ائريسٽولوڪيا برٽيٽياٽا، ايروٽا سپ، ائسپريگس سپ، ائرسٽيڊافيونيڪولاٽا، بوئرهاويا ڊفيوسا، سائٽرولس ڪولو سنٿيس، ڪليومي برٽيڪارپا، ڪريسا ڪريٽيڪا، سمبوپوگن سپ، سائپرس سپ، ايڪينو ڪلوئا ڪالونا، ڊائميا ايڪسٽينسا، ايرا گلاسٽس ٽنيلا، ايرا گراٽس سيليارس، سينڪرس ڪئٽارٽيڪس، فارسيٽيا جڪئيمانٽي، آئپومئيا بائلوبا، انڊيگو فيرا ارجينٽيا، لانيئيا ڪانڊريلوئڊيس، لانيئيا نيوڊيڪاليس، ليوڪس آرٽيسئفوليا، ليپٽاڊينيا اسپارٽيئم، ماموردڪا بلسامينا، مائروئا اربناريا، پينٽاٽراپس سپ، پٽنيڪم ٽرجيڊم، پينيسيٽم سينڪرائڊيس، رز ڪوشيا اربناريا سانڪس اوليرا سيوس، ٽراءِ ائٽيما مانوگائنا، زائگوفائلم سمپليڪس.

لٽاشي علائقي جا ٻوٽا: ڪڪراڻي زمين:

لٽاشي علائقي ۾ ڪڪراڻي زمين جا ٻوٽا هي آهن.

وڻ ۽ ٻوٽا:

اڪيشيا اربيڪا، اڪيشيا فارنيشيانا، ايئروٽا ٽرمينٽوسا، الگاگي ڪئملورم، ڪئلوٽراپس پروسيرا، ڪاڊريا راٿي، ڪروٽالاريا برهيا، يوفوربيا نيريفوليا، فئگوني ڪرٽيڪا، گريويا پاپوليفوليا، سئلويا ائجپٽياڪا، سيريڪا ستوما پاسيفلورم، سائڊ آگريوائڊيس، وٿانيا سامنيفيرا.

گاهه ۽ ٻوٽيون:

ائرسٽيڊا ميوٽابلس، بوٽاويا ڊفيوسا، ڪليومي پٽپيلوسا، ڪارڪورس ائنٽي ڪورس، اليوسين سپ، يوفيوربيا پائلوليفيرا، هيليو ٽرايم سپ، انڊيگوفيرا ٽينئفيوليا، ٽاءِ بولس سپ.

ڪلراڻي زمين ۾ نباتات قدرتي طرح تمام ٿوري ٿئي ٿي. اهڙيءَ زمين ۾ هيٺيون جنسون ٿين ٿيون.

ائلوروپس ولوسس، آرٿرونيمم انڊيڪم سلسولا فوٽيڊا، اسڪئوولا فروٽيسينس، سئيڊا فروٽيڪوسا، سئيڊا نيو ڊيفلوترا، سئيڊا مانئيڪا.

ڳوٺن لڳ ملندڙ ٻوٽا:

انساني رهائش سان لاڳاپيل حياتياتي سبب جي ڪري ڳوٺن جي ويجهو واري نباتات نرالي ٿئي ٿي. لٽاشي ٽڪري ۾ ڳوٺن لڳ پوکيل يا پنهنجو پاڻ اُپرندڙ ٻوٽا هيٺ ڄاڻائجن ٿا.

وڻ ۽ ٻوٽا:

اڪيشيا ربيڪا، البيزيا ليبيڪ، ائزا ڊئراڪنٿا، ڪاسيا فسٽولا، ڪازرينا اڪئيسيٽي فوليا، ڪارڊيا مائڪسا، يوجينيا، جمبولنس، يوفوربيا ٽائروڪلي، مئنجيرا انڊيڪا، مورنگا پٽيريگو اسپرما، ميوزا سيپئنٽم، پارڪنسونيا سپ، پٽيڪولابيئم ڊلسي، فونڪس سپ، پراسوپس اسپاسيجيرا، ٽرمينالييا، ڪئٽاپا زيزوفس جوجوبا.

ٻوٽيون:

ائبوٽيلن سپ، ائڪيرانٽيس اسپيرا، ائمارنٽس سپ، ڪمينوپوڊيئم آلبم ڪينوپوڊيئم ميوريل، ڪوڪورس ٽرائڊينس، ڊٽٽورا سپ، سائڊا اسپائنوسا، سولينم سپ، يوفوربيا هائپر يسفوليا، يوفوربيا هرٽا، ٽراءِ ائنٽيما سپ.

پاڻي وارا ۽ سڪي - پاڻيءَ وارا ٻوٽا:

سنڌ اندر ڪڏون ڪوبا، تلاءِ ۽ منداڻتيون ڏنڊيون پڻ جام آهن، جي پاڻيءَ وارن ۽ سڪي پاڻيءَ وارن ٻوٽن سان پريل ٿين ٿيون. انهن ٻوٽن جون ڪي جنسون هي آهن:

ائپانوجيٽم سپ، سيراٽوفائيلم ڊمرسم، ڪوئڪس ائڪئاٽيڪا، ڪانوالوولس سپ، ڪرائنم ايشيا ٽيڪم، سائپيرس سپ، هائڊريلا ويڪٽيملاٽا، آئپومائيا ائڪئاٽيڪا، نمفيئا ريوبرا، پٽنيڪم سپ، پالي‌گونم پلي‌بيجم، نارگمائش ڪارڪا، سرپس اسڪئاروسس، ٽمارڪس سپ، ٽرٽپا باڻ اسپائنوسا، ٽائيفا ايليفنٽينا، والسنيريا اسپائرالس.

سامونڊي ڪپر جي پر وارا ٻوٽا:

سنڌ جي سامونڊي ڪپر لڳ واريءَ ۾ هيٺيون جنسون ٽيندڙ آهن.

ائليوروپس سپ، سائپيرس سپ، ايڪينوڪلوئا سپ، آئپومائيا بائلوبا، اورئزا ڪوآرڪٽاٽا، فرئگمائٽس ڪارڪا، ٽمارڪس سپ.

سامونڊي ڪپر تي ڪارين ۾ تمر وارن علائقن لڳ، مٽي جاٽايل جنسن کان سواءِ هيٺيون جنسون ٽين ٽيون. آئپومائيا ائڪٽاٽيڪا، ائٽرائپليڪس، استاڪي سلسلولا فوتيدا، سئيدا سپ.

'تمر' ٻوٽا:

محفوظ ڪارين ۽ درياء جي ڇاڻ وارين ڏٻڻين ۾ ٽمر ٻوٽي جون هيٺيون جنسون ملن ٽيون.

ائجيسيرس ماجس، اويسينيا آفيسينالس، برو جيئرا جمنوريزا، سيرياپس ڪئنڊوليٽا، ريزوفورا مڪروناٽا، ريزو فورا ڪانجوگاٽا.

باب پنجون

آڳاٽا اهجاڻ

سنڌ ۾ تاريخ کان اڳ جو زمانو

سنڌ ۽ هندستان- پاڪستان ننڍي کنڊ جو پاڳو هجڻ ڪري آڳاٽن اهجاڻن جي لحاظ کان يوريشيا جي ڏاکڻي علائقي ڪمربند جو حصو آهي. هيءَ ڪمربند تن وڏن علائقن ۾ ورڇيل آهي: مٿاهون ايشيا ۽ ايران. هندستان- پاڪستان ننڍو کنڊ ۽ هند چين ۽ ملايا ڏاکڻو ڪمربند پونوچ سمنڊ منجهان لنگهندو پاڪستان ۽ هندستان تائين هليو وڃي ٿو ۽ اڳ تاريخ جي لحاظ کان گهٽي پاڳي اٽڄاتل آهي. هندستان- پاڪستان ننڍو کنڊ ترشري زماني کان اُڇن ٽٽياڻن (Primates) جو پسنديده گهر رهيو آهي. ۽ سوالڪ ٽڪريون. جيڪي همالين جبل جو ڪاڇي ڏار ٽيل ڪنو آهن جو پوءِ لهري (Folding) سبب مٿي ٽيو هو تن مان مايوسن کان وٺي مٿين پلايوسين تائين مختلف ايامن سان واسطو رکندڙ پٽيءَ هڏاوان جانور لڌا آهن. پر سنڌ ۽ خيرپور جي علائقي ۾ انهن اُڇن ٽٽياڻن توڙي ماڻهوءَ جا ڪي به اهجاڻ نه مليا آهن. هلندڙ صديءَ جي چوٽين ڏاهاڪي ۾ ٽيرا. پئٽرسن ۽ ڊي ڪارڊن وارن مٿين سنڌو ماٽريءَ جي لٽ ۽ رڻ کي همالين تان برفاني ڇپن جي آندل پهڻ، مٽي وغيره جي ڍيرن (Moraine) سان هم نسبت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. برفاني ڇپن جي ٽين چرپر (Glaciation) جي ڪري ٺهيل ستن کي 'پوٽوهار سٽ' سڏيو وڃي ٿو. اهي سٽ پاڙ وٽ ڪڪريءَ جا آهن ۽ مٽان هلڪي رنگ جي سنهي مٽيءَ (Locss) جا تهه اٽن. سنهي مٽي جا اهي سٽ ڏسي آڳاٽن اهجاڻن جي جاڻن کي چين ۽ يورپ جا سنهي مٽيءَ وارا سٽ ياد اچيو وڃن. پوٽوهار ستن جي پاڙ واري ڪڪري کوٽي ڏٺي وئي ته پتو پيو ته اتي ڪا بلور جهڙي وڏين پٽرين جي صنعت هئي. پٽرين جي انهيءَ صنعت کي 'سون' سڏيو وڃي ٿو.

پلئسٽوسين ايام دوران آيل آبهوا جي دؤرن کي يورپ ۾ ۽ شايد ڏکڻ هندستان ۽ آفريقا جي تن هنڌن تي آيل ساڳين دورن سان هن نسبت ڪري سگهجي ٿو جتي برفاني ڇپن جي چرپر ڪري ٽيندڙ ڪاڌ جي جاءِ برساتن ڪري ٽيندڙ ڪاڌ ورتي هئي. پروفيسر استوئارٽ پگٽ پنهنجي ڪتاب 'تاريخ کان اڳ وارو هندستان' (Pre_ historic India) ۾ انهيءَ ڳالهه تي راءِ زني ڪندي چوي ٿو ته اوزارن ٺاهڻ جي ٻن مکيه روايتن جو ڏس ملي ٿو: پهرين هندستان- پاڪستان ننڍي کنڊ جي اُتر ۾ جا سندس انومان موجب ساڳين پهڻ جي ڇل منجهان اوزارن ٺاهڻ (Flake tools) جي صنعتن سان لاڳاپيل هئي. جيڪي اوپر ايشيا جي ڪيترن ماڳن ۾ سڃاتيون ويون آهن. ٻي روايت آهي ته ڇل ٽيل پهڻ منجهان اوزارن ٺاهڻ (Core tools) جي. هيءَ صنعت آفريقا ۽ اولهه يورپ ۾ پڻ موجود هئي. جيتوڻيڪ انسان جي ڪا به پندپهڻ ٽي ويل باقيات نه ملي آهي. تنهن هوندي به استوئارٽ پگٽ عارضي طرح اهو مڃڻ تي مائل آهي ته پهڻ جي ڇل وارن اوزارن جي روايت جا باني

متان انساني ارتقا جي جهوني پئلئنٽراپڪ شاخ وارا ماڻهو جهڙوڪ باندر۔ ماڻهو. هجن، ۽ ته چل لڏل پهڻ جا اوزار هاڻوڪي انسان جا جهوني ۽ جهونا عيوضي ناهيندا هوندا.

پوٺوهار (راولپنڊي ڊويزن) ۾ پهڻ جي چل منجهان ٿهيل وڏا ڪُڍنگا اوزار لڏا ويا آهن. جن بابت سمجهيو وڃي ٿو ته اهي هينئين پلئسٽوسين ايام جي بنهه پڇاڙيءَ جا ۽ جاوا جي اوائلي باندر ماڻهن جا سهيوڳي آهن. چل جي اوزارن جي هيءَ صنعت 'اڳ سون' سڏي وڃي ٿي. جنهن مان مراد آهي ته اها سون نديءَ واري ماٿري ۽ جهوني پهڻ واري زماني جا جيڪي تمدن هئا. تن جي مکيه سلسلي کان اڳ جي آهي. سون ندي اڳوٽي پنجاب ۾ پوٺوهار علاقي ۾ آهي ۽ سنڌوندیءَ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي. سون ماٿري جي اوائلي صنعت ۾ اوزارن جا به مکيه قسم ملن ٿا: پهرين قسم جا اوزار گول پٿرين منجهان ٿهيل آهن ۽ ٻئي قسم جا ٽلهي ڳري چل منجهان ۽ ڪُڍنگن چل لاڙل پهڻن منجهان ٿهيل آهن. سنڌ ۾ پهڻ واري زماني جون ٽورين ۽ چڙوچڙ هٿ آيون آهن. سنڌ ۽ خيرپور جي علاقي ۾ پهڻ جي جهوني توڙي نئين زماني جي منزلن جي جوڳي درجي بندي ڪرڻ ۽ انهن کي يوريشيا جي ڏاکڻي ڪمربند جي ٻين پاڳن جي وٽن سان هم نسبت ڪرڻ لاءِ ايا گهٽي کوجنا جي ضرورت آهي.

سنڌ ۾ پهڻ جي ننڍڙين وٽن جا ڪيترائي نمونا لڏا ويا آهن. پر ڇڻي نٽو سگهجي ته آڪاڻن اهجاڻن جي دفترن ۾ انهن جي اصل جاءِ ڪهڙي آهي. استوائرٽ پگٽ انهيءَ ويچار جو آهي ته متان پهڻ جون اهي ننڍڙيون وٽون پهڻ جي جهوني زماني وارين صنعتن مان وڌيڪ سڌريل يا خاص صنعت ڏانهن ترقيءَ جو ڏس ڏينديون هجن. ۽ هو صاحب ائين وسهڻ ڏانهن مائل آهي ته پاڪستان ۽ هندستان جون پهڻ جي ننڍڙين وٽن واريون صنعتون نون ماڻهن. شايد اولهه جي طرف کان. جي اچڻ ڏانهن اشارو ڪن ٿيون. پر اهو نٽو ڇڻي سگهجي ته جن لوڪن پهڻ جون اهي ننڍڙيون وٽون ناهيون هيون. سي پهڻ جي جهوني زماني وارن لوڪن جيان شڪاري ۽ ڪاڏو ميڙيندڙ هئا يا ڪڙمت ڪندڙ. اُتر پاڪستان جي ماڳن ۾ جيڪي پهڻ جي نئين زماني جهڙيون ٽڪيل پهڻ جون ڪهاڙيون تمام گهٽي تعداد ۾ لڌيون آهن. تن کي ڏسي اهو ته سمجهي سگهجي ٿو ته ضرور ڪا تمدن جي سڌريل پد تي پهتل وڏي آدمشماريءَ هوندي. پر ايڏا تائين اهو معلوم نه ٿي سگهيو آهي ته انهن وٽن جو بلوچستان ۽ سنڌ جي اوائلي ۾ اوائلي ڪڙمت ڪندڙ لوڪن جي وٽن سان ٽڪرن جي تهبندي جي لحاظ کان (تاريخي ارضيات، جوڪولڳ لاڳاپو هويا نه؟)

چئمبرز انسائيڪلوپيڊيا جي تازي ڇاپي ۾ انهيءَ موضوع تي جيڪو ليک شامل آهي. تنهن جو لکندڙ ڄاڻائي ٿو ته پوٺوهار ۾ مٿين پلئسٽرسين ايام جو جيڪو هلڪي رنگ تي سنهي مٽيءَ ۾ ست آهي. تنهن جي چل منجهان ٿهيل نفيس اوزار يورپ ۽ اولهندي ايشيا جي موستيرين دور سان واسطو رکندڙ چل جي اوزارن سان گهڻي مشابهت رکندڙ آهن. ٻئي مرحلي ۾ اشولئين دور سان واسطو رکندڙ به منهان (Two Faces) ۽ چيرٽا ملن ٿا. مٿين پلئسٽوسين ايام جي آخري مرحلي ۾ اوزارن جا تي مکيه

گروهه سڃاتا ويا آهن. جن مان هڪڙو موسٽيريئن دؤر واري روايت کي سون اشوليئن ڏاڻ تي قائم رکي ٿو. ساڳيو ليکڪ وڌيڪ چوي ٿو ته پلئسٽوسين ايام جي پڄاڻيءَ وقت هڪ وڏي ثقافتي يلغار ٿي هئي، جنهن پاڻ سان هٿياري سنگ بشب ۽ اهڙي ٻين بي شڪل پٿڻ مان ٺاهيل جون صنعتون آنديون هيون. اهي صنعتون اڳين زماني جي بلورجهڙي پٿر مان وڌين وٽن ٺاهيل جي صنعتن کان ٻنهه نرالیون هيون. انهيءَ يلغار بابت ايئن نٿو سمجهيو وڃي ته ڪو ان ڏيهي ماڻهن کي نابود ڪري ڇڏيو هو. اهو ڏيهي ماڻهو تنهن زماني تائين موجود هئا. جڏهن پٿر جي نئين توڙي ان کان اڳ واري زماني جا پالش ٿيل ٽيڪر ۽ ڪهاڙيون ٺڪر جي اوائلي ٽائمن سان سهيوڳ ۾ استعمال ٿيندیون هيون. پٿر جا ننڍڙا اوزار پٿر جي نئين زماني تائين رائج هئا، پر پوءِ اولهه ۽ اوپر کان ٽيندڙ ڪاهن جي سلسلي ۾ غائب ٿي ويا. اولهه جي پاسي کان ٽيل ڪاهه هند- يورپي لوڪن جي ۽ اوپر جي پاسي کان ٽيل ڪاهه انڊونيشي لوڪن جي هئي.

سنڌ ۾ پٿر وارو زمانو:

هن علائقي اندر پکڙيل ڪيترن ئي ماڳن تان ٽُکيل پٿر جون ڪهاڙيون تمام گهڻي تعداد ۾ مليون آهن. اهي ڪهاڙيون جنهن قسم جون آهن، سو پٿر جي نئين زماني واري تمدن سان واسطو رکندڙ ڄاتو وڃي ٿو. ٽکيل پٿر جون اهي ڪهاڙيون گهڙو ڪري پٿر منجهان ننڍڙيون وٽون ٺاهيندڙ لوڪن ڏاڻهن منسوب ڪيون وڃن ٿيون، پر جن ماڳن تان اهي لڌيون آهن، تن جو بلوچستان ۽ سنڌ جي اوائلي ۾ اوائلي ڪرمت ڪندڙ لوڪن سان ارضياتي تاريخ جي لحاظ سان پورو لاڳاپو معلوم نه ٿي سگهيو آهي. روهڙي، سکر ۽ ڪراچيءَ لڳ درگ روڊ ۾ اهڙي صنعت ڏسڻ ۾ آئي آهي، جتي سکر جي ڇُڻ- پٿر مان هٿياري ۽ چقمق جي چل مان اوزار جوڙيا ويندا هئا. انهيءَ صنعت جا ڪجهه ڏڳها سنها ڦر (ڪات) ۽ پٿر جا اهڙا مخروطي ڳنڍا هٿ آيا آهن، جن جي چل منجهان مذڪوره ڦر ٺاهيا ويا هئا. هي اوزار سوڌ پوڌ اهڙا ئي سمجهيا وڃن ٿا. جهڙا سنڌوءَ ماٿريءَ واري تهذيب جي هڙاپا (منٽگومري ضلعو) ۽ موهن جي دڙي وارن ماڳن توڙي سنڌ ۾ آمريءَ ۽ بلوچستان ۾ زوب ماٿريءَ وارن اڳوٽن تمدنن ۾ استعمال ٿيندڙ هئا، تاهم ڪجهه ٻيا اوزار اهڙا به آهن، جيڪي ڪنهن پاڻ وهيٽي ۽ شايد اوائلي روايت جو ڏس ڏين ٿا. جڏهن ته اڄا به ٻيا اواز اهڙا آهن، جي روهڙيءَ واري صنعت جي نسبتي طرح وڌيڪ آڳاٽي هجڻ ڏانهن اشارو ڪن ٿا. انهن اوزن ۾ چل لٿل پٿر ڦرن کان سواءِ ليوالوءِ (Levallois) طرز جي چل ۽ ڪهاڙيون پڻ شامل آهن.

مسٽر هينري ڪزنس پنهنجي اهم تصنيف "سنڌ جون جهونيون وٽون" مختصر تاريخي جائزي سان (Antiquities of Sindh with Historical Outline) ۾ چوي ٿو: "سنڌو ماٿريءَ ۾ خاص ڪري روهڙيءَ ۽ سکر وٽ، جيڪي تاريخ کان اڳ جون اوائلي ۽ اوائلي وٽون لڌيون ويون آهن، سي پٿر جي چل ۽ چل لٿل پٿر آهن، انهن وٽن جا ٺاهيندڙ پٿر جي نئين زماني جا لوڪ هئا ۽ اهي

نمولائيتي چن- پهڻ جي ناهيندڙ پهڻ جي نئين زماني جا لوڪ هئا ۽ اهي نمولائيتي چن- پهڻ جي چقمق مان ٺهيل آهن." انهن هٿيارن ليک ڪلڪتي جي اڳ تاريخي جهونين وٿن واري عجائب گهر جي ڪئٽالاگ (Raisonne) تان ڪنيو ويو آهي. "سنڌ ۾ سکر ۽ روهڙيءَ وٽجهو ٽڪرين تي پهٽي ڇل ۽ ڇل لٽل پهڻ جا اٽپورا اوزار ڇڳي انداز ۾ لڌا آهن. جي چقمق مان ٺهيل آهن. اهو چقمق نمولائيتي چن- پهڻ ۾ گهڻو ٿئي ٿو. گهٽا ڇل لٽل پهڻ ٿي ڪان چار انچ ڊگها آهن. ڪي ايڏا ٻ ننڍا آهن. پر سکر ۾ سنڌوندي جي پيٽ مان ساڳي مادي جا ڪي پورا ۽ لسا ڇليل پهڻ ٻ لڌا ويا آهن." درياهه جي پيٽ مان اڳ ۾ لڌل وٿون سرجان ايونس بيان ڪيون آهن. جڏهن ته پوءِ وارا نمونا ڊبليو. ٿي. بلائفورڊ ڇاڻايا آهن. پويون صاحب لکي ٿو: "بنا شڪ شبهي جي اهي ڇل لٽل پهڻ پوءِ جي زماني جا آهن. هيل تائين ننڍي ڪنڊ جي ٻين ماڳن تان جيڪي ٻ اهڙا لٽل پهڻ لڌا ويا آهن. هي انهن کان گهڻا وڌيڪ خبرداريءَ سان ٺهيل آهن ۽ ساڳي مادي مان ٺهيل ٻين عام ڇل لٽل پهڻ کان ايترا ته اُڇا آهن جو جيئن مسٽر ايونس 'ارضياتي مخزن' (Geological Magazine) ۾ چيو هو اهي ڪجهه ڪجهه ميڪسيڪو ۽ ڪن ٻين هنڌن تان آبسيڊئين پهڻ مان ٺهيل وٿن جهڙا آهن. مسٽر فيبن کي ڪيترن ڇل لٽل پهڻ ۾ هڪ خصوصيت نظر آئي هئي، جا مون کي ياد نٿو پوي ته اڳ ڏٺي اٿم. اها خصوصيت هيءَ آهي ته انهن مان ڪيترا پاڙ وٽ هٿ سان ڇليل تراکڙي مٽاڇري جو ڏيک ڏين ٿا. سيني حالتن ۾ مادو نمولائيتي چقمق آهي. آءٌ ايئن ٿو وسهان ته سنڌوندي مان لڌل ڇل لٽل پهڻ ڪن ٻين ماڻهن ناهيا هئا، ۽ نه انهن جيڪي پر وارين ٽڪرين تي پهڻ جي ڇل مان شيون ناهيندا هئا. اهو متان ان ڪري هجي ته ڪي وڌيڪ سڌريل ڇل ناهيندڙ درياهه جي ڪنڊيءَ تي اچي ويٺا هجن، جڏهن ته سندن گهٽ- ماهر سهيوگي پروارين ٽڪرين ۾ گهمندا رهندا هجن ۽ ڪانئن وڌڻ جا اوزار ونڻ لاءِ ايندا هجن، يا ٿي سگهي ٿو ته اهي وڌيڪ سڌريل ماڻهو پوءِ جي زماني جا هجن، جڏهن ڇل ناهڻ جو هنر وڌيڪ سڌري ويو هجي. اهو پڻ ممڪن آهي ته سڀ ڇل چونڊي درياهه جي ڪنڊيءَ تي گهرن ڏانهن نيئي ويندي هجي ته جيئن انهن منجهان داب وسيلي وڌيندڙ چلون ناهي سگهجن، جڏهن ته ڪسيون شيون هڪدم واپرائي يا اڇلائي ڇڏيندا هوندا. ڪجهه ٻ ٽيو هجي، پر هيءَ ڳالهه يقيني آهي ته مون درياهه جي پيٽ مان لڌل جيڪي ٻ نمونا ڏٺا آهن، سي تمام عمدا ٺهيل آهن ۽ منجهن کا خامي ڏسڻ ۾ نٿي اچي، ۽ جيتوڻيڪ ٽڪرين تان ملندڙ ڇل لٽل پهڻ ۾ ڪو ڪو عمدو ۽ سٺو ڇليل ٻ ٿي سگهي ٿو پر گهٽا ڳچ يا اٽپورا ٿين ٿا. اهي ڇل لٽل پهڻ ليفٽيننٽ ٽويملو آر. اي. ڳولي ڪڍيا هئا ۽ درياهه جي پيٽ ۾ ٽڪر کان ٿي فوٽ هيٺ ملیا هئس. نمونا چقمق پهڻ جي ڪٽ مان آهن، جي ڏيڍ کان ٻ فوٽ ٿُلهن تهن جي شڪل ۾ هڪ ٻئي سان ڳٽيل هئا. اهي تهه چن- پهڻ تي ٻيٺل هئا، جو سچو نمولائيتي چن- پهڻ ثابت ٿيو. چن پهڻ نمولائيٽ لئويگاٽا (Laevigata) سان پريل ۽ رڳ جي سٽن سان چانيل هو."

سنڌ مان لڌل پٿر واري زماني جي وٿن جي آڌار تي تمدني اثرن بابت هي جيڪي اڀ چنا ۽ منجهيل نتيجا ڪڍيا ويا آهن، سي ظاهر ڪن ٿا ته هينئن سنڌو ماٿري اندر پٿر واري زماني کان رائج تمدن جي سائنسي اپٽار کان اڳ گهٽو ڪم ڪرٽو پوندو ۽ تمام وڏي پئماني تي ميداني پڙتال جي ضرورت آهي. سچ پچ ته سنڌ ۾ انهيءَ زماني وارن تمدنن جو اپياس اڃا شروعاتي مرحلي ۾ آهي.

هلندڙ صديءَ جي ٽين ڏهاڪي ۾ مسٽر جي. ايڇ. ڪارٽر ڪجهه وقت حيدرآباد لڳ گنجي ٽڪر تي چن- پٿر واري قطار ۽ درياهه جي ٻيءَ پر ڪوٽڙيءَ وٽ پٿر واري زماني جا اوزار ڳولڻ ۾ گذاريو هو جو ڪيس پڪ هئي ته اهي انهن هنڌن تان ضرور لٻندا. هن جو نظريو هو (جو صحيح به ٿي سگهي ٿو) ته سنڌ جو علائقو جيئن ته هڪ اهڙي پورالي درياهه جي لوڙهي آندل لٽ مان جڙيل هڪ وسيع ميدان آهي، جيڪو آبڪلاٽيءَ جي مند ۾ ڪيئي ميل ڦهلجي وڃي ٿو ۽ جيئن ته اتي چن- پٿر جون ڪيتريون ٽڪريون پکڙجندڙ ٻوڌن کان مٿي رهنديون آهن. ان ڪري اتي پٿر وارن زمانن ۾ وٽجار ڪيون واٽون ضرور سينگي کان سڌاوا ڏڳ ونڊيون هونديون ۽ اهي ڏڳ ضرور انهن ٽڪرين مٿان هوندا. هن صاحب پنهنجي ڳولا جي نتيجي ۾ پٿر جا اوزار گهٽي ياڳي ڇل جون ڪاتيون ۽ ڪرپيون، ڪٺا ڪيا. هن جي اها ڪٿ بمبئي جي پرنس آف ويلس عجائب گهر قبول ڪئي هئي، جتي ان جو اپياس ڪري سگهجي ٿو. پر مسٽر ڪارٽر کي جهونين وٿن جو سڪيا ورتل ڄاڻو نه هو ۽ اڄ ماهرن کي انهيءَ ڳالهه ۾ شڪ آهي ته سنڌس گڏ ڪيل پٿر جي اوزارن مان گهڻا واقعي ان نوعيت جا آهن، جنهن نوعيت جو هن انهن کي سمجهيو ٿي.

سنڌ ۾ پٿر جا يادگار:

سنڌ ۾ مختلف قسم جا گهڻائي پٿيار يادگار آهن. ڪٿي اهرام جهڙا ڊير (Cairn) آهن ته ڪٿي ٻن اُڀن پٿڻ تي هڪ سنئون پٿر پيل (Cromlech) آهي ۽ ڪٿي وري پٿراوان لوڙها آهن. پهرين ٻن قسمن جون اڏاوتون عام طرح 'ڪافرن جون قبرون' سڏيو وڃن ٿيون. سنڌن عمر ڪٽي ڪيتري به هجي (۽ اها عمر وڃين زماني کان ڪا گهٽي آڳاٽي نٿي سمجهي وڃي)، اهي پڪ ئي پڪ انهن ماڻهن جو ڏس نٿا ڏين، جيڪي پٿر جي پراڻي توڙي نئين زماني ۾ سنڌو ماٿريءَ اندر رهندڙ هئا. هن گزيٽيئر جي انهن ضلعي جلدن ۾ انهن پٿيار يادگارن بابت ٿورو گهڻو احوال ڏنل آهي، جتي اهي واقع آهن. واسطو رکندڙ جلدن ۾ انهن جو ذڪر ڪندي انهن جي نوعيت تي پڻ روشني وڌي وئي آهي.

سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب:

سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب جي قدر و قيمت هن صديءَ جي ٽئين ڏهاڪي تائين محسوس نه ڪئي وئي هئي. جڏهن پنجاب ۾ منٽگومريءَ لڳ هڙاپا جي ۽ سنڌ ۾ لاڙڪاڻي لڳ موهن جي دڙي جي عملي طرح هڪ ئي وقت کوٽائي ٿي، تڏهن وڃي آڳاٽن اهجاڻن جي ڄاڻن کي پاڪستان جي اُتر- اولهه ۾ هڪ وسيع ۽ جهوني تهذيب جي هجڻ جو پتو پيو. سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب جي هيءَ

دريافت شايد اٺويهين صديءَ جي پڇاڙي ڏاري سر آرٿر ايونس هٿان ڪريٽ جي منوئا تهذيب جي دريافت کان پوءِ آڪاڻن اهجاڻن جي وڏي ۾ وڏي دريافت آهي.

سنڌو ماڻريءَ ۾ تهذيب جي هجڻ جو گمان گهڻي وقت کان ڪيو ٿي ويو سچ پچ ته راقم الحروف جڏهن موهن جي دڙي جي کوٽائي شروع ٿيڻ کان ڏنڊي ۾ اسسٽنٽ ڪليڪٽر هو تڏهن حيدرآباد ضلعي جي بدين واري تر ۾ رهندڙ ماڻهن کان ٻڌندو هو ته بدين ۾ ڏڻن هيڻان جهونا شهر پوريل آهن. في الحقيقت بدين ۾ ڪوبه جهونو شهر ڪونه لڏو ويو آهي پر اهو عين ممڪن آهي ته ڏر جي ماڻهن جي چوڻ ۾ ٽورو ڪي گهڻو سچ هجي. هڪ لحاظ کان هڙاپا ۽ موهن جو دڙو ٻنهي جي دريافت اتفاقي هئي. هڙاپا وارو ماڳ اٺويهين صدي جي ڇهين ڏهاڪي جي وچ ڏاري لڏو هو جو زمانو اتر اولهه پاڪستان ۾ ريل جي دور جي شروعات جو هو. برنٽن جي نالي سان ٻه انجنيئر پائر هئا. جان برنٽن سنڌ اندر سنڌوندي‌ءَ جي ڪاپي ڪپ تي روهڙيءَ تائين ريل جو پٽو ٽي وڇايو. پاٽس وليم اولهه پاڪستان جي پنجاب واري علاقي ۾ ساڳيو ڪم ڪرائيندي ريل جو پٽو روهڙيءَ کان لاهور تائين ٽي وڌايو. جان کي برهمڻ آباد جي شهر ۾، جو 711ع ۾ جڏهن محمد بن قاسم سنڌ فتح ڪئي تڏهن هڪ وسندڙ شهر هو پڪين سرن جا ڍڳ هٽ آيا. جي هن نئين ريلوي لائين لاءِ نيرم ڪري ڪم آندا. هوڏانهن پاٽس وليم منٽگو مري ضلعي ۾ نيرم لاءِ واجهائيندي هڪ وڏو دڙو جو کوٽرايو ته هڪ جهوني شهر جو پڌ نڪري پيو اهو جهونو شهر هاڻ هڙاپا سڏجي ٿو.

وليم برنٽن طرفان نيرم لاءِ هڙاپا واري ماڳ جي کوٽائيءَ جنرل ڪننگهام جو ڏيان ڇڪايو. جنرل صاحب 1861ع ۾ فوج تان رٽائر ٿيڻ تي هندستان جي اُترئين علاقي ۾ آڪاڻن اُهجاڻن واري سروي جو ڊائريڪٽر جنرل مقرر ٿيو. اهو جنرل صاحب جو حق آهي ته ڪيس ننڍي ڪنڊ ۾ آڪاڻن اُهجاڻن جو ابو ڪري مجيو وڃي. ڇاڪاڻ ته هو ئي هو جنهن 1856ع ۾ هڙاپا واري ماڳ تان فندق هنديءَ جون اُڪريل مهرون ڳولي لڏيون هيون- مهرون. جن بابت اسان کي هاڻ پتو آهي ته اهي سنڌو ماڻريءَ جي اڳ تاريخي تهذيب جون آهن. انهن مهرن تي ڪنهن نامعلوم ٻوليءَ جا اکر اُڪريل هئا ۽ منجهائن هڪڙيءَ تي ڍڳي جي شڪل نڪتل هئي. جنرل ڪننگهام محسوس ڪيو ته اهي وِڻون ننڍي ڪنڊ جي جهونين وڻن بابت تنهن زماني ۾ جيڪا ڄاڻ هئي، تنهن جي دائري کان ٻاهر جي شيءِ آهن، ۽ ڪيس پڪ هئي ته اهي اهم آهن. پر جنرل ڪننگهام طرفان 1856ع ۾ هڙاپا ۾ ڪيل هن دريافت جي اصل نوعيت 1920ع کان پوءِ ئي پوري ريت سمجهي وئي. هڙاپا جي کوٽائي 1922ع ۾ راءِ بهادر دياram ساهيءَ جي هٿ هيٺ شروع ٿي ۽ ڏري گهٽ ساڳي وقت مسٽر آر. ڊي. بٿنرجي موهن جي دڙي جي کوٽائي شروع ڪرائي. انهن ٻن ماڳن جي کوٽائي ڏهن ورهين تائين رکي رکي ٿيندي رهي ۽ انهي کوجنا جا نتيجا سرجان مارشل جي يادگار تصنيف ۾ شايع ڪيا ويا. سرجان 1902ع کان 1931ع تائين ڪنڊ ۾ آڪاڻن اهجاڻن جو ڊائريڪٽر جنرل هو. سنڌو ماڻريءَ جي تهذيب جي هن

تاريخ ساز دريافت جي سلسلي ۾ مٿين ٻن صاحبن سان گڏ جن ٻين صاحبن جا نالا ياد رکڻ وٽان آهن، سي آهن مسٽر ايم. ايس. وٽس، مسٽر اين. کي. ڊڪشٽ، مسٽر ارنيسٽ مئڪي، ۽ مسٽر اين. جي. مجمدار. مسٽر مئڪي کي چڏي ٻيا سڀ آڪاڻن اهجاڻن جا ڄاڻو هندستان ۾ برطانوي سرڪار جي آڪاڻن اهجاڻن واري ڪاتي جا ملازم هئا. هتي افسوس سان لکڻو ٿو پوي ته مسٽر اين. جي. مجمدار سنڌ ۾ کوٽايون ٿي ڪرائي ته ڪيس ڪيرٿر جبل جي ڪن بروهي ڏاڙيلن قتل ڪري چڏيو ۽ اهڙيءَ هن سان 1938ع ۾ اها ٿي، جا موهن جي دڙي جي زوال وارن ڏينهن ۾ ضرور عام ٽيندڙ هوندي. جڏهن سنڌو ماڙيءَ جي تهذيب کي مرٽينگ ڪرڻ ۾ بلوچستان جي ڦورن جي ڳلهن جو به ضرور وڏو هٿ هوندو تنهن کان پوءِ سنڌ ۾ موئن جي دڙي، چانهون دڙي ۽ ٻين ماڳن جي کوٽائي 36_1935ع ۾ ٿي.

موئن جو دڙو:

چئمبرز انسائيڪلوپيڊيا (تازو ڇاپو) ۾ 'آڪاڻا اهجاڻ' بابت ليک جو لکندڙ چوي ٿو ته: سنڌو تهذيب جي معلوم ماڳن جي ايراضي اولهه پاڪستان ۾ سڄيءَ سنڌ ۽ سموري پنجاب سميت ڪران جي ساونڊي ڪپر کان وٽي راجپوت جي ريگستان تائين ۽ ڪاٺي جي نار کان ويندي امبالا (هندستان) ويجهو روپڙ تائين ڦهليل آهي. هيءَ ايراضي بابلي يا مصري سلطنتن کان يا برطانوي ٻيٽن کان گهڻي وڏي آهي. حيرت جهڙي ڳالهه آهي ته ايتري وسيع علائقي تي ڦهليل سنڌو تهذيب ۾ نوعيت جي لحاظ کان تمام ٿورا فرق ڏسڻ ۾ اچن ٿا ۽ اها پنهنجي تمدن جي مادي پيداوار ۾ حيرت انگيز طور تي هڪجهڙي ۽ هڪ ڪُري هئي. 1944ع ۾ جڏهن لارڊ ويول هندستان جو وائسراءِ هو تڏهن ڊاڪٽر آر. اي. ايم (هاڻ سر مارٽيمر) وهيلر کي برطانوي هندستان ۾ آڪاڻن اهجاڻن جو ڊائريڪٽر جنرل مقرر ڪيو ويو. هن صاحب ايجا وڌيڪ کوٽايون ڪرايون ۽ پوءِ 1950ع ۾ موئن جي دڙي واري ماڳ جي وڌيڪ چوڪ چڪاس ڪيائين. موئن جي دڙي بابت اڳوٽيءَ سنڌ سرڪار جي سهاري هيٺ چپيل هڪ چوپڙيءَ اندر انهيءَ سلسلي ۾ چيل آهي: "1950ع ۾ پاڪستان سرڪار طرفان ڊاڪٽر آر. اي. ايم. وهيلر جي نظرداريءَ هيٺ ڪرايل اهم کوٽاين جي نتيجي ۾ موئن جي دڙي جي تصوير اونداهي ماضيءَ مان مهانبن جي وڌيڪ چٽائيءَ سان اُپري آهي. سنڌو ماڙيءَ جي تهذيب جي اندروني تاريخ، ارتقا ۽ ٻين ڪيترن معاملن کي سمجهڻ جي ابتدا ٿي، پر سڀني کان اثرائتي دريافت هڪ وڏي پاندي جي هئي. جو ڪوٽ واري دڙي تي هو. مٽي چيو اٿئون ته موئن جي دڙي جو ليڀ اتفاقي هو. چاڪاڻ جو ٻئنر جي انهيءَ آڪاڻي تهذيب جا اهجاڻ ڏسڻ نه پر ماڳ تي ٻيٽل ٻُڌن جو هڪ قٽل يا دار (Stupa) چڪاسڻ ويو هو. ان يادگار کي چڪاسيندي ٻئنرجي کي احساس ٿيو ته ان جي هيٺان کا گهڻي گهڻي آڪاڻي ۽ ڪنهن بنهه نرالي تهذيب ۽ تمدن جي چيز پوريل آهي.

هاڻ سنڌو ماڙيءَ جي تهذيب تي ڪافي گهڻا ڪتاب موجود آهن ۽ صحيح ٽيندو جيڪڏهن هن گزيٽيئر ۾ جو سنڌ تي سَنَد جي حيثيت رکي ٿي، ان ماڳ جو درست نالو ٻيان ڪيو وڃي. ان کي



موهن جي ڏڙي جي آثارن جو نظارو



استوپا ـ موهن جو ڏڙو

عام طرح 'موئن جو دڙو' لکيو وڃي ٿو جڏ تہ ان جو هندن جي اوتار موئن سان ڪو لاڳاپو هجي. درحقيقت، موئن جو دڙو خالص سنڌي اصطلاح آهي. ان جي صحيح لکت 'موئن جو دڙو' ٿيندي 'موئن' فعل 'مرڻ' جي اسم مفعول جي گردان ۾ ڦريل جمع مفعولي حالت آهي. واحد مفعولي حالت آهي 'مئو'. 'دڙو' عام سنڌي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ڍڳ يا ڍير. ٻوليءَ جي جاڻ جي لحاظ کان ان جو ڏاتو هند يورپي ڇيو وڃي ٿو جو ڪيترين هند يورپي ٻولين اندر سجائي صورت ۾ اچي ٿو. ڏاتوءَ جي معنيٰ آهي 'ڏرڻ' يا 'ڍير' يا 'ڍڳ ڪرڻ'. سو اهو ماڳ حقيقت ۾ جو ڪجهہ آهي، ان لاءِ 'موئن جو دڙو' بلڪل ٺُڪ نالو آهي، اهڙو جو ماڻهو ٻُڌڻ سان سمجهي ويندو تہ ان مان ڇا مراد آهي.

هن وقت تائين سنڌو ماڻريءَ جي تهذيب جيتري قدر کوٽي ڪڍي وئي آهي. تنهن مان لڳي ٿو تہ اها ٻن وڏن شهرن، هڑاپا ۽ موئن جو دڙو ۽ الڳ الڳ پکيڙ جي ننڍين شهرن ۽ ڳوٺن جي وڏي تعداد تي مشتمل هئي. سمجهيو وڃي ٿو تہ سنڌ علائقي اندر گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڪوٽ آيل ماڳ آهن. آيا هڑاپا ۽ موئن جو دڙو سمير ۽ اڪاد (Akkad) جي شهري رياستن وانگر، ٻن الڳ الڳ رياستن جون گاديون هئا، يا آيا اهي هڪ ئي سلطنت جا ٻہ وڏا شهر هئا سو معلوم تہ آهي پر ٽي سگهي ٿو تہ سنڌو جي هيٺين علائقي ۾ تہ شهري رياستون هجن ۽ هڑاپا ۽ موئن جو دڙو ان جا ٻہ مکيہ شهر هجن. هيل تائين ست کان وڌيڪ ماڳن ۾ هڑاپا ۽ موئن جي دڙي واري تمدن جا عنصر ملڻيا آهن. اهي ماڳ شمالا ٽڪرين لڳ روپڙ ۽ بلوچستان جي 'سڪتاجن ڊوڙ' جي وچ ۾ آهن. سڪتاجن ڊوڙ عربي سمنڊ جي ڪپر وٽ ڪراچي کان 300 ميل اولهہ طرف آهي. سرمارٽيمر پنهنجي ڪتاب 'سنڌو تهذيب' (Indus Civilization) ۾، جو 1953ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو جاڻائي ٿو تہ شهر ۽ ڳوٺ، ايڪڙ ٻيڪڙ کي ڇڏي ميدان جا شهر ۽ ڳوٺ آهن ۽ منجهائن گهڻا سنڌوءَ ۽ ان جي ڏُن ۾رو درياهن جي ڍڳ سان آهن. ٻين اهڙن درياهن جي ۾رپاسي ۾ پڻ ماڳ لڌا ويا آهن، جيڪي امبالا جي ۾رپاسي واري ٽاڪرو علائقي کان ڏکڻ طرف وهن ٿا. جهڙوڪ: سرسوتي يا گهاگهڙ، هاڪڙو يا واهندو جي درياء اڳي ٻنهنجا پاڻي ٻيڪانير ۽ بهاولپور جي ريگستاني زمين تي وڃائيندا هئا، ۽ شايد سنڌونديءَ جي ريس ۾ واري منجها واٽ ڪري وڃي عربي سمنڊ ۾ سنڌوءَ کان ڪافي پنڌ اوير طرف ڇوڙ ڪندا هئا. 1951ع ۾ هندستان جي آڳاڻن اهجاڻن واري ڪاتي، مسٽر اي. گهوش جي اڳواڻيءَ هيٺ، راجستان جي ٻيڪانير ڊويزن جي اُترين پاڳي ۾ خاص ڪري اڳوٽي گهاگهڙ يا سرسوتي نديءَ سان لڳو لڳ ڪي پنجويهہ ماڳ سجاتا هئا. جي اهي ماڳ صحيح سجاتا ويا آهن، تہ پوءِ ڏسڻ ۾ ايئن ٿو اچي تہ پاڪستان ۽ راجپوتانا جي وچ ۾ سرحدي علائقي سان لڳو لڳ هڑاپا جي تمدن وارا ماڳ جهڙوڪر هڪ سڳي ۾ پوتل هئا.

سنڌو ماڻريءَ جي سائيڪو ماڳن مان اڪثر سنڌ علائقي ۾ آهن. منجهائن گهڻا تمام ننڍا آهن. اهي ننڍا ماڳ ٽي سگهي ٿو تہ ملڪ جي حڪومت جون ٻاهريون چونڪيون هجن. موئن جي دڙي کان

سواءِ رڳو چانهون ڏڙي ۾ آمريءَ جي کوٽائي ٿي آهي. چانهون ڏڙو (36_1935) ۾ مسٽر ارنيسٽ مئڪي ۽ ڪانئس پوءِ مسٽر اين. جي. مجمدار کوٽايو هو. آمريءَ واري ماڳ جي کوٽائي پڻ مسٽر مجمدار ڪرائي. جتان ٽڪر جي ٽانون جي شڪل ۾ ملهائتي ساڪ ملي آهي. چانهون ڏڙي جي ايڄا موجود باقيات 1000 ضربيان 700 فوٽن جي ايراضيءِ تي پکڙيل آهي. پر عاميلاني جهڙي واهڻ جي متاڄري پکيڙ 300 ضربيان 200 فوٽن کان وڌيڪ ناهي. سنڌ ۾ علي مراد وارو ماڳ ڪوٽ آيل لڳي ٿو. ڇا لاءِ جو اُتي هڪ 3 کان 5 فوٽ پٽ آهي. جا ڏنگي ڏڙي مستطيل ايراضيءَ کي وکوڙيو ٻيئي آهي. هڪ ٻيو ڪوٽ آيل ماڳ سڪتا جن- ڊور ڏسڻ ۾ اچي ٿو جو مڪران ۾ آهي. هت قلعي بندي وڌيڪ مضبوط هئي ۽ عالم پناهه 125 وال ضربيان 170 وال پکيڙ جي مستطيل ايراضيءَ کي وکوڙيو ٿئي. هيءَ عالم پناهه پهڻ جي ٽلهي ليکي چورس نادين جي ٺهيل هئي. جي پاڙ وٽ ٽيهه ٽيهه فوٽ ويڪرين قطارن ۾ لڳل هيون ۽ ٻاهريون پاسو 40 ڊگرين جي ڪنڊ تي رکيل هئن. جيڪو ٻيو ماڳ ڪوٽ آيل ڄاتو وڃي ٿو سو ترڙي ٽڪر تي آهي. اتي ڪوٽ ٻڌيءَ پٽ جو آهي. اهي پٽيون ور وڪڙ ڳري اڏاوت واريون ۽ هڪٻئي کان 250 فوٽ پري آهن. هڪڙو ٻيو ماڳ ڏلن جو ڪوٽ آهي. جتي پڻ هڪڙي آمري طرز جي وسنديءَ کي آيل عالم پناهه جا آثار ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

استوئارٽ پگٽ پنهنجي ڪتاب تاريخ کان اڳ وارو هندستان ۾ لکي ٿو ته عام طرح ڳوٺ ٻي بچاءُ ۽ ڪنهن ڪوٽ يا بچاءُ ڏڙي کان سواءِ ڏسڻ ۾ اچن ٿا سنڌ ۾ سنڌو ماڙيءَ جي تهذيب جا ٻيا ماڳ پانڊي واهي (هاڻي واهي پانڊي) ۽ غازي شاهه ۾ مليا آهن. هت ماڻهن جي والار جا ڪيترائي اهجاڻ مليا آهن. پر هاڻ ڪي به جايون سڃاڻپ ۾ نٿيون اچن. ڪوهه تراش بنيءَ ۾ مجمدار هڪ هنڌ کي تڙ جي جاءِ ڪري سڃاتو آهي. اهو هنڌ در وٽ هڪڙي ڪوٽي جي ڪنڊ ۾ آهي. ساڳي گهر ۾ ڪيس اهڙا اهجاڻ به ڏسڻ ۾ آيا. جن مان هن پانيو ته هتي ضرور ڏاڪڻ هوندي. ڏاڪڻ هجڻ جو مطلب هو ته گهر جي ڇت يا ته تراکڙي هوندي يا ٻي ماڙ هوندس. جنهن تي ڏاڪڻ تان چڙهي ويندا هوندا. سنڌ ۾ اهڙي ريت جيڪو تمدن نروار ٿيو آهي، سو مادي وڻن ۾ شاهوڪار ڏيکارجي ٿو. اهي وٽون آهن جايون، عام ۽ وٽجارڪي استعمال جون شيون، زيور ۽ راندينکا، مورتيون ۽ شڪليون، مهرون ۽ مختلف نمونن جا ٽڪر جا اڪيچار ٽانوَ. هڪ وار وري استوئارٽ پگٽ جي ڪتاب 'تاريخ کان اڳ وارو هندستان' مان حوالو ڏجي ٿو. هڙاپا ۽ موئن جي ڏڙي جو ذڪر ڪندي هو چوي ٿو: "گرهڻ جي نوڪسن جيان، هڪڙو شهر والار جي معلوم ايراضيءَ جي اُتر طرف ۽ ٻيو ڏکڻ طرف واقع آهي، موئن جو ڏڙو سنڌ ۾ سنڌوندي جي ساڄي ڪپ تي ۽ هڙاپا پنجاب ۾ راويءَ جي کاٻي ڪپ تي آهي." موئن جو ڏڙو باقاعدي ٺهيل هو. شهري رٽا هڪٻئي وچان لنگهندڙ ويڪرين گهٽين سان مستطيل طرز جي هئي ۽ گهٽين ۾ نالين ٺهيل هيون. گهٽين جي ويڪر 9 فوٽن کان 34 فوٽن تائين هئي ۽ ڪڏهن ڪڏهن اهي چڱو ڀڳو مفاصلو سڌيون هليون ٿي ويون. جايون عمدين پر هلڪي باهه تي پچايل،

سرن جون هيون. کي گهر چڱا وڏا هئا ۽ وچ ۾ اڳڻ هئن. کن گهرن ۾ ڏاڪڻيون ۽ غسلخانا هئا ۽ ڪِن ڪچري لاءِ لاهيون (Chutes) پڻ، جتان ڪچرو وڃي گهٽين ۾ ٺهيل پڪين سرن جي خاڪدانن ۾ پوندو هو. موئن جي دڙي جي حيرت جوڳي شيءِ کوهه هئا. اهي هيڏي ساري عرصي کان پوءِ به استعمال لائق هئا. هن جهوني شهر جي شايد سيني ۾ عجيب شيءِ هڪ وڏو وهنجڻ- گهر هو. هڪ وڏي 170 فوٽن ضربيان 95 فوٽ پکيڙ واريءَ جاءِ ۾ هڪ وڏو تلاءُ هو. جو 39 فوٽ ڊگهو ۽ 23 فوٽ ويڪرو هو. اڄ جيڪي ماڻهو اهو جهونو شهر گهمڻ اچن ٿا، سي سيني کان وڌيڪ اهو وهنجڻ گهر ۽ کي پشتن سان ويڪريون گهٽيون ڏسي متاثر ٿين ٿا.

سرڪاري چوپڙيءَ ۾ پاندي جو خاص طرح ذڪر ڪيو ويو آهي. چوپڙي ڄاڻائي ٿي. پاندو جو ڪوٽ واري دڙي تي واقع آهي. سو پنهنجي باقيات کان مشهور ماڳن جي سيني ۾ برڪ جاءِ آهي. سرن جا نهرا ڪعب جي 20 فوٽن تائين اتانهان آهن. سي هڪڙو 50 والن کان وڌيڪ ڊگهو ۽ 25 وال ويڪرو بلاڪ ٺاهين ٿا. انهيءَ اوساريءَ مٿان اصل پاندو ڪانائين اٿي مان جوڙيو ويو هو. بنياد راهدارين جهڙي پڪري يا هوا نالين سان ورهايل هو جيڪي پاندي کي وائکو رکندين هيون. اوتر واري پاسي وٽيءَ يا پڌر سان هڪڙو ٽلهو هو. پهراڙي کان ڏاند گاڏين اُن جون ڦوٽيون آڻي پڌر ۾ لاهيندين هيون. جتان اهي سانڍڻ لاءِ چڪي مٽي ڪنيون ويندين هيون. پاندي جو ايترو وڏو هجڻ ڏيکاري ٿو ته اها سرڪاري جاءِ هئي ۽ انهيءَ لحاظ کان پر وارين اڏاوتن سان مناسبت رکندڙ هئي. اناج جي شڪل ۾ ملندڙ ڏَنَ ۽ محصول اُتي ايندا هئا ۽ ملڪ جي دولت ڏُڪر کي منهن ڏيڻ لاءِ هتي سانڍي ويندي هئي. اهڙيءَ ريت اها موئن جي دڙي جي آڪاڻي شهر لاءِ اسٽيٽ بئنڪ توڙي خزاني جو ڪم ڏيندي هئي."

اڄا تائين اهو ثابت نه ٿي سگهيو آهي ته موئن جو دڙو ڪو ڪوٽ آيل شهر هو. 1944ع ۾ اهو رايو هو ته شهر جو انتظامي مرڪز هڪ مضبوط ڪوٽ اندر هو پر پوءِ هيءَ رايو ٽيو ته موئن جي دڙي جي وڏي عام مرڪز جي چوڌاري عالم پناهه هاڻ ڏسڻ ۾ ڪانه ٿي اچي. انهيءَ ڳالهه ۾ اهو هڙاپا کان مختلف آهي. جو ته هڙاپا کي چوڌاري ڪوٽ آيل هو. انهيءَ ڪري اهو پڪيءَ طرح چوڻ کان اڳ ته موئن جو دڙو هڪ ڪوٽ بنا ڪليل شهر هو جنهن جا رهاڪو امن امان جي حالت ۾ رهندا هئا. وڌيڪ چوڪ چڪاس ڪرڻ ضروري آهي. هڪ اهڙي شهر ۾ جتي هڪ وڏو پاندو هو جيڪو ٿي سگهي ٿو اسٽيٽ بئنڪ ۽ خزانو هجي ۽ جتي هڪ عظيم الشان وهنجڻ جو تلاءُ هو جيڪو شايد پاڻ پاڻي ڪرڻ جي ڪم ۾ ايندو هو اُتي ڪنهن اهڙيءَ جاءِ جو نه ملڻ حيرت انگيز آهي. جنهن جي مندر يا مذهبي جاءِ هجڻ جو امڪان هجي. موئن جي دڙي توڙي هڙاپا ۾ ڪا ثابتي نه ملي آهي ته اتي ڪا اهڙي جاءِ به هئي. هند سميري زماني (اٽڪل 3000 ق.م کان 2000 ق.م تائين) جي شهرن جيان موئن جو دڙو به سرن جو جڙيل هو. اهي شهر واپارين جون وستيون هيون. جن ۾ شهري حياتيءَ جو تمام

اتانهون مادو هو ۽ پنهنجي سک ۽ آرام لاءِ آسائش جي هر کا شيءِ رکڻ چاهيندا هئا. جيڪي اڏاوتون لڏيون آهن، اهي سادين ۽ کنهن نه کنهن کارج واريون آهن. انهن ۾ رهڻ جون جايون، گدام، وهنجڻ گهر ۽ کوهه شامل آهن. شهر ۾ ڪني پاڻي جي نيڪال جو سرشتو تمام پيچيدو ۽ وڏي پئماني وارو هو ۽ سچ پچ ته هاڻوڪي پاڪستان ۽ هندستان جي ڪيترن شهرن جي اهڙي سرشتي کان وڌيڪ مڪمل هو. موئن جي دڙي وارا اصل ونگ کان اڻڄاڻ هئا. جيڪي ونگ هئا. سي وڏاوڙي وارا هئا، پر ايئن وسهڻ ۾ ڪو اهم ڪونهي ته ڪاٺ مان اڏڻ جو هنر تمام ترقي ڪيل هوندو. پر اڄ انهيءَ جو ڪو اهڃاڻ نٿو ملي.

اهي ماڻهو ڪير هئا، جن چار پنج هزار ورهيه اڳ هڙپي پيچيدي تهذيب جوڙي هئي؟ هن سوال جو جواب سولائي سان نٿو ڏئي سگهجي ۽ انهيءَ بابت آڪاڻن اهجاڻن جي ڄاڻن ۾ ايجا ته اتفاق راءِ موجود ڪونهي. تاهم، گمان آهي ته سنڌو ماڻريءَ جي تهذيب ۽ تمدن اوائلي سمير ۽ بابل جي تهذيب ۽ تمدن جي وچ ۾ خاص ڪري ڪش (Kish) جي اصل يا اڳ سميري تمدن سان ويجهيون مشابهتون آهن. هن وقت ماهرن جو عام طرح هيءُ رايو آهي ته پاڪستان ۽ ميسوپوٽيما جا اوائلي تمدن گهٽو ڪري هڪ ٻڌ مان ڦٽا هئا. هيءُ رايو فقط انهن وٽن تي ٻڌل نه آهي، جيڪي موئن جي دڙي، هڙاپا ۽ بابل جي جهونن شهرن ۾ لڏيون ويون آهن. بلڪ اهو رايو تمدني اپياس جي وڏيڪ وسيع بنياد تي ٻڌل آهي، انهيءَ ڏس ۾ طرز جي تاريخ ۽ انهن هڪ جهڙاين تي ياڙيو ويو آهي، جيڪي بابلي ديو مالا ۽ هندستان- پاڪستان ننڍي کنڊ جي دراوڙن جي غيرجنسياتي روايتن جي پنٽ ۾ ملن ٿيون. ائين وسهڻ لاءِ ڪو سبب نه آهي ته ميسوپوٽيما جو يا پاڪستان جو اوائلي تمدن هُن مان يا هو هن مان ڦٽو هو يا ڪنهن به وقت ٻنهي جي پاڻ ۾ ڪا ڏي وٺ ٿي هئي. سنڌو تهذيب جي تمدن کي "پهڻ- تامي وارو" (Chalooli thic) سڏيو ويو آهي، پر اهو اصلاح بجاءِ خود اڃاسو آهي، ڇو ته ان جي معنيٰ رڳو ايتري آهي ته تامي جا ۽ پهڻ جا اوزار هڪ ئي وقت استعمال ٿيندي مليا آهن. اهو تمدن اوائلي پهڻ- تامي وارو آهي ۽ اهو ائبرياڪ سمنڊ کان اوپر ۾ پري جاپان تائين ڦهليل هو ۽ ان کي ڏکڻ ايشيا ۽ يورپ جي ڊگهي مٿي وارين پونوچي نسلن سان منسوب ڪيو ويو آهي. اهو گهٽو ڦهليل تمدن نيل، فرات ۽ دجلہ، ڪُرن، هيلمند ۽ سنڌو درياءَ جي مهان ماڻرين اندر پنهنجي پوري اوج تي پهتو هو.

ڪي ڄاڻو انهيءَ راءِ جا آهن ته هن تمدن جو اصل ٻڌ بڙياد، آرمينا هو ڇو جو اهو ڏيهه ڏاتن ۾ شاهوڪار هو ۽ انهيءَ ڳالهه جو گهٽو امڪان آهي ته اوائلي نسلن جون فارس جا پونا لتاڙي اڳتي ويندڙ لڏپلاڻون هتان شروع ٿيون هيون. انهن لڏ پلاڻن اڳتي هلي ٻه طرف ورتا هئا. هڪڙي ڏکڻ ميسوپوٽيما ۾ ايلام ڏانهن ۽ ٻي وچ ايشيا، پاڪستان ۽ هندستان ڏانهن وئي هئي. جيستائين سنڌو ماڻريءَ جي تهذيب ۽ اوائلي ميسوپوٽيما جي وچ ۾ تمدني هڪجهڙاين جو لاڳاپو آهي ته هيٺ ڄاڻايل ڳالهيون ذڪر جوڳيون آهن. ٻنهي وٽ جانورن جي شڪلين ۽ اڏاوت جي طرز هڪجهڙي آهي. بابلي



هڪ کوهہ ـ موهن جو دڙو



وهنجڻ لاءِ تلاءُ ـ موهن جو دڙو

ديومالا ۾ هندستان پاڪستان ننڍي کنڊ جي دراوڙي روايتن جي وچ ۾ هڪجهڙاين بابت ايترو چئبو ته ڪجهه هڪجهڙائي شايد جبلن، ڪرن ۾ پاڻيءَ لاءِ ساڳين علامتن جي استعمال ۾ نظر ايندي تنهن کان سواءِ ٻنهي وٽ ڳنڍيل ڇڪين سان جانورن ۾ خانداني نشان لاءِ انسانوي جانورن جي موضوع ۾ گهٽو واپرايل نظر ايندو. مثال طور: بابلي مهرن تي اهڙن اجگرن جا چٽ آهن، جن جو هيٺيون ڏڙ نانگ جو ۾ مٿيون ماڻهوءَ جو آهي. اهي چٽ ڏسي ناگا ياد پون ٿا. پاڻيءَ جو پنٽ بابلي ۾ پريل گهگهيءَ سان ۾ ننڍي کنڊ ۾ ٽمٽار ٽانءَ يا پورٽ ڪلاس سان ڳنڍيل نظر اچي ٿو. انهن کان سواءِ هُنري ڏانءَ ۾ به هڪجهڙايون آهن. انهيءَ جو هڪڙو مثال عقيق کي ڪشتو ڪري سينگارڻ جو ڏانءُ آهي، ۾ پاڪستان ۾ اسيريا جي ڪائي جي بناوت به ساڳي طرح جي آهي.

جيستائين سنڌو ماڻريءَ جي تهذيب، موئن جي دڙي ۾ سنڌ جي ٻين ماڳن جي زماني جو تعلق آهي ته ارنيسٽ مڪي پنهنجي ڪتاب 'سنڌو تهذيب' (The Indus Civilization) ۾ چوي ٿو ته "ان جو زمانو هاڻ ڪجهه يقين سان مقرر ڪيو ويو آهي. ميسوپوٽيما ۾ هن وقت جيڪي کوٽايون ٿي رهيون آهن، تن جي نتيجي ۾ اُتان لڌل ڪي وٿون سڃاتيو ويون آهن ته اهي هندستان- پاڪستان جي ڪاريگريءَ جون آهن." هو وڌيڪ لکي ٿو "هتي ايترو چوڻ ڪافي ٿيندو ته موئن جي دڙي جا مٽيان تهه بابليه جي اوائلي گهراٽن واري زماني جي پوئين پاڳي (لڳ ڀڳ 2500 ق.م) جا سهيوگي آهن، جڏهن ته جن هيٺين تهن تائين اسين پهچي سگهيا آهيون ۾ جتان لڌل وٿون مٽئين ۾ مٽئين تهن وارين وٿن کان ڪي خاص فرق واريون نه آهن، سي تهه تهڪان پنج سو ورهين کان وڌيڪ آڳاٽا نه هوندا. ماڳهين ايئن به ٿي سگهي ٿو ته اهي رڳو ٿي سؤ ورهيه آڳاٽا هجن. مٽئين تهن جي انهيءَ تاريخ بنديءَ کي هاڻ اڪثر جاڻو قبول ڪن ٿا، پر اهو ياد رکڻ گهرجي ته اها ميسوپوٽيما جي زمان شناسيءَ تي ٻڌل آهي، سو جيڪڏهن انهيءَ ۾ ڪو ڦيرو آيو ته سنڌو ماڻريءَ جي ليڀ جو زمانو به لازمي طرح ڦري ويندو. موئن جي دڙي جي ماڻهن جو تمدن ڪامياب واپارين جي جاتين وارو هو. جي پوکراهيءَ جي ٽانيڪي سرشتي تي گذران ڪندڙ هئا. انهيءَ پوکراهيءَ جو آڌار شايد سنڌونديءَ جو پاڻي تراکڙي لٽاشي زمين تائين آڻيندڙ آبپاشي جي وسيع سرشتن تي هو جيئن بابل ۾ سمير ۾ اڪد وارن زمانن دوران ڪيو ويندو هو. ڪڪ، ڀاجهري ۾ ڪجيءَ جي پوک ٿيندي هئي. ڪوهڙ سان ۾ ڪوهڙ بنا مال، سوئر، رڍون، ٻڪريون، گڏهه، ڪڪڑيون، بدڪون ۾ ڪتا پاليا ويندا هئا. ماڻهو هاٿيءَ، ٻولي، چيتي، گينڊي، گهڑيال ۾ نور کان واقف هئا. گهوڙو فقط موئن جي دڙي جي مٽين تهن ۾ ملي ٿو ۾ مليل ساک مان لڳي ٿو ته سنڌو تهذيب وارا ان جانور کان اڻڄاڻ هئا.

ٺڪر جا ٽانوَ ڇڪ تي ٺاهيا ويندا هئا ۾ گاڏين ۾ ڦيٿو استعمال ٿيندو هو ۾ شايد آبپاشيءَ لاءِ نار آڻڻ نيڻ جو مڪيه وسيلو ڏاند گاڏي هوندي هئي. موئن جي دڙي مان ڏاند گاڏين جا ٺڪر ۾ پنگار (Gronze) مان ٺهيل نمونا مليا آهن اهي ڏاند گاڏيون سوڌ ٻوڌ اهڙيون ئي آهن، جهڙيون هاڻوڪا

سنڌي ڪڙمي ڪم آٽيندا آهن. موئن جي دڙي ۾ سوٽي ڪپڙو هو. پنگار جا اوزار هئا، سون، چاندي، پاٽي چڙهيل پنگار، فيروزي ۽ ٻين قيمتي پٿرن جا زيور هئا. ڪنيرڪيه حيثيت وارا هئا ۽ ٻارن جي راندين جهڙي پتڪڙي ٺڪر- وٽ (miniature pottery) جيئن جهنجهٽا، ڏاند گاڏيون، گڏهه، ڪتا، پکي، گينڊا ۽ ڏيڳا وڏي اٽڪل سان ٺاهيندا هئا. اهي شيون ڏيکارين ٿيون ته موئن جي دڙي جا اهي آڳاٽا ڪاريگر ڪيڏا نه هنر وارا هئا. موئن جي دڙي واري سنڌو تهذيب سان لاڳاپيل ڪنهن به شيءِ آڳاٽن اهجاٽن جي جاٽن ۾ ايترو چاهه نه جاڳايو آهي، جيترو اولهه پاڪستان جي انهيءَ پاڳي مان کوٽي ڪڍيل عاليشان ڪاريگريءَ جون اڪيچار مهرون. انهن مهرن تي ڪنهن مورتي هوليءَ جا اکر اُڪريل آهن، جي اڃا تائين پڙهجي نه سگهيا آهن. ڪوبه عالم اڄ تائين انهيءَ لکٹيءَ کي پڙهڻ ۾ ڪامياب نه ويو آهي، پر مختلف وقتن تي عالمن دعوا پئي ڪئي آهي ته اهي مورتي اکر سميري، پروٽو-ايلامي يا پروٽو- دراوڙي آهن. مهرون گهٽو ڪري ڪاشي ڪيل فندق هِنديءَ مان ٺهيل آهن. اهي اصل ۾ ڪهڙي ڪم ايندڙيون هيون، سو پتو نه آهي، پر ممڪن آهي ته اهي تعويذ جهڙي شيءِ هجن ۽ پوءِ ان ۾ جيڪو ٽُنگ اٽن، تنهن منجهان ڏاڪو لنگهائي پاتيون ويندڙيون هجن.

مهرن تي عمدي ڪاريگريءَ ۽ ليک جي چٽائيءَ سان شڪليون نڪتل آهن. اهي شڪليون گهٽو ڪري وڻن سڳن سان ڪوهٽ واري ڏڳي، مينهن، جهنگلي مينهن، هاٿيءَ، چيتي، گهڙيال ۽ پيپر جي وڻ جون آهن. ڪن تي هڪڙي پلٽي ماريل مرد جي شبيهه آهي، جنهن کي مٿي تي سڳن سان ٽوپي پيل آهي ۽ پاسن کان چار جانور اٽس. سر جان مارشل مهرن بابت چوي ٿو ته انهن جي جوڙ ۾ جا ورتاءَ جا ويڪر ۽ ليک ۽ گهاڙيتي جي هنر جي سجاڻ بکي ٿي، سا نه رڳو انهن کي برڪ ڪري ٿي، پر اُڪر جي هنر ۾ انهن کان ورلي ئي گوءِ ڪٺئي وئي آهي. موئن جي دڙي مان فن جا جيڪي به شاهڪار لڌا آهن، سي آهن هڪڙي ناڇٽيءَ جي پنگار مان ٺهيل مورتي ۽ ٽپٽي پرت پريل لوئي سان ڏاڙهيار مرد جو چُن- پهڻ مان ٺهيل بُت. استوئارٽ پگٽ جو خيال آهي ته پريل چپن سان هيءَ ناچٽي چوڪري چٽي طرح پروٽو آسٽرولائيڊ نسل جي پانڇجي ٽي ۽ جيئن ڏسڻ ۾ اچي ٿو جيڪڏهن اها واقعي بلوچستاني نسل جي شبيهه آهي ته پوءِ هلندي هلندي ايترو چئي چڏجي ته پروٽو آسٽرولائيڊ گروهه سان جيڪو ڪارو رنگ لاڳاپيو وڃي ٿو سو تنهن نالي سان ٺهڪي اچي ٿو جنهن نالي سان اولهه پاڪستان جي ڏکڻ بلوچستان واري پاڳي کي اڳين زماني ۾ سڏيو ويندو هو. يعني 'گيدروشيا'، جنهن جي معني آهي ڪارن لوڪن جو ڏيهه"

فنڪاري جي ٻي شاهڪار بابت مٿڪي صاحب جو ويساهه آهي ته هيءُ تنهن وقت تائين لڏل پهڻ جو هڪڙو ئي بت آهي، ان بابت پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته اها ديوتا جو بت آهي. شڪل کي ويڙهيل اوڇڻ جو هڪڙو پلؤ ساڃي ٻانهن هيٺان ورائي کاٻي ڪلهي تي رکيل آهي ۽ ٻنهي پلون تي طرفيل هوتي جو ڇت اُڪريل آهي، ۽ مٿڪي موئن جي دڙي ۽ هڙاپا ۾ انهيءَ ڇت جي گهٽي ملڻ مان

موهن جي دڙي جون گليون ۽ ڊڪيل گندي پاڻي جون نالیون



مٽيءَ جا راندیڪا ـ موهن جو دڙو

موهن جي دڙي مان لڌل مُهر

ايئن ٿو سمجهي ته اها کا مقدس علامت آهي. شڪل جي ڏاڙهي ننڍي ۽ مڇون ڪوڙيل آهن. پوئين ڳالهه آڳاٽي سمير ۾ لڏل خدا توڙي ماڻهوءَ جي مورتين ۾ به ساڳي آهي. مٿي جا وار ڪتري سنها ڇڏيل آهن. سينڊ وچ مان نڪتل اٽن. مٿي ڪي چوڌاري چوٽي بند ٻڌي وار سوگها ڪيا ويا آهن. چوٽي بند جا ٻئي ڇيڙا پويان لڙڪايا ويا آهن. مٿڪي جو ويڇار آهي ته ڳچيءَ جي ٻنهي پاسي، ڪنن ڪان ٿورو هيٺ جيڪي ٽنگ ٽيل آهن، سي پڌري پٽ هار جي سڳي لاءِ آهن. چپ ۾ريل آهن ۽ (پگل) نڪ گهٽو ڪري رواجي سائيز جو هو. انهيءَ ڳالهه مان ته بت ڪي سڳوري چٽ سان لوئي اوڍيل ڏيکاريو ويو آهي ۽ هار لاءِ گنجائش به رکي وئي آهي، تنهن مان مٿڪي ايئن ٿو سمجهي ته اها ڪنهن به ماڻهوءَ، ويندي پروهت، جي شبيهه به ٿي سگهي ٿي. خاص نوع ۾ اڌ ڪليل اکين بابت هڪڙو ڇاڙو ايئن ٿو چوي ته اهو انداز مراقبي جي حالت ٿو ڏيکاري، جڏهن ته مٿڪي ان ڳالهه کي ممڪن سمجهندي چوي ٿو ته "ڪيش ۽ اُرمان مليل مٿيءَ جي اوائلي مورتين جون اکيون به بلڪل ايئن ئي اڌ پوريل ڏسڻ ۾ اچن ٿيون."

موئن جي دڙي ۽ هڙاپا ۾ رهندڙ لوڪن جي مذهبي عقيدن تي روشني رڳو اهي مادي شيون وجهن ٿيون، جيڪي هنن پنتي ڇڏيون آهن انهن مان جن بابت سمجهيو ويجي ٿو ته اهي ڪنهن مذهبي اهميت واريون آهن، تن جو آڳاٽن اهڃاڻن جي ڄاڻُن خبرداريءَ سان اڀياس ڪيو آهي. رالنس واري "هندستان" جي مختصر تمدني تاريخ" ۾ مصنف ڇاڻائي ٿو ته ڏسڻ ۾ ايئن ٿو اچي ته وڏ ۾ وڏ پوڄا ماتا ديويءَ جي ڪئي ويندي هئي، جنهن جو پنڌ سڄي ايشيا مائنر ۾ پکڙيل هو هن ديويءَ جي شبيهه اڪيچار ٿڪر جي مورتين جي شڪل ۽ مهرن ۽ تعويذن تي ملي آهي. هڪ ٻي ديوي سگهن سان ڏسڻ ۾ اچي ٿي. هن ديويءَ سان گڏ پيپر جو وڻ به ملي ٿو. هڪڙيءَ مهر تي سگهن سان ٽن سسين وارو خدا وينل حالت ۾ ڏيکاريل آهي ۽ چوڌاري جانور اٽس. هن کي شو مهاديو ڪري سڃاتو ويو آهي. شو جي علامت، لنگم جي ليڀ سان هن مفروضي کي پاڻ وڌيڪ هٿي ملي آهي.

موئن جي دڙي ۾ ڪوبه قبرستان نه مليو آهي. البت هڙاپا ۾ هڪڙو لڏو اٽئون. مقام ۽ قبرن جي نه هجڻ ڪري، آڳاٽن اهڃاڻن جي ڄاڻن لاءِ موئن جي دڙن واري جي مذهبي عقيدن جي نوعيت بابت ڪا واضح راءِ قائم ڪرڻ ڏکيو ٿي پيو آهي. جيڪڏهن ڪي قبرون هجن ها ۽ انهن منجهه ماڻهوءَ جي هڏن سان گڏ ٿڪر ڦهڙ ۽ ڏاتوءَ جون وٽون به ملن ها ته پوءِ اهو اندازو ٿي سگهي ها ته انهن لوڪن جا مُئي پڃاڻان ماڻهوءَ جي حالت بابت ڪهڙا ويچار هئا ۽ آيا هنن جو بهشت ۽ غيرفاني حياتيءَ ۾ ڪو اعتقاد هو يا نه؟ موئن جي دڙي ۾ قبرن نه هجڻ جي هڪڙي سمجهاڻي مُڙدن ساڙڻ جو رواج به ٿي سگهي ٿو. هاڻوڪي هندستان ۾ ڏري گهٽ سيڀ هندو پنهنجا مڙدا ايئن نيڪال ڪندا آهن. پر حقيقت هيءَ آهي ته نه هڙاپا ۾، نه موئن جي دڙي ۾ ۽ نه ئي وري ڪنهن ٻئي ماڳ ۾ ڪنهن مندر يا ڪنهن ٻي مذهبي جاءِ جا اهڃاڻ مليا آهن. سو اسان انهيءَ نتيجي ڏيڻ تي مجبور آهيون ته سنڌو ماڻريءَ ۾ ڪي

مذهبي جايون هيون به سهي ته اهي بنا ڪنهن نشان ڇڏڻ جي نابود ٿي چڪيون آهن يا وري پوڄا پاٺ گهر اندر ئي ڪيو ويندو هو. جيئن اوائلي روم ۾ گهراڻي جي حفاظت ڪندڙ روحن کي پوڄيو ويندو هو.

ڪثير تعداد ۾ ماتا ديويءَ جون جيڪي مورتيون لڌيون ويون آهن، تن کي ڏسندي اسان بنا ڪنڪي جي چئي سگهون ٿا ته انهيءَ ديويءَ جي پوڄا ضرور گهٽي پکڙيل هوندي. هن ديويءَ کي اُڙڪ جيان هٿ به زرخيزيءَ ۽ محبت جي ديوي ڄاڻي سگهجي ٿو. اُڙڪ ۾ ان کي مهان ديوي اشتار زدونيا ۽ اسموريت ۽ يونان ۾ استارتي سڏيو ويندو هو. نئين عهدنامي مان اسان کي پتو پوي ٿو ته سنت پال جي زماني ۾ افيسوس وارن جي ديوي گهٽن اُرهن واري ڊائنا هئي، جنهن کي قدرت جي پيدائش ۽ زرخيزيءَ واري سگهه جو روپ سمجهيو ويندو هو. مٿڪي جو چوڻ آهي ته غريب ۽ اڻ پڙهيل ماڻهو شايد ٻي ڪنهن ديويءَ جي پيٽ ۾ ماتا ديويءَ کي وڌيڪ سولائيءَ سان سمجهي ۽ پوڄي سگهندا هئا. اڄوڪي هندستان اندر ڳوناڻا سيني کان وڌيڪ ماتا ديويءَ کي پائيندا آهن ۽ سمجهندا آهن ته اها سندن گهرن ۽ ڳوٺن جي حفاظت ڪندي آهي ۽ ٻار جي جنم وقت موجود هوندي آهي. مٿڪي کي گمان آهي ته شايد سنڌوماٿريءَ جي رهواسين جو به ماتا ديويءَ لاءِ اهوئي عقيدو هو. پر آيا تنهن زماني ۾ ان کي پيءُ ديوتا ۽ پٽ ديوتا سان گڏ ڪنهن ٽائيءَ مان پڪ ڄاتو ويندو هجي يا آيا ان اڪيليءَ جي پوڄا ڪئي ويندي هئي. سنڌو ماٿر جي ماءُ ديوي جا اُرهه تن وڌيڪ گنجير زنانين مورتين جي اُرهن کان ننڍا آهن. جن لاءِ سمجهيو وڃي ٿو ته باسون باسيون ويندیون هيون. انهيءَ مان آڳاٽن اهجاڻن جي ڪن ڄاڻن هيءُ انومان ڪيبو آهي ته سنڌو ماٿر جي ديوي (ماتا ديوي) ڪنٽاري هئي. مٿڪي هڪ مهر ڏانهن ڌيان ڇڪايو آهي، جنهن تي سڱوري انجير اڳيان هڪ سڱن واري ديوي پنهنجن مجيندڙن جي وچ ۾ ڏيکاريل آهي ۽ سندس آڏو هڪ ٻيو سڱن سان ماڻهو گوڏا ڪوڙي بندگي ڪري رهيو آهي. ديويءَ ۽ سندس پوڄيندڙ ٻنهي جا وار ڊگهين ڊگهين چوٽين ۾ ڳنڍيل آهن. ديوي کي ٻانهن ۾ ڪيئي چوڙيون پيل آهن. ۽ پوڄيندڙ جي منهن تي پٽيان سڱن وٽان اپريل گلن يا پنن جي ٽارڙي آهي. انهيءَ پوڄيندڙ جي پويان هڪ ماڻهوءَ جي شڪل سان ٻڪر ڏسڻ ۾ اچي ٿو جيڪو دلچسپيءَ سان ڏسي رهيو آهي. مهر جو سمورو هيٺيون پاڳو ستن آتمائن يا ديوي ديوتائن جي قطار سان والاريل آهي. انهن مان هر هڪ کي مٿي تي ٽارڙي آهي پٽيان وارن جي ڊگهي چوٽي اٽن پر کين سڳ ڪونهن.

موئن جي دڙي ۽ هڙاپا مان هٿ آيل مهرن ۽ مورتين جي اونهي چوڪ ڇڪاس انهيءَ راءِ جي پٽيرائي ڪندي نظر اچي ٿي ته تن ڏينهن سنڌو ماٿريءَ جا رهواسي ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ زرخيزي، پيدائش ۽ اوسر سان ڳنڍيل خدا جي پوڄا ڪندا هئا ۽ انهيءَ سان گڏوگڏ وٽن جي پوڄا به ڪئي ويندي هئي، جن مان ڪن کي پاڪ، پوتر ۽ سڱورو سمجهيو ويندو هو. ڪن مهرن کي ڏسي

هيءَ انومان ۾ ڪيڏي سگهجي ٿو تہ ڪنهن نہ ڪنهن پارين جانورن کي ۾ سڳورو ڄاڻندي مانُ ڏنو ويندو هو.

ڪئمبرج يونيورسٽي پريس طرفان ڇپايل "هندستان جي ڪئمبرج تاريخ" ۾ 'سنڌو تهذيب' وارو باب سر مارٽيمر ويلر جو لکيل آهي. تنهن ۾ هن سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب جي زماني تي بحث ڪيو آهي. هو چوي ٿو تہ انهيءَ تهذيب جو زمانو شروعاتي طرح ٽين- ڏهہ صدي ق.م. جي پوئين اڌ ۾ پي ڏهہ- صديءَ جي اوائلي صدين دوران سنڌو ماٿريءَ وارن جي ميسوپوٽيميا جي منڌ تاريخي Proto Historic شهرن سان جيڪا لهہ وچڙ رهي هئي. تنهن جي آڌار تي ٻڌڻ گهرجي. مسٽر سي. جي. گئڊ. اُر مان هٽ آيل سنڌو طرز جي سورنهن مهرن ۾ اڻ وچوريل بابلي ڏُر جي ٻن مهرن جي چوڪ چڪاس ڪري انهيءَ جا نتيجا 'برطانوي اڪيڊميءَ جون ڪارروايون' (Proceeding of the British Academy) (1932ع) ۾ پڌرا ڪيا. هو صاحب ڪِش. سوسا. لاگاش. اُما ۾ طل اسمار مان لڌل اوائلي وٽن سان واسطو رکندڙ حوالن جي فهرست نقل ڪري ٿو. "جن ٻارنهن مهرن جي آڌار تي" سر مارٽيمر ويلرچو ٿو "ڪو زمانو ٻڌي سگهجي ٿو تن مان ست سارگونيائي. هڪ اڳ سارگونيائي ۾ چار لارسا يا پوين زمانن جون ٿي سگهن ٿيون. چالو زمان- بنديءَ موجب انهن امڪانن کي سمائڻ لاءِ گهربل مدو 2500 کان 1500 ق.م گهٽو ڪري 2350 ق.م. ٻيهندو."

جيستائين موئن جي دڙي تي اُڪريل مورتي اکرن جو لاڳاپو آهي تہ انهن کي پڙهڻ ۾ وڏي ڏکيائي هيءَ آهي تہ ڪي ٻ ڌگهيون اُڪرون ڪين آهن. مهرن تي چند نشانيون اُڪريل آهي ۾ بس ڪنهن ٻ ماهر لاءِ ڌگهين اُڪرن جي جامع تعداد جي غير موجودگيءَ ۾ جيڪي اکر موجود آهن. تن جي پڙهڻ بيحد ڏکيو ٿيندو. موئن جي دڙي جي لپيءَ بابت هڪ نهايت دلچسپ صلاح اي. ايس. سي. راس پنهنجي هڪ "موئن جي دڙي واري لپيءَ جون انگي نشانيون."

(Numerical signs of the Moenjo Daro script) نالي ليک ۾ ڏني آهي. جو هندستان جي آڪائن اهجاڻن واري سروي جون يادگيريون (Memoires of the Archaeological survey of India) جي سال 1938ع واري 57 نمبر شماري ۾ شايع ٿيو هو. ڊاڪٽر راس انهيءَ لپيءَ جي انگي نشانين بابت پنهنجن دليلن جو آڌار انهيءَ مفروضي تي رکي ٿو تہ اهي اصل انگن جون نشانيون نہ آهن. هو چوي ٿو تہ جيڪڏهن انهن جو استعمال ويچار مورتي (Ideagraphic) وارو نہ آهي تہ پوءِ لپيءَ جي پڙهڻي انهيءَ ڳالهہ تي دارومدار رکي ٿي تہ آيا اهي انگي نشانيون لپيءَ جي بنيادي زبان يا ڏاتن جي انگن سان اُچار ۾ ٿورا ڪي گهٽا ملندڙ آهن. يا آيا اهي صورتين جا مجموعا آهن. انهن امڪانن جي اپياس مان جيڪو مفروضو اُسري ٿو تنهن تي ٿورا ويچار لاءِ هو جديد چينيءَ. مصريءَ ۾ پدن واري صوتيات جهڙين ٻولين جي وچ ۾ پيٽ ڪري ڪيڻ- رکڻ وارو طريقو واپرائي ٿو. انهيءَ ڳالهہ کي دليل ٻڌائيندي تہ 9,8,7,6,5,4,3,2,1 ۾ 12 انگي نشانين جو استعمال ويچار- مورتيءَ وارو نہ

هو. هو هيءَ نتيجو ڪڍي ٿو ته بنيادي زباني ۾ انهن مان ڪي به انگ مرڪب نه هئا. موئن جي دڙي ۾ تور ۽ ماپ جو جيڪو سرشتو رائج هو تنهن مان ڏسجي ٿو ته تڏهن ليکي جو مکيه سرشتو ڏهائي هو. ڊاڪٽر راس پنهنجي پيٽ سان ڪيڙ- رکڙ واري طريقي ۾ چار پوليون- جهوني دراوڙي جهوني مندا جهوني برشاسکي ۽ جهوني انڊونيشي تپاسي ڏنيون. هن ڏنو ته رڳو قديم انڊونيشي مفروضي جي چڪاس تي پوري ٻيهي ٿي. سو هن آخرين طرح هيءَ راءِ قائم ڪئي ته جيڪڏهن موئن جي دڙي واري لپيءَ جي ڪنهن معلوم بوليءَ سان هڪجهڙائي ٿي سگهي ٿي ته اها قديم انڊونيشي ٿي سگهي ٿي. ڊي هيوسي جو خيال آهي ته ايسٽربيٽ ۽ موئن جي دڙي جون ليپيون پاڻ ۾ ايتريون ته گهڻيون ملن ٿيون جو ڪنهن اتفاقي مشابهت جو سوال ئي نٿو اُٿي. انهيءَ ڏس ۾ جي. ايڇ. آر. وان ڪوننگسوالڊ پنهنجي ڪتاب 'اڳ تاريخي انسان سان ملاقات' (Meeting Prehistoric Man) (1956) جي ايسٽربيٽ جي مورتي ليپيءَ واري باب ۾ لکي ٿو ته اهو ڊي هيوسي هو جنهن انهن مورتي اکرن جي هڙاپا ۽ موئن جي دڙي جي اڳ تاريخي ماڳن ۾ ڏنل ساڳي قسم جي نشانين سان پيٽ ڪئي هئي. هن جو چوڻ آهي ته نشانين جي انهن ٻنهي مجموعن جي وچ ۾ ٿوري گهڻي مشابهت آهي ته هڪڙو ٻئي مکيه فرق به آهي. ايسٽر پيٽ جا مورتي- اکر خاڪن ۾ آهن. جڏهن ته سنڌو ماٽريءَ وارا رڳو نشان آهن."

سو موئن جي دڙي جي ليپيءَ ايسٽربيٽ ۽ سماترا جي قديم انڊونيشيءَ جي وچ ۾ مشابهت هڪ پرولي آهي. جيڪا اڄ تائين پڄي نه سگهي آهي. انهيءَ ڏس ۾ شايد سميريا وارن جي ليپيءَ جي اوسر جو اڀياس فائدي وارو ٿئي. اهو فرض ڪندي ته اڳتي هلي موئن جي دڙي واري ليپيءَ جون ڪي وڌيڪ ۽ مختلف قسمن جون روپ- مورتي نشانيون لپندیون. سمجهيو وڃي ٿو ته لکڻ جو هنر سميريا وارن ڪڍيو هو ۽ ميسوپوٽيما جا ڇپر شڪل اکر (Cuneiform) ۽ مصر جا مورتي اکر پنهنجي نموني ۽ سميرجي اوائلي اکرن مان ئي اسريل ڇيا وڃن ٿا جيڪڏهن هيءُ نظريو صحيح آهي ته يونوچي لوڪن جو هڪ وڏو نسل هڪڙي طرف سمير ڏانهن ۽ ٻئي طرف پاڪستان ۽ وچ ايشيا ڏانهن فارس مان لنگهيو هو. ته پوءِ ٿي سگهي ٿو ته موئن جي دڙي جي بوليءَ کي پڙهڻ لاءِ سميري ليپيءَ جي اوسر جي چڪاس وڌيڪ فائدي واري وات ثابت ٿي. پر شرط آهي ته گهربل ساک ملي. جيڪڏهن مٿيون نظريوصحيح آهي ته پوءِ ممڪن آهي ته اهي ماڻهو پاڻ سان اهو ڪجهه ڪٽي آيا هجن. جنهن جو سمير جي اوائلي ليپيءَ سان ڪو واسطو هجي. متان اوائلي سميري اکرن ۽ موئن جي دڙي جي ليپيءَ جي وچ ۾ ڪا ڪڙي ملي پوي. پر جي هن مونجهاري ۾ انڊونيشيا وارن جي به ڪا جاءِ سچ پچ هئي ته اها ڪٽي هئي؟ سو اڃا تائين نبري نه سگهيو آهي.

موئن جي دڙي ۾ ڪا گهڻي انساني باقيات نه ملي آهي. سرجان مارشل جي يادگار تصنيف 'موئن جو دڙو' ۽ سنڌو تهذيب. (1931ع) جي ٻئي جلد ۾ اتان لڌل هڏاون پڃرن ۽ کوپڙين

جو بيان آهن. اهي هي آهن: هڪڙيون ٽي کوپڙيون منڊ آسٽريليائي نسل جون هيون ۽ ڏنو ويو ته موئن جي دڙي وارين ۽ کوپڙين جي تازو نابود ٿي ويل تسمانيا واري نسل ۽ يورپ ۽ اُتر آفريقا جي اڳ تاريخي هومو نيندر ٿالين سان ويجهي مشابهت هئي. انهن نسلن جي کوپرين جي ماپ 1400 ۽ 1500 مڪعب سينٽي ميٽرن جي وچ ۾ هئي. ٻيون ڇهه کوپڙيون اهڙيون لڏيون ويون آهن. جن کي ڏسي لڳي ٿو ته اهي نج پونوچي نسل جون آهن ۽ نمونا بلوچستان جي نال واري کوپڙيءَ سان ۽ ڪش اهجاٽن جي بڪسٽن واري بيان جي کوپڙي نمبر 4 سان پوريءَ ريت ٺهڪي اچن ٿا. ڪتاب ۾ جاٽايل آهي: "اسان وٽ جيڪا معلومات آهي، تنهن ۾ هڪ نه ٻي طرح جي ساک اهڙي اٽئون ته انهيءَ قسم جي ٽن جيئرن ماڻهن جو قد ڪيترو هو. انهن مان هڪ مرد ۽ ٻه زائفائون آهن. مرد جو قد 5 فوٽ 41/2 انچ هو. ٻنهي زائفائن جو قد انهيءَ کان گهٽو ننڍو هو. هڪڙيءَ جو 4 فوٽ 9 انچ ۽ ٻيءَ جو 4 فوٽ 41/2 انچ هو. هڪ کوپڙي الپائن نسل جي منگول شاخ جي لڏي وئي هئي. هيءَ کوپڙي پنهنجي نسل جو پورو نمونو هئي، ۽ درجي بنديءَ جي خيال کان ان جي ناگا کوپڙيءَ سان پيٽ ڪري سگهجي ٿي. ٻنهي جي وچ ۾ ويجهي مشابهت کي ڏسندي انهيءَ ڳالهه ۾ ڪو شڪ نٿو رهي ته انهيءَ کوپڙيءَ جو مالڪ ڪهڙي نسل مان هو. موئن جي دڙي جي اهجاٽن ۾ چار کوپڙيون الپائن نسل جون به شامل آهن. انهن کوپڙين بابت ان کان وڌيڪ معلوم ڪرڻ ممڪن نه هو ۽ انساني نسلن جي جهن ڇاڻوءَ اهي کوپڙيون چڪاسون هيون، سو اهو ڪونه ٻڌائي سگهيو ته اهي کوپڙيون الپائن نسل جي ڪهڙي شاخ سان واسطو رکندڙ ٿي سگهيون ٿي.

هڻ آيل ثابتي ڪم جهڙي آهي ۽ انساني باقيات جي تشريح مان اهڙو ڪو پختو نتيجو ڪيڻ ممڪن نه آهي ته چار پنج هزار ورهيه اڳ موئن جي دڙي جا رهواسي ڪهڙي نسل مان هئا. هيءَ ڳالهه دلچسپيءَ واري آهي ته جنهن ناڇٽي ڇوڪريءَ جو پنگار مان ٺهيل بت هڻ آيو آهي، تنهن کي انهيءَ ساڳي منڊ آسٽريليائي نسل جو ڪري ڄاتو ويو جنهن نسل جون ٽي کوپڙيون موئن جي دڙي مان مليون آهن. انهيءَ حقيقت مان ته جيڪي به کوپڙيون لڏيون آهن، تن مان گهڻيون پونوچي نسل جون آهن، هيءُ انومان ڪڍي سگهجي ٿو ته سنڌو ماٿريءَ جو اڪثر آدم پونوچي نسل مان هو. اهو انومان هن امڪان سان ٺهڪي اچي ٿو ته شروع شروع ۾ هندستان ۾ جيڪي به ماڻهو رهندڙ هئا يعني آڳاٽا لوڪ، جي هاڻ هن سرزمين تان گهٽي ياڳي نابود ٿي ويا آهن، تن تي پونوچ وارا لوڪ چڙهي اچي ڇائنجي ويا هئا. ٻي (ڏهـ ـ صدي ق.م) جي وچ ڌاري ڪاهي ايندڙ آرين جيڪو تمدن اوج تي ڏنو هو سو انهن پوٽوءَ جي لوڪن جو برپا ڪيل هو تمدن جيڪو نيل ماٿريءَ دجلي ۽ فرات واري ماٿريءَ ۽ سنڌوماٿريءَ ۾ موجود تمدن سان ڪافي مشابهت رکندڙ هو. انهيءَ مسئلي کي تن ڏينهن ۾ هندستان جي اڪثر آدم شماريءَ جي نسلي جوڙجڪ جي ڪنڊ کان ڏسندي بنا کٽکي جي چئي سگهون ٿا ته تڏهوڪا رهواسي تن لوڪن جا مائٽ هئا، جن کي اڄڪلهه دراوڙ سڏيو وڃي ٿو.

سنڌو ماڙيءَ جي تمدن کي پهڻ ٽامي وارو تمدن سڏيو ويو آهي. پر اهو اصطلاح غلط فهميءَ جو باعث ٿي سگهي ٿو. جيڪي هيئين ۾ هينيان تهه کوٽي کڻيا ويا آهن، اتان ٽامي ۾ پنگار جون شيون لڌيون آهن، ۾ پڻ پهڻ جي نئين زماني جون شيون هٿ آيون آهن. توڙي جو آڪاڙي اهجاڻن جا جاڙو انهيءَ راءِ جا آهن ته اهو ماڳ پهڻ واري زماني ۾ ڪوٽانيڪو ماڳ نه هو. اها ڳالهه ته ڏاتوءَ جي وٽن سان گڏ کي پهڻ جا اوزار به هٿ آيا آهن، سا انهيءَ کان وڌيڪ ڪجهه ثابت نٿي ڪري ته اهي اوزار تنهن زماني ۾ واپرايا ويندا هئا ۾ نه اهو ته ڪو اهي اهڙن ماڻهن جا ناهيل آهن، جي پهڻ جي زماني واري تهذيب جا رهواسي هئا. موئن جي دڙي ۾ هڙاپا جو تمدن پنگار واري زماني جو تمدن هو ۾ ان جو پهڻ جي نئين زماني واري تمدن سان ڪو واسطو نه هو جي هو ته تمام گهٽ هو. جيڪڏهن اڃوڪي تهذيب امالڪ ناس ٿي وڃي ۾ ان جا اهجاڻ باقي رهن ته آڪاڙن اهجاڻن جي ايندڙ جاڙن لاءِ هيءَ انومان ڪڍڻ ممڪن هوندو ته ويهين صديءَ جي يورپ وارن عام استعمال جي شين جهڙوڪ اُکرين ۾ مُهرين، روهين، جنڊن، ڪاتيءَ جي هٿين، پر جي ڪتبن وغيره لاءِ پهڻ ڪم آڻڻ ڪونه چڏيو هو. سو انهيءَ نموني جي ڪا سمجهاڻي موئن جي دڙي وارين حالتن سان ٺهڪي ايندي، هت جيڪي پهڻ جا اوزار لڌا ويا آهن. سي گهڙو ڪري ڳاري جي ساري ڇل آهن، جا ڪاتيءَ طور ڪم ايندي هئي ۾ جين پهڻ تان اها ڇل لاٿي وئي هئي، سي پڻ گهڙن گهرن ۾ ملیا آهن. مڪي ايئن چوڻ ۾ بلڪل حق بجانب آهي ته شڪ ناهي ته اهي ڪاتيون ڏاتوءَ جي ڪاتين کان سهانگيون ۾ شايد ڪن ڪمن لاءِ انهن جيتريون ڪارائتيون هيون.

موئن جي دڙي جي جيڪا کوٽائي هن وقت تائين ٿي آهي، تنهن کان وڌيڪ اونهي کوٽائي ڪرڻ ممڪن نه آهي. ان جو سبب هيءَ آهي ته سنڌوءَ جو ترو هوريان هوريان مٽي ٿيندو رهندو آهي ۾ وقت گذرڻ سان ان جو مٿاڇرو تر جي زمين کان به مٽي ٿي ويندو آهي. پنج هزار ورهيه اڳ جيڪا درياء جي سطح هئي. اڄ تنهن کان ڪجهه فوٽ مٽي آهي. مڪي ڄاڻائي ٿو ته جتي کوٽائي هڪ مڪيه دڙي جي مٿاڇري کان 40 فوٽ اونهي ٿي آهي، اتي لڏل وِٽون اهڙيون ئي آهن، جهڙيون پوءِ وارن تهن مان هٿ آيون آهن. انهيءَ اونهائيءَ کان هيٺ کوٽائي نٿي ٿي سگهي، توڙي جو اها ڳالهه صاف ظاهر هئي ته پٽيون سمر واري زمين ۾ ايڏا به هيٺ هليون ويون ٿي. انهيءَ ڪري ايئن وسهڻ بلڪل واجب آهي ته شهر جا بنياد تن سطحن کان گهڻا آڪاڙا آهن، جن تائين هاڻوڪي کوٽائيءَ رسڻي پهچڻ ممڪن ٿي سگهيو آهي. موئن جي دڙي جي سمورن سطحن جي وچ ۾ تمدن جي جا هڪجهڙائي ۾ هڪ ڪرائي ڏسڻ ۾ اچي ٿي، تنهن مان ايئن ٿو پائنجي ته هيئين ۾ هينين سطحن وارا رهواسي آخرين زماني جي رهواسين کان ڪي گهڻ سڌريل يا وڌيڪ جڳ ڪونه هئا. سر جان مارشل چواڻيءَ، انهيءَ جو مطلب آهي ته جديد کوٽاين رستي سنڌو ماڙيءَ جي رهواسين وٽ تمدن جي اعليٰ معيار

جون ثابتيون مليون آهن. تنهن معيار تائين پهچڻ ڏيکاري ٿو ته انهيءَ تهذيب ضرور وڏي حياتي ماڻي هوندي.

جيتوڻيڪ موئن جو دڙو سنڌ اندر سنڌو تهذيب جو وڏي ۾ وڏو ۽ مکيه ماڳ آهي، پر اهو جهوني ۾ جهونو نه آهي. موئن جي دڙي کان 80 ميل ڏکڻ ۾ آمريءَ جو ماڳ وڏيڪ آڳاٽو آهي ۽ خيرپور شهر کان ڏهاکو ميل ڏکڻ ۾ تازو لڌل ڪوٽڏيجيءَ جي ماڳ کي به موئن جي دڙي کان آڳاٽو سمجهيو ويڄي ٿو. راقم الحروف 1956ع ۾ ڪوٽڏيجي ويو هو. اتي هن ته ٿه بنديءَ جا ڪيترا ئي نشان ڏٺا. مختلف تهن جي مٽيءَ ۾ رنگ جي فرق توڙي مختلف سطحن ۾ لٽجي ويل ملبي جي نوعيت ٻڌايو ٿي ته ڪيترو وقت ٿي چڪو آهي. آمريءَ جي ماڳ جي کوٽائي اهميت واري سمجهي ويڄي ٿي. ڇاڪاڻ جو ان سان سنڌوءَ تهذيب جي انهن اوائلي ڏينهن ۾ ٽڪر جي واپرائڻ جي تاريخ تي روشني پئي آهي. ٽڪرائي ساک تمام منجهيل ۽ پيچيدي آهي. استوئارٽ پگٽ پنهنجي ڪتاب "اڳ تاريخي هندستان" ۾ انهن مونجهارن جي سني اپٽار ڪئي آهي. فارس ۾ ٽڪر تي چٽسالیءَ جا جيڪي ڏاڻا واپرايا ويندا هئا، تن جي آڌار تي اُتان جي تمدن جي درجي بندي ڪئي وئي آهي. اُتر ۾ ڳاڙهي رنگ تي چٽسالي ڪئي ويندي هئي ۽ ڏکڻ ۾ ڪاري رنگ تي. استوئارٽ پگٽ ٻڌائي ٿو ته بلوچستان ۾ به ساڳيو فرق ڏسي سگهجي ٿو يعني اُتر جا ٽانوَ ڳاڙهي چٽسالیءَ وارا آهن ۽ ڏکڻ ۾ ڪاري چٽسالیءَ وارا، ۽ ڏکڻ بلوچستان ۽ سنڌ جي ڪاري رنگ تي چٽسالیءَ وارن علائقن اندر ٻيو چوٽيون درجي بنديون ڪيون ويڄن. هو دنيا جي هن پاڻي جي ٽڪرائي جي درجي بندي اجهو هيئن ڪري ٿو: "(الف) ڪاري رنگ تي چٽسالیءَ وارا تمدن: (1) بولان لڪ جي ماڳن جو ڪوئيٽا وارو تمدن، (2) ٻن ماڳن جو آمري ناتمدن، جن ماڳن مان پهريون سنڌ اندر ۽ ٻيو بلوچستان اندر نال ماڙيءَ جي مهڙ وٽ آهي، ۽ (3) ڏکڻ بلوچستان اندر ڪولرا واري ماڳ جو ڪلي تمدن. (ب) ڳاڙهي رنگ تي چٽسالیءَ وارا تمدن: (4) اتر بلوچستان جي زوب ماڙيءَ وارن ماڳن جو زوب تمدن" آمري نال تمدن بابت استوئارٽ پگٽ چوي ٿو: "اهو ٽڪرائي جي قسمن جي هڪ اهڙي گروهه ۾، جو هونئن ته ساڳيون خاصيتون رکندڙ آهن، فرق جا به ڇيهه نروار ڪري ٿو. ٽڪرائي جي انهن قسمن کي ٽن مرحلن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. قسمن موجب درجي بنديءَ جي لحاظ کان اوائلي ۾ اوائلي سنڌ اندر آمريءَ وارو ٽڪرائو آهي، جتان جا مخصوص ٽڪر ٽانءَ پهرين مجمدار سڃاتا هئا. پوئين مرحلي جي ٽڪرائي بلوچستان ۾ استائين ۾ ڳولي لڌل نندرا وارو ماڳ وچ واري مرحلي جي نمائندگي ڪري ٿو." هو سمجهي ٿو ته ٽڪرائي جا اهي قسم واقعي لاڳاپيل آهن ۽ ٻيون ڳالهين، جهڙوڪ ٽن مرحلن جي ٽڪرائي ۾ جانورن توڙي ماڻهن جي مورتين جي نه ملڻ ڪري انهن کي هڪ ئي سري هيٺ رکڻ بي واجبي نٿو لڳي. انسائيڪلوپيڊيا برٽينيڪا (تازو ڇاپو) ۾ انهيءَ قدري محتاط رايو ظاهر ڪيو ويو آهي. ان ۾ چيل آهي ته بل ۽ اسيريا جي چٽسالیءَ واري ٽڪرائي جي فارس، بلوچستان، سنڌو ماڙيءَ ۽ ويندي چين جي اوائلي چٽسالیءَ

وارن ٽانون سان هڪجهڙائيءَ تي ويچار ڪيو ويو آهي. ۽ ايڏا تائين ماهر ڪنهن هڪ راءِ تي نه پهتا آهن.

چئمبرز انسائيڪلوپيڊيا جي تازي ڇاپي ۾ 'بئبيلونيا' نالي ليک جو لکندڙ چوي ٿو ته: آڪاٽن اهڃاڻن جي ڪن ڄاڻن کي انهن جي ايراني ٺڪرن جي چٽسالي ٽيل ٺڪراڻي وارن تمدنن سان مشابهت ڏسڻ ۾ آئي آهي ته ڪي وري انهن کي اُتر ڏانهن آڻين ٿا. اهو پڻ غير يقيني آهي ته هي اهي ئي ماڻهو هئا، جن کي اسين اڄڪلهه سميري ڪري سڃاڻو ٿا. سمير ۾ تاريخ يعني سمجهه ۾ ايندڙ لکيل فقرن جي شروعات ۾ سن ڪهڙو آهي، سو يقين سان نٿو چئي سگهجي، پر ٽي سگهي ٿو ته اهو 3000 ق.م جي لڳ ڀڳ هجي. آڪاٽن اهڃاڻن جي ڄاڻن معلوم ڪيو آهي ته انهيءَ زماني ۾ عظيم الشان عبادت گهرن ۾ مڪمل رٽائن وارين جاين سان وڏا وڏا شهر موجود هئا، ۽ شهر جي پيچيدي جوڙجڪ پڻ. اهي سمير وارا ڏاتوءَ مان شين جوڙڻ، نامي پلٽڻ، پهڻ چلڻ ۽ گهڙڻ ۾ پڙ هئا. اُر جي شاهي قبرستان مان نڪتل خزانا چڱي چوکي پرڏيهي واپار جي ساک پرين ٿا. انهن ۾ ايراني نار جا ڪوڏ آهن، افغانستان جا لاجورد آهن، سون چاندي ۽ پٽل آهن جي ضرور ڏورانهن جبلن کان آيا هوندا، ۽ نفيس پٿر جهڙوڪ: ڪئلسائيٽ، آبسيڊيئن ۽ ڊايورائيٽ آهن، جن مان ڪوبه عراق ۾ نٿو ٽئي. انهن سميرين جي تاريخ جو اڀياس ڪندي سنڌن تمدن ۽ اولهه پاڪستان ۾ سنڌو ماٽريءَ اندر لڌل تمدن جي وچ ۾ غير معمولي مشابهت کي محسوس ڪرڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي.

ويندي اوائلي گهراڻن واري زماني ۾ جڏهن سمير جو ڪو هڪڙو حاڪم نه هو، تڏهن به اُتي ڪيئي شهري رياستون جهڙوڪ اريدو اُر اريڪ، لارسا، اُمان، اداب، شروپڪ، ڪسورا، نپور وغيره هيون. عين ممڪن آهي ته سنڌوماٽريءَ ۾ به اهڙو ئي ڪو گهراڻن واري جوڙجڪ هجي، جنهن جي هڪڙي رياست هڙاپا ۽ پي موئن جو دڙو هجي ۽ ننڍين ننڍين جاتين جو هڪ پيچيدو سلسلو هجي، جيڪو ڳوٺن ۽ شهرن جي شڪل ۾ لٽاسي پٽ تي ڦهليل هجي. گلن ڊئنيل چئمبرز انسائيڪلوپيڊيا جي تازي ڇاپي ۾ 'هندستان جا آڪاٽا اهڃاڻ' نالي ليک ۾ انهيءَ حقيقت ڏانهن ڌيان ڇڪائي ٿو ته مجمدار سنڌ ۾ جهڪڙ وٽ جيڪو تمدن سڃاتو آهي، اُتي جي خاص ڳالهه ٺڪر جا ڪاري ۽ ڦڪي چٽسالي۽ وارا ٽانوَ نامي جون گول مٽن سان ٽاڇنيون آهن، هو چوي ٿو ته، بلوچستان جي پوءِ واري جهڪڙ تمدن جي شين، مئڪن ۽ بين هلڪين وِٽن جي موئن جي دڙي جي آخري دؤر اناءُ III ۽ هسار III جي وِٽن سان ويجهي هڪجهڙائي ڏني وئي آهي. ساڳيو ليڪ انومان ٿو ڏيڪاري ته سنڌو تهذيب جو ڏر شايد ٽانيڪن ڪڙمين جا ننڍا ڳوٺ هئا، جي 3000 ق.م ڪان اڳ بلوچستان ۾ ٻڌا ويا هئا. آڪاٽن اهڃاڻن جي ڄاڻن لاءِ انهن ڳوٺن جي خاص ڳالهه ڏڪڻ ۾ ڪاري ۽ ڦڪي چٽسالي۽ وارو ٺڪرائو ۽ اُتر ڪاري ۽ ڳاڙهي چٽسالي۽ وارو ٺڪرائو آهي. ڪاري ۽ ڳاڙهي چٽسالي۽ وارو ٺڪرائو چڱو ڏسڻ ۾ آيو آهي ۽ پڳٽ کي اهو تمدن اُتر بلوچستان جي سرجنگل، پريائي گهنڊائيءَ، مغل گهنڊائيءَ ۽

ڪوداڻيءَ جهڙن ماڳن تي نظر آيو ڪاري ۽ ڦڪي چنسالييءَ وارو ٺڪراڻو ڏکڻ بلوچستان ۾ نال، ڪوئيٽا، ڪُلي ۽ شاهي تمپ وٽ ۽ سنڌ ۾ آمريءَ وٽ لڏو آهي. ڊينيئل جو چوڻ آهي ته هڙپا، موئن جي دڙي ۽ چانهون دڙي جي شهري تهذيب جي ٺڪراڻي جي ٻنهي مجموعن سان نسبت آهي ۽ اها بلوچستان جي آڳاٽن ڳوٺن ۾ وسندڙ ڪڙمي جاتين مان اُسريل لڳي ٿي، توڙي جو شهري حياتيءَ جو خيال ۽ ڏاڻ ضرور ڪنهن نه ڪنهن طرح دجلہ فرات ماڻريءَ جي اوائلي شهرن کان ورتو ويو هوندو.

راقم الحروف جي خيال ۾ سنڌو ماڻريءَ جي تهذيب کي اڳوڻي بلوچستان جي ٽانيڪن ڪڙمن جي ڇڙوڇڙ ڳوٺن مان اُسريل سمجهڻ قدري خطرناڪ ٿيندو. خاص ڪري تڏهن جڏهن گهٽي ياڳي ساک انهيءَ ايراضيءَ ۾ لڏل ٺڪراڻي جي نمونن ۾ هڪجهڙاين تي ٻڌل نظر اچي ٿي. ائين به ٿي سگهي ٿو ته بلوچستان جي انهن لوڪن ۾ تن واپارين جي وڏندڙ ويجهندڙ تنظيم جي وچ ۾ ڪلهه وچڙ رهي هجي، جن هڙپا ۽ موئن جي دڙي جا شهر جوڙيا. پر پڪ ئي پڪ انهيءَ ڳالهه جو پاڻ وڌيڪ امڪان آهي ته سنڌو ماڻريءَ جي تهذيب ۽ دجلہ فرات ماڻريءَ جي تهذيبن ۽ سيستان ۽ ٻين اهڙن تمدنن جي مرڪزن جي وچ ۾، جن جي سر آريل استائين چوڪ چڪاس ڪئي هئي، هڪجهڙن انگن جو هجڻ انهيءَ ڳالهه جو پختو ڏس آهي ته سنڌو ماڻريءَ جي تهذيب کي جوڙيندڙ اثر ڪٿي ڳوليا ويڙن. اهي جوڙيندڙ اثر ضرور پونوچي لوڪن جي پالوٽ سان آيا هوندا. اهي لوڪ جيئن هن ڪتاب ۾ اڳيئي قياس ڪيو اٿئون، وچ يورپ يا اولهندي ايشيا مان ڪٿان هڪ ئي وهڪري جي شڪل ۾ نڪتا هئا ۽ پاڻ سان حياتيءَ جو اهڙو ڏاڻ ڪٽي هليا هئا، جنهن جي آڌار تي مصر، ميسوپوٽيميا سنڌو ماڻريءَ ۽ شايد چين جون درياهي تهذيبون پڻ جڙيون هيون. هاڻ آڳاٽن اهجاڻن جي ڄاڻن جو عام رايو هيءَ ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته سنڌو ماڻريءَ جي تهذيب 2500 ق.م ڪان وٺي هڪ هزار ورهين تائين موجود هئي ۽ 2500 ق.م ڪان اڳ اها ضرور ڇڪي ڍڳهي عرصي تائين پيدائش جي شروعاتي مرحلي ۾ رهي هوندي انهيءَ مرحلي جا تفصيل ايڏا معلوم نه ٿي سگهيا آهن.

سنڌو ماڻريءَ جي تهذيب جي پڇاڻي ڪٿي ۽ ڪيئن ٿي؟ سو يقيني طرح معلوم نه آهي. استوئارٽ پگٽ ۽ سرمارٽيمر ويلر جو انومان آهي ته ڪاهي ايندڙ آريا لوڪن ٻي ڌهـ صدي ق.م جي وچ ڌاري انهيءَ تهذيب جو انت آندو. سندن خيال ۽ ننڍي ڪنڊ جي اُترين ياڳي تي چڙهي ايندڙ آرين جون لڪتون ڏيکارين ٿيون ته سنڌو ماڻريءَ جا شهر اهڙا قلعا هئا، جي هنن تباهه ڪيا. سر مارٽيمر ويلر ته ائين ٻه چوي ٿو ته اهو هاڻ عام طرح مڃيو وڃي ٿو ته رگ وید ۾ جن شهرن جو ذڪر آهي، سي حقيقت ۾ سنڌو ماڻريءَ جا شهر آهن، ۽ اهو ته هي شهر آرين پندرهين صدي ق.م ڌاري تاراج ڪيا هئا. هيءَ رايو ڪيترن عام سببن جي ڪري شڪ جوڳو لڳي ٿو. انهن مان مکيہ سبب هيءَ آهي ته جهڙيءَ ريت آرين اُترين هندستان جا وڏا ويڪرا علائقا وسائي انهن کي ائين ڪٽي چٽجي ته 'آريائي' ڇڏيو هو، تهڙيءَ ريت سنڌوماڻريءَ اندر درياهه جي چوڙ واري تر ۾ سندن وسڻ جي ڪا

پختي روايت نٿي ملي. هاڻي تائين ائين پئي سمجهيو ويو آهي ته آرين جي ڪاهه واري ويڑ پنجاب ۾ اُتر کان درياهه جي پاسي مان لنگهي گنگا ۽ جمنا ماٿرين سان لڳو ڳ اُترين پٽن ۾ وڃي پئي هئي.

هندستان- پاڪستان ننڍي کنڊ جي تمدني تاريخ هن راءِ جي پوري پوري پٽيرائي ڪندي نظر اچي ٿي ته هيٺين سنڌو ماٿريءَ پهرين آريائجن کان رهجي وئي هئي. سنڌ ڏيهه ۽ راجپوتانا ۽ واريءسن پٽن جو آريائجڻ ضرور پوءِ ٿيو هوندو. اهو آريائجڻ ضرور ٿورا ٿورا ڪري گهڙي ايندڙ آرين جي هٿان تنهن کان پوءِ وارين صدين ۾ ٿيو هوندو. جڏهن فاتح آريا ننڍي کنڊ جي تن پاڻ ۾ پير پختا ڪري ويا هوندا، جن تي هو پوريءَ ريت حاوي ٿي چڪا هئا ۽ جتي هنن پنهنجي هولي رائج ڪئي. جيڪڏهن وچولي ۽ هيٺينءَ سنڌو ماٿريءَ وارا علائقا آرين جي پهرين سوپ ۾ شامل هئا، ته پوءِ اها عجيب ڳالهه آهي ته انهن علائقن ۽ ننڍي کنڊ جي تن علائقن جي وچ ۾، جن بابت مڃيو وڃي ٿو ته اهي آريائجي ويا هئا، جا تمدني لهه وچڑ ڪافي وقت پوءِ نظر اچي ٿي، سا پهرين سوپ واري زماني ۾ ايتري گهٽ هجي. يقيناً، جيڪڏهن فاتح آريا سردارن وچولي ۽ هيٺينءَ سنڌو ماٿريءَ ۾ بادشاهتون قائم ڪيون هجن ها ته اولهه پاڪستان جي علائقن جي پوءِ واري تاريخ ضرور هندستان جي تن علائقن جي تاريخ جهڙي هجي ها، جن علائقن ۾ آرين، داسن کي مات ڪيو ۽ مٽن پنهنجي ويدن واري هولي مڙهي.

1500 ق.م سنڌو تهذيب جي شهري (mature urban period) ۽ 325 ق.م جي وچ ۾ جڏهن سڪندر اعظم پنهنجا ٻيڙا سنڌوءَ منجهان لهوارا هاڪاريا هئا، سنڌ جي حالت ڪهڙي هئي، تنهن بابت اسان کي ڪا جاڻ نه آهي. گمان آهي ته سنڌي هولي پراڪرتن جي اوسر جي ڪنهن پوئين مرحلي ۾ سنڌ اندر جاءِ ڪري ورتي هئي، ڇاڪاڻ جو سنڌي پاڻ ۾ ٻاهرين سٽ جي هولي آهي، پر سنڌيءَ جو ملڪ جي اصلوڪن رهاڪن جي هولي ٿيڻ کان اڳ ڇا ڇا ٿي گذريو هو، تنهن جي اسان کي ڪا جاڻ ڪانهي. رگ وید جي پهرين منڊل جي جنهن اشلوڪ کي استوئارت پگٽ آرين هٿان هيٺين سنڌو ماٿريءَ جي ڪوٽ آيل شهرن جي تباهيءَ جي ساک پريندڙ ٻڌائي ٿو، سو بنهه ٺلهو آهي ۽ دل سان نٿو لڳي. انهيءَ اشلوڪ ۾ ڪم آيل ترڪيبون بيحد اڻ ڇڻيون ۽ عام رواجي آهن، اهڙيون جو انهن مان ڪو به اهڙو قلعو مراد وٺي سگهجي ٿو، جيڪو آرين ناس ڪيو هجي. اهو شايد نسورو اتفاق آهي ته جنهن زماني ۾ موئن جي دڙي جي تهذيب پوٽي پئجي پوري ٿي، تنهن ساڳي زماني ۾ ڪاهي ايندڙ آريا سوپون ڪٽندا اُتر اولهندي لڪن تان ڏوڪيندا اچي رهيا هئا.

موئن جي دڙي واري تهذيب جو انت ڪيئن آيو؟ تنهن جا ڪاهي ايندڙ دشمن هٿان تباهيءَ کي ڇڏي ڪي ٻيا سبب به ٿي سگهن ٿا. انهيءَ تهذيب هڪ هزار ورهيه جٽاءُ ڪيو هو. اها تاريخي حقيقت آهي ته عام طرح تهذيبون پنهنجي منڊ واري سگهارائيءَ ۽ پختائيءَ جي آڌار تي ايترو گهٽو وقت جٽاءُ نه ڪنديون آهن. انساني فطرت جو قاعدو ايئن ٿو ڏسجي ته انت ۾ تهذيبون پڻ ساٿيون ٿي مري ويندیون آهن. جيڪڏهن سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب هزار ورهيه تڳڻ کان پوءِ تيتري سگهاري هلوان ۽

ڏاهي نه رهي هئي جيتري اها پنهنجي اوائلي سگهارائيءَ وقت هئي (تحقيق، موئن جي دڙي ۽ هڑاپا جي مٽين ۾ مٽين تهن جي ڪرائي جو ڪريل معيار ۽ اهو ئي ڏس ٿو ڏي)، ته رڳو اها ڳالهه ئي ان کي ڪنهن به ڏرمار ڪندڙ ٽولي لاءِ سٽيو گرهه بنائڻ لاءِ ڪافي هئي. بلوچستان ۽ بروهي علائقا اهڙن ٽولن کان ڪڏهن به خالي نه رهيا آهن. پر جي تهذيب ساڻي ٽيندي وئي ته پوءِ انهيءَ ڳالهه جو امڪان پاڻ وڌيڪ آهي ته ريج جي جنهن سرشتي تي ان جي پوکراهي پاڙيندي هوندي، سو ضرور غفلت جي ور چڙهي ويو هوندو. بابليه جي شهري رياستن سان ائين ئي ٿيو هو. تنهن کان سواءِ، سنڌو ڏاڍي پورالي ندي آهي ۽ وڏا راڳا ڪري ڇاڻي. ويندي هن وقت به جڏهن ان کي سنڌ منجهان لنگهندي وڏن وڏن بچاءُ بندن جي وچ ۾ سوگهو ڪيو ويو آهي ته جيئن آبڪلاڻيءَ جي مند ۾ ان جو غيض ۽ غضب هٽ وس رهي. تڏهن به وقتي طور اها بچا بندن اندر ميل هن جي دڳ مٽ ڪريو ويج. ريج جي جنهن سرشتي تي موئن جو دڙو تڳندڙ هو تنهن کي سنڌوءَ جي ننڍڙي دڳ مٽ به بيڪار ڪريو ٿي سگهي.

جي ائين هو ته پوءِ اسان وٽ موئن جي دڙي ۾ ان جي علائقي جي پڇاڻيءَ جي ٺهيل ٽڪيل سمجهاڻي موجود آهي. ارنيسٽ مڪي، جو پاڻ موئن جي دڙي جي کوٽائي ڪرائڻ ۾ مکيه هو سو به هيءَ ڳالهه نٽو ميجي ته ڪو موئن جي دڙي جو انت آرين جي ڪاهي اچڻ ڪري ٿيو هو. مڪي چوي ٿو "جيتوڻيڪ هيءَ ڳالهه هاڻ يقيني نظر اچي ٿي ته موئن جي دڙي تي ان جي پوئين تاريخ جي گهٽ ۾ گهٽ هڪڙي دور ۾ دشمن چڙهي آيا هئا، پر اهي دشمن ڪير هئا، سو اڃا ته پڪيءَ طرح معلوم نه ٿي سگهيو آهي." مڪي جو پنهنجو پختو لاڙو ايئن وسهڻ ڏانهن آهي ته اهي دشمن اولهه پاڪستان پرڳڻي جي بلوچستان واري علائقي کان آيا هئا، جو شايد تڏهن، جيئن سو ورهيه اڳي تائين، سرڪش ۽ جنگجو قبيلن جو وطن هو. هو سمجهي ٿو ته اهي قبيلا موئن جي دڙي لاءِ ان جي پوين ڏينهن ۾ ئي خطرو بڻيا هوندا. جڏهن شهر جي زوال ان کي حملي جوگو ڪري ڇڏيو هوندو. ڇو جو ماڻهن جا جيڪي به هڏاوان پڇرا لڏا ويا آهن، سي سڀ مٽين تهن مان نڪتا آهن. مڪي چوي ٿو ته "انهن دشمنن کان سواءِ جن پوين ڏينهن ۾ منهن ڪڍيو هئس، موئن جي دڙي جو هڪڙو ويري اهڙو هو جنهن سان شايد منڊ کان ئي مهاڏو هئس. اهو ويري هئس سنڌو درياءَ." سندس چوڻ آهي ته شهر جي ٻن الڳ الڳ سطحن تي، جن مان هڪڙي ٻيءَ کان گهٽي هيٺ آهي، پتين جي کوهن جي اوساريءَ جو ويڙل هجڻ ڏيکاري ٿو ته موئن جي دڙي جي تاريخ جي اوائل ۾ ٻوڏ آئي هئي ۽ ٻي ٻوڏ سان ان جو زوال شروع ٿيو. ٻنهي موقعن تي ماڻهو نسبتي طرح ٿوري وقت ۾ شهر خالي ڪري ويا پر جڏهن سمورو خطرو ٽري ويوس، تڏهن وري اچي ويٺا. مڪي جو انومان آهي ته موئن جو دڙو ڪڏهن به گهٽو نه ٻڏو هوندو. پر شهر کي وري وري اڏڻو پيو هوندو ۽ اها نئين اڏاوت هيئن ڪئي وئي ته گهر ۾ پرپاسي واري پٽ کان مٽيرو جوڙيا ويا. سو سنڌو ماٽريءَ جي تهذيب جي انت جي سيني ۾ امڪاني سمجهاڻي هيءَ آهي ته اهڙي وقت جڏهن اها هيٺي ٽي چڪي هئي، تڏهن ان تي گوناگون ويري چڙهي آيا هئا، جن ۾ ڪاهي

ايندڙ دشمن قبيلن، سنڌوندي‌ءَ جي دڳ مٽ ۾ ريج جي واهن جي بربادي‌ءَ پنهنجو پنهنجو پاڻ ورتو هوندو. ايئن وسهڻ وڌيڪ سلامتي‌ءَ وارو آهي ته موئن جو دڙو ۾ ان جي تهذيب انهن ئي سببن جي ڪري نابود ٿي هئي، ۾ نه، هندستان- پاڪستان ننڍي کنڊ جي تمدني روايتن جي برخلاف. ايئن وسهڻ ته جيئن آريا گنگا ۾ جمنا جي ماٿرين منجهه ڪاهي پيا هئا، تيئن ئي سنڌو ماٿري‌ءَ جي چيڙي تائين ڪاهيندا آيا هئا ۾ اتي جا ڳوٺ ۾ شهر ڏٽا هئائون، سي تاراج ڪري هليا ويا هئا ۾ پنڌتي کو نشان نه ڇڏيو هئائون. اهڙي ڪا سمجهاڻي ناممڪنات مان هوندي.

هن گزيٽيئر جي باب ڏهين ۾ سنڌ جي دلچسپي‌ءَ وارن هنڌن جو بيان ڪيو ويو آهي. انهي‌ءَ باب ۾ موئن جي دڙي، چانهون دڙي ۾ ڪن ٻين اهڙن آڪاڻن ماڳن بابت وڌيڪ تفصيلي معلومات ڏني وئي آهي، جيڪي اهم ثابت ٿيا آهن. موجوده باب ۾ سنڌو تهذيب جي تاريخ ۾ نوعيت جو سرسري جائزو ورتو ويو آهي ۾ اهو ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ته انهي‌ءَ تهذيب جي وڏي ۾ وڏي خوشحالي‌ءَ واري دور وقت جيڪي ٻيا تمدن موجود هئا، تن سان ان جو ڪهڙو لڳ لاڳاپو هو.

ٻڌ ڏرم جي باقيات:

سنڌ ۾ سنڌو ماٿري‌ءَ جي اڪيچار اهجاڻن سان گڏوگڏ ٻڌ ڏرم جي شاگردن لاءِ به دلچسپي‌ءَ جو سامان موجود آهي. سنڌ علائقي اندر ٻڌ ڏرم جي باقيات ٿوري، مقيم حالت ۾ ۽ سڄي ليکي، پلٽاري‌ءَ لاءِ ڪا گهڻي لاپائتي نه آهي. بهرحال، ٻڌ ڏرم جي انهن ماڳن تان ڪي اهڙيون ليون ٿيون آهن، جي چگهي اهميت واريون آهن. سنڌو ماٿري‌ءَ جي تهذيب جي زوال ۽ پڄاڻي‌ءَ واري زماني (لڳ ڀڳ 1500 ق.م) ۽ سنڌ اندر ٻوڌي يادگارن جي وچ ۾ اٽڪل ڏيڍ هزار ورهين جي ڊگهي وٿي آهي، ڇاڪاڻ جو جاڻو هاڻ انهي‌ءَ ڳالهه تي متفق نظر اچن ٿا ته سنڌ ۾ ٻوڌي يادگارن باقيات عيسوي سن جي منڊ واري زماني جي آهي. انهي‌ءَ ڊگهي عرصي دوران اڳوٽي‌ءَ سنڌ جي ڪهڙي حالت هئي، تنهن بابت عملي طرح ڪجهه به معلوم نه آهي. سڪندر اعظم 325 ق.م ۾ سنڌو‌ءَ منجهان لهوارو هاڪاري سمنڊ ڏانهن ويو هو. پلوٽارڪ جي تصنيف 'حياتيون' ۾ انهي‌ءَ مهم جو جيڪو بيان آهي، سو تنهن ڏيهه جي حالت ۽ اتان جي ماڻهن جي سياڻ تي ڪا روشني نٽو وجهي، جنهن منجهان سڪندر لنگهيو هو. پلوٽارڪ رڳو ايترو ٻڌائي ٿو ته سڪندر کي پورس جي شڪست کان ڪجهه وقت پوءِ شوق اچي ٿيو ته سمنڊ ڏسان، سو هن ڪئين ٻيڙيون ۽ ٽلها تيار ڪرايا ۽ واندو ٿيو ته انهن تي چڙهي لهوارو ڪاهي ويو. پلوٽارڪ لکي ٿو ته "هي‌ءَ درياهي مسافري ويڙهن کان آجي ڪانه هئي. سڪندر ڪيترائي ٻيرا پاسي وارن ڏيهن تي ڪاهي ويو ۽ ڪنڊي‌ءَ وارن شهرن تي حملا ڪيائين، جن سيني کي سوين ڪٽندڙ طاقت اڳيان آڙ مڇي پئي" پر ملي لوڪن هٿان ڏري گهٽ ٽڪر ٽڪر ٿي ويو هو. انهن لوڪن کي ننڍي کنڊ جي سيني ۾ جنگجو قوم سڏيو ويو آهي. هن تيرن جو وسڪارو ڪري هنن مان ڪن کي ڪوٽ تان پڃاڻي ڪڍيو ۽ ڪوٽ جي پٽ تي سيني کان پهرين پاڻ چڙهيو انهي‌ءَ ڪوٽ جي گهيري

۾ سڪندر پاڻ سخت ڪاوڙجي پيو. هڪڙو تير زرهه کي چيريندو ڇاتيءَ کان هيٺ پاسرين ۾ گهڙي ويو هئس. پلوٽارڪ چوي ٿو ته سڪندر انهيءَ مهم دوران هڪڙا ڏهه ٻاوا جهليا هئا، جن سابس کي بغاوت تي پڙڪايو هو. هن کانئن سندن عقيدن بابت پڇا ڪئي. سندن جوابن مان لڳي ٿو ته اهي ٻاوا جئن يا ٻئي ڪنهن ڏرم جا پوئلڳ هئا، پر ٻڌ ڏرم جا پوئلڳ نٿا ڏسڻ ۾ آچن.

اهو 250 ق.م ڌاري هو جو اشوڪ پاڻ کي ننڍي کنڊ اندر ڏرم جو وڏو پرچارڪ ثابت ڪيو. هيءَ سڪندر اعظم جي سنڌ واريءَ مهم کان 75 ورهيه پوءِ جي ڳالهه آهي. اسان کي پتو ناهي ته ملي لوڪ ڪير هئا ۽ اهو ڪوٽ ڪٽان هو جتي سڪندر کي ڏري گهٽ موتمار ڏڪ رسيو هو. پر تي سگهي ٿو ته اهو ڪوٽ، جو درياء جي ڪنڊيءَ تي هو سيوهڻ هجي ۽ ملين کي ڪي جاٽو مهاڻا سمجهن ٿا. اهي مهاڻا گهٽو ڪري دراوڙي نسل مان آهن ۽ اڄ ڪلهه گهٽو ڪري مڇين مارڻ ۽ پکين قاسائڻ جو ڪم ڪندا آهن. سيوهڻ ۾ ايڏا تائين هڪڙو پرندڙ سرن جو دڙو آهي، جنهن کي 'سڪندر جو ڪوٽ' سڏيندا آهن. پر ان جي موجوده حالت کي ڏسندي انهيءَ ڳالهه جو ڪو امڪان ڪونهي ته ڪو اهو سڪندر جي ڏينهن جو هوندو. البت مهاڻا اڄ ب- ڇڪي چوڪي تعداد ۾ سيوهڻ کان ويهارو ميل پرتي منچر ڍنڍ تي رهن ٿا.

سنڌ علائقي ۾ ٻڌ ڏرم تي وڏي ۾ وڏي سند هينري ڪزينس (شاهي ايشيائي سوسائٽيءَ جون يادگيريون (ايم. آر. اي ايس) آهي. هن صاحب پنهنجي "سنڌ جون جهونيون وٿون، مختصر تاريخ سان" (The Antiquities of Sindh, with Historical outline) نالي جنهن جي اهم تصنيف ۾ ٻڌ ڏرم جي باقيات جو مفصل ذڪر ڪيو آهي. سنڌ ۾ ٻڌ ڏرم جي اوج جو زمانو اهو ڏسڻ ۾ اچي ٿو جڏهن اسٽوپا جوڙيا ويا هئا، هيءَ جوشيلي پرچارڪ اشوڪ جي لاڏاڻي کان اڳائي سو ورهيه پوءِ جي ۽ نئين سر زور ونيِ اُسرندڙ برهمڻ مت اڳيان ٻڌ ڏرم، جنهن کي تڏهن ست سو ورهيه ٿي چڪا هئا، تنهن جي هيٺائي ڏيڪارڻ کان چار سو ورهيه اڳ جي ڳالهه آهي. برهمڻ مت جي زور وٺڻ ۽ ٻڌ ڏرم جي پوٽي پوڻ ۾ خود ٻڌ ڏرم اندر هڪ وڏي ڏڦيڙ جو ب- هٽ هو. اهو تفرقو عيسوي سن جي ٻي صديءَ ۾ پيدا ٿيو ۽ ان سان ٻڌ ڏرم ٻن فرقن ۾ ورهائجي ويو: هنايان ۽ مهايان. پوئين فرقي جي ڏڪ ڪجهه ڪجهه برهمڻ مت واري هئي. جيئن ڏرم ۽ ٻڌ ڏرم ڇهين صدي ق.م ۾ آرين جي ويدڪ ڏرم اندر حد کان وڌي ويل رسم پرستيءَ خلاف احتجاج طور اُسريا هئا. اهي ٻئي احتجاجي مذهب حد کان وڌيڪ عقلي هئا. ٻنهي وٽ مابعدالطبعيات ۽ علم العلم جا تمام منجهيل سرشتا هئا جي عام ماڻهوءَ جي سمجهه کان ٻاهر هئا. اهو ته ٻنهي بقا ڪيو سو انساني تجربي جو هڪڙو وڏو اسرار آهي. پر جڏهن برهمڻ مت چوٿين ۽ پنجين صدي عيسويءَ ۾ ٻڌ ڏرم جا اعليٰ اخلاقي، عقلي ۽ مابعدالطبعياتي ارڪان جذب ڪرڻ شروع ڪيا ته اها ڳالهه يقيني ٿي وئي ته اڳي يا پوءِ برهمڻ مت ٻڌ ڏرم کي بيدخل ڪري ڇڏيندو. آخر ائين ئي ٿيو ۽ اڄ هندستان ۾ اداري طور ٻڌ ڏرم جو نالو نشان ئي ڪونهي.

عيسوي سن جي پهرين ڇهن صدين دوران سنڌ ۾ ٻڌ ڌرم بابت اسان کي جيڪا ڄاڻ آهي، سا ڪم جهڙن اتفاقي ادبي حوالن مان ملي اٿئون. مثال طور، ستين صدي جي چيني ياتري هوئن تسانگ لکيو آهي ته سندس ڏينهن ۾ سنڌ اندر سوين سنگهراٽا هئا، جن ۾ اٽڪل ڏهه هزار پڪشو رهندا هئا، جي هنماين جو پاٺ ڪندا ها. هن اهو پڻ لکيو آهي: "جڏهن پڳوان ٻڌمن جهان ۾ هو، تڏهن اڪثر هن ڏيهه منجهان لنگهندو هو. ان ڪري جتي جتي پڳوان ٻڌ جي هجڻ جا اهجاڻ هئا، اُتي اُتي اشوڪ راجا يادگار ٺهرائي ڇڏيا. اپارگپت، مهان ارهت، اڪثر هن بادشاهت ۾ اچي ٽڪندو هو ۽ ڌرم جي اپٽار ڪندو هو ۽ ماڻهن کي قائل ڪندو ۽ سنئين واٽ ڏسيندو هو. جن هنڌن تي هو رهيو هو ۽ جيڪي نشانيون ڇڏيون اٽائين، تن سيني تي سنگهراٽا جوڙي يا استوپا اڏي يادگيري قائم ڪئي وئي آهي. اهي يادگار هر هنڌ ڏسي سگهجن ٿا." ستين صديءَ عيسويءَ جي چيني ياتريءَ جو اهو چوڻ عجيب آهي ته تڏهن سنڌ ۾ مهاين نه پر هنماين فرقو رائج هو، جيتوڻيڪ نئين سر زور ورتل برهمڻ مت گهٽا اصول مهاين فرقي تان ڪنيا هئا. ڪنس لکي ٿو "اهو ته ستين صدي عيسويءَ ۾ سنڌ اندر هنماين فرقو مڪيه هو. جيئن هوئن تسانگ اسان کي ٻڌائي ٿو، پر انهن استوپن ۾ جيڪي مورتيون هيون، سي مهاين فرقي جون هيون. انهيءَ ڏسڻ ۾ اسان کي هيءَ ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته چيني ياتري انهن يادگارن جي اڏاوت کان ڪيئن صدين پوءِ سنڌ آيو هو. وچ واري عرصي دوران گهڻيون ئي تبديليون اچي ٿي سگهيون." ڪنشڪ انهيءَ فرقي جي سرپرستي ڪئي هئي جو سندس زماني ۾ رائج هو، يعني مهاين فرقو. حيدرآباد کان چاليهارو ميل اوپر ۽ ٽرپارڪر ضلعي جي شهر ميرپورخاص ۾ جيڪو استوپا آهي، سو سنڌ علائقي اندر ٻڌ ڌرم جي سيني کان سٺي حالت ۾ موجود باقيات آهي. ان بابت ڪزنس چوي ٿو ته اهو استوپا هيڪلو يادگار نه هو "چاڪاڻ ته موري ويجهو ٻل مير رکڻ وٽ برهمڻ آباد لڳ ڏيپر گهانگهري وٽ ٽنڊي محمد خان لڳ سڌيرن جي ڏڙي وٽ جهرڪن وٽ جيڪي استوپا آهن، تن کي سينگارينڊڙ گهڙيل سرن مان ائين ٿو پائنجي ته اهي پڻ ساڳي ئي زماني جا آهن." جنرل هئنگ اسان کي ٻڌائي ٿو ته ساوندي، جو شايد ڏيپر گهانگهرو آهي، اُتان جي هڏي بينڪ بابت مجمل التواريخ هيءَ ڏند ڪٿا آيل آهي ته اها ڪشمير جي راجا سنڌ تي مهم ڪشيءَ دوران ٺهرائي هئي. هيءَ ڏند ڪٿا عقل کان بعيد ڳالهين سان پريل آهي، پر انهيءَ مان ساونديءَ جي آڳاٽائيءَ جو اندازو ڪرڻ بيواجبي نه ٿيندو "ستين صديءَ جي وچ ڌاري الور جو هندو راجا چچ برهمڻ آباد جي پرپاسي ۾ ٻڌ ڌرم جي هڪڙي پگهٽ سان مليو هو جنهن ڪيس دانهن ڏني هئي ته مندر ۽ مڙهي ٻئي مرمت نه ٿيڻ ڪري ڦٽي ويا آهن. جيڪڏهن اسين ائين سمجهون ته اهي جايون جڏهن کان ٺهيون هيون تڏهن کان لاڳيتو ٻوڏين جي هٿ ۾ رهنديون ٿي آيون ۽ مرمت بلڪل نه ٿيڻ ڪري ڍهڻ تي هيون ته پوءِ هڪ اهڙي ملڪ ۾ جتي برسات تمام ٿوري پوندي هئي، اتي انهن جي گس ڳاٽ ضرور تمام ڊڄي ۽ هوريان هوريان ٿي هوندي، سو اسين ائين وسهڻ تي مجبور ٿا ٿي ويون ته ڏيپر گهانگهري (ساوندي) وارو

استوپا عيسوي سن جي اوائلي صدين ۾ ٺهيو هوندو. پر پوري معلومات نه هجن ڪري ايڏا اهو نٽو چئي سگهجي ته اهو ڪهڙي سن جي لڳ ڀڳ ٺهيو هو."

ڪزينس سڌيرن جي دڙي واري استوپا جو بيان ڪندي چوي ٿو: "مسٽر پنڊارڪر جو خيال آهي ته اصلوڪو استوپا ڪنشڪ جي زماني لڳ ڀڳ 100 عيسوي کان پوءِ جو نٽو ٿي سگهي ٿو جيڪڏهن اسين ان کي عيسوي سن جي منڌ ڏاري ٺهيل سمجهنداسين ته گهٽا غلط نه هونداسين. جيڪڏهن اسين ان استوپا لاءِ اهو مجون ٿا ته پوءِ ميرپورخاص، ٽل مير رُکڻ ۽ سنڌ جي ٻين ساڳين اڏاوت ۽ آرائش وارن استوپن بابت پڙ ائين ئي وسهڻو پوندو. جيئن اڳي ئي چيو ائٽون، ڊيپر گهانگري لاءِ ائين ٿو سمجهيو وڃي ته اهو ڪشمير جي راجا سنڌ تي مهر ڪشيءَ دوران ٺهرايو هو. آءٌ سمجهان ٿو ته اهو راجا ڪنشڪ هو جو ڪشن گهراڻي جي راجائن ۾ اهو ئي هڪڙو راجا هو جنهن جو نالو ايڏا پيو ڳائجي ۽ جيڪو هندستان ته ٺهيو پر ڏور ولايتن ۾ به مشهور هو. سندس بادشاهت ۾ سنڌ به شامل هئي."

راجا پاڙ برهمڻ هو ڪوٽ ڏڻي عام طرح ٻڌ ڏرم جا پوئلڳ هئا. سيوهڻ جي اهم شهر جو حاڪم راجا جو پنهنجو پٽ پجرا هو ۽ اتي جا مکيه شهري ٻڌ ڏرم جا پوئلڳ هئا.

اڳوڻيءَ سنڌ اندر ٻڌ ڏرم جي باقيات خاطر خواهه نه هوندي به هندستان- پاڪستان جي اوائلي تاريخ لکڻ جي وارن لاءِ دلچسپيءَ کان خالي نه آهي. انهيءَ ڳالهه جو اندازو ڪزنس ميرپورخاص ۽ سڌيرن جي دڙن وارن استوپن جي چوڪ ڇڪاس ڪري جيڪي نتيجا ڪڍيا هئا، تن مان ڪري سگهجي ٿو هيٺ سندس تصنيف مان هڪڙو اقتباس پيش ڪجي ٿو جو ڏيکاريندو ته ميرپورخاص ۽ سڌيرن جي دڙي وٽان ڪزنس کي هٿ آيل لين هندستان پاڪستان جي تاريخ جي تمام گهٽ ڄاتل باب لاءِ ڪهڙي قسم جي ساک نروار ڪئي آهي. ڪزينس هي پلٹار 1909ع ۾ ڪئي هئي. ميرپورخاص جو ذڪر ڪندي هو چوي ٿو "ڪچين سرن جي اُنهيءَ استوپا جو گول ٽل دڙي مان ٻاهر ٻيٺو آهي. ان ٽل جي چوڌاري هڪ سادو ٽلهو لڏو ويو هو جو اصل ۾ هڪ تراکڙو ڏکو هو جنهن گول ٽل کي پاڙ وٽ گهيريو ٿي. اهو ڏکو ڪچري ۾ اندر اونهو هو ۽ ان کي ڏکڻ واري پاسي صفا ڪرڻ شروع ڪيوسون ته ٿوري مٽي هٽائڻ تي ٻڌ جي بت جو مٿو ڏيريون ڪائيندو وڃي ٻاهر پيو. اها جاءِ ڇڪاسي ڏسڻ تي پتو پيو ته اسان پٽ وٽ اهڙي هنڌ پئي کوٽيو جتي هڪڙي تختي تي مورتي رکيل هئي. جيئن ته مورتيءَ جو مٿو مٽاڇري کان ٿورو هيٺ هو سو ڳچي پُري ڏڙ کان ڌار ٿي هلي آئي هئي. پٽ کي کولي صفا ڪيو ويو ته ان ۾ ٻيا به ڪيترا مورتي- جارا نڪتا ۽ سولائي سان معلوم ٿيو ته اها استوپا جي وڏي چورس بهري جي ڏکڻ واري پٽ هئي. هاڻ چارئي پاسا اصل پٽ واري سطح تي نروار ٿي ٻيٺا. ٽئي پاسا يعني اُتريون، اوپرندو ۽ ڏاکڻو هڪجهڙا ڏڻا ويا. انهن جي مٿين پٽ واري جاءِ چورس ٽنهين سان پنجن ڪٽن ۾ ورهايل هئي. ٽنهين جو بنياد هڪ ڳري بناهه جي چوٽيءَ واري انگ تي ٻيٺل هو.

بناهه تن پتين جي چوڌاري ۽ اولهندي پٽ جي اڌ تائين هلي وئي آهي. انهن تن پاسن مان هرهڪ جي تن وچ وارن ڪنن ۾ جارا هئا، جن ۾ بڌ جي ويڙل آسڙ واري مورتي رکيل هئي. ڪنبن وٽ چيڙي وارن ڪنن ۾ پڙ اهڙائي جارا هئا، پر انهن تي، جاريدار درين جهڙو نفيس ڪم ٿيل هو پر انهن مان رڳو ٻه جارا اُتر اوير واري ڪنڊ ۾ وڃي بچيا آهن."

اڳتي هلي اولهنديءَ پٽ جو ذڪر ڪندي هو چوي ٿو "انهي پٽ تي ٻنهي چٽرن وٽ تمام گهٽي تعداد ۾ جارا هئا، جن جون رڳو چانئنون انهن بن پاسي وارن چورس ٽنڊين جي بنياد سان وڃي رهيون هيون، جن جي وچ ۾ اهي جارا هئا. ڏاڪٽي چيڙي واري چانئڻ هيڻان سينگاريل سرن جي هڪ $8\frac{1}{2}$ انچ تائين ڪانس آهي، جا حقيقت ۾ چانئڻ جو ئي حصو آهي. انهيءَ ڪانس تي هڪ زناني مورتي بيٺل آهي. وچ تي ۽ پاسن کان پاڻيءَ جا ٽانوَ آهن. افسوس جهڙي ڳالهه آهي ته باقي جارا ۽ انهن ۾ جيڪي ڪجهه هو هاڻ نابود ٿي چڪو آهي، جا لاءِ جو ٿي سگهي ٿو ته انهن ۾ ڪي ٽڪر جي مورتين جا ميڙ هجن، جي ٻڌ جي جم جو يا سندس تياڳ جو يا ڪو ٻيو اهڙو نقشو پيش ڪندا هجن. جهڙا اسان کي ڪجهه ننديڙي پٺماني تي ٽل مير رکڻ ۾ نظر آيا آهن. انهن ٻن وڻن جارن ۽ مڙهين جي وچ ۾ عجيب شڪل جا ٻه ننڍا جارا آهن. اُتر واري جاري ۾ ويڙل ٻڌ جي ننڍي مورتي رکيل آهي، جنهن جا ٻئي هٿ ڀڳل آهن. ڏکڻ واري جاري مورتي گهٽي پاڻي ڀڳل آهي. ان مورتيءَ ۾ ڪنول جي گل تي ويڙل آهي، جنهن جا باهه جي ڇيين جهڙا پن ڏڙ جي پٽئين پاسي کان چٽني طرف ڦهليل آهن. اکيون هيڻيان ۽ متيان چپر ملائي پوريل اٽس. ٻانهون ٽوڙڻن وٽان ڀڳل اٽس، پر اهي شايد هٿ ۾ رکيل هئس. پر اها ڳالهه يقين سان نٿي چئي سگهجي، چو جو مٿي وريل پيرن يا جنگهن تي ڪائي اهڙي ڀڳل جاءِ ڏسڻ ۾ نٿي اچي، جنهن جي آڌار تي چئي سگهجي ته ٻانهن انهن کي اُتي ڇهيو ٿي سواءِ ساڄي پير جي آڱرين جي."

ڪزينس کي کوٽائي ڪرائيندي هڪ کوهه ڏسڻ ۾ آيو جو ڏڙي جي متاڙ کان 25 فوٽ اونهو هو. کوٽائيءَ جي وچ ڌاري ڪيس ڳاڙهي رنگ جي پڪين سرن جي هڪ چورس ايراضي ملي جا 4 فوٽ چورس هئي. سرن جو مٿيون تهه پري ڪيو ويو ته اندر هڪڙو ننڍڙو پندرهن انچ چورس خانو ڏسڻ ۾ آيو جنهن جا پاسا استوپا سان پور وڇوٽ هئا. انهيءَ اندر ٻه گول گهڙيل پهڻ هڪٻئي مٿان پيل هئا، جن جو گهيرو اٽڪل تيرهن انچ ۽ ٽولهه پنج ڇهه انچ هئي. پڙ ڪوليو ويو ته ٻنهي جي اندر پيالي جي شڪل جو خال نڪتو جو گهيري ۾ 3 انچ ڪن هو. هيٺ واري پهڻ ۾ هڪ ننڍي بلور جي شيشي هئي. ان جي چٽن ئي طرف اڇي ڀُوري واريءَ ۾ ڪيترين ئي پيتائون پيل هيون. اهي پيتائون هيون: ٽئي وڪڙن وارا مٽيا، ست ونڊيل ۽ اڻ ونڊيل بلوري مٽيا، ٻه ننڍا بلور جي اهڙيءَ طرح گهڙيل هئا جو هيري جي ڍِڪ ٽي ڏنائون ۽ تور ۾ متر جي داڻي جي اڌ جيترا مس ٽيندا. ٽيهه تمام ننڍا چينجهڙ، جن مان اڪثر تاچڻيءَ جي مٽي کان گهٽا وڌا نه ٽيندا ۽ سپ ونڊيل هئا، چار سون مٽيا، جن مان ٻه Ribbed ۽

گدري جي شڪل جا هئا ۽ ٿئي گهيري ۾ اٽڪل 3/4 انچ ٿيندا. هڪ ننڍڙي سوني تار جي منڊي ڏهه ٽامي جا سڪا، سڙيل ڪوئلي جا ڪجهه ٽڪرا، ڪڪ جا ڪجهه داڻا ۽ ڪجهه ٻيا مٽيا ۽ چيتون. بلور جي شيشيءَ جي منهن تي هڪ ننڍو چانديءَ جو چپڙو ڍڪ ڏنل هو جو گهٽو ڪاڇي ۽ ڪٽجي ويو هو. ڍڪ کي ڪٽ ايتري ته سخت ڇهڻيل هئي جو لاهيندي پڇي پيو. شيشيءَ اندر چانديءَ جي هڪ ترڪٽي ڍڪ سان ننڍي ڊبلي هئي. ان جو ڍڪ پڙ ايترو ته ڪٽجي ويل هو جو لاهڻ وقت پڇي پيو. ڊبلي سوني ورق ۾ ويڙهيل هئي. اهو ورق اهڙو ئي تازو ۽ اُجرو هو. جهڙو تڏهن جڏهن ڊبليءَ کي ويڙهيو ويو هو. هيءَ ڊبليءَ 1 انچ ڊگهي ۽ 5/16 انچ قطر واري آهي. چاندي جي انهيءَ ڊبليءَ اندران ساڳي شڪل جي سوني ڊبلي نڪتي، جنهن کي اڇي پني جي ٽڪري تي کوليو ويو ته اندران تاڇنيءَ جي مٽي جيتري ڪا پتڪڙي چيز دز جي هڪ ٻن چٽين سان گڏ. اڇي پني تي ڪري ڊبليءَ ۾ ٻيو ڪجهه ڪونه هو پر شيشيءَ منجهه ڊبلين هيڻان ۽ نه انهن جي اندر آني واري چمچي جيتري چڪيا جي رک لڏي ويئي. انهيءَ رک جا ڪجهه ڳنڍيا جڏهن آتشي شيشي سان چڪاسيا ويا ته انهن جي بناوت ۽ اپيٽو مٽاچرو اهڙو ئي نظر آيو. جهڙو سڙيل هڏي جو ٽيندو آهي. بلور جو اهو تبرڪ دان پڇي پيو هو ۽ ترو وڃائجي ويل هئس. تنهنڪري ان کي چانديءَ جي پوش سُڪ چاڙهي ٺيڪ ڪيو ويو هو. اهو پوش شيشيءَ جي اڌ تائين چڙهيل هو. پوش جا ڪنا پڙ ڇليل هئا. پائنجي ٿو ته هاڻوڪي استوپا ۾ تبرڪ رکڻ وقت يا ان وقت ڏاري اها شيشي جنهن ماڻهوءَ جي هٿن ۾ هوندي تنهن کان بي خياليءَ ۾ ڪري پڇي پئي هوندي. نئين شيشي آڻڻ جي بدران ڳچل شيشيءَ کي چانديءَ جي تري چاڙهڻ ۽ بلور جي ٻجيءَ جي بدران چانديءَ جي ڍڪ ڍڪڻ مان ائين ٿو پاننجي ته انهيءَ تبرڪ دان ۾ تبرڪ ايترو ته گهٽو وقت پيل رهيا هئا جو نئين شيشي آڻڻ ۽ پراڻيءَ شيشيءَ کي ڳچل هوندي به اُڇلي ڇڏڻ بي ادبي سمجهيو ويو هوندو." ڪنس پڇي ٿو: "ڪٽي هاڻوڪو استوپا تن پراڻن استوپن جي جاءِ تي نئين سر اڏايل ته نه آهي، جيڪو اشوڪ ٻڌ جي تبرڪات نئين سر ورهائڻ لاءِ ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ جوڙايا هئا ته جيئن هرڪو هنڌ مهاتما جي سچي پچي جسماني موجودگيءَ سان واسيل رهي؟ جي ها ته ان سان هت سوني ڊبليءَ ۾ پتڪڙي تبرڪ (متان اهو ٻيو ڪجهه هجي پر مون کي ان جي تبرڪ هجڻ ۾ ڪوشڪ ڪونهي) جو ملڻ سمجهه ۾ اچي وڃي ٿو پر شيشيءَ اندر سون ۽ چانديءَ جي ڊبلين هيڻان جا رک لڏي آهي، سا ٿي سگهي ٿو ته وفادار چيلي اپارگيت جي چتا جي هجي. اهو اپارگبت، جو اشوڪ جو دوست ۽ ڏرم جو پراڻو ساٿي هو ۽ جيڪو سنڌ ۾ ٻڌ ڏرم جي خاص اون رکندو هو."

مسٽر پنڊارڪر طرفان ٿنڊي محمد خان لڳ سڏيرن جي دڙي جي چوڪ چڪاس جا نتيجا آڳاٽن اهڃاڻن جي لحاظ کان گهڻ شاندار هوندي به شايد ايترا ئي دلچسپ آهن. هيءَ اهو ئي استوپا آهي، جيڪو سر رچرڊ برٽن چڪاسيو هو. برٽن پنهنجي ڪتاب "سنڌ وري سير" (Sindh Revisited) ۾ چوي ٿو "دڙي جي پاسي ۾ برسات هڪڙو ڏار ڪڙي وڏو هو. آڳ اهو ڏار ونڊي سولائيءَ

سان چوٽيءَ تي چڙهي ويس. اُتي مون کي هڪ ڪُهي ڏسڻ ۾ آئي. جا پيڙهه تائين هلي وئي هئي. پيڙهه هيٺان هڪ سرنگهه هئي. منهنجن ڏيهي دوستن ان سرنگهه کي جيت جيئن نانگ بلائن سان پريل ٿي ڇاتو. تڏهن به آءٌ اندر گهڙي ويس. اها ست اٺ فوٽ ڊگهي هئي ۽ ڪاڏي به ڪونه ٿي وئي. ڪزينس چوي ٿو "برٽن چوٽيءَ تان جنهن سوراخ منجهه ڏٺو هو- هو ائين نٿو چوي ته برٽن وڏي جي چوٽيءَ تي پهچڻ ۾ تيتري ئي ڦڙتي ڏيکاري هئي. جيتري کهيءَ منجهه لهڻ ۾ چو ته ان مان ٻاهر نڪرڻ وڏيڪ ڏکيو ٿي سگهيو ٿي. سو شايد اُتي ڪيل هو جتي ڊئگوبا منجهان تبرڪ ڪيڻا ويا هئا. ڊئگوبا ٽل جي پاڙ وٽ هو جنهن جو ڪجهه پاڻو پاسن جي مٽيءَ سان پرجي ويو هو." اوڏڪي ٽل جي اوساريءَ ۾ واريءَ جو تهه ڏسي مسٽر پنڌارڪر جو سونجهه وارو مادو جاڳي پيو. سو هن اُترين پاسي کان ان جي اڌ تائين سرنگهه کٽائي. سرنگهه ان ڏکي جي مٿاڙ جي سنوٽ ۾ هنئي وئي. جيڪو اصل ۾ ٽل جي پاڙ جي چوڌاري ٽهيل هو. "هت وچ تي مون کي هڪڙو ڍاڳوبا بيٽل ڏسڻ ۾ آيو. اهڙو ئي جهڙا غار وارن مندرن ۾ ٽيندا آهن. اهو ڍاڳوبا 6 فوٽ 9 انچ ايو ڪچين سرن جو ٽهيل، سادي گاري سان ليپيل ۽ ٻاهران رڳيل هو. اهو پوريءَ طرح ٽل منجهه ٽهيل ۽ ڪُتل هو. گنبذ جي وچ منجهان هڪ گول کهي لنگهي ڊئگوبا جي پاڙ تائين ٿي وئي. ان ٽنگ ۾ ڪاٺ جي ٻوري جا نشان هئا. جنهن مان پائنجي ٿو ته ان ۾ لٺ لڳل هوندي، جنهن تي شايد چٽي هوندي لٺ جي گنبذ کان ٻه فوٽ ڪن مٽي تائين هئڻ جا ته چٽا اهجاڻ هئا ۽ آءٌ سمجهان ٿو ته اها فوٽ ڪن ايڏا به مٽي ويندي هوندي" ڊئگوبا کوليائين، پر اندر ڪجهه ڪونه هو ۽ هو چوي ٿو: "شڪ ناهي ته هي استوپا (ڊئگوبا) ڪڏهن ٽلهي تي اڪيلو بيٽل هو ۽ ان جي سڄورپ ۽ ناماچار ۾ واڌارو ٿيو ته ان کي وڏيڪ وڏي اڌاوت اندر رکيو ويو. ٽل جو پتيون، مٽان کان هيٺ تائين، ڪچين سرن جون ٽهيل هيون. سرون چڱي نموني ۾ ۽ پورين قطارن ۾ هنيل هيون ۽ سر ملائڻ جي قاعدن جو پورو پورو خيال رکيل هو. رڳو نندي استوپا (ڊئگوبا) کان چار فوٽ ترت مٽي وارو پاڻو ڪجهه اتاچرو ٽهيل هو. ان جو سبب هيءَ هو ته نندي استوپا (ڊئگوبا) جي ترت مٽي ڪاٺ جي ڪيري ۽ چٽي هئي ۽ انهن جي چوڌاري نئين اڌاوت ٺاهڻ وقت ڪين اوساري ڊلي رکڻي پئي هوندي ته جيئن انهن کي ڪو چيهو نه رسي."

مسٽر ڪزينس مسٽر پنڌارڪر سان شامل راءِ نه آهي. "منهنجو رايو هي آهي ته اهو ڊئگوبا حقيقت ۾ تبرڪ خانو هو ۽ انهيءَ سوراخ منجهان تبرڪ هيٺ لاٿا ويندا هئا. جيڪو مسٽر پنڌارڪر لڏو هو. ٽنگ جو منهن ڪيريءَ سان بند ڪيو ويندو هو ۽ ڪا به چٽي ڪانه هئي. تبرڪ ٽل جي وچ تائين کوٽائي ڪري سولائيءَ سان ڪڍيا ويندا هئا. هيءَ شايد انهن تائين ايترو ئي ننڍو رستو هو جتيرو پاسي کان 26 يا 27 فوٽ ڊگهي سرنگهه هٽڻ سان ٿي سگهيو. تنهن کانسواءِ، وري امن امان ٽيڻ تي هو ساڳي هنڌ موٽي ويڻ چاهيندا هوندا ته انهن جا سنياليندڙ سمن وس پڄندي استوپا کي ٻاهران پيڻ ڍاهڻ يا رهڙ وجهڻ کان پاسو ڪندا هوندا. هن ڊئگوبا جي وچ تائين ويندڙ سوراخ جهڙو

هڪڙو سوراخ سُو وهار واري استوپا جي تبرڪ خاني تائين ويندي ڏٺو ويو. سؤ وهار سنڌ جي حد کان ٿورو پرتي اُتر اوپر ۾ بهاولپور وٽ آهي. انهيءَ سوراخ ۾ مهاراجا ڪنشڪ جي زماني جي هڪ تامي جي تختي لڌي هئي. تختيءَ سان گڏ سڪا، لوهه جا ٽڪرا، ٿورا مٽيا ۽ ڳهن جا ٽوٽا، رک ۾ رليل سليل مليا هئا."

هيءَ سنڌ اندر ٻڌ ڌرم جي جهوني يادگارن جو مختصر بيان آهي. سو هت جنهن زماني ۾ اهي يادگار ٺهيا هئا، تنهن زماني جي امڪاني حالتن جي سرسري جائزي کان وڌيڪ ٻي گنجائش نه آهي. هن گزيٽيئر جو باب ڏهون اڳوٽيءَ سنڌ جي تاريخي ۽ عام دلچسپيءَ وارن هنڌن ماڳن جي باري ۾ آهي. ان باب ۾ هن ڏيهه اندر ملندڙ ٻڌ ڌرم جي مکيه يادگارن جو وڌيڪ سربستو احوال ڏنو ويو آهي.

سنڌ ۾ پهڻ جي زمانن، سنڌو تهذيب ۽ ٻوڌي زماني هي يادگارن کان سواءِ، جن جو مٿاڇرو احوال هن باب ۾ ڏنو اٿئون، ڪي ٻيون جهونيون وٿون به آهن. اهي ٻيون وٿون سچ پچ ته آڳاٽن اهجاٽن جو پر لکيل تاريخ جو پاڳو آهن. انهن ملڪن جو احوال هن گزيٽيئر ۾ اڳتي ڏنل آهي. اهي جهونيون وٿون آهن الور يا اروڙ برهمڻ آباد، پنيور، ديبل يا ديول ۽ وجڪوٽ جا ڦٽل شهر. اهي شهر شايد لکيل تاريخ جي زمانن جا آهن ۽ انهن کي آڳاٽن اهجاٽن هيٺ رکڻ واجبي نه ڄاتو ويو آهي.

باب ڇهون

تاريخ

سنڌ جي ڪا پوري تاريخ ڪانهي ۽ اڄ ڪو اهڙو ماڻهو شايد ئي هجي، جيڪو منجهيل حقيقت جي جوڳي ڄاڻ سان ڏيهه جي تاريخ لکي سگهي. سنڌ جي تاريخ لکڻي آهي ته اها اهڙن عالمن کي گڏجي لکڻي پوندي، جن مان ڪن کي عربي، فارسي، سنسڪرت ۽ سنڌي ضرور ايندي هجي. سنڌ جو اتهاس 711 عيسويءَ ۾ عربن جي فتح کان اڳ شروع مس ٿئي ٿو. انهيءَ کان پهرين جا نمايان واقعا بنهه ٿورڙا آهن. پر عربن کان اڳ جي ڏينهن جو ڪو ڳنڍيل، سلسليوار احوال نٿو ملي. ڪيترين ئي صدين سنڌ جي تاريخ کا لاڳيتي تاريخ نه پر ڇڙ وڇڙ واقعن جو مجموعو ڏسڻ ۾ اچي ٿي. جيڪي مڪاني ماخذ موجود آهن، سي گهٽي ياڳي سراسر ناڪافي آهن. اهي اهڙن ماڻهن جا جوڙيل آهن، جي طرفدار هئا يا جن جا حاڪمن جي زماني ۾ هئا، تن جي ڪمن ڪارنامن جا پڌائيندڙ بيان ٿي لکيائون. اهي ڏيهي دستاويز جن کي هوند واقع نويسي جئجي، تن جو اسلوب گهٽو ڪري ڇڪيل مڪيل ۽ مرچ مصالحي وارو آهي. پر تاريخ نويس جي نقطئ نظر کان اهي تصنيفون بنهه غير تسلي بخش آهن ۽ ڪو خود اعتماديءَ سان پرپور مؤرخ ئي آکاڻين، نقلن، ڏند ڪٿائن، وهمن ۽ مبالغن جي انهيءَ مونجهاري ۾ جي ڪو سچ ذرو لڪل آهي ته ان کي ڳولي ڪيڏ جو ست ساري سگهي ٿو. ائبٽ پنهنجي تصنيف "سنڌ هڪ نئين تشريح" (Sindh, A Re_interpretation) (1924ع) ۾ سنڌ جي اتهاس تي بلڪل ٽُز تبصرو ڪيو آهي. هو چوي ٿو: "سنڌ تاريخ جي لحاظ کان بدقسمت آهي. اُڪرن ۽ آڪاڻن اهجاڻن جي لين ان جي ماضيءَ بابت اسان جي ڄاڻ ۾ اڃا ته ڪو خاص واڌارو نه ڪيو آهي. ان جي لکت ۾ آيل اتهاس صدين جون صدیون اڻ ٻڌايل ڇڏي ڏنيون آهن ۽ ٻين صدين جي سچ کي افساني ۽ ڦيرائي ڇڏيو آهي. ان جي جاگرافيائي مهانڊن پنهنجي ظاهري سادگيءَ سان تاريخ کي ساروٽي ڪري ڇڏيو آهي ۽ اڻ سليل اسرارن جو اضافو ڪري ڇڏيو آهي." جيڪڏهن اسان موئن جي دڙي کي سنڌ جي تاريخ ۾ شامل نه ڪريون چو ته ان جون مورتي اکرن واريون مهرون اڃا تشريح طلب آهن ۽ ان جي لکڻي اڃا پڙهجي نه سگهي آهي، ته پوءِ اسان سنڌ جي لکيل تاريخ جي شروعات سن 711ع ۾ عربن جي سوپ سان ڪري سگهون ٿا. سنڌ جي تاريخ سولائيءَ سان چٽيءَ ريت ويڪيايل دورن ۾ ورهائجي وڃي ٿي ۽ جيئن ته هن تصنيف ۾ 1874ع واري پهرين سنڌ گزيٽئر ۽ 1907ع واري بي سنڌ گزيٽئر جيتري تاريخي تفصيلات ڏيڻ ممڪن نه آهي. سو هت هر هڪ دور جون مکيه خاصيتون ۽ واقعا ڏيڻ ۽ مختلف دورن ۾ نمايان واقعن بابت سولائيءَ سان ملي سگهندڙ تاريخي مواد مان اقتباس ڏيئي بيان ڪرڻ ڪافي ٿيندو. انهيءَ ڳالهه کي ذهن ۾ رکندي سنڌ جي تاريخ کي هينين دؤرن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

1. عربن جي حڪومت وارو دؤر.
2. وچ وارو دؤر يعني غزنويءَ کان وٺي سنڌ تي مغلن جي حڪومت قائم ٿيڻ تائين.
3. مغلن جو دؤر.
4. ڪلهوڙن جو دؤر.
5. تالپرن جو دؤر.
6. انگريزن جو دؤر.
7. انگريزن کان پوءِ وارو دؤر يعني هندستان جي ورهاڱي ۽ پاڪستان جي قائم ٿيڻ کان وٺي هاڻوڪي وقت تائين.

جيستائين سنڌ جو لاڳاپو آهي تہ ٻيو دور عربن جي ويڑ کان وٺي تنهن وقت تائين هليو جنهن وقت مغل سلطنت مضبوطيءَ سان قائم ٿي. انهيءَ زماني دوران ٻن سنڌي گهراڻن نيم خود مختياريءَ جي حالت ۾ حڪومت ڪئي، ڇاڪاڻ جو تنهن زماني ۾ انهن ملڪن اندر سفر ۽ مواصلات جون جيڪي حالتون هيون، تن ۾ دهليءَ جو فرمان هلائڻ کو اهڙو سولو نہ هو. انهن ۾ پهريون سنڌي گهراڻو سومرن جو ۽ ٻيو سمن جو هو. سومرن ۽ سمن جي حڪومت کان پوءِ مغلن جو دور آيو. مغل دور کان پوءِ ڪلهوڙن جو دور آيو. ڪلهوڙو پاڻ ڏيهي حاڪم هئا، جن جي خود مختياري سدائين جوکي ۾ هوندي هئي. ڪلهوڙن جي دور جي پڇاڻي تڏهن ٿي، جڏهن تالپرن حڪومت هٿ ڪئي. تالپرن جو دؤر 1843ع ۾ پورو ٿيو جڏهن سر چارلس نيپيئر مياڻيءَ جي لڙائيءَ کٽي سنڌ فتح ڪئي. انگريزن جو دور 1843ع کان 1947ع تائين هليو جڏهن هندستان جو ورهاڱو ٿيو ۽ پاڪستان ۽ هندستان جي نالي سان ٻہ خود مختيار رياستون وجود ۾ آيون. اهو سيني ۾ پويون دور جيڪو تاريخ کي هاڻوڪي وقت تائين وٺي اچي ٿو سو 1947ع پڇاڻان انگريزن کان پوءِ جو دور آهي. جنهن سنڌ کي پهرين پاڪستان جي وفاقي رياست اندر هڪ خود مختيار ايڪي جي شڪل ۾ ۽ پوءِ اولهه پاڪستان جي وفاقي ايڪي اندر هڪ انتظامي علائقن جي شڪل ۾ شامل ٿيندي ڏٺو. انهيءَ عرصي دوران علائقي جي انتظامي گادي ڪراچيءَ کان لاهور منتقل ڪئي وئي.

مٿي جيڪي سنڌ جي تاريخ جا مختلف دور ڇاڻايا اٿئون، تن جي احوال ڏيڻ کان اڳ ضروري آهي تہ سنڌ جي اڳ تاريخ ۽ سنڌو ماٿريءَ واريءَ تهذيب جو ٻہ ٽورو ذڪر ڪجي. سنڌ اندر پهڻ جي نئين زماني جا جيڪي ٽورا اهجاڻ لڌا ويا آهن. تن کي اڳين باب ۾ آڻي اهجاڻ جي سري هيٺ بيان ڪري آيا آهيون. موئن جي دڙي جون کوٽايون، جن کي هاڻ ڏري گهٽ چاليهہ ورهيہ ٿي چڪا آهن، تن سنڌو ماٿريءَ جي تمدن جي گهرائي ۽ پکيڙ نروار ڪئي آهي ۽ ان تي نئين روشني وڌي آهي، جنهن کي اڳ اُتر اولهندي هندستان جي تاريخ ڪري ليکيو ويندو هو. سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب ۽ ان جي مکيہ شهر موئن جي دڙي کي، جو لاڙڪاڻي ضلعي جي ڏوڪري تعلقي ۾ آهي، باب پنجين ۾ آڻي

اهجاڻ جي موضوع هيٺ بيان ڪيو ويو آهي. سنڌ جي تاريخ تي سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب جي پڇاڻيءَ کان وٺي عربن جي سوپ تائين، جو زمانو شايد 1500 ق.م کان ويندي 711 عيسويءَ تائين ڦهليل آهي، جيڪو اونڌهه جو پردو پيل آهي، سويوناني مؤرخ ايريئن جي لکڻين سان تڏهن کن پل لاءِ کڄي ٿو. جڏهن هو اُتر اولهندي سرحد جي لڪن کان وٺي سنڌ جي ميدان اندر سڪندراعظم جي مهم ۾ اُن جي فتوحات جو احوال ٻڌائي ٿو. انهيءَ مهم ۾ سنڌ جو پاڳو به هو ۽ سنڌ جي دادو ضلعي ۾ سيوهڻ وٽ اڄ به اهڙي نشاني موجود آهي، جا ٽي سگهي ٿو ته 325 ق.م ۾ سڪندر جي سنڌ اچڻ جو يادگار هجي. ڳريل سرن ۽ پُريل متيءَ جي جنهن عجيب ڍير کي اڄ 'سڪندر جو قلعو' سڏيو وڃي ٿو. سو ٽي ئي نٿو سگهي، ته عظيم فاتح جي ڏينهن ۾ به هاڻوڪيءَ حالت ۾ هجي. تاهم سندس ياد کي سيوهڻ ۾ قائم رکيو ويو آهي. سڪندر جو قلعو مشهور نالو آهي. سڪندراعظم پنجاب جي وڏي پاڳي کي مطيع ڪري 326 ق.م جي آڪٽوبر مهيني ۾ ذري گهٽ به هزار ٻيڙن سان جهلم ۽ سنڌو ندين منجهان لهوارو هاڪارو هليو هو. هو هاڻوڪيءَ سنڌ جي سرحد وٽ ضرور ايندڙ سال جي منڊ ڏاري پهچي ويا هوندا. ميوزيڪا نوس (سندس گادي عام طرح الور هاڻوڪو اروڙ سمجهي وڃي ٿي، جو سکر ضلعي ۾ روهڙيءَ کان پنج ميل ڏکڻ اوپر طرف آهي) جو سڪندر کي ايترو جلد مٿان اچي ڪڙڪيل ڏٺو ته آڻ ڪٽي مڃائين، پر پوءِ پنهنجن برهمڻ صلاحڪارن جي چوڻ تي ڦري ويو ۽ بغاوت ڪري چڙيائين. يونانين هندستان ۾ جيڪي ڏيهه ڏٺا، تن سيني ۾ هن سرواڻ جو ڏيهه وڏيڪ سرچو ۽ آباد هو. هڪ ٻيو ڏيهي حاڪم، سنڊيمان (شايد هاڻوڪو سيوهڻ) جو ساميوس پڻ پيش پيو. هيئينءَ سنڌ ۾ پتالين جو حاڪم موئريس پنهنجي گادي پتال ڪاهي ايندڙ لاءِ چڏي ويجي ويو.

ڪئمبرج واري هندستان جي مختصر تاريخ ۾ ڄاڻايل آهي ته پتال هڪ اهم شهر هو ۽ اُتي واقع هو جتي سنڌو ٻن شخن ۾ ورهائجي ٿي، جو شايد هاڻوڪيءَ حيدرآباد کان ڏکڻ اوپر طرف ڪنهن هنڌ هو. 1907ع واري گزيٽيئر ۾ چيل آهي ته پتال جي ٻيهڪ بابت رڳو ايترو پڪيءَ طرح معلوم آهي ته اهو اتان هو جتان تڏهن ٻيلٽا جو مٽاڙ هو. چار صديون پوءِ پلائنيءَ جي ڏينهن ۾ روم وارا ان کي واپار جي پڙي ڪري سڃاڻندا هئا. سڪندر پتال جي قلعي بندي ڪري ۽ گوڏيءَ جي اڏاوت شروع ڪرائي. سنڌوءَ جي اولهندي شاخ وٺي سمنڊ ڏانهن هاڪاري ويو. پوءِ اڏي تي موٽي اچي اويرندي شاخ جي پلٽار تي نڪتو. انهيءَ شاخ جي چوڙ وٽ هُو هڪڙيءَ ڏينڊ منجهان لنگهيو. انهيءَ ڏينڊ جو ذڪر هڪ نهايت دلچسپ سوال اٺاري ٿو. اهو هيءُ ته ڇا ڪچ جو رڻ تڏهن خشڪيءَ اندر سمنڊ هو، جيڪو سنڌوءَ ۽ ٻين ندين جي چوڙ ناهيو هو. 325 ق.م جي سرءُ ۾ سڪندر پتال کان مڪران ۽ فارس ڏانهن ڪوچ ڪيو. سندس آرماڙ کي نيارڪوس جي اڳواڻي هيٺ ڏکڻ اوپر واري چوماسي ۾ ٻاپر اچڻ تي پٽيان اچڻو هو. اميرالبحر کي طوفانن جي ڪري تي هفتا لنگرگاهه وٽ ترسڻو پئجي ويو. يوناني انهيءَ لنگرگاهه کي 'سڪندر جو بندر' سڏيو آهي. ڪڪراڻ، ٻاڪتا وارو پيٽ ۽

ايريئن جا جاڻايل ٻيا هنڌ پڪيءَ طرح سڃاڻي نٿا سگهجن. پهريون نالو 'ڪڪرالا' جي شڪل ۾ اڄا تائين موجود آهي. شاهه بندر جي اولهه واري تر ڪي تازو انهيءَ نالي سان سڏڻ شروع ڪيو آهي. صوبي تي سڪندر جو غلبو ٿورو وقت هليو. سندس روانگيءَ کان پ ورهيه پوءِ هو پاڻ بابل ۾ ٻي وقتو گذاري ويو ۽ مقدونيا جي سلطنت ٽڪرا ٽڪرا ٿي وئي. سڪندر جي پنجاب ۽ سنڌ واري مهم جي ترت عملي اثر رهڻو هيءَ ٿيو ته پٽال سميت مختلف هنڌن تي يونانين ۽ سندن اتحادين جون فوجي ٻيڙيون قائم ٿيون ۽ سنڌوءَ جي چوڙ وٽ هڪ مضبوط ساموندي اڈي جي اڏاوت ٿي. پر هيئينءَ سنڌو ماڻريءَ ۾ هن جي انهن ڪارنامن جڻاءُ نه ڪيو ۽ انهن جي ڪا يادگيري سانڍي نه وئي ۽ نه ئي انهن جو ڪو رکارڊ موجود آهي.

325 ق.م ۾ انهيءَ عظيم فاتح جي روانگيءَ کان پوءِ سنڌ جي تاريخ تي هزار ورهين کان وڌيڪ مدي لاءِ ڏري گهٽ مڪمل تاريڪي ڇانئجي وڃي ٿي. انهيءَ ڏگهي عرصي دوران جيڪي ٿورا گهٽا حوالا ملن ٿا، سي گهڻي ڀاڱي ۽ اُتاڇري نموني ۾ مٿئين هندستان ۾ رونما ٿيندڙ واقعن سان لاڳاپيل آهن. انهيءَ عرصي دوران ڪيترائي طاقتور گهراٽا اوج ۾ آيا، جن ننڍي کنڊ جي وڏين وڏين ايراضين تي حڪومت ڪئي پر هيئين سنڌو ماڻريءَ واري علائقي ۾ سندن اثر پورو سارو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. انهيءَ ڏگهي مدت دوران سنڌ جي واڌاري ۾ جن مکيه اثرن جو هٿ هو تن ۾ هڪڙو هو برهمڻي ڏرم جي مقبوليت جو هوريان هوريان گهٽجڻ. اهو ڏرم وقت گذرڻ سان جيئن پوءِ وڌيڪ پر ريتن، رسمن ۽ ظاهرداريءَ جو شڪار ٿيندو ۽ عام ماڻهن جي جذبات سان بي تعلق ٿيندو ٿي ويو. ڇهين صدي ق.م ۾ عظيم مذهبي تحريڪون اٿيون ۽ هڏ ڏرم ۽ جين ڏرم جا متا رواج ۾ آيا. هيئين سنڌو ماڻريءَ ۾ جين ڏرم جو ڪو خاص اثر ڏسڻ ۾ نٿو اچي. پر هيءَ ڳالهه يقيني آهي ته سنڌ جي ماڻهن تي ڪيئن صديون هڏ ڏرم جو وڏو اثر رهيو ۽ هڏ ڏرم جا جيڪي يادگار هن ڏيهه جي ڪيترن ئي پاڳن ۾ ڇڳي چوڪي تعداد ۾ لڌا ويا آهن، تن مان اهو صاف ظاهر آهي ته هڏ ڏرم ڪنهن حد تائين برهمڻ ڏرم کي اُٽيڙي چڏيو هو ۽ شايد خاص ڪري آدمشماريءَ جي مٿين طبقن ۾ ان جو زبردست تمدني اثر هو.

سنڌ جي تاريخ تي هزار ورهين تائين ڇانيل تاريڪيءَ جي انهيءَ مدي جو ٻيو وڏو واقعو اتر هندستان ۾ اويرندي ايشيا جي رولن قومن جون ڪاهون آهن. عيسوي سن کان اڳ هڪ صدي اڳ جن سَڪن يا سائٿيائي ٽولن يونانين جي باختري بادشاهت کي ماري مات ڪيو هو تن هندستان ۾ ڏوکيندو اڇڻ شروع ڪري ڏنو. سائٿيائي فتح ڪرڻ لاءِ نه پر مالڪ ٿيڻ لاءِ آيا هئا. هو ڏيهي ماڻهن کي ڀهارينداويا تان جو سندن آڏو اُجين جي بادشاهت وڪرماجيت سرواٽيءَ هيٺ رندڪ ڪڙي ڪئي. هنڌن جو نسبت واري سن جي شروعات سائٿيائين تي وڪرماجيت جي سوپ واري سال، ق.م 57، کان ليکي وڃي ٿي. سنڌ جي اوپر ۾ مهان واريا سوپڙ هڪ ٻي قسم جي رندڪ ٻڌيو هوندو. اسين

ائين وسهڻ ۾ ڪو غلط نہ هونداسين تہ يوناني توڙي هندو حڪمران گهراٽا ڏري گهٽ نابود ٿي ويا هوندا. سنڌ هند۔ سائٿيائي ليڪجڻ لڳي ۽ ايڏا تائين هتان جي آدمشماريءَ جو وڏو حصو نسل جي لحاظ کان يقيناً آريو نہ پر سائٿيائي آهي. ٻن سائٿيائي قبيلن، جتن ۽ ميدن بابت ڇيو وڃي ٿو تہ اهي تنهن زماني ۾ پنجاب ۽ سنڌ تي ڪاهي آيا هئا ۽ پوءِ ڪيئي صديون سندن تڪرارن جي ڪري هيٺين سنڌو ماٿري ۾ مانڊاڻ متل رهيو هو. پهرين قبيلي جو تہ نالو بہ ايڏا ساڳيو آهي، توٽي جو ٿي سگهي ٿو تہ سندن رت ۾ ٻئي رت جي گهڻي آميزش ٿي وئي هجي. ٻيو قبيلو گهڻ ۾ گهٽ سنڌ جي حد تائين غائب ٿي چڪو آهي. البت سنڌ جا ڪي مهاڻا پاڻ کي ميد چوئندا آهن ۽ مڪران ۾ ساڳيءَ جاتيءَ جو نالو اهو ئي آهي. "ميد" هاڻ ڪاٺياواڙ ۾ گهٽا آهن. سائٿيائين جن تومن کي مغلوب ڪيو تن کي ڪو نئون مذهب، ڪا وڌيڪ اُوچي تهذيب، ڪا وڌيڪ اتم ٻولي ڪونہ ڏنائون، بلڪ هنن اهي شيون جنهن جنهن تر ۾ گهر ڪري ويٺا، تنهن تنهن تر جي ماڻهن کان پرايون. جڏهن سندن ڪاهون شروع ٿيون، تڏهن هندستان جو مذهب ٻڌ ڏرم هو. عيسوي سن جي پهرين صديءَ جي وچ ڌاري اسان اتر اوير هندستان جي هڪ عظيم سائٿيائي بادشاهت جي حاڪم ڪنشڪ کي ٻڌ ڏرم جي سڳورن ڪتابن تي نظرثانيءَ لاءِ هڪ ميڙ ڪوٺائيندي ڏسون ٿا. هيءُ ميڙ اهڙو ئي هو جهڙوڪ اشوڪ 244 ق.م ۾ ڪوٺايو هو.

سنڌ تي عربن جي فتح کان ڪجهہ وقت اڳ برهمڻ ڏرم وري زور ورتو ۽ ستين صديءَ جي ٻي چوٿائيءَ ۾ جڏهن چيني سيلاني هوئن تسانگ هندستان آيو تڏهن هن هندستان جي سنڌ سان لڳو لڳ پاڳڻ ۾ برهمڻ ڏرم ۽ ٻڌ ڏرم کي هڪٻئي جي آمهون سامهون ڏٺو. هندستان جي انهن رياستن مان ڪن جا حاڪم برهمڻ هئا ۽ ڪن جا ڪتري، جي شايد راجپوت هئا. اهي سڀ معاملا عربن جي سوڀ سان واسطو رکندڙ تاريخن ۾ نروار ڪيل صورتحال تي روشني وجهن ٿا. تڏهن هڪ هندو گهراٽو پنجن پيڑهين کان سنڌ تي حاڪم هو. سندن گاديءَ جو هنڌ الور هو. ان جو راج ملتان کان وٺي سمنڊ تائين ۽ ريگستان کان وٺي ٺڪرن تائين ڦهليل هو. ان ۾ بلوچستان جو اهو پاڳو بہ شامل هو جيڪو اڄ ڪلهہ جهلاوان سڏجي ٿو. برهمڻ آباد، سيوستان (سيوهڻ)، اسڪندهہ، جو سمجهجي ٿو تہ اُڇ هو ۽ ملتان ۾ گورنر هئا. پهريون گورنر لوهاٽن، لکين ۽ سمن جي ملڪ جو حاڪم هو ۽ ديبل ۽ نيرون جا ڪوٽ سندس هٿ هيٺ هئا. جٽ هر هنڌ هئا. هندي ماخذن ۾ هيٺين سنڌو ماٿريءَ جو ڪشن جي دور کان پوءِ ڪو ذڪر نٿو ملي. عربن جي لکيل تاريخن ۾ ستين صديءَ دوران سنڌ تي عربن جي اوائلي ڪاهن جا مختصر ۽ اڻ ڇٽا حوالا ملن ٿا. انهن مان اسان کي معلوم ٿو ٿئي تہ عربن هندستان جي هن علاقي تي حملا شروع ڪيا، تنهن کان ٿورو وقت اڳ هڪٻئي گهراٽي جي حڪومت شروع ٿي هئي. راءِ گهراٽي هڪ سو ستٽيهہ ورهيہ راج ڪيو هو ۽ ان جا پنج راجا ٿيا هئا، جن مان پويون راءِ

ساهسي هو. جڏهن هن لاڏاٽو ڪيو تڏهن هن جو چچ نالي برهمڻ وزير سنڌس راڻيءَ سان وهاڻ ڪري تخت تي ويٺو ۽ هڪ گهراڻي جو پايو وڌائين. هن ڪافي عرصو حڪومت ماڻي. ڪانئن پوءِ پاڻس چندر راجا ٿيو جنهن کان پوءِ پٽهنس ڏاهر تخت تي ويٺو. ڏاهر 711ع ۾ عربن جي سوپ ۾ وڙهندي مارجي ويو. چيني ياتري هوئن تسانگ، جو چچ جي زماني ۾ سنڌ آيو هو سو ڄاڻائي ٿو ته چچ شودر ۽ ٻڌ ڌرم جو پوئلڳ هو جا ڳالهه انهيءَ عام خيال جي برخلاف آهي ته چچ، ذات جو برهمڻ هو. پر حقيقت متان هيءُ هجي ته سنڌ اهڙي وقت فتح ڪئي وئي هئي، جڏهن ٻڌ ڌرم جو اثر ختم ٿي رهيو هو ۽ برهمڻ ڌرم جا بالادستي صدين کان وڃائي ويٺو هو سا وري حاصل ڪرڻ لڳو هو. سنڌ ۾ محمد بن قاسم جي مهمن جا احوال ڏيکارين ٿا ته تڏهن برهمڻ ۽ ٻڌ ٻئي هئا. چچ، نبي ڪريم ﷺ جن جي برقعي متائڻ کان پورو سال اڳ، پنهنجي مالڪ ساهسي ٻئي جي ٻيوهه سان 631ع ۾ وهاڻ ڪري تخت تي قبضو ڪيو هو. چچ پنهنجي حڪومت وڌائي هئي ۽ لسبيلي کي مطيع ڪيو هئائين، جتان جو حاڪم ٻڌ ڌرم جو پوئلڳ هو. وري زور ونندڙ برهمڻ ڌرم جهنگ جي باهه جيان پکڙجڻ لڳو هو. 671ع ۾ چچ جي لاڏاٽي کان اڳ هلال جي عرب سپاهين سمنڊ رستي سنڌ تي هڪ کان وڌيڪ آزمائشي حملا ڪيا. سندن خشڪيءَ رستي پيشقدميءَ کي جهلاوان جي جتن جي ثابت قدم مزاحمت روڪي ڇڏيو هو.

عربن جي حڪومت:

پاڻ سڳورن ﷺ جي لاڏاٽي کان پوءِ واري صدي نئين دين جي عربستان کان پيشقدمي ۽ وڏي طاقت ونڻ جي صدي هئي، ۽ اها ڳالهه حيرت واري نه آهي ته عربن جو سنڌ کي فتح ڪرڻ وارو ارادو آخرڪار پورو ٿيو. انهيءَ طوفان 711ع ۾ ڪڙڪو ڪيو. جڏهن سنڌ جي تخت تي ڏاهر ويٺل هو. اٽين صدي عيسويءَ جو اوائلي پاڻو اسلام جي انتهائي شاندار فوجي سوين جو زمانو هو. جنهن وقت طارق اسپين ۾ دمشق جي خليفي جي اقتدار جو اعلان ڪري رهيو هو. تنهن وقت محمد بن قاسم هندستان ۾ اسلام جي پهرين دائمي فتح جا جهنڊا کوڙي رهيو هو.

هن شاندار مهمن ذريعي دبيل، نيرون (هاڻوڪي حيدرآباد لڳ)، سيوهڻ، برهمڻ آباد، الور ۽ ملتان جا علاقا مطيع ڪيا. عربن پاڻ کي ملتان ۽ سنڌوءَ جي ڏيلتا جي وچواري سموري ملڪ جو مالڪ ڏٺو تحقيق، محمد بن قاسم تاريخ جي ننڍي ۾ ننڍي فاتحن مان هڪڙو هو. ڇا لاءِ ته جڏهن ڪيس هندو راجا ڏاهر خلاف ڪاهي ويندڙ فوج جي سڀه سالاري سونپي وئي، تڏهن سنڌس ڄمار رڳو سترهن ورهيه هئي. سنڌ تي حملي جو مقصد سنڌ جي ڪپر لڳ ساموندي ڏاڙيلن جي اُرهه زورائيءَ جو ويڑ ونڻ هو. ڏاهر خلافت جي اوپر وارن پرڳڻن (عراق) جي واليءَ حجاج کي اطلاع ڏنو ته هو تدارڪ ڪرڻ کان معذور آهي. حجاج ويڑ ونڻ لاءِ ترت قدم کڻڻ جو فيصلو ڪيو.

ڳالهه هيءَ هئي ته سيلون ۾ گذاري ويل ڪن مسلمان واپارين جون زالون ۽ ٻار سمنڊ رستي واپس ٿي ويا. جنهن جهاز تي هو سفر ڪري رهيا هئا، تنهن کي حملو ڪري ڦريو ويو. حجاج جنهن عيوضي جي طلب ڪئي، سو نه مليس ته هن سيڪٽ ڏيڑ لاءِ فوج تيار ڪئي ۽ پنهنجي نوجوان سوٽ ۽ نائيءَ کي ان جو سپه سالار ڪري سنڌ تي چاڑهي موڪليائين. محمد بن قاسم جي لشڪر ۾ ڇهه هزار شامي گهوڙيسوار هڪڙو انڻ جو دستو ۽ رسد جو بي انداز سامان شامل هو. تنهن کان پوءِ سمنڊ رستي 'عروسه' يعني ڪنوار نالي هڪ وڏي منجنيق يعني پهڙ اُڇلائيندڙ ڪانپاٽي به موڪلائي وئي. ان منجنيق کي پنج سو سپاهي هلائيندا هئا. 'عروسه' کي ديبل جي ڪوٽ خلاف استعمال ڪيو ويو جو سنڌوءَ جي ڇوڙ وٽ، ڏٽي جي هاڻوڪي شهر کان ڪي ڇوويهه ميل ڏکڻ اولهه طرف ديبل نالي هڪڙو بندرگاهه هو. ديبل تي اهو نالو هڪڙي زبردست مندر يا ديول، تان پيو هو جنهن جي مڪيه ڪنگري تي هڪڙو وڏو ڳاڙهو جهنڊو لڳل هو ڇيو وڃي ٿو ته انهيءَ مندر ۾ تي هزار ٿوڙها ٻاوا پوڄا پاٽ ڪندا هئا. تاريخ ۾ آيل آهي ته اتي ڇٽن هزارن راجپوتن جو حفاظتي دستو رهندڙ هو ۽ شهر جي چوڌاري زبردست عالم پناهه هئي. 711ع جي گرم، پوسلي تپ واري سرءُ جي مند هئي ۽ ديوارن تي چڙهڻ ۾ ايڏا تائين ڪاميابي نه ٿي هئي. پوءِ هڪڙو برهمڻ ڇڏي پڄي آيو. محمد بن قاسم کي ٻڌايائين ته مندر کي اجيت ڄاتو وڃي ٿو ڇو ته اهو هڪڙي ٽوٽي جي حفاظت ۾ آهي. جيڪو مندر جي چوٽيءَ تي لڳل جهنڊي واري ڇڙهه جي پاڙ وٽ پوريل آهي. محمد بن قاسم اهو ٻڌي گهيرو ڪندڙ توبخاني جي علمدار جوايا کي گهرايو ساڻس صلاح ڪري هن فيصلو ڪيو ته منجنيق جو نشانو هيٺ ڪري ٽوٽي. مٿان بينل جهنڊي جي ڇڙهه کي پڇڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. سو 'عروسه' جي ٻانهن ننڍي تي وئي ته جيئن پهڙ هيٺ پرا چوڙي سگهجن. پهرين ئي ڏڪ سان ڇڙهه ٻه اڏ ٿي وئي ۽ تعويذ جو ديرو ڇيهون ڇيهون ٿي ويو. انهيءَ واقعي حفاظتي دستي کي دلشڪستو ڪري وڏو ۽ اهو جلهه ڪري آيو پر عربن کين پسپا ڪري ڇڏيو. عربن کي پوءِ ڏاڪڻيون رکي پٽين تي چڙهڻ ۾ رندڪ ڪانه ٿي.

سنڌ گزيٽئر جي 1907ع واري ڇاپي جو ليکڪ سنڌ تي محمد بن قاسم جي حملن بابت هيءَ تبصرو ڪري ٿو: "تحقيق هيءَ مهم نسوري ديوانگي هئي، پر سال کان ٻه ڪهڻ مدي اندر جنهن مهان هندو بادشاهت تي ڇڃ حڪومت ڪئي هئي. تنهن جو اڏ هن نوجوان مسلمان کي پنهنجو ڏٽي سائين مڃڻ لڳو ۽ باقي اڏ ٻه ديڙ ڪانه ڪئي. محمد بن قاسم ديبل ۾ قيد مسلمانن کي ڇڏڻ کان پوءِ سيوهڻ ڏانهن ڪوچ ڪيو ۽ هفتي اندر ان تي قبضو ڪري ورتائين. سيستان نالي قلعي ۾ بنا ڪنهن مزاحمت جي داخل ٿيو. نيرون جي ڪليل دروازن کان اندر اُن اُتي ڏاهر سان مقابلي لاءِ سنبرڻ لڳو." هيءُ مقابلو جو جهڙو تهڙو مقابلو نه هو، پر هڪ وڏي ڇتي جنگ هئي، جا چار ڏينهن هلي. ان

جنگ ۾ بهادري ۽ سورهيائيءَ جا ڪيئن واقعا ٿيا. پر نئين زماني جي ٽيڪاتپٽيءَ جهوني تاريخ کان اهڙا واقعا ڪسي ان کي سُڃو سڪڻو ڪري ڇڏيو آهي. پر ڳالهه ڪٿائڻي، راجا مارجي ويو لشڪر ترڻي پڪڙي ويو ۽ محمد بن قاسم برهمڻ آباد ۽ الور ڏانهن پيش قدمي ڪئي. پچاڙيءَ ۾ هن وڃي ملتان تي قبضو ڪيو. بيشڪ، سنڌس تڪڙي ڪاميابيءَ ۾ عربن جي ڏاهپ ۽ فوجي نيتيءَ ۽ سنڌس پنهنجي دوراندیشيءَ ۽ اعتدال جو به هٿ هو ۽ عربن جي انهيءَ ناماچار جو پڙ تہ قول جا پڪا آهن. ايليئٽ جي تصنيف، 'هندستان جي تاريخ، سنڌن تاريخ نويسن جي زباني' (History of India as told by its own Historians)، 'عرب سنڌ ۾' واري باب سان جيڪو ضميمو آهي، تنهن ۾ محمد بن قاسم هٿان ملڪ جي فتح کان پوءِ جي واقعن جو احوال هن ريت ڏنل آهي: "محمد بن قاسم جي وفات کان ستت پوءِ نئين فتح ڪيل پرڳڻي ۾ حالتون بگڙي ويون. ڇيو وڃي ٿو تہ ان واقعي کان پوءِ بن ورهين جي اندر ديبل کان لوڙ جي سن تائين وارو علائقو ڇڏي ٻيو سڄو ملڪ خليفي جي نائب جي هٿن مان نڪري ويو. سنڌ جي سردارن ۽ جاگيردارن مان ڪيترا باغي ٿي ويا ۽ جئہ سين، برهمڻ آباد وري هٿ ڪري ورتو. تان جو هنن سان مقابلي لاءِ عراق کان ٻيو لشڪر موڪلڻ ضروري ٿي پيو. وقت گذرڻ سان انهن سيڪت ڏيندڙ لشڪرن جي ڪثرت ٿيندي وئي. 711ع کان 750ع تائين چاليهه ورهيه هيءُ ملڪ بنو اُميه جي خليفن جي هٿن ۾ رهيو جنهن کان پوءِ اهو عباسي خليفن جي هٿن ۾ هليو ويو. عباسي گهراڻي جي ستٽيهن خليفن مان ايڪيهن وٽ سنڌ هئي، پر پوءِ اها ٻين حاڪمن جي قبضي ۾ هلي وئي.

"تحفة الڪرام" ۾ لکيل آهي تہ بنو اميه جي دور ۾ الور جو حاڪم دلوراءِ ۽ ڊيلٽا ۾ پنيور جو حاڪم پنيوراء هو. 750ع ۾ پهرين عباسي خليفي ابوالعباس السفاح سنڌ تي لشڪر چاڙهي موڪليو. جنهن بنو اميه جي نائبن کي بيدخل ڪري ڇڏيو ۽ چار ورهيه پوءِ خليفي منصور پڻ هند ۽ سنڌ تي فوج ڪشي ڪئي. ادريس جاڻائي ٿو تہ سنڌ ۾ عربن جي پهرين گاديءَ منصوري جو پايو پوئين خليفي جي دور (753ع ـ 774ع) جي اوائلي ڏينهن ۾ وڌو ويو هو. پنجين خليفي هارون الرشيد (763 ـ 808ع) جي دور ۾ شيخ ابوتراب ساڪره ضلعي جي ڪوٽ واري شهر تراهه اتر سنڌ جي شهر باڪره ۽ اولهندیءَ سنڌ جي ٻين هنڌ تي قبضو ڪري ورتو. انهيءَ شخص جو گجي ۾ مقبرو اڄ به مرجع خلائق آهي. مقبري جي گنبذ تي 171 هجري يعني 787ع تاريخ ڏنل آهي. ڇيو وڃي ٿو تہ شيخ صاحب جي ڏينهن ۾ پنيور ۽ ڪي ٻيا شهر زلزلي ۾ تباهه ٿي ويا هئا. مقبرو ننڍي کان اٺ ميل ڏکڻ اولهه طرف گجي ۽ ڪوهريءَ جي وچ ۾ آهي. خليفي مامون (813ع ـ 833ع) جي ڏينهن ۾ سامره ۾ رهندڙ ڪيئي عرب ڪٽنب، تميم ۽ هن جي پوين سان گڏ لڏي اچي سنڌ ۾ ويٺا. سامره جي عربن مان سومرن جي قوم پيدا ٿي ۽ تميم جي پوين مان ٺهيم اُسريا. جڏهن ٽائين صديءَ جي پچاڙيءَ ۽ ڏهين

اروڙ جو قلعو فاتح محمد بن قاسم

ڪوٽ ڏيجي جو قلعو- خيرپور

صدي جي منڊ ڏاري خليفن جي طاقت ۾ اثر گهٽجڻ لڳو ته انهيءَ ڪمزوريءَ جو اثر اوس پر انهن پرڳڻن تي به پيو جا سلطنت جي قلب کي وکوڙي وئي هئي. مرڪزي حڪومت جو سنڌ کي نظر انداز ڪيو ته ڪيترا ننڍا ننڍا سردار ان کي پاڻ ۾ ورهائي حاڪم بڻجي ويا. 871ع کان پوءِ جيڪي به مڪيه بادشاهتون وجود ۾ آيون، سي هيون ملتان ۾ منصوره، جن ۾نهي ڇڳي طاقت ۾ سرچائي ڏني.

هندستان جي ڪئمبرج واري مختصر تاريخ موجب، سنڌ جي فتح جا ڪي به ڏور پهچ نتيجا ڪونه نڪتا، ۾ جيڪو مذهب لڳ پڳ پنج صديون هندستان تي غالب رهڻو هو سو عربن جي فتح ڪيل سرحدي علائقي کان اڳتي ڪونه وڌيو. سنڌ جي واليءَ کي تي ڪاهه ڪئي، پر اها مهم رڳو جلهه هئي ۾ ڪا به بيڪ نه وڌي وئي. سنڌ جي عرب والين گهٽو ڪري پنهنجن پاڙيسرين سان دوستيءَ وارو ناتو ئي رکيو. راجستان جي رياستن کي ٿر جي ريگستان اڳرائيءَ کان بچايو ٿي ۾ ملتان جي مسلمان حاڪمن متين پنجاب کي مطيع ڪرڻ جي ڪڏهن به ڪا گنهير ڪوشش ڪانه ڪئي. منصوري جي بادشاهت سمنڊ کان الور تائين پکڙيل هئي ۾ الور کان ملتان واريءَ بادشاهت جي حد ٿي شروع ٿي. ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي ته منصوري وارو ڏيهه چگو آباد ۾ وٽن ۾ پوکن سان ڇانيل هو. سنڌين جو ويس عراق جي ماڻهن جهڙو چيو وڃي ٿو. گاديءَ جو هنڌ، الور ملتان جيترو ڪشادو سمجهيو وڃي ٿو. چوڌاري ٻٽو ڪوٽ آيل هئس ۾ جڳي چوڪي واپار جي پڙي هو. سنڌ جي عرب حاڪمن جي آمدني تمام ٿوري ڏسڻ ۾ اچي ٿي. بس ايتري جو ڪاڌي پيتي. ڪپڙي لٽي ۾ حيثيت آهر رهڻ لاءِ پورت ٿي ويندي هئن. عربن جي صاحبيءَ ۾ سنڌ جو اندروني انتظام انهن فاتحن ڏيهي ماڻهن جي هٿن ۾ رهڻ ڏنو هو. عرب سپاهين کي هتي زمينون مليل هيون پر ان شرط تي ته هو فوجي خدمت سرانجام ڏيندا رهندا کين پوکراهي يا ڪنهن ٻئي ڏنڊي ڪرڻ جي اجازت نه هئي. ڪافي مفتوح علائقو سڳورن آستانن ۾ ادارن کي پڻ وڏي دريا دليءَ سان عطا ڪيو ويو. عرب حاڪمن قافلن رستي خراسان سان ۾ قندار ۾ غزنيءَ جي معرفت زبولستان ۾ سجستان سان واپاري لهه وچڙ پڻ قائم رکي. سمنڊ رستي به ڪافي واپار ٿيندو هو. چاڪاڻ ته ترڪستان ۾ خراسان ڏانهن ويندڙ گهٽو مال چين، سيلون ۾ ملبار جي پيدائش هوندو هو. سنڌوءَ ۾ هلندڙ ٻيڙيون گهٽي ياڳي ملباري ڪاٺ مان ٺاهيون ويندیون هيون. سنڌ ۾ گهوڙا پڻ اڪثر عربستان کان گهرايا ويندا هئا.

معلوم ٿو ٿئي ته عربن جي صاحبيءَ ۾ سنڌ سرڪار کي گهٽي آمدني ڏل مان ٿيندي هئي. سنڌ ۾ ملتان لاءِ سالياني ڪٽ 1,15,00,000 درهم يا اٽڪل 2,70,000 پائونڊ هئي، ۾ ان ۾ ڏل، جزيو ناکو ۾ ٻيا متفرق اسر شامل ڇيا وڃن ٿا. سنڌ جو عرب گورنر سچ پچ ته هڪ قسم جو ڪڙمي سپهه سالار هوندو هو جيڪو خليفي کي سرڪاري ڪاتي ۾ جاڻايل رقمون ڏيڻ لاءِ ٻڌل هوندو هو. ڪڪ ۾ جَوَن جا جيڪي فصل سرڪاري واهن جي پاڻيءَ تي ٿيندا هئا، تن تي ڏل پيدائش جو ٻه ياڳي پنجون

حصو ورتي ويندي هئي. پر جي زمين نار يا ٻئي ڪنهن هٿرادو وسيلي سان ريجي ويندي هئي تہ ڍل ٿي پاڻي ڏهين پتي ۾ بنهہ اڻ ريجيل زمينن تي چوٽين پتي هئي. جيڪا آباد ٿيڻ جوڳي زمين ڪيڙي نہ ويندي هئي، تنهن تي في جريب هڪ درهم پياريو ويندو هو ۾ امڪاني پيدائش جي ڏهين پتي تنهن کان سواءِ هئي. شراب، مڇي، ميائين، کارڪن، ڏاک ۾ باغن جي ٻي پيدائش تي بہ محصول لڳندو هو. 1907ع واري گزيٽيئر ۾ لکيل آهي تہ اڻ ڪيڙيل آبادي جوڳيءَ زمين جي ڍل نالي ماتر هئي ۾ وقت گذرڻ سان ان ۾ هر هنڌ وڌا اضافا ڪيا ويا تان جو اها پيدائش جو اڌ ٿي وئي يا ائين ڪٽي چڪجي تہ ايتري جيتري ماٹھو ڏئي سگھن. جيڪي قبيلا مسلمان نہ ٿيا هئا، تن سيني کي جزيو ڏيڻو پوندو هو جو سنڌ ۾ عربن جي صاحبيءَ جي شروعاتي ڏينهن کان وڏي خبرداريءَ سان اوڳاڙيو ويندو هو. "عرب پرڳڻي ڏٽين کي جيڪي محصول رواجي طرح اوڳاڙڻ جو حق هو سي هئا ڍل، جزيو ايندڙ ۾ لنگهندڙ مال تي ناکو ۾ واپار ۾ دستڪارين تي محصول." جاگرافيدان اسخري 951ع ڌاري لکندي منصوري کي ملتان کان وڌيڪ سرچو ۾ پڻ وڌيڪ آدم وارو ڄاڻائي ٿو. هو ٻڌائي ٿو تہ ملتان جا ماٹھو سٹڻون پائيندا آهن ۾ منجهائن گهٹا فارسي ۾ سنڌي ٻالهائيندا آهن. جيئن منصوري ۾ محمد بن قاسم هٿان فتح ٿيڻ کان پوءِ مسلمانن جي والار وقت سنڌ ۾ حياتيءَ جي حالت اجها اها هئي. عربن جي حڪومت فقط ٽن سون ورهين کان ٽورو وڌيڪ هلي ۾ 1026ع ڌاري پوري ٿي، جڏهن محمود غزنويءَ ملتان هٿ ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي وزير عبدالرضائي کي سنڌ فتح ڪرڻ لاءِ موڪليو. چيو وڃي ٿو تہ وزير موصوف سيوهڻ ۾ ٿنو هٿ ڪيا، ۾ عربن، يعني عملدارن کي ملڪ مان ڊوڙائي ڪڍيائين. باقي جيڪي عرب گهر ڪري وينا هئا، تن کي ڪجهہ ڪونہ چيو ويو بلڪ هن نوان پرڳڻي ڏٽي انهن منجهان مقرر ڪيا.

وچ وارو دور:

عيسوي سن جي اوائلي صدين کان وٺي ويندي چوڏهين صديءَ جي وچ تائين وچ ايشيا جي زرخيز سر زمين مان جنگجو ۾ سرڪش اڌ سڌريل وحشين جا ٽولن پٺيان ٽولا چرچران ۾ هل هلان جو سوداءِ ڪٽي اُٽندا رهيا هئا. ايئن ئي جيئن ڪائنئ صديون اڳ هند يورپي ٽولا سوڀون ڪٽڻ ۾ مالڪ ٻڌجڻ نڪتا هئا. ٻي صدي عيسويءَ ۾ باختري يونانين جي زماني کان وٺي 1525ع ۾ مغل سلطنت جي قائم ٿيڻ تائين اُتر هندستان جي وڳوڙي حالتن لاءِ اهي ئي ٽولي جوابدار هئا. دهليءَ جي سلطانن جو پنج سؤ ورهين وارو دؤر مٿئين هندستان ۾ گنگا جي ترائيءَ ۾ رهندڙ پر امن ماٹھن تي وحشيائن حملن ۾ جيتيل لوڪن تي انهن وچ ايشيائي پرڏيهين جي رت پياڪ اڳواڻن جي ظلمي غبي سان عبارت آهي. انهيءَ انڌي مونجهاري جي زماني دوران سنڌ، پنهنجي نويڪلائيءَ سان هميشہ جيان سڃار رهندي، واقعات جي مکيہ وهڪري کان ٻاهر رهي، پر ان کي اوس آپيشاهيءَ جي ڇڙواڳ

استعمال سبب پيدا ٿيل انڌي ۽ پري تائين پکڙيل وڳوڙ جي پنج سؤ ورهين دوران مکيہ هلچن ۾ نهايت حقيقي طرح، توڻي جو عموماً اٽسڌيءَ طرح، پاڻي پائيوار ٿيڻو پيو.

دهليءَ جي سلطانن جو پنهنجن پاڙيسرين ۽ ڏن پرو رياستن تي اختيار ڪڏهن پختو ته ڪڏهن ڍرو ٿيندو رهندو هو ۽ مڪاني حاڪم پنهنجن پنهنجن علاقن تي عملي طرح اختيار هلائي سگهندا هئا. توڻي جو سندن اختياري پوري طرح تسليم ٿيل نہ ٻه هوندي هئي. اهڙيءَ ريت سنڌ دهليءَ جي سلطانن جي هيڻائيءَ ۽ بي ڌيانيءَ جو فائدو ونندي رهندي هئي ۽ وقت بوقت ڏيهي گهراڻن هيٺ هڪ طرح جي خود مختياري ماڻي ونندي هئي. سو ٿيو ائين ته 1032ع کان 1351ع تائين سومرن جي سنڌي گهراڻي ملڪ تي راڄ ڪيو ۽ 1351ع کان 1521ع تائين هڪئي سنڌي گهراڻي يعني سمن حڪومت جون واڳون سنياليون. سومرا پرمار راجپوتن جو پاڙو آهن. اٽين صديءَ کان چوڏهين صديءَ جي وچ تائين سنڌ ۾ ٽورو ڪي گهڻو طاقت ۾ رهندا آيا ۽ ان زماني جي پچاڙيءَ ڌاري ته هو خود مختيار حاڪم هئا. ملتان واري شيخ ابن سومار راجا بل ڏانهن هڪ دروز سن 1032ع ۾ جيڪو خط لکيو هو تنهن جي مضمون جي آڌار تي ايليئٽ پنهنجي تصنيف 'هندستان جي تاريخ سندن تاريخ نويسن جي زباني' ۾ هيءَ قياس آرائي ٿو ڪري ته سومرا پنهنجو اباڻو مذهب ڇڏي مسلمان ٿيا، تنهن کان اڳ هو قرامطي بدعت جا پوئلڳ ٿيا هئا. پر هاڻ هو سني ٿي ويا، پر ايمان ڪڏهن آندائون سو معلوم نہ آهي. محمود غزنويءَ ملتان ۽ اُچ هٿ ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي وزير عبدالرضائيءَ کي موڪلي 1026ع ڌاري سنڌ فتح ڪرائي. پر غزنوي گهراڻي جو سنڌ تي قبضو گهڻو وقت ڪونہ هليو. ڇو ته 423 هجريءَ (1032ع) ۾ ملتان جو حاڪم ابن سومار جو پاڻ ٻه سومرو سمجهيو وڃي ٿو سو سنڌ ۾ سومرن جي گهراڻي جو پايو وجهندي ۽ ملڪ تي وڏي برجستانيءَ ۽ ساڃاهہ سان حڪومت ڪندي نظر اچي ٿو. ٿي سگهي ٿو ته سومرا 1051ع تائين غزنوي سلطان جي نالي ۾ حڪومت ڪندا هجن يا شايد وفاداري ڏيکارڻ لاءِ ڏن ڏيندا هجن. پر انهيءَ سن کان پوءِ هنن مڪمل خود مختياري اختيار ڪئي. سنڌ جو هڪڙو مؤرخ، علي شير ٺٽي وارو سومرن جو ٻڌ بنياد ڪن عرب ڪٽنبن جي نالي ليکي ٿو جيڪي عباسي خلافت جي زماني ۾ سامره کان لڏي اچي سنڌ ۾ ويٺا هئا. پر عام رايو هيءَ آهي ته سومرا راجپوت هئا ۽ سندن پهرين حاڪمن جا نالا سومرو دودو سنگهار پونگر، سندن اصل نسل ظاهر ڪن ٿا. هو دين اسلام تي ڪڏهن آيا، سو معلوم نہ آهي، پر ائين وسهڻ لاءِ سبب آهي ته ايمان آڻڻ کان اڳ هو قرامطي بدعت جي اثر ۾ اچي ويا هئا. اهو پڻ چٽو نہ آهي ته حاڪم ڪڏهن ٿيا. تاريخ نويسن جا بيان پاڻ ۾ نٿا ٺهڪن ۽ يورپي عالم جن نتيجن تي پهتا آهن، سي پڻ هڪئي سان نٿا ٺهڪن البت، انهيءَ ڳالهہ جي ڪافي اتفاقي ساک موجود آهي ته سومرن جي صاحبيءَ جي اوائلي ڏينهن ۾ مسلمان حاڪمن مڪاني هندو سردارن کي تسليم ڪيو ۽ بحال رکيو هو. مشهور راجا

دلوراءِ، جنهن جي ڪلورن ڪري الور ۾ برهمڻ آباد تي خدائي قهر نازل ٿيو هو سو نسوري ڏند ڪٽا نٿو ٿي سگهي. 1221ع ۾ هسرار نالي حاڪم جو ۾ دبيل ۾ هندن جي مندرن جو ذڪر ملي ٿو تنهن هوندي به اهڙي ساک نه آهي ته جڏهن ڪان محمود غزنوي خليفي جي نائبن کي تڙي پنهنجا نائب رکيا هئا، تڏهن ڪان غزنيءَ جي حاڪم ۾ ڪائنس پوءِ دهليءَ جي مسلمانن جي سموريءَ سنڌ مٿان بالادستيءَ جو ڀٽڪو سڃو لاهي ڦٽو ڪيو ويو هو. ٿي سگهي ٿو ته ائين ڪرڻ فائدي وارو نه هجي، ڇاڪاڻ ته جڏهن ملتان پرڳڻي ڏٽيءَ جي گادي ۾ سموري فوجي ۾ سياسي دلچسپيءَ جو مرڪز هو، تڏهن سنڌ جي ڏکڻ ۾ اوپر جو عملي طرح خود مختيار هجڻ عين ممڪن آهن. ان ئي زماني ۾ ڪنهن وقت سومرن جي قوم زور ورتو ۾ ٿيو وارو تاريخ نويس علي شير ٻڌائي ٿو ته غياث الدين جي تخت نشينيءَ کان ستت پوءِ هو ٽريءَ ويجهو گڏ ٿيا ۾ هڪڙي همراهه ڪي، جنهن جو نالو قبيلي پنيان سومرو هو پنهنجو سردار چونڊيائون. پر علي شير ٻئي هنڌ ايئن چئي پاڻ پنهنجي تردید ٿو ڪري ته غياث الدين جي پيشرو علاءُ الدين ڇڪو ڪيو جو ڪين جڏا ڪم ڪرڻ تان تباهه ڪري ڇڏيائين.

مير معصوم انهيءَ بيان سان اتفاق ٿو ڪري ته جنهن زماني ۾ غياث الدين ٿٽي تي قبضو ڪيو تنهن زماني ڏاري سومرن بغاوت ڪئي. غياث الدين وٽ ساڻن منهن ڏيڻ جو وقت ڪونه هو. پر سندس پٽ ۾ وارث محمد شاهه جو نالیوارو عالم ۾ بهادر سپاهي هو سو 1351ع ۾ گجرات واري بغاوت جي باني‌ءَ جي پٺ ونڊي هيٺين‌ءَ سنڌ تي چڙهي آيو چو ته باغيءَ ٿٽي جي سومرن حاڪمن وٽ اچي پناهه ورتي هئي. محمد شاهه ٿٽي وٽ گذاري ويو ۾ سندس پائٽيو فيروز تغلق، سندس جانشين ٿيو تنهن کي ڪنهن خاص مزاحمت سان منهن نه ڏيڻو پيو سواءِ باغيءَ جي پوئلڳن جي گاڏڙ ساڏڙ ٽولي جي، جن کي هن چڙوچڙ ڪري چڏيو. هن سانگهڙ وٽ هڪ ڏينهن جي ڪنڊيءَ ڪوٽ جوڙايو لعل شهباز جي قبي تي حاضري ڀريائين، اتان جي متولين جو وظيفو مقرر ڪيائين. بکر ۾ پنهنجو نائب مقرر ڪري ڪلهي جي حفاظت لاءِ اسي سپاهي رکيائين ۾ اتان دهليءَ موٽي ويو. پر هيءَ سنڌ ۾ دهلي جي مرٽينگ طاقت جو آخري ٽڪو هو. ابن سومار جي جاءِ نشينن مان هڪڙو خفيف هو، جنهن هروچن، سوين ۾ جاڙيجن جي اڪيچار ڪاهن کي ڪاميابيءَ سان روڪيو. ابن سومار جي حڪومت وڏي برجستائيءَ واري هئي ۾ سندن اختياريءَ کي ڪچ ڪان نصرپور تائين مڃيو ويندو هو. اها سندس صاحبي هئي جنهن ۾ سمن جو نالو ٻڌجڻ لڳو. هنن هروچن جي هڪ قبيلي کي ڦريو هو. جنهن تان خفيف کين چڪي سيکت ڏني هئي. خفيف جي زماني کان سومرن جو زور هوريان هوريان گهٽجڻ لڳو ۾ آخرڪار ارميل جي صاحبيءَ ۾ سما، جي ڪجهه وقت اڳ ڪچ کان لڏي اچي سنڌ ۾ وينا هئا، تن سازش ڪري ڪيس ماري چڏيو ۾ پنهنجي قوم مان جام انڙ کي ڪٽي سنڌ جي تخت تي ويهاريائون،

هيءُ 1351ع جو واقعو آهي. ڪن لکندڙن ڄاڻايو آهي تہ سومرن جي طاقت ڪڏهن بہ وسيع يا مطلق نہ هئي ۽ هو رڳو ان ڪري حاڪم گهراٽي هجڻ جي دعويٰ ڪري سگهن ٿا جو ٻيو ڪو اهڙو نمايان قبيلو يا طاقت ڪانہ هئي جا انهيءَ ڏس ۾ بهتر حق ڄمائي سگهي. سما پڻ راجپوت نسل مان هئا. توڙي جو سيئي ان ڳالهہ تي متفق آهن تہ سمن جي قبيلي جو باني سام هو پر هيءَ ڳالهہ چٽي آهي تہ اهو سام نبي ڪريم ﷺ جي چاچي جو پٽ هو يا ڄام يعني فارس واري جمشيد جو پٽ هو يا ماگهين هيءُ اهو ساڳيو ماڻهو هو جنهن کي اسان شيم بن نوح جي نالي سان سڃاڻون ٿا. پتو ناهي تہ سمن دين اسلام ڪڏهن ورتو پر عين ممڪن آهي تہ ڪڇ جي جاڙيجن جيان، هُو بہ ڪو وقت ٻنهي مذهبن کي گڏي سڏي ڪم هلائيندا رهيا. اهي جاڙيجا بہ ساڳي بڻ مان هئا. هنن لاءِ پاڻ راءِ جو اهو چوڻ هو تہ ٻن هزارن جاڙيجن ۾ ٿي بہ اهڙا نہ آهن، جن کي پتو هجي تہ دين ڏرم ڪهڙو اٿئون. سما سنڌ جي تخت جا مالڪ ٿيا تہ سندن حاڪمن ڄام جو لقب اختيار ڪيو جو هاڻ ڪڇ جي جاڙيجن سردارن جو لقب آهي. هيءَ ڳالهہ ڏيان جوڳي آهي تہ جتي سمن جي پهرين حاڪم جو نالو انڙ ٻڌي جو بابينو ۽ ٽئين جو تماچي هو اتي چوٽون، جنهن کي ٻاروتڻ ۾ ئي قيد ڪري دهلي نيو ويو هو سو خيرالدين جي نالي سان ظاهر ٿئي ٿو. تنهن کان پوءِ بادشاهي رت جا وارث صلاح الدين، نظام الدين وغيره ٿيڻ لڳا. سواءِ ڄام تماچي ٻڌي جي (سندس اهو ويڙهيجو نالو هن جي ويڙهيجن ماڻهن ۾ اڄا تائين قائم آهي، جڏهن تہ الدين سيف وسارجي چڪا آهن). اها ڳالهہ بلڪل پڌري آهي تہ سمن، سومرن کي محمد شاهہ جي وفات واري زماني ڌاري بيدخل ڪيو هو ۽ هيءَ پڻ تہ هنن پنهنجو راج سومرن جي پيٽ ۾ گهٽو وڌيڪ تڪڙو وڌايو هو جو تہ اهي وڌيڪ وڌي ۽ وڌيڪ ويڪري علاقي تي پکڙيل قبيلا هئا. هنن سيوهڻ تي قبضو ڪيو ۽ ويندي بکر ۾ سلطان جي رکيل اسي ڇٽن واري حفاظتي دستي کي هڪالي ڪيڻ کان پوءِ بہ نہ مڙيا. کين سيکٹ ڏيڻ لاءِ 1372ع ۾ سلطان پاڻ کهي آيو پر سيکٹ ڏيڻ ۾ ڪانہ آئي، جو تہ ڄام قلعي ۾ بند ٿي ويهي رهيو ۽ ڪيس گهيرو ڪندڙ سلطاني فوج، ٻوڏ جي پاڻيءَ ۾ وکوڙجي بک مرڻ ۽ ميڙن جو ڪاج ٿيڻ لڳي. سو جڏهن ڄام اطاعت جي آڇ ڪئي تہ سلطان مهرباني ڪندي آڇ قبول ڪئي.

1938ع ۾ امير تيمور (جيڪو تيمورلنگ جي نالي سان وڌيڪ مشهور آهي) پنهنجين تاتاري فوجن سان سرحد پار ڪئي ۽ ملتان کان ٽيندو دهليءَ تي ڪاهي ويو. لاڳيتا پنج ڏينهن سلطاني شهر بيان کان ٻاهر ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ جو نشانو بنيو رهيو ۽ جيڪي باقي بچيو تنهن جي هاڻ سنڌ سان دلچسپي ڪانہ رهي سو سما نالي توڙي حقيقت ۾ پرڳٽي جا مالڪ ٿي ويا. ڪنهن وارو تاريخ نويس چوي ٿو تہ پرڳٽو پنهنجي اوج وارن ڏينهن ۾ سمنڊ کان ماٽيلي ۽ اُباوڙي تائين پکڙيل هو ۽ جيئن تہ هنن

وٽ بکر جو قلعو هو ۽ نه اُڇ جو ان کري اها ڳالهه حقيقت کي ويجهي نظر ٿي اچي. گادي نٿي کان ٿي ميل کن اُتر اولهه طرف مکليءَ جي ٽڪريءَ تي ساموئيءَ ۾ هئي سيوهڻ ۽ بکر ۾ گورنر هئا.

سمن جا بالادستيءَ واري زماني ۾، جو پختي ۾ پختي تاريخ موجب 1351ع کان 1521ع تائين يعني هڪ سؤ ستر ورهيه هو تاريخ معصوميءَ موجب ڪل سترهن ڄام ٿي گذريا. منجهائن سيني ۾ مشهور ۽ شايد سيني ۾ عظيم، ڄام نظام الدين هو جنهن کي پيار وچان ڄام نندو سڏيندا هئا. هن جي ڏينهن ۾ نماز وقت مسجدون هميشه پريل هوندیون هيون. هو عمل جو صاحب به هو ته عبادت جو به. هن انهن ڪورن جي پاڙ پٽي ڪڍي، جيڪي بکر جي آسپاس واري ڏيهه ۾ راڳا ڪندا هئا، جنهن کان پوءِ مسافر جان ۽ مال جي خوف کان بي نياز ٿي سنڌ جو سفر ڪرڻ لڳا. اهي ڪورو گهٽو ڪري اهي بي آرام راجپوت ۽ بروچ قبيلا هئا، جن جو نالو هاڻ گهٽو پڌجڻ لڳو. اها سنڌ جي خوش نصيبي هئي جو ڄام نندي جو راڄ پنجاهه ورهيه کن هليو. ڄام نندو سمن جي گهراٽي جو چوڌهون حاڪم هو. اهو هن جو ئي دور هو جڏهن ارغونن جو نالو پڌڻ ۾ آيو. شاهه بيگ ارغون جون فوجون قندار کان چانڊڪي ۽ سڌيجا جي ڪن ڳوٺن تي چڙهي آيون. جتي ڄام جي لشکر کين سامهون ٿي اهڙي ته شڪست ڏني جو هنن سندس صاحبيءَ ۾ وري ڪاهه ڪانه ڪئي. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي ته سما راجپوتن جي جادوَ برڻ مان هئا ۽ شايد اهي ساڳيو قبيلو هئا، جنهن کي سڪندر اعظم سامبوس جي نالي سان سڃاڻندو هو. هو 1391ع کان اڳ مسلمان ڪونه ٿيا هئا ۽ ڪڇ جا جاڙيجا ۽ سميجا سندن پويان آهن. ٿتو جو گهٽي وقت کان سنڌ جي گادي هو سو سمن ۽ سندن جاءِ نشينن، ارغونن ۽ ترخانن، جي ڏينهن ۾ سنڌ جو وڏو ۽ شاهوڪار ۽ شاندار شهر بڻجي ويو. ان جي پڪ نه آهي ته اهو شهر ڪڏهن ٻڌو ويو هو ۽ ائبٽ پنهنجي ڪتاب "سنڌ، هڪ نئين تشريح" ۾ ڄاڻائي ٿو. آءٌ ٿتي کي 1350ع کان ويندي 1333ع کان به گهٽو اڳ جو سمجهان ٿو جڏهن ابن بطوطه سنڌ آيو هو. انهيءَ ڏس ۾ مڪيه سَند شمس سراج واري تاريخ فيروز شاهيءَ جي ساک سمجهي ويجي."

1362ع ۾ سلطان فيروز شاهه جي هٿان ٿتي وٽ ڄام جي شڪست کي بيان ڪندي هو لکي ٿو: "ٿتو دهليءَ جي بادشاهن لاءِ سلطان معزالدين جي ڏينهن کان مصيبت بڻيل هو. سلطان علاءُ الدين جي عاليشان لشکر ٿتي ڏانهن ڪوچ ڪيو هو پر مهم جي ڪاميابيءَ، ڪاروائيءَ کي ڪامياب ٽيڻ نه ڏنو هو. سلطان محمد شاهه تغلق به ساڳي جوءِ ۾ حياتي وڃائي هئي". ائبٽ جي چوڻ موجب "هي بيان ثابت ٿو ڪري ته سلطان فيروز شاهه جي ڏينهن ۾ ٿتي بابت روايتون هيون، سي ان کي جي ديبل واري زماني (1182) تائين نه ته سلطان علاءالدين جي زماني (1296ع کان 1315ع) تائين ته وڃي ٿي ويون. ٿتي جو سڀ کان پهرين ذڪر ان ئي تاريخ ۾ ملي ٿو ۽ بدايونيءَ واريءَ تاريخ ۾ پڻ." سمن جي صاحبيءَ جو احوال سمن جي وڏي ۾ وڏي حاڪم ڄام نظام الدين جي ذڪر کان سواءِ اڻپورو رهجي

ويندو. هن جام کي سندس قبيلي وارن چونڊي اڳئين جام جو جاءِ نشين ڪيو هو. تحفة الڪرام موجب، جام نظام الدين بابيني جو پٽ، اُنڙ جو پوٽو صلاح الدين جو پڙپوٽو ۽ تماچيءَ جو تڙپوٽو هو. نظام الدين جو دؤر ڏگهو ۽ امن وارو هو. سندس دؤر جي مدت لکندڙن الڳ الڳ ٻڌائي آهي. ڪن 43 ورهيه، ڪن 48 ورهيه، ڪن 63 ورهيه ڪن وري 73 ورهيه ڄاڻائي آهي. اهو ڏيکاري ٿو ته مڪاني تاريخ نويس جي لکت تي ڪيترو ويساهه ڪري سگهجي ٿو.

نٽي وٽ مڪليءَ تي جيڪي قبا آهن، تن ۾ جام نظام الدين جو قبو نمايان آهي. چيو وڃي ٿو ته هو پنهنجو تخت گاهه ساموئيءَ کان نٽي کٽي ويو هو. ڪيس جنگين کان وڌيڪ علم سان محبت هئي ۽ پنهنجو گهڻو وقت عالمن جي صحبت ۾ گذاريندو هو ۽ کين نوازڻ ۾ خوشي محسوس ڪندو هو. مير معصوم هن بابت لکندي چوي ٿو ته "جوان ٿيو ته علم جي طلب ۾ پنهنجو گهڻو وقت مڪتب ۽ خانقاهه ۾ گذارڻ لڳو. هو نوڙت وارو ۽ خوش طبع هو. سني ۽ قربائتي سياڻ ڪري سيکو پائيندو هوس. وڏو عبادت گذار ۽ پرهيزگار هو. هن جون خوبيون بيان کان ٻاهر آهن." جيئن تاريخ ۾ اڪثر ٿيندو آهي، عظيم ماڻهوءَ جو جاءِ نشين پٽ عياش، هيٺو ۽ اڻائو نڪرندو آهي. جام نظام الدين جي حالت ۾ ٻه ائين ئي ٿيو. جڏهن وفات ڪيائين تڏهن پنهنس فيروز ايجا زنانخاني ۾ پلجندڙ ٻار هو. فيروز زنانخاني مان ٻاهر آيو ته پاڻ کي راڳ، ناچڻين جي ناچن ۽ يوگين جي يوگن ۾ گم ڪري ڇڏيائين. رعيت ويچاري هن جي سمن عملدارن جي ٻانهن جي ظلمن ۾ پيڙجڻ لڳي. سمن جي گهراڻي جا ڏينهن تحقيق پورا ٿي چڪا هئا ۽ جن اوپرن کي سندن جاءِ ونڊي هئي، سي اڳي ئي در تي اچي پهتا هئا.

جنهن گهراڻي سمن جي جاءِ ورتي، سو وچ ايشيا جي ارغونن جو هو. اهي ارغون هن نسل مان هئا. متن اهو نالو چنگيز خان جي پوٽي هلاڪوءَ جي پوٽي ارغون خان ترخان تان پيو هو. ارغونن 1521ع کان سنڌ تي حڪومت شروع ڪئي. حاڪم مير ذوالنون ارغون جي پٽ شاهه بيگ ارغون سمن جي لشڪر کي شڪست ڏني ۽ 1520ع ۾ گاديءَ جي هنڌ نٽي کي تاراج ڪيائين. پوءِ شاهه بيگ ۽ جام جي وچ ۾ صلح ٿيو جنهن موجب سکر کان نٽي تائين سجو ملڪ جام جي هٿ ۾ رهڻو هو ۽ لکي لک جي اتر پاسي وارو ملڪ شاهه بيگ کي ملڻو هو. پر جيئن ته گهڻا سما انهيءَ ورچ جي خلاف هئا، ان ڪري سيوهڻ ويجهو ٽلٽيءَ وٽ هڪ ٻي جنگ ٿي، جنهن ۾ سمن هارايو ۽ شاهه بيگ سجيءَ سنڌ جو مالڪ بڻجي ويو. ياد رهي ته ارغونن جام فيروز جي پيءُ جي ڏينهن ۾ به سنڌ تي قبضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي پر نظام الدين مڙسي ڪري کين پڃائي ڇڏيو هو. هن پيري سندن سنڌ جي مالڪ ٿيڻ جي ڪوشش ڪامياب ٿي ۽ سمن جي گهراڻي جي پڃاڻيءَ ۽ 1525ع ۾ مغلن جي بادشاهي قائم ٿيڻ تائين سنڌ سان اهائي ڪار ٿي جا محمود غزنوي جي وقت کان دهليءَ سان

ٿيندي آئي هئي جنهن زماني ۾ سمن جي صاحبي پوري ٿي ۽ ارغون تخت تي وينا ذري گهٽ تنهن ساڳي زماني ۾ دهليءَ ۾ مغلن جي سلطنت برپا ٿي. سچ پچ ته اهو بابر هو جنهن قندار تي قبضو ڪري شاهه بيگ ارغون کي ڏکڻ پاسي پڄڻ ۽ سنڌ ۾ قسمت آزمائي ڪرڻ تي مجبور ڪيو هو. ارغون گهراٽو ٿورو وقت هليو. 1521ع ۾ شروع ٿي 1554ع ۾ ختم ٿي ويو جنهن دوران ان جا فقط به حاڪم ٿيا. سندن جاءِ ترخانن والاري جي پڙ ڏاريا هئا ۽ حسب نسب ساڳيو ارغونن وارو هئن. هنن سنڌ تي 1554ع کان 1591ع تائين حڪومت ڪئي. سمن جي صاحبيءَ جي پڄڻ کان وٺي 1591ع ۾ سنڌ تي مغلن جي سڌي اقتدار قائم ٿيڻ تائين وارو سموروزمانو سچ پچ ته مغل سلطنت واري داستان جو حصو آهي، سو ان جو بيان ايندڙ پاڳي ۾ ٿيندو.

مغلن جو دؤر:

جڏهن شاهه بيگ ارغون پنهنجو ملڪ، قندار بابر سان جنگ ۾ هارائي ڪانئس پڄي اچي سمن کان ڪٽي سنڌ تي قبضو ڪيو تنهن کان پنج ورهيه پوءِ 1526ع ۾ بابر هندستان ۾ مغل سلطنت جو پايو وڌو. اها تاريخ جي ستم ظريفي آهي ته بابر جي قائم ڪيل سلطنت کي مغل سلطنت سڏيو وڃي ٿو. بابر منگول نه پر برلاس ترڪ هو جنهن وٽ منگولن کي پانئڻ لاءِ ڪو سبب ڪونه هو ۽ جيڪو سچ پچ ته کين پنهنجيءَ قوم جو دشمن سمجهندو هو. ان لاءِ 'منگول' لفظ جو استعمال غلط آهي، پر اهو لفظ غلط استعمال ۾ ان ڪري آيل ڏسجي ٿو جو تڏهن ۽ صديون پوءِ به اهڙن سيني وچ ايشيائي قبيلن کي پڻ منگول سڏڻ جو رواج هو جيڪي اصل منگول تولن کان پوءِ هندستان تي ڪاهيندا رهيا هئا. تيمور جي پڙپوٽي جا نوَ پٽ هئا، جن مان پنجون ايئن سڏجندڙ منگول سلطنت جو باني بابر هو. ڪيس وراثت ۾ فرغانا جو پرڳڻو مليو هو جو ترڪستان جي جبلن ۾ سمرقند کان اوپر پاسي هو.

انهيءَ ترڪي نسل هندستان تي ٻن سوَن ورهين کان وڌيڪ مدو ڪاميابيءَ سان حڪومت ڪئي ۽ ذري گهٽ سموروننڍو ڪنڊ سندن راج هيٺ هو. انهيءَ گهراٽي هندستان کي وچين زماني جي ويچارن ۽ جوڙجڪ مان اُسرندي ڏٺو. سندن راج هندستان ۾ پهرين جديد رياست جي پيڙهه وڌي. جن مغلن کي اسين عظيم سڏيندا آهيون. سي هئا بابر، همايون، اڪبر، جهانگير، شاهجهان ۽ اورنگزيب. هي سڀ عظيم انسان هئا. ڪيترين اعليٰ خصلتن جا مالڪ ۽ وڏي حشمت ۽ ڏيا وارا هئا. حاڪمن جي لاڳيتي سلسلي جي حيثيت ۾ هو دهليءَ جي سلطانن کان گهڻو سڌريل ڏسڻ ۾ اچن ٿا. مغل سلطنت 1526ع کان 1707ع کان پوءِ اها هئي ته سهي پر پنهنجي اڳوٽي شان ۽ دٻدبي جو پاڇو وڃي رهي جيئن پوءِ هيٺي ۽ نستي ٿيندي وئي. حالانڪ پوين شهنشاهن مان ڪيترا پنهنجي ليکي چڱا ماڻهو هئا. جي هوند گهٽ وڌوڙي حالتن ۾ پاڻ موڪي وڃن ها. مغلن جي بدقسمتي هئي جو کين پنهنجن سٽن ڏينهن جو گهڻو وقت انهن علاقن کي وري هٿ ڪري سلطنت سان شامل رکڻ ۾ صرف

ڪرڻو پيو جيڪي عملي طرح خود مختيار ٿي ويا هئا ۽ جن جي مسلمان نوابن کي سڏائڻ جو وجهه ملي ويو هو. اڪبر ۽ اورنگزيب، خاص ڪري پوئين بادشاهه، ڏورانهن پرڳڻن کي مطيع ڪرڻ ۽ شاهي اختياري ڏکڻ هندستان تائين وڌائڻ لاءِ ڪئي ورهيه دهليءَ کان پري گذاريا. وري فتح ڪرڻ ۽ وري ملائڻ جي انهن ڪوشش کان سنڌ پڻ ڪاڻ بچي. 1592ع ۾ اڪبر انهيءَ ملڪ تي مغل سلطنت جو سڌو راج قائم ڪيو.

انهيءَ کان اڳ ارغون ۽ ڪائٽن پوءِ ترخان، دهليءَ جي بالادستي قبول ڪندا آيا هئا. ارغون 1521ع کان 1554ع تائين ۽ ترخان 1554ع کان 1591ع تائين مغلن جا ڏن پرو هئا. اهي ٻئي گهراٽا ڏاريا هئا ۽ سچ پچ ته گهٽي ياڳي ساڳي ترڪي نسل مان هئا، جنهن مان خود مغل شهنشاهه هئا. ارغون گهراٽي جا رڳو ٻه حاڪم ٿيا: شجاع يا شاهه بيگ مرزا ۽ سندس پٽ، مرزا شاهه حسين، پويون حاڪم چوٽيهن، ورهين جي راج کان پوءِ 1554ع ۾ گذاري ويو. ڪيس کو اولاد ڪونه هو. سو ارغون گهراٽو سندس وفات سان ختم ٿي ويو. ڪائٽن پوءِ ترخان گهراٽو آيو پر اهو 1592ع کان وڌيڪ ڪونه هليو. تنهن سال مغل شهنشاهه اڪبر جي فوجن ٺٽي جي حاڪم مرزا جاني بيگ کي شڪست ڏيئي ترخان گهراٽي جي پڄاڻي آندي ۽ سنڌ کي اڳتي لاءِ ملتان صوبي ۾ شامل ڪيو ويو. مرزا جاني بيگ پوءِ شهنشاهه جي ملازمت اختيار ڪئي ۽ ڪيس اهو علائقو ڏنو ويو. جنهن کي تاريخ نويسن 'ٺٽي جي سرڪار' سڏيو آهي. انهي دوران سنڌ کي مجموعي طرح چگو هلايو ويو ۽ منجهنس کي خاص ڏڦيڙ ڪونه ٿيا. شاهه بيگ جون ڪارگذاريون ڏيکارين ٿيون ته هو بهادر بي ڊپو ۽ دريا دل ماڻهو هو. هن سنڌ تي انهيءَ ڪري ڪونه ڪاهيو هو جو ڪيس ڪو سوين ڪٽڻ جو شوق هو بلڪ انهيءَ ڪري ڪاهيو هئائين جو پنهنجي بادشاهي ڪسجي وئي هيس ۽ ڪيئن به ڪري ٻي هٿ ڪرڻي هيس ڇو جو سندس زماني جو رواج ئي اهو هو ته بادشاهي ٻار پاڻ به بادشاهه ٿئي. شاهه بيگ کي جيئن ئي بادشاهي هٿ آئي، تيئن ئي ان کي سڏارڻ جو عزم ڪيائين. هو وڏو عالم ۽ شاعر هو ۽ ڪيترا ديني ڪتاب ۽ شرحون جوڙيل هئس. پٺهنس به پاڻ جهڙو هئس، اجائي حرص ۽ طمع کان آجو. هن ملتان هٿ ڪيو پر پوءِ ڏيئي ڇڏيائين ۽ ڪڇ واري ڪاميابيءَ ڪيس ملڪ وڌائڻ تي ڪونه هرڪايو. هو وڏو بهادر ۽ ڪامياب سپهه سالار هو پر وڌيڪ لاڙو علم ڏي هئس. سندس دور ۾ سنڌ تي جا وڏي ۾ وڏي مصيبت آئي، سا هئي همايون جو دهليءَ جي غاصب شير شاهه کان پڄي پناهه ونڊ لاءِ سنڌ اچڻ. هن پاڻ کي بچائڻ لاءِ ملڪ اُجاڙ ڪري ڇڏيو جنهن کي اڇڪلهه جي هوليءَ ۾ 'ڊرتي ساڙ پاليسي' چئبو. انهيءَ ڪاروائيءَ جي ڪري ڏڪر منهن ڪڍيو ۽ رعيت کي ڏاڍا ڏکيا ڏينهن ڏسڻا پيا.

سنڌ جي تخت تي جو پهريون ترخان ويٺو سو هو مرزا عيسيٰ خان ترخان، جو ارڙهين ورهين جي راج کان پوءِ 1572ع ۾ وفات ڪري ويو. هو مڪليءَ جي ٽڪريءَ تي پوريل آهي. سندس پٽ هن

جي جيئري ئي پاڻ ۾ پيا وڙهندا هئا ۽ سندس وقت کان پوءِ ۽ سندس وصيعت جي برخلاف اهو پٽ گاديءَ تي ويٺس جو سيني ۾ خراب هو يعني محمد باقي. تاريخ نويسن وٽ اها زبان ڪانهي، جا هن بدبخت جا ظلم بيان ڪري سگهي. ڪن ۽ نڪ چيرائڻ، زالن جا اُرهه وڍائڻ، ڦاهو ڏيارڻ، سسي لهرائڻ، هاٿين جي پيرن هيٺان چيپ اٽرائڻ ته هن جي ڪاوڙ ڪيڏ جا رواجي طريقا هئا. باقي اشراف ۽ عزت وارن ماڻهن جي ڏاڙهي ڪوڙائي ڇڏڻ جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي. سيدن مان به نه مڙندو هو ۽ مسافر مارائي ڇڏيندو هو ته متان اهڙا قصا ويجي ڪن جو فاتح هرکي پون. نيٺ محمد باقيءَ 1584ع ۾ آپگهات ڪيو ۽ مڪليءَ تي پوريو ويو. سندس پٽ مرزا جاني بيگ تخت تي ويٺو ته ماڻهن سک جو ساهه ڪنيو. سندس صاحبيءَ دوران سنڌ وري دهلي سلطنت جو ياگو بڻجي وئي. پر ايئن هوريان هوريان ٿيو. اڪبر سچاٽپ ڪندي سنڌ کي ماتحت ملڪ سمجهيو ۽ بکر واري نواب سلطنت محمود ماٽ ڪري اڪبر جي ڳالهه قبول ڪئي ۽ اهڙيءَ ريت پنهنجي حيثيت قائم رکياٿين. سندس وفات کان پوءِ اڪبر بکر ۾ ٻيو نواب رکيو. ٻئي پاسي مرزا جاني بيگ پنهنجي خودمختياريءَ لاءِ ويڙهه کاڏي ۽ جڱي ويڙهه کاڏائين. ڇا ڪيائين ته درياهه جي هڪڙي ڦٽو نالي ڇاڙ جا ڪڏهوڪر سکي ويل آهي. تنهن جي پويان مورچا ٺاهي ويهي رهيو ۽ ڪو وقت ته شهنشاهي فوجن کي سامهون ٽيندو رهيو. هن ٺٽي کي ناس ڪرڻ جو قسم کنيو جو پورو ڪري وڃي ڪلان ڪوٽ جي مضبوط قلعي ۾ ويٺو. اهو قلعو ٺٽي کان ڪجهه ميل ڏکڻ طرف هو. پر آخرڪار ڪيس صلح تي مجبور ٿي شهنشاهه جي منزل گاهه ڏانهن ويڙهو پيو. هن ٽورا سال پوءِ 1599ع ۾ وفات ڪئي. سندس قبو مڪليءَ ۾ آهي. سندس جاءِ تي پهٽنس، مرزا غازي بيگ کي ويهاريو ويو جنهن کي پوءِ سيوهڻ، ملتان جو ڪجهه ياگو ۽ قندار پڻ ڏنا ويا. مرزا غازي بيگ کي 1612ع ۾ قتل ڪيو ويو. هن جي قبر به مڪليءَ تي پيءَ واري قبي ۾ آهي. هو پنهنجي پيءُ جيان عالم ۽ شاعر هو ۽ ٻئي ڇڙا وڏا راڳي پڻ هئا.

سنڌ هاڻ دهليءَ جي سلطنت جو صوبو هئي ۽ شهنشاهه پنهنجي مرضيءَ وارن ماڻهن کي حاڪم ڪري موڪليندو هو جي صوبيدار سڏيا ويندا هئا. تحفة الڪرام اهڙن چالين ڇڻن جا نالا ڇاڻائي ٿو. جي مرزا غازي بيگ جي وفات کان وٺي 1793ع ۾ سنڌ تي فارس واري نادر شاهه جي ڪاهه تائين هڪ سؤ ستاويهن ورهين اندر هڪٻئي پٺيان صوبيدار ٿيا. ان ئي زماني دوران يعني 1625ع ۾ شاهجهان پنهنجي پيءُ، شهنشاهه جهانگير خلاف بغاوت ڪئي ۽ ڪجهه وقت اچي ٺٽي ۾ لڪو جو صوبيدار ڪيس جهلي نه سگهيو هو. شاهجهان شهنشاهه ٿيو ته ٺٽي واري مشهور جامع مسجد جوڙايائين. چون ٿا ته هن اها مسجد ٺهرائي شهر جا ٽورا ٽي مڇيا جو ان شهر مصيبت جي وقت ۾ ڪيس پناهه ڏني هئي. شهنشاهه جي صوبيدارن مان ڪن جي وفات ٺٽي ۾ ٿي. سندن قبا مڪليءَ جي نمايان قبن مان آهن. گهٽا صوبيدار ٺلها دل ۽ اُجاري جا پيداگير هئا، پويان ٿئي ته هئا ئي هڪڙي امير

جا اجاريدار جنهن کي صوبو انعام ۾ ڏنو ويو هو. مڪاني سردار جهڙوڪ ڏاراجا جو راجا ۽ ڪڪرالا جو جام پنهنجي پنهنجي تر جا اصل حاڪم هئا. پر انهن جي ڪا اتفاقي جهلڪ ئي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. مٿين سنڌ ساڳي نوعيت جي صوبيدارن هيٺ هئي، جن مان هڪڙو سيوهڻ ۽ ٻيو بکر ۾ رهندو هو. ان ئي زماني دوران دائود پوٽن زور ورتو- اهي دائود پوٽا، جن شڪارپور جو شهر ٻڌايو ۽ جن جو هڪڙو گهراٽو بهاولپور تي حڪومت ڪري ٿو. دائود پوٽا پنهنجو شجرو هڪڙي امير احمد نالي شخص جي معرفت عباسي خليفن سان وڃي ملائيندا آهن. اهو امير احمد بادشاهي هٿ ڪرڻ لاءِ مڪران کان ٿيندو سنڌ آيو هو. دائود پوٽن 1617ع ۾ شڪارپور جو پايو وڌو. سندن بخت ۾ وارا ڦيرا پيا ايندا هئا. ڇپل وقت مهرن سان وڙهندا رهيا ۽ شڪارپور وڃايائون، پر پوءِ وري هٿ ڪيائون. اڳتي هلي سندن سيني ۾ وڌو ۽ خطرناڪ دشمن نور محمد ڪلهوڙو ٿيو جو خدا يار خان جو پٽ هو. خدا يار خان زور ونڊڙ ڪلهوڙن جو پهريون ماڻهو هو جنهن کي دهليءَ تسليم ڪيو. ڪيس سبيءَ جي صوبيداري ڏني وئي هئي ۽ پٽهنس گاديءَ تي ويٺو تہ دائود پوٽن کي شڪارپور مان تڙڻ جو پهه ڪيائين. دائود پوٽن کي اهو شهر شهنشاهه جي پٽ وٽان جاگير ۾ مليل هو. انهن واقعن جي اهميت رڳو ايتري آهي تہ اهي دهليءَ کان مقرر ٿيندڙ صوبيدار هيٺ مٿينءَ سنڌ جي حالتن تي روشني وجهن ٿا. جڏهن 1592ع ۾ اڪبر مرزا جاني بيگ کان سنڌ کسي هئي، تڏهن ان کي مغل سلطنت سان ملايو ويو هو. ان جي حڪومت هلائڻ لاءِ به اهڙو ئي بندوبست ڪيو ويو هو. جهڙو مغل سلطنت جي ٻين صوبن ۾ هو. آئين اڪبريءَ مان اسان کي ان سرشتي جي مڪمل خاصيتن جو پتو پوي ٿو ۽ اهو پڻ تہ اهو سنڌ سان ڪيئن ۽ ڪيترو لاڳو ڪيو ويو هو. جتي طرح معلوم نہ آهي تہ جيستائين سنڌ مغلن جي قبضي ۾ آئي، تيستائين اها ڪيتري حد تائين هڪڙو ملڪ هئي، پر اهو اڻ ٽيٽي ٿو لڳي تہ سنڌ يڪي جي يڪي حاڪمن جي هٿ ۾ رهي هوندي. البت ان ڳالهه جي پڪ اٺئون تہ هيٺينءَ ۽ مٿينءَ سنڌ کي ڪڏهن به پوريءَ طرح متحد نہ ڪيو ويو هو. انهن ٻنهي ياڳن جو ڳانڍاپو گهٽو پوءِ ٽيڻ ۾ آيو. مغلن جي راج ۾ شامل ٽيڻ تي سموري ڏيهه کي ملتان واري صوبي جو ياڳو بڻايو ويو ۽ اُتي به سرڪارين قائم ڪيون ويون. هڪڙي اتر ۾ بکر جي سرڪار هئي ۽ لاڙ ۾ ٺٽي جي. ٻنهي سرڪارين جا الڳ الڳ حاڪم هئا پر پتو ناهي تہ سندن اختياريءَ جي اصل حد ڪيتري هئي. پوري هڪ صديءَ تائين بکر ۽ ٺٽي جا حاڪم پهرين ترخان گهراٽي مان رکيا ويندا هئا ۽ پوءِ مغل شهنشاهه طرفان هندستان کان مقرر ٿي ايندا هئا ۽ انهن اميرن منجهان هوندا هئا، جن جو دربار تي قبضو هو. شاهجهان جي وقت کان وٺي ارڙهين صدي جي پهرين ڏهاڪي تائين سنڌ ۾ مغلن جا ڪارپرداز سلطنت جي ٻين پاڳن کان ايندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن اتفاق سان ڪو سنڌ جو ماڻهو به مقرر ٿي ويندو هو. ڪلهوڙن جي سياسي طرح زور وٺڻ جو اهو فائدو ٿيو تہ مقرريءَ جو طريقو مٽايو ويو ۽ سنڌ ۾ مغلن جا نائب سنڌ جا رهاڪو ٿيڻ

لڳا ڪلهوڙا پهرين معمولي جاگيردار هئا هوريان هوريان ايترو زور وڌي ويا جو سرڪار جا حاڪم مقرر ٿيڻ لڳا ۽ پڇاڙيءَ ۾ هيٺينءَ ۽ مٿينءَ سنڌ کي، جن جون گاديون ٺٽي ۽ بکر ۾ هيون، هٿ وس ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. تان جو نادر شاهه جي ڪاهه واري زماني (1773ع) ڌاري عملي خودمختياريءَ واري درجي تي وڃي پهتا.

مغلن جو دستور هوندو هو ته جيترو ٿي سگهندو هون، تيترو موجود ادارن کان ڪم وٺندا هئا ۽ تر جي جاگيردارن ۽ وڏيرن کي ڇڪيرڻا عهدا ڏئي ڇڏيندا هئا. اهڙا جو سندن شخصي اختياري به ٿوري گهڻي بچيل رهندي هئي. حقيقت ۾ اهو ئي هڪڙو طريقو هو جنهن سان ڪو جاگيرداريءَ وارو سماج هڪ برجستي ۽ منظم بيئل لشڪر جي پرجهلائيءَ کان سواءِ پاڻ کي ڏورانهن پاڳن ۾ قائم رکڻ جي اُميد ڪري پئي سگهيو. هيءَ سرشتو پنهنجي جاءِ تي ڪن حالتن ۾ نيڪ هو. انهن حالتن مان مڪيه هيون مڪاني سردارن جي شهنشاهي، حاڪمن سان وفاداري ۽ شهنشاهي دل ۽ محصولن جي جوڳي اوڳڙ. ان لاءِ ته اها اوڳڙ ٿيندي رهي، امن امان برقرار رکڻو پوندو هو ۽ مغلن جو دستور هو ته ننڍين ۽ مڪاني معاملن ۾ ڇڪي ڏر ڏئي ڇڏيندا هئا. بشرطيڪ اهي به وڏا مقصد پورا ٿيندا رهن.

مٿي ڄاڻايو ويو آهي ته مغل سلطنت ننڍي ڪنڊ ۾ پهرين جديد رياست جي پيڙهه وڌي هئي. مغلن انهيءَ ڏس ۾ جيڪو بنيادي ڪم ڪيو سو هيءُ هو ته هنن اهڙي پيڙهه موجود ڪري ڏني، جنهن تي پوءِ ارڙهين ۽ اڻويهين صديءَ ۾ انتظامي جوڙجڪ کڙي ڪئي وئي. ملڪ پهريون پيرو ڏري گهڻ جديد رخ ۾ ڇڪيءَ ۾ منظم ٿيو. آئين اڪبري، جا انسائيڪلوپيڊيائي علميت جي هڪ زبردست تصنيف آهي، تنهن ۾ اهي ليکون وڏيءَ وچور سان ڄاڻايو ويون آهن، جن تي مغل رياست جي اڪيچار سرگرمين جي رڪابنديءَ وقت عمل ڪيو ويندو هو. مورخ کي مغلن جي دور ۾ ڪافي دستاويزي مواد ملي ٿو. اهو مواد هاڻ پهريون پيرو پرپور درست ۽ معقول حد تائين غير متعصب ٿي وڃي ٿو. مغلن جي صاحبيءَ هيٺ ملڪ جي حالت کي سمجهڻ جو سڀ ۾ سڀ طريقو هيءُ آهي ته ڪن اهڙن مڪيه واقعن بابت سهيوڳي بيان نقل ڪجن. جي مغلن جي بالادستيءَ واري زماني ۾ ٿيا هجن. ايئن ڪرڻ سان مغلن جي قبضي دوران سنڌ جي حالتن جي جيڪا تصوير سامهون ايندي، سا حاڪم گهراڻن جي خشڪ تاريخن کان گهڻي ڇڻي هوندي، ۽ عام اتهاس اهڙين خشڪ تاريخن جو ئي ته جڙيل هوندو آهي.

هڪ اهڙي روشن تصوير همايون جي سنڌ ڏانهن پاڄ ۽ 1542ع ۾ مستقبل جي شهنشاهه اڪبر جي جنم ۾ ملي ٿي. 1538ع ۾ همايون کي، جو بابر جو پياري ۾ پياروپٽ هو ۽ 1530ع ۾ سندس جاءِ نشين ٿيو محلاتي انقلاب سبب پڇڻو پيو. انهيءَ انقلاب جو باني همايون جو افغان صوبيدار شيرخان هو جو هن جي پاران بنگال جو حاڪم ۽ جو پوءِ شير شاهه جي نالي سان ٿي ورهيه دهليءَ جو

شهنشاهه رهيو انهيءَ انقلاب جي نتيجي ۾ همايون سڄا سارا پندرهن ورهيه مفرور ۽ دربدر رهيو. هو مانيٽي سياڻ جو ڪومل ماڻهو هو ڪتابن سان گهڻو چاهه هيس. جاڏي ويندو هو تاڏي پاڻ سان چوندا ڪتاب ضرور کڻي ويندو هو. هو 1538ع کان تخت وري هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ۾ جا 1555ع کان اڳ برٿواب نه ٿيڻي هئي، ڀٽڪندو ٿي وتيو. جڏهن 1542ع ڏاري ڪيس ايئن دربدر ٿيندي چار ورهيه لنگهي ويا، تڏهن زماني جي گردش ان رڻ پٽ ۾ ڏکي آيس، جو سنڌ کي راجپوتان کان ڏار ڪري ٿو. هو پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجي زال لاءِ پناهه جي ڳولا ۾ سنڌ ڏانهن راهي ٿيو هو. ريگستان وٽي عمرڪوٽ ڏانهن ايندي، هن جي لشڪر کي اُڃ ۽ گرميءَ سبب وڏي تڪليف ڏسڻي پئي. پر عمرڪوٽ ۾ اُتان جي نيم خودمختيار سوڍي حاڪم واهر ڪيس. هيءُ راڻو وڙسل هو. جو سرحد واري ڪوٽ جو ڏڻي هو. هو همايون جي آجيان لاءِ ٻاهر نڪري آيو سندس رڪيب کي چمي ڏنائين ۽ رهڻ لاءِ ڪوٽ خالي ڪري ڏنائينس. عمرڪوٽ پلي، ريجاري تر ۾ هڪ وٽندڙ شهر آهي. ڏاکڻي ڏر جون پهريون پٽون ان جي پاسي کان آهن. پائنجي ٿو ته همايون جو عمرڪوٽ واري قلعي اندر رهڻ ڪرڻ وڏي ڏٺ ڏانگر وارو هو جو ته تاريخن ۾ وڏن ويڪرن شاهي تنبن جو ذڪر آيل آهي، جن ۾ سندس اثالو رهيل هو. پر همايون اُتي گهڻو وقت ڪونه ترسيو جو ته هن پنهنجو ورٿو وري هٿ ڪرڻ لاءِ ڪنهن وڏيڪ طاقت واري حاڪم کان مدد ونڊڻ ٿي گهري. هن کي اتان نڪتي ٻه ٽي ڏهاڙا مس ٿيا هئا جو نياپو مليس ته سندس گهرواريءَ حميده کي پٽ ڄائو آهي. مستقبل جي شهنشاهه اڪبر جي جم جي پوري تاريخ ۾ ٿورو شڪ آهي. 'هندستان جي ڪئمبرج واري مختصر تاريخ' ۾ چيل آهي ته اڪبر 23 نومبر 1542ع تي ڄائو هو جڏهن ته رالنسن واري 'هندستان جي تمدني تاريخ' (Cultural History of India) ۾ اها 15- آڪٽوبر 1542ع ڏنل آهي. تاريخ نويس بيان ٿا ڪن ته همايون وٽ اوڏيءَ مهل هڪڙي مشڪ جي دهليءَ کان سواءِ کي ڪين هو. هن مشڪ ڪديي خدمت ۾ موجود ماڻهن ۾ ورهائي ۽ دعا ڪيائين ته شل نئين ڄاول جو نالو دنيا ۾ ايئن مشهور ٿئي. جيئن مشڪ جي سرهاڻ ٻار جو پهريون پهرياڻ سڳوري سيد علي شيرازيءَ جي وڪي مان ٿاهيو ويو. اهو سيد ٿيهه ورهيه پوءِ گذاري ويو. سندس قبو جونٽي لڳ مڪليءَ تي آهي، سو نهايت عمدو ۽ عاليشان آهي.

1555ع ۾ هڪ ٻيو دلچسپ تاريخي واقعو ٿيو جو انهيءَ ڪري اهم آهي، جو تنهن زماني جي سياست تي روشني وجهي ٿو ۽ سنڌ جي اقتصاديات ۽ سياست ۾ مغربي اثر داخل ٿيندي ڏيکاري ٿو. 1555ع ۾ ترخان گهراٽي جي پهرين حاڪم مرزا عيسيٰ خان کي تخت تي ويٺي هڪڙو سال ٿيو هو جو هن جو بکر واري سلطان محمود سان ڪيل متينءَ سنڌ بابت عهدنامو هلي نه سگهيو ۽ سنڌ اجاين لڙاين ۾ برباد ٿيڻ لڳي.

1635ع ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ سنڌ ۾ ڪوٺي وڌي، جا 'ڪارخانو' سڏجڻ ۾ آئي. هي ڪوٺي 1635ع کان 1662ع تائين ڪاروبار ڪندي رهي، پر پوءِ ملڪ ۾ وڳوڙ ۽ مونجهاري جي ڪري نفعو ايترو نه گهٽ ٿي ويو جو ڪمپنيءَ ان کي چالو رکڻ بي فائدي ڄاتو. ڪمپني درحقيقت سنڌ جي واپار ۾ ٽن مقصدن سان داخل ٿي هئي، جي هئا لنڊن جي پڙيءَ کي سوٽي ڪپڙو پهچائڻ، نير وٽ ۽ اولهه پاسي وارن ملڪن سان سمنڊ رستي ٽيندڙ واپار جيترو ٿي سگهي تيترو ڏوئي نفعو ڪمائڻ، ڪمپني مال پڻ کڻندي هئا. ۽ سچ پچ ته سترهين صديءَ ۾ اهو ڪردار ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين جيڪو پوءِ وارين پيڙهن جي واپاري جهاز راڻيءَ ادا ڪيو. ڪمپنيءَ جي مکيه ڪوٺي ٺٽي ۾ هئي، جنهن جو بندر 'لاڙي بندر' هو.

1659ع ۾ اورنگزيب ۽ پاڻس دارا شڪوهه جي وچ ۾ شاهجهان جي جاءِ نشينيءَ تان گهرو لڙائي لڳي. گهيري کي نڪولائي منوچيءَ نهايت چٽيءَ طرح بيان ڪيو آهي. اهو نڪولائي منوچي، جو طبيب ۽ مهم جو هيو ۽ جنهن کي اِرون "مغلن جي هندستان جو پيپس" سڏي ٿو. سنڌ ۾ گهرو لڙائيءَ جون حقيقتون سرڪار جي جوڙيل اورنگزيب جي تاريخ ۾ چٽيون اپتاريل آهن. منوچيءَ کي رڳو بکر واري گهيري جو پتو هو. دارا پنهنجن جيئن پوءِ گهٽجندڙ ساٿين سان لاهور کان پڇي سنڌ ۾ آيو ته اورنگزيب جا ٻه لشکر ڪيڏ هيس. هڪڙي جو سپهه سالار شيخ مصر هو جو سنڌوءَ جي ساڃي ڪپ سان ۽ ٻيو صف شڪن جي اڳواڻيءَ ۾ ڪاهو ڪپ وٽي بکر ٽي آيو. شهنشاهه جي فوج جڏهن سکر پهتي، تڏهن پتو پيو ته دارا سنڌونديءَ وٽي ڏکڻ ڏانهن پڇي ويو آهي ۽ پويان بکر جي قلعي ۾ گهٽي ملڪيت، حرم جون گهڻيون عورتون، ڪجهه خزانو سيڀ سون روپا ٽانوَ ۽ ڪجهه وڏيون توبون چڏي ويو آهي. قلعي جي حفاظت دارا جي خواجه سرا، خواجه بسنت، کي ڪرڻي هئي، جنهن کي منوچي ۽ سيد عبدالرزاق 'نوبهار' پڻ سڏين ٿا. ڇو ته بسنت جي معنيٰ بهار آهي. قلعي جي محافظن ۾ بندوقچي، تيرانداز ۽ منوچيءَ جي هٿ هيٺ ڪيترا يورپي توپچي به هئا. هيءَ آڪٽوبر 1659ع جي ڳالهه آهي ۽ سنڌونديءَ جي پرپاسي وارو گهڻو ملڪ ضرور ان سال آيل ٻوڏن جي پاڻيءَ هيٺ هوندو. شاهي لشکر بکر جي ڪوٽ کي گهيرو ڪيو ۽ ان جا ڪي دستا دارا جو پيڇو ڪندا سنڌ لتاڙي گجرات کان وڃي نڪتا ۽ سيوهڻ وٽ درياهه تي ويڙهه ۾ ڏري گهٽ سوڙهو ڪيو هئائونس. دارا جي حڪم تي بکر واري قلعي جي بچاءَ ۾ هزار چونڊ ماڻهو رکيا ويا هئا. اهي هن جا سٽي ۾ سٺا ماڻهو هئا ۽ منجهن پٺاڻ، سيد، مغل، راجپوت ۽ ٻاويهه مختلف قومن جا يورپي ماڻهو هئا. بکر شاهي لشکر جي گهيري ۾ هو. منوچي ٻڌائي ٿو ته "اسان وفادار ۽ بهادر خواجه سرا نوبهار سان گڏ قلعي بند هئاسون نه ته ڪوهاڙ وڃي ٽي سگهيو نه اندر اچي پئي سگهيو. هيءَ ڪوٽ درياهه شاهه سنڌوءَ جي وچ ۾ ٽڪر تي اڏيل آهي، جنهن جا پهڻ بندوقن لاءِ چقمق طور ڪم اچي ٽي سگهيا. وچ تي هڪڙو منارو هو جنهن تان

درياهه جون ٻئي ڪنڌيون نظر ايندڙ هيون." دارا بکر کي پنهنجي هٿ ۾ رکڻ ٿي گهريو ته جيئن پوءِ جي جنگين لاءِ لشکر اُتي گڏ ٿي سگهي. گهيري جا واقعا چٽيءَ طرح بيان ڪيا ويا آهن. شاهي لشکر اهي به وڏيون توبون ڪوٽ تي سڌيون ڪيون. جي دارا پٽتي لاهور جي پلٽ واري ڪارخاني ۾ چڙي آيو هو. انهن توبن حفاظتيءَ دستي ۾ چگي تباهي آندي. جو ته مارو ويجهو هو يعني اولهه پاسي پستول جي هڪ گوليءَ جي مار جيترو ۽ اوپر پاسي بندوق جي ٻن گولين جي مار جيترو. پر ڪوٽ واري لشکر به جواب ۾ زبردست توبزني ڪئي. دشمن جي توبخاني کي ڊير ڪري چڏيو جلهون ڪيائون. دشمن تي ڪاهين اندر وڃي ڪڙڪيا. سکر ۽ روهڙيءَ جي شهرن تي گولا وسايائون ۽ دشمن کان چار توبون ۽ ٻيو سامان کسي ورتائون. اهڙي زبردست جنگاڻ کان پوءِ به قلعي وارن کي آخرڪار دارا جي حڪم تي آڻ مڃڻي پئي.

ڪئپٽن الگينڊر هئملٽن سنڌونديءَ تي هلندڙ ٻيڙين کان ڏاڍو متاثر ٿيو هو. هو چوي ٿو "هتي ننڍين وڏين ٻيڙين کي ڪشتيون سڏيندا آهن. وڏي ۾ وڏيون به ٻه سؤٽن به هونديون آهن. اهي ويڙيون ٿيندڙيون آهن ۽ ٻنهي پاسي آڪيل تائين ڪيبن ٺهيل هونديون اٽن. جي به فوٽ ڪن مٿي هونديون آهن. هر Cabine ۾ رڌڻ ۽ حاجت جي جاءِ هوندي آهي. جتان اها سڌي وڃي پاڻيءَ ۾ ڪرندي آهي (سنڌوءَ جي ٻيڙين ۾ ايڏا تائين اهڙي جاءِ رکيل ٿئي ٿي). ڪيبنون مسافرن کي پاڙي تي ڏنيون ويندڙيون آهن ۽ لڪ جا ڏار ڏار خانا ڪيل هوندا آهن. جي وري وڪر ڪٽي هلندڙن کي ڏنا ويندا آهن. اهڙيءَ ريت هرهڪ وٽ پنهنجي، ڪيبن ۾ ڪُلف ۽ لڪ ۾ خانو هوندو آهي ۽ جتي به گراهڪ ملندا اٽس، اُتي پنهنجو وکر وهائي سگهندو آهي. سچ پچو ته مون کي پنهنجي ساري سفر ۾ پاڻيءَ رستي مسافريءَ جي هن کان بهتر سهوليت ڪٽي به نظر نه آئي آهي."

تن ڏينهن ٿٽو جو سيني ۾ شاهوڪار شهر هو ۽ ان جي پرپاسي وارو تر ڏاڍو سرسبز ۽ آباد هو. هئملٽن کي وچينءَ ۽ مٽينءَ سنڌ جي حالتن جي ڪا خبر ڪانه هئي. پر هو ثابت ٿو ڪري ته حڪومت جي مرڪز لڳ مغلن جو بندوبست، حالتن کي ڏسندي، اثر کان خالي نه هو. کين اها ڳٽتي نٽي ڪرڻي پئي ته هر ڪنهن سان هڪجهڙو انصاف ڪرڻو آهي ۽ نه ئي غريبن جي ڏکن سورن سان ڪو واسطو هون.

ڪلهوڙن جو دؤر:

21 فيبروري 1707ع تي اورنگزيب نماز پڙهي پوري ڪئي هئي ۽ ذڪر ۾ مشغول هو جو مٿس بيهوشي طاري ٿي وئي ۽ ڪجهه ڪلاڪ اندر هو گذاري ويو. نوي ورهيه عمر ٿي وئي هئس. حياتيءَ جا پويان ٻه ورهيه ڏاڍا دردناڪ ۽ هيڻائيءَ وارا هئس. 1704ع ۾ منوچيءَ سندس حالت هيئن بيان ڪئي: "گهڻو وقت چيلهه ٻيڻي ڪيون ۽ ڪنڌ ڊرڪايون ويٺو هوندو آ. ڪامورا ڪڙا ڪا درخواست

پيش ڪندا اٿن يا ڪنهن واقعي جو احوال ڏيندا اٿس تہ ڪنڌ ڪٽي ۽ چيلهہ سڏي ڪري اهڙو جواب ڏيندو اٿن جو ڪنهن ورنديءَ جي گنجائش ناهي رهندي. ايڏا تائين پنهنجي لشڪر جي ٽوري ٽوري ڳالهہ جي اون رکندو اچي پر جيڪي پري آهن، سي سندن حڪمن تي ڪو ڏيان ناهن ڏيندا. ٻهانا ڪندا آهن، مشڪلاتون اُٽارينداً آهن ۽ انهن عذرن جي اوٽ ونيِ ۽ درٻارين کي چوڪا ڏوڪڙ ڪارائي، جيئن وٽندو اٿن، تيئن ڪندا آهن." پنهنجي پٽ ڪامبخش کي هڪ خط ۾ هن لکيو: "هيٽائيءَ جي ڪري چيلهہ ٻيٽي ٿي وئي اٿم ۽ چُري پُري ڪونہ ٿو سگهان. پويان پساهہ اٿم ۽ ڪا آس ڪانهي. گهٽي ئي گناهہ ڪيا اٿم نہ ڄاڻان ڪهڙي سزا ملندم. انسان ذات جو سنپالڻهار امت جي سنپال تہ ڪندو، پر ايمان وارن ۽ منهنجي پٽن کي جڳائي تہ اهي بہ اونو ڪن." مغل سلطنت ڪا اورنگزيب سان ختم ڪانہ ٿي، پر پوڙهي سپاهي جيان سڪندي سڪندي پوري ٿي وئي.

1737ع ۾ ان کي ايراني فاتح نادر شاهہ اهڙو ڪاپاري ڏڪ هنيو جو اها وري سنئين لڳين نہ ٿي ۽ رڳو بوتو وڃي بچيو جنهن جو وس، جهڙو هو تهڙو ڪونہ هو. آخر 1857ع ۾ جڏهن دهليءَ جي ڪرڙ پڃاڻان بهادر شاهہ تي ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ خلاف بغاوت ڪرڻ تان پوري قانوني جواز کان سواءِ ڪيس هلايو ويو تڏهن اهو بوتو بہ رهيو. بهادر شاهہ کي تخت تان لاٿو ويو ۽ هن پنهنجا ڏينهن رنگون ۾ سرڪاري قيدي ٿي پورا ڪيا.

اورنگزيب جي وفات (مغل) سلطنت کي جنهن حالت ۾ ڇڏيو سا سڪون ڦٽائيندڙ هئي. ان بابت سر الفريڈ ليال جي سموهيل هندستان جي تاريخ هيئن رقمطراز آهي: "هو پنهنجي بادشاهت کي وڏي مونجهاري ۾ ڇڏي ويو. مرهٽن ۾ زبردست بغاوت ڦهليل هئي. سندس سلطنت ايتري وڏي وئي هئي جو بندوبست کان ٻاهر ٿي وئي هئي. انهيءَ وقت هن جي وارثن ۾ ڇڪتاڻ کو اهڙو جاءِ نشين سامهون نہ آندو جيڪو اڻ جڙندي ملايل پرڳڻن ۽ اڻ ٺهڪندڙ قومن کي گڏيل رکي سگهڻ جوڳو هجي. مرهٽن سردارن جا ڦورو ٽولا ستت ئي زور ونيِ غنيم لشڪر ٻڌجي ويا، جي وچوارن ۽ اولهندي علاقن تي ڇانئجي ويا. نادر شاهہ مارچ 1739ع ۾ دهليءَ کي تاراج ڪيو ۽ انهيءَ اياڄي شهر جي رت ٻڏل تاريخ ۾ هڪبئي عام ڪوس جو واڌارو ڪيائين ۽ شاهي تاج کان ان جا سنڌوندڙ جي اولهہ پاسي وارا سڀ علاقا ڪسي وطن موٽي ويو ۽ مغل سلطنت کي مرٽينگ ڇڏي ويو. هاڻ رستو جو ڪلي پيو تہ ورهيہ پوءِ افغانن جي ابدالي قبيلي جو احمد شاهہ بہ ڪاهي آيو. هن 1748ع کان 1751ع تائين سڄي پنجاب تي قبضو ڪري ورتو. انهيءَ وچ ۾ ڏڪڙ- اولهہ کان مرهٽا وچين هندستان تي راڳا ڪندڙ ٻوڙن جيان ڇانئبا ٿي ويا. هندستان جو عوام اهڙو ڏڙ ڏينداً ٿي ويا، جنهن جو ڪو ڏٽي نہ هجي. سياسي طوفان ۾ ڪڏهن هيڏي ٿي ويا، ڪڏهن هوڏي. جنهن بہ فطرتي يا مافوق الفطرت طاقت ۾ آسرو ٿي سمجهيائون تہ اها اسان جي حفاظت ڪندي، تنهن کي چهٽي ٿي پيا. وڳوڙي مونجهاري جي انهيءَ

زماني دوران انگريز ۽ فرينچ هندستان جي سياسي ميدان ۾ حريفن جي حيثيت ۾ پهريون پيرو پرگهٽ ٿيا. اها ئي بدانتظاميءَ جنجالن ۽ هنگامي واري ارڙهين صدي هئي، جن ۾ ڪلهوڙن جو سنڌي گهراڻو طاقت ۾ آيو.

1701ع کان 1783ع تائين ڪلهوڙن جو زمانو اٽائو زمانو هو. هنن سنڌ ۾ خلق جي حياتي ۽ سرڪار سڌارڻ لاءِ غير معمولي ڪم ڪيو. ڪلهوڙا پاڻ کي نبي ڪريم ﷺ جن جي چاچي حضرت عباس رضہ جو اولاد سمجهندا آهن. هنن جو نسب جو سلسلو سڌو Kohata واري محمد سان ملي ٿو جو 1204ع ڌاري ٿي گذريو آهي، جڏهن تڏهن ناصرالدين قباچو سري جو حاڪم هو. انهيءَ Kohata واري محمد انهيءَ ملڪ جي ڪيترن ئي ڏن يرو سردارن سان سگهابندي ڪئي. دائود پوٽن جي زبردست قوم پاڻ کي هن جي ئي پٽن جو اولاد ڄاڻائيندي آهي. 1558ع تائين ڪلهوڙا گمنامي ۾ هئا. ان سال هو آدم شاهہ جي صورت ۾ وري پرگهٽ ٿين ٿا. جو چانڊڪي پرڳڻي ۾ پيري مريدي ڪندو هو. ملتان جي نواب سان ٽڪر ٿي پيس، جنهن تان هن جلهہ ڪري مريد پڄائي ڇڏيس ۽ پاڻ کي قيد ڪري مارائي ڇڏيائينس. 1907ع واري سنڌ گزيٽيئر ۾ ائٽڪن اهو واقعو هيئن بيان ڪيو آهي: "ڪلهوڙن جو جيڪو پهريون ماڻهو گمنامي ۽ مان ڇڻو ظاهر ٿئي ٿو اهو آهي آدم شاهہ. هن ملتان ۾ شايد عيسوي سورهين صديءَ جي وچ ڌاري وفات ڪئي. هن جو لاش سکر آندو ويو ۽ شڪارپور واري رستي جي پاسي ۾ هڪ ٽڪريءَ تي دفنايو ويو. اُتي هن جو قبو اڃا تائين ڏسڻ ۾ اچي ٿو. سندس پوين جون چار پيڑهيون لاڙڪاڻي جي پرپاسي ۾ رهندي مريد وڌائيندیون، زمين هٿ ڪنديون، پنهنجو اثر وڌائيندیون ۽ وڙهنديون رهيون. آدم شاهہ جو پنجون گادي نشين ميان دين محمد، پنهورن سان، جي تڏهن لاڙڪاڻي جي پرپاسي ۾ گهٽا هئا، دائود پوٽن سان ۽ ويندي مغلن جي حاڪمن سان وڙهيو ۽ اهڙو مٿي جو سور ٿي پيو جو شهزادي معزالدين کي لشڪر وٺي ڪيس سيڪت ڏيڻ لاءِ اچڻو پيو. ميان جي ياران سندس ڪرڙي (ارڏي) ياءِ يار محمد خان مريد وٺي وڃي شهزادي سان ويڙهہ ڪاڏي. ميان دين محمد قيد ٿي هليو ويو ۽ وري نہ موٽيو. يار محمد خان قلات پاسي پڃي ويو ۽ ٻہ ورهيہ اُتي لڪو رهيو. اُتان پوءِ هروڃن جو جڏو ساڻ ڪري موٽيو ۽ نئين سر قسمت آزمائڻ لڳو. منجهر ڏينڊ وٽ سنڌ ۾ گهڙي پنهورن کي شڪست ڏنائين ۽ لاڙڪاڻو ۽ ٻيا شهر هٿ ڪيائين. ڪيس سيڪت ڏيڻ لاءِ شهزادي معزالدين کي وري هيٺ اچڻو پيو. پر ان جو نتيجو تمام چڱو نڪتو. هاڻ ان ڳالهہ جو فيصلو ڪوئي نٿو ڪري سگهي، تہ ميان ڪهڙي اٽڪل ڪئي هئي جو شهزادي جي ڪاوڙ لهي وئي يا، جيئن ڪن تاريخ نويسن جو چوڻ آهي تہ هو ماڳهين تڪڙو تڪڙو دهليءَ وڃي خود شهنشاهہ سان مليو هو. حقيقت ۾ ٿيو ڇا هو تہ سگهوئي پوءِ ڪيس خدايار خان جو لقب ڏيئي سبيءَ جو حاڪم ڪري رکيو ويو (سبي تڏهن شڪارپور ۾ شامل هئي). هن 1718ع ۾ وفات ڪئي ۽ خدا آباد جي قبل

شهر ۾ جو هن پاڻ ٻڌايو هو. سندس شاندار قبو اڄا تائين ان درجي جي ساک ٿو پري، جنهن تي هن پاڻ کي پهچايو هو ۽ جو کيس پنهنجي پيڙهيءَ جي نظرن ۾ ۽ خود پنهنجين نظرن ۾ حاصل هو. ڇا لاءِ جو اهو قبو هن پاڻ جوڙايو هو. ڪلهوڙا هڪ طاقتور گهراڻي جي حيثيت ۾ هوريان هوريان اُسريا هئا. سندن اڀ چڙي ۽ اڀ لکي اوسر جي نوعيت مغل دور جي عام خاصيتن جو اپياس ڪبو ته سمجهه ۾ اچي ويندي.

حاڪم گهراڻي جي حيثيت ۾ ڪلهوڙن جو دور 1736ع کان شروع ٿيل چئي سگهجي ٿو. پر انهيءَ قوم جا ماڻهو سنڌ جي معاملن ۾ گهٽ ۾ گهٽ اڌ صدي اڳ کان برک هئا. ڪلهوڙن جي ڪابه پوري تاريخ موجود نه آهي. هنن بابت سني ۾ سنو تذڪرو 'ناتن ڪرو' نالي هڪڙي انگريز 1799ع ۾ لکيو. هن صاحب کي ارڙهين صديءَ جي پڇاڙي وقت سنڌ جي حالتن جو شخصي آزموده هو. هيءُ تذڪرو بمبئي سرڪار جي دفترن ۾ شامل آهي. ڪلهوڙن جي طاقت جا مکيه مرحلا، اختصار کان ڪم ونجي ته پنج هئا: پهريون مرحلو هو مغل شهنشاهه طرفان ڪلهوڙا قوم جي ماڻهن کي سنڌ ۾ نائب يا گورنر ڪري مڃڻ. اهو دؤر 1701ع ۾ شروع ٿيو. ٻيو مرحلو هو ڪلهوڙن گورنرن جو پنهنجي مڪاني طاقت وڌائڻ ۽ جمائڻ. ڏهليءَ کين 1736ع ڌاري ملڪ جي نيم خودمختيار حاڪمن جي حيثيت ۾ تسليم ڪري ورتو هو. ٽيون مرحلو هو 1739ع ۾ نادر شاهه جي ڪاهه کان پوءِ سنڌ جو مغلن جي هٿن مان نڪري ايراني بادشاهت جي هٿن ۾ وڃڻ. جنهن جي ڪري ڪلهوڙا ايراني بادشاهه جي ماتحتي ۾ آيا ۽ کيس ڏن ڏينو ڪيائون. چوٿون مرحلو هو 1747ع ڌاري سنڌ تي اختياريءَ جو جديد افغانستان جي باني احمد شاهه دراني جي فوجي ڪاميابين جي نتيجن ۾ ايران جي بادشاهه کان ڪابل واري پٺاڻ بادشاهي جي هٿن ۾ وڃڻ. انهيءَ تبديليءَ جي ڪري ڪلهوڙا ڪابل جا ماتحت ٽيا ۽ ان طاقت کي ڏن ڏيڻو پيون. پنجون مرحلو هو ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي وچ ۾ چڪتاڻ، جا 1778ع ۾ شروع ٿي ۽ صديءَ جي پڇاڙي تائين گهٽ وڌ لڙڪاتار هلي. اهو گهرو لڙائي جو زمانو هو جنهن ۾ انت ٽالپر، پين هروچن جي واهر سان، جي تڏهن ڇڳي چوڪي تعداد ۾ سنڌ اندر گهر ڪري ويهي چڪا هئا. سنڌي حاڪم گهراڻي جي پوئتي پوندڙ طاقت کي ختم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. 1737ع کان وٺي پوءِ جو سڄو زمانو ڪلهوڙا سچ پچ ته ڪڏهن به پنهنجي ڏيهه جا پورا مالڪ نه هئا، ڪين ساليانو ڏن ڏيڻو هوندو هو پر گهٽو ڪري ڪوشش اها هوندي هين ته نه ڏيڻو پوي. اڄا تائين ته ائين ڪرڻ کان بچندا رهيا هئا. چو ته ڪانه ڪا رندڪ وجهي چڏيندا هئا ۽ تر ۾ اچڻ به هئن. تنهن کان سواءِ سنڌ تي فوج ڪشي ڪرڻ کو سولو ڪم نه هو. خاص ڪري اهڙيءَ طاقت لاءِ جنهن جي گادي ڪابل هجي ۽ پڻ احمد شاهه جي وفات کان پوءِ خود افغان بادشاهه ۾ آپيشاهيءَ واريءَ ڪمزوريءَ جون دستوري نشانيون ظاهر ٿيڻ لڳيون. ڏن جي رقم هوريان گهٽبي وئي ۽ عام

طرح ان جي وڏي بقايا رهيل هوندي هئي. اهڙيءَ ريت درجي بدرجي پر غير يقيني خودمختياري وڏي ڏکيائيءَ سان قائم ڪئي وئي. 1701ع کان وٺي سنڌ جي سموري حڪمت عملي اها هئي ته سنڌ کي مغلن، ايرانين ۽ پٺاڻن کان آجو ڪجي. جنهن به اختياريءَ کي ڏيڻ ۾ ايندڙ ڏڻ گهٽائجي ڏرتيءَ کي بند جوءِ ڪري رکجي ته جيئن کي به ڏاريا ان ۾ وڏي جاکوڙ ڏاران داخل نه ٿي سگهن. خود ڪلهوڙن حڪومت هلائڻ جي ڪا خاص لياقت ڪانه ڏيکاري، سواءِ ان جي ته بلڪل الڳ ٿلڳ رهڻ جي هڪ ڪري پاليسيءَ تي هلندا رهيا ۽ آبپاشيءَ جي ڪمن جي اهميت سجاتائون. صدين کان پوءِ مسين مسين کو سنڌي گهراڻو سنڌ جو صاحب ٿيو هو. ان ڪري ڪلهوڙن جو راج ڀهراڙيءَ ۾ مقبول هو. ڪانئن ڀهرين سنڌ جو تخت ماڻيندڙ ڏيهي ماڻهو سما هئا، نٽي کي ناهڻ وارا سما، جي وچ ايشيا کان ارغونن ۽ ترخانن جي يلغار کان اڳ به سو ٽيهه ورهيه حاڪم رهيا هئا.

ڪلهوڙن جي راج ۾ چتي گهرو لڙائيءَ ۾ ٽي پيرا رڪنو پيو. ڀهرين 1754ع ۾ نور محمد ڪلهوڙي جي وفات وقت لڳي، پي 1775ع ۾ سرفراز خان ڪلهوڙي جي بيدخليءَ وقت لڳي. ۽ ٽئين ۽ موتمار لڙائي ٽالپرن هٿان ڪلهوڙن جي مات تي پوري ٿي. خود ملڪ اندر ممڻ ۽ بي آراميءَ جي انهن دورن کانسواءِ سنڌ تي ٻاهرين حملي جو خطرو به سدائين موجود هوندو ڇو ته ڪلهوڙا فارس ۽ افغانستان جي بادشاهن کي ڏن ڏيڻ ۾ گوٽنات پيا ڪندا هئا. يار محمد ڪلهوڙي کي ڪلهوڙن جي گهراڻي جو اصل باني ليکي سگهجي ٿو. 1701ع ڌاري يار محمد، داؤد پوٽن کان شڪارپور کسڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. داؤد پوتا، جي اصل ڪوري هئا، تن اهو شهر 1616ع ۾ مهرن جي جهجهي قوم سان وڏي مزاحمت کانپوءِ ٻڌايو هو. مهر تڏهن سري ۾ زور هئا، ۽ اڄ به بهاولپور جي حاڪم گهراڻي سان لڇ ملندي اٿن. يار محمد پنهنجي دربار شڪارپور ۾ رکي ۽ اورنگزيب کان نه رڳو سنڌونديءَ ۽ ناري جي وچ وارو تر جاگير ۾ ورتائين پر پاڻ کي خدا يار خان سڏائڻ جو حق به. پر هو انهيءَ چڙهو چڙهندڙيءَ تي راضي نه رهيو ڇا لاءِ جو 1711ع ڌاري سکر جي پرپاسي سان گڏ ڪنديارو ۽ لاڙڪاڻي وارا پاسا به قبضي ۾ ڪري ورتائين. اهڙيءَ ريت هو اها هام هٽڻ جهڙو ٿي ويو ته تر ۾ سچ پچ اثرائتي طاقت آڻ آهيان. يار محمد 1719ع ۾ لاڙاڻو ڪيو ۽ سندس گاديءَ تي پٽهنس نور محمد ڪلهوڙو ويٺو جنهن داؤد پوٽن جو ملڪ فتح ڪري پيءُ واري راج ۾ وسعت آندي. پر ايئن ڪرڻ کان پهرين، اڳ ويچار کان ڪم وٺندي شهنشاهه محمد شاهه جي اطاعت جو دم پريائين جنهن وٽان 1719ع ۾ پيءُ وارو خدا يار خان جو لقب به مليس ۽ سيوستان جو پرڳڻو به. انهيءَ وچ ۾ قلات جو حاڪم ميرعبدالله خان بروهي، ڪلهوڙن تي ڪاهي آيو هو ۽ ڏاڍي بچڑي شڪست کاڌي هئائين. پاڻ به مارجي ويو هو. ان سان نور محمد جي طاقت هيڪاري وڌي وئي. جڏهن نٽي جي حاڪم جي جاءِ خالي ٿي، ته مغل شهنشاهه تر جي اثر وارن ماڻهن کي اختياري ڏيڻ واريءَ روايت جي پوئواري ڪندي، نور محمد کي

ٿئي جو حاڪم ڪري رکيو جنهن سان عملي طرح سڃيءَ سنڌ، متين توڙي هيٺينءَ جو اوپر جي وارياسي کان وٺي اولهه جي ٽڪرن تائين حاڪم ٻڌجي ويو. اهو ته ڪلهوڙن جي اختياري اٽپوري هئي، سو هن حقيقت مان ظاهر آهي ته سنڌ جي بچاءُ جو پختو ۾ پختو هنڌ بکر جو قلعو 1736ع تائين ڪلهوڙن وٽ ڪونه هو. پر 1736ع ۾ نادر شاهه جي ڪاهه سان قصو ئي ٻيو ٿي ويو ۽ نور محمد جي دل ۾ دهليءَ جو جيڪو ڊپ ويٺل هو ۽ جنهن کان هو نه چاهيندي به مرعوب رهندو هو سو نڪري ويو. هن نادر شاهه جي بر خلاف ٽيڙ جي جرئت ڪئي. جا ڏاڍي مهانگي پيس. ڇو جو نادر شاهه هندستان کان فارس موٽندي سنڌ تي ڪاهي آيو ۽ عمر ڪوٽ جي قلعي اندر بند نورمحمد کي زوريءَ آڻ مجبور ڪيائين ۽ تڏهن معافي ڏنائينس، جڏهن هن ويهه لک رپيا ڏن ڏيڻ جو انجام ڪيس. اها پڪ ڪرڻ لاءِ ته ڏن ملندو رهندس، نادر شاهه پاڻ سان نور محمد جا ٽئي پٽ، مراد يار، عطر خان ۽ غلام شاهه اڳيان ڪري پنهنجيءَ دربار ۾ وٺي ويو جتي هو ڪيترا سال رهيا. 1747ع ۾ نادر شاهه قتل ٿي ويو ۽ اهي ٽئي پٽ، جي ايراني دربار ۾ اول ڪري رکيل هئا، سنڌ ڏي موٽي آيا. تڏهن به نور محمد کي مٽ ڪانه آئي. جڏهن احمد شاهه دراني دهليءَ کي تاراج ڪرڻ ۾ نادر شاهه جو جاءِ نشين ٿيو تڏهن نور محمد ڏن ڏيڻ کان وري ڪنڌ ڪيائڻ جي ڪئي. احمد شاهه ڏن ڪيڻ لاءِ سنڌ تي ڪاهڻ جو ڏڪو ڏنو ويندي سيوستان ۾ منزل به ڪيائين، جنهن تان نور محمد اُتاولو ٿي اوپر پاسي ريگستان ڏانهن پڄي ويو. مرڻ به اُتي ٿيس. نتيجو اهو ٿيو جو ٽئي پٽ پاڻ ۾ وڙهي پيس. انهيءَ گهرو لڙائي جي وچور ۾ پوڻ اجايو آهي. پر ايترو سو چئبو ته وگوڙ جي ڪري 1756ع کان 1750ع تائين سنڌ جي حالت رحم جوڳي هئي. انهيءَ وگوڙ جي پڄاڻي تڏهن ٿي، جڏهن آخرڪار 1750ع ۾ غلام شاهه ڪلهوڙو سوپارو ٿي نڪتو. هن زماني يعني 1754ع کان 1758ع تائين رڳو سنڌ ڏڇي ۾ نه هئي، هندستان جا اڪثر پاڳا ڏڇي ۾ هئا. آخر غلام شاهه ڪلهوڙو "سنڌ جو بادشاهه" (ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي تن ڏنن وارن خطن ۾ ڪيس انهيءَ نالي سان ياد ڪيو ويو آهي) ٿيو پر احمد شاهه جي اطاعت ۾ ڪابل ۾ ڪاني ڏن ڏيڻ تي مجبور هو. هن اپاڳيءَ پيڙهيءَ دوران ڪلهوڙا نه رڳو پاڻ ۾ وڙهي رهيا هئا، پر هو پڻ ٻاهرين حملن جي ڪري ڪمزور ٿيندا ويا. ڪچ ۽ ڪڪرالي جي سردار سان شطرنج جي منجهيل سياسي راند ۾ پڻ مشغول هئا. ڪڪرالي وارو ڪيئن به ڪري پنهنجي ننڍڙي اختياري ماٽيندو ٿي آيو. غلام شاهه سينيءَ ڪلهوڙن ۾ لائق هو. هنن ۾ جي ڪو عظيم هو ته اهو ئي هو. سنڌ جي تخت تي ويهڻ کان پوءِ هن پنهنجي وگوڙن ماريل ملڪ ۾ امن امان بحال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر 1771ع ۾ لاڌاڻو ڪري ويو. ڪائنس پوءِ سندس وڏو پٽ، سرفراز خان، تخت تي ويٺو. هن ڇسائي ڪندي مير بهرام خان ٽالپر کي اهڙين حالتن ۾ مارايو جو سڃي ڏيهه ۾ گلا ٿي پيس. انهيءَ ڪانهه تان آخر ٽالپرن، ڪلهوڙن جو تختو اونڌو ڪري ڇڏيو. هروڀرو تڏهن فوجي لحاظ کان سينيءَ ۾ زور ٿي چڪا هئا. اوائلي ڪلهوڙن،

بروچن کي سنڌ ۾ اچي رهڻ تي همتايو هو ته جيئن جنگ جي ميدان ۾ انهيءَ نموني بالادستي جو فائدو وٺي سگهن. سنڌ جي دربار ۾ بروچن جي تالپر پاڙي جو سپني کان وڌيڪ اثر هو. اهي مير بهرام خان تالپر جي مارائجڻ تان ڏکوئجي ڪاوڙجي ويا ۽ سرفراز خان کي سندن چوڻ تي بدانتظاميءَ جي ڪري تخت تان لاٿو ويو. سرفراز خان جي برطرفي تان گهرو لڙائي اچي لڳي، جنهن جي هلندي مير محمد خان، غلام شاهه ۽ غلام نبي ڪلهوڙو سنڌ جا انتهائي نااهل حاڪم ٿي رهيا. تاريخ نويس ڪلهوڙن جي پڄاڻيءَ جو جيڪو سن عام طرح مڃيندا آهن، سو آهي 1743ع. پر تالپرن جي اثرائتي ضابطي ٽيڻ کان اڳ ڪجهه وقت غير فيصلي ڪن ڇڪتاڻ جو به هو. تالپرن کي ڏهائڻ کان پهرين ڪلهوڙا ملڪ جي ڪم ڪار هلائڻ لاءِ ڪافي وقت بروچن جي اثر رسوخ تي گهٽو پاڙيندا رهيا هئا. جيئن مٿي چيو اٿئون، ڪلهوڙن ۾ جيڪر ڪو عظيم ليکجڻ جو حقدار حاڪم هو ته غلام شاهه هو. هن پنهنجي بازوءَ جي قوت سان تخت هٿ ڪيو هو ۽ قندار جي ان کان گهٽي گهٽ ڪاڻ ڪيندو هو. جيتري پٽس ڪيندو رهيو هو. هن سنڌ کي مضبوط بادشاهت بڻايو ۽ ان جون حدون ڏکڻ پاسي سامونڊي ڪپر تائين وڌايائين. ڪڪرالي جي جام کي تڙي ڪڍيائين ۽ شاهه بندر جو نئون سامونڊي بندر گاهه ٺهرايائين. جتي هڪ مضبوط حفاظتي منارو به هو. 1762ع ڌاري ڪڇ تي پڻ ڪاهي ويو پر اڳلن ماري موٽايس. سو ويرونڊ لاءِ پراڻ تي ٻنڌ ٻڌائي پاٽيءَ جو منهن پنهنجي پاسي ڪري ڇڏيائين، جنهن سان سندس حد کان ويندي لکپت تائين وارو سرحدو علائقو سُڪو ٿي ويو. پر شڪارپور سندس مملڪت ۾ شامل نه ٿي. اها سڀ تعلقي جو پاڳو هجڻ ڪري دائود پوٽن جي بيدخليءَ جي زماني کان افغان گورنرن جي هٿ هيٺ هئي. ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ وارن غلام شاهه جي دور ۾ ئي ۽ شايد سندس ڪوٽ تي نٽي ۾ 'ڪارخانو' هنيو. سندس گهٽ روشن خيال پٽ ان ڪارخاني جي حوصلہ شڪني ڪئي، جنهن ڪري 1775ع ۾ ان کي ترڪ ڪيو ويو. 1768ع ۾ غلام شاهه پنهنجي گادي خدا آباد کان ڪنهن وڌيڪ ڇڪي هنڌ ڪٽي وڃڻ جو پهه ڪيو ۽ ان لاءِ سنڌونديءَ جي ڪاپي ڪپ تي نيرون ڪوٽ چونڊيائين. اتي آڪاڻي وقت ۾ نيرون نالي ڳوٺ هوندو هو. هت هڪڙي مٽاهين هنڌ پڪو قلعو ٺهرايائين ۽ ان تي حيدرآباد نالو رکيائين، جو هن جو سپني ۾ بقادار يادگار آهي. پنهنجي نئين گاديءَ ۾ هو چار ورهيه رهيو. اتي ئي مئو ۽ اُتي ئي دفن ڪيو ويو. حيدرآباد جي اُتر پاسي جيڪي مشهور قبا آهن، تن ۾ غلام شاهه جو قبو ڪافي ٽنڊ هوندي به ٻين کان شاندار آهي. لارڊ ڪرزن کي هڪڙو اهو ئي انهيءَ لائق نظر آيو هو ته ان کي سرڪاري خرچ تي سنواريو وڃي ۽ مرمت ڪرائيندو رهجي. ڪلهوڙن جي صاحبيءَ جي تاريخ ڏاڍي ڏکوئيندڙ آهي. سنڌ وارن جي اها وڏي بدنصيبيءَ هئي ته سندن ئي ڏيهه جو هڪ گهراڻو جيڪو بنيادي طرح عام ماڻهوءَ

جي مذهبي لاڙن تي اثر ڪري طاقت ۾ آيو هو سو مغلن جي صاحبيءَ جو انتهائي بيڪار جانشين ثابت ٿيو.

سنڌ گزيٽيئر جي 1907ع واري ڇاپي ۾ ائٽڪن ڏاڍي ٽُڙ ڳالهه ڪئي آهي. هو چوي ٿو "ڪلهوڙن جي صاحبي بياسي ورهيه هلي ۽ اهو ظاهر آهي ته انهيءَ عرصي دوران سنڌ جي ڪشش مرڪز ۽ اتي جي آدمشماريءَ جي ڪيترن جزن جي توازن ۾ هڪ دائمي تبديلي اچڻ شروع ٿي وئي هئي، جا ٽالپرن جي هٿان تڪميل تي پهتي. چگهي آڳاتي وقت کان حڪومت جا به قدرتي مرڪز ٻنهو ۽ بکر جو قلعو هئا ۽ انهن منجهان ٻنهو هميشه پرڏيهي اثر کان نسبتي طرح آجو هوندو هو. عمرڪوٽ ۽ ڪرالي ۾ ۽ نندڙين جاين تي هندو حاڪم گهٽ وڌ خودمختيار هوندا هئا. پر ڪلهوڙا ۽ ٽالپر، جن کي لاڙ ۾ عام طرح 'سرائي' سڏيو ويندو هو، تن جي زور وٺڻ ڪري اهو سڀ مٽجي ويو. جڏهن سندن شڪارپور ۽ سکر تي وس نه هليو تڏهن هنن پنهنجي اختياري ڏکڻ طرف وڌائيندي هندو خودمختياريءَ جي پاڙ پٽي ڇڏي. ان جي ڪري وڌيڪ مرڪزي گاديءَ جي ضرورت محسوس ٿي، سو حيدرآباد ٻڌائي وئي، جنهن ٻنهي جي اهميت گهٽائي ڇڏي. خدا آباد ۽ سيوهڻ پوئتي پئجي ويا پر لاڙڪاڻو شڪارپور آڏو سرحدي شهر جي حيثيت ۾ اهميت حاصل ڪري ويو.

ٻيو نئون اثر بلوچ هئا، جي ويڑهاند ۾ سينهي کان اڳرا ۽ هن پاسي پاران وڙهڻ تي به ايترائي تيار هوندا هئا. جيترو هن پاسي پاران وڙهڻ تي. هو سڌت ئي پاڙيتي لشکر ۾ اهم عنصر بڻجي ويا، جنهن جي مدد سان حريف سردار هڪٻئي سان وڙهندا رهندا هئا. ۽ ٽالپر طاقت ۾ آيا ته هو سينهي کان وڌيڪ بااختيار ٿي ويا. ملڪ جو روپ مغلن جي پوين ڏينهن کان گهڻو مٽجي چڪو هو. ڪلهوڙن جي پاليسي، جنهن کي ڪائنس پوءِ ايندڙ ٽالپرن جاري رکيو ۽ زور پڙ وڌايو اها هئي ته سنڌ الڳ ٿلڳ رهي ۽ نين طاقتن جون جيڪي لهرون سنڌ کان ٻاهر هندستان جي ڪپر سان لڳي رهيون هيون، تن جي ٻوڙ ٻوڙان هيٺ نه اچي. تحقيق، نئون زمانو اچي پهتو هو. لڳي ٿو ته ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن هيءَ ڳالهه محسوس ڪري ورتي هئي ۽ انهن طاقتن کي، جي کين ناپسند هيون، وس پڄي روڪڻ جو پهه ڪري ڇڏيو هئائون. ڇو ته سُجهين ٿي ته اهي اختياريءَ جي جنهن قسم تي سندن حڪومت ٻڌل هئي، تنهن کي پاڙان کائي ڇڏيندیون.

ٽالپرن جو دؤر:

1777ع ۾ غلام شاهه ڪلهوڙي جي گاديءَ تي سندس پاءُ غلام نبيءَ کي ويهاريو ويو. سندس دور ۾ مير بجار خان بغاوت ڪئي ۽ غلام نبي لڙائيءَ ۾ مارجي ويو. ڪائنس پوءِ پاٽس عبدالنبي ويجهي ۽ ويجهي عزيز کي مارائي ڇڏيو ۽ مير بجار خان سان ناهه ڪري پاڻ سنڌ جو حاڪم بڻجي ويو ۽ مير بجار خان سندس وزير ٿيو. 1781ع ۾ قندار کان هڪڙو لشکر سنڌ تي ڪاهي آيو. پر مير بجار خان

ان کي شڪارپور وٽ شڪست ڏني. ڪجهه وقت کان پوءِ ميان عبدالنبيءَ، مير بجار کي مارائي ڇڏيو ۽ پاڻ قلات ڏانهن پڇي ويو ۽ تخت تي مقتول وزير جو پٽ عبدالله خان ٽالپر وينو. ميان عبدالنبي ڪيترين ئي ناڪام ڪوششن کان پوءِ آخرڪار قنڌار جي بادشاهه جي مدد سان سنڌ جو تخت وري هٿ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو. پر وري مير عبدالله خان کي مارائڻ تان مير فتح عليءَ پڇائي ڇڏيس. جو مير بهرام جو پوٽو هو. ميان عبدالنبيءَ بادشاهي ونڊ جي وري هڪ ٻي ڪوشش ڪئي. پر متينءَ سنڌ ۾ هالاٽيءَ وٽ مير فتح عليءَ کان هارائي پهرين سيوستان ڏانهن ۽ اتان جوڌپور ڏانهن پڇي ويو جتي وفات ڪيائين. اهڙيءَ ريت ڪلهوڙن جو گهراٽو ذليل ۽ خوار ٿي پڇاڙيءَ کي پهتو. عبدالنبيءَ بنهه نراس ٿيڻ کان اڳ قنڌار جي بادشاهه کي مدد جي درخواست ڪئي، پر اُتي مير ايلچي ٻه هڻا، جن جي ڳالهه جو وڌيڪ اثر ٿيو. افغانستان جي بادشاهه، تيمور شاهه، مير فتح عليءَ ڏانهن سروپاءِ، ڪجهه عربي نسل جا گهوڙا ۽ سنڌ جي حاڪم جي حيثيت ۾ مقرريءَ جي سَنَد موڪلي ڳالهه ئي ختم ڪري ڇڏي. هيءُ واقعو 1783ع جو ڇيو وڃي ٿو. ٽالپرن جي دور جي شروعات انهيءَ سن کان ليکي سگهجي ٿي.

فتح علي خان تي سگهو ئي روشن ٿي ويو ته شاهي سَنَد ڪيس سنڌ جو حاڪم نٿي ٻڌائي سگهي. ٽالپر سردار، جن مقدس ڪلهوڙن جي ڳٽ لاهي ڦٽو ڪيو هو سي محض پاڻ جهڙي ٽالپر اڳيان ڪنڌ نوائڻ تي مائل نه هئا. پهرين پهرين مير فتح عليءَ جو پائيٽو مير مهراب خان خودمختيار ٿيو ۽ خيرپور ۾ تخت رکيائين. قنڌار سان پڻ شايد ڏن نه ڏيڻ تان اٽبت ٿي پئي ۽ اتان جي بادشاهه ايندڙ ٽورن ورهين دوران ڪيترين ئي ڪاهون ڪيون. آخرڪار 1792ع ۾ شڪارپور ۾ هڪ عهدنامي تي صحيحون ٿيون ۽ مير فتح علي ڏن جي بقايا جا پنجويهه لک رپيا ادا ڪيا موت ۾ ڪيس نئين سَنَد، جڙائو ترار ۽ هاٿي مليو جنهن تي چڙهي حيدرآباد آيو ۽ وڏي ٽڪ ٽانگر سان تخت تي ويٺو. هاڻ سنڌ جي حڪومت سردارن جي پائيواري ٻڌجي وئي، جنهن ۾ هر ڪنهن جو پاڳو الڳ هو. مير فتح خان پنهنجن تن پائرن غلام علي، ڪرم علي ۽ مراد علي کي پاڻ سان حيدرآباد جي حڪومت ۾ پائيوار ڪيو. کين چار يار سڏيو ويندو آهي. مير سهراب خيرپور جو ۽ مير ٽارو خان ميرپور جو حاڪم ٿيو. انهيءَ ڪري ٽالپرن کي تن الڳ الڳ گهراٽن ۾ ورهايل چئي سگهجي ٿو: پهريون شهداداٽي يعني حيدرآباد وارو جو وچينءَ سنڌ جو حاڪم هو ٻيو ماٽڪاٽي، جو ميرپور جو حاڪم هو ۽ ٽيون سهراباٽي، جو خيرپور جو حاڪم هو. ميرن جو دور جو 1783ع ۾ بد سوڻي وارين حالتن ۾ شروع ٿيو هو سو وڏي تاريخي اهميت وارو دور ثابت ٿيو. انهيءَ دور جي پڇاڙي 1783ع ۾ ميانيءَ ۽ دبي جي لڙاين سان ٿي، جڏهن نيپئر جي سوين جي نتيجي ۾ سنڌ کي انگريزن جي راڄ سان ڳنڍيو ويو.

ٽالپر بلوچ هئا، سو کين صحيح معنيٰ ۾ پورو سنڌي نٿو چئي سگهجي. بلوچ ڪيترين صدين کان سنڌ ۾ وسيل هئا، پر لڏي اچي سنڌ ۾ ويهندڙ بلوچ قبيلن جو تعداد مغلن ۽ ڪلهوڙن جي دور ۾ تمام گهٽو وڌي ويو ۽ جيستائين ڪلهوڙن جي جاءِ ٽالپرن ورتي، تيستائين سنڌ ۾ بلوچ قبيلن جو اثر تمام گهٽو وڌي چڪو هو ۽ ٽالپر پنهنجي منصب لاءِ گهٽي کان گهٽو سندن مضبوط هٿيارن تي ئي پاڻيندا هئا. ٽالپر به انفرادي طرح ڪِل مُک سياڻ وارا هئا، جو بلوچن جو مرڪ آهي. هو خوش طبع ۽ مهمان نواز هئا ۽ ظلم ۽ دٻڙ دڦنس کان پري هئا. وڏا خوددار هئا ۽ حاڪمن واري ڏِک به هين. پنهنجي صاحبيءَ دوران مرضي اها هوندي هين ته کين چڏيو ويجي ته جيئن پنهنجي بادشاهيءَ جو مزو پنهنجيءَ پر ۾ وٺي سگهن. ٽالپرن جي انهيءَ عادت جي ڪري سندن شڪار بازيءَ ۽ زياده طلبيءَ جي ڇَنَي رعَيت تي پوندي هئي ته جيئن هو مايا ميڙي، هيرا موتي ۽ هٿيار پنهوار گڏ ڪري سگهن: هو وڏيون سوين ڪتي ملڪ وڏائڻ جا خواب ڪونه لهندا هئا، ۽ جيئن ئي انهيءَ سڃي علائقي کي جو پوءِ انگريزن واري سنڌ ٿيو عملي طرح هڪ ڪري بيٺا، تئين ئي پاڻ کي آلس پري ۽، سندن پنهنجيءَ سمجهه موجب، عيش واريءَ حياتي جي حوالي ڪري چڏيو.

ميرن جي صاحبي يگاني هئي. اها هڪ طرح ڪٽنبي سهڪار هئي، جنهن ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ ڪي خاص قاعدا قانون يا پوتا ميل ڪونه هئا. کين وڏي دلچسپي سنڌ کي الڳ ٽلڳ رکڻ ۽ اُپراسي اوڳاڙڻ ۽ ميڙڻ سان هئي. ٽالپر ميرن جو گهراڻو ايترو ته گهٽو شاندار هو جو سندن سموري دور جو ڪوبه هڪڙو ڪم ڪنهن هڪڙي مير جي نالي ليکڻ جي ڪوشش ڪرڻ نهايت ڏکيو ۽ محنت طلب ڪم آهي. ٽالپرن جي اصل حڪومت جا چاليهه ورهيه جيڪي ڪجهه وهيو واپريو. تنهن کي سمجهڻ لاءِ تاريخ نويسن کي گهٽو ڪري شجرن جو سهارو ونڊو پيو آهي. سندن صاحبي صلح جو هئي ۽ نه جنگجو. تخت تي ويهڻ کان پوءِ ٽالپرن جو مکيه مقصد سنڌ جا ٽڪرا ميڙي پاڻ ۾ هڪڙي پوري ايڪي اندر يڪجاءِ ڪرڻ ۽ ان کي پرامن جاگير ڪري رکڻ هو. جيئن ان جو اپراسو ڪٽنب جا ياتي پاڻ ۾ ورهائي ڪٽن. هو پنهنجي طاقت ۽ سلامتيءَ لاءِ بن مکيه آڌارن تي پاڻيندا هئا: پهريون هو اڪثر بلوچ قبيلن جي وفاداري ۽ پيو هو رهائي وارن طبقن جو سهڪار. انهن طبقن ۾ جاگيردار جي آبادي لائق وسيع ايراضين ۽ هٿيارن جا مالڪ هئا، ۽ پير، سيد، ولي، فقير ۽ بزرگ اچي ٿي ويا. بلوچن کي چڏي گهڻن سنڌين ميراڻي راڄ کي بس سنو ٿي، باقي ان سان محبت ڪانه هين. سنڌي هاري، مهاڻا ۽ ڏنار پيرن ۽ بزرگن جي وڏي عزت ڪندا هئا. ان ڪري هو ڪنهن حد تائين ميرن جي موافقت ۾ هئا، پر منجهن بلوچ حاڪمن لاءِ وفاداريءَ جو ڪو جذبو ڪونه هو.

ٽالپرن جي حڪومت هڪ اهڙي جماعت هئي، جنهن جو مقصد اپراسي جون پتيون اوڳاڙڻ هو جي گهراڻي جي تن شاخن جي ياتين ۾ ورهايون ويندیون هيون. سندن حڪومت ڪا اهڙي حڪومت

نہ هئي، جنهن کي سيني سياسي ۽ انتظامي مقصدن جي لحاظ کان متحد چئي سگهجي. اهو ئي سبب هو جو تالپر نيپئر جي اُلر کي روکڻ لاءِ سموري طاقت کٽي نہ ڪري سگهيا. سندن راج رهائيءَ وارن طبقن کي چڏي ٻي رعيت ۾ مقبول ڪونہ هو.

ميراٽو راج ميائيءَ جي لڙائيءَ کانپوءِ پورو ٿي ويو. ڇا ميائي جي جنگ کٽڻ کو وڏو فوجي ڪارنامو هو؟ ان ۾ شڪ ٿي سگهي ٿو. ان کي تڏهن افغانستان جي پهرين لڙائيءَ واري بدترين هار کان پوءِ برطانيا جي شاندار فتح ڪري پيش ڪيو ويو. ساڳي وقت، برطانيا جو راٽيءَ جي "ظالم چاچن" جي مرڻ ۽ نوجوان وڪٽوريا جي تخت تي ويهڻ کان پوءِ وارو غير مقصد ضمير سياسي چالن ۽ انهن جي نتيجي ۾ ٿيندڙ فوجي سوين تان بي آرام ٿيڻ ڏانهن مائل هو. پر ميرن جي حڪومت ڳڻپير ويڙهه کائڻ جوڳي نہ هئي. پاڻ ۾ ٻڌل جو نہ هئا. سندن سورهيہ مڙس ميائيءَ واري جنگ ۾ هوئي ڪونہ. ڪيس پوءِ دو- آبي واريءَ لڙائيءَ ۾ ڏار مات ڪيو ويو. ميرن جو لشڪر پوريءَ طرح منظم نہ هو ۽ جيڪو پڙ ۾ لٽو تن وٽ نہ پورا هٿيار هئا نہ پورو توبخانو نيپئر اهڙو سپاهي نہ هو جو پاڻ کي گهيرجڻ يا ڇڇڻ ڏي ها. پوءِ پتو هئس تہ ڇا پيو ڪريان ۽ مخالف ڪيتري پاٽيءَ ۾ اٿم. سو فوجي نالائقيءَ جي ڪري ميائيءَ جو نتيجو اڳواٽ پڌرو هو. ميرن جي صاحبيءَ ۾ اقتصادي حالتون ڪلهوڙن جي دور کان گهٽيون ڦريل هيون. ڪپهہ جي روانگي واپار بند ٿيڻ ڪري ڏٽي جي اهميت بلڪل ختم ٿي چڪي هئي. انهيءَ واپار جي بند ٿيڻ جو ڪارڻ برطانيا ۾ صنعتي انقلاب جو اچڻ هو جنهن جي ڪري لنڪا شاير عالمي طلب کي گهٽ خرچ تي سوتي ڪپڙي رسائڻ جو مکيہ مرڪز بڻجي ويو. ميرن جي دور ۾ صنعت نہ هجڻ جيتري هئي. ڏٽي جي جاءِ تي ڪراچي، سامونڊي بندر جي حيثيت ۾ زور وٺي ويو ۽ سنڌونديءَ وارا بندر جي مغلن ۽ ڪلهوڙن کي ہ سؤ ورهيہ ڪم ايندا رهيا هئا، سي ختم ٿي ويا.

ملڪ جي گادي حيدرآباد کي بڻايو ويو ۽ ان کي آفرين جوڳيون اڏاوتون ٺهرائي شاهوڪار ڪيو ويو. ميرن جو پهريون قبو اُتي ٺهيو. ڪلهوڙن جا ڪجهہ قبا تہ اڃيئي هئا. مير يعني حيدرآباد وارا مير اُتان جي وڏن بُرجن واري قلعي ۾ (جنهن جي اڏاوت ڪلهوڙن شروع ڪرائي هئي) بند ٿي ڪجهہ سُڌريل قسم جي عياشيءَ واري حياتي گذارڻ لڳا. قلعن جي بُرجن ۽ پتين کان ٻاهر واٽڪي بازار سان لڳو لڳ ڪاٺ جي هنج جي ڳڇيءَ جهڙن منگهن يا يادگيرن جو اهو اچرج ۾ وجهندڙ ڦوٽهڙو ٿيو جنهن شهر جي اپ ليڪ کي ان جو يگانو ڏيک ڏنو ۽ ايجا تائين ڏي ٿي. منگهن کان هيٺ ننڍن ننڍن دڪانن ۾ لوهاٽن پائي بندن جو ڏنڊو اُسرڻ لڳو. جن کي ستت پوءِ دنيا جي ڪنڊ ڪرڇ ۾ پهچي هنڌين ۽ انگرڙن جي پروسي جهڙن واپارين جي حيثيت ۾ پاڻ موڪڙو هو.

تالپرن جو مکيہ مقصد هو پهرين سنڌ کي هڪ ڪرڻ تہ جيئن سندن گهراٽو ان تي پنهنجي ڊل اوڳاڙڻ وارو اختيار هلائي سگهي، ۽ پوءِ جڏهن سنڌ هڪ ٿي وڃي، تڏهن ان کي هڪڙو الڳ ٽلڳ ۽

ننڍڙو مسلمان ملڪ رکندي اولهه جي اثرن کان بچائڻ، جي تڏهن اُتر ـ اولهندي هندستان ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. جيستائين اندروني پاليسيءَ جو لاڳاپو آهي تہ تفصيل ۾ پوڻ کان سواءِ مکيہ واقعن جو ذڪر ڪرڻ ڪافي ٿيندو. 1783ع ۾ ميرفتح علي خان کي افغانستان جي بادشاهہ تيمور شاهہ وٽان سَنَد ملي. پوءِ هن جي ٻين ٽالپرن سان اٽڪٻت ٿي پئي. ميرسهراب خان خيرپور وڃي تخت تي ويٺو. قندار سان ڏن تان ناسازيون ٿيون. 1792ع ۾ شڪارپور ۾ هڪ ناهہ تي صحيون ڪيون ويون، جنهن ۾ ميرفتح علي خان ڏن جا بقايا 24 لک رپيا پري ڏيڻا ڪيا ۽ ان جي عيوض ۾ ڪيس نئين سَنَد ملي ۽ هن حيدرآباد ۾ واڳ سنياليتنهن کان پوءِ ٽالپر سردارن جي پائيواري قائم ٿي. ميرفتح علي خان ۽ سندس ٽئي پائر گڏجي حيدرآباد تي حڪومت ڪرڻ لڳا ۽ چار يار سڏجڻ ۾ آيا. ميرسهراب خان خيرپور جي حڪومت سنياليتي ۽ ميرنَاري ميرپور جي.

1795ع ۾ ٽالپرن ڪراچي وري هٿ ڪئي. ڪلهوڙن اهو شهر قلات جي خان حاڪم گهراٽي جي هڪ پاتيءَ جي خون جي عيوضي طور ڏئي ڇڏيو هو. 1803ع ۾ افغانستان جو حاڪم شجاع الملڪ ڏن جي رقم ونڍ لاءِ سنڌ تي ڪاهي آيو پر ڪيس ڏهہ لک رپيا روڪ ڏئي ۽ پنج لک سالياني ڏيڻ جو انجام ڪري راضي ڪيو ويو. 1813ع ۾ ٽالپرن عمرڪوٽ تي قبضو ڪيو جو ايستائين جوڌپور جي نالي ماتر قبضي ۾ هو پر حقيقت ۾ معمولي جامن جي هٿ ۾ هو جي سنڌوءَ جي اوپر طرف سنڌ جي انتهائي ڏکڻ واري ملڪ جا حاڪم هئا. 1824ع ۾ ٽالپرن حرفت هلائي شڪارپور هٿ ڪئي. انهيءَ کان اڳ شڪارپور افغانستان مان مقرر ڪيل حاڪمن هيٺ هوندي هئي. جنهن نموني ۾ شڪارپور ورتي ويئي، سو دلچسپيءَ وارو آهي. شڪارپور، قندار جي رکيل حاڪمن جي هٿ ۾ رهندي، نہ رڳو سنڌ پر ايشيا لاءِ وڏو وٽجارڪو شهر بڻجي ويو هو. بولان لڪ کان سنڌ ايندڙ وٽجارڪي وات تي هجڻ ڪري قافلا اُتي اچي منزل ڪرڻ لڳا ۽ ستت ئي واپاري واٽيا اچي وينا، جن وچ ايشيا جي هر تجارتي شهر ۾ ڪوٺيون برپا ڪيون. ميرن جون انهيءَ شهر کي ٿيندڙ ناکي جي اُپراسي ۾ اکيون هيون ۽ ان ئي زماني ۾ جڏهن افغانستان جي تخت تان تڪرار شروع ٿيا، تڏهن کين وجهہ ملي ويو. اهڙي وقت جڏهن اتان جو حاڪم سڏ تي قندار ويل هو تڏهن اهو افواهہ اچي اُٿيو تہ سڪ شڪارپور تي ڪاهہ ڪرڻ وارا آهن. ميرن هڪدم شڪارپور جي عالم پناهہ وٽ لشڪر آڻي ڪنو ڪيو ۽ حاڪم جي هيٺي نائب کي ايترا تہ ڏنا ۽ ڊپ ڏنا جو همراهہ شهر جو بچاءَ سندن حوالي ڪري ڇڏيو. هڪ پيرو جو شهر ۾ گهڙيا تہ وري نہ نڪتا. ۽ پوءِ اتي ٻہ ائٽ ئي حڪومت ڪيائون، جيئن باقي سنڌ ۾ ڪيائون ٽي. شڪارپور مان ٿيندڙ اپراسو حيدرآباد ۽ خيرپور جا ميرپاڻ ۾ ورهائي ڪٽندا هئا. ٻنهي ميرن پنهنجي پنهنجي پاڳي جي اوگڙ لاءِ ڏار ڏار حاڪم ۽ عملو رکيو هو. شڪارپور ۽ سکر ۽ ان جو پرپاسي وارو تر والاري ميرن پنهنجي سنڌ کي هڪ ملڪ ڪرڻ واري رٽ پوري

ڪئي. تنهن کان پوءِ هنن پنهنجي صاحبي اهڙي هلائي جهڙي سنڌ صدين کان ڪونہ ڏٺي هئي. ملڪ ۾ امن امان هو ۽ هاري ناري سکيا هئا. هيءَ ڳالهہ انهن اکيچار تبصرن مان پڌري آهي، جيڪي اٺويهن صديءَ جي پنجين ڏهاڪي ۾ سنڌ گهمندڙ يورپي سيلانين پوئتي ڇڏيا آهن.

انهيءَ زماني ۾ ميرن جي برطانيا سان جيڪي مکيہ واسطا پيا سي 1809ع، 1820ع، 1831ع، 1832ع، 1834ع ۽ 1836ع ۾ ٿيا. تڏهن، جڏهن سنڌ جو انهيءَ تڪرار ۾ اٽڪڻيءَ تي ضروري طرح اڙجڻ ٿيو جنهن جي نتيجي ۾ افغانستان جي پهرين لڙائي لڳي، انهن واسطن جو مختصر ذڪر ڪرڻ شايد واجبي ٿئي. ڇو تہ ائين ڪرڻ سان اندازو ٿيندو تہ يورپين جو گهڙي اچڻ جنهن کان ٽالپر ايترو ڊنا ٿي، سو ڪيئن وڌندو ويو. ياد رهي تہ سنڌ ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جو پهريو ڪارخانو 1775ع ۾ بند ٿي ويو هو. 1799ع ۾ مسٽر ناٿن ڪرو سنڌ ۾ سياسي ۽ واپاري ايلچي ٿي آيو تہ انهي سان ناتا واري قائم ٿيا. ميرفتح علي خان برطانوي واپارين جي حفاظت ڪرڻ ۽ کين رعايتن ڏيڻ جو انجام ڪيو ويندي مسٽر ڪرو کي ڪراچيءَ ۾ گهر نهرائڻ جي موڪل بہ ڏنائين. پر پوءِ ميرصاحب، چيو ويجي ٿو تہ افغانستان جي بادشاهہ زمان شاهہ جي چوڻ تي، مسٽر ڪرو کي ڏهن ڏينهن اندر نڪري وڃڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو.

1808ع ۾ حيدرآباد ۾ مسٽر سيٽن جي معرفت ڳالهيون هلائي اڳرائيءَ ۽ بچاءَ لاءِ ناهہ ڪيو ويو پر بالا سرڪار ان جي تصديق ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ بامبي سول سروس جي مسٽر هئنڪي سمٿ کي نئين عهدنامي لاءِ ڳالهين هلائڻ کان حيدرآباد اماٽيو. هڪ مختصر عهدنامو ٿيڻ ۾ آيو جنهن هيٺ فرينچ لوڪن کي سنڌ ۾ اچڻ نہ ڏيڻو هو ۽ بمبئيءَ ۽ حيدرآباد جي وچ ۾ وڪيلن جي ڏي وٺ ٿيٽي هئي. اهو عهدنامو حيدرآباد وارن ميرن غلام عليءَ ۽ مراد عليءَ ڪيو. ميرغلام علي خان 1811ع ۾ وفات ڪري ويو ۽ 1820ع ۾ هن جي پوين سان نئون عهدنامو ڪيو ويو. ان نئين عهدنامي ۾ ڄاڻايل هو تہ انگريزن کان سواءِ ٻيا سڀ يورپي ۽ آمريڪي سنڌ ۾ نہ اچي سگهندا نہ ٻنهي ملڪن جا ماڻهو هڪ ٻئي جي ڏيهہ اندر رهي سگهندا. ۽ اهو پڻ تہ ميرپنهنجي رعيت وارن کي ڪڍ ۽ ير وارن دوست ملڪن تي ڦرلٽ لاءِ چڙهائي ڪرڻ کان روڪين.

خيرپور ۾ پيرسن ميررستم عليءَ پڻ انگريزن سان اتحاد ۾ گهٽو چاهہ ڏيکاريو سنڌوندیءَ کي واپار لاءِ کولڻ جي مقصد سان هڪ ٻيو ناهہ ڪيو ويو. انهيءَ ناهہ ۾ سنڌ جا رستا هندستان جي واپارين ۽ وکر لاءِ کليل رهندا ۽ انهن تي ناکو لڳندو پر انهيءَ شرط سان تہ رستن تان ڪو فوجي سامان نہ لنگهندو سنڌوندیءَ ۾ ڪوبہ هٿيار بند ٻيڙو داخل نہ ٿيندو ۽ ڪوبہ انگريز واپاري سنڌ ۾ رهي نہ سگهندو البت پاسپورٽ وٺي گهمڻ اچي سگهندو. ساڳي وقت خيرپور جي ميرن سان بہ ان ئي نوعيت جو عهدنامو ڪيو ويو جنهن ۾ پوءِ 1834ع ۾ ترميم ڪري درياءِ محصول وڌايا ويا.

انهيءَ زماني ۾ پنجاب جي سک بادشاهت هڪ زبردست رياست هئي. مهاراجا رنجيت سنگهه افغانستان کان ملتان جو ڪجهه پاڻو ۽ ڪشمير کسي ورتا هئا. ۽ 1836ع ۾ هو سنڌ تي ڪاهه ڪري آيو ۽ شڪارپور وٽ منزل وجهي 12 لک رپيا ڏن گهرايائين. ميرن پاڻ ۾ ساٺس هٿين پوڻ جي طاقت نه ڏسي، انگريز سرڪار طرفان وچ ۾ پوڻ جي آڇ قبول ڪئي، جنهن سان اهو شرط به هو ته ڪين حيدرآباد ۾ برطانوي ايجنٽ رهائڻو پوندو ۽ رنجيت سنگهه سان سڄي ڳالهه ٻولهه انگريزن جي معرفت ڪرڻي پوندي.

جن واقعن جي نتيجي ۾ سنڌ انگريز راج سان ڳنڍيو وئي، سي تمام منجهيل آهن ۽ انهن جي تاريخ ستن ورهين تي ڦهيل آهي ۽ 1936ع کان شروع ٿئي ٿي، جيئن مٿي ڄاڻايون اٿئون، سنڌ تي مهاراجا رنجيت سنگهه ڪاهه ڪئي جنهن کي برطانيا سرڪار وچ ۾ پئي ٽاريو ۽ ميرن کي حيدرآباد ۾ انگريزن جو ايلچي هميشه لاءِ رهائڻو پئجي ويو. هن منجهيل داستان جون حقيقتون هي آهن ته افغانستان جي تڏهوڪي بادشاهه دوست محمد کي روسي اثر ۾ ڄاتو ٿي ويو ۽ انگريزن کي ڊپ هو ته هندستان جي سرحد تي اهو روسي اثر ڇڪو نه آهي. پنجاب جو ڪجهه علائقو دوست محمد جي هٿ ۾ هو ۽ رنجيت سنگهه انهيءَ علائقي جو دعويدار هو. انگريزن جو مقصد هو ته دوست محمد جي جاءِ تي شاهه شجاع الملڪ کي آڻجي، سو دوست محمد کي لاهي شاهه شجاع کي تخت تي ويهاريو ويو. پر پوئين همراهه کي افغانستان جي ماڻهن بنهه قبول ڪونه ڪيو سو دوست محمد موٽي آيو. ڪابل ۾ رکيل انگريزن جي فوجي دستي پاڻ کي مڇريل قبائلين ۾ وکوڙيل ڏٺو ۽ غلط حڪمت عمليءَ سبب اهڙي وقت ڪابل ۾ رهندڙ فوجي توڙي غير فوجي انگريزن کي اُتان نه ڪڍيو ويو جڏهن افغانستان جي سردارن کي ملندڙ روڪ مدد بند ٿي وئي هئي ۽ رنجيت سنگهه لاڏاٽو ڪري سک راج کي رولي ۾ وجهي ويو هو. ان جو نتيجو ڏاڍو دکدائڪ نڪتو ۽ انگريزي لشڪر جابلو لڪن رستي جلال آباد کان پشاور ڏانهن پسپا ٿيندي مارجي ويو. حالتن جي بحاليءَ لاءِ سيڪٽ ڏيندڙ لشڪر تيار ڪيو ويو ۽ ايئن ڪرڻ لاءِ ڪابل ويڙهو هو. پر سوال هو ته اوڏانهن ويجي ڪيئن؟ جڏهن پنجاب سکن جي هٿن ۾ ۽ سنڌ ميرن جي هٿن ۾ هئي.

اهڙيءَ ريت سنڌ جو افغانستان جي پهرين لڙائيءَ ۽ ان جي نتيجن سان سڌو ۽ خاص قسم جو واسطو ٿيو. پهرين ته انگريز لشڪر کي سنڌوءَ منجهان ضرور لنگهڻو هو ۽ سڀ ميرُ ٻُڌڻ ۾ هئا، ڪابه مدد ڪرڻ تي راضي نه هئا، بلڪ هر رعايت خلاف ستون ٿي سٽيائون. ٻيو ته 1836ع ۾ رنجيت سنگهه شڪارپور تي ڪاهي آيو هو ۽ 12 لک رپيا ڏن گهريو هئائين. انهيءَ خطرناڪ صورتحال سان منهن ڏيڻ لاءِ ميرن انگريزن کان مدد گهري هئي، جا رنجيت سنگهه سان ڳالهين ٿي ضابطن ۽ حيدرآباد ۾ انگريز ريزيڊنٽ جي مقرريءَ جي شڪل ۾ ڏني وئي. حالتون تمام نازڪ ۽ خطري واريون

هيون خاص طرح ان ڪري ٻ جو رنجيت سنگهه گذاري ويو هو ۽ سکن جي تنظيم اُٽل پٽل ۾ اچي وئي. پنجاب ۾ سکن خلاف جنگ جو خطرو ويجهو ڇاتو ويو ۽ افغانستان ۽ پنجاب جي لڙائي لڳڻ جي حالت ۾ اچ وڃ جي سهولت ۽ اڏوهٽ ڪرڻ ضروري ٿي پيو.

واقعن جي انهيءَ مونجهاري ۾ هندستان جا جيڪي ٻ گورنر جنرل لارڊ آڪلئنڊ (1836ع- 1842ع) ۽ لارڊ ايلنبرو (1842ع- 1844ع) ڪاٽل رهيا. تن مان آڪلئنڊ ڊلو ڊجڻو ۽ ٻ چيتو هو ۽ ايلنبرو اُتاولو ڪرڙو ۽ هينلو هو. ڪئمبرج واري هندستان جي مختصر تاريخ ڇاڻائي ٿي: "آڪلئنڊ موهيندڙ سياءَ وارو هو ان ڪري ساڻس سرڪاري ڪاروبار ڪرڻ سولو ۽ وٽندڙ هوندو هو. ايلنبرو اجايو سجايو رعب ويهاريندو هو ۽ ماڻهن کي پنهنجي ڪرڻ جو ڏاڻ ڪونه هوس." آڪلئنڊ ميرن کي چيو هو ته بمبئيءَ جي لشڪر کي سنڌوندي ۽ منجهان لنگهڻ ڏين ۽ بکر وارو ٻيٽ انگريزن جي حوالي ڪن ته جيئن اُتي رسدگاهه رکي سگهجي. ڪئمبرج واري هندستان جي مختصر ڇاڻائي ٿي ته "ميرانهن ڳالهين تي بنهه راضي ڪونه هئا. پر ڪين زوريءَ مجايو ويو ۽ 1836ع ۾ ڪراچي والاري وئي."

اهو خيال ته ميرن تي حملو ڪري سندن ملڪ انگريزي راج ۾ انهيءَ لاءِ شامل ڪيو ويو جو هو هيٺا هئا، سو آٿڙي نٿو. گهٽو ڏوهه آڪلئنڊ جو هو ۽ ايلنبرو جي جوابداري ايتري آهي ته هن ورثي ۾ مليل معاملي کي اڳتي وڌايو. هن جو چوڻ هو ته انهيءَ سرحدي ملڪ جا حاڪم سازشون ڪري رهيا آهن، جي دشمني واريون آهن پر پنهنجيءَ پر ۾ يقيناً خطرناڪ نه آهن. ويليسلي جيان ايلنبرو جو مقصد به ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي پوزيشن پختي ۽ مضبوط ڪرڻ هو. 1838ع کان پوءِ واقعا هڪٻئي پٺيان تڪڙا ٿيڻ لڳا. جڏهن ڪابل واري مهم لاءِ بمبئيءَ کان ڪمڪ موڪلڻ جي ضرورت پئي تڏهن هڪ اڳوٽي عهدنامي جي انهيءَ شرط تي ته سنڌوندي ۽ کي فوجي سامان جي ترسيل لاءِ استعمال نه ڪيو ويندو تنهن جي پرواهه نه ڪندي اها ڪمڪ درياهه رستي اماڻي وئي ته وڃي اُترين پرڳڻن ۾ مڪيه لشڪر سان ملي. گورنر جنرل لارڊ آڪلئنڊ جي هدايت هئي ته اهو شرط بحران جي اهميت جي ڪري مهمل رکيو وڃي. ساڳي وقت اهو پڌ ڇپائين ته جيڪي حاڪم هن هنگامي حالت ۾ انگريزن جي مدد کان ڪيٻائين، تن کي بيدخل ڪيو وڃي. سو تنهن سال 1838ع ڊسمبر ۾ سرجان ڪين جي اڳواڻيءَ هيٺ هڪ لشڪر سنڌ ۾ اچي وارد ٿيو پر اڳتي ڪونه وڃي سگهيو. ڇاڪاڻ جو سنڌ جي دربار ڪين سوارين ڏيڻ ۾ رنڊڪون وجهي ڇڏيون هيون. انگريز عملدارن پنهنجي منهن وڏي جاکوڙ ڪري انهن رنڊڪن کي منهن ڏنو ۽ اهي هٽايون تڏهن ويون. جڏهن سنڌ جي گاديءَ تي چڙهائي ڪرڻ جو دڙڪو ڏنو ويو. انهيءَ مخالفاڻي روش جي ڪري 1839ع ۾ بمبئيءَ کان هڪ لشڪر موڪلي سنڌ ۾ رکيو ويو. جيئن ته منوهڙي جي حفاظت تي معمور بلوچ دستي ان کي

ڪراچيءَ ۾ لهڻ کان روڪڻ جي ڪوشش ڪئي، سو انهيءَ قلعي تي تيزيءَ سان قبضو ڪيو ويو پوءِ حيدرآباد جي ميرن سان عهدنامو ڪيو ويو. ان جا شرط هي هئا: پهريون ته ميرن ڏانهن افغانستان جو جيڪو ڏن رهيل هو سو سجو شاهه شجاع کي 23 لک رپيا ڏيئي چڪتو ڪندا. ٻيو ته انگريزن جو وڏ ۾ وڏ پنجن هزارن ماڻهن جو لشڪر سنڌ ۾ رهندو جنهن جو ڪجهه خرچ ميرن پريندا ۽ ٽيون ته سنڌوندي تي واپار ڪندڙ ٻيڙين کان ڪوبه محصول نه ورتو ويندو. ان جهڙو ئي هڪڙو عهدنامو خيرپور جي ميرن سان ڪيو ويو پر ان ۾ خرچ پرڻ وارو شرط ڪونه هو. ان عهدنامي جي شرط موجب، بکر جو قلعو انگريزن جي حوالي ڪيو ويو ميرپور واري ميرشير محمد کي حيدرآباد وارن ميرن سان عهدنامي ۾ انهيءَ شرط سان شامل ڪيو ويندو ته هو سال ۾ اڏ لک رپيا ڏيندو. انگريزن جي آڪبوٽن واري برڙ کي نه رڳو سنڌوندي ۾ بنا رندڪ جي جهاز راني ڪرڻ جي موڪل ڏني وئي پر ان لاءِ هرڪا مدد به ڪئي وئي. لارڊ ايلنبرو جو انهيءَ وچ ۾ لارڊ آڪلئنڊ جي جاءِ تي گورنر جنرل ٿي آيو هو سو انهيءَ نتيجي تي پهتو ته سنڌ جي معاملي کي صاف ڪيو وڃي ۽ اتي جيڪو انگريزي لشڪر رکيل آهي، سو تيستائين واپس نه گهرايو وڃي، جيستائين ميرڪمپني بهادر جي بالادستيءَ کي صاف لفظن ۾ قبول نه ڪن. هن سرچارلس نيپيئر کي سنڌ ۾ انگريزي فوجن جي سپهه سالار مقرر ڪيو ۽ ساڳي وقت کيس ميرن سان سياسي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ جو اختيار به ڏنائين. تنهن وقت ميرهن ۾ مٿينءَ سنڌ تي خيرپور کان ۽ هيٺينءَ سنڌ تي حيدرآباد کان حڪومت ڪري رهيا هئا. ٻنهي گروهن نيپيئر جي تجويز ڪيل عهدنامي کي زباني طرح قبول ڪيو هو پر ائين ڪندي هنن مقابلي جي نيت سان لشڪر گڏ ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. 1842ع جي پڇاڙيءَ ۾ خيرپور جا ڪيترائي ميرامام ڳڙهه پڄي ويا، جو خيرپور ۽ حيدرآباد جي وچ ۾ ڏري گهٽ اڏ پنڌ تي هڪ قلعو هو ان تائين رسڻ ڇڪو ڏکيو هو ۽ تر جي ماڻهن ۾ اهو اڻ ٽوڙ مشهور هو. نيپيئر ميرن جي ڪاروائيءَ کي سرڪشي سمجهندي جنوري 1843ع ۾ امام ڳڙهه خلاف پيشقدمي ڪئي. هو جڏهن اُتي پهتو ته امام ڳڙهه وارا پيش اچي پيا ۽ قلعي کي اُتي جو اُتي اُڏايو ويو.

ريزيڊنٽ آٿوٽرام جو خيال هو ته جيڪڏهن نيپيئر کيس حيدرآباد وڃڻ ڏي ته هو ڳالهه نبيري سگهي ٿو. اُتي هن هڪڙي کي ڇڏي ٻين سيني کان صحيون ورتيون. پر پُرامن نبيرو ٿيڻ تي هو ته آٿوٽرام تي گهٽيءَ ۾ اُلر ٿي ۽ پوءِ سنڌوندي جي ڪپ تي ريزيڊنسي تي به حملو ٿيس. ڇاڪاڻ جو جڏهن بلوچن ٻڌو ته ميرن 12 فيبروري 1843ع تي عهدنامي تي پنهنجون مهرون هنيون آهن، تڏهن هو هٿن مان نڪري ويا. مئجر آٿوٽرام تي سنڌ ۾ رهندي پهريون پيرو قلعي مان نڪرڻ وقت ڦٽ لعنت ڪئي وئي. 15 تاريخ صبح جو ريزيڊنسيءَ تي، جا درياهه جي ڪنڌيءَ تي هئي ۽ چوڏاري چار پنج فٽ اُپي پٽ آيل هئس، اٺ هزار بلوچ چڙهي آيا.

هاڻ ترار ميان مان ٻاهر نڪري آئي هئي ۽ سر چارلس نيپيئر هڪدم پيشقدمي ڪئي. هن سان لٽي پٽي 2800 ماڻهو هئا. چاڪاڻ جو سکر جي حفاظت لاءِ به مضبوط دستو چڏڻو هوس. دشمن جي لشکر جو ڪاتو 30,000 کان 1,0000 تائين هو. ڪئپٽن جان جئڪب، جنهن کي تازي پرتي ڪيل 'سنڌ هارس' جي هڪ دستي سان دشمن جي خبرچار ونڊ لاءِ اڳ ۾ اُماڙيو ويو هو تنهن ٻئي ڏينهن (17 فيبروري) صبح جو سوير حيدرآباد کان پنجن ميلن تي ميانيءَ لڳ پراڻي ڪليلي واهه جي ڪنڊيءَ تي بلوچن جا زبردست مورچا ڏٺا. اڳينءَ رات ميجر آئوٽرام کي اماڻي کي شڪار گاهون ساڙايون ويون هيون، جو ته سمجهيو ٿي ويو ته متان دشمن ان ۾ پناهه وڃي ونڊي. نوين ڏاران جيئن ئي پرتي باهه جو دونهون اٿيو تيئن جنرل نيپيئر جنگ لاءِ صفون سڌيون ڪيون. نتيجو اهو ٿيو ته بلوچ لشکر کي زبردست شڪست آئي. بلوچ لشکر جي جاني نقصان جو ڪاتو 5000 هزار ڪيو ويو ۽ انگريزن جو نقصان 257 کان وڌيڪ نه هو. انهن ۾ 19 آفيسر هئا. ان ۾ جو هڪ وڏي انبوهه کان بهتر نه هو جا پاڄ پيئي، تنهن جو ذڪر جنگ جي هڪڙي بيان ۾ ڪيل آهي. بيان جو راوي چوي ٿو ته منجهن کا تنظيم ڪانه هئي، هڪ ئي وقت ويهن ويهن جي جٿن بنا ڪنهن ترتيب جي جلهون ڪري يا ته پاڻ کي سنگينن تي ٽنگرائيندا ٿي ويا، يا وري گولين اُڏائي ٿي ڇڏين.

نيپيئر واري مراسلي ۾ لڙائيءَ جي ڇڻي تصوير ڇڻيل آهي.

زمين جي جنهن ٽڪر تي هيءَ لڙائي لڳي هئي، تنهن کي هاڻ ڳولي لهڻ سهنجو نه ٿيندو. چو ته پراڻي ڪليليءَ جو ڦاٽ ڪڍهوکر سکي ويل آهي. حيدرآباد جي هاڻوڪن رهاڪن کي انهيءَ هنڌ جي بنهه ٿوري ڄاڻ آهي، چو ته اهي هاڻ گهٽي ياڳي اُهي پناهگير آهن، جي هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ هينيءَ سنڌ ۾ ڪاهي پيا هئا. انهن پناهگيرن وٽ سنڌ سان ڳنڍيل کي به روايتون نه آهن ۽ نه ئي ڪين هتان جي ڀهراڙيءَ جو ڪو پتو آهي. لڙائيءَ کان ترت پوءِ حيدرآباد ۽ خيرپور جا مکيه مير، سواءِ ٻن جي جيکي جنگ ۾ موجود نه هئا، سر چارلس نيپيئر جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ پنهنجيون ترارون پيش ڪيائونس، جي هن مهرباني ڪندي موٽائيءَ ڏنيون. هو هڪدم حيدرآباد ڏانهن روانو ٿيو ۽ 19 تاريخ خاموشيءَ سان پنهنجي قبضي ۾ آندائين. هن ميرن کي پنهنجي ڇانوٽيءَ جي ڀرسان هڪ باغ ۾ پهري هيٺ رکيو جتي ڇيو وڃي ٿو ته هنن سان جنيون ڪيائين. پر حقيقت ۾ تنهن وقت سندس پوزيشن بيحد ڏکي هئي ڇا لاءِ جو ميانيءَ جي جنگ سان کو سڄي مهم ڪونه ڪٽي ورتي هئائين.

ميرپور وارو مير شير محمد، جو سيني ميرن ۾ دلير هو سو وقت سر ميانيءَ نه پهچي سگهيو پر انهيءَ پڙ کان پڄي آيلن کي پنهنجي لشکر ۾ شامل ڪيائين ۽ هاڻ 20,000 ماڻهن سان وڌندو ٿي آيو. نيپيئر جو لشکر اڳي کان به گهٽ هو جو ڪجهه ماڻهو ويڙهه ۾ مارجي ويا هئس ۽ ڪجهه قلعي

جي سنيال تي رکيا هئائين. جيڪي باقي بچيو هوس، سو چانوٽيءَ کي بچائڻ جيترو مس هو. پر ڏک اهڙي ٿي ڏنائين ۽ اُپاءُ اهڙا ٿي ورتائين، جڙ کا پرواهه ئي نه هجيس. جنهن مهل شير محمد جي ايلچيءَ نيايو آٽي ڏنس تہ جيڪي کنيو اٽئي سو موٽائي ڏين تہ توکي سر بچائي ملڪ مان وڃڻ ڏبو. تنهن مهل کو اتفاق سان سانجهيءَ واري توب چوڙي وئي. نيپيئر ايلچيءَ کي پٽي کٽي ڏني. چيائين: "اهو آواز ٻڌئي. پنهنجي حاڪم کي منهنجي پاران اهو جواب ڏج" جڏهن شير محمد حيدرآباد کي ويجهو اچي پهتو تڏهن نيپيئر وٽ ڪمڪ پهچي وئي. 22 مارچ تي صبح جو انگريز سپهه سالار 5000 ماڻهن سان پيشقدمي ڪئي، جن ۾ 1100 سوار ۽ 17 توبون هيون دشمن شهر کان ڇهن ميلن تي ڪليليءَ ويجهو دوآبي تي ناريجا نالي ڳوٺ ۾ مليس. لڙائي تي ڪلاڪ هلي، جنهن ۾ مير شير محمد هارايو.

حيدرآباد جا مير پنهنجو شجرو هاشم جي پٽ مير حمزي سان ملائيندا هئا ۽ چوندا هئا تہ اسين بلوچ اصل عرب آهيون. ڇئي نٽو سگهجي هيءَ ڳالهه ڪيستائين صحيح آهي. ٽالپرن سنڌ تي چاليهارو سال ڪن ڇگيرڙي ڪاميابيءَ سان حڪومت ڪئي. 1874ع واري گزيٽيئر ۾ هنن بابت هيئن آيل آهي: "دربار اصلئون هروچڪي هئي، رهڻي ڪهڻي بنهه پراڻي ۽ اڃ اسريل ڍنگ واري هئي ۽ ڪنهن به حالت ۾ گهٽ خرچائو نه هئي، مهانگا شوق فقط هٿيارن، گهوڙن ۽ شڪار جا هيس. شڪار جا تہ حد کان وڌيڪ شوقين هئا. ان شوق تان پنهنجي ڏيهه جو سٽي ۾ سنو ٽڪر به گهوڙ کان نہ ڪيبائيندا هئا. شڪار گاهون ايتريون تہ پياريون هين جو چوندا هئا تہ اسان انهن کي ايترو ئي گهرڻن ٿا، جيترو پنهنجي اولاد ۽ گهر وارين کي. ميرن جو ويس به نرالو هو جنهن جون نمايان شيون هيون، نفيس لنگي يا ڪشميري شال جا هو چيلهه کي ٻڌندا هئا، پرت پريل ديسي ٽوپي، ۽ عقيدي ۾ اهل شيعت هئا.

سنڌ جي تاريخ جي هن مختصر جائزي ۾ جو هن گزيٽيئر ۾ ايتري جي ئي گنجائش آهي، ٽالپرن جي انتظامي سرشتي جي تهڙي تفصيلي اپٽار ڪرڻ ممڪن نه آهي. جهڙي اڳين گزيٽيئرن ۾ ڪيل آهي. انهيءَ سرشتي جون جيڪي مکيه ڳالهيون هيون، تن جو ذڪر هن گزيٽيئر جي مختلف ياڳن ۾ آبپاشي، اُپراسو انصاف، امن امان وغيره جي سري هيٺ ايندو. ٽالپرن جي صاحبيءَ ۾ حڪومت جو نمونو خالص فوجي آپيشاهيءَ وارو هو جا جاگيرداريءَ جي اصولن تي ٻڌل هئي ۽ جنهن ۾ بلوچ سردارن کي انهيءَ شرط تي جاگيرون مليل هيون تہ ضرورت مهل رياست جي خدمت ڪندا. وٽن ڪا باقاعدي فوج ڪانه هئي. البت سر جي حفاظت لاءِ پهريدارن جو ڇڪو تعداد رکيل هُين. جنگ جي زماني ۾ پيادي جي پگهار اٽڪل ٽي پينس روز ۽ سوار جي پگهار ان کان ٻيڻي هئي. سمجهيو وڃي تہ مير گڏجي پنجاهه هزار ماڻهو ميدان ۾ آڻي ٽي سگهيا. دراصل ميانيءَ ۽ دوآبي وارين

لڙاين ۾ جنگ جي حالتن جي جيڪا فوجي پيٽ ڪرڻي پوي ته سيني ۾ واجبي پيٽ ڪلوڊن جي ميدان ۾ ٽيل ويڙهه سان ٽيندي ان ميدان ۾ غير منظم ۽ پورو سرسات نه رکندڙ هاڻ لئنڊرن جو هئنووري فوجن جي تنظيم ۽ ڳري تونجاني سان مقابلو هو. ظاهر آهي ته اهڙي چٽاپيٽيءَ جو نتيجو ڇا نڪرندو. 1843ع ۾ به ساڳي صورتحال هئي. بلوچ لشڪر دلير هوندي به ڪلوڊن جي هاڻ لئنڊرن جهڙو هو ۽ ڪار به ساڳي ٽين.

چانڊڪا پرڳڻي بابت ڊپٽي ڪليڪٽر ليفٽيننٽ جيمز 15 ڊسمبر 1847ع تي هڪ رپورٽ لکي هئي. ان رپورٽ جو هيٺيون ٽڪرو لاڙڪاڻي ضلعي ۾ جو تڏهن 'سنڌ جو باغ' ڪري ليکيو ويندو هو واهن جي چوڌاري ٽيندڙ سارين جي پلين پوکن جو ذڪر ڪري انهيءَ تر جي سرچائيءَ تي خوشگوار روشني وجهي ٿو. هو چوي ٿو "گهاڙ ۽ ناري جي وچ ۾ سارين جي پوک گهٽي ٽئي ٿي. ڳوٺ گهٽو ڪري دڙن تي ٻڌل آهن ۽ ڪن جي چوڌاري ڪاهيون پڻ ڪنيل آهن ته جيئن آبڪلاڻيءَ ۾ ٻڏن نه. انهيءَ ٽڪري جو باقي پاڳو يا ته ٻوڙن سان ڇانيل آهي يا وري رڻ پٽ واري ڊِڪ ڏي ٿو جتي نوناري پنهنجو ڏنڏو ڪن ٿا. اڪثر ڳوٺن جا سپ واهه ڇڳا وٽڪاريل آهن. ناري ۽ سنڌوءَ جي وچ وارو ملڪ ٻين ٻن کان ڪافي مختلف آهي. پهرين نالي واري نديءَ کان ڇڳيرڙي پنڌ ٽائين جهجهي پوک ٽئي ٿي، پر ان ۽ سنڌوءَ جي وچ وارو ٽڪرو ڪن ڪن هنڌن تي وارياسي سڃ آهي، جنهن ۾ ڪٽي گل ڪندڙ ڊگهي گاهه جا ٽڪرا آهن ته ڪٽي لئي ۽ ڪنڊي جا گهاٽا جهنگ آهن. هتي جو پٽ پڙ وڏيڪ پڳل آهي ۽ ڪيترائي قدرتي ڳڙيا اٽس. ٻوڏن جو پاڻي لهندو آهي ته هيٺاهيون زمينون مٽرن، چٽن ۽ جوَن جا ٻلا فصل ڏيندیون آهن ۽ ڪڙميءَ کي ڪا گهٽي تات نه ڪرڻي پوندي آهي. سنڌوءَ جون ڪنڊيون ٻيلن جي پٽي سان وکوڙيل آهن، جو سراسري طرح ٻه ميل اونهو آهي. انهن ٻيلن ۾ ٽاريءَ ۽ ٻير جا وڻ جام ٽين ٽا ۽ وڻن جي وچواري وٽي ڊنگرن سان ڇانيل آهي.

انهن ٻيلن ۾ مينهن ۽ ڳئن جا ڏڙ اچيو ڏو تي چريو ويجن. ڪو ٻاهريون ماڻهو درياء شاهه ۽ پر وارن ٻيلن جي ٽڏي ڇانوَ ڇڏي اڳتي ايندو ته ڪڏهن ڪيس ربيع جا ساوا فصل ملندا ۽ ڪڏهن ڳاهيري ويءَ ڪٽي ٽورو- وقتي اجهن وٽان لنگهندو جي چاري جي سانگ تي ڏڙ ڪاهي آيل سانگين جا هوندا ته ڪٽي وڏيڪ ٽرائتي ڳوٺ ڪان. وري ٻيلي ۾ ايندي ڏري گهٽ صفا ڪيل زمين ٽڪري تان لنگهڙ ٽيندس، جتي ٻير جا ڪارائيل ۽ هيٺ مٽانهان ٽڙ ماڻهوءَ جي طاقتور هجڻ جي ساک پريندي بدروحن جيان بيئل هوندا ۽ پرپاسي واري ساوڪ سان ڦير هيڪاري اڳرو ڪندا هوندا. اُتي ڪيس ڪم ۾ رُڌل ماڻهو ملندا، جي پنهنجن تڏن جي ڪچن اجهن ٻاهران ڪارا ۽ تڏا ناهيندا هوندا، جو ته جنهن سر مان اهي نهندا آهن، سو اتي جام ٽيندڙ هوندو."

پاٽنجر 'بلوچستان ۽ سنڌ اندر مسافرين' Travels in Balochistan & Sindh ۾ ڪراچيءَ جو 1813ع وارو روپ چٽو آهي. "عالم پناهه جي اندر گهرن جو تعداد، 1813ع ۾ ميرن جي حڪم تي ڪيل آدم شماري ڪٽنب موجب، تي هزار ۽ سو پنجاهه هو. انهن کان سواءِ ڪوٽ جي چوڏاري ڪجهه ويڇائتيون جهوپڙيون به هيون، جي ڪٽنب ۾ شامل نه ڪيون ويون هيون. شهر ۾ رهندڙ ماڻهن جو تعداد، ٿوري وقت لاءِ اچي ٽڪندڙن کي ڇڏي، سنڌ واري زماني ۾ وڌي 1300 ٿي ويو هو جو مشن جي 1809ع وقت جا آدم شماري هئي، تنهن جي ڏيڍوڻ کان ۽ وڌيڪ آهي. سنڌ جو ڏيساور ويندڙ مال گهٽو ڪري ڪراچيءَ کان موڪليو ويجي ٿو. انهيءَ ۾ گهرو پئدائش جون شيون هونديون آهن جو کار، لوڻ، چانور، ڪپهه، چانهه، تيل، تيلي ٻج، جرڪي جا ڪنيڙا، چمر رڳڙ جي چوڏي، کار، چيٽ ۽ نمند. اُتر وارين بادشاهتن ۽ پرڳڻن کان گهٽو ڪري ٻاهر موڪلڻ لاءِ هيءَ مال آڻيندا آهن: هڳ، ڪنئسر، گهڙا، چمڙو، ڳائي ۽ ماهي مال جون ڪلون، مجٺ، ڪٿوري، ڏنڪي، ڪشميري شالون، سڪل ميوو هيرا، لاجورد، فيروزا ۽ ٻيا قيمتي پٿر، گگر ۽ ڪنئور. سنڌ وارا پنهنجي ڪاپي لاءِ خراسان، مڪران، فارس ۽ عربستان کان تڙارون، ريشم، غاليچا، ڪجور، گلاب جو پاڻي، آچار مربو، تماڪ، ڪافي ۽ (Kalians) گهرائيندا آهن.

انگريزن جو دؤر 1843ع- 1947ع:

پهريون مرحلو: نيپيئر جي انتظامي جوڙجڪ:

انهن سهيوڳي احوالن مان اسان کي ملڪ جي حالت جو ٿورو گهٽو اندازو ٿي وڃي ٿو. نيپيئر هڪدم ان کي انگريزن جي پاليسيءَ جي مثال ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪري ڏني. جڏهن نيپيئر کي سنڌ ۾ سپهه سالار ڪري موڪليو ويو تڏهن هو ست ورهين جو هو. تڏهن هو پختن خيالن وارو ماڻهو هو جنهن کي هندستان ۽ اتان جي ماڻهن جي ڪا ڄاڻ ڪانه هئي. هو جهيڙاڪ ۽ منهن زور هو ۽ ڪنهن جي صلاح نه ونندو هو. اهو شايد سندس پوريءَ طرح فوجي پرورش جي ڪري هو جو 'سياسين' يعني ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي انهن غير فوجي عملدارن سان نه پوندي هيس، جي تڏهن هندستان جي اهڙن پاڳن جو انتظام سنياليو رهيا هئا، جيڪي ڪمپنيءَ جي هٿ ۾ هئا. هن جو سمورو لاڙو اهڙي فوجي جوڙجڪ ڏانهن هو جتي فوجي نموني جو نظم ۽ ضبط هجي ۽ بالا اختياري ڪمانڊر انچيف وٽ رهي. گورنر جنرل ايلنبرو جو پچاڙي تائين هن جي ڪارواين جي منظوري ڏيندو آيو. سو پڻ هن جيان غير فوجي حڪومت تي فوجي حڪومت کي ترجيح ڏيندو هو.

سنڌ تي قبضي کان اڳ نيپيئر چيو هو: "اسان کي سنڌ تي قبضي ڪرڻ جو ڪو حق ڪونهي، تڏهن به اسان ايئن ڪنداسون، ۽ اها هڪ وڏي فائدي واري هڌ ڪرڪٽي ۽ ڪارائتي لڇائي هوندي"

هاڻ انهيءَ لڇائيءَ مان وڌ ۾ وڌ فائدي وٺڻ جو وجهه هئس، ۽ هن اهو وجهه خوشيءَ سان ۽ ٻئي هٿ وڃهي ورتو. سادا چار ورهيه نيپيئر هن ڏيهه کي اهڙين ليکن تي هلايو جو انهن ۾ پوءِ ڪڏهن به گنيير مٽ ست نه ڪئي وئي آهي. ايتري تائين جو خود نيپيئر کي وئي سو ورهيه ٿي ويا آهن، تڏهن به سندس رٿا هلندي اچي ٿي.

نيپيئر انتظامي جوڙجڪ جي هر شاخ بابت تمام جامع حڪم جاري ڪيا. هن صوبي کي ٽن ضلعن ۾ ورهايو: ڪراچي، حيدرآباد ۽ شڪارپور. هر ضلعي جي مٿان ڪليڪٽر هو جنهن سان ڊپٽي ڪليڪٽر هئا. ڊپٽي ڪليڪٽرن کي ڪاردارن جو ڇڳو چوڪو عملو ڏنائين، جي ميرن وٽ به هئا. ڪاردارن جو ڳهار سندن اڳين ڳهار جو اڏ مقرر ڪيو ويو. ڪليڪٽر ۽ سندس ڊپٽي (نائب) ماجسٽريٽ به هئا ته ڏل اوڳاڙيندڙ به. پر سندن اختياريون تمام محدود هيون. ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي ته ڊپٽيءَ جي فيصلي لاءِ ڪليڪٽر جي تصديق ضروري هوندي هئي ۽ سڀني ڪيسن جون ڪاروايون آخرڪار جج ايڊووڪيٽ جنرل ڏانهن موڪليون ويندیون هيون. جيڪو پنهنجن ۾ن حيدرآباد ۽ شڪارپور ۾ مقرر نائبن سان گڏجي هڪ طرح جي نظرثانيءَ واري ڪورٽ تي ڪم ڪندو هو. اهو عملدار فوج جو ڪئپٽن هوندو هو جنهن کي قاعدي قانون جي ڄاڻ هوندي هئي وڏن ڏوهن جي سڀني وارداتن ۾ شروعاتي جاچ ڪليڪٽر ڪندو هو جو پوءِ ڪاغذ جج ايڊووڪيٽ جنرل کي ڏياري موڪليندو هو جو وري اهي گورنر ڏانهن اماڻيندو هو ۽ گورنر فيصلو ڪندو هو ته مقدمو فوجي ڪميشن وٽ هلي يا نه. فوجي ڪميشن جو فيصلو به آخري نه هوندو هو. گورنر کان ان جي تصديق ڪرائڻي پوندي هئي. جيستائين ڏل جو لاڳاپو آهي ته اها ڪنهن قدر گهٽائي وئي، پر ان جي اوڳڙ جو سرشتو ڪنهن خاص قيرقار کانسواءِ اهو ئي ڏسڻ ۾ اچي ٿو جو ميرن جي صاحبيءَ ۾ هو. مياڻي جي جنگ کان پوءِ نيپيئر جي اعلان جي جواب ۾ جن به جاگيردارن (سندن تعداد ڏري گهٽ به هزار هو) تابعداري قبول ڪئي، تن سڀني جون جاگيرون قائم رکيون ويون. انهن کي ڇڏي، عام پاليسي هئي زميندارن جي دعوائن کي نه همٿائڻ ۽ زمين جي قبضيدارن سان سڌيءَ طرح واسطو رکڻ. ملڪ جي اڳوڻن حاڪمن، ميرن، کي پينشن ڏني وئي، جا سڀ ملائي سال ۾ سوا ٽي لک روپيا هئي، ۽ وٽن جيڪي جاگير ۾ زمينون رهڻ ڏنيون ويون، تن جو ملهه ڏيڍ لک کان ٽورو وڌيڪ هو.

نيپيئر کي صوبي جي فوجي ضرورتن جو گهڻو احساس هو. سرحد تي رهندڙ بلوچ قبيلا، جي فتح کان اڳ بلڪل پر امن هوندا هئا، سي وري شورشون ڪرڻ لڳا، ايتريقدر جو نيپيئر پاڻ وڃي کين سيکٽ ڏيڻ جو فيصلو ڪيو. لاڙڪاڻي ۾ ڪوٽ ٻڌايو ويو هو ۽ تازو تيار ڪيل اُٺن وارو لشڪر اتي رکيل هو. انهيءَ لشڪر ۾ وڏيون اُميدون هُيون. رسالي جا ڪجهه دستا خيرو ڳڙهيءَ ۽ روجهڻ خانگڙهه ۾ رکيا ويا هئا. شڪارپور ۾ سڄي ساري برگيڊ هئي. جنوري 1845ع ۾ نيپيئر 6000 کان وڌيڪ

جوانن جو لشڪر وٺي، جنرل هنٽر ۽ جنرل سمپسن سان گڏ، سرحد ٽپيو ته جيئن بلوچن کي سندن ڳڙهن ۾ سيکٽ ڏيئي سگهي. مير علي مراد پنهنجن 4000 بلوچن سان سهڪار ڪيو ٽڪرن جا بگٽي ته پڄي ويا، پر مهم ان حد تائين ڪامياب وئي جو جڪراٽي ۽ ڊومڪي پنهنجي زبردست سردار پوڙهي بجار خان کي وٺي اچي پيش ڪيا. بجار خان پوءِ مير علي مراد جو قيدي ٿي رهيو. نيپيئر پوءِ آخري ٻن قبيلن کي سندن پراڻي وطن مان ڪڍي آٽي مٽين سرحدي ضلعي ۾ جاني ديري وٽ وسايو جتي ڪيس اميد هئي ته هو سڌري ويندا ۽ صُلح پسند ڪرمي ٻڌجي ويندا. پر ڪچيءَ جي ميدان مان هنن جي نڪرڻ سان بگٽين لاءِ رستو صاف ٿي ويو جيڪي وري اچي ڦرمار ۾ لڳي ويا، ۽ آخر ايترا بي ڊپا ٿي ويا جو 1500 جڻا ٽولو ڪري هيٺ ڪاهي آيا ۽ شڪارپور کان رڳو پندرهن ميل پري اچي سرحدي ڪوٽن جي ڊنل حفاظتي لشڪر تي کلندا چوپائي مال جا ٽيهه هزار ڳن ڪاهيو هليا ويا. جنوري 1847ع ۾ سنڌ اريگيولر هارس، جو تڏهن حيدرآباد ۾ تعينات هو ڪپٽن جان جئڪب جي هٿ هيٺ سرحد ڏانهن اُماڻيو ويو جنهن وڃي خانگڙهه ۾ ڇانوٽي ڪئي. تن ڏينهن ۾ خانگڙهه گدلو ڳوٺڙو هو جتي ٻارنهن لک جهوپڙيون ۽ چوويهه رهواسي هئا. ان گدلي ڳوٺڙي کي اڳتي هلي جيڪب آباد ٽيٽو هو. جان جئڪب جي جاکوڙ سان بگٽين جي طاقت بلڪل ختم ٿي وئي ۽ سندن جيئرا بچيل سردار مرضيءَ پٺاندر اچي پيش ڪيا. انهيءَ قبيلي تڏهن کان ڪا شورش ڪانه ڪئي آهي.

46_1845ع ۾ ملڪي ڪاروبار ۾ سکن سان پهرين لڙائيءَ جي ڪري رخنو پيو. انهيءَ جنگ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ نيپيئر 12000 سپاهي وٺي بهاولپور ڏانهن ڪوچ ڪيو. ويهارو هزار ٻيا سپاهي سنڌ ۾ تيار رکيا ويا. پر سکن سان لڙائيءَ ۾ سندن ضرورت ڪانه پئي. آڪٽوبر 1847ع ۾ نيپيئر پنهنجي عهدي تان استعيفا ڏئي ڪراچيءَ کان روانو ٿي ويو.

ٻيو مرحلو 1847_1807ع:

نيپيئر جي پهرين ڪمن ۾ هڪڙو هيءَ هو ته ليفٽيننٽ ڪرنل والٽر اسڪاٽ جي سرواٽيءَ هيٺ واهن جو ڪاتو برپا ڪيو. پر ڪرنل اسڪاٽ جا نائب انجنيئر نه هئا ۽ ڪاتي اڃا ڪجهه ڪري ڏيکاريو ئي ڪونه هو جو ان کي 1849ع ۾ بند ڪيو ويو. جڏهن مسٽر فريئر سنڌ جو ڪشمنر ٿي آيو تڏهن هن آبپاشيءَ جو معاملو وري ڪنيو ۽ 1855ع ۾ ليفٽيننٽ ڪرنل جي. جي. فائيف، آر. اي. صوبي اندر واهن جي سموري سرشتي کي نئين ڪرڻ جي هڪ نهايت لياقت واري رپورٽ پيش ڪئي. 1855ع ۾ واهن جي جا حالت هئي، ڪرنل فائيف کي ان ۾ گهٽيون ڳالهيون نڪته چينيءَ لائق نظر آيون. هن ڄاڻايو "سنڌ جا واهه درياهه مان ڏُنگا کوٽيا ويا آهن ته جيئن في ميل گهٽي کان گهٽي ڪر ٿئي. اهي ڏهن کان سو فوٽن تائين ويڪرا ۽ چئن کان ڏهن فوٽن تائين اونها آهن. ڪو به اُتان نه ڪڍيو ويو آهي، جتي درياهه جي ڪنڊي دائمي هجي ۽ ڪوبه ايترو اونهو نه آهي جو آبڪلاٽيءَ کان

سواءِ ڪنهن ٻئي وقت درياهه جو پاڻي ڪٽي سگهي. درياهه ڪٿين فوٽ چڙهندو تڏهن ئي منجهن پاڻي ويندو. واهن جو عام رخ اڪثر ڪري سنو آهي، پر وچ ۾ ايترا گهٽا اينگا وڪڙ اٿن جو وهي ايندڙ پاڻيءَ جو چڪو چوڪو پاڻو اجايو وڃي ٿو. اهي بيهڪ ۾ اٽسڌا آهن ۽ لاهي يا ڪر به اٽسڌي اٿن. اهي گهٽو ڪري زمين جي لاهه موجب ڪنيل آهن، ايتريقدر جو ڪن هنڌن تي ميل تي هڪڙو فٽ هيٺ ۽ ٻين هنڌن تي رڳو ٻه- تي انچ هيٺ لهيو اچن. دراصل اهي واهن ڪان وڌيڪ عام ڪڙين سان مشابهت رکندڙ آهن. ڪي ڪي واهه حقيقت ۾ درياهه جون پراڻيون قدرتي شاخون آهن، جن ڪي آبڪلاڻيءَ دوران گڏ ٿي ويندڙ لٽ سال بسال ڪاڻيءَ رستي ڪڍائي ڪليل رکيو ويو آهي. سيني ۾ ساڳيون مهان خاصيتون آهن ڪين ملندڙ پاڻي آبڪلاڻيءَ جي گهٽ واڌ جي ڪري گهٽ وڌ ٽيندو رهي ٿو جتان جتان اهي نڪرن ٿا، اتي اتي درياهه جي ڦات ۾ ڪا ڦيرڦار اچي ٿي ته سندن منهن ڪڏهن جزوي طرح ۽ ڪڏهن مڪمل طرح لٽجي بند ٿي ويندا آهن."

فائيف ڪجهه اصول پڌ جوڙيا ته جيئن اڳيان واهن جي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ جيڪو به ڪم ٿئي، سو انهن موجب ٿئي. سندس اصول هي هئا:

1. موجود واهن کي چگيءَ طرح صاف ڪيو وڃي ۽ پيڙين وٽ وڌيڪ اونهو ڪيو وڃي، ۽ ڪن حالتن ۾ انهن جي منڊ وٽ دروازا چاڙهيا وڃن ۽ نوان واهه پراڻي طريقي تي نه کوٽيا وڃن.

2. واهه جو منڊ هميشه اُتان هجي، جتي درياهه جي ڪنڊي دائمي هجي.

3. واهن ۾ پاڻيءَ جو وهڪرو ايترو ضرور تڪو هجي جو درياهه منجهان آيل لٽ لڙهندو رهي.

4. انهيءَ مقصد کان هيءَ گنجائش ضرور رکي وڃي ته واهه جي لاهي جوڳي مفاصلي تائين موڪ جي لاهيءَ کان ٿوري گهٽ رهي تان جو اهو وڃي مناسب سطح تي زمين کي پاڻي ڏي، اهو مفاصلو گهٽو ڪري ٽيهن ميلن کان گهٽ رهندو.

5. واهه جيترو وڏو هوندو، گهربل تک ڏيڙ لاءِ تيتري گهٽ لاهي رکڻي پوندي.

جيستائين رڀابنديءَ جو لاڳاپو آهي ته هو دوراندیش ۽ جرئت وارو هو ۽ عام طرح پنهنجي زماني کان گهٽو اڳتي هو. هن واهن لاءِ چار پاسا ڏسيا: هڪ درياهه مان روهڙي وٽان نڪري ۽ درياهه جي ڪابي ڪنڊيءَ کان پندرهن ميل پرتي ان سان پور وچوٽ هليو وڃي تان جو وڃي حيدرآباد وٽ ڦليليءَ ۾ پوي، ٻيو سکر وٽان نڪري ۽ ساڃي ڪنڊيءَ سان پور- وچوٽ هلندو وڃي اولهندي ناري ۾ پوي، ٽيون ۽ چوٽون جهرڪن وٽ ڪابيءَ ساڃيءَ ڪنڊيءَ مان نڪرن. انهن مان پويون انت ڪراچيءَ کي رسڻو هو.

انهن مان پهرين رٽ تمام ڳري هئي، سا قبول نه ڪئي وئي. 1891ع ۾ وري سُڌاري وئي، پر سنڌ آبپاشي ڪميشن رد ڪري ڇڏي، تنهن هوندي به انهيءَ سڌاريل رٽ وارو واهه اڳتي هلي روهڙي

ڪنڊال جي شڪل ۾ ظاهر ٿيو جو سنڌ جي بئراجي سرشتي هيٺ وهندڙ واهن ۾ سيني کان وڌو آهي. آبپاشي کاتو جو هاڻ سرڪاري ڪمن وارو کاتو سڏيو ٿي ويو. صديءَ جي پڇاڙيءَ تائين ايترو ته وڌي ويو جو ڏهه ضلعا ناهي هر هڪ تي ايگزيڪيوٽو انجنيئر رکڻو پيو. اهي ڏهه ضلعا هئا بيگاري، شڪارپور، نارو، اولهندو نارو ڪراچي، اُتريون حيدرآباد، وچولو حيدرآباد، ڏکڻ حيدرآباد، ڏليلي، جمڙائو ۽ اوپرندو نارو پنجاهه ورهين اندر آبپاشيءَ جي انهيءَ زبردست واڌاري سنڌ جا مهانڊا ئي مٽائي ڇڏيا. توڙي جو واهه هاڻ به آبڪلاڻي واه هئا ۽ درياهه جي پورن تي پاڻيائون ٿي، پر جيڪي حاصل ڪيو ويو هو سو ڏسڻ لاءِ 1874ع ۾ ٽيندڙ ٻوڪ جي 1905ع ۾ ٽيندڙ ايراضيءَ ۾ اٽڪل روءِ 3½ سيڪڙو سالياني واڌ ٿي. آبپاشيءَ موضوع تي هن گزيٽئر ۾ ڏار باب آهي، پر تاريخ جي مقصد لاءِ هت مختصر طرح اهو ٻڌائڻ ضروري آهي ته نيپيئر جي صاحبيءَ کان پوءِ وارن پنجاهه ورهين دوران مکيه واهن جي سڌاري لاءِ ڇا ڇا ڪيو ويو. انهيءَ خيال کان هيٺيان واهه مختصر ذڪر لاءِ چونڊيا ويا آهن. ريگستان واهه، بيگاري واهه، اولهندي ناري وارو واهه، منڇائو واهه، ڏليلي واهه، اوپرندو ناري وارو واهه ۽ جمڙائو واهه، ريگستان واهه ڪشمور کان ڇهه ميل اوپر طرف ۽ پنجاب جي حد کان پنج ميل ڏکڻ ۾ درياهه جي هڪڙي ڊنڊ مان نڪري ٿو. ان جي ڊيگهه ٻياسي ميل ٽيندي. 1905ع ۾ انهيءَ واهه تي سراسري طرح هر سال 1,90,000 ايڪڙ زمين آباد ٽيندي هئي. اها عملي طرح سڃي جي سڃي وهڪري تي هئي. بيگاري واهه سکر کان ٽيٽيهه ميل اُتر ۾ سنڌونديءَ منجهان نڪري ٿو ۽ ٽيونجاهه ميلن تائين سکر ۽ مٽيڻءَ سنڌ جي سرحدي ضلعن جي وچ ۾ حد جو ڪم ڏي ٿو. اهو واهه سنڌ کي انگريزي راج سان ملائڻ وقت موجود هو ۽ جيئن ان جي نالي مان ظاهر آهي، اهو بيگر مان ٺهيل آهي. مسٽر فريئر جي ڏيان تي آبپاشيءَ جو جيڪو پهريون ڪم آندو ويو سو هو بيگاريءَ کي ويڪري ۽ ڊگهي ڪرڻ جو. اها رٽ مسٽر جان جئڪب 1851ع ۾ پيش ڪئي جنهن اڳي ئي بدنام ڦورو جمال خان ڊومڪيءَ کي پنهنجا سڀ ماڻهو انهيءَ ڪم ۾ لڳائڻ تي راضي ڪري ورتو هو. بيگاري واهه نجو آبڪلاڻي واهه آهي ۽ عام طرح جنوريءَ جي شروعات ۾ وهڻ بند ٿي ويندو آهي. 1905ع ۾ بيگاري واهه تي سراسري طرح 2,76,310 ايڪڙ زمين آباد ٿي. اوپرندو نارو جنهن کي عام طرح سنڌوءَ جي قدرتي شاخ سڏيو ويندو آهي، سو انهيءَ اصطلاح جي عام مفهوم ۾ ڪڏهن به ائين نه رهيو آهي. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته اوپرندو نارو اتان ئي وهي ٿو جتان هاڪڙو يعني سنڌ جو وڄايل درياهه وهندو هو. هاڪڙو عربن جي فتح کان پوءِ ڪنهن وقت پراڻو دڳ ڇڏي ويو ۽ پنهنجي اٽل جو پاڻي اوپرندي ناري يا سنڌونديءَ ۾ چوڙڻ لڳو. مسٽر فريئر جي چوڻ تي 1852ع ۾ ماڻريءَ جي سروي ڪئي وئي ۽ پتو پيو ته سنڌوءَ جي اٽل جو جيترو پاڻي اڳ سمجهيو ويندو هو ته اوپرندي ناري ڏانهن ويندو آهي، اصل ۾ ان کان وڌيڪ ويندو آهي، پر جيئن ته ماڻري وارياسي آهي ۽ خاص ڪري ريگستان ۾ ڪيترائي وڌا

ڏورا آهن. ان کري سمورو پاڻي جذب ٿي ويندو آهي. بشرطيڪ درياهه ۾ تمام وڏو چاڙهه نه آيو هجي. هڪدم ٻنڌون ٻڌيون ويون. جن وهکري جو رخُ واريا سين ڏورن کان ڦيرائي ڇڏيو. ان جو جادوءَ وارو اثر ٿيو. تن ورهين ۾ ڊل 8,000 روپين مان وڌي 81,000 روپيا ٿي وئي. مئي 1859ع ۾ روهڙيءَ وٽ ناري کي سنڌوءَ جو پاڻي پهچائيندڙ واهه کوليو ويو. هيءُ ٻارنهن ميل ڊگهو گهارو هو جنهن سنڌوءَ کي اوپرندي ناري سان ٿي ملايو. اوپرندو نارو هاڻ مدامي واهه آهي ۽ ساري جو سارو جهاز رانيءَ لائق آهي. پاڻي پهچائيندڙ واهي سميت ان جي کل ڊيگهه، روهڙيءَ کان ويندي ان هنڌ تائين جتي اهو ڏوري پراڻ ڇُڙي ٿو 276 ميل آهي، پر آبپاشيءَ جي مقصد لاءِ ان جي سنيال رڳو 216 ميلن تائين ڪئي وڃي ٿي. اوپرندي ناري وارن واهن جي جملي ڊيگهه 370 ميل ۽ ان جي شاخن جي 132 ميل آهي. 5-1904ع وارن انگن اکرن موجب انهيءَ واهه تي سالياڻو آباد ٿيندڙ ايراضي 2,75,873 ايڪڙ هئي، جنهن مان اسي سيڪڙو Under Flow هئي.

اولهندو نار هڪ قدرتي ۽ ڏاڍو انگڙ ونگڙ واهه آهي. انهيءَ واهه رستي سنڌونديءَ جو ڪجهه پاڻي وڃي منچر ڍنڍ ۾ پوندو آهي، سيوهڙ وٽ وري مکيه وهکري ۾ موتي ايندو آهي. ناري جي منڊ کان منچر تائين سڌو مفاصلو 83 ميل آهي، پر جي ان جي ڊگ سان ماپبو تہ 1/2 153 ميل ٿيندو. 1905ع ۾ ناري ۽ ان جي مڙني شاخن جي کل ڊيگهه 266 هئي ۽ اهو ٽن ورهين جي سراسري ونڊي 2,06,687 ايڪڙ آباد ڪندو هو جنهن سان 1,69,939 ايڪڙ Flow ۽ 36,748 ايڪڙ lift 1836ع ۾ هڪ اهڙو ڦات هُئي، جو آبڪلاڻي ۾ سنڌوءَ جي پاڻيءَ تي وهندو هو. 1857ع ۾ انهيءَ واهه جو منڊ واريءَ جون روڪون هٽائي، سُسي ويل پاڻُن کي ويڪرو ڪري ۽ ڪاڻيءَ سان لاهي سڌائيءَ ۾ آڻي سڌاريو ويو. 1858ع ۾ ڄام شوري وٽان، درياهه مان هڪ نئون پنج ميل ڪن ڊگهو پاڻي رسائيندڙ واهه کديو ڦليليءَ سان ملائڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو جو 1861ع ۾ پورو ٿيو. 1858ع ڦليليءَ جي مکيه ڦات کي سڌارڻ لاءِ ڪئين ڪم ڪرايا ويا ۽ دروازا پڻ چاڙهيا ويا. 1904ع- 1905ع ۾ ڦليلي هڪ مدامي واهه هو جنهن جو ڊيگهه 98 ميل هئي. ڦليلي سرشتي جي ڊيگهه 1068 ميل هئي ۽ ان تي سراسري طرح 3,03,512 ايڪڙ آباد ٿيندا هئا، جنهن مان اٽڪل ٻه پاڻُي ٽي ايراضي آبپاشيءَ واري هئي. منرائو واهه جو قصو بہ عجيب قصو آهي. هيءُ واهه اهڙي ترمنجهان کوٽيو ويو جو واريا سو هو جتي ٽڏي تي مزور دستياب نہ هئا، جتي پيئڻ لاءِ بہ پاڻي ڏکيو ٿي مليو ۽ جتي واهه جي ٿهي راس ٽيڙ کان پوءِ بہ رهندڙ آدمشماري ٿوري هئي. ڪم شروع ڪرڻ جي منظوري 1857ع-1858ع ۾ ڏني وئي. اڏاوت جو ڪم ڏرو هليو ۽ اهو آبپاشي جي ڪم طور عملي طرح 1879ع ۾ پورو ٿيو. مکيه واهه 93 ميل ڊگهو آهي. 1904ع- 1905ع ۾ ختم ٿيندڙ ٽن سالن جي سراسري پوک 1,50,811 ايڪڙ هئي، جن مان 20,000 ايڪڙ ڇڏي باقي سڀ آبپاشيءَ وارا هئا. هيءُ وڏو واهه ناري جي 136 هين ميل وٽان

مکي ڏنڊ منجهان نڪري ٿو جا هڪ قدرتي هيناڙ آهي ۽ ٻنا ڏنل اٽس. چوڙ ڪاري ڪُن ۾ ڪري ٿو جو ناري جي هڪ پاسائتي شاخ آهي. جمڙائو واهه اوپرندي ناري مان هڪ سؤ ميل وٽان جتي خيرپور نوابشاهه ۽ ٽرپارڪر ضلعن جون حدون ملن ٿيون، اُتان ويجهو نڪري ٿو. اهو ته هيءُ هنڌ هڪ وڏي واهه ڪيڻ لاءِ ڪارائتو ٿيندو سا ڳالهه 1857ع ۾ پهرين پهرين سنڌ آبپاشي ڪاتي جي مسٽر بارنيس محسوس ڪئي. جمڙائو رٽ شروع ڪرڻ ۾ دير پئجي وئي، جو ته تڏهن هڪ ٻي وڏي رٽ ويچار هيٺ هئي، جا روهڙيءَ کان حيدرآباد تائين هڪ ڊگهي واهه کوٽڻ بابت هئي. تنهن کان پوءِ جمڙائوءَ واري رٽ 1872ع تائين دفتر داخل رهي. ان واهه جي کوٽائيءَ جو ڪم نومبر 1894 کان اڳ شروع نه ٿي سگهيو ۽ 24 مئي 1899ع تي بمبئيءَ جي گورنر لارڊ سئنڈرسٽ طرفان ان کي سرڪاري طرح کولیو ويو. مکيه واهه 117 ميل ڊگهو آهي. ڏهين ڏهين ميل تي دروازا چڙهيل اٽس. جي پاڻي ورهائڻ ۾ مدد ڪن ٿا. پاڻيءَ جي ورهاست واهڙن جي هڪ سرشتي وسيلي ڪئي ويڄي ٿي، جي دروازن جي مٿئين پاسي چوند هنڌن تان نڪرن ٿا. جتان پاڻي مکيه واهه مان نڪري واهڙ ۾ ويڄي ٿو اُتي پڻ دروازا لڳل آهن، جي پاڻيءَ جي مقدار کي هٿ وس رکن ٿا. ڪڙيا يا واٽر ڪورس آبپاشي ڪاتي ناهيا آهن، ۽ اهڙيءَ طرح نهيل آهن، جيئن جنهن زمين کي ريجين ٿا، تنهن کي گهٽي کان گهٽو فائدو پوي. پاڻيءَ جي سنيال لاءِ آبدار آهن، جي نه رڳو مکيه واهه ۽ ان جي واهڙن ۽ ڪڙين ۾ پر ٻنين ۾ به پاڻيءَ جي نظرداري ڪندا آهن. اهڙي طرح هر ڪاتيدار جا وارا مقرر آهن. وارا نه هجن ۽ هر ڪو پنهنجيءَ تي هجي ته هوند ايتري زمين آباد نه ٿئي، جيتري وارن جي ڪري ٿئي ٿي. جمڙائو پوريءَ ريت مدامي واهه آهي ۽ خريف توڙي ربيع ٻنهي مندن لاءِ پاڻي ڏي ٿو. جمڙائوءَ جي به پاڻي ٽي ايراضي مربعن يعني چورسن واري سرشتي موجب سروي ٿيل آهي. اهو طريقو پنجاب کان ڪنيو ويو آهي. ڳوٺ سورهن سورهن ايڪڙن جي چورسن ۾ ورهايا ويا آهن، سواءِ اُتي جتي منجهائن رود ٿا لنگهن يا ڳوٺن جا ماڳ آهن يا ٻيون اهڙيون هڪ ڪرائيءَ کي پيجندڙ رندڪون آهن. قبضيدار تي فرض آهي ته هو پنهنجي چورس کي چوڏاري ٻنو ڏي ۽ اهڙائي ننڍا ننڍا ٻنا ڏئي ان کي هڪ هڪ ايڪڙ جي ٽڪرن ۾ ورهائي. ڏل انهن هڪ هڪ ايڪڙ جي ٽڪرن تي ڳڻتي ويندي آهي. هر چورس کي مقرر ڪڙيئي کان پاڻي ملندو آهي ۽ ٻئي ڪنهن ڪڙيئي جي پاڻيءَ ڪڍڻ جي موڪل نه هوندي اٽس. 1904ع کان 1905ع تائين جمڙائوءَ تي آباد ٿيندڙ ايراضي 2,65,262 ايڪڙ هئي. جمڙائوءَ جو سرشتو سنڌ ۾ آبپاشيءَ جو اولين سائنسي ۽ جديد سرشتو آهي. ان جو ئي مثال ونندي ايندڙ پيڙهيءَ وارن اهڙيون رٽائون تيار ڪيون، جن جي آڌار تي سنڌ جي آبپاشيءَ کي جتي زمين جي سطح اجازت ڏني، اُتي اُتي آبڪلاڻي وهڪري مان مدامي وهڪري ۾ تبديل ڪرڻ ممڪن ٿيو.

انگريزن کان اڳ درٻار جي ٻولي فارسي هوندي هئي، جا رعيت کي ڪاڻ ايندي هئي. عام ماڻهو جا ٻولي ڳالهائيندا هئا، سا سنڌي هئي. تيستائين سنڌيءَ جي ڪا اهڙي صورتخطي نه هئي، جيڪا پوري به هجي ۽ عام مڃي به ويندي هجي ۽ عام مڃي به ويندي هجي. تڏهن رڳو هندو واپاري ئي ٿوري گهڻي پڙهيل هجڻ جي دعويٰ ڪري ٿي سگهيا. سي لکندا ته سنڌي هئا، پر اها ديوناگري لپيءَ ۾ لکندا هئا، جنهن جي مسلمانن کي خبر ئي ڪانه پوندي هئي، ۽ هندو واپاري طبقن جي پڙهيل هجڻ جو وڏو سبب هو حساب ڪتاب رکڻ جي ضرورت. مسلمانن جي تعليم لاءِ تڏهن رڳو مڪتب هوندا هئا. 1853ع ۾ ڪراچي، حيدرآباد ۽ شڪارپور وارين ڪليڪٽرين اندر اهڙن مڪتبن جو تعداد ڇهن سون کان وڌيڪ ٻڌايو وڃي ٿو. هيءُ انگ پڪ ئي پڪ گهٽو غلط ۽ گهٽو ڪري گهٽ ڪٽيل آهي. سنڌ جي عام ماڻهن ۾ تعليم لاءِ گهٽو چاهه ڪونه هو ۽ ڇڪي ڇڪي مدت تائين سواءِ شهرن جي ٻيو ڪٿان واويلا نه ٿي ته اسڪول کوليا وڃن. سرڪار خانگي اسڪولن کي همتايو ٿي ۽ جيڪي خانگي ادارا منظور ڪيل نصاب موجب تعليم ڏيندا هئا، تن سيني جي مالي مدد ڪندي هئي. عوام جي وڏي اڪثريت تڏهن به ٻارن کي پڙهائڻ ۾ دلچسپي نه ڏيکاري. خاص ڪري ڇوڪرين کي پڙهائڻ عيب سمجهيو ويندو هو. 1887ع تائين ڪو اهڙو باقاعدي تعليمي ڪاتو ڪونه هو جنهن ۾ گهربل لياقت رکندڙ تعليمي عملدار هجن ۽ ايندا رهن. تنهن سال مسٽر گائيلس کي سنڌ ۾ تعليم جي حالت تي رپورٽ ڪرڻ لاءِ چيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ مسٽر ايڇ. پي. جئڪب کي ساڳي سال جولاءِ ۾ سنڌ جو تعليمي انسپيڪٽر ڪري رکيو ويو. تنهن وقت کان ڪاتي جو ڪم ڪار تعليمي تجربي وارا ماڻهو هلائيندا آيا. ان هوندي به تعليم جو پوکراهي ڪندڙ ماڻهن ۾ مقبول ٿيڻ ايڏا گهڻو پري هو جو ته سنن واهن ۾ واڌاري جي ڪري ٻنين ۾ ڪم ڪرڻ جو انعام وڏي ويو هو سو هنن پنهنجي ٻارن کي ٻني ۾ جي ڪم مان ڪيڻ ۾ ڪو خاص اتساهه ڪونه ٿي ڏيکاريو. ملڪ جي تعليمي اداري جا انگ اکر پوءِ جهڙا به آهن، ڪي گهٽا خاطر خواهه نه آهن. 1864ع ۾ تعليمي ادارن جو تعداد 64 ۽ شاگردن جو 2,440 هو. 1874ع-1875ع ۾ 230 تعليمي ادارا ۽ 40,229 شاگرد هئا. 1884ع-1885ع ۾ 375 تعليمي ادارا ۽ 24,159 شاگرد هئا. 1894ع-1895ع ۾ تعليمي ادارن جو تعداد 1,616 ۽ شاگردن جو 62,595 هو. 1904ع-1905ع ۾ تعليمي ادارن جو تعداد جيتوڻيڪ گهٽجي 1,396 ٿي ويو جا ڳالهه سمجهه ۾ نٿي اچي، پر شاگردن جو تعداد 69,555 تائين وڏي ويو. 1904ع-1905ع ۾ تعليم پرائيندڙ ڇوڪرين فقط 4,467 هيون. مسلمان خاص ڪري ۽ اُتر جا ٻروچ وڏ ۾ وڏ، ايجا تائين ڇوڪرين کي پڙهائڻ جي سخت برخلاف هئا. ۱۸۸۷ع ۾ ڪراچيءَ اندر هڪ آرٽس ڪاليج برپا ڪيو ويو هو. 1907ع ۾ حيدرآباد اندر هڪ ميڊيڪل اسڪول هو جتان جا پڙهيل وڃي سبارڊينيٽ

ميڊيڪل سروس ۾ شامل ٿيندا هئا. ڪراچيءَ واري ديارام جيٺمل سنڌ ڪالیج ۾ انجنيئري شاخ ۾ هئي، ۽ حيدرآباد ۾ زرعي تعليم پڻ ڏني ويندي هئي.

سنڌ ۾ انگريزن جي صاحبيءَ جو هيءُ ٻيو مرحلو ذري گهٽ پوريءَ طرح امن امان ۽ عام سلامتيءَ وارو هو. ان زماني اندر رڳو به اهڙا واقعا ٿيا، جي هن تاريخي جائزي ۾ درج ڪرڻ لائق آهن. هڪڙو هو 1895ع ۾ حرن جي بغاوت ۽ ٻيو هو 1897ع ۾ ڪالرا جو منهن ڪيڻ. هت ٻنهي جو ٿورو احوال ڏجي ٿو. حرن جي تنظيم جو ڪجهه احوال "ملڪ جا ماڻهو" واري باب ۾ ڏنل آهي. اهي ماڻهو جي پاڻ کي 'حر' سڏائڻ پسند ڪندا آهن، تن جي جماعت شايد منفرد آهي. ننڍي کنڊ جي تاريخ ۾ ان جهڙي جماعت جو ٻيو ڪو مثال نٿو ملي. سڄ پڄ ته حرن جو سماجي ڄاڻ جو لحاظ ڪان اڀياس ڪرڻ ۾ لطف ٿيندو. ايڏا ته انهيءَ ڏس ۾ ڪو خاص ڪم نه ڪيو ويو آهي. هو هڪ جماعت، برادري، هڪ طرح جي ڳجهي سنگت، فدائي تنظيم ۽ مذهبي جماعت هئا.

اهو ته سنڌ ۾ ڪچن ۽ چڙن ۾ سوڄ ڪندڙ طاعون منهن ڪڍيو آهي، تنهن جي پڪ 8 ڊسمبر 1896ع تي ٿي، جڏهن ڪراچي شهر جي هڪ برهمڻ بورچيءَ ۾ انهيءَ جون ڇٽيون نشانيون ڏٺيون ويون. هو ٻئي ڏينهن لاڏاٽو ڪري ويو. وڌيڪ ماڻهو بيمار ٿيا ۽ 29 تاريخ ميڊيڪل بورڊ اعلان ڪيو ته ڪراچيءَ ۾ ڪالرا (طاعون) وبائي شڪل اختيار ڪري چڪي آهي. ماڻهن ۾ اچي ٽرٽلو پيو ۽ جن علاقن ۾ گهٽا ماڻهو ڪالرا جو شڪار ٿيا، اتان جا رهواسي ريل ڇيل پڇڻ لڳا. اڇاڻ ۽ اٽپڙهيل ماڻهن جو هي فطري ردعمل هو. هو پنهنجن بيمارن کي لڪائي پروارن ڳوٺن ڏانهن ڪڍي تي ويا ۽ اهڙيءَ ريت وبا کي پاڻ وڌيڪ تي پکيڙيائون. سڄي صوبي ۾ انهيءَ وبا وڳهي جيڪي موت ٿيا، سي گهٽا ڪونه هئا، ۽ انهن جو عشر عشير به نه هئا. جي 1918ع ۾ آيل انفلوئنزا واري وبا ۾ ٿيا هئا. انهيءَ وبا ۾ ايترا ته گهٽا ماڻهو مئا جو آدمشماريءَ جي قدرتي واڌ سڄا سادا ڏهه سال متاثر رهي. ڪالرا واري وبا ۾ سڄيءَ سنڌ اندر ڪل 6,420 ماڻهو انهيءَ مرض جو شڪار ٿيا، جن مان 4,829 مري ويا. ڪراچيءَ ۾ ڊسمبر کان شروع ٿيندڙ ماهوار انگ اکر ڏيکارين ٿا ته وبا ڪيئن شروع ٿي، ڪيئن وڌي ڇيهه تي پهتي ۽ ڪيئن گهٽبي گهٽبي ختم ٿي وئي. انهن انگ اکرن موجب، ڊسمبر 1896ع ۾ 59، جنوري 1897ع ۾ 743 فيبروريءَ ۾ 995، مارچ ۾ 864، اپريل ۾ 538، مئي ۾ 167، جون ۾ 23 ۽ جولاءِ ۾ 9 موت ٿيا. سرو ۽ تر انهيءَ وبا کان گهٽي ياڳي آجا رهيا البت 1905ع ۾ سکر ضلعي اندر 19، لاڙڪاڻي ۽ مٽين سنڌ جي سرحدي ضلعي اندر 73 ڪيس ٿيا.

ٽيون ۽ آخري مرحلو 1907ع کان 1947ع تائين:

گهٽي ياڳي سياسي:

ڏکڻ آفريقا ۾ جنگ جي مصيبتن جي باوجود ويهين صديءَ جي شروعات مانيٽي ۽ سانتيڪي هئي ۽ منڊ ۾ اهڙا ڪي اهجاڻ ڪونہ هئا تہ ڪو اها اڳتي هلي انقلابن جو دور ثابت ٿيندي. تہ ڪو ان ۾ بہ عالمي جنگيون لڳنديون. جن جي ڪري برطانيا جي پنهنجين بينڪن. تابعدار ملڪن ۽ سندس حفاظت هيٺ آيل علائقن ڏانهن روش منجي ويندي ۽ انهن ڏيهن ۾ قوم پرستاڻي خود اختياريءَ جي گهر هن احساس هيٺ بيحد تيز ٿي ويندي تہ هاڻ ڪين ايترو تجربو ٿي ويو آهي جو پنهنجي ملڪ جي حڪومت پاڻ هلائي سگهن. ننڍي کنڊ ۾ سياسي بي آراميءَ ۽ قوم پرستيءَ واري جذبي جي اوسر جون پهريون نشانيون بنگال ۾ ظاهر ٿيون. سنڌ سياسي طرح پٺتي پيل رهي. پر پهرين مهاڀاري لڙائيءَ جي پڄاڻيءَ ڏاري سياسي حالتن جي ٿوري ٿوري سار رکڻ شروع ڪيائين. هيءُ شهري نافرمانيءَ يعني ستياگرهہ جي پهرين هلچل جو زمانو هو سيتاگرهہ. جنهن کي مسٽر گانڌيءَ چيڙائڻ خاطر 'سچ جي هڪ پُرجهہ' ٿي سڏيو. ان هلچل جو سنڌ ۾ پڙلاءُ ٿيو پر گهٽي پاڻي رڳو هندن جي عامل ۽ لهاٽا ذاتين ۾. سندن مقصد پوليس ۽ انتظامي اختياريءَ وارن کي زوريءَ غلط حالت ۾ آڻڻ ۽ اهڙي صورتحال پئدا ڪرڻ هو جنهن ۾ وڳوڙ ۽ مزاحمت ڪندڙ انبوهن خلاف طاقت جو استعمال ضروري ٿي پوي. اهڙيءَ ريت هنن بي آراميءَ جي وڏندڙ باهہ ۾ وڌيڪ ٻارڻ اڇلايو.

سنڌ جي مسلمان آبادي. گانڌيءَ جي هلچل کان ذري گهٽ پوريءَ طرح الڳ رهي. انڊين نيشنل ڪانگريس. جنهن تي هندو حاوي هئا. تنهن جي ڪوشش هئي تہ هلچل کي ڪل هندستان هلچل ڪري پيش ڪجي. جنهن جي هندو توڙي مسلمانن ٻنهي حمايت ٿي ڪئي. ان جون ڪوششون سنڌ ۾ بلڪل ناڪام ويون. ذري گهٽ سڀ مسلمان مسٽر گانڌيءَ جي دليلن ۽ اپيلن جي برخلاف هئا. هنن جي نظر ۾ مسٽر گانڌي سڀ کان پهرين هڪ هندو هو جنهن بي چيني پيدا ڪري انگريزي راج جي جاءِ تي هندو سوراج آڻڻ ٿي چاهيو.

ٻن مهاڀاري لڙاين جي وچ واري مدت (1918ع کان 1939ع تائين) ۾ بہ مکيہ واقعا اهڙا ٿيا. جي سنڌ جي تاريخ جي هن تذڪري ۾ ڄاڻائڻ جي لائق آهن: پهريون واقعو. هو انفلوئنزا جي وبا جو جنهن 1918ع جي پڇاڙيءَ ۾ سنڌ اندر اصل باهہ ٻاري ڏني. هن موتمار وبا ملڪ جي ماڻهن جو تمام وڏو تعداد ناس ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ وارا ڏهہ سال آبادي جي قدرتي واڌ کي متاثر رکيو. 1921ع واري ڳڻپ جا انگ اکر انهيءَ قيامت خيز وبا راڳا پوريءَ طرح نروار ڪن ٿا. ٻيو ذڪر لائق واقعو هو سنڌونديءَ تي سکر وٽ بئراج جو ٺهي راس ٿيڻ. جنهن جو نالو بمبئي جي تڏهوڪي برجستي گورنر. سر جارج لائيڊ. جي نالي پٺيان 'لائيڊ بئراج' هو. هيءَ شاندار رچنا 1932ع ۾ مڪمل ٿي ۽ هڪدم چالو ٿي وئي. هيءُ هڪ عظيم الشان ڪارنامو هو جنهن سنڌ جي اقتصاديات ۾ هڪدم ڦيرو آڻي ڇڏيو ۽ فصلن جي نہ پاڙي سگهڻ جوکي پيدائش خلاف. جيڪا اڳي رڳو آبڪلاڻي واهن جي

وهڪري تي منحصر هوندي هئي. هڪ عالیشان قسم جو حفاظتي ويمو ثابت ٿي. 1935ع ۾ سنڌ کي بمبئي پريذيڊنسيءَ کان ڌار ڪرڻ جون تياريون ڪيون ويون. ۽ پهرين اپريل 1936ع تي سنڌ هڪ ڌار صوبو بڻجي وئي. جنهن کي پنهنجو گورنر (نيپيئر جي ڏينهن کان پوءِ پهريون) ۽ پنهنجي سٽ جڙن جي چونڊيل قانون ساز اسيمبلي هئي.

ويهين صديءَ جو چوٿون ڏهاڪو سخت مالي گهوٽالي جو ۽ زرعي منديءَ جو زمانو هو. جو تڏهن سڄي دنيا ۾ جنسن جا اڳهه ڪِري پيا هئا. 1939ع ۾ ٻي مهاياري لڙائي لڳي. جنهن سنڌ لاءِ ڪيترائي نوان مسئلا پيدا ڪيا. ٻي عالمي جنگ سان اڳهن جو ڪِرڻ بند ٿي ويو. لائيڊ بئراج مُنڊ ۾ ٿوري مشڪلات ڏني. پر پوءِ ناهوڪو نفعو ڏيڻ لڳي. جنهن مان سنڌ ۾ ڪجهه شاندار نيون جايون ٺهيون. جهڙوڪ: قانون ساز اسيمبليءَ جي عمارت. ڊو ميڊيڪل ڪاليج ۽ عمدو ۽ شانائتو گورنمينٽ هائوس. جنهن انهيءَ اٽوٽنڊڙ عمارت جي جاءِ ورتي جا سرچارلس نيپيئر جي ڏينهن ۾ اڏائي وئي هئي. جڏهن آمريڪا عالمي جنگ ۾ شامل ٿيو. تڏهن ڪراچي عملي طرح آمريڪي اڈو بڻجي وئي. مسٽر گانڌيءَ جي "شخصي شهري نافرمانيءَ واري مهم" ناڪام ٿي چڪي هئي. سو هن 1942ع ۾ 'هندستان خالي ڪريو' هلچل هلائي. ته جيئن هندستان جي جنگي ڪوششن ۾ رخنو پوي. ان هلچل ڪري هندستان ۾ سخت بدامني پيدا ٿي. خاص ڪري تن ايراضين ۾. جتان جپان سان وڙهندڙ هندستاني فوجن جو لنگهه هو. سنڌ ۾ انهيءَ قسم جا وڳوڙ ڪونہ ٿيا. پر سڄي هندستان ۾ بدناميءَ ۽ وڳوڙن تان حرن کي جهڙوڪر هُشي ملي وئي ۽ هڪ طرح جي ڪليل بغاوت شروع ڪري ڏنائون. ٻين تخريبي ڪارواين سان گڏ ريلون بہ ڪيرائڻ لڳا. هيءَ پريشان ڪندڙ بغاوت تڏهن ويجي بند ٿي. جڏهن ان لاءِ خاص فورس ناهي وئي.

جنگ جي پوين ڏينهن ۾ جي واقعا ٿيا. تن ۾ 'ڪرپس مشن ۽ وزراتي مشن' جو اچڻ ۽ هندستان لاءِ آئينده آئيني جوڙجڪ بابت ڳالهين جو ٿيڻ شامل آهن. پر انهن واقعن کي سنڌ جي آئيني اوسر سان گڏ بيان ڪرڻ وڌيڪ واجبي ٿيندو. آئيني اوسر جو ذڪر هن گزيٽئر جي باب اٺويهين ۾ آيل آهي 1945ع ۾ جنگ جي پڄاڻيءَ سان نوَن سياسي مسئلن ۽ پُڇتين جو سلسلو پئدا ٿيو. آخرڪار انهن مشڪلاتن ۽ پُڇتين کي هيءَ فيصلو ڪري نبيريو ويو ته ننڍي ڪنڊ کي پاڪستان ۽ هندستان نالي ٻن الڳ الڳ رياستن ۾ ورهائي مڪمل آزادي ڏني ويجي. نئين جوڙجڪ هيٺ سنڌ پاڪستان جي آزاد رياست جو هڪ خودمختيار صوبائي ۽ وفاقي جُزو بڻجڻ ۾ آئي. جنهن کي پنهنجو گورنر ۽ قانون ساز اسيمبلي هئي. سندس حيثيت پاڪستان جي ٻين اهڙن وفاقي جزن سان برابري واري هئي جن کي پنهنجا گورنر ۽ قانون ساز اسيمبليون هيون. جيئن ته پنجاب ۽ اتر - اولهه سرحدي صوبو انهن ٽن جزن بلوچستان ۽ خيرپور. بهاولپور ۽ ڪن ٻين معمولي رياستن سان گڏجي اولهه پاڪستان ٿي

ٿاهيو جنهن وري اوير پاڪستان (اوپرندون بنگال) سان گڏجي پاڪستان جي وفاقي حڪومت جي تشڪيل ٿي ڪئي.

سنڌ، پاڪستان جي مسلمان مملڪت ۾ شامل ٿي ته، پڙهيل هندو طبقو سنڌ مان لڏي ويو. جنهن جي ڪري ڦير گهير واريون مشڪلاتون هيڪاري وڏي ويون. پر تڏهن بہ ايترا عملدار موجود هئا، جي سڪيا ڏيئي ڪافي تعداد ۾ ٻيا عملدار تيار ٿي ڪري سگهيا ته جيئن ملڪ جو ڪم ڪار هلندو رهي. انهيءَ سرڪاري عملي جو هجڻ سچ پچ ته هن ملڪ لاءِ تمام ضروري هو. ورهاڱي اهڙا مسئلا پيدا ڪيا، جي نہ نبرڻ جوڳا ثابت ٿي ٿي سگهيا ۽ پاڪستان کي مونجهاري ۽ انتشار جو شڪار بڻائي ٿي سگهيا. ائين برابر آهي ته سنڌ واقعن جي وڏي واڌاري ۾ معمولي ڪردار ادا ڪيو پر ان جيڪو آزمودو بروءِڪار آندو سو وقت جي تقاضا موجب ۽ اتان جي ماڻهن جي روايتن سان ٺهڪندڙ هو. ملڪي ڪاروبار هلائڻ لاءِ جا رٿا اختيار ڪئي وئي، سا انگريزي راج کان ورثي ۾ ملیل بنيادن تي ٻڌل هئي. انهيءَ رٿا کي بدليل حالتن جي مخصوص ضرورتن سان مفصل طرح ٺهڪائڻ بلڪل ٿيڻ جوڳو معاملو ثابت ٿيو.

انگريز راج جي پوين چاليهن ورهين ۾ سنڌ اندر سياسي سجاڳيءَ جو وڌڻ ۽ قوم پرستيءَ واري نہ بلڪ قومي جذبي جو اُسرڻ اهڙيون ڳالهيون آهن، جن کي هندستان جي تڏهوڪي سياسي تاريخ جي حوالي سان ئي سمجهي سگهبو. پڙهندڙن جي اڳيان صحيح تصوير رکڻ لاءِ ضروري آهي ته هندستان جي ٻن سياسي تحريڪن جي تاريخ جو ٿورو ذڪر ڪيو وڃي، يعني اقتدار جي منتقليءَ کان اڳ وارن اسي ورهين جي تاريخ جو. اٺويهين صديءَ جي پڇاڙيءَ کان وٺي برطانيا هندستان ۽ پاڪستان کي اقتدار جي منتقليءَ تائين واري دؤر ۾ سنڌ اندر جا سياسي سجاڳي آئي، تنهن جي بيان ۾ مسٽر گانڌيءَ جي ذڪر کان سواءِ رهي نہ سگهبو. هن هندستاني سياست جي جهڳڙن ماريل ناڪ ۾ ڪنهن ڏرگهيل ديوَ جيان منڊڪائيندي، پنهنجن ورتن، ڏرٽن، هفتيوار پرڃا گڏجاڻين، چپ رهڻ جي ڏهاڙن ۽ سياست مان مرضي پئي نڪرڻ ۽ مرضيءَ پئي اچڻ سان هڪ اهڙي روايت قائم ٿي، جنهن جي ڪري هندو عوام ڪيس خاص طرح پائنڌ لڳو. اهي ماڻهو سندس طاقت جو سر چشمو هئا. هنڌن ۾ پنهنجي انهيءَ پرڃا جي حد تائين مقبوليت تي پاڙيندي هن اڳ پوءِ پاڻ کي ايتري پاٽيءَ ۾ ڏٺو جو انگريزي راج جي مضبوطيءَ کي اهڙن طريقن سان للڪارڻ لڳو جي هميشہ هلاڪ ڪندڙ اکثر خطرناڪ ۽ آخرڪار اثرائتا ثابت ٿيا. مسلمانن ۾ هن جا پوئلڳ کي ٿورڙا ئي هئا. ان جو سبب ظاهر آهي. هو جن ڳالهين جو حامي هو تن کي اسلام جي مجيندڙن ڏاڪاريو ٿي. سندس بغاوت جو

ڏاڻءُ آئرش فينسيائين[1] جي چڙواڳيءَ، ٽالسٽاءِ[2] جي راج ڊوهه واد ۽ ٽورو[3] جي اڻ ٺهڻي شهري وروڌپڻي جو غير معمولي ميلاپ هو. سچ پچ ته هن 'سِول نافرماني' وارو اصطلاح ورتو ئي ٽورو کان هو. اها سول نافرماني سڃا سارا ٽيهه ورهيه هن جي سياسي اسلح خاني جو مکيه هٿيار رهي. هن جو ذهن بنيادي طرح هڪ هندوءَ جو ذهن هو هن جي زبردست ۽ پرخلوص خواهش هئي ته هندو سماج کي سڌاريان ته جيئن ان ۾ ذات پات جي متييد جي ڪري جا اوچ نيچ آهي، سا گهٽ ٿئي. هو عظيم انسان هو يا نه، تنهن جو فيصلو تاريخ ڪندي. هيءُ زمانو انهيءَ جوگو نه آهي جو ڏي سيني سان کو فيصلو ڏيئي سگهي. هو يقيناً طاقت وارو ماڻهو هو. جي هو نه هجي ها، تڏهن به هندستان کي آزادي ملي ها ۽ شايد ايتري ئي تڪڙي ملي ها.

هندستان کي جلد آزادي ونڻ ڏيڻ ۾ مسٽر گانڌيءَ جو حصو ڪهڙو به هو انهيءَ مقصد ماڻڻ لاءِ هن جيڪي مهمون هلايون، تن هندستان جي هر پاڳي ۾ هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ ويڇو وڌائي ڇڏيو ۽ هڪڙي گڏيل هندستان جي آدرش کي پوريءَ ريت اڻ ٽيڙو ڪري ڇڏيو. برطانوي سياستدان هڪ پوري پيڙهي تائين وقت جا اهي ڇڻا اهڃاڻ سڃاڻي نه سگهيا، توڻي جو هندستان جي سڃاڻ ڪامورن لاءِ اهي بلڪل پڌرا هئا. برطانوي پارليامنٽ انڊن واري هوڏ سان ان آدرش تي قائم رهي. هندستاني قوم پرستيءَ جيئن ئي پوريون وڪون کڻڻ شروع ڪيون، تيئن ئي مقصد اڻ ٽيڙو ٿي ويو ۽ ٻئي يعني 1936ع واري گورنمنٽ آف انڊيا ائڪٽ کان اڳ ئي اهي وڪون کڄڻ شروع ٿي ويون هيون، جنهن به ماڻهوءَ کي هندستان جي تاريخ جي پوري پوري ڄاڻ هئي، تنهن پليءَ پٽ جاتو ٿي ته مسلمان ڪنهن به اهڙي سياسي اتحاد ۾ شامل نه ٿيندا، جنهن جا حاڪم مذهبي عقيدن ۾ ڪائنڪ بنهه مختلف ۽ روايتن ۽ سماجي خيالن ۾ بلڪل ڌاريا هوندا. تنهن هوندي به برطانوي سياستدان سالن جا سال وڏي يقين ۽ خوشيءَ سان بٽ واري کيڏيندا رهيا. سندن اکيون ٻي مهاياري لڙائيءَ کوليون. ان لڙائيءَ برطانوي عوام مان هندستان کي وڌيڪ غلام رکڻ جي خواهش ختم ڪري ڇڏي. ۽ برطانيا جي سياستدانن کي عين وقت تي احساس ٿيو جا ڀالهه انهيءَ حقيقت جو مثال آهي ته ڇڪائيءَ جي اُميد کيئن نه ڏهين ماڻهن کي به انڊو ڪيو ڇڏي ۽ اهو اکين آڏو ٿيندڙ واقعن جي اصل اهميت پروڙڻ کان قاصر رهجيو وڃن.

---

[1] 1857ع ۾ نيويارڪ ۾ آئرش لوڪن جي هڪ جماعت ناهي وئي هئي، جنهن جو مقصد آئرلينڊ مان انگريزي راج جو ڏڪو پٽڻ هو. ان جماعت جي ميمبر کي Fenian چيو ويندو هو.

[2] روس جو جڳ مشهور ناول نويس ۽ سماج سڌارڪ.

[3] آمريڪي ليکڪ ۽ فطرت پسند (مترجم)

هندستان جو سياسي ناتڪ هندستانين کي وائسراءِ جي ڪائونسلن تي آٽائيندڙ منٽو مارلي سڌارن منجهان تڪڙو تڪڙو لنگهي مانيٽگو چيمسفورڊ سڌارن تي پهتو ۽ 1920ع واري گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ تي پورو ٿي ويو. انهيءَ قانون صوبي ۾ حڪومت جو ٻٽو سرشتو آندو. پر مرڪز ۾ نه ٿيئن ۽ چوٿين ڏهاڪي جي آزار وارن ڏينهن ۾ سول نافرماني ۽ ستياگرهه ٿي. لوڻ واري قانون خلاف هلچل هلي. وچ ۾ 1930ع واري گول ميز ڪانفرنس ٿوري ناڪام آندي. 1936ع واري گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ صوبن کي پنهنجي حڪومت پاڻ هلائڻ جو حق ڏنو ۽ وسيع راءِ ڏهيءَ جي بنياد تي چونڊن جو جهموري سرشتو رائج ڪيو پر مرڪز کي بدستور حڪومت جي ٻٽي سرشتي وارن ويچارن جي آماجگاهه رهڻ ڏنو. اهي اُپاءَ هندستاني انتهاپسندن کي راضي نه ڪري سگهيا. 1940ع ۾ مسٽر گانڌيءَ انفرادي سول نافرماني شروع ڪئي ۽ 1942ع ۾ 'هندستان خالي ڪريو' مهم هلايائين.

مسٽر گانڌي برطانيا جي سرڪار تي زور آڻڻ لاءِ وقت جي چونڊ وڏي سياٽپ ۽ چالاڪيءَ سان ڪندو هو. 1920ع واري سول نافرمانيءَ جي تحريڪ اهڙي وقت هلائي وئي هئي. جڏهن پهرين عالمي لڙائيءَ کان پوءِ دنيا ڪسادبازاريءَ ۽ مايوسي جي مٺ ۾ هئي لوڻ جي قانون خلاف ستياگرهه 1929ع ۾ وال اسٽريٽ واري سٽي بازار ۾ اڳهن جي پٽ پوڻ کان سگهو ئي پوءِ يعني 1930ع ۾ ٿي. هن ستياگرهه جو زمانو به اهو ئي هو جو عالمگير مندائيءَ جي شروعات جو هو- اها مندائي، جا ڏاهڪو ورهيه هلي ۽ جنهن جي ڪري زرعي جنسن جا اڳهه ايترا ته ڪري پيا جو آبادگارن کي ڏاڍا ڏکيا ڏينهن ڏسڻا پيا. (1940ع واري انفرادي سِول نافرمانيءَ جي مهم جرمنيءَ خلاف جنگ جي سيني ۾ خراب مرحلي دوران هلائي وئي، ۽ 'هندستان خالي ڪريو' هلچل 1942ع ۾ تڏهن شروع ڪئي وئي، جڏهن ائين ٿي لڳو ته جپان جون فوجون آسام ۽ اوپرندي بنگال ۾ آيون ڪي آيون.)

ويهين صديءَ جي شروعات وقت سنڌ سياست مان بنهه اٽڄاڻ هئي ۽ ان ۾ ڪو چاهه ڪونه هئس. تنهن هوندي به هندستان اندر سياست هڪڙي پيڙهيءَ کان چالو هئي. 1885ع ۾ انڊين نيشنل ڪانگريس جو بنياد وڌو ويو. جنهن جو مقصد آزاد خيالن جي ترجماني ڪرڻ ۽ هندستان جي حڪومت ۾ هندستاني نقطهٔ نگاهه کان سڌاري تي مانيٽو بحث ڪرڻ هو. 1907ع تائين ان کي خاص ٻوٽو نه ٻاريو. ان سال سورت واري ميڙ ۾ اختلاف پيدا ٿي پيا. اعتدال پسندن ۽ انتها پسندن جي وچ ۾ اختلاف بنيادي ثابت ٿيو ۽ پڇاڙيءَ ۾ انتها پسند ڪانگريس تي قبضو ڪري ويا. 1920ع ۾ ان جي واڳ مسٽر گانڌيءَ جي هٿن ۾ آئي. 1927ع ۾ ان هندستان جي منزل آزادي ٺهرائي. 1928ع واري ميڙ ۾ ڪانگريس ڊومينئن واري حقيقت مڃڻي ڪئي. پر انهيءَ شرط سان ته اها 1929ع جي پوري ٿيڻ کان اڳ ڏني وڃي. پر 1929ع ۾ ان اها خاطري گهري ته گول ميز ڪانفرنس ۾ ڳالهين جو

بنياد ڊومينئن حيثيت هوندي. 1929ع ۾ اعلان ڪيائين تہ ان جو مقصد پورن سوراج آهي. 1930 ۾ خود ڪانگريس مسٽر گانڌيءَ جي سول نافرمانيءَ واري مهم جي پئپرائي ڪئي. 1934ع ۾ سول نافرماني بند ڪئي وئي ۽ مسٽر گانڌي ڪانگريس تان رٽائر ٿي ويو. پر تڏهن بہ اها سنڌس چئي ۾ رهي. 1936ع کان 1939ع تائين ڪانگريس ٽلهي ليکي آئيني دائري اندر ڪم ڪيو ۽ ڪيترن ئي صوبن ۾ حڪومتون ناهيائين. 1939ع ۾ جنگ لڳي تہ ڪانگريس صوبائي حڪومت مان پنهنجا وزير واپس گهرايا ۽ مسٽر گانڌي ڪي ڪل اختياري ڏيئي ڇڏي. جنهن جنگي ڪاروائيءَ خلاف وري سول نافرمانيءَ جي تحريڪ شروع ڪري ڏني. اها فردن تائين محدود هئي. پر پنجويهہ هزار ڪانگريسي اڳواڻن ان ۾ بهرو ورتو. 1942ع ۾ ڪانگريس سر استئفورڊ ڪرپس جي رٽ رد ڪئي. جا برطانيا جي جنگي ڪابينا تيار ڪئي هئي تہ جيئن هندستان جي سياسي جماعتن سان ڳالهيون جاري رکي سگهجن. آگسٽ 1942ع ۾ 'هندستان خالي ڪريو' هڪ هلچل شروع ڪئي وئي. ان جي نتيجي ۾ هندستان جي اڪثر پاڻ ۾ وسيع پيماني تي بدامني پيدا ٿي. 1942ع ۾ مسٽر گانڌيءَ چيو هو تہ فرقن جي وچ ۾ ٻڌي 'ٽين ڏر' يعني انگريزي راج نڪرڻ کان پوءِ ئي اچي سگهندي. جون 1942ع ۾ 'هريجن' ۾ لکندي مسٽر گانڌي چيو: "آءٌ هندو مسلم ٻڌيءَ جي جهوني ۾ جهونن عاشقن مان هجڻ جي دعويٰ ٿو ڪريان ۽ اڄ بہ آهيان. آءٌ پاڻ کي پچندو رهيو آهيان تہ مون سميت سڀني طرفان ٻڌي ڪرائڻ جي هر دل و جان سان ڪيل ڪوشش آخر ناڪام ڇو ٿي آهي. ۽ اهڙي تہ بري طرح ناڪام ٿي آهي جو آءٌ نظرن مان ئي ڪِري پيو آهيان ۽ مسلمانن جون ڪي اخبارون مون کي هندستان ۾ اسلام جو وڏو دشمن ڄاڻائي رهيون آهن. آءٌ هن بي دليي نتيجي تي پهتو آهيان تہ هندستان ۾ انگريزي راج جي آخري پڄاڻيءَ کان ذري گهٽ هڪدم پوءِ ٻئي جاتيون پاڻ ۾ ٻڌجي ويندیون. جيڪڏهن ڪانگريس ۽ مسلم ليگ، ٻنهي جي ترت منزل آزادي آهي تہ پوءِ سيڪو بنا ڪنهن ٺهراءُ ڪرڻ جي سيڪو گڏجي غلاميءَ مان ڇڏڻ جي ڪوشش ڪندو. جيئن ئي غلاميءَ جو انت آيو تيئن ئي نہ رڳو هي بہ جماعتون پر سڀ ڏريون پنهنجو فائدو گڏجي ڪم ڪرڻ ۽ آزاديءَ مان پرپور ڪارج وٺڻ ۾ فائدو ڏسنديون تہ جيئن اهڙي قومي حڪومت جي اوسر ٿئي جا هندستان جي مزاج سان ٺهڪندڙ هجي."

هندستان جي مسلمانن کي انهيءَ ڳالهہ سان اتفاق ڪونہ هو. ڇو جو ماضيءَ ۾ ڪين ڪانگريس جي مسلم دشمن پالسيءَ جو آزمودو ٿي چڪو هو.

هن زماني دوران مسلمان وڳوڙن کان بلڪل الڳ رهيا ۽ 1943ع جي بهار ۾ بدامني ختم ٿي وئي. 1944ع ۾ مسٽر گانڌيءَ مسلم ليگ جي اڳواڻ، قائد اعظم محمد علي جناح کي هندو مسلم اتحاد جي ضرورت بابت خط لکيو ۽ سيپٽمبر 1945ع ۾ هڪ عبوري معاهدو ٿيو جنهن هيٺ مرڪز

۾ قومي حڪومت ٺهي، جنهن ۾ انڊين نيشنل ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جا عيوضي ڪنيا ويا. هيءَ قومي حڪومت آگسٽ 1947ع تائين اقتدار ۾ رهي، جڏهن برطانيا طرفان اعليٰ اقتدار هندستان ۽ پاڪستان کي منتقل ڪيو ويو. سياسي ولوڙ ۽ سجاڳيءَ جي واڌاريءَ جو هيءُ بيان انڊين نيشنل ڪانگريس جي نقطئه نظر کان هو. پر هن جماعت جو ذري گهڻ سمورو اثر هندن تي هو. وقت بوقت جيڪي ٺهراءُ بحال ڪيا ويندا هئا، تن جو مسلمانن تي خير ڪو اثر ٿيندو هو. مسلمانن جي چوڻ موجب، اهي ٺهراءُ هندو گهڻائيءَ جي آرزوئن موجب هوندا هئا ۽ انهن جو مقصد مسلمان اڪثريت وارن علائقن تي هندن جو غلبو قائم ڪري مسلمانن جي وجود کي خطري ۾ وجهڻ هوندو هو. پر جيئن ته سنڌ اندر هندو گهڻو ڪري شهرن ۾ هئا ۽ وڻج واپار ڪندا هئا، ان ڪري مسٽر گانڌيءَ جي پروپئگنڊا جو مٿن ستت ئي ڪافي اثر پيو. 1919ع کان وٺي سنڌ ۾ جو سياسي هل هنگامو شروع ٿيو سو هندن جي سياسي ولوڙ وجهندڙن ۽ پرچارڪن جي سرگرمين جو نتيجو هو ۽ اهو ئي زمانو هو جڏهن سنڌ اندر هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ جيئن پوءِ وڌيڪ تاءُ پيدا ٿيو. در حقيقت ته 1920ع کان سنڌ ۾ سياسي وڳوڙ گهٽي ياڳي شهرن تائين محدود رهيو شهرن کان ٻاهر آدمشماريءَ ذري گهڻ سڃي جي سڃي مسلمانن جي هئي ۽ مسٽر گانڌيءَ جي پروپئگنڊا ۾ ڪا دلچسپي ڪونہ ورتائون.

هندستان جا مسلمان سڃي ليکي سياست ۾ چاهه وٺڻ جي معاملي ۾ تمام پٺتي پيل هئا، پر انڊين نيشنل ڪانگريس ۾ جيڪي ڪجهه ٿي رهيو هو تنهن کي ڏسندي 1906ع ۾ وڃي احساس ٿين ته ڪجهه نہ ڪجهه ضرور ڪرڻ گهرجي. سو تنهن سال ڪل هندستان مسلم ليگ جو وجود عمل ۾ آيو. 1916ع ۾ اها ايتري مضبوط ٿي وئي جو انڊين نيشنل ڪانگريس سان لکنئو وارو ناهه ڪيائين. مانٽيگو چيمسفورڊ سڌارن سان مسلمانن جو سياست ۾ چاهه هيڪاري وڌيو ۽ هو انتظامي جوڙجڪ ۾ سرڪاري نوڪرين ۾ وڌيڪ حصي جي آرزو رکڻ لڳا. 1928ع ۾ هڪ ڪل جماعتي مسلم ڪانفرنس ٿي، جنهن مسلمانن کي ليگ کان وڌيڪ اثرائتي جماعت ۾ منظم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ 1934ع ۾ مسلم ليگ سان نااتفاقيءَ تي پردو وجهي مِلت کي يڪجاءِ ڪرڻ جو عزم ڪيو ويو. پر 1935ع ۾ جڏهن گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ هيٺ صوبائي قانون ساز اسيمبلين جون چونڊون ٿيڻ واريون هيون. تڏهن مسلم جماعتون مسلمانن جي هڪ طاقتور تنظيم ۾ اچي ڪٺيون ٿيون. 1940ع ۾ لاهور ۾ مسلم ليگ هڪ ٺهراءُ منظور ڪري ملڪ کي هندو ۽ مسلم هندستان ۾ ورهائڻ جي گهر ڪئي. 1941ع ۾ ان کي ڇڇي ڏار ٿيڻ جي گُهر ۾ ڦيرايو ويو. ليگ 1941ع ۾ وڌيڪ طاقتور بڻجي وئي. جتي ڪانگريس جنگ ۾ ڪا مدد نٿي ڪئي، اُتي مسلم ليگ اهڙي روش وٺڻ کان پاسو ڪيو.

مسلمان ميمبر انفرادي طرح دل و جان سان جنگ ۾ مدد ڪرڻ جي فائدي ۾ هئا ۽ ليگ ائين ڪرڻ کان ڪونہ ٿي جهليو. 1939ع ۾ مسلم ليگ هڪ تمام اهم ٺهراءُ پاس ڪيو جنهن ۾ چيل هو: "جيتوڻيڪ مسلم هندستان هندستاني عوام جي پرمار جي برخلاف آهي ۽ ور وڙ ڪري آزاد هندستان جي فائدي ۾ اعلان ڪندو رهيو آهي، پر ساڳي وقت اهو مسلمان، عيسائي ۽ ٻين ٿوراين تي هندو گهٽائيءَ جي غلبي ۽ مسلم هندستان کي تابعدار بنائڻ جي پڙ ايترو ئي برخلاف آهي، اهو هر اهڙي وفاقي مقصد جو اڻ ڦرٽو مخالف آهي، جنهن جو نتيجو جمهوريت ۽ حڪومت جي پارليماني سرشتي جي ويس ۾ لازمي طرح هڪ جاتيءَ جي اڪثريتي راج ۾ نڪري. اهڙو آئين ملڪ جي ماڻهن جي مزاج سان بنهہ اڻ ٺهڪندڙ هوندو. ڇو جو هيءُ ملڪ مختلف قوميتن تي مشتمل آهي ۽ قومي رياست جي حيثيت نٿو رکي." 1940ع جي لاهور واري ٺهراءُ ۾ پاڪستان جو خيال پيش ڪيل هو. ان ۾ چيل هو: "ٺهرائجي ٿو تہ ڪل هندستان مسلم ليگ جي هن ميڙ جو هيءُ توريل تڪيل رايو آهي تہ هن ملڪ ۾ اهڙي ڪا آئيني رٿا تيستائين نہ هلي سگهندي، نہ مسلمانن کي منظور هوندي، جيستائين اها هيٺين بنيادي اُصولن تي اوساريل نہ هوندي. اهي اصول هي آهن تہ جاگرافيءَ جي لحاظ کان لاڳيتن يونٽن کي ايراضيءَ ۾ ضرورت ساري ڦيرڦار ڪري اهڙيءَ ريت علائقن ۾ ورهايو وڃي جو جن علائقن ۾ مسلمان گهٽائيءَ ۾ آهن، جيئن هندستان جي اُتر- اولهندي پاڳي ۽ اوپرندي پاڳي ۾، تن علائقن کي گڏائي خود مختيار رياستون ناهيون وڃن، جن ۾ شامل يونٽ خود حڪومت ۽ اعليٰ اختيار وارا هوندا، تہ يونٽن ۽ علائقن ۾ رهندڙ ٿوراين جي مذهبي، تمدني، اقتصادي، سياسي، انتظامي ۽ ٻين حقن ۽ مفادن جي حفاظت لاءِ سندن صلاح سان آئين ۾ خاص ضمانتون موجود ڪري ڏنيون وڃن، ۽ هندستان جي ٻين پاڳن ۾ جتي مسلمان ٿورائي ۾ آهن اُتي سندن ۽ ٻين ٿوراين جي مذهبي، تمدني، اقتصادي، سياسي، انتظامي ۽ ٻين حقن ۽ مفادن جي حفاظت لاءِ سندن صلاح سان آئين ۾ واجبي، مؤثر ۽ حڪمي ضمانتون موجود ڪري ڏنيون وڃن." 1942ع ۾ ڪرپس واري آڇ هندستان جي صوبن کي اها چونڊ ڪرڻ جو حق ڏنو تہ وٽين تہ ڪنهن يونين ۾ شامل ٿين يا وٽين تہ ٻاهر رهن ۽ پنهنجيون رياستون قائم ڪن.

مسلم ليگ ڪرپس واري آڇ رد ڪري ڇڏي، جن سببن جي ڪري ائين ڪيو ويو سي اهم آهن. سندس اعتراض هو تہ "ٻنهي مڪيہ جاتين ۾ ناهہ لاءِ سچين ڪوششن جي پنجويهن ورهين ۽ اهڙين ڪوششن جي ناڪاميءَ جي ڪڙي آزمودي کان پوءِ مسلمان قائل ٿي چڪا آهن تہ انهن جاتين کي هندستان ۾ ٻن مڪيہ قومن يعني هندن ۽ مسلمانن تي مشتمل هڪڙي مملڪت ناهڻ تي مجبور ڪرڻ سندن پائيچاري ۽ پلائيءَ جي لحاظ کان نہ انصاف آهي، نہ وري ممڪن. اعلان جي خاڪي جي مهاڳ مان لڳي ٿو تہ برطانيا سرڪار جو مڪيہ مقصد اهو آهي. هڪ کان وڌيڪ مملڪت ناهڻ جو

معاملو ڏورانهين امكان جي كنڊ ۾ اُڇلايو ويو آهي ۽ نسورو سراب آهي. ازانسواءِ، پچاڙيءَ ۾ كاميٽي ڄاڻائڻ گهري ٿي ته مسلم ليگ جو موقف هيءُ هو ۽ آهي ته مارچ 1940ع واري لاهور ٺهراءُ ۾ جا پاكستان واري رٽ ڏنل آهي ۽ جا هاڻ كل هند مسلم ليگ جي مول متي جي حيثيت ركي ٿي. جيستائين اها واضح طور تي قبول نه ڪئي ويندي ۽ جيستائين مسلمانن كي خوداختياريءَ جو حق ڪنهن اهڙي سنجوٽ جي مدد سان، جو مسلم هندستان جي سچي فيصلي جي عڪاسي ڪري، ڏنو نه ويندو تيستائين مسلم ليگ لاءِ آئيندي بابت كا بہ تجويز يا رٽ قبول ڪرڻ ممكن نه آهي." 1943ع ۾ مسلم ليگ جي ڪراچيءَ واري اجلاس ۾ قائداعظم محمد علي جناح، اهو چوندي ته ملڪ جي واڌاري كي روكڻ جا جوابدار هندو آهن، پڇيو: .ڇا اسان مسلمان سڄي ننديي كنڊ تي اكنڊ هندستان يا هندو راج قبول ڪري سگهون ٿا؟ ڇا مسلم هندستان كان اها اُميد ركڻ ممكن آهي ته اهو ننديي كنڊ ۾ اَكنڊ هندستان يا هندو راج كي منظور ڪندو؟ سندن رٽ اها آهي. هنن ايجا پنهنجو خواب ترڪ نه ڪيو آهي. ٻئي طرف وري هو آزاديءَ جون ڳالهيون ٿا ڪن. ڪنهن جي آزادي؟ مون اوهان كي وري وري ٻڌي خبردار ڪيو آهي ته جڏهن هو آزاديءَ جي ڳالهه ٿا ڪن، تڏهن هنن جو مطلب هوندو هندستان جي آزادي ۾ مسلم هندستان جي غلامي، جيكڏهن هندو پنهنجي سوداءَ، خواب يا هٺ جي ڪري ٻنهي جي آزاديءَ جي رستي ۾ رندڪ وجهن ٿا ۽ هڪڙي جي آزاديءَ ۽ ٻئي جي غلاميءَ تي اصرار ٿا ڪن، ته پوءِ آءٌ اوهان كان پڇان ٿو ملڪ جي واڌاري كي روكڻ وارا هند نه آهن ته ڪير آهن؟" اپريل 1946ع ۾ جڏهن برطانيا جو وزارتي مشن دهليءَ آيل هو تڏهن قائداعظم محمد علي جناح قانون ساز اسيمبلين جي ميمبرن جو هڪ كل هندو ڪنوينشن ڪوٺايو. ان ۾ سنڌ سميت مختلف صوبن جي قانون ساز اسيمبلين جا اٽكل ٽي سؤ سٺ ميمبر شريڪ ٿيا. ڪنوينشن ۾ هيءُ ٺهراءُ يڪراءِ بحال ڪيو ويو: "جيئن ته هندوستان جي هن وسيع ننديي كنڊ ۾ ڏهه ڪروڙ مسلمان هڪ اهڙي دين جا پوئلڳ آهن، جو سندن حياتيءَ جي هر شعبي تعليمي، سماجي، اقتصادي ۽ سياسي تي حاوي آهي، جنهن جو دستور عمل فقط روحاني عقيدن، ۽ متن يا رسمن، ۽ تقريبن تائين محدود نه آهي ۽ جيكو هندو ڏرم ۽ فلسفي جي غير شراكتي نوعيت كان بلكل الڳ نظر اچي ٿو. اهو ڏرم ۽ فلسفو جنهن هزارن سالن كان ذات پات جو هڪ سخت سرشتو تاتيندي ۽ قائم ركندي سٺ كروڙ انسانن كي اڇوتن جي نيچ درجي تي پهچائي ڇڏيو آهي، جنهن ماڻهوءَ ۽ ماڻهوءَ جي وچ ۾ غير قدرتي ديوارون كڙيون ڪيون آهن ۽ هن ملڪ جي ماڻهن جي هڪ وڏي ياڳي تي سماجي ۽ اقتصادي نا برابريون مڙهيون آهن، جي انديشو آهي ته مسلمانن، عيسائين ۽ بين ٿوراين كي سماجي ۽ اقتصادي طرح دائمي غلاميءَ جي اوڙاهه ۾ ڌكي ڇڏيندين، ۽ جيئن ته هندن ۽ مسلمانن جي مختلف تاريخي پسمنظرن، روايتن، تمدنن، سماجي ۽ اقتصادي جوڙجكن، هڪ اهڙي

هندستاني مملڪت بنائڻ ناممڪن ڪري ڇڏيو آهي، جنهن ۾ ساڳين آرزوئن ۽ آدرشن جو ساهه ڦوڪيل هجي، ۽ جيئن ته صدين کان پوءِ به اهي به وڏيون الڳ قومون ئي آهن، ان ڪري مرڪزي توڙي صوبائي قانون ساز اسيمبلين جي مسلم ليگي ميمبرن جو هيءَ ڪنوينشن ڳوڙهي ڳڻ ڳوٽ کان پوءِ هن رستي اعلان ٿو ڪري ته مسلمان قوم متحد هندستان جو ڪو به آئين ڪڏهن به قبول نه ڪندي ۽ انهيءَ مقصد لاءِ قائم ٿيندڙ ڪنهن به هڪڙي آئين ناهيندڙ اداري ۾ ڪڏهن به شريڪ نه ٿيندي ۽ اقتدار جي برطانيا کان هندستاني عوام ڏانهن منتقليءَ لاءِ جيڪا به فارمولا هيٺين انصاف ۽ برابريءَ وارن اصولن سان، جن جو مقصد ملڪ ۾ امن امان قائم رکڻ آهي، ٺهڪندڙ نه هوندي ته اها هندستان جي مسئلي کي نبيرڻ ۾ مدد نه ڪري سگهندي: پهريون ته هندستان جي اُتر اوپر ۾ بنگال ۽ آسام تي ۽ اُتر اولهه ۾ پنجاب، اُتر اولهه سرحدي صوبي، سنڌ ۽ بلوچستان تي مشتمل علائقا يعني پاڪستان وارا علائقا، جن ۾ مسلمان غالب اڪثريت آهن، تن سان هڪ آزاد ۽ خودمختيار مملڪت جي تشڪيل ڪئي وڃي ۽ اهو ته پاڪستان کي بنا دير قائم ڪرڻ جي واضح ۽ چٽي ضمانت ڏني وڃي." ڪنوينشن ۾ شريڪ سڀني ميمبرن هيءَ قسم کنيو: "آءٌ هن رستي پنهنجي انهيءَ ڪامل اعتقاد جو انتهائي سنجيدگيءَ سان اعلان ٿو ڪريان ته هندستان جي ننڍي کنڊ ۾ رهندڙ مسلمان قوم جي حفاظت، سلامتي، نجات ۽ مقدر فقط پاڪستان حاصل ڪرڻ ۾ مضمر آهي، جو آئيني مسئلي جو واحد برابريءَ، عزت ۽ انصاف وارو حل آهي ۽ جو هن مهان ننڍي کنڊ جي مختلف قوميتن ۽ جاتين لاءِ امن، آزادي ۽ خوشحالي آڻيندو."

هيءُ هو اهو موقف، جيڪي پختگيءَ سان اختيار ڪيو ۽ قائم رکيو ويو تان جو 14- آگسٽ 1947ع ۾ پاڪستان برطانوي ڪامن ويلٿ اندر هڪ خودمختيار رياست جي حيثيت ۾ برپا ٿيو. انڊين نيشنل ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي پاليسين جو جيئن مٿي بيان ڪيو ٿئون، اپياس ڪبو ته هيءُ ڳالهه پڌري ٿي وڃي ٿي ته سنڌ جا مسلمان ڪيئن سياست ۾ دلچسپي وٺڻ لڳا ۽ قومي سڃاڻپ جو احساس ٿين، جو اڳ موجود نه هو. هنن کي وڏي وٿي هئي ۽ 1919ع کان مسٽر گانڌيءَ جي شروع ڪيل سمورين سِول نافرمانين، هڙتالن، جلسن جلوسن ۽ پروپئگنڈا جي پرپور حمايت ڪري رهيا هئا. سنڌ جي مسلمانن انهن ڪارواين ۾ ڪو بهرو نه ورتو ۽ سنڌ ۾ سياسي سڃاڻپ لاءِ قاعدي قانون جي پابندي ڪندي قانون ساز ڪائونسل ۽ سنڌ سرڪار جي پاليسين رستي سياسي آزمودو حاصل ڪندا رهيا. جڏهن سنڌ جون مخصوص حالتون يعني وڻج واپار ۾ هندن جي ڏري گهٽ مڪمل هڪ هٿي هئي، سنڌ جي سيني وڏي ۾ وڏن شهر اندر گهٽائيءَ ۾ هئا ۽ گانڌيءَ جي پروپئگنڈا وارين مهمن جي ڏينهن کان اهي هندو هندستان جي آزاديءَ واري تحريڪ جي گانڌيءَ جي ويچارن

موجب پٽيرائي ڪندا رهيا هئا. اهي ڳالهيون ذهن ۾ رکبيون. تڏهن انگريزي راڄ جي پوين ويهن سالن دوران سنڌ اندر فرقيوار تاڻ جي وڌي وڃڻ تي حيرت نٿي ٿئي.

ورهاڱي کان پوءِ وارو دؤر:

1947ع ۾ هندستان جي ورهاڱي کان اڄ ڏينهن (1958ع) تائين:

سنڌ کي پاڪستان ۾ رهندي يارهن ورهيه ٿي چڪا آهن. گڏجي گهارڻ جي انهيءَ تجربي جو داستان لکڻ ايترو تاريخ نويس جو ڪم نه آهي، جيترو اخبار نويس يا واقعي نويس جو تاريخ نويس کي لازم آهي ته: ۽ واقعن ڏانهن انهيءَ طرح جي روش اهڙي ماڻهوءَ لاءِ ممڪن نه آهي، جو انهن جي وچ ۾ رهندڙ هجي. واقعن جي وهڪري پويان موجود تاجي پيٽي کي پروڙڻ ۽ ان جي ملهه ڪٽڻ ۽ ورهين جا ورهيه لڳيو وڃن. تاهم، سنڌ جي تاريخ کي 1947ع کان وٺي اڄ ڏينهن تائين جاري رکڻ جي دشواريءَ جي باوجود اهو ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪري سگهجي ٿي ته هن عجيب نئين دنيا ۾، جا 14- آگسٽ 1947ع تي وجود ۾ آئي، سنڌ جو گذر ڪيئن پئي ٿيو آهي؟

1946/47ع وارين سياسي ڳالهين ۾ وزارتي مشن جي رٽ يا ٻي ڪنهن اهڙي رٽ ناهه ڪرائڻ ناممڪن ثابت ٿيو هو جا هندستان جي سؤ ورهيه پراڻي بڏيءَ کي قائم رکي. برطانوي وزيراعظم مسٽر سي. آر. ائٽلي 3- جون 1947ع تي دارالعلوم اعلان ڪيو ته برطانيا سرڪار هڪدم اهڙو بل پيش ڪرڻ جو ارادو رکي ٿي ته هندستان کي هن ئي سال ڊومينئن جي حيثيت ۾ اقتدار منتقل ڪيو ويندو. انهيءَ وچ ۾ مدراس، بمبئي، يو.پي، بهار سي.پي، آسام، اوڙيسا ۽ اُتر- اولهه سرحد صوبن جي عيوضين جي اڪثريت ۽ دهليءَ، اجمير، ماروارَ ۽ ڪورگ جا نمائندا وزارتي مشن واري رٽ جي تقاضا موجب هڪ نئون آئين جوڙڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. هوڏانهن، مسلم ليگ پارٽي جنهن ۾ بنگال، پنجاب ۽ سنڌ جي عيوضين جي اڪثريت ۽ پڻ برطانوي بلوچستان جا نمائندا اچي ٿي ويا، آئين ساز اسيمبليءَ ۾ شريڪ نه ٿيڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو هو. اُتر- اولهه سرحدي صوبي ۾ ڇڪي بي اطميناني هئي اُتي هندن ۽ سکن کي 1935ع ۾ مليل ڳوراڻ جي ڪري ڪانگريس کي غيريقيني اڪثريت حاصل هئي، پر اها صوبي جي رهاڪن جي وسيع اڪثريت جي حمات ظاهر ڪرائي چڪي هئي.

4- جولاءِ 1947ع تي دارالعلوم ۾ هندستان جي آزاديءَ وارو بل پيش ڪيو ويو جنهن موجب هندستان ۽ پاڪستان جون ٻه آزاد ڊومينئنون قائم ٿيڻيون هيون. 18- جولاءِ 1947ع تي ان بل شاهي رضامندي حاصل ڪري ائڪٽ جي شڪل ورتي. لارڊ مائونٽ بيٽن، جو لارڊ ويول جي جاءِ تي آخري وائسراءِ ٿي آيو، تنهن کي ڪانگريس پارٽيءَ هندستان جي ڊومينئن جي گورنر جنرل طور قبول ڪيو ۽ قائداعظم محمد علي جناح پاڪستان جو گورنر جنرل ٿيو. 14- آگسٽ 1947ع تي

برطانوي جهنڊو يونين جئڪ جو سنڌ ۾ سرڪاري جاين تي هڪ سؤ چار ورهيه جهولياندو رهيو هو سو لاٿو ويو. ان جي جاءِ تي اڇي چند سان سائو جهنڊو جهولڻ لڳو جو پاڪستان جي نئين رياست جو نشان هو. اهڙيءَ ريت سنڌ جو پاڪستان سان ڳانڍاپو ٿيو. پاڪستان، جو ستت ئي اسلامي رعيتي راج ٿيٽو هو. جڏهن پاڪستان ٺهيو تڏهن سنڌ پاڪستان جي وفاق ۾ هڪ خودمختيار جزي طور قائم رهي. ڪيس پنهنجو گورنر ۽ قانو ساز ڪائونسل هئي. البت هاڻ صوبائي جزو بڻجي وئي هئي، جنهن پاڻ منجهان ڪي ميمبر مرڪزي آئين ساز اسيمبليءَ تي چونڊي موڪليا. نئين آئيني بندوبست هيٺ سنڌ جو پهريون گورنر مسٽر غلام حسين هدايت الله مقرر ٿيو.

1937ع کان سنڌ کي پنهنجو گورنر ۽ قانون ساز ڪائونسل هئي. سو جمهوري پارليامماني ادارن کي هلائڻ جو ٿورو گهڻو آزمودو ٿي ويو هوس. سنڌ جو پهريون گورنر بمبئي جو هڪ غير فوجي عملدار سر لئنسلاٽ گراهم هو. هو صاحب انهيءَ کان اڳ دهليءَ ۾ هندستان سرڪار جو قانوني صلاحڪار هو. جنگ جي زماني ۾ سرلئسلاٽ گراهم جي جاءِ تي سر هو ڊائو آيو. جو تمام لائق گورنر هو. ايوريمئنس انسائيڪلوپيڊيا ۾ پاڪستان تي مضمون لکندڙ سنڌ بابت چوي ٿو ته اها بي جنائيءَ ۽ ڏڙي بنديءَ کان مشهور آهي: انهيءَ خيال جي ثابتيءَ ۾ سنڌ قانون ساز اسيمبليءَ جون ڏهه ورهين يعني 1937ع کان پاڪستان قائم ٿيڻ تائين جون ڪاروايون پڙهي سگهجن ٿيون. 1947ع واري هندستان جي آزاديءَ واري ائڪٽ ان سان 18 ـ جولاءِ تي قانون جي شڪل ورتي. تنهن کان پوءِ ڪجهه هڪٻئي پٽيان رونما ٿي امن امان ۾ رخنو وجهڻ لڳا. 8 ـ آگسٽ تي ڪراچي تنهن جي گادي بڻي جنهن کي ٿورن ئي ڏينهن ۾ پاڪستان جي نئين رياست ٿيٽو هو. 11 ـ آگسٽ تي قائداعظم محمد علي جناح پاڪستان جي آئين ساز اسيمبليءَ جو صدر چونڊيو ويو. 17 ـ آگسٽ تي پنجاب ۽ بنگال جي ورهاڱي بابت لارڊ ريڊڪلف جي سرواٽيءَ هيٺ حدبندي ڪميشن جي فيصلن جو اعلان ڪيو ويو. انهيءَ فيصلي پنجاب جي گهٽائيءَ وارو ضلعو گورداسپور هندستان کي ڏيارين ۽ اهڙيءَ ريت ان ملڪ کي جمون ۽ ڪشمير جي رياست ڏانهن لنگهه ملي ويو. ان رياست جي رهاڪن جي غالب اڪثريت ته مسلمان هئا، پر حاڪم هڪ هندو مهاراجا هو. ڪميشن جي فيصلي جي پڌرائيءَ سان جمون ۽ ڪشمير ۾ توڙي پنجاب ۾ ۽ بين هنڌن تي ڏاڍو خون ۽ رتوڇاڻ منهن ڪڍيو. دهشت ماريل پناهگيرن جا وڏا ڪٽڪ ورهايل پنجاب جي ورچيندڙ ليڪ تان اوپر ۽ اولهه ڏانهن اچڻ لڳا. 22 ـ آڪٽوبر تي ڪشمير ۾ ڊوگرن جي نامقبول حاڪم گهراٽي خلاف بغاوت ٿي پئي. 19 ـ ڊسمبر تي هندستان جي نئين ڊومينئن جي پهرين گورنر جنرل، لارڊ مائونٽ بيٽن هندستان ڇڏي ويندڙ آخري برطانوي فوجن جي الوداعي پريڊ جي سلامي ورتي. ڊسمبر جي 24 تاريخ تي ڪشمير ۾ هڪڙي پاسي هندستاني فوجن ۽ ٻئي پاسي مڪاني باغين ۽ ڪاهي آيل مسلمان سرحدي قبائلين

جي وچ ۾ چتي ويڙهه شروع ٿي. جا ڪشمير ۾ سخت تڌ جي ڪري ڊري ٽيندي ٽيندي نيٺ بند ٿي وئي. 1949ع جي اوائل جي هندستان جي وزيراعظم پنڊت جواهر لال نهروءَ طرفان ڪشمير جو مسئلو گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل ۾ اٺاريو ويو. ستت پوي ڪشمير ۾ جنگ بندي ڪرائي وئي ۽ ڏرين جو انهيءَ ڳالهه تي صلح ٿيو ته آمريڪي ايڊمرل نِمز جي سرواٽيءَ هيٺ قومن جي ڪميشن اچي عام راءِ ونڊي ته ڪشمير پاڪستان ۾ شامل ٿئي يا هندستان ۾.

11- سيمپٽمبر 1948ع تي ڪراچيءَ ۾ پاڪستان جي باني محمد علي جناح وفات ڪئي. پاڪستان جي عوام شڪر گذاريءَ وچان ڪيس قائداعظم جي لقب سان نوازيو هو. انسائيڪلوپيڊيا برٽئنيڪا جي 1949ع واري سالياني ڪتاب ۾ آيل آهي: "ورهاڱي سبب جيڪي مسئلا پيدا ٿيا، تن جو ڳرو بار سندس ڪلهن تي پيو. بي انداز مسلمانن جي پاڪستان ڏانهن ۽ هندن ۽ سکن جي پاڪستان مان لڏپلاڻ هئي. هندستان سان جهونا ڳڙهه، ڪشمير ۽ حيدرآباد تان تڪرار هئا، ۽ ٻن هڪٻئي کان تمام پرانهن علاقن ۾، جن تي اڳي دهليءَ کان حڪومت ڪئي ويندي هئي، بندوبست قائم ڪرڻ جي عام جوابداري هئي. مسٽر جناح جي صحت انهيءَ بار هيٺ جواب ڏيئي وئي. سندس جاءِ تي سندس مڪيه مسلم ليگي نائب، خواجه ناظم الدين، آيو. جو اوپر بنگال جو هو." پنجاب جي پوائنٽن وڳوڙن جو سڌيءَ طرح سنڌ تي ڪو اثر ڪونه پيو پر جيئن ته ان جي سرحد هندستان جي نئين يونين جي سرحد سان ملندڙ هئي، ان ڪري پاڻ کي سرحد ٽپي ايندڙ بدحال پناهگيرن وگهي پيدا ٽيل مسئلن ۾ ڦاٽل ڏنائين. مهاجرن جي لڏي اچڻ ۽ هندن جي لڏي وڃڻ سان ٿورن ئي مهينن ۾ سنڌ جي حالت بنهه ڦري ويئي. هندو آدمشماريءَ جي وڏي حصي جي لڏي وڃڻ جو ملڪ هلائڻ تي خاص اثر پيو. ڇو ته سنڌ ۾ گهٽا ڪامورا هندو هئا، ايتري تائين جو ذري گهٽ سڀ وڏا عهدا وٽن هئا. هو سنڌ جي وڻج واپار جا پرجهلا هئا ۽ اتي جا ٻئنڪر ۽ موڙي سيڙائيندڙ به رڳو اهي ئي هئا.

جڏهن سنڌ پاڪستان جي وفاقي رياست جو صوبائي جزو بڻي، تڏهن ڪيس پنهنجي گادي ڪراچي مرڪز جي حوالي ڪرڻي پئي، ائين جيئن پنجاب کي 1911ع ۾ دهلي هندستان سرڪار جي حوالي ڪرڻي پئي هئي. سنڌ ۽ هندستان جي وچ ۾ جوڙپور بيڪانير، ڪوکرا پار رستي جا ريل هلندڙ هئي، سا هاڻ بند ڪئي وئي ته جيئن ريگستان واري پاسي کان مهاجرن جي زبردست لڏپلاڻ بند ٿئي. تن ڏينهن ۾ پاڪستان ۽ هندستان جي وچ ۾ اٽڪٻٽ تمام سخت هئي.

سنڌ کي مهاجرن جي جنهن مسئلي سان منهن ڏيڻو پيو سو تمام وڏو هو. کاڌ خوراڪ، پاڻيءَ، روزگار، تعليم، اسپتالن ۽ صحت صفائيءَ جي فراهميءَ لاءِ وڏي تنظيم جي ضرورت هئي. پاڪستان جي قائم ٽيڻ کان پنج ورهيه پوءِ به ويچارا مهاجر ڪوکرا پار وٽ سنڌ جي سرحد ٽپي ريل چيل ايندا رهيا.

سنڌ بيحاليءَ جي انهن ۾ لاڳاپيل مسئلن لاءِ چا چا ڪندي رهي آهي، سو هن گزيٽيئر جي ترقيءَ، آبادڪاريءَ ۾ رڪاوٽبنديءَ سان واسطو رکندڙ باب ۾ وڌيڪ پرپور انداز ۾ بيان ڪيل آهي. سنڌ ۾ اختياريءَ وارن جو سرڪاري سرگرميءَ جي جن جن شعبن سان واسطو آهي، تن مان ذري گهٽ هرهڪ ۾ وڏو واڌارو ڪيو ويو آهي. ان جو مطلب چا آهي، سو هن گزيٽيئر جي ٻين پاڻ ۾ اجاگر ٿيندو. انهن مڙني اڙانگن مسئلن جي باوجود، آبپاشيءَ کي ساراهه جوڳي سرجوشيءَ سان اڳتي وڌايو ويو آهي. سکر بئراج ملڪ جي وسيلن ۾ گهٽي واڌ آندي آهي. پر اختياري وارن، انهيءَ تي راضي نه رهندي، هاڻ 1954ع ۾ ڪوٽڙيءَ وٽ هڪ ٻئي بئراج جو اضافو ڪيو آهي. انهيءَ بئراج جو ذڪر آبپاشيءَ واري باب ۾ ڪيو ويو آهي. هن وقت مدامي آبپاشيءَ تي هر سال جيتري زمين آباد ٿيندر آهي، تنهن ۾ هيءَ بئراج 15 لک ايڪڙن جي واڌ آڻيندو ۽ ان ايراضيءَ کي پاڻي پهچائيندو. جنهن کي سکر بئراج وارو سرشتو پوريءَ ريت رسائي نٿو سگهيو ڪوٽڙي بئراج کان سواءِ، سکر کان پنجاهي ميل مٿي گدوءَ وٽ سنڌوندءَ تي هڪ ٻئي بئراج جي اڏاوت جون رڪاوٽون آخري مرحلن ۾ آهن. هن بئراج جو مقصد مٽيندڙ سنڌ جي ان ايراضيءَ کي آبپاشيءَ هيٺ آڻڻ آهي، جا هيل تائين سکر بئراج ۽ آبڪلاڙي واهن جي دائري کان ٻاهر رهي آهي ٿورن ورهين اندر جڏهن گدوءَ وٽ هيءَ بئراج پوريءَ ريت چالو ٿي ويندو ۽ ان جون خدمتون به سکر بئراج ۽ ڪوٽڙي بئراج سان شامل ٿيندیون، تڏهن سنڌ دنيا جي انجنيئري ۽ آبپاشيءَ جي وڏي ۾ وڏن عجوبن مان هڪڙي جي مالڪ بڻجي ويندي جڏهن سيپ مددي واهه ۽ اهي ٽيئي بئراج چالو ٿي ويندا، تڏهن سنڌ ۾ 90 لک ايڪڙن کان وڌيڪ ايراضي مدامي آبپاشيءَ هيٺ اچي ويندي سڄي صوبي ۾ جيڪا زمين موڪي آبپاشيءَ هيٺ اچي سگهڻ جهڙي آهي، هيءَ ايراضيءَ ان کان ٿوري گهٽ ٿيندي جيڪي ايراضيون سوَن جي تعداد ۾ موجود واهن جي وهندڙ پاڻيءَ جي پهچ ۾ نٿيون اچي سگهن، سي اهڙو مسئلو آهن، جيڪو اڃا تائين هٿ ۾ نه ڪنيو ويو آهي، چا لاءِ جو جنهن زمين کي آبپاشي نٿي ڇهي، سا واريا‌سي، پٿرائين، ڪلراٹي يا ابتري مٽاهينءَ واري آهي جو پاڻي چڪي مٽي پهچائڻو پوندو. اهڙيءَ ريت ئي زمينن ۾ ساهه وجهندڙ جر تي رسندو. پوکي راهي ان جر جي آڏار تي ئي ته وڌي ويجهي ٿي. آبپاشيءَ جي انهن ٽن عظيم الشان رڪاوٽن جي اڏاوت ۾ جا سرجوشي ۽ اڳرائي ڏيکاري وئي آهي، سا اختياريءَ وارن جي انهيءَ احساس جو نتيجو آهي ته جيڪڏهن پاڪستان کي نئين زماني جو ساٿ ڏيڻو آهي ته ان کي صنعت جي ضرورت آهي ۽ صنعت کي ٽيڪ لاءِ آدمشماريءَ ۾ وڏي واڌ ضروري آهي، ۽ آدمشماريءَ ۾ واڌ سان ملڪ جي زرعي پيداوار ۾ تمام گهٽي اضافي جي لوڙ پوندي. انهيءَ مقصد ماڻڻ ۾ سنڌ گهٽي کان گهٽي مدد ڪري سگهي ٿي. چاڪاڻ جو هينئر جيڪا زمين پهريون پيرو آبادیءَ هيٺ آندي پئي

وڃي. سا ماٺهن کي ڪارائڻ لاءِ ڪٽڪ ۾ چانور جهڙا آن اُپائيندي ۽ ڪپهه پڻ اُپائيندي، جنهن مان ڪپڙو اُٽي کين پارايو ويندو.

1953ع ۾ پاڪستان سرڪار تن رياستن سان هڪ ناهه ڪيو جي ان جي حدن اندر هيون. انهيءَ ڏس ۾ جنهن پاليسيءَ تي عمل ڪيو ويو سا لڳ ڀڳ اهڙي ئي هئي، جا هندستان پاڻ وارين رياستن جي معاملي ۾ اختيار ڪئي هئي. ايوريمئنس انسائيڪلوپيڊيا جي ٽئين ڇاپي ۾ 'هندستان' نالي مضمون جي اندڙهيءَ ڳالهه سهڻي نموني ۾ بيان ڪئي آهي: "پاڪستان ٺهڻ جو مطلب هو ته ڪيئن به ڪري پئرامائونٽسيءَ جو اٽانگو مسئلو به نبيرڻو هو. برطانيا پئرا مائونٽسيءَ کي ورثي طور هندستان جي يونين ۾ پاڪستان جي حوالي نٿي ڪري سگهيو." هندستان جي يونين جيان پاڪستان کي هيءُ مسئلو پنهنجي نموني ۾ حل ڪرڻو هو. جاٽايل انسائيڪلوپيڊيا جو لکندڙ چوي ٿو ته حقيقت پسنديءَ جي تقاضا هئي ته اها ڳالهه تسليم ڪئي وڃي ته رياستون وچين زماني جي نظاريدار جاگيرداريءَ ۽ آپيشاهيءَ جا ڳڙهه هيون، جن جو قائم رهڻ مدي خارج هو. اهي رياستون سموري پاڪستان اندر ڦٽندڙ جمهوري قوتن اڳيان گهٽو وقت جالي نٿي سگهيون. ٻيو ڪو رستو ئي ڪونه هون، سواءِ ان جي ته عام سياسي جوڙجڪ جي پوئواري ڪن. جيستائين سنڌ جو لاڳاپو هو ته متاثر ٿيل رياست خيرپور هئي، جا جاگرافيءَ توڙي هوليءَ جي لحاظ کان سنڌ جو حصو هئي، ۽ سچ پچ ته ان کان ڏار به نيپيئر جي ڏينهن ۾ سياسي واقعن جي ڪري ٿي هئي، جنهن انگريز سرڪار جي تابعداري مڃڻ تان مير مراد علي خان کي اتان جو حاڪم تسليم ڪيو هو. مير صاحب وٽ حاڪم جي حيثيت ۾ جا ايراضي ۽ اختياري هئي، سا نيپيئر وٽس رهڻ ڏني.

هڪ خودمختيار رياست جي حيثيت ۾ خيرپور جي پڃاڻيءَ سان سنڌ علائقي جو انتظام تمام سهنجو ٿي ويو آهي ۽ آبپاشيءَ ۽ ناڪ بستيءَ سان واسطو رکندڙ پيچيده سوال هاڻ اصول ۽ ناهه جي عام بنياد تي نبيري سگهجن ٿا. ايتري آساني اڳ خواب خيال ۾ ئي ڪانه هئي.

ون يونٽ:

آگسٽ 1947ع ۾ پاڪستان جي ٺهڻ کان پوءِ محسوس ڪيو ويو ته اها ڳالهه انتظامي طرح فائدي واري ٿيندي، جيڪڏهن اولهندي پاڳي جي مختلف صوبن کي ڳنڍي اولهه پاڪستان جي نالي سان هڪڙو صوبو ٺاهيو وڃي انهيءَ رٽ جا ڪجهه سبب اقتصادي به هئا. ڏٺو ويو ته ڪي صوبا يعني اُتر- اولهه سرحدي صوبو ۽ بلوچستان پنهنجي انتهائي گهٽ اُپراسي جي آڌار انتظام نه هلائي سگهندا ۽ ان لاءِ کين مالي مدد جي ضرورت پوندي. سو سر آرڪيبالڊ رولنڊس، جنهن کي نئين ملڪ جي مالي معاملن تي صلاح ڏيڻ لاءِ گهرايو ويو هو، تنهن اولهندي پاڳي جي مختلف وحدتن کي ملائي هڪ ڪرڻ جي رٽ ڏني. مالي رخ جو لحاظ نه ڪجي، تڏهن به اولهه پاڪستان هڪڙو ئي

جاگرافيائي علائقو آهي، جو پنهنجي اقتصادي خوشحاليءَ لاءِ سنڌوندي ءَ ان جي ڏاڻي ندين تي ڀاڙي ٿو. ورهاڱي وقت هن علاقي ۾ ڪيترائي انتظامي يونٽ هئا، پر انهن يونٽن جو ڪو معقول بنياد ڪونہ هو ۽ اهي تاريخ جي حادثن جي پيداوار هئا. جڏهن انگريزن سنڌ فتح ڪئي، تڏهن ويجهي ۾ ويجهو انگريزي علائقو پرانهون بمبئي صوبو هو جنهن سان ان کي ملايو ويو. نارٿ ويسٽرن ريلوي، جنهن جو چيهہ ڪراچيءَ ۾ هو تنهن جي اڏاوت کان پوءِ سنڌ کي پنجاب سان ملائڻ جي رٽ هئي، پر بمبئي جي طاقتور مفادن ان جي مخالفت ڪئي. اڳوڻي پنجاب ۽ اُتر۔ اولهہ سرحدي صوبي وارا علائقا 1849ع ۾ انگريزن هٿان فتح ٿيڻ کان وٺي هڪڙو ملڪ رهندا آيا، تان جو 1910ع ۾ لارڊ ڪرزن انهن کي ڏار ڪيو. اولهہ پاڪستان جي انتظامي يونٽن کي ملائي هڪ ڪرڻ واري رٽ کي تاريخي، جاگرافيائي ۽ سياسي پس منظر هو ۽ ان جا پڌرا فائدا هئا. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ڏٺو ويو تہ جتي اوپر پاڪستان هڪڙو يڪو يونٽ (ساهت جو اڳي آسام جو پاڻو هوندو هو سو اڻ لکيءَ طرح ان ۾ ملي چڪو هو اُتي اولهہ پاڪستان ۾ صوبا، رياستون ۽ بيا انتظامي سرشتا هئا. ان جي ڪري ڪيترائي مسئلا پيدا ٿي ٿيا ۽ ڪنهن منصفاڻي آئيني جوڙجڪ جي اُسرڻ لاءِ به علائقي کي هڪ ڪرڻ ضروري هو.

اولهندي پاڻي جي اڳوڻن صوبن اهي ڳالهيون ڳٽيون ۽ اُتر۔ اولهہ سرحدي صوبي، سنڌ ۽ پنجاب جي قانون ساز اسيمبليءَ ترتيبوار 25۔ نومبر، 30۔ نومبر ۽ 11۔ ڊسمبر 1954ع تي ون يونٽ واري رٽ جي حق ۾ ٺهراءُ منظور ڪيا. انهيءَ مڪيہ انتظامي ڦيرڦار جي موقعي تي بادشاهي رياستن جي سوال کي بہ نبيري ڇڏڻ واجبي سمجهيو ويو سو هنن سان هلايل ڳالهين جي نتيجي ۾ خيرپور رياست جي قانون ساز ڪائونسل، ڪوئيٽا جي ميونسپل ڪاميٽيءَ، بلوچستان جي شاهي جرڳي ۽ بلوچستان جي رياستي يونين جي حاڪمن مناسب ٺهراءُ بحال ڪيا. پهرين پهرين بهاولپور جي قانون ساز اسيمبليءَ ٺهراءُ بحال ڪري اولهہ پاڪستان کي ملائي هڪ ڪرڻ جي سفارش ڪئي. سو پاڪستان جي گورنر جنرل 17 ڊسمبر 1954ع تي هڪ حڪم جاري ڪري اولهہ پاڪستان جي انتظام لاءِ هڪ ڪائونسل برپا ڪئي، جنهن ۾ مختلف صوبن ۽ رياستن جا عيوضي شامل هئا. انهيءَ انتظامي ڪائونسل جو ڪم هو اولهہ پاڪستان جي انتظامي ايڪي سان واسطو رکندڙ معاملن جو جائزو وٺي سفارشون تيار ڪرڻ. ان کي خاص ڪري اولهہ پاڪستان جي هڪڙي سيڪريٽريٽ ناهڻ، سيڪريٽريٽ ۾ ڪم ڪرڻ وارن مختلف ڪاتن جي تنظيم ڪرڻ، صوبائي ۽ رياستي ملازمتن جي موجود ڪيڈرن کي ملائي هڪ ڪرڻ ۽ انتظامي پاليسيءَ ۽ ڪارواين ۾ هم آهنگي پيدا ڪرڻ جا سوال اُڪلائڻا هئا. انهيءَ ڪائونسل جي مختلف ڪاميٽين فيبروري 1955ع ۾ حڪومت کي پنهنجي رپورٽ پيش ڪئي ۽ انتظامي جوڙجڪ جي نئين سر تنظيم لاءِ اُپاءُ ڏسيا ويا.

15_ سيپٽمبر 1955ع تي پاڪستان جي آئين ساز اسيمبليءَ هڪ ٺهراءُ منظور ڪري اولهندي پاڳي جي مختلف پرڳڻن ۾ رياستن کي ملائي اولهه پاڪستان جي يڪي صوبي ناهڻ جي پٽيرائيءَ ڪئي. پنجاب، سنڌ، اُتر اولهه سرحدي صوبي (رياستن سوڌي) ۽ بهاولپور ۽ خيرپور رياستن جي علائقن تي مشتمل اهو نئون صوبو 14_ آڪٽوبر 1955ع تي وجود ۾ آيو.

نئين جوڙجڪ ۾ 12 ڊويزنون ۽ 52 ضلعا ناهيا ويا، جن جا سرواڻ ترتيبوار ڊويزنل ڪمشنر ۽ ڊپٽي ڪمشنر هئا. ڪراچي پڻ اولهه پاڪستان صوبي جو حصو بڻجي وئي ۽ ان کي هڪ مڪمل ڊويزن جو درجو ڏنو ويو.

جتي اولهه پاڪستان جو سمورو علائقو هڪڙي گورنر هيٺ ۽ هڪڙي قانون ساز اسيمبليءَ سان انتظامي ايڪو بڻجي چڪو آهي، اُتي سڄي انتظامي جوڙجڪ کي نئين سرمنظم ڪري ڪافي اختيارين ڊويزنن جي حوالي ڪيون ويون آهن. نئين جوڙجڪ ۾ سموري انتظام جو مدار ڪمشنر آهي، جو پنهنجي ڊويزن ۾ انتظام جي عام نظرداري ۽ ڪري ٿو. روينيو کي ڪري سگهجي ٿي. ڊويزنل ڪائونسل جو چيئرمن ۽ ڪمشنر آهي. ماضيءَ جيان هاڻ ۽ انتظام جو بنيادي يونٽ ضلعو ۽ ڊپٽي ڪمشنر ضلعي جو انتظامي سرواڻ ٿئي ٿو. هو ضلعي ڪائونسل جو چيئرمن ۽ هوندو آهي. انهيءَ ڪائونسل ۾ ضلعي ۾ ڪم ڪندڙ مختلف ڪاتن جي نمائندگي ڪندڙ ضلعي عملدار ۽ مڪاني خود حڪومتن جا عيوضي شامل ٿين ٿا. انهيءَ لاءِ ته جيئن هارپ جي معاملن ۾ پاليسي هڪڙي هجي ۽ انصاف جو معيار هڪ ڳرو رهي، روينيو ڪيسن ۾ اپيل جي وڏي ۾ وڏي ڪورٽ بورڊ آف روينيو آهي. بورڊ آف روينيو وڏي ۾ وڏي روينيو اختياريءَ جي حيثيت ۾ ڪم ڪندي صوبي جي روينيو عملدارن ۽ ماتحت روينيو ڪورٽن تي نظرداري، ضابطو پڻ رکي ٿو. مختلف صوبن ۽ رياستن ۾ جيڪي الڳ الڳ روينيو قانون لاڳو آهن، تن کي ڳنڍي هڪڙو روينيو قانون ناهيو پيو وڃي. هڪڙي چيف سيڪريٽريءَ هيٺ هڪڙي سيڪريٽريٽ قائم ٿيل آهي، جنهن جي گادي لاهور ۾ آهي. سڄي صوبي لاءِ هڪڙي هاءِ ڪورٽ آف جڊيڪيچر آهي ته جيئن انصاف جو معيار جتي ڪٿي هڪجهڙو رهي. هاءِ ڪورٽ جو صدر مقام لاهور ۾ آهي، پر پشاور ۽ ڪراچيءَ ۾ دائمي بينچون اٿس. سڄي صوبي لاءِ پبلڪ سروس ڪميشن ۽ هڪڙي آهي، جا سموري پرڳڻي جي سرڪاري ملازمتن سان واسطو رکندڙ معاملا طئي ڪري ٿي.

باب ستون

آدم شماري

مکيہ خاصيتون:

1951ع واري ڳڻپ ظاهر ڪيو تہ خيرپور سميت سنڌ علائقي جا رهواسي تعداد ۾ 49,28,057 هئا. ڏهہ ورهيہ اڳ اهو انگ 44,04,908 هو. گذريل پنجاهہ ورهين اندر آدم شماريءَ ۾ آيل قيرقار هيٺين جدول ۾ ڏيکاريل آهي.

	آدمشماريءَ ۾ ليرڪار جو سيڪڙو					1921ع کان 1951ع تائين ليرڪار جو صافي سيڪڙو	في چورس ميل مطابق گهاڻائي[1]					
	1901 کان 1911	1911 کان 1921	1921 کان 1931	1931 کان 1941	1941 کان 1951		1901	1911	1921	1931	1941	1951
اڳئين سنڌ ۽ اڳئين خيرپور رياست	8.4	9.1-	18.1	15.5	11.9	50.5	58	63	57	68	78	87
سنڌ علائقو	8.2	8.6-	13.2	14.3	12.4	49.8	61	66	60	71	18	91
اڳوڻي خيرپور رياست	12.3	13.6	17.6	34.6	4.5	60.3	33	37	32	38	50	53

مسٽر سليبي، جو 1951ع ۾ پاڪستان جو ڳڻپ وارو ڪمشنر هو، تنهن کان 1951ع تائين واري مدي دوران سنڌ جي آدم شماريءَ ۾ آيل قيرقار تي هيءَ راءِ زني ڪئي آهي: 21-1911ع واري ڏهاڪي کي چڏي، جنهن ۾ 1918ع ۽ 1919ع واري انفلوئنزا وبا وگهي اڳوڻيءَ سنڌ جي ماڻهن جو ڇڳو چوکو تعداد موت جو شڪار ٿيو هو، هن علائقي ۾ آدم شماريءَ ۾ واڌ جي شرح ڇڳي هڪ سري رهي آهي. 21-1911ع دوران آدم شماريءَ ۾ 9 سيڪڙي جي گهٽتائيءَ پڇاڻان، پوءِ واري ڏهاڪي دوران سنڌ جي آدمشماريءَ ۾ وڏي واڌ آئي، جا 18 سيڪڙو هئي. سمجهيو وڃي ٿو تہ انهي وڏي واڌ جو سبب انهن مزورن جي پالوٽ هئي، جي سکر بئراج جي اڏاوت لاءِ گهٽي ياڳي ٻاهران آيا هئا. 1931ع واري ڏهاڪي ۾ سنڌ جي آدمشماريءَ 14 سيڪڙو ۽ 1941ع ۽ 1951ع ۾ 12 سيڪڙو وڏي اُميد آهي تہ آبپاشي رڪاوٽ جي ڪري واڌ جي اها شرح ايندڙ ڏهاڪي ۾ قائم رهندي.

جنس جي لحاظ کان آدمشماريءَ ۾ 27,09,260 مرد ۽ 22,18,479 عورتون هيون. مرداڻي ۽ زناني آدم شمارين جي وچ ۾ انهيءَ فرق جي سبب تي ڳڻپ جي سپرنٽينڈنٽن ۽ ڪمشنرن طرفان

---

[1] مٿين انگن اکرن ۾ ڪراچيءَ ۽ ڪڇ جا علائقا شامل نہ آهن.

چگي چوڪي قياس آرائي ڪئي وئي آهي. پاڪستان جي ٻين پاڻ ۾ به اهڙو ئي تفاوت ڏسڻ ۾ اچي ٿو پر ائين نٿو چئي سگهجي ته ايجان ان وچوتيءَ جو ڪو پوريءَ ريت خاطريءَ جوڳو سبب ڳولي لڌو ويو آهي. هيٺ ٻه جدولون ڏنيون ويون آهن، سي مردن ۽ عورتن جي آدم شماري هزارن ۾ ٻهراڙيءَ لاءِ ڏار ڏيکارين ٿيون. انهن جو سيڪڙو پڻ ڄاڻايو ويو آهي.

	ايراضي چورس ميلن ۾	آدم شماري		شهرن ۾		ٻهراڙيءَ ۾		في چورس ميل
		مرد	عورت	مرد	عورت	مرد	عورت	
اڳئين سنڌ ۽ اڳوٽي خيرپور رياست	56,477	2,709 2,219		387	313	2,322 1,906		87
سنڌ علاقو	50,397	2,532 2,077		375	303	2,157 1,773		91
اڳوٽي خيرپور رياست	6,050	117	142	13	9	165	133	56

شهري ۽ ڳوٺاڻي آدم شماريءَ ۾ مردن عورتن جو سيڪڙو

	جنس	ڪل آدم شماري	شهري آدم شماري	ڳوٺاڻي آدم شماري
اڳين سنڌ ۽ اڳوٽي خيرپور رياست	مرد	54.9	55.3	54.9
سنڌ علاقو	عورتون	45.1	44.7	45.1
اڳوٽي خيرپور رياست	مرد	54.9	55.3	54.9
	عورتون	45.1	44.7	45.1
	مرد	55.5	57.0	55.4
	عورتون	44.5	43.0	44.6

جنس وار تناسب ۽ انگن اکرن جي صحت:

1951ع ۾ سنڌ جو ڳڻپ وارو سپرنٽينڈنٽ، مسٽر گل حسن ايم. آءِ عباسي، آدم شماريءَ جي انهيءَ ماجرا تي راءِ ڏيندي، چوي ٿو ته منهنجي خيال ۾ جوان ڇوڪرين کي ڳڻڻ ۾ ڪا خاص ڪوتاهي نه ٿي آهي، پر ساڳي وقت اهو پڻ سچ آهي ته سنڌ توڙي خيرپور اندر ڪن گهراڻن ۾ رواج آهي ته هو عورتن کي محرمن کان سواءِ ٻين کان پردو ڪرائيندا آهن ٿي سگهي ٿو ته انهن گهراڻن پنهنجين عورتن جي ڳڻپ نه ڪرڻ ڏني هجي، پر هر ضلعي ۾ اهڙن گهراڻن جو تعداد تمام محدود آهي. "سو آءٌ سمجهان ٿو" عباسي صاحب چوي ٿو "ته سڄي ليکي ڪا اوڻائي آهي به سهي ته اها جيستائين ڪل ڳڻپ جو لاڳاپو آهي ته ڪا گهٽي ڳڻپير نوعيت جي نڪتي ٿي سگهي." پاڪستان جي 1951ع واري ڳڻپ جو ڪمشنر، مسٽر

سليبل. انهيءَ معاملي بابت چوي ٿو "سيني ڳڻپ ۾ ۽ سيني علائقن ۾ انهيءَ ويچوتيءَ جي موجود هجڻ مان لڳي ٿو تہ: مردن جو وڌيڪ هجڻ واقعي هڪ حقيقت آهي. عورتن کي گهٽ ڏيکارڻ جو لاڙو برابر آهي. پر سموري ويچوتيءَ جو ڪارڻ اهو لاڙو نہ آهي ۽ هيءَ ويچوتي 1951ع واري ڳڻپ ۾ اڳين ڳڻپن کان شايد گهٽ آهي. جنسي نسبت جي انگن اکرن کي ماضيءَ سان. جڏهن اهي لاڙا بيشڪ ۽ شايد وڌيڪ وڏي پئماني تي موجود هئا. پيٽرٽ لاءِ هڪ مضبوط بنياد طور واپرائڻ وقت ويچوتيءَ جو مڪمل ڪارڻ بين ڳالهين ۾ ڳولڻ ضروري آهي. عورتن کي گهٽ ڏيکارڻ واري سوال سان گڏوگڏ گهٽو ڪري کي ٻيا ڪارڻ بہ آهن. جي ويچوتيءَ لاءِ جوابدار آهن. ڪن ٻين ملڪن ۾ سندن واڌاري جي اوائلي مرحلن دوران جنهن لڏپلاڻ مردن جي گهٽائي پيدا ڪئي آهي. سا بنيادي ڪارڻ نٿي ٿي سگهي. البت اهڙي لڏپلاڻ جو علائقائي قيرقارن ۾ هٽ برابر ٿئي ٿو جنسن ۾ توازن نہ هجڻ جو هڪڙو ڪارڻ هيءَ بہ ٿي سگهي ٿو تہ انهن سال ۾ عورتن کان وڌيڪ مرد ڇاوا آهن. جنس موجب درجي بند ٽيبل جمن بابت مڪمل ۽ معتبر معلومات جي اٿهوند سبب ان ڳالهہ جي تصديق ڪرڻ ڏکي آهي. جيتوڻيڪ گذريل ورهين ۾ ننڍي کنڊ جا جم جي داخلا وارا انگ اکر مرداڻن جمن جي گهٽائي ڏيکارين ٿا. تنهن هوندي بہ سمجهيو وڃي ٿو تہ زنانن جمن جو داخل نہ ڪرايل تناسب متان مرداڻن جمن کان قدري وڌيڪ هجي ڇو جو انهيءَ ڏس ۾ ڏيئرن جي جمڻ جي نظرانداز ٿي وڃڻ جو امڪان سرس هوندو هيءَ ڳالهہ دلچسپيءَ واري آهي تہ پاڪستان جي 1951ع واري ڳڻپ ۾ سال کان گهٽ عمر رکندڙ هر 100 چوڪرين پٽيان ساڳي عمر وارن چوڪرن جو انگ 104 ٻڌايو ويو. سنڌ ۽ بلوچستان علائقي ۾ جنسي نسبتون ساڳيون يعني هر هڪ هزار عورتن تي ترتيبوار 1012 ۽ 1215 مرد آهن. پنجاب ۽ اتر۔ اولهہ سرحدي علائقن ۾ اها نسبت هر هزار عورتن لاءِ ترتيبوار 1152 ۽ 1120 مرد آهن. اهي نسبتون دنيا جي اڪثر ملڪن جي نسبتن کان مختلف آهن. البت ڪيترن ئي مسلمان ملڪن ۾ عورتن جي ٽوري کوٽ آهي. مثال طور هر هڪ هزار عورتن پٽيان اُردن ۾ 1154 مرد. الجزائر ۾ 1018 مرد ۽ ترڪيءَ ۾ 1011 مرد آهن. ٻين ملڪن ۾ عام طرح مردن جي کوٽ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. گذيل آمريڪي رياستن ۾ هر هزار عورتن لاءِ 988 مرد ۽ انگلينڊ ۾ رڳو 934 مرد آهن.

مذهب:

مذهبي لحاظ کان 1951ع واري آدم شماريءَ ۾ 44,57,951 مسلمان. 1,41,387 هندو. 3,23,120 اڇوت ۽ 2884 ماڻهو ٻين مذهبن جا هئا. ٽوري ۾ ائين چئجي تہ سنڌ ۽ خيرپور علائقي جا 9/10 ماڻهو مسلمان. 3 سيڪڙو هندو ۽ 7 سيڪڙو اڇوت آهن. عيسائين. زردشتين. يهودين ۽ ٻين جو تعداد تمام ٿورو آهي. 1941ع ۽ 1951ع وارين ڳڻپن موجب مسلمانن ۽ هندن جي وچ ۾ جو نمايان تفاوت هو سو هيٺينءَ جدول ۾ ڏيکاريل آهي:

مسلمان		هندو		اڇوت		ٻيا		
گهٽ واڌ سيڪڙو		گهٽ واڌ سيڪڙو		گهٽ واڌ سيڪڙو		گهٽ واڌ سيڪڙو		
سنڌ علائقو	11,49,687	38.3	-722,348	-84.3	1,05,140	48.9	25,666	-90.6
اڳوڻي خيرپور رياست	55,115	21.7	-38,754	-84.2	1,247	-28.7	1,493	87

هيءَ جدول مسلمانن ۾ تمام گهڻي واڌ ۽ هندن ۾ گهڻي ڪتر آيل ڏيکاري ٿي. ان جو سبب اهو هو ته 1947ع ۾ هندستان جي ورهاڱي جي نتيجي ۾ وڏي تعداد ۾ هندو لڏي هليا ويا هئا ۽ مسلمان مهاجر لڏي آيا هئا. سنڌ علائقي ۾ مسلمانن جو سيڪڙو 73.2 مان وڌي 90.1 ۽ هندن جو 20.9 مان گهٽجي 2.9 آهي. اڇوتن جو سيڪڙو 1942ع ۾ 5.2 هو سو وري 6.9 ٿيو آهي. ٻين مذهبن وارن جو سيڪڙو 0.7 کان 0.1 تي لهي آيو آهي. ان جو مکيه ڪارڻ هو سکن جو لڏي وڃڻ. ڪيترا عيسائي پڻ هيءُ علائقو ڇڏي ويا آهن. سواءِ ٿرپارڪر ضلعي جي، جتي 61.8 کان مٿي آهي. جتي مسلمان 38.3 سيڪڙو وڌيا آهن، اُتي هندو 84.3 سيڪڙو گهٽجي ويا آهن. حيدرآباد ضلعي اندر مسلمانن جي تعداد ۾ 60 سيڪڙو جو وڌو واڌارو آيو آهي. ان ضلعي جي هندو آدم شماري 95 سيڪڙو گهٽي آهي. ٿرپارڪر ضلعو مسلمانن ۾ 54.5 سيڪڙو جي واڌ ۽ هندن ۾ ڏري گهٽ ايتري ئي گهٽتائي ٿي آهي. نوابشاهه ضلعي پنهنجي هندو آدم شماري ٻيانوي سيڪڙو گهٽي ۽ مسلمانن جي آدم شماري ترتيبوار 18 ۽ 25 سيڪڙو وڌي آهي. اڇوتي جو تعداد اٽڪل 49.0 سيڪڙو وڌيو آهي. حيدرآباد اندر 66 سيڪڙو ۽ ٿرپارڪر اندر 63 سيڪڙو وڌيا آهن. 1951ع واري ڳڻپ ۾ جن ٻين مذهبن جي ماڻهن جي داخلا ٿي، تن ۾ 670 ٻڌ، 1953 عيسائي، 28 پارسي ۽ 12 متفرق مذهبن وارا گهڻي ياڳي سڪ هئا. انهيءَ جي پيٽ ۾ 1941ع واري ڳڻپ موجب ٻڌ هڪ به نه، عيسائي 2632، پارسي 117 ۽ متفرق مذهبن وارا گهڻي ياڳي سڪ 25,580 هئا.

هن گزيٽيئر جي "نسل، ذاتيون ۽ قبيلا" واري باب ۾ سنڌ علائقي اندر نسلي ۽ قبائلي ورڇ جي مکيه پهلوئن تي ڪجهه تفصيل سان روشني وڌي وئي آهي. 1907ع واري گزيٽيئر ۾ انهيءَ بابت جيڪي ڪجهه ڇپيل آهي، سو 1947ع تائين يعني ان زماني تائين مجموعي طرح درست آهي، جڏهن هندستان جو ورهاڱو ٿيو ۽ پاڪستان نهيو. تنهن زماني تائين ائين چوڻ درست هو ته مکيه ۽ مکيه مسلمان نسل، ذاتيون يا قبيلا سما، بلوچ، نام نهاد عرب، مهاڻا، سومرا، جت، بروهي، پنڌ ۽ اڻ-وڇوريل سنڌي آهن. بلوچ ٿرپارڪر ۾ ٿورا پر ٻين هنڌن تي ڇڳا هئا. بروهي ڪراچيءَ، جيڪب آباد ۽ شڪارپور واري پاسي وڌيڪ جهجها هئا. مهاڻا ۽ جت گهڻي ياڳي وچولي ۽ لاڙ تائين محدود هئا ۽ گهڻي ۾ گهٽا ڏيلتا واري تر ۾ هئا. سما ۽ سومرا گهڻو ڪري وچولي وارن سرڇن ضلعن ۾ رهندڙ هئا. عرب ۽ پنڌ حيدرآباد، سکر ۽ شڪارپور ۾ آباد هئا. مکيه هندو ذاتيون واڻيا (جن ۾ عاملن سميت سپ

لوهاڻا ۽ ياٽيا اچي ٿي ويا) ڊيڊ، پيل، ڪولهي ۽ راجپوت هيون. برهمڻ جو انگ تمام ٿورو هو. واڻيا ۽ برهمڻ جتي ڪٿي هئا، پر راجپوت، ڊيڊ ۽ ڪولهي ۽ بين گهٽ ذاتين وارا هندو گهڻو ڪري ۽ حيدرآباد جي اوسي پاسي ۾ هئا.

نسلي عنصر:

هن گزيٽيئر جي پوين بابن ۾ آڳاٽن اهجاڻن ۽ تاريخ بابت جيڪي ڪجهه چيو ويو آهي، تنهن مان سنڌ علائقي جي آدم شماريءَ جي رليل مليل نوعيت چڱيءَ پر پڌري ٿي وئي هوندي. هندستان کان مسلمان مهاجرن جي پالوٽ ۽ هتان ذات وارن هندن جي وڏي پيماني تي پاڻ کان قطع نظر، سنڌ علائقي جي اڇوڪي آدمشماريءَ بابت ائين چئي سگهجي ٿو ته ان جا ٽي مکيه عنصر ڪجهه چٽائيءَ سان ڌار ڪري سگهجن ٿا. جي آهن راجپوت، بلوچ ۽ مهاڻن ۽ جتن سميت اصل سنڌي. محمد قاسم 711ع ۾ جنهن هندو بادشاهت کي مطيع ڪيو هو تنهن جو مکيه نسلر راجپوت ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هنن جو اوپر جي طرف کان هن علائقي ۾ اچڻ ڪڏهن به بند نه ٿيو آهي. آيا سنڌ جا راجپوت نج آريائي ٻڌ مان ۽ آڳاٽي هندستان جي هڪ جنگجو ذات، ڪتريءَ جا پويان آهن يا نه، سو شايد شڪ جوڳو آهي، البت هيءَ ڳالهه ڪنهن حد تائين يقيني آهي ته شروعاتي طرح منجهن نج آريائي لڇ موجود آهي. عربن جي ڪاهه وقت جيڪي راجپوت قبيلا هت هئا، سي صديون اڳ مسلمان ٿي ويا هئا، ويڇڙ ۾ لڏي اچي ويڙل، جهڙوڪ سوڍا، ايڄا تائين هندو آهن. بلوچ، جي ٻيو نسلي عنصر آهن، سي انگريزن جي فتح وقت حاڪم نسل هئا، ۽ تنهن کان اڳ صدين تائين ان پرڳڻي تي اولهه واري پاسي کان ڪاهون ڪندا رهيا هئا. انهن جي وچ ۾ ٽيون عنصر، ڏرتيءَ جاوا، آهن، جي اولهه ۽ اوپر جي وچ ۾ مٽن راج ڪرڻ تان چٽاپيٽيءَ هلندي ٽڪيا، ڳهندا ۽ پوڳيندا رهيا. انهن ۾ اسان آڳاٽن هندو ڪڙمين جا، يا انهن سائٽياڻي ٽولن جا جي عيسوي سن جي پهرين صديءَ ۾ ملڪ تي ڪاهي آيا هئا، يا انهن ٻنهي ڪن ٻين عنصرن جا ڌار نه ٿي سگهڻ جي حد تائين پاڻ ۾ رلي ملي چڪا آهن. پويان سڃاڻي سگهون ٿا. اهي سڀ هاڻ مسلمان آهن. شايد اسان کي هنن سان گڏ لوهاڻا به رکڻ گهرجن، ڇاڪاڻ ته هيءَ طبقو تڏهن پڪ ئي پڪ ملڪ ۾ هو. جڏهن عرب آيا هئا، پر ڪنهن کي پتو ناهي ته آيا سنڌ علائقي جا هاڻوڪا لوهاڻا جزوي طرح تن لوهاڻن جا پويان آهن، جن پاڻ کي مسلمان ٿي وڃڻ کان بچائي ورتو هو يا سڀ پوءِ پنجاب کان آيل آهن. انهن ٽن مکيه عنصرن کان سواءِ، ٻيا پڌرا عنصر هي آهن: اوپر جا گهڻ ذات وارا هندو ۽ آڳاٽا رهواسي، جن ۾ ڪولهي، ڊيڊ ۽ پيل مکيه آهن. سي قبيلا ۽ ڪٽنب، جن عرب فاتحن جي ٻڌ مان هجڻ تي ناز ڪندي پنهنجا شجرا هنئن سان لائي رکيا آهن ۽ پاڻ کي الڳ رکيو اچن ٿا. افغان ۽ مغل، جي ڪنهن نه ڪنهن فاتح جي اتالي سان آيا هئا ۽ رهجي ڀيا هئا، ۽ گهٽا ئي ٻيا. انهن عنصرن ۾ هاڻ اهي ياڻت ياڻت جا ماڻهو به گڏجي ويا آهن، جن هندستان مان ڏکجي اچي اولهه پاڪستان جي سنڌ علائقي ۾ پناهه ورتي آهي.

آدم شماريءَ جو رولو:

ڏارين جي انهيءَ پالوٽ جي ڪري آدم شماريءَ ۾ جا ڦيرڦار ٿي آهي، تنهن جي وسعت جو اندازو انهن انگن اکرن مان ڪري سگهجي ٿو جيڪي سنڌ علائقي اندر هر قسم جي حياتيءَ ۾ مهاجرن جي يلغار جي اثر بابت هن گزيٽيئر جي صفحن ۾ ڏنا ويا آهن. اهو چوڻ شايد صحيح ٿيندو ته 1947ع ۾ ٻوءِ وارن سالن ۾ ورهاڱي جي سياسي ۽ اقتصادي اثرات سببان سموري هند ـ پاڪستان ننڍي کنڊ اندر اڪيچار ماڻهن جي اٿل پٿل سان اڳوڻيءَ سنڌ جي ڏيهي آدم شماريءَ ۾ جيڪو زبردست رولو پيو آهي، تنهن جيترو رولو عربن جي ڪاهه جي وگوڙي ڏينهن ۾ يا دهليءَ جي سلطانن ۽ سنڌ تي سندن ڏلي راج وارن انڌن مونجهارن وقت به نه پيو هو. خيرپور سميت سنڌ علائقي جي ڪل 49,25,342 ماڻهن مان 42,44,913 ماڻهو يا 86.2 سيڪڙو 1951ع واري ڳڻپ ۾ سنڌ اندر ڄاول ڏيکاريل هئا. انهن مان 41,64,244 ماڻهو يا 84.6 سيڪڙو ڳالهيتي واري ضلعي اندر ۽ باقي 80,699 ماڻهو يا 1.6 سيڪڙو سنڌ علائقي جي ٻين ضلعن اندر ڄاوا هئا. ٻين ضلعن کان لڏي اچڻ وارن مان وڌ ۾ وڌ حيدرآباد ضلعي ۾ هئا، جتي جا 18,605 ماڻهو ٻين ضلعن اندر ڄاول هئا. حيدرآباد کان پوءِ نمبر تي نوابشاهه ۽ 17,234 ماڻهو ٻين ضلعن ۾ ڄاول هئا. ٿر پارڪر ضلعي جا 11,771 ماڻهو ٻين ضلعن ۾ ڄاول هئا. باقي ضلعن اندر هڪ کان پوءِ ضلعي ۾ لڏپلاڻ تمام ٿوري ٿي هئي، سو ذڪر لائق نه آهي عام طرح لڏپلاڻ لاڳاپيل ضلعن جي وچ ۾ ٿيندي هئي. بلوچستان علائقي ۽ پاڪستان جي ٻين ايراضين ۾ ڄاول 1,19,240 ماڻهو سنڌ ۽ خيرپور علائقي اندر ڳڻپ هيٺ آيا. هي ماڻهو سنڌ ۽ خيرپور علائقي جي ڪل آدم شماريءَ جو 2.4 سيڪڙو هئا. منجهانئن گهٽي کان گهٽا يعني 45,668 ماڻهو پنجاب علائقي کان ۽ 41,232 ماڻهو اڳوڻي بلوچستان کان آيا، جي پوءِ علائقا سنڌ علائقي سان لڳو لڳ آهن. جڏهن سکر بئراج چالو ٿي آهي، تڏهن کان انهن ٻنهي پر وارن علائقن يعني اڳئين پنجاب ۽ اڳئين بلوچستان مان ماڻهو سنڌ علائقي اندر لڏي ايندا رهن ٿا. پاڪستان جي ٻين پاڳن کان آيل ماڻهو گهٽ وڌ دائمي طرح سنڌ علائقي ۾ رهي پيا آهن. تاهم بلوچستان علائقي جا توٽي اڳين اُتر ـ اولهه سرحدي صوبي جا لاڏائو قبيلا به آهن، جي گهٽو ڪري سياري ۾ سنڌ علائقي اندر ايندا آهن. اهي گهٽو ڪري مزوري ڪندا آهن ۽ ڪن ٿورن جو گذر واپار تي به آهي. 1951ع ۾ سنڌ ۾ خيرپور علائقي اندر 5,71,117 ماڻهو يعني ڪل آدم شماريءَ جو 11.6 سيڪڙو اهڙا پاڪستاني ڏيکاريل هئا، جي هندستان يا انهن رياستن ۾ ڄاوا هئا، جن تان تڪرار هلندڙ هو. لک لک کان وڌيڪ ماڻهو پنجاب (هندستان وارو پاڳو)، اتر پرديش ۽ راجپوت کان آيا هئا. هيٺين جدول[1] ڏيکاري ٿي ته ڪهڙن علائقن کان ڪيترا ماڻهو سنڌ علائقي ۾ آيا ۽ ڪيترا ماڻهو هتان ٻين علائقن ۾ ويا.

---

[1] انهن انگن ۾ ڪڇ سان واسطو رکندڙ انگ اکر شامل نه آهن.

ٻيا علائقا	سنڌ علائقي ۾ جاول ۽ ٻئي علائقي ۾ گڏيل		ٻين علائقن ۾ جاول ۽ سنڌ علائقي ۾ گڏيل
	تعداد		سنڌ جي آدم شماريءَ جو سيڪڙو
پنجاب ۽ بهاولپور علائقو	7,270	45,668	0.93
بلوچستان علائقو	2,251	41,232	0.84
اُتر اولهه سرحدي علائقو	978	9,337	0.19
ڪراچي	14,565	9,066	0.18
اوپر پاڪستان	171	250	0.01
جهونا ڳڙهه ۽ مناوادر حيدرآباد ۽ ڪشمير جون تڪرار هيٺ رياستون	--	13,687	0.28
جوڙ	25,235	1,19,240	2.43

1951ع واري ڳڻپ موجب هندستان ۾ جاول ماٺهن جي سنڌ ۽ خيرپور علائقي اندر ورڇ هيٺين جدول ۾ ڏيکاريل آهي.

جم جو پرڳڻو	ماٺهن جو تعداد	سنڌ علائقي جي ڪل آدم شماريءَ جو سيڪڙو
اجمير	26,005	0.53
بمبئي	8,790	0.18
دهلي	15,259	0.31
پنجاب (هندستان)	1,65,655	3.36
پنجاب جون رياستون ۽ ايجنسيون	33,921	0.68
مڌيا پرديش (سي. پي. ۽ ٻهار)	11,496	0.23
اُتر پرديش (يو. پي)	1,17,273	2.38
بمبئي رياست	20,556	0.41
راجپوتانا جون رياستون ۽ ايجنسيون	1,38,406	2.83
ٻيا	069,20	0.4

سنڌ ۾ خيرپور علائقي اندر 1951ع واري ڳڻپ موجب مهاجرن جو ڪل تعداد 5,50,291 هو جو انگ ڪل آدم شماريءَ جو 11.7 سيڪڙو بيهي ٿو. هت جيڪي هندستان ۾ ڇاول 5.75 لک ماڻهو آهن، سي ڏري گهٽ سڀ مهاجر آهن. هن علائقي اندر ڳڻيل ڪل غير پاڪستاني 2,715 هئا، جن مان 2,288 افغان پاوندا ۽ 344 هندستاني هئا. باقي رڳو 83 ماڻهو بچن ٿا، جي بين ملڪن جا شهري هئا. جڏهن سنڌ علائقو 1936ع تائين بمبئي پريزيڊنسيءَ ۾ شامل هو. تڏهن 1931ع واري ڳڻپ ۾ اُتان جي آدم شماريءَ جي جمر جا هَنڌ بمبئي پريزيڊنسيءَ کان ڌار نہ ڏيکاريا ويا هئا. 1941ع واري ڳڻپ کان اڳ سنڌ الڳ صوبو ۽ ان ڪري هڪ علحدو ڳڻپ جو يونٽ بڻجي چڪي هئي، پر انگن اکرن جون جدولون پوريءَ طرح مڪمل نہ ڪيون ويون ۽ جمر جي هنڌ واري جدول ۾ رڳو سنڌ علائقي جي ضلعن اندر ننڍي کنڊ اندر ۽ دنيا جي بين ملڪن اندر ڇاول ماڻهو ڏيکاريا ويا. ڪراچي 1947ع ۾ سنڌ علائقي کان ڌار ڪئي وئي هئي. 1941ع ۾ 2,08,000 ماڻهو يا ڪل آدم شماري جو اٽڪل 5 سيڪڙو هندو پاڪستان ۽ ننڍي کنڊ جي بين علائقن ۾ ڇاول ڏيکاريل هئا. ڏيهہ اندر ڇاول آدم شماريءَ ۾ رڳو 1.3 سيڪڙو واڌ آئي آهي. ان جو ڪارڻ آهي هندن جو لڏي وڃڻ، جي گهڻو ڪري سنڌ ڇاوا هئا، ۽ مهاجرن جي پالوٽ، آدمشماريءَ جي هيءَ مهان منتقلي 1931ع پڇاڻان آدمشماريءَ جي چرپر جي نمايان خاصيت آهي جيئن تہ آدم شماريءَ جي هيءَ تمام اهم منتقلي ۽ چرپر 1947ع کان پوءِ يعني 1941ع ۽ 1951ع وارين ڳڻپن جي وچ واري دور ۾ ٿي آهي، ان ڪري 1941ع کان 1951ع تائين جمر جي هنڌ ۾ آيل قيرقار ڏيکارڻ ضروري آهي اها هيٺين جدول ۾ ڏجي ٿي:

ضلعا	کل آدمشماري			سنڌ علائقي ۾ چاول			هندستان ۾ چاول			دنيا جي ٻين ملڪن ۾ چاول		
	سال			سال			سال			سال		
	1941ع	1951ع		1941ع	1951ع		1941ع	1951ع		1941ع	1951ع	
خيرپور سميت سنڌ علائقو	44,04,908	49,25,342	11.8	41,88,853	42,44,913	1.3	2,13,545	6,76,670	216.9	2,510	3,759	49.8
سنڌ علائقو	40,99,121	46,05,934	12.4	38,88,610	39,44,302	1.4	2,08,001	6,58,146	216.4	2,510	3,486	38.9
دادو	3,89,380	4,16,673	7.0	3,82,459	3,87,388	1.3	6,614	29,074	339.6	703	211	-31.2
حيدرآباد	7,58,748	8,92,296	17.6	7,05,761	6,69,496	5.1	52,888	2,22,524	320.6	99	275	177.8
نوابشاهه	5,84,178	6,86,743	17.6	5,44,434	5,63,069	3.4	39,243	1,22,563	212.6	501	1,021	103.8
لاڙڪاڻو	5,11,208	5,01,538	1.9	4,93,228	4,62,116	6.3	17,179	39,120	127.7	801	302	-62.3
سکر	6,92,556	7,31,842	5.7	6,72,293	6,24,704	-7.1	19,712	1,07,013	442.9	551	125	-77.3
ٽرپارڪر	5,81,004	7,30,121	25.7	5,16,995	6,12,222	18.4	63,909	1,17,118	83.2	100	781	681.0
ٺٽو	2,78,013	3,01,863	8.6	2,78,013	2,92,658	5.3	--	8,578	--	--	630	--
جيڪب آباد	3,04,034	3,44,858	13.4	2,95,427	3,32,648	12.6	8,456	12,069	42.7	151	141	-6.0
خيرپور	3,05,787	3,19,408	4.4	3,00,243	3,00,611	0.12	5,544	18,524	234.1	--	273	--

مطلب تہ هن باب ۾ سنڌ ۽ خيرپور علاقي اندر مرد ۽ عورتن جي تناسب جو ڪجهہ بيان اڳي ئي اچي چڪو آهي. هيٺ ڏنل جدول[1] 1901ع کان وٺي هر ڏهن ڏهن ورهين جي مدي لاءِ اڳوٽيءَ سنڌ ۽ اڳوٽي خيرپور رياست جي آدمشمارين ۾ مردن ۽ عورتن جو ڏار ڏار سيڪڙو ڄاڻائجي ٿو.

سال	اڳوٽي سنڌ		اڳوٽي خيرپور رياست	
	مرد	عورتون	مرد	عورتون
1901ع	54.8	45.2	54.6	45.4
1911ع	55.0	45.0	54.3	45.7
1921ع	55.7	44.3	55.5	44.5
1931ع	55.9	44.1	55.0	45.0
1941ع	54.8	45.2	55.0	45.0
1951ع	54.9	45.1	55.5	44.5

جيڪي ماڻهو سنڌ ۽ خيرپور علاقي جي آدمشماريءَ ۾ مردن ۽ عورتن جي هن تفاوت جو سوال وڌيڪ جاچڻ گهرن ٿا، تن کي ڪپي تہ 1951ع واريءَ ڳڻپ جي سنڌ ۽ خيرپور علاقي بابت رپورٽ جا صفحا پڙهي ڏسن.

پرٽي جا انگ اکر:

1901ع واريءَ ڳڻپ ڏيکاريو تہ سنڌ علاقي جا 51 سيڪڙو ماڻهو اٽڪل هئا، جنهن مان 57 سيڪڙو مرد ۽ 43 سيڪڙو عورتون هيون. سنڌ وارن کي ڪنوارو رهڻ باقي پاڪستان کان ڪو وڌيڪ نہ آڻڻندو آهي. 1951ع واري ڳڻپ ۾ تهي- ميڙ اهڙيءَ ريت سٽيا ويا آهن جو اهي پرٽيل، ڏنيلن، رنڊن ۽ طلاقيلن جو تناسب مڪيہ تهي ميڙن ۾ ڏيکارين ٿا، جن لاءِ هي انگ اکر اهم آهن. 1951ع واري ڳڻپ جا اهي تهي ميڙ هي آهن: 10 کان 29 ورهين تائين، 30 کان 39 ورهين تائين، 40 کان 49 ورهين تائين ۽ 50 کان 59 ورهين تائين. اهي ميڙ ائين جو سٽيا ويا آهن، تن جا ڪارڻ 'پاڪستان جي ڳڻپ' ۾ 1951ع ۾ موجود حالتن جي روشنيءَ ۾ سمجهيا ويا آهن.

هيٺ ڏنل جدول ۾ ڏيکاريو ويو آهي تہ سنڌ ۽ خيرپور جي آدم شماريءَ ڪهڙن ڪهڙن تهي- ميڙن جا ڪهڙين ڪهڙين قومن سان واسطو رکندڙ ٻنهي جنسن جا گهٽا ڏهن ڏهن تي ڪيترا ماڻهو پرٽيل يا ڏنيل رنڊ ۽ طلاقيل هئا.

تهي- ميڙ	جنس	پرٽيل			ڏنيل/ رنڊ ۽ طلاقيل		
		مسلمان	هندو	اڇوت	مسلمان	هندو	اڇوت
10_29	مرد	30.9	33.6	30.8	1.8	1.3	1.3
	عورتون	65.4	66.2	63.4	1.8	2.0	2.0
30_39	مرد	79.4	75.2	86.0	6.4	6.5	6.5

[1] انهن انگن ۾ ڪڇ سان واسطو رکندڙ انگ اکر شامل نہ آهن.

	عورتون	90.8	85.8	88.5	7.6	13.6	11.1
49.40	مرد	82.8	73.3	80.5	10.0	14.7	9.1
	عورتون	79.0	67.9	72.1	20.1	31.7	27.6
50_59	مرد	81.1	66.5	83.4	15.0	25.5	14.9
	عورتون	57.9	45.4	51.3	41.2	54.3	48.3

1951ع ۾ سنڌ جو ڳڻپ وارو صوبائي سپرٽينڊنٽ چوي ٿو: "پرٽيل مردن جو ڪل تعداد 10,83,632 ۽ پرٽيل عورتن جو 10,52,597 آهي. اهڙيءَ ريت وڌيڪ پرٽيل مردن جي نسبت 50.7 کان 59.3 بيهي ٿي. اڳوٽيءَ سنڌ جهڙي مسلمانن جي غالب اڪثريت واري ڏيهه ۾ پرٽيل عورتن جو تعداد پرٽيل مردن کان سرس هجڻ کپي. ڇاڪاڻ ته شريعت موجب مسلمان مرد هڪ کان وڌيڪ زالون رکي سگهي ٿو ۽ گهٽ مردن کي سڄ پڄ ۾ يا وڌيڪ گهرواريون آهن. پر ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته بين علائقن کان جيڪي ماڻهو سنڌ علائقي ۾ اچن ٿا، سي پنهنجا هار پاڻ سان نٿا آڻين ۽ اهوئي سبب آهي جو (1931ع ۾ پڻ ائين ئي هو) پرٽيل مسلمان مردن جو انگ پرٽيل مسلمان عورتن کان وڌيڪ آهي. ڪل آدمشماريءَ ۾ طلاقيل ماڻهن جو تناسب 0.06 سيڪڙو آهي، جڏهن ته ڏنيل يا رنڊ ماڻهن جو تناسب اٽڪل 7 سيڪڙو آهي. ان ۾ 30 تائين سيني ٽهي ميڙن ۾ عورتن جو حصو مردن کان سرس آهي. هيءَ تفاوت تمام اڳرو آهي ۽ ان جو ڪجهه سبب هيءَ آهي ته مرد وڌيڪ وڏيءَ عمر ۾ پرٽبا آهن، ۽ ڪجهه سبب هيءَ ته رنڊ مرد گهٽو ڪري وري وهانءَ ڪندا آهن. ڏنيل زائفائن جي وري پرٽجڻ تي ڪا روڪ نه آهي، پر اهو ايترو عام نه آهي جيترو رنڊ مردن جو وري پرٽجڻ. مختلف مذهبن وارن جا انگ اڪر پاڻ ۾ پيٽڻ سان پتو پوي ٿو ته ڏنيل رنڊ ماڻهن ۾ نيات وارن هندن جو تناسب سيني ۾ گهٽو آهي ڇو ته منجهن وڌوا وهانءَ جي منع آهي. جيئن مٿي ڏيکاريو اٿئون، طلاق جي شرح تمام گهٽ آهي. سڄ پڄ ته طلاق جو سهارو تڏهن ئي ورتو ويندو آهي، جڏهن ڏرين جي وچ ۾ اختلافن جي ڪري ايتري ته وڏي وڇوٽي ٿي پوندي آهي، جو پاڙي جي ڇڳن جون ڪوششون به ان کي پري نه سگهنديون آهن.

جمار جي لحاظ کان جوڙجڪ:

سنڌ ۾ خيرپور علائقي جي آدم شماريءَ جي جمار جي لحاظ کان جوڙجڪ هيٺين پيرائن ۾ بحث هيٺ آندي وئي. پاڪستان جو 1951ع وارو ڳڻپ ڪمشنر، مسٽر سليڊ، چوي ٿو ته: ڪيترين گذريل ڳڻپ رپورٽن ۾ جمار وارن انگن اکرن جي نادرستيءَ تي بحث ڪيو ويو آهي. بنيادي دشواري هيءَ آهي ته گهٽن ماڻهن کي پنهنجيءَ عمر جو پورو پتو ئي ناهي هوندو ۽ ڳڻپ ڪندڙن کي ڏري گهٽ هر پيري ماڻهو جي ڏيک مان سندس عمر جو اندازو لاڳائڻو پوندو آهي. اهڙي قسم جي معلومات تڏهن ته پاڻ وڌيڪ نامعتبر ٿي وڃي ٿي، جڏهن واسطيدار ماڻهوءَ کي ڏسڻ کان سواءِ گهر جي وڏي کان پڇا ڳاڇا ڪري عمر جي ڪٽ ڪرڻ هجي. عورتن ۽ گهر جي گهٽن ياتين جي سلسلي ۾ عام طرح اهڙي

ئي صورتحال درپيش اچي ٿي. ڳڻپ جي ڄمار وارن انگن اکرن جي تڪ تور جون دشواريون 1951ع ۾ به اهي ئي هيون، جيڪي 1931ع واري ڳڻپ وقت پيش آيون هيون ۽ جن جو اپٽار بمبئي پريزيڊنسيءَ جي تڏهوڪي ڳڻپ ڪمشنر، ايڇ. ٽي. سورلي ڪئي آهي. سنڌ تڏهن بمبئي پريزيڊنسيءَ جو پاڳو هئي. هو ڄاڻائي ٿو ته آدم شماريءَ جي سيني ۾ معتبر گروهه بندي ٻڌيءَ کان 20 تائين، 20 کان 50 کان اڳتي جي ٿهي- ميڙن واري ٽيندي 1951ع وارا انگ اکر خبرداريءَ سان جاچي ڏٺا ويا آهن ۽ انهن کي ڏهن ڏهن ورهين ميڙن لاءِ ڪافي معتبر ڄاتو وڃي ٿو سواءِ 10 کان 29 تائين واري ميڙ جي. هيٺين جدولن ۾ سنڌ ۽ خيرپور علائقي جي آدم شماريءَ جي ڄمار جي لحاظ کان جوڙجڪ ڏيکاري وئي آهي. ان ۾ ڏنل اکر ٻڌائن ٿا ته ڪهڙن ٿهي- ميڙن ۾ ڪيترا هزار مرد ۽ ڪيترا هزار عورتون هيون ۽ انهن ٿهي ميڙن جا ڪيترا هزار مرد ۽ ڪيترا هزار عورتون پرٽيل هيون.

مسلمان				(هزارن ۾)	
ٿهي ميڙ	ڪل	مرد	عورتون	پرٽيل	
جوڙ	4'925	2'707	2'218	1'084	1053
9_0	1422	735	686	1	2
29_10	1792	942	800	307	523
39_30	672	376	296	299	268
49_40	473	274	199	227	156
59_50	282	168	114	135	65
60 ۽ مٿي	284	162	122	114	38
هندو				(هزارن ۾)	
ٿهي ميڙ	ڪل	مرد	عورتون	پرٽيل	
				مرد	عورتون
جوڙ	141	79	62	30	28
9_0	38	20	19	...	...
29_10	52	30	22	10	15
39_30	18	10	8	8	7
49_40	15	9	6	6	4
59_50	9	5	4	4	2
60 ۽ مٿي	9	5	4	3	1

ٿهي ميڙ	آڇوت			(هزارن ۾)
	ڪل	مرد	عورتون	پرٽيل
				مرد / عورتون
جوڙ	323	174	150	65 / 64
9_0	108	53	53	... / ...
29_10	116	64	52	20 / 23
39_30	44	24	20	21 / 18
49_40	27	15	12	13 / 9
59_50	14	8	6	6 / 3
60 ۽ مٿي	14	8	6	6 / 2

سنڌ ۾ خيرپور علائقي جي آدمشماريءَ ۾ 1901ع کان وٺي جيڪي تبديليون آيون آهن، سي هيٺينءَ جدول ۾ ڏيکاريل آهن.

ٿهي ميڙ (سال)			گڏپ وارا سال[1]					
1941_1901	1951	جنس	1901	1911	1921	1931	1941	1951
سڀ جمارون		مرد	100[2]	100	100	100	100	100
		عورتون	100	100	100	100	100	100
10_0	9_0	مرد	28.8	27.6	27.0	27.0	32.7	27.0
		عورتون	31.0	30.1	29.9	30.0	35.4	30.8
40_10	39_10	مرد	51.6	52.8	53.4	55.6	51.2	50.7
		عورتون	48.4	50.3	50.3	53.5	49.4	49.5
60_40	59_40	مرد	15.5	15.6	15.4	14.4	13.6	16.3
		عورتون	15.7	15.0	14.9	13.2	12.3	14.2
	۽ مٿي 60	مرد	4.2	4.0	4.3	3.1	2.5	5.9
		عورتون	4.9	4.6	4.8	3.3	2.9	5.6

[1] 1901ع کان 1941ع تائين وارن انگن اکرن ۾ ڪراچيءَ جا انگ اکر به شامل آهن.

[2] سڄو انگ رکڻ جي ڪري ڪٿي ڪٿي جوڙ 100 کان گهٽ وڌ به ٿي سگهي ٿو.

ڳڻپ وارو صوبائي سپرنٽينڈنٽ 1951ع وارن انگن اکرن بابت چوي ٿو تہ آدمشماريءَ جي مٿا ستا جو انگن اکرن تي قدرتي طرح اثر پيو آهي. 1941ع وارا انگ اکر نموني طور 2 سيڪڙي جي گھاٽيتي تي ٻڌل آهن. پر جيتوڻيڪ ان جو هنن سيڪڙن جي درستيءَ کي کو خاص اثر نہ پوڻ گھرجي. تڏهن بہ انگ اکر ليکي کان ٻاهر نظر اچن ٿا. خاص ڪري ٻار 1921ع کان اڳ وارا انگ اکر هڪ سرا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. 1931ع جا انگ اکر شايد آبپاشيءَ جي رڪاوٽ لاءِ ڪم جي عمر وارن ماڻهن جي پالوٽ جي ترجماني ڪن ٿا ۽ موت ۾ هيءُ پالوٽ 1941ع ۾ بارن جي وڌيڪ وڌي تعداد لاءِ پڻ جوابدار ٿي سگهي ٿي. 1951ع ۾ چاليهن کان وڌي عمر وارن جو تناسب بئراج کان اڳ واري سطح تي موٽندو نظر اچي ٿو توڻي جو سڀ کان وڌيءَ عمر وارن بابت 1951ع جا انگ اکر اڳين انگن اکرن کان ڪي گھٽا متي نہ آهن.

ڪراچي 1947ع تائين اڳوٽيءَ سنڌ جو پاڳو هئي. آگسٽ 1947ع ۾ پاڪستان جي ٺهڻ تي ڪراچي وفاقي گادي ٻڌجي وئي ۽ وفاقي گاديءَ جي ايراضيءَ کي سنڌ علاقي کان ڌار ڪيو ويو. هت اڳوٽي وفاقي گاديءَ جي آدمشماريءَ وارن مسئلن جو مختصر بيان ڪرڻ ضروري آهي. 1901ع ۾ ڪراچيءَ واري تر جي آدم شماريءَ 1.4 لک هئي. جا 1941ع ۾ 4.4 لکن تي پهچي وئي. جيڪي ورهيہ اها قومي گادي رهي. تن دوران سندس آدم شماريءَ ۾ زبردست واڌارو ٿيو. ڳڻپ ڪندڙن 1951ع ۾ ان جي آدم شماري 11 لکن کان وڌيڪ ٻڌائي ۽ اها پڻ ٿوري گھٽ ڪري ٻڌايل سمجهي وڃي ٿي. هاڻ ڪراچي آدم شماري ۾ 50 سيڪڙي کان مهاجر آهن. انهي عنصر جي آبادڪاريءَ بهبود ۽ رهائش جو واڌاري جي آئيندہ شرح تي مکيہ اثر پوڻو آهي. بهرحال، شهر تمام تيزيءَ سان وڌي رهيو آهي ۽. جيتوڻيڪ گذريل ڏهن ورهين واري شرح سان واڌاري جي اميد نہ آهي. تڏهن بہ سڀ امڪان آدم شماريءَ ۾ واڌ جي جاري رهڻ جا آهن. ڪراچي اهو قطب تارو آهي. جنهن هندستان کان آيل اهڙن مهاجرن جي وڏي اڪثريت کي پاڻ ڏي ڇڪيو آهي. جي شهرن ۾ رهڻ تي هريل آهن. 1951ع ۾ ڪراچي جي ڪل آدم شماريءَ جو 55 سيڪڙو مهاجر هئا. انهيءَ جي پيٽ ۾ باقي سنڌ ۽ خيرپور علاقي اندر سندن سيڪڙو 11.2 هو. ان جو مطلب آهي تہ 1951ع ۾ ڪراچيءَ اندر هر ٻن چئن مان ۽ سنڌ علاقي اندر هر ڏهن ڄڻن مان هڪ کان ٿورو وڌيڪ مهاجر هئا.

هينيون نقشو 1881ع کان 1951ع تائين ڪراچي شهر ۽ بندر جي اوسر اجاگر ڪري ٿو:

ڳڻپ وارو سال	ڪل	آدم شماري	
		واڌ	
		ڇٽا	سيڪڙو
1818ع	68,332	.....	....
1891ع	98,195	29,863	43.7
1901ع	1,08,644	10,449	10.6
1911ع	1,40,511	31,867	29.3

1921ع	2,01,691	61,180	43.5
1931ع	2,47,791	46,100	22.9
1941ع	3,59,492	1,11,701	45.1
1951ع	9,05,781	5,46,289	152.0

(نوٽ: آدم شماريءَ جا انگ اکر ميونسپل ڪارپوريشن جي حد جا آهن.)

هيءَ نقشو 1881ع واري ڇپ کان وٺي ڇانوٽين سميت ڪراچي شهر جي آدم شماريءَ جو لاڳيتو واڌارو ڏيکاري ٿو. پوئين ڏهاڪي جي واڌ عظيم الشان آهي. تڏهن ته پاڻ وڌيڪ متاثر ٿي ڪري. جڏهن اهو ياد ٿو پوي ته هندستان جي ورهاڱي کان اڳ شهر جي اڪثر آدم شماري هندن ۾ سکن جي هئي. جن ڪان گهٽا هندستان لڏي ويا آهن. تاهم اها گنپير ڪوٽ سنڌ اندر ايندڙ مسلمانن جي وڏي ويڪري لهر پري چڏي. انهن پاڻ کي 1951ع واريءَ ڇپ ۾ هندستان جا مهاجر ڪري ڄاڻايو. هيءَ زبردست ۾ تڪڙي واڌ ذري گهٽ سڄي جي سڄي 1947ع کان پوءِ ٿي آهي. ان جو ڪارڻ نه رڳو هيءَ آهي ته ڪراچيءَ کي هاڻ نئين رياست جي گاديءَ هجڻ جو شرف حاصل آهي. پر هيءَ به ته اُها اولهه پاڪستان جو بندر ۾ وڏج واپار جو وڏو مرڪز پڻ آهي. جيستائين آدم شماريءَ جو لاڳاپو آهي ته ڪراچي هاڻ ان ساڳيءَ قطار ۾ آهي. جنهن ۾ ائٿينس، برمنگهام، گلاسگو، ميلان، ميلبورن ۾ مانٽريال آهن. شهر جي آدم شماريءَ ۾ اڌ کان مٿي هندستان جا مهاجر آهن. پر ان جي اوسر رڳو هنن جي اچڻ سبب نه آهي. سرڪاري ملازم، واپاري ۾ هنر وارا پورهيت، پاڪستان جي سيني پاڳن کان ڪراچيءَ ڏانهن چڪجي آيا آهن. سنڌ ۾ خيرپور علائقو هاڻ ذري گهٽ سڄي جو سڄو مسلمان علائقو آهي. جين ڌرم وارن، زردشتين ۾ يهودين ۾ هندو ڌرم جي تازن پنڌن ڪين جيتري آهي ۾ انهن بابت ڪجهه چوڻ ضروري ناهي. جيستائين عيسائين جو لاڳاپو آهي ته سنڌ ۾ خيرپور علائقي جي هاڻوڪين حدن اندر سندن تعداد پڻ ٿورو آهي. ڇا لاءِ جو انگريزن جي صاحبيءَ ۾ عيسائين جي اڪثريت ڪراچيءَ جي عيسائي آدم شماريءَ ۾ سڄي ڏيهه اندر مامور برطانوي فوجين تي مشتمل هئي.

باب اٺون

نسل، قبيلا ۽ ذاتيون

نسل جاڻ:

سنڌ علائقي جي نسلن جي جاڻ بہ ايتري ئي غير تسلي بخش آهي، جيتري پهڻ جي جهوني ۽ نئين زماني واري تمدن جي سائنسي چوڪ چڪاس. انهيءَ ڏس ۾ تمام ٿورو ڪم ڪيو ويو آهي، ۽ ايڏا تائين تہ ڪو اهڙو مستند ڪتاب پڌرو نہ ٿيو آهي، جنهن ۾ انهن ماڻهن جي بڌ بنياد جو خاطريءَ جوڳو بيان هجي. جي هاڻ هيٺينءَ سنڌو ساٿر ۾ رهندڙ آهن. هند۔ پاڪستان ننڍو ڪنڊ شروع کان وٺي پاڻت پاڻت جي تمدن جو آماجگاهہ پئي رهيو آهي. رالنسن پنهنجي "هندستان جي تمدني تاريخ" ۾ چوي ٿو تہ هندستان جي نسل جاڻ جي معقول اُختصار پيش ڪرڻ جو ڪيئي ڪوششون ڪيون ويون آهن. پر جيڪي ڳالهيون انهن کي هيستائين رندائيندين رهيون سي آهن طبعي وصفن جي ورڇ جو اٽپور علم ۽ نسلي قسم ۽ هوليءَ کي منجهائڻ جو لاڙو پوئين ڳالهہ تہ پاڻ وڏي رندڪ آهي. 'دراوڙ' ۽ 'آريا' جهڙا لساني اصطلاح نسلي ايڪن سان لاڳو ڪيا وڃا آهن. "ير تازو انساني نسلن جي هڪ جرمن جاڻوءَ بئرن اي ائخشديت هندستاني نسلن بابت هڪ معقول نظريو جوڙيو آهي. ايئن وسهڻ لاءِ سبب آهي تہ جيئن جيئن علم اڳتي وڌي تيئن تيئن ان نظرئي ۾ اضافا ڪيا رهيا تہ اهو آئينده ڪوجنا جي آزمائش تي پورو ٻيهندو. وان ائخشديت جي خيال ۾ ڪي بہ آريا ۽ دراوڙ ناهن. البت آريائي ۽ دراوڙي هولين ۽ تمدني ريتون برابر آهن. وان ائخشديت جو نظريو جيئن اهو رالنسن جي ڪتاب ۾ اُپٽاريل آهي، اولهہ پاڪستان جي هيٺين سنڌو ماٿري جي ماڻهن جي نسلي بڌاوت جي سلسلي ۾ ڪا گهڻي مدد نٿو ڪري.

ننڍي ڪنڊ ۾ انسان جا ڪي بہ اوائلي قسم ڪونہ لڌا آهن، ۽ يقين سان نٿو چئي سگهجي تہ ننڍي ڪنڊ جا اصلوڪا رهاڪو ڪير هئا. ويجهڙ ۾ 1931ع واري ڳڻپ جي رپورٽ سان 'نسل جاڻ' جي ان منجهيل سُٺ کي سلجهائڻ جو معاملو ڪجهہ اڳتي وڌيو آهي، خاص ڪري انهيءَ رپورٽ جي پهرين جلد جي پاڳي ٽين۔ نسلن جو بيان سان، جو هند۔ پاڪستان ننڍي ڪنڊ جي ماڻهن جي نسلي هڪجهڙاين تي روشني وجهي ٿو. هيءُ پاڳو ڊاڪٽر بي.ايس. گوها جو سهيڙيل آهي، جيڪو تڏهن زولاجيڪل سروي آف انڊيا ۾ انساني نسلن جي جاڻوءَ جي عهدي تي هو. ڊاڪٽر گوها انهيءَ ويچار سان پوريءَ طرح متفق آهي تہ نسلن جي بيان جا مسئلا مختلف انساني قسمن جي طبعي هڪجهڙاين جي آڌار تي نبيريا وڃن، ۽ نہ انهن قسمن يا انهن جي ڪن رليل مليل پاڳن جي مختلف هولين ڳالهائيندڙن سان ميلاپ جي آڌار تي. اها ڳالهہ قبول ڪري سگهجي ٿي تہ 'دراوڙي' ۽ 'آريائي' جو ائين ذڪر ڪرڻ جڻ تہ اهي ڪي نسلي قسم هجن منطقي ۽ طبعي لحاظ

کان ناقص آهن. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته جيڪي ماڻهو دراوڙي ۽ آريائي ٻوليون ڳالهائيندا هئا يا ڳالهائن ٿا، تن جا نسلي وصف ڳوليا وڃن. سر هربرٽ رسلي جي تصنيف هاڻ مدي خارج ٿي چڪي آهي. ڇاڪاڻ ته هن صاحب نسلي قسمن جي جيڪا درجي بندي ڪئي آهي، تنهن ۾ نسلي قسم کي ٻوليءَ کان ڌار ڪرڻ جي ضرورت کي پوريءَ طرح تسليم نه ڪيو ويو آهي.

ڊاڪٽر گوها واري رپورٽ ۾ اهي ست مکيه نسلي قسم اُپٽاريل آهن. جي اڃڪلهه ننڍي کنڊ جي آدم شماريءَ ۾ تسليم ڪيا وڃن ٿا. انهن ستن قسمن مان فقط ڇئن جو انهن ماڻهن سان واسطو آهي، جي اولهه پاڪستان اندر هينئين سنڌو ماٿر ۾ رهندڙ هئا ۽ هاڻ رهندڙ آهن. ڊاڪٽر گوها جا ڄاڻايل اهي چار نسل هي آهن: 1. قد ننڍو، متو ڊگهو ڪاپار جي ٽڪري اُپي، اکين جي چلهه جي مٿان وارو هڏو جهيڙو اُپريل، منهن ويڪرو ۽ ننڍو پر سنڌو چپ وچولا، نڪ وڏو ۽ ڊگهو پر ناسون وچڙيون ڦنڊيل يعني وچولو نڪ. 2. قد وچولو متو ننڍو ڪياڙي ترا ئڙي پر سر لوٽيرو ۽ نرڙ گهٽو ڪري پٽتي لڙندڙ منهن ننڍو ۽ سڌو نڪ ڪجهه وڌيڪ ويڪرو ۽ گهٽو لاهيرو پر اڪثر ڪري ونگيل ۽ اُپيتو. 3. قد ڊگهو، متو نسبتي طرح وڌيڪ هيناهون ۽ ڊگهيرو منهن ڊگهو نڪ وڏو سنهو ۽ ڊگهو. 4. متو وچڙو لوٽيرو پرواٽون هڏو چڱو اُپريل، ويڪرو ننڍو منهن، وات ٿورو اڳيرو لڙيل، ويڪرين ناسن سان ننڍو چپڙو نڪ، وار لهرين يا گهنڊين وارا، چمڙي ڪاراڻ تي مائل ڳوڙهي خاڪي رنگ جي جيئن ته ڪي خاطريءَ جوڳا اصطلاح اهڙا ته آهن جي گهربل مفهوم ادا ڪري سگهن. سو راقم الحروف 'دراوڙي' ۽ 'آريائي' لفظ ڪم آڻيندو. پر پڙهندڙ اهو ذهن ۾ رکن ته نسل جاڻ جي هن پاڳي ۾ جتي به اهي لفظ يعني 'دراوڙي' ۽ 'آريائي' ڪم آندا ويا آهن اُتي انهن مان مراد دراوڙي ۽ آريائي ٻوليون ڳالهائيندڙ نسلي قبيلا آهن. دراوڙيءَ جي حالت ۾ ظاهر آهي ته ان ۾ هڪ کان وڌيڪ ڇٽو نسلي قسم شامل آهي. ڪوشش ڪئي ويندي ته مختلف نسلي قسم، نسلن جي عام سٽاءُ ۾ جيڪا جاءِ والارين ٿا، تنهن کي آجاگر ڪيو وڃي.

موجوده مصنف هينئين سنڌو ماٿريءَ جي آدم شماريءَ تي نسلن ۽ کوپڙين جي جاڻ جي لحاظ کان هڪڙو ئي ڪتاب ڏنو آهي، اهو جنهن جو حوالو ڊاڪٽر گوها پنهنجي مٿي جاڻايل رپورٽ ۾ ڏنو آهي. ان ۾ جاڻايل آهي: سيويل ۽ راءِ جون ڪيل سنڌي مسلمانن ۽ بروهين جون ماپون ڏرين جي سو سوسامايل ماڻهن جون آهن. ٻنهي ۾ نسلي مشابهت جو ڳٽڪ 0.18_7.57 آهي. انفرادي خاصيتن ۾ مکيه تفاوت قد ڪن جي اوچائيءَ اک واري ڪڍ جي ويڪر اک ڪڍ تڪ جي ڊيگهه، ڊيگهه ويڪر ڏسڻي ويڪر اُتانهن ڏسڻيءَ جا آهن. انهن جا ترتيبوار ملهه آهن. 6.77، 36.54، 29.08، 15.31، 11.98، 10.03 ۽ 37.34 جي ڏيڪارين ٿا، اُتي بروهين جي پيٽ ۾ سنڌي قد جا ٽورا وڌيڪ گول مٿي وارا ۽ وڌيڪ ڊگهي نڪ وارا آهن. البت مٿي جي ٽڪري ۽ اک ڪڍ جي ويڪر بروهين جي وڏي ٽئي ٽي. اهي انگ اکر جتي ٻنهي ۾ نسلي هڪجهڙائي ڏيکارين ٿا، اُتي بروهين ۽ ويڪري نڪ سان ڊگهي ۽ لوٽيري مٿي واري نسل جي لڇ هجڻ جي ڏس پڻ ڏين ٿا. باريڪ جاچ ڪرڻ

وارن جو چوڻ آهي ته بروهين ۾ حد دخلي ڪري آيل بلوچن جو ايترو ته گهڻو رت داخل ٿي ويو آهي جو هاڻ کين بلوچن کان الڳ سڃاڻڻ ڏکيو ٿي پيو آهي. هيءَ ڳالهه ٽلهي ليکي ڪٽي سچي به هجي، تڏهن به انگن اکرن جو ڇيد ٻڌائي ٿو ته منجهن ڏکهي مٿي واري نسل جي آڳاٽي لڇ سنڌن سنڌي پاڙيسرين جي پيٽ ۾ ڪجهه مڙيوئي سرس آهي. سنڌين ۾ سکن جي وچ ۾ سي. آر. ايل جا ملهه ترتيبوار 49.81، 0.25 ۽ 0.29 57.78 آهن. انفرادي خاصيتن جي پيٽ ڏيکاري ٿي ته نڪ جي ڏسٽي ڳلن جي هڏهن جي ويڪر Bigonal جي قطر جا ملهه ترتيبوار 284.89، 141.57، 59.52، 38.96، 41.9 ۽ 21.71 آهن. اهي انگ اکر ڏسين ٿا ته سکن جي پيٽ ۾ سنڌين جا مٿا ويڪرا، قد ننڍا، منهن وڏيڪ گول ۽ نڪ وڏيڪ ويڪرا ٿين ٿا، مطلب ته هو نسل جي لحاظ کان يقيني طرح الڳ آهن. سو ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي ته سکن ۽ پنجابين جي نسلي مشابهت اُتر ۽ اولهه وارن سان آهي ۽ نه هيٺينءَ سنڌو ماڻريءَ وارن سان، جي ڪائنڊ ٻئي ٻڻ بنياد جا آهن. گوها هن نتيجي تي پهچي ٿو ته سنڌ علاقي ۾ ڪو حد دخلي ڪري ايندڙ ننڍي مٿي وارو نسل اصلوڪي ڏکڻ بلوچستان جي ڏکهي مٿي واري آدم شماريءَ مٿان پئجي ويل ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

اڳ تاريخي زماني جي وڏين نسلي لڏپلاڻن ۾ سنڌ پڻ پائيوار رهي آهي. ان جا ٽي يا شايد چار مکيه مثال ڏسڻ ۾ اچن ٿا. پهرينءَ کي 'اڳ دراوڙي'، ٻيءَ کي 'منڊ پونوچي' ٽينءَ کي 'دراوڙي' ۽ چوٿينءَ کي 'آلپي' سڏي سگهجي ٿو. هاڻ انهن جو مختصر بيان ڪجي ٿو. ماڻهوءَ جي هاڻوڪن قسمن جي اوائلي وطن جي بيهڪ جي خاطري ايجا تائين نه ٽي سگهي آهي، پر جي ڪچي بيهڪ جنهن کي هاڻ صحارا سڏجي ٿو. تنهن هنڌ، ميسوپوٽيما ۽ عربستان وٽ رکي سگهجي ٽي. ماڻهو ۽ ساوڪ سبزو پورپني ڪمربند يا جدي سرطان گهيري ۾ سهنجي وڃي ويجهي ٽي، ۽ سمجهيو وڃي ٿو ته پلئسٽوسين ايام جي برفاني دور ۾ انهن گهيرن تي واچيري طوفان جو پٽو چڙهيل هو. صحارا، جو هاڻ هڪ مهان واريا سو آهي، سو تڏهن گاهه سان ڇانيل هوندو هو. پيڪ ۽ فلور ائين ٿا وسهن ته ماڻهو جو اوائلي قسم انهن علاقن کان ڦهليو هو. "جن ماڻهن ۾ آڳاٽين ٻاهر نڪتل جاڙين ۽ ور وڪڙ وارن سان اڻ ڏکهيريل مٿي وارو وصف قائم رهيو تن ۾ انڊ مان- واسي به شامل ڄاڻائي سگهجن ٿا. جيڪڏهن اسان ڪپر ليڪ سان، جا هاڻ 100 فيدميا ان جي لڳ ڀڳ آهي، زمين ۽ پاڻيءَ جي ورڇ وري ڪريون ته سماترا، جاوا، بورنيو ۽ پالاوان جا علائقا ننڍي ڪنڊ سان گنڍجي اُپٻيٽ ٽي پوندا. پوءِ سمجهه ۾ اچي ويندو ته اهي انهن علائقن ڏانهن ڪيئن پکڙيا هئا. آيا اهي جديد انسان جي انهيءَ فرضي اصل وطن کان پکڙيا هئا يا نه. تنهن لاءِ اسان انهيءَ جهيٽي جهڪي پرجهه سان شروعات ڪنداسون ته لکيل تاريخ کان هزارين سال اڳ هڪ گهٽ تمدن سان ڪارانجهڙو شيدين جهڙو نسل هو. جو بدني خاصيتن جي لحاظ کان تمام بندري قد، سوڙهي نرڙ ۽ چپڙي منهن ۽ نڪ وارو هو." هن نسل کي 'اڳ دراوڙي' سڏي سگهجي ٿو. انسان جي اوائلي تاريخ ۾ هڪ اهم بحران آيو جڏهن يورپ تي آيل برف جو تهه هٽي

ويو ۽ صحارا تي چڙهيل آبهوائي پٽن ان جي پوئواري ڪئي. صحارا تي چانيل گاهه سڪڻ لڳا. ان جو نتيجو اهو ٿيو ته جانور وڌيڪ موافق علائقن ڏانهن لڏي ويا ۽ شڪاري پڻ، جي انهن جانورن جي ڪيڏ هوندا هئا ۽ شڪار ڪندا هئن.

مون انهن پوين لفظن لاءِ ننڍي ڪنڊ جي وچين پاڳي ڏانهن ذاتين ۽ قبيلن جي لڏپلاڻ بابت مسٽر ونڪٽ آچار جي بيان تي پاڙيو آهي. هو صاحب چوي ٿو ته انهن شڪارين جو گهٽو گذر ننڍي شڪار تي هوندو هو جو هو گزڪمان سان ڪندا هئا ۽ پاڙون پڻ کائيندا هئا، جي هو رنبن ۽ پهٽن سان ڪوٽي ڪيندا هئا. انهن لوڪن کي اسان 'منڊ- پونوچي' نالو ڏئي سگهو ٿا. اهي منڊ- پونوچي لوڪ ننڍي ڪنڊ جي وچين پاڳن ۾ پهرين نسلي ست جي حيثيت رکن ٿا، ۽ اهي ئي اُهي لوڪ آهن، جن کي اسين مند قبيلو سڏيون ٿا. منڊ- پونوچي لوڪن جي لڏي اچڻ کان ڪجهه وقت پوءِ هڪ ٻي نسلي لڏپلاڻ رونما ٿي. آبهوا ۾ تبديلي ۽ آدم شماريءَ جي داب (شايد تنهن علائقي ۾ جنهن کي پيڪ ۽ فلور 'سرچو چنڊ' (Fertile Crescent سڏين ٿا) جي ڪري دراوڙي ڳالهائيندڙ پونوچي نسل آيو جو بلوچستان علائقي ۽ سنڌو ماٽري منجهان ٿيندو هيٺ گجرات ۽ اُتان دکن ۽ هندستان جي ڏاکڻي پاڳي ۾ هليو ويو. پونوچي نسل جو تمدن وڌيڪ اُچو هو ۽ ان جي اچڻ سان وڌيڪ اڳري ۽ سڌريل تهذيب اُسري ۽ ڏکڻ جي دراوڙي تهذيب بابت سمجهيو وڃي ٿو ته اها اوپر ۾ وڌيڪ اڳتي رڙهي وئي. اتر اوپر طرف سنڌو ماٽريءَ ۾ پڻ هڪ نرانو تمدن اوج تي پهتل هو. ونڪٽ آچار چوي ٿو ته آيا انهيءَ تمدن جي گنگا ماٽريءَ ۽ دهقاني نوعيت هئي ۽ آيا ان لاءِ دراوڙي ماڻهو جوابدار هو اهڙا سوال آهن، جن جي جواب جو ايڏا انتظار ڪرڻو پوندو. جنهن ديوتا کي هيئنر شو يا مهاديو سڏيو وڃي ٿو سو جي سنڌو ماٽريءَ جي پيدائش ثابت ٿئي ته پوءِ هيءَ ڳالهه ڏيان جوڳي آهي ته پيل، ساور ۽ ڪورڪ پنهنجو حسب مهاديو سان ملائيندا آهن. جيئن ونڪٽ آچار چوي ٿو "ممڪن آهي ته هيءَ ڳالهه هندن پوءِ سوچي ۽ هلائي هجي."

اڳ، تاريخي زماني ۾ هند- پاڪستان ننڍي ڪنڊ ڏانهن چوٽين نسلي لڏپلاڻ آلپي لوڪن جي هئي. هند- پاڪستان ننڍي ڪنڊ جي اولهندي ڪپر تي اهڙي نسل جا ماڻهو وسندڙ آهن، جنهن کي ننڍي مٿي وارو آلپي نسل چيو وڃي ٿو. انهن چئن نسلي قسمن جا پونير اڄ ڪلهه ننڍي ڪنڊ ۾ جتي وسندڙ آهن، اُتي ڪوپرين جي چڪاس سان سندن طبعي خاصيتن جو اپياس ڪري سگهجي ٿو ۽ ڪنهن حد تائين مختلف هنڌن تي ڪوپري جاڻ جي ماهرن طرفان ائين ڪيو ويو آهي پر نقشو پوري هجڻ کان گهٽو پري آهي. انهيءَ کان پوءِ ننڍي ڪنڊ تي جا وڏي نسلي ڪاهه ٿي، سا هند يورپين جي هئي. تنهن کان سواءِ، لکبل تاريخ واري زماني ۾ پانت پانت جي نسلن جا ماڻهو سنڌ ۾ ايندا رهيا آهن. جڏهن اهي سڀ ڳالهيون ڳڻجن ٿيون، تڏهن پروڙ پوي ٿي ته سنڌي ماڻهن جي نسلي بڻاوت ڪيتري نه گڏيل سڏيل ۽ منجهيل آهي. تازي ۾ تازي وڏي ملاوت 1947ع ۽ هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ ٿي

آهي، جنهن سنڌ علائقي جي آدم شماريءَ تي اڳرا اثر وڌا آهن. ورهاڱي کان ترت پوءِ هندن جو ڏري گهٽ سمورو واپاري ۽ ڪامورو طبقو سنڌ علائقو ڇڏي ويو ۽ سندن جاءِ تي اهڙن ماڻهن جا هشام سنڌ علائقي اندر ڪاهي پيا، جي مٿين هندستان، اولهندي هندستان، وچولي هندستان ۽ ڪناڙاواڙ ۾ فرقيوار فسادن جي ڪري بي گهر ٿي ويا هئا. اهي مسلمان مهاجر هئا، جن کي سر جي خوف کان پنهنجو اباڏو وطن ڇڏڻو پئجي ويو هو. سنڌ علائي جون سرحدون لتاڙي ايندا ويا تہ جيئن هن نئين ملڪ ۾ ۽ اوپرن منجهه اجهو وٺي سگهن. انهيءَ زبردست لڏپلاڻ جو نتيجو اهو ٿيو جو مهاجر هلڻ سنڌ علائقي جي ڪل آدم شماريءَ جي هڪ ٽاڪڙي نائين پٽي ٿي ويا آهن ۽ هنن شهرن توڙي ڀهراڙيءَ اندر سنڌين ۽ غير سنڌين جي وچ ۾ توازن گهڙو هيٺ مٿي ڪري ڇڏيو آهي

گڏيل سڏيل آدم شماري:

سنڌ علائقي جي آدم شماريءَ جي مرڪب نوعيت هاڻوڪن جرمنيءَ وارن، اٽليءَ وارن، اسپين وارن، فرانس وارن ۽ برطانيا وارن کان وڌيڪ منجهيل هجيٰ نہ هجي، هيءَ ڳالهه پنهنجي جاءِ تي برابر آهي تہ بناوت يقيني طرح منجهيل لٽن. هيءَ حقيقت تڏهن پڌري ٿي وڃي ٿي جڏهن ڏيان اڳوٽيءَ سنڌ جي تاريخ کان ماڻهن جي انهن مختلف نسلن ۽ قسمن ڏانهن ڪجي ٿو جيڪي لکيل تاريخ جي زماني ۾ ملڪ اندر ايندا رهيا آهن. موجوده ليکڪ بمبئي پريزيڊنسيءَ جي 1931ع واري گزيٽ جي رپورٽ جي ضميمي 'F' ۾ اهو طريقو ٻڌايو آهي، جنهن تي هلي سنڌ علائقي جي نسلي تاريخ کي چڪاس ڪرڻ جو ڏس ڏنو آهي. هن هينئين سرشتي کي خاطرخواهه سمجهيو ٿي. ماڻهن جي هيءَ ورڇ ڪئي وڃي: 1. سمن، جتن يا راجپوت مول منڌ وارا پڪا سنڌي قبيلا. 2. ٻيا جن ۾ (الف) بلوچ، بروهي ۽ پٺاڻ (ب) ٻيا قسمين قسمين آيل، مسلمان ۽ هندو شامل هجن. سنڌ جي تاريخ ۾ ڪيترائي الڳ ۽ چٽا دور ڏسڻ ۾ اچن ٿا:

1. اوائلي عربن جي فتح تائين. 2. عربن جي فتح کان وٺي مٿين هندستان تي مسلمانن جي ڪاهه تائين. 3. وچون دؤر يعني مٿين هندستان تي مسلمانن جي ڪاهه کان وٺي سمن جي زوال تائين. 4. سمن جي زوال کان مغل سلطنت جي قائم ٿيڻ تائين وارو وچون دؤر. 5. هاڻوڪو دؤر يعني مغل سلطنت جي برپا ٿيڻ کان وٺي سنڌ تي انگريزن جي قبضي تائين ۽ 6. هاڻوڪو دؤر يعني انگريزن جي قبضي کان وٺي پاڪستان ٺهڻ ۽ موجود وقت تائين انهن مان هر هڪ دؤر جون پنهنجون خاصيتون آهن، جن جا اهجاڻ سنڌ علائقي جي آدم شماريءَ وارن انگن اکرن ۾ گهٽ وڌ چٽائيءَ سان ڳولي سگهجن ٿا. سنڌ علائقي ۾ آيل مسلمانن کي هينئين درجن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: (ا) دين سان ڳنڍيل، (ب) راج ماڻيندڙ طاقت سان، حاڪمن، سپاهين، نوڪرن چاڪرن، غاصبن جي حيثيت ۾ ڳنڍيل، (د) واپاري، (ج) ڪرمي، ريدار ۽ لاڏائو چارڻ.

1931ع واري ڳڻپ آخري ڳڻپ هئي، جنهن ۾ ماڻهن جي انهن اڪيچار تولن کي سجاڻڻ ۽ ڳاڻيٽي ۾ آڻڻ جي سنجيده ڪوشش ڪئي وئي هئي، جيڪي پاڻ کي پنهنجي پنهنجي قبيلي، ذات ۽ ڏندن جي نالن جي آڏار تي ورڇيندا آهن. انهيءَ ڳڻپ جيڪي مکيه نسل ۽ قبيلا ظاهر ڪيا هئا، تن جي هڪ فهرست هن گزيٽئر ۾ شامل آهي. پر جيئن ته هيءُ فهرست طويل هوندي به موضوع جي پڃاڻي نٿي ڪري، سو موجوده ليکڪ سنڌي آدم شماريءَ جي ڪيترن ئي مکيه پاڳن تي نوٽن جا اضافا به ڪيا آهن. اهي پاڳا انهيءَ لاءِ چونڊيا ويا آهن جو اُهي سنڌي ماڻهو جيئن هيئنر آهن، تن جي امڪاني جوڙجڪ تي ڇڪي خاصي روشني وجهن ٿا. ٽلهي ليکي ائين چئي ته سمات قبيلن، جتن، راجپوتن، سراين، بلوچن ۽ بروهين توڙي مغلن ۽ افغانن ۽ انهن مزوري ڪندڙ ۽ رولو هندو قبيلن کي، جيڪي هن وقت گهٽو ڪري ٽرپارڪر ۾ ملن ٿا. ليکي ۾ آڻبو ته سنڌ آدم شماريءَ جي نوعيت کي ڇڪيرڻي صحت سان بيان ڪري سگهبو. سو موجوده ليکڪ انهن سنڌين جو ڪجهه بيان ڏيڻ ضروري ڄاتو آهي، جيڪي سومرا، سما، بروهي، جت، مهاڻا، سيد، پيل، لوهاڻا، خوجه سڏجن ٿا. هن گزيٽيئر جي 1907ع واري ڇاپي ۾ قبيلن ۽ ذاتين جو وڏو تعداد ليکي ۾ آندو ۽ ڪافي تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي. پر اسان ان ۾ اختيار ڪيل طريقه ڪار تي هلڻ جي ڪا ڪوشش نه ڪئي آهي. اڄ جيڪڏهن انهن معاملن بابت تازي معلومات جي گهرج پوي ته اهڙي معلومات رڳو خاص جاچ جوڳ ۽ ڪوجنا سان ئي ملي سگهي ٿي، جا دير سوير ضرور ڪئي ويڄي.

ڳڻپ جون جدولون:

ماڻهو جاڻ ۽ سماج جاڻ رکندڙ متان اها شڪايت ڪن ته 1931ع ڏاري ڳڻپ جي مثال تي 1941ع ۽ 1951ع ۾ عمل ڇو نه ڪيو ويو. 1941ع ۾ جڏهن ڳڻپ ڪرائي وئي هئي، تڏهن ٻي مهاڀاري لڙائي هڪ نازڪ مرحلي ۾ هئي. ننڍي کنڊ جي پڙهيل طبقن جي پُرزور گهر هئي ته ڳڻپ ڪندي ذاتين ۽ قبيلن کي هاڻ ليکي ۾ نه آندو ويڄي ڇو ته هنن جو چوڻ هو ته ننڍي کنڊ جي ماڻهن جي اهڙيءَ طرح ڳڻپ ڪرڻ سان هندستانين جي هڪ قوم هجڻ واري اصول جي برخلافي ٿيندي. تڏهن اهو اصول هڪ زبردست سياسي اثر هو. 1951ع واري ڳڻپ، پاڪستان سرڪار جي سهاري هيٺ ۽ مهاجرن واري مسئلي سبب پيدا ٿيل دشوارين ۽ ڏکيائين جي زماني ۾ ٿي، تنهن ڪري ڪيترن ئي مکيه قبيلي، نسل ۽ ذات کي ليکي ۾ نه آندو. سو اڄ جا ماڻهوءَ جاڻ ۽ سماج جاڻ جا صاحب هڪ اهڙي اوزار کان محروم ٿي ويا آهن، جو هوند سنڌ علائقي جي نسلي لاڙن جي پروڙ لاءِ تمام ڪمائتو ٿئي ها تاهم. 1941ع واري ڳڻپ ۾ ڇوٽي نموني طور قبيلي، نسل ۽ ذات کي ليکي ۾ آندو ويو هو. ان نموني جي آڏار تي ئي تڏهوڪو ڳڻپ وارو سپرنٽينڈنٽ، مسٽر ايڇ. ٽي. لئمبرڪ، اڳوٽيءَ سنڌ جي بروهي آدم شماريءَ بابت سماج جاڻ جي لحاظ کان وڏي دلچسپيءَ وارو مواد پڌرو ڪري سگهيو هو. انگريزن جي صاحبيءَ ۾ ڳڻپ جي سلسلي ۾ ٿيل ڪم کان سواءِ رڳو هڪڙي مستند تصنيف اهڙي هئي، جنهن ۾ اولهه

پاڪستان جي سنڌ ۽ بلوچستان علائقن ۾ ۽ افغانستان ۾ لينڊڙ مسلمان نسلن جو بيان هو. هيءَ تصنيف اڳوٽيءَ سنڌ جو هڪڙي ڊپٽي ڪليڪٽر، شيخ صادق علي شير علي انصاريءَ جي جوڙيل تمام ملهائتي تصنيف آهي ۽ گهڻي اهڙي معلومات اٽس، جا ٻئي ڪنهن هنڌان نه ملندي. پر هيءَ رپورٽ 1901ع کان اڳ لکي وئي هئي، سو هاڻ سٺ ورهيه پراڻي ٿي چڪي آهي. جيتوڻيڪ اڳوٽيءَ سنڌ سرڪار طرفان 1954ع ۾ ان جو ٻيو چاپو ڇپرو ڪيو ويو هو تڏهن به پوءِ وارين ٻن پيڙهين سنڌي معلومات جي روشنيءَ ۾ ان کي ڪافي سڌارڻو پوندو. تاهم، شير عليءَ جي رپورٽ جا ڪي ٽڪرا اڄ ڪارائتا آهن ۽ سنڌ گزيٽيئر جي هن چاپي ۾ شامل ڪيا ويا آهن.

هن گزيٽيئر جي 1907ع واري چاپي ۾ سنڌي آدم شماريءَ جو جيڪو عام بيان آهي، سو اڄ به دُرست آهي، سواءِ هن حقيقت جي ته 1947ع کان پوءِ هندن جي ڇڻن مختلف طبقن جي هندستان ڏانهن پاڄ ۽ اُتان وڏي تعداد ۾ مسلمانن جي لڏي اچڻ جي ڪري آدم شماريءَ ۾ قدري سخت تبديلي اچي وئي آهي. انهيءَ ڳالهه جو لحاظ رکندي، 1907ع واري چاپي جو بيان اڄ به صحيح تسليم ڪري سگهجي ٿو. "شايد"، مسٽر ائٽڪن چوي ٿو "ننڍي ڪنڊ جي ڪنهن پاڳي جي آدم شماري ايتري گڏيل سڌيل بڻ واري نه آهي، جيتري سنڌ جي پر مڪيه عنصرن مان ٿي ڪجهه ڇٽائيءَ سان ڌار ڪري سگهجن ٿا. اهي هي آهن: راجپوت، بلوچ ۽ خاص سنڌي، انهن پوين ۾ جت ۽ مهاڻا به اچي وڃن ٿا. محمد بن قاسم 711ع ۾ جنهن راج کي فتح ڪيو هو، راجپوت تنهن جو غالب نسل ڏسڻ ۾ اچن ٿا، ۽ هنن اوپر واري پاسي کان پرڳڻي تي ڪاهي اچڻ ڪڏهن به بند نه ڪيو آهي. سندن اهي قبيلا، جي عربن جي ڪاهه وقت ملڪ ۾ هئا، مثال طور سما ۽ سومرا، تن کي مسلمان ٿئي صديون گذري چڪيون آهن، پر وڌيڪ ويجهڙ ۾ لڏي آيل، جهڙوڪ سوڍا، اڃا تائين هندو آهن. بلوچ، جي آدم شماريءَ جو ٻيو عنصر آهي، سي انگريزن جي فتح وقت حاڪم نسل هئا ۽ ان کان اڳ صدين جون صديون پرڳڻي تي اولهه واري پاسي کان ڪاهون ڪندا رهيا هئا. انهن ٻن جي وچ ۾ ٽيون عنصر، ڏرتيءَ جاوا آهن، جي اوپر ۽ اولهه جي وچ ۾ مٽن راج ڪرڻ تان چٽاپيٽيءَ هلندي ٽڪيا، ڳهندا ۽ پوڳيندا رهيا، انهن ۾ اسان آڪاٽن هندو ڪڙمين جا، يا انهن سائٽياڻي ٽولن جا جي عيسوي سن جي پهرين صديءَ ۾ ملڪ تي ڪاهي آيا هئا، يا انهن ٻنهي ۽ ڪن ٻين عنصرن جا جي ڌار نه ٿي سگهڻ جي حد تائين پاڻ ۾ رلي ملي چڪا آهن، پونير سيڃاڻي سگهون ٿا. اهي سيٺ هاڻ مسلمان آهن. شايد اسان کي هنن سان گڏ لهاڻا به رکڻ کپن، ڇاڪاڻ ته هيءَ طبقو تڏهن پڪ ئي پڪ ملڪ ۾ هو جڏهن عرب آيا هئا، پر ڪنهن کي پتو ناهي ته آيا سنڌ علائقي جا هاڻوڪا لهاڻا جزوي طرح تن لوهاڻن جا پويان آهن، جن پاڻ کي مسلمان ڪئي ويڃڻ کان بچائي ورتو هو يا سيٺ پوءِ پنجاب کان آيل آهن. انهن ٽن مڪيه عنصرن کان سواءِ، ٻيا پڌرا عنصر هي آهن: اوپر جا گهٽ ذات وارا هندو ۽ آڪاڻا رهواسي، جن ۾ ڪولهي، ڊيڊ ۽ ٻيل مڪيه آهن. سي قبيلا ۽ ڪٽنب، جن عرب فاتحن جي بڻ مان هجڻ

تي ناز ڪندي پنهنجا شجرا هينئين سان لائي رکيا آهن ۽ پاڻ کي الڳ رکيو اچن ٿا. افغان ۽ مغل، جي ڪنهن نه ڪنهن فاتح جي اتالي سان آيا هئا ۽ رهجي پيا هئا، ۽ گهٽائي ٻيا."

راجپوت:

انهن راجپوت قبيلن جو ڪجهه بيان ضروري آهي، ونڪٽ آچار جي جنهن تصنيف جو هن باب ۾ اڳ حوالو ڏنو اٿئون، تنهن ۾ چوي ٿو ته: انهيءَ ڳالهه تان اختلاف آهي ته مختلف راجپوت قبيلا ڪيئن اُسريا، ۽ هيءُ ڏند ڪٿا ٿوري گهڻي ايجا تائين موجود آهي ته راجپوت آڪاڻن ڪشترين جي بڻ مان آهن. اهو وسهڻ لاءِ، هو چوي ٿو 'عقل جي ڏوڙ' ۽ وسوڙائي گهرجي ٿي ته مالوي جا راجپوت اوائلي ٻڌن واري زماني جي آونتيءَ جي ڪشتريه راجائن جا پونير آهن. هيءَ ڳالهه مجڻ وقت بن هزارن کان وڌيڪ ورهين اندر آيل تڪڙين تبديلين کي اک لاتار ڪرڻي پوندي، جيڪو تاريخي نظريو عام طرح مڃيو ويجي ٿو سو هي آهي ته برک قبيلن مان ڪي، جهڙوڪ پاريهار، سولنڪي، چوهاڻ ۽ پرمار، باهرين بڻ مان آهن. ننڍي کنڊ جي اوائلي تاريخ ۾ پرڏيهي وحشين جون ٽئي ڪاهون ته هاڻ پڪيءَ طرح مڃيون وڃن ٿيون. اهي هئا هڪ ٻئي پٺيان سڪ بوئڇي يا ڪشن ۽ هُوڻ لوڪ. پڪو پتو نه آهي ته راجپوت قبيلن جي تشڪيل ۾ پهرين بن جو ڪيترو حصو آهي، پر هُوڻ لوڪن ۽ لاڳاپيل ٽولن جو بلڪل آهي. ڏارين جا امير امراءَ حاڪم گهراڻا بڻجي ويا، جڏهن ته ٻيا وقت گذرڻ سان پوڪي راهي ڪندڙ طبقا ٿي ويا، جهڙوڪ: جاٽ يا گجر. اڳوٽيءَ سنڌ اندر وڏو امڪان ان ڳالهه جو آهي ته راجپوت عناصر سنڌو ماٿريءَ جي اصلوڪن رهاڪن ۾ سراسري گڏجي سڏجي ويا ۽ حاڪم طبقن مان نه پر راجپوت قبيلن جي هينئين سماجي سطحن مان هئا.

سما:

سماٽ قبيلن ۾ سمن جي حيثيت سينئي ۽ مٿاهين آهي، سو سندن ذڪر پهرين ڪجي ٿو. سمن کي يادو راجپوتن جي هڪ شاخ سمجهيو وڃي ٿو ۽ ڪسابن کان سنڌ علائقي ۾ وسيل آهن. سنڌوءَ جي ڪنڌي تي سمانگر سندن آڪاڻو تخت گاهه هو، جو شايد هاڻوڪي سيوهڻ سان هڪ سنئون هو. جڏهن چوڏهين صديءَ ۾ اعليٰ اختياري سنيالياڻون، تڏهن پهريون تخت گاهه نٽي کان ڪجهه ميل اُتر ۾ ساموئي هُين. چچ نامي ۾ جن لاکن ۽ سهتن جو ذڪر آيل آهي، سي سمن جا قبيلا آهن. ٿورن سهتن کي ڇڏي، باقي سڀ سما هاڻ مسلمان آهن. 1901ع واري ڳڻپ موجب سمن جو انگ 732,897 هو ۽ 1931ع واري ڳڻپ ۾ 1,01,501 جاٽايو ويو جو بيحد گهٽ ڏيکاريل آهي. تنهن کان پوءِ قبيلن جي بنياد تي ڳڻپ پئي ٿي آهي. صادق علي جاٽائي ٿو ته سما اڳوٽيءَ سنڌ جي آدم شماريءَ جو چگو چوڪو پاڳو آهن ۽ گهڻو تڻو پوڪي راهي ڪندا آهن. سندن اصل نسل بابت ڪيئي رايا آهن. تحفة الڪرام جو مصنف چوي ٿو ته: سما نبي سڳوري جي چاچي ابولهب يا ابوجهل جا يا ايران جي هڪ نالياواري بادشاهه جمشيد جا پونير آهن يا سندن سلسلو شيم کان ٿيندي وڃي حضرت نوح عليه السلام سان

ملي ٿو. 'تاريخ فرشته' ۾ سما جمشيد جا پويان ٻڌايا ويا آهن. پر اهي شجرا سڀ فرضي آهن، ۽ صادق علي ايئن ٿو وسهي ته سما اصل ۾ هندو آهن ۽ مسلمانن جي فتح کان اڳ اڳوٽيءَ سنڌ جي هندو راجائن سان ڳنڍيل هئا. هو انهيءَ عام مذڪور کي خام خيالي سمجهي ٿو ته اصل لفظ 'سامنهون' آهي، جنهن مان هيءَ مراد ورتي وڃي ٿي ته سندن وڏا جڏهن اسلام جي آمهون سامهون آيا ته مسلمان ٿي ويا. سو اهڙيءَ ريت 'سامنهون' ثابت ڪري ٿو ته قبيلي جو وڏو سمو پاڻ ڪريمن جي ڪنهن چاچي جو اولاد نه هو ۽ نه ئي هُو تنهن زماني ۾ آيو هو جنهن زماني ۾ عربن ڪاهي اچي سنڌ علاقو فتح ڪيو هو. صادق عليءَ ويهن کان به وڌيڪ صفحا سمن جي بيان کي ڏنا آهن. هو سندن ست سو اڻانوي پاڙا ڄاڻائي ٿو جن مان ڪيترا اڄ به سنڌ جي آبادگارن جا نالا آهن. بمبئي پريزيڊنسيءَ جي 1931ع واري ڳڻپ ڄاڻائي ٿي ته 'سما' نالو خاص مفهوم ۾ واپرايو وڃي ٿو: 1. هڪ خاص قبيلي ۽ ان جي پاڻ لاءِ 2. ان قبيلي جي تنهن گهراڻي لاءِ جو ڪڏهن هيٺينءَ سنڌ جو حاڪم هو ۽ ساموئي ۽ ٻئي جا شهر ٻڌايا هئائين ۽ 3. اڇڪلهه اهو نالو گهڻو ڪري سمات جي صورت ۾ ڪم آندو وڃي ٿو جي خاص سنڌي قبيلن جو 75 سيڪڙو آهن، جن بابت هاڻ معلوم آهي ته اهي اڳوٽي پنجاب کان آيل هئا ۽ بلوچ يا عرب يا پٺاڻ بڻ بنياد مان نه آهن. اهو اڻ ٽيٽي ٿو لڳي ته ڪو اهي سڀ پاڙا سچ پچ سمن جي قبيلي جا هوندا. ڪي ته چٽيءَ ريت راجپوت ڪُلن جا پاڳا آهن. شايد سما پاڻ به اصل راجپوت يا گهٽ ۾ گهٽ انهيءَ حيثيت جا هئا، پر شايد نج نه. ائين ڄاڻي سگهجي ٿو ته سمن جا قبيلا عام طرح سمن حاڪمن جا پوئلڳ ۽ حمايتي هوندا ۽ گهڻو ڪري ساڳي حيثيت ۽ بڻ بنياد وارا هوندا. ڪڏهن ته سومرا به سمات ڄاڻايا ويندا آهن. چچ نامي ۾ سومرن، جتن، لاکن، لوهاڻن کي سنڌو ماڻريءَ جا عربن کان اڳ جا قبيلا ڪري ڄاڻايو ويو آهي، جي لاڏائو ۽ اڻ سڌريل عادتن وارا هئا ۽ جن کي الور جي راجا چچ چيپاتي چڏيو هو. پاڻ کي سمو سڏائيندڙ ماڻهو اڇڪلهه گهٽي پاڳي اوير ۽ لاڙ ۾ آهن، ۽ بهاولپور ۾ پڻ. سري واري پاسي ڇدا ملندا.

سومرا:

'تحفة الڪرام' ۾ آهي ته سومرن جو بڻ بنياد معلوم نه آهي، پر هي اصل هتان جا ئي آهن ۽ شايد صوبي جي پهرين رهاڪوءَ 'سنڌ' جو اولاد آهن، جو 'هند' جو پاءُ حضرت نوح عليه السلام جي ٽئين پٽ 'هام' جو پٽ هو. تحفة الڪرام ۾ ڏنل شجرو جڙتو آهي. هڪ ٻيو تاريخ نويس چوي ٿو ته تميم انصاريءَ جي هڪ پونير جو نالو سومرو هو. جو 583 هجريءَ ۾ اڳوٽيءَ سنڌ جو حاڪم ٿيو. سومرن جو گهراٽو اڳوٽيءَ سنڌ جو ڄاتل سڃاتل آهي ۽ هن علاقي اندر هر ميلي ملاکڙي ۾ دودي سومري ۽ چنيسر سومري جي ٽڪرار ۽ جنگ جون ڳالهيون ڳاتيون وڃن ٿيون. هنن جاتي تعلقي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ سخاپور کان رحيمڪي بازار ۽ اتان پرتي ٽرپارڪر تائين ڳوٺن ۽ واهڻن جي قطار ٻڌائي هئي، جا 25 ڪوهه ڏگهي هئي. اهي ڳوٺ ۽ واهڻ 'سومرن جون ماڙيون' سڏبا هئا. اهي سڀ

ماڙيون سرن ۾ پهٽن جون جڙيل هيون. ايڇا تائين انهن جي جهونن ماڳن تي پهٽن ۾ پڪين سرن جا ڊير پيا آهن. ڳوٺن جي هيءَ قطار سنڌوندي‌ءَ جي ڪنڌيءَ سان لڳو لڳ هلي ٿي وئي. درياء جو اهو پراڻو دڳ ايڇا تائين موجود آهي. ڪلراٹي زمين جي تر ۾ اهو ئي هڪڙو زرخيز زمين جو ٽڪرو آهي. سومرن جي راڄ جو تختو 752 هجريءَ ۾ سمن اونڌو ڪيو. صادق عليءَ جي چوڻ موجب، سنڌي وادا، رنگريز، ڪٽي ۽ نيرولي سومرا آهن. سومرن ۽ سمن جا ڪي به ڏار ڏاڙا نه آهن، سڀ پاڻ کي سومرا سڏائيندا آهن. تاهم، صادق علي سندن 43 الڳ الڳ ويڙهن جا نالا ڄاڻائي ٿو. گزيٽيئر جي 1907ع واري ڇاپي ۾ آهي ته سومرا پرمار راجپوتن جي شاخ آهن، جي انهنءَ کان چوڏهين صديءَ تائين اڳوڻيءَ سنڌ جا ٿورا گهڻا حاڪم رهيا ۽ ان دؤر جي پڇاڙيءَ ڏاري خودمختياري حاڪم هئا. ايليئٽ جو ويچار آهي ته اوائلي سومرا اباڻو مذهب ڇڏي پهرين ڪرامتي بدعت جا پوئلڳ ٿيا ۽ پوءِ اسلام تي آيا هئا. هاڻ هوسني مسلمان آهن ۽ سندن ايمان آڻڻ جي تاريخ معلوم نه آهي. 1901ع ۾ سومرن جو انگ 1,02,753 هو. اهو ڏيکاري ٿو ته سمن کان، جي وچين دؤر ۾ سندن جاءِ تي سنڌ جا حاڪم ٿيا، گهڻا گهٽ آهن. هند- پاڪستان ننڍي کنڊ جي 1931ع واري ڳڻپ ۾ چيل آهي ته بهاولپور ۾ سومرا گهڻو ڪري لوهر، ڊڪڻ، ٻيڙين وارا ۽ حجم آهن. سري واري پاسي هو عام طرح رنگريز يا ڏوبي آهن ۽ صادق آباد ۽ بهاولپور ۾ به ائين آهي. اهڙيءَ ريت ڪتري ڪي سومرا يا سومرن جو پاڙو ڪري ليکيو ويجي ٿو. سومرن جو قبيلو عام ڪري سمات سمجهيو ويجي ٿو. سومرا غالباً پوريءَ طرح نيم راجپوت به نه آهن.

بلوچ:

بلوچ قبيلن ۾ هڪ روايت آهي ته هو اصل حلب جا هئا، جتان بغداد کان ٽيندا ايراني نار جو ڪنارو ونڊي مڪران آيا ۽ اُتان سنڌو ماٿريءَ ۾ پکڙجي ويا. سندن چوڻ آهي ته کين ٻئي اموي خليفي يزيد (680_684ع) تڙي ڪڍيو هو ۽ هو مڪران اچڻ کان اڳ ڪجهه ڪامران ۾ رهيا هئا. هيءَ ڳالهه انهيءَ روايت جي تائيد ڪري ٿي ته سنڌ ۾ وسندڙ ڪن بلوچن قبيلن ۽ شامر جي ڪن هاڻوڪن قبيلن جا نالا هڪجهڙا آهن پر بلوچن جو حسب نسب ڪنهن هڪڙي نسل سان ملائڻ بيقاعدي ٿيندو. سندن قبيلا ۽ پاڙا مختلف ۽ گڏيل سڏيل بڻ بٽياد وارا آهن. صادق عليءَ پنهنجي سنڌ علائقي جي مسلمان قبيلن واري ريورٽ ۾ مکيه بلوچ قبيلا هي ڄاڻايا آهن: رند، ڊومڪي، جڪراڻي، لغاري، لاشاري، چانڊيا، ڪرمتي، ڪورائي، جتوئي، برڙدي، ڪوسا، جمالي، عمراڻي، بگٽي، مري ۽ مزاري. هن وقت سمات قبيلن کان پوءِ بلوچ سنڌ جي آدم شماريءَ جو مکيه ۾ مکيه جُزو آهن. 1941ع واري ڳڻپ ۾ بلوچن جو تعداد 7,49000 ڏيکاريل هو. پر ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي ته سنڌ علائقي جي ڪُل آدم شماري ۾ بلوچن جو تناسب وڌندو رهي ٿو. 1941ع ۾ بلوچ ملڪ جي مسلمان آدم شماريءَ جو ٽلهي ليکي 23 سيڪڙو هئا. هيٺ اڳوڻيءَ سنڌ جي بلوچن بابت جيڪو ذڪر ايندو تنهن لاءِ راقم الحروف مستر

ايڇ. ٽي. لئمبرڪ جي لکيل 1941ع واري ڳٽپ جي رپورٽ جو ٿورائتو آهي. انهيءَ رپورٽ موجب، بلوچن جا فقط سنڌ ۾ رهندڙ قبيلا آهن. نظاماٽين سميت ٽالپر، بليدي، ڪرمتي ۽ چانڊيا، انهن منجهان ٽالپر ۽ بليدي ڪيترن ورهين کان پوريءَ طرح الگ ٿاڳن ۾ ورهايل آهن. ٽالپر اڳوٽيءَ سنڌ تي پنهنجيءَ صاحبيءَ جي ڪري بلوچن واري روايتي قبائلي تنظيم زماني کان ترڪ ڪري چڪا آهن. پر بليدين جو هر هڪ پاڙو پنهنجي پنهنجي سردار هيٺ ايجا تائين قبائلي تنظيم سان واڳيل آهي. ٻئي طرف، چانڊيا ۽ ڪرمتي هميشہ کان هڪڙي سردار هيٺ رهندا آهن. جيتوٽيڪ چانڊيا سموري ڏيهہ اندر پکڙيل آهن، تڏهن بہ سندن ٽمندار پنهنجن مڪاني مخادمن جي معرفت قبيلي سان لهہ وچڑ ۾ رهندو آهي. تاهم، مجموعي طرح سنڌ علائقي اندر بلوچ قبيلن پنهنجي پنهنجي تنظيم ائين قائم نہ رکي آهي، جيئن سندن بلوچستان وارن پاڙيسرين. اُتي هر قبيلو صدين کان پنهنجي پنهنجي زمين ٽڪري ۾ رهندو اچي ٿو. مسٽر لئمبرڪ کي سنڌ علائقي جي بلوچ قبيلن ۾ هڪ سڳي ۾ پوتل نہ رهڻ جو ۽ پاڙن جي مخادمن ۾ پاڻ سردار ٿي وڃڻ جو لاڙو نظر آيو آهي. اها ڳالهہ بليدين ۾ ڏٺي وئي آهي. ٻيو مثال جمالي قبيلو آهي، جو سنڌ علائقي اندر گهٽو ۽ ڪافي ٽڙيل پکڙيل آهي. دادو ضلعي ۾ هڪڙو سردار اٽن تہ اڳوٽي بلوچستان جي نصير آباد تعلقي ۾ ٻيو. ٻئي دعويٰ ڪندا اهن تہ آءٌ وڏو سردار آهيان. هوڏانهن گولن جا هڪ ئي هنڌ ٻہ سردار آهن. ڪيترن ئي قبيلن ۾ سردار لاءِ مرٽي پرٽي جي رسمن واسطي ڦوڙي ڪڍ جو رواج ايجا تائين آهي. گهٽن قبيلن ۾ زائفائن کي زمين جي وراثت نہ ڏيڻ جو رواج ڪٽنبي قانونن جي لاڳو ٿيڻ تائين چالو هو. اهي قانون موجوده حڪومت جاري ڪيا آهن. ڪڏهن ڪڏهن انهيءَ ڏس ۾ شريعت جي تقاضا (نالي ۾) پوري ڪڍ لاءِ عورت کي سندس پتي، هيءَ خاطري وٺي ڏني ويندي هئي تہ هو اها پتي پنهنجي ياءُ يا ڪنهن ٻئي مرد (عزيز) حوالي ڪري ڇڏيندي. بلوچن ۾ شادي محرمن کي ڇڏي ويڄهي ۾ ويجهي عزيز سان ڪڍ جو رواج آهي. ڪوشش اها هوندي آهي سوٽ سان شادي ٿئي. سوٽ نہ هوندي تہ ٻين ويجهن توڙي پير جي مائٽن ۾ سڳ ڳولبو. جي اُتي بہ نہ مليو تہ پچاڙيءَ ۾ ساڳي پاڙي جو ڪو گهر ڏسبو. ساڳيءَ حيثيت وارا ماڻهو پاڙي کان ٻاهر شادي ورلي ڪن. بلوچ پنهنجن مان ٻانهن وٺڻ سان گڏوگڏ ٻاهرين جهڙوڪ: بروهين ۽ سنڌين مان بہ ٻانهن وٺندا آهن، پر غريب ۾ غريب بلوچ بہ ڪنهن غير بلوچ کي ٻانهن نہ ڏيندو. سنڌ توڙي ٻين پهرين والاريل علائقن ۾ هن نسل جي تاريخ ۾ انهيءَ قاعدي جي سختيءَ جا ڪيئي مثال ملندا. اڄي رواج هوندو هو تہ جاني دشمنين کي ختم ڪرڻ لاءِ جرڳا ڪرين ۾ سڳابندي ڪرائيندا هئا، جي ڪنهن ڪر وٽ ٻانهن نہ هوندي هئي تہ اها ڪر پهرين ڇمندڙ ڇوڪري ٻيءَ ڪر جي ڇوڪري، کي پرٽائي ڏيڻ لاءِ بڌل رهندي هئي. اهڙيءَ ريت ڪٽنب، پاڙي ۽ قبيلي ڏانهن جوابداري پوري ڪرائي ويندي هئي.

بلوچ ننڍي مٽي وارو نسل آهي ۽ ماٹھوءَ جاڻ وارن کي اهو پڻ ڏيان ۾ رکڻ کپي ته بلوچن ۾ مٽي ويهارڻ جو رواج عام آهي. بلوچ مائرون پنهنجن ٻارن کي پهريان ڇهه مهينا، جڏهن سندن کوپڙيءَ جا هڏا ايڏا ڪچڙا ٿيندا آهن، سخت پٽ تي سُمهارينديون آهن، جنهن ڪري ٻار اوندو نه ٿيندو آهي. ائين ڪرڻ سان مٿو پويان حد کان وڌيڪ تراکڙجي عجيب شڪل وارو ٿي پوندو آهي، ۽ سمجهندا آهن ته نرڙ ويڪرو ۽ اکيون وٽيريون ٿي ويندیون، جن ٻنهي وصفن جو وٽن وڏو قدر آهي.

سنڌ ۾ بلوچن جي وڏي اڪثريت زميندار ۽ هاري آهي. ٻر ڪي قبيلا ۽ پاڙا زمين کان وڌيڪ چوپائي مال تي پاڙيندا آهن. مثال طور، دادو ضلعي جا لنڊ، اُٺ پاڙي تي هلائيندا آهن ۽ ٿرپارڪر جا ڪاپڙي ۽ مري، ريڍون ۽ ٻڪريون چاريندا آهن. اولهندين ٽڪرين ۽ ڪاڇي جا گهٽا بلوچ پنهنجن ڏٺن تي گذران ڪندا آهن ۽ نه زمين تي، جا انهي پاسي غير آباد آهي، سواءِ ٿوري ٽڪري جي، جنهن کي ٽاڪرو چون ۽ نين جو پاڻي ملندو آهي. جيڪي بلوچ ڏٺن تي گذران ڪندا آهن، سي گهٽو ڪري انهن جو وڪرو ناهن ڪندا، جا ڳالهه سندن روايتن جي برخلاف آهي. ٻر جيڪي بلوچ ڪراچيءَ جي ٻرپاسي ۾ وسيل آهن، تن ۾ چوپائي مال نه وڪڻڻ جو رواج هاڻ نه رهيو آهي. ٽڪرن ۾ رهندڙ ڪيترا بلوچ پيش جا تڏا وڪڻي گذر ڪندا آهن ۽ سنڌ علاقي جي ڪيترن ئي ڳڻ ۾ بلوچ زائفائون وڪري لاءِ فراسيون ۽ اٽن جون پنج سنجيون اُٽيندیون آهن. اڳوٽيءَ سنڌ جا بلوچ هميشه ويڙهو ۽ وڳوڙي رهيا آهن ۽ وچين دؤر کان سنڌ جي حاڪمن جي لشڪرن جو وڏو حصو بلوچن تي مشتمل هوندو هو.

بگٽي سرحد جي ٻنهي طرف رهندڙ ٽاڪرو قبيلو آهن. انهيءَ قبيلي نيپئر کي سنڌ تي قبضي وقت ڏاڍو تنگ ڪيو هو. 1847ع ۾ سندن هڪ ٽولي کي، جنهن ۾ قبيلي جا اڏ جيترا وڙهي سگهندڙ ماٹھو شامل هئا، لفٽيننٽ ميري ويدر تي واٽ تي روڪي ذري گهٽ نابود ڪري ڇڏيو هو. جنهن کان پوءِ سندن سردار پيش اچي پيا هئا ۽ کين سندن راڄ جي اٽڪل ٻن هزارن ماٹھن سان لاڙڪاڻي جي ٻرپاسي ۾ رهايو ويو هو. پر انهن مان ڪيترا ٽڪرن ۾ موڪي ويا، جتي سندن سردار اڄ ٻه رهي ٿو. جيڪو ٻيو قبيلو سنڌ ۾ انگريزن جي قبضي جي اوائلي ڏينهن ۾ وڏي مصيبت ٻڌيو هو سو بليدين جو هو. کين گهٽي ياڳي مٽيءَ سنڌ جي سرحدي علاقي (هاڻ جيڪب آباد ضلعو) ۾ وسايو ويو هو. بگٽي اڳي بڙڊيڪا جي ٻيلن ۾ واسو ڪندا هئا ۽ ڦرلٽ تي گذر ڪندا هئا ۽ ڪي سال وڏو آزار هئا. پر جنرل جان جيڪب جي بندوبست هيٺ هو ستت ئي امن و امان سان رهڻ لڳا. سرحد جي ٻنهي پاسي رهندڙ جنگجو قبيلن مان هڪڙو ڊومڪين جو آهي. سندن والار اوپرندي ڪچيءَ وارو تر آهي، جتي سندن سردار اڄا تائين رهي ٿو. هاڻ اهي گهٽو ڪري لاڙڪاڻي، سکر ۽ حيدرآباد ضلعن ۾ رهن ٿا. مشهور سردار دريا خان جڪراڻي قبيلي جو هو جنهن قبيلي نيپئر کي سخت تنگ ڪيو هو. کيس معاف ڪري جاگير عطا ڪئي وئي، پر پوءِ 1857ع واري آزاديءَ جي جنگ ۾ ٻهري وڙهڻ تان عدن

ڏانهن جلاوطن ڪيو ويو جتي هن پنهنجا پساهه پورا ڪيا. جنرل جان جيڪب جي نظر ۾ ڪوسا حالتن پٽاندڙ قورو ڪڙمي، سپاهي يا ريڍار هئا. هو ڪلهوڙن جا حمايتي هئا، ان ڪري ٽالپرن جي صاحبيءَ ۾ عتاب هيٺ هئا ۽ پوئين صديءَ جي ٽين ڏهاڪي ۾ گهٽن ٽرپارڪر ۽ ڪڇ وارا پاسا وڃي وسايا، مري هڪ طاقتور قورو قبيلو هئا، جي مري ٽڪرن ۾ رهندا هئا، جتي سنڌن سردار رهندو آهي. هيءُ قبيلو گڏيل سڏيل عنصرن مان اُسريل نظر اچي ٿو. ٽالپر ميرن ۾ انهن منجهان هئا. مرين جو چگو وڏو تعداد گهٽو اڳي سنڌ جي وچولي ۾ اچي رهيو هو، پر اصل نسل سان گهٽو واسطو ڪونہ رکيائون. چانديا گهٽي ياڳي لاڙڪاڻي، سکر ۽ حيدرآباد ضلعن ۾ اچي وسيا. هيءُ قبيلو پيڙهن تائين ايتري تہ اثر وارو هو جو شڪارپور جي پرپاسي وارو ملڪ سڏبو ئي سنڌن نالي پٽيان 'چانڊڪو' هو. سنڌ جي فتح کان پوءِ سنڌن سردار ولي محمد جون غيبي ديري، مرزاپور ۽ 'خان اُسٽيلا' واريون جاگيرون ڪيس ڏنيون ويون. انهن جي ڪُل پکيڙ ڏيڍ لک ايڪڙ هئي. اهي جاگيرون پوءِ هڪ سَند ذريعي سنڌس پٽ غيبي خان ۽ هن جي وارثن کي انهيءَ شرط سان مليون تہ اهي برطانيا سرڪار جي مرضيءَ تي منحصر رهنديون، ۽ تہ هر جاءِ نشينيءَ وقت سرڪار کي ٻہ هزار رپيا نذرانو پيش ڪيو ويندو.

بروهي:

هن گزيٽيئر جي 1907ع واري چاپي موجب، اڳوڻي بلوچستان ۾ بروهي يا براهوي سڀني کان گهٽا آهن. حاڪم گهراٽا ان ئي قبيلي مان آهن. هو پنهنجي ۽ بلوچن جي وچ ۾ فرق ڪرڻ لاءِ بلوچن کي 'نارئي' يعني هيناهين پٽ وارا سڏيندا آهن. مئسن جو خيال آهي تہ براهوي متان 'باروهي' جي بگڙيل صورت هجي، جنهن جي معنيٰ آهي 'سچ وارو' اهڙي ريت اهي ٻہ نالا متان هڪ ٻئي جي فرق ڏيکارڻ لاءِ ڪم ايندا هجن. ائين جيئن 'مٺاهين پٽ وارو' ۽ 'هيناهين پٽ وارو' ٻين صاحبن جي خيال ۾ براهوي 'براهو' مان نڪتل آهي. عام طرح ابراهيم نالي کي ننڍو ڪري 'براهو' ڪوٺيندا آهن. انهيءَ عجيب قبيلي جي بڻ بڻياد بابت ڪافي قياس آرائي ڪئي وئي آهي. سنڌن ٻولي بروهڪيءَ جو بلوچيءَ سان ڪو لڳ لاڳاپو ڪونهي ۽ وڏا مستند عالم ان کي دراوڙي نسل جي ٻولي سمجهن ٿا. ٽئي وڏي ۾ وڏا بروهي قبيلا، سنڌن پنهنجن لفظن ۾، جدگال يعني جٽ سڏيا وڃن ٿا، جڏهن تہ مڪران ۾ بروهين کي عام طرح 'ڪُرد' ۽ سنڌن ٻوليءَ کي 'ڪُردي' ڪوٺيو وڃي ٿو. هو سني آهن. پر چيو وڃي ٿو تہ منجهن ڪي ٻہ سيد، پير يا ملا ڪونهن، ۽ بلوچن کان گهٽ تعصبي آهن. هو ويس وڳي، ريتن رسمن ۾ بلوچن کان ڪي گهٽا مختلف ڪونهن، سواءِ ان ڳالهہ جي تہ سنڌن عورتون نير جون شوقين آهن، جو رنگ بلوچ ڪونہ پائن. بلوچ کين گهٽ سمجهندا آهن. سنڌن اصل نسل بابت صادق علي چوي ٿو: "افغانن جيان بروهي ٻہ بني اسرائيل ڏسڻ ۾ اچن ٿا ۽ سنڌن حشر ٻہ اهڙو ئي ٿيو جهڙو افغانين جي وڏن جو بابل جي بادشاهہ بخت نصر جي دؤر ۾ ٿيو هو. 600 ق.م ڌاري هنن بلوچن جي ٽڪرن ۾ اچي پناهہ ورتي هئي ۽ ايا تائين اتي رهندا اچن ٿا. سنڌ ۽ بلوچستان

علائقي ۾ 'ابراهيم' نالو عام طرح 'براهيم' ڪري اُچاريو ويندو آهي. بروهين جي ان پهرين وڏي جو نالو اَلَ 'براهو' هو. سندس پوين کي 'براهئي' سڏيو ويو جنهن جي معنيٰ آهي براهو جا پويان. هڪ ٻئي بيان موجب هو حلب کان آيا ۽ بلوچستان ۾ اچي وينا، انهن ۾ هڪڙو پريو مڙس مير ابراهيم خان نالي هڪڙو همراهه هو جنهن کي سردار کڻي ڪيائون، يا پائنجي ٿو ته جڏهن سندن وڏا بخت جي صاحبيءَ ۾ يروشلم کان ٻڪا هئا ته اچي خلد ۾ وينا هئا ۽ عربستان جا اصل رهاڪو نه هئا. سڀ بروهي زائفائون گهگهو پائينديون آهن، پر هڪ خاصيت اهڙي آهي، جا ٻنهي قبيلن ۾ وڏو فرق قائم رکي ٿي. سڀ بروهي عورتون هميشه نير ۾ ڳوڙها رڳيل گهگها وڏي شوق سان پائينديون آهن، جڏهن ته متين سنڌ ۽ بلوچستان علائقن ۾ بلوچن جون زائفائون توڙي مرد نير ڏنل يا ڪو ٻيو ڪارو ڪپڙو ڪڏهن ڪونه پائن. صادق علي چوي ٿو ته: "مون کي بروهي عورتن جي ويس ۽ تصويرن ۾ جارجيائي چوڪرين کي اوڀيل ويس جي وچ ۾ اڪثر وڏي مشابهت ڏسڻ ۾ آئي آهي، جنهن مان مون اڪثر ائين ڄاتو آهي ته بروهي اصل جارجيا مان آيا هئا، چو ته سندن ٻوليءَ جو افغانيءَ يا بلوچن جي ڪنهن ٻ ٻوليءَ سان ڪو لڳ لاڳاپو ڪونه آهي، بروهين منڊ ۾ ٻن ٽاڪرو ڇپرن ۾ پناهه ورتي هئي: هڪڙو ساراوان يعني چوٽيءَ وٽ ٽڪرن جو ڇپر، ۽ ٻيو جهالاوان يعني 'تري وٽ ٽڪرن جو ڇپر' هو هميشه ٻن مختلف سردارن جي هٿ هيٺ رهيا آهن.

1941ع ۾ سنڌ علائقي اندر رهندڙ بروهين جو تعداد 82,326 ڳڻيو ويو پر بروهين جي آدم شماريءَ جو صحيح انگ معلوم ڪرڻ ڏکيو آهي، چو ته نرالي نموني جا لاڏائو آهن. سنڌ علائقي ۾ جيڪي بروهي ڳڻپ هيٺ آندا ويندا آهن، تن ۾ هميشه دائمي طرح رهندڙ ٻه هوندا آهن ته ٿوري وقت لاءِ لڏي آيل ٻ. انهيءَ لڏپلاڻ جا تي قسم آهن: ميعادي نيم دائمي ۽ دائمي. وڏي ڏکيائي ميعادي لڏي ايندڙن جي ڳڻپ ڪرڻ ۾ درپيش اچي ٿي، چو ته هيءَ لڏپلاڻ گهٽو ڪري ڳڻپ واري وقت ٿيندي آهي. ازانسواءِ، سنڌ علائقي ۾ نيم دائمي رهواسيءَ جي خاطري ٽيڙ ٻ ڏکي آهي، چو ته ڏنو ويو آهي ته ڪيترا بروهي ايندا ته ٿوري وقت لاءِ آهن، پر پوءِ هميشه لاءِ رهي پوندا آهن. مسٽر لئمبرڪ چوي ٿو ته ڳڻيندڙن لاءِ انهن ماڻهن کان جي عام طرح شڪي سياڻ وارا ٿيندا آهن. اهو معلوم ڪرڻ واقعي ڏکيو آهي ته هو هتي ڪيستائين رهندا، ۽ جيئن ته هو اڪثر ساڳي منزل گاهه ۾ سياري جا ڪيترا مهينا رهيا پيا هوندا آهن. انهيءَ ڪري ڳڻيندڙ هنن جي داخلا ضرور ڳڻپ جي ساڳين پٽڀن ۾ ڪرڻ تي هرڪجي ويا هوندا، جن پٽڀن ۾ پرپاسي ۽ گهرن اندر رهندڙ آدم شماريءَ جي ڪئي هونداٿون. ڳڻپ ڪندڙن کي جا پي ڏکيائي درپيش اچي ٿي، سا هيءَ آهي ته جيئن پوءِ وڌيڪ بروهي نيم دائميٰ رهائش اختيار ڪرڻ ڏانهن مائل هوندا آهن. هو سنڌ علائقي اندر هڪڙو يا شايد ٻ يا وڌيڪ اونهارا رهندا. پهرين ارادو هوندن ته ڏوڪڙ ڪٺا ڪري ٽڪرن ڏانهن موٽي ويندا سون، پر پوءِ خيال متجي ويندن ۽

انهن پئسن مان زمين وٺي چڏيندا. اهڙا ماڻهو پوءِ به ڪچن اجهن يا ٽُنبن ۾ رهندا ايندا، پر هاڻ هو ميعادي لڏي ايندڙ نه رهندا. ان ڪري ڪين نيم دائمي رهواسين کان الڳ ڪرڻ تمام ڏکيو آهي.

1901ع کان پوءِ هر ڏهين سال ٽيندڙ ڳڻپ وقت بلوچستان علائقي جي اختياريءَ وارا انهيءَ ڳالهه کي تشويش جي نظرن سان ڏسندا رهيا آهن ته اتان جي ماڻهن خاص ڪري بروهين ۾ لڏي وڃي سنڌ ۾ ويهڻ جو لاڙو جيئن پوءِ وڌندو پيو وڃي، پر متي ڄاڻايل ڏکيائين جي ڪري ايڏا تائين پورو پتو نه پئجي سگهيو آهي ته آخر بلوچستان کان ڪيترا بروهي سنڌ علائقي ۾ لڏي آيا اهن. مسٽر لئمبرڪ جو خيال آهي ته لڏي ايندڙ ڪيتري حد تائين اڳوٽيءَ سنڌ ۾ ويهندا پيا وڃن. سو معلوم ڪرڻ سينې ۾ خاطريءَ جوگو طريقو هي ٽيندو ته اهي لڏي ايندڙ جيڪي بولان، ملا، هرباب ۽ ڪوسي لڪن واري وات وٺي اچن ٿا، تنهن تي آڪٽوبر ۽ نومبر مهينن ۾ ۽ وري مارچ ۽ اپريل مهينن ۾ ڳٽيندڙ رکيا وڃن. جي هيٺ ويندڙ ۽ متي ايندڙ ماڻهن کي ڳٽيندا رهن. بروهين جا الڳ الڳ قبيلا عام طرح ڏار ڏار جاين تي ڌاڌا ڪندا آهن، پر جي اڳوٽيءَ سنڌ ۾ گڏجي رهڻ آيا هوندا ته ڏار ڏار ڳوٺ ٻڌي ويهندا. هيءَ ڳالهه قبيلن جي پاڻ ۾ ننڍن پاڻ سان به لاڳو ٿئي ٿي. جهالاوان جي ڪنهن خاص تر جا ماڻهو جي هڪ ئي پاڙي يا ننڍي پاڙي جا هوندا ته گهٽو ڪري سنڌ ڏي گڏجي ايندا ۽ هڪ ئي هنڌ ٽڪندا. هو عام طرح تنبو گيدڙ، هنڌ بسترا، جنڊ، رڌڻ جو سامان، ائٽ ۽ گهر جون سڀ شيون ڏڳن ۽ گڏهن تي لڏي پاڻ سان کڻي هلندا آهن. انهن بار ڏوئيندڙ جانورن تي بار ڪٽنب جا پوڙها ۽ بيمار ياتي، اهڙا ڇيلا، گهيٽا ۽ گُلر جي پنڌ جهڙا نه هجن ۽ ڪڙيون به ڪنيون ويندیون آهن. بروهي ڏري گهٽ سدائين پنهنجون زائفائون ۽ بار پاڻ سان گڏ کڻندا آهن، پر ٿورا اتي ئي ترسندا آهن ته جيئن انهيءَ مال جي سنيال ٿي سگهي، جو سنڌ علائقي ڏانهن ناهي نيو ويندو ۽ انهيءَ پوک جي تات ٿي سگهي، جا هو پڇڻ تي چڏي ويندا آهن. هو يا ته پنهنجن گيدڙن ۾ يا جهاتر ۽ تڏن جا اڄها اڏي رهندا آهن ۽ هڪ هنڌ تيستائين رهندا آهن. جيستائين مردن کي ڪم ملندو آهي، ۽ جڏهن ڪم پورو ٿي ويندو آهي، تڏهن لڏا پٽي ٻئي پاسي ويندا آهن.

بروهڪي هڪ دراوڙي ٻولي آهي يا اهڙي دراوڙي ٻوليءَ جي باقيات آهي، جا پاڪستان يورپي ٻولين جي سمند ۾ الڳ ٿلڳ هئي، ۽ انهيءَ ڳالهه مان ماڻهوءَ جاڻ وارا ائين وسهن ٿا ته بروهي يا ته انهيءَ پونوچي نسل مان آهن، جو شروع شروع ۾ ڏکڻ بلوچستان جي علائقي ۽ هيٺينءَ سنڌ وارن تر ڏانهن لڏي آيو هو يا وري هو اُن وڏي پونوچي ڪاهه جي باقيات آهن، جنهن سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب پيدا ڪئي. هيءَ ڳالهه بلڪل پڪي آهي ته هيٺين سنڌ ماٿريءَ ۽ انهيءَ ڏيهه جي وچ ۾، جتي بروهي رهندڙ آهن، ويجهي لهه وچڑ رهي آهي، ۽ هيءَ پڻ ته شايد هزارين ورهين کان بروهين ۽ اصلوڪن سنڌي نسلن جي وچ ۾ سڳابندي ٽيندي رهي آهي. 1931ع واري ڳڻپ ۾ جيڪو ڌاڪٽر گوها جو لکيل نسلي جائزو شامل آهي، تنهن ۾ هو ڏيکاري ٿو ته بروهين جي پيٽ ۾ سنڌي ٿورا وڌيڪ قداوار

وڌيڪ گول مٿي وارا آهن نڪ به وڌيڪ ڊگها اٿن. پر ڪاپار جي ٽڪري جيتري وڌيڪ اُيي ۽ اکين جي چلهه واري وٿي جيتري وڌيڪ ويڪري سنڌين ۾ ٿئي ٿي تيتري بروهين ۾ نٿي ٿئي. اهي ڀالهيون جتي ٻنهي جي وچ ۾ نسلي هڪجهڙايون ڏيکارين ٿيون، اُتي بروهين ۾ ويڪري نڪ سان ڊگهيري ۽ لوٽيري مٿي واري نسل جي لڇ هجڻ جو ڏس پڻ ڏين ٿيون. باريڪ جاچ رکڻ وارن جو چوڻ آهي ته بروهي حد دخلي ڪري آيل بلوچن جو رت ايترو ته گهٽو جذب ڪري چڪا آهن جو هاڻ کين بلوچن کان الڳ سڃاڻڻ ڏکيو ٿي پيو آهي. ٿي سگهي ٿو ته هيءَ ڀالهه صحيح هجي، پر مجموعي انگن اکرن جو تجزيو ظاهر ڪري ٿو ته منجهن ڊگهي مٿي واري آڪاٿي نسل جي لڇ پنهنجي پاڙيسرين کان ڪجهه مڙيوئي سرس آهي. جيڪي بروهي اڳوٽيءَ سنڌ ۾ دائمي طرح رهندڙ آهن.

سي زميندار ڪڙمي، اُٿن تي بار ڏوئيندڙ لوهر ۽ قلعي گر يا مزور آهي. ميعادي لڏي ايندڙ گهٽو ڪري سنڌي زميندارن جون زمينون کيڙ گهمائي سنوٽ ۾ آڻڻ جو ڪم ڪندا آهن، جنهن لاءِ پاڻ سان ڏيڳا آڻيندا آهن، چانورن چڙڻ جي ڪارخانن ۾ ڪم ڪندا آهن، لابارو وجهندا آهن يا مزوري ڪندا آهن. اڪثر ڪري زميندارن ۽ مزوري ڏيڻ سان سڃاڻپ ٿي ويندي اٿن. سو سال بسال هنن وٽ اچي ڪم ڪندا آهن. سنڌن زائفائون وڪري لاءِ پيش جا تڏا ناهيندڙيون آهن، ڏاس ۽ اُن وٽيندڙيون آهن ۽ فراسيون، خرزينون اُٽيندڙيون آهن. ڪراچيءَ جي پرپاسي ۾ منگهي پير، ملير، درسن، گهاڙي ۽ لانڍيءَ ۾ بروهي گهٽي وقت کان رهندا اچن ٿا. ڪراچيءَ جي باغ جي پيدائش ۽ ڪير لاءِ طلب جيئن پوءِ وڌندڙ آهي ۽ موٽر گاڏين اٿن کي بيدخل ڪونه ڪيو آهي. ڏکڻ جهالاوان ۽ ڪراچيءَ جي وچ ۾ پيش جو واپار زور شور سان جاري آهي ۽ ان کي آڻڻ جو ڪم ڏري گهٽ سڃي جو سڃو بروهي ڪندا آهن. نوابشاهه ۽ ٽرپارکر ۾ بروهين جي تعداد ۾ واڌارو پڻ ذڪر لائق آهي. اهي ضلعا موسمي لڏپلاڻ جي حد کان ٻاهر آهن، ۽ انهيءَ ڀالهه ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته بٿراجي واهن جي ٺهڻ ڪري هارين، ڪارخاني جي مزدورن ۽ اٿن رستي باربرداري جي جيڪا گهرج ٿي آهي، سا بروهين کي همیشه لاءِ لڏي اچي ويهڻ تي هر ڪائي رهي آهي. نوابشاهه ضلعي ۾ اڳيئي ڪيترا اهڙا بروهي آهن، جن وٽ پنهنجيون زمينيون ٿي پيون آهن، ۽ لاڙڪاڻي (قنبر) ضلعي جي شهداد ڪوٽ تعلقي ۾ مسٽر لئمبرڪ ڪيترا اهڙا بروهي ڏٺا، جن ڪٽنبي بنياد تي بٿراج زمين جا ننڍا ننڍا ٽڪرا خريد ڪيا هئا ۽ سڀ ڪڙمي سمجهيا ويا.

سيّد:

سيد ـ اسلامي رياست روحانيت جا سرواڻ آهن ۽ اڳوٽيءَ سنڌ ۾ هنن جي حد ڪان وڌيڪ عزت ڪئي ويندي هئي. گزيٽيئر جي 1907ع واري ڇاپي ۾ چيل آهي ته 'سيد' لفظ جي معنيٰ آهي 'سردار' ۽ فقط نبي سڳوري ﷺ جي ڏوهٽي حضرت امام حسن رضي الله عنه ۽ امام حسين رضي الله عنه جي پوين لاءِ ڪتب ايندو آهي. ان ڪري سيد: حسني ۽ حسيني 1901ع واري ڇپ موجب، تڏهن سنڌ ۾

10,607 حسني ۽ 25,613 حسيني سيد هئا. جڏهن ڪافر منگول وچ ايشيا ۾ مسلمان بادشاهتن کي تاراج ڪري رهيا هئا، تڏهن ڪيترن متقي ۽ عالم سيدن سنڌ ۾ اچي پناهه ورتي هئي. ٻيا پوءِ آيا ۽ سيوهڻ، بکر يا نٽي ۾ رهڻ لڳا، جتان سندن پويان ٻين هنڌن ڏانهن پکڙيا جو گهڻا حاڪم خاص ڪري تالپر سندن گهڻي پاسخاطري ڪندا هئا. صادق علي، سيدن کي ٽن درجن: قريشي الهاشمي، حسني ۽ حسينيءَ ۾ ورهائي ٿو. قريشي الهاشمي- سيد آهن، جيڪي اصل ۾ قريش آهن، جي نبي سڳوري ﷺ جي ڏاڏي هاشم جو اولاد آهن. هاشم جي پوين کي قريشي الهاشمي سڏيو وڃي ٿو ۽ فهر جا ٻيا سڀ پونئر 'قريش' ڪوٽبا آهن. قريشي الهاشمي سيدن جو درجو سيني کان مٿانهون آهي، ڇو ته پاڻ سڳورا ﷺ انهيءَ نسل مان آهن، ۽ انهيءَ قبيلي کي دنيا جا سڀ مسلمان اتم ۾ اتم قبيلو ڄاڻندا آهن. صادق علي، قريشي الهاشمي سيدن جون هي شاخون ڄاڻائي ٿو: علوي، بني عباس، جعفري، عقيلي، ڪلهوڙا ۽ ڪلوڙ، ۽ ڪلوڙن ۽ ڪلوڙن جو سڏيءَ طرح عرب نسب مان هجڻ مشڪوڪ آهي. صادق علي اڳوٽيءَ سنڌ ۾ حسني سيدن جو ٻه شاخون ڄاڻائي ٿو: 1. حسني ۽ 2. جيلاني يا گيلاني. گيلان ايران جو هڪ پرڳڻو آهي ۽ اهي سيد جيلاني (گيلاني) انهيءَ ڪري سڏبا آهن جو سندن جد امجد گيلان جي پرڳڻي ۾ رهندو هو. روهڙيءَ لڳ گهوٽڪيءَ وارا ۽ اڳوٽي خيرپور رياست ۾ راڻيپور وارا پير جيلاني سيد آهن. صادق علي سنڌ جي حسيني سيدن جون جيڪي شاخون ڳڻايون آهن، سي هي آهن: حسيني، بخاري، متياري، لکياري، رضوي، شيرازي، شڪرالهي، مشهدي، مازندراني، ميرڪي، عريضي، امير خاني، شمسي، خراساني، موسوي، معصومي، استر آبادي، وجهه الديني، مشواني، لودي، تران ۽ ڪاهري. انهن مان بخاري سيد دعويٰ ڪندا آهن ته اسان ايشيائي ترڪستان جي شهر بخارا کان آيا هئاسون. متياري سيد متياريءَ جا ويڙل هئا، جو حيدرآباد ضلعي جي هڪ ڳوٺ جو نالو آهي. لکياري سيد عربستان کان سنڌ ۾ آيا هئا ته ٽڪرن ۾ اچي ويٺا هئا جيئن ته جبل جو لڪ لتاڙي آيا هئا ان ڪري لکياري ڪوٽيا ويا، يا شايد ان ڪري جو دادو ضلعي جي ڳوٺ لکيءَ ۾ اچي رهيا هئا. هي 'لکوي' پڻ سڏبا آهن. رضوي سيد امام موسيٰ رضا رضي الله عنه جو اولاد آهن. شيرازي سيد اصل ايران جي شهر شيراز کان آيا هئا. مشهدي سيد اصل ايران جي شهر مشهد جا ويڙل آهن. امام رضا رضي الله عنه جو روضو مبارڪ به اُتي آهي. مازندراني سيد مازندران کان آيا هئا، جو ايران جو هڪ پرڳڻو آهي. ميرڪي ۽ عريضي سيد افغانستان کان سنڌ ۾ آيا هئا. امير خان سيد دهليءَ کان اچي نٽي ۾ ويٺا هئا. شمسي سيد ملتان واري شاهه شمس الدين جو اولاد آهن. خراساني سيد ايران جي شهر خراسان جا آهن. ڪنگريءَ وارا پير خراسان جا ويڙل چيا وڃن ٿا ۽ ان ڪري خراساني سڏجن ٿا. موسوي سيد امام موسيٰ ڪاظم رضي الله عنه جو اولاد آهن، جو بغداد (ڪاظمين) جو هو. استر آبادي سيد استر آباد شهر کان آيا هئا، جو ڪئسپئن سمنڊ جي ڪپر تي آهي. تران سيد امام علي رضا رضي الله عنه جي اولاد هجڻ جي دعويٰ ڪندا آهن. ڪاهري سيد چوندا آهن ته اسين امام

موسيٰ ڪاظم رضي الله عنه جا پونئر آهيون. جيڪي سنڌي قبيلا قريشي هجڻ جي دعويٰ ڪندا آهن، سي هي آهن: شيخ، صديقي، ٽُنيا، پيرزادا، دائود پوٽا، شجراع، نائچ ۽ پيا. صديقي پهرئين خليفي حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جو اولاد ڪري صديقي سڏائيندا آهن. پر ٽُنيا اصل سنڌي آهن ۽ سمن جي قبيلي مان آهن. دائودپوٽا، جن جو هڪڙو گهرانو بهاولپور جو حاڪم آهي، سو گهٽو ڪري ڪورڪو ڪم ڪندا آهن ۽ سمن جي قبيلي مان آهن. شجراع، نائچ ۽ پيا، اهي سيڊ پاڻ کي عربن جو اولاد ڪ ندا آهن، پر هو اصل سنڌي سمجهيا وڃن ٿا.

خوجا:

'خوجو' نوز 'خواجہ' جي بگڙيل شڪل آهي ۽ معنيٰ اٿس 'مالڪ' يا 'اعليٰ شخص' (خوجا) اڳي هڪ جماعت هوندا هئا، پر اٽڪل ستر ورهيه اڳ هو بن فرقن، پنجي پائي ۽ پڙائي، ۾ ورهائجي ويا. پنجي پائي (خوجا) وڌيڪ ڪتر آهن ۽ آغا خان کي يا پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جن جو عيوضي (نائب) ڪري ڄاڻندا آهن، جو سندس حسب نسب حضرت اسماعيل بن امام جعفر صادق رضي الله عنه جي معرفت وڃيو پاڻ ڪريمن سان ملي، يا وري خود خدا جو اوتار ڪري سمجهندا آهن. اسماعيلي فرقي جي روحاني پيشوا کي 'آغا خان' سڏيو وڃي ٿو. هن وقت سندن امام شهزادو ڪريم آغا خان آهي. ٻئي طرف، پڙائي ڪوجا (خوجا) آغا خان کي محض پير ڪري ڄاڻندا آهن. سنڌ علائقي اندر پڙائي خوجن جو تعداد تمام ٿورو آهي. هتي جا گهٽو ڪري سيڊ (خوجا) پنجي پائي فرقي جا آهن. خوجا اڳوٽيءَ پنجاب جي لوهاڻن جا پونئر آهن، جي پندرهين صدي عيسويءَ ۾ شيعن جي اسماعيلي فرقي جا پوئلڳ ٿيا هئا ۽ شايد فارس کان لڏي آيلن سان رلي ملي ويا هئا. پڙائي ڪوجن (خوجن) جو عقيدو شيعت کي وڌيڪ ويجهو آهي. هو جنهن جاءِ ۾ عبادت لاءِ ڪٺا ٿيندا آهن، تنهن کي ممبر چيو وڃي ٿو. هو آغا خان کي زڪوات ناهن ڏيندا. ڇو ته سندس بعيت ترڪ ڪري چڪا آهن يا جماعت مان ڪڍيا ويا آهن. پنجي پائي (خوجا) آغا خان کي امام مهديءَ رضي الله عنه جو نائب ڪري مڃين ۽ زڪوات کيس ڏين. سندن بزرگن کي مڪي سڏين ۽ سندن عالمن کي پڳٽ. نماز جماعت خاني ۾ پڙهن (خوجا) ڏاڙهي رکائيندا به آهن ۽ نه به رکائين. پڙائي خوجا عام طرح ڏاڙهي رکائين. مڇون ڪونہ ڪوڙين. ننڍي عمر جي شاديءَ کي ڇڪو ڪونہ سمجهن. صادق علي، ڪراچيءَ جي پنجي پائي (خوجن) جي برڪ ماڻهن جي سَنَد تي ٻڌائي ٿو ته خوجا اصل ۾ ڪشمير جا چڪ ـ هندو ۽ پاتيا آهن، جن کي اٽڪل پنج سؤ ورهيه اڳ پنجاب علائقي جي هڪ صوفيءَ سيد صدرالدين شاهہ جنهن جي هو وڏي عزت ڪندا هئا، مسلمانيءَ تي آندو هو. شاهہ صاحب جو حسب نسب ڪوجا (خوجا) جماعت جي هاڻوڪي امام، آغا خان، جي گهراٽي سان ڪونہ ٿو ملي، پر چيو وڃي ٿو ته پاڻ آغا خان جي جد امجد، شاهہ نذر جو مريد هو. چوڻ ۾ اچي ٿو ته پاڻ فارس ويو هو ۽ اتي شاهہ نذر جي خدمت ۾ حاضري پري هئائين، جو تڏهن صغير هجڻ ڪري حضرت حسن شاهہ جي سنيال هيٺ هو ۽ پهرين امام، حضرت

علي ﷺ کان ملندڙ امامت واري سلسلي جو ويهون امام هو. (خوجا)، طبقي جي حيثيت ۾ وڻج واپار ڪندا آهن ۽ انهيءَ ڪرت ۾ تمام هوشيار آهن. انهيءَ ڏس ۾ سنڌن خدمتون هاڻوڪي سنڌ علائقي لاءِ وڏي اهميت رکن ٿيون. ڇالاءِ جو ورهاڱي کان پوءِ سڀ هوشيار هندو سنڌ ڇڏي ويا آهن. ڪن هندن تي (خوجا) زميندار آهن ۽ پوکي راهي ڪندا آهن. هو پنهنجي نفعي جي انين پتي آغا خان کي ڏيندا آهن ڇو ته سنڌن وڏن مسلمان ٿيڻ وقت اها پتي ڏيٽي ڪئي هئي. اڳوٽيءَ سنڌ ۾ پنجي پائي (خوجن) جون ذاتيون آهن مومنائي، پيرواٽي ۽ تيجاٽي. سنڌ علائقي ۾ (خوجن) جو تعداد معلوم نه آهي. ڇاڪاڻ جو انهن جي ڏار ڳڻپ نه ڪئي وئي آهي پر 1931ع واري ڳڻپ ۾ هو 5196 مرد ۽ 5038 عورتون ملائي 10234 ڄڻا هئا، جن مان 8434 ڄڻا ڪراچيءَ جا رهاڪو هئا.

جت:

جنهن لفظ کي انگريزيءَ ۾ 'JAT' ڪري لکيو وڃي ٿو سو درحقيقت سنڌيءَ جي ٻن ڏار ڏار لفظن جي نمائندگي ڪري ٿو. پهريون لفظ 'ت' سان 'جت' ۽ ٻيو لفظ 'ج' ۽ 'ت' 'جٽ' آهي. ٻنهي جي معنيٰ الڳ الڳ آهي، پر انگريزيءَ ۾ سنڌن فرق نروار نٿو ٿئي.

'جت' شايد سائٽيائي نسل جو سنڌي قبيلو آهي. هي آڳاٽي وقت هت رهندڙ آهن، جنهن جي ساک ڪڇيءَ ۾ نوڏا جي تاريخ پري ٿي. اُتان هو لاڙ ۾ اچي نڪتا هئا ۽ هاڻ انهيءَ پاسي گهڻا آهن. جاگرافيدان ابن حوقل ڏهين صدي عيسويءَ ۾ انهن کي اُتي ڏٺو ۽ بيان ڪيو هو. هو اُٺ پالينڊا هئا ۽ سنڌن ڏيهه اُٺن کان مشهور هو. اڄ به سنڌن ڪرت اها ئي آهي. روز ڏهاڙيءَ جي محاوري ۾ جَتُ چوندا ئي اُٺ واري کي آهن. 1901ع واري ڳڻپ موجب، سنڌن تعداد 77920 هو. اڄ ڪيترو اٽن سو معلوم نه آهي.

عربن جي فتح کان اڳ برهمڻ راجائن جت قبيلن کي سختيءَ سان دٻائي رکيو هو ۽ عرب پرڳڻي ڏٽي به ساڳي پاليسيءَ تي هلندڙ نظر اچن ٿا. بلوچن جي ڪاهن شروع ٿيڻ کان پوءِ، بلوچ سردار ۽ مغل حڪمران، ٻئي سنڌو ماٿريءَ جي سيني سنڌي ماڻهن کي بنا ڪنهن فرق جي جت سڏڻ لڳا. انت سنڌ جي گهڻن پاڳن ۾ عام محاوري ۾ 'جت' جو نسلي مفهوم ختم ٿي ويو ۽ ان جي بدران ڪرت جي معنيٰ ۾ اٺ واري لاءِ ڪم اچڻ لڳو. شايد انهيءَ جو ڪارڻ هيءُ هجي ته سورهين، سترهين ۽ ارڙهين صدين ۾ سنڌ جي لشڪرن ۾ وڏهندڙ ماڻهو گهڻو ڪري راجپوت ۽ ريگستان جا راجپوت يا بلوچ ۽ مغل هوندا هئا، جڏهن ته ڏيهي ماڻهو آٽي ۽ نيڻ جا وسيلا موجود ڪري ڏيندا هئا. جڏهن ڪلهوڙا ۽ تالپر ڏکڻ اولهه پنجاب علائقي کان هيٺ آيا، تڏهن سرائي ۽ اڳوٽي پنجاب جا بلوچ به گڏ هئن. هنن ضرور پاڻ سان وڏي تعداد ۾ اُٺن وارا به آندا هوندا، جي اهڙن قبيلن جا هوندا، جن کي بلوچ 'جت' جي نالي سان سڃاڻندا هئا، ۽ جيڪي بهاولپور، ديري غازي خان ۽ ملتان ۾ وسيل هئا. اڳوٽي پنجاب جي بلوچن جيان، اهي به سنڌ ۾ رهي پيا، جتي منجهائن گهڻا اڄا تائين لهندا ٻولي

ڳالهائيندا آهن. انهن اوڀي ماڻهن مان ڪجهه سماجي حيثيت گهٽ ٿي وڃڻ ڪري بلوچ قبيلن کان ڇڄي ويل هئا، يا وري تن بلوچ قبيلن مان هئا، جن جي نالن پٺيان سڏايائون ٿي، مثال طور: لاشاري، پر گهٽ ۾ گهٽ لاڙ واري پاسي اهڙا ٻيا قبيلا ٻه هئا، جي عام طرح جت سڏبا هئا ۽ جي گهڻو ڪري اُٺ ڪاهيندڙ يا اُٺ پالينڊڙ هئا. اهي جت سنڌي ڳالهائيندا آهن ۽ پڌري پٽ آڳاٽي زماني کان سنڌ ۾ رهندڙ آهن. جاتيءَ جا جت ملڪاڻي سڏائڻ پسند ڪندا آهن، ۽ جي پاڻ کي ڪڏهن جت مڃيندا ٻه آهن ته ترت ڦڙت اهو پڙ چوندا آهن ته اسان جو ٻين جتن سان ڪو لڳ لاڳاپو ڪونهي، ٻئي طرف، گونيءَ جا خاناڻي جت ملڪاڻي جتن سان مائٽي هجڻ جو منهن نه ڪندا آهن، ۽ چوندا آهن ته اسان انهن کي پنهنجو سردار ڪري سمجهون ٿا. صادق علي جو چوڻ آهي ته 'جت' لفظ جو ڏاتو نامعلوم آهي. هو اهو پڙ چوي ٿو ته اڳوڻي سنڌ ۾ ريلن جي نڪرڻ ۽ وڌڻ سبب جتن جون ڪيتريون وسنديون غائب ٿي ويون آهن ۽ اُنن جو تعداد گهٽجي ويو آهي. ڪيترا جت هاڻ هارپو ڪرڻ لڳا آهن. صادق عليءَ جت قبيلي جا جيڪي پاڙا ڄاڻايا آهن، سي ٻيانوي کان گهٽ ناهن. هو چوي ٿو ته ڪاهري ڪن هنڌن تي پاڻ کي سيد سڏائيندا آهن ۽ ڪن هنڌن تي وري جت ڄڻيا وڃن ٿا. صادق علي بلوچن جا ڇهه پاڙا اهڙا ٻڌائي ٿو جن بابت پتو آهي ته آهي جت آهن. بروهين جا ٻه پاڙا جت سڏجن ٿا ۽ سمن جا ست پاڙا پڙ جت آهن. صادق عليءَ جو چوڻ آهي ته انهن ڦيرڦارين جو ڪارڻ ڪن پاڻن جو ٻين قبيلن جي پاڻن سان ميل ميلاپ آهي. انهن جا پويان ڪجهه پيڙهين کان پوءِ پنهنجا اصل قبيلا يا پاڙا وساري ويٺا ۽ انهن قبيلن جا نالا اختيار ڪيائون، جن سان رهندڙ هئا يا انهيءَ ڪرت جو نالو رکيائون، جا ڪندڙ هئا.

1941ع واري ڳڻپ وقت ڪوشش ڪئي وئي ته سراين ۽ ٻين (يعني نه ڳڻيل) جتن کي ڇڏي، انهن جتن جا ڏار انگ اکر هٿ ڪيا وڃن، جن جي ڪرت اُٺ پالڻ ۽ اُٺ وهائڻ آهي. ائين ڪرڻ لاءِ سبب هو. ڳڻپ واري سپرنٽينڈنٽ، مسٽر لئمبرڪ، جو چوڻ هو ته اڳي 'جت' لفظ جن قبيلن سان لاڳو ڪيو ويندو هو تن ۾ هاڻ ان جو استعمال سڄ پڄ ته متروڪ ٿي چڪو آهي، ۽ اهي سرائي، پنهنجي اقتصادي ۽ سماجي جيوت ۾ سماڻ ۽ ٻين سنڌي مسلمان قبيلن کان ايترا گهٽ ڦريل آهن جو انهن ۾ فرق سڃاڻڻ جو ڏکيو ڪم ڪرڻ بلڪل بي واجبي ٿيندو. ٻئي طرف، جيڪي جت اُنن کان سواريءَ ۽ باربرداريءَ جو ڪم وٺندا آهن، سي ڪجهه نه ڪجهه ڏيان لهڻن، ڇو ته ريلن ۽ موٽر گاڏين جي باوجود سنڌ علائقي خاص ڪري ٻئراجي ايراضيءَ جي ڳوٺاڻي اقتصاد ۾ باريگن جي اهميت قائم آهي. سو ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي ته سنڌ علائقي اندر ريلوائي آمدرفت جي روزگار سان لڳل جتن تي اثرات بابت صادق عليءَ جون اڳ ڪٿيون اڄ بي بنياد ثابت ٿيون آهن. جاتي تعلقي تي اهو نالو لاڙ جي جتن تان پيو آهي. انهن کي ڏيهي ليکي سگهجي ٿو ۽ شايد اڳوڻيءَ سنڌ جو جهوني ۾ جهونن رهاڪن منجهان آهن. ملڪاڻي جت ڏاچين جي ڏڻن سان چري جي سانگ تي تعلقي ۾ رلندا وتندا آهن ۽ هڪڙي هنڌ

تي تيستائين ٽڪاءَ ڪندا، جيستائين پرپاسي ۾ ڪافي چارو موجود هوندو. جنهن هنڌ ڏاهو ڪندا آهن، تنهن هنڌ کي 'وانڊ' چيو ويندو آهي ۽ منجهنس ڪانهن جي تڻن جو پونگيون هونديون آهن. هي ماڻهو پنهنجين ريتن رسمن ۾ بنهه آڳاتا آهن. ويساهه نڏو اڇي، پر حقيقت اها آهي ته اهي ماڻهو رڳو ڏاڇين جي ڪير تي گذر ڪندا آهن ۽ ماني يا پاڻي ورلي واپرائيندا آهن. اُٽن جا نر ٻچا ميلن ۾ وڃي وڪرو ڪن، پر ائين نه ڇڏي سگهبو ته ڪو هو حقيقت ۾ اٽ پالي وڪڙ تي گذران ڪندا آهن. سنڌوءَ جي ڏيلتا جو هيءُ تر ضرور اُٽن جي چاري لاءِ خاص طور موافق هوندو. ڇو ته سنڌن دلپسند ڪپڙ هر هنڌ عام جام ٿڏي ٿو ۽ پوک هيٺ ايراضيون تمام محدود آهن. انهن جتن جي ٻولي سرائڪي ڇڏي وڃي ٿي. پر سنڌن محاورو نرالو آهي ۽ ٻوليءَ جي ڇاڻن هٿان چوڪ ڇڪاس لهڻي. اهو اُتر اوپرندي سنڌ علائقي جي سنڌي سرائڪي ڳالهائيندڙ ماڻهن کي شايد ئي سمجهه ۾ اچي. جتن جا لاشاري، جسڪاڻي ۽ ٻيا قبيلا سڄي سنڌ علائقي ۾ پکڙيل آهن ۽ عام طرح اُٽ وهائيندا آهن، جيتوڻيڪ کي زمين تي به ڪم ڪندا آهن. گهڻو ڪري دائمي ڳوٺ اٽن، جتي سندن ٻار ٻچا رهندا آهن، جڏهن ته مرد گهڻو وقت اَڻ هڪ هنڌان ٻئي هنڌ نيڻ ۾ صرف ڪندا آهن. ڪي واپارين ۾ سرڪاري ڪامورن سان ٻول ڪري ڇڏيندا ته هيترو ڪي هيترو وقت توهان جو مال ڏوئبو. ٻيا هڪ هنڌان ٻئي هنڌ هلندا وتندا آهن ۽ جتي به بار ملين ڏوئيندا آهن. اهڙيءَ ريت ڪوڙي تعلقي جا جت اوير ۾ پري نوابشاهه تائين ۽ اُتر ۾ پري لاڙڪاڻي تائين ملندا. سڀ جت پاڻ ۾ سرائڪي ڳالهائيندا آهن، پر گراهڪن سان ڏيتيءَ ليتيءَ وقت سنڌي واپرائيندا آهن. گهٽا بلوچي به ڳالهائيندا آهن، جو ڪنهن زماني ۾ هو بلوچ قبيلن جا اوٿي رهيا هئا. جتن جون عورتون ۽ ڪڏهن ڪڏهن مرد به، ملس ۾ ڏاس ۽ اُن ملائي فراسيون اُٽيندا آهن. بلوچن، بروهين ۽ اڪثر سنڌي مسلمان قبيلن جيان، جتن ۾ به پنهنجن ٻارن جا مٿا ننڍيءَ عمر ۾ ئي ويهارڻ جو رواج آهي.

هيروڊوٽس ۽ ڪتيسياس، ٻنهي مؤرخن انهن ڪوششن جو ذڪر ڪيو آهي، جي داريوش (دارا) اعظم 512 ق.م ۾ پنهنجيءَ سلطنت جي حدن کي محفوظ ڪرڻ لاءِ ڪيون هيون. انهن ڪارروائين دوران داريوش سنڌو ماٿريءَ توڙي ڪافرستان جي سون ڏيندڙ ٽاڪرو ڏيهه کي ۽ پڻ سنڌوءَ تي واقع دبستان کي پنهنجيءَ سلطنت سان ملايو هو. انهيءَ هنڌان هن سڪ لوڪن ۽ سائڪياڻي لوڪن تي ڪيتريون ئي ڪاهون ڪيون. هن ڪئريانڊا واري ناڪئي سڪيلاس کان سنڌونديءَ جي رخ جي چوڪ ڇڪاس به ڪرائي هئي، جو پوءِ هندي وڏو سمنڊ جهاڳي سوئيز موٽيو هو ۽ پنهنجي مسافريءَ جو احوال يونانيءَ ۾ لکيو هئائين. انهيءَ مان لڳي ٿو ته جيڪڏهن سائڪياڻي لوڪ تڏهن هيئين سنڌو ماٿريءَ ۾ نه به هئا، تڏهن به سنڌوءَ واري ڏيهه کي ڪانئن ضرور زبردست خطرو هوندو. نه ته داريوش ڪين مطيع ڪرڻ لاءِ ايتري جاکوڙ نه ڪري ها. جيڪڏهن، جيئن عام طرح مڃيو وڃي ٿو سنڌي جت اصل سائڪياڻي لوڪ آهن، ته پوءِ پانڌجي ٿو ته سنڌ علائقي ۾ سندن رهڻيءَ جو زمانو هند سائڪياڻي غلبي

کان بہ. جو ننڍي کنڊ جي اُترئين پاڳي جي ڪشن حاڪم ڪنشڪ جي دؤر ۾ رونما ٿيو گھٽو پنتي ڏکي سگھجي ٿو. پيريپلس جي وقت (70ع) ۾ سائٽياڻي لوڪن کي سنڌوماٿريءَ ۾ اڳي ئي آباد ٿي ويل بيان ڪيو ويو آهي.

مهاڻا:

پڪ ناهي ته 'مهاڻو'[1] نالو ڇا مان نڪتو آهي، پر ان مان مراد سنڌ علائقي جي مسلمانن جو اهو قبيلو ۽ ان جا اڪيچار پاڙا آهن. جن جي ڪِرت سمنڊ جي ڪپر تي توڙي اندر ڏيهه ۾ مڇيون مارڻ آهي. مڪران جا مهاڻا ميد سڏبا آهن ۽ اهو نالو سنڌ ۾ اڻڄاتل نہ آهي. توڙي جو هاڻ انهن جو سلسلو انهن سائٽياڻي ميدن سان ملائڻ ناممڪن ٿو نظر اچي، جي هزار ورهيه اڳ سنڌوءَ جي ڪنڊين تي رسندا هئا. مهاڻا بہ اهي ئي آهن، جي اڳوڻي پنجاب جا ملاح آهن. اڳئين پنجاب جي ڏکڻ- اولهه ۾ ان ئي نالي سان مهاڻا آهن. ۽ ملاحن جو گھٽ ۾ گھٽ هڪڙو پاڙو متجاري نالي ساڳيو مهاڻن وارو آهي. ملاح ڪرت واري ذات آهي. جيڪڏهن ملاح پلوٽارڪ جا جاٽايل اُهي ئي ملوڻ لوڪ آهن، جن سڪندر اعظم سان سندس سنڌوءَ ۾ لهواري هاڪار وقت چتيون چڪريون ڪاڌيون هيون ته پوءِ اهي ماڻهو سنڌوماٿريءَ ۾ عيسوي سن کان گھٽ ۾ گھٽ ٽي سؤ ورهيه اڳ کان وسيل آهن. هنن ۾ آڳاٽن ماڻهن وارا سڀ مهاندا آهن. ۽ عام طرح سندن چمڙيءَ جو رنگ اڪثر ڏيهي سنڌين کان وڌيڪ سانورو مستر ڪَورنٽن جو ويچار هو ته انهن کي ڪائياواڙ جي مهاڻن ۾ ميائڻ سان (هڪ سئون) سمجهڻ لاءِ ڪا خاص سند ڪانهي. ۽ نہ ئي ائين سمجهڻ لاءِ ڪا ثابتي اٽئون ته اهي نالا پاڻ ۾ لاڳاپيل آهن. اُن جي فائدي ۾ هڪڙو ئي دليل آهي، جو هيءَ ته سنڌ علائقي ۾ ميربحرن جي ڳوٺ کي 'ميائي' سڏيندا آهن. ڪائياواڙ واريءَ نال ڏنڊ جا مهاڻا ۽ ٻيڙين وارا ڏيڪ ويڪ توڙي عادت ۾ هر لحاظ کان اهڙا آهن. جهڙا سنڌي مهاڻا. ۽ هو نال تي پنهنجون ويڙهڻي ٻيڙيون سوڌ پوڌ ائين ئي هلائيندا آهن، جيئن سنڌ علائقي جا مهاڻا منچر ڏنڊ تي هلائيندا آهن. پوسٽنس جاٽائي ٿو ته 'منيا' يا 'مانا' پڻ سڏيو ويندو آهي، پر مستر ڪَورنٽن، پوسٽنس کي معتبر رهبر نٿو ليکي. ٻئي طرف، پيريپلس ۾ هيئينءَ سنڌو ماٿري جو جيڪو نقشو ڏنل آهي، تنهن ۾ 'مينانگر' جي نالي سان هڪڙو شهر سنڌونديءَ جي ڏيلتا تي ڏيکاريل آهي، ۽ سراين جي هڪڙي ذات 'مينا' بہ آهي.

مهاڻو لفظ اڳوڻي پنجاب جي ڏکڻ اولهه ۾ پڻ ڪتب اچي ٿو ۽ اڳوڻيءَ سنڌ جيان اُتي پڻ مهاڻن کي عام طرح 'ميربحر' سڏيو ويندو آهي. اهو پڻ ڪرت ڏيکارينڊڙ نالو آهي ۽ معنيٰ اٽس 'سمنڊ يا پاڻيءَ جو سرواڻ' انهيءَ ڳالهه جو وڏو امڪان آهي ته مهاڻا نسل جي حيثيت ۾ جتن يا سمن کان بہ آڳاٽا آهن ۽ ٽي سگھي ٿو ته اهي موئن جي دڙي واري زماني کان هيئين سنڌو ماٿر جي ڪن اصلوڪن

---

[1] لفظ 'مهاڻي' جي اصل ساخت ماهہ+ آڻو آهي. 'ماهہ' معنيٰ مڇي. آڻو معنيٰ وارو يعني مڇيءَ وارو. يا مڇيءَ تي گذر سفر ڪندڙ.

ماڻهن جا پونئر هجن. صادق علي مهاڻن جون 254 ذاتيون ٻڌائيندي چوي ٿو ته پتو ناهي ته اهي اصل هندو هئا يا ڪي ٻيا لوڪ. اُهي يا ته ٻيڙيون هلائيندا آهن يا مڇيون مارينداِ ۽ وڪڻندا آهن. پر جڏهن کان درياء جي پاسن کان بچاءَ بند ٺاهيا آهن، تڏهن کان ڏينڊن ۾ ڏورن کي، جي اڳوٽيءَ سنڌ ۾ مڇين جا بچاءُ گهر هئا، سنڌوءَ جي ليٽ جو پاٽي ملڻ هاڻ بند ٿي ويو آهي. سو ڪيترا ميل بحر ۾ مهاڻا جار ڦٽا ڪري، مڇي مارڻ جا حق ڇڏي، وڃي هر ڪيڏ کي لڳا آهن. سواءِ هڪڙي ذات جي، جنهن کي لاڙ ۾ 'ڀاگوري' ۽ سري ۾ 'جهبير' ڪوٺيندا آهن. ٻيا ڪي به مهاڻا واڳون ۽ ڪچون ڪونہ ڪاسائيندا آهن.

1901ع واري ڳڻپ موجب مهاڻا ڪل 1,07,383 ۽ 1931ع واريءَ ڳڻپ وقت سندن انگ وڌي 1,24,420 ٿيو. پر پويون انگ شڪ ناهي ته غلط ۽ گهٽ ڏيکاريل آهي. ڇو ته اُن ۾ جاڻايل عورتن جو تعداد آدم شماريءَ جي لحاظ کان تمام ٿورو (مردن کان پندرهن هزار گهٽ) آهي. سو ائين چوڻ بيواجبي نہ ٿيندو ته 1931ع کان مهاڻن جو انگ هڪ لک پنجويهن هزارن کان گهٽو مٿي هو. 1941ع ۽ 1951ع وارين ڳڻپن ۾ مهاڻن جو ڏار ڳاڻيٽو ڪونہ ڪيو ويو هو.

سرائي:

'سرائي' نالو هاڻ ماڻهن جي هڪ وڏي طبقي سان لاڳو ڪيو وڃي ٿو. جي اڳوٽي پنجاب کان لڏي اچي سنڌ علاقي ۾ خاص ڪري پراٽي شڪارپور ضلعي جي لاڙڪاڻي واري تر ۾ اچي ويٺا هئا.

هن سال اڳوٽي سنڌ ۽ خيرپور جي مسلمان آدمشماريءَ جو مختصر بيان پورو ٿيو. ڪيترائي مکيہ قبيلا ۽ ذاتيون ڇڏي ڏنيون اٽئون، پر سنڌ علاقي جي قبيلن ۽ ذاتين واري ڏسٽيءَ ۾ سنڌ ڏيهہ جي عام قبائلي جوڙجڪ ۽ مسلمان آدم شماريءَ بابت ڪافي معلومات ملي ويندي، هيءَ ڏسٽي بمبئي پريزيڊنسيءَ جي 1931ع واري ڳڻپ جي جلد مان ڪوري هن گريٽيئر ۾ ضميمي طور شامل ڪئي وئي آهي.

هندو:

اڳوٽي سنڌ ۽ خيرپور جي اڃوڪي هندو آدم شماريءَ تي ڪجهہ لکڻ کان اڳ ضروري آهي ته پوين پنجاهہ ورهين اندر آدم شماريءَ جي اوسر بابت ۽ 1947ع ۾ پاڪستان جي ٺهڻ ۽ ننڍي کنڊ جي ورهاڱي سان آدم شماريءَ جي جوڙجڪ ۾ آيل زبردست ڦيرڦار بابت ڪي عام ڳالهيون ڪيون وڃن. اڳوٽيءَ سنڌ جي آدم شماري 1901ع ۾ 30,74,613 مان وڌي 1951ع ۾ 40,60,514 ٿي. هيءَ 15,34,901 ماڻهن جو 49.8 سيڪڙو جي ٻها سان واڌارو آهي. اڳوٽيءَ خيرپور لاءِ اهي انگ آهن 1901ع ۾ 1,99,313 ۽ 1951ع ۾ 4,72,137 ماڻهو. پنجاهہ ورهين ۾ 2,72,824 ماڻهن جو هيءَ واڌارو 136.88 سيڪڙي جي برابر آهي. ڪل آدم شماريءَ ۽ في چورس ميل آدم شماريءَ ۾ گهٽ واڌ پاڪستان جي 1951ع واري ڳڻپ جي جلد ڇهين جي صفحي 30 تي وچور 3k ۾ ڏنل آهي. خيرپور

سميت سموري سنڌ ڏيهه جي آدم شماريءَ ۾ گهٽ واڌ جو سيڪڙو هن ريت آهي: 1901ع کان 1911ع تائين 8.4 جي واڌ، 1911ع کان 1921ع تائين 9.1 جي گهٽتائي، 1921ع کان 1931ع تائين 18.0 جي واڌ، 1931ع کان 1941ع تائين 15.5 جي واڌ ۽ 1941ع کان 1951ع تائين 50.5 جي واڌ ڦي چورس ميل آدم شماري هئي 1901ع 58، 1911ع 63، 1921ع واري ڏهاڪي کي ڇڏي هر ڏهاڪي ۾ آدم شماريءَ جو سيڪڙو وڌيو آهي. 1911ع کان 1921ع واري ڏهاڪي اندر سنڌ ۽ خيرپور علائقي ۾ ۽ هر ضلعي منجهه آدم شماريءَ ۾ گهٽتائي ٿي هئي. ان جو ڪارڻ 1918ع جي انفلوئنزا واري وبا هئي. انهيءَ وبا جو تذڪرو هن گزيٽيئر ۾ ٻئي ڪنهن هنڌ اڇي چڪو آهي.

پي جنهن ڳالهه اڳوٽيءَ سنڌ ۾ خيرپور جي آدم شماريءَ تي زبردست اثر وڌو سا هئي 1947ع ۾ ٿنڀي ڪنڊ جي ونڊ ورڇ. جنهن ڪٽپ رپورٽ جو متي حوالو ڏنو اٿئون، تنهن جي سپرنٽينڈنٽ هندن جي وڏن پٽماني تي لڏپلاڻ ۾ مسلمان مهاجرن جي پالوٽ جي ڪري هندن جي آدم شماريءَ ۾ آيل وڏي گهٽتائيءَ ۽ مسلمانن جي آدم شماريءَ ۾ آيل زبردست واڌ تي راءِ زني ڪئي آهي. اڳوٽيءَ سنڌ ۾ مسلمانن جو سيڪڙو 73.2 مان وڌي 90.1 ٿيو ۽ هندن جو 20.9 مان گهٽجي 2.9 ٿيو. اڇوتن جو سيڪڙو 1941ع ۾ 5.2 هو سو وڌي 6.9 ٿي ويو آهي. اڳوٽيءَ سنڌ ۾ 1941ع کان وٺي 1951ع تائين مسلمانن جي تعداد ۾ 38.3 سيڪڙي جي واڌ آئي آهي، اُتي هندو 84.3 سيڪڙو گهٽجي ويا آهن. انهيءَ ڏيان جوڳي حقيقت جا تفصيل 1951ع واري ڪٽپ جي رپورٽ جي صفحي 34 تي وچور 3N ۾ ڏنل آهن. ان ۾ ڄاڻايل آهي تہ 1941ع پڄاڻان مسلمان آدم شماريءَ ۾ 11,49,687 ماڻهن جي واڌ آئي جا 38.3 سيڪڙي جي برابر آهي، جڏهن تہ نيات وارن هندن جي آدم شماريءَ مان 7,22,348 ماڻهو گهٽجي وئي، جا ڪوٽ 84.3 سيڪڙي جي برابر آهي. 1941ع واري ڏهاڪي ۾ اڇوتن جي تعداد ۾ 1,05,140 ماڻهن يعني 48.9 سيڪڙي جو واڌارو ٿيو. اهي انگ اکر سنڌ جا آهن. خيرپور جا ساڳوٽا انگ اکر هن ريت آهن: مسلمانن جي آدم شماريءَ ۾ 55,115 ماڻهن يعني 21.7 سيڪڙي جي واڌ ٿي. جڏهن تہ نيات وارن هندن مان 38,754 ڄڻا يعني 84.2 سيڪڙو گهٽجي ويا. 1947ع ۾ جيڪي مسلمان پناهگيرن جا هشام هندستان کان سنڌ ڏيهه اندر آيا ۽ اچي لڏي ويل هندن جي جاءِ ورتائون، تن کي 'مهاجر' جو نالو ڏنو ويو. ڪٽپ وارين هدايتن ۾ ان اصطلاح جي وصف هن ريت ڪئي وئي: "مهاجر مان مراد اهڙو ماڻهو آهي، جيڪو ورهاڱي جي نتيجي ۾ يا ان سان واسطو رکندڙ وگوڙن کان ڊڄي هندستان کان لڏي آيو هجي." 1951ع واري ڪٽپ ۾ اهڙن ماڻهن يعني مهاجرن جو جيڪو ڪل تعداد ڄاڻايل آهي، تنهن جي پڪ هرهڪ ماڻهوءَ جي ڏنل بيان موجب ڪئي وئي. جن مهاجرن جي داخلا ڪئي وئي، تن جو ڪل انگ اڳوٽيءَ سنڌ ۾ 5,40278 ۽ خيرپور ۾ 10,013 هو. ڪٽپ واري رپورٽ جي وچور 3R ۾ مهاجرن جو ڪل تعداد ۽ شهرن ۽ ڳوٺن ۾ سندن ورڇ ڏيکاريل آهي. سنڌ علائقي جا انگ اکر ڏيکارين ٿا تہ 5,40,278 مهاجرن مان 3,44,720 ڄڻا يعني 63.9 سيڪڙو

شهرن ۾ ۽ باقي 1,95,558 ڄڻا يعني 48.2 سيڪڙو شهري ايراضين ۾ ۽ باقي 5124 ڄڻا يعني 51.8 سيڪڙو ٻهراڙيءَ ۾ اچي رهيا. ملڪ جي آدم شماريءَ ۾ آيل انهيءَ زبردست اُتل پٽل جيڪي بيحد منجهيل سماجي ۽ انتظامي مشڪلاتون پيدا ڪيون آهن، تن هن گزيٽيئر جي سماجي ۽ انتظامي معاملن سان واسطو رکندڙ پاڳي ۾ اُپٽار ڪئي وئي آهي.

'آڪاتا' ڪري ڳٽيل هندو ڪل 1,04,365 هئا، جن ۾ 67,963 پيل ۽ 36,402 مهاديو ڪولهي اچي ٽي ويا. سو سنڌ ڏيهه جي هندو آدم شماري ٽلهي ليکي ٽن مکيه طبقن ۾ ورهائي سگهجي ٿي: سڌريل واپاري طبقا، جن جو سيني کان اهم جزو لوهاٽا آهن، وچ وارا هندو جن جو مکيه جزو اهي ڪولهي آهن، جيڪي 'آڪاتا' ڪري ڳٽيل مهاديو ڪولهين کان ڪجهه سرس سڌريل آهن. اڳوٽيءَ سنڌ جي وچ وارن هندن جو ٻيو مکيه جزو راجپوت آهن. 'آڪاتن' هندن ۾ رڳو پيل ۽ مهاديو ڪولهي آهن. هن هيٺ لوهاٽن ۽ سندن لاڳاپيل قبيلن، برهمٽن، وچوارن ڪولهين ۽ راجپوتن ۽ 'آڪاتن' مان پيلن جو ٽورو ٽورو احوال ڏجي ٿو:

لوهاٽا:

1874ع واري گزيٽيئر ۾ لوهاٽن بابت لکيل آهي ته اهي وڻش يا واڻين جي هڪ وڏي ذات آهن. هي به دستور پٽاندڙ اکيچارُ نکن ۾ ورهايل آهن، پر انهيءَ نسل کي ٻين کان الڳ ڪندڙ خاصيتون اڄ به نمايا آهن. لوهاٽن جو بيان اڳوٽي سنڌ جي هندن جي مکيه جاتيءَ جو بيان ٿيندو. لوهاٽا ٻني جنم جو جٽيو پائيندا آهن. پر آهن وڻش نسل جو بيحد اٽپورو نمونو. گوشت کائن، دارون پيئن، مڇيءَ ۽ بصرن مان به ڪونه مُڙن. ڪي وشنو پنٿ جا پوئلڳ آهن ته ڪي شِوَ جي ۽ سندس ديويءَ جي سروپن جا پوڄاري آهن. ڪي سک آهن ته ڪي سنڌوءَ جي ديوتا ۽ سندس وزير جي پوڄا ڪندا آهن. سنڌو ديوتا کي زندهه پير به چون ته اوڏيرو لال پوڄا به گهٽي ڪن نه نيم سان، گهٽو ڪري ميلن ۾ وڃن، ياترائون ۽ درشن ڪن ۽ مختلف قسمن جي ڏرمي ميڙن ۽ گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿين. ڪين الڳ الڳ ڪرتن جي آڌار تي ٻن وڏن طبقن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: پهريان 'عامل' يعني سرڪاري نوڪرين وارا ۽ ٻيا سيٺيون، هٽ وارا ۽ پوڪ وارا يعني واپاري، دڪاندار ۽ آبادگار مٽن اهو نالو ڪيئن پيو يا بڌ بٽياد ڪهڙو اٽن، سوا ڀڻ چٽو آهي. هي جو ڪي لوهاٽا چوندا آهن ته سندن وڏا جنگي جوڌا هئا ته اهو لاشڪ ان ڪري جو چاهيندا آهن ته ڪين ڪتري ڪل مان سمجهيو وڃي. 1901ع واري ڳٽپ جي رپورٽ ۾ ڪين واڻين جي وڏي وڻجاري ذات هيٺ ڄاڻايو ويو آهي، ۽ سنڌ ڏيهه ۾ ڪنهن واپار سان لڳل لوهاٽن کي واڻيو سڏيو ويندو آهي. پر سر جيمز ڪئمپبيل لوهاٽن ۽ پاٽين کي واڻين کان الڳ سمجهي ٿو. هو ڪڇ ۾ گهٽا آهن، پر اڳوٽيءَ سنڌ جي لوهاٽن جو وڏو پاڳو اڳوٽي پنجاب کان آيو آهي. هي واپار ۽ تعليم جا ڪوڏيا آهن. ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي صاحبيءَ ۾ عامل لوهاٽا ڪيترن ئي ديواني عهدن تي هوندا هئا. ڪي تمام اهم عهدا به وٽن هوندا هئا. انهيءَ ڪِرت ۾ بيعزتي ۽ بي ماني ٽيڻ جو

جوکو برابر هو. پر ستت ئي عامل ڪتنب وڌي پد وارا ٿي ويا. ان جو اظهار پوشاڪ ۾ فرق وسيلي ڪرڻ لڳا. جو فرق سندن پوين ۾ قائم رکيو. عامل هاڻ لوهاڻن جي 'Hypergamone' نک آهن. هو ٻين لوهاڻن کان ٻانهن وٺندا آهن، پر ڏيندا ناهن. لوهاڻن جون مکيه ڪرتون واپار وياج تي پيسا ڏيڻ ۽ سرڪاري نوڪري آهن. گهڻن وٽ زميندارين ۾ آهن. ڪين پاڻي بند، ڪراڙ ۽ جيئن مٽي جاڻايو اٽئون. واٽيو ۾ سڏيو وڃي ٿو. اهي ڪل اندر نانڪشاهي آهن، پر ڪي دريا پنٿي ۽ ڪجهه ديويءَ جا پوڃاري آهن. ٿورو تعداد ولپ آڇارين جو آهي. ڪاڏو پنهنجي پنهنجي پنٿ موجب ڪائن، پر گهڻائي وڏي گوشت کي ڇڏي ٻيو سپ گوشت کائي ۽ شراب ۾ واپرائي. پنهنجا مڙدا چکيا تي چاڙهين، پر ڪو ٻار 27 مهينن کان گهٽ عمر ۾ مريو وڃي تہ ان کي پورين. ڇڇ نامي ۽ سنڌ تي عربن جي قبضي جي ٻين تاريخن ۾ لوهاڻن جو ذڪر ور ور ڪري اڇي ٿو. ڪين گهڻو ڪري جاٽن جي هڪ قبيلي طور يا جاٽن ۽ لاکن سان ويجهي لاڳاپي ۾ ۽ پٽ سمن ۽ سهتن سان گڏوگڏ جاڻايو ويو آهي. سندن سرواڻ راڻا هوندا هئا ۽ گادي برهمڻ آباد يا پانيٽاهه يا ٻهمينه هئن. هو پاڻ ٻڌ نہ هئا، پر ٻڌن جي خاص ڪري سندن سردار اگهم جي اثر هيٺ هئا. عام نظريو هيءُ آهي تہ سنڌي لوهاڻا اصل اڳوٽي پنجاب جا ۽ ڪڇي لوهاڻا اصل ڪڇ ۽ هندستاني علائقي ڪاٺياواڙ جا آهن. سنڌي لوهاڻن جي ڪيترن نکن جا نالا ساڳيا اڳوٽي پنجاب جي ڏکڻ اولهه جي تر وارا آهن. اروڙن جي هڪ ڏندڪٿا کين لاهور کان آيل ڏيکاري ٿي. ممڪن آهي تہ اروڙانهن سنڌين مان هجن، جي مٽي اڳوٽي پنجاب جي ڏکڻ اولهه واري تر ۾ وڃي وينا هئا، ۽ منجهانئن ڪي پوءِ سنڌ ڏيهه ۾ موٽي آيا هجن ۽ اهي سنڌي لوهاڻا هجن. جي ائين هو تہ پوءِ هو تمام گهڻو وقت اڳي هڪٻئي کان ڌار ٿيا هوندا، ڇو تہ لوهاڻن ۽ اروڙن جي وچ ۾ فرق هاڻ بلڪل ڇٽو آهي. سنڌي لوهاڻو پاڻ کي ڪڇي لوهاڻن کان ٻيءَ ذات جو سمجهندو آهي ۽ پٽ اڳئين پنجاب جي ڏکڻ اولهه واري تر جي ڪنهن ۾ هندوءَ کان الڳ ڄاڻندو آهي. اڳوٽي سنڌ ۾ هندو سهتا آهن، جڏ لڳي ٿو تہ مسلمانن جي سموري دور ۾ پنهنجي سڃاڻپ ۽ ڌرم قائم رکيو آهي. ۽ جيڪڏهن لوهاڻا اصل سنڌي آهن تہ پوءِ هاڻوڪن لوهاڻن مان گهڻ ۾ گهٽ ڪن سنڌ ڏيهه ڪڏهن ڪونہ ڇڏيو هو. ڏري گهٽ سيني شهرن ۾ پنجابي هندن جون آڪهون آهن، جيڪي پنجابي لوهاڻا سڏبيون تہ آهن پر ورلي. اهي عام طرح رڳو پنجابي سڏائيندڙ آهن. ۽ گهڻي ياڳي هيءَ دعويٰ هوندي اٽن تہ اسان گذريل تن چئن صدين ۾ اڳوٽي پنجاب کان شايد سکر رستي آيا آهيون. هو گهڻ ۾ گهٽ هيٺينءَ سنڌ ۾ ملتاني ڪونہ ڳالهائن، پر منجهانئن ڪيترن جو ايڏا تائين ملتان ضلعي سان ڪونہ ڪو واسطو آهي، مثال طور: ڪن جو ان ضلعي جي ڪن درگاهن سان روايتي لاڳاپو آهي.

لوهاڻن جي 126 نکن مان 27 جا نالا پنجاب جي اروڙن جي نکن جا ۽ آهن ۽ ڪي ٻيا نالا اروڙن جي نکن جي نالن سان ملندڙ جلندڙ آهن. اروڙن جي اڪيچار نکن جي نالن جي پڇاڙي سنڌي لفظ 'جو' سان ٿئي ٿي، مثال طور 'لاهيجو'، 'پتريجو'، 'سريجو'، جڏهن تہ لهندا ۽ پنجابيءَ ۾ حالت

اضافت جي پڇاڙي 'دا' آهي. لوهاڻڪي نڪن جي نالن جي پڇاڙي ۾ ساڳي سنڌيءَ واري آهي. مثال طور 'دانگيجو'، 'توريجو'، هي جو اروڙا ۽ سنڌي لوهاڻا سنڌو ديوتا اُڊيري لال جي پوڄا ڪندا آهن. سو پڻ انهيءَ ڳالهه جو ڏس آهي ته اهي لوڪ سنڌو ماٽر جا آڳاٽا رهاڪو آهن ۽ هندستان کان لڏي نه آيا هئا. هوڏانهن، گجراتي لوهاڻا ۾ درياهه ۽ پاڻيءَ جي پوڄا ڪندا آهن. جيڪڏهن سندن پنڌ ۾ ساڳيو ڏيري لال وارو آهي، ته پوءِ ڏسڻ ۾ ائين ٿو لڳي ته اروڙا توڙي لوهاڻا، پوءِ اهي سنڌ جا هجن، ڪڇ جا هجن يا گجرات جا، ٻنهي لوڪن جو اصلوڪو وطن سنڌ ۽ سنڌوماٽري هو. لوهاڻن 'لال' نالو اجوڌيا واري هندو ديوتا سري ڪرشن جي پٽ ڪان ورتو آهي.

اڳوٽي سنڌ جا پاٽيا ۾ ڪن ڳالهين ۾ سنڌي لوهاڻن جهڙا آهن. پاٽيا گهٽو ڪري ٿڌي، حيدرآباد ۽ روهڙيءَ ۾ رهن ٿا، پر هونءَ سڄيءَ سنڌ ۾ ٽڙيل پکڙيل آهن. اهي سنڌي پاٽيا پاڻ کي يادو وسي سڏيندا آهن. سري ڪرشن ۾ انهيءَ ڪل مان هو. بمبئي پريذنسيءَ جي 1931ع واري ڳڻپ جي ضميمي F ۾ سندن نڪن جا جيڪي نالا ڏنل آهن، تن جي اڳياڙي 'راءِ' سان ٿئي ٿي. انهي جا ماخذ ماڻهن جا نالا، ڪرتن جا نالا ۽ تر جا نالا ڏسڻ ۾ اچن ٿا، تحقيق، پهاڪو آهي ته اهي نالا 'ڪام'، 'نام' ۽ 'گام' يعني ڪم، نالي ۽ ڳوٺ تان رکيا ويا آهن. پاٽيا پاڻ چوندا آهن ته اسان يادَو ونس جا پاٽي راجپوت آهيون، جي جيسلمير جو حاڪم قبيلو هئا. پر هيءَ ڳالهه گهڻي شڪ جوڳي آهي. اهي هڪ وڏي وڻجارڪي ذات آهن. سنڌ ۾ هي برجستا واپاري آهن ۽ ڪي سرڪاري نوڪرين ۾ به آهن. هي ذات کان ٻاهر شاديون ڪونه ڪن. البت ان جون چوراسي نڪون هڪٻئي سان سڳاٻندي ڪنديون آهن. هي ولپ آچاري مت جا وشنوپنٿي آهن ۽ گهڻا تڻا وشنو آهن.

سهتا:

هندن جي هڪ ٻي واپاري ذات سهتا آهن. ان ذات بابت هن گريٽيئر جي سنه 1901ع واري ڇاپي ۾ چيل آهي ته: "هيءَ ذات جي ڳالهه جي ڪري دلچسپيءَ واري آهي ته متان هي سمن جي ساڳي نالي واري پاڙي جا رهيل کهيل ماڻهو هجن. جي مسلمان ڪئي وڃڻ کان پاڻ بچائيندا آيا اهن. سهتا پاڻ راجپوت ٻڌ مان هجڻ جي دعويٰ ڪندا آهن ۽ متن اهو نالو تعلقي نوشهري فيروز جي ڳوٺ ساهتيءَ تان پيل چيو وڃي ٿو جتي هو اڳي وسيل هئا. هيءَ وسهڻ جوڳي سمجهاڻي نه آهي هي واپاري ڪاتيدار ۽ سرڪاري ملازم ۽ ڏرم ۾ گهڻو ڪري وشنو پنٿي آهن. ٻين قبيلن کان ٻانهون ونڊندا آهن، پر ڏيندا ناهن. ننڍو گوشت، مڇي يا دارون ڪونه واپرائن ۽ ريتن رسمن ۾ لوهاڻن جهڙا آهن.

اچوت:

1941ع ۾ ڳڻپ جي مقصدن لاءِ هندن کي 'اچوت' ۽ 'ٻيا هندو' ۾ ورهايو ويو. ان کان اڳ هو 'سڌريل' 'وچوار' ۽ 'پنٿي پيل' ۾ ورڇيا ويندا هئا. 1931ع ۾ نيچ ذاتين کي، جي اچوتن سان گهڻي ياڳي هڪ موافق آهن، مذهب واري جدول ۾ ڏار ڏيکاريو ويو هو پر جدول سترهين ذات، قبيلو نسل يا

قوميت ۾ ڳاڻايو ويو هو. 1931ع واري جدول سورهين مذهب ۾ اهڙا آڳاڻا قبيلا ڳاڻايا ويا، جي هندو ديوتائن مختلف جانور روپي ديوتائن جي پوڄا ڪندڙ هئا. 1941ع جي ذاتين واري جدول ۾ سنڌ مان رڳو ٻاڪر آڳاڻي اصلوڪي ذات ڪري ڳاڻايا ويا آهن، حالانڪ پيلن، ڪولهين ۽ اويرنديءَ سنڌ جي ٻين اهڙن لوڪن کي شامل ڪرڻ لاءِ ٻه ايترو ئي جواز ٿي سگهي ٿو. 1931ع واري جدول سورهينءَ ۾ نيچ ذاتين جو انگ 99,551 هو ۽ انهن ۾ مينگهواڙ ڀنگي، ماڇي، مهر، ڊيڊ ۽ ڪڇ ٻيا اچي ٿي ويا. ساڳيون ذاتيون 1941ع ۾ اچوت ڪري ڳاڻايون ويون، پر سندن تعداد ذري گهٽ ٻيٽو (1,91,634) ٿي ويل ڏٺو ويو. 1941ع واري ڳڻپ جو سپرنٽينڈنٽ چوي ٿو ته ڳڻپ جي گهٽ وڌ درستيءَ جي امڪان کي پري رکندي اهو فرض ڪري سگهجي ٿو ته سنڌ ۾ ٻيا نه ته گهٽ ۾ گهٽ جيڪي مينگهواڙ ڊيڪاريا ويا آهن، تن جو ڇڪو وڏو تعداد مارواڙ ۽ اُترئين گجرات کان لڏي آيلن ۾ آهي. اهي ڊيڍ گذريل ڳڻپ ۾ راجپوت ڪري ڊيڪاريل ماڻهن جو انگ 22761 هو. انهيءَ آدمشماريءَ جي صحيح نوعيت ۽ جوڙجڪ جا معاملا ڏکيا آهن. ڇاڪاڻ ته سنڌ جي جن راجپوتن کي 1931ع واري ڳڻپ ۾ وچوارا هندو ڪري ڊيڪاريو ويو هو سي راجپوتان جي حاڪم گهراڻن سان واسطو رکندڙ اُوچن راجپوتن سان يقيناً ڪا مشابهت نٿا رکن: ۽ جيڪي قبيلا اڇڪلهه پاڻ کي راجپوت سڏائن ٿا، تن جي اوسر منجهيل ۽ سمجهڻ ۾ ڏکي آهي. پر يانئجي ٿو ته جڏهن هند يورپي حملي آورن مٿين هندستان ۾ حڪومت هٿ ڪئي، تڏهن سندن امير امراءَ حاڪم گهراڻا بڻجي ويا، جڏهن ته ٻيا جاتن ۽ گجرن جيان وقت گذرڻ سان آبادگار طبقا بڻجي ويا. ڪي ڪل هندو ٿي ويل اصلوڪن عنصرن مان اُسريل ڇيا ويجن ٿا. اهي بي آرام ۽ برجستا لوڪ هئا ۽ سدائين اها لوچ هوندي هين ته نوان ڊيهه وسائجن. نون ڊيهن لاءِ انهيءَ لوچ سبب مٿين هندستان جي چڱي وڏي ياڳي تي ڪلن جي لڏپلاڻن جو سلسلو شروع ٿي ويو. ٻه هزار ورهيه پوءِ جڏهن اُتر هندستان مسلمانن فتح ڪيو تڏهن انهن ڪلن جي هڪ ٻي لڏپلاڻ رونما ٿي.

مسٽر ونڪٽ آچار معاملي جي انهيءَ پهلوءَ جو ذڪر ڪندي پنهنجي وچ هندستان ڏانهن ذاتين ۽ قبيلن جي لڏپلاڻ واري بيان ۾ چوي ٿو ته: "اهي لوڪ اسلام جي فاتح فوجن مٿان هر زرخيز مان تڙجي سجن ۽ لانگهو ڊيهن ۾ پناهه ونڊ تي مجبور ٿي ويا ۽ ان جي نتيجي ۾ آڳاڻن قبيلن سان وڙيڪ ويجها ناتا قائم ٿين. اڪثر ڪري ائين ڄاتو ويندو آهي ته آرين کان اڳ جي ماڻهن جي محڪوميءَ ۽ ذلت لاءِ آريا جوابدار هئا. ميداني علائقن ۾ شايد اها ڳالهه برابر هئي، پر گهٽ پهچ جهڙن پاڳن ۾ اهي آڳاڻا ماڻهو ڪافي حد تائين خود مختيار رهندا ٿي آيا ۽ جيڪي پاڳا ڪسجي ويا هئن، تن تي وري پنهنجي حڪومت ۽ طاقت قائم ڪيائون. فاتح ستت ئي جذب ٿي ويا ۽ هڪ گڏيل تمدن اُسريو جنهن ۾ آرين جون خاصيتون مڙيو ئي سرسيءَ ۾ هيون. قبائلي ايراضين جو چڙوچڙ ٽيهڙ، ڪن قبيلن جو غائب ٽيهڙ ۽ هندو ٿي ويل اصلوڪين ذاتين جو جڙڻ، انهن سيني ڳالهين لاءِ اسان کي

ان زماني تي نظر وجهڻ کپي، جنهن زماني ۾ انهن ايراضين اندر راجپوتن جو اچڻ ٿيو. عين ممڪن آهي ته سنڌ جي حد سان ملندڙ ريگستاني ايراضين اندر وچين زماني ۾ اهڙي ئي ڪا ڳالهه ٿي هوندي، ۽ سنڌ جي هاڻوڪي راجپوت آدم شماريءَ جا پڙهيلن ۾ شمار نٿي ٿئي، سا سنڌو ماٿريءَ جي اصلوڪن رهاڪن سان راجپوتن جي لڳ لاڳاپي جو نتيجو آهي."

سنڌ جا گهڻا راجپوت ٺرپارڪر ۾ رهن ٿا. اتي سوڍا ڪيترين ئي صدين تائين غالب نسل هئا. سندن پنهنجو چوڙ آهي ته اسان 1226ع ڌاري پارمار (پرمار) سوڍي جي اڳواڻيءَ هيٺ اُجئن مان آيا هئاسون. پرمار سوڍي سخت ويڙهه کان پوءِ عمرڪوٽ تي قبضو ڪيو ۽ راڻو ٿي راج ڪرڻ لڳو. ويندي ٽالپرن جي صاحبيءَ ۾ به سوڍن زميندارن کي وڏيون رعايتون مليل هيون، مثال طور کين هندو شادين تي محصول مڙهڻ ۽ سفر ۾ واڻين کان مفت ماني کائڻ جو حق هوندو هو. هنن راجپوتن جي ٻين ذاتين کي ٻانهن پرٽائي ڏيڻ واري ريت قائم رکي آهي. سوڍين عورتن جي سونهن تي راڳن ۽ کهاڻين ۾ به ساراهيل آهي. ٻيو ته نهيو خود بلوچ سردار به سوڍين جا شائق رهيا آهن ۽ ساڻن شاديون ڪيون اٿئون. سوڍا مرد زميندار ۽ آبادگار آهن، پر خانگي نوڪري به ڪن. ڏرم ۾ شوَ جي پوڄا ڪن. اڳوٽيءَ سنڌ ۾ سوچن کان سواءِ راڻوڙ ۽ سولنڪي راجپوت به آهن.

ڪولهي:

سنہ 1931ع واري ڳڻپ ۾ ڪولهي وچ وارا هندو ڪري ڳاڻايا ويا هئا ۽ جيڪي سنڌ جا ڪولهي وچواري درجي ۾ آيا هئا، تن کي 'سنڌ جا ڪولهي' ۽ 'ڪولهي، ٻيا' ڪري بيان ڪيو ويو هو. اصل ڪولهين يعني مهاديو ڪولهين کي 'آڳاٽن' کان رکيو ويو هو. انهن جو ذڪر پيلن جي بيان ۾ ايندو. 1931ع واري ڳڻپ وقت سنڌ ڏيهه اندر ڳڻيل ڪولهين جو تعداد 60,562 هو جو 1941ع ۾ وڌي 1,01,456 ٿي ويو. هي گهڻو ڪري حيدرآباد ۽ ٺرپارڪر ضلعن ۾ رهن ٿا ۽ هڪ وڏو آڳاٽو نسل آهن جو هاڻ گهڻو ڪٺو گجرات (هندستان) ۾ رهي ٿو. سندن پنهنجين ڏند ڪٿائن موجب هو سنڌ ڏيهه جي ميدن جا پونئر آهن، پر منجهن راجپوتي سُٻند جا چٽا اهجاڻ پڻ ملن ٿا هي پاڻ ۾ سڳابندي ڪندڙ ذات آهي. اڳوٽيءَ سنڌ ۾ ڪولهي عام طرح ڏهاڙي ڪمائيندا آهن. گهڻو ڪري ٻاجهري ۽ چانور کائن. گوشت ۽ شراب ملين ته اهو به شوق سان واپرائن. هندو ديوتائن ۽ ديوين جي پوڄا ڪن ۽ ڪي سوامي نارائڻ ۽ ٻين پنٿن جا پوئلگ آهن. 1941ع واري ڳڻپ جي رپورٽ ۾ ڪولهين کي ڪڙمي ۽ مزور ڪري ڳاڻايو ويو آهي. تن مڪيه نکن مان پار ڪري گهڻو ڪري باقاعدي هاري آهن ۽ ميواسي ۽ واڳهر قلي ۽ زرعي پورهيت آهن. ڪي ٻهر تان لاڪ لاهيندا آهن، جڏهن کان بئراجي واهه ڪليا آهن، تڏهن کان ڪولهي هيڏي هوڏي رلي ڪٽين چونڊيڻ مٽي ڍوئڻ ۽ ٻئي اهڙي پورهئي ڪرڻ بدران پوکي راهيءَ سان لڳندا پيا وڃن. سن 1941ع ۾ ڏٺو ويو ته حيدرآباد ضلعي جا هندو زميندار ويجهڙ ۾ ڪين هاري ٻيهڻ تي همٿائڻ لڳا هئا. سنڌ ڏيهه ۾ ڪولهين کي سچا هندو سمجهيو ويندو آهي. گهڻا ڪولهي گجراتي ڳالهائن، پر ڪي ٽريلي يا ڪڇي به ڳالهائن، ۽ پنهنجا ڳوٺ ٻڌي رهن. پڪن ڳوٺن ۾ ماڪيءَ جي ماناري جهڙا

چؤنرا اڌين. ۾ ييلن جيان ذات اندر پر نک کان ٻاهر سگهابندي ڪن. طبقن جي حيثيت ۾ ڪولهين ۾ تعليم تمام گهٽ آهي. ۾ هندو سماج جي ڪنيءَ واري ذات ڪري ليکيا وڃن ٿا. منجهن آڪاڻي نسل هجڻ ڪيئي اهجاڻ ايجا تائين آهن. اهڙو نسل، جو شايد هندستان جي اصلوڪن رهاڪن جو مائٽ آهي.

اڳوٽيءَ سنڌ ۾ مسلمانن ۾ هندن جي آدمشماريءَ جا نسبتي انگ اکر هن ريت آهن:

سال	مسلمان	هندو	
	سيڪڙو	سيڪڙو	
1901ع	76.2	23.4	
1911ع	75.1	23.8	
1921ع	73.4	25.6	
1931ع	72.8	26.1	
1941ع	73.2	20.9	5.2 اڇوتن سميت
1951ع	90.1	2.9 هندو ذات 6.9 اڇوت	

باب نائون

ثقافت

سنڌي ٻولي:

ملڪ کي مليل موروثي ورثن مان سنڌي ٻولي هڪ قيمتي ورثو آهي. رياست، هاٽوڪو ضلعو خيرپور ۽ اڳوٽي سنڌ صوبي ۾ آبادي جي اڪثريت سنڌي ڳالهائي ٿي. جنهن خطي ۾ اها ڇانئيل آهي اتان جا رهواسي ٻڌهيل ۽ اڻ ٻڌهيل جي فرق کان سواءِ سڀ طبقا گرامر جي بيهڪ ۾ ان جي خاصيت سان سنڌي ڳالهائين ٿا. سنڌي هڪ آڪاٿي ٻولي آهي. اها ٻهراڙي جي رهواسين، هارين ۽ ڏنارن جي وچ۾ بنيادي طور رابطي جي ٻولي آهي. سنڌي ٻولي جي اثر واري علائقي ۾ پراٽي سماجي ۽ سياسي ڏانچي جي ڀڃ ڊاهه کان پوءِ بدلجندڙ حالتون ان طرف اشارو ڪن ٿيون ته ويهين صدي عيسوي ۾ ايرندڙ نون خيالن جي اظهار لاءِ ٻولي وٽ طاقت نه آهي.

سائنسي سکيا ورتل ماهرن ۽ عالمن جي گهٽتائي سبب سنڌي ٻولي جو جديد اپياس معذوريءَ جو شڪار آهي. هن وقت جيڪي سنڌ ۾ عالم پيدا ٿي رهيا آهن اهي مختلف مضمونن جهڙوڪ لسانيات، ٻولي جي تاريخ، معنائن سان واسطو رکندڙ علم ۽ مقدس ڪتاب جي تشريح کان اڻ واقف آهن. ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو جنهن 1958 ۾ لاڏاٽو ڪيو پنهنجي وقت جو واحد مڃيل سنڌي عالم هو ۽ آڪاٿي سنڌ جي ٻولي ۽ ادب کي عوام آڏو پڌرو ڪرڻ ۾ هن اهم ڪردار ادا ڪيو. بهرحال هن جي دلچسپي اسلام تائين محدود رهي. هن وقت سنڌ ۽ خيرپور جي علائقن ۾ اهم ڏارائون سنڌي ٻولي جي ظاهري ويس تي اثرانداز ٿي رهيون آهن. اهي مختلف ڏارائون سياسي، سماجي ۽ ادبي خانن ۾ ورهائي سگهجن ٿيون.

هن وقت سنڌي ٻولي تي مکيه اثر انداز ٿيندڙ سماجي اثر سنڌ ۽ خيرپور جي علائقن ۾ اردو ڳالهائيندڙن جي داخلا آهي، جنهن کي مهاجر سڏيو وڃي ٿو.

1951ع جي آبادي جي ڳڻپ مطابق سنڌ جي آبادي 4928057 هئي جن مان 3917836 (79.51) سنڌي ٻولي، 680816 (13.81) اردو ٻولي، 495482 (10.1٪) بلوچي ٻولي، 17599 (0.4٪) پشتو ٻولي، 12184 (0.2٪) فارسي ٻولي، 2339 (0.05٪) عربي ٻولي ۽ 924 (0.02٪) بنگالي ٻولي ڳالهائي رهيا هئا. 1951ع جي ڳڻپ جي سرڪاري انگن اکرن مطابق نين ٻولين سان گڏ هنن ٻولين کي مادري ٻولين طور رکيو ويو. گجراتي 97659 (2.0٪)، راجستاني 69374 (1.4٪) ۽ براهوي 22460 (0.5٪)، گاڏڙ ساڏڙ ٻولين ۾ هندي 523 فرد، ڏکڻ هندوستاني ٻوليون 70 فرد ۽ اتر اولهه جون قبائلي ٻوليون 107 فرد ڳالهائي رهيا هئا. مهاجر پاڻ سان گجراتي ٻولي کڻي آيا. گهٽ ذات (Scheduled Castes) وارن جي راجستاني ۽ ڏکڻ بلوچ قبائلين جي مادري ٻولي براهوي آهي.

مارواڑي ۾ سرائڪي، جيڪي ترتيبوار راجستاني ۾ سنڌي هولين جا لهجا آهن. مان هر هڪ جي دعوي آهي ته انهن جي ڳالهائيندڙن جو ڳاڻيٽو 60,000 فردن کان وڌيڪ آهي. سنڌ ۾ خيرپور جي علائقن ۾ هولين جي ورهاست جو وچور هيٺين جدول ۾ ڏنل آهي. ان ۾ ڳالهائيندڙن جو تفصيل پڻ شامل آهي.

هولي	دادو	حيدرآباد	لاڑڪاڻو	نوابشاهه	سکر	ٽرپارڪر	ٺٽو	جيڪب آباد	خيرپور
سنڌي	76.1	68.8	77.2	69.2	79.0	64.4	95.6	64.5	89.0
اردو	4.0	20.4	4.9	11.3	12.0	9.9	1.2	1.8	2.8
بلوچي	17.1	3.8	14.8	10.4	4.8	5.4	2.0	30.9	3.3
پنجابي	1.9	2.2	5.	6.2	1.9	6.5	4.	1.2	-
گجراتي	2.	3.7	4.	1.1	7.	6.6	4.	-	-
راجستاني	-	7.	-	1.1	7.	6.6	-	1.	6.
بروهي	4.	-	2.0	2.	6.	1.	-	1.1	-
پشتو	2.	2.	1.	3.	3.	5.	3.	4.	2.
فارسي	-	-	-	0.1	-	1.	-	-	-
ٻيون هوليون	-	-	1.	-	-	-	-	-	-

1951ع جي ڳڻپ جي انگن اکرن مطابق مهاجر، ڪچي، اردو پنجابي، گجراتي، سنڌي، پشتو راجستاني، بلوچي، فارسي، عربي، بنگالي، انگريزي، ڪشميري ۽ ٻيون هوليون پاڻ سان کڻي آيا. 55 لک مهاجرن مان 4 لک مهاجرن جي مادري هولي اردو هئي. جڏهن ته 70 هزار پنجابي، 15000 گجراتي، 4000 سنڌي ۽ 1.5 هزار پشتو هوليون ڳالهائي رهيا هئا. اهي سندن مادري هوليون هيون. سنڌي، جيڪا صوبي جي مُک هولي آهي، ڳالهائيندڙن جي ڳاڻيٽي ۾ 5.3 سيڪڙو گهٽتائي ئي جڏهن ته ڪل آبادي ۾ 11.9 سيڪڙو اضافو ٿيو. اها تبديلي هندن جي لڏپلاڻ سبب آئي جن مان اڪثريت جي اها مادري هولي هئي. عام ڳالهائي ويندڙ هوليون سنڌي، اردو ۽ انگريزي آهن. اردو جي پڙهندڙن جو ڳاڻيٽو 2.4٪ ۽ لکندڙ 2.2٪ آهن. انگريزي جي پڙهندڙن ۽ لکندڙن جو ترتيبوار ڳاڻيٽو اسيڪڙ ۽ 0.9 سيڪڙو آهي. صوبي جي مُک هولي هئڻ سبب هر ضلعي ۾ سنڌي پڙهندڙ ۽ لکندڙن جو ڳاڻيٽو ٻين مِڙني هولين کان وڌيڪ آهي. دادو ۾ سيني کان وڌيڪ ۽ ٽرپارڪر ۾ گهٽ آهن. شهرن ۾ دادو کي سرسي حاصل آهي. حيدرآباد ۾ گهٽ ۽ ميرپورخاص ان لحاظ کان پوئتي پيل آهي. ڇاڪاڻ ته حيدرآباد ۽ ميرپورخاص ۾ آبادي جو وڏو حصو مهاجرن تي مشتمل آهي ۽ اهي ايان تائين سنڌي لکڻ ۽ پڙهڻ نه سکيا آهن. اردو پڙهندڙن جي اڪثريت حيدرآباد، ٽرپارڪر، سکر ۽ نوابشاهه ۾ رهي ٿي جتي هندوستان کان لڏپلاڻ ڪري ايندڙ مهاجر آباد ٿيا.

سنڌي تي مکيه مستند ڪ ۾ لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا جي جلد انڊين ۽ حصي پهرين ۾ ٿيل آهي جنهن ۾ سنڌي ۽ لهندا جو تفصيلي ذڪر ڪيو ويو آهي. سنڌي هولي انڊو آرين ڪٽنب جي

اتر ـ اولهه گروهه سان تعلق رکي ٿي. ان جي اولهه ۾ بلوچي ٻولي آهي جيڪا ايراني ٻولي سان ڪجهه واسطو رکي ٿي ۽ ان کان ڪنهن حد تائين متاثر به آهي. اتر ۾ لهنڊا ٻولي آهي جنهن سان ان جو گهرو تعلق آهي. لهنڊا نه رڳو سنڌ علائقي جي اتر ۾ ڳالهائي وڃي ٿي پر هڪ لک کان وڌيڪ مهاجر سنڌ ۾ پکڙيل آهن جيڪي اها ٻولي ڳالهائين ٿا. جيتوڻيڪ لهنڊا سان گهرو تعلق رکي ٿي. انتهائي اتر کان سواءِ سنڌي تي ان جو ايترو اثر نه آهي ۽ جيڪو اثر آهي اهو به لغت تائين محدود آهي. ٻي طرف سنڌي نه رڳو ڳالهائڻ ۾ لهنڊا تي اثر ڇڏيو آهي. سنڌ جي سرحد ۾رسان پنجاب جي علائقي ۾ به لهنڊا سنڌي ٻولي جو اثر قبول ڪيو. اوير ۾ سنڌي جو واسطو راجستاني ٻولي جي ماروڙي لهجي سان پيو. گفتگو جا ڪيترائي قسم آهن جيڪي سنڌي ۽ ماروڙي ٻولين جي ملاوٽ مان ٺهيا آهن. سنڌي ۽ ماروڙي جو تعلق انڊو ـ آرين ٻولين جي مختلف گروهن سان آهي ۽ تنهن ڪري اندروني لهجن سبب پاڻ ۾ جنم نه ٿين ٿيون. گڏيل لهجن کي ميڪانيڪي ميلاپ چئي سگهجي ٿو. ڏکڻ ۽ ڏکڻ اويرِ ۾ سنڌي ٻولي جو واسطو گجراتي ٻولي جي مختلف لهجن سان آهي. گجراتي، جيڪا انڊو آرين ٻولين جي وچين گروهه جي رکن آهي، جو بنياد انهن ٻولين جي ٻاهرين نسل سان آهي جنهن جو سنڌي ٻولي پڻ هڪ حصو آهي. اها غائب ٻولي تنهن ڪري سنڌي جي مائٽن مان هئي ۽ ڏکڻ ۽ ڏکڻ ـ اوير ۾ اسان جڏهن سنڌي گجراتي رابطي تي نظر وجهون ٿا تہ اسان کي ٻئي ٻوليون آزاداڻي نموني ملنديون نظر اچن ٿيون ۽ ان جو نتيجو سنڌي جي ڪچي جي مختلف لهجن ۾ ملن ٿيون. لهنڊا ۽ سنڌي گڏجي انڊو آرين ٻولين جو اتر ـ اولهه گروهه جوڙين ٿيون ۽ ڪيتريون ئي خاصيتون رکن ٿيون جيڪي انهن کي اتر ـ اولهه سرحدي صوبي ۽ خاص طور ڪشمير جي داردي ٻولين سان ملائن ٿيون. ڪشمير ۽ افغانستان جي وچ واري علائقي ۽ قراقرم ۽ هندوڪش جي جبلن جي لهوارين تي آباد قبيلا داردي ٻوليون ڳالهائين ٿا. داردي هندوستان ـ يوروپين ماڻهو آهن جيڪي پهريائين ٻڌمت جا پوئلڳ هئا ۽ هينئر شيعا مسلمان آهن. داردي ٻولين جو نسل اتر ـ اولهه پراڪرت مان نڪري ٿو جيڪي سنسڪرت جي ڪا سوشت گروهن جي تحفظ ۽ ٻين ابتدائي وصفن سبب ننديِ ڪنڊ جي انڊو ـ آريائي ٻولين کان مختلف آهي. جديد داردي ٻولين ۾ عقلي (Cerebral) ۽ ڏندن جي (Dental) اکرن جي وچ ۾ ڪوبہ فرق نٿو ڪيو وڃي لهنڊا جي "ٽالي" لهجي ۾ "ڊي" کي اکثر "ڊي ڙي" ۾ تبديل ڪيو وڃي ٿو. اهڙي طرح "ايس" ۽ "ٿي" کي به ننديل ڪيو وڃي ٿو. هندي ٻولي ۾ اهڙو مثال "تابا" سنڌي مان "ٽراموِيا هندي مان دينا" پر سنڌي مان "ڏيڻ" آهي. پراڪرتي گرامر جي آڳاتي ماهرن جو چوڻ آهي تہ وارڇڊ اپيرنش پراڪوت ۾ ڪجهه تبدليون آيون جن مان سنڌي نڪتل آهي. هنيئر اکثر انڊو آريائي ٻوليون علت جي بن اکرن جي وچ ۾ "ت" جو استعمال نٿو ڪيو وڃي. پر لهنڊا ۽ سنڌي ٻولين ۾ ائين نه آهي. انکري سنڌي ۾ "پيتو" پر هندي ۾ "پيا" يا سنڌي ۾ "ڇٽو" پر هندي ۾ "ڇوا"، سنڌي ۾ "ڪيتو" يا "ڪيو" پر هندي ۾ "ڪيا"، سنڌي ۾ "ستو" پر هندي ۾ "سويا".

سنڌي ۾ داردي ٻولين جي وچ ۾ تعلق ۽ سنڌي ٻولي جي قدامت جي شاهدي طور پراڪرت مان نڪتل ٻٽن غير علت اکرن جي استعمال جو طريقو اهميت رکي ٿو. ننديي کنڊ جي اڪثر ٻولين ۾ "پت (Bhat)" ٿئي ٿو پر پنجابي ۽ لهنڊا ٻولين ۾ ائين نه آهي. انهن ۾ غير علت جي ٻٽن اکرن جو رواج آهي. مثال طور پنجابي ۽ لهنڊا ۾ "پت (Bhat)" آهي.

پر سنڌي ۽ داردي ٻولين ۾ اها حالت مختلف آهي. مثال طور ڪشميري ٻولي ۾ "بَتُ" ۽ سنڌي ۾ "پَتُ (Bhat)" آهي. اهو هڪ اهم نڪتو آهي جنهن جو رواج تمام آڳاٽي وقت يعني شهنشاهه اشوڪ (250 بي.سي) جي نقشن (Inscription) کان ملي ٿو جنهن مان سنڌي ۽ داردي ٻولين جي وچ ۾ تعلق جو اشارو ملي ٿو. سنڌي ٻولي جي ذاتي تلفظن جي جمع (Plurals) جو بنياد انهن اصلي جزن تي رکيل آهي جن سان مشابهت رکندڙ لفظ لهنڊا ۽ داردي ٻولين ۾ ملن ٿا. لهنڊا، سنڌي، ڪشميري ۽ داردي ٻولين ۾ ضميري لاحق (Suffix) لفظن جو استعمال عام جام آهي.

سنڌي ٻولي جي هڪ اهم خاصيت آهي. اها پاڪستان جي ٻين هڪ يا ٻن ٻولين سان حصو پتي ڪري ٿي. يعني هر لفظ علت جي اکر تي ختم ٿئي. پراڪرتي گرامر جو ماهر مرڪن ديوا چئي ٿو ته سنڌي ۾ ڳالهائي ويندڙ اپيرنش پراڪرت کي وراڇڊ سڏجي ٿو. ان مان سنڌي ٻولي نڪتل آهي. عام اندازي مطابق سنڌي ٻولي جا چار لهجا آهن. معياري يا وچولو سرائڪي، ٿري ۽ لاڙي. سنڌي لهجي طور سرائڪي جو ڪوبه وجود نه آهي پر ٻن ٻين لاسي ۽ ڪچي لهجن کي ان فهرست ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو. سنڌي ٻولي جا مخصوص اکر "ٻ"، "جهه"، "ڏ" ۽ "ڳ" آهن. اهي ڪجهه زور ڏئي اچاريا وڃن ٿا ۽ ڪجهه حد تائين ويجهن جزن جي رابطن کي مضبوط ڪن ٿا ۽ حقيقت ۾ ٻٽن اکرن جي صورت ۾ آواز ڪڍيو وڃي ٿو جيئن ملڪ جي ٻين حصن ۾ رواج آهي پر اهو اکرن جي شروعات ۾ ظاهر ڪري ٿو. جيئن "نبل" (ڪمزور)

"آج" (اڄ)، "وڏو" (عظيم)، "ڏنو". حقيقت ۾ سنڌي ۾ اهي ٻتا اکر آهن.

ضميري لاحق جي استعمال ۾ سنڌي ٻولي ڪشميري ۽ لهنڊا ٻولين سان حصي پتي ڪري ٿي. ڪشمير ۾ رڳو اهو فعل تائين محدود آهن ۽ لهنڊا ۾ ظاهري طور اسم، حرف جر ۽ فعل سان ڳنڍيل آهن. انهن جو استعمال فارسي ۽ عبراني ٻولين وانگر ڪيو وڃي ٿو ۽ ڪنهن به حالت ۾ استعمال ڪري سگهجن ٿا. ماريم وغيره ضميري لاحق جا فاعل "ماريو-س" آهي.

اوپر جي ٻين ٻولين جي پيٽ ۾ سنڌي ٻولي ۾ غير قاعدي جو تعداد وڌيڪ آهي ۽ ان سلسلي ۾ لهنڊا ۽ ڪشميري ٻولين سان ٽڪر کائي ٿي. لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا جي صفحي 128 تي اهڙي غير قاعدي جو ذڪر ڏنل آهي. عملي فعل (Active Verb) سان ضميري لاحق جو مونجهارو هيٺين مثالن جهڙوڪ "ماريو- اٽ- م" ۽ "ماريو- هو- م" وغيره ۾ ڏسي سگهجي ٿو.

پنجاب ۾ بلڪل مختلف ٻولين داردي، جيڪا سنڌو ماٿري جي اوپرندي حصي ۾ ڳالهائي ويندي هئي ۽ وچين علائقي جي آڳاٽي ٻولي، جيڪا جديد اولهندي هندي ٻولي جي پدري ٻولي ۽ جمنا ماٿري جي اولهندي حصي ۾ ڳالهائي ويندي هئي، جي ميلاپ جي جڳهه آهي. پنجاب ۾ انهن هڪٻئي جو اثر قبول ڪيو. لهندا کي داردي ٻولي طور شمار ڪري سگهجي ٿو جنهن ۾ اولهندي هندي ٻولي جا جزا شامل آهن. جڏهن ته پنجابي، داردي جي اولهندي هندي ٻولي جو قسم آهي. ان جي ابتڙ اوپر ۾ اولهندي راجپوتانه جي حفاظت هيٺ سنڌي ٻولي جو داردي ٻولين سان رشتو واضح آهي. سنڌي ٻولي راجستاني ٻولي ۾ جنم نٿي ٿئي. انهن سرحدي لهجن جو وجود صرف ميڪانيڪي ميلاپ سبب آهي.

اتر اولهه گروهه مقامي انڊو- آريائي ٻولين جو خارجي دائري جو رڪن آهي. ان خارجي دائري جا رڪن ڏاڪٽي ٻوليون ميرائي ۽ ٻولين جو اپرندو گروهه اوريا، بنگالي، بهاري ۽ آسامي آهن. ڳالهائڻ جا نمونا، جيڪي اتر اولهندي گروهه جي ٻولين سان ڪوبه گهرو واسطو ڏيکارين ٿا. تي پهاڙي ٻوليون آهن. انهن جو سنڌي جيان بنياد داردي ٻولين سان ڳنڊيل آهي. سنڌي جي سپ ڪان پهريائين جاءِ اپيرنش پراڪوت والاري جنهن کي مارڪن ديوا (گرامر جو ماهر) مطابق وراچڊ سڏجي ٿو ڪجهه نشان ڇڏيا آهن. هن مطابق وراچڊ پيساچي ساڳي علائقي ۾ ڳالهائي وئي ۽ ان حقيقت تي زور ڏئي ٿو ته ڪيڪيا پيساچي ان سنسڪرت جو مُک حصو آهي. گندارا ۾ شهباز ڳڙهي ۽ مانسهره وٽ شهنشاهه اشوڪ (250 ق.م) جي دور جي پٿڻن جا ٻه نقش موجود آهن جيڪي ان ٻولي ۾ لکيل آهن جيڪا ان وقت ملڪ جي سرڪاري ٻولي هئي. اهو پالي جي لهجي جو نمونو هو ۽ موتيا تي خاصيتن سبب منفرد هو جنهن جو مشاهدو هينئر ٻه داردي، لهندا ۽ سنڌي ٻولين ۾ ڪري سگهجي ٿو.

سنڌي ٻولي عربي ۽ فارسي لفظن سان تمتار آهي. جيڪا، ننڍي کنڊ ۽ وچ ايشيا ۾ عام حڪمراني جي ابتڙ، شين جا عام نالا مقرر ڪري ٿي. مثال طور "جبل"، "بصر"، "ابو"، "ٿوم"، ۽ "شيءِ" وغيره. خالص يا اڻ خالص سنسڪرتي لفظ جهڙوڪ "سائين"، "ڪڙ"، "حبس"، "اپر" هميشه سنڌي ۾ موجود رهيا آهن. حيدرآباد هڪ مثال (Model) ۽ وچولي ۾ ڳالهائي ويندڙ ٻولي، جيڪو سماج جو مرڪز آهي، خالص سنڌي آهي. ٻئي کان ڏاڪٽي طرف لاڙ جو لهجو موجود آهي، جنهن جي انفراديت "هه" اکر جو استعمال نه آهي. ڪڇ ۽ ٿر ۾ پڻ استعمال هيٺ ٻولي ۾ پڻ اهڙا ڪيترائي منفرد لفظ موجود آهن. حيدرآباد ضلعي جي ٽن اترين علائقن کي اتر سڏجي ٿو ۽ اترادي لهجو جيڪو شڪارپوري سان مشابهت رکي ٿو. "هڏڙي" ۽ ڪنڍي لفظ "هڏي" ۾ "ڪني" جي جاءِ والارين ٿا. شڪارپور ۾ تلفظ جي ادائگي ۾ ان فرق سان گڏ ڪيترائي لفظ عام استعمال ۾ آهن جن مان اردو جو اثر ظاهر ٿئي ٿو جيئن "ڪتي" بدران "ڏوبي" ان علائقي ۾ هڪ مختلف لهجو جا ٽڪي يا سرائڪي موجود آهي. جيڪا ملڪ جي اتر جي ٻولي آهي جيڪو اڳوٽي پنجاب جو حصو آهي. ۽ سنڌي ان

کي پنجابي لهجو سڏين ٿا. اها ٻولي مُک طور جاٽ، کجهه بلوچ قبيلا جهڙوڪ رند ۽ لغاري ۽ عباسي ڳالهائين ٿا. معلوم ٿئي ٿو اهو سنڌي، ماروائڙي ۽ ٻين جزن جو مرکب آهي.

اٻاوڙو جي زبان، جنهن بگڙجي شالي (Proverbial) صورت اختيار ڪئي آهي. شايد ان جو انتهائي نمونو آهي. ڪيترائي بلوچ پاڻ ۾ بلوچڪي ٻولي استعمال ڪن ٿا جنهن کي تلفظ جي بگاڙ ۽ غير محدوديت سبب فارسي طور ڄاڻايو ويو آهي پر حقيقت ۾ اها هڪ مختلف ٻولي ۽ آريائي گروهه جي ايراني ٻولي سان تعلق رکي ٿي. بروهي عام طور پنهنجي بروهڪي استعمال ڪن ٿا جيڪا دراوڙي ٻولين جي زبان آهي. باقي بلوچ ۽ بروهي سنڌي سمجهي ۽ ڳالهائي سگهن ٿا. افغان، مرهٽا ۽ گجراتي پاڻ ۾ پنهنجي پنهنجي ٻولي ڳالهائين ٿا. اردو وڏن شهرن ۾ سمجهي وڃي ٿي ۽ انگريزي پڙهيل طبقو ڳالهائي ۽ پنهنجي لکپڙهه ۾ استعمال ڪري ٿو. عربي سنڌي آئيوبينا، فارسي صورتخطي جو اسريل نمونو سنڌي لکڻي ۽ ڇپائي ۾ استعمال ٿئي ٿي. پر بنيا، جن 1947ع کان پوءِ سنڌ ڇڏي، اڃان تائين ناگري لپي، جنهن کي هندو سنڌي سڏجي ٿو. ڪاروبار ۾ استعمال ڪن ٿا. کجهه آڪاٿا ماڻهو فارسي ۾ لکپڙهه کي زندهه رکيو وينا آهن.

سنڌي ٻولي سادن ۽ سباجهڙن ماڻهن جي ٻولي آهي جيڪي ڪنهن به ملاوٽ کان پاڪ زندگي گهاري رهيا آهن ۽ ٻهراڙي جي نظارن ۽ ڏنن کان واقف آهن، جتي کيتي باڙي، ڏنارڪو ڪم ۽ خانه بدوشي زندگي جي نظام جو هڪ حصو آهي. اظهار جا کجهه طريقا سنڌي سهڻي نموني ادا ڪري سگهن ٿا. مثال طور احترام جو احساس، اڻپنا ۽ مذهبي جوش ۽ جذبو. ڪيترائي ڪل خوشي جا ننڍا گانا اهڙي طرح ترتيب ڏنل آهن جيڪي موضوع سان مطابقت رکن ٿا. ان قسم جي ٻولي ٻهاڪن ۾ سهڻي نموني استعمال ٿيل آهي ۽ سنڌي ان کان محروم نه آهي. ڪيترائي سنڌي ٻهاڪا فارسي جي اثر هيٺ جڙيا آهن. انهن مان معنيٰ پريل دانائي، گهريلو خوشي ۽ جامع بلاغت ملي ٿي جيڪي اتان جي رهواسين جي زندگي جو حصو آهي. ڪيترائي ٻهاڪا چڙ چڙ (Jingles) جي روپ ۾ جڙيل آهن. سنڌي ٻهاڪن جو مثال هتي مهل موقعي سان ٺهڪندڙ هوندو: قرض وڏو مرض، دير پيا درست ٿيا، يار اهو جو اوکي ۾ ڪم اچي، ڪمالیت کي زوالیت، جيسين آس تيسين ساس، ڪارو منهن ڪتي جو وئي سنگهڙ کي ڪن به ڪپائي آئي، گهٽي زالين گهر نه هلي، گهٽي مڙسين هر نه هلي، جهڙو وڻ تهڙو ڦر، جتي هر اتي گهر. سنڌي جي ٻهراڙي ۾ ڳائجندڙ ٻهاڪن ۽ سماجي تحقيق لاءِ وڏو مواد موجود آهي. پر غير دلچسپي ۽ عالماڻي حس جي غير موجودگي سبب انهن زرخيز انساني تجربن جو ڏلهوڙ نه ٿي سگهي آهي.

سنڌي ادب: 1907ع جي گزيٽيئر واري ڇاپي ۾ ادب وارو حصو متاثر ڪندڙ انداز ۾ شروع ٿئي ٿو. ان ۾ بيان ڪيل آهي. "ارڙهين صدي جي پڇاڙي تائين، جڏهن ٽالپر حڪمران بڻجي چڪا

هئا. سنڌ علائقي ۾ ديسي ادب نالي ورلي شي موجود هئي ۽ حقيقت ۾ سنڌي ٻولي کي لکت واري ٻولي نه سگهجي ٿيو. يوروپ ۾ لاطيني ٻولي وانگر سنڌ ۾ فارسي کي علم ۽ ادب جي ٻولي جي حيثيت حاصل هئي. تاريخدانن، شاعرن ۽ فيلسوفن جو تعلق ايران، افغانستان يا وچ ايشيا جي مهاجرن ۽ کاهه ڪندڙن جي ڪٽنبن سان هو. سنڌ ۾ ترخانن ۽ ارغونن جي حڪمراني وقت برطانيه ۾ انگريزي ادب جو ايلزبيٿ وارو دور هو.

ادب کي مختلف موضوعن يعني تاريخ، شاعري ۽ اسلاميات ۾ ورهائي اسان تاريخ کي وڌيڪ اهميت لائق موضوع چئي سگهون ٿا ڇاڪاڻ ته سڌي تاريخدانن کان سواءِ اسان کي سنڌي تاريخ بابت ايتري ڄاڻ ملڻ ناممڪن هئي.

سنڌ جي آڳاٽي ادب بابت سڀ کان وڌيڪ ڇڻو ۽ متوازن نظريو سنڌي عالم ڊاڪٽر يو.اين.داؤدپوٽو ڏنو آهي جيڪو هن "سنڌي ماڻهو ۽ ترقي" جي سري هيٺ هڪ ڪتابچي لاءِ لکيو ۽ 1954 ۾ ڊائريڪٽوريٽ آف انفرميشن سنڌ ڇپايو. 1955ع ۾ ون يونٽ ٽهڻ کان اڳ سنڌ صوبائي حڪومت جو اهو عظيم ڪارنامو هو ته ان اهو ڪتابچو ڇپايو. ڊاڪٽر داؤد پوٽي مطابق "دنيا جي ٻين ادبن وانگر سنڌي ادب جي شروعات پڻ شاعري سان ٿي جڏهن پهريون پيرو سنڌي ٻولي ڳائي ۽ لکي ويڙ لڳي ته ان وقت سنڌي ماڻهو وحشي نه هئا ۽ اسلام جي تعليمات انهن جي ذهنن کي متاثر ڪيو ۽ صوفيائي اثر انهن کي وڌيڪ روشن ڪيو. ان ڪري شروعاتي شاعري جيڪا اسان تائين پهتي ان ۾ مذهبي ۽ صوفيائو رنگ شامل آهي. شروع ۾ اها محتاط ۽ تخيل جي اڏام کان وانجهيل هئي پر شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شعرن جو سريلو وهڪرو سوچ جي زبردست اڏام ۽ اظهار جي خوبصورتي ان کي منفرد بڻائي ڇڏيو.

آڳاٽي سنڌي ادب جي تاريخ جو هڪ اهم نالو شاهه عبدالڪريم بلڙي وارو (1623_1537ع) جنهن کي ڊاڪٽر داؤد پوٽي مطابق سنڌي شاعري جو "وهائو تارو" سڏي سگهجي ٿو. هن جي شاعري جو ڪو وڏو ذخيرو نه آهي ۽ رڳو 91 ڏوهيڙن، ٽن ٽيڙوئن ۽ هڪ بيت تي مشتمل آهي. هن جي خيال جي پهچ ۽ موضوع محدود آهي پر شاعري جي روحاني پرواز گهري اظهار جو اولڙو آهي جنهن لاءِ شاعري ۽ موسيقي سندس زندگي جو روح هئي. اها سوچ غير هموار ۽ کهري آهي پر احساس ۽ باطني حسن سان ٽمٽار آهي. بيت جامع، معنيٰ خيز صوفيائي سچ ۽ اخلاقي قدرن جي اُپٽار آهي. انهن مان ڏوهيڙا، جن کي شاهه عبداللطيف سؤ سالن کان پوءِ ڪمالیت بخشي، پنهنجي عروج تي نظر اچن ٿا. عربي ۽ فارسي لفظن کان پاڪ احوال ان امر طرف اشارو ڪري ٿو ته سنڌي ٻولي ۾ ٻين جا گهرا ۽ مخفي خيالن کي بيان ڪرڻ جي صلاحيت آهي. شاهه عبداللطيف ڀٽائي (1752_ 1689ع) واحد شخصيت آهي جنهن جي وڏائي چار سؤ سال گذرڻ کان پوءِ به سنڌي ادب تي قائم ۽ واضح آهي. شاهه عبداللطيف کان اڳ غربت جو سبب سنڌي ٻولي جو هڪ ادبي اظهار جي ذريعي طور ايترو ۾ ديرينه هو.

هندوستان جي مسلمانن تي اسلام پنهنجي حڪمراني قائم ڪري رهيو هو. ان وقت سڀ کان وڌيڪ اثر عربي ۽ فارسي جي عظيم روايتن مان مليو. اها حيرت جوڳي ڳالهه نه آهي ته سترهين صدي عيسوي جي پڇاڙي تائين اردو هڪ شاعراڻو اثر پيدا ڪندڙ بولي طور مڃتا حاصل نه ڪئي هئي. عدالتن ۾ فارسي بولي استعمال هيٺ هئي. فارسي ادب اظهار جو ذريعو هو. پڙهيل طبقو عربي ۽ فارسي ۾ لکندو هو.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي کي ڪنهن به عظيم اصلي نظريي جو خالق سڏي نٿو سگهجي پر پنهنجي پڙهيل طبقي ۾ موجود مذهبي فلسفي کي اعليٰ نموني پيش ڪيو.

اعليٰ پايي جو سنڌي عالم مرزا قليچ بيگ (1855_1929) سترهين ۽ ارڙهين صدي عيسوي ۾ سنڌي ادب جي حالتن تي تمام گهڻو لکيو آهي. پنهنجي ڪتاب "آڪاڻي سنڌ" ۾ هن نٿي جي عروج واري زماني جي لکيل ماڻهن جو احوال ڏنو آهي. شاهڪار ڪتابن جا موضوع گهڻي ياڳي مذهبي، سچي مسلمان جا فرض، تاريخ ۽ فارسي طرز تي سنڌي شاعري هئا. ان وقت جي لکارين، جيڪي ان وقت جا وڏا عالم هئا، پهراڙي جي بولي ۾ لکڻ بدران فارسي ۽ عربي ۾ قلم وهايو. ان خطي، جنهن ۾ مسلم مذهبي نظريو مضبوط هو ۽ اهو ناگزير هو ته مذهب ۽ تعليم گڏ پرورش حاصل ڪن ڇاڪاڻ ته آڪاڻي سنڌ جو پڙهيل طبقو سيدن، قاضين، ملن يا انهن ماڻهن تي مشتمل هو جيڪي سڌي يا اڻ سڌي طرح قرآن پاڪ يا مذهبي تعليم سان واڳيل هئا. ملن، آخوندن ۽ استادن جي نگراني ۾ هلندڙ مڪتبن ۽ مدرسن مان تعليم حاصل ڪئي. ميمڻ، هڪ مسلم طبقو جيڪي اصل ۾ ڪڇ علاقي جا رهواسي هئا (علمي سرگرمين ۾ دلچسپي سبب برٽن جي مطابق) انهن ڪيترائي عالم پيدا ڪيا جن ملڪ ۾ مذهبي سائنس جو علم ڏنو. مرزا قليچ بيگ نٿي جي عروج واري زماني جي عظيم عالمن جي هڪ ڏگهي فهرست ڏني آهي. انهن جي علميت ۽ عالميت جي معيار جو هينئر اندازو لڳائڻ مشڪل آهي ڇاڪاڻ ته انهن جي محنت جو ڪجهه اثاثو اسان تائين پهتو آهي. شاعرن ۽ لکارين جي فهرست ۾ ڪيترن ئي انسانن جا نالا شامل آهن. شاعري، تارن جو علم، طب، لسانيات، لپي ۽ اهڙا ٻيا مضمون مقالن جا موضوع هئا. علم جا مڪيه مرڪز نٿو مٿياري ۽ روهڙي هئا جيڪي سيدن ۽ مقبرن ۽ مسجدن سان واڳيل پرهيزگار انسانن جو مسڪن هئا. ان وقت جي علم جي اها خاصيت هئي ته لکارين جو تعلق انهن ڪٽنبن سان هو جيڪي لڏ پلاڻ ڪري سنڌ ۾ آباد ٿيا. اهي پيدائشي سنڌي نه هئا. ارغونن جي دور ۾ ان قسم جو پڙهيل طبقو سنڌ ۾ داخل ٿيو جيڪو اها بولي لکي ۽ ڳالهائي سگهي پيو جيڪا عالمن جي استعمال هيٺ هئي. اها پڪ آهي ته پنهنجي عروج واري زماني ۾ نٿو علم، مذهبي تعليم، لسانيات ۽ سياست سبب مشهور هو ۽ انهن مضمونن ۾ نوجوانن جي سکيا لاءِ اٽڪل چار سؤ ڪاليج هئا. مان هڪ سيد کي سڃاڻان جيڪو دينيات جو پروفيسر هو ۽ عظيم تاريخدان هو. هن مون کان پڇا ڪئي ته ڇا هن منهنجي ملڪ ۾ سڪندر اعظم بابت ڪجهه ٻڌو آهي؟ هئملٽن جي احوال مان هڪ اشارو ملي ٿو ته نٿي ۾ وڏي انگ ۾ مڪتب ۽ لائبريريون هيون جن جا

سربراهه نامياريا عالم هوندا هئا. سنڌين شاعرن جون جيڪي سنجيده صنفون پيش ڪيون انهن ۾ مناجات ۽ مرثيا وغيره آهن.

شاعري جي سادي جوڙجڪ ۾ سنڌي فتحنانا (فتح جا گيت) ڪافي يا وائي، آسان گيت ۽ پيار جي پيغام وارا نظم لکن ٿا. شاهه عبداللطيف بابت ڊاڪٽر دائود پوٽو لکي ٿو "هن جي شاعري هڪ هيري وانگر آهي جنهن ۾ سڀ رنگ ۽ نقش جهڙوڪ مضمون، صوفيت، روحانيت، رومانيت، عبرت ڏيندڙ مواد ۽ نظم شامل آهن. پر انهن مڙني شين ۾ شاعر جو ذهن پنهنجي خالق ڏانهن مائل آهي جنهن ڏانهن سيني کي ورٽو آهي. اهو فراق جو درد، محبتي روحن جي چاهت ۽ دل جي خواهش، ته ان لامحدود هستي سان واڳيل ۽ دل جُي گهراين سان سچو هجي، ۾ ملي ٿو. اها سنڌ جي ڌرتي ۽ آسمان جي قدرتي سندرتا بيان ڪري ٿي ۽ ان جي عظيم ندي جي دهشت جو احوال ڏئي ٿي. پنهنجي تهذيبي عظمت کان علاوه شاعري ۾ جمالياتي حسن ۽ هر سوچ جو اولڙو سمايل آهي. اهو سنڌي ٻولي جو خزانو آهي ۽ جيستائين موجود آهي سنڌي ٻولي ۽ ادب زندهه رهندو. هي بيان ڪري ٿو "شاهه لطيف سان گيت پنهنجي ڪماليت تي پهتو جنهن کي بعد جي شاعرن سان پيٽي نٿو سگهجي. شاهه لطيف شاعري جي هڪ صنف وائي جو موجد هو جنهن ۾ وڌيڪ وسعت بعد وارن شاعرن آندي ۽ رمضان، احمد علي، نور محمد ۽ مصري شاهه ۽ بين جي هٿن ۾ فن جو ڪمال حاصل ڪيو. شاهه جي رسالي (لفظ رسالو جي معنيٰ آهي فوجي قطارن جيان شاعري جو جڙاءُ) ۾ ڏنل شاعري جي معيار جو مثال نٿو ملي. غير معمولي معيار هر عظيم شاعر جي خاصيت آهي ۽ شاعري جا مداح ڄاڻ رکن ٿا ته رب جي رضا ڪيئن حاصل ڪجي؟ رسالي ۾ صوفياڻي فلسفي جي گهرائپ باوجود اهو يقين سان نٿو چئي سگهجي ته سموري شاعري مقبوليت حاصل ڪئي ڇاڪاڻ ته ڪيترائي بيت لوڪ داستان تي لکيل آهن جيڪي ان وقت سنڌ جي ٻهراڙي ۾ عام هئا. رسالي جو دين اسلام آهي. الله تعالىٰ جا 34 نالا ڏنل آهن جيڪي خلقٽهار جي 99 نالن ۾ شامل آهن. جيئن اڳ ۾ ذڪر اچي چڪو آهي ته سنڌ جا سڀ طبقا شاعري سان چاهت رکن ٿا. ان جو مُک سبب شاعري جو قائل ڪندڙ انداز آهي جنهن ۾ شاعرن اهڙين آکاڻين جو ذڪر آندو آهي جيئن انگلنڊ ۾ ٻارن جي ڪٿابن ۾ پرين جو ذڪر ٿيل آهي. اهڙي قسم جون اڌ ڊزن آکاڻيون آهن جن مان پنج محبتي قصن ۽ ڇهه بادشاهن ۽ وزيرن بابت آهن. شاهه عبداللطيف ٻڌائي جي شاعري تي لکيل ڪتابن ۾ انهن آکاڻين جو ورجاءُ ٿيندو رهي ٿو. ان قسم جي اشاعتن جو ڳاڻيٽو لامحدود آهي. سوچ جي بلنديءَ جو اندازو شاهه عبداللطيف جي سرڪلياڻ جي هيٺين بيت مان لڳائي سگهجي ٿو:

سڏڻيا شراب جا جون، ڪل پچارون ڪن؟
جُه ڪات ڪلالن ڪڍيا، ته موٽيو پوءِ وڃن
پِڪون سي پيئن، سر جنين جا سٽ ۾



مقبرو شاهه عبداللطيف ڀٽائي/ص

مقبري پرسان مسجد ـ ڀٽ شاهه

سر آسا ۾ آهي تہ

اکين کي آهين، عجب جيهون عادتون
سور پرائي سات جا، وڃيو وهائين
اتي لنولائين، جت حاجت ناهہ هٿيار جي

مذهبي خوبصورتي تي چيل سر بلال جا بيت هن ريت آهن:

جکرا تو جِئين، تنهنجو ڪنين مدومَ سڻان
اکين ۽ هِنئين، بنهي تاري تنهنجي

سر سهڻي ۾ ميهار جي هيئين ٻن بيتن ۾ ندي جي ٻي ڪناري پنهنجي محبوب جي مال جي ڳچين ۾ پيل گهنڊڻين جي آواز تي سهڻي خوشي جو اظهار هن ريت ڪري ٿي:

اديون سپ اندام، چڙن منهنجا چوريا،
لاڙن جا لنؤ لائي، سا ڪيئن آڇيان عام،
لڳيس جنهن جي لاهہ سو دلاسا دوست منجي.

ان معيار جي شاعري سنڌي ماڻهن کي ان دعويٰ ڪرڻ جو حق ڏئي ٿي تہ انهن وڪڙيل سٽن ۾ اها شاعري سمايل آهي جيڪا دنيا جي بهترين شاعري سان ڪلهو ملائي سگهي ٿي. شاهہ عبداللطيف جو ڪوبہ اصلي وارث نہ هو.

ڊاڪٽر دائود پوٽو چئي ٿو تہ ڪلهوڙن جو دور (1783_1657) سنڌي شاعري جو سونهري دور هو جنهن ۾ بيت جي صنف کي مرڪزي حيثيت حاصل هئي. ساڳي دور جي ٻي انفراديت مثنوين جي جوڙجڪ آهي جنهن ۾ ليلا مجنون جي پيار کي اهميت حاصل آهي ۽ ان کي فاضل خليفا عبدالله نظاماڻي خوبصورتي سان بيان ڪيو آهي. ٽالپر غير تعصبي شيعا حڪمران هئا ۽ پنهنجي ملڪ لاءِ ڪنهن کي بہ قتل نہ ڪيو. تڏهن بہ انهن امامن ۽ اهل بيتن جي عظمت کي مڃتا ڏني. هن دور ۾ سيد ثابت علي شاهہ (1810_ 1740ع) مرثيي جي صنف کي ڪمال بخشيو ٽالپر دور جو عظيم شاعر سچل سرمست (1829_ 1737ع) هو. ڊاڪٽر دائود پوٽو مطابق هن جي شاعري جيتوڻيڪ سوچ ۽ خيال جي لحاظ کان گهري ۽ منفرد هئي پر شاهہ لطيف جي شاعري جي سطح تائين نہ پهچي سگهي. هن جون ڪافيون ۽ غزل پنهنجي لحاظ کان منفرد هئا. قرآن پاڪ جو حافظ ۽ اسلامي قانون جو ڄاڻو هوندي بہ پنهنجي شاعري ۾ وڌاءَ ۾ وجي پيو ۽ ملحدي واري بيان ۾ منصور الحلاج کان بہ اڳتي نڪري ويو جنهن سبب ڪٽر مذهبي طبقو هن کي پسند نٿو ڪري. انگريزن جي دؤر (1947_ 1843ع) جو ذڪر ڪندي ڊاڪٽر دائود پوٽو شاعري ۾ دلچسپي جي ورجاءَ جي سڌ ڏئي ٿو جنهن بهرحال سنڌي گاني مان روايتي تال ختم ڪئي ۽ شاعري تي فارسي شاعري جو رنگ چڙهڻ لڳو ۽

نتيجي ۾ سندس پنهنجي اصليت، طاقت ۽ پاڻ مرادو پيدا ٿيڻ جي صلاحيت ختم ٿي وئي. اهو دور معمولي شاعري لاءِ آگوئي چاپ حڪمراني جو دور سڏجي ٿو.

1907ع جي گزيٽيئر ۾ اچي ٿو ته برطانوي طريقن تي جوڙيل ملڪ جي تعليمي نظام مختلف قسمن جي ادب جو زرخيز فصل ڏنو جن ۾ اسڪول جا ڪتاب ۽ ترجمان شامل آهن. انهن ۾ انگريزي ڪتابن کي مرڪزي حيثيت حاصل هئي. سنسڪرت ۽ فارسي جي ادب کي سنڌي ويس پهرائڻ جي سلسلي ۾ ڪارائتو ڪم ڪيو ويو آهي. ان ميدان ۾ مرزا قليچ بيگ پاڻ موهيو ۽ ڪيترائي اصلوڪا ڪتاب پڻ لکيا. هن انهن ڪتابن تي ان ٻولي ۾ پڻ ڪم ڪيو جن کان سنڌي اڻ ڄاڻ هئا. مثال طور چنچنامي جو انگريزي ۾ ترجمو تاريخ معصومي ۽ تحفة الڪرام مان چونڊ ٽڪرا ڪٽي هسٽري آف سنڌ ڪتاب لکڻ. نئين تعليمي نظام سندن کي پڻ اڳتي آندو جن ۾ ويارام گوئندمل، ليلا رام وطن مل، ڪارومل، واڌ مل ۽ ٻيا جن پنهنجي وطن واسين کي اصلوڪا ۽ ترجمو ڪيل ڪتاب ڏنا. موجوده دور جي شاعري بابت ڊاڪٽر دائود پوٽو چئي ٿو ته بيتن جي فارسي ڍنگ جي پوئلڳي ڪندڙ نوجوان شاعرن پنهنجن موضوعن جي چونڊ ۾ نواڻ پيدا ڪئي آهي. انهن شاعري جي نون نمونن کي جنم ڏنو آهي. مثال طور پنج منڊلي ۽ اٽن مصرعن جو شعر وغيره. اهي صنفون شاعرن جي ماهراڻي صلاحيت جو اظهار ۽ سندن لفظن جو استعمال دل لپائيندڙ آهي. شاعري ۾ ڏنل خيال ۽ سوچ قيمتي ۽ رنگ برنگي آهن. سنڌي ادب جي ڏنل مٿين سروي ۾ ڊاڪٽر دائود پوٽو جن شاعرن جو ذڪر ڪيو آهي. انهن جي شاعري مان ڪابه اهڙي چٽنگ نظر نٿي اچي جيڪا شاهه لطيف جي تخليقي شاعري جي برميچي ٿي سگهي.

موجوده دور جي خيال ۾ به ڪا تبديلي نه آئي آهي. جنهن جو مشاهدو سنڌي نثر جي ترقي مان ڪري سگهجي ٿو. ڊاڪٽر دائود پوٽو چئي ٿو ته سنڌي نثر جو آڳاٽو نمونو مولانا عبدالرحيم گرهوڑي جي اخلاقيات تي مشتمل ڪتابن ۾ ملي ٿو. شاهه ڪريم ۽ خواجه محمد زمان جي پرچار به سنڌي نثر ۾ آهي. پر انهن جي عقيدتمندن ٻنهي جي تعليمات کي ترتيبوار فارسي ۽ عربي ويس ڏکايو. نثر ۾ شروعاتي ڪم عربي ۽ فارسي جي ڪتابن جي ترجمي تي مشتمل هو ۽ اصلوڪي روح وارو ڪم برقرار رکيو. ڊاڪٽر دائود پوٽو جي مطابق مرزا قليچ بيگ سنڌي ادب جو محسن آهي. هي نثر جوڙ ٽڪ ليکڪ آهي جنهن جي علميت جو اندازو سندس لکيل ڪتابن مان ٿئي ٿو جيڪي خوشگوار ۽ سادي نمونو لکيل آهن. سرڳواسي ڊاڪٽر ايڇ. ايم. گربخشاڻي، جنهن 1947ع ۾ ديهانت ڪيو.

جاندار لکڻي جو مالڪ هو. ڊاڪٽر دائود پوٽو جي چواڻي هن جي نورجهان ۽ "شاهه جو رسالو" جو تعارف ڪلاسيڪي فن جو نمونو آهن ۽ فڪر رکندڙ پڙهندڙ کي متاثر ڪندا رهندا. پرنسپال ايس. سي شاهواڻي هميشه پنهنجن ناولن "بلوڪوڪر" ۽ "تاراڻي جو اپياس" سبب هميشه ياد

رکيو ويندو. جيتوڻيڪ اهي ٽامس هاربي ۽ ٻين جي ڪمن کان متاثر آهن. پر سنڌي ادب ۾ ناول نويسي جو نئون دور هو.

موجوده دور ۾ سنڌي ادب ۾ نثر جي زندهه هئڻ جي خاصيتن مان هڪ خاصيت اها به آهي ته مختلف موضوعن تي لکڻين سان سرجيل رسالا باقاعدگي سان شايع ٿي رهيا آهن. ان سلسلي ۾ هڪ مثال "نئي کيتي" آهي جنهن ۾ زرعي موضوع شامل هوندا آهن. هي قدامت پسند ماضي کان گريز آهي ۽ ان طرف اشارو ڪري ٿي ته ڳوٺاڻي ۽ خالص سماج ۾ جديد سوچ جون تحريڪون هرهنڌ پاڙون وڌي رهيون آهن. ڊاڪٽر دائود پوٽو جي مطابق اها حوصلو بخشيندڙ نشاني آهي ته سنڌي نثر ان صورت ۾ فطرت ۾ سرجي رهيو آهي. جيڪو ان جي بهترين مستقبل جي اڳ ڪٿي ڪري ٿو. هي چئي ٿو "اسان ان جي گوڙنج کي اعتماد ۽ اميد سان ڏسي سگهون ٿا."

ادب ۾ سڀ کان وڌيڪ وقت ۽ ڌيان شاعري تي ڏنو ويو آهي. پر تازي ۽ ويجهي دور ۾ جديد نثر ڏانهن جو مرڪز رهيو آهي. پر شايد اهو تاريخ ۾ آهي ته شاهه جو رسالو کان علاوه سنڌي لکارين پاڻ مڃايو آهي. جيئن 1907ع ۾ گزيٽيئر ۾ ايتڪن چئي ٿو. سنڌي تاريخدانن کان سواءِ سنڌ جي تاريخ بابت اسان گهڻو نه ڄاڻو ها. اهو سچ آهي ته ماضي جي واقعن جي علم جي شاگردن ۽ عالمن کي مطمئن ڪرڻ لاءِ سنڌي تاريخدانن وٽ صلاحيت نه هئي پر اهو پڙ سچ آهي ته انهن ماضي جي چٽي ۽ صاف تصوير پيش ڪئي آهي ۽ انهن جون لکڻيون شاهڪار آهن. چچنامي کي سنڌي لکاري جي لکيل آڳاٽي تاريخ سمجهيو وڃي ٿو. چچ هڪ برهمڻ حاڪم هو جنهن ستين صدي عيسوي جي وچ ڌاري سنڌ تي حڪومت ڪئي. چيو وڃي ٿو ته چچنامو ڪنهن نامعلوم اديب جو عربي ۾ لکيل آڳاٽي ڪتاب جو ترجمو آهي. ان جو ترجمو ڪندڙ علي بن حامد بن ابوبڪر ڪوفي هو. هي ڌاريو هو ۽ آوارهه گردي کان پوءِ هنيرالدين قباچه (1216) جي دور ۾ اُچ ۾ رهائش اختيار ڪئي چچنامي بابت "دي هسٽري آف انڊيا ائزٽولڊبا ۽ اٽزاون هسٽورينز" جو ليکڪ لکي ٿو ته جيتوڻيڪ ان ۾ مُک ڪردارن لاءِ ناگوار جملا بيان ٿيل آهن اهو محمد بن قاسر جي سنڌ مٿان ڪاهه ۽ هن کان اڳ سنڌ جي هندو حڪمرانن بابت تفصيلي احوال ڏئي ٿو.

تاريخ جو ٻيو ڪتاب بکرجي رهواسي ميان محمد معصوم جو لکيل "تاريخ معصومي" آهي. هن اڪبر جي دور ۾ مقبوليت حاصل ڪئي ۽ سندس مناروسکر شهر جي سڃاڻپ آهي. اهو ڪتاب 1600ع ۾ لکيو ويو جنهن ۾ محمد بن قاسر کان وٽي هن ڪي زماني جي حالتن جو احوال ڏنل آهي. هن مهل تائين ملندڙ ڪتابن مان ان ڪتاب ۾ تفصيلي ۽ سربستو احوال ملي ٿو. خيرپور ۾ رهندڙ هڪ انگريز ڪئپٽن جي. مليٽ ان جو انگريزي ۾ لفظي ترجمو ڪيو. تاريخ معصومي يا تاريخ سنڌ پاڻ ۾ سنڌ جي تاريخ جو سڀ کان واضح احوال سانڊي ويئي آهي. پر ان ۾ 1952ع ۾ اڪبر اعظم

هٿان ان وقت جي حڪمراني گهراٽي جي شڪست کان پوءِ واري زماني جي پاڻ ٿئي ملي. محمد معصوم پنهنجي پٽ جي ذهني سڌاري ۽ ترقي لاءِ اهو ڪتاب لکيو جن ۾ نامياڻن بزرگن ۽ پرهيزگار بندن جي ڪرامتن جو ذڪر ايتري حد تائين ڪيو آهي ته تاريخ تي سائنسي نظر رکندڙ تاريخدانن ان کي ڪا اهميت نه ڏني آهي. 1621ع ۾ سميڙيل "تاريخ طاهري" ۾ سومرا حڪمرانن جي اسرڻ کان وٺي غازي بيگ ترخان جي مرڻ تائين جي تاريخ جون ڪر آهي. ڪتاب ۾ ڪٿي ڪٿي تاريخ بابت ڪجهه جملا ڏنل آهن ۽ ٻڪ طور تصويري ۽ ڪشش پيريي نموني ۾ لکيل آهي. "دي ترخان نامہ" ارغونن ۽ ترخانن جي نسل ۽ زماني جي احوال تي مشتمل آهي جنهن جو مواد، ڪنهن بہ قبوليت (Acknowledgment) کان سواءِ تاريخ معصومي ۽ بين ذريعن تان ورتل آهي. اهو ڪتاب 55ـ 1654ع ۾ سيد جمال شيرازي لکيو جيڪو مرزا محمد صالح ترخان جي شان ۾ لکيل آهي. هي وقت جي مغل شهنشاهہ جو اطاعت گذار هو ۽ هن جي مدد ڪرڻ جي صلي ۾ سيد جمال شيرازي کي پهريائين ٺٽي ۽ بعد ۾ گجرات جي صوبيداري عطا ڪئي وئي. اهو ڪتاب تاريخي لحاظ کان ڪا خاص اهميت نٿو رکي. تحفة الڪرام ٽن پاڳن تي لکيل آهي جنهن جو آخري پاڳو ايليٽ جي مطابق وڌيڪ تفصيلي ۽ اڳواڻي سنڌ جي تاريخ جي احوال تي مشتمل آهي. اهو 1774ع تائين مڪمل ڪيو ويو. ان جو ليکڪ علي شير هو. ان ۾ انهن مڙني جڳهڙن جو ذڪر ٿيل آهي. جيڪي سنڌ جي بادشاهي مان ڪلهوڙا گهراٽي جي خارج ۽ تالپر گهراٽي جي داخل ٿيڻ جو سبب بڻيا. اهو ذڪر تالپر حڪمرانن کي خوش ڪرڻ جي انداز ۾ لکيل آهي. سنڌ جي تاريخدان جو لکيل "تحفة الڪرام" هڪ نمائشي ڪم آهي. ان ۾ آڳاٽي سنڌ کان وٺي مرزا سرفراز جي لاڏاڻي تائين جو ذڪر ڏنل آهي ۽ اٽڪل 1773ع ۾ مڪمل ڪيو ويو. "بلقرنامہ" امير سيد قاسم بلقر ڏانهن اربيل آهي. هن جو تعلق سمرقند جي ترميذ ڪٽنب سان هو جيڪو شاهہ حسين ارغون جي دور ۾ سنڌ ۾ آباد ٿيو ۽ سنڌي جي پٽي ذات مان شاديون ڪيائون. اهو ڪتاب شايد 1628ع ۾ مڪمل ٿيو ۽ تاريخي لحاظ کان ڪا خاص اهميت نٿو رکي. ان ڪتاب جي دلچسپي جو مرڪز ترخان گهراٽي جا غير اهم معاملا ۽ عمرڪوٽ جي راجا راڻو جون ڪاهون آهن جنهن جي گهراٽي مان ليکڪ شادي ڪئي. اهو "تاريخ طاهري" جي زماني ۾ لکيو ويو. فتح نامہ تالپر دور جي شروعاتي زماني بابت شعر ۾ لکيل تاريخ آهي. ان جو ليکڪ نٿو جو محمد عظيم ۽ مير فتح علي خان ڏانهن اربيل آهي.

تاريخ کان علاوه دينيات يا مذهبي فلسفي تي پڻ ڪيترائي ڪتاب لکيا ويا. مذهبي ڪتابن کان علاوه بين عالمن بہ پنهنجي واندڪائي وارو وقت وقت ان قسم جي دلچسپي ۾ خرچ ڪيو. چيو وڃي ٿو تہ ارغون بادشاهن شرحون ۽ مذهبي ڪتاب لکيا پر انهن بابت ڄاڻ گهٽ ملي ٿي. جيئن مٿي ذڪر اچي چڪو آهي تہ شاهہ عبداللطيف کان علاوه تاريخدان ان آڳاٽي سنڌ جا ٻڪ اديب هئا.

موسيقي :

شاعري کان علاوه، سنڌي موسيقي شايد سڀ کان وڌيڪ اهم ثقافتي حاصلات آهي. "آئين اڪبري" ۾ سنڌ جي موسيقي کي "ڪمي" سڏيو ويو آهي. سنڌ ۾ موسيقي جا ماهر فنڪار هميشه موجود رهيا آهن. وچين دور، خاص طور منگولن کان اڳ واري دور ۾، سنڌ پنهنجن موسيقارن ۽ گائڻ وڄائڻ سبب مشهور هئي. هندوستاني موسيقي وانگر عام طور، سنڌي موسيقي کي انهن پيشي ور فنڪارن ۽ موسيقارن کان نقصان پهتو آهي جن ان کي روايتي حدن تائين محدود رکيو. مطابقت پيدا ڪرڻ ۾ ناڪامي جي نتيجي ۾ سنڌ ۾ موسيقي جا ساز عام طور سادا ۽ باجي ۽ پياني جهڙو آواز ڪيڻ کان قاصر آهن. مختلف قسمن جا ساز جڏهن گڏ وڄايا وڃن ٿا ته وڏي پئماني تي سازن جو آواز نڪري ٿو. موسيقي جي اهي خاميون هينئر آهستي آهستي محسوس ڪيون وڃن ٿيون. پيشيور موسيقارن ۽ پٽن جي هٿن مان موسيقي جي جان ڇڏائڻ لاءِ هڪ طاقتور تحريڪ ايري، آهي جنهن ان کي پنهنجو هڪ جادوئي شعبو بڻائي ڇڏيو آهي ته جيئن عام ماڻهو رائج ڪري سگهجن جنهن سان هرهڪ سرتار لکي ۽ ان جو مظاهرو ڪرڻ لائق ٿي سگهندو. ان عمل سان موسيقي ۾ مطابقت پيدا ڪرڻ ۾ مدد ملي سگهندي، پر ان مسئلي تي ويچارن ۾ اتفاق نه آهي. پيشيورپانن، جيڪي گهٽ پڙهيل ۽ اڪثر جاهل هئا، کي سادي ساز تي فن جو مظاهرو ڪرڻ تي ڪجهه عبور حاصل هو پر موسيقي جي عام جاڻ ۾ اڻ لکيل عبارتون اڃان تائين رڪاوٽ هيون. يورپي طرز جي مُک ۽ غيراهم پئمانن جي سر تي مقرر هٽ سان وڄندڙ هارمونيم عام ماڻهو جي موسيقي جي حس تي خراب اثر ڇڏيو. پتل جي سازن جي بري آواز جو يوروپي سر ۾ وڃڻ پڻ موسيقي جي ترقي ۾ رڪاوٽ پيدا ڪئي.

هن وقت سنڌي موسيقي جو ڪوبه الڳ اسڪول موجود نه آهي. ڪليمينٽس پنهنجي ڪتاب "انٽروڊڪشن ٽو دي اسٽڊي آف انڊين ميوزڪ" ۾ هندوستاني موسيقي بابت ڪليل نموني حقيقتون بيان ڪيون آهن. هندوستاني موسيقي ۾ عظيم گروهن سان تعلق رکي ٿي. هڪ ننڍي ڪنڊ جي اتر ۽ اولهه ۽ ٻي ڏکڻ ۽ اوپر ۾ موجود دکن ۽ ڪرناٽڪ جي موسيقي ڪليمينٽس چئي ٿو. ٻنهي گروهن جي موسيقي ۾ ڪيترائي پئمانا هڪجهڙا آهن ۽ انهن پئمانن مان ٻن گروهن جو عام رخ واضح آهي. اولهه ۾ يوروپ وانگر پئمانو ساڳيو آهي پر ڏکڻ ۾ اهو رنگين پئمانو آهي. سرتار جن کي راڳ سڏجي ٿو. سرتاري نظام مان اپريا آهن جن ۾ موسيقي جون سڀ ڏنون شامل آهن. سرتاري نظام جو بنياد حساس نظام تي رکيل آهي جن جو ذڪر سرولين جونس سميت ڪيترن ئي ليکڪن ڪيو آهي.

شاهه عبداللطيف جي رسالي ۾ شعر راڳن جي سرتاري نمونن تي ٻڌل آهن. اهي شعر جنسي نموني جي راڳن ۽ راڳڻين تي ڳايا وڃن ٿا. انهن نمونن ۾ مقامي تبديليون شامل آهن. اڪثر مغل

راڳڻيون، جن مطابق شاهه عبداللطيف جا سر ڳايا وڃن ٿا، هندوستاني نمونن جي بدليل شڪل آهي. شاهه عبداللطيف تي لکيل پنهنجي شرح ۾ مرزا قليچ بيگ هندوستاني موسيقي جي نظام مطابق راڳن ۽ راڳڻين کي ورهايو آهي. هي راڳ جا ڇهه قسم مثلاً برو، مالڪوس، سري، ميگهه، هندول ۽ ديپڪ ٻڌائي ٿو. انهن راڳن کي راڳڻين جي سنگت حاصل آهي جيڪي وڌيڪ يڻن ۽ بين مائڻن ۾ ورهايل آهن. انڪري سنڌ جي علائقي جي موسيقي مختلف نه آهي. ٻڪ ساز مثلاً يڪتارو، ستار، سارنگي، تنبور، مختلف قسمن جا نڙ ۽ دهل پاڪستان ۾ هر هنڌ وڄايا وڃن ٿا. بين شڪل سان نظر اچي ٿي. اڪثر پيشيور موسيقارن جو تعلق پانن جي طبقي سان هو جيڪي غريب هئا. انهن کان علاوه ڪيترائي غير پيشيوار لائق فنڪار هئا. سنڌ جي تاريخ ان امر جي شاهد آهي ته هر زماني ۾ مڃيل موسيقار موجود رهيا آهن. برٽن چئي ٿو ته ماڻهو موسيقي ۽ ڳائڻ جا شوقين آهن. شعر ۽ موسيقي جي جوڙجڪ جي ديسي انفراديت لاءِ برٽن "فتح نامه" جو حوالو ڏئي ٿو جنهن کي لانگاهن ترتيب ڏنو ۽ ان جي مشابهت آڪاڻي عرب شاعرن جي وائي، تنبور يا ڪٽار تي ڳايل بيت، دهل جي سنگت ۾ ڏوهيڙو ۽ نڙ جي موسيقي تي ڳايل سنيارو سان آهي جيڪو غير شهري علائقن ۾ رهندڙ ماڻهن وٽ مقبول آهي.

جيڪي سرتار ديسي سنڌي ڏنن جي دعويٰ ڪن ٿا انهن بابت ڪا ثابتي نٿي ملي، اها پڪ آهي ته ڇڇ جي دور کان گهڻو اڳ عسيوي سن جي شروعاتي صدين ۾ سنڌ ۾ هندو موسيقي کي بالادستي حاصل هوندي، عربن جي فتح وقت سنڌ ۾ عام ماڻهو جي زندگي ۾ ڪابه ابتري نه هئي ۽ موسيقي جي لذت ۾ ڪا وڏي تبديلي نه اچي سگهي ئي. سومرو ۽ سمو بادشاهتون اصل ۾ هندو هيون. تنهن ڪري اهو پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته سنڌ جي تاريخ جي وچين دور تائين هندوستان جي موسيقي جو رنگ سنڌ ۾ جاري موسيقي تي غالب هوندو. ان کان پوءِ به اهو جاري رهيو جنهن مان موسيقي جي استعمال جي طريقي جي ڄاڻ ملي ٿي. شاهه عبداللطيف به پنهنجي رسالي ۾ شامل بيتن جي جڙاءُ مهل موسيقي جو استعمال ڪيو. جيڪڏهن ڪيترائي سر، راڳ ۽ راڳڻيون آهن ته انهن کي سنڌي سڏي سگهجي ٿو جيڪي هندوستاني موسيقي جي سرتاري نظام جي برجسته نظم جو آوازي اظهار آهي. ساڳي طريقي سان هن وقت به معيار نموني جي ڏانچي ۾ سرتاري نظام لڳاتار سرجي رهيا آهن. هندوستاني ۽ پاڪستاني موسيقي جموعي طور ان مطابقت ۽ برجستگي مان ڪنيل آهي. تنهن ڪري اهو ضروري آهي ته اها شاهدي پيش ڪجي ته ديسي سنڌي سرتارن ان طريقي سان جنم نه ورتو. جيئن ته نج بلوچي، براهوي يا افغان سرتارن پنهنجو ڪردار نپايو آهي ان ڪري سنڌي موسيقي جي اڻ خالص اصليت آهي. ڊاڪٽر اين. بي بلوچ جي ٽيسن ديسي عنصرن سنڌي موسيقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو ڪي عملي ۽ تاريخي شاهدي سان پيٽي ڏسجي جيڪا ثابتي ملڻ مشڪل آهي. ڊاڪٽر بلوچ هن گزيٽيئر جي موسيقي جي مضمون کي سهيڙڻ ۾ سهيڙيندڙ جي گهڻي مدد

ڪئي آهي. هيٺ ڪجهه هن جي ليک جا ٽڪرا ڏجن ٿا جيڪي ان مقصد لاءِ لکيا. ڊاڪٽر بلوچ چئي ٿو "سورهين صدي عيسوي ۾ ترخان حڪمرانن مرزا جاني بيگ ۽ هن جي پٽ مرزا غازي بيگ جي دور ۾ ڪلاسيڪي هندوستاني موسيقي ۽ سنڌ ۾ ديسي موسيقي ۾ دلچسپي عروج تي پهتي. ٻئي پيڙهه ۽ پٽ شاعرن جهڙوڪ طالب المولىٰ ۽ ٻيا ۽ ڪيترن موسيقارن، جن موسيقي جا نمونا، گانا ۽ ڏنن جا قسم ايجاد ڪيا، جي تمام گهڻي سرپرستي ڪئي. ٻئي حڪمران پاڻ به ماهر موسيقار هئا. انهن جي راڄڌاني ٺٽو مشهور موسيقارن جو مرڪز هو. ان زماني جو ليکڪ شيخ فريد بخاري پنهنجي ڪتاب ذخيرة الخوانين ۾ ٺٽي کي ڪل ۽ خوشي جو هنڌ لکيو آهي. جنهن جي فضا موسيقي جي آواز سان گونجي رهي هئي. هن جي مطابق، "تنبور ۽ ڊولڪي جي موسيقي جو آواز هر گهر مان ايندو هو. ڊاڪٽر بلوچ سنڌ ۾ موسيقي جي ترقي ۾ موفيت جي ڪردار ڏانهن ڌيان ڇڪائيندي ٻن صوفي سرشتن جو ذڪر ڪري ٿو جيڪي استعمال ڪيا ويا. اهي سهروردي طريقو ۽ قادري طريقو آهي. پهرين بابت هي لکي ٿو ته اهو عظيم بزرگ بهاءالدين زڪريا شروع ڪيو. وفات کان پوءِ هن بزرگ کي ملتان ۾ دفنايو ويو ۽ هن جي مقبري ڏانهن وڃڻ لاءِ سنڌ ۾ هن جي پوئلڳن کي ڊگهو ۽ مشڪل سفر ڪرڻو پوندو هو. پنهنجي مرشد لاءِ پوئلڳن جي محبت ۽ عقيدت جو اظهار بيتن جي شڪل ۾ سامهون آيو جن کي پانڌين جي گروهن ڳايو ۽ اڳتي هلي ان جو نالو ڏهر پيو. مرشد کان مدد جي طلب يا هن جي واکاڻ ڏهر جو بنيادي خيال بڻجي پيو. ڏهر موسيقي جي ساز جي سنگت ۾ ڳايو ويو جنهن ديسي راڳڻي ڏانسري کي جنم ڏنو. قادري طريقي ۾ ساز وڄائڻ جي پائبندي هئي تنهنڪري آوازي موسيقي کي مقبوليت نصيب ٿي. ان الحال ۽ احليان تي وڌيڪ زور ڏنو جيڪا پير پڳارو جي مريدن جي آوازي موسيقي جي خاصيت آهي. انهن جي ڳائڻ جو طريقو مختلف آهي جنهن کي جماعت جو راڳ سڏجي ٿو. ان قسم جون ڪيتريون ئي راڳڻيون جهڙوڪ سنڌي پيروي، سنڌي برووِيا سنڌي تلنگ، ڪيڏارو سنڌي پيلو سنڌي منجهه ۽ سنڌي ڏانسري وغيره شروع ٿيون. ڊاڪٽر بلوچ جي مطابق اهي راڳڻيون پنهنجين اصل کان مختلف آهن ۽ اسان جي قومي پاڪستاني موسيقي کي شاهوڪار بنائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. ڊاڪٽر بلوچ چئي ٿو "انهن کان علاوه ٻيون به راڳڻيون آهن جيڪي، منهنجي سمجهه مطابق، پنهنجي تخم ۾ مڪمل سنڌين آهن. انهن ۾ جوڳ، ڪوهياري، راڻو پرياتي، ڏانسري ۽ لاڙئو وغيره آهن. سڀ سنڌي سرتا رستن بنيادي ڏنن جي ستن ٻڌمانن سان مطابقت رکن ٿا جن مان پهريون "سا" ۽ پنجون "پا" وڌيڪ ٻن حصن ڪومل (نرم) ۽ تيور (سخت) ۾ ورهايل آهي. مطلب ته سيني ۾ ٻارنهن سُر آهن جن جو نتيجو مختلف سُر آهن. اها رٿا ڪلاسيڪي هندوستاني موسيقي ۾ استعمال ٿئي ٿي. جنهن جي پهرين سرڪي خرج (Kharj) سڏجي ٿو ۽ "سا" جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. پٽ شاهه ۾ هفتي جي ٽن ڏينهن يعني آچر، اڱارو ۽ جمعو تي شاهه عبداللطيف جي ڳائجندڙ سرن بابت منهنجو تجزيو آهي ته اهي شاهه جا راڳ ياسر (سرتار جهڙوڪ ڪليان،

ڪوهياري) ۾ ٻين کي ڪلاسيڪي پٺماني جو پنجون سر "پا" انهن جو بنيادي سر آهي. ان خاصيت جي لحاظ کان شاهه جي راڳن جي عربي موسيقي سان مائٽي نظر اچي ٿي. سنڌي سازن واري موسيقي پنهنجي اصليت ايان پراڻي ٻڌائي ٿي. پهريون ساز جهڙوڪ يڪتارو. نڙ سرندو ڪماچي ۽ الگرزا. پنهنجي موجوده شڪل ۾ سنڌ جاوائي لڳن ٿا. اهڙي طرح مرلي، ڪانياواڙ گجرات، راجپوتانه ۽ هندوستان جي ڪجهه ٻين حصن ۾ نانگ پالينڊڙ جوڳي پنهنجي پيشي لاءِ استعمال ڪن ٿا. سنڌي پيشيور فنڪارن جي هٿن ۾ موسيقي جي ساز طور استعمال ٿئي ٿو جنهن ۾ کين ڪمال حاصل آهي. انهن مان نڙ ۽ سرندو سنڌ جي اولهندي ٽاکرو حصي ڪوهستان جا ساز آهن. ٽاکرو موسيقي (Music of the mountion) جا ٻه اهم جزا نغما ۽ لهرا انهن سازن تي ڳايا ويڻ ٿا. ڪجهه مشهور ٽاکرو ڏنون، جيڪي مان ڄاڻان ٿو وصال، مڏ زهمر، مورو جا ٻه قسم، زيلگٽ، بروهي ليرو، شهپ ۽ داستان وغيره آهن. اهي سڀ منا تيز سرتار آهن جن کي پنهنجو وزن ۽ لاهه چاڑهه آهي.

اها بدقسمتي آهي ته سنڌ جي ٻهراڙي جي علائقن ۾ ڳايا ويندڙ گيت گڏ نه ڪيا ويا آهن ۽ نه ئي اسڪاٽس موسيقي تي مشتمل والتراسڪاٽ جي ڪتاب "دي منسٽرلي آف دي اسڪاٽش بارڊر" وانگر ڪتابي شڪل ۾ شايع ڪيا ويا آهن. ڏپ آهي ته جيڪڏهن اهو ڪم هٿن ۾ نه ڪنيو ويو ته اهي آڳاٽا گانا ڳولهڻ مشڪل ٿي ويندا. پنهنجن ابن ڏاڏن جي ابتڙ نوجوان نسل ان ڪم ۾ ڪا به دلچسپي نٿو رکي.

فن:

جيئن مٿي ذڪر اچي چڪو آهي ته سنڌ جا مڪ ثقافتي ڪم ٻولي، شاعري ۽ موسيقي جي شعبن ۾ ٿيو. چترڪاري جي علمن جي ڇڪي نموني سرپرستي نه هئڻ سبب هتي مغل اسڪول يا ڪانگرا اسڪول وانگر ڪوبه چترڪاري جو اسڪول نه آهي. پٽ تي نقش ڪيڻ جو رواج موجود رهيو ۽ هينئر به موجود آهي پر آخري پساهن ۾ آهي. انهن ۾ استڪو چرولي ۽ چترڪاري شامل آهي. استڪو جو ڪم جپسم تي ڪيو ويڻ ٿو جيڪو اڳوٽي سنڌ ۾ جهجهي مقدار ۾ موجود هو ڪم وقت فنڪار جپسم کي آڪرين جي نهن يا ڪاٺ جي سادن اوزارن ذريعي صورت ڏيندا هئا ڪڏهن ڪڏهن استڪو جو مٽاچرواڙ گهڙيل چڏي پاٽي وارن رنگن سان فنڪار سينگاري ٿو جنهن کي "ڪمانگر" سڏجي ٿو. انهن تصويرن جو موضوع گل، پکي ۽ جهنگلي جانور هوندا آهن ڇاڪاڻ ته سنڌي فنڪار انهن جو خيال محفوظ ڪرڻ ۾ ماهر آهن. انهن ۾ استعمال ٿيندڙ پاٽي جا رنگ ڪيترن اهلڪارن جي رپورٽن ۾ ٽيل آهي. ليفٽيننٽ پوسٽنس 1840ع ۾ پنهنجي يادگيريءَ ۾ قندار کان قافلن ذريعي ايندڙ سامان ۾ بخارا هرات ۽ يازد جي ڪچي ريشم جا 6 نمونا، رنگڻ جو سامان جنهن ۾ ڳاڙهو رنگ ڏيندڙ بوٽو ميدر، زعفران ۽ ساغ رنگ آهي ۽ اکروٽن مان تيار ڪيو ويڻ ٿو ۽ پرت لاءِ قيمتي ڏاڳي جو ذڪر ڪيو آهي. هي چئي ٿو ته شڪارپور ۾ ڪلن کي ڪٽي رنگيو ويندو هو



در تي ٿيل اُڪر جو ڪم - بُوبڪ

سنڌو درياهه ۾ هلندڙ هڪ پيڙيءَ تي اُڪر جو ڪم

جنهن کان پوءِ اُٽڻ لاءِ سکر، روهڙي، خيرپور، سيوهڻ ۽ ٻئو ڏانهن موڪليو ويندو هو. ڪراچي جي واپار بابت ڪئپٽن هارٽ ساڳي سال لکي ٿو ته بمبئي ۽ مسقط مان جيڪي ٽنيون گهرايون ويندڙون هيون انهن ۾ ڪچو ريشم ۽ رڳڻ جو سامان وغيره شامل هئا. لونگيون، جن کي سنڌ جي اڳين سياحن ميرن جي پوشاڪ ۾ امتيازي حيثيت طور ياد ڪيو آهي، ان وقت هر صاحب حيثيت استعمال ڪري رهيو هو. هينئر پنهنجي اهميت وڃائي رهيون آهن. ان کان علاوه ٻيا ريشمي ڪپڙا هٿن سان اُٽندڙن جي ٻيٽ ۾ سستا ۽ عمدا گهرائي سگهجن ٻيا. تڏهن به ڪراچي، ٻئو روهڙي، جيڪب آباد ۽ ٻين هنڌن تي هن وقت به ريشم اُٽڻ جي ڪرت جاري آهي. هن وقت ڪپڙو گاربي، ماشرو ۽ لنگين تي مشتمل آهي. گاربي ۽ ماشرو ريشم ۽ ڪپهه جو ڪپڙو آهي جيڪو بناوٽ ۾ مضبوط ۽ ڪهرو آهي، جيئن اڪثر پاڪستاني يا ريشمي ڪپڙا آهن. اهي ڊيگهه ۾ ٽيهه وال ۽ ويڪر ۾ منو وال ٺاهيا وڃن ٿا. گاربي جنهن کي ٽسر پٽ چيو وڃي ٿو، پر ٽسر ريشم مان نٿو ٺاهيو وڃي، اڪثر ٻنهي برادرين جي خوشحال گهراڻن جون عورتون پتلونن ۾ استعمال ڪن ٿيون. ماشرو گدن ۽ ويهاڻن جي ڍڪ ۽ ٻين مقصدن لاءِ سٺو آهي. لونگيون پٽڪن يا ڪمربند طور استعمال ٿين ٿيون جيڪي ڊيگهه ۾ اٽن ڪان هارهن والن تائين آهن. انهن کي ڪپهه جي ڪناري ٽئي ٽي ۽ ريشم سان موڙ ڏنو وڃي ٿو جڏهن ته انهن جون پچاڙيون سونهري ۽ چاندي جي ڏاڳي سان اُٽيون وڃن ٿيون.

گلڪاري هڪ ٻيو فن هو جيڪا سنڌ جي ٻهراڙي وارن ضلعن ۾ وڏي هنر سان ڪئي وڃي ٿي. شالن، ڪوٽن، ٽوپين، عورتن جون قميصون ۽ ٻارڻن جي پاجامن لاءِ ريشمي، سونهري يا چاندي جي ڏاڳي جي گلڪاري جي ڪنهن وقت وڏي گهرج هئي. پيشيور گلڪاري ڪنڊڙ سڀ مسلمان هئا ۽ انهن مان ڪجهه هينئر به حيدرآباد، شڪارپور ۽ ٻين شهرن ۾ موجود آهن. جيڪي ماٺهو پنهنجن ڪپڙن تي گلڪاري جا خواهشمند هئا اهي ڪپڙا انهن ڏانهن ڪٽي ويندا هئا ۽ سامان ۽ محنت جو اجورو ڪندا هئا. سيکڙات نندپٽ ۾ شروعات ڪن ٿا ۽ هڪ نصاب پڙهن ٿا. هينئين طبقي جا شاگرد زمين تي قطار ۾ ويهن ٿا ۽ ايستائين پنهنجي ساڃي هٿ جي آڱرين کي حرڪت ڏين ٿا ۽ موڙين ٿا جيستائين اهي ڳٽا پرچا جي شرط پوري ڪن. ان کان پوءِ اهي ٻي ڪلاس ۾ موڪليا وڃن ٿا ۽ هرهڪ ڪهرو ڪپڙو ۽ هڪ سئي، جيڪا ڪاني جي ننڍي ڳڻ سان سُئي (موچين جي سٽ اوزار) وانگر هوندي آهي، سندن ڏمو هوندو آهي ته هو ڪيتري تيزي سان ڪپڙي ۾ سئي داخل ڪري سگهن ٿا. اڳلي مرحلي ۾ هي پنهنجي سئي ۾ ڏاڳو داخل ڪري ٿو جڏهن سمورو نصاب مڪمل ڪري ٿو جنهن تيزي سان هي ڪم ڪندو ته ڏکين نمونن جا گل ۽ پن حيرت ۾ وجهڻ جهڙا هوندا. ڇا پيشيور گلڪاري ڪنڊڙ کي بچائي سگهجي ٿو غير يقيني واري ڳالهه آهي. پر ان فن هن وقت مقامي متي ۾ پاڙون پختيون ڪيون آهن ۽ ڪيترين واندين عورتن کي روزگار مهيا ڪيو اٿس. ان قسم جو ڪم چپل، گدن ۽ ميزپوشن ۾ هرهنڌ عام آهي. اهو خاڪي جا نمونا ۽ نزاڪت پيش ڪري ٿو جيڪا سنڌ

جي علائقي جي ڪم جي سجاڻپ آهي. گلڪاري ڪندڙن جي هنر جو هڪ ٻيو دلچسپ نمونو ٿرپارڪر جي ريگستان ۾ ملي ٿو. هن علائقن جون عورتون چُني جي گهگهرن تي ڪم ڪن ٿيون جيڪو ڪپهه جو هڪ ڪهرو ڳاڙهي رنگ سان رنگيل ڪپڙو هوندو آهي جنهن تي ڪيترن رنگن سان گهري ريشمي گلڪاري ٿيل هوندي آهي ۽ ان ۾ ننڍا ننڍا شيشا پڻ لڳل هوندا آهن. اهو ارڙهن انچن جي ويڪر سان تيار ڪيو وڃي ٿو ۽ هڪٻئي مٿان تي تهه رکي گهگهرو تيار ڪيو وڃي ٿو. پر سڀ کان مٿين تهه تي گلڪاري جي ضرورت نه هوندي آهي.

سنڌ جي علائقي جا ٻه وڌيڪ فن جن جو هن باب ۾ ذڪر ڪرڻ ضروري آهي اهي آهن لاک مان روغني مال ناهڻ ۽ ڪاشي جا ٽڪر جا ٽانو. ڪاٺ کي روغن سان رنگڻ جو هنر هن مهل تائين زنده آهي جيتوڻيڪ ان ڪم جا ڪيترائي ماهر ختم ٿي ويا آهن. ان قسم جو ڪم سڄي ملڪ ۾ سنڌ جي هنر طور وکرو ڪيو وڃي ٿو. جيڪي گول پيٽين جي صورت ۾ هڪ جي اندر ٻيو ٽين ٽا ۽ ڳاڙهي پيلي، ڪاري ۽ سائي رنگ سان رنگيل ٽين ٽا. انهن رنگن کان علاوه ٻيا ٻه رنگ استعمال ڪيا وڃن ٽا ۽ مختلف خوبصورت سامان جهڙوڪ ڪوپ، گلدان، ميڙ بتي رکڻي ۽ پٽيون (Rulers) ناهيو وڃي ٿو. پر ان هنر جو استعمال اهي ديسي جهولٽا ۽ ڏولين آهن جيڪي هر شريف خوشحال سنڌي جي گهر ۾ موجود آهن. ان ڪم کي عام طور سنڌ ۾ هالا جو ڪم چيو وڃي ٿو چاڪاڻ ته هالا ۾ خاٽوٽ ان صنعت جو مُک مرڪز آهي. پر اهو ٻين هنڌن تي پڻ ڪيو وڃي ٿو. جيڪب آباد ۾ ڪشمور خاص قسم جي سامان لاءِ مشهور آهي جنهن تي ڪاري تر سان چاندي جون عمديون قطارون لڳل ٽين ٽيون. ان ڪم لاءِ بهترين ڪاٺ مشهور اچو باهڻ ۽ لئي آهي. اهو ٻهر جي ڪائي مان پڻ ناهيو وڃي ٿو. ليٿ مشين ۾ موڙيل ۽ صاف ٽيل سامان کي ليٿ ۾ واپس وڌو وڃي ٿو. ان کي نرمي سان موڙيو وڃي ٿو جڏهن ته لاک کي دٻائڻ ڏکيو آهي. لاک سنڌ جي پيداوار آهي ۽ ان مقصد لاءِ تيار ڪئي وڃي ٿي جنهن ۾ مختلف رنگ ملائي ان کي ميڙ ۽ گندرف سان پگهاري تراکڙن سانچن ۾ وڌي وڃي ٿي. جڏهن انهن مان هڪ ٽِڪي کي تيزي سان گهمندڙ ڪاٺ جي مخالفت ۾ ڏٻايو وڃي ٿو ته نتيجي ۾ گرمي پيدا ٿئي ٿي. ان رڳڙجڻ سان ٽڪي آهستي پگهرجي ٿي ۽ مٽاڇرو ان جي تهه سان ڏيکيو وڃي ٿو. پهريون تهه جيڪو ان تي چاڙهيو وڃي ٿو اهو زميني رنگ آهي. ان کان پوءِ ڪارڪن تيز لوهي اوزار سان ان تي رٽيل نقش اکيري ٿو. اهو نقش سندس ذهن جي پيداوار هوندو آهي ۽ هن آڏو ڪوبه نمونو نه هوندو آهي. جڏهن اهو ٿي وڃي ٿو ته ان جو ٽڪرو ٻيهر ليٿ ۾ وڃي ٿو ۽ ٻي رنگ سان چاڙهيو وڃي ٿو. ان کي الي اڳڙي ۽ ريتي سان گسارو وڃي ٿو. نتيجي ۾ زميني رنگ ٻيهر ظاهر ٿئي ٿو جيستائين نموني ۾ رنگ موجود آهن، ايستائين اهو عمل ورجايو وڃي ٿو. ٻيو طريقو جيڪو ٽامي جي سامان تي آزمايو وڃي ٿو ان مطابق لاک جا ٻه مختلف تهه مختلف رنگن سان ڪنيا وڃن ٽا ۽ ايستائين نقش ڪيڻا وڃن ٽا ته هيٺيون تهه ظاهر ٿئي ٿو. ان کان پوءِ ان جي پرسان تاسڙي ۾ ڪاٺ جو ڪوئلو

هاريو وڃي ٿو ۽ تيز لڳل اڳڙي سان لسو ڪيو وڃي ٿو تامي جي سامان لاءِ ڪاٺ جي مٽاڇري تي قلعي جو تهه چاڙهي ان کي پگهريل ٽين سان، جنهن ۾ ٿوري مقدار ۾ قلعي ۾ شامل هوندي آهي، رنگ ڏنو وڃي ٿو ۽ پوءِ پٿر جي لسي اوزار سان صاف ڪيو وڃي ٿو.

سنڌ جون روغني سرون پڻ مشهور آهن. ڪيترائي سوين سال اڳ جڏهن فن پنهنجي عروج تي مسجدون ۽ قبن کي انهن سرن سان سينگاريو ويندو هو. اهو فن اڄ به استعمال هيٺ آهي. پر ماضي جهڙو هنر موجود نه آهي. جيتوڻيڪ ڪجهه هنرمند هينئر به اهو فن پيدا ڪري سگهن ٿا جنهن کي مغلن جي دؤر جي فن سان پيٽي سگهجي ٿو.

ماضي قريب تائين سرن جو ڪم تعمير جي فن لاءِ وقف هو جيڪو ديوارن لاءِ جيوميٽري جي نقش سان گهري ۽ هلڪي نيري رنگ جي سرن سان مقبرن جي قبن، مقبرن، چوڪٽن ۽ مختلف ماپن جي لنٽيل تي لکيل ٽلهن عربي اکرن، جن مان مسلمانن جو عقيدو نمايان هو تي مشتمل هو. جيڪي رنگ استعمال ڪيا وڃن ٿا انهن ۾ گهرو نيرو ۽ فيروزي شامل آهن. سرون ۽ ٽائلون، جيڪي مڪلي جي مقبرن ۽ نٽي جي مسجدن ۾ لڳل آهن، ناهڻ جو فن ختم ٿي ويو آهي. هالا ان فن جو مڪيه هنڌ آهي پر اهو نصرپور گني، نٽو ۽ شايد ٻين هنڌن تي جاري آهي. ڪائي تي نڪتل نقش هڪ فن آهي جيڪو پڻ پوين پساهن ۾ آهي. ڪيترن ئي پراڻن گهرن اهڙا دروازا آهن جن تي نقش جو ڏکيو ڪم ٿيل آهي. جن ۾ گلن جا نقش اهم آهن ۽ ان جي جهلڪ سنڌوندي ۾ هلندڙ ٻيڙين ۾ پڻ نظر اچي ٿي. جيئن ته ٻيڙين ناهڻ جو فن به پنهنجن پوين پساهن ۾ آهي انڪري توقع آهي ته ان سان گڏ ڪائي تي نقش اڪيرڻ جو فن به ختم ٿي ويندو.

زندگي جي رهٽي ڪهٽي:

رهڻ جون جايون: سنڌ جي آبهوا ڪليل هوا واري زندگي لاءِ مناسب آهي ۽ آبادي جو وڏو انگ خاص طور ڏيلتا ۾ چرندڙ نڙ جي تڏن يا پلال جي پناهه گاهن ۾ رهن ٿا. ملڪ جتي بارش گهٽ آهي ۽ سال جو اڪثر حصو سج چمڪندڙ ۽ چپيندڙ هجي اتي اهو بهتر آهي ته ٽلهي تعمير ٽيل جاءِ کان پناهه گاهه يا ڪنهن چاپري هيٺان رهجي. ملڪ جي اڪثر حصن ۾ پٿر جي کوٽ آهي. انڪري جتي گهٽيون جايون تعمير ڪرڻيون هجن ته ان ۾ سرون ضرور استعمال ڪرڻ گهرجن. اهي سرون جيڪي بٽن ۾ پچايون وڃن ٿيون. پر سنڌ جي مٽانهين علائقي ۾ جتي بارش گهٽ پئي ٿي اتي اڪثر گهر مٽي ۽ انهن گهرن جا ناهيا وڃن ٿا جيڪي سج ۾ سخت ڪيون وڃن ٿيون. 1842ع ۾ وون آرلچ هيٺاهين سنڌ جون حالتون بيان ڪندي لکيو. سڀ گهر جيڪي مٽي جا ٺهيل آهن. اهي مشڪل سان 20 فوٽ اوچا هوندا جن جون ڇتيون تراکڙيون جنهن مان ڪڏهن ڪڏهن روشندان ڪيا وڃن ٿا ۽ هوا جا سوراخ درين جو ڪم ڏين ٿا. ڏگهي ۽ مسلسل بارش انهن جهوپڙين کي تباهه ڪندي ۽ ڳوٺن جا ڳوٺ وهائي ويندي" الا دريسي لکي ٿو ته ديبل ۾ گهر ڪچي مٽي ۽ ٺڪر جا ٺهيل هئا. اٺويهين صدي

عيسوي جي شروعات ۾ نٽي بابت ڳالهائيندي لکيو "هتي گهر رڀابندي مطابق ٺهيل آهن جيڪي مان ٻي ڪنهن ملڪ ۾ نه ڏٺا. انهن گهرن جون ڀتيون ڪاٺي جي ننڍين ٽڪرن، جيڪي ڇلهيل ۽ پوريون آهن. سان ٺاهيون وڃن ٿيون. ڪاٺي جا اهي ننڍا ٽڪرا اٺ کان سورهن انچ ڊگها ٽين ٽا ۽ وتري (Diagonal) شڪل ۾ رکيا وڃن ٿا ته جيئن اهي ٻنهي پاسن کان تمام مضبوط ڇوڪاڻو ٺاهن ٿا جنهن جي مٽان گاري يا چوني سان پلستر ڪيو ويڃي ٿو ۽ معلوم ٿيندو آهي ته اها مضبوط ٻيٽ هجي. ان اصول تي ٽي يا چار ماڙ عمارتون تراکڙين ڇتن سان ٺهيل آهن جيڪي ان ڳالهه جو ثبوت آهن ته اهي مضبوط آهن. اهو رڳو پراڻن ۽ آباد شهرن ۾ سرن جون عمارتون ٺهيل آهن.

آڳاٽي سنڌ اڃان تائين ڀهراڙي، ڳوٺاڻي ۽ خانه بدوشي وارو ملڪ آهي ۽ رهواسين جي اڪثريت جي گهٽ خواهش آهي ته اهي هڪ هنڌ رهن يا ڪين سرن سان اڌيل عمارتون هجن. ڪجهه نڙجي تڏن سان ٺهيل پناهه گاهن کي برو سمجهن ٽا ۽ وٽن جي هيڻان رهن ٽا پر عام ڳوٺاڻي وٽ ننڍي جهوپڙي ٽئي ٽي جيڪا گاري جي ٻتين ۽ سڪل گاهه جي ڇت تي مشتمل هوندي آهي. جنهن کي چوڌاري چوپايي مال لاءِ گول ٻنون ڏنل هوندو آهي ۽ جڏهن دوستن کي سڏجي ٿو ته اها ٻڌ اوطاق هوندي آهي. هنگامي حالتن ۾ ڳئون کي جهوپڙي اندر ٻڌندا آهن جتي سندن ڪٽنب هوندو آهي. هن جو فرنيچر هڪ يا ٻن ڪٽن، تڏي، رڌپچاءَ جي ٽانون ۽ حقي تي مشتمل ٽئي ٿو. اتان کان زميندار جي گهر جو سفر ٽئي ٿو جيڪو سج ۾ پڪايل سرن سان ٺهيل ۽ تراکڙي ڇت تي مشتمل ٽئي ٿو. ان ۾ صفو جنهن سان پاسي ۾ هڪ يا ٻه ڪمرا هوندا آهن جنهن ۾ وڏي ڪٽنب جا رکن يا شادي ڪيل ٻٽ رهن ٽا. جيڪڏهن ممڪن آهي ته اتي رنڌڻو ٻه هوندو پر ان جي نه هڻڻ جي صورت ۾ رڌپچاءُ صفي ۾ ٽيندو. ان کان علاوه سامان رکڻ جي ڪوٺي، غسلخانو ۽ مخفي ٽين ٽا. شهرن ۽ وڏن ڳوٺن ۾ آخري ڪمرو مسلمانن جي ضرورت آهي. پر سڀ کان اهم شيءِ ڪوٺ ٽئي ٿو جنهن کي اڳڻ هوندو آهي. ان جي اندرو ڇاپرو ٽئي ٿو جيڪو هن ۽ سندس ڪٽنب کي ايستائين تحفظ مهيا ڪندو جيستائين هو ٻيو ڪجهه بهتر ٻڌائي سگهي. پر عزت سان رهڻ لاءِ گهر مالڪ کي اوطاق گهرجي جنهن ۾ هو مرد مهمانن جو آڌرياءُ ڪري سگهي ۽ ڏينهن جو وقت گذاري سگهي. اها هڪ الڳ عمارت ٽئي ٽي جنهن ۾ هن وٽ موجود عمدو فرنيچر پيل هوندو آهي جيڪو ڪٽن، ڏولي ۽ شايد هڪ يا ٻن ڪرسين تي مشتمل ٽئي ٿو. شاهوڪار ماڻهن جا گهر ڪشادگي سبب نمايان هوندا آهن. وڏي زميندار يا پير جي رهائشگاهه کي اڪثر محل وانگر اوچي ٻيٽ آهي جنهن جي اندر ڪيترين ئي عمارتون هونديون آهن. ٻي طرف ڪيترن بلوچن کي وهمي خوف آهي ته پڪين عمارتن ۾ رهڻ سان سندن مٽان ڪري پونديون جنهن ڪري اهي ڪيترا ٻه شاهوڪار هجن هميشه ڪڪائن جهوپڙن ۾ رهن ٽا.

خيرپور جي مير جو ڪٽنب آخر تائين انهن حالتن ۾ رهيو. ۽ ماڙ گهر اڃان تائين غير معمولي آهن ۽ اهي پاڙيسرين جي ڪاوڙ جو باعث بڻجن ٿا ڇاڪاڻ ته ان سان سندن بي پردگي ٿئي ٿي. بهراڙي ۾ پراڻي طرز جي گهرن ۾ درين کي فالتو سمجهيو وڃي ٿو پر منگهه عام آهن ۽ انهن علائقن جي گهرج آهي جيستائين ساموندي هوا پهچي ٿي. اتر ڪانسواءِ تراڪڙيون ڇتون گهٽي قدر سمهڻ لاءِ استعمال ٿيون ڪيون وڃن. ڪجهه ماڻهن وٽ هڪ ماڙ گهر آهن جنهن کي اڳ۾ ٽئي ٽو پر حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ شاهوڪار ماڻهن وٽ ڪيترائي عمدا گهر آهن.

گزيٽيئر جي 1907ع جي شماري ۾ اڳواڻي سنڌ ۾ رهڻ جي جاين بابت اهو احوال ڏنل آهي. ان وقت کان وٺي هن مهل تائين ڪا ٿوري تبديلي ٿي آهي. هتان جي رهندڙ ۽ ڪم ڪندڙ ماڻهن جي آمدني ۾ بهتري آئي ۽ ان بهتري ناڻي جي مقدار ۾ اضافو ڪيو جيڪو هارين وڌيڪ مضبوط عمارتن تي خرچ ڪيو. ان جي پيٽ ۾ جڏهن زرعي مندي هئي جيڪا پهرين مهاڀاري لڙائي جي پڄاڻي کان بعد ويهن سالن تائين جاري رهيو درياڻي ضلعن ۾ ملڪ جي اڪثر حصن ۾ حالتون ان وقت کان گهٽيون مختلف نه آهن جن جو ذڪر ليفٽنينٽ جيمس پنهنجي چانڊڪا جي احوال ۾ هڪ سؤ سال اڳ ڏنو جيڪو هاڻي لاڙڪاڻو ضلعو آهي. هن ڇيو گهر تراڪڙي ڇتن سان گاري مان ٺهيل آهن ۽ غريب طبقن جا گهر آمڙي جي ڪاني جيڪي تڏن ۽ تارين سان ڍڪيل ٿين ٿا ۽ جتي ممڪن آهي ته گاهه به استعمال ڪيو وڃي ٿو. هيناهين زمين تي ڳوٺ ٻڌا وڃن ٿا ۽ ڪڏهن ڪڏهن انهن ڳوٺن جي چوڌاري ٻوڏ جي پاڻي کان بچاءَ لاءِ ڪاهي به ڪوٽيل هوندي آهي. سردارن يا وڏن زميندارن ۽ سرڪاري اهڪارن جي گهرن آڏو هر ڪنڊ گاري جو هڪ مينار ٺئي ٿو ۽ تقريباً هر ڳوٺ ۾ چوڪي مينار نظر اچن ٿا جيڪي اتان جي رهواسين لاءِ اوچتي حملي جي صورت ۾ بچاءَ لاءِ استعمال ٿين ٿا. اٺويهين صدي عيسوي جي شروعات ۾ سنڌ جي علائقي بابت پنهنجي احوال ۾ پوٽنگر (Pottinger) ڇئي ٿو "آبادي جو ڇڇ حصو واندهه ۾ رهي ٿو جيڪا ڪچن ۽ ڇپر سان ٺهيل هوندي آهي ۽ ان جي مٿان گاري جو پلستر ٿيل هوندو آهي. ڪراچي بند رکان سيوهڻ تائين ندي جي اولهندي ڪناري تي: ندي جي بلڪل ويجهو رهڻ وارين جاين کان سواءِ سڀ جايون ان طرز تي تعمير ٿيل آهن. انهن واندن جي آبادي ڇهه يا ست سؤ کان وڌيڪ نه هوندي آهي. پر اتي حيدرآباد جي ڏکڻ اولهه ۾ هڪ ڪموراڻي آهي جنهن ۾ چار هزار آبادي رهي ٿي." مجموعي طور سنڌ جي آبهوا آبادي جي هڪ اڪثر حصي کي سهڻ لائق آرام وارين حالتن ۾ رهڻ جي قابل بڻائي ٿي. انهن علائقن ۾ جتي وقفي سان ٻوڏ اچي ٿي، ڪانسواءِ آبهوا مشڪل سان سخت آهي ته رهڻ جون جايون ناهي سگهجن ۽ آرام سان گاهه، نڙ، شاخن يا ڪنڊن جون جايون آرام سان تعمير ڪن. ان حالتن ۾ جيڪڏهن ٻنين يا چوپايي مال، مينهن، ردن، ٻڪرين ۽ انن جا ڍڳ نه چارڻ نه وڃجي ته وقت گذارڻ ڏکيو ٿي پئي ٿو. تنهنڪري اهو يقين بي فضول ڳالهه هوندي ته سنڌي هاري انهن گهرن ۾ رهندي ناخوش آهن. هي پنهنجي رهڻ جي حالتن کان

مطمئن آهن سواءِ ان مهل جي جڏهن هو ٻنيون چڏي شهرن ۾ اچن ٿا ۽ سوچين ٿا ته ٻي قسم جي رهڻ جي جاءِ بهتر ٿيندي. ڳوٺن ۾ هينئر جيڪي مضبوط عمارتون آهن انهن ۾ اسڪول، تپيدار جو ديرو، مقامي روينيو اهلڪار ۽ جيڪڏهن ڳوٺ ڪافي وڏو آهي ته ڊسپينسري به هوندي ڇاڪاڻ ته اهي عمارتون پڪين سرن سان ٺاهيون وڃن ٿيون.

لباس:

جيئن ته سنڌ جي آبادي جي اڪثريت زراعت پيشه ۽ ٻهراڙي ۾ رهي ٿي ۽ اڪثر وقت ڪليل هوا ۾ گذارين ٿا، ان ڪري لباس جو سوال گهڻي ڏيان جو مرڪز نه آهي. حقيقت ۾ سنڌي هاري ۽ سنڌي ڏنار لباس جي معاملي ۾ بلڪل قدامت پسند آهن ۽ ملڪ ۾ گذريل پنجاهه سالن ۾ زندگي جي مختلف شعبن ۾ جيڪي تبديليون آيون آهن انهن جو زرعي، طبقي، زميندار يا هاري، جي لباس تي گهٽو اثر نه ٿيو آهي. اهو ان ڪري به آهي ڇاڪاڻ ته اڪثر ڪپڙا جيڪي پهريا وڃن ٿا سنڌ علائقي جي گهريلو صنعت جي پيداوار آهن. اها حقيقت نه وڏي زرعي آبادي رهي ٿي ۽ انهن ڪپڙن مان خوش آهي جيڪي هن کي آڏاٽا مهيا ڪن ٿا هڪ سٽي ڳالهه آهي.

"سنڌي جي لباس ۾ چاهي هن جو مذهب، سماجي رتبو يا جنس ڪهڙي به هجي، به ناگزير ڪپڙا پهراڻ ۽ ستڻ آهن. ستڻ يا پاجامي کي اڳ سان ٻڌو ويڄي ٿو جيڪي مختلف رنگن جا ٿين ٿا ۽ انهن جي تياري کي اڳوٽي سنڌ ۾ صنعت جو درجو حاصل هو. اها ياد ڪرڻ جي ڳالهه آهي ته پهراڻ، جنهن جي ڊيگهه ۽ شڪل مختلف ٿئي ٿي، ڪڏهن ڪڏهن صدري جهڙو ٿئي ٿو. جنهن کي واسڪوٽي سان به پيٽي سگهجي ٿو. بلوچي "ٽيلها" جيڪي هيٺان سوڙها ۽ مليل هوندا آهن، سيني جي لاءِ رواج ۾ آهن. پهراڻ اڇي ململ مان ٺاهيا وڃن ٿا. جيڪڏهن پهريندڙ مسلمان آهي ته پهراڻ ساڇي پاسي کان کليل هوندو ۽ هندو جي شڪل ۾ کاپي پاسي کان. ان جون ٻانهون ويڪريون ۽ ڪن ٿين ٿا. ان جي مٿان مسلمان مخمل جي صدري پائڻ پسند ڪري ٿو جهن تي ريشمي گلڪاري جو ڪم ٿيل هوندو آهي. ان جي مٿان هي پنهنجي پسند جو ڊگهو ڪوٽ پائي يا نه. اصلي بلوچ مٿان اڇي رنگ جي قميص پائي ٿو جيڪا سندس مُرن (Angeles) تائين پهچي ٿي چيلهه وٽ ٻڌجي ٿي. سنڌي زميندار سياري ۾ ٿلهي يا کهري ڪپڙي جا گرم ڪوٽ پائن ٿا جن تي ڪڏهن ڪڏهن سونهري رسي يا ريشم جو ڪم ٿيل هوندو آهي. سڀ طبقا اسڪارف جهڙو ڪپڙو پائين ٿا جنهن کي "ڪمربند" طور استعمال ڪري سگهجي ٿو ۽ مختلف ڪمن لاءِ ڪتب اڇي ٿو. جيڪڏهن ريشم سان تيار ڪيل ۽ چيڙا سونهري ڏاڳي سان اٽيل آهن ته اها لنگي خوشحال سنڌين لاءِ آهي. جيڪڏهن اڇو ڪپهه جو ڪپڙو آهي ته اهو بوچڙ آهي. سنڌ جي علائقي ۾ سڀ بوٽ پائين ٿا. مٿين طبقي جا فرد رنگين ۽ سينگاريل ۽ غريب لسا پهرين ٿا.

پڙهيل ماڻهن جو وڏندڙ انگ قميص، ڪوٽ ۽ پتلون اختيار ڪري رهيو آهي. جن جو نمونو اهڙين يوروپين شين جهڙو آهي. وڏن شهرن ۾ ڪنهن حيثيت جو مالڪ اهڙو ماڻهو مشڪل سان ملندو جنهن جي پوشاڪ مشرقي نه هجي. لونگي، بوچڙ ۽ رون جو رواج آهستي آهستي ان تبديلي سبب ختم ٿي رهيو آهي. بوٽ عام طور يوروپي نمونو تي آهن ۽ عام ماڻهو جوراب استعمال ڪري رهيا آهن. ليفٽيننٽ پوٽنگر ڏٺو ته 1809ع ۾ حيدرآباد جا مير صبح جو عظيم الشان پٽڪا پهرين ٿا جنهن جو قطر به ڪان ايائي فوٽ ۽ 80 والن تي مشتمل ٿئي ٿو. پر هين وقتن تي اهي سنڌي ٽوپ پائين ٿا جيئن تصويرن مان ظاهر آهي.

عورتون به ناگزير ڪپڙن سان گڏ مٿي کي ڍڪڻ لاءِ رئو استعمال ڪن ٿيون جيڪو گهر جي اندر سنهي ڪپڙي جو ٿئي ٿو. بروهي عورتن جو چولو نيري يا ڳاڙهي ڪپڙي جو ٿئي ٿو. جيڪو پيرن تائين ڍڪيو ٿئي ٿو. گجراتي ۽ ماروڙ زناني چولي سنڌ جي علائقي ۾ عام آهي.

آخر اهو ضرور ياد رکڻ گهرجي ته اڳوٽي سنڌ ۾ ڪيترائي نسل ۽ منفرد گروهه آهن جيڪي عجيب نمونو جا لباس پهرين ٿا. مٿي ذڪر ڪيل ڪپڙا سنڌي آبادي جي اڪثر حصي جو عام روايتي لباس پهرين ٿا. مٿي ذڪر ڪيل ڪپڙا سنڌي آبادي جي اڪثر حصي جو عام روايتي لباس آهي. مٿين ۽ هيٺين طبقن جي وچ ۾ ڪپڙو ۽ ڪپڙن جو نمونو فرق واضح ڪري ٿو. اهو پڻ ضرور ياد رکڻ گهرجي ته غربت رواج (Fashion) ۾ نه آهي. هاري جي زال کي چادر جي گهٽ ضرورت آهي. غريب ماڻهو اهو پهري ٿو جيڪو هو خريد ڪري سگهي ٿو ۽ ان کي ايستائين پهري ٿو جيستائين اهو خراب نه ٿي وڃي. يوروپ کان پراڻن ڪپڙن جو اچرج ۾ وڃهندڙ ڪاروبار ٿئي ٿو.

ڪپڙن وانگر زيور به سنڌي عورت لاءِ ناگزير آهن. سيني کان اهم نٿ آهي. جيڪا پرٽيل ۽ برت لاءِ شادي جي منڊي وانگر آهي جيڪا پنهنجي مڙس جي زندگي ۾ ڪڏهن به نٿي لاهي. نٿن جا ڪيترائي قسم آهن. اهي وڏيون ٽين ٽيون ۽ ڪڏهن ڪڏهن عجيب پڻ. پر ان جو وزن ڪٽيل چوٽي تي هوندو آهي جنهن کي پيشاني جي مٿان ڦيرايو وڃي ٿو. ننڍيون منڊيون، جيڪي چوڪريون پائين ٽيون، انهن برلو سڏجي ٿو. ايرنگ پڻ مختلف آهن، ڪڏهن ڪڏهن سڄو ڪن سوراخ سان پريل هوندو آهي ته جيئن 12 کان 20 تائين ننڍا ڇڻ ڇڻ ڪندڙ زيور پائي سگهجن. انهن کي چاندي جي زنجير جي جهل هوندي آهي جيڪا وارن ۾ لڳل هوندي آهي. هار وارن لاءِ اڳيان پائڻ جو زيور (ٽڪو يا چنڊي)، آڳرين ۾ ۽ پير جي آڳرين ۾ منڊيون (منڊي يا باندرا)، ڪرائي ۾ پائڻ جو زيور. مري ۾ پائڻ جو زيور ۽ ڪنگڻ، ڪڙي ۽ هانهن رکي ۽ ڳنڍيو جيڪو هانهن ۾ پاتل يا نڪ کان لڙڪيل ٿئي ٿو خوش لباس عورت جي سينگار کي مڪمل ڪن ٿا. شيشن جون چوڙيون پاڪستان ۾ هين هنڌن تي عام آهن پر سنڌين وٽ رواج ۾ نه آهن ۽ سنڌ علائقي جي عورت ٽلهين عاج جي ڪنڌين، جيڪي سڄي هانهن کي ميان بڻائين ٿيون، کي پسند نٿي ڪري. پيرن ۾ مرن جا زيور آهستي آهستي رواج مان

خارج ٿي رهيا آهن. اهي ٻئي چاندي جا ٽين ٽا. ٻين لاءِ سون کي اوليت ڏني وڃي ٿي ۽ هيرن جي شديد خواهش ڪئي وڃي ٿي پر ان جو انحصار حيثيت تي آهي.

سنڌي عام طور پنهنجا مٽا صفائي ۾ تڏ لاءِ ڪوڙائن ٽا پر بلوچ وارن کي وڏو ڏين ٽا ۽ جبلن ۾ رهندڙ بلوچن جا وار ڪلهن تائين ڊگها ٽين ٽا. پناڻ فوجي مڙون رکن ٽا جڏهن ته خوبن ان سلسلي ۾ پنهنجن ابن ڏاڏن جي رواج قائم رکيو آهي.

سنڌي ٽوپ، جيڪو سنو آهي، آهستي آهستي استعمال مان ختم ٿي ويو آهي. جيڪڏهن هينئر پهريو وڃي ٿو ته درٻارن ۾ جتي رسمي لباس جي پابندي آهي. سڀ طبقي جي عورت جديد رواج ۽ يوروپيائي طرز جي ڪپڑن ۾ ڪا به دلچسپي نه ڏيکاري آهي جيڪي هن لاءِ وڏن شهرن ۾ موجود آهن.

کاڌو:

1907ع جي گزيٽيئر ۾ سنڌ جي کاڌي بابت ڏنل احوال هينئر به ساڳيو آهي. ڪپڙن وانگر اوپر جي کاڌي (Eastern Food) جي معاملي ۾ قدامت پسند آهي. جيتوڻيڪ گذريل 50 سالن ۾ پهراڙي ۾ موٽر، بس جي اڇ ۽ ڳوڻن کان چرپر جي آزادي جي باوجود انهن تبديلين بنيادي نظام کي متاثر نه ڪيو آهي. جنهن تي آبادي جي اڪثريت جي غذا جو انحصار آهي. جيڪي تبديليون آيون آهن انهن ۾ چانهه جي دوڪانن جو وڌندڙ انگ ۽ ڳوڻن ۾ سوڊا واٽر جو دوڪان، مٺن بسڪوٽن جي وڏي تعداد ۾ ڪپت جيڪي هاڻي ملڪ اندر فيڪٽريون پيدا ڪري رهيون آهن. انهن سان گڏ اهو محسوس ڪيو وڃي ٿو ته اپاريل مٺاين جي سستن نمونن جي ڪپت وڏي رهي آهي ۽ هينئر ننڍين ڳوڻن ۾ بسڪوٽن ۽ مٺرل پاڻي جي اشتهارن جو هجڻ عجب جهڙي ڳالهه نه آهي. ان ڳالهه جا آثار نه آهن ته سنڌ جي پهراڙي ۾ رهندڙ آبادي جي اڪثريت متوازن غذا جي لاءِ هلندڙ تحريڪ کان واقف هجن جيڪا طبي علم دعويٰ ڪري ٿو ته مڪمل صحت لاءِ ضروري آهي.

عام طور ماڻهن جو کاڌو سادو آهي. زرعي طبقا اناج کائين ٽا جيڪو مڪ طور انهن حصن ۾ ٿئي ٿو جن ۾ هو رهن ٽا. ان ڪري جوئر ۽ باجهري علائقي جي وڏي حصي ۾ رهندڙ انهن طبقن جي کاڌي جي مڪ غذا آهن پر چانور پيدا ڪندڙ ۾ اهي اڳلي آهن. مثال طور لاڙڪاڻو سکر ۽ جيڪب آباد ضلعن ۾ جڏهن ته ڪڪ اهي واپرائين ٽا جيڪي ان کي خريد ڪرڻ جي طاقت رکن ٽا. جيڪي دولتمند آهن اهي جوئر ۽ باجهري بلڪل استعمال نٿا ڪن. ڪڪ، جوئر ۽ باجهري ماني جي صورت ۾ سبزي ۽ مرچن يا ڏهي ۽ گيهه ۽ ڪڏهن ڪڏهن گوشت يا مڇي سان کائي وڃي ٿي. چانور اپاريا وجن ٽا ۽ ساڳي ئي غذا سان کاڌا وجن ٽا يا گوشت سان ان جو پلاءُ تيار ڪيو وڃي ٿو. آواره جت پنهنجن اڻن جي ڪير تي گذران ڪن ٽا جڏهن ته ڪوهستان جا بلوچ رڍن ۽ ٻڪرين جي ڪير تي. مٿين طبقن جي غذا يقينن مختلف آهي جنهن ۾ دالیون، ميوو ۽ مٺاين سان گڏ سبزيون به شامل آهن

جيڪي غريب استعمال ڪرڻ جي سگهه نٿا رکن. چيو ويڃي ٿو ته رهڻ جو معيار ڏاڍي دير سان اوچو ٿيو آهي. ڪيترائي رهواسي هينئر گوشت روزانو استعمال ڪن ٿا جيڪو اڳ ۾ هفتي ۾ هڪ ڀيرو استعمال ٿيندو هو. ڏينهن ۾ به ڀيرا ماني ضروري کائي وڃي ٿي. هڪ منجهند ۽ ٻيو رات 8 يا 9 وڳي. پر يقينن ان معاملي ۾ هرهڪ لاءِ موزون وقت اهو آهي جيڪو هن لاءِ مناسب هجي.

اها وچولي ۽ متين طبقن ۾ عام ڳالهه آهي ته صبح سويل مهل هلڪي ماني کائين ٿا. رات جي ماني کان پوءِ گرم کير پيئڻ کي فائديمند سمجهيو وڃي ٿو. چانهه جو واهپو عام آهي جيڪا عام طور سويل ماني سان گڏ پيتي وڃي ٿي. خاص طور سياري جي موسم ۾. کافي جو واهپو عام نه آهي. تماڪ ڇڪڻ عام آهي. حقو عام طور ڏگهي ماپ جو ٿئي ٿو. ٻيڙي ڪجهه طبقا پيئن ٿا جڏهن ته سگريٽ ۽ چروٽ جو رواج وڌي رهيو آهي.

اهو پڇي سگهجي ٿو ته عام سنڌي پنهنجو ڏينهن ڪيئن گذاري ٿو. تقريباً سيني گهرن ۾ زال کي گهر ۾ گهٽو ڪم ڪرڻو پئي ٿو. اها صبح مهل سويل اٿي ٿي. پاڻي پري ٿي، ان پيهي ٿي، چانور صاف ڪري ٿي، ڪپڙا ڌوئي ٿي، ٻڪرين مان کير ڏهي ٿي. پنهنجي مڙس کي ماني کارائي ٿي ۽ عام طور فصل پوکي، ڪپهه چونڊي، اٽن کي هڪلي ۽ پکي پالي ڪٽنب جي ڪمائي ۾ اضافو ڪري ٿي. ڪيترائي مسلمان، جيڪڏهن انهن جو ڪم اجازت ڏئي ٿو. جمعي ڏينهن خاص طور وهنجن ٿا ۽ مسجد ڏانهن وڃن ٿا. جن جو ڏنڏو يا حيثيت وڏيڪ واندڪائي جو وقت ڏئي ٿو ته اهي پنهنجو وقت دوستن سان ملڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ گذارين ٿا جنهن ۾ هو شايد تاش کيڏن ٿا يا موسيقي ٻڌن ٿا. جيڪڏهن هي تمام مذهبي آهي ته مسلمان پنهنجي ڏينهن جي شروعات وضو نماز پڙهڻ ۽ قرآن مجيد پڙهڻ سان ڪن ٿا جنهن کان پوءِ ڪٽنب سان گڏ سماجي ڪمن ۾ مصروف ٿي وڃن ٿا جيستائين هو ڪم ٿي وڃي ٿو. پر ڪجهه دولتمند گهرن ۾، جن ۾ نوڪر رکيا وڃن ٿا، عورت واندڪائي ۾ ڏينهن گذاري ٿي. انهن جو مشغلو سئي سان پرت پرڻ آهي. ڪيترين مسلمان عورتون ماٺهن وانگر باقاعدگي سان قرآن پڙهن ٿيون. دولتمند، جاگيردار يا زميندار پنهنجو وقت شڪار ڪڙ ويڙهائن ۽ باز پالڻ ۾ گذارين ٿا.

جيڪڏهن ان ڪم ۾ مصروف نه هوندا آهن ته پوءِ حيثيت جو مالڪ ماٺهو پنهنجي اوطاق ۾ ويهي ٿو ۽ حقو ڇڪي يا ڪچهري ڪري ٿو يا تاش کيڏي ٿو ۽ ڪڏهن ڪڏهن موسيقارن ۽ ناچڻين جي فن سان پاڻ کي وندرائي ٿو.

پر صبح جي ناگزير ڪمن يعني ڏند صاف ڪرڻ ۽ مذهبي فرض ادا ڪرڻ کان پوءِ هي آڏي رات جي ويجهو پنهنجي دوڪان تي ويهي ٿو. ان دؤران صرف هڪ ڀيرو وقفو ڪري ٿو جڏهن هو ناشتو ڪري ٿو وهنجي ٿو ۽ ٿوري ننڊ ڪري ٿو. هندن لاءِ اهو مذهبي فرض آهي ته هر ڏينهن وهنجن ۽ اهو رواج عورتن ۽ ماٺهن ۾ عام آهي.

راند روند:

باقي پاڪستان وانگر اڳوڻي سنڌ ۾ اسريل (Grown) ماڻهو راند نڪا ڪيڏن. ايندڙ نسل جا نوجوان صحتمند راندين جي سڪ دل ۾ رکي سامهون اچي رهيا آهن. ٽولي جي صورت ۾ راندیون کيڏڻ ۽ جسماني مشقن جو باقاعده ذکر هينئر اسڪولن جي نصاب جو حصو آهي. ڳوڻن جي پرائمري اسڪولن ۾ پڻ اهو شامل آهي. برطانوي زندگي جو اثر انهن ٽولي وارين راندين جي مشهوري ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. خاص طور جڏهن کان پاڪستان ڪرڪيٽ، ٽينس ۽ هاڪي جا ايشيا ۾ سڏا راندگر پيدا ڪيا آهن. اڪثر ڳوڻن ۾ ڪرڪيٽ، هاڪي ۽ فٽبال جي ايسوسيئشن واضح نقشي طور اپري رهي آهي. عام مرڪز جي ذريعي ڳوڻن ۾ سماجي سرگرمين کي همٿائڻ لاءِ عام تحريڪ هلائي وئي جنهن سان اميد هئي ته وڌيڪ چوڪرا ۽ چوڪريون انهن راندين ۾ حصو وٺنديون. ڪجهه ديسي راندیون آهن جيڪي هر هنڌ کيڏيون وڃن ٿيون. ٻيلهاڙو جنهن ۾ للڪار ڪندڙ پنهنجي مخالف کي پڪڙڻ جي دعوت ڏيندو آهي. حملو ڪندڙ للڪاريندڙ کي پڪڙڻ لاءِ سخت ڪوششون وٺي ٿو جڏهن ته للڪاريندڙ پاڻ بچائڻ لاءِ ڪا زور آزمائي نه ڪندو آهي.

گزيٽيئر جي سهيڙيندڙ ٻهراڙي جي علائقن ۾ عام کيڏيون ويندڙ راندیون ڏنيون جنهن ۾ للڪاريندڙ حملي ڪندڙ جي اگهاڙي سيني تي ايتري زور سان ڏڪ هڻي ٿو ته ان مان رت وهڻ لڳي ٿو. مناسب موسم ۾ نوجوان ۽ پوڙها لغڙبازي سان دل وندرائن ٿا. لغڙ جي ڏور کي شيشن مليل پائوڈر سان مانجهو چاڙهيو وڃي ٿو ۽ مخالف اڏائيندڙ ڪوشش ڪن ٿا ته هڪٻئي جي ڏور ڪٽن ۽ انهن جي لغڙن کي زمين ٻيرو ڪيون جيڪي جوش پيدا ڪن ٿا ۽ اهو يوروپ ۾ اٽلي آهي. ۾ بالغ آبادي لاءِ سڀ کان وڌيڪ مزي واري راند ملاکڙو آهي. اهو مشهوري ۽ جوش ۾ برطانيا ۾ فوٽ بال جهڙو آهي. ان ۾ وڏو هجوم شرڪت ڪري ٿو خاص طور ان ملاکڙي ۾ جن ۾ عالمي مشهور پاڪستاني ملهه حصو وٺندا هجن. ملاکڙي جون مڇون جمع ۽ موڪل جي ڏينهن تي منعقد ڪيون وڃن ٿيون ۽ هر ميلي جي زينت آهن. شاهوڪار ماڻهو مشهور ملهه رکن ٿا ۽ مڇون ڪرائن ٿا. اهو عام آهي ته هڪ ڳوٺ ٻي ڳوٺ سان ملهه وڙهي ٿو جهڙي طرح برطانيا ۾ ٻن پاڙيسري حريفن جي وچ ۾ مقابلو ٿئي ٿو. سڀ کان بهترين ملهه شيدي آهن. ملاکڙي ۾ ڪٽڻ لاءِ ضروري هوندو آهي ته مخالف کي زمين تي ڪيرائجي ته جيئن ٻئي ڪلها مٿي کي ڇهي وڃن. عام طور مڇون گهٽو وقت نه هلنديون آهن. پنهنجي مخالف کي اڇلائڻ کان پوءِ، ملهه وڻن وڏن قدمن سان ڪڏندو پنهنجو هٿ فتح جي نشاني طور مٿي کڻي ماڻهن جي وچ۾ چوڌاري چڪر ڪاٽيندو آهي. جيئن ته ملهه وڏيون شلوارون پائن ٿا. ملاکڙي کان پوءِ مشهوري جي لحاظ کان ٻي راند ڪبڈي، تترن ۽ ٻٽيرن جي ويڙهه آهي جنهن ۾ شرط وڌيڪ جوش پيدا ڪري ٿي. سنڌ جي علائقي ۾ ڪبڈي کي پاليو وڃي ٿو جنهن کي انگلنڊ ۾ هند- پاڪستاني راند طور سڃاتو وڃي ٿو. نوجوان پورا تتر پکڙيا وڃن ٿا ۽ بهترين نموني مانوس ڪيا وڃن ٿا.

جيڪڏهن اهي انعام ڪنندڙ ٽين ٿا تہ انهن جو ملهه وڏي وڃي ٿو. ڪاري تتر کي ويڙهہ لاءِ استعمال نٿو ڪيو وڃي ڇاڪاڻ تہ ان جي اڙي ناسي تتر وانگر نرم نہ هوندي آهي.

موسيقي تفريح جو پسنديده مشغلو آهي ۽ ڪجهہ شاهڪار پنهنجي تفريح لاءِ ڳائڻا رکن ٿا. شهر شهر گهمندڙ ڀاٽ، شهنائي وڄائيندڙ ۽ ڍلائي شادين ۽ ميلن ملاکڙن تي پنهنجي موسيقي جي فن جو مظاهرو ڪن ٿا. گيت لاءِ سنگيت ڪرڻ ۾ اهم اوزارن ۾ سرندو جنهن کي سر رچرڊ برٽن وائلن جو نمونو قرار ڏنو. ان جي بناوٽ مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهو بلوچي اصليت رکي ٿو. يڪتارو گٽار جو نمونو رکندڙ پوري سنڌ ۾ عام آهي. مرلي ۾ هوا گڏ ڪرڻ لاءِ هڪ خانو ٿئي ٿو جيڪو ڪدو جو نهيل هوندو آهي ۽ ڊگها نڙ هوندا اٿس. سنڌ ۾ ڪيترين ئي خوبصورت جهمريون آهن. سيني کان وڌيڪ مقبوليت ناچ کي آهي. دروازي کان اندر راندين ۾ شطرنج، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اها سنڌ ۾ ايجاد ٿي، کي مقبوليت حاصل آهي ۽ ان جا ڪيترائي بهترين کيڏاڙي موجود آهن. چوپڙا راند جيڪا تختي تي ڏاري سان کيڏي وڃي ٿي، ۽ ڪيترين ئي راندين، جنهن ۾ پتا استعمال ٿين ٿا، عام آهن. سڀ بلوچ ميداني راندين کيڏن ٿا ۽ ميرن جي ڏينهن ۾ شڪار گاهون يا سيوهڻ کان وٺي ننڍي تائين سنڌوندي جي ڪنارن سان راندين جي جاين کي مقدس حيثيت حاصل هئي. بلوچي پنهنجي بندوق هلائڻ ۾ غير معمولي ماهر هئا. هڪ ٻيو هٿيار جيڪو استعمال هيٺ هو اهو سنگ سان ٺهيل ڪمان آهي جنهن ۾ تير لڳل آهن جن کي پڪي مارڻ لاءِ اڇلايو ويو. سموري آبادي راند سان پيار ڪري ٿي. پر وڏي پئماني تي جهنگلن جي صفائي ۽ راندين جي تباهي تمام گهٽ موقعا ڇڏيا آهن. تہ ماٹهو ان ۾ حصو وٺن ڪيترائي زميندار شوقين راندیگر آهن ۽ رائفل سان سنو نشان لڳائين تا پر ڪجهہ شاٽ گن جي نشاني ۾ ماهر آهن. هن گزيٽيئر جي سهيڙيندڙ جڏهن جيڪب آباد ضلعي جي ڊپٽي ڪمشنر طور ڪم ڪري رهيو هو، اهڙا ڪيترائي دور سردار عبدالرحيم خان کوسو جيڪو پنهنجو گهڻو وقت راندين ۾ گذاريندو هو، منعقد ڪيا. جڏهن سنڌ ۾ راند دستياب نہ هئي تہ هي راجپوتانا ۽ هندوستان جي ٻين لاڳاپيل حصن ڏانهن ويو ۽ چيو تہ سراسري سال ۾ هن پنهنجي شاٽ گن سان گهٽ ۾ گهٽ ڏهہ هزار ڪارتوس هلايا. هي هٿيار جو سڀني نشاني باز هو.

مير ۽ شاهوڪار زميندار اڃان تائين باز جي شڪار جا شوقين هئا. جنهن ۾ هنن ڪمالیت حاصل ڪئي هئي. جيڪي باز ۽ شڪرا استعمال ڪيا ويا انهن ۾ پيلي اکين يا ننڍن پرن جا مالڪ شڪرا، جهڙڪي ۽ پاڪستاني شاهين، ڪارين اکين يا ڊگهن پرن جو مالڪ شڪرو ۽ شاهين باز وغيره شامل هئا.

باز يا مادي شڪرو تي نشاني باز ٻين سيني شڪرن کان وڌيڪ انعام لڳائين ٿا. انهن کي همالیہ ۽ خراسان ايران مان پڪڙيو وڃي ٿو ۽ سکيا حاصل ڪرڻ کان پوءِ قيمتي ٻڌجي وڃي ٿو. انهن کي سرڻ، بگلا ۽ ابس پر خاص طور سيهڙڻ کي مارڻ لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو. انهن کي هٿن مان جيئن جهڙڪي، شاهين يا شڪرو کي ڇڏيو وڃي ٿو. شڪرو پالتو پکي آهي ۽ تمام عام ۽ سستو آهي جڏهن تہ ٻيا ٽڏي موسم جا پکي آهن.

ڪجهه ميرهڑ کي پڪڑڻ لاءِ چيتا استعمال ڪن ٿا. هن گزيٽيئر جي سيهڙيندڙ ٽيهه سال اڳ چيتي جي شڪار ۾ حصو ورتو جنهن ۾ بن چيتن کي پڪڑڻ لاءِ ڇڏيو ويو ۽ انهن پنهنجي مقصد ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي. گهوڙي ڊوڙ ۾ بلوچي شوق سان حصو وٺندا آهن. جيڪب آباد جي سالياني هارس شو ۾ شوقين جوش سان شرڪت ڪن ٿا. پر ڊوڙ ۾ گهوڙي سواري جي حيثيت جو معيار گهٽو اوچو نه آهي. گهوڙي ڊوڙ يقيني طور جوا جو موقعو مهيا ڪري ٿي.

مسلمانن جون ريتون ۽ رسمون:

انساني زندگي جي مختلف موقعن جهڙ، شادي ۽ مرڻ وغيره تي سنين ۽ شيعن ۾ بنيادي طور رسمون ساڳيون آهن. زندگي ۾ داخل ٿيڻ لاءِ مسلمان عقيدي جون ٽي رسمون يعني نالو رکڻ، مٿو ڪوڙائڻ (عقيقو) ۽ طهر شامل آهن.

نالو رکڻ: ٻار جي جهڙ کان جلد ئي پوءِ پيءُ يا هن جي غير موجودگي ۾ چاچو يا ڪٽنب جو ٻيو وڏو هن جي ڪن ۾ "الله وڏو آهي" جا لفظ ورجائي ٿو. ان عمل جو مقصد اهو آهي ته جيئن ٻار جي ڪن ۾ پهريون آواز الله جو پئي. ان کان جلد ئي پوءِ پيءُ ٻار جو نالو رکي ٿو.

مٿو ڪوڙائڻ: ستين، چوڏهين، ايڪويهين يا چاليهين ڏينهن تي، ٻار جو مٿو ڪوڙيو وڃي ٿو. ڪنهن به داغ يا عيب کان پاڪ ٻه ٻڪريون چوڪر ۽ هڪ ٻڪري چوڪري لاءِ قربان ڪئي وڃي ٿي. ان کان پوءِ انهن جو گوشت پچائي دوستن ۽ مائٽن ۾ ورهايو وڃي ٿو. جڏهن ته هڏا ٻار جي وارن سان گڏ (ڪڏهن گهر ۾) دفن ڪيا وڃن ٿا. وارن کي سون يا چاندي سان توريو وڃي ٿو ۽ ان جي خيرات ڪئي وڃي ٿي. ان موقعي تي موجود مائٽ ٻار مٿان رقم گهورن ٿا ۽ اها حجام کي اجرت طور ڏني وڃي ٿي.

طهر ڪرڻ: طهر ڪرائڻ لاءِ ڪا به عمر مقرر نه آهي. مشڪل سان اهو ٻار جي جهڙ جي ڇهين ڏينهن ڪرايو وڃي ٿو پر عام طور جڏهن ٻاراڻي عمر کي پهچي ٿو. غريب ماڻهو خرچ سبب ان کي ملتوي ڪرڻ تي مجبور ٿي وڃن ٿا. ڏاڙهي ٽي ٻار کي پوشاڪ پارائي ڳچي ۾ گلن جا هار وڌا وڃن ٿا ۽ گهوڙي تي، جيڪڏهن حالتون اجازت ڏين ٿيون. ويهاري دهلن سان شهر جو سير ڪرايو وڃي ٿو. ان کان پوءِ مائٽن ۽ دوستن جي موجودگي ۾ حجام طهر جي رسم ادا ڪري ٿو. حجام جي اجرت کي پيءُ ٻار جي ساڄي پير جي هيٺان رکي ٿو ان کان علاوه هن کي دوستن جي گهور پڻ ملي ٿي. اتر ۾ طهر ڪرڻ وقت ٻار جي بدقسمتي ختم ڪرڻ لاءِ ماءُ ٻار جي مٿن کان بيهي ٽي ۽ مرد مائٽ پاڻي هاري ٿو پر ڏکڻ ۾ اهو مختلف آهي جتي ماءُ سان پيءُ پاڻي ۾ پير وجهي ٿو ۽ قرآن پاڪ هن جي مٿن کان جهليو وڃي ٿو. مرض جي صحتيابي يعني يارهين ڏينهن تي اهو پيءُ تي لازم آهي ته مائٽن ۽ دوستن جي مان ۾ دعوت ڏيندو جنهن ۾ غريب 50 يا سؤ روپيا خرچ ڪندو جڏهن ته شاهوڪار

هزارين روپيا خرچ ڪري سگهي ٿو. مهمان کان اها اميد ڪئي ويندي آهي ته هو ڪجهه رقم تحفي طور ڏيندو ۽ مقبول ماڻهو اهڙي طرح پنهنجي خرچ جي وصولي ڪري ٿو.

شادي: جڏهن نوجوان مسلمان زال جي خواهش ڪري ٿو ته ان لاءِ هي پهريائين پنهنجي ڪٽنب ۾ ڳولها ڪري ٿو. ان ۾ ناڪامي کان پوءِ پنهنجي قبيلي ۾ ڪوشش ڪري ٿو. پنهنجي سماجي رتبي کان گهٽ چوڪري کي پيءُ پنهنجي نياڻي نٿو ڏئي. سيد ڪٽنب پنهنجي نياڻي سيد ڪٽنب ۾ ڏئي ٿو. ان معاملي ۾ نوجوان پاڻ ڪوشش نٿو ڪري سگهي. سني ساک جي مالڪ عورت ان سلسلي ۾ پنهنجو ڪردار نياڻي ٿي، پر سيدياڻي کي فوقيت حاصل آهي. هن جي ذريعي جيڪڏهن اها پڪ ٿي وڃي ٿي ته چوڪري جو پيءُ خوشحال آهي ته عام طور شادي جي آڇ هڪ يا به پيرا ورجائي ٿي. پوءِ هڪ مقرر ڏينهن تي ڪنوار پنهنجي پيءُ، ماءُ ۽ ڪٽنب جي ٻين رڪنن سان گڏ مٽائي ۽ تحفن سان گهوٽ جي گهر وڃي ٿي. جڏهن مرد مردن سان ۽ عورتون عورتن سان ويهن ٿيون ته حجام جي زال کي مٽاين ۽ کير جي ٽانو سان گڏ مردن جي حصي ڏانهن موڪليو وڃي ٿو. جڏهن اهي کائي پي وڃن ٿا ۽ پاڻ ۾ دوستي پيدا ڪن ٿا ته پوءِ قرآن پاڪ مان ڪجهه آيتن جي تلاوت ڪئي وڃي ٿي. نڪ پائڻ لاءِ ڪنوار جو نڪ ٽوپيو وڃي ٿو جيڪا هوءَ شادي جي ڏينهن پائيندي. پوءِ سپ هٿ مٿي کڻندا ۽ مڱڻو مڪمل ٿيندو. ان کان پوءِ ٻئي ڪٽنب پاڻ ۾ اهو ماحول برقرار رکڻ لاءِ هڪٻئي سان تحفن جي ڏي وٺ ڪندا رهن ٿا. ڪڏهن ڪڏهن مڱڻو ٽٽي وڃي ٿو. جيڪڏهن اهو مرد ۽ عورت جي نندپڻ يا ڄمڻ کان اڳ ڪيو ويو آهي. ان سبب ڪيترائي مقدما جنم وٺن ٿا. مڱڻو عمر جي شروعاتي حصي ۾ ٿي سگهي ٿو پر شادي ايستائين نٽي ٽئي جيستائين ٻار بالغ ٿي وڃن. پر شهر ۾ جيستائين پٽ پنهنجن پيرن تي بيهي ايستائين ماءُ هن جي شادي ڪرڻ کان ڪيڻائي ٿي. شادي جي هفتي کان اڳ ڪنوار کي خوبصورت (ونواهه) بنائڻ جو عمل شروع ٽئي ٿو. حجام جي زال هر ڏينهن اچي ڪنوار کي وهنجاري ٿي، اتي ۽ تيل سان مهٽي ٿي. ڪاجل سان هن جون اکيون ڪاريون ڪري ٿي، ساڳ سان هن جو چپ رنگي ٿي ۽ سندس هٿ جي ترين ۽ پير جي ڪڙين تي مهندي لڳائي ٿي. شادي کان ٻي ڏينهن اڳ حجام گهوٽ کي ساڳي طرح تيار ڪرڻ شروع ڪري ٿو ۽ جيڪڏهن طاقت رکن ٿا ته هن کي گهوڙي تي ويهاري شهر جو چڪر هڻايو وڃي ٿو. شادي جي ڏينهن شام ۾ حجام ٻيهر گهوٽ کي تيار ڪري ٿو ۽ ڪنوار جي والد طرفان موڪليل ڪپڙا پهرائي ٿو. جڏهن ته گهوٽ جي طرفان موڪليل ڪپڙن سان ڪنوار کي سينگاريو وڃي ٿو. ان کان پوءِ گهوٽ جاجايين سان گڏ ڪنوار جي گهر جي طرف روانو ٿي وڃي ٿو. جتي نڪاح پڙهائيندڙ موجود هوندو آهي. گهوٽ ۽ ڪنوار جي طرفان ٻي مائٽ ان رسم ۾ حصو وٺن ٿا. هڪ کي وڪيل ۽ ٻين کي شاهد چيو وڃي ٿو. رسم سوالن سان شروع ٽئي ٿي. "ڇا توکي هي عورت قبول آهي؟" "ڇا توکي هي مرد قبول آهي؟" اهي سوال ٽي پيرا ورجايا وڃن ٿا جن جو جواب هاڪار ۾ ڏنو وڃي ٿو. ان کان پوءِ شادي جي لکت ٽئي ٿي ۽ شاهد صحيحون ڪن ٿا، جنهن کان پوءِ نڪاح پڙهيو وڃي ٿو. شادي کان پوءِ پوري شهر ۾ جلوس ڪڍيو وڃي ٿو ۽ پوءِ پارٽي گهوٽ جي گهر ڏانهن موٽي ٿي جتي مختلف

رسمون جن کي مذهبي تقدس حاصل نه آهي پر رائج آهن، ادا ڪيون وڃن ٿيون. انهن رسمن مان ناگز پر رسم متن جو ٽڪرائڻ آهي. ڇوڪري اوپر جي طرف ويهي ٽي ڀ ڇوڪرو اولهه جي رخ ۾ ويهي ٿو ڀ ٻنهي جي وچ ۾ ويهاڻو رکيو وڃي ٿو. شادي جو وڏ ۾ وڏ خرچ، حق مهر جنهن کي مذهبي پنيرائي حاصل آهي، گهوٽ جي پيءُ طرفان مائٽن ڀ دوستن کي تحفن جي صورت ۾ ٿئي ٿو. مهمان جيڪي شادي ۾ اچن ٿا اهي ڪجهه مبارڪي پئسا ڏئي ان خرچ جو پورائو ڪن ٿا. جڏهن هڪ ڪٽنب جي ڇوڪري بي ڪٽنب ۾ پرٽائي وڃي ٽي ته ڪنوار جي ڪٽنب جي مرد لاءِ ڏي وٺ ۾ ڇوڪري حاصل ڪئي وڃي ٽي. انڪري شادي جا تحفا ٻنهي طرفن کان ڏنا وڃن ٿا ڀ اهڙي خرچ ڪيل رقم ضايع نٿي ٿئي.

شادي کان پوءِ فرض ڪيو وڃي ٿو ته ڇوڪري پهرين ٻار جي جنم تائين هر جمعي تي پنهنجي والدين جي گهر ويندي. طلاق ورتل عورت يا بيواهه جي ٻيهر شادي تي ڪابه بندش نه آهي. بلوچن ۾ زال جي عذاري کي طلاق جي صورت ۾ ختم نٿو ڪيو وڃي. پنهنجي آشنا سان گڏ ماريو وڃيس ٿو.

اهو واحد رستو سمجهيو وڃي ٿو جنهن ذريعي مرد پنهنجي عزت برقرار رکي سگهي ٿو. ان عمل جي اهميت جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته فوجداري قانون ۾ ان ڏوهه لاءِ ڪو خاص قانون ڪونه آهي. سنڌ جي عزتدار گهراڻن ۾ پردو عام آهي ڀ ڪجهه قبيلا جهڙوڪ سيد، مغل ڀ ڪجهه بلوچي ڀ خاص طور تالپر پنهنجي عورت جي منهن اگهاڙڻ تي ڪاوڙ جو اظهار ڪندا آهن پر ڪم ڪندڙ طبقن ۾ پردي جي آزادي آهي.

لاڏاڻو: جڏهن مسلمان لاڏاڻي جي مرحلي ۾ هوندو آهي ته ماکي جا ڪجهه قطرا هن جي وات ۾ وڌا وڃن ٿا ڀ سندس چوڌاري بيٺل مائٽ قرآن پاڪ مان ڪجهه آيتون پڙهن ٿا ڀ هن جي معافي لاءِ نماز وغيره پڙهن ٿا. مرڻ کان پوءِ اکيون ڀ چپ بند ڪيا وڃن ٿا ڀ پوءِ لاش کي چڱي نموني غسل ڏئي ان کي ڪفن ويڙهيو وڃي ٿو. گلاب جو پاڻي ڀ عطر جو هن جي متان ڇٽڪار ڪري ڪاڻ جي تختي تي لينائي متان شال وڏي وڃي ٽي ڀ قرآن پاڪ سندس متن کان رکيو وڃي ٿو. ويجها ڇار مائٽ ان ڪاڻ جي تختي کي مقام ڏانهن کڻي هلن ٿا جنهن جي پٽيان ڪاندي هوندا آهن جيڪي ڪلمي جو ورد ڪندا رهندا آهن. قبر ۾ سامي کوٽي وڃي ٽي جنهن جي پرسان لاش دفنايو وڃي ٿو لاش جو منهن اولهه ڏانهن هوندو آهي. ٽين ڏينهن لاڏاڻو ڪيل انسان جي گهر تي تيجهو منعقد ڪيو وڃي ٿو جنهن کان اڳ قرآن شريف پڙهيو ڀ نماز ادا ڪئي وڃي ٽي. جڏهن ته چاليهين ڏينهن تي ماني کارائي وڃي ٽي ڀ اهو ڏڪ جو آخري ڏينهن هوندو آهي. شاهوڪار ماڻهو ملا کي پئسا ڏئي چاليهن ڏينهن تائين قبر تي قرآن شريف پڙهائين تا ڀ ان کان پوءِ ڪيترن سالن تائين قبر تي قرآن شريف پڙهي مئل انسان جي ياد تازي رکي وڃي ٽي. پر ٻارهو مرڻ جي هڪ سال کان پوءِ ضرور منعقد ڪيو وڃي ٿو.

خوجن، بوهرن ڀ ميمڻن ۾ رسمون متي ذڪر ڪيل رسمن کان مختلف آهن.

باب ڏهون

دلچسپي جون جڳهون

سنڌوماٿري جي تهذيب بابت احوال هن گزيٽيئر جي آرڪيالاجي واري باب ۾ ڏنو ويو آهي. سنڌوماٿري جي تهذيب کي ڳولهڻ ۽ ان جي تشريح ڪرڻ شايد ويهين صدي عيسوي ۾ آرڪيالاجي جو سڀ کان وڏو واقعو آهي ڇاڪاڻ ته ان تهذيب جي اصلي معنيٰ ۽ حد کي ايستائين مڃتا حاصل نٿي جڏهن 1922ع ۾ موئن جو دڙو جي کوٽائي شروع ٿي. ان تهذيب جي تشريح ڪرڻ هن وقت به وڏي حد تائين ڏکي تي پوڻ آهي ۽ ان سلسلي ۾ جيڪا لکت ملي آهي ۽ ٻين مليل شاهدين جي بنياد تي ڪابه قطعي راءِ قائم نه ڪري سگهيا آهيون.

ڪريمر جو تازو ڪتاب "دي سميرينز"، جيڪو 1956ع ۾ شايع ٿيو. شايد ان امر طرف اشارو ڪري ٿو جنهن سنڌو ماٿري جي تهذيب کي متاثر ڪيو. هن مهل تائين 60 هنڌن تي کوٽائي ڪئي وئي آهي جنهن مان اڪثر سنڌيا پاڙيسري علائقي بهاولپور ۾ آهي. هي تهذيب شمل ٽڪرين جي پيرن روپر کان وٺي عربي سمنڊ جي ساموندي علائقي پرسان سٽڪگن دور تائين اٽڪل هڪ هزار ميلن تائين ڦهليل آهي. ان تهذيب جا به اهم شهر هڙپا ۽ موئن جو دڙو آهن. اها تهذيب سمير تهذيب سان مشابهت رکي ٿي جنهن ۾ راڄڌاني، واپاري شهر ۽ ننڍا شهر ۽ واپاري ۽ بچاءَ جون چوڪيون شامل آهن. هن مهل تائين رڳو به وڏا شهر، شايد شهري رياستن جا مُک شهر. لڏا ويا آهن پر ايان به وڌيڪ ڳولها ٿي سگهي ٿي جيئن لڏل شاهديون انڪشاف ڪن ٿيون. سمير ۽ سنڌو ماٿري تهذيبن جي هڪجهڙين شين ۾ نادار مهرون ۽ تصويري لکڻي نقش آهن جيڪي موئن جي دڙي جي حوالي سان (Cuneiform) جا آڪاڻا نمونا معلوم ٿين ٿا. ان تهذيب جا ٻي مُک شهر جيڪي اڳوٽي سنڌ ۾ کوٽايا ويا آهن اهي موئن جودڙو چنهودڙو ۽ آمري آهن. انهن تن جڳهن جو ڪجهه ذڪر ڪجي ٿو.

موئن جو دڙو جا آثار ڏوڪري ريلوي اسٽيشن کان اٽڪل 9 ميلن جي مفاصلي تي آهن. ڏوڪري اتر ـ اولهه ريلوي جي ڪوٽڙي ـ سکر سيڪشن تي واقع آهي ۽ ڪراچي کان پنج سؤ ميل ۽ لاڙڪاڻي کان 34 ميل پري آهي. ان جي ويجهو ضلعي هيڊ ڪوارٽر لاڙڪاڻو آهي جيڪو اولهه پاڪستان جي سنڌ جي علائقي ۾ واقع آهي. موئن جي دڙي جو علائقو خاص طور ڪشش پريو يا تفريحي نه آهي. اهو تراکڙو لوٽيائو غير آباد علائقو سنڌوندي جي لڳ آهي ۽ جيڪڏهن ان کي بند ٻڌي الڳ نه ڪيو ويو ته ممڪن آهي ته لڏل آثار ڪڏهن منجي وڃن. اصلي حقيقت اها آهي ته لوڻ سان پريل هوا سبب پراڻي سر تيزي سان پُري رهي آهي ۽ جيڪڏهن اها سوچ ڪئي وئي ته لڏل آثارن يا کوٽائي کي موجوده حالتن ۾ محفوظ ڪيو وڃي ته سڀ کان بهتر طريقو ان جي مٿان ڏڪ تعمير ڪرڻا پوندا. ائين ڪرڻ سان لوٽيائي هوا جي اثر کان انهن آثارن کي بچائي سگهجي ٿو.

سنڌوماٿري جي تهذيب جي کوٽائي مان ٽن ثقافتي سوالن جنم ورتو آهي. پهريون تهذيب جي واڌ ۾ ويجهه وقت موئن جو دڙو ۾ سنڌو ماٿري ۾ وسندڙ انسان ڪير هئا؟ ٻيو اهي ڪٿان آيا ۽ هتي آباد ٿيا؟ ۽ ٽيون ته مهرن تي ملندڙ لکت جو بنياد ڪهڙو هو ۽ ڪهڙي ٻولي ۾ نقش اڪريل آهن؟ پهريون ته انسانن سان لاڳاپيل حالتن جي سلسلي ۾ اهو چئي سگهجي ٿو ته جيڪي ڏانچا مليا آهن اهي نسلي نمونن ڏانهن اشارو ڪن ٿا ۽ جانورن جا ڏانچا ٻڌائن ٿا ته ان وقت ماڻهو ۽ گهرو پالتو جانور ڪهڙين حالتن ۾ رهندا هئا. ٻيو ته اصليت جي لحاظ کان ڪريمر جو بيان ٻڌائي ٿو ته سنڌوماٿري جي ماڻهن جو اڇڻ يا ڪاهه جيڪو ڪجهه به هيو ۽ هيناهين ميسو پوٽيميا ۾ سميرين جي اڇڻ ۾ مشابهت آهي. سميرين جي اسريل رياست زوري گهڙي ايندڙ ماڻهن جو نتيجو هئي جيڪي شايد (Transcucasia) جي (Alpines) کان هتي آيا ۽ مقامي ماڻهن سان رلي ملي ويا ۽ شايد نسلي طور يونوچ (Mediterranean) هئا جن جون به شاخون هيون. هڪ ايران کان ۽ پي جو واسطو اولهه سان هو جيڪي اصليت جي لحاظ کان سامي (Semitic) نسل جا هئا. جيئن ته سامي نسل جا ماڻهو گهٽائي ۾ هئا انڪري اڪد جي بادشاهت ۾ انهن جي حڪمراني قائم ٿي. ڪريمر پنهنجي بيان ۾ سارگون جو ذڪر ڪري ٿو جنهن جي دور ۾ اڪد بادشاهت گهٽي ترقي ڪئي ۽ اهو دور 2350 قبل مسيح جو هو. موئن جو دڙو 2500 ق.م کان 1500 ق.م ۾ واري دور ۾ ترقي ڪئي. ان سلسلي ۾ وقت جو اندازو عمارتن جي مرحلن مان لڳايو ويو آهي. جيڪي مختلف نسلن تعمير ڪيون. اهي ست مرحلا آهن ۽ ان مرحلي جي پهرين عمارت ڪٽي تعمير ڪئي وئي ان بابت اندازو اڃان تائين نه لڳايو ويو آهي. ميسو پوٽيميا جي (Cuneiform) نموني جو اسريل نمونو سارگون جي وقت ۾ سيني کان وڌيڪ ترقي ڪئي ۽ اها موئن جو دڙو جي لکٽي جي همعصر آهي. لکٽي ۽ ٻولي جنهن ۾ اها لکي وئي آهي تحقيق مان ثابت ٿئي ٿي ته ان کي اکرن جي تعداد کي، جيڪي استعمال ڪيا وڃن ٿا، ادائي سؤ کان وڌيڪ نشانن ۾ گهٽائي نٿو سگهجي. استورٽ پگٽ مطابق لکٽي پنهنجي ترقي جي آخري مرحلي ۾ هئي. هي چئي ٿو "ان سلسلي ۾ اسان جيڪڏهن ميسو پوٽيميا تي نظر وجهون ٿا ته معلوم ٿئي ٿو ته سميري بادشاهت جي شروعات واري لکٽي ۾ نَوَ سؤ اکر استعمال ڪيا ويا. اروڪ بادشاهه جي دؤر ۾ انهن اکرن جو تعداد ٻن هزارن تائين وڃي پهتو." هي وڌيڪ چئي ٿو ته هڙپا تهذيب جي ترقي جي بيهجي وڃڻ جو سبب ڪان وڌو ثبوت اهو آهي ته عظيم شهرن جي ڏگهي قبضي جي دؤران ان لکٽي کي ته ترقي نه ڪئي. اهڙو ڪوبه نقش نه مليو آهي. جنهن تي ويهه يا ويهن کان وڌيڪ نشان هجن. عالم ان امر تي متفق نظر اچن ٿا ته ٻولي کي ساڄي کان کاٻي طرف پڙهي سگهجي پيو استورٽ پگٽ جو اندازو قبول ڪرڻ لائق آهي. هي چئي ٿو ته هڙپا جي لکٽي منفرد ۽ دخل ڪندڙ آهي. ان جي ميسو پوٽيميا جي آڪائي لکٽي سان مائٽي لکٽي جي مصري نظام سان مشابهت رکي ٿي. اها سمير کان بلڪل مختلف آهي پر شايد ڳالهائيندڙ ٻولي جي حيثيت ۾ ان کان متاثر ٿي هجي. جنهن حالت

ٻ اسان ان کي ڏسون ٿا تہ لکٹي تصويري آهي پر اها شروعاتي مرحلي جي تہ آهي ڇاکاڻ تہ اها شروعاتي تصويري لکٹي کان اسريل آهي. ميسوپوٽيميا جي (Cuneiform) جي ابتڑ ان هڪ خاص مرحلي کان وڌيڪ ترقي نہ ڪئي آهي. ٻ معلوم ٿئي ٿو تہ هڪ هزار سالن کان هڪ هنڌ بيٺي آهي. ان تحقيق جي نتيجي مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ سميري جو بنياد موئن جو دڙو جي لکٹي تي آهي ٻ اهو فرض يا اندازو نہ آهي تہ سنڌوماڙي جي لکٹي شروعاتي مرحلي تي ترقي ڪئي ٻ ان ٻر ڪجهہ مقامي تبديليون آيون، شايد اهو نمونو جنهن سنڌو ماڙي جي مليل جليل آبادي ٻر ٽين صدي قبل مسيح جي پڄاڻي وقت ترقي ڪئي. جنهن ٻولي ٻر لکٹي لکي وئي آهي جيڪا آخري طور سميري ٻولي مان نڪتل آهي يا اها مقامي مليل جليل آبادي جي ملڙ سان ٻولي نهي آهي جيڪا آبادي ايران ٻ اولهہ يوروپ جي فردن تي مشتمل هئي ٻ اهو پونوچ سمنڊ جي آسپاس آباد ماڻهن سان مليا. آخري حالت ٻر اها ٻولي هڪ ئي ڪٹنب سان واسطو رکي سگهي ٿي جيئن ننڍي کنڊ جون جديد دراوڙي ٻوليون آهن.

موئن جي دڙي مان لڌل کوپڑين ٽکرا عام نہ آهن. سرجان مارشل جي ڪتاب "موئن جو دڙو ائنڈ دي انڈس ويلي سولائيزيشن" ٻر لڌل کوپڑين جو هينئين لفظن ٻر ذڪر ڪيو ويو آهي. (1) موئن جو دڙو مان لڌل کوپڑين ٻ تازو فنا ٿيل کوپڑين ٻر نين نسل ٻ يورپ ٻر تاريخ جي زماني کان اڳ هالئنڈ ٻ اتر آفريقا جي وچ ٻر ويجهي مشابهت آهي جنهن جي (Cernial) موڪرائي 1400 کان 1500 ڪيوبڪ سينٽي ميٽر آهي. (2) پونوچ نسل جون کوپڑيون 6,7,9,10,19 ٻ 26 آهن. انهن کوپڑين بابت چيو ويجي ٿو تہ اهي اصلي پونچ نسل کي ظاهر ڪن ٿيون ٻ لڌل کوپڑين جي مثالن مان بلوچستان علائقي مان لڌل نال کوپڑين سان هڪجهڙائي ٻر آهن. هينئر جيڪي انگ اکر اسان وٽ آهن انهن مطابق اسان وٽ ٽي شاهديون آهن جن جو ان قسم سان تعلق آهي. انهن ٻر هڪ مرد ٻ ۽ عورتون آهن. مرد 4½_5 جڏهن تہ عورتون ڪجهہ ننڍيون هيون ٻ هرهڪ 4_9½ ٻ 4_4½ هيون. (3) (Alpine) نسل کوپڑي 13 ب جي منگوليائي شاخ، کوپڑي ڪجهہ خاصيتن واري آهي ٻ اسان ناگا کوپڑي جا ٻئي رخ ٻ آڏو وارا منظر ڏنا آهن. ٻنهي وچہ ويجهي هڪجهڙائي سبب ان ٻر ڪو شڪ نہ آهي تہ انهن جي نسلي اصليت ساڳي آهي.(4) Alpine_ چار کوپڑيون. اهو اندازو ٿئي ٿو تہ چارئي کوپڑيون (Alpine) نسل سان تعلق رکن ٿيون. ان کان سواءِ وڌيڪ اندازو لڳائڻ مشڪل آهي ٻ اسان ان حيثيت مان نہ آهيون تہ اها دعويٰ ڪري سگهون تہ اهي (Alpine) نسل جي ڪهڙي شاخ سان تعلق رکن ٿيون. ان ننڍي شاهدي مان ڪنهن قطعي نتيجي تي پهچڻ مشڪل آهي جيئن موئن جو دڙو جي آبادي جي سلسلي ٻر ڪڍي سگهجي ٿو پر حقيقت جي لحاظ کان شايد پونوچ نسل جون کوپڑيون بي انداز آهن جڏهن تہ بي نمبر تي (Alpine)، ٻ اهو اندازو لڳائڻ يا فرض ڪرڻ درست ٿيندو تہ موئن جو دڙو جي آبادي ٻر ٻئي نسل اهميت جا مالڪ هئا. ان اندازي کي ائين بہ هٿي ملي ٿي تہ موئن جو دڙو جا ماڻهو (Alpine) نسل مان هئا جن جي سميرين سان مشابهت هئي ٻ اهي پونوچ ماڻهن سان ملي

ويا جيڪي اڳي ئي سنڌوماڙري ۾ آباد ٿي چڪا هئا. انهن سميري نسل جي اولهندي شاخ کان پڻ اثر قبول ڪيو جيڪي بلوچستان ذريعي آيا بلوچستاني ۽ سنڌي ثقافت کي هڪجهڙي سان ملايو. سنڌوماڙري کان اڳ آمري جا آثار پڌائن ٿا ته اولهه کان ماڻهو اچي سنڌوماڙري ۾ آباد ٿيا.

جيستائين جانورن جي لاشن جو تعلق آهي. سرجان مارشل جي ڪتاب "انڊس ويلي سولائيزيشن" ۾ ڊاڪٽر سوئيل چئي ٿو ته جانورن جا 39 قسم لڌا آهن. انهن مان اڪثريت گهريلو يا پالتو جانورن جي آهي جڏهن ته بين ۾ وحشي جانور شامل آهن جيڪي ملڪ جي ڪنهن حصي ۾ ان وقت موجود هئا جڏهن موئن جو دڙو شهر جي حيثيت ۾ وڌي رهيو هو يا ان وقت جڏهن شهر تباهه ٿي چڪو هو. اهو چيو وڃي ٿو ته ڏنل ماپن مان اهو واضح نموني ظاهر ٿئي ٿو ته موئن جو دڙو جو ڪتو (Anau) ڪتو سان مشابهت رکندڙ هو ۽ ٻنهي وچ ۾ تعلق آهي.

تنهنڪري اهو فرض ڪرڻ درست آهي ته موئن جو دڙو ۽ (Anau) ڪتا هڪ طرف ۽ ٻي طرف آسٽريليا جو ڊنگو ڪتو ۽ پاڪستاني پرهيا هڪ ئي نسل سان تعلق رکن ٿا جن جي اصليت روس جي پالیولٿڪ ڪنس پوٽياٽي شاخ مان آهي. موئن جو دڙو پنهنجي تاريخ جي ڪنهن دور ۾ ان جانور جا وڏا ڏڻ رکيا. گهٽين حالتن ۾ ڏند ان طرف اشارو ڪن ٿا ته جنهن جانور مان اهو نسل وڌيو اهو جوان هو. مثال طور مولرس جي ٽين نسل ۾ ڏند جي متاچري مٿان ننڍو ڪوپو چڙهيل هو جڏهن ته ڪجهه مثالن ۾ اهو ڏند ٻاهر نڪتل آهي. ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته هتان جا رهواسي ان جانور کي خوراڪ لاءِ ڪُهندا هئا.

آرڪيالاجيڪل سروي آف انڊيا نمبر 48 جي ياد داشتن ۾ جيڪو برطانوي حڪومت دؤران سهيڙيو ويو "ايڪسپلوريشنز اِن سنڌ" جي سري هيٽ مسٽر اين. جي مجمدار لکي ٿو "هن ليکڪ جيڪي ڪوٽايون ڪيون آهن ان علائقي کي سنڌ ۾ (Chalcalithic) تهذيب سان ڳنڍي ان جو سنڌو واسطو ڏکڻ بلوچستان جي انهن علائقن سان ڏيکاري ٿو جن جي سر اورل استين جاچ ڪئي. ان تهذيب جون اتر- اوپر حدون اڃان راز آهن. پر اهو چٽو آهي ته سنڌ ۾ ان جون حدون ڏکڻ- اولهه ۾ عربي سمنڊ تائين پکڙيل هيون. اولهه ۾ ارنگي ۽ اميلاڻو جون وسنديون اوپر ۾ گوجو پرسان ٺارو ٽکري ان مثلث جو بنياد ٺاهين ٿيون جنهن جي چوٽي اتر ۾ ليمو جوٽيجو آهي جتان جي ماڻهن جي ثقافت جي اسان جاچ ڪنداسين. سنڌوماڙري جي ان علائقي ۽ ان جي ساڃي ڪناري کان اتر ڏکڻ طرف آباد هئا. ان علائقي ۾ لڏن ماڳن کي ٻن پاڳن ۾ ورهائي سگهون ٿا. پهريون اهو مقام جتي ماڻهو رهندا هئا ۽ ٻيو اهي هنڌ جتي چقمق بنائڻ جون صنعتون لڳل هيون. ان صنعت جون نشانيون مختلف ماڳن تي مليون آهن. مثال طور ٺارو ٽکري، ٻنڌاڻي، ملير ۽ روهڙي جي ٽکرين ۾ آمري، چانهو دڙو لوهڻ جو دڙو ۽ موئن جو دڙو جي موجوده صورتحال مان اهو اندازو لڳائڻ مشڪل نه آهي ته اهي مقام سنڌوندي کان گهڻو پري نه هئا. بهرحال اهو ممڪن آهي ته سنڌوندي جي وهڪري ڪجهه

ٻيو رخ اختيار ڪيو ۽ موجوده صورتحال کان اهو چانهو ڏڙو جي پرسان هو. لسي ۽ سڏي ميداني علائقي ۾ رهڻ سبب سنڌوندي جي ڪپن تي آباد ماڻهن کي زرعي شيون پوکڻ لاءِ اڻ ڪٽ موقعا دستياب هئا جيئن مصر ۾ نيل ندي ۽ سميري ۽ بابلي تهذيبن ۾ دجلا ۽ فرات ندين جي ماڻهن کي حاصل هئا. پر سنڌوندي جي ڪپن تي آباد ماڻهن جي لاءِ خوشقسمتي جا موقعا گهٽ هئا ڇاڪاڻ ته انهن کي پرسان وارين ٽڪرين ۾ آباد ماڻهن جي حملن ۽ سنڌوندي جي ٻوڏ جو خطرو هو. ٽاڪرو علائقي ۾ زراعت جا موقعا گهٽ هئا. پاڻي جي بن وسيلن جن تي انهن کي قابو حاصل هو اهي قدرتي چشما ۽ برسات هئي. چشمن جي پاڻي کي هٿرادو نالين ذريعي زرعي زمين تائين پهچايو ويندو هوندو. ان ڪري اهو قدرتي عمل هو ته آبادي اتي قائم ٿي جتي اهي پاڻي جا چشما يا نالين هيون. ان امر مان نشاندهي ٿئي ٿي ته پوڪران، غازي شاهه، ڏمب پٽي، باندڻي ۽ چوڙ جون وسنديون ڪيئن آباد ٿيون جيڪي سنڌوندي کان پري هيون. انهن مان اڪثر وسنديون ٽڪرين ۾ هيون جيڪي سنڌوماڻري ۾ ٽهيل گهرن کان وڌيڪ محفوظ هئا ۽ سندن سنڌوندي جي ٻوڏ جو خطرو به ڪانه هو. پر سنڌوندي جي ميداني علائقي ۾ رهندڙ انسانن کان هتان جا رهواسي غريب هئا. شاهوڪار يا خوشحال شهر جهڙوڪ، موئن جو ڏڙو جبلن جي لڪن (Passess) ۾ آباد نه ٿي سگهي ها. بهرحال اهو آهي ته حالتون موجوده زماني جي پيٽ ۾ ان وقت وڌيڪ مناسب هيون. ان وقت وڏي مقدار ۾ برسات وسندي هئي جنهن ڪري زراعت لاءِ بهتر موقعا هئا. ان جي شاهدي موئن جو ڏڙي جي کوٽائي ڏوران مليل پاڻي جي نيڪال جون نالیون برسات جي پاڻي جا نڪا ڪچين سرن بدران پڪل سرن جو استعمال، مهرن تي چيتي ۽ هاٿي جا نقش آهن جيڪي ٻنل موسم پسند ڪن ٿا. ان سلسلي ۾ موئن جي ڏڙي ۽ سنڌوماڻري ۾ لڌل ٻين همعصر ماڳن مان مليل ٽڪر جي ٽانون تي سبزين جي گلڪاري آهي.

آرڪيالاجيڪل شاهدين مان اهو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو ته بلوچستان، سيستان ۽ وچ ايشيا وانگر سنڌ محدود پٽماني تي مسلسل سوڪهڙي جو شڪار رهي. ان علائقي مان لڌل تاريخ کان اڳ واري زماني جا ماڳ هڪٻئي جي ويجهو ۽ ڪيرٽر جابلو سلسلي جي برابر آباد هئا. هينئر کاڌ مستقل انساني وسندي هڪٻئي جي ويجهو نٿيون ملن. ان ننڍي علائقي ۾ ايتري وڏي تعداد ۾ وسندين مان معلوم ٿئي ٿو ته موجوده دور جي پيٽ ۾ ان وقت اتي وڌيڪ ڳٽيل آبادي هئي. ڪيرٽر ۽ هب ندي جي اوپر ۾ بلوچستان جي ضلعن جهلاوان ۽ مڪران ۾ سر اورل استين تاريخ جي اڳ واري زماني سان تعلق رکندڙ ماڳ لڌا آهن جيڪي سنڌو ماڻري جي ماڳن سان مشابهت رکندڙ آهن ۽ انهن مان هن سوڪهڙي جون ساڳيون ثابيتون هٿ ڪيون آهن. انهن حقيقتن کي ڪڍ رکڻ مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته اولهه سنڌ جي آبادين مان لڏپلاڻ جو سبب خشڪ موسم هئي ۽ ان حالت يا ٻين ڪارڻن سبب ماڻهن سنڌوندي جي انهن علائقن ڏانهن لڏپلاڻ ڪئي جيڪي وڌيڪ خوشحال ۽ خوراڪ سان ڀرتار هئا.

چانهو ڏڙو دادو کان چار ميل ۾ ڪراچي کان 220 ميلن جي مفاصلي تي دادو ضلعي ۾ واقع آهي. ڪٽل ٽمتار سنڌوندي ماڙي ۾ قديم آثارن جي ماڳن مان چانهو ڏڙو هڪ ننڍو ماڳ آهي. ان جا آثار 700 فوٽن کان 1000 فوٽن جي دائري ۾ واقع آهن. اهو موئن جو ڏڙي جي پرپاسي ۾ آباد هڪ ننڍو زرعي ڳوٺ هو جنهن تي شهر جي واپار جو انحصار هو. چانهو ڏڙو جي اهميت انڪري آهي جاکاڙ تہ اهو موئن جو ڏڙو وٽ لڌل تهذيب جو حصو آهي. ان ماڳ تي مجمدار جي کوجنا اهميت رکي ٿي. کوٽائي جي دوران ٻہ کاهيون لڌيون جيڪي ساڄي ڪنڊن تي 16 فوٽ ويڪريون هيون ۽ هرهڪ جي ڏيگهہ 150 فوٽ ۽ 700 فوٽ هئي. انهن جي 7 کان 12 فوٽن تائين کوٽائي ڪئي وئي. انهن ٻن کاهين جي ملبي جي صورت ان امر طرف اشارو ڪري ٿي تہ انهن جي تعمير سج ۾ سڪايل سرن سان ٿي هوندي. پڪل سر صرف ڪجهہ پتين ۾ استعمال ٿيل ملي ٿي ۽ ٻڪ پٽ ۾ اها منڊي ان کان 6 فوٽ اندر ۽ ڏڙي جي متاڇري کان 13 فوٽ هيٺ استعمال ٿيل آهي. موئن جو ڏڙو جي کوهن وانگر کوهہ جن جو قطر 3 فوٽ 6 انچ آهي، ڇيٽي شڪل وارين سرن سان ٺهيل آهن. هتي 12 فوٽ اونهي کوٽائي ڪئي وئي آهي جتان ٽکر جا ٽانوڻ ڏي تعداد ۾ ملیا آهن. کوهہ جي پرسان زميني سطح کان هڪ فوٽ اندر هڪ گلدان مليو آهي ۽ جنهن کي هٿائڻ سان اتان ٻيا ٻہ گلدان مليا. انهن ٻن کاهين مان 4 سؤ شيون لڌيون ويون آهن ۽ اهي سڀ موئن جو ڏڙو مان ملندڙ شين سان مشابهت رکن ٿيون.

هڪ ٻي کاهي، جنهن جي ڏيگهہ 80 فوٽ ۽ ويڪر 12 فوٽ ۽ اونهائي 7 کان 8 فوٽ، ملي آهي. پڪل سرن جي ڏانچن جا آثار قبضي جي ٻن مرحلن طرف اشارو ڪن ٿا. ان کاهي مان هڪ سؤ پراٽيون شيون مليون آهن. چنهو ڏڙو مان جيڪي شيون مليون آهن انهن ۾ مٽيا، اٽ ڪنڊو ۽ ٻنهي پاسن کان اڇو عتيق جو پٿر، ڪوڏي مان ٺهيل شيون، ڪنگڻي جا ٽڪرا، ڪينهوڙو جنهن تي گول نشان آهن، مهرون جنهن تي اڇي رنگ جي پس منظر ۾ ٻہ لڪيرون ڪڍيل آهن، جيڪي ڪنهن تصوير جو ڏيک ڏين ٿيون ۽ مهرون جنهن تي اڇي رنگ جي پس منظر ۾ ٽي لڪيرون ڪڍيل آهن جيڪي ڪنهن تصوير جو ڏيک ڏين ٿيون ۽ مهرون جنهن تي اڇي رنگ جي پس منظر ۾ ٽي لڪيرون ڪڍيل آهن جيڪي پڻ ڪنهن تصوير جو ڏيک ڏين ٿيون. نشان جيڪي مليا آهن انهن ۾ ڍال، ٻہ انساني مجسما جن جي هٿن ۾ نيزو ۽ ڀالو آهي، اڇي رنگ جي مهر، پيپل وڻ جي اختراع جنهن جي پليان جانور جي شڪل اپريل آهي، مڪعب شي جنهن کي پنج شڪليون آهن، ٻئي پاسي ڏانهن بيضوي شڪل جو خاڪو جنهن ۾ ٽامي جي سوئي ٽنبيل آهي، نارنگي رنگ جي پس منظر ۾ اڇي سجاوٽ، ڏاند جنهن جو متو ڳاڙهي رنگ سان چٽيل ۽ ڪنڊ سوراخ ۾ ڦاٽل ۽ ماءُ ديوتا جو نقش شامل آهن. ٽکر جي ٽانون ۾ ڪوپ، گلدان، هڪ چٽيل گلدان جنهن تي پيپل جي پن جو نقش آهي ۽ ساڄي نقش جو هڪ ٻيو گلدان جنهن تي پيپل جي پن بدران موڙيل مورتون چٽيل آهن. چنهو ڏڙو جي کاهين مان لڌل سڀ کان اهم شيون وڻ جي شڪل جون مهرون آهن. انهن مان هڪ تي ڏالن ۽ نشاني

جا نقش آهن جيڪي ٻين ماڳن جي کوٽائي مان نہ لڌا ويا آهن. هڪ مهر تي صرف پيپل جي وڻ جو نقش آهي. ان قسم جو مثال موئن جو دڙو ۽ هڑپا جي کوٽاين مان نہ مليو آهي جيتوڻيڪ ان وڻ جي ڪيترن قسمن جي موجودگي انهن هنڌن مان ثابت ٿي آهي.

آمري سنڌ جو هڪ وڏيڪ ماڳ آهي جتان پڻ نادر شيون مليون آهن. اهو موئن جي دڙي جي زرعي پٽي ۾ هڪ ننڍو شهر هو. آمري نارٿ ويسٽرن ريلوي جي ڪوٽ حبيب برانچ جي رستي تي هڪ اسٽيشن آهي. اها ڪراچي کان 176 ميل پري آهي. آمري ڪوٽڙي کان اتر ۾ 60 ميلن ۽ دادو کان ڏکڻ ۾ 45 ميلن جي مفاصلي تي آهي.

آمري جي کوٽائي نهايت اهميت رکي ٿي ڇاڪاڻ تہ ان مان لڌل نڪر جا ٽانو تاريخ ۾ اهم حيثيت رکن ٿا. جيڪي بلوچستان جي علائقي ۽ سنڌوماٿري تهذيب جي موئن جي دڙي واري دور سان تعلق رکن ٿيون. آمري جي کوٽائي ٻن دورن طرف اشارو ڪري ٿي. هڪ موئن جو دڙو کان اڳ ۽ ٻيو سنڌوماٿري تهذيب بعد وارو زمانو. ان جي اهميت جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو تہ اها سنڌوماٿري ۾ آبادي جي شروعات تي روشني وجهي ٿي جنهن جون ڪڙيون بلوچستان جي مادي برادرين سان ملائي ٿي ۽ موئن جو دڙو جي هاري برادري جي جوڙجڪ طرف اشارو ڪري ٿي جنهن کي ٻاهران ايندڙ ماڻهن ختم ڪيو. بلوچستان ۽ ايران مان ملندڙ نڪر جي ٽانون جي آمري ۽ ٻين ماڳن سان پيٽ ڪرڻ سان اسان کي موئن جو دڙو جي ثقافت جي اصليت بابت ڄاڻ ملي سگهي ٿي. مجمدار پنهنجي کوجنا جو اهم ڪم آمري ۾ ڪيو. هي لکي ٿو. "ڪرسمس جي ٻي هفتي ۾ اسان آمري موٽي آياسين ۽ دڙي نمبر 2 تي کوٽائي شروع ڪئي جتي چقمق جهڙي ريتي واري ڍاڪيدار پٿر جو ڍڳ لڌو ويو هو. دڙي جي چوٽي تي مسلمانن جون قبرون هيون جيئن سنڌ جي ٻين ماڳن ۾ مليون هيون. اسان کي محتاط طريقي سان اڳتي وڌڻو پيو ۽ پنهنجي کوٽائي کي قبرستان کان ممڪن حد تائين پري هنڌ تائين محدود رکيو. 50 فوٽ ڊگهي ۽ 12 فوٽ ويڪري پهرين کاهي وچ رستي تي هئي. رستو چقمق جهڙي ريتي واري ڍاڪيدار پٿرن سان ڳنڍيل هو جنهن جا 50 ڍاڳا مليا. دڙي جي ٻاهران ان ملندڙ نڪر جي ٽانون جي نون نمونن جي سچاڻپ لاءِ دڙي نمبر 2 جي پرسان 35 فوٽ ڊگهي ۽ فوٽ ويڪري ٻي کاهي کوٽي وئي. ان کاهي جي هڪ فوٽ اونهي کوٽائي مان اسان کي پٿر مان ٺهيل ڏانڇا مليا. ٻہ فوٽ ويڪري پٽ لڌي وئي جيڪا 4 فوٽ اوچي ۽ 30 فوٽ ڊگهي هئي. ان جي اوپر ۾ پٽ سان لڳ ننڍن ڪمرن جا بنياد نظر آيا. پٽين جي بنيادن مان اهو سامهون آيو تہ انهن ۾ ريتي يا بجري استعمال ڪئي وئي هئي. هتي اسان کي کاهي نمبر 1 واري صورتحال سان منهن ڏيڻو پيو جڏهن ڪاري مٽي ظاهر ٿي جنهن سان نڪر جي ٽانون جا ٻہ سؤ چوڏهن نمونا مليا. کاهي نمبر2 اونهائي ۾ 4 کان 5 فوٽ کوٽي وئي ۽ يا ٽن فوٽن جي گهرائي ۾ ٽڪر جا سڀ ٽانو ۽ ٻيون مددگار شيون

مليون. جيتوڻيڪ پهرين درجي ۾ سڀ ڪجهه جا ڪانو نه مليا پر اهو معلوم ٿئي ٿو ته انهن مان اڪثر ڪانو پيالي ۽ آبخورو نموني جا آهن. آمري مان ملندڙ ڪانوَ ان امر طرف اشارو ڪن ٿا ته انهن جو تعلق بن ثقافتن سان آهي. جنهن مان آخري ثقافت موئن جي دڙي جي همعصر آهي. سينگار ۽ رنگ جي رڪا ۽ ڪپڙي ۽ نموني ۾. آمري مان ملندڙ پهريان ڪجهه جا ڪانو اڳوڻي قلات رياست جي جهلاوان علائقي مان لڌل ڪانون سان مشابهت رکن ٿا. جنهن جي کوڪائي هارگريوز ڪئي. انهن لڌل شين ۽ ساڄين ڪانون جا نشان اسان کي جهلاوان ۽ مڪران جي ڪيترن ماڳن جهڙوڪ ڪولي، ميهي، بند رنگ دمب، ڪارگوشڪي دمب، پاڪ، ايوران ۽ نندرا مان مليا آهن. دڙي نمبر 2 جي درجه بندي ان حقيقت طرف اشارو ڪري ٿي ته نال موئن جو دڙو ڪان پراڻو ۽ همعصر نه آهي جيئن ڪجهه عالمن جي راءِ آهي. آمري جي شروعاتي دور جي هٿ آيل ڪجهه جي ڪانون مان اندازو ٿئي ٿو ته انهن جو ڏکڻ بلوچستان جي تاريخ ڪان اڳ واري دور جي ماڳن سان تعلق آهي ۽ ساڳي وقت انهن ماڳن جي ان وقت اهميت جا پڻ اهم نشان ملن ٿا. سنڌ جي ڪجهه جي ڪانون جي ٻن مرحلن جي ترتيب وڌي اهميت جي مالڪ آهي جيڪا نال ثقافت سان اڻ سڌو لاڳاپو ڏيکاري ٿي ۽ بنيادي طور موئن جو دڙو ڪان مختلف آهي. نال ۽ ناندرا ۾ ڪجهه جي ڪانون جا آثار جاميٽري نموني جو ڏيک ڏين ٿا ۽ پنهنجو هڪ الڳ گروهه ڏاهن ٿا جنهن جو واسطو گهٽ يا وڌ سيتان ۽ ٻين علائقن مان هٿ آيل پيلي رنگ جي ڪجهه جي ڪانون سان آهي. ٻي طرف منفرد ڪارا ۽ ڳاڙها ديگڙا جيوميٽري زومورنڪ ميلاپ کي ظاهر ڪن ٿا ۽ اتر بلوچستان جي پراڻن ماڳن جهڙوڪ دبرڪوٽ مان ملندڙ ٻوٽن جا نمونا پنهنجو هڪ الڳ گروهه ڏاهين ٿا جيڪي پيلي رنگ جي ڪجهه جي ڪانون جي علائقي سان تعلق رکن ٿا. ان علائقي جو تعلق سنڌوماٿري جي ثقافت جي علائقي سان ٿي سگهي ٿو. اهڙي طرح سنڌ مان هٿ آيل پيلي رنگ جا ڪجهه جا ڪانو جيڪي بلوچستان جي ڪُلي، ميهي، نال ۽ ناندرا مان هٿ آيل اهڙن ڪانون جي ڪٽنبن سان تعلق رکن ٿا، ۽ سنڌوماٿري ۾ دخل ڏيندڙ عنصر جي حيثيت رکي ٿو. اها مٽي مائٽي شايد ان طرف اشارو ڪري ٿي ته ڪجهه جي ڪانون جي تاريخ ۾ نال مان ملندڙ ڪانون جي هڪ ترتيب آهي. ٻي صورت ۾ ڪي به ڪافي ڪارڻ موجود نه آهن جن مان اهو فرض ڪجي ته هڪ طرف آمري، ڪُلي ۽ ميهي جي زمانن ۾ ڪو وڏو فرق آهي ۽ ٻي طرف نال ۽ ناندرا جي وچ ۾. اهڙي گروهه مان اسان ڪجهه جي ڪانون جي ڏهڙ جو شروعاتي دور ڏسون ٿا. جيڪو مڪمل اسريل آهي جڏهن ته ٻي گروهه مان نال ۽ ناندرا پولي ڪرومي جنهن جي پس منظر ۾ آمري، ڪُلي ۽ ميهي گروهه جي شروعاتي دور جي باڻ ڪروم هنرمندي استعمال ٿيل آهي. ڪُلي- ميهي مان ملندڙ ڪجهه جي ڪانون مثال طور پيالن، مڇين ۽ پيپل جي پن جا نقش نال ۾ به اختيار ڪيا ويا. سراورل استين جيڪا بلوچستان جي ڪجهه ماڳن جي درجه بندي ڪئي آهي ان مان اهو نتيجو ڪجهه ٿو ته ڪُلي- ميهي سان ملندڙ ڪانون جو تعلق نال

کان اڳ واري زماني سان آهي. منهنجي هٿان لڌل شاهدي جي ٻيهر نظرثاني مان اهو نتيجو ڪڍڻ ۾ مدد ملي ٿي ته آمري مان ملندڙ ٽڪر جي ٽانون جو تعلق موئن جو دڙي جي دؤر کان اڳ واري زماني سان آهي. ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته سنڌوماڙري جي زماني يا ان کان اڳ واري زماني ۾ آمري جي ٽڪر جي ٽانون تي اڪريل نقش هڪ ملڪ کان پي ملڪ تائين پهتا. واپاري لهه وچڙ جهڙوڪ جنهن جي شاهدي فارس ۽ ميسو پوٽيميا مان ملندڙ سنڌو ماڙري جون مهرون ان امر کي بيان ڪرڻ لاءِ ناڪافي آهي. ان کان علاوه سوميري ديوتا اباني، جنهن جو نقش موئن جو دڙو مان مليل مهرن تي آهي، پڙ ان سلسلي ۾ اٽپوريون شاهديون مهيا ڪن ٿيون. جن ماڻهن لڏپلاڻ ڪئي انهن ضرور پاڻ سان پنهنجون رسمون ۽ گلداني چترڪاري ڪڍي ويا هوندا جن جا آثار سنڌ جي مختلف شين ۾ محفوظ ٿيل آهن. پر اهو قطعي فيصلو ڪرڻ مشڪل آهي ته لڏپلاڻ اوير يا اولهه کان شروع ٿي. هڙپا ۽ موئن جو دڙي جي رهواسين لاءِ اهو چئي سگهجي ٿو ته اهي هندوستان کان ٻاهرين علائقي مان آيا جيتوڻيڪ انهن جون ڪجهه شيون فارس ۽ ميسو پوٽيميا جي ڪجهه شين سان هنرمندي مشابهت رکن ٿيون ۽ جن جو تعلق (Chelcolithic) زماني سان آهي. سنڌوماڙري جي ماڻهن جي فن ۽ عمارت سازي ۾ منفرد نقش آهن ان نتيجي تي پهچڻ ۾ مدد ڪن ٿا ته انهن اصليت ڪهڙي به هجي پر اهي صدين کان سنڌ ۾ آباد آهن ۽ هتي انهن جي تهذيب پنهنجي انتهائي ترقي تي پهتي."

ميرپورخاص ۾ ٻڌمت جا يادگار آثار موجود آهن. ميرپورخاص ريل جي حيدرآباد ۽ ماروار جنڪشن تي واقع آهي ۽ حيدرآباد کان اوير ۾ 42 ميلن جي مفاصلي تي آهي. اهو جديد بنيادن تي ٻڌل شهر آهي جيڪو مير علي مراد تالپر 1806ع ۾ تعمير ڪيو. ماڻڪاڻي ميرن 1793ع ۾ هي هنڌ هٿ ڪيو جڏهن ملڪ ميرن جي قبيلي جي مختلف ماڻهن ۾ ورهايل هو. اهو مير شير محمد خان جو مڪ شهر هو جنهن 1843ع ۾ ڏُبي جي ميدان ۾ ميرن سان ويڙهه ڪئي. شهر جي اتر ۾ اڌ ميل جي مفاصلي تي پراڻي شهر جا آثار آهن جيڪو 30 ايڪڙن جي ايراضي تي ڦهليل آهي جيڪو هڪ دڙي جنهن جو متاڇرو سروٽن ۽ قديم ٽڪرن تي مشتمل آهي. ٿوري کوٽائي مان معلوم ٿي وڃي ٿو ته اهي دڙا تمام پراڻين عمارتن جي نمونن جا اهڃاڻ آهن. آڳاٽن نمونن جي وڌين سرن جو ننڍين شيشن جي استعمال سان اهو معلوم ٿئي ٿو ته ان ماڳ جو تعلق ٻڌمت جي زماني سان آهي. هينئر ان ماڳ کي ڪاهو جو دڙو سڏيو وڃي ٿو. هتي ٻڌمت جو جيڪو استوپا مليو آهي ان جي کوٽائي هينري ڪزينس 1909 ۽ 1910ع ۾ ڪئي. 1919ع ۾ جي. ڊبليو سمٿ ٽرپارڪر ضلعي بابت هڪ گزيٽيئر سهيڙيو جنهن ۾ استوپا جو شروعاتي احوال ڏنل آهي. ان احوال جو هتي ذڪر ڪرڻ ضروري نه آهي. ان جي بدران هينري ڪزينس جي ڪتاب مان ڪجهه ٽڪرا پيش ڪجن ٿا. ان ڪتاب جو نالو "The Antiquities of Sindh in the historecal outline" آهي. ان ۾ ميرپورخاص ۾ واقع ٻڌمت جي دؤر جي آثارن جو ذڪر ڪيل آهي. هينري ڪزينس لکي ٿو ته ڪلر اڳ ئي پيتن جي ڪجهه

حصن تي حملو ڪري چڪا هئا ۽ ٻڌ جا اڪثر نقش به ان حملي کان محفوظ نه رهيا. اتر ۾ اولهندي نالي ٻيل جاءِ مان اڌ انچ اندر ته ٽيل بلور هٿ آيا آهن جن کي چيٽي سان ڪوٽي ڪيو ويو ۽ انهن کي گرم پاڻي ختم نه ڪري سگهيو هو. هتان جيڪو لوڻ مليو آهي اهو جپسم، سوڊيم سلفيٽ، سوڊيم ڪاربونيٽ، ريتي ۽ نامياتي مواد تي مشتمل آهي جنهن ۾ جپسم 891 آهي.

اولهندي پت جي هر پچاڙي ۾ وڏيون ڪليل جڳهون آهن. "انهن خالي جڳهين جي وچ ۾" هينري ڪزينس چئي ٿو. "مزارن جي وچ ۾ به ننڍيون جڳهيون آهن. اتر ۾ وينل ٻڌا جو نقش جنهن جا هٿ پڳل آهن ڏکڻ طرف اهو تقريباً تباهه ٿي چڪو آهي. هي جبو پنهي ڪلهن تي پائي ٿو جيئن اڪثر نقشن ۾ ظاهر آهي ۽ ڪنول جي گل تي وينو آهي جنهن جي پس منظر ۾ باهه جي اُلن جهڙا پن آهن. جيڪي جسم جي پٺيان هر طرف پکڙيل آهن. اڪيون بند ۽ مٿيان ۽ هيٺيان ڇپر مليل آهن. پانهون ٽوڙي کان پڳل آهن. اهي شايد هنج ۾ رکيون ويون پر اهو يقين ڪرڻ مشڪل آهي ڇاڪاڻ ته پيرن يا جنگهن ڪجهه به پڳل نظر نٿو اچي. ڪچي مٽي ۾ ڏسڻ هئڻ ڪري انهن کي شايد جسم جي باقي حصي سان نه ڳنڍيو ويو هجي ڇاڪاڻ ته اهو نقش پٿر ۾ اڪريل آهي. اهو ممڪن آهي ته هٿ پڙهائڻ جي انداز ۾ سامهون سينو تي ڪڇيل هجن."

"استوپا جي چوڌاري پيل ملبي جي اسان ڳاهوڙ نه ڪئي اسان صرف ايتري صفائي ڪئي ته جيئن پتيون ظاهر ٿي سگهن. ملبي مان اسان کي چنڊالي ٽيل سرون ملیون جيڪي پنهنجي فن جي اعليٰ نمونو پيش ڪري رهيون هيون. جيڪي نمونا مليا انهن ۾ چاپي نقش يا يوناني چٽ شامل آهن. صل ۾ يوناني اثر ڪيترن ٽڪرن تي واضح آهي ۽ اهو گندارا ۾ هند۔ يوناني آثارن سان لاڳاپو ظاهر ڪ ي ٿو."

"۽ وڏيڪ نشان، جيڪي خاص طور ڪپڙن مٿان لڳايا ويڻ، ڪثرت ۾ مليا، جيڪي معلوم ٿئي پيو ته ڪاريگر جي شڪل جا هئا، ۽ ڪلندڙ ڇهرن واريون ٽائلز پڻ مليون. ڪيترن ٽائلز مان، جن جي ساڄي هٿ تي هيٺ نقش چٽيل آهن، اهو معلوم ٿئي ٿو ته اتي هڪ مالها جو ٽڪرو هوندو. ڪاريگر جو نقش رقم ڏيندڙ کي ظاهر ڪرڻ جو انهن ڏينهن ۾ شايد عام طريقو هجي ڇاڪاڻ ته ان جي ساڄي هٿ ۾ جهليل رقم جو ٿيلهو ان طرف اشارو ڪري ٿو. مان ان ڳالهه سان متفق نه آهيان ته هو دولت جي ديوتا جو مظهر آهي. مينار جي چوڌاري جيڪي وقفي سان پلستر چڙهيل هو ان جا ٽڪرا به مليا آهن. اهي آثار ٿل ميرڙڪن جي اهڃاڻن ۾ به نظر اچن ٿا."

هن ٻيل کو اهڙو واضح نشان نه آهي جنهن مان استوپا جي اصلي شڪل جو اندازو لڳائي سگهون ۽ ٻين استوپن سان پيٽ ڪندي ان جي پوري عمارت جو نقش ڪيڻ ڏکيو نه آهي. اتي ڪافي آثار موجود آهن جن مان اندازو ٿئي ٿو ته ڊانچي جو سڀ کان هيٺيون حصو وڏو چورس ٿهه خانو هو جيڪو هڪ ڪنڊ کان پي ڪنڊ تائين 6۔ 33 فوٽ ۽ ڊيگهه 6۔14 فوٽ هو. ٿهه خانو 17

فوٽ اوچو هو. ان جي مٿان نليدار مينار تعمير ٿيل هو جنهن جو قبو پنهنجي قطر ۾ 37 يا 38 فوٽ اوچو هو. مينار جي بنياد جي چوڏاري تراکڙو چبوترو هو ۽ وڏي تهه خاني جي چوٽي تي وضوخانو هو. ان جي کل اوچائي 55 فوٽ هئي. ٽل مير رُکن وانگر. مينار تي هڪ يا وڌيڪ پلستر جا تهه چڙهيل هئا جنهن جي مٿان بُٽ يا موڙيل سرون لڳل هيون. ممڪن آهي ته جڏهن قبي جي تعمير مڪمل ٿي هجي ته ان کي چٽي جو ڍڪ ڏنو ويو هجي."

"تهه خاني جي ٽن رخن اتر، اوپر ۽ ڏکڻ وٽ ٻڌ جا ٽي نقش هئا. جڏهن مان پهت تان تهه لاٿو ته اتي ست يا نو هڪ قطار ۾ هئا. ٻه انهن مان گم هئا. هڪ وچ جي ڏاکڻي طرف واري خالي پيل جاءِ مان ۽ ٻي اوپر طرف کان."

اهي سڀ نقش، جيڪي اڏاوت زندگي جا آهن، ائين اڪريل آهن جيئن ڪوئي مراقبي جي انداز ۾ هڪ جنگهه ٻي جنگهه جي مٿان رکي هٽ هنج ۾ رکي ۽ ترين متين پاسي ڏانهن هجن. ڪن ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته ٻڌ ڪنول جي گلن تي ويٺو آهي جڏهن ته ٻين ۾ ڇٽن جنگهن جي استول تي. ٻڌ جا جيڪي نقش چٽيا ويا آهن انهن ۾ جيو ڳاڙهو ۽ چهرو سونهري رنگ جنهن تي ڪارا وار ۽ ڪارين اکيون آهن. معلوم ٿئي ٿو ته ان مقصد لاءِ پچائڻ کان اڳ ان تي اندي جي کل جو تهه چاڙهيو ويو. هن جو جسم ڪپڙن سان ڍڪيل آهي جنهن جي مٿان ڏگهو جبو پيل آهي جيڪو ٻنهي ڪلهن کي ڍڪي ٿو ۽ ڪيترن تهن ۾ لڙڪيل آهي. معلوم ٿئي ٿو ته ڄُبي جي هيٺان هن کي پٽلون پهريل آهي جنهن جو اندازو جبي کان هيٺ نظر ايندڙ جنگهن مان ٿئي ٿو. ويهڪ جي هيٺان لڙڪندڙ جبي ۾ ٻئي ٻانهون ڪارائي تائين ڍڪيل آهن. هڪ ڪانسواءِ باقي نقشن ۾ وار ننڍا گهنڊيدار قسم جا آهن جڏهن ته اتر طرف نصب ٿيل نقش ۾ اهي سڏا آهن. اڪثر نقشن ۾ اکين جي وچ ۾ ٻڌجي خاص نشاني لڳل آهي جيڪا روشن خيالي (ٻوڌي) کي ظاهر ڪري ٿي. جيئن ته اها ڦرڙي جي شڪل بدران ڏگهي منڊي آهي ممڪن آهي ته ان سان ڏاتوئي بٽڻ ڳنڍيو ويو هجي. متي جي چوٽي تي ٻُجي (اُشنشا) موجود آهي جيتوڻيڪ اهو نمايان نه آهي. ڪن جون پاڙيون ڏگهيون ۽ لٽڪيل آهن جڏهن ته ڪجهه نقشن ۾ اکيون ڪليل ۽ ٻين ۾ اڌ بند آهن. متي جي پويان نُور جو دائرو ڏيکاريل آهي جيڪو سڏن وارن کان سواءِ ٻين نقشن ۾ نه آهي جنهن ۾ ڪنول جي گلن بدران روايتي پن ڏيکاريل آهن."

جيڪي چيڪي متي جون ٽڪيون مليون آهن، اهي سبب اڻ پڪل چيڪي متي مان ٺهيل آهن. اولهندي منهن جي آڏو اصلي سطح کان 6 فوٽ متي لڏل انهن ٽڪين مان ظاهر ٿئي ٿو ته استوپا عبادت جو مرڪز هو. انهن جون مختلف ماپون 6 انچن کان وٺي 1½ انچ تائين آهن ۽ بيضوي شڪل رکن ٿيون. ڪجهه ته ٻڌ جا نقش آهن جن ۾ هي جنگهون هڪٻئي جي مٿان رکي ويٺو آهي ۽ سندس ساڄو هٿ شاهدي ڏيڻ جي انداز ۾ آهي جنهن مان هن کي روشن خيالي (ٻوڌي) جو اهجاڻ ڪري ڏيکاريو ويو آهي. ٻين تي هن کي يوروپين نموني ويهاريل ڏيکاريو ويو آهي جنهن ۾ هن جون جنگهون

هيٺ لڙکيل، هٿ پرچار ڪرڻ جي انداز ۾ سيني تي رکيل ۽ هرڻ باغ ۾ تقرير ڪرڻ آهي. جبو نمايان انداز ۾ ڏيکاريل نہ آهي پر ڪجهہ تي ان جي چيڙي جو نقش اپريل آهي جيڪو ڪاپي ڪلهي کان ڪمر تائين وڃي ٿو ۽ پٽين تي پراڻن نقشن جي ابتڙ ان ۾ ساڃو ڪلهو اگهاڙو ڏيکاريل آهي."

انهن ٽڪين سان گڏ 36 ٽامي جا سڪا پڻ مليا آهن جيڪي ظاهر ڪن ٿا تہ اهي نڏراني طور ڏني ويا هجن. انهن تي زنگ جا گول ديرا هئا جن جي اندر ڪٽ چڙهيل ٽامي جي ڳر ۽ مٽان عربي نقش هئا. ڪجهہ تي هڪ طرف چئن پنن وارا گل هئا جنهن مان يا جيڪي اکر پڙهڻ لائق هئا اهو معلوم ٿئي ٿو تہ انهن جو تعلق شروعاتي عرب زماني (سنڌ ۾) سان آهن ۽ جن جو ذڪر برهمڻ آباد ۾ ڪيو ويو آهي. جنهن حيثيت ۾ اهي ٽڪيون مليون ۽ عربي سڪا مليا آهن انهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهي اسٽوپا وٽ نڏراني طور سنڌ ۾ عربن جي اچڻ کان پوءِ ڏنا ويا جنهن تعلق انين صدي عيسوي جي شروعات سان آهي. اڻ پڪل ۽ نرم چيڪي مٽي جون ٽڪيون ان طرف اشارو ڪن ٿيون تہ اتي ٻڌ پڪشو موجود هئا جيڪي هڪٻئي سان سڪن جي ڏي وٺ ڪندا هئا. ٽامي جا سڪا پکڙيل مليا آهن جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ جڏهن ڪجهہ حاجي اتان گذريا ۽ انهن سڪا اتي اڇلايا تہ اسٽوپا جو زوال اچي ويو ۽ انهن کي ميڙڻ لاءِ پڪشو موجود نہ هئا."

اسٽوپا جي اولهندي منهن وٽ مرڪزي عبادتگاهہ مان لڌل پٿر جو مجسمو دلچسپي ڪان خالي نہ آهي. جهل واري سر جي مرڪزي حصي جي ڪوٽائي، جنهن سان ڪمر و پرجي ويو هو. اهو پٿر، جنهن جي ماپ 30½ انچ ڊيگهہ ۽ 12½ انچ ويڪر آهي، بيئل حالت ۾ مليو جيڪو اتر واري پٽ ڏانهن جهڪيل هو. ان جا پير پڳل هئا ۽ نہ مليا. مجسمو ڪنهن اهم ماڻهو جي تصوير محسوس ٿئي ٿي ۽ انهلواڌ پٽن ۾ ونراج جي تصوير جي ياد ڏياري ٿي. اهڙي قسم جي تصوير ابو جي دلورا سندرن ۾ تيج پال، وستوپال ۽ ٻين جي پڻ ياد ڏياري ٿي. ان جو ٻڌ جي دور سان تعلق نہ آهي تہ ڇاڪاڻ تہ ان ۾ مٽي جي چوڌاري نور جو علامتي دائرو نہ آهي ۽ نہ انهن نقشن جهڙو آهي جيڪي ٻين هنڌن تان مليا آهن. صورت ساڃي ڇنگهہ تي بيئل انداز ۾ آهي جنهن جو ساڃو هٿ ڇاتين جي مرڪز وٽ آهي ۽ ان ۾ ڪنول جو گل آهي. هن جا ڪپڙا سادا آهن. جيئن جين مذهب جا پوڄاري مزارن ۾ عبادت وقت پائيندا آهن. اهو هڪ ڪمربند هوندو آهي جنهن جو وڪڙ ڪاپي طرف پويان لڙکندو آهي. ممڪن آهي تہ انهن کي هيٺان ڪو ڪپڙو پاتل هجي جيڪو گوڏن تي ڏسي سگهجي ٿو يا هڪ ڪپڙي جو اندر ڏنل وڪڙ ڏسي سگهجي ٿو. هن کي تفصيلي مٽي جي پوشاڪ پهريل آهي جيڪي لهوارين وڪڙن ۾ ترتيب ڏنل آهن. ان جي هيٺان لڙکندڙ وڪڙ آهن جيڪي ڪلهن تي ڪريل آهن. مان سمجهان ٿو تہ ان ۾ ڪوشڪ نہ آهي تہ اها وِگ آهي ۽ اهڙيون وگون پاتل تصويرون اورنگ آباد جي هڪ ٻڌ دور واري غار ۾ ڏسي سگهو ٿا. شروعاتي مجسمن ۾ اهي عام آهن. مجسمي تي چترڪاري ٽيل آهي جنهن جو سونهري يا اڇي رنگ، ڪمربند ڳاڙهو جڏهن تہ وگ، پروون، ڇپر ۽ مڇون ڪاري رنگ

جون آهن. منهنجو يقين آهي ته مجسمو استوپا ناهيندڙ ڪنهن فرد جو آهي. هن جي ڪاپي هٿ ۾ پئسن جو ٿيلهو ان طرف اشارو ڪري ٿو ته فنڊ جو ذريعو ڪهڙو هو. جيڪڏهن ائين آهي ته استوپا جي ڪاپي پاسي ان نقش کي مقدس نقش قرار نٿو ڏئي سگهجي.

سيني شين کي نظر ۾ رکي ميرپورخاص جي ان استوپا جو تعلق 400 عيسوي صدي سان نه پر ان کان اڳ واري زماني سان تعلق آهي. اهو ممڪن آهي ته موجوده استوپا ڪنهن پُريل استوپا جي ٻيهر تعمير هجي جنهن جو حڪم اشوڪ ڏنو هجي ته جيئن ٻڌمت جي ان ۾ ٻين آثارن کي محفوظ ڪري سگهجي. پر يقيناً اهو هڪ خيال آهي. حقيقت اها آهي ته استوپا جي چوڌاري خانقاهن جا آثار آهن. ڪاهيون، جنهن مان پٿين مان سرون هٽايون ويون آهن، اسان کي گندارا جي خانقاهن جي نموني جهڙا نقشا پيش ڪن ٿيون.

سنڌ ۾ اهو استوپا پنهنجي نموني جو رڳو اڪيلو مثال نه آهي پر اهڙا اسان کي مورو پرسان مير رُکن، برهمڻ آباد لڳ ڏيپر گهانگهرو، ٽنڊو محمد خان پرسان سُڌرن جو ڏڙو ۾ هڪ جهڙ پرسان مليا آهن. سُڌرن جو ڏڙو جي تجزيي مان مسٽر پندرڪر ان نتيجي تي پهتو ته ٽنڊو محمد خان لڳ. استوپا جا آثارن مان اصلي استوپا جو تعلق ڪنيشڪا جي دؤر 100 عيسوي سان تعلق رکي ٿو. هي چئي ٿو ته "اسان غلط نه ٿيندا سين جيڪڏهن ان جو تعلق عيسوي سن جي شروع واري زماني سان سمجهيو وڃي." ان نقطي تي ڳالهائيندي هينري ڪزينس چئي ٿو "جيڪڏهن اسان اهو ان استوپا لاءِ قبول ڪريون ٿا ته اسان کي ميرپورخاص، ٽل مير رکن ۾ سنڌ ۾ ٻين اهڙن ماڳن لاءِ به ساڳيو نظريو قبول ڪرڻ گهرجي." جنرل هيگ جي راءِ مطابق سواندي، جنهن جو ذڪر مجمل التواريخ ۾ آهي، ڪشمير جي هڪ بادشاهه سنڌ تي ڪاهه دوران تعمير ڪيو. سواندي ٻڌمت جو هڪ عظيم ماڳ هو ۽ ڪسيتر چئي ٿو ته هن ان جي سجاڻپ ڏيپر گهانگهرو سان ڪئي آهي. هي وڌيڪ چئي ٿو ته مان ڏڻي جي شڪل ۾ استوپا جا آثار ڳولهي لڌا. شايد ان کي ڪشمير بادشاهه تعمير ڪيو هجي. منهنجي خيال ۾ اهو ڪنشڪا هو جيڪو ڪشن بادشاهن مان اڪيلو بادشاهه آهي جنهن کي هندوستان کان ٻاهر به مقبوليت حاصل ٿي. هن جي بادشاهت ۾ سنڌ به داخل هئي."

اروڙيا الور ستين صدي عيسوي ۾ اروڙ بادشاهت جي راڄڌاني هو. ان جي بنياد بابت ڪجهه چئي نٿو سگهجي پر جيئن ته مسلمانن هٿان سنڌ فتح ٿيڻ کان پوءِ (711) اهو شهر هڪ يا ٻه صديون موجود رهيو ان ڪري اهو چئي سگهجي ٿو ته ان جو بنياد پنجين يا ڇهين صدي عيسوي ۾ وڌل هجي. چچ نامه، جنهن کي تاريخ هند پڻ سڏجي ٿو الور شهر بابت ذڪر ڪندي ٻڌائي ٿو ته ان ۾ ڪيترين ئي شاهي عمارتون، ٽنيا، باغ، ڦوهارا، وڻ، چراگاهه ۽ وهڪرا تعمير ڪيا ويا. اهي سڀ مهراڻ ندي جي ڪناري تي جوڙيا ويا. الور سنڌوندي جي گم ٿيل ڪپ تي آباد هو جنهن بابت ڪيترائي انومان آهن. ٽامس پيننٽ جي نقشي ۾ (1798) ان ندي کي ستلج جي اوپر ۾ هماليه کان نڪرندي ڏيکاريو

ويو آهي جيڪا ماضي ۾ عمر ڪوٽ وٽان ڪڇ جي نار ۾ وهندي هئي. اتي ان کي گهاگرندي سڏيو وڃي ٿو جيڪا هاڪڙو جي شاخ هجي. ڪڇ عرصي کان پوءِ اها هڪ ندي جي صورت ۾ وهڻ بند ٿي وئي. ان جو پيٽ نارا (نالا) هڪ شاخ طور ڪم ڏيندو هو جنهن ذريعي سنڌوندي جي ٻوڏ واري پاڻي کي ڏورو پراڻ ڏانهن موڙيو ويندو هو. اها سنڌوندي جي پراڻي شاخ هئي.

اروڙيا الور جا آڪاڻا آثار روهڙي جي ڏکڻ- اوپر ۾ نارا ڪناري جي اوپرندي ۾ موجود آهن. 711ع ۾ محمد بن قاسم هٿان سنڌ فتح ٿيڻ وقت اروڙ سنڌ جي راڄڌاني ۽ بادشاهه ڏاهر جي رهائشگاهه هو. عربن پنهنجي راڄڌاني منصوره ۾ ٺاهي ۽ اروڙبن سؤ سالن کان وڌيڪ هندن جي شهر طور موجود رهيو. ان کان پوءِ اهو ڦٽي ويو. برهمڻ آباد جي بادشاهه دلوراءِ کي ان شهر جي تباهي جو ذميوار قرار ڏنو ويو آهي پر اتي ڪجهه شڪ آهي ته اٽين صدي عيسوي جي وچ ڌاري جڏهن سنڌو درياءَ ان جي پرسان وهڻ بند ڪيو ته ان شهر جي تباهي شروع ٿي. ڪجهه عرب جاگرافيدانن ان شهر جو نالو ال_ رور بيان ڪيو آهي ۽ جيڪڏهن اهو انومان صحيح آهي ته ال عربي جو اکر آهي ۽ شهر جو نالو رور هو ۽ هٿان جا رهواسي ان هنڌ لڏي ويا جتان سنڌوندي وهڻ شروع ڪيو هو ۽ شهر جو نالو به ڪٽي ويا جنهن کي هاڻي روهڙي سڏجي ٿو. ڪجهه پاڻي سنڌوندي جي پراڻي هنڌ گهٽي عرصي تائين موجود رهيو ۽ ڪجهه فرد ان جي ڪنارن تي آباد رهيا. اتي اورنگزيب عالمگير جي مسجد جا ڦٽل آثار به موجود آهن. ان کان علاوه شڪرگنج شاهه ۽ ختال الدين شاهه جيڪو سيوهڻ جي لعل شهباز جو همعصر هو جون مزارون پڻ موجود آهن. شهر جا ڦٽل آثار ٽاڪرو ميدان تي ڦهليل آهن جتان سنڌوندي جو پراڻو پيٽ نظر اچي ٿو. وڏي قسم جون پراڻيون سرون هٿ آيون آهن ۽ مينهن وسڻ کان پوءِ ڪجهه سڪا پڻ مليا. روهڙي کان پل ٽپي هنن آثارن تائين پهچي سگهجي ٿو. اها پل ان شهر کان پراڻي آهي. اُرڪيالاجيڪل سروي جي سپريٽنڊنٽ جي راءِ مطابق ان پل جي اڏاوت شايد عالمگير جي مسجد جوڙائڻ جي زماني ۾ ٿي هجي.

تحفة الڪرام مطابق هڪ هندو گهراڻي اروڙ تي هڪ سؤ ستٽيهه سال حڪومت ڪئي جڏهن هندو راجا راءِ سهاسي هڪ برهمڻ چچ کي پنهنجي ملازمت ۾ رکيو ۽ جلد ئي هو راجا جو مڪ وزير بڻجي ويو. چچ پنهنجي راجا جي زال سوهاندي جي عشق ۾ مبتلا ٿي پيو. جڏهن بادشاهه مري ويو ته چچ تخت تي قبضو ڪيو. تحفة الڪرام مطابق اهو واقعو 622 عيسوي ۾ ٿيو. چچ نامه ۾ سنڌ جي آڪاڻي تاريخ جو چٽو احوال ڏنل آهي جنهن ۾ هندو بادشاهت جي خاتمي تائين سنڌ جي حالتن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. محمد بن قاسم 711 عيسوي ۾ سنڌ فتح ڪئي. اروڙ جي پرسان سنڌوندي جي پراڻي پيٽ واري هنڌ ۾ پٿر لڳل آهن جنهن بابت اندازو آهي ته اهي سنڌو ندي جي پراڻي وهڪري جا اهڃاڻ آهن جڏهن ان کي مهراڻ جي نالي سان سڏيو ويندو هو. شهر پڪين سرن سان اڏيل آهي ۽ ڪرين ۾ پٿر استعمال ٿيل آهي. اهو خيال معلوم ٿئي ٿو ته 962 عيسوي ۾ زلزلي سبب درياءَ پنهنجو

رستو بدلايو. جيتوڻيڪ اهو هندو راجائن جي راڄڌاني هو جن سنڌ تي سوين سال حڪومت ڪئي، هندو آرڪيٽيڪچر جو ڪوبہ نمونو نہ مليو آهي. ڪجهہ غير اهم يادگارن کان سواءِ ان شهر سان لاڳاپيل ڪابہ شي موجود نہ آهي ڇاڪاڻ تہ سڪندر اعظم هٿان ننڍي کنڊ جي فتح کان وٺي خليفن جي جنرلن تائين ڪوبہ احوال موجود نہ آهي. تاريخ معصومي ۾ لکيل آهي تہ محمد بن قاسم ثقفي 711 عيسوي ۾ راجا ڏاهر کي شڪست ڏئي، جنهن ۾ هو مارجي ويو شهر هٿ ڪيو. آرڪيالاجيڪل سروي آف انڊيا جي 30_1929 واري سالياني رپورٽ ۾ اين. جي مجمدار پنهنجي مضمون "ايڪسپلوريشنز آف سنڌ" ۾ ارڙو شهر جو تجزيو ڪندي لکي ٿو. "جونوجي رستي سان گڏ، جنهن کي مقامي طور ڳڙهي گور سڏيو وڃي ٿو اروڙ ڀوٽ جي اتر- اوپر ۾ ننڍن ڏڙن جو جهڳٽو آهي جنهن جي وڏ ۾ وڏ اوچائي 8 فوٽ هوندي.

هڪ ڪاهي مان لڌل سرن، جن تي نقش اڪريل آهن، جو تعلق ستين يا اٺين صدي عيسوي سان آهي جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ هي شهر عربن جي اچڻ کان اڳ هندن جي بادشاهت جو حصو هو. روهڙي جي ڏکڻ ۾ 3½ ميلن جي مفاصلي تي هاڪڙا ڀوٽ آهي جنهن ۽ اروڙ جي وچ ۾ هينئر نارا ڪئنال وهي ٿو. 1855ع ۾ ڪئپٽن ڪربي ان ڪئنال جي کوٽائي جو احوال ڏنو" ان عظيم نارا ڪئنال جي کوٽائي ۾ اسان کي ڏهن فوٽن جي اونهائي ۾ ميدان جي سطح تي وڏي انگ ۾ گهرن جا بنياد نظر آيا. انهن آثارن مان چيڪي مٽي جي سرن جا ڪجهہ ٽانو هٿ آيا جن ۾ پيئڻ جا ڪوپ، ڪوجا، پاڻي جا تيسارا ۽ وڏي انگ ۾ ٻارن جا راندڪا هٿ آيا. 10 فوٽن جي اونهائي ۾ دفن ٽيل ان شهر اسان کي هاڪڙا ڀوٽ وڃڻ تي مجبور ڪيو. هڪ ٻڌي شخص ان احوال جي تصديق ڪئي ۽ اسان کي نارا ڪئنال کان ٻہ ميل ۽ هڪ فرلانگ پري وٺي ويو ۽ ان جڳهہ جي نشاندهي ڪئي جتي سابريز صاحب گذريل زماني ۾ ڪئنالن جي وچ ۾ قائم بازار ۾ ايندا هئا پر هينئر اتي لکيل ڀانڄن جا ڪي ٻہ آثار موجود نہ هئا. هتي اهو ممڪن آهي تہ ان جي پرسان واري علاقي جي کوٽائي ڪرڻ سان اسان کي تاريخ جي دؤر کان اڳ قائم ٽيل آبادين جا آثار ملن." هن گزيٽيئر جي سهيريندڙ پاڻ 1956ع ۾ ارڙو ماڳ جو دؤرو ڪيو جتي هن غير هموار درڙا ڏٺا جن ۾ ٽڪر جا ٻڳل ٽانو ۽ ٽامي جا سڪا موجود هئا. ديبل يا ڀنيور جي يقيني هنڌ بابت ڪجهہ چئي نٿو سگهجي. انهن جڳهن جي سچاڻپ لاءِ وڏي عالماڻي گفتگو جي ضرورت آهي. اهو يقين سان نٿو چئي سگهجي تہ ان سلسلي ۾ ڪا متفق راءِ سامهون آئي آهي. ديبل جي معنيٰ آهي مندر جيڪو پوڄا جي ڪجهہ هندو هنڌن بابت اشارو ڪري ٿو ۽ ممڪن آهي تہ اهو نالو هڪ کان وڌيڪ جاين لاءِ استعمال ٿيندو هجي. ايبٽ پنهنجي احوال "سنڌ- اي ري انٽرپريٽيشن" ۾ لکي ٿو. "ديبل نالي جي هن وقت تائين موجودگي ۾ ڪو فرق نہ آهي. ايسٽ انڊيا ڪمپني جي ڪاميٽي جيڪي فينل ۽ پوءِ سرهيزي مڊلٽن کي 1610ع ۾ جيڪي هدايتون ڏنيون انهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ديبل وٽ هڪ فيڪٽري قائم ڪرڻ جي رٽ ٻہ

هئي. پينٽن ديبل کي هڪ بندر قرار ڏئي ٿو جتي 1613ع ۾ سر رابرٽ شرلي لٿو. نٽي ۾ برطانوي ايجنٽ (1799ع) نٽي بابت لکي ٿو ته اهو سنڌي ديبل هو. آڪاڻي عرصي ۾ عرب ليکڪ الادريسي ديبل کي وڏي آبادي وارو شهر سڏيو "پر ان جي مٽي زرخيز نه آهي ۽ ڪتل جي وڻ کان سواءِ اتي ڪو مشڪل سان وڻ ڦٽي ٿو." جابلو علائقو خشڪ ۽ ميدان خالي آهن. گهر ڪچي مٽي ۽ ڪاٺ مان تعمير ٿيل آهن. پر هنڌ ان ڪري آباد آهي جاڪاڻ ته اها سنڌ ۽ ٻين ملڪن جي ٻيڙن جي اسٽيشن آهي. عمان جي پيداوار سان پريل ساموندي جهاز ۽ هندوستان ۽ چين جون شيون ڪٽي ايندڙ ٻيڙا ديبل وٽ لنگر وجهن ٿا. اهي چين مان اوني ڪپڙو ۽ ٻيون شيون ۽ هندوستان مان عطر ۽ خوشبودار ٻوٽا ڪٽي اڇن ٿا. ديبل جا رهواسي، جيڪي مجموعي طور شاهوڪار آهن، اهي شيون خريد ڪري انهن جو ذخيرو ڪن ٿا جيستائين ٻيڙا وڃن ٿا ۽ انهن جي قلت پيدا ٿئي ٿي.

الاصطخري، جنهن 961_956ع ۾ لکيو، مطابق ديبل مهراڻ جي اولهه ۾ واقع هو. ابن حوقل به ان خيال جو آهي. الادريسي ان کي مهراڻ جي وات کان 6 ميل اولهه ۾ ڄاڻايو آهي. انهن سيني کان اڳ مسعودي اولهه ۾ ٻه ڏينهن سفر ڪيو. پراڻي تاريخ مطابق جڏهن راجا ڏاهر کي 711ع ۾ پنهنجي شڪست جي ڄاڻ ملي. هن ان کي باهه ڏئي ڇڏي ۽ چيائين اها گهٽ ذات ۽ واپارين جي رهڻ جو هنڌ هو. ڇچ جي حڪمراني جي ڇٽيهين سال ۾ مغيره عربستان مان اچي سنڌ تي حملو ڪيو پر ديبل شهر جي ٻاهران قتل ٿي ويو. محمد بن قاسم جي ڪاهه وقت سنڌ تي راجا ڏاهر جي حڪومت هئي ۽ هن جي راڄڌاني اروڙ يا الور هئي. تاريخ مان ڄاڻ ملي ٿي ته سنڌ مان عربن جي ڪاهه ۽ ديبل فتح ڪرڻ وقت اهو شهر اهم واپاري بندر هو ۽ اتي ڪيترائي دولت سان مالا مال مندر هئا جتي برهمڻ مسلسل پنهنجي عبادت ڪندا هئا.

جنهن وقت عربن سنڌ فتح ڪئي ٻڌمت جو زوال شروع ٿي جيڪو هو ۽ برهمڻ ازهه کي هڪ پيرو ٻيهر مذهب طور بالادستي حاصل ٿي رهي هئي.

30_1929 جي آرڪيالاجيڪل سروي آف انڊيا ۾ اين. جي مجمدار "ايڪسپلوريشنز ان سنڌ" ۾ لکي ٿو "اسان جي پهرين منزل نارٿ ويسٽرن ريلوي جي ڪوٽڙي- ڪراچي لائين تي داهيجي ريلوي اسٽيشن پرسان گهارو هئي. اسان ڪراچي مان ان خيال سان روانا ٿياسين ته گهارو کان 3½ ميل پري گهارو ڪريڪ تي واقع پنيور شهر جو معائنو ڪيون. اهو سسئي ۽ پنهون جي قصي سبب به مشهور آهي جنهن بابت سنڌ جي رهواسين کي ڄاڻ آهي. ڏڙي کي مقامي طور سسئي- جو- ٽڪر سڏيو ويجي ٿو. اهو تقريباً 50 فوٽ ڊگهو آهي ۽ شايد 711ع ۾ عربن جي حملي کان گهارو ڪريڪ کي بچائڻ لاءِ تعمير ڪيو ويو. ان تاريخ جو اشارو ڪاشي جي ٽانون ۽ سنڌ جي حڪمرانن جي ٽامي جي سڪن مان ملي ٿو. اتي پٿر جي پت پرسان ڪاشي جي ٽانون جي ٽڪرن سان گڏ ٽامي جا اسي ٽڪرا مليا آهن."

گهارو شهر جي پرسان پنيور جا ڦٽل آثار نٽي ضلعي جي ميرپور ساڪرو تعلقي ۾ آهن. ان کي ڪافر سڏيو ويو ڇاڪاڻ ته اهو فرض ڪيو ويو ٿو ته مسلمانن هٿان 711 عيسوي ۾ سنڌ جي فتح کان اڳ ان جو وجود هو. اهو چيو ويو ٿو ته ڪافي شاهديون موجود آهن جنهن مان فرض ڪيو ويو ته انهين صدي عيسوي ۾ ان پراٽي ماڳ کي ديبل يا ديول سڏيو ويندو هو ۽ اهو پهريون شهر هو جنهن تي مسلمان فاتح محمد بن قاسم حملو ڪيو. چيو ويو ٿو ته هن جنرل جيڪي منجنيقون استعمال ڪيون اُهي سمنڊ جي ذريعي آندیون ويون ۽ اهو سنڌوندي جي ڊيلٽا جي اولهندي حصي تي سنڌ جو مُک بندر هو. اهو پڻ چيو ويو ٿو ته هي آڪاٿو شهر ماضي جي دؤر جا آثار سانديي وينو آهي جنهن ۾ قلعي جا بُرج، بچاءَ جا مورچا، مينار ۽ گهر شامل آهن. ان کان علاوه وڏي انگ ۾ سڪا پڻ ملیا جيڪي گهٽي مينهن سبب ميسارجي ويا هئا. تباهي وقت اتي هڪ مندر هو جيڪو قلعي جي پاڪائي سبب مشهور هو ان ڪري مسلمان تاريخدانن ان شهر کي ديول يا مندر سڏيو پر اهو يقين سان چيو ويو ٿو ته مسلمانن جي فتح کان اڳ ان کي مهرا يا ماسوَر سڏيو ويو.

پنيور هڪ دڙي جو مقامي نالو آهي جيڪو گهارو ڪريڪ جي اترين ڪناري، گهارو ڳوٺ کان ساڍن ٽن ميلن جي مفاصلي ۽ ڪراچي جي روڊ کان اڌ ميل پري واقع آهي. قلعي ۽ سندس پٽين ۽ قلعي جي برجن جا آثار نمايان آهن ۽ ڀڳل سرن جي ڊگهن مان پراٽا سڪا مينهن وسڻ کان پوءِ وڏي انگ ۾ ملیا آهن. دڙي کان هڪ ڊيم اتر ۾ ٺاڪرو ميدان تائين تعمير ٿيل ملیو هو جيڪو مينهن جي پاڻي کي ذخيرو ڪري ان کي ڊنڊ جي شڪل ڏيندو هو. جيئن ته گهارو ڪريڪ سنڌوندي جي انتهائي اولهندي شاخ آهي ان ڪري شايد اها سڀ کان پراٽي آهي. ان سان اها ڳالهه واضح ٿئي ٿي ته نٽي يا ٻي ڪنهن ماڳ بدران پنيور هنڊن جو شهر هو جنهن کي ديبل سڏيو وڃي ٿو ۽ اهو پهريون شهر جنهن تي محمد بن قاسم سنڌ فتح ڪرڻ وقت حملو ڪيو. پر اتي ڪنهن به شهر جا آثار نه آهن ۽ ان امر جي نشاندهي به نه ٿئي ٿي ته اهو کهڙي طرف ۾ ڦهليو.

چيو وڃي ٿو ته انهين صدي عيسوي جي وچ ڌاري زلزلي سبب پنيور تباهه ٿيو جڏهن برهمڻ آباد به تباهي جو شڪار ٿيو. تحفة الڪرام جي مطابق سسئي کي پنيور جي هڪ ڏوبي پنهنجي هنج ۾ ورتو. گهارو ڪريڪ جي اسسٽنٽ سرجن 1836ع ۾ لکيو نٽي جي اتر ۾ گهارو طرف وهندڙ شاخ سڌ سال اڳ بند ٿي وئي هئي. اهڙي طرح نٽو ڊيلٽا کان اڳ ٿيو.

پنجاهه سال پوءِ ڳهار شاخ، جيڪا هينئر ڪٽنل جي شڪل ۾ آهي، لٽجي وئي ۽ ڊيلٽا جي چوٽي سمنڊ کي ويجهو ٿي. انڪري اهو معلوم ٿئي ٿو ته پنيور يا ديبل، جيڪڏهن ٻنهي کي ساڳيو ماڳ قرار ڏجي، گهٽو وقت اڳ سمنڊ سان سڌي رابطي کان ڪٽجي چڪو هو. سنڌوندي جي لٽجي ويل وات واري موجوده هنڌ مان اهو اندازو لڳائڻ مشڪل آهي ته ان وقت هتان جي کهڙي حالت هئي جڏهن سنڌ سان واپار ڪرڻ لاءِ ٻيڙا هتي لنگر انداز ٿيندا هئا.

ابن حوقل 976 عيسوي ۾ منصوره جو هنن لفظن ۾ ذڪر ڪري ٿو " منصوره ڏيڍ ميل ويڪرو آهي ۽ سندس چوڌاري مهراڻ جي شاخ آهي. اهو ٻيٽ وانگر آهي ۽ هتان جا رهواسي مسلمان آهن. آبهوا گرم آهي ۽ ڪتل جا وڻ ڦٽن ٿا پر انگور يا صوف جي پيداوار نه ٿئي ٿي. ڪمند جام ٿئي ٿو. هتي صوف جي ماپ جيترو هڪ ميوو ٿئي ٿو جنهن کي ليمو سڏجي ٿو. انب جي پيداوار به ٿئي ٿي جيڪو شڪل ۽ ذائقي ۾ آڙو جهڙو آهي. اهو گهٽي مقدار ۾ ۽ سستو آهي. قيمتون گهٽ آهن ۽ خوراڪ جهجهي مقدار ۾ موجود آهي. ملتان منصوره جي اڌ جيترو آهي. ملتان ۽ منصوره جي اڪثر حصن ۾ بولي عربي ۽ سنڌي ٻالهائي وڃي ٿي. مڪران ۾ اهي مڪراني ۽ فارسي استعمال ڪن ٿا. سپ ننڍا ڪُرتا پهرين ٿا جڏهن ته واپاري عراق ۽ فارس جي ماڻهن وانگر صدري ۽ چوغو پائين ٿا." جاگرافيدان الادريسي منصوره بابت پنهنجي احوال ۾ لکي ٿو "جنهن بابت اسان ٻالهايون ٿا اهو وڏو آبادي سان ڀُتيل، شاهوڪار ۽ تجارتي آهي. ان جي پسگردائي زرخيز آهي. عمارتون سرن، چٽيل سرن پلستر سان تعمير ٿيل آهن. اها تفريح ۽ وندر ورنهه جي جاءِ آهي. واپار وڏي رهيو آهي. بازار ماڻهن سان ڀريل ۽ سامان جهجهي مقدار ۾ دستياب آهي. هيٺين طبقي جا ماڻهو فارسي پوشاڪ پهرين ٿا جڏهن ته شهزادا چوغا پائين ٿا ۽ هندوستان جي شهزادن وانگر ڍڳها وار رکن ٿا. مڇي جهجهي مقدار ۾ آهي. گوشت سستو آهي ۽ ڏيهي ۽ پرڏيهي ميوو گهٽي مقدار ۾ دستياب آهي. ايٽڪن جي گزيٽيئر جي 1907ع واري شماري ۾ اچي ٿو ته 750ع ۾ جڏهن هن هنڌ کي عباسين، اموي گهراڻي کان فتح ڪيو ته نون گورنرن ۽ اهلڪارن پراڻي کي رد ڪيو. چيف گورنر منصور بن جمهور هن هنڌ جي لاءِ ويڙهه ڪئي پر هو ريگستان ڏانهن فرار ٿي ويو جتي اُڄ سبب مري ويو. جاگرافيدان مسعودي مطابق پر هن جو نالو منصوره ۾ رهجي ويو چاڪاڻ ته هن ان شهر جو بنياد وڌو. اٽڪل 951ع ۾ جاگرافيدان اصطخري منصوره کي زرخيز ڏنو ۽ چيائين ته آبادي ۾ ملتان کان وڏو آهي. عام زندگي جا ڏيک ڏيندي هي لکي ٿو ته منصوره جي رهواسين وانگر ملتان جا رهواسي به پتلون پائين ٿا ۽ انهن جي اڪثريت فارسي ۽ سنڌي ٻالهائي ٿي. مسعودي جي دعويٰ ته منصوره شهر جو بنياد منصور بن جمهور وڏو تڪراري آهي. هينري ڪيسنز جي ڪوٽائي دؤران جامعه مسجد ۽ عرب گورنرن جا لڏل ڪيترائي سڪا ثابت ڪن ٿا ته شهدادپور جي ڏکڻ اوپر ۾ اٺن ميلن جي مفاصلي تي واقع برهمڻ آباد حقيقت ۾ منصوره جو هنڌ آهي. عرب ليکڪ بلاذري لکي ٿو ته منصوره جو بنياد برهمڻ آباد کان ٻه فرلانگ پري رکيو ويو ۽ منصوره شهر جو بنياد محمد بن قاسم جي پٽ امر گورنر منصور بن جمهور (112_114 hijra) جي دؤر ۾ رکيو. اها منصور جي اچڻ کان 14 يا 15 سال اڳ جو واقعو آهي. بلاذري چٽي طرح لکي ٿو ته منصوره جو بنياد امر وڏو.

1854ع ۾ برهمڻ آباد جي کوٽائي جو مڪمل احوال هيوز جي 1874ع واري "دي سنڌ گزيٽيئر" جي پهرين شماري ۾ ڏنل آهي. اهو احوال پراڻين شين ۽ قديم آثارن جي حقيقتن سان ڀرپور

آهي پر پنهنجي ڏگهائي جي ڪري ان جو ذڪر هتي نٿو ڪري سگهجي. پر اها اميد ڪري سگهجي ٿي ته جلد يا دير 1874ع جي گزيٽيئرن ۾ ڏنل برهمڻ آباد جي ڪوٽائي جو احوال هڪ تاريخي رڪارڊ واسطي ٻيهر شايع ڪيو ويندو. '53°25 اتر ويڪرائي ڦاڪ ۾ '49°68 اوير ڏگهائي ڦاڪ جي وچ ۾ آباد قديم آثارن کي برهمڻ آباد جو نالو اڄ صدي کان به وڌيڪ ڏنو ويو. اهو ماڳ شهدادپور کان 8 ميل اوير ۾ سنجهورو تعلقي ۾ واقع آهي. ان کي مقامي طور بهمن سڏيو وڃي ٿو. انهن آثارن جي سڃاڻپ جو معاملو تڪراري آهي ۽ هتي رڳو انهن انومانن جو تت ڏنو وڃي ٿو جيڪي ان بابت جوڙيا ويا آهن.

جڏهن 711ع ۾ محمد بن قاسم سنڌ فتح ڪئي ته اتي هڪ هندو شهر هو جنهن کي تقريباً سڀ تاريخدان برهمڻ آباد جو نالو ڏين ٿا. "مهراڻ آف سنڌ اينڊ اٽر ٽربيٽريز" جو ليکڪ ميجر ايڇ. جي. رَيورٽي ڪيترين شاهديون پيش ڪيون آهن جنهن مان ثابت ٿئي ته اهو شهر ان شهر سان مشابهت رکي ٿو جنهن جو بنياد اسفنديار جي پٽ بهمڻ وڏو ۽ پنهنجي نالي برهمڻ آباد سان سڏيو. اهو واقعو ايرانين جي هٿان سنڌ جي فتح کان اڌ سڏي پوءِ 470 ق.م ۾ پيش آيو. برهمڻ آباد يا بهمڻ آباد بهرحال اهو هڪ هندو شهر هو جنهن تي محمد بن قاسم حملو ڪيو. عرب دور ۾ هي شهر ختم ٿي ويو ۽ ان جي بدران عرب شهر منصوره قائم ٿيو. رشيدالدين مشهور تاريخدان بو ريحان البيروني جو حوالو ڏيندي لکي ٿو ته جڏهن محمد بن قاسم سنڌ ۾ آيو هن بهمڻ- نو کي مطيع بڻايو ۽ ان کي منصوره جو نالو ڏنو. ٻيا ان کي ڪجهه مفاصلي تي واقع شهر قرار ڏين ٿا. اهو عرب سنڌ صوبي جو مُک شهر بڻجي پيو ۽ آبادي ۾ ملتان کان وڌيڪ هو. محمود غزنوي جي طرفان عباسي گورنرن کي نيڪالي ملڻ کان پوءِ هندن سنڌوندي جي اوير ۾ پنهنجي خودمختياري ٻيهر حاصل ڪري ورتي ۽ منصوره تاريخدانن جي ڄاڻ مان برهمڻ آباد وانگر گم ٿي ويو. برهمڻ آباد جي قسمت بابت هڪ روايت سوين سال اڳ ان سوال جو جواب پيش ڪيو. ڪن ڏينهن ۾ برهمڻ آباد تي هڪ ظالم هندو راجا حڪومت ڪندو هو جنهن جو نالو دلوراءِ هو. هن هڪ قانون ناهيو ته هر ڪنواري ڇوڪري کي شادي جي رات پهريائين هن جي محل ۾ موڪليو ويندو. اتي هڪ شريف مسلمان ماڻهو رهندو هو. جنهن جي ڏي سهڻي هئي ۽ هن جي شادي ٿيڻي هئي. بادشاهه جي قانون جي پوئواري ڪرڻ سان هن جو منهن ڪارو ٿي سگهيو پئي. اُن ڏکيائي ۾ هن هڪ بزرگ کان صلاح ورتي،جنهن هن کي صلاح ڏني ته پريشاني جي ڄاڻ نه آهي ۽ هو ظالم راجا جي شهر کي تباهه ڪندو. بزرگ اهو مشهور ڪيو ته شهر مٿان قدرتي آفت اچڻ واري آهي ۽ مسلمان ٻچي وڃن ۽ پنهنجي جان بچائين. بادشاهه ان ڇتاءَ تي ٺٺولي ڪئي، ۽ جڏهن خوفناڪ زلزلي سڄي شهر کي لوڏي ڇڏيو ته درٻاري ۽ بادشاهه ان ۾ ڌڃي مري ويا. پرجن بزرگ جي ڇتاءَ ني ڏيان ڏنو ۽ لڏي ويا انهن بعد ۾ نصرپور شهر جو بنياد وڌو. 1854ع ۾ مسٽر اي. ايف بيلاسس، جنهن جي ياد ۾ گلڪاري واري سِر حيدرآباد جي گرجا ۾ لڳل آهي، شهدادپور جي اوير ۾ ان شهر جي آثارن جي ڳولها شروع ڪئي ۽ معلوم ٿئي ٿو ته هن ان مشهور شهر

جي قطعي نشاندهي ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي. مسٽر بيلاسس انهن آثارن مان لڏل ڪيترائي سڪا تجزيي لاءِ موڪليا ۽ اهي منصور بن جمهور عبدالرحمان ۽ منصوره جي ٻين عرب حڪمرانن جي دؤر جا ثابت ٿيا. ميجر جنرل ايم. آر هيگ پنهنجي هڪ ليک، جيڪو رائل ايشياٽڪ سروي واليوم 6 حصي ۾ شايع ٿيو، ۾ خيال ظاهر ڪيو ته منصوره جي ڦٽل آثارن کان اتر اوپر ۾ ڇهن ميلن جي مفاصلي تي موجود آثار برهمڻ آباد جا آهن. هن ان روايت کي رد ڪيو ته شهر زلزلي سبب تباهه ٿيو ۽ چيو ته درياجي ويٺ دلائڻ سبب اتي پاڻي نه هيو ۽ شهر غير آباد ٿيڻ شروع ٿي ويو. هن جي خيال مطابق منصوره ڪجهه سؤ سالن کان پوءِ اهڙي طرح ڦٽڻ شروع ٿي ويو. جنرل هيگ جي مطابق برهمڻ آباد جي اتر- اولهه ۾ 2¼ ميلن جي مفاصلي تي متهلو ڳوٺ وٽ ڦٽل آثار منصوره جا آهن جتي ٻڌمت جي خانقاهه سواندي موجود آهي جنهن بابت مشهور آهي ته چچ جي حڪومت ۽ ان جو وجود هيو ۽ سندس ذڪر چچ نامي ۾ به ٿيل آهي.

ان موضوع تي وڌيڪ راءِ مسٽر هينري ڪزينس، سپرينٽنڊنٽ آرڪيالاجيڪل سروي آف انڊيا ڏني جنهن برهمڻ آباد جي آثارن جي وڌيڪ گهري کوٽائي ڪرائي ۽ ان حيرت ڏيارينڊڙ نتيجي تي پهتو ته مسٽر بيلاسس ۽ جنرل هيگ درست هئا. هن مختلف شاهديون گڏ ڪيون جن مان معلوم ٿيو ته هو هن ڦٽل شهرن ۾ هو جيڪي هڪهئي جي مٽان تعمير ڪيا ويا هئا. هيئيون هندو شهر جڏهن ته مٽيون شهر مسلمانن تعمير ڪيو. ڪيترن مسجدن جا بنياد چڻا آهن ۽ اوپر جي خليفن جي نالن جا ڪيترائي سڪا پڻ مليا آهن جيڪي هينري ڪزينس مطابق عرب سنڌ ڏانهن ڪٽي آيا. سان جي بنياد تي برهمڻ آباد بابت اندازو لڳائڻ سولو آهي. اسان ڄاڻون ٿا ته محمد بن قاسم هندو شهر کي تباهه نه ڪيو ۽ اتي ڇانوٽي قائم ڪئي ۽ هندن کي آزادي ڏني. ڪجهه وقت کان پوءِ ڏاهر جي پٽ جيئسيا بغاوت ڪئي ۽ برهمڻ آباد تي قبضو ڪيو پر هڪ پيرو ٻيهر آڻ مجي ۽ مسلمان ٿيو جنهن کان پوءِ هن کي شهر جو گورنر بڻايو ويو. ڪجهه وقت کان پوءِ سنڌوندي جي ٻي ڪناري جي ڪپ تي هن جو اتان جي مسلمان گورنر سان تڪرار ٿي پيو جنهن ۾ هو مارجي ويو. جنرل هيگ مطابق برهمڻ آباد، بهمڻ يا بهمڻو نالو منصوره سان گڏيل رهيو ۽ عرب ان جو اڏ نالو بهمڻ- منصوره کي الڳ ڪري صرف منصوره رکيو. هينئر مقامي روايت منصوره بابت ڪجهه ٻڌائڻ کان قاصر آهي. منصوره جي تباهي بابت هينري ڪزينس جو چوڻ آهي ته ان کي دشمن ويران ڪيو ۽ رهواسين کي قتل ڪيو. ان جو اندازو مسٽر بيلاسس جي لڏل ڪوڙين ۽ هينري ڪزينس هٿان مليل انسانن جي لڏل لاشن مان لڳائي سگهجي ٿو.

هينري ڪزينس جي ٻي دلچسپ حاصلات ديپر گهانگرو وٽ ٻڌمت جي استوپاجي کوجنا آهي جتان جي ڦٽل آثارن کي جنرل هيگ اصلي برهمڻ آباد قرار ڏنو آهي. ممڪن آهي ته اها سواندي خانقاهه جي جڳهه هجي جيڪا جنرل هيگ مطابق متصلو آهي.

برهمڻ آباد جا آثار اٽڪل ڇهن ميلن جي دائري ۾ آهن. سموري جڳهه ٻڳل سرن جي ڏڻن سان والاريل آهي جنهن مان ڪجهه ڏڻن جي اوچائي 15 فوٽ آهي. اتي پٿر جي بدران ڪاٺ استعمال ٿيل آهي جنهن مان اندازو ٿئي ٿو ته اتي ڪاٺ جو ڪم به ٿيندو هو. اتان جي ڦٽل آثارن جي زمين کي پاڻ جي لحاظ کان ڪارائتو سمجهيو وڃي ٿو ۽ پاڙيسري فصل پوکڻ جي مقصد لاءِ ان جي کوٽائي ڪن ٿا. ان مان معلوم ٿئي ٿو ته برهمڻ آباد ۽ منصوره جي وچ ۾ هڪ يا ٻئي شهر اٽڪل ڇهه سؤ سالن تائين آباد رهيا. ان وقت لکيل رپورٽن مان هن عظيم ماڳ جي کوٽائي بابت احوال ملي ٿو.

"اسان جي ٻي دؤري دؤران، اسان پهرين کوٽيل گهر جي پرسان آثارن جي ڏڙي کي کوٽائي لاءِ چونڊيو ۽ ساڳي بازار جي ڪناري تي ٻيٽا هٽاسين. گهر پڪل سرن جو ٺهيل هو ۽ ڪمرن جي اڏاوت اهڙي هئي جنهن جو بيان اڳ ۾ ٿي چڪو آهي. سڀ کان دلچسپي جون جيڪي شيون مليون انهن ۾ تمام گهٽي خيال سان نقش ڪيل پٿر جون سرون مليون جيڪي زمين کان 5 انچ مٿي نڪتل هيون. اهي مضبوط پٿر جي ٽڪري مان ٺاهيون ويون هيون پر انهن تي پٽين جي ڪرڻ سبب اهي ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويون هيون. بهرحال مان انهن مان ڪجهه سرن جا سمورا ٽڪرا گڏ ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي ته جيئن سيني کي ملائي سگهجي. انهن جي ماپ ۾ ڪان ايڪائي فوٽن تائين هئي.

سڀ کان خوبصورت ڳاڙهو واري جو پٿر هو جهڙو ڪچ ۾ پوربندر مان مليو. ٽڪرو چورس هو جنهن جي مرڪز ۾ وڏي گول خالي جاءِ هئي. جڏهن ته ڪنارن تي نانگن ۽ مورن جون شڪليون اڪريل هيون. اها گول جاءِ ڪجهه گهري هئي ته جيئن پاڻي رکي سگهجي ۽ نڪري جي هڪ ڪنڊ تي سان جو مٿو اڪريل هو ۽ ڏيکاريل هو ته پاڻي سان جي وات مان گذري رهيو آهي. ان نموني ۾ چار پير هٽا جن تي شڪليون اڪريل هيون. ٻه پير خالي هٽا جڏهن ته ٻن پيرن مان هڪ تي شينهن جون شڪليون ۽ جنگجو هٿ ۾ تلوار ۽ ڍال کنيو بيٺو هو. ٻي پير تي ٻن عورتن مان هڪ سرندو(گٽار جو قسم جيڪو اڄان تائين استعمال ۾ آهي) وڄائي رهي هئي. ٻي عورت شيشي ۾ پاڻ کي ڏسي ٻي هٿ سان وار ٺاهي رهي هئي. اهي پير هڪٻئي سان کليل محرابن سان ڪانس ذريعي هڪٻئي سان ڳنڊيل هٽا ۽ اهو هڪ نقش اڪرڻ جي فن جو نمونو هو.

شڪليون ۽ استعمال ٿيندڙ سڀ نشان ۽ زيور هندو آهن جيئن جين جي پراڻي مندر ۾ ڏسڻ لاءِ ملن ٿا. هڪ يادگار حقيقت اها آهي ته ان پٿر جي ٽڪري تي اڪريل شڪليون مڪمل آهن.

"ان ساڳي گهر ۾ اسان کي شطرنج جو مڪمل سيٽ مليون جنهن مان ڪجهه مهرا ڪاري ۽ باقي اڇي رنگ جا هٽا. اهي عاج مان ٺهيل هٽا. بادشاهه ۽ راڻيون ٽي انچ ۽ پيادا هڪ انچ اوچا هٽا. جڏهن ته باقي مهرا مختلف ماپن جا هٽا. سيني کي جهاز تي کيڏڻ لاءِ تيار ڪيو هو ۽ هر مهري ۾ هڪ ڪوڪو لڳل هو جيئن اڇڪلهه سامونڊي جهازن ۾ کيڏڻ لاءِ تيار ڪيا ويڻ ٿا ته جيئن مهرا ڪري نه

پون ۾ راند ۾ رکنو پئي. انهن ۾ استعمال ٿيل عاج پرندڙ حالت ۾ هو ۽ جانور جو هر هڪ حصو ختم ٿي چڪو هو ۽ عاج پُري چوني يا چاڪ وانگر ٿي پيو هو.

برهمڻ آباد مان لڌل شيون فن جو اُسريل نمونو آهن. انهن ۾ عقيق تي چٽسالي جو ڪم سپ کان نمايان آهي. انهن مان اڪثر فن جا گوهر آهن جيڪي اندران پالش ٿيل آهن ۽ مون کي يقين آهي ته اهو فن هاڻي گم ٿي ويو هوندو. انهن مان ڪجهه جيڪي مليا آهن انهن تي ڏاند ۽ ڪجهه ته شينهن ۽ باقي تي عربي نالا مليا آهن. ڪجهه ته اهڙا اکر جِٽيلَ آهن جيڪي ديوناگري يا سنسڪرت سان مشابهت رکن ٿا.

مسٽر جي ڊبليو سمٿ، جنهن 1919ع ۾ نوابشاهه ڊسٽرڪٽ گزيٽيئر سهيڙيو لکي ٿو ته شطرنج جي مهرن جو ملڻ ان طرف اشارو ڪري ٿو ته راجا ڏاهر برهمڻ آباد يا الور ۾ شطرنج راند ايجاد ڪئي.

روهڙي يا لوهڙي، پراڻو لوهار ڪوٽ، 27°49 اتر ويڪرائي ڦاڪ ۽ 68°55 اوپر ڊگهائي ڦاڪ تي واقع آهي. اهو سنڌودرياءَ جي اپرندي ڪناري تي آباد تاڪرو شهر آهي. جنهن ۾ چن جو پٽر نمايان آهي. ساڃي ڪناري تان سکر جي طرف کان يا سنڌو درياءَ جي وچ ۾ بکر جي ٻيٽ وٽان روهڙي کي ڏسڻ سان شهر خوشگوار ۽ پرڪشش تصوير پيش ڪري ٿو. جتي گهر چار يا پنج ماڙ اوچا تراکڙي ڇت سان آهن جن جي چوڌاري جهنگلو لڳل آهي ۽ ندي جي ڪناري تي مضبوطي سان ٻيٺا آهن. پر شهر جي اندر پهچڻ سان اهو خوشگوار تاثر ميسارجڻ لڳي ٿو. ڇاڪاڻ ته ڪيترن حصن ۾ گهٽيون سوڙهيون آهن جنهن جي نتيجي ۾ هوا بند آهي. شهر جي دلچسپي جو مرڪز پراڻا نشان آهن. دنيا جي هن خطي ۾ روهڙي ۽ ان جي پسگردائي پٽر جي اوائلي دؤر سان تعلق رکي ٿي ۽ هتان پٽر جي دؤر جا ڪيترائي يادگار مليا آهن. اهو معلوم ٿئي ٿو. آڳاٽي دؤر کان انسان ذات روهڙي جي پرسان رهڻ شروع ڪيو ۽ اهو ممڪن آهي ته ان ماڳ تي پٽر جي زماني کان وٺي آبادي هجي. 1911ع ۾ روهڙي جي آبادي 11,286 هئي جيڪا 1951ع ۾ وڌي 13,716 ٿي جن مان 6,646 مهاجر هئا.

پٽر جي زماني ۽ عربن هٿان سنڌ جي فتح جي وچ ۾ تمام گهٽو خلا آهي، جنهن وقت موجوده ماڳ تي ڪوبه شهر نه هو جيڪو ان وقت ڪنهن به ندي جي ڪناري تي نه هو. پر جڏهن سنڌوندي پنهنجو ٻيٽ بدلايو ۽ موجوده روهڙي ۽ سکر جي وچ ۾ ٽڪرين منجهان رخ رکيو ته ٻئي شهر شايد هڪ ئي وقت ساڃي ۽ ڪاپي ڪنارن تي اپريا. آڳاٽي زماني کان روهڙي کي مقدس حيثيت حاصل ٿي جنهن ۾ ان وقت اضافو آيو جڏهن سيد هتي آباد ٿيا، جن کي شاهه بيگ ارغون بکر مان لڏائي روهڙي ۾ آباد ڪيو ۽ اُنهن کي مراعتون ۽ زمينون ڏنيون. مقدس جاءِ جي تاريخ اتي آباد مزارن ۽ تبرڪن مان

معلوم ڪري سگهجي ٿي. ٽارٽن مطابق 73 سال اڳ هئي چاليهه مسجدون هيون، جن ۾ نماز ادا ڪئي ويندي هئي. جڏهن ته 80 مسجدون زبون حالي ۾ هيون.

مقدس جاين مان هڪ جامع مسجد آهي جيڪا اڪبر بادشاهه جي اهلڪار فتح خان سن 1853ع ۾ تعمير ڪئي. اهو ڳاڙهين سرن ۽ ڳورن ٽن گنبذن جو ڍانچو آهي جنهن تي چٽسالي ٽيل سرون لڳل آهن. عيد جي موقعن تي نماز پڙهڻ لاءِ پرڪشش عيدگاهه جي تعمير 1593ع ۾ ڪئي وئي. جنهن تي ٽي گنبذ اڏيل آهن. ٻين مسجدن ۾ مير يعقوب علي شاهه جي مسجد آهي جيڪا شهر کان اڌ ميل پري آهي. هن مهل اها زبون حال ۾ آهي پر ايان تائين چٽسالي ٽيل سرون موجود آهن. اها 1677ع ۾ تعمير ڪئي وئي.

ندي جي ڪناري تي جيڪي ننڍيون ٽڪريون آهن اتي هڪ هموار سطح آهي اتي ڏٺي جي مڪلي وانگر چٽسالي ٽيل پٿر جون قبرون آهن جن تي قرآن شريف جون آيتون نقش ٽيل آهن. قبرن جي وچ ۾ فرش وڇايل آهي ۽ ڏاکڻ ڪاپي طرف هموار ميدان ڏانهن وڻي وڃن ٿيون. ڪاشي جي سرن جو قبن ۾ عام استعمال ٽيل آهي جن مان اڪثر جو تعلق 1609ع کان 1883ع تائين آهي. اهم قبر سبزواري سيد مير قاسم جي آهي جيڪا 1018 هجري ۾ تعمير ڪئي وئي. اها قبر جاءِ ڪي شايد مقدس بڻائي ٿي ۽ ان جي آڏو لئمپ پوسٽ آهي جتي لئمپ ايان تائين موجود آهي ۽ ان جي ڪري ٽڪري کي ٽاڻ قاسم شاهه جو نالو ڏنو آهي. ۾ جنهن نالي سان اها هڪ وڏيڪ مشهور آهي اها ستين جتين جو آستان آهي. ان جي ڏکڻ ۾ هڪ عمارت آهي جنهن کي سٻتين سڏيو وڃي ٿو. اها عمارت ڪمرن جي هڪ قطار تي مشتمل آهي جيڪا ڏکڻ رستي سان ڳنڍيل آهي ۽ ان کي هڪ ٽڪري ڪٽي ٽي جيڪا ٻاهران رنگين سرن سان سينگاريل آهي. چيو وڃي ٿو ته انهن ڪمرن ۾ ست ڪنواريون رهنديون هيون جن قسم کنيو هو ته اهي مرد جو منهن نه ڏسنديون. سر رچرڊ، بهرحال چئي ٿو ته اهو قياس غلط آهي، جاهل ماڻهن ستين جي آستان کي ستن جي معنيٰ ۾ ورتو آهي.

روهڙي جي مخالف طرف ۾ اڌ ايڪڙ تي مشتمل هڪ ٻيٽ آهي جنهن جو اڌ پاڻي جي سطح کان مٿي آهي. ان کي پٽ سان بند ڪيو ويو آهي. اتي هڪ مزار آهي جتي سنڌي مارچ ۽ اپريل ۾ هزارن جي تعداد ۾ گڏجي اچن ٿا. چاندي جي دروازن سان هڪ مرڪزي عمارت آهي، جيڪو مقبرو هجي، جنهن ۾ پيل خالي جڳهه بزرگ جي ويهڻ جي جاءِ هئي. جنهن جي مٿان پٿر جو ٽڪرو پٽ ۾ لڳل آهي جنهن تي فارسيءَ ۾ لکيل آهي:

"جڏهن هي دربار تعمير ڪئي وئي، ان جي چوڌاري
خضر جو پاڻي هو، خضر اهو خوشگوار آيت ۾ لکيو."

ان جي تاريخ جو اندازو "درگاهه علي" جي لفظن ۾ ڪيو ويو جنهن ٻي معنيٰ آهي "هڪ وڏي بزرگ جي دربار" ۽ ان مطابق تاريخ 341 هجري يا 952ع سن ٻيهي ٿي. آرڪيالاجيڪل سوسائٽي جو

سپرنيٽنڊنٽ چوي ٿو ته پٿر جي ٽڪري جو تعلق اصلي عمارت سان نه آهي. جيڪو جديد معلوم ٿئي ٿو. ان جو نمونو ۽ اڪر مشڪل سان آڳاٽي زماني سان تعلق رکن ٿا ۽ سترهين صدي عيسوي سان واسطو آهي. مزار جي ڏکڻ اولهه ۾ زيون سرن جي مسجد آهي جنهن تي 1011 هجري (1602ع) جو سن لکيل آهي. مڙني شين جي ڏڳ سان سينگاريل آهي جن مان ڪجهه پراڻيون ۽ سڀي حالت ۾ آهن. خواجا خضر يا زنده پير جو احترام روح پرستاڻي جي عبادت جو پراڻو طريقو آهي جنهن جو واسطو ننڍين ۽ پاڻي جي عبادت سان آهي. اهو هڪ متو آهي جيڪو دنيا جي مختلف حصن جي آبادين ۾ ملي ٿو.

سکر ۽ روهڙي جي وچ ۾ بيٺ تي بکر جو قلعو جن جي پٿر جي ٽڪرين جي زنجير جو هڪ ڳنڍ آهي جيڪا سنڌوندي جي لکير پار ڪري ٿي ۽ ڏکڻ طرف 50 ميلن تائين ڦهليل آهي. اهو معلوم ٿئي ٿو ته اٽين صدي عيسوي جي وچ ڌاري سنڌوندي، جڏهن پراڻو پيٽ بدلايو ۽ آڳاٽي هندو راڄڌاني اروڙ کي ويران ڇڏيو. ان هنڌ تي پنهنجي لاءِ رستو بڻايو پر بکر جي مضبوط ٽڪرن مزاحمت ڪئي ۽ تيز وهندڙ پاڻي مان نڪتل اهي هڪ دفعي پسگردائي جي ملڪ جي حڪمرانن لاءِ نهايت اهميت جي مالڪ جنگي حڪمت عملي جو هنڌ ثابت ٿيو. بکر ڪيئن جلد بيٺ بڻيو يا سکر جي ڪناري ڪان اهو ڪيترو وقت اڳ اُپٻيٺ بڻيو ان بابت ڪجهه چئي نٿو سگهجي. پر پن نالن ۾ هڪجهڙائي اهو ثابت ڪري ٿي ته ٻنهي وچ ۾ زميني ڳانڍاپو رهيو آهي. هينئر به ٻنهي جي وچ ۾ شاخ 100 وال ويڪري آهي ۽ 1903ع ۾ اها سردين جي موسم ۾ ڪجهه وقت لاءِ خشڪ ٿي. بکر ضرور آڳاٽي زماني ۾ فوجي ڇانوٽي رهيو هوندو. شيخ ابوتراب، هڪ عرب جنهن جو مقبرو ضلعي نٿي جي تعلقي ميرپور ساڪري جي گجو پرسان آهي، لکي ٿو ته ان کي هڪ منفرد مقام حاصل هو. ايبٽ چئي ٿو ته بکر عربن جي سنڌ تي حملي يا قبضي ۾ ڪو ڪردار ادا نه ڪيو. چچ نامي ۽ عربن جي ڪتابن ۾ به ان جو ذڪر نٿو ملي. ان سلسلي ۾ غزنوي سلطانن جي وقت ۾ به ڪو اشارو نٿو ملي. تيرهين صدي عيسوي جي شروعات کان بکر مشهور نالو آهي. اڪبر جي زماني ۾ اها ساڳي نالي جي صوبي جي راڄڌاني هئي. تاريخ معصومي ۾ بکر جي ڳوٺن ۽ شهرن جو ذڪر ٽيل آهي. ايبٽ چئي ٿو ته جڏهن اسان بکر بابت پڌو ته اُن وقت ننڍي کنڊ ۾ اهو غير تسخير ۽ جنهن کي ڪڏهن فتح نه ڪيو ويو هجي لاءِ مشهور هو. بکر جي قلعي تي دهلي جي غزني، غور ۽ تغلق بادشاهن طرفان لڳاتار حملن جو ڪوبه احوال نٿو ملي. نٿو فتح ڪرڻ کان پوءِ شاهه بيگ ارغون ان کي هڪ معاهدي جي ذريعي حاصل ڪيو. ڌاريجن ان کي سيدن کان هٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. 1540ع ۾ سلطان محمد خان ان کي همايون جي حملن کان محفوظ رکيو. پر بکر جي تاريخ ۾ سڀ کان نمايان واقعو شهنشاهه شاهجان جي تاج لاءِ اورنگزيب ۽ دارا شڪوهه جي وچ ۾ گهرو لڙائي هئي. لڙائي جي دؤران دارا شڪوهه جي فوجن بکر جي قلعي تي قبضو ڪيو ۽ گهيري دؤران آرٽلري جي ڪمان مانوڪي (Manucci) ڪري رهيو

هو جنهن گهيري جو واضح احوال ڇڏيو آهي. تاريخ جي ان اهم واقعي ۾ دلچسپي رکندڙ مانوکي جو ڪتاب "استوري آف دي مغلز" يا ڊاڪٽر ايچ. ٽي سارلي جو "شاهه عبداللطيف آف ٻٽ" پڙهن جڏهن شاهه بيگ ارغون بکر کي پنهنجي راجڌاني بنائڻ جو فيصلو ڪيو ۽ ان کي مستحڪم بڻايو ۽ مليل جليل آبادي کي نيڪالي ڏنائين. انهن مان سيد سنڌوندي جي ٻنهي ڪنارن تي آباد ٿيا. ان وقت کان وٺي بکر ۽ روهڙي جي اهميت وڌڻ لڳي. جيتوڻيڪ سنڌوندي جي اولهندي سنڌ واري علائقي کي نادر شاهه فتح ڪيو ته بکر ۽ سکر کي به ان ۾ شامل ڪيو ويو ۽ اها خوشحالي حاصل ڪئي جيڪا شڪارپور کي بولان لڪ ذريعي واپار سبب حاصل ٿي. حالتون، جن سبب سکر ٽالپرن جي هٿ هيٺ آيو. غير واضح آهن. اهو واقعو 1809ع ۽ 1824ع جي وچ ڌاري ٿيو هوندو جن ڏينهن ۾ ٽالپرن شڪارپور حاصل ڪئي. 1839ع ۾ برطانوي فوج سکر ڏانهن موڪلي وئي. خيرپور جو مير رستم برطانيا سان هڪ معاهدو ڪيو جنهن مطابق هن افغانستان ڏانهن ويندڙ برطانوي فوج جي مدد ڪئي ۽ سنڌ کي هڪ اڈي جي حيثيت ۾ استعمال ڪرڻ جي اجازت ڏني. 1847ع ۾ ڪراچي، ٺٽي ۽ روهڙي جا شهر برطانوي حڪومت جي علمداري هيٺ آيا. سکر، بکر ۽ روهڙي هڪ علائقو آهي ۽ هتي گڏيل صورت ۾ سمجهيا ويڻ. انومان آهي ته سکر لفظ سخر آهي جنهن جي معني فائديمند آهي ۽ بکر، جيتوڻيڪ اهو يقين سان نٿو چئي سگهجي، عام سنڌي طريقي سان نقل واري انداز ۾ ٺهيو.

سکر ۾ ٽي پراڻا آثار آهن جن جو ذڪر هتي ڪرڻ ضروري آهي. انهن ۾ آدم شاهه جو مقبرو خيرالدين جو مقبرو ۽ مير معصوم جو مينار شامل آهن.

اولهه ۾ ننڍي ٽڪري تي آدم شاهه جو اڇو مقبرو اڏاوتي لحاظ کان ڪابه ڪشش نٿو رکي پر تاريخي لحاظ کان يادگار آهي. آدم شاهه پهريون ڪلهوڙو هو جنهن مقبوليت حاصل ڪئي. هن تدبير ڪئي ته چانديڪا پرڳڻي (لاڙڪاڻي) ۾ زمينداري حاصل ڪري پر بعد ۾ ملتان هليو ويو جتي هن پنهنجا ڪيترائي مريد گڏ ڪيا ۽ هڪ طاقت طور ايريو. هن وقت جي حڪمران سان مهاڏو اٽڪايو ۽ مارجي ويو ۽ شهيد ليکيو ويو. هن جا مريد سندس لاش سکر کڻي آيا ۽ اتي دفنايائون جتي هن وقت سندس مقبرو آهي. اها ٽڪري فوج جي ملڪيت ۾ آهي ۽ عوام لاءِ ڪليل نه آهي.

پراڻي سکر ۾ نيري قبي سان مزار شاهه خيرالدين جي آهي جنهن جي زندگي ۽ سرگرمين جو احوال هٿ لکيل لفظن ۾ ملي ٿو جيڪو سکر جي قاضي وٽ آهي. هي 1492ع ۾ ڄائو ۽ پنهنجي نوجواني بغداد ۾ مذهبي تعليم حاصل ڪندي گذاري. ان کان پوءِ هن سفر ڪيو ۽ ڪجهه وقت بلڙي ۾ گذاريو پر آخر ۾ سکر ۾ رهائش اختيار ڪئي ۽ لاڏاڻي تائين اتي رهيو. هن هڪ روحاني بادشاهت جو بنياد وڌو ۽ هن جي هڪ وارث 1760ع ۾ سندس قبر مٿان مقبرو اڏايو. احوال ۾ اچي ٿو ته ان کي رنگين سرن سان سينگاريو ويو ۽ مقبري جي اندر اچي ۽ سائي رنگ جون سرون استعمال ڪيون

ويون. پر آرڪيالاجيڪل سروي جي سپرينٽنڊنٽ جي رپورٽ مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته مقبري جي باهران ڪم اٽڪل چاليهه سال اڳ ڪيو ويو جنهن ۾ خراب معيار جون سرون استعمال ڪيون ويون.

سکر سيڪان وڌيڪ واضح يادگار مير معصوم شاهه جو مينارو آهي. مشهور سيد، سپاهي ۽ سنڌ جي تاريخ جي ليکڪ مير محمد معصوم اهو مينارو تعمير ڪرايو جنهن کي اڪبر بادشاهه سکر جو نواب مقرر ڪيو ۽ پسگردائي ۾ وڏي جاگير عطا ڪيائين. مناري جي شڪل گهٽ يا وڌ مخروطي آهي. اهو بنياد ۾ 84 فوٽ ويڪرو ۽ 100 فوٽ اوچو آهي جتان پسگردائي جو وٽندڙ منظر آرام سان ڏسي سگهجي ٿو. لوهي جهنگلي سبب ان جي خوبصورتي تي اثر پيو آهي. در تي لڳل پٿر تي فارسي ۾ هي لفظ نقش آهن. مامي (مير معصوم جي عرفيت) جو مينار دنيا جو منظر پيش ڪري ٿو. ان جي تعمير 1593 عيسوي ۾ شروع ٿي پر ان جو ڏانچو 14 سالن بعد مير معصوم جي پٽ مڪمل ڪرايو. مينارو جي پرسان هن بزرگ ۽ سندس والد جو مقبرو آهي جن جي مٿان چني نهيل آهي جنهن تي فارسي ۾ عبارت لکيل آهي. اٺ ڪنڊو قبو اندروني طور رنگين سرن سان سينگاريل آهي جنهن کي سر رچرڊ برٽن نماز ادا ڪرڻ جو هنڌ قرار ڏنو آهي.

مير معصوم پيون به ڪيتريون ئي عمارتون تعمير ڪرايون. هڪ مسجد ۽ آرامگاه جوڙايو جنهن ۾ در ۽ دروازا لڳل هئا. ان تي لکيل هو ته هي مسلمانن جي نماز ۽ آرام لاءِ آهي. پراٽي سکر ۾ هڪ جامع مسجد آهي جنهن لاءِ چيو ويجي ٿو ته ان جي تعمير مير صفائي، مير معصوم جي پيءُ ڪرائي. اتي ڪيترائي آثار چڙوچڙ آهن، جن جي ڇاڻ دلچسپي کان خالي نه هوندي. ميدان تي ڪليڪٽر جي بنگلي جي ڏکڻ- اوير ۾ مير عبدالباقي پوراني جو مقبرو آهي. ان ۾ استعمال ٽيل ٽائيل جي ڪم جا وڏا بلاڪ آهن جيڪي آرڪيالاجيڪل سروي جي سپرينٽنڊنٽ مطابق مڪلي يا سنڌ جي ٻين علائقن مان ملندڙ اهڙن نمونن کان مختلف آهن.

اوباڙو تعلقي جي ريتي اسٽيشن کان ڏکڻ ۾ پنج ميل پري ويران ميدان تي ڪجهه آثار بيٺل آهن جن کي وجنوت سڏيو وڃي ٿو. انهن آثارن بابت مسٽر هينري ڪسنز پنهنجي احوال ۾ لکي ٿو ته ماڳ تي پهچڻ سان ڪيترائي گهري رنگ ور وکڙ رستا ۽ درڙا نظر اچن ٿا جنهن جي تراکڙي ميدان کان اوچائي 16 کان 20 فوٽ آهي. اهي ٻڳل سرن جي ڍڳن تي مشتمل آهن. انهن ۾ لوٽيائي متي ۽ سڙيل پوريور ٽيل ڪاٺ جا ٽڪرا مليل آهن. اُن سڙيل ۽ سخت ٽيل ڪاري رنگ جي موجودگي سبب درڙي جي ملبي جو رنگ گهرو نظر اچي ٿو. پر تجزيي ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته سرن جا ٽڪرا گهري رنگ جي سرن تي مشتمل آهن. اٺ ڪلهوڙيل درڙي تي ڪاب سر مڪمل ماپ يا وڏي ٽڪري ۾ نه ملي ۽ سڀ سرون تيز چيڙي جي ٽڪرن ۾ تبديل ٿي چڪيون هيون. انڊس ويلي اسٽيٽ ريلوي لاءِ ڏاتوئي پٿر مهيا ڪرڻ لاءِ تازي کوٽائي ڪئي وئي. پر پراٽو هنڌ انهن لاءِ صدين کان هڪ سوال بڻيل هجي جن ملڪ جي هن حصي مان ڪجهه پٿر يا پڪل سرون حاصل ڪرڻ چاهي.



معصوم شاهه جو مقبرو- سکر



ستين جو ٿان- روهڙي

60 ري ڏهاڪي دوران فن عمارت سازي جو هڪ نمونو- روهڙي

ريگستان جي ڏکڻ اوير ۾ ڪيترن ميلن ۾ مسلمان قبرن تي وجنوت نموني جون سرون لڳل نظر اچن ٿيون. جڏهن پهريائين سرون کوٽي ڪڍيون ويون تہ اندر ڪپيل حصو محفوظ هو. اهي ماپ ۾ 15 انچ ڊگهيون، 10 انچ ويڪريون ۽ ايائي انچ ٿلهيون هيون جڏهن تہ ڪجهہ سرون 18 انچ ڊگهيون، 12 انچ ويڪريون ۽ چار انچ ٿلهيون هيون. اهي مڙيل پر مجموعي طور چڱي نموني پڪل ۽ گهري ڳاڙهي رنگ جون آهن. معلوم ٿئي ٿو تہ سرون سني انداز ۾ وڏل هيون ۽ گاري سان ڳنڍيل هيون. ڪٽي بہ چونو استعمال نہ ٿيل هو سواءِ پٽين ۽ ٽنبين تي جن مٿان اڇي رنگ جو تهہ چڙهيل هو جڏهن انهن کي پهريون پيرو ڳولهيو ويو.

دڙن جي حلقي جي ماپ ڏيڍ ميل هئي جنهن جي انتهائي ڊيگهہ اوير ۽ اولهہ ۾ اڌ ميل ۽ اتر کان ڏکڻ ۾ ويڪر چوٽائي ميل هئي. انهن جي پسگردائي ۾ ڏکڻ- اولهہ ڪنڊ وٽ مسلمانن جو قبرستان هو. پراڻي شهري کان مختلف طرفن ۾ ڪجهہ مفاصلي تي ڪجهہ آثار پڻ موجود هئا.

آثارن جي مرڪز جي برابر هڪ چورس ڪليل ايراضي آهي جيڪا اتر کان ڏکڻ ۾ 200 کان 300 وال ڊگهي ۽ هڪ پاڳي تي ويڪري آهي. ان چورس جي اولهہ ۾ مُک دڙن جو ملبو آهي جيڪي شايد ان هنڌ جي سردارن جا گهر هئا ۽ انهن جي وچ ۾ مندر هو جنهن جي ٻين جي پيٽ ۾ مڪمل کوٽائي ڪئي وئي آهي. آثارن مان معلوم ٿئي ٿو تہ مندر نہ رڳو مضبوطي سان تعمير ڪيو ويو پر اتي پيل پٿرن جي ٽڪرن مان اندازو ٿئي ٿو تہ انهن تي نقش نڪتل هئا جيڪي ريگستان لتاڙي جيسلمير کان آندا ويا هئا.

پٿرن جي ڪجهہ نقشن مان ڏسي سگهجي ٿو تہ نقاشي هڪ ئي نموني جي آهي ۽ ان زماني سان تعلق رکي ٿي جڏهن مندرُ يا مندر تعمير ڪيا ويا ڇاڪاڻ تہ جيڪو مواد انهن ۾ استعمال ٿيو اهو احمد آباد ۾ احمد شاهہ جي مسجد (1251ع) ۾ استعمال ڪيو ويو. تنهنڪري اهو نسبتاً پراڻي سرن جي ڪم واري زماني کان بعد جو زمانو هو.

ان ماڳ وٽان هينيون شيون مليون آهن.

سڪا: اهي مُک ٽامي جا ٺهيل آهن جيڪي قطر ۾ اڌ انچ، انچ جو هڪ پاڳي ڏهون حصو ٿلها ۽ وزن ۾ 30 کان 40 گرين آهن ۽ ڪٽجڻ سبب سڃاڻپ کان ٻاهر آهن. اهي عام هئا پر ڪجهہ ٻيا سڪا بہ هئا جن جو وزن 17 کان 22 گرين هو. ڪجهہ چاندي جا سڪا پڻ مليا آهن جيڪي قطر ۾ انچ جو تي پاڳي ڏهہ ٿولهہ ۾ انچ جو هڪ پاڳي چوڏهن ۽ وزن ۾ هر هڪ ڇهہ کان 7 گرين آهي. اهي پڻ ڪٽيل آهن پر هڪ يا ٻنهي پاسن تي لسا نقش اٽن جيڪي انساني شڪل جو نقش پيش ڪن ٿا.

ڪر جي اڇي رنگ جي ٽانون تي تراکڙا، بيضوي شڪل ۽ گول ٻڙا يا ڳاڙهو عقيق ڳل هو. ان نموني جا ٽانو سرواهي مان مليل آهن جن جي ٻنهي پاسن تي اهڙو جڙاءَ جو ڪم ٽيل آهي. ننڍي ڪنڊ جي ڏاڪڻي ۽ وچين علائقي جي پٿرن سان ٺهيل قبرن مان عقيق جا ٻڙا ۽ ٻيا زيور ان قسم جا مليا آهن.

شيشي، سائي، نيري ۽ اڇي رنگ جا ڪجهہ نمونا مليا آهن جيڪي زوال پذير حالت ۾ آهن ۽ شيشي جي لسن ڪنگڻ جا ڪجهہ ٽڪرا بہ مليا آهن جيڪي اڄ جي دور ۾ استعمال ڪيا ويڄن ٿا.

تامي ۽ جست جي زيورن جا ڪجهہ ٽڪرا مليا آهن جن مان پازيب (جيتوڻيڪ ڳٽيل حالت ۾) جو مڪمل زيور مليو آهي.

مٽين نمونن کان علاوه ڪجهہ ريتي مان ٺهيل پٿر جا ماربل ۽ جانورن جون شڪليون مليون آهن جيڪي شايد ٻارن جا راندڪا آهن.

مٽاڇري کان ڪجهہ فوٽ اندر هڏا پنهنجي زبون حالي جي آخري حالت ۾ مليا آهن. ان کان علاوه مِتي ۽ هُتي ڪجهہ محفوظ ٽيل ٽڪرا مليا آهن جن مان ڪجهہ بيشڪ انسان جا آهن.

ظاهري طرح معلوم ٿئي ٿو تہ شهر طوفان يا زلزلي سبب تباهہ ٿيو ۽ آثار مڪ طور گاري يا اس ۾ پکل سرن تي مشتمل آهن جن ۾ باهہ لڳائيندڙ مادو جهڙوڪ ڪاٺ يا سکل گاهہ مليل آهن. يا شايد غير معمولي وڏي ٻوڏ گهرن کي تباهہ ڪيو هجي ۽ ان کان پوءِ باهہ لڳي هجي. سڄي ماڳ تي آڙاهہ جا نشان ڇڻا آهن اهو پڻ يقيني آهي تہ مٽاڇري کان هيٺان جيڪي هڏا ۽ شيون مليون آهن انهن تي سڙڻ جو ڪو نشان نہ آهي.

ريورتي ڇئي ٿو تہ ان ماڳ جو درست نالو "ونجهروٽ" آهي. اهو نالو ان وقت هيو جڏهن هاڪڙي ۽ ويهند درياءَ وهڻ بند ڪيو اهو دوآبہ يا ٻيلٽا ۾ واقع هو. ندي ۾ تبديلين سبب اهو صدين کان زوال پذير هو.

ٺٽو يا ٺٽونگر $24^{o}46^{o}$ اتر ويڪرائي ڦاڪ ۽ $67^{o}59^{o}$ ڊگهائي ڦاڪ تي واقع آهي. اهو ڪراچي کان اوير ۾ 15 ميل پري ۽ پاڪستان ويسٽرن ريلوي جي جنگشاهي اسٽيشن کان 30 ميلن جي مفاصلي تي آهي. جيڪو ان سان پڪي رستي ذريعي ڳنڊيل آهي. ٺٽي جي بنياد بابت تاريخ نامعلوم آهي پر اهو پڪ سان ڇئي سگهجي ٿو تہ جيستائين ٻيلٽا جي چوٽي تي مڪلي جون ٽڪريون قائم ڪيون شهر صدين تائين موجود رهيو. ان حالت ۾ تڏهن ڦيرو آيو جڏهن هڪ سو چاليهہ سال اڳ اها شاخ لٽجي وئي جيڪا هينئر ڪلري واهہ آهي. ماڳ ۽ شهر جو نالو شايد ڪيترائي پيرا تبديل ٿيو آهي ۽ اهي تبديليون معلوم ڪرڻ ڏکيون آهن ڇاڪاڻ تہ نئين پراڻي کي هڪدم بحال نہ ڪيو. ايبٽ جي دستياب شاهدين بابت اندازو درست معلوم ٿئي ٿو. هوڇئي ٿو "ٺٽي بابت مان 1350 ۽ 1333 کان اڳ واري تاريخ ڏينڊس جڏهن ابن بطوطہ سنڌ جو دورو ڪيو. بدايوني ڇئي ٿو تہ شهنشاهہ غياث الدين (86_1266) جي وڏي پٽ، ٺٽو فتح ڪيو. ڪيترين ئي روايتون آهن جيڪي ٺٽي کي سلطان علاءَ الدين خلجي سان ڳنڍين ٿيون. تحفة الڪرام لکي ٿو تہ سلطان سومرن جي بادشاهت جو خاتمو آندو. تاريخ معصومي پڻ سلطان علاءَ الدين خلجي کي ٺٽي اچڻ جو بيان ڪري ٿي. اتي اسان کي ڪيترين سومرين عورتن جا مقبرا(جن جي عبادت بہ ڪئي ويندي

هئي) ملن ٿا جن خلجي جي هٿ چڙهڻ بدران آپگهات ڪرڻ کي ترجيح ڏني. سڀ کان وڏي شاهدي شمس شيراز جي تاريخ فيروز شاهي ڏئي ٿي جنهن مطابق سلطان فيروز شاهه 1362ع ۾ ٺٽي جي جامن کي شڪست ڏني. هي لکي ٿو "ٺٽو دهلي جي حڪمرانن لاءِ پريشاني جو باعث رهيو هو. سلطان علاءَ الدين خلجي هڪ وڏي فوج وٺي ٺٽي تي حملو ڪيو پر ڪيس ڪاميابي حاصل نه ٿيس. سلطان محمد تغلق ان ملڪ ۾ پنهنجي جان وڃائي. ايبٽ چئي ٿو ته بدايوني ٺٽي بابت سڀ کان آڳاٽو احوال ڏئي ٿو هن مطابق فيروز شاهه جي حڪمراني ۾ هڪ روايت هئي ته سلطان علاءَ الدين خلجي (1315_1296) جي علمداري ۾ ٺٽو واپس آيو. ٺٽي شهر جي بنياد جي ڪهڙي به درست تاريخ هجي، اهو يقين سان چئي سگهجي ٿو ته اڳوٽي سنڌ ۾ اهو چار سؤ سالن تائين اهو تمام اهم ۽ شاهوڪار شهر هو. ارڙهين صدي جي وچ ڌاري ان جو زوال شروع ٿيو جنهن جا ٻه سبب هئا. پهريون سمنڊ کان پري هٽڻ ۽ سنڌوندي جي شاخن جو رخ بدلائڻ ۽ ٻيو برطانيا ۾ مفتي انقلاب جنهن سبب ارڙهين صدي جي آخر ۾ لنڪا شائر مان سوتي ڪپڙي جي اوپر جي منڊين ۾ درآمد آهي. ان هٿان جي ڪپڙي جي صنعتن کي ڏڪ پهچايو جيڪي سورهين ۽ سترهين صدي عيسوي ۾ منافي جو سڀ کان وڏو ذريعو هيون. جڏهن صنعتن ۾ نڪتل ڪپڙي جي مصنوعات هٿ سان اڻيل ڪپڙي کي سنڌ ۾ جاءِ والاري ۽ واپاري ڪمپنين انهن جي مشهوري ڪئي ته شهر جو زوال شروع ٿيو. سما بادشاهه، جيڪي چوڏهين صدي عيسوي ۾ اقتدار ۾ آيا، پنهنجي راڄڌاني جو نالو سموئي رکيو جيڪو موجوده ٺٽي جي هنڌ کان اتر ۾ ٽن ميلن جي مفاصلي تي هئي جنهن طرف آبادي آهستي لڏپلاڻ ڪئي هجي جيستائين جام نظام الدين پندرهين صدي عيسوي ۾ ٺٽي شهر جو بنياد وڌو. ان شهر کي ٽي پيرا تاراج ۽ باهه ڏني وئي. پهريائين 1521ع ۾ شاهه بيگ ارغون، ٻيو 1555ع ۾ پورچوگيز فوجن ۽ ٽيون پيرو شهر جي پنهنجي حڪمران مرزا جاني بيگ جڏهن هو اڪبر جي فوج جي 1591ع ۾ مزاحمت ڪري رهيو هو. ان هوندي به اهو شهر ڏاڪڻي سنڌ جي راڄڌاني رهيو جيستائين 1768ع ۾ حيدرآباد جي تعمير ٿي ۽ پنهنجي عظمت کي پهتي. فادر مانرق، جنهن سنڌوندي ذريعي 1641ع ۾ لاهور کان ٺٽي تائين سفر ڪيو پنهنجي احوال ۾ ٺٽي شهر کي "دي ميٽروپوليٽن سٽي آف دي ڪنگڊم آف سنڌ" قرار ڏنو آهي. هن جي احوال پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته ان وقت شهر جي وڏي اهميت ۽ واپار ۽ ڪاروبار جو مرڪز هو.

ڪئپٽن الیگزنڈر هئملٽن جنهن 1699ع ۾ ان کي ڏٺو لکي ٿو ته، "ٺٽو صوبي جو واپاري مرڪز ۽ تمام وڏو ۽ شاهوڪار شهر آهي. اهو ٽي ميل ڊگهو ۽ ڏيڍ ميل ويڪرو ۽ لاري بندر کان 40 ميل پري آهي. ٺٽو سنڌوندي کان به ميل پري آهي ۽ درياءَ مان ڪنهن ذريعي پاڻي شهر ڏانهن کڻي اچن ٿا. بادشاهه جا باغ سٽي حالت ۾ هئا جيڪي ميون ۽ گلن خاص طور ڏاڙهن سان ڀريل هئا جنهن جهڙو ڏائقو مان اڳ نه چکيو هو." هي وڌيڪ چئي ٿو "ٺٽو شهر ديني تعليم، فلسفي ۽ سياست جي علم جي

لحاظ کان مشهور هو ۽ انهن مضمونن جي تعليم پرائمري لاءِ 400 کاليج هئا. ”نٽي ۽ پور چوگيزن جي وچ ۾ واپاري سلسلو هو ۽ اينڊرحملن مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته انهن جي مشنريز هتي قدم جمايا ۽ پوءِ زوال ڏٺائون. ”پورچوگيزن شهر جي اوير ۾ هڪ گرجا ناهي هئي. گهر صحيح حالت ۾ موجود آهن ۽ چوغي خاني ۾ بزرگن ۽ راهبن جي پوشاڪن جون تصويرون رکيل آهن جيڪي وڪرو ڪرڻ لاءِ رکيل هيون پر ان ڏٻتي ليتي لاءِ واپاري نه هيس.“ گذريل ٽن سالن کان اتي خشڪ سالي هئي جنهن سبب سخت طاعون پکڙيو ۽ شهر ۾ رڳو اٽڪل 80,000 ماڻهو مري ويا ۽ جنهن شهر ۾ اوني ۽ سوتي ڪپڙو پيدا ٿيندو هو ان جي اڌ آبادي خالي ٿي وئي. ان ئي وقت سورت ۽ گجرات ۾ به طاعون جي وبا پکڙجي وئي.

ڪلهوڙن جي اسرڻ کان پوءِ نٽي جو زوال تيز ٿيو. هينري پوٽنگر. جيڪو 1809ع ۾ شهر مان لنگهيو لکي ٿو. ”اسان ڏٺو سفر ڪيوسين ۽ اسان قٽل آثار ڏٺاسين جنهن کان پوءِ شهر جي آبادي واري حصي ۾ داخل ٿياسين.“ 1831ع ۾ اليگزنڈر برنس پنهنجي احوال ۾ لکيو. ”ان جي آبادي 15,000 فردن کان وڌيڪ نه هئي ۽ گهڻ آثارن تي پکڙيل هئا. جن مان اڌ رهڻ جي لائق هئا. لونگيون اُٽڻ لاءِ جنهن ڪري هي هنڌ مشهور هو رڳو 125 ڪتنب باقي هئا. شهر ۾ چاليهه ڪن واپاري به نه هئا.

آر.ايڇ ڪينيڊي پنهنجي احوال ”دي ڪئپمين آف دي آرمي آف دي انڊس اينڊ سنڌ توڪابل اِن 39_1838“ ۾ نٽي جي زوال جو ذڪر ڪيو آهي. هي لکي ٿو. ”ان جي آبادي جا ڪجهه فرد سامان جي تياري مشغول هئا. اوني ۽ سوتي ڪپڙي جي ملاوٽ سان نهيل لونگيون ۽ صدريون اڃان تائين ۾ ايشيا جي شاهوڪار ماڻهن لاءِ فخر جو باعث هيون. نٽي جي ميڪانيڪي هنر ۾ قديم نموني جو هڪ بچيل نشان نٽي جي تحريري نقشن ۾ نظر اچي ٿو جنهن کي ”بمبئي باڪسز“ سڏجي ٿو. ان جا اصلي هنرمند. ٽالپرن جي آمراٽي هلت سبب سنڌ مان لڏي بمبئي ۾ آباد ٿيا ۽ اتي ملازمت اختيار ڪيائون. 1911ع جي آدمشماري مطابق نٽي شهر جي آبادي 11,116 هئي جڏهن ته 1951ع ۾ اها گهٽجي 9,716 ٿي. ان ورهاڱي کان پوءِ نٽي، مهاجرن کي پاڻ ڏانهن موهت نه ڪيو ڇاڪاڻ ته ان کان وڏا شهر ڪراچي ۽ حيدرآباد موجود هئا. جتي ڪيترائي مهاجر هنرمند آباد ٿيا. اهو ممڪن آهي ته ڪوٽڙي ٻڙاج جي ترقي سبب آبپاشي وڌي ته نٽو پنهنجي وڃايل حيثيت ٻيهر حاصل ڪري. پر هينئر اهڙيون ڪي به نشانيون نه آهن ته ڪا به تيز ترقي ٿي سگهندي. شهر سوڙهين گهٽين ۽ به يا ٽي ماڙ گهرن تي مشتمل آهن جن تي گاري جو پلستر ٿيل آهي. گهريلو عمارت سازي ۾ پٿر استعمال نه ڪيو ويو آهي.

سنڌ جي شهرن ۾ نٽو اڻ صفائي سبب نمايان آهي. پسگردائي ۾ هيٺاهين زمين جي ڪري هوڏ سبب پاڻي جا ڏُنڀا ٻيهي رهن ٿا جن مان شهر ۾ مليريا پکڙجي ٿي.

ڏٺي ۾ واڌين جو اڄان سڌو تعداد واپار ۾ مصروف آهي ۽ لونگيون ننڍي سطح تي تيار ڪيون وڃن ٿيون. آبادي جو سڀ کان اثرائتو حصو سيد آهن جيڪي صدين کان اتي آباد آهن. تحفة الڪرام جو ليکڪ ۽ سنڌ جو تاريخدان مير علي شير قانع، ڏٺي جو رهواسي هو ۽ اهو ارڙهين صدي جو وچ وارو زمانو هو. ڏٺي جي عظمت جا ڪجهه يادگار جيڪي هينئر موجود آهن انهن ۾ مڪلي جي ڏکرين تي مقبرا ۽ شهر ۾ جامع مسجد ۽ دابگير مسجد آهي.

مڪلي جون ڏکريون زميني لحاظ کان تراڪڙي ميدان ۾ دلچسپ سطحي ڏکريون آهن جيڪي رني ڪوٽ جي گروهه کان مختلف آهن. پير پٽو کان شروع ٿيندڙ ڏکرين جو اهو سلسلو اتر ۾ يارهن ميلن تائين ڦهليل آهي جيڪو ڏٺي جي اولهه ۾ ختم ٿئي ٿو. اولهه کان نظر وجهندي ان کي ڏکري ڏٺو ڇئي سگهجي پر ڏٺي کان ان جي ٻيهڪ ڏکري جهڙي نظر اچي ٿي. ان جي حقيقي اوچائي سمنڊ جي سطح کان 80 کا 150 فوٽ آهي. چوٽي پوئو آهي جيڪا ٿوهر سان سجايل ۽ بلوري پٿر ۽ سخت پيلي چن جي پٿر جي پاڙسان آهي. اُن ٿوهر جو فروٽ (ڪئڪٽس) الڳ ٿي زمين تي ايتري مقدار ۾ ڪرن ٿا جو اڳوٽي بلوچستان ۾ هنگلاج ويندڙ سان انهن جو واپار ٿيندو هو. پر ان جي زميني ٻيهڪ کان وڌيڪ دلچسپي جو مقام مڪلي ڏکرين جو پراڻو قبرستان آهي جيڪو اڌ اتراندي حصي تي مشتمل آهي. اتي دفن ٿيل مردن جو تعداد لک آهي. اهو اندازو لڳائڻ مشڪل آهي ته هتي پهرين قبر ڪڏهن کوٽي وئي. ڇيو وڃي ٿو ته هڪ سيد کان پوءِ ٻي سيد کي اتي دفنايو ويو. سما جامن جي راڄڌاني سموئي ڏکري جي اتر ۾ پڇاڙي هيٺان هئي ۽ هڪ مقبول روايت مطابق جام تماچي ۽ مهاڻي جي ڏيءِ جنهن کي هن پنهنجي راڻي ٻڌايو جون قبرون اُن جي پڇاڙي ۾ آهن. جام نندو يا نظام الدين کان اسان تاريخ تائين پهچون ٿا. ان جي مقبري جي اڏاوت بابت ڪوبه شڪ نه آهي ته اهو 1508ع ۾ تعمير ٿيو. اهو پٿر جي نقش سان پرپور ۽ ان تي نڪتل خاڪا هندو طرز جا آهن. ارغونن جام نندي جي پٽ کي نيڪالي ڏني، جيڪو سکر ۾ رهيو ۽ مڪي ۾ دفن ٿيو. ارغونن کان پوءِ ترخانن جي دور ۾ ڏٺو هيناهين سنڌ جي ٻيهر راڄڌاني ٻڌيو ۽ ان سان گڏ عمارت سازي جو دور شروع ٿيو. پهرين ترخان حڪمران مرزا عيسيٰ جو مقبرو پٿر سان اڏيل آهي پر ان ۾ هن جي پٽ محمد باقي ۽ ٻين جي مقبرن ۾ ڪاشي جون سرون ۽ چِٽَ نڪتل سرون استعمال ٿيل آهن. ان ڪم بابت آرڪيالاجيڪل سروي بمبئي جو سپرنٽنڈنٽ مسٽر ايچ. ڪسنز ڇئي ٿو "آخري مرحلي جون عمارتون اڪثر سرن جون تعمير ٿيل آهن، سرن جو ڪم مثالي ٿيل آهي جيڪي بهترين مٽي مان ٺهيل، ڳوريون، صاف ۽ تيز ڇيڙن واريون آهن. ڪجهه غير ڪاشي جون لسيون گهري ڳاڙهيون آهن جڏهن ته باقي سرن جو ٻاهريون مٽاڇرو گهري ۽ هلڪي نيري ۽ اڇي رنگ سان مينا ڪاشي سان رنگيل هو. انهن جي وچ ۾ ڳنڍ عمدا هٿا جيڪي هن سر جي پاسي کان اٺ انچن جي پٽي ۾ اڇي مينا ڪاشي سان هٿا. سرن جون اڪثر عمارتون اهڙين سرن سان اڏيون ويون آهن جن ۾ مختلف نمونن لاءِ ڪيترائي رنگ استعمال ڪيا ويا آهن ۽ ائين معلوم ٿئي ٿو ته هر سر کي پنهنجي الڳ جاءِ لاءِ پچايو ويو هجي. ڳنبڊن جي اندروني سطح تي اهي ور وڪڙ نمونن

۾ استعمال ڪيا ويا آهن. پر انهن عمارتن ۾ سڀ کان عمدو ڪم دروازن، چت ۽ دروازن کي ڪنهن اڀارن ذريعي چڻني پاسن کان بند ڪيل حصن ۽ پٽ جي هيٺين حصن تي ڪاشي جو ڪم آهي. انهن تي ڏنل رنگ چٽڪار جي انداز ۾ ٽيل آهي جنهن سبب اهو نرم، ملائم ۽ نيم شفاف هئڻ جو منظر پيش ڪري ٿو جيڪا ان جي مُک خاصيت آهي. منهنجي سوچ مطابق اهو اثر يوروپين طرز جي ٽائيل وانگر آهي جيڪي سخت ۽ تيز لڪيرن سبب مشهور آهي. اڪيلو نمونو متاڀري جي ڪيترن والن تي ڦهليل آهي. نتيجي ۾ هر ٽائيل پنهنجي پرسان واري کان مختلف معلوم ٿئي ٿي. رنگ جيڪي استعمال ٽيل آهن اهي مُک ٽي آهن: گهرو عمدو نيرو، فيروزي يا هلڪو سائو نيرو ۽ اڇو. پهريان ۾ تمام شفاف رنگ آهن ان ڪري کين وڌي گهرائپ ۽ عمدگي حاصل آهي. هاڻي ڏنئي ۾ پيلو رنگ معلوم ملي ٿو پر پراڻو ڪم تمام گهٽ آهي. ان جي جاءِ هاڻي بخملي، مينا ڪاشي سرن يا پٿر والاري آهي.

گذريل سالن ۾ مقبرن جي مرمت لاءِ قدم کنيا ويا آهن ۽ جامع مسجد، دابگير مسجد ۽ ڪلان ڪوٽ کي انشنٽ مانيومينٽس ائڪٽ 1904ع هيٺ محفوظ يادگار قرار ڏنو ويو آهي. مُک مقبرا هيٺيان آهن.

1. مرزا جاني بيگ ۽ مرزا غازي بيگ جو مقبرو:

جاني بيگ ڏنئي جو آخري آزاد حڪمران هو. هن اڪبر بادشاهه جي موڪليل جنرل جو بهادري سان مقابلو ڪيو پر ناڪام ٿيو. هٿيار ڦٽا ڪرڻ کان پوءِ هن کي ڏنئي جو گورنر بڻايو ويو. هن 1599ع ۾ لاڏاٽو ڪيو. غازي بيگ پنهنجي پيءُ جي جاءِ والاري ۽ هن کي قندار جو پڻ گورنر مقرر ڪيو ويو. هن کي 12_1611 ۾ قتل ڪيو ويو. ٻنهي پيءُ ۽ پٽ کي هن مقبري ۾ 1613ع ۾ دفنايو ويو. جيڪو اوچي پيمر تي اڳڻ ۾ بيٺل، اٺ ڪنڊو ۽ گنبذ واري پٽ سان آهي. پيمر پٿر جو آهي پر ڏانچو ڪاشي جي سرن جو جن تي نيري رنگ جون لڪيرون نڪتل آهن. اهو پٽي جو نمونو نايابَ آهي ۽ بي هنڌ موجود نه آهي. پٿر جو ڪم ڪجهه خوبصورت گلڪاري ۽ نقش ڏيکاري ٿو. اندر تي مقبرا آهن جن مان ٻه سنگ مرمر ۽ هڪ پٿر سان ٺهيل آهي.

2. نواب مرزا عيسيٰ ترخان جو مقبرو:

هي ڏنئي جو پهريون ترخان حڪمران هو جنهن کي جهانگير بادشاهه 1927ع ۾ ڏکڻ سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو. ان جو خاتمو 1644ع ۾ ٿيو. ان دوران هن کي ڪرنال جي فوجي خدمت لاءِ مقرر ڪيو ويو ۽ چيو ويڃي ٿو ته اتان هن پنهنجي مقبري جو پٿر موڪليو پر ڪن روايتن مطابق اهو پٿر جوناڳڙهه کان آيو. مقبرو مڪلي جي ٽڪري تي سڀ کان نمايان آهي. اهو اڳڻ جي وچ ۾ ڪڙو آهي ۽ 70 فوٽ چورس آهي. مرڪز ۾ عظيم ڪمرو آهي جنهن ۾ يارهن قبرون آهن جيڪي عمارت جيڏيون گنبذ تائين ڏگهيون آهن. اهي چئني طرفن کان ٽنهين سان هن ماڙن تي مشتمل آهن. سيئي بخملي رنگ واري پٿر سان تعمير ٽيل آهن جن تي نقش نڪتل آهن. مقبرا نقشن سان ڍڪيل آهن

جن تي عربي ۽ فارسي اکرن ۾ آيتون ۽ عبارتون لکيل آهي. انهن جا چيڙا لسا جن تي نالا ۽ تاريخون لکيل آهن. ٻاهران گنبذ لسو ۽ اڇو آهي.

مقبري جي اوير ۾ ان جي اڳيان ساڳي طرز تي محراب آهي جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته اها نواب عيسيٰ خان جي زال جي قبر آهي. پر اتي هڪ قبر تي 1557ع جو سن لکيل آهي جيڪو نواب جي لاڏاڻي کان نوي سال اڳ جو آهي. ان قبر جي تاريخ بابت يقين سان ڪجهه نٿو چئي سگهجي.

3. مرزا طغرل بيگ جو مقبرو:

اهو مٿي ڄاڻايل ٻنهي مقبرن جي وچ ۾ آهي. طغرل بيگ بابت گهٽي ڄاڻ نه آهي ان کان سواءِ ڪلان ڪوٽ جو ڪنهن وقت نالو طغرل آباد هو ۽ ان مان خيال ڪري سگهجي ٿو ته هي ڪجهه نالیرو ڪمانڊر هو. هن جو مقبرو زبون حالت ۾ آهي پر هينئر وڌيڪ نقصان کان محفوظ ڪيو ويو آهي. اهو سمورو پٿر جو ٺهيل آهي. گنبذ ٻارهن ٿنڀن تي بيٺل آهي.

4. ديوان شرفا خان جو مقبرو:

هي آخري ٻن اڇن گنبذن وارن مقبرن کان مختلف آهي جيڪو ٻاهران عمدن ڳاڙهين سرن سان تعمير ٿيل آهي جن تي نيري- سائي مينا ڪاشي جون لکيرون نڪتل آهن. شايد سڄي تي مينا ڪاشي جو ڪم ٿيل آهي. سڄي ڏانچي تي هڪجهڙو ڪم ٿيل آهي سواءِ بنياد ۽ پائي کان. اهو هڪ وڏي اڳڻ ۾ ٽلهي تي بيٺل آهي. ديوان جيڪو ارغون جو دهلي طرفان ٺٽي ۾ مقرر ٿيل ڪنهن گورنر جو وزير هو. چيو وڃي ٿو ته اهو مقبرو سندس زندگي ۾ 1638ع ۾ تعمير ڪيو ويو.

5. نواب امير خليل خان جو مقبرو:

چيو وڃي ٿو ته اهو 1672ع کان 1585ع جي وچ واري دور ۾ تعمير ڪيو ويو. هن وصيت ڪئي ته هن کي مقبري جي اندر دفن نه ڪيو وڃي جيڪو ستن بزرگن لاءِ مخصوص هو. انهن جو تقدس زبون حالي کان محفوظ نه رکيو ويو آهي. انهن تي پرڪشش ۽ منفرد اڇن عربي اکرن ۾ نقش نڪتل آهن.

6. مرزا عيسيٰ ترخان جو مقبرو:

هي مرزا هيناهين سنڌ جو پهريون ترخان هو ۽ چيو وڃي ٿو ته هن جو مقبرو 1573ع ۾ تعمير ڪيو ويو. ان سان گڏ وڏي چورس اڳڻ ۾ ٻيا به مقبرا آهن. اتي به ننڍا اڳڻ پڻ آهن. سڀ پٿر جا ٺهيل آهن جن تي نقاشي ۽ نقش نڪتل آهن ۽ ڪجهه هنڌن تي نوڪدار آهن.

7. جام نظام الدين جو مقبرو:

مڪلي جي ٽڪري تي هي سڀ کان پراڻو مقبرو آهي جنهن جي اڏاوت 1508ع ۾ ٿي. جام نظام الدين آخري پر انهن سما جامن مان هو جن ٽڪري کي پنهنجي يادگارن سان ڀرڪي ڇڏيو. هن جي مقبري جي عمارت ڪنهن ڇت کان سواءِ چورس شڪل ۾ اڏيل آهي جيڪا سڄي پٿر سان ٺهيل آهي. ڀت ۾

لڳل ۽ گڏوگڏ پٿر ويڪر ۾ مختلف ۽ بي جوڙ نمونن جا آهن. پٽ جي پاسي ۾ ڏاڪڻ تنگ ڇڇهري ۽ ايوان تي ختم ٿئي ٿي. پرسان تازو اڏيل مقبرو اندروني طور ڪاشي جي سرن سان ٺهيل آهي.

سڀ کان آخر ۾ اتر طرف ۽ ماٿري جي بي پاسي هڪ وڏو ۽ واضح سيد علي شيرازي جو مقبرو سرن سان اڏيل آهي جنهن جي مٿان ۽ ننڍا قبا پلستر سان ڍڪيل اڇي رنگ جا آهن. ان لوڙهي ۾ ڪجهه مقبرن تي نقش نڪتل آهن پر سيد جي مقبري تي نقش نه آهن. هي بزرگ ٺٽي جي ماٿين طرفان امرڪوٽ وٽ بادشاهه همايون کي نذرانو پيش ڪرڻ لاءِ چونڊيو ويو. هن 1572ع ۾ وفات ڪئي ۽ چيو وڃي ٿو ته هن جو مقبرو جوڪيو قبيلي سان تعلق رکندڙ پوئلڳن تعمير ڪرايو.

مسجدون:

جامع مسجد: هي عظيم مسجد جيڪا اڃان استعمال هيٺ آهي، ٺٽي شهر ۾ آهي. مقامي تاريخ مطابق مغل بادشاهه اها مسجد ٺٽي شهر کي ان بدلي ۾ تحفي طور ڏني جيڪو هن شهر بادشاهه کي سندس پيءُ خلاف بغاوت وقت پناهه ڏني. ان جي شروعات 1644ع ۾ ۽ پڄاڻي 1647ع ۾ ٿي. پر فرش يارهن سالن کان پوءِ وڃايو ويو. چيو وڃي ٿو ته ان تي 9 لک روپيا خرچ آيو. اها قافلي سراءِ جي شڪل ۾ تعمير ٿيل آهي جنهن جي وڏي اڳڻ ۾ پرسان 90 ڪبن سان ڍڪيل ڪمرا آهن. ان جي ڊيگهه 315 ۽ ويڪر 190 فوٽ آهي ۽ 6316 چورس وال ميدان تي مشتمل آهي. ٻاهريون لسو ۽ اڇي رنگ سان جڏهن ته اندريون حصو فرش کان وٽي گنبڊ تائين حيرت انگيز نمونن سان رنگين ٽائلن جو ڪم ٿيل آهي. ان سان گڏ ڪيترائي گنبڊ هينئر ڍڪيل نه آهن شايد اهي اصلي حالت ۾ ائين هئا ۽ هينئر سڄي عمارت زبون حالي جو شڪار هئي جڏهن سربارٽل فريئر 1855ع ۾ ان کي چندي جي ذريعي محفوظ ڪيو جنهن ۾ حڪومت 5000 روپيا ڏنا. 1894ع ۾ ٻيهر 20,500 روپيا گڏ ڪيا ويا ۽ هالا ۽ ملتان ۾ ٺهيل سرن سان پٽين جي مرمت ڪئي وئي.

دابگير مسجد:

شايد اها ڪڏهن شهر جي وچ ۾ هئي پر هينئر ان کان ٻاهر موجود آهي ۽ زبون حال آهي. گنبڊ ڪري پيو آهي ۽ سامهون لڳل ڪاشي جون اڪثر سرون غائب آهن پر ان کي وڏيڪ تباهي کان بچائڻ لاءِ قدم کنيا ويا آهن محراب تي نقاشي اهڙي نموني ڪئي وئي آهي ته ڏسندڙ کي يقين ئي نه ايندو ته هو پٿر جي بدران نقش نڪتل صندل جي ڪاٺ کي ڏسي رهيو آهي. اها عمارت امير خسرو خان تعمير ڪرائي جيڪا ٽن سؤ سالن کان وڌيڪ پراڻي آهي. جڏهن مرزا عيسيٰ ترخان ٺٽي جو گورنر هو ته سرڪاري خزاني جي سنيال ڪندي مسئلن جو شڪار ٿيو.

سما جامن جي راڄڌاني ساموئي، ٺٽي کان اتر اولهه ۾ ٽن ميلن جي مفاصلي تي آهي. ان بابت آرڪيالاجيڪل سروي جي رپورٽ چئي ٿي "اهو هاڻي ننڍن ڳوٺن جو واهڻ آهي جتي ڏڙا ۽ پير جو مقبرو آهي. اتي لسي سرن سان ٺهيل مسجد کان سواءِ ڪنهن به پراڻي آثار جا اهڃاڻ نظر نٿا اچن.

سنڌ گزيٽيئر

(جلد ٻيو)

مترجم

محمد احمد منصور عباسي

باب يارهون

ڍل (Land Revenue)

مهراڻ جي ماٿري اصل کان هڪ زرعي علائقو رهي آهي. انهيءَ ڳالهه جو تعين ته جاگرافيائي صورتحال ڪري ڇڏيو پر در حقيقت موجوده دور جي گهرجن مطابق کا به رياست پاڻ کي مضبوط بنيادن تي بيهڻ نه ٿي سمجهي. جيستائين ان کي صنعتي پيداوار جي محفوظ پنپرائي حاصل نه ٿي هجي. سنڌ ۾ خيرپور جي علائقي کي مدنظر رکندي انهي ڳالهه جو اندازو ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ٿو لڳي ته صنعت کي هٿي ونرائڻ سان مهراڻ جي ماٿري جهڙي علائقي جي معيشت جي بنيادي رخ ۾ تبديلي ڪيئن آڻي سگهبي. جيڪو ڪجهه کان سواءِ ٻئي هر قسم جي اهڙي خام مال کان وانجهيل آهي جيڪو جديد صنعت لاءِ گهربل هوندو آهي. سنڌ جي معيشت ۾ زراعت ۾ ان مان حاصل ٿيندڙ ڍل واري آمدني کي جيڪا اهميت حاصل آهي انهي جو اندازو 1951ع واري آدمشماري مان ملندڙ انگن اکرن کي ڏسي ٿي سگهي ٿو. 1951ع واري آدمشماري ۾ آبادي کي بنيادي طور ٻن حصن ۾ ورهايو ويو آهي هڪ حصو جيڪو شهري محنت ڪش طبقي تي ٻڌل آهي ۽ ٻيو ورياهو آهي جيڪو انهي طبقي ۾ شامل نه آهي.

سنڌ ۾ خيرپور جي آبادي کان سڌي ٽيڪس ذريعي ٿيندڙ اوگاڑين ۾ حڪومت جو واحد مکيه ذريعو زمينن جي ڍل آهي. هينئيان انگ اکر سنڌ ۾ خيرپور جي مالي وسيلن ۾ زمين جي آبادي ذريعي حاصل ٿيندڙ محصولن جو تناسب ڏيکارين ٿا.

هيٺ سال 1950/51ع کان 1954/55ع تائين ڍلن مان حاصل ٿيندڙ مجموعي آمدني ڏيکاريل آهي.

ڍلن مان حاصل ٿيندڙ مجموعي آمدني (لک روپين ۾)

	1950_51ع	1951_52ع	1952_53ع	1953_54ع	1954_55ع
اڳوٽي سنڌ	150.94	267.82	274.82	254.25	203.29
خيرپور	58.36	74.41	72.00	61.59	63.98

انهن ورهين دوران ڍلن جي آمدني جو ٻين اسمن مان ٿيندڙ آمدني سان تناسب هينئين ريت رهيو:

	1950_51ع	1951_52ع	1952_53ع	1953_54ع	1954_55ع
اڳوٽي سنڌ	18.1	27.5	28.1	24.7	20.9

اوگاڑين جو اهو نظام جنهن مان سرڪاري آمدني جو ايترو وڏو حصو حاصل ٿئي ٿو ۽ جنهن تحت آبادي جي ايتري انگ کي روزگار ملي ٿو اهو ماضي کان مليل ورثو آهي. ڪلهوڙن ۽ تالپرن ڍل جو مغلن وارو

نظام جاري رکيو. اهو خود هندو بادشاهن جي طريقہ ڪار تان اخذ ڪيل هو. جنهن تحت ڪنهن بہ ملڪ جي زمين اتان جي حاڪم جي ملڪيت ۾ هوندي هئي جنهن کي ان مان ٽيندڙ آمدني تي حق حاصل هوندو هو ۽ هو پنهنجي رعيت کان انهي تي آبادي ڪرڻ جي حق طور پيداوار جو ڪجهہ حصو وصول ڪندو هو. انهي نظام ۾ رياست عملي طور زمين جي مالڪ هوندي هئي ۽ آبادگارن ۽ زميندارن جي حيثيت رياست جي رضامندي سان اتي وينلن جي هوندي هئي. جاگيرداراڻي دور ۾ رياست پنهنجن وفادار پيروڪارن کي زمينن جون خاص گرانٽون ۽ زمين آباد ڪرڻ جا حق ڏيندي هئي.

نيپيئر سنڌ جو انگريز حڪومت سان الحاق ڪرڻ وقت وڏن زميندارن بجاءِ زمينون آباد ڪندڙ ڪرمين جي حمايت ۾ هو. پر جن وڏن جاگيردارن نئين برطانوي حڪومت آڏو آڙ مچي انهن جون جاگيرون انهن وٽ ئي رهڻ ڏنائين. نيپيئر ڏلن جي وصولي جي انتظامي لحاظ کان ملڪ کي ٽن حصن ۾ ورهايو. انهن حصن ۾ خيرپور رياست شامل نہ هئي. ڇاڪاڻ جو هن انهي جي جداگانہ وجود کي تسليم ڪيو هو. البتہ وقت گذرڻ سان وڌيڪ ضلعن جي ضرورت پيدا ٿيندي وئي. ڇاڪاڻ جو هڪ تہ ڪم وڌندو ٿي ويو ۽ ٻيو تہ آبپاشي نظام ۾ بهتري اچڻ سان زمين جي آبادي بہ وڌندي پئي وئي. زمين جي ڏل اوڳاڙي جي نظام کي هلائيندڙ عملدارن ۾ هڪ ڪليڪٽر هوندو آهي، جنهن وٽ هڪ ضلعي جي چارج هوندي آهي. انهي کان هيٺ ڊپٽي ڪليڪٽر هوندو آهي جيڪو ضلعي جي هڪ سب ڊويزن سنڀاليندو آهي. وري مختيارڪار هوندو آهي، جنهن وٽ هڪ تعلقي جي چارج هوندي آهي. آخر ۾ تپيدار هوندو آهي، جنهن وٽ هڪ ڪان وڌيڪ روينيو ايڪن (Units) جي چارج هوندي آهي. انهن ايڪن کي ديهہ سڏيو ويندو آهي. ديهون گڏجي هڪ تپو ٺاهيندیون آهن. تپيدار سپروائيزنگ تپيدار جي ماتحت هوندو آهي، جنهن جي چارج ۾ ڪيترائي تپا هوندا آهن. اڪثر ضلعن ۾ سب ڊويزنل آفيسرن جو تعداد ٻن کان ٽن تائين هوندو آهي ۽ مختيارڪار ڇهن کان ستن تائين هوندا آهن.

1874ع واري گزيٽيئر ۾ روينيو انتظام بابت بيان ڏنل آهي جيڪو موجوده حالتن مطابق بہ درست آهي. روينيو ۽ عدالتي مڪيہ چارج ڪليڪٽر وٽ هوندي آهي ۽ سب ڊويزن ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر يا اسسٽنٽ ڪليڪٽر وٽ هوندي آهي، جنهن کي مئجسٽريٽ جي حيثيت ۾ فوجداري معاملن ۾ مڪمل اختيار هوندا آهن. وري ڊپٽي ڪليڪٽر يا سب ڊويزنل آفيسر جي ماتحت مختيارڪار هوندا آهن جن کي تعلقي جي روينيو جي چارج هڻڻ سان گڏوگڏ اهي فرسٽ يا سيڪنڈ ڪلاس جا ماتحت مئجسٽريٽ پڻ هوندا آهن. انهن مان هر هڪ تعلقي آفيسر جو عملو سراسري طور ڇهن منشين ۽ ستن پٽيوالن ٻڌل هوندو آهي. هيڊ منشي کي عام طور ماتحت مئجسٽريٽ جا اختيار هوندا آهن جيئن جڏهن مختيارڪار پنهنجي حد ۾ گشت تي هجي تہ هو فوجداري ڪيس هٿ ۾ کڻي سگهي. هر تعلقو ڪيترن ئي تپن تي ورهايل هوندو آهي، جنهن جي چارج تپيدار کي هوندي آهي. تپيدار جو ڪم جيتوڻيڪ گهڻو ڪري ڏل گڏ ڪرڻ هوندو آهي، پر در حقيقت هن تي وڏا بار هوندا آهن. وري هر تپيدار کي پنهنجي ڪم ڪار ۾ معاونت لاءِ هڪ يا هڪ

کان وڌيڪ ڪوٽاريا پٽيوالا هوندا آهن. تپيدار جي فرضن ۾ آبپاشي هيٺ ايندڙ زمين جو رکارڊ رکڻ، آبادي هيٺ ايندڙ سموري زمين جي ماپ ڪرڻ، انهي ۾ ڪجهه ڇڏ ڇوٽ هوندي آهي ۽ پنهنجي تپي جي ڏل وٺڻ هوندو آهي. سندس ڪم تي مختيارڪار ۽ سب ڊويزنل آفيسر ٻئي نظر رکندا آهن.

مختيارڪار پنهنجي تعلقي جي سمورين هارپي وارين توڙي سيري زمينن جي ڏل جي وصولي جو ذميوار هوندو آهي ۽ ٻيا ڪنهن ٻ نموني ڏل سان لاڳاپيل معاملا هن جي عملداري هيٺ ايندا آهن. اهو سرشتو چڱي نموني هلندو رهي ٿو ۽ هڪ نظرداري مٿان ٻي نظرداري جو موقعو ڏئي ٿو. تپيدار جي ڪم تي سپروائيزنگ تپيدار نظر رکندو آهي ۽ تپيدار ۽ سپروائيزنگ تپيدار ٻنهي جي ڪم تي مختيارڪار نظر رکندو آهي. وري مختيارڪار جي ڪم تي ڊپٽي ڪليڪٽر جي اک هوندي آهي. ڊپٽي ڪليڪٽر وري ڪليڪٽر جي نگهداشت هيٺ ڪم ڪندو آهي. اهي سيئي گشتي آفيسر آهن ۽ سموري سال دوران هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ سفر ڪندا رهندا آهن. وري ڪليڪٽر جي ڪم تي ڪمشنر جي نظر هوندي آهي. ڪمشنر جو هر سال ڪليڪٽرن ۽ ڪجهه سب ڊويزنل آفيسرن جي آفيسن جي انسپيڪشن جو پروگرام ٺهيل هوندو آهي. ڏل گڏ ڪرڻ جنهن کي وصولي چيو ويندو آهي اها سال جي مقرر وقتن تي قسطن ۾ ڪئي ويندي آهي ۽ ڏل جا ڪاتا سال ۾ هڪ دفعو بند ڪيا ويندا آهن. انهي عمل کي جمع بندي چيو ويندو آهي. رکارڊ آف رائيٽس ۾ تعلقي جي آباد ۽ غير آباد زمين جو رکارڊ رکيو ويندو آهي ۽ ڪمشنر وقت بوقت ڏلن جي انتظام بابت خاص سرڪيولر جاري ڪندو آهي. اهي سرڪيولر ڏل جي اوڳاڙي سان لاڳاپيل هوندا آهن ۽ انهن ۾ عملدارن جي اختيارن ۽ فرضن جو تعين ٿيل هجڻ سان گڏوگڏ زميندار توڙي آبادگار طبقي سان لاڳاپن جو تعين ٿيل هوندو آهي. ليند روينيو ڪوڊ ۽ انهي جي قاعدن قانونن کي ڏل ۽ انهي جي وصولي بابت قانونسازي جو هڪ شاهڪار چئي سگهجي ٿو. پر بئراج ٺهڻ ليند روينيو ڪوڊ ۽ قانونن ۾ ڦيرڦار جي ضرورت کي جنم ڏنو آهي. هن نقطي کي هن باب ۾ ڪجهه اڳتي هلي ايارپو ويندو.

ٽالپر حڪمرانن جي دور ۾ ڏل عام طور جنس جي صورت ۾ ورتي ويندي هئي. انهي طريقي ۾ پيداوار کي بٽئي (يعني ورهاست) نظام تحت ورهايوويندو هو. رياست جي طلب آبپاشي جي طريقي مطابق تبديل ٿيندي رهندي هئي. جنهن زمين کي هٿراڏو طور پاڻي ڏنو ويندو هو انهي تي ٿيل فصلن لاءِ مروج شرح جملي پيداوار جي چوٿين کان ٽئين حصي تائين هوندي هئي. جڏهن ته قدرتي طور ٻوڏ هيٺ آيل زمينن تي ٿيل فصلن تي عام طور پيداوار جو اڌ يا 2/5 حصو گهريو ويندو هو. پر انهن شرحن ۾ گهٽي ردوبدل ٿيندي رهندي هئي. مقامي رواج کي هر جاءِ تي مان ڏنو ويندو هو. هڪ واڌو محصول جنهن جي شرح پيداوار جو پندرهون حصو هوندو هو اهو ٻ جنسن جي صورت ۾ ورتو ويندو هو. اهو رياست جي نوڪري ڪندڙ اهلڪارن جي خرچ جي پورائي لاءِ ورتو ويندو هو. وري عملدارن جي پٽن ۽ انهن جي نوڪرن چاڪرن جي خرچ پکي جي پورائي لاءِ پڙ ڪيترين ئي ننڍين فيون ورتيون ويندين هيون. اهي واڌو ادائيگيون زراعت تي هڪ وڏو بار هوندين هيون. ڪجهه فصلن تي روڪ مسواڙ پڙ ورتي ويندي هئي (انهن کي محصولي فصل چيو ويندو

هو) اهڙن فصلن ۾ ڪمند، ڪپهه، تماڪ ۽ سبزيون اچي ٿي ويون. انهنکي هڪ دفعي ۾ ئي لاب وجهي يا چونڊو نه ٿو ڪري سگهجي نه ئي اهي سولائي سان ورهاست ۾ اچي سگهن ٿا. انهن مسواڻن تي به ٻيون واڌو ادائيگيون ڪرڻيون پونديون هيون جيڪي سراسري طور 9 سيڪڙي تي وڃي پهچنديون هيون. ڪڏهن ڪڏهن اناجي زمينن تي ۽ خاص طور چانڊڪي ۾ جنس جي صورت ۾ ادائيگي جو هڪ ٻيو نظام به چالو هوندو هو. جنهن کي ڪاسگي چيو ويندو هو. انهيءَ ۾ حڪومت جي طلب ٻني جي پيداوار تي هڪ خرار تي ست ڪاسا مقرر هوندي هئي. انهي جو حساب لڳ ڀڳ چوٿين حصي جي برابر ٻيهي ٿو. اها شرح تمام وڏي هوندي هئي، پر جيڪڏهن فصل سٺو نه ٿئي ته تخفيف جي دعويٰ ڪري سگهبي هئي. رڪابيرا جي نالي سان هڪ ٻيو سرشتو به چالو هوندو هو جنهن ۾ آبادگار پنهنجي اناج جي مسواڙ روڪ پئسن ۾ مٽرائي سگهندوهو. انهي جو حساب فصل جي تخميني پيداوار جي سيڪان ويجهي وڏي شهر ۾ موجوده قيمت جي لحاظ سان ڪيو ويندو هو.

پر ميرن جي دور ۾ ديل گهٽو ڪري ٺيڪي تي ڏني ويندي هئي. اڳواٽ ادائيگي ڪرڻ تي ٺيڪيدار کي ٺيڪي واري ايراضي تي مڪمل قبضي جي اجازت ڏني ويندي هئي ۽ هو سرڪار جي باقاعدي آفيسرن کي نيڪالي ڏئي انهن جي جاءِتي پنهنجا ماڻهو آڻيندو هو. انهي سرشتي ۾ ٺيڪيدار پاران ٽيندڙزور زبردستي تي ڪابه رڪاوٽ نه هوندي هئي. الا ماشاءَ الله ٺيڪيدار جو ڪو ذاتي مفاد هجي ته ٻي ڳالهه هئي. وري جيڪڏهن ٺيڪو ٿور مدتي هوندو هو ته اها روڪ به ڪم نه ڪندي هئي. زميندار ڪڏهن ڪڏهن ٺيڪيدار جي زور زبردستين کان مجبور ٿي پنهنجي بچاءَ ۾ هڪ وڪ اڳتي وڌائيندي وڌيڪ رقم جي آڇ ڪري ديل گڏ ڪرڻ جو ٺيڪو پاڻ وٽي ايندا هئا ۽ اهو اقدام پلي ڪهڙي به مرحلي تي ٿئي عام طور وڌيڪ واڪ ڏيڻ سان نئون ماڻهو پراڻي کي نيڪالي ڏياري ڇڏيندو هو.

برطانوي حڪومت اچڻ سان انهي نظام کي جيتوڻيڪ بنا دير تبديل نه ڪيو ويو پر رياست جي طلب پيداوار جي ٿئين حصي تائين محدود رهي ۽ لڳي ٿو ته اها شرح به انهن زمينن تي لاڳو رهي جن کي ڪنهن مشينري جي مدد کانسواءِ پاڻي ملندو هو. جن زمين تي هٿراڏو طريقي سان پاڻي پهچائڻو پوندو هو انهن تي فصل جو چوٿون حصو وصولي ٿيندي هئي. روڪ مسواڙ هڪ روپيو اٺ آنا (هڪ روپيو پنجاهه پئسا) في بيگهو مقرر هئي (نيپئر پاران مقرر ٿيل بيگهي ۾ 2500 چورس وال هوندا هئا) ۽ هيٺاهين سنڌ (Lower Sind) ۾ في ايڪڙ تي ٻه روپيا 3 آنا (هاڻي 2 روپيا 62 پئسا ۽ مٿانهين سنڌ (Upper Sind) ۾ ٻه روپيا اٺ آنا (هاڻي ٻه روپيا 50 پئسا) هئي. ساڳئي وقت پراڻيون نيون ۽ محصول ختم ڪيا ويا ۽ ديل گڏ ڪندڙ عملي لاءِ جنس جي صورت ۾ 4 ڪاسا في خرار جيڪو جملي پيداوار جي پندرهين پتي جي برابر ٿئي ٿو يا روڪ پئسن جي صورت ۾ پيداوار جي قيمت جو 6 سيڪڙو جي يڪسان شرح مقرر ڪئي وئي [هتي اصل ليکڪ حاشيي ۾ خرار جو حساب ڏنو آهي ته اهو 60 ڪاسن جي برابر آهي ۽ اهو 28 هندستاني مڻ جي برابر آهي. پاڻ ئي ڄاڻايو اٿائين ته هندستاني مڻ 82 پائونڊن جو ٿئي ٿو. اسان پڙهندڙ جي سهوليت لاءِ

واضح ڪريون ٿا تہ اهڙي طرح خرار وچي لڳ ڀڳ 1041 ڪلوگرامن جي برابر ٿيو. سنڌيڪار] في خرار تي 3 ڪاسا يا پيداوار جي ويهين پتي آبيانو پڙ ورتو ويندو هو.

برطانوين پاران سنڌ فتح ڪرڻ کانپوءِ انهي کي انتظامي طور بمبئي پريزيڊنسي سان گڏايو ويو. انهي عمل نيپئر جي گورنري دوران ايتري اهميت نہ ٿي رکي جاکاڙ تہ سندس ڏيان غير فوجي ڪمن بجاءِ فوجي معاملن ڏانهن وڌيڪ رهيو. البت نيپئر جڏهن 1847ع ۾ روانو ٿي ويو تہ بمبئي پريزيڊنسي سان الحاق سچي پچي صورت اختيار ڪري ورتي ۽ نيپئر کانپوءِ ايندڙ مسٽر پرنگل هڪ اهڙو منتظم هو جنهن جي تربيت بمبئي پريزيڊنسي جي روينيو نظام ۾ ٿي هئي ۽ هن اتي ئي ڪم جو تجربو حاصل ڪيو هو. سياويڪ طور هن محسوس ڪيو تہ انهي وقت اڳوٽي سنڌ ۾ مروج نظام ۾ جامعيت ۽ ڪارڪردگي جي ڪوٽ هئي. بمبئي جي گورنر سر جارج ڪلارڪ جڏهن اپريل 1848ع ۾ سنڌ جو دورو ڪيو تہ هن کي روينيو نظام خراب حالت ۾ نظر آيو ۽ اهو رايو ڏنائين تہ: "اهو ڏسڻ ڪانپوءِ تہ موجوده نظام ۾ ڪنهن بہ روڪ ۽ سارسنيال جو نظام ڪيترو نہ ناقص ۽ تمام بيڪار آهي. اها ڳالهہ ڪٽي اناج جي بلڪل تڙ ورهاست هجي يا پئسن جي متاسٹا هجي. تڏهن مون کي افسوس ٿوٽئي تہ اسان پاران ملڪ تي قبضو ڪرڻ کانپوءِ اسان اهڙين ڳالهين تي ضابطو آڻڻ لاءِ زميندارن، مقدمن، قبيلن جي سربراهن ۽ ڳوٺن جي بين ماڻهن مان فائدو چونہ ورتو جن تي اسين پاڻ ڪڏهن بہ ڪاميابي سان ضابطو نہ آڻي سگهون ها." انهيءَ کانپوءِ جيڪو وهيو واپريو اهو سولائي سان سمجهہ ۾ اچي سگهي ٿو. ايندڙ ويهن ورهين تائين سنڌ جي روينيو نظام کي بمبئي پريزيڊنسي جي نظام وانگر ٺاهڻ ۽ ان جي مطابق ڪرڻ جون ڪوششون ٿيندیون رهيون. حقيقت اها آهي تہ بمبئي جون حالتون سنڌ کان بلڪل مختلف هيون. گزيٽيئر جي 1907ع واري ايڊيشن ۾ انهن ڪوششن جو مڪمل بيان ڏنل آهي جيڪي اڳوٽي سنڌ جي حالتن تي بمبئي جو روينيو نظام لاڳو ڪرڻ لاءِ ڪيون ويون. هاڻي انهن ڪوششن جو تفصيلي بيان ڏيڻ تہ ضروري نہ آهي پر انهي نظام کي سنڌ ۾ اپنائڻ جي عمل جو هڪ خاڪو ڏيڻ ڪافي ٿيندو جيڪو سنڌ جي حالتن مطابق آبپاشي نظام اختيار ٿيڻ تائين هلندو رهيو.

پهريون قدم اهو هو جنهن کي First Settlement چيو وڃي ٿو اهو انهي وقت ڪنيو ويو جڏهن حڪومتي نظام ڪجهہ قدر منجهيل حالت ۾ هو. بيبن، پاويل پنهنجي ڪتاب Land System of British ۾ لکي ٿو: "سن 1847ع ۾ غير فوجي حڪومتي نظام لاڳو ڪرڻ کانپوءِ هڪ ست سالو نظام قائم ڪيو ويو انهي ۾ فصلن جي پيمائش ڪئي وئي. هڪ ست سالا سيٽلمينٽ ڪئي وئي جنهن ۾ رعيتي زمين تي فصلن جي ماپ ڪري حڪومت جو حصو ان جي تخميني قيمت تي ڪڍيو ويو ۽ زميندارن جاگيرون ۽ ڏي مسواڙ تي ليز تي ڏنيون ويون.

نتيجي ۾ قيمتون ڪري پيون. ڏلون ڏاڍيون ڳريون ثابت ٿيون ۽ اهو نظام 54-1853ع ۾ ختم ٿي ويو جو هر طرف کان پراڻي مقامي نظام ڏانهن موٽڻ جي گهر ٿيڻ لڳي جنهن ۾ فصل جي ورهاست ڪري ڏل جنس جي صورت ۾ ڪنئي ويندي هئي. تڏهن ڳوٺن جا نقشا نہ هوندا هئا نہ ئي ڳوٺن جون تعلقي لسٽون

ٽڌهن ڪوهستان، ڪراچي ضلعي جي ڪجهه جاين ۾ ٿرپارڪر جي ڪجهه حصن کي ڇڏي سموري سنڌ ۾ وڏايو ويو. انهن حصن ۾ حالتون انهن علائقن کان گهڻيون مختلف هيون جتي پاڻي سهوليت سان دستياب ٿئي ٿو.

آبپاشي واري سيٽلمينٽ Sattlement جون اهم خصوصيتون هي آهن.

1. زمين تي ڏيل تڌهن ئي ڏني وڃي ٿي جڏهن اها آباد ڪجي ٿي.
2. ڏيل جي اڳه جو دارومدار آبپاشي جي قسم تي ٿئي ٿو.
3. جيڪڏهن فصل جو سمورو يا ڪجهه حصو نه ٿئي ته ڏيلن ۾ وڏي پيماني تي ڇوٽ ملي ٿي.
4. ڪنهن به ڏيل اڳاڙي کانسواءِ ساهي جا مڪمل چار سال ڏنا وڃن ٿا ۽ قبضي جو حق به نٿو مري.

تجربي مان ثابت ٿيو آهي ته انهي نظام کي انهن زمينن جي حالتن تي به تمام سٺي نموني لاڳو ڪيو ويو آهي جن جي ڏيل جو اڳه هوڙ وارن واهن تي مقرر ٿئي ٿو. ڏيل کي يڪمشتي وصولي سمجهيو وڃي ٿو جنهن ۾ ڏهن مان نو حصا پاڻي جي قيمت سمجهي وڃي ٿي ۽ اها آبپاشي جي ڪاتي ۾ وڃي ٿي جڏهن ته باقي حصي کي زمين جي ڏيل سمجهيو وڃي ٿو ۽ انهي کي انهي ڪاتي ۾ جمع ڪيو وڃي ٿو. جن زمينن کي خانگي واهن مان پاڻي ملي ٿو انهن تان گهٽ اڳه ۾ ڏيل وصول ڪئي وڃي ٿي. ڇاڪاڻ ته انهن واهن جي ڪاٽي حڪومت نه ٿي ڪرائي. ڏيل جي اڳه ۾ گهٽتائي هيٺ لهندڙ پيماني تي ڪئي وڃي ٿي جيڪا واهه جي ڊيگهه جي حساب سان تبديل ٿيندي رهي ٿي. ڏيل جي هڪ ريٽي تي هڪ آنو (ڇهه پئسا) ڏيل گڏ ڪندڙ عملي جي خرچ طور وصول ڪيو وڃي ٿو.

ٿرپارڪر جي ريگستاني تعلقن کي اهڙا علائقا سمجهيو وڃي ٿو جتي ڏيل جو سرڪاري اڳه مقرر ٿيل نه آهي. انهن علائقن ۾ ڏيل تلي نظام تحت ورتي وڃي ٿي. تلي مقامي لفظ تل مان ورتل آهي. تل پٽن جي وچ ۾ اهڙا هيناهين وارا زمين جا ٽڪرا آهن جتي مناسب مينهن وسڻ کانپوءِ ڪو فصل ٿي سگهندو آهي. آبادي هيٺ اچي سگهندڙ علائقو هر سال مينهن جي نسبت سان گهٽ وڌ ٿيندو رهندو آهي. تنهنڪري ڏيل هڪ مقرر مسواڙ جي صورت ۾ لاڳو ڪئي ويندي آهي. انهي جي درجي بندي سراسري آبادي هيٺ ايندڙ علائقي مطابق ڪئي ويندي آهي. ڪوهستان ۾ پڻ جتي مينهن کانپوءِ ڇڏي پاڏي آبادي ٿيندي آهي. اتي پڻ ڏيل جي اوگاڙي لاءِ خاص انتظام ڪرڻ ضروري سمجهيا ويا. اتي ڏيل نالي ماتر اڳه کان مڙئي ڪجهه وڌيڪ هوندي آهي ۽ اڪثر معاف ڪئي ويندي آهي.

آبپاشي نظام تحت مقرر ٿيل ڏيلون زمين جو قبضو رکندڙ حڪومت کي روڪ پئسن جي صورت ۾ ڏيندو آهي پر زميندار ۽ هاري جي وچ ۾ ٿيندڙ ادائيگيون اڄا بٽئي نظام تحت ٿيندڙيون آهن. جنهن ۾ زمين جي پيداوار جي ورهاست ڪئي ويندي آهي. ٽالپر سرڪار طرفان پيداوار جو مقرر ٿيل حصو مختلف رهيو آهي. اهو جنهن زمين کي قدرتي طور پاڻي ملي انهي تان اڏ ڪان به پنجان حصا هو ۽ هٽ سان پاڻي ملندڙ زمين تان پيداوار چوٿون حصو هو. هاڻي اهو اندازو هڻڻ مشڪل آهي ته ڏيل جي اها شرح ڪيتري عرصو لاڳو

فقط انهي بنياد تي ڪيو ويندو هو. انهيءَ کي پکڙيل شرح (diffused rate) وارو نظام چيو ٿي ويو. پر آبادگار انهيءَ مان اهو فائدو ونڊ لڳا جيڪو اهو ناهيندڙن جي ذهن ۾ ئي نه هو. اهي هڪ سال تڙتڪڙ ۾ ڦٽپوري نموني سموري زمين کي هر ڏئي ڇڏيندا هئا ۽ جيئن ته زمين ٽڪي پوندي هئي تنهنڪري سموري بلاڪ کي ساهي ڏئي نئين زمين کڻندا هئا. سيٽلمينٽ ۾ به زميندارن پاران زيان واري ڏکيائي کي منهن ڏيڻو پوندو هو. شروع ۾ اها تجويز پيش ڪئي وئي ته اهو سمورو زيان جنهن جا گهٽي حد تائين زميندار ذميوار آهن انهي کي سروي ۾ شامل ڪيو وڃي پر پوءِ جيئن ته زميندار رجسٽرڊ مالڪ ڏيکاريل آهن تنهنڪري انهن کي سموري ڏيل ڏيڻي پوندي ۽ اهو ڪم هوڪري نه سگهندا. تنهنڪري انهي نظام جي ناڪامي تي هڪ نئون سرشتو عمل ۾ آيو. انهيءَ ۾ فقط آبادي هيٺ آيل زمين تي ڏيل ڏيڻي ٿي پئي پر ساهي هيٺ آيل زمينن تي حق برقرار رهيو ٿي."

انهي کي نظرثاني ٿيل سيٽلمينٽ (Revised settlement) چيو ٿي ويو. انهي جو بنياد اڃا وڌيڪ تفصيلي سروي تي هو جنهن ۾ نمبرن جي سائيز اڃا گهٽائي وئي هئي. پر زمين جو قبضو رکندڙ پنهنجي پٽي ۾ ايندڙ جيترا بلاڪ چاهي پاڻ کي انهن جي قبضي رکندڙ طور رجسٽر ڪرائي سگهيو ٿي ۽ ڪجهه قاعدن تحت ڪجهه بني ساهيءَ ۾ به رکي سگهيو ٿي ۽ اجازت واري عرصي دوران ڪنهن ادائيگي کانسواءِ انهن تي پنهنجو حق رکي سگهيو ٿي. هو جيڪڏهن آبادي ڪندو ته مڪمل ڏيل ڏيندو.

پر پکڙيل نظام جي خاتمي سان ماڻهو جيڪا غير آباد زمين پاڻ وٽ رکندا هئا انهي تي پوندڙ روڪ ختم ٿي وئي. انهي نقص جو ازالو ڪرڻ لاءِ اهو قانون ناهيو ويو ته جيڪا زمين ڪجهه واجبي وقت کان وڌيڪ ساهي ۾ رهي ته انهي تي ڏيل ڏيڻي پوندي انهي لاءِ اهو پيمانو ناهيو ويو ته ساريال فصل تي زمين چئن ورهين ۾ هڪ ورهيه ساهي ۾ رهندي ۽ چرخي زمينن ۾ هر چئن ورهين ۾ ٿي ورهيه ساهي ۾ ڇڏي سگهبي.

سروي تي نظرثاني لازماً آهستي هلندڙ عمل هوندو هو ۽ اڪثر ڪنهن تعلقي ۾ پکڙيل شرح (Diffused settlement) جو مدو پورو ٿي وڃڻ ۽ نئين شرح لاڳو ڪرڻ جي وچ ۾ ڪيترن ورهين جو عرصو گذري ويندو هو. انهي وچ واري عرصي ۾ هڪ عارضي ۽ تجرباتي شرح لاڳو ڪئي ويندي هئي جنهن کي آبپاشي واري شرح (Irrigation Settlement) چيو ويندو هو جو ته زمين جي سروي ۽ درجي بندي مڪمل نه ٿيڻ سبب ڏيان فقط انهي ڳالهه تي ڏنو ويندو هو ته ڪنهن خاص مند ۾ ڪنهن ٻني کي آباد ڪرڻ ۾ آبپاشي جو ڪهڙو طريقو ڪم آندو ويو هو. انهيءَ مان ماڻهو ايترا مطمئن ٿيا جو سن 1887ع ۾ انهي نظام کي مستقل طور اپنائڻ جو فيصلو ڪيو ويو. انهي شرح مطابق ڪنهن تعلقي جي ڳوٺن کي گروپن ۾ ورهايو ويندو آهي ۽ اهي گروپ پاڻي ملڻ ۽ پيداوار کي مارڪيٽ ۾ نيڪال ڪرڻ جي سهوليتن مطابق ناهيا ويندا آهن. اهڙي طرح ڳوٺن جي هر گروپ ۾ آبپاشي جي طريقن مطابق اڳهه مقرر ڪيا ويندا آهن. ڏيل جو اڳهه قيمتن جي رجحان، زمين جي قيمت، واهن جي حالت ۽ آبادگار طبقي جي اقتصادي حالتن کي مدنظر رکندي متعين ڪيو ويندو آهي. انهي قسم جي Sattlement جي شروعات 83_1882ع ۾ ٿي جو انهيءَ جو دائرو

تڏهن ڪوهستان، ڪراچي ضلعي جي ڪجهه جاين ۾ ٺرپارڪر جي ڪجهه حصن کي ڇڏي سموري سنڌ ۾ وڏايو ويو. انهن حصن ۾ حالتون انهن علائقن کان گهڻيون مختلف هيون جتي پاڻي سهوليت سان دستياب ٿئي ٿو.

آبپاشي واري سيٽلمينٽ Sattlement جون اهم خصوصيتون هي آهن.

1. زمين تي ڏل تڏهن ئي ڏني وڃي ٿي جڏهن اها آباد ڪجي ٿي.
2. ڏل جي اڳهه جو دارومدار آبپاشي جي قسم تي ٿئي ٿو.
3. جيڪڏهن فصل جو سمورو يا ڪجهه حصو نه ٿئي ته ڏلن ۾ وڏي پيماني تي ڇوٽ ملي ٿي.
4. ڪنهن به ڏل اڳاڙي ڪانسواءِ ساهي جا مڪمل چار سال ڏنا وڃن ٿا ۽ قبضي جو حق به نٿو مري.

تجربي مان ثابت ٿيو آهي ته انهي نظام کي انهن زمينن جي حالتن تي به تمام سٺي نموني لاڳو ڪيو ويو آهي جن جي ڏل جو اڳهه ٻوڏ وارن واهن تي مقرر ٿئي ٿو. ڏل کي يڪمشتي وصولي سمجهيو وڃي ٿو جنهن ۾ ڏهن مان نو حصا پاڻي جي قيمت سمجهي وڃي ٿي ۽ اها آبپاشي جي ڪاتي ۾ وڃي ٿي جڏهن ته باقي حصي کي زمين جي ڏل سمجهيو وڃي ٿو ۽ انهي کي انهي ڪاتي ۾ جمع ڪيو وڃي ٿو. جن زمينن کي خانگي واهن مان پاڻي ملي ٿو انهن تان گهٽ اڳهه ۾ ڏل وصول ڪئي وڃي ٿي. ڇاڪاڻ ته انهن واهن جي ڪاتي حڪومت نه ٿي ڪرائي. ڏل جي اڳهه ۾ گهٽتائي هيٺ لهندڙ پيماني تي ڪئي وڃي ٿي جيڪا واهه جي ٻيگهه جي حساب سان تبديل ٿيندي رهي ٿي. ڏل جي هڪ ريٽي تي هڪ آنو (ڇهه پئسا) ڏل گڏ ڪندڙ عملي جي خرچ طور وصول ڪيو وڃي ٿو.

ٺرپارڪر جي ريگستاني تعلقن کي اهڙا علائقا سمجهيو وڃي ٿو جتي ڏل جو سرڪاري اڳهه مقرر ٿيل نه آهي. انهن علائقن ۾ ڏل تلي نظام تحت ورتي وڃي ٿي. تلي مقامي لفظ تل مان ورتل آهي. تل پٽن جي وچ ۾ اهڙا هيناهين وارا زمين جا ٽڪرا آهن جتي مناسب مينهن وسڻ کانپوءِ کو فصل ٿي سگهندو آهي. آبادي هيٺ اچي سگهندڙ علائقو هر سال مينهن جي نسبت سان گهٽ وڌ ٿيندو رهندو آهي. تنهنڪري ڏل هڪ مقرر مسواڙ جي صورت ۾ لاڳو ڪئي ويندي آهي. انهي جي درجي بندي سراسري آبادي هيٺ ايندڙ علائقي مطابق ڪئي ويندي آهي. ڪوهستان ۾ پڻ جتي مينهن کانپوءِ ڇڊي پاڻي آبادي ٿيندي آهي. اتي پڻ ڏل جي اوگاڙي لاءِ خاص انتظام ڪرڻ ضروري سمجهيا ويا. اتي ڏل نالي ماتر اڳهه کان مڙئي ڪجهه وڌيڪ هوندي آهي ۽ اڪثر معاف ڪئي ويندي آهي.

آبپاشي نظام تحت مقرر ٿيل ڏلون زمين جو قبضو رکندڙ حڪومت کي روڪ پئسن جي صورت ۾ ڏيندو آهي پر زميندار ۽ هاري جي وچ ۾ ٿيندڙ ادائيگيون ايجا بٽئي نظام تحت ٿيندڙيون آهن. جنهن ۾ زمين جي پيداوار جي ورهاست ڪئي ويندي آهي. تالپر سرڪار طرفان پيداوار جو مقرر ٿيل حصو مختلف رهيو آهي. اهو جنهن زمين کي قدرتي طور پاڻي ملي انهي تان اڏ کان به پنجاهن حصا هو ۽ هٽ سان پاڻي ملندڙ زمين تان پيداوار چوٿون حصو هو. هاڻي اهو اندازو هڻڻ مشڪل آهي ته ڏل جي اها شرح ڪيتري عرصو لاڳو

رهي. پر اها ڳالهه آهي ته تالپر حڪمران قدامت پرست هوندا هئا ۽ مقامي ريتن رسمن ۽ موروثي حقن جو احترام ڪندا هئا. برطانوي راج قائم ٿيڻ ڪانپوءِ پيداوار مان ورتو وبندڙ حصو گهٽ ڪري انهي شرح تي آندو ويو جنهن کي مغل حاڪم ٻه بهتر سمجهندا هئا. اهو اگهه ٽيون حصو هوندو هو پر اها حڪومت طرفان سڀ کان وڌي طلب هوندي هئي ۽ فقط انهي زمين تان وصول ڪئي ويندي هئي جنهن تي پاڻي بلڪل گهٽ تڪليف سان پهچي ويندو هو. جرخي زمين تي ڏل جي شرح چوٿون حصو هئي اها ئي ملڪ جي وڌي حصي ۾ لاڳو هوندي هئي. ڏل جي موجوده شرح جو بنياد اهو اگهه آهي. سن 1849ع ۾ روڪ ڏل متعارف ٿيڻ سان چوٿين حصي کي 24 رپيا اٺ آنا في نار جي عملي شرح ۾ تبديل ڪيو ويو. اها لڳ ڀڳ 2 رپيا اٺ آنا في ايڪڙ جي برابر وڃي ٻيهي ٿي. سن 1904ع ۾ اڳوٽي سموري سنڌ ۾ هر قسم جي آبپاشي تي ٻه رپيا 13 آنا (2 رپيا 81 پئسا) في ايڪڙ هو ۽ جرخي زمين تي ته ايڪا ٻه گهٽ هو. اهڙي طرح ڏل جو مروج اگهه پئسن جي لحاظ کان اهو ئي هو جيڪو 1849ع ۾ پيداوار جي حصي جي مساوي ٿئي ٿيو. پر ٻنهي دورن جي اگهن ۾ نسبتي فرق تمام گهٽو هو ڇو ته سن 1845ع کان 1849ع تائين ڏل طور گڏ ڪيل اناج جي وڪري جي رڪارڊ مان خبر پوي ٿي ته ٻاجهري، جوئر، ڪڪ، چانور، ڄاڻيي جي سراسري هول سيل قيمت انهي دور ۾ پنجاهه سال پوءِ واري دور جي مشڪل سان ٽئين حصي جي برابر هئي.

جيئن ته اڳوٽي سنڌ ۾ پوکي راهي گهٽو ڪري زمين جو قبضو رکندڙ ۽ ڪاشت ڪندڙ هاري جي وچ ۾ اشتراڪ جي صورت ۾ ٿيندي هئي ۽ جيئن ته انهن ٻنهي جي وچ ۾ مالي معاملا ٻڌئي نظام تحت هلندا هئا. تنهنڪري انهي جو هڪ مڪمل بيان ڏيڻ ضروري اهي ته ٻڌئي نظام هلي ڪيئن ٿو. انهي مان نه فقط اها خبر پوندي ته اڄڪلهه زميندار ۽ هاري ۾ پيداوار جي ورهاست جو ڪهڙو قانون آهي، پر انهي جي ڄاڻ رکڻ جو هڪ سبب اهو ٻه آهي ته ٿي سگهي ٿو ته مستقبل ۾ زميندار ۽ هاري جي مالي معاملن ۾ ٻڌئي نظام شايد بلڪل ختم ٿي وڃي. اهڙين حالتن ۾ اهو بيان ڏيڻ ڏاڍو فائديمند ٿيندو ته ٻڌئي نظام ڪيئن ٿو هليو. هيٺيون بيان سنڌ گزيٽيئر جي 1876ع واري اشاعت مان ورتل آهي ۽ اهو موجوده دور تي لاڳو ڪرڻ ۾ اهو احتياط ضرور ڪيو وڃي ته موجوده دور ۾ پيداوار جي ورهاست حڪومت جي ڏل جي ادائيگي تي لاڳو نه ٿي ٿئي جيڪا روڪ پئسن ۾ هوندي آهي. پر اها زمين جي آبادي جي نفعي جي انهن حصن تي لاڳو ٿي ٿئي جيڪي زميندار ۽ هاري جي وچ ۾ ورهايا ويندا آهن.

فصل جي ورهاست - ٻڌئي نظام:

سرڪاري ڪري يا اهو پٽ جتي فصل جو ڳاهه ٿيندو آهي انهي جو بيان ليفٽيننٽ جيمسن هنن لفظن ۾ ڏنو آهي. "جڏهن هر شيءِ تيار ٿي ويندي اهي ته مٽي ذڪر ڪيل عملدار ڪاردار ۽ سندس محرر سان گڏ ڪري تي ايندا آهن اتي پهچڻ سان ٻڌئيدار سڀ کان اڳ اهو ڏسندو آهي ته ڇا سمورو اناج ڳاهجي ۽ صاف ٿي ويو آهي ۽ ڪجهه ٻه ڪڏن ڪوبن ۽ سوراخن ۾ لڪل نه آهي. اهو هڪ عام رواج آهي. پوءِ آبادگارن کي حڪم ڏنو ويندو آهي ته ڪوڙي ناهين ۽ جيڪڏهن ڪري ۾ مختلف ماڻهن جي مختلف ٻنين ۽ ٽڪرن جي

پيداوار هوندي آهي تہ هر آبادگار پاڻ تي لاڳو ٿيندڙ ڊل جي حساب سان پنهنجي اناج جون ڪوڙيون ٺاهي رکندو آهي. انهي سان گڏوگڏ ٻيون ڪوڙيون ٺهي وڃڻ کانپوءِ هر حالت ۾ ٻين ڪوڙين جي ٽئين يا چوٿين پٽي ماپ جيتري هڪ ڏار ڪوڙي ضرور ٺاهي ويندي آهي. انهي کي "تاڙ" چيو ويندو آهي. انهيءَ کان پوءِ بٽئيدار چوگرد گهمي ڏسندو آهي ۽ ان کي جيڪي ڏيريون سڀ کان سنيون ڏسڻ ۾ ايندیون آهن انهن کي سرڪار لاءِ ڏار ڪندو آهي. بٽئيدار پوءِ باقي ڏيرين ڏانهن موٽندو آهي ۽ بٽئي شروع ڪندو آهي. پوءِ جيڪڏهن لڳندو آهي تہ انهي ۾ هڪ خرار ان جو آهي تہ هو ڏکي تي چڙيندو آهي تہ انهي ۾ سوا خرار آهي. جيڪڏهن آبادگار انهي تي راضي ٿيندو آهي تہ ڪم اڳتي وڌندو آهي جيڪڏهن نہ تہ بٽئي دار انهي جي ماپ ڪرڻ جو حڪم ڏيندو آهي ۽ هو اهو ڪم اهڙي طرح ڪندو آهي جيئن اهو بٽيدار طرفان ٻڌايل مقدار تي بلڪل پورو لهي ۽ اهڙي طرح آبادگار جي اعتراضن کي موثر نموني ختم ڪيو ويندو آهي. اهڙي طرح هاڻي ٽن ڏيرن ۾ $3\frac{3}{4}$ خرار ان جا ماپيا ويندا ۽ انهن جي خسره ۾ به اهڙي طرح داخلا رکي ويندي پوءِ سڀ کان جدا رکيل ڏير يا تاڙ جي ماپ شروع ٿيندي جيڪڏهن ابواب جي شرح چار ڪاسا في خرار هوندي تہ $4\times3\frac{3}{4}$ جو مطلب ٿيندو. 15 ڪاسا جيڪي سرڪاري ڪاتي لاءِ ماپ ڪري ڏيڻا ويندا. اها ماپ سدائين اهڙي طرح ڪئي ويندي آهي جو مقدار ٻڌايل انگ کان گهٽو وڌي ويندو آهي. انهي ماپ کي هونادستي چيو ويندو آهي ۽ اها سرڪاري ڏير ۾ شامل ڪئي ويندي آهي. هاڻي سموري پيداوار مان زميندار جا خرچ ڏيڻا ويندا آهن ۽ هڪ پاسي ڪري رکبا آهن. ڪجهہ جاين تي انهي جو چوٿون حصو سرڪار ڪٽندي آهي ۽ ڪجهہ جاين تي سمورو حصو زميندار کي ملندو آهي. زميندار حصو گهٽو ڪري پيداوار جي هاري جي حصي مان ڪنيو ويندو آهي. انهي صورت ۾ اهو بٽئي جي ڪاتن ۾ ڪڏهن بہ ظاهر نہ ٿيندو آهي. انهيءَ کانپوءِ سموري پيداوار جو ويهون حصو لاپي جي مد ۾ ماپي ڏيڻو ويندو آهي. لاپو لاباري جي خرچن کي چيو ويندو آهي. اهو آبادگار کي ملندو آهي جنهن اڳ ۾ انهي مد ۾ خرچ ڪيا هوندا آهن. پوءِ وايوءِ ڪنيار اچي هاريءَ جو پاسو جهلينداآهن. اهي مند جي شروعات وقت هاريءَ جا بہ اهم معاون هوندا آهن. وايو هن کي نار ٺاهي ڏيندو آهي ۽ ڪنيار ڪيس نار لاءِ لوتيون ٺاهي ڏيندو آهي. انهن جو حصو عام طور هڪ رپيو يا في چرخي تي ان جا پنج ڪاسا هوندو آهي. يعني هڪ نار تي آباد ٿيندڙ زمين جي جملي پيداوار تي هڪ رپيو ۽ ننڍي نار يعني هرلي تي اٺ آنا. اهي حصا جدا ڪري هڪ پاسي رکي چڙڻ کانپوءِ ننڍين سرڪاري عملدارن يعني ڪوٽار پنگي جا حصا بہ ساڳئي طرح ماپي ڏار ڪري رکبا آهن. انهن مان بہ هر هڪ کي اڌ کان ڏيڍ ڪاسو في چرخي تي ملندو آهي. باقي جيڪو بچندو آهي انهيءَ کي ٽن حصن ۾ ورهايو ويندو آهي. انهن مان هڪ سرڪاري ڏير ۾ وڌو ويندو آهي باقي بہ هاري ڏانهن ويندا آهن انهي ۾ بہ ائين ٿيندو آهي جو مثال طور جيڪڏهن 15 ڪاسا بچيا تہ هڪ ڪاسو سرڪاري ابواب يعني خرچ جو سمجهيو ويندو ۽ پنج ڪاسا سرڪاري حصو سمجهيو ويندو. اهڙي طرح ڇهئي ڪاسا ماپي سرڪاري ڏير

۾ وڌا ويندا ۽ باقي آبادگارن کي ملندا. انهيءَ کانپوءِ جنهن هنڌ انهي ٻنيءَ جو ان گڏ ڪيو ويو هو بٽئيدار انهي جو غور سان جائزو وٺندو آهي ته ڪٽي کي داڻا ٻج لاءِ ته نه بچايا ويا آهن يا ان سنگن ۾ ته نه رهجي ويو آهي. پوءِ جيڪڏهن ڪيس ڪٽي ڪجهه ان نظر اچي ويو ته هو رقم جو حساب ڪري ان جي برابر ان هاري جي حصي مان ڪٽي وٺندو آهي. اها شي ڪاتن ۾ ڏار ڪندي جي اسم هيٺ داخل ڪئي ويندي آهي. اهو ساڳيو عمل ڪري جي مختلف ٻنين جي پيداوار تي ورجايو ويندو آهي ۽ سرڪاري حصا هڪ وڏي ڊير ۾ گڏ ٿيندا ويندا آهن. هر ٻني مان سرڪاري عملدارن جا حصا به سرڪاري ڊير پرسان چئن جدا ڊيرن ۾ گڏ ٿيندا ويندا آهن. پوءِ ڪاردار بٽئيدار ۽ سرڪاري عملدار گڏ ٿيندا آهن ۽ ماپ جو ڪم شروع ٿيندو آهي. اها ماپ يا تڪرار گنج پورو ٿيڻ کانپوءِ اناج جي رقم خسرن ۾ داخل ڪئي ويندي آهي ۽ جيڪڏهن اها رقم خسرن ۾ اڳيئي حساب ڪيل رقم کان وڌي وڃي ۽ لڳ ڀڳ سدائين ائين ئي ٿيندو آهي ته تفاوت به داخل ڪيو ويندو آهي ۽ ان کي اضافي تڪرار گنج چيو ويندو آهي. انهي مرحلي تي ڪوٽار ٻهشتي. صفائي واري ۽ ڇڻي سرڪاري اهلڪارن جي حصي مان عام طور چوٿون حصو بٽئيدار سرڪاري ڪاتي ۾ ڪٽندو آهي ۽ هر هڪ فرد جي نالي سان خسري ۾ داخل ڪندو آهي. هاڻي آخري اسم جو ذڪر ضروري آهي. لابارو صحيح نه ٿيڻ سبب ڪيترائي سنگ زمين تي ڪري پوندا آهن ۽ اهي عام طور غريب ماڻهو ۽ ٻار چونڊي گڏ ڪندا آهن انهن کان چوڪيدار يا ڪاراوا سرڪار جي نالي تي ڪجهه حصو وٺندا آهن. انهن سنگن کي ڇڻي صاف ڪري ٻئي ان کان ڏار ڪري رکيو ويندو آهي ۽ انهيءَ کي عام طور خوشه چيني چيو ويندو آهي. جڏهن اهو اسم به خسرن ۾ داخل ڪيو ويندو آهي ته بٽئي پوري ٿي ويندي آهي. ڪاتا بند ڪيا ويندا آهن ۽ ان جي ٽوٽل رقم جو حساب ڪيو ويندو آهي. پوءِ انهيءَ تي ڪاردار ۽ بٽئيدار جون مهرون لڳنديون آهن ۽ پٽواري آخر ۾ اهڙي رسيد لکندو آهي ته هن ان جو هيترو مقدار وصول ڪيو ۽ اهو بالآخر سرڪار ڏانهن اماڻيو ويندو آهي. انهيءَ کانپوءِ سرڪار پٽواري کي انهي جو ذميوار بڻائيندي آهي. هاڻي اهو سرڪاري ان انبار خاني پهچائڻ به آبادگار جي ذمي هوندو هو پوءِ هو يا ته ان پهچائي يا ڊوراڻي جا پئسا پري آبادگار مان واڌو اوڳاڙي ڪرڻ لاءِ انهي آخري حق جو به اڪثر خوب فائدو ورتو ويندو هو. اهي جيستائين پٽواري کي سرڪاري حصي جو حساب نه ڏئي ٻيهندا هئا تيستائين پنهنجي ان کي به هٿ نه لائي سگهندا هئا. انهي کانپوءِ انهن کي جيڪو وٽي سويلي پنهنجي ان کي ڪن."

مٿي ايترو تفصيل سان ذڪر ڪيل بٽائي نظام کي ڪجهه ڦيرڦار سان موجوده حالتن تي لاڳو ٿيل ڪري پڙهيو وڃي جيڪي موجوده دور جي حالتن تي لاڳو آهي. هاڻي سرڪاري ڊل فصل جي حصي طور نه پر روڪ قسط جي صورت ۾ مقرر وقت تي ورتي وجي ٿي. بهرحال مڪيه اناجي فصلن جهڙوڪ ساري، باجهري ۽ جوئر خريف ۾ ۽ ربيع ۾ ڪڻڪ جي بنسبت هاري ۽ زميندار ۾ لاڳاپن جو بنياد بٽئي نظام تي هوندو آهي. انهيءَ ۾ ڪوشڪ نه آهي ته بٽئي نظام پنهنجي موجوده شڪل ۾ پيچيدو آهي پر اهو سولائي سان ۽ سٽي نموني ڪم ڪندو آهي ۽ لاڳاپيل ماڻهو انهي کي چڱي نموني سمجهن ٿا. ساڳئي وقت جديد رجحان اهو

آهي ته جنس جي صورت ۾ ادائيگين جي جاءِ تي روڪ ادائيگيون آنديون وڃن. البت انهيءَ ڳالهه جي پڪ نه آهي ته ڪو بڻئي نظام جلد ختم ٿي ويندو. انهيءَ جو سبب اهو آهي ته سنڌ جي علائقي ۾ ايجا تائين پوڪي راهي جو سرشتو وڌي حد تائين زميندار ۽ هاري جي وچ ۾ اشتراڪ ۽ تعاون جو هڪ مثال آهي ۽ لاباري جي وقت پيداوار جو هڪ حصو ڪڍي ونڊ سولو طريقو آهي. هن نيم جاگيرداراڻي نظام ۾ زميندار يا زمين جو قبضو رکندڙ سرڪاري ڏل روڪ صورت ۾ ادا ڪري ٿو ۽ بنيءَ تائين پاڻي آڻيندڙ خانگي واٽر ڪورس جي ڪائيءَ جو به هوئي بندوبست ڪندو آهي. هاري کي روڪ پئسا به زميندار ئي ڏيندو آهي. هو زمين آباد ڪرڻ لاءِ هن کي ايڊوانس روڪ رقم ڏيندو آهي. هو بڻئي وقت هاري جي حصي مان اهي پئسا ڪٽي ونڊندو آهي. اهو نظام حقيقي جاگيرداري جي ڪجهه باقي رهجي ويل نشانين سان جڙيل آهي جنهن تحت ماتحت کي پنهنجي بالادست لاءِ ڪجهه ڪم ڪار ڪرڻا پوندا آهن. انهي نظام جي قوت جيتوڻيڪ ختم ٿي رهي آهي پر موجوده سنڌ جي علائقي جي زراعت لاءِ هڪ بنيادي ضرورت آهي. جيئن مٿي به بيان ڪيو ويو آهي ته بڻئي نظام خريف ۽ ربيع جي مکيه اناجي فصلن تي هلي ٿو. البت ڪجهه قسمن جي فصلن جهڙوڪ تماڪ، ڪمند، ڪپهه، هر قسم جو ڪسمبو (Safflower) پنگ ۽ ٻين ڪجهه فصلن تي محصولي يا روڪ ڏل ورتي وبندي آهي ۽ انهي جي شرح فصل جي نوعيت، زمين جي قسم ۽ مالڪ جي مرضي مطابق مختلف هوندي آهي. پر عام طور انهي اڳهه ۾ ڪا قيرقار نه ٿيندي آهي. اها روڪ ڏل رسد ۽ طلب جي قانون جي ماتحت هوندي آهي ۽ اڳوٽي سنڌ ۾ زرعي شعبي ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهن جي ڪوٽ سبب انهي ڳالهه جو گهڻو امڪان هوندو هو ته هاري پنهنجي محنت جو وڌيڪ معاوضو طلب ڪندو هو ۽ ڏيتي ليتي ۾ زميندار جي پيٽ ۾ پاڙ کي وڌيڪ فائدو پهچائي ويندو هو.

زمين جا پٽا (Tenures):

تڏهوڪي سنڌ جي علائقي ۾ رائج مختلف پٽن (Tenures) بابت هيٺيون واضح بيان مسٽر هيوز واري سنڌ جي گزيٽيئر جي ٻين ايڊميشن (1876ع) لاءِ لفٽيننٽ ڪرنل آر. ايم. هيگ لکيو هو.

سموري صوبي ۾ زمين جا پٽا بلڪل سادي قسم جا آهن. زمين کي ٻن درجن ۾ ورهايو ويو آهي:

"جن تان رياست لاءِ ڏل جي وصولي ٿئي ٿي" ۽ "جاگيرون" اسان کي اهي هنن ٻن قسمن جي قبضن هيٺ نظر اچن ٿيون:

(1) وڏيون ملڪيتون، اهو نسبتاً ننڍو پر اهم طبقو آهي.

(2) ڪجهه سو ايڪڙ ملڪيتون رکندڙ وچولو طبقو.

(3) آبادگار مالڪن جو هڪ وڏو طبقو اهي سيئي يا ته سنئون سڌو حڪومت کي ڏل ڏين ٿا يا انهيءَ کي ڏين ٿا جنهن ڏانهن زمين جا سرڪاري حق منتقل ٿيل آهن.

ٻيا زراعتي طبقا هي آهن:

(1) قبضي جو حق رکندڙ هاري.

(2) پنهنجي مرضي سان هارپو ڪندڙ.

ٻئين طبقي مان جيتوڻيڪ ڪيترائي ساڻين جاگيرن تي پنهنجي زندگي گذارين ٿا پر انهن کي ملڪيت جو ڪوبه حق نه هوندو آهي ۽ اهي زمين جي مالڪ طرفان وقت بوقت لاڳو ٿيندڙ شرطن جي تابع هوندا آهن. البت ڪوبه دوراندیش زمين مالڪ اها ڳالهه سمجهندو آهي ته سندس هارين سان سٺا لاڳاپا رکڻ هن جي فائدي ۾ آهي ۽ هو اها ڳالهه به سمجهندو آهي ته ڳچ هارين کي نوڪري ۾ رکڻ فائديمند آهي تنهن ڪري اهڙن هارين جي اڪثريت کي پنهنجي پوکي هيٺ زمين سان ايترو ئي ڳانڍاپو هوندو آهي جڙ ته انهن کي به ملڪيت جو حق هجي. زمينن بابت سرڪاري قانون لاڳو ٿيڻ سان انهن جي حالت ايجا وڌيڪ بهتر ٿي وئي آهي ڇاڪاڻ ته انهيءَ سان زمين تي حق جي مالڪي تي اڳ ۾ جيڪا وڌن زميندارن جي هڪ هٿي هئي اها ختم ٿي وئي آهي ۽ اهي اڳي کان گهٽو وڌيڪ خودمختيار ۽ آزاد ٿي ويا آهن."

قبضي جو حق رکندڙ هاري خاص طور فقط اتر سنڌ ۾ ڏنا وجن ٿا اتي اهڙي هاري کي موروثي هاري ڪوٺيو وڃي ٿو. سندس قبضي جو حق ٻئي ڪنهن کي ورثي ۾ ملي سگهندو آهي. اهو حق هاري جي مرضي سان ٻئي ڪنهن ڏانهن منتقل به ٿي سگهي ٿو ۽ انهي ۾ زميندار جي به ڪا مرضي نه هلندي آهي. هن جو زمين تي حق فقط بدل خدمت (Quit_rent) تائين محدود آهي ۽ هو اهو وڌائي نه سگهندو آهي. حقيقت ۾ زميندار اهڙين حالتن ۾ فقط اهڙو فرد آهي جنهن کي زمين تي فقط هڪ قسم جو حق آهي ۽ هو جيتوڻيڪ بالادست مالڪ آهي، پر ڪيس سرڪاري ڊل ادا ڪرڻ جي اجازت نه آهي، جيڪا فقط موروثي هاري کي ئي ادا ڪرڻي آهي. اهو ٻٽو روهڙي ڊويزن ۽ سکر تعلقي ۾ وڌيڪ مروج آهي. باقي سکر ضلعي ۽ شڪارپور سب ڊويزن ۾ انهي جو رواج گهٽ آهي جڏهن ته لاڙڪاڻي جي ڏکڻ ۽ خيرپور جي ايراضي ۾ انهي بابت ڪنهن ٻڌو به نه هوندو. لڳي ٿو ته اهو ٻاهريون آهي ۽ بهاولپور ۽ اڳوڻي پنجاب مان سنڌ ۾ پکڙيو آهي، جتي اهو عام سمجهيو وڃي ٿو. ڇيو وڃي ٿو ته قبضي جو موروثي حق اڳ ۾ ڪنهن به شخص کي ملي ويندو هو جيڪو جهنگ وڊي زمين کي آبادي هيٺ آڻيندو هو جيڪا به زمين ڪنهن نندي آبادگار جي پهچ ۾ هجي ۽ انهي تي ڪو وڏو زميندار دعويٰ رکي ته هڪ دائمي مقرر ٽيل بدل خدمت (Quit_rent) جي ادائيگي تي هاري جا حق تسليم ڪيا ويندا ۽ هاري زمين جو قبضو رکندڙ ٿي ويندو ۽ انهي سان ڪيس درحقيقت مالڪي جا سڀ حق ملي ويندا. ڪڏهن ڪڏهن ته مقامي روايتن مطابق جن ۾ ڪجهه صداقت لڳي ٿي، مٿي بيان ڪيل طريقي جي ابتڙ به پٽو قائم ٿي ويندو هو. يعني بجاءِ انهي جي جو هاري زميندار جي زمين تي مالڪي حاصل ڪري وڃي، زميندار هارپو ڪندڙ مالڪن جي زمينن تي زميندارين حق حاصل ڪري ويندو هو. هو ڪنهن مقامي حاڪم جي ڪرپشن يا ڪنهن ڪاهه ڪندڙ جي نظر عنايت سبب انهي حيثيت ۾ اچي ويندو هو. موروثي هارپو مثال طور سکر جهڙي گهٽي آبادي واري شهر جي اوسي پاسي وارين زمينن تي وڏي مضبوطي سان ڏنو وڃڻ جو به اهو ئي سبب آهي جيڪي لازماً صديون اڳ جهنگ مان آبادي هيٺ آيون.

هوندیون جن بابت اهو فرض ڪري وٺڻ بلڪل بي معنيٰ ٿو لڳي ته اصلي پٽا موجوده دور تائين ۾ ڪيترن مالڪن تائين سنوان سڏا ۾ بغير ڪنهن مٽ سٽ جي پهتا هوندا.

سنڌ ۾ وڻن زميندارن جي زميندارين حقن جي سوال تي گهڻو بحث ٿيندو رهي ٿو ۾ انهي بابت اڃا ڪا متفق راءِ سامهون نه آئي آهي. ڪجهه ماڻهن جو اهو رايو آهي ته هن اڳوٽي صوبي ۾ زميندارين حق بلڪل ائين وجود رکن ٿا جيئن اهي برطانوي هندستان جي ٻين حصن ۾ موجود آهن. انهن جي حمايت ۾ ڳالهائيندڙن اها وضاحت نه ڪئي آهي ته انهن حقن ۾ ڪهڙيون ڳالهيون شامل آهن پر اهي لڳي ٿو ته غير آباد زمين سان لاڳاپيل آهن جنهن بابت چيو وڃي ٿو ته انهي تي زميندار جو حق بحال هڻڻ گهرجي توڙي جو هو اها آباد نه ڪري سگهڻ سبب انهي تان دستبردار ٿي ويو هجي. سنڌي زميندار جيڪڏهن اهو معاملو ڪنهن قانون وٽ کڻي وڃي ته اهو اسلامي قانون ئي آهي سو اهو قانون به جيڪا زمين ٽن ورهين کان وڌيڪ عرصو غير آباد پئي هجي انهي تي کو حق تسليم نه ٿو ڪري. اهڙي زمين رياست کي ملي وڃي ٿي. جيڪڏهن اهو معاملو رواج مطابق حل ڪرڻو آهي ته اها ڳالهه پڪ سان نه چئي سگهبي ته رواج ڪهڙو رهيو آهي. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته مقامي حڪومت هيٺ طاقتور زميندار پنهنجن حقن متعلق پنهنجي سوچ سمجهه تي هلندا هئا ۾ حڪمران انهن کي ٻين جي حقن بابت تيستائين ڪا تڪليف نه ڏيندا هئا جيستائين انهن جي پنهنجن حقن جو ڇڪي طرح دفاع پيو ٿيندو هو. لڳي ٿو ته تالپر وڻن زميندارن جي خاص حقن کي نه مڃيندا هئا ۾ جڏهن به اهڙو قدم کڻڻ جو موقعو آيو ۾ اهي اينترا طاقتور به هوندا هئا ته وڻن زميندارن کي تڙي ڪڙي سندن زمينن تان نيڪالي ڏئي ڇڏيندا هئا. برطانوي راج قائم ٿيڻ وقت اها ڳالهه ڏسڻ ۾ آئي ته مالياتي مسئلن تي ڳوناڻو سماج مڪيه زميندارن، ننڍن زميندارن، ننڍن آبادگارن (جيڪي به پاڻ کي زميندار سڏرائيندا هئا) ۾ هارين ۾ ورهايل هوندو هو.

جتي اهڙو بندوبست چالو هوندو هو اتي مڪيه زميندار عام ماڻهن پاران سرڪار سان هر قسم جي ڏيتي ليتي ڪندو هو ۾ ڳوٺ جي زمينن جي پيداوار تي حڪومت جو حصو به سندس نظر داريءَ هيٺ گڏ ٿيندو هو. انهيءَ ڪري هو ڳوٺ جون زمينون آباد ڪندڙن کان "زميندارين" وصول ڪندو هو (مڪيه زميندار هڻڻ جي سبب ڪيس پهچندڙ تڪليف جي بدلي ۾) انهي سان گڏوگڏ سندس جاگير جي هارين کان "مالڪاٽو" پڻ وصول ڪيو وبندو هو. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته مقامي حڪومت هيٺ سرڪاري وصوليون گڏ ڪرڻ جو اهو جيڪڏهن واحد ممڪن طريقو نه ته به سڀ کان بهترين طريقو هو. تڏهن گهٽ ۾ گهٽ هڪ اعليٰ عملدار اهڙو هو جيڪو برطانوي راج هيٺ انهي نظام کي جاري رکڻ جو حامي هو (سر جارج رسل ڪلارڪ بامبي جو گورنر، برطانوي راج ۾، پر نيپيئر انهي جو وڏو مخالف هو. هو وڻن زميندارن کي آئرلينڊ جي دلال (Middleman) سان مشابه سمجهندو هو ۾ روينيو آفيسرن تي زور پريندو هو ته جتي به ممڪن هجي انهن کي ڳوٺ جي مئنيجرن جي حيثيت تان هٽائين ۾ زمين جو قبضو رکندڙن سان سنئون سڌو لهه وچڑ ۾ اچن. انهي ڪانپوءِ وڻن زميندارن کي تيستائين جيڪو اثر رسوخ ۾ اهميت حاصل هئي انهن

اها وڃائڻ شروع ڪئي ۽ ننڍين ڪاتيدارن وڏن زميندارن کان آزادي جا فائدا محسوس ڪرڻ شروع ڪيا ۽ نئين حڪومت زمين جي مالڪن طور انهن جا حق مڪمل طور تسليم ڪرڻ شروع ڪيا. برطانوي حڪومت جي اها پاليسي رهي آهي ته آزادي جي انهي خواهش کي پروان چڙهايو وڃي ۽ زميندارن جي سڀني طبقن کي سرڪار کان ملندڙ حقن جي لحاظ کان هڪ نظر سان ڏٺو وڃي.

لاپو:

زميندارين حقن متعلق (جن بابت ڪرنل هيگ ڪجھ ٻين اختيارين کان مختلف خيال رکندو هو) بمبئي پريزيڊنسي جي هڪ سرڪاري رپورٽ مان هيٺيون اقتباس پيش ڪجي ٿو:

"اڳوڻي مقامي راج هيٺ ڪجھ فردن کي سندن انهي اثر رسوخ جي مدنظر ته اهي زمين جي ٽڪرن کي آبادي۽ هيٺ آڻائيندا اهو اختيار مليل هوندو هو ته هو انهي مان حاصل ٿيندڙ آمدني تي ڪجھ فيون گڏ ڪندا. اهي ڪڙمين کي ڇڪي وٺي ايندا هئا. شايد ته پوکي راهي جي خرچن جي مد ۾ اڳواٽ پئسا ڏيندا هئا. انهي وقت ملڪ جي وگوڙي حالتن ۾ گهربل ضروري تحفظ ڏيندا هئا ۽ دل جي وصولي ۾ سهڪار ڪندا هئا. انهن کي پنهنجين خدمتن جي مجتا طور "لاپو" ملندو هو. "ديھ خرچ" شايد هڪ واڌو اوڳاڙي هوندي هئي هو اها سرڪاري عملدارن ۽ مهمانن وغيره جي خاطر تواضع جي خرچن جي پورائي لاءِ هارين کان وٺندا هئا. "مالڪاٽو" ۽ "زمينداري" انهن عنايتن جا ٻيا نالا هوندا هئا. بهرحال انهن سڀني جو هڪ گڏيل مطلب اهو آهي ته اهي زمين جي آبادي تي هڪ قسم جي اوڳاڙي آهن ۽ اها ڪڍن روڪ ته ڪڍن جنس جي صورت ۾ ورتي وڃي ٿي ۽ مقامي رواج مطابق زميندار اها هارين کان وٺندو آهي."

اهو حق ڪڍن به منسوخ نه ڪيو ويو آهي ۽ بعض حالتن ۾ ته جڏهن موروثي هارين لاپو ڏيڻ کان انڪار ڪيو آهي ته سول ڪورٽن به زميندار جي دعويٰ کي بحال رکيو آهي. پر اها دعويٰ حيدرآباد لاڙڪاڻي ۽ سکر ضلعي جي ڪجھ حصن ۾ آهستي آهستي ختم ٿيندي پئي وڃي. ڇاڪاڻ ته جيڪي غير آباد زمينون اڳ ۾ زميندارن جي جاگيرن ۾ شامل هونديون هيون ۽ پوءِ بي ڏياني سبب انهن جاگيرن مان نڪري ويون ۽ اهي نون ماڻهن پنهنجي قبضي ۾ ڪيون آهن ۽ انهن تي لاپو ڏيڻ جو ڪوبه زوربار ڪونهي. البت روهڙي سب ڊويزن ۾ جتي تمام اثر رسوخ وارا زميندار آهن ۽ جن کي دهلي جي سلطانن کان سندون مليل آهن انهن جي آمدني جو وڏو حصو لاپي تي ٻڌل هوندو آهي ۽ اهي ايترا طاقتور به آهن جو قانون پاران رستا روڪ ٽيڻ کانسواءِ انهي جي اوڳاڙي ڪري ٿا وڃن. سو اتي اهو لاپو ختم ٿيڻ جو لاڙو نه ٿو ڏيکاري ۽ گورنمينٽ کي انهي ڏانهن ڪهڙو رويو رکڻ گهرجي جي سوال تي اٽڪل خط ڪتابت ٿيندي رهي ٿي. انهي معاملي تي حڪومت جا آخري احڪام اهي آهن ته روينيو ڪوڊ جي تحت روينيو آفيسرن کي وڏن زميندارن کي اهڙن ماڻهن کان لاپي جي وصولي ۾ مدد ڪرڻ گهرجي جن جي ذمي انهي جي ادائيگي سيٽلمينٽ رجسٽرن ۾ داخل ڪيل آهي. پر جتي سيٽلمينٽ جي وقت اهڙي ادائيگي جو اندراج ٿيل نه آهي

يا جتي نئين سر زمين ورتي وئي هجي تہ اهڙي حالت ۾ لئنڈ روينيو کوڊ جي ماتحت معاونت نہ ڪئي وڃي پر انهي هوندي بہ انهي دعويٰ تي سول ڪورٽ ۾ ڪيس ٻڌي سگهي ٿو.

سيٽلمينٽ جي وقت اهڙي دعويٰ داخل ڪرڻ جي لحاظ کان اهو چئي سگهجي ٿو تہ سرڪار جي جنرل پاليسي اها رهي آهي تہ اهڙين زمينن تي زميندارن جي هٿ ٿوڪين دعوائن کي تسليم نہ ڪيو وڃي جيڪي سرڪار پاران انهن تائين پاڻي پهچائڻ تائين غير آباد هيون ۽ اها بہ سرڪاري پاليسي رهي آهي تہ اڳتي هلي اهڙين زمينن جي نيڪال ۾ موروثي ڪاتيدارن جو لحاظ رکيو وڃي.

پنهنجي راضپي سان هارپو ڪندڙ (tenants at will) ۽ سيڪنڈ ڪلاس موروثي هاري (سيڪنڈ ڪلاس موروثي هاري راضپي سان هارپو ڪندڙن کان فقط انهي لحاظ کان مختلف آهن جو اهي جستائين زميندار کي سندس فيون ڏيندا رهن اهو کين اٽاري نہ ٿو سگهي) بہ زميندار سان پنهنجي معاهدي جي شقن جا پابند آهن. جن ۾ ظاهر ظهور لڳي ٿو تہ لاڀي جي ادائيگي بہ شامل آهي. پر جيئن تہ پوکي راهي ۾ واڌارو اچڻ سان محنت ڪش طبقي جي ضرورت وڌندي وڃي ٿي ۽ انهي سان گڏوگڏ انهي طبقي جي آزادي بہ وڌندي وڃي ٿي تنهنڪري اها اميد ڪري سگهجي ٿي تہ هوپاڙ کي اهڙين دعوائن کان آزاد ڪري ڇڏيندو.

آبادي ۽ ڏل:

سن 1959ع کان اڳ اڳوٽي سنڌ ۽ خيرپور رياست جي علاقي ۾ آبياڻو ڏار نہ ورتو ويندو هو. تڏهن هڪ گڏيل شرح هوندي هئي جنهن ۾ آبياڻو بہ شامل هوندو هو. سن 1959ع جي خريف جي مند کان گڏيل شرح کي ڏل ۽ آبياڻي جي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو. آبپاشي ڪاتي مٿي بيان ڪيل مند جي لاباري کان سموري صوبي ۾ آبياڻي کي هڪ ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ جي علاقي ۾ ڏل جي سرشتي جون مکيہ خاصيتون هي آهن:

(1) اڳهہ پڪو مقرر ٽيل نہ آهي. انهي ۾ گهٽ وڌائي ٽيندي رهي ٿي.

(2) اهو ڏل جي گهٽ وڌ ٽيندڙ پيماني سان جُڙيل آهي. پر اهو سيني فصلن تي لاڳو نہ آهي.

(3) گهٽ وڌ ٽيندڙ پيماني سان جڙيل ٽي فصل ڪٻي. ساري ۽ ڪڪ آهن.

(4) ون يونٽ ٽيڻ کان اڳ (يعني 1955ع) کابہ مٿئين حد مقرر نہ هئي ۽ انهن فصلن جي ڏل ڪيستائين بہ وڃي سگهي پئي. ون يونٽ ٺهڻ کانپوءِ مٽاسٽا جي قيمتن جي لحاظ کان مٿئين حد مقرر ڪئي وئي آهي جنهن جو نتيجو اهو نڪتو آهي جو ڏل انهن اڳهن کان مٿي نہ ٽي وڃي سگهي.

مٽاسٽا جي قيمتن جي لحاظ کان موجوده وقت ۾ مٿئين حد هي آهي:

آمريڪي لٺي	8.10 في من
چانور	7.50 في من
ڪڪ	10.00 في من

موجوده آبادڪاري جي مطابق ڍل جي اڳهه جو حساب متعين ڪرڻ جو بنياد اهو آهي ته زميندار جي صافي آمدني جو لڳ ڀڳ 33 1/3 ڍل طور ورتو وڃي ٿو. جڏهن ته گهٽي وقت کان چالو رواج موجب سرڪار کي 40 سيڪڙو ملڻ گهرجي. زميندار جي صافي آمدني جو حساب زميندار کي قانون موجب اپت جي ملندڙ حصي مان پوکي تي ايندڙ خرچ ڪٽ ڪرڻ سان ڪيو ويندو آهي. اپت جو اهو حصو آبپاشي جي طريقي جي لحاظ سان تبديل ٿيندو رهندو آهي. يعني جيڪڏهن پوک ٻوڏ تي ڪئي ويندي ته زميندار کي 50 سيڪڙو ملندو پر جيڪڏهن پوک نار تي ڪئي ويندي ته زميندار کي جملي پيداوار جو ٽيون حصو ملندو.

اها ڳالهه ٻه بيان ڪري ڇڏڻ گهرجي ته سنڌ جي علاقي ۾ اڪثر زمينون سروي ٿيل آهن. سروي ٿيل زمينون سروي نمبرن ۽ بلاڪن ۾ ورهايل آهن. هڪ سروي نمبر جي وڏ ۾ وڏ ايراضي ڏهن ايڪڙن کان نه ٿي وڌي جڏهن ته هڪ بلاڪ ۾ 16 ايڪڙن کان وڌيڪ نه هوندا آهن. بلاڪ ڇهن ايڪڙن جي ننڍن حصن ۾ ورهايل هوندا آهن. ڪجهه حالتن ۾ اهي پيٽي پاڳا وري هڪ ايڪڙ جي يونٽ ۾ ورهايل هوندا آهن. سڀني سروي زمينن لاءِ حقن جو رڪارڊ (Record of Rights) رکيو ويندو آهي. هڪ سروي نمبر يا هڪ پيٽي پاڳي کي بستگي جو يونٽ سمجهيو ويندو آهي. جيڪڏهن هڪ پيٽي پاڳو هڪ ايڪڙ جي يونٽ ۾ ورهايل هوندو ته انهي هڪ ايڪڙ واري يونٽ کي Assesment جو يونٽ سمجهيو ويندو آهي. جيڪڏهن آبادڪاري جي اهڙي يونٽ جو ڪو حصو پوک هيٺ ايندو ته ڍل عام طور انهي پوک هيٺ آيل حصي تي نه پر سموري يونٽ تي ورتي ويندي آهي. اڃ سروي زمينن تي ڍل خاص انهي ٽڪري تي ورتي ويندي آهي، جيڪو پوک هيٺ ايندو آهي. انهيءَ زمين جي ماپ بيگوٽي (Bigoti) طريقي سان ٿيندي آهي. اهو ايراضي ڪڍڻ جو هڪ سادو طريقو آهي. جڏهن آبادڪاري (Settlement) تي نظرثاني ڪئي ويندي آهي ته حقن جي رڪارڊ تي نظرثاني ڪرڻ ضروري نه ليکيو ويندو آهي.

لائيڊ بيراج پوڻ کان اڳ سرڪار اهڙا حڪم جاري ڪري ڇڏيا هئا ته ڍل جي اڳهن تي نظرثاني ڪرڻ وقت جيڪڏهن کي تعلقو يا ڳوٺن جو گروپ آهي جنهن کي هڪ سيپ کان وڌيڪ شرح هيٺ آندو وڃي ٿو ته اتي ڍل جو اڳهه 33 1/3 سيڪڙو کان وڌيڪ نه وڌايو وڃي. جيڪڏهن هڪ ڳوٺ جي ڍل جي اڳهه تي نظرثاني ڪرڻي آهي ته انهي جي اڳهه ۾ 66 سيڪڙي کان وڌيڪ واڌو نه ڪئي وڃي ۽ هڪ ئي زميندار جي اڳهن ۾ 100 سيڪڙو کان وڌيڪ اضافو نه ڪيو وڃي. البت 1927ع ۾ لائيڊ بئراج پوڻ سان اهي حڪم منسوخ ڪيا ويا. اهڙي طرح هاڻي ڍل جو اڳهه وڌائڻ لاءِ ڪابه حد مقرر نه آهي. قانون طرفان فقط اها رعايت ڏنل آهي ته جنهن سال ڍل جا اصلي يا نظرثاني ٿيل اڳهه متعارف ڪرايا وڃن انهي سال جن به زمينن تي ڍل ورتي وڃي انهن تي جيڪڏهن نئون اڳهه پراڻي اڳهه کان وڌيڪ هجي ته نئين ۽ پراڻي ڍل جي تفاوت کي معاف ڪيو وڃي ۽ وڌيل ڍل ايندڙ سال کان ورتي وڃي.

اسيسمينٽ/بستگي/ڍل جي اڳهن جا قسم

سنڌ جي علاقي ۾ ڍل جي اڳهن جا ٻه قسم رائج هئا:

(1) هڪ اهي جن جو حساب گهٽ وڌ ٿيندڙ پيماني واري نظام تحت ڪيو ويندو هو.
(2) اُڪا اڳهه

گهٽ وڌ ٿيندڙ پيماني واري نظام مطابق ڏٺي، ساري ۾ ڪٽڪ جي فصلن تي ڏل جي اڳهه جو حساب جنهن مند لاءِ ڏل مقرر ڪئي ويڄي ٿي انهي مند جي فصل جي قيمت تي ڪيو ويندو آهي. اهو تمام واجبي ۽ منصفاڻو طريقو هوندو آهي ڇاڪاڻ ته زميندار کي جيڪڏهن فصل جي وڌيڪ قيمت سبب وڌيڪ آمدني ٿئي ٿي ته هو وڌيڪ ڏل ڏئي ٿو ۽ جيڪڏهن قيمتون هيٺ لهن ٿيون ته هو ڏل ۾ گهٽ ڏئي ٿو. سنڌ ۾ پهريون دفعو 1938ع ۾ متعارف ڪيل هي نظام بلڪل صحيح نموني هليو آهي. ڏٺي. ساري ۾ ڪٽڪ ڪانسواءِ ٻين فصلن لاءِ اُڪا اڳهه مقرر ڪيا ويا آهن.

موجوده آبادڪاري لاءِ اڳهه 44_1943ع کان 53_1952ع تائين ڏهن سالن لاءِ مقرر ڪيا ويا هئا. انهن تي 54_1953ع کان نظرثاني ٿيٽي هئي ۽ سيٽلمينٽ آفيسر پڙ مقرر ٿي ويا هئا. پر ون يونٽ ٿهڙ سبب انهن تي نظرثاني نه ٿي سگهي.

غير زرعي ڏل

سنڌ ۾ هيستائين گهٽو ڪري فقط زرعي زمين تي ئي ڏلن جا اڳهه مقرر ٿيا آهن. انهي ڪم لاءِ مقرر ٿيندڙ سيٽلمينٽ آفيسر غير زرعي ڏلن تي نظرثاني جي ڪم کي هٿ ئي نه لائيندا آهن. اهو ڪم البت ٻيا آفيسر ڪندا آهن جيڪي خاص انهي ڪم لاءِ مقرر ٿيندا آهن.

ڏل جو اڳهه مقرر ڪرڻ جو ذريعو

جڏهن به ڪنهن هڪ ضلعي يا هڪ کان وڌيڪ ضلعن ۾ ڏل جي اڳهه تي نظرثاني ڪرڻ جي تجويز ايندي آهي ته انهي ڪم لاءِ صوبائي سول سروس مان ڪنهن تجربيڪار ريونيو آفيسر کي سيٽلمينٽ آفيسر طور مقرر ڪيو ويندو آهي. هن کي ڪم ۾ معاونت لاءِ ڪجهه ڪلارڪ، سپروائيزنگ ٽپيدار ۽ ٽپيدار ڏنا ويندا آهن. هن کي ڊائريڪٽر سيٽلمينٽس، سروي اينڊ لئنڊ رڪارڊس جي هدايتن هيٺ ڪم ڪرڻو پوندو آهي ۽ پنهنجي رپورٽ ڊپٽي ڪمشنر ۽ ڊائريڪٽر سيٽلمينٽ جي معرفت حڪومت کي موڪلڻي هوندي آهي. ڪنهن ضلعي جي سيٽلمينٽ جو ڪم عام طور تقريباً 18 مهينا وٺندو آهي. سيٽلمينٽ آفيسر کي ڏل مقرر ڪرڻ يا انهي تي نظرثاني ڪرڻ لاءِ جيڪو طريقو ڪار اختيار ڪرڻو هوندو آهي اهو ڪمشنر جي اسپيشل سرڪيولر نمبر 33 ۾ ڏنل آهي.

سيٽلمينٽ تي نظرثاني

اڳوڻي سنڌ صوبي ۾ سن 1938ع تائين سيٽلمينٽس تي ڪابه نظرثاني نه ٿي هئي. انهي سال سکر بئراج تي آباد ٿيندڙ 38 تعلقن ۾ سيٽلمينٽ تي نظرثاني ڪئي وئي ۽ انهي جو مدو پنج سال مقرر ڪيو ويو. انهي سيٽلمينٽ جو سڀ کان اهم نڪتو اهو هو جو ڏٺي تي ڏل مقرر ڪرڻ لاءِ گهٽ وڌ ٿيندڙ نظام اختيار ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو هو. اهو نظام ڏل جي اڳهه کي فصل جي قيمت سان منسلڪ ڪري ٿو. انهن 38

تعلقن جي سيٽلمينٽ تي وري 44_1943ع ۾ نظرثاني ڪئي وئي. ساڳئي وقت موجوده نئين ضلعي جي ايراضي ، ڪوٽڙي ۽ محال ڪوهستان جي سڀني تعلقن ۾ ٻين 17 تعلقن جي غير ٻيراجي حصن کانسواءِ اڳوڻي سنڌ صوبي جي سڀني غير ٻيراجي حصن جي سيٽلمينٽ تي نظرثاني ڪئي وئي. انهن ٻيراجي ۽ غير ٻيراجي حصن جي سيٽلمينٽ جي اهم خصوصيت اها هئي جو ڦٽي جي فصل سان گڏوگڏ سارين ۽ ڪڪ جي فصل تي پڻ ڏل جو گهٽ وڌ ٽيندڙ نظام لاڳو ڪيو ويو پر اهو سوٽيو جو ٻيراجي علاقن ۾ ته انهن ٽنهي فصلن لاءِ ڏل جي کا متاهين حد مقرر نه ڪئي وئي پر غير ٻيراجي علاقن لاءِ هڪ متاهين حد مقرر ڪئي وئي. سن 1944ع ۾ ڪراچي ضلعي جي سيٽلمينٽ جي نظرثاني ڪئي وئي ۽ 1947ع ۾ ڪوٽڙي ۽ محال ڪوهستان تعلقن ۽ ٻين 17 تعلقن جي غير ٻيراجي حصن جي سيٽلمينٽ تي نظرثاني ڪئي وئي. پوئين ٻن سيٽلمينٽن جي نظرثاني جو مدو ٻين علاقن جي نظرثاني جي مدي جي برابر ٻيهاريو ويو جيئن سرڪار اڳوڻي صوبي جي سڀني علاقن جي نظرثاني 54_1953ع کان ڪري سگهي. اڳوڻي سنڌ حڪومت اهو نظرثاني جو ڪم شروع ڪرڻ لاءِ 1952ع ۾ سيٽلمينٽ آفيسر مقرر ڪيا. انهن آفيسرن پنهنجون رپورٽون پڻ ٻاهيون هيون جيڪي حڪومت جي غور هيٺ پڻ آيون هيون پر ٽڏهوڪي وزيراعليٰ جو رايو هو ته نظرثاني تجويزون مڪمل نه هيون جو انهن کي انگ اکر اڻپورا ملیا هئا. انهن انگن اکرن ۾ ڊاڻ بندي Crop Experiment جا نتيجا اچي ٿي ويا تنهنڪري هن ڊاڻ بندي Crop Experiment نئين سر ڪرڻ جو حڪم ڏنو. اهڙي طرح ون يونٽ لاڳو ٿيڻ کان اڳ سيٽلمينٽ تي نظرثاني نه ٿي سگهي. اولهه پاڪستان جي صوبن جي گڏجڻ کانپوءِ انهي سموري علاقي لاءِ ڏل جي هڪ جهڙي نظام جو سوال موجوده اولهه پاڪستان جي حڪومت جو ڏيان ڇڪرائي رهيو آهي. بورڊ آف ريونيو ڏل جي هڪ اسڪيم تيار ڪئي آهي جيڪا گهٽي وقت کان حڪومت جي جائزي هيٺ آهي. ويجهڙائي ۾ انهي اسڪيم تي ايڊوائيزري ڪائونسل ۾ بحث مباحثو ٿيو ۽ اهو فيصلو ڪيو ويو ته عوامي راءِ حاصل ڪرڻ لاءِ انهي کي مشتهر ڪيو وڃي.

في الوقت ٻيراجي علاقن کانسواءِ ٻين علاقن جي سيٽلمينٽ جي پاليسي تشڪيل جي مرحلي ۾ آهي.

مٽيئن نظرثاني ننگرپارڪر، ڏيپلي، ڇاڇري ۽ مني جي ڇڻ تعلقن جي تر وارن حصن تي لاڳو نه ٿي ٿئي. انهن علاقن ۾ مروج ڏلن جي شرحن تي جيتوڻيڪ نظرثاني نه ڪئي وئي آهي پر انهن جي نظرثاني زير غور آهي. موجوده وقت ۾ انهن علاقن ۾ ڏلن جي شرح تمام گهٽ آهي جيڪا چار آنا (25 پئسا) في ايڪڙ کان هڪ رپيو في ايڪڙ آهي.

حڪومت اهو ارادو رکي ٿي ته حيدرآباد ڊويزن جي ضلعي ۽ خيرپور ڊويزن جي نوابشاهه ضلعي ۾ پنجاب جي طرز تي سيٽلمينٽ ڪرائي وڃي. انهيءَ لاءِ ضروري انگ اکر گڏ ڪيا پيا وڃن ته جيئن وزيرن جي ڪائونسل کان احڪامات حاصل ڪيا وڃن.

زمينن جي آباد ڪاري (Colonization)

هيٺيان پيراگراف تنهي بيراجن جي سرڪاري زمين جي نيڪال بابت پاليسي ظاهر ڪن ٿا.

(الف) لائيڊ بيراج، سکر

هن بيراج جي علاقي ۾ سرڪاري زمين جي نيڪال جي پاليسي ۾ ڪابه تبديلي نه آئي آهي. زمين کي مختلف درجن ۾ ورهايو ويو آهي ۽ هر درجي جي قيمت مقرر ڪئي وئي آهي. زمين جو ٽڪرو وٺڻ جي خواهش رکندڙ ڪوبه ماڻهو درخواست ڏئي مقرر ڪيل قيمت اڳواٽ ڏئي اهو حاصل ڪري سگهي ٿو. سن 1955ع ۾ ون يونٽ ٿيڻ کان اڳ درخواست ڏيندڙن تي ڪابه پابندي نه هوندي هئي ۽ انهي ڪانپوءِ اهو فيصلو ڪيو ته 240 ايڪڙن کان وڌيڪ زمين رکندڙ کي زمين جي الاٽمينٽ لاءِ اهل نه سمجهيو ويندو. ويجهڙائي ۾ اهڙيون ڪوششون ڪيون ويون آهن ته جيتري وڌيڪ زمين ٿي سگهي ايتري نيڪال ڪئي وڃي ۽ انهي زمين جو ڇڪو حصو اڳواٽ ئي نيڪال ٿي چڪو آهي.

(ب) غلام محمد بيراج، ڪوٽڙي

هن بيراج جي علاقي ۾ زمين جي نيڪال جو ڪم هڪ دور وار پروگرام تحت ٿي رهيو آهي. غلام محمد بيراج ۽ گڏبو بيراج جو بنيادي مقصد هيناهين سنڌ جي علاقي ۾ پوکي راهي لائق زمين کي سڌارڻ لاءِ آباد ڪرڻ هو. غلام محمد بيراج جو آبپاشي نظام جيڪو ڪابي پاسي تي ٽن واهن ۽ ساڄي پاسي تي هڪ واهه تي مشتمل آهي اهو مڪمل ٿي چڪو آهي. هاڻي شاخن (Channels) ۽ واٽر ڪورسن جي ڪوٽائي جو ڪم تيزي سان هلندڙ آهي. اهو منصوبو حيدرآباد ۽ ٺٽي ضلعن ۾ پوکي راهي لائق 28 لک ايڪڙ زمين کي خاطري سان پاڻي ڏيندو. جيتري علاقي لاءِ پاڻي دستياب ٿيندو پيو وڃي انهي کي جون 1958ع ۾ قائم ڪيل لئيڊ يوٽيلائيزيشن ڪميٽيءَ کان منظور ٿيل اسڪيم تحت نيڪال ڪيو پيو وڃي. آرمي ۽ مرڪزي حڪومت جا نمائندا انهي ڪميٽي جا ميمبر آهن.

پبلڪ ورڪس ڊپارٽمينٽ 58_1957ع ۾ 2,16,000 ايڪڙ ۽ 59_1958ع ۾ 1,32,000 ايڪڙ رليز ڪيا. سن 58_1957ع ۾ رليز ڪيل زمين نيڪال ڪئي وئي آهي ۽ انهيءَ جو قبضو ماڻهن کي ڏنو ويو آهي. سن 59_1958ع ۾ رليز ٿيل علاقي مان 106,800 ايڪڙ هيستائين نيڪال ڪيا ويا آهن ۽ باقي رهيل ايراضي به جلد نيڪال ڪئي ويندي. هن بيراج ۾ زمين جو نيڪال (الف) هارپ ۽ (ب) زميندارن شرطن تي ڪيو وڃي ٿو. هيستائين (1959ع) زمين هن طرح ورهائي وئي آهي:

(1) بي زمين هاري	165,000 ايڪڙ
(2) مهاڪيدار (پرسان زمين رکندڙ)	116,000 ايڪڙ
(3) قبيلائي	10,000 ايڪڙ
(4) عام نيلام فريمي وکرو	24,000 ايڪڙ
(5) آرمي	40,000 ايڪڙ
(6) ليزون	10,000 ايڪڙ

غلام محمد بيراج جي علاقي ۾ هيستائين ٽيل الاٽمينٽ جو تفصيل هن طرح آهي:

(1) هاري	1,55,454 ايڪڙ
(2) هارين جون ڪوآپريٽو سوسائٽيون	4583 ايڪڙ
(3) ڪاتيدار مهاڳيدار	82,423 ايڪڙ
(4) ڊفينس فورسز	28,400 ايڪڙ
(5) اينيمل هسبنڊري ڊپارٽمينٽ	4535 ايڪڙ
(6) پي. آءِ ڊي سي	2933 ايڪڙ
(7) ٻيلو ڪاتو	12,780 ايڪڙ
(8) قبيلائي	240 ايڪڙ
(9) مارڪيٽن وارا شهر ۽ ڳوٺ	9332 ايڪڙ
(10) نيلام ذريعي وڪرو	15,000 ايڪڙ
(11) ليزون	7000 ايڪڙ
ٽوٽل:	3,22,680

اهي ليزون جن شرطن تحت ڏنيون ٻيون وڃن اهي روينيو ڊپارٽمينٽ جي آرڊر نمبر 57_7/113_col مورخ 12 مارچ 1958ع ۾ ڏنل آهن. انهيءَ آرڊر جي پيراگراف نمبر 7 ۾ اهو چيل آهي ته گرانٽ ونندڙ کي زمين جو 25 سيڪڙو پهرئين سال، 50 سيڪڙو ٻئين سال ۽ باقي 25 سيڪڙو ٽئين سال آباد ڪرڻو پوندو. هاڻو باقي انهي آبادي ۾ زمين لاءِ دستياب پاڻي ۽ زمين کي ساهي ڏيڻ واري اصول کي ضرور مدنظر رکڻو پوندو. انهي کانپوءِ هو انهي زمين کي پنهنجي واهه لاءِ طي ٽيل آبادي ۽ ساهي واري قاعدي مطابق واري وٽي سان فصل پوکي آباد ڪندو رهندو. ڪهڙا ٽڪرا آباد ڪرڻا آهن ۽ فصلن ۾ وارو ڪيئن ٽيندو. انهي جو تعين روينيو آفيسر ڪندو ۽ انهيءَ جو فيصلو حتمي هوندو.

زمين جو وڪرو فقط 1958ع ۾ ٽيو. جڏهن پبلڪ ورڪس ڊپارٽمينٽ سن 1957ع جي آخر ۾ پاڻي پهچائڻ جو بندوبست ڪيو.

بي زمين ۽ پاڻ آبادي ڪندڙ پناهگير (refugees) جيڪي مستقل سيٽلمينٽ اسڪيم تحت پنهنجين زمينن تان اٿاريا ويا آهن. اهي هن بيراج ۾ زمين حاصل ڪرڻ جا اهل هوندا. پر اهڙا پناهگير جن ڪليم نه ڏنو آهي ۽ انهن کي هندن جي ڇڏيل زمين جي عارضي الاٽمينٽ ملي آهي پر اهي زمين خود آباد نه ٿا ڪن ته اهي ايستائين زمين حاصل ڪرڻ جا اهل نه آهن جيستائين اهي اهليت لاءِ طي ٽيل ٻيا شرط پورا نه ٿا ڪن.

هن بيراج ۾ زمينن جي نيڪال بابت سڀ کان تازي پاليسي اها آهي ته هارين، مهاڳيدارن ۽ ٻين اهڙن ماڻهن کانسواءِ جن لاءِ زمينون اڳيئي مخصوص ڪيل آهن، ٻئي ڪنهن کي زمينداري شرطن تي زمين نه

ڏني ويندي مارڪيٽ وارن شهرن جي پنج ميل نيم قطر کان ٻاهر رهندڙ سرڪاري زمين ماسواءِ انهيءَ جي جو ڪنهن خاص گروپ لاءِ مخصوص ڪيل هجي انهي کي نيلام ڪيو ٻيو وڃي ۽ سڀ کان وڏو واڪ ڏيندڙ کي ڏني وڃي ٿي.

هن بيراج ۾ هڪ لک ايڪڙ زمين ڊفينس فورسز لاءِ مخصوص ڪئي وئي آهي. انهيءَ جو 15 سيڪڙو آفيسرن کي ۽ باقي حصو ٻين اهلڪارن کي ڏنو ويندو. آفيسرن کي زمين زميندارِي گرانٽ وارن شرطن تي ڏني پئي وڃي ۽ ٻين اهلڪارن کي هاريي وارن شرطن تي الاٽمينٽ ڪئي وڃي ٿي. فقط قبيلائين کي خاص رعايت ڏني پئي وڃي. انهن کان 250 رپيا في ايڪڙ جويڪسان اگهه ورتو ٻيو وڃي. انهن کان قبضي ۾ وٺڻ واري قيمت (Occupying price) ۽ تقاوين تي به ڪو واڌ نه ورتو ويندو. اها قيمت 20 ورهين ۾ 40 شمار ۾ قسطن ۾ ورتي ويندي

انتقال جائيداد (Alienations)

هن موضوع تي وري به اپراٽي سنڌ گزيٽيئر ۾ ليفٽيننٽ ڪرنل هيگ جا لفظ پيش ڪجن ٿا:

"انتقال جائيداد جي صيغي ۾ هيٺيان اسم اچي وڃن ٿا:

1. جاگيرون 2. پٽيداريون

3. خيراتي مقصدن لاءِ ڏنل زمينون 4. باغن لاءِ ڏنل گرانٽون.

جڏهن صوبو برطانوي راج هيٺ آيو تہ تمام گهڻي زمين جاگير طور رکيل ڏسڻ ۾ آئي. حيدرآباد ضلعي ۾ ڪليڪٽر تخمينو هنيو تہ زمين جو 40 سيڪڙو اهڙي طرح منتقل ٿيل هو. جڏهن اهو سوال سڀ کان پهريون زير غور آيو تہ انتقال جائيداد کي ڪهڙن شرطن تحت ورثي ۾ ڏنو وڃي تہ اهو طي ٿيو تہ پوڪي هيٺ آيل سڀ زمينون وري گرانٽ ۾ ڏنيون وڃن ۽ انهن جي صافي منافعي جو فقط چوٿون حصو في طور ورتو وڃي. باقي غير آباد سموري زمين حڪومت قبضي ۾ وٺي. گذوگڏ اهو به طي ٿيو تہ فوجي تورڙي سول خدمت جي صلي طور ڏنل زمينون به موجوده مالڪ جي وفات کانپوءِ حڪومت قبضي ۾ وٺي. پر جلد ئي اهو ضروري ڏٺو ويو تہ مختلف جاگيرن ۾ فرق ڪرڻ ضروري هو. نيٺ انهن کي هيٺئين درجي بندي ۽ وراثت جي شرطن هيٺ آندو ويو:

ڪلاس I: ٽالپرن جي تخت نشيني کان اڳ عطا ڪيل جاگيرون (1783ع)

ڪلاس II: ٽالپرن پاران 1810ع تائين عطا ڪيل جاگيرون.

انهيءَ سال حيدرآباد جي چٿن ميرن مان ٻيو مير غلام علي فوت ٿي ويو. اهي چار پائر حيدرآباد جا پهريان مير هئا.

ڪلاس III: سن 1810ع کان 1833ع جي وچ ۾ عطا ڪيل جاگيرون انهن ورهين دوران چار ئي پائر فوت ٿي ويا.

ڪلاس IV: سن 1833ع کان برطانوين جي فتح جي وچ ۾ عطا ڪيل جاگيرون.

نئين سر گرانٽ جا هيٺيان شرط مقرر ڪيا ويا.

فرسٽ ڪلاس جاگيرون: اهي بغير ڪوٽ واڌ ۽ ڏيل جي نئين حساب ڪانسواءِ جاري رکيون ويڻيون هيون.

سيڪنڊ ڪلاس جاگيرون: هن درجي ۾ وارثي جي شرط هيٺ جاگيردارن جا ٻه مختلف طبقا تسليم ڪيا ويا.

پهريون: تالپرن جا شهداڻين شاهوائين ماڻڪائين ۽ خانائين جا چار وڏا خاندان ٽيپيئر گورنري دوران انهن خاندانن جي عيوضين سان واعدو ڪيو هو ته هو انهن جي اعليٰ مرتبي ۽ محدود وسيلن کي مدنظر رکندي جاگير ورثي ۾ ملڻ وقت صافي منافعي جو چوٿون حصو في وارو شرط ختم ڪندو انهيءَ واعدي جي پاسداري ڪئي ويئي ۽ غير آباد زمين کي سرڪاري قبضي ۾ وٺڻ کان اڳ انهي جي ماپ ڪرڻ جي ڪوشش کان اڳ اهو فيصلو ڪيو ويو ته سڀني درجن جي جاگيرن جي غير آباد زمينن جو ٽيون حصو سرڪاري قبضي ۾ ورتو ويندو. انهن حالتن ۾ اهو بندوبست جاگيردارن جي وڏي فائدي ۾ هو. "سنڌ سردارن" جي نالي سان مشهور جاگيردارن جي ٻئي طبقي ۾ مختلف سماجي حيثيتن وارن ماڻهن جو ڇڪو تعداد اچي ٿي ويو ۽ اهو ڏسڻ ۾ آيو ته هر صورتحال ۾ ساڳيو اڻ تبديل ٽيندڙ قاعدو ته سموري غير آباد زمين سرڪاري قبضي ۾ وڻڻ ۽ آباد زمين جي آمدني جو چوٿون حصو وصول ڪرڻ لاءِ ڪرڻ سان جاگيردارن جي انهي طبقي جي ڪجهه تمام ٿوڪ حسب نسب رکندڙ ماڻهن کي نقصان ٽيندو جڏهن ته انهي سان گڏ حيثيت رکندڙ ماڻهن کي ڪافي سهوليت ملندي انهن ڳالهين کي مدنظر رکندي اهو طي ڪيو ويو ته جيڪا به صورتحال هجي انهي ۾ وراثت جو مسئلو انهي حالت جي چڱاين کي مدنظر رکندي حل ڪيو وڃي جنهن ۾ سماجي حيثيت، منصب ۽ اثر رسوخ کي به ڌڻ ۾ رکيو وڃي ۽ ڪنهن به هڪ سخت قانون جي پوئواري نه ڪئي وڃي انهيءَ سيٽلمينٽ جي نتيجي ۾ سردارن جي قبضي واري سموري زمين جو ڇهون حصو مستقل طور نون مالڪن ڏانهن منتقل ٿي ويو.

ٽيون ڪلاس جاگيرون: اهي ڪنهن ڪوٽ واڌ ڪانسواءِ نئين سر گرانٽ ۾ ڏنيون ويندڙيون. ۽ انهن تي صافي منافعي جي چوٿين پتي جي ادائيگي جو شرط لاڳو رهندو ۽ اهي ميائي جي جنگ وقت اصل گرانٽي Original tenant جي وفات ڪانپوءِ فقط هڪ وارث تائين ريگرانٽ ڪيون ويندڙيون.

فورٿ ڪلاس جاگيرون: اهي ميائي جي جنگ جي تاريخ وقت مالڪ جي وفات ڪانپوءِ ختم ٿي ويندڙيون.

هر ڪلاس جي جاگيرن ۾ ميراث سختي سان مرد نسبي وارثن تائين محدود آهي ۽ انهن سڀني تي پنج سيڪڙو ٽيڪس به لاڳو آهي ۽ انهن کي جيڪڏهن پاڻي سرڪاري واهن مان ملي ٿو ته انهن تي حق آبو به لاڳو ٿيندو.

پٽيداري گرانٽون تمام مختصر علائقي تائين محدود آهن. انهيءَ ۾ شڪارپور سکر ۽ نوشهرو ابڙو تعلقن جا حصا اچي وڃن ٿا. اهي حصا ملڪ جي انهي خطي ۾ آهن جيڪي اڳ ۾ "مغولي" جي نالي سان

سڃاتا ويندا هئا ۽ اهي شڪارپور جي افغان گورنر جي ماتحت هوندا هئا. انهن گرانٽن جا پيرا افغانن ڏانهن وڃن ٿا. انهيءَ قوم جي آبادڪارن پنهنجي حڪومت کان اهڙين زمينن جا پٽا گهٽ ڏيل تي حاصل ڪيا هئا جيڪي انهن سنڌي مالڪن کان خريد ڪيون هيون يا انهن اهي غير آباد زمينون آباد ڪيون هيون.

تالپر جڏهن افغان حڪومت کي اتر سنڌ جي علائقي مان نيڪالي ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا تہ انهن گرانٽن کي تسليم ڪيائون ۽ برطانوي حڪومت انهن کي انهيءَ اصول جي بنياد تي بحال رکيو تہ اهي گهٽي وقت کان انهن مالڪن جي قبضي ۾ هيون. پٽيداري هاڻي هڪ قسم جي مسواڙ ٿي وئي آهي. ڪجهہ زمينن جي ڏيل جو هڪ مقرر حصو حڪومت پاران پٽي دار کي ڏنو وڃي ٿو.

باغن جون گرانٽون اهڙين زمينن تي مشتمل آهن جن تي باغ پوکيل آهن. انهن تي ڏيل معاف آهي يا ڏيل جو گهٽ اڳهہ ورتو وڃي ٿو ۽ اهي گرانٽون اڳين حڪومتن يا اسان جي حڪومت پاران عطا ٿيل آهن. سربارٽل فريئر پاران ٺاهيل قاعدن پٽاندر اهي گرانٽون ٻن درجن ۾ ورهايل آهن:

1. ڏيل ڪانسواءِ قبضي ۾ رکيل.

2. جن تي عام طور باغن واري ڏيل جو چوٿون حصو ڏنو وڃي ٿو.

انهن گرانٽن تي اهو شرط لاڳو آهي تہ باغن جي مناسب سارسنڀال لڏي ويندي. اهي گرانٽون نسبي سلسلي جي مرد وارثن ڏانهن منتقل ٿي سگهن جوگيون آهن بشرطيڪ جنهن کي گرانٽ مليل هجي اهو ڪجهہ شرطن جي پوئواري ڪري. انهن کي گروي رکي سگهجي ٿو. وڪرو ۽ ٽي سگهن ٿيون يا ٻئي ڪنهن طريقي سان ۽ منتقل ٿي سگهن ٿيون.

زمين جي منتقلي جا ۽ ٻيا ڪيڏا قسم ۽ آهن يعني هڙي يا وٽن جي گرانٽ ۽ سيري يا village service grants. ملڪ جي وٽن کان واڪجهيل هئڻ سبب مسٽر فريئر جڏهن 1858ع ۾ اڳوٽي سنڌ جو گورنر هو تہ وڏ پوکڙ لاءِ بغير ڏيل جي زمين جي گرانٽ ڏيڻ جي منظوري ڏني هئائين. اها رعايت جنهن جي حيثيت ڪجهہ زمينن تي فقط تيستائين ڏيل ۾ معافي جي آهي جيستائين اهي فقط وڏ پوکڙ لاءِ ڪتب آنديون وڃن. اهڙين گرانٽن کي برقرار رکيو ويو آهي ۽ اهي ٻئي ڏانهن ۽ منتقل ٿي سگهن ٿيون. جيڪڏهن اهڙين زمينن تي ڪي فصل پوکيا ويا تہ انهن تي فوراً پوري ڏيل لاڳو ٿيندي اهڙي طرح عطا ٿيل زمينون سن 01_1900ع ۾ 3850 ايڪڙ هيون. سيري گرانٽون ڪنهن ڏوهہ جي روڪٽام يا ڪولها وغيره جي سلسلي ۾ ڪيل عوامي خدمت (Public service) جي صلي ۾ بنا ڏيل جي عطا ڪيون ويندڙون هيون. اهي جنهن شخص کي ڏنيون ويندڙون هيون انهي کي اهي ورثي ۾ ڏيڻ جو حق تہ نہ هوندو هو پر اهي سندس پٽ ڏانهن منتقل ٿي سگهنديون هيون. سنڌ وليج آفيسرس ائڪٽ 1881ع جنهن مطابق باقاعدي پگهار سان وليج آفيسر مقرر ڪري سگهجن ٿا. اهو عمل ۾ آڻڻ کانپوءِ انهن جي خدمتن لاءِ خاص ڪيل زمينن جي ڏيل وليج سيس فنڊ ۾ جمع ڪرائي وڃي ٿي ۽ اهڙيون پراڻيون سيري گرانٽون ختم ٿيندڙون پيون وڃن. سن 01_1900ع ۾ انهي اسم هيٺ عطا ڪيل زمين 10017 ايڪڙ هئي.

انهن رواجي منتقلين کانسواءِ جيڪب آباد ضلعي ۾ زمين جا اهڙا وڏا ٽڪر پڻ آهن جيڪي بلوچ سردارن ۽ انهن جي پيروڪارن کي هميشه لاءِ ۽ ڪجهه کي تاحيات بغير ڏيل جي ڏنل آهن. انهن تي فقط وفاداريءَ سني ملت جو شرط آهي. انهن تي حق آبوپيا پيا کي قانوني ٽيڪس لاڳو آهن. انهي اسر هيٺ سن 01_1900ع ۾ منتقل ٿيل زمين 26,100 ايڪڙ هئي.

هيٺئين جدول ۾ برطانوين کان اڳ ۽ برطانوي دور کان اڄ تائين ڏنل گرانٽن، جاگيرن جي ايراضيءَ ڪلاس بابت انگ اکر ڏنل آهن:

نمبر	ڪلاس	جاگيرن جو تعداد	گرانٽ جي ايراضي
I	**برطانيا کان اڳ جو دور**		
1.	فرسٽ ڪلاس جاگيرون	11	29,93,000
2.	ٽالپرن جا چار وڏا خاندان	17	4,79,000
3.	سرداري گرانٽون	55	56,000
4.	معافي نشست گاهه	15	26,000
5.	خيرات گرانٽ	08	2,20,000
6.	باغن جون گرانٽون	266	2500
	جملي	372	10,76,500
II	**برطانوي دور**		
1.	هندو گرانٽ	1	5800
2.	سوڍا راجپوت گرانٽون	11	17,200
3.	بلوچ قبيلائي گرانٽون	23	31,500
	جملي	35	54,500
	ٻنهي جو جوڙ	407	11,31,000

مٿين زمينن سان گڏوگڏ پٽيداريءَ حصيدارن وٽ زمين جي تخميني ايراضي هن ريت آهي: پٽيدار 35,000 ايڪڙ ۽ حصيدار 25,000 ايڪڙ.

جاگيرون:

اڳوٽي سنڌ جي روينيو واري وزير پير علي محمد راشدي 8 فيبروري 1955ع تي جاگيردار جي وصف هن ريت ڪئي ته اهڙو شخص جنهن کي اڳوٽن حڪمرانن پاران اها رعايت مليل آهي ته هو ڏيل جو ڪو حصو گڏ ڪري پاڻ وٽ رکي سگهي جيڪو پي صورت ۾ سرڪار کي ملي ها. اها رعايت مخصوص ماڻهن کي مليل هئي. هن اهو به اضافو ڪيو ته جنهن ايراضي تي اها رعايت مليل هئي اها يا رنهن لک ايڪڙن تي پکڙيل هئي. اڳوٽي سنڌ جي هر ڏهن ايڪڙ زمين مان هڪ ايڪڙ جاگير ۾ آيل آهي. روينيو واري وزير بيان

ڪيو ته انهن يارنهن لک ايڪڙ زمين مان لڳ پڳ ٽي لک ايڪڙ زمين جاگيردار هر سال غير آباد ڇڏي ڏيندا. انهيءَ جي نتيجي ۾ صنوبي جي مجموعي معيشت کي هر سال تمام وڏو نقصان پهچي ٿو. هن باقي ايراضي (ست لک ايڪڙن کان وڌيڪ) لاءِ بيان ڪيو: جاگيردار نه ئي دل نه ئي انڪم ٽيڪس ادا ڪري ٿو جڏهن ته تقريباً ڪابه جاگير 500 ايڪڙن کان گهٽ نه آهي. هو فقط حق آبي جي صورت ۾ ادائيگي ڪري ٿو جيڪو دل جي اڳهه جي اڌ جي حساب سان وصول ٿئي ٿو انهيءَ سان گڏوگڏ 5 يا 6½ سيڪڙو جي حساب سان جاگير سيس به وصول ٿئي ٿي." اها ڳالهه به ڪنهن شڪ کان خالي نه آهي ته هن بيان ڪيو "ڇا جاگيردارن کان ملندڙ حق آبي مان پاڻي پهچائڻ جو خرچ به نڪري ٿو يا نه. سنڌ ۾ دل حق آبي ۽ زرعي ٽيڪس جو مجموعو آهي ۽ آبياني مجموعي زرعي ٽيڪس ۾ ڏهين پٽي جي حساب سان ورتو ويجي ٿو. تنهنڪري عام رواجي حالتن ۾ جاگيردارن پاران ڏنل حق آبو انهن کي پاڻي پهچائي ڏيڻ جي خرچ جو پورائو نه ٿو ڪري انهي تفاوت جو پورائو عام ٽيڪس ڏيندڙ مان ڪيو ويجي ٿو."

سنڌ ۾ 1957ع تائين جاگيرداري جي صورتحال اها آهي. تازي صورتحال لاءِ هن گزيٽيئر جي پناهگيرن جو مسئلو ۽ بحال ڪاري واري باب ۾ ڪجهه بيان ڏنو ويو آهي. (ڏسو باب ارڙهون). لڳي ٿو ته 1847ع واريون حالتون زمينن جي منتقلي جي لحاظ کان گهڻيون مختلف نه هيون. سنڌ جي ڪمشنر 31 ڊسمبر 1847ع واري پنهنجي رپورٽ نمبر 3886 ۾ بيان ڪيو: "جاگيرن ۾ ڏنل زميني تخميني طور سرڪاري زمين جو ڏهون حصو آهي. پر انهي زمين جو فقط ٻورو حصو ئي آباد ڪيو ويجي ٿو. زمينون بنيادي طور سول يا فوجي خدمت جي صلي ۾ ڏنيون ويون هيون ۽ انهن جي صورت اها آهي جو اهي ڪنهن به وقت سرڪار جي قبضي ۾ وٺي سگهجن ٿيون. جڏهن ته عملي طور انهن جو وڏو حصو جيڪو خاندانن يا فردن جي قبضي ۾ آهي. اهي مڪمل يا جزوي طور انهن جي وارثن کي ورثي گرانٽ ۾ ڏنيون ويون آهن ۽ اسان پاران ملڪ حاصل ڪرڻ کان وٺي اهو عمل حڪومت جي مرضي تي رهندو پيو اچي."

برطانيا پاران سنڌ جي الحاق کانپوءِ جاگيرن جي زمين جي انهي مسئلي تي مڪمل سوچ ويچار ڪئي وئي ۽ پراڻي ڪجهه بي ترتيب طريقي ۾ ڦيرڦار ڪري ضابطي جو هڪ عقلي نظام آندو ويو. سنڌ جي جاگيرن تي سيپ کان مستند رپورٽ ليفٽيننٽ ڪرنل هيگ جي آهي جيڪا هن باب ۾ زمينن جي منتقلي واري سيڪشن ۾ ڏني وئي آهي.

جاگيرداري سان لاڳاپيل سياسي مسئلي بابت هينيان چار پيراگراف مارشل لا ايڈمنسٽريشن جي 1959ع واري فيصلي کا اڳ لکيا ويا هئا انهي جو بيان پناهگير مسئلي ۽ بحال ڪاري واري باب ۾ ملندو. اهي انهي ڪري شامل رکيا ويا آهن ڇاڪاڻ ته انهن مان انهي ڏهني ماحول بابت سمجهاڻي ملي ٿي. جنهن ۾ اڳوٽي سنڌ حڪومت ون يونٽ ٿيڻ کان اڳ جاگيرداري ختم ڪرڻ بابت سوچ ويچار ڪئي هئي.

جاگيرداري جو مستقبل ڇڪي اهميت وارو سياسي مسئلو ثابت ٿيو. موجوده دور جي مساوات ڏانهن جهڪاءَ مان لڳي ٿو ته اهو مسئلو مستقبل قريب ۾ هڪ سياسي مسئلي طور چٽو ٿي عوام آڏو ايندو.

جاگيرداري جي خاتمي جو ڪم سيڪان اڳ مسٽر ردلي (هاڻي سر سڊني ردلي) سن 1949ع ۾ هٿ ۾ ڪنيو هو. هو تڏهن سنڌ جو روينيو ڪمشنر هو. سندس رايو هو ته (1) موجوده جاگيردارن هاڻي اهي خدمتون سرانجام نه ٿي ڏنيون جن جي سبب ۾ جيڪي مدنظر رکندي انهن کي جاگيرون ڏنيون ويون هيون. (2) جيئن ته سنڌ ۾ هاڻي ڪا بيروني حڪومت هئڻ بجاءِ قومي حڪومت هئي جنهن جي هر شهري کان اها توقع ڪئي پئي وئي ته هو وفادار رهي ۽ انهي وفاداري جي ڪا قيمت وصول نه ڪري (3) جاگيرون موجوده مالڪن وٽ عوام جي تڪليف ۽ بدحالي جو سبب بڻجي ويون هيون. (4) انهي نظام جي جاري رهڻ سان عوامي خزاني تي بار ٿي پيو ۽ مجموعي قومي معيشت کي نقصان ٿي پهتو. تنهنڪري جاگيرن جي گرانٽ فوراً واپس ورتي وڃي. مسٽر ردلي بيان ڪيو ته: "حقيقي صورتحال اها آهي ته برطانوي حڪومت سند رکندڙ کي چيو ته هو جيستائين برطانوي حڪومت جو وفادار رهندو ۽ جڏهن به ضرورت پئي ته حڪومت جي مدد ڪندو ۽ جيستائين سندس نسبي سلسلي ۾ ڪو مرد وارث موجود رهندو ۽ حقابي جي ادائيگي ٿيندي رهندي تيستائين حڪومت پاران ڪيس زمين جي ڪنهن خاص ٽڪري تان سرڪاري ادائيگين مان فائدو وٺڻ جي موڪل مليل رهندي. اڪثر جاگيرن لاءِ اهو حق هڪ، ٻن، ٽن يا چئن پيڑهين تائين محدود هو. پر انهن کان سواءِ باقي ٻين ٽورين جاگيرن جي صورت ۾ (جن کي مستقل جاگير سمجهيو ويندو هو) نسبي سلسلي ۾ مرد وارث نه هئڻ جي صورت ۾ جاگير واپس وٺي سگهبي هئي. اها ڳالهه واضح آهي ته سندون ايندڙ حڪومت کي پابند نه ٿي بڻائي سگهيون. سنڊ جو مڪيه مقصد برطانوي حڪومت سان وفاداري يقيني بڻائڻ هو ۽ تڏهن ڪنهن کي نه ئي اها سوچ هوندي نه ئي ڪو ارادو ته سنڊ برطانوي حڪومت کان به وڌيڪ عرصو باقي رهي ۽ ڪنهن مستقبل جي حڪومت کي انهي لاءِ پابند ڪجي ته اها سندون رکندڙن جي وفاداري کي يقيني بڻائڻ لاءِ آمدني جو هڪ حصو قربان ڪري ٽالپرن پاران سنڊ فتح ڪرڻ وقت انهن لازماً جاگيرن جو وڏو انگ منسوخ ڪري ڇڏيو هوندو جو برطانيا پاران قبضو ڪرڻ وقت فقط چند ئي اهڙيون اصلي گرانٽون باقي بچيون هيون. برطانوين تڏهن اهو فيصلو ڪيو ته خود ٽالپرن پاران عطا ڪيل جاگيرن جي وڏي انگ کي منسوخ ڪيو وڃي ۽ ٻيون جاگيرون يا ته هميشه لاءِ يا ڪجهه پيڑهين لاءِ باقي رکيون وڃن. انهي مان اهو نتيجو نڪري ٿو ته حڪومت پاڪستان کي هاڻي اهو اختيار آهي ته اها اهڙين گرانٽن کي يا ته ختم ڪري يا باقي رکي....

سيپٽمبر 1949ع ۾ اهو فيصلو ڪيو ويو ته جاگيرون ختم ڪيون وڃن ۽ انهي مقصد لاءِ هڪ بل تيار ڪيو وڃي. در حقيقت اهڙو بل تيار به ڪيو ويو هو ۽ حڪومت آڏو پيش ڪيو ويو هو پر ڪابه اڳيرائي ٽيڻ کان اڳ وزارت ۾ تبديلي اچي وئي تنهنڪري بل سرد خاني ۾ ويو هليو ۽ آخرڪار سڌارن جي سموري رٽا ئي ڪٻٽن ۾ بند ٿي وئي. انهي اهم عوامي مسئلي جو حل هاڻي رولڙي جو شڪار ٿي ويو آهي. ڇاڪاڻ ته سنڊ جي حڪومت جيڪا هڪ مرحلي تي انهي تي اڳيرائي بابت فڪرمند هئي اها هاڻي هڪ جدا حڪومت طور وجود نه ٿي رکي. هاڻي لڳي ٿو ته جاگيرداري جي خاتمي جو دارومدار انهي تي هوندو ته مغربي

پاڪستان جي قانون ساز اسيمبلي چا تي ٿي يڪراءِ ٿئي. پر اها اسيمبلي جيئن ته سنڌ کان سواءِ ٻين علائقن لاءِ به قانونسازي ڪري ٿي جن ۾ زمين جي منتقلي ڪهڙي به لحاظ کان اهميت واري ٿي سگهي، پر انهي ۾ اها سوچ به منظر تي اچي سگهي ٿي ته موجوده مغربي پاڪستان جي سياسي صورتحال ۾ جاگيرداري نظام جون خوبيون ۽ خاميون پلي ڪهڙيون به هجن، پر اهو ضرور آهي ته جيڪو به فيصلو ٿيندو انهي جا اثرات موجوده دور نه پر مستقبل تي پوندا. روينيو واري وزير پنهنجي بيان ۾ جنهن جو مٿي حوالو ڏنو ويو اها ڳالهه بيان ڪئي هئي ته سنڌ ۾ ڪجهه جاگيرن جون حدون تمام حيرت ۾ وجهندڙ هيون. مثال طور ٻن شخصن وٽ بالترتيب 216095 ۽ 217269 ايڪر زمين هئي، جڏهن ته سال 1952ع ۾ اهو تخمينو ڪيو ويو ته عام مروج اگهن کان به گهٽ اگهه جي حساب سان به صوبو فقط روينيو آمدني ۾ 18 لک روپين تائين نقصان برداشت ڪري رهيو هو.

روينيو واري وزير زمينن جي منتقلي جي حق بجانب هئڻ جا هيٺيان سبب ٻڌايا هئا: حڪومت لاءِ سرانجام ڏنل ڪي مخصوص خدمتون، زمين عطا ڪندڙ ملڪي يا ڏارئين حاڪم سان وفاداري، حاڪم ۽ سندس آل اولاد جي چڱ پلائي لاءِ دعائون، زمين تي آباد ٿيڻ ۽ شورشي قبيلائين جي ڪاڌ خوراڪ جو بندوبست ڪرڻ جيئن اهي ڏوهه جي زندگي ڇڏي ڏين ۽ اڳرائي ڪندڙن ۽ حملي آورن جي گرفتاري ۾ پوليس جي مدد ڪرڻ ۽ روينيو آفيسرن کي پنهنجا فرض سرانجام ڏيڻ ۾ مدد ڪرڻ. سنڌ جي اڳوٽي حڪومٽ پاران فيبروري 1955ع ۾ ڪيل فيصلو هن گزيٽيئر ۾ شامل ڪرڻ جي قابل آهي. "سنڌ جي حڪومت ڪيترن سالن کان جاگيرون ختم ڪرڻ جي مسئلي تي سوچ ويچار ڪندي رهي آهي. ملڪ ۾ پهريون دفعو جاگيرون عطا ڪرڻ وارين سندن جي جائزي، توڙي پوءِ جي حڪومتن پاران اهڙين جاگيرن جي سندن جي توثيق ۽ پڙ مسئلي جي قانوني رخن جي بغور جائزي کانپوءِ اها ڳالهه بغير ڪنهن شڪ شبهي جي ثابت ٿي وڃي ٿي ته سنڌ جي حڪومت ملڪ ۾ اهڙن جاگيري حقن کي منسوخ ڪرڻ جو حق رکي ٿي. اها ڳالهه به مشاهدي ۾ آئي ته برطانوي حڪومت سنڌ جي فتح جي وقت ڪيترين ئي جاگيرون منسوخ ڪري ڇڏيون هيون ۽ ڪجهه نيون جاگيرون عطا ڪيون هيون ۽ انهي سان گڏوگڏ ڪجهه اڳوٽين حڪومتن پاران عطا ڪيل جاگيرن جي توثيق پڻ ڪئي هئي، پر اڪثر جاگيرن جي جاري رهڻ کي جاگيردار ۽ ان جي جانشينن جي وفاداري ۽ سٿي هلت سان مشروط رکيو هو. برطانوي حڪومت جي خاتمي سان جاگيرون خطاءِ تاريخي (anachronism) جي حيثيت اختيار ڪري ويون آهن. اها ڳالهه ڪنهن آزاد ۽ خودمختيار رياست جي قوت ۽ طاقت ۽ وقار جي منافي ٿي لڳي ۽ خود جاگيردارن جي حب الوطني ۽ عزت نفس بابت هڪ منفي اظهار آهي جو موجوده دور ۾ به هڪ اهڙو نظام برقرار رکيو وڃي جنهن جو مقصد ۽ غرض فقط اهو هو ته رياست پاران ڪجهه مادي فائدا ڏئي انهن شهرين جي هڪ ننڍي گروپ جي وفاداري حاصل ڪئي وڃي.

انهي فيصلي جي روءِ سان اڳوٽي سنڌ حڪومت سنڌ جي روينيو ڪمشنر کي احڪامات جاري ڪيا تہ: (الف) صوبي جي دفترن ۾ جاگيردارن جي حيثيت ۾ داخل سپني فردن کي نوٽيس جاري ڪيا وڃن. (ب) 8 فيبروري 1955ع کان انهن جون اهي سندون منسوخ ڪيون وڃن جن تحت انهن کي اهي جاگيرون عطا ٿيون هيون. (ج) اهي نوٽيس جاري ٿيڻ سان حڪومت انهن جاگيري زمينن تان پوري دل وصول ڪندي انهن سپني زمينن جي هڪ ئي وقت پر عارضي طور انڪوائري جي پڄاڻي تي پهچڻ تائين، حقن جي رڪارڊ (record of right) ۾ داخلا رکي ويندي تہ اهي لئنڊ روينيو ڪوڊ تحت رواجي قبضي واري مدي ۾ آهن ۽ انهن تي دل جو چالو اڳهه لاڳو ٿيندو.

چيف مارشل لا ايڈمنسٽريٽر پاران 1958/59ع ۾ قائم ٿيل لئنڊ رفارمز ڪميشن ۾ جاگيرن جي حيثيت جو سوال غور هيٺ آيو ۽ ڪميشن جاگيرن جي منسوخي جي سفارش ڪئي. مارشل لا ريگيوليشن نمبر 64 جي پيراگراف 21 مطابق ڪهڙي به قسم ۽ ڪهڙي به نالي ولريون جاگيرون ختم ڪيون ويون ۽ انهن سان لاڳاپيل سڀ حق واسطا ۽ فائدا بغير ڪنهن زيرباري جي ۽ بغير ڪنهن معاوضي جي حڪومت کي ڏنا ويا. جاگيرن بابت آخري فيصلي لاءِ هن گزيٽيئر جو باب نمبر 18 ڏسندا.

15_ آڪٽوبر 1959ع جي "دي پاڪستان نيوز ڊائجسٽ" ۾ رپورٽ ٿيل آهي تہ جاگيرن جي منسوخي سان هنن ضلعن جي سالياني محصول ۾ هن حساب سان واڌارو ٿيندو:

سکر	161300_00 روپيا
نوابشاهہ	52700_00 روپيا
لاڑڪاڻو	82200_00 روپيا
دادو	38300_00 روپيا
ٿرپارڪر	45100_00 روپيا
سانگهڙ	37100_00 روپيا

باب ٻارهون

زراعت

زراعت جي نوعيت ۽ مکيه فصل:

اڳوٽي سنڌ ۾ خيرپور هڪ اهڙو علاقو تشڪيل ڏين ٿا جنهن ۾ زراعت سڀ کان اهم صنعت يا ڌنڌو آهي. ملڪ جي دولت جو وڏو حصو زراعت مان حاصل ڪيو وڃي ٿو ۽ آدمشماري جو وڏو حصو سڌي يا اڻسڌي طرح زرعي ڪمن ڪارين جي ڪاميابي تي دارومدار رکي ٿو. موجوده پاڪستان حڪومت جي اها پاليسي آهي ته سنڌ ۽ خيرپور جي علاقي ۾ زرعي ايراضي ۽ فصلن جي في ايڪڙ پيداوار ۾ واڌارو ڪيو وڃي. ڇاڪاڻ ته اهو محسوس ڪيو ويو وڃي ته مستقبل ۾ آبادي ۾ تمام گهڻي واڌاري سان انسان جي کاڌ خوراڪ لاءِ وڌيڪ غذا جي ضرورت پوندي. ٻيراج جي پاليسي جو مقصد اهو رهيو آهي ته سنڌ جي علاقي جي زرعي صلاحيت ۾ رخن ۾ وڌائي وڃي. ٻهريون ڪڪ جهڙن غذائي فصلن جي ايراضي وڌائي وڃي ٻيو ڪٽيءَ جهڙا نانڊي وارا فصل. جن جي عالمي مارڪيٽ ۾ طلب آهي انهن جي ايراضي وڌائي وڃي. ڪٽي ٻيراج جڏهن پنهنجي مڪمل صلاحيت سان گڏ ڪم ڪرڻ شروع ڪندا ته ڪڪ ۽ ڪٽي جي فصلن جي ايراضي ۾ تمام گهڻو واڌارو ڪندا. تنهنڪري اڳوٽي سنڌ ۽ خيرپور ۾ پوکي راهي جو مقدار نه فقط خود انهن علاقن پر مجموعي طور مغربي پاڪستان جي بهبود لاءِ تمام گهڻي اهميت رکي ٿو. زراعت کاتي جي نموني طور سال 1939/40ع جي رپورٽ. تڏهن لائيڊ ٻيراج کي ڪم ڪندي لڳ ڀڳ 8 سال ٿي ويا هئا. مان ظاهر ٿئي ٿو ته انهي سال ملڪ جي مجموعي زرعي پيداوار جو 75 سيڪڙو اناجن. 14.4 سيڪڙو ريشي (fibre) [جيڪو تقريباً سمورو ڪٽي آهي]. 5.3 سيڪڙو تيلي ٻجن ۽ 2.4 سيڪڙو مال جي چاري تي مشتمل آهي. انهي مان باقي 2.9 سيڪڙي ۾ ٻي هر قسم جي پوک اچي وڃي ٿي. اناجن ۽ دالين ۾ وري سڀ کان وڌيڪ حصو چانور ڪڪ. جوئر. ڇٽن ۽ جَوَن جو هو. ريشي جي پيداوار ۾ فقط ڪٽي ئي اهميت واري آهي ۽ اڳوٽي سنڌ ۽ خيرپور جي ريشي جي جملي پيداوار تقريباً فقط انهي تي ئي مشتمل آهي. تيلي ٻج جيڪي جملي پيداوار جو 5.3 سيڪڙو آهن انهن ۾ توريو (rape) ۽ آهُر (mustard) جملي پيداوار جي 80 سيڪڙي تي ٻڌل آهن. جيڪڏهن ايندڙ سالن جي انگن اکرن مان ٻه سال 1939/40ع وارا لاڙا ظاهر ٿين ۽ اها ڳالهه فرض ڪرڻ ٻه عقل کان ٻاهر نه هوندي ته ڪڪ ۽ ڪٽي جي فصلن جي ايراضي انهي سال واري ايراضي کان وڌيڪ هوندي ته اڳوٽي سنڌ ۽ خيرپور جي زراعت بابت اهو چئي سگهبو ته انهي علاقي ۾ وڏي حد تائين غذائي جنسن ۾ چانور ڪڪ. ٻاجهري ۽ جوئر. تيلي ٻجن ۾ توريو ۽ آهُر ۽ ريشي ۾ ڪٽي پيدا ٿئي ٿي. ٻي زرعي پيداوار مقابلتاً غير اهم آهي.

معيشت ۾ زراعت جي اهم حيثيت:

سنڌ ۽ خيرپور ۾ ذريعہ معاش طور زراعت جي اهم حيثيت 1951ع جي آدمشماري جي انگن اکرن مان بہ ظاهر ٿئي ٿي. اهي انگ اکر ڏيکارين ٿا تہ زرعي ڪمن ڪارين ۾ مصروف ماڻهن جو انگ غير زرعي ڌنڌن وارن ماڻهن کان گهڻو وڌيڪ آهي. آدمشماري جي انگن اکرن جي تجزيي مان خبر پئي تہ سراسري طور آدمشماري جي فقط ٽئين حصي کي روزگار ڪندڙ ڇڻي سگهجي ٿو جڏهن تہ باقي 2/3 حصي ۾ ٻين تي دارومدار رکندڙ پوڙها، ٻار ۽ اقتصادي پيداواري سرگرمين ۾ حصو نہ وٺندڙ اچي وڃن ٿا. آدمشماري جي انگن اکرن مان اها بہ خبر پوي ٿي تہ سنڌ ۽ خيرپور ۾ سراسري طور روزگار ڪمائيندڙ ليکيو ويندڙ هڪ شخص پنڌيان بہ ماڻهو انهي تي دارومدار رکندڙ آهن. هيٺئين جدول مان اها ڳالهہ پلي پٽ واضح ٿئي ٿي تہ ملڪ جي اقتصادي سيٽ اپ ۾ زراعت کي اهم حيثيت حاصل آهي. انهي مان اها ڳالهہ بہ ظاهر ٿيندي تہ اڳوڻي سنڌ ۽ خيرپور ۾ جملي آبادي جي پاڻ روزگار ڪمائيندڙ شهري آبادي جو 24.1 سيڪڙو زرعي ڪمن ڪارين سان لاڳاپيل آهي جڏهن تہ فقط 9.3 سيڪڙو غير زرعي ڌنڌا ڪن ٿا. فقط اڳوڻي سنڌ جي ضلعن لاڙ اهي انگ اکر بالترتيب 24 سيڪڙو ۽ 90.5 سيڪڙو ۽ خيرپور لاڙ 25.1 ۽ 6.9 سيڪڙو آهن.

آدمشماري جي اقتصادي حيثيت سيڪڙي ۾

علائقا	جملي آدمشماري	زرعي	غير زرعي	ڪوبہ نہ ڪندڙ	12 ورهين کان گهٽ عمر وارا	12 ورهيہ ۽ ان کان وڌي عمر وارا
اڳوڻي سنڌ	46,05,934	24	9.5	0.7	34.2	31.6
خيرپور	3,19,408	25.1	6.9	0.7	37.1	30.2
جملي	49,25,342	24.1	9.3	0.6	34.4	31.6

مٿئين جدول مان اهو نتيجو نڪري ٿو تہ ڪنهن ڌنڌي ۽ نوڪري ۽ روزگار جي ذريعي طور زراعت ٻين سڀني ڌنڌن کي گڏائي بہ انهن کان ايڊائوڊ تي وڌيڪ آهي. موجوده وقت ۾ اها صورتحال آهي. مستقبل ۾ انهيءَ صورتحال ۾ تبديلي جو دارومدار انهي تي آهي تہ هن تمام وڏي ۽ زراعت ۾ غلبو رکندڙ علائقي ۾ صنعتون ڪيتري ڪاميابي سان قائم ڪيون ٿيون وڃن ۽ ڇا پيداواري فصلن هيٺ آيل ايراضي ۾ متوقع واڌارو نيون صنعتون قائم ٿيڻ سان پيدا ٿيل صنعتي سرگرمي سان وڪ وڪ ۾ ملائي هلي ٿو يا پنڌتي رهجي وڃي ٿو.

اڳوڻي سنڌ جو علائقو ٽن حصن ۾ ورهايل آهي: سنڌو نديءَ جي ماٿريءَ جو لٽ وارو علائقو اولهہ وارو جابلو ۽ ريتيءَ وارو علائقو جنهن کي ڪوهستان چئجي ٿو ۽ اوپر طرف جا راجستان وارا وارياسا ٽڪرا. جملي ايراضي 50,397 چورس ميل آهي ۽ جملي آدمشماري 64,08,514. انهي جو مطلب تہ سراسري طور في چورس ميل تي 91 ماڻهو آباد آهن. خيرپور جي ايراضي 6050 چورس ميل آهي ۽ انهي جي آدمشماري

319543 آهي. انهي جو مطلب تہ سراسري طور في چورس ميل تي 53 ماڻهو آباد آهن. خاص طور تي سيڊ آباد زمين سنڌو ندي جي ماڙي جي لٽ واري علاقي تي آهي. انهي جي ايراضي سموري ملڪ جي تقريباً اڌ ايراضي جيتري آهي. ٻئي اڌ تي راجستان ۽ ڪوهستان آهن. ملڪ جي جملي ايراضي تي ڪروڙ کان ڪجهہ وڌيڪ ايڪڙن تي مشتمل آهي. جن مان ڏيڍ ڪروڙ آبادي لائق نہ آهي. ڏيڍ ڪروڙ آبادي لائق آهي جن مان تقريباً هڪ ڪروڙ ايڪڙن تي آبادي ٿئي ٿي. واري ڀيري سان ساهي وارا ٽڪرا ۽ انهيءَ ۾ اچي ٿا وڃن. پر حقيقت اها آهي تہ آبادي لائق انهي هڪ ڪروڙ ايڪڙ ايراضي ۾ ساهي واري زمين پنجاهہ لک ايڪڙ هوندي آهي. ايتري وڏي ايراضي ساهي ۾ ڇڏڻ جا سبب ۽ پيچيدا آهن. پر آبادي لائق زمين تي پوکي نہ ٿيڻ جو مکيہ سبب تہ ايستائين پاڻي جو نہ پهچي سگهڻ آهي. ٻيا سبب زمين جي فطري صلاحيت ۽ سنڌي آبادگار جي عادت پڻ آهن. آبادي لائق زمين جنهن کي آبادي هيٺ نہ آندو ويو آهي انهي جي ايراضي پنجاهہ لک ايڪڙ آهي. جڏهن ٿئي ٻيراج مڪمل طور ڪم ڪرڻ لڳندا تہ اهي پوکي لائق سموري ايراضي جي 2/3 کان ۽ وڌيڪ ايراضي کي پاڻي پهچائيندا جنهن سان ٻوڏ دوران واهن، ٻوڏ، مينهن ۽ ڪوهن تي آباد ڪرڻ لاءِ پوکي لائق زمين جو فقط ٽيون حصو وڃي باقي بچندو. تنهنڪري اڳوٽي سنڌ ۽ خيرپور جي پوکيءَ هيٺ ايراضي ۾ واڌاري جو دارومدار انهي تي آهي تہ تنهي ٻيراجن جي ڪارڪردگي کي هر قسم جي فصلن لاءِ وڌ کان وڌ حد تائين پهچايو وڃي ۽ بهتر زرعي طريقن ۽ هٿراڏو ۽ قدرتي پاڻن جي ڪتب آڻڻ سان انهي ايراضي ۾ ڪمي آندي وڃي جيڪا هر سال ساهي ۾ ڇڏي وڃي ٿي. اهم حقيقتون هي آهن تہ جملي ڏيڍ ڪروڙ ايڪڙ آبادي لائق ايراضي مان ٿئي ٻيراج هڪ ڪروڙ ايڪڙ ايراضي کي پاڻي پهچائي سگهن ٿا. جڏهن تہ هر سال آباد ٿيندڙ ايراضي پنجاهہ لک ايڪڙن کان مشڪل سان ڪجهہ وڌيڪ هوندي اها جملي آبادي لائق ايراضي جو ٽيون حصو ٿئي ٿي. انهيءَ جي ئي برابر پنجاهہ لک ايڪڙ ايراضي ساهي ۾ ڇڏي وڃي ٿي. اڇڪلهہ هر سال پنجاهہ لک ايڪڙ ايراضي تي آبادي ٿئي ٿي ۽ پنجاهہ لک ايڪڙ ايراضي ساهي ۾ ڇڏي وڃي ٿي. انهي جو مطلب تہ اڌا ٽيون حصو يعني پنجاهہ لک ايڪڙ ايراضي اڻڙي رهي ٿي جتي هاڻي يا ايندڙ وقت ۾ آبادي ممڪن آهي. مناسب پاليسي لاڳو ڪرڻ ۽ زراعت جا وڌيڪ جديد طريقا ڪتب آڻڻ سان انهيءَ حد تائين پيداوار ۾ بهتري آڻي سگهجي ٿي. حقيقت اها آهي تہ جيڪڏهن سنڌ جي خالي ايراضين مان مڪمل فائدو ونڊو آهي جن تي فصل اپائي سگهجن ٿا تہ انهيءَ لاءِ اڻڙيون ڏکڻي مدي واريون اسڪيمون ضروري هونديون جن جي مدد سان ٻيراجي پاڻين جو مڪمل استعمال يقيني بڻائجي ۽ ساهي ۾ ڇڏيل وسيع ايراضين تي پرپور حملو پڻ ٿي سگهي.

زراعت ۽ جنگ ڪانپوءِ بحالي بابت حڪومت جي اڳوٽي صلاحڪار سر راجر ٽامس پنهنجي "Notes on Agricultural Development in Sindh" ۾ لکيو آهي: "اڻ واقف ماڻهن ۾ سنڌي آبادگار جي شهرت سُست ۽ ڪاهل ماڻهو واري آهي. اها هڪ چتي ۽ بي واجبي تنقيد آهي. ڳوٺاڻي آبادي جون سماجي ريتون رسمون انهن جي زندگي جي معيار تي وڏو اثر وجهن ٿيون ۽ اهي خانداني روايتن ۽ مذهبي احڪامن

جي زير اثر پڻ هلن ٿيون. اهي سيئي گڏجي انهن جي مالي وسيلن جي وڌي ڇڪ کن ٿيون. انهن جي عيش آرام بابت سوچ به تمام قديم انداز جي آهي ۽ ساڳيو حال انهن جي زرعي طور طريقن جو آهي. ڪجهه غير معمولي حالتن کانسواءِ انهن کي ڪڏهن به اها پڪ نه هوندي آهي ته اهي جيڪي زمينون آباد ڪن ٿا اهي انهن تي ڪيترو وقت رهندا؟ سماجي سهوليتون به نالي ماتر هونديون آهن. انهن جي اڻ ڄاڻائي به ڏاڍي گهري هوندي آهي. انهن جي قسمت ۾ سڌارو آڻڻ لاءِ انهن پاران سرڪار به گهٽو ڪجهه ڪري سگهي ٿي ۽ اهي پاڻ به گهٽو ڪجهه ڪري سگهن ٿا بشرطيڪ انهن کي وڌيڪ ڄاڻ ۽ علم حاصل هجي. تعليم پنهنجي وسيع ترين مفهوم ۾ يعني گهربل علم جي حاصلات ڪنهن به رٿابندي جي شروعات ۾ هئڻ گهرجي.

سنڌ جي علاقي جي آبهوا ڪيترن ئي گرم ۽ نيم گرم علاقن جي فصلن لاءِ مناسب آهي پر انهن مان جوئر ۽ ڪجهه دالين کانسواءِ ڪوبه آبپاشي کانسواءِ نه ٿو پوکي سگهجي. اڳوٽي سنڌ صوبي جي اولهه ۾ مِينهن سالياني سراسري پنج انچ جڏهن ته ڏکڻ اپرندي حصي ۾ سالياني سراسري 12 انچ وسي ٿو. جولاءِ آگسٽ ۽ سيپٽمبر مِينهن جا مهينا هوندا آهن. سال جي باقي مهينن جي وڌي حصي ۾ آسمان صاف رهندو آهي ۽ عام طور فصلن ۾ مِينهن جي نقصان کانسواءِ لاباروٻجي ويندو آهي. سياري جا مِينهن ڪڪ جي فصل لاءِ فائديمند ٿيندا آهن. پر اونهاري جا مينهن ڪٽي جي فصل کي فائدو گهٽ ۽ نقصان وڌيڪ ڏيندا آهن. ٽر جي ريگستان جي خشڪ ڏکڻ اپرندي علاقي ۾ جڏهن مون سون جا مِينهن فائدي وارا وسندا آهن ته وڌين ايراضين تي جوئر ۽ دالين جا فصل پوکيا ويندا آهن. هيءَ علاقو وقت بوقت سخت ڏڪارن هيٺ ايندو رهندو آهي. هي علاقو سخت جان ماڻهن ۽ چوپائي مال جي سخت جان ٽرپارڪري نسل جو مسڪن آهي. اهي ٻئي انهيءَ وقت وڌندا ويجهندا آهن جڏهن گاهه ڪٽندا آهن. سمنڊ کان فاصلو وڌڻ سان هوا ۾ نمي گهٽبي ويندي آهي. خشڪ علاقن ۾ مئي ۽ جون جي مهينن ۾ چانوڙ ۾ ٽيمپريچر 115 ڊگري عام رواجي ڳالهه هوندو آهي. ڏکڻ اولهه جي مون سون لاڳاپيل جهڙالي ۽ نمي واري موسم اچڻ تائين اها صورتحال رهندي آهي. جولاءِ ۽ آگسٽ جي مهينن ۾ ٽيمپريچر ڇڪو گهٽجي ويندو آهي، پر سيپٽمبر ۽ آڪٽوبر مهيني جي منڊ ۾ انهيءَ ۾ وري واڌ اچي ويندي آهي انهيءَ سان ڪٽي جي پيداوار ۾ ڪمي اچي ويندي آهي. سياري ۾ ٽيمپريچر ورلي ئي جمڻ پد تي پهچندو آهي.

اڳوٽي سنڌ ۽ خيرپور جي ايراضي ٽلهي ليڪي انگلينڊ (51000 چورس ميل)، چيڪوسلواڪيه (49000 چورس ميل)، يونان (50000 چورس ميل) ۽ تيونس (49000 چورس ميل) جي ايراضي جيتري آهي. جڏهن ته في چورس ميل انسانن جو تعداد انگلينڊ ۾ 764، چيڪوسلواڪيا ۾ 284، يونان ۾ 155 آهي ۽ سنڌ لاءِ اهو انگ 117 ماڻهو في چورس ميل آهي. انهيءَ لحاظ کان سنڌ تيونس کان اڳتي آهي، جتي 56 ماڻهو في چورس ميل تي آباد آهن. اهو سو آهي ته تيونس ۾ ريگستاني ايراضي وڌيڪ آهي. مٽي بحث هيٺ آيل ڳالهين مان پڙهندڙ اهو سمجهڻ جي لائق ٿي ويندا ته اڳوٽي سنڌ ۾ زرعي ڪم ڪار ۾ ڪيتريون سخت طبعي ڏکيائيون پيش اچن ٿيون فصلن جي في ايڪڙ پيداوار جو سڌريل مغربي ملڪن جهڙو معيار حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيترين ئي سماجي رڪاوٽن تي غالب ٿيڻو پوندو يا گهٽ ۾ گهٽ انهن جي شدت ۾ گهٽتائي آڻڻي پوندي. هيٺ ڏنل جدول ۾ اڳوٽي سنڌ ۽ خيرپور جي سڀني ضلعن جي سالياني مينهن جي شرح ڏيکاريل آهي.

ضلعي وار سالياني مينهن – جملي سالياني مينهن انچن ۾

	1951ع	1952ع	1953ع	1954ع	1955ع	1956ع	1957ع	1958ع	1959ع	1960ع	سراسري انچ
ڪراچي	3.03	8.83	10.32	11.38	6.11	16.31	1.62	.23	18.65	5.10	8.15
حيدرآباد	1.90	4.31	8.08	2.44	7.37	21.26	4.69	5.06	8.20	3.69	7.70
سانگهڙ	2.24	2.81	6.44	3.07	6.60	11.65	1.87	2.60	8.98	4.34	5.06
ٺرپارڪر	2.20	2.80	14.36	7.29	8.60	16.74	2.51	4.76	59.26	13.79	15.23
ٺٽو	...	...	...	...	...	...	...	...	...	19.41	...
دادو	1.24	1.18	3.32	2.06	9.33	13.83	2.54	4.58	10.61	3.88	5.25
خيرپور	1.36	0.79	5.00	0.05	2.00	18.13	2.45	1.00	4.60	4.00	3.93
سکر	0.93	1.11	8.90	1.36	5.79	12.41	2.79	0.31	[illegible]	4.98	4.21
جيڪب آباد	9.94	1.41	2.95	2.23	4.78	10.42	3.98	0.37	4.73	1.08	3.29
لاڙڪاڻو	1.68	0.76	4.84	1.68	3.59	9.04	2.00	1.99	4.53	3.88	3.40
نوابشاهه	2.28	2.29	6.82	2.02	8.13	15.74	1.09	2.87	8.57	4.74	4.45

زمينون ۽ زمينن جي درجي بندي

ٽکرين تي، ٽکرين جي ڪچ ۾ ٿرپارکر جي ريگستان کانسواءِ، سنڌ جي سموري زمين لٽاسي آهي جيڪا تمام سنهي واري ۽ مٽيءَ تي مشتمل آهي. مختلف جاين جي واريءَ ۽ مٽيءَ جي تناسب ۾ فرق آهي جيڪو انهيءَ جي پکائي يا ڪچائي تي اثر وجهي ٿو. انهي لحاظ کان زمين ۾ موجود نامياتي مواد جي سيڪڙي تي بہ فرق پوي ٿو. اهي فرق ڪيترن ئي سنڌي نالن مان ظاهر ٿين ٿا جيڪي ڏيلي ڏالي نموني ۾ ڪتب آندا وڃن ٿا ۽ گهٽو ڪري مقامي آهن. سن 1907ع واري گزيٽيئر ۾ اڳوٽي سنڌ جي زمينن جي اهم قسمن جا نالا هن ريت ڏنل آهن: وارياسي، چيڪي يا پکي، ڪچي راڙ، رئي واري ۽ ڪلراٹي. انهن زمينن بابت اٽڪل لکي ٿو "وارياسي اڙ پختي واري هوندي آهي جيڪا فقط هنداڻن جي پوک لاءِ مناسب هوندي آهي. ڪچو تازي ٻوڙ مان نڪتل زمين کي چيو ويندو آهي. اها زمين جيڪڏهن ساڳئي سال ربيع جي پوکي لاءِ ڪتب اچي تہ ان کي ربو ڪچو چوندا آهن ۽ ان کي جيڪڏهن هڪ يا بہ سندون ٿي ويون ۽ اها سُڪي ۽ پکي ٿي وئي تہ ان کي پڪو ڪچو چوندا اهن. انهيءَ جي مختلف قسمن لاءِ لٽياري، لٽواري ۽ لسياري جا مقامي نالا ڪتب ايندا آهن ۽ انهي لاءِ عام طور مٽيءَ جو گڏيل لفظ ڪم آندو ويندو آهي. جنهن زمين ۾ واريءَ جو وڌيڪ تناسب هوندو آهي انهيءَ لاءِ گسياري جو لفظ ڪتب ايندو آهي. اهڙي زمين کي تقريباً سيني فصلن لاءِ مناسب ليکيو ويندو آهي جيڪا گهٽو وقت پاڻي ۾ هيٺ رهي هجي. انهيءَ کي ڪاهوڙي تہ، رپا، رپ ۽ ڏٻڙ جي نالن سان پڻ سڏيو ويندو آهي. اها جڏهن ڪهري ۽ ڳنڍيا ڳنڍيا هوندي آهي تہ انهي کي ڪرڙو ۽ ڪرياڙي سڏيو ويندو آهي. اها ڏاڍي چيڑهالي ۽ ڪٺڻ ڳرڙ ۾ ڳري هوندي آهي تنهنڪري ان کي پسند نہ ڪيو ويندو آهي پر انهي ۾ ساريون، ڪڪ، جانيو ۽ ٻيا فصل سٺا ٿيندا آهن. زمين جي انهن ٽنهي مکيہ قسمن جي ڪيميائي تجزئي مان ظاهر ٿئي ٿو تہ وارياسي ۾ 76.74 سيڪڙو اڙ ڳرندڙ سيليڪيٽ ۽ واري هوندي آهي، ڪچي ۾ اهو تناسب 67.64 سيڪڙو ۽ چيڪي يا پکي ۾ 66.68 سيڪڙو هوندو آهي. رئو يا رئي واري زمين ۾ جابلو نئين مان آيل ذرا هوندا آهن. سڀاويڪ طور انهي جا مختلف قسم هوندا آهن، انهيءَ جو بنياد جيئن تہ وارياسو ۽ ڀُسڙ وارو هوندو آهي تنهنڪري چيڑهہ جي لحاظ کان بہ انهي جا مختلف قسم هوندا آهن. حيدرآباد جي آسپاس هلڪي ۽ ڀُسڙ واري زمين کي ڀسڙ چيو ويندو آهي. انهيءَ کي بظاهر هن ئي درجي ۾ رکيو وڃڻ گهرجي پر ڀُسڙ ۽ گُسڙ جا لفظ وڏي پيماني تي نرم ۽ هلڪي رنگ واري زمين لاءِ ڪتب آندا وڃن ٿا جيڪا وڏي پيداوار ڏيندي آهي. هن درجي جون زمينون خاص طور باراني پوک لاءِ مناسب هونديون آهن. ڪيميائي تجزئي مان ظاهر ٿئي ٿو تہ هن قسم جي زمين ۾ ڪچي، چيڪي يا پکي کان وڌيڪ چُڻ هوندو آهي. ڪلراٹي انهي زمين کي چٻو آهي جيڪا لوٽيات جي ڪثرت سبب زرعي ڪمن لاءِ ناڪارا ٿي چُڪي هجي. انهي کي ڪيترائي نالا ڏنل آهن. شور ۽ نٽ ڪلر پوک جي لاءِ بلڪل نامناسب هونديون آهن جڏهن تہ مٽي ڪلر تي سارين جي پوک ٿيندي آهي. ساموندي ڪناري جي ويجهو شور زمين مان ڪنيل هڪ نموني جي تجزئي مان ظاهر ٿيو تہ انهي ۾ 19.62 سيڪڙو سوڊيم ڪلورائيڊ 2.32 سيڪڙو ڪيلشيم ڪلورائيڊ ۽ 1.04 سيڪڙو ميگنيشم ڪلورائيڊ موجود هو. سني مٽيءَ واري

زمين ۾ 6 کان 7 سيڪڙي تائين سوڊيم ڪلورائيڊ موجود ٿي سگھي ٿي. انهيءَ هوندي ب اها سارين لاءِ مناسب ٿي سگھي ٿي ۽ انهيءَ ڪانپوءِ انهي ۾ دالين وارا ۽ تيلي ٻجن وارا فصل ٿي سگھن ٿا. انهي جو سبب اهو آهي جو سارين جي فصل دوران ٻنين ۾ لاڳيتو پاڻي ٻيھندو آهي ۽ انهي کي تڪڙو تڪڙو متايو پوندو آهي ته انهي عمل دوران زمين مان لوڻياٽ جو وڏو حصو ڏوڪجي ويندو آهي. اهڙي زمين کي ڏنگياسي يا ڏنگاچي چيو ويندو آهي. جتي وري سني زمين سان گڏ ڪلر گڏجي وڃي انهي کي ڪلراٹي چيو ويندو آهي. اهڙين زمينن ۾ لوڻياٽ گھٽو ڪري سطح جي ويجھو هوندو آهي ۽ انهيءَ کي بار بار پاڻي ڏئي ۽ پاڻي چنڊي ڏوئي ب سگھبو آهي. اهڙي طرح بلڪل غير آباد لڳندڙ زمين کي سرسبز ٻني ۾ تبديل ڪري سگھبو آهي. ٿرپارڪر جي ريگستاني علائقن ۾ سموري زمين واريا‌سي آهي جنهن کي ڏگو چيو ويندو آهي. انهيءَ ۾ ٻينهن کانپوءِ ٻاجھر جا ڇڊا پاڊا فصل ٿيندا آهن. انهي ۾ پوکي راهي ب عام طور خاص هنڌن تائين محدود هوندي آهي جھڙوڪ سڌيون ماٹريون ۽ عارضي تراکڙيون کڌون جتي سڙيل ڳريل آبي گندگاھ وارو نامياتي مواد پڻ ڇڪي مقدار ۾ موجود هجي. رڻ جي ڪناري تي پکي زمين ب موجود آهي جنهن کي ڪاڻي زمين سڏيو ويندو آهي اها اونهاري ۾ پاڻي ۾ ٻڏل هوندي آهي ۽ سکي وڃڻ کانپوءِ ربيع جو ڪڪ جو فصل ڏيندي آهي. ننگرپارڪر ۾ تمام بھترين زمين. کي ڊاسڙ چيو ويندو آهي. ھاڻي زمينن جي انهيءَ باقاعدي ۽ ڪجھ قدر غير سائنسي درجي بندي جي جاءِ تي وڌيڪ عقلي سرشتو اچي رهيو آهي. اهو سرشتو هڪ خاص آفيسر لاڳو ڪندو آهي جنهن کي Soil Classification Officer چيو وڃي ٿو. هن وٽ مڪمل عملو هوندو آهي جنهن ۾ ٻين سان گڏوگڏ هڪ Soil Chemist پڻ هوندو آهي. جنهن وٽ زراعت ۾ ڊپلوما هوندو آهي. سئائل ڪلاسيفڪيشن آفيسر سن 1953ع ۾ سنڌ ايگريڪلچرل ڪميشن جي آڏو پنھنجي بيان ۾ زمين جي ڇڪاس لاءِ ڪم ايندڙ طريقو بيان ڪيو هو. هن چيو ته زمين جي ڇڪاس لاءِ چار ٽيسٽون ڪيون ويندين آهن. پھرئين ٽيسٽ سطح جي حالت بابت ڪئي ويندي آهي. صاف ڊسڙ واريون زمينون پکيون هونديون آهن. تنھنڪري انهن جي سطح سخت هوندي آهي. جڏھن ته ڊسڙ واريون ۽ واريا‌سون زمينون نرم هونديون آهن. ٻئين ٽيسٽ رنگ جي ڪئي ويندي اهي. ڪجھ رنگ مختلف قسمن جي زمينن سان لاڳاپيل آهن: مٽي جي مٽاڇري واريون زمينون پوريون يا ڳاڙھسريون هونديون آهن ۽ ڊسڙ واريون عام طور خاڪي رنگ جون هونديون آهن. ٽئين ٽيسٽ سيپ کان اهم هوندي اهي. انهيءَ ۾ مٽي کي هٿ سان ڇُهي ڏسبو آهي ته ڇا اها نرم اهي يا ڊسڙ وانگر بخملي ڇھاءَ اٽس يا وري اها ننڍڙن ڏرڙن تي مشتمل آهي انهي مان سمجھبو آهي ته اها صاف ڊُسڙ آهي يا وري جيڪڏهن مٽي هٿ جي ڊھاءَ ۾ نه ايندي ته سمجھبو ته اها پکي مٽي آهي. چوٿين ڇڪاس پاڻي جي هوندي آهي. ڪجھ حالتن ۾ جڏهن ڇُھاءُ واري ٽيسٽ اطمينان بخش ثابت نه ٿيندي آهي ته پاڻي ڪم آندو ويندو آهي. انهيءَ ۾ اهو ڏٺو ويندو آهي ته مٽي ۽ پاڻي پاڻ ۾ ڪيئن ٿا تعامل ڪن؟ مٽي جيڪڏهن پاڻي سان گڏجي چيڙھالي ٿي وڃي ته اها نشاني چيڪي مٽي هئڻ جي آهي ۽ جيڪڏهن مٽي هٿن تان جلدي ڏوڪجي وڃي ٿي ته اها ان جي واريا‌سي هئڻ جي نشاني آهي.

سائل ڪلاسيفڪيشن ڊپارٽمينٽ انهن اصولن تي عمل ڪندي لائيڊ بيراج ۽ لوئر سنڌ بيراج ۾ زمين کي چئن درجن اي بي سي ۽ ڊي (Categories) ۾ ورهايو آهي. چئني چڪاس ۾ زمين جي ظاهر ٿيندڙ خصوصيتن مطابق زمين کي مارڪون ڏنيون ويندیون آهن. نرست ڪلاس زمين جيڪڏهن 326 کان 400 مارڪون ڪٽندي آهي تہ انهي کي "اي" درجي ۾ رکيو ويندو آهي. زمين جيڪڏهن 151 کان 325 مارڪون ڪٽندي اهي تہ انهي کي "بي" درجو ڏنو ويندو آهي. "سي" درجو انهي زمين کي ڏنو ويندو آهي جيڪا 51 کان 150 مارڪون ڪٽندي آهي ۽ ٻڙي کان 50 مارڪون ڪٽندڙ زمين کي "ڊي" درجي ۾ رکيو ويندو آهي. زمينن جي درجي بندي خاص طور ڏل جي اُڳاڙي لاءِ ڪئي ويندي آهي. زمين سان لاڳاپيل مسئلن ۾ هڪ انهيءَ جي زرخيزي آهي. انهي جو دارومدار انهي تي هوندو آهي تہ اهو ڏنو وڃي تہ زمين ۽ انهي جي پاڻي جو بهترين استعمال ڪندي زمين لاءِ ڪهڙا مناسب فصل پوکيا وڃن. وري هڪ مسئلو زمين جي خراب ٿي وڃڻ جو بہ هوندو آهي. انهي جو سبب سم ۽ ڪلر هوندو آهي. انهي مسئلي کان بچاءَ جا اُپاءَ اڳواٽ وٺي سگهجن ٿا. لائيڊ بيراج جي زمينن جي جملي ايراضي جن جي درجي بندي ڪئي وڃڻي هئي اها هئي 564100 ۽ لوئر سنڌ بيراج جي اهڙين زمينن جي ايراضي 2663200 ايڪڙ هئي. اهڙين زمينن مان لائيڊ بيراج جي سموري ايراضي جي درجي بندي ڪئي وئي آهي ۽ لوئر سنڌ بيراج مان بہ 20000 ايڪڙن کي ڇڏي باقي تقريباً سموري ايراضي جي درجي بندي ڪئي وئي آهي. لوئر سنڌ بيراج ۾ ايتري ايراضي جي درجي بندي نہ ٿيڻ جو هڪ سبب اهو آهي تہ زمين جا حد بندين جا نشان واضح نہ آهن ۽ ٻيو سبب اهو آهي تہ ڪجهہ علائقا سمنڊ جون ويرون چڙهڻ سبب سمنڊ جي پاڻي هيٺ ايندا رهن ٿا. لائيڊ بيراج ۽ لوئر سنڌ بيراج جي زمينن جي درجي بندي جو نتيجو هيٺئين جدول ۾ ڏيکاريل آهي.

	اي	بي	سي	ڊي
لائيڊ بيراج	18.23,749	26,74,160	833,600	308,630
لوئر سنڌ بيراج	436,700	10,14,300	764,500	6400

ٽر جي علائقي ۾ زمينن جي درجي بندي بابت سائل (Soil) ڪلاسيفڪيشن آفيسر ڪميشن جي آڏو پنهنجي بيان ۾ چيو: "حقيقت اها آهي تہ مون ٽر ۾ زمينن جي چڪاس اندازي تي ڪئي آهي. اتان جي پوکي لائق زمينن کي ٽن درجن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. پهرئين درجي ۾ واري جي ٻن ٽن جي وچ ۾ هيٺاهينءَ واريون زمينون آهن جيڪي تمام ننڍي پيماني تي هڪ ماٽري ٺاهين ٿيون. مينهن جي مند ۾ پاڻي انهيءَ هيٺاهين سطح ۾ وهي اچي ٿو ۽ انهي تي فصل پوکيو ويندو آهي جيڪو عام طور باجهري جو هوندو آهي پر ڪجهہ جاين تي تر بہ پوکيا ويندا آهن. اها زمين بلڪل هلڪي هوندي آهي ۽ اسين انهي کي واريائسي ڊُسٽ چئي سگهون ٿا. زمين جي ٻئي قسم کي ترائي (هيٺاهين سطح) چئجي ٿو. اتي زمين ٻجهيل هوندي آهي ۽ انهيءَ ۾ پاڻي کي روڪڻ جي صلاحيت هوندي آهي. ڳوناٽا انهيءَ زمين کي جهوپڙيون ٺاهڻ لاءِ ڪم آڻيندا آهن اهو علائقو سياويڪ طور ڪنهن ڪڏ وانگر لڳندو آهي. مينهن جو پاڻي انهن ترائين ۾ خاص طور پيئڻ

جي مقصد لاءِ گڏ ڪيو ويندو آهي. ترائيون ورلي ئي پوکي لاءِ ڪتب آندیون ويندیون آهن. زمين جو ٽيون قسم واريءَ جون پٽون آهن. وقت بوقت پوندڙ مِينهن جي سبب انهن تي گاهه ڦٽي پوندو آهي ۽ هر سال مِينهن پوڻ ۽ گاهه ڦٽڻ مان اهو فائدو ٽيو آهي جو گاهه جون پاڙون واري کي پاڻ ۾ قابو ڪري ٻيهارين ٽيون ۽ ڪجهه آلاڻ ٻ پاڻ ۾ روڪي رکن ٽيون. انهي جو نتيجو اهو ٿو نڪري جو نه فقط گاهه مان مال جو چارو جهجهي انداز ۾ ملي ٿو پر اهو واري کي ٻ ٿڙڻ پکڙڻ کان روڪي ٿو. واري جي پٽن تي ڪنڊي ۽ ڪونپٽ وغيره جهڙا وڻ ٻ ڦٽندا آهن.

منهنجي راءِ اها آهي ته ٿر جي زمين ڪڏهن ٻ زميني سطح جڙڻ جي عمل مان نه گذري آهي. جنهن ۾ هڪ ته زمين جي مٽاچري تي لٽ گڏ ٽيندي ويندي آهي يا هوائن ۽ مينهن جهڙن فطري عملن جي نتيجي ۾ جبلن تان وهي آيل مواد تهه ناهيندو آهي. سموري ٿر ۾ زمينن يا واري جي ماهيت هڪ جهڙي آهي ۽ منهنجي خيال ۾ ته انهن زمينن جي درجي بندي مان ڪوبه فائدو نه ٽيندو.

ساڳئي ڳالهه جابلو علائقن بابت ٻ چئي سگهجي ٿي ته اتي ٻ زمين جي ماهيت تقريباً هڪ جهڙي آهي ۽ اتي ٻ زمينن جي درجي بندي مان ڪو گهڻو فائدو نه ٽيندو.

ڪيٽي بندر ۽ گهوڙا ٻاري ۾ درياءَ جي ڊيلٽائي ٽڪرن بابت سائل (Soil) ڪلاسيفڪيشن آفيسر چيو: "هرڪو ماڻهو ڏسي سگهي ٿو ته هتي زمين تقريباً چيڪي مٽيءَ واري آهي. درياءَ پنهنجي ڏگهي رستي ۾ پنهنجي ڳري لٽ مٽين حصن ۾ ڇڏيندو ايندو آهي ۽ انهي جي پڇڙي ۾ فقط تمام سنهي لٽ ئي گڏ ٽيندي آهي. اها ٻ سمنڊ جي ويرسان گڏ چڙهي ايندڙ پاڻي جي طاقت جي زور تي گڏ ٽيندي آهي. انهي ڪري زمين پاڻ ۾ ٻجهيل ۽ چيڙهالي ۽ سارين جي پوک لاءِ مناسب هوندي آهي. زميني حالتون يڪسان آهن ۽ منهنجي راءِ ۾ ته انهي ٽُڪري جي درجي بندي ڪرڻ سان ڪو فائدو نه ٽيندو. هن ٽُڪري تي ڪنهن ٻ قسم جو وڻ ٽڻ نه ٽو ڦٽي جنهن جو خاص سبب اهو آهي ته زمين ايجا تشڪيل جي عمل مان گذري رهي آهي ۽ پاڻي تي سامونڊي پاڻي جو گهڻو اثر ٿئي ٿو.

سر راجر ٽامس "Notes on agricultural development sindh" ۾ سنڌ جي زمينن بابت لکي ٿو: "لٽاسي پٽي ۾ زمينون عام طور هلڪي ڊسڙ واريون آهن جن ۾ پنجاب جي سراسري زمينن کان واريءَ جو حصو وڌيڪ آهي ۽ مصر ۽ سوڊان جي زمينن کان ٻ واري ڇڻي وڌيڪ آهي. سنڌ جون زمينون جيڪو سو ڪلرائيون نه هجن باقي پوک جو نتيجو جلد ڏيکارينديون آهن. زمين کي غذا پهچائيندڙ جزو جنهن جي سپ کان وڌيڪ ڪوٽ هوندي آهي اهو نائٽروجن آهي. فاسفيٽ فصلن جي پيداوار ۾ ورلي ئي ڪو اثر وجهندي آهي. پوٽاش عام طور فصلن جي ضرورت لاءِ پورو هوندو آهي. هو وڌيڪ لکي ٿو ته: "زمين جي فطري زرخيزي هڪ ميراث آهي جنهن جو قدر ۽ حفاظت ڪرڻ گهرجي. سنڌ ۾ انهي ڳالهه جو ڏاڍو خطرو آهي ۽ اها ميراث ايندڙ نسلن کي نه ملي سگهندي. اهڙيون سيئي لٽاسيون زمينون جن تي مينهن گهٽ پوي ٿو انهن ۾ مختلف درجن جا نقصانڪار لوٽيات هوندا آهن. اهي لوٽيات ايتري وڏي حد تائين گڏ ٿي سگهن

ٿا جنهن جي سبب فائديمند پوک جي راهه ۾ رڪاوٽ پئجي سگهي ٿي. جڏهن هيٺين لٽاسين زمينن کي پاڻي ايندو آهي تہ اهي عام طور پنهنجي فطري زرخيزي برقرار رکندیون آهن پر انهي لاءِ ضروري آهي تہ زمين جي هيٺان پاڻي جي سطح ايتري هجي جو اتي سطح وارو پاڻي سيمو ڪري پهچي نہ سگهي. جيئن ئي پاڻي جي سطح انهي سطح تي پهچندي تہ خطرو بہ سر تي اچي پهچندو. ڪجهہ ورهين ۾ فطري زرخيزي اهڙي ختم ٿيندي جو وري ڪڏهن واپس نہ ايندي. اهو ڪم سنڌو درياءَ جي ساڄي ڪپ تي وسيع ايراضين ۾ اڳي ئي ٿي چڪو آهي. زمينن جي درجي بندي ٿيڻ کانپوءِ ڏسڻ ۾ آيو آهي تہ لوٽياٽ انهي کان وڌيڪ ايراضين ۾ موجود آهي جيتريون ايراضيون ۾ اڳ ۾ سمجهي پئي وئي هن مرحلي تي اها ڳالهہ اهميت رکي ٿي تہ لائيڊ بيراج جي علاقن ۾ انهي ڳالهہ جي ضرورت آهي تہ زمين جي چونڊ وڻن بلاڪن جي وقت بوقت نئين سر درجي بندي ٿيندي رهي جنهن ۾ اهو مقصد مدنظر هجي تہ زمينن جي خطري جي شرح تي اک رکي وڃي ۽ ساڳئي وقت لوٽياٽ جي مسئلي کي منهن ڏيڻ لاءِ روڪٽام ڪرڻ ۽ احتياطي اپائن جي منصوبہ بندي ڪئي وڃي. سنڌ ايگريڪلچرل ڪميشن جي ميمبرن زير زمين پاڻي جي سطح مٿي ٿيڻ ۽ سم جي سبب زمين جي خراب ٿيڻ جي مسئلي کي تمام سنجيدگي سان ورتو آهي ۽ اهي پنهنجي رپورٽ جي پيراگراف نمبر 102 ۾ لکن ٿا: "لائيڊ بيراج جي ساڄي ڪپ وارن واهن جي گذريل ويهن يا وڌيڪ سالن جي ڪارڪردگي جي تجربي مان اها ڳالهہ ڏسڻ ۾ آئي آهي تہ زير زمين پاڻي جي سطح مسلسل وڌي رهي آهي. انهي لاڙڪاڻي ضلعي جي اڪثر حصن، سکر ضلعي جي شڪارپور سب ڊويزن جي ڪجهہ حصن ۽ پڙ دادو ضلعي جي ڪجهہ حصن کي خطرناڪ حد تائين متاثر ڪيو آهي. لائيڊ بيراج جي اصلي اسڪيم ۾ هن يا ٽن ڪروڙ روپين جي لاڳت سان پاڻي جي نيڪال جي نالن جي رٿابندي ڪيل هئي. اهي نالا خاص طور درياءَ جي ساڄي ڪپ تي دائمي وهندڙ واهن سان گڏوگڏ ناهيا وڃڻا هئا ڇاڪاڻ تہ سنڌو درياءَ جي ساڄي ڪپ تي سارين جي پوک وڌيڪ ٿئي ٿي. حقيقت اها آهي تہ اهڙا نالا بہ ڪپ تي پڙ ناهيا وڃڻا هئا. آخرڪار ٽيوائين جو بيراجي ڪينالن جي مکيہ اسڪيم تي ٿي بمبئي سرڪار جو اصلي ڪاٿو ڪان گهٽو وڌيڪ خرچ اچي ويو. اصلي ڪاٿو 23 ڪروڙن جو هو جڏهن تہ خرچ 30 ڪروڙ ٿي ويو. اهڙي صورتحال ۾ بمبئي حڪومت نالا ناهڻ جي ارادي تان هٽ ڪٽي وئي." ڪميشن بيراجي علاقن ۾ سم جي انهي مسئلي کي منهن ڏيڻ لاءِ جيڪا تجويز ڏني اها سندن رپورٽ جي پيراگراف نمبر 103 ۽ 104 ۾ ڏنل آهي.

"اسان جي ذهن ۾ بہ علاج آهن: هڪ اهو جيڪو جنهن جو شروعات ۾ بمبئي حڪومت هن اسڪيم تيار ٿيڻ وقت ارادو ڪيو هو تہ درياءَ جي ساڄي ڪپ تي دادو ڪئنال ۽ ڪيرٿر ڪئنال ۽ ڪاپي ڪپ تي روهڙي ڪينال ۽ ايسٽرن نارا ڪينال جهڙن دائمي واهن سان گڏوگڏ نالا نهرايا وڃن جيڪي زمين جي سطح تي تري ايندڙ پاڻي کي نيڪال ڪرڻ جو ڪم ڏين.

ٻئين اسڪيم اها آهي ته ساڄي ڪپ تي گهٽ ۾ گهٽ دادوءِ ڪيرٿر ۾ ڪينالن يا اڄا به گهٽ ته وارهه برانچ کي جيڪا ڪيرٿر ڪينال جي سپلاءِ جو 50 سيڪڙو ڪٽي ٿي. غير دائمي ڪينال ۾ تبديل ڪيو وڃي.

ڪميشن پنهنجي رپورٽ جي پيراگراف نمبر 106 ۾ لکيو: "حالتون جيتوڻيڪ مقابلتاً سازگار آهن ته به دوراندیشي کان ڪم وٺندي ۽ انهي خطري جو به اڳواٽ بندوبست ڪندي ته متان ڪاهي ڪپ جي ڪينالن واري زمين به سم ۽ ڪلر جي مسئلي جي ور چڙهي وڃي. اهو ضروري آهي ته ساڄي ڪپ لاءِ تجويز ڪيل قدم هاڻي کان ئي ڪاهي ڪپ لاءِ ڪنيا وڃن. انهيءَ راءِ مطابق ڪميشن گڏيو بئراج ۽ ڪوٽڙي بيراج جي ايراضين لاءِ مناسب نيڪال وارن نالن ۾ توسيع ڪرڻ جي سفارش ڪري ٿي."

سئائل ڪلاسيفڪيشن آفيسر ڪميشن جي آڏو پنهنجي بيان ۾ چيو ته سم جو ڪوبه هڪ سبب نه ٿو ڏئي سگهجي. زمين جي طبعي حالت سان گڏوگڏ آبپاشي نظام پڻ سم آڻڻ جا ذميوار ٿين ٿا. اها ڳالهه ثابت ٿي آهي ته سنهي بناوٽ واري زمين جهڙوڪ وارياسي ڀُسڙ يا ڀُسڙ سم مان متاثر ٿئي ٿي. زمين جي اندرئين تهه تائين اونهائي رکندڙ ڪينال کوٽڻ يا هيٺاهين سطح تي ڪينال کوٽڻ سان سم لاءِ موافق حالتون پيدا ٿي سگهن ٿيون. سارين جي پوڪ به سِم جو هڪ سبب آهي ڇاڪاڻ ته سارين کي گهٽو پاڻي گهربل هوندو آهي جيڪو مقابلتاً گهٽو وقت ٻينو هوندو آهي ۽ انهي علائقي ۾ پاڻي جي سطح ڇڪي مٿي ٿي ويندي آهي. جيستائين انهي سوال جو تعلق آهي ته سم وڌي پئي يا گهٽجي پئي ته انهي بابت سئائل ڪلاسيفڪيشن آفيسر چيو ته انهي بابت سندس آفيس ۾ ڪي به انگ اکر موجود نه هئا پر لائيڊ بيراج واري علائقي ۾ ڪينالن ۾ پاڻي جو لاڳيتو وهڪرو ڏسندي توقع رکي سگهجي ٿي ته سم ۾ واڌارو ايندو.

سنڌ ايگريڪلچرل ڪميشن جي آڏو بيان ڏيندي ريسرچ ڊويزن جي ايگزيڪيوٽو انجنيئر چيو ته: "سنڌ ۾ ڪلراڻيون زمينون گهٽيون عام آهن. اهي پوڪي هيٺ آيل زمينن سان گڏوگڏ وڏن يا ننڍن ٽُڪرن تي موجود هونديون آهن ۽ هزارين ايڪڙن تي پکڙيل وسيع غير آباد ٽڪرن تي به موجود آهن. گهٽي ڪلر وارن ٽڪرن ڏانهن ڏيان انهي وقت ويو جڏهن سن 32_1930ع وارن ورهين دوران بيراج جي علائقي ۾ زير زمين پائيپ هنيا ٿي ويا. پائيپ لڳڻ کانپوءِ انهن ٽڪرن جي تفصيلي چڪاس ڪئي وئي ۽ اها چڪاس 1937ع ۾ پوري ٿي. چڪاس هيٺ آيل ٽڪرن جو انگ 34 هو. چڪاس جو مقصد اهو هو ته ڪلرجي مختلف قسمن جي لحاظ کان زمين جي سطح جي ظاهري شڪل بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ سان گڏوگڏ اهو به ڏسڻ ته انهي جي هيٺيان زمين جي مختلف تهن جي ماهيت ڪهڙي آهي ۽ پوءِ وري سطح تي مختلف قسمن جا ڪلر ٺهڻ جي سببن بابت ڄاڻ وٺڻ ۽ آخر ۾ ڪلرجي نقصان ڪار اثرن بابت تدارڪي اپائن تي غور ڪرڻ جيئن زمين کي پوڪ لائق بڻائي سگهجي.

چڪاس جو هڪ ٻيو مقصد انهيءَ ڳالهه جو تعين ڪرڻ هو ته زمين تي ڦٽندڙ مختلف نباتات جو زمين جي ظاهري شڪل، زمين جي اندرين تهن ۽ انهي جي هيٺيان پاڻي جي سطح جو پاڻ ۾ ڪهڙو تعلق آهي.

انهي سان گڏوگڏ زمين جي ماهيت به نوٽ ڪئي وئي ته ڇا اها سخت آهي. ڪاٽل آهي يا ٻوري وانگر آهي.

نباتات جي ڇڪاس ۾ انهي ڳالهه تي خاص ڌيان ڏنو ويو ته ڦوٽهڙي ۾ زور ۽ ان جي ڪثرت ڪيتري آهي.

سن 1933ع کان 1937ع جي وچ ۾ ڪلراٿين زمينن جي پهرئين درجي بندي ٿي ويڙ ڪانپوءِ سينٽرل بورڊ آف ايريگيشن جي سب ڪاميٽي جي سفارش مطابق، اها ڪاميٽي اڳوٽي سنڌ ۾ 1936ع ۾ سمر بابت رپورٽ ڏيڻ لاءِ ناهي وئي هئي، جتي به ڪلراٿيون زمينون گهٽيون آهن اتي مڪمل سروي ڪرائي وڃي جيئن اهو ڏسي سگهجي ته ڇا اهڙا علائقا جي پوکي جي لائق نه آهن. انهن جي ايراضي ۾ ڪو واڌارو آيو آهي. اهڙن علائقن جي نئين سر درجي بندي جو ڪم 1937ع ۾ شروع ڪيو ويو.

اها تجويز ڏني وئي ته باقي ڪلراٿن ٿُڪرن جي نئين سر درجي بندي جو ڪم بن ورهين ۾ پورو ڪيو وڃي. پر ورهاڱو ٽيڻ سان اسٽاف جي ڪوٽ ٿي پئي ۽ اڳتي هلي ڊرينيج اينڊ ريسرچ سرڪل بند ڪيو ويو ۽ وڌيڪ نالي ماتر ئي ڪم ٿي سگهيو.

پبلڪ ورڪس ڊپارٽمينٽ پاران ڪلر ختم ڪرڻ جو ڪم اڃا تائين نه ڪيو ويو آهي توڙي جو ڊرينيج اينڊ ريسرچ سرڪل شروع ٽيڻ سان- جنهن ۾ زراعت کاتي مان هڪ ريڪليميشن آفيسر ڊيپوٽيشن تي موڪليو ويو هو- تجويزون ۽ ابتدائي اسڪيمون تيار ڪيون ويون هيون. انهي ڳالهه تي به سوچ ويچار ڪئي وئي هئي ته اڳوٽي سنڌ لاءِ اشد ضروري مسئلو ڪلراٿين زمينن مان ڪلر ختم ڪري وڌيڪ ايراضي پوکي هيٺ آڻڻ واريون تڪڙيل رٿائون شروع ڪرڻ بجاءِ اهو هو ته زمينن جي وڌيڪ خرابي تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ سخت اپاءَ ورتا وڃن. انهي سلسلي ۾ پهرئين قدم طور بيراجي ۽ غير بيراجي علاقن ۾ سن 1932ع ۽ 1945ع يا 1946ع ۾ سارين جي پوکي جا انگ اکر گڏ ڪيا ويا. جيئن انهن جي سارين جي پوکي جي ڄاتل سڃاتل ۽ موڪل وارن علاقن سان پيٽ ڪري سگهجي. اهي انگ اکر 1947ع ۾ ورهاڱي تائين گڏ نه ٿي سگهيا، تنهنڪري انهيءَ ڪان وڌيڪ ڪو ڪم نه ٿي سگهيو جو زير زمين پاڻي جي سطح جي ساريالي ۽ غير ساريالي فصلن جي حوالي سان ٽيل هڪ اپياس مان اهو نتيجو ڪڍيو ويو ته زير زمين پاڻي جي سطح مٿي ٽيڻ جو واحد سبب ساريالو فصل نه آهي.

نومبر 1947ع ۾ ڪلراٿين زمينن جي بحالي جي هڪ تفصيلي پروگرام جي تجويز ڏني وئي. اهو ڪم ڊرينيج ڊويزن جي ايگزيڪيوٽو انجنيئر جي نگراني ۾ ريڪليميشن آفيسر پاران سرانجام ڏنو وڃڻو هو. اها تجويز ڊرينيج اينڊ ريسرچ سرڪل جي سپرنٽينڊنگ انجنيئر پاران پيش ڪئي وئي. بحالي جا ٻه نظام پيش ڪيا ويا هئا، هڪ اهو هو ته ٻه تجرباتي ۽ بحالي جا فارم ناهيا وڃن.

(1) هڪ انهي علائقي ۾ جتي زير زمين پاڻي جي سطح مٿي هجي.

(2) ٻيو انهي علائقي ۾ جتي زير زمين پاڻي جي سطح هيٺ هجي.

انهي لاءِ اهڙا هنڌ چونڊيا ويا جتي زمين ۾ ٽنهي قسمن يعني هلڪي، وچولي ۽ ڳري مٽي هجي. شروعاتي طور فارمن جي ايراضي 60 ايڪڙ رکي وڃٽي هئي. اهڙا تجربا ڪرڻا هئا جن تحت بحالي جي هيٺين طريقن جي نسبتي ڪارڪردگي جي جاچ ڪئي وڃٽي هئي.

(الف) سنڌ جو طريقو يعني: سِمائڻ ۽ پوکڻ.

(ب) پنجاب جو طريقو يعني سِمائڻ ۽ پوکڻ سان گڏ يا سِمائڻ ۽ پوکڻ کانسواءِ.

(ج) زمين ۽ آبپاشي کي مدنظر رکندي مٿين طريقن ۾ ضروري ڦيرڦار ڪندي.

ٻئين تجويز اها هئي ته زميندارن زمينن تي نمائشي پلاٽ ٺاهيا وڃن جن ۾ اهو ڏيکاريجي ته ڪلر جو خاتمو ڪيئن ٿي سگهي ٿو. بهرحال رڪاوٽون ٺاهڻ کان وڌيڪ ڪوبه ڪم نه ٿي سگهيو جو ڊرينيج سرڪل ۽ ڊرينيج ڊويزن سن 1947ع ۾ ختم ٿي ويون.

پوک جون ٻه مکيه مندون ربيع ۽ خريف آهن. خريف جي مند عام طور جون کان آڪٽوبر تائين هلي ٿي ۽ ڦهريان ٿي مهينا پوڻ جي زور واري دور سان گڏوگڏ هلي ٿي. پوکي جو مهينو عام طور جون هوندو آهي. جيتوڻيڪ ڪڏهن ڪڏهن ۽ خاص طور سارين جو ٻيجارو مئي مهيني ۾ پوکيو ويندو آهي ۽ جيڪڏهن درياءَ ۾ چاڙهه دير سان ايندو آهي ته پوکي عام طور جولاءِ ۾ ٿيندي آهي. خريف جي فصلن ۾ لاب عام طور آڪٽوبر ۾ پوندو آهي. هڪ عام مقبول فارمولي مطابق جوئر کي پڇڻ لاءِ ٽي چاليها يا چار مهينا ۽ باجهري کي ٽي ٽيها يعني ٽي مهينا کپندا آهن. ٻئي طرف وري ڪپهه جي آخري چونڊي ۾ 5 چاليها يا لڳ ڀڳ ست مهينا لڳي ويندا آهن. ربيع جي موسم عام طور آڪٽوبر کان مارچ تائين هلندي آهي. جيتوڻيڪ فصلن جي پوکائي سيپٽمبر مهيني کان ڊسمبر جي شروعات تائين هلي سگهي ٿي ۽ لاباڻو اپريل تائين هلي سگهي ٿو. ٽئين موسم حيدرآباد ۾ اڏائو سڏبي آهي ۽ مٽاهين سنڌ ۾ پيش رس جي نالي سان سڃاتي وڃي ٿي. اها اپريل کان جون تائين هلندي آهي. پر سال جي انهي وقت ۾ پاڻي جي قلت سبب انهي جا فصل تمام گهٽ ايراضي تي هوندا آهن ۽ جانورن جي چاري طور جوئر ۽ دالين ۽ پاڇيون ۽ مٽاهين سنڌ ۾ تماڪ پوکيو ويندو آهي.

هيٺ سنڌين ۽ مسلمانن جي ڪيلينڈر جا نالا ۽ انهن جا انگريزي مترادف ڏجن ٿا. (مسلمانن جي مهينن جو حساب هجري سن 377 ا مطابق ٽيل آهي).

سنڌي مهينا	انگريزي مهينا	هجري مهينا
چيٽ	مارچ – اپريل	رمضان
ويساک	اپريل- مئي	شوال
ڄيٺ	مئي – جون	ذي القعد
آهڙ	جون – جولاءِ	ذي الحج
سانوڻ	جولاءِ – آگسٽ	محرم

بدو	آگسٽ – سيپٽمبر	صفر
اسو	سيپٽمبر – آڪٽوبر	ربيع الاول
ڪتي	آڪٽوبر – نومبر	ربيع الآخر
ماهري	نومبر – ڊسمبر	جمادي الاول
پوهه	ڊسمبر – جنوري	جمادي الآخر
ماگهه	جنوري – فيبروري	رجب
ڦگڻ	فيبروري – مارچ	شعبان

مٿي ڏنل سنڌي مهينن جا نالا اصل ۾ سنسڪرت جا آهن ۽ اهي سنڌ ۾ خيرپور ۾ عام جام ڪتب آندا ويڻ ٿا.

ٽر ۾ جابلو علائقن ۾ مندون جيتوٽيڪ ساڳيون آهن ته به هارين جا ڪم ڪار جيئن ته مڪمل طور مِينهن تي دارومدار رکن ٿا تنهنڪري مينهن جي ڦير گهير سان انهن ۾ به تبديلي ايندي رهي ٿي. خريف جي پوکائي ڪڏهن ڪڏهن ته جولاءِ جو مهينو ڇڪو اڇتي وڌ سان به شروع ٿي ۽ ربيع جو فصل يا ته نالي ماتر يا ته ٿيندو ئي نه آهي.

پوک جا طريقا – خريف جا فصل

ساريون: سارين جو ٻج يا ته اڳ ۾ تيار ٿيل هارين ۾ پوکي پوءِ اتان ٻيجارو ڪيڏي ٻي جاءِ تي هٽبو آهي يا ته سڌو سنئون زمين ۾ ڇٽبو آهي. اهو طريقو (جنهن کي ڪوراڙ ساريون سڏبو آهي) يا ته سُستي سبب اختيار ڪيو ويندو آهي يا هيناهين زمينن جهڙوڪ ڏنڀين جي ٻيٽن ۽ قدرتي ڪڻن ۾ ڪم آڻبو آهي جتي زمين گهٽو وقت آلاڻ برقرار رکندي آهي ۽ اها زمين ٻيجاري ڪيڙ لاءِ مناسب نه هوندي آهي. اهڙي زمين جيئن ئي ڇڪي سُڪندي آهي ته انهي کي ڪيترائي دفعا هر ڏئي – پوءِ اپريل مهيني ڏاران ٻج ڇٽيو ويندو آهي ۽ زمين کي وري هر ڏنو ويندو آهي. ٻوٽا ڪجهه انچن جا ٿيڻ کان اڳ زمين کي پاٽي نه ڏنو ويندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ته ناڙي ڪئي ويندي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته زمين پاٽي ۾ ٻوڙي ٻج پاٽي ۾ اڇلايو ويندو آهي. هن قسم جي پوک لاءِ في ايڪڙ هڪ کان ڏيڍ مڻ ٻج کپندو آهي. ٻيجارو ناهي رونبو ڪرڻ وارو طريقو جيتوٽيڪ ڪجهه ڏکيو آهي پر اهو تمام سٺا نتيجا ڏئي ٿو ۽ مٿاهين توڙي هيناهين سنڌ ۾ جتي به زمين انهي لائق هوندي آهي ته اهو ئي اختيار ڪيو ويندو آهي. ٻاري يا ته ٻني جي ڪنهن آلاڻ واري پاسي ۾ ناهي ويندي آهي جنهن کي ڪيترائي هر ڏئي پتر پڇي ٻج ڇٽيو ويندو آهي ۽ سلن ڪٽڻ تي تمام ٿورو پاٽي ڏنو ويندو آهي. انهي صورت ۾ انهي طريقي کي ٻيجو يا پراٽيون ٻيجاريون چئبو آهي. ڇاڪاڻ ته سلا پراٽي آلاڻ تي پوکيا ويندا آهن ٻيجارو يا ته وري هڪ اڇوات تيار ڪيل ٻاري ۾ پوکيو ويندو آهي جنهن تي پاڻ ساڙيو ويندو آهي. ٻج انهي سڙيل خاڪ ۾ پوکيو ويندو آهي ۽ ان کي ڇڪي طرح ۽ جلدي جلدي پاٽي ڏنو ويندو آهي. انهي طريقي کي خاموش يا لڙهيا چئبو آهي. جڏهن سارين جو ٻيجارو پوکڻ جو ارادو هوندو آهي ته

لڳي ٿو تہ سراسري طور گھربل مقدار ھڪ مڙ في ايڪڙ ڪان گھٽ ھوندو آھي ۽ جڏھن ٻيجارو نہ پوکيو ويندو آھي تہ اپت گھٽي وڌيڪ ھوندي آھي. اڳوٽي سنڌ جي مختلف حصن ۾ ڪيل 19 تجربن جوسراسري نتيجو 1638 پائونڊ (تقريباً 743 ڪلوگرام يعني ساڌا 18 مڙ- سنڌيڪار) في ايڪڙ ھو. پر انھي بابت سوال اڃي سگھي ٿو تہ ڇا انھي جي ڪا عملي اھميت آھي.

سارين جو ٻج پوکڻ ڪان ھڪ مھينو يا انھي ڪان ٻہ ڪجھ وڌيڪ عرصو پوءِ جڏھن سلا تقريباً ھڪ فوٽ جا ٿي ويندا آھن تہ رونبو ڪيو ويندو آھي. رونبو سمورو ھٿ سان ڪيو ويندو آھي. اھي ٻيجي ٻجاءِ خاموش واري طريقي ۾ جلدي تيار ٿي ويندا آھن. زمين کي سياري ۾ ھڪ ڪان وڌيڪ دفعا ھر ڏنل ھوندا آھن. انھي کي وري ھر ڏنا ويندا آھن ۽ جيئن ئي واھن ۾ پاڻي تار ٿيندو آھي تہ زمين وري پاڻي ۾ ٻوڙي ڇڏبي آھي ۽ سارين جي ٻوٽن جون پاڙون زمين ۾ ڪاڻي يا ھٿ سان ڪيل سوراخن ۾ ٽنبيون ويندیون آھن. انھي ڪانپوءِ ٻني کي پاڻيءَ ۾ ٻوڙيل رکبو آھي ۽ وقت بوقت پاڻي ڇنڊي ننڍون پاڻي ڏٻو آھي خاص طور جيڪڏھن ڪنھن ڪلر واري زمين جو پاڻي ٻني ۾ اڃي پوي تہ ٻني جو پاڻي ضرور نيڪال ڪيو ويندو آھي. ساريون رونبي ڪان ٻہ يا ٽي مھينا پوءِ لاباري لاءِ تيار ٿي ويندیون آھن ۽ سڀ مرد عورتون مزدور گڏجي لابارو ڪندا آھن. انھن کي محنت جو اجورو عام طور جنس جي صورت ۾ ۽ ھر ڪنھن کي پنھنجي ڪيل لاب جي ڏھين يا پندرھين پتي جي برابر ڏنو ويندو آھي. ٻوٽا زمين کان ڪجھ انچ مٿي ڪٽيا ويندا آھن. سلن مان ان ڏار ڪرڻ لاءِ سموري ول کي ھڪ ڪري تي گڏ ڪيو ويندو آھي. ڪري تي ڪلراڻي مٿي وجھي انھي کي ھڪ ڪرو ۽ سخت ڪيو ويندو آھي. پوءِ انھي مٿان ڏاند گھمندا آھن. اھڙي طرح حاصل ڪيل اناج کي واپاري زبان ۾ ساريون چئبو آھي. انھن مان چانور ناھڻ لاءِ انھن جو جنڊ مان گذرڻ ضروري آھي. جنڊ پٿر ٻجاءِ مٿيءَ جي ھٿ چڪي (Hand mill) ھوندي آھي. انھيءَ ڪانپوءِ انھيءَ کي ڪاٺ جي مھري ۽ ٺڪر جي اُکري ۾ ڳٽيو ويندو آھي. اھڙي طرح سارين جي توتڙن جي ھيٺيان جيڪا سنھڑي ڪل ھوندي آھي اھا بہ لھي ويندي آھي. سارين جي ڪٽي مال لاءِ سٺو چارو آھي البتہ گھوڙا انھي کي پسند نہ ڪندا آھن.

گھوڙا ٻاري ۽ شاھبندر تعلقن جي ٻل زمينن ۾ ھڪ خاص طريقي سان پوک ٿيندي آھي. اھي زمينون ساموندي ويرن جي اثر ۾ ھوندیون آھن ۽ انھن تي ڪنھن بہ وقت ساموندي پاڻي چڑھي سگھندو آھي ۽ اھو پاڻي گھٽ وڌ لوڻ ئي ھوندو آھي. انھن زمينن کي ڪڏھن بہ ھر نہ ڏنو ويندو آھي. انھن زمينن ۾ مينھون گھمڻ سان انھن جا ڪُر لڳڻ سان زمين پٽجي ويندي آھي اھو ئي ھر سمجھيو ويندو آھي. جيئن تہ لاباري ڪانپوءِ فصل جا بچيل ٽُڙ ۽ گاھ ٻوٽا چرڻ لاءِ مال زمين ۾ ڇڏيو ويندو آھي. انھن جي گھمڻ سان زمين چگي طرح اٽلجي پُٽلجي ويندي آھي. دريا ۾ چاڑھ اچڻ سان جڏھن تازو پاڻي ڪلر تي چڑھي ويندو آھي تہ اھو ٻنين ۾ پڻ ڇڏيو ويندو آھي. ٻنين کي چٽني پاسن کان اوچا بند ڏئي پاڻي ٻج ڇڻڻ تائين ٻنين ۾ ٻيٽل ڇڏيو ويندو آھي. ٻج کي تياري جي ھڪ عجيب عمل مان گذاريو ويندو آھي. اھو پھريان ڳل جي ٿھيل ٻورين ۾ وجھي ڇڻن ڏينھن تائين مني پاڻي سان پريل ڪڻن ۾ رکيو ويندو آھي پوءِ اھو پڪي مٽي واري ھڪ ٽلھي تي پکيڙيو

ويندو آهي ۽ انهي کي تڏن ۾ مٽي سان ڍڪيو ويندو آهي ۽ وري چار ڏينهن ڇڏيو ويندو آهي. انهي وقت جي پڄاڻي تي اهو انگورجڙ شروع ٿيندو پوءِ انهي کي ڏوئي تڏن تي وڇائي وري خوب پاڻي ڏنو ويندو آهي. پوءِ اهو پوکڙ لاءِ تيار هوندو آهي ۽ مٽيون پري هوا ۾ اڇلائيندي ٻني ۾ ڇٽيو ويندو آهي. اهڙي طرح اهو بج زمين تي ڪرندو آهي ته ان جو ڦٽل حصو نرم زمين ۾ ٽنبجي ويندو آهي. زمين مان پاڻي اڳيئي چنڊي ڇڏبو آهي. بج ايندڙ ٽن ڏينهن تائين جيستائين جمي ۽ زمين ۾ گهري وڃن اهي پکين کي ڏاڍو پاڙ ڏانهن ڇڪيندا رهندا آهن تنهنڪري انهن جي ڏينهن رات رکوالي ٿيندي آهي. پوکيءَ جي انهي طريقي ۾ ٿوري محنت سان وڌي پيداوار ڪنئي ويندي آهي پر انهي طريقي سان فقط ڳاڙهو چانور ئي ٿي سگهندو آهي. چانورن جا ڪيترائي قسم آهن جيڪي مختلف نالن سان سڃاتا وڃن ٿا. هڪ سپ ڪان مشهور جنس سڳداسي آهي اهو سٿو سفيد چانور ٿيندو آهي. سنڙيا ۽ سونهري پاڙ سفيد چانورن جا ٻه ٻيا قسم آهن. موتيا، گنجا، ڪنبرو ۽ لاڙي ڳاڙهن چانورن جا قسم آهن.

باجهري: باجهري جو ڳنو سخت ٿيندو آهي ۽ جوئر جي پيٽ ۾ ان تي جيتن ۽ ڪيڙن جو حملو بہ گهٽ ٿيندو آهي. پاڻي جيئن ئي واهن ۾ ايندو آهي- عام طور جون جي شروعاتي حصي ۾ - ته اڳ ۾ ئي تيار نار چالو ڪيا ويندا آهن. انهن جي ذريعي زمينن کي هرن کان اڳ پاڻي ڏنو ويندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ته ٻئي ڪم کان اڳ زمين کي ٻہ دفعا پاڻي ڏنو ويندو آهي. جڏهن زمين جي سطح جي آلاڻ ڪجهہ جذب ٿي ويندي آهي ته بج ڇٽي زمين کي وري هر ڏنو ويندو آهي. پر ڪڏهن ڪڏهن جڏهن زمين پکي هوندي آهي يا هر لاءِ ڏاند دستياب نہ هوندا آهن ته اهو هر نہ ڏنو ويندو آهي. بج جي شرح 6 کان 16 پائونڊ في ايڪڙ آهي. پوءِ زمين ۾ ٻنا ٽاهي زمين کي ٻارن ۾ ورهايو ويندو آهي جيئن پاڻي ڏيڻ ۾ سهوليت ٿئي. جيڪڏهن آبادگار کان هن مرحلي تي پڇيو وڃي ته سندس ٻني جو ڪهڙو حال آهي ته هو چوندو ته سندس ٻني کي ٻنا آيل آهن. ڏهن يا پندرهن ڏينهن کانپوءِ ٻيو پاڻي ڏنو ويندو آهي ۽ پوءِ هڪ هفتي يا ڏهن ڏينهن جي وقفي کانپوءِ پاڻي ڏبو رهبو آهي. وارياسن زمينن کي اجا وڌيڪ جلدي پاڻي گهربل هوندو آهي. لڳ ڀڳ چاليهن ڏينهن ۾ سنگ ظاهر ٿيڻ شروع ٿيندو آهي. انهي مرحلي کي ڏيڏو چوڻڪ سڏبو آهي. پندرهن ڏينهن پوءِ سنگ ۾ داٽو ٿهڙ شروع ٿيندو آهي ۽ انهي کي پکين جي تباهہ ڪارين کان بچائڻ جي فوري ضرورت ڪر ڪٽندي آهي. انهي مقصد لاءِ ٽوٽين تي ٻيٽل هڪ ٻيهو ٽاهيو ويندو آهي جتي ويٽل لڏندڙ سنگن جون چوٽيون ڏسي سگهندو آهي. ٻيهي تي خود آبادگار يا سندس ڪو پٽ ڪانيءَ ۽ گليلن جو هڪ ڊير ڪٽي صبح کان شام تائين پکين کي گاريون ڏيندو گليلا هٽندو رهندو آهي. تڏهن ڇٻبو آهي ته پوک ٻيهن تي ٻهچي وئي اهي. جيئن فصل پچندو ويندو آهي ته جهار هڪليندڙ ٻہ پنهنجي ٻيهي تي ئي رهڻ لڳندو آهي. جيتوڻيڪ هو ننڍڙي ٻيو ڪندو آهي. هو رات جو ٻہ اتي ئي رهندو آهي. پر هاڻي هو ٻين خطرن کي ٻيو ڇائيندو آهي. باجهري ٽن مهينن ۾ لاب لاءِ تيار ٿي ويندي آهي. لاب ڪندڙ مرد ۽ عورتون جيڪي انهي ڪم لاءِ مزدوري تي رکيا ويندا آهن فقط سنگ ڪٽيندا ويندا آهن ۽ اڳ ۾ تيار ٿيل ڪري ۾ گڏ ڪندا ويندا آهن. ڪري جي

سطح وڏ کان وڏ سخت ڪئي ويندي آهي. لاهيارن کي ادائيگي عام طور جنس جي صورت ۾ ڪئي ويندي آهي. انهن کي ڪم ختم ڪرڻ تي 2 ٽوپا سنگ يا 16 پائونڊن جيترو ان ڏنو ويندو آهي. سنگ بلڪل پچڑي تائين ڪپيا ويندا آهن ۽ ڳنا پوءِ لٽيا ويندا آهن. جڏهن سپ سنگ گڏ ٿي ويندا آهن تہ اهي زمين ۾ ڪُتل هڪ مُني جي چوڌاري ٿوري اونهائي ۾ رکيا ويندا آهن ۽ انهن مٿان ڍڳا هلايا ويندا آهن.

مٽي ٻڌايل طريقو حيدرآباد ضلعي ۾ عام آهي ۽ ڪجهہ ڦيرڦار سان سموري سنڌ ۾ انهن زمينن تي هلي ٿو جن کي هٿراڏو طريقي سان پاڻي ڏنو وڃي ٿو. ٽپارکر جي ٽ واري حصي۽ ٻين علاقن ۾ جتي پوکيءَ جو دارومدار مينهن تي آهي اتي ڪڻڪ جي پاڻ کي بلڪل مختلف حالتن جو عادي ڪرڻو پوي ٿو. هو مينهن پوڻ کان اڳ ڪم شروع نہ ٿو ڪري سگهي ۽ ٿي سگهي ٿو تہ مينهن جون يا جولاءِ ۾ پوي يا اڃا به ايترو دير سان پوي جو ڪنهن به فائدي جو نہ ٿئي. ماڻهن ۾ عام طور قيمتي پاڻي روڪي رکڻ لاءِ بند ناهيا ويندا آهن. زمين پوري طرح گهمجي وڃڻ کانپوءِ فوراً بعد انهيءَ ۾ هر ڪاهيو ويندو آهي ۽ پوءِ ان مٿان سانهر ڦيري چڏبي آهي جيئن گهر اُس تي سُڪي نہ وڃي. ڪجهہ ڏينهن کانپوءِ وري هر هلايو ويندو آهي ۽ پوءِ بج ڪفايت سان ناڙي ذريعي پوکيو ويندو آهي. ٽي سير بج هڪ ايڪڙ لاءِ ڪافي هوندو آهي. لاباروآڪٽوبر ۾ ڪرڻ گهر جي پر انهي ۾ پوکي جي وقت جي لحاظ کان فرق ٿي سگهي ٿو. هٿراڏو طريقي سان آبپاشي وارين زمينن جي پيٽ ۾ اپت گهٽ ٿيندي آهي.

جوئر: جوئر جي پوکي هر لحاظ کان ٻاجهري جي پوکي وانگر ٿيندي آهي سواءِ انهي جي جو فصل ٽن بجاءِ چئن مهينن ۾ پچندو آهي ۽ انهيءَ ئي ڪري وڌيڪ وقت لاءِ پاڻي گهرندو آهي. عام طور پاڻ به ڪتب نہ آندو ويندو آهي، سواءِ انهي جي جو زمين کي ساهي ڏنل نہ هجي ۽ لڳاتار برسات پاڻي ۾ پُسايل بج هٿ سان ڇٽيو ويندو آهي ۽ بج جي عام شرح هڪ ڪان اڌائي ٽوپا في ايڪڙ هوندي آهي. سانڌين، گوار موٺ، ساوا ڇٽا ۽ چونئرن جهڙا ذيلي فصل به جوئر سان گڏوگڏ يا ٻارن جي ٻنن تي پوکيا ويندا آهن. جوئر به ٻني جي ڪنهن ڪنڊ ۾ اڳ ۾ بج پوکي پوءِ اتان سلا ڪڍي بي جاءِ تي رونبو ڪيو ويندو آهي. عام سوچ اها آهي تہ رونبو ڪيل جوئر جون پاڙون اونهيون ٿيندين آهن ۽ اها پيداوار وڌيڪ ڏيندي آهي. جوئر عام طور ڏهن کان ٻارنهن فوٽ ڏگهي ٿيندي آهي. تنهنڪري لاباري کانپوءِ مٿين حصو ڪٽي چڏبو آهي. ان جو ٻاجهري وانگر ڳاهہ ڳاهيو ويندو آهي. جوئر جو ڳنو جهن کي ڪڙب چيو ويندو آهي اهو مال ۽ گهوڙن لاءِ بهترين چارو آهي ۽ اهو ڏنِ ۾ ڊير ڪري رکيو ويندو آهي. انهي جو ڳنو مٺو هوندو آهي ۽ نڊيي پيماني تي ڪجهہ آبادگار ڪمند وانگر ڪائيندا آهن. اڌائي مُند ۾ يا ربيع ۽ خريف جي معمولي وارن فصلن جي وچ ۾ گرم مهينن ۾ پوکيل فصل کي آرهاڙي جوئر سڏيو ويندو آهي ۽ اها نقطہ مال جي ڳاهہ طور پوکي ويندي آهي.

جوئر جي گهٽي پوک فقط مِينهن جي پاڻي تي نہ پر جابلو نشين ماڻهن ايندڙ ٻاڻي تي آباد ٿيندڙ زمين تي پوکي ويندي آهي. اهڙي صورت ۾ پوکي جو عمل ڪنهن حد تائين ٻاجهري جي باراني پوکي جهڙو هوندو آهي. پر جيڪڏهن فصل لاباري جي ويجهو هجي ۽ مِينهن وسي پوي تہ لاباري کانپوءِ جوئر وري پاڻن وٽان

ڏٽي پوندي آهي ۽ مارچ يا اپريل ۾ ٻيو فصل ڪنيو ويندو آهي وري جيڪڏهن مئي ۾ ٻيو مِينهن وسي پوي ته ساڳين پاڻ مان ٻيو خريف جو فصل بہ کڻي سگهجي ٿو.

مڪائي: مڪائي گهٽو ڪري خريف ۾ ڏيلي فصل طور ۽ اڌ وامند ۾ مال جي گاهہ طور پوکي ويندي آهي. خريف جي پوکائي جون يا جولاءِ مهينن ۾ ٿيندي آهي. انهي جو ٻج ڏٽي، جوئر يا ٻاجهري جي ٻج سان گڏ پوکيو ويندو آهي. پوک سيپٽمبر ۾ پچندي آهي، پر جيڪڏهن انهي کي ٻاجي طور ڪتب آڻڻو هوندو آهي تہ انهي وقت لڙبو آهي جڏهن سنگن ۾ داڻو ايڏا نرم هوندو آهي.

سانڻون: هڪ قسم جي سستي ٻاجهري آهي جيڪو جوئر ۽ ٻاجهري سان گڏ ساڳئي ٻنيءَ ۾ پوکيو ويندو آهي. اهو جلدي پچندو اهي. انهي جو ان هندو ورت واري ڏينهن يا ننڍي پيمانيءَ غريب هاري کائيندا آهن. اهو مال جي گاهہ طور پڻ پوکيو ويندو آهي.

چونرا: چونرا هڪ قسم جي دال آهي جيڪو ٻاجهري، جوئر يا ڏٽين سان گڏ ڏيلي فصل طور انهن سان گڏ يا ساڳئي ٻني ۾ هڪ ٻن جدا ٻارن ۾ پوکيو ويندو آهي. ڏريون سيپٽمبر يا آڪٽوبر ۾ چونڊيون ويندیون آهن.

تِر: ترن جي پوکائي جو طريقو ٻاجهري يا جوئر جهڙو هوندو آهي. حقيقت اها آهي تہ تر عام طور انهن سان گڏ ئي ٻنن تي ساڳئي ٻني ۾ جدا ٻارن تي پوکيا ويندا آهن. ترن جو سفيد يا ڳاڙهو قسم پوکيو ويندو آهي. سفيد جنس جي قيمت وڌيڪ ملندي آهي. ٻج عام طور تي 4 کان 6 پائونڊ في ايڪڙ گهربل هوندو آهي. فصل ٽن مهينن ۾ پچندو آهي ۽ ڏاتي سان لڙبو آهي. تيلو پاڙ جي پرسان ڪٽيو ويندو آهي. اهو سکي وڃڻ کان پوءِ ڏوڏو ڪلي ويندو آهي ۽ هٿ سان چنڊي ٻج ڪڍيو ويندو آهي.

ڏٽي: ڏٽيءَ جي پوک ڪيترن ئي طريقن سان ڪئي ويندي آهي هيٺيون طريقو حيدرآباد ضلعي ۾ چالو آهي. جيڪڏهن زمين کي چڱي ساهي مليل نہ آهي تہ 6 ٽن في ايڪڙ پاڻ جو تهہ ڏيڻ گهرجي. جيڪڏهن دستياب هجي تہ پراڻين عمارتن جي مٽي پڻ ڏئي سگهجي ٿي. برهمڻ آباد جي آسپاس انهي ڏٽل شهر جي مٽي عام جام ڪتب آندي ويندي آهي. ٻج پاڻي ۾ پُسائي ۽ ان کي مٽي ۾ مهٽي ٻج لاهي هٿ سان پوکبو آهي. وري ٻج جيڪڏهن هٿ سان ٽاڙيو ويو آهي تہ ان جا في ايڪڙ 24 پائونڊ ڪپندا ۽ جيڪڏهن ٻج جننگ فيڪٽري مان ورتل آهي تہ انهي کان ٻيڻ تي ڏيڻو پوندو. ڪجهہ جاين تي ٻج ناڙي پڙ ڪيو ويندو آهي. زمين کي چڱي طرح هر ڏيڙ ۽ پاڻي ڏيڻ ڪانپوءِ جون مهيني ۾ ٻج پوکيو ويندو آهي. ٻج زمين ۾ پوکڻ ڪانپوءِ زمين کي هڪ دفعو وري هر ڏنو ويندو آهي. فصل کي پندرهن ڏينهن تائين پاڻي جي گهرج نہ پوندي آهي. انهي ڪانپوءِ انهي کي 8 يا 9 ڏينهن جي وٿي تي پاڻي ڏنو ويندو آهي. انهي کي هڪ مهيني جي وقفي سان ٻہ يا ٽي گُڏون پڻ گهربل هوندیون آهن. پهريون چونڊو نومبر مهيني ۾ تيار هوندو آهي. انهي ڪانپوءِ فيبروري تائين تي يا وڌيڪ چونڊا ڪيا ويندا آهن. لاهيارن کي مزدوري ۾ پنهنجي چونڊيل ڏُٽين جي سورهين کان ويهين پتي ملندي آهي. جيڪڏهن ڏٽيون چونڊڻ کان اڳ سخت سيءُ ٿي وڃي تہ انهي ڳالهہ

جو تمام خطرو موجود هوندو آهي تہ فصل کي پارو ڏک هڻي ويندو جنهن سان تمام خراب جنس ملندي پر انهي جو ٻج وري جلدي پچي راس ٿيندو ۽ اها جنس سنڌ ۾ ڏاڍي مقبول آهي.

ڏٽي کوهہ جي پاڻيءَ تي پڻ ٿيندي آهي ۽ انهي صورت ۾ فصل فيبروري ۾ پوکيو ويندو آهي. نرم زمين کي پهريان پاڻي ڏنو ويندو آهي ۽ پوءِ هڪ يا ٻہ هر ڏئي سيپٽمبر ۽ نومبر مهيني جي وچ ۾ پٽر ٻڌا ويندا آهن. ٻج پوکڻ کان اڳ زمين کي وري هر ڏنو ويندو آهي ۽ پوءِ ڪرين ۾ ٻج هٿن سان ٽنبيو ويندو آهي. چوندا جو لاءِ ۾ شروع ٿيندا آهن. پهرئين فصل کي نيري چئبو آهي. ٻيون فصل (منڊيون) ايندڙ سال فيبروري ۾ اهڙي طرح کنيو ويندو آهي جو ٻوٽن کي ڪٽي ڇڏي ڏنو ويندو آهي. اهي پراٽين پاڙن مان وري ڦٽندا آهن.

ٽيون هڪ تمام پراٽو طريقو آهي انهي کي ٻيلائي چيو ويندو آهي. اهو طريقو نرم يا ويندي واريا سي زمين تي درياءَ جي ويجهو ڪم آندو ويندو آهي. اهڙي زمين تي ٻوڙ جو پاڻي آيل هوندو آهي ۽ اها آلي هوندي آهي. زمين کي فقط هڪ دفعو هر ڏئي سانهر گهمائبي آهي ۽ پوءِ ٻج وٽين تي آڳرين سان ٽنبيا ويندا آهن. اهي ٻوٽا تمام ڊگها ۽ مضبوط ٿيندا آهن پر ڪپهہ نرم نہ ٿيندي آهي. ڪپهہ جون مصري جنسون متعارف ٿيڙ سان- جن جو ٻئي هنڌ بيان ڏنل آهي- بلاشڪ تہ جيڪڏهن اهي جنسون ڪامياب ٿيون تہ انهن مٿي بيان ٿيل طريقن کان وڌيڪ ڏيان وارا طريقا عمل ۾ ايندا.

ڪمند: ڪمند جي پوکائي جي بهترين مند فيبروري ۽ مهينو آهي ڇو تہ جيڪڏهن انهي کي پاڻ سنو ملي ويو تہ اهو نومبر ۾ پچي ويندو ۽ گهٽو ڪري ڊسمبر جي آخريا ان کانپوءِ پوندڙ تباه ڪار پارن کان بچي ويندو. پر اهو بعضي بعضي مئي تائين بہ پوکيو ويندو آهي ۽ انهي صورت ۾ اهو فيبروري کان اڳ تيار نہ ٿيندو آهي. تازين بولين مان ڦٽل پهريون فصل نيري سڏبو آهي پر جيڪڏهن ڳڻا مضبوط هجن تہ پهريون فصل ڪپڙ کانپوءِ پراٽين پاڙن مان ٻيون فصل بہ کنيو ويندو آهي. انهي کي بانڊ سڏبو آهي. بانڊ پهرئين فصل کان گهٽ وقت ۾ تيار ٿيندو آهي. جنهن زمين ۾ ڪمند پوکڻو هوندو آهي انهي ۾ وٽاڻ جي پاڻ جا 10 کان 30 ٽن في ايڪڙ وڌا ويندا آهن. انهي کي ڇڪي طرح هر ڏئي انهي ۾ ننڍا ٻارا ٽاهي ڪمند جون 20 کان 30 هزار بوليون ايڪڙ پوکيون ويندڙ آهن. بولي ڪمند جي هڪ ننڍڙي لٽ هوندي آهي جنهن تي هڪ ڳنڍ هوندي آهي جنهن مان بہ يا ٽي سلا ڦٽندا آهن. زمين ۾ پوکڻ کان اڳ انهن کي نرم زمين ۾ رکيو ويندو آهي تہ انهن ۾ سلا ظاهر ٿي پوندا آهن. پوءِ زمين کي پاڻيءَ ۾ بوڙي چڏبو آهي ۽ انهي کان پوءِ فصل کي هفتي ۾ هڪ دفعو پاڻي ڏبو آهي. پاڻي عام طور نار جي ذريعي ڏنو ڏنو ويندو آهي. هڪ نار پنجن کان ڇهن ايڪڙن کي پاڻي ڏئي ويندو آهي. پهريان چار مهينا فصل جي هر مهيني گڏ ڪبيُ آهي. ڪمند پهريان ٽي مهينا آهستي وڌندو آهي تنهنڪري انهيءَ ۾ ڏيلي فصلن طور چونرا يا ٻاجهري مال جي گاهہ لاءِ پوکڻ عام ڳالهہ آهي. وري انهي کان اڳ جو اهي مکيہ فصل ۾ رندڪ وجهن انهن کي لٽي چڏبو آهي. ڪمند ڏاڙي سان ڪٽي اٽن يا ڏڳن سان هلندڙ چيچڙن ۾ پيڙهيو ويندو آهي. هاڙي پراڻي ڪاٺ واري چيچڙي جي جاءِ تي لوهيون مشينون اچي رهيون آهن. انهي مان نڪتل رس ۾ ٿورو چانيهو يا ڪروڙ

ڪاربونيٽ آف سوڊا ملايو ويندو آهي انهي سان رس ۾ پيدا ٿيل گجي هٽائڻ ۾ سهوليت ٿيندي آهي. پوءِ انهي کي لوهه جي وڏن ڪڙاهن ۾ ڪاڙهي نرم نهري حالت ۾ آندو ويندو آهي ۽ ڳڙ ڪري وڪرو ڪيو ويندو. انهي کي انگريزيءَ ۾ molasses جو غلط نالو ڏنو ويندو آهي. اها سڌي سادي اڻ صاف ٿيل کنڊ (Unrefined Sugar) هوندي آهي. ڪمند جو چگو خاصو مقدار ائين ئي وڪرو ڪيو ويندو آهي جيئن تازو واپرائي سگهجي.

نيرا: نيرجي فصل لاءِ هلڪي مٽي تمام بهترين ليکي ويندي آهي. جيئن ئي جون مهيني ۾ واهه پربا آهن تہ ٻني کي پاڻي ڏنو ويندو آهي ۽ سنو هر ڏنو ويندو آهي پوءِ ان کي ننڍين ٻارن ۾ ورهايو ويندو آهي ۽ زمين ايجا چگي آلي ئي هوندي آهي تہ بج ڇٽيو ويندو آهي. في ايڪڙ تي بج جا ٻن کان ٽي ڪاسا (76 کان 114 پائونڊ) وڌا ويندا آهن. بج سڄي رات پاڻي ۾ پُسايو ويندو آهي. زمين کي هر ٻئين ڏينهن هلڪو پاڻي ڏنو ويندو آهي ايستائين جو سلو زمين کان تقريباً ٻہ انچ مٽي نڪري ايندو آهي. پوءِ هر ڇوٽين ڏينهن پاڻي ڏنو ويندو آهي. فصل لڳ ڀڳ 18 انچ ٽيڙ ڪاڻپوءِ هفتي ۾ هڪ دفعو پاڻي ڏنو ويندو آهي. فصل ٽن انچن جيترو ٽيندو آهي تہ هڪ گڏ وري ڏيڍ فوٽ جيترو ٽيڙ تي پيو دفعو گڏ ڪئي ويندي آهي. نير جا ٻوٽا تقريباً ٽن مهينن ۾ لاب لاءِ تيار ٿيندا آهن. بج مان ڦٽل فصل کي نيري چيو ويندو آهي. پاڙون سدائين زمين ۾ چڙيون ويندیون آهن جن مان ايندڙ سال پيو فصل ڪٽبو آهي. انهي کي منديون سڏبو آهي. اهو ايائي مهينن ۾ پچندو آهي ۽ بج ٻہ انهي فصل مان ڪٽبو آهي.

ٻوٽي جي ٽڻن ۽ ٻنن مان رنگ ڪڍيو ويندو آهي. انهي لاءِ ٽڻن ۽ ٻنن کي سِرن ۽ گڇ مان ٺهيل حوضن ۾ پسايو ويندو آهي. لابارو سدائين صبح جو ڪيو ويندو آهي ۽ پيداوار کي منجهند جي وقت حوضن ۾ اڇلايو ويندو آهي. ٽڻن ۽ ٻنن کي 12 ڪلاڪ ٻوڙڻ ڪاڻپوءِ اهي پاڻي مان ڪڍي پاڻي کي ٻہ يا ٽي ڪلاڪ ولوڙيو ويندو آهي پوءِ انهي مواد کي ڇهن ڪلاڪن لاءِ ڇڏي ڏبو آهي. انهي دوران رنگ حوض جي تري ۾ ويهجي ويندو آهي.

سٽي: سٽي زمين جي ننڍڙن ٽڪرن تي آباد گارن جي سهوليت لاءِ پوکي ويندي آهي. ڪڙمي جو انهي ۾ ڪو حصو نہ هوندو آهي. بج جولاءِ جي مهيني ۾ جوئريا ٻاجهري جي فصل ۾ ننڍين ٻارن ۾ ٻارن جي ٻنن تي پوکيو ويندو آهي. سٽي جي فصل کي پاڻي مکيہ فصل سان گڏ ڏنو ويندو آهي ۽ انهي کان جلد ئي پوءِ لڻيو ويندو آهي. اهو لڻڻ ڪاڻپوءِ ڏينا ڪٽي ٻوٽا ڇڻن کان پنجن ڏينهن تائين پاڻي ۾ پُسايا ويندا آهن ۽ انهي ڪاڻپوءِ ڪڍي سُڪائي تاندورا يا ست هٿ سان پٽيا ويندا آهن. ڪُڙمي تاندورن مان رسيون ٺاهيندا آهن جيڪي هو ڪينٽرن ئي زرعي ڪمن ڪارين ۽ ڪتب آڻيندا آهن.

تماڪ: تماڪ سدائين رونبي ڏريعي پوکيو ويندو آهي. حيدرآباد ڪراچي ۽ ٿرپارڪر ضلعن ۾ جون مهيني ۾ بارين جي ٻنن جي ڪنارن تي بج پوکيو ويندو آهي. بارين کي اڳ ۾ ڇڻي نموني هر ڏئي پاڻي ۽ پاڻ ڏنو ويندو آهي. بج جي شرح 4 کان 8 پائونڊ في ايڪڙ هوندي آهي. هڪ مهيني جي واڌ کانپوءِ سلا

ٻارين مان ڪيڏي هڪ هڪ ڪري ٻنن تي هنيا ويندا آهن. ٻني ۾ ٻڪرين ۽ ردن جو پاڻ ڏنو ويندو آهي. جيڪڏهن ٿي سگهندو آهي ته آباد گار ٻني ۾ ڪجهه وقت لاءِ انهن جانورن جو واڙو ناهي ڇڏيندو آهي پر جيڪڏهن ائين نه ٿي سگهي ته هو في ايڪڙ تي پنج ٽن پاڻ ڏئي ڇڏيندو آهي.

فصل کي پهريان ٿي ڏينهن هر روز پاڻي ڏنو ويندو آهي انهي کانپوءِ آهستي آهستي پاڻي گهٽائي هفتي ۾ هڪ ڏينهن تي آڇبو آهي. لابارو لڳ ڀڳ ڊسمبر مهيني ۾ ٿيندو آهي ۽ لاب باڪ ڏٺي ۽ سج ايرڻ جي وچ ۾ ڪيو ويندو آهي. سڄو هوتو پاڙ ڪان ئي ڪپيو ويندو آهي ۽ ورندي ڏينهن ان جا پن پٽي اُس ۾ پکيڙي ڇڏبا آهن. سُڪڻ ۾ پندرهن يا وڌيڪ ڏينهن بہ لڳي ويندا آهن. انهي دوران هر ٽئين چوٽين ڏينهن پنن کي اٿلايو پٽلايو ويندو آهي. پن سُڪڻ کانپوءِ گڏ ڪري ڍير ڪيا ويندا آهن. ڍير کي ناريل جي پنن جي تڏين ۾ ويڙهي انهن جي تور ڪئي ويندي آهي. پنن کي انهي حالت ۾ تقريباً پندرهن ڏينهن ڇڏڻ کانپوءِ ڪجي جي پُوٽن مان ٺهيل تونرين ۾ سبي ڇڏبو آهي. هر تونريءَ ۾ 160 پائونڊ هوندا آهن.

سنڌ جي اتر واري علاقي ۾ تماڪ بهار جي مند جو فصل آهي. ڄ ڊسمبر ۽ فيبروري جي وچ ۾ پوکيو ويندو آهي ۽ اپريل کان جون مهيني تائين پن پٽيا ويندا اهن. پوکيءَ جي طريقي ۾ گهٽو فرق نه هوندو آهي.

ربيع جي فصلن جي پوکيءَ جا طريقا

ڪڪ: ٻوڏ جي پڄاڻي تي زمين کي ريج ڏئي زمين ڪڪ لاءِ تيار ڪئي ويندي آهي پوءِ هڪ يا ٻہ هر ڏئي، پتر پيڇي سانهر هلائي ڇڏبي آهي جيئن ريج سڪي نه وڃي. ٻوڏ وارين ۽ ڏنڊن جي تري وارين زمينن کي بہ انهن تان پاڻي سڪي وڃڻ شرط ئي ساڳئي نموني تيار ڪيو ويندو آهي جن زمينن کي هٿرادو طريقي سان پاڻي ڏنو ويندو آهي انهن کانسواءِ ٻين زمينن کي وڌيڪ پاڻي جي ضرورت نه پوندي آهي. عام طور پاڻ ڪتب نه آندو ويندو آهي. ڄ عام طور ڇٽيو ويندو آهي پر ڪڏهن ڪڏهن ناڙي بہ ڪئي ويندي آهي. ڄ جي شرح ۾ تمام گهٽي ٻيرڪار ايندي رهندي آهي پر عام طور 50 کان 180 پائونڊ في ايڪڙ ڏنو ويندو آهي. پوکي نومبر ۽ ڊسمبر ۾ ۽ لابارو عام طور اپريل ۾ ٿيندو آهي. لاهيارن کي مزدوري يا ته روڪ يا لٽيل ول جي پندرهين کان ويهين پتي ڏني ويندي آهي.

سرنهن ۽ ڄانيو: ڄانيي ۽ سرنهن جا فصل کي جي زمين ۾ يا اهڙي زمين ۾ ڪيا ويندا آهن جنهن تي درياء يا سيلابي واهه جي ليٽ اچي وئي هجي. اهي فصل اهڙين زمينن ۾ بہ ٿيندا آهن جن کي ٻوڏ جي آخر ۾ نار ذريعي پاڻي ڏنو وبو هجي. پوکي سيپٽمبر جي آخر يا آڪٽوبر جي شروع ۾ ٿيندي آهي. ڄ عام طور ڇٽيو ويندو آهي يا ناڙي ڪئي ويندي آهي. ڄ جي شرح عام طور بہ ٽويا يا 15 پائونڊ في ايڪڙ هوندي آهي. ٻوٽن جون ٽاريون وقت بوقت لٽيون ويندیون آهن. جيئن اهي گهاٽا ٿٽن. سرنهن جا پن هر طبقي جا ماٺهو سبزيءَ طور واپرائيندا آهن. لابارو مارچ يا اپريل مهيني ۾ ٿيندو آهي. ان ڏڳن ذريعي ڳاهيو ويندو آهي.

ڇٽا: ڇٽي جي پوک هر ڳالهه ۾ سرنهن ۾ ڄاڻيي وانگر هوندي آهي سواءِ انهي جي جو اهو پڇندو ڪجهه دير سان آهي. لاب ۾ سڄو پوٽو پٽيو ويندو آهي. ٻج جي شرح مڙ ڪان ڪجهه گهٽ في ايڪڙ هوندي آهي.

مٽر: مٽرن جي پوک ڇٽي يا ڄاڻيي وانگر ئي ٿيندي آهي. ڪچي ۾ زمين کي ته ايترو هر ٻه ڏنو ويندو آهي. ڦاٽل زمين تي فقط ٻج ڇٽي ڇڏبو آهي. پاٽي يا پاڻ ٻه ڏنو ويندو آهي. ٻج جي شرح تقريباً ٻه ڪاسايا 75 پائونڊ في ايڪڙ هوندي آهي. فصل تڪڙو تڪڙو لٽيو ويندو آهي جيئن اهو مضبوط ٿئي ۽ انهي جا پن هاري طبقو پاڇي طور واپرائيندو آهي. فصل مارچ ۾ پڇندو آهي. انهي وقت ٻوٽا باڙڻون پٽيا ويندا آهن ۽ ڦرين تي ڏاندن ذريعي ڳاهه ڪيو ويندو آهي.

پاڇيون ۽ ميوا:

سنڌ ۾ پوکيون ويندڙ مکيه پاڇين جي فهرست ڏانئيء تي ليک ۾ نظر ايندي. پوکيءَ جا طريقا تفصيل سان نه ٿا ڏئي سگهجن. اهي سيئي پاڇيون جن جون پاڙون واپرايون وڃن ٿيون اهي سياري ۾ پوکجن ٿيون. پاڇين مان پينديون. واڳڙ، لوٽڪ ۽ مريڙو خريف جي مند شروع ٿيڻ سان پوکيا ويندا آهن جڏهن ته باقي پاڇيون نومبر ۽ ڊسمبر ۾ پوکيون ويندون آهن. تقريباً سيني قسمه ۽ جا ڪدو خريف ۾ جڏهن ته گدرا ۽ هندائا ربيع ۾ پوکيا ويندا آهن. انهن سان گڏو گڏ گوار جون ڦريون- اها به هڪ قسم جي دال آهي جيڪا بعضي بعضي جوئر ۽ باجهري سان گڏ پوکي ويندي آهي- سهانجڑي جي وڻ جون ڦريون ۽ سرنهن ۽ چڻن جا پن به هر طبقي جا ماڻهو پاڇي طور واپرائيندا آهن. سياري ۾ وڏن شهرن جي پرسان واڙين ۾ ٽماٽن، ڪاهو (lettuce)، چقندر، ڳل گوبي ۽ مٽرن جهڙيون يورپي پاڇيون پوکيون ويندون آهن.

گرم مصالحا:

سنڌ ۾ گرم مصالحن جي فصلن مان اهم ڳاڙهو مرچ، ڌاڻا، سونف (Fennel) ۽ اَهُر (mustard) آهن. مرچ ربيع توڙي خريف ٻنهي مندن ۾ پوکيا ويندا آهن باقي ٻيا سڀ فقط ربيع ۾ پوکيا ويندا آهن.

ميوا:

ڪو به سنڌي چوڪراٽي وهيءَ ۾ ڪچن ٻيرن ۽ ٻين جهنگلي ميون لاءِ دنيا جي ٻين حصن جي چوڪرن جهڙي ئي چاهت ڏيکاريندو آهي پر هو جڏهن وڏو ٿيندو آهي ته هو پنهنجي واپرائڻ لاءِ ميوا نه پوکيندو آهي. البت ون يونٽ ٿيڻ کانپوءِ سنڌ ميون جي بهترين قسمن جي پيداوار ۾ اڳتي وڌي رهي آهي. سنڌ جا خاص طور انب ۽ ڪيلا ملڪ جي ٻين حصن ۾ پڻ واپرائجن ٿا. ڪيپٽن الیگزينڈر هيملٽن ڏٺي جو بيان ڏيندي 1699ع ۾ لکي ٿو: بادشاهه جا باغ چڱي حالت ۾ هئا ۽ انهن ۾ ميون ۽ گلن جا بهترين قسم هوندا هئا خاص طور ڏاڙهون ته تمام سٺا هوندا هئا. انهي دور ۾ ته اهو نٽو هوندو هو پر هاڻي اها حيثيت حيدرآباد کي حاصل آهي جتي جينٽوٽيڪ کو بادشاهه ته نه آهي پر اتان جي آبادي کي سڀي ميوي جو قدر ڪرڻ ۽ انهي جو ملهه ڏيڻ جي سگهه آهي. ڪراچي جي وبجهو پڻ لياري ندي سان گڏو گڏ ۽ ملير تائين خوجن ۽ ميمڻن جا باغ آهن جتان مارڪيٽ ۾ هر قسم جا معياري ميوا اچن ٿا جن مان مکيه هي آهن:

انب: انب جو وڻ ڪوڪڙيءَ مان جولاءِ ۾ آگسٽ جي وچ ۾ نرسري ۾ پوکيو ويندو آهي جتان ٻن يا ٽن ورهين ڪانپوءِ انهي جون ڇڪيون ڪڍيون ويندين آهن. انهي وڻ جي آسپاس پنجن ورهين تائين ٻيون شيون به پوکيون ويندين آهن جيئن زمين جي جلدي جلدي گڏ ٿيندي رهي ۽ زمين کي مال يا ٻڪرين جو ياڻ ملندو رهي. انهي ڪانپوءِ زمين کي ياڻ نه ڏنو ويندو آهي پر پاڻ تان سرءُ جي مند ۾ ڪجهه ڏينهن متي هٽائي ڇڏبي آهي پوءِ متي ورائي زمين کي چڱي طرح پاٽي ڏئي ڇڏبو آهي. انب جو وڻ پنجن ورهين جي عمر ۾ ميوو ڏيڻ شروع ڪندو آهي. مارچ ۾ ٻور منهن ڪڍڻ شروع ڪندو آهي ۽ جون يا جولاءِ ۾ پڇندو آهي. حيدرآباد ۽ ٻين ضلعن ۾ انبن جا مختلف قسمن پوکيا وڃن ٿا.

انجير: انجير قلمن ذريعي پوکيا ويندا آهن جيڪي مارچ يا آگسٽ ۾ پوکيا ويندا آهن ۽ ٻن ورهين ۾ ميوو ڏيڻ شروع ڪندا آهن. انجيرن کي باقاعدگي سان ٻڪرين يا ڍڳين جو ياڻ ڏنو ويندو آهي ۽ فيبروري يا مارچ ۾ چانگ پڙ ڪئي ويندي آهي تڏهن هڪ يا ٻن هفتن لاءِ انهن جي پاڻ تان متي پڙ هٽائي ويندي آهي. ميوو جولاءِ يا آگسٽ ۾ پڇندو آهي جنهن کان اڳ گونچن تي پاٽي جو ڇڪار ڪيو ويندو آهي جيئن انهن تان متي لهي وڃي نه تہ اُهي سُسي ۽ ڪوماڄي ويندا آهن.

ڏاڙهون: ڏاڙهون جا قلم بهار يا سرءُ جي مند ۾ رکيا ويندا آهن. وڻن جي پاڻ تان متي هٽائي ويندي آهي ۽ انهن کي بهار جي مند يا جون مهيني ڏاران ياڻ ڏنو ويندو آهي. جيڪڏهن ياڻ بهار ۾ ڏنو ويو تہ ميوو جولاءِ يا آگسٽ مهيني ۾ ايندو ۽ جيڪڏهن جون مهيني ۾ ڏنو ويو تہ وڻ نومبر ڏاران ڦر ڦهليندا.

صوف: صوف جو وڻ ٻيوند ذريعي سرءَ يا بهار ۾ پوکيو ويندو آهي ۽ وڻ تقريباً ٽن ورهين ۾ ڦر ڏيندا آهن. انهن کي ٽي سڳهي تہ ٻڪرين نه تہ ڍڳين ۽ مينهن جو ياڻ ڏنو ويندو آهي. انهن جي ڇانگ نه ڪئي ويندي آهي پر ياڻ ڏيڻ کان اڳ انهن جي پاڻ تان متي هٽائي ويندي آهي ۽ نومبر يا جنوري مهيني ۾ هٿن سان انهن جا ٻن ٻٽيا ويندا آهن. ميوو مئي ۽ جون ۾ پچي تيار ٿيندو آهي. سنڌ جو صوف سائيز ۾ تمام ننڍو ۽ ڏسڻ ۾ هالو چالو لڳندو آهي پر انهي جو ٻوڙ رڌڻ تي خاص سواد ڪندو آهي. اهو سامونڊي ڪناري تي پيدا نه ٿيندو آهي.

ناشپاتي: ناشپاتي جو وڻ ٻج ذريعي پيدا ٿيندو آهي ۽ بهار جي مند ۾ پوکي پوءِ ڇڪي ڪڍي ويندي آهي. وڻ جي سارسنيال صوف جي وڻ وانگر ئي ڪئي ويندي آهي فرق فقط ايترو آهي تہ ناشپاتي جي وڻن جا ٻن هٿ سان نہ ٻٽيا ويندا آهن. اهي سياري ۾ پنهنجو پاڻ ڪري پوندا آهن. ميوو ڪوئيتا جي ميوي کان اڳ جولاءِ ۾ پچي ويندو آهي تنهنڪري انهي جي جيتوڻيڪ گهرج هوندي آهي پر اهو سڀ ڪجهه وارو نه هوندو آهي. اهو به سامونڊي ڪناري تي نہ ڦٽي سگهندو آهي.

زيتون: زيتون ٻج يا ٻيوند ذريعي پوکي سگهجن ٿا. وڻ ٽن ورهين ۾ ميوي لاءِ تيار ٿي ويندو آهي. زمين کي بهار جي مند ۾ چڱي طرح مينهن يا ڍڳيءَ جو ياڻ ڏنو ويندو آهي. وڻن جي ڇانگ نه ڪئي ويندي آهي. ميوو بنيادي طور مون سون جي مند جي پڄاڻي تي پچي راس ٿيندو آهي.

انگور: انگور وڻن قلمن ذريعي پوکيا ويندا آهن جيڪي بهار جي مند ۾ هنيا ويندا آهن ۽ ٽئين موسم ۾ ميوو ڏيڻ شروع ڪندا آهن. ول جي فيبروري يا مارچ مهيني ۾ وڏي ڇانگ ڪبي آهي ۽ پاڻ تان مٽي هٽائي ويندي آهي جنهن کانپوءِ زمين کي ٻڪرين يا ڏڳين جو پاڻ ڏنو ويندو آهي يا جانورن جي رٽُ ۽ مڇي وڌا ويندا آهن. ميوو جون ۾ جولاءِ مهيني ۾ پڇندو آهي ۽ انهي کان اڳ جو ڪوئيٽا جو ميوو تيار ٿي مارڪيٽ ۾ مقابلو ڪري هن کي مارڪيٽ ۾ آندو ويندو آهي. ڪراچي جي موسم حيدرآباد جي موسم کان ڪجهه آڪاٿي ٽيندي آهي. انگورن ۾ ڪشمش يا بغير ٻج واري سلطانہ جنس عام جام ۽ ڪاميابيءَ سان پوکي ويندي آهي پر وڏو قنڌاري انگور به سڀ نموني پيدا ٿئي ٿو ۽ انهي سان گڏو گڏ ڪيترين ئي بهترين ٻاهريون جنسون به متعارف ڪيون ويون آهن.

ڪيوڙو (Plantain): غريب ماڻهن جو ميوو آهي ۽ اهو قاعدو هن تي لاڳو نہ ٿو ٿئي تہ ميون جا باغ فقط وڏن شهرن جي ويجهو ڏسڻ ۾ ايندا آهن. ڪيوڙي جي وڻن جا گهاٽا جهڳٽا ڪيترن ئي ڏور انهن ڳوٺن جي ويجهو نظر اچي سگهن ٿا. انهي ميوي کي تمام راڻ وٽندڙ چئي سگهجي ٿو. انهي جي اهڙي راڻ وٽندڙ هڻڻ جو ڪو سبب به نہ آهي چا ڪاڻ تہ بمبئي جون بهترين جنسون اڳوٽي سنڌ جي علائقي ۾ ئي سڀ نموني ڦٽن ٿيون. هي وڻ جڏهن ڦر ڏيندو آهي تہ انهي جي ٽڙ جي چوڌاري ڦٽي نڪتل پاڻ ذريعي هي وڻ پوکيو ويندو آهي. انهن تي وڌيڪ ڪا محنت نہ ڪئي ويندي آهي. انهن لاءِ تمام گهٽو پاڻي هڻڻ ضروري آهي تنهنڪري اهي ڪنهن واهہ يا کوهہ جي ويجهو پوکيا ويندا آهن پر انهن جي زمين کي ورلي ئي پاڻ ڏنو ويندو آهي. چڪين مان ڦٽل ٻوٽا ٻئي سال ڪهڙي به موسم ۾ ميوو ڏيڻ شروع ڪندا آهن.

ڪاڻ ڪدرو ميوي جي ٻئي ڪنهن به وڻ کان جلدي پيداوار ڏيڻ شروع ڪندو آهي ڇو تہ ميوو ٻج پوکڻ کان پوءِ اٽين مهيني ئي پٽائي لاءِ تيار ٿي ويندو آهي. پر وڻن جي عمر ٿوري ٽيندي آهي. ٻج سياري کانسواءِ ٻئي ڪنهن به مند ۾ پوکيو ويندو آهي ۽ ٻوٽن کي ڪجهہ وقت ٻاري ۾ ڇڏڻ ڪانپوءِ اتان ڪڍي ڇڳي طرح پاڻ ڏنل زمين ۾ پوکيو ويندو آهي. انهن کي ڇڳي پاڻي جي ضرورت پوندي آهي.

فصل جي ڦيري / ساهي ۽ پاڻ: اهي ٽئي ڳالهيون هڪٻئي تي دارومدار رکنديون آهن تنهنڪري انهن جو بيان گڏ ڏئي سگهجي ٿو. سنڌ ۾ فصلن جي واري ڦيري جو رواج نہ آهي. البت زمين کي ساهي ڏيڻ کان هر ڪو واقف آهي. جيستائين پاڻ جو تعلق آهي تہ سنڌي ماڻهو جهڙي طرح انهي کانسواءِ ڪم هلائي ٿو اها ڳالهہ مغربي ملڪ نہ ڇڏيو خود سندس پاڪستاني پائرن کي پڻ تپرس ۾ وجهي ڇڏيندي سچي ڳالهہ اها آهي تہ جيئن تہ هڪ تہ سنڌي هاري جو ڪنهن سان مقابلو نہ هوندو آهي ۽ ٻيو تہ نہ ئي هن ۾ ڪو جذبو ۽ ڪو اهڙو محرڪ هوندو آهي جيڪو ڪنهن به هاري کي ٻنيءَ مان وڌ ۾ وڌ پيداوار وٺڻ تي اپاريندو هجي تنهنڪري پيڙهين کان سندس اها خواهش رهي آهي تہ هو پنهنجي زمين ۾ گهٽ کان گهٽ ڪم ڪري ۽ وڌ کان وڌ وقت پنهنجي حُقي سان وندريو ويٺو هجي. سنڌو درياءَ سال ۾ هڪ دفعو سندس زمين کي پاڻ ڏئي ڇڏيندو آهي ۽ اهو جيڪڏهن ناڪافي ثابت ٿئي تہ زمين کي ايندڙ ٻوڏ تائين خالي ڇڏي

سگهي ٿو ڇا ڪاڻ ته هن جي چوڌاري تمام گهٽي زمين موجود رهي هئي ۽ ايڇا ٻه آهي. پر هو جنهن سرشتي تحت پنهنجي زمين کي ساهي ڏئي ٿو انهي جو بيان ڏيڻ ناممڪن آهي. ڇا ڪاڻ ته هن وٽ ڪو سرشتو ئي نه هوندو آهي. جنهن زمين کي ٻوڏ ذريعي پاڻي ايندو آهي ۽ ان ۾ خريف جو هڪ فصل ٿي چڪو هوندو آهي انهي کي عام طور هڪ سال ساهي ڏٻي آهي. پر نار ذريعي پاڻي ڏنل زمين کي جيئن ته لٽ گهٽ ملندي آهي تنهنڪري هو انهي کي هن ٽن يا ڪڏهن ڪڏهن ته چئن ورهين لاءِ ٻه ساهي ڏئي ڇڏيندو آهي. جيڪي زمينون هر سال اونهاري جي مند ۾ ٻوڏ جي پاڻي هيٺ ايندیون آهن اهي سال بسال سياري جو فصل ڏيندیون رهنديون آهن پر جيڪڏهن اهي ڪجهه ورهين کانپوءِ ٽڪي پوندیون آهن ۽ پيداوار ڪسي ڏيندیون آهن ته هو انهن کي ساهي ڏيندو آهي. ساڳئي طرح ساريال زمينون ٻه جيڪي هر سال ٻوڏ هيٺ ايندیون آهن انهن کي ٻه ورلي ئي ساهي ڏٻي آهي پر جيڪڏهن انهن کي ساهي ڏني وئي ته پوءِ سياري جي مند ۾ انهن مان ڄاڻيو چٽو ۽ ٻيو ڪو فصل ڪٽبو آهي. اهو قدم البت ڦيري جي لحاظ کان ڏاهپ پريو نه آهي. تمام پلين ساريال زمينن مان هر سال باقاعدگيءَ سان خاص طور لاڙڪاڻي ضلعي ۾ سياري جو فصل کنيو ويندو آهي. انهن کي اونهاري ۾ ساهي نه ڏني ويندي آهي. زمينن تي فصلن ۾ سوچي سمجهي ڦيري فقط ڦٽي ۽ ڪمند جي صورت ۾ ڪئي ويندي آهي. ڦٽي جو فصل ساڳئي زمين تي لڳاتار ٻه ورهيه پلو نه ٽيندو. ڦٽي واري زمين ايندڙ سال يا ته چڏي ڏٻي يا پاڻ ڪلر ڏئي انهي تي ڪاجوئر ٻاجهري ڪاهي چڏبي. ڪمند جيئن ته تمام ٽڪائيندڙ فصل آهي ۽ انهي کي تمام گهڻو پاڻ ڏيڻو پوندو آهي تنهنڪري انهي ۾ لڳي ٿو ته ڦيري ڪفايت جي خيال سان ڪئي ويندي آهي. ڪڙمي زمين کي ايترو پاڻ ڏيڻ کانپوءِ ايندڙ مند ۾ انهي کي خالي نه چڏي سگهندو آهي ڇو ته هو انهي مان بغير ڪنهن وڌيڪ خرچ جي ڪنهن دال يا جوئر ٻاجهري جو فصل ڪٽي سگهي ٿو. بعضي بعضي جنهن زمين ۾ ايندڙ مند ۾ ڪمند ڪرڻ جو ارادو هوندو آهي انهيءَ ۾ هلندڙ مند ۾ پاڇيون ڪيون ويندیون آهن جو انهن لاءِ پاڻ وڌيڪ گهربل هوندو آهي.

جيئن اڳ ۾ چيو ويو آهي سنڌي ڪڙمي پاڻ ڪلر مان تمام گهٽ مدد ونڊندو آهي. سنڌ جي خاص طور ڏکڻ ۾ روٽاٽن ۾ پاڻ جا وڏا ڏير لڳا پيا هوندا آهن جن کي ڪٽڻ سان جيڪر انسانن توڙي جانورن ٻنهي کي فائدو ٿئي پر روٽاٽن جي لڳو لڳ ساريالي زمينن کي ڪڏهن ٻه پاڻ نه ڏنو ويندو آهي توڙي جو انهن ۾ هر سال فصل ڪيو ويندو آهي. سنڌو درياء ۾ چاڙهه لهڻ کانپوءِ ان جي پيٽ ۾ زمين جا جيڪي سڏا ٽڪرا نڪري ايندا آهن انهن تي سال بسال ڪڪ يا تيلي ٻجن جو فصل ڪيو ويندو آهي يا جيڪي زمينون تازيون پوک هيٺ ايندیون آهن يا جن تي مختلف دالين ۽ ڦرين وارا فصل ٽيندا آهن انهن مان ٻه سال بسال بغير پاڻ ڏيڻ جي پيداوار ڪنئي ويندي آهي. وري زمين ٻه پنهنجي مالڪ جي ڪا هلي کي حق بجانب پئي ثابت ڪندي آهي ۽ ڪيس ٻئي ڪنهن ٻه علاقي جي ڪڙميءَ کان وڌيڪ پيداوار ڏيندي آهي. انهي روش جو هڪ سبب اهو ٻه آهي جو ماڻهن جون زميندارين سراسري طور ايتريون ته وڏيون هونديون آهن جو تمام هٽ ڪاڙ آباد گار ٻه پنهنجي زمين جي ٽڪرن کي واري ڦيري سان آباد ڪري پنهنجون ضرورتون پوريون ڪري

سگھندو آھي ۽ اڳ ۾ئي کاھيل زمين کي وري کاھڻ جي تڪليف نه ونندو آھي. پر اڳوٽي سنڌ ۾ خاص طور ڪمند، تماڪ ۽ پاڇين کي پاڻ ڏيڻ ضروري ھوندو ھو ۽ ھيءَ ڳالھ به ذھن ۾ رکڻ گھرجي ته سنڌ ۾ تماڪ ۽ پاڇيون سنڌي ھاري نه پر لوھاٽا، ميمڻ، بوھرا ۽ ٻين ذاتين وارا پوکيندا آھن. عام ڪتب ايندڙ پاڻ مينھن، ڏڳين جو ڇيٽو ۽ رڍن، ٻکرين جون ٽولھڙيون آھي. ٻکرين جو پاڻ باغن ۽ تماڪ لاءِ خاص طور تمام سٺو ھوندو آھي. ٻيو پاڻ جنھن جي تمام گھٽي طلب ھوندي آھ ھو آھي پراٽن ڳوٺن ۽ شھرن جي ڏڻ ڏڻ جي مٽي. باقي انھي ڳالھ جي پڪ نه آھي ته انھي مٽيءَ کي انھيءَ ۾ موجود چوني جي سبب اھميت ڏني ٿي وڃي يا نائٽريٽس (Nitrates) جي سبب جيڪي سنڌ جي زمين ۾ گھٽ آھن. ساڳئي طرح واھن جي مٽيءَ کي به اھميت ڏني ويندي آھي ۽ ڪڏھن ڪڏھن خاص طور جڏھن زمين جي مٽي سنھي ۽ سُڪل ھجي ته ڪجھ فصلن لاءِ ڪلر به ڪتب آندو ويندو آھي. سيني وڻن شھرن جي ويجھو نالين جو پاڻي، شھرن جو گند ڪچرو ۽ ويندي انساني فُضلو به پاڇين ۽ ڪجھ مخصوص فصلن لاءِ ڪتب آندو ويندو آھي. ميويدار وڻن ۽ خاص طور انگور جي ول لاءِ رت، اوجھري ۽ مڇي به ڪم آندي ويندي آھي. پر سواءِ انگور جي ول جي مڇي جي پاڻ جي استعمال کان ماڻھو واقف نه آھن. مغربي ملڪن ۾ ته اھو جيڪڏھن مقامي طور دستياب نه ھوندو آھي ته ٻاھران گھرايو ويندو آھي. ساون پنن ۽ گاھ کي ته سنڌ ۾ بيڪار سمجھي اڇلايو ويندو آھي جڏھن ته سامونڊي ڪناري وارن علائقن ۾ ته ناريل جي وڻ لاءِ فقط انھن کي ئي مناسب پاڻ سمجھيو ويندو آھي. ھڏا ملڪ مان ٻاھر موڪليا ويندا آھن جيئن اھي يورپ جي زمينن کي زرخيز بڻائين. باھ جي رک جو فقط اھو استعمال ڪيو ويندو آھي جو جن ٻارين ۾ سارين جو ٻج پوکبو آھي انھن کي وسم ڏيڻ لاءِ انھيءَ ۾ ڏڳين جو ڇيٽو ۽ بھ ساڙبو ويندو آھي.

مال جي پاڻ ۽ ڳوٺن جي گند ڪچري جي اھميت کان سڀ کو واقف آھي پر اھو جيئن ته آبپاشي ھيٺ ايندڙ جملي ايراضي جي فقط پنج سيڪڙو حصي لاءِ ئي ڪافي ھوندو آھي تنھنڪري اھو عام طور فقط ڳوٺن جي ويجھين زمينن لاءِ ئي ڪتب آندو ويندو آھي. سائي گندگاھ کي زمين ۾ پوري پاڻ ناھڻ جو ڪم عام نه ٿيو آھي. قيمتي پاڻ جو وڏو حصو گھريا رڍبڇاء ۾ ٻارڻ طور ڪم آڻي ضايع ڪيو وڃي ٿو. ڪيميائي پاڻ جنگ کان اڳ عام استعمال ۾ نه ھوندا ھئا. ھاڻي سرڪاري سبسڊي ڏئي انھن کي عام مقبول بڻايو پيو وڃي ڪيميائي نائٽروجني پاڻ جي طلب تمام گھٽي آھي.

زراعت جي مقامي حالتن مطابق مٽي ۽ قدرتي طور زرخيز زمين ئي ڪيميائي پاڻن جو سٺو اثر ڏيکاريندي آھي. ڪلراٽيون يا پکيون زمينون ورلي ئي مناسب اثر ڏيکارينديون آھن. جن زمينن کي ھٿراڏو طور پاڻي ڏنو وڃي ٿو انھن کي جيڪڏھن اڳ ۾ وٽاڙ جو پاڻ، گندگاھ يا زمين ۾ پوري تيار ڪيل پاڻ ڏنو وڃي ته اھي ڪيميائي پاڻن جو سٺو اثر ڏيکارين ٿيون. ڪجھ مھم جو زميندار جھڙي نموني سائي گاھ ذريعي پاڻ جو ڪم ڪري رھيا آھن انھي ذريعي زمين جي زرخيزي جو بچاء ٿي سگھي ٿو ۽ پڻ فصل جي پيداوار ۾ پڻ اضافو ٿي سگھي ٿو.

فصلن جا جيت جڙاءِ بيماريون

جيئن ته هن گزيٽيئر جي 1907ع ۾ آخري چاپو اچڻ کانپوءِ فصلن جي جيتن جڙن ۽ بيمارين جي اپياس جي ميدان ۾ ڪيترين ئي اڳيرايون ٿي چڪيون آهن پر انهي ڳالهه جي ايڏا به پڪ نه آهي ته ڇا جديد سائنس جيتن جي حملي خلاف ڪجهه ڪري به رهي آهي يا هٿ تي هٿ رکيون ويٺي آهي. سنڌ ۽ خيرپور ۾ جيڪي جيت فصلن کي نقصان پهچائين ٿا انهن کي ٽلهي ليکي هنن ٽن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هڪڙيون ته سينور جهڙيون شيون آهن. ٻئين نمبر تي جيتن جي ڪجهه برتر درجي وارا لاروا جيڪي لِڪ ۾ ڪم ڪن ٿا ۽ ٽئين نمبر تي ڪليل فضا ۾ حملو ڪندڙ جهڙوڪ ماکڙ، پکي ۽ جانور. آبادگار پهرين ٽنهي قسمن کي بيماريون ڪري ليکين ٿا ڇاڪاڻ ته فصلن کي پهتل نقصان جو سبب ڇٽو نه هوندو آهي. جيتن جا سنڌي نالا منجهائيندڙ ۽ غير سائنسي آهن. مکيه جيتن جا نالا هي آهن: رتي، ڪاٽي، مهلو اُلي ڪس، اڳاري، مُريهه، مراهي، بوکڙو، روهڙو، ماکوڙين ۽ ڪوليون.

رتي ڪٽڪ جي هڪ بيماري آهي جنهن کي انگلينڊ ۾ 'Spring rust' سڏبو آهي. اهو هڪ قسم جو سينور آهي جيڪو پنن تي اڳ ۾ نارنگي ۽ پوءِ ڪارسري رنگ جي تمام ننڍڙن ڇُڻن جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو آهي. انهيءَ کي جُهڙ ۽ گهم مان هٿي ملندي آهي.

ڪاٽي خاص طور جوئر تي حملو ڪندي آهي ۽ سنگ ۾ پڇندڙ ٻجن کي ڪائي انهن کي ڪاري رنگ جي انگورن سان ڀري ڇڏيندي آهي. ناساز گار موسم کي انهي جو سبب قرار ڏنو ويندو آهي پر سمجهيو وڃي ٿو ته ٻجن کي جيڪڏهن پوکڻ کان اڳ پاڻي ۾ ٻُجايو وڃي ته انهي کان بچاءَ ٿي سگهي ٿو.

مهلي جو لفظ ڪٽڪ ۾ هڪ قسم جي ڪاري داغ لاءِ ڪتب آندو ويندو آهي. اهو عام طور ڪيترن ئي قسمن جو ٿيندو آهي ۽ ڪيترن ئي قسمن جي دالين، تيلي ٻجن، ڦُٽي ۽ ميوي دار وڻن تي حملو ڪندو آهي ۽ انهن جي رس چوسي ڪمزور ڪري ڇڏيندو آهي. انهي کي جهڙالي موسم ۽ گهم مان هٿي ملندي آهي ۽ هن ملڪ ۾ انهي جو واحد علاج موسم ۾ تبديلي اچڻ جي اميد آهي.

اُلي به هڪ قسم جو مهلو آهي جيڪو تيلي ٻجن تي حملو ڪندو آهي.

جڏهن ٻاجهري يا جوئر جا سنگ ٽڏ، ناسازگار هوا يا ٻئي ڪنهن نامعلوم سبب جي ڪري سنها يا خالي ٿي ويندا آهن ته انهي لاءِ ڪس جو لفظ ڪتب آندو ويندو آهي. ناساز گار هوائن جا به ڪيترائي خاص نالا هوندا آهن.

اڳاري به هڪ قسم جو گاهه آهي جيڪو جوئر جي ٽڪل ۽ ڇڳي نموني پاڻي نه ڏنل زمينن ۾ ڦٽندو آهي ۽ جوئر کي سُڪائي يا انهي تي داغ ڪري ڇڏيندو آهي. انهي جي علاج طور گُڏ ڪئي ويندي آهي، گهٽو پاڻي ڏنو ويندو آهي ۽ لوڻ ٻُرڪيو ويندو آهي.

مُرهه مراهي، بکڙو ۽ روهڙو بيشمار سوٻٽن جا ڪجهه نالا آهن جن مان هرهڪ پنهنجي دلپسند فصل مان غذا حاصل ڪندو آهي ۽ ٿورو کي گهٽو نقصان ڪندو آهي. انهن مان ٻين کان وڌيڪ ڏيان

ڇڪائيندڙ ڪينئون آهي جيڪو جوئر جي ڳڻن کي هيڻان کان حملو ڪندو آهي. اهو سُري جهڙو ٿي سگهي ٿو جيڪو ڪمند لاءِ تمام نقصانڪار جيت آهي. اهو هڪ جيت جو لاروا آهي جيڪو ٻوٽي جي پنن تي آڻا لاهيندو آهي. لاروا ڳڻي جي مڪ حصي تائين پهچي آخرڪار ٻوٽي کي ماري ڇڏيندو آهي.

مور اهي اڇي ماڪوڙي هڪ قسم جي اڏوهي يا ڪوجيت آهي جنهن کي انهي سان مُنجهايو وڃي ٿو. اهو مختلف ٻوٽن جي پاڻن تي حملو ڪندو آهي انهيءَ جو علاج ڪنهن پير طرفان پڙهيل متي سان ڪيو ويندو آهي.

ماڪوڙين ۽ ڪولين تي اهڙن نقصانن جو الزام مڙهيو ويندو آهي جيڪي انهن ڪڏهن ٻه ناهن ڪيا هوندا البت اهي ٻين نقصانڪار جيتن سان گڏ موجود ٿي سگهن ٿيون.

ڦٽي تي ڦٽي واري مهلي سان گڏو گڏ ٿي خاص قسم جا جيت ٿيندا آهن. پهريون ڳاڙهو ڦٽي جو منگهڙ (Red Cotton Bug) انهي جي پڻيءَ تي ڪارو هيري جهڙو نشان ٿيندو آهي. اهو پنهنجي ڏگهي نوڪ ڏيني ۾ ٽنبي ڪڙي جي رس چوسي وٺندو آهي. اهو ٻج ٻه تباهه ڪندو آهي ۽ ڦٽي تي ٻه داغ ڪري ڇڏيندو آهي. ٻوٽي کي لوڏو ڏئي ڪنهن گرم پاڻي يا گاسليٽ پريل ٽانو ۾ ڇاڙڻ هڪ سولو ۽ ڪارگر علاج آهي. جيتن جو ٻيون قسم Boll worm آهن. اهي ٽن نوعن جا ٿيندا آهن: هڪ نارنگي ۽ ٻيو چٽڪبرا. اهي جيتن جا سو ٻٽ (Caterpillars) اهي جيڪي ننڍين ڏينن تي آنا ڏيندا آهن. انهن جي خوراڪ ڪڙو آهي پر اهي ڪڙي تائين پهچندي خود ڦٽي کي تمام گهٽو نقصان پهچائيندا آهن. انهن پنجاب ۾ ٻه وڏي تباهي ڪئي آهي پر سنڌ ۾ پاڻ ڏانهن گهٽو ڏيان نه ڇڪرايو اٿائون. هِتي انهن لاءِ ڪينئين يا گڏر ڪانسواءِ ٻيو ڪو خاص نالو ٻه نٿهير آهي. لڳي ٿو ته متاثر ڏينن کي هٿن سان پٽڻ ڪانسواءِ انهن جو ڪو موثر علاج ٻه نه لڏو ويو آهي ڦٽيءَ جو ٽيون خاص جيت ٽڏبڙ يا Borer آهي جيڪو ٻوٽي جي ٽڙ ۾ سوراخ ڪري انهي کي ختم ڪري ڇڏيندو آهي. ڪوماٽيل ٻوٽن کي ساڙي ڇڏڻ سان انهن جي واڌ ويجهه بند ٿي ويندي آهي.

کليل هوا جي دشمنن مان ماڪڙ سڀ کان وڌيڪ اهم آهي. سنڌ جي ماڪڙ جو سائنسي نالو Acridium Peregrinum آهي. هي اها ئي ماڪڙ آهي جنهن فرعون جي ڏينهن ۾ مصرين لاءِ مصيبت پيدا ڪئي هئي. هن ملڪ ۾ انهي جي افزائش ٿر، ڪراچي جي ويجهو ٽڪريون ۽ شايد ٻيا ٻه ڪيترائي علائقا هجن جتي انهي جي مادي نرم واري يا متيءَ ۾ گرم يا مون سون جي موسم ۾ آنا ڏيندي آهي. ڇيو وڃي ٿو ته ماڪڙ جا ٻچا لڳ ڀڳ پندرهن ڏينهن ۾ نڪري آيندا آهن پر انهي جو دارومدار شايد مينهن تي هوندو آهي. انهن جا پر ڇهن يا ستن مهينن ۾ نڪري ايندا آهن انهي کانپوءِ اهي ڪڏهن ڪڏهن تمام ڏورانهن علائقن ڏانهن اڏام ڪندا آهن. اهي اڏامون اهي خاص طور تڏهن ڪندا آهن جڏهن سازگار حالتن هيٺ انهن جي انگ ۾ غير معمولي واڌ اچي ويندي آهي. ماڪڙ خلاف مهم ۾ مختلف درجن جي ڪاميابي ملندي آهي پر تمام وڏو فائدو تڏهن ملندو آهي جڏهن انهن جي پونگن (ننڍڙن ٻچن) کي منظم طريقي سان تباهه ڪيو ويندو آهي.

مکڙي ۽ تڏ جا انگريزي نالا Grassheppor ۽ Cricket آهن. اهي ماکڙ کان فقط انهي لحاظ کان مختلف آهن جو اهي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ نہ ويندا آهن. انهن پاران ڪيل نقصان جيتوڻيڪ مقامي هوندو آهي پر اهو شديد بہ ٿي سگهي ٿو.

سياٽو ۽ Landcrab نالي جيت وري سارين کي نقصان پهچائيندا آهن.

ڪمين (tortoises) مٿان بہ ساڳئي ڏوهہ جو الزام مڙهيو ويندو آهي. جيتوڻيڪ انهن جي نوع جو تعين نہ ڪيو ويو آهي پر سنڌو درياء ۾ انهن جا ڪيترائي گاهہ خور نوع ڏٺا وڃن ٿا ۽ اهي ٻوڏ جي مند ۾ سموري ملڪ ۾ پکڙجي وڃن ٿا.

ڪوٺا اڇا وڏو آزار آهن جن جو ڪو علاج نہ ڳولهيو ويو آهي جيتوڻيڪ ڪجهہ توانائي جي استعمال سان اهو علاج سولائي سان ٿي سگهي ٿو. اهو هيئن جو انهن جا هرڪوٽي انهن کي اتي ئي ماري ڇڏجي يا زهر ڏئي ڇڏجي. سنڌ ۾ اڪثر حالتن ۾ ملندڙ ڪوئو Mole Rat (Nesocia bengalonsis) آهي. اهو سموري سنڌ ۾ پکڙجي ويو آهي. هي ان جو وڏو مقدار پنهنجن ٻرن ۾ گڏ ڪري رکندو آهي. اهي ٻر سندن منهن وٽ مٽي جي ڏيرن ذريعي سولائي سان سيجاٽپ ۾ اچي ويندا آهن. اهو ڪوئو پاڻي جو شوقين آهي ۽ لڏڙي وانگر ترندو آهي ۽ خاص طور سارين جي ٻنين يا ڏنڊن جي ڪنارن تي رهندو آهي.

نقصانڪار پکين ۾ سڀ کان ٻچڙو وهيو آهي جيڪو جواري پکي جي نالي سان مشهور آهي ۽ ان جو سائنسي نالو Pastro Roseus آهي. ڪهريون (Starlings) بہ اڪثر انهي سان لاڳاپيل سمجهيون ويندڙ آهن. ٻوڙي هڪ قسم جي گهريلو جهرڪي آهي. اهي تمام وڏن ۽ بکايل ولرن جي صورت ۾ گڏ ٿيندڙ آهن ۽ وڏي وٽ ونان ڪندڙ نگهبان جي پٽن پاراتن تي ڳڻ ئي نہ ڏيندڙ آهن. مِٺو بہ ڪجهہ نقصان ڪندو آهي. انهن سڀني جو علاج نينگر ۽ کا نياڻي آهي. جهنگلي جانورن ۾ گدڙ سڀني کان وڌيڪ خراب آهي. هو پنهنجي گوشت خور اصل نسل باوجود مٺاڻ جو شوقين آهي ۽ ڪمند ۽ هنداٽن ڏانهن خاص لاڙو رکندو آهي. سڙهہ واڙين کي نقصان پهچائيندڙ آهي ۽ چيو وڃي ٿو تہ اها پٽاٽن لاءِ خاص طور هاڃيڪار آهي. جهنگلي سوئر ۽ هرڻ جتي عام هجن اتي اهي بہ گهٽو نقصان ڪندا آهن.

سنڌ جي زراعت کي نقصان ڏيندڙ ڪجهہ جيتن بابت سرراجر ٽامس جارايا هن گزيٽيئر ۾ شامل ڪرڻ لائق آهن.

ماکڙ: وفاقي حڪومت جي ماتحت هلندڙ لوڪسٽ انٽيليجنس سروس جو هيڊ ڪوارٽر ڪراچي ۾ آهي. اها انٽرنيشنل لوڪسٽ سروس جي توسط سان وچ اوپر ۾ ماکڙ جي چرپر تي اک رکندي آهي. اها بين الاقوامي تنظيم ماکڙجي ايندڙ ولرن بابت چتاء جاري ڪندي آهي. واهن وارن علائقن ۾ ماکڙ تي ڪنٽرول صوبائي سرڪار جي ذميواري هوندي آهي جڏهن تہ ٽر جي علائقن ۾ صوبائي ۽ مرڪزي حڪومتون گڏجي ڪنٽرول ڪنديون آهن. البت ٽر جي علائقن ۾ ڪم لاءِ مزدور ۽ سپروائيزر هٽ ڪرڻ اڪيلي سر صوبائي سرڪار جي ذميواري هوندي آهي. گذريل ڪجهہ ورهين دوران ٽرپارڪر

ضلعي جي هڪٻئي پٽيان ايندڙ ڪليڪٽرن جنهن پُر عزم نموني ٽر ۾ ماڪڙ جي مسئلي کي منهن ڏنو آهي انهي سبب ماڪڙ جا اهي ولر ختم ٿي ويا آهن جيڪي ٻئي صورت ۾ ٻچا ڏئي تمام وڏي وڃن ها. پر گذريل چند ورهين دوران ماڪڙ جي منهن ڪيڙ جو خطرو به ٻئي کنهن به ڳالهه کان تمام وڌيڪ رهيو آهي ۽ سرڪاري رٽائن ۾ اهڙن اتفاقن کي منهن ڏيڻ جي گنجائش به رکڻ گهرجي. ماڪڙ کي جيئن ته پُونگن واري دور ۾ ئي ماري سگهجي ٿو ۽ اهو دور جيئن ته تمام مختصر ٿيندو آهي تنهن ڪري جيڪڏهن رٽابندي کي ولرن جي اچڻ تائين موخر ڪيو ويو ته انهي جي موثر ٿيڻ جي اميد نه ڪري سگهي. هن وباکي ناس ڪرڻ لاءِ گهربل زهر جا سيئي جزا ۽ ٻيو سامان حملي واري علاقي ۾ تمام مختصر نوٽيس تي دستياب ڪري رکڻ گهرجي. ڪڏون کوٽڻ لاءِ مزدورن ۽ سپروائيزن جي دستيابي جو ذريعو به لاڳاپيل ضلعي جي ايڊمنسٽريٽو اسٽاف کي ڇڪو اڳواٽ ٻڌائي ڇڏڻ گهرجي. ماٺهن ۽ سامان جي بار برداري جو ذريعو به اڳواٽ سوچي ڇڏڻ گهرجي. ٽر ۾ ماڪڙ جي شديد حملي جي صورت ۾ ملٽري ۽ ايئر فورس جي مدد به ونڊي پئجي سگهي ٿي ۽ انهي لاءِ اڳواٽ ڳالهيون ٻولهيون ضروري هونديون آهن.

تڏا: مٿاهين سنڌ جي علاقن ۾ تڏا هر سال وڏو نقصان ڪندا آهن. انهن جي لائيف هسٽري عادتن ۽ ڪنٽرول جي طريقن بابت سينٽرل ڪاٽن ڪاميٽيءَ جي تعاون سان تفتيش ڪئي وئي آهي. انهن لاءِ به ماڪڙ جهڙوئي زهر ڪتب آڻي سگهجي ٿو.

سٽرس بلئڪ فلاءِ: ٻيراج جي ڏکڻ وارن علاقن ۾ ڪٽن ميون جي وڻن واري ڪاري مک (Aleurodesp) هر سال ڪٽن ميون ۽ خاص طور گريپ فروٽ کي وڏو نقصان پهچائي ٿي. ڊي ڊي ٽي ۽ فريان ايروسول جهڙين نين جيت مار دوائن جي ڪارڪردگي ڪنٽرول وارين حالتن هيٺ چڪاسڻ گهرجي.

رتي: ڪڪ جي رتي واريون بيماريون فصل جي پيداوار ۾ چڱي گهٽتائي آڻين ٿيون. سنڌ ۾ ڪڪ جي فصل جو وڏو حصو اهڙين جنسن جو پوکيو ويڃي ٿو جيڪي پنجاب ۾ انهي مرض جي نسبتاً چڱي مزاحمت ڪن ٿيون. پر سنڌ ۾ وڌيڪ گهم وارين حالتن ۽ سياري جي مختصر موسم جي سبب پنجاب وارين جنسن ته به رتيءَ جا وڏا حملا ٿيا آهن. اهو منهنجو تجربو آهي ته جلد پچڻ واريون جنسون وڏي مدي وارين جنسن جي پيٽ ۾ گهٽ متاثر ٿين ٿيون. جلد پچندڙ جي خلاف مزاحمت رکندڙ ۽ مقامي موسمي حالتن سان مطابقت رکندڙ جنسن جي ڳولها ۾ تيزي آڻڻ گهرجي.

مهلو: سنڌ جي هيٺاهين حصي ۾ ربيع جي مختلف دالين ۽ تيلي ٻجن جي گهٽ پيداوار جو وڏو سبب مهلي جا شديد حملا آهن. جنهن ڪري انهن فصلن جي پوک مان ڪو فائدو نه ٿو ٿئي. انهي جي نتيجي ۾ وري ربيع جا فصل ايترا گهٽا نه ٿا ڪا هجن. تنهنڪري ربيع جي اهڙين دالين ۽ تيلي ٻجن جي ڳولها ڪرڻ گهرجي جن ۾ فطري طور مهلي جي مزاحمت جي سگهه هجي. ساڳئي وقت اهڙا تجربا ڪرڻ گهرجن ۾ مهلي جي حملن کي مختلف قسمن جي آبپاشي سان مربوط ڪري نتيجا ڏنا وڃن.

ڦٽي جي تيرڪ (Terek) **واري بيماري**: تيرڪ انهن فعلياتي علامتن کي ڏنل نالو آهي جيڪي ڦٽي جي ٻوٽي ۾ انهي وقت ظاهر ٿيندڙيون آهن جڏهن گوگڙو صحيح نموني نه ڦٽندو آهي. ڦٽي کي اها بيماري لڳڻ کانپوءِ اها اهڙي خراب ٿي ويندي آهي جو چونڊجڻ جي قابل ئي رهندي آهي. پنجاب جي سينٽرل کاٽن کميٽي پاران ٿيل چڪاسن ۽ سنڌ ۾ انهن چڪاسن جي تصديق ٿيڻ کانپوءِ اهو ظاهر ٿيو ته تيرڪ ۾ ڦٽي جي پن جو ڳاڙهو داغ ڪيترن ئي نا سازگار ماحولياتي عاملن جهڙوڪ زمين جي سطح کان هيٺ وڌيڪ لوڻياڻي مواد جي موجودگي، زميني نائٽروجن جي ڪوٽ، وڌيڪ گرمي پد ۽ فصل جڏهن پچڻ جي ويجهو هجي ته تمام خشڪ هوائن جي گڏجڻ جو نتيجو هوندو آهي. هن فعلياتي بيماريءَ جو ڪو هڪ علاج نه آهي پر احتياطي اپائن ۾ ڪجهه هي آهن ته زمين کي نامياتي پاڻ وڌيڪ ڏجن. لوڻ کان خالي سلفيٽ آف امونيا ڏجي، فصل پچڻ دوران جلد جلد ٿورو ٿورو پاڻي ڏجي ۽ ڦٽيءَ جون اهڙيون جنسون پوکجن جن ۾ بيماريءَ خلاف فطري مزاحمت هجي. اها آخري ڳالهه ڏگهي مدي کان هلندڙ اسٽيپل کاٽن اسڪيم جي انچارج بريڊ (Breeder) جو ڏيان ڇڪرائي رهي آهي.

ڦٽيءَ جي ڏينهي جو جيت (Cotton Bollworm): اهڙو ڪو سڌو طريقو نه آهي جنهن جي ذريعي ڦٽي جي ڏينهي جي جيت کي ناس ڪري سگهجي پر ڦٽي جي ٻوٽي جي ٽڻن کي هر سال چگو آڪاڻو ٻني مان ٻاهر ڪڍي مرض جي واقع ٿيڻ جي امڪان کي گهٽائي سگهجي ٿو. انهي سان نئون فصل ڦٽڻ کان فوري اڳ واري عرصي ۾ جيت کي خوراڪ نه ملڻ سبب انهي جو لائيف سائيڪل جاري نه رهي سگهندو. گذريل ڪجهه ورهين کان سينٽرل کاٽن کميٽي جي مالي تعاون سان ٽرپارڪر ضلعي جي وسيع علائقي ۾ انهن اپائن جي ڪارڪردگي جاچڻ لاءِ هڪ اسڪيم هلي رهي آهي. انهي اسڪيم پنهنجي افاديت ظاهر ڪئي آهي ۽ هاڻي اها سرڪار جي ذميواري آهي ته اها سيني آبادگارن لاءِ لازمي قرار ڏئي ته مقرر ٿيل تاريخ کان اڳ ووٽائيون زمين مان ٻاهر ڪڍيون وڃن. ڦٽي جون جلد پچندڙ جنسون پوکي انهي جيت جي نقصانن کي ڇڪڻ ۽ حد تائين گهٽائي سگهجي ٿو.

(جيتن جي لسٽ لاءِ ڏسو ضميمو نمبر 03)

زمينن ۾ ڪم ايندڙ اوزار

زراعت ۾ ڪم ايندڙ اوزار تمام قديم قسم جا آهن. ڪڙمي لاءِ ڪاٽ جا اوزار ڏکڻ بغير ڪنهن واڌو رقم جي ناهيندو آهي. انهي لاءِ ڪاٽ ڪڙمي پاڻ ڏينندو آهي. ڏکڻ کي پنهنجي مزدوري فصل لهڻ وقت جنس جي صورت ۾ ڏني ويندي آهي.

[illegible] جي اوزارن مان هر جوڙ، ڏاتو ۽ رنبو ڪيس لوهار فصل جي پيداوار جي تمام ٿورڙي حصي جي بدلي ۾ ناهي ڏيندو آهي. هن کي فقط ڪرپي ۽ ڪهاڙي جا روڪ پئسا ڏيڻا پوندا آهن.

ڏڳن جي جوڙي يا ٽر ۾ عام طور هڪ ڀت سان ڇڪجندڙ هر ٽن اهم حصن تي ٻڌل هوندو آهي جيڪي ٻهر جي ڪائي مان ٺهيل هوندا آهن. مکيه حصو هَرُ ٿي کان چار فوٽ ڏگهو ۽ تقريباً 9 انچ ويڪرو

تختو هوندو آهي جيڪو هر هلڻ وقت ٽورو پٽتي آڻيل هوندو آهي. مٿئين حصي ۾ منيو وڌو ويندو آهي ۽ هيٺئين ۾ چوني. اهو تقريباً ٻه فوٽ ڊگهو ڏنڊو هوندو آهي. ڦر چوني جي 9 انچ ڊگهي ڇهنب هوندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن چوني ۾ ڦرجي جاءِ تي هڪ لوهي گهوبو وڌو ويندو آهي. هريه تقريباً ست فوٽ ڊگهي هوندي آهي ۽ هر ۾ چوني کان ڪجهه مٿي وڌي ويندي آهي. انهي جي ٻئي ڇيڙي تي پانجاري هوندي آهي. پانجاري عام طور نر يا گيدوڙي جي ڪاٺ مان ٺهندي آهي. هر زمين ۾ ڇهن کان نرن انچن تائين لهي ويندو آهي. اهو زمين ۾ اوڙڻ ٺاهيندو آهي.

ڪڙمي کي گهربل ڪاٺ جي ٻين اوزارن ۾ ليٽڙ (Roller) سانهر (Clod Crusher) ڪيڙ (Leveller)، وٽوهڙ (mallet) ڏانداري (rake) ٻيانو (Pitfork) ۽ ناڙي (Seed - drill) اچي وڃن ٿا.

ليٽڙ ڪاٺ جو هڪ تقريباً ڇهه فوٽ ڊگهو ڳرو رولر هوندو آهي اهو ڊگن جي ٻن جوڙن سان ڇڪيو ويندو آهي. سانهريا ڦار ڪاٺ جو لڳ ڀڳ چار يا پنج فوٽ ڊگهو مستطيل بند هوندو آهي. انهي لاءِ ڊگن جو فقط هڪ جوڙو گهربل هوندو آهي. ڪيڙ تي فوٽ ڊگهن ۽ هڪ فوٽ ويڪرن ٻن بندن تي مشتمل هوندي آهي جيڪي هڪٻئي سان ويڪري ڪنڊ تي لوهي پٽن ذريعي ٻڌل هوندا آهن. اها ڊگن جي هڪ جوڙي ذريعي ڇڪبي آهي. ۽ بندن لاءِ مٿي گڏ ڪرڻ توڙي ليول ڪرڻ لاءِ ڪم ايندي آهي. وٽوهڙ پٽر ڀيڙ لاءِ هڪ ننڍو هٿ ۾ جهلي ڪتب آڻڻ جو اوزار آهي. ڏانداريءَ جا ٽي قسم ڏسڻ ۾ ايندا آهن. وڏي ڏانداري جنهن کي ڏاندار چئبو آهي انهي کي ڇهه ڇهه انچ ڊگها ڇهه يا وڌيڪ ڏندا هوندا آهن ۽ انهي کي به ماڻهو گڏجي ڪم آڻيندا آهن.

انهن مان هڪ هٿيو جهليندو آهي جڏهن ته ٻيو رسيءَ ذريعي ڏندن کي ڇڪيندو آهي. اها انهن پارن جا ٻنا ٺاهڻ لاءِ ڪم ايندي آهي جيڪي ٻني جي مختلف ٽڪرن کي هڪٻئي کان جدا ڪندا آهن. ڏانداري ننڍو اوزار آهي جيڪا ياڻ ۽ سنگ گڏ ڪرڻ لاءِ ڪتب ايندي آهي. پاهوڙي فقط هٿيي سان هڪ تختو هوندي آهي جيڪا مال جا ڇيٽا گڏ ڪرڻ لاءِ ڪم ايندي آهي. ناڙي ڪاٺ يا بانس جي ٺهيل قيف هوندي آهي جيڪا هر جي ڪُڙهه سان ٻڌي ويندي آهي. انهي جي ٻيگهه به ڪُڙهه جيتري هوندي آهي. انهي جو ڪُپو هر ڪاهيندڙ جي هٿ جي ويجهو هوندو آهي ۽ نلڪي هيٺ اوڙ تائين پهچندي آهي. نلڪيءَ جو اندروني قطر تقريباً سوا انچ هوندو آهي. ناڙي ۾ ڪڏهن به هڪ کان وڌيڪ نلڪي نه هوندي آهي.

ڪڙمت جي لوهه جي اوزارن ۾ ڪوڏر، ڪهاڑو ڏاتو ۽ ربنواڇي وڃن ٿا. ڪوڏر پاڪستان ۾ هر هنڌ ڪتب آندي وڃي ٿي. انهي جو لوهي حصو تقريباً 13 انچ هم چورس هوندو آهي. انهي ۾ لڳ ڀڳ گوني ڪنڊ تي ڳن وڌو ويندو آهي

ڪهاڑا ٽن قسمن جا ڪتب ايندا آهن. وڏي ڳري ڪهاڑي جو ڦر تقريباً ڇهه انچ ڊگهو هوندو آهي ۽ ان ۾ ايائي فوٽ ڊگهو ڳن وڌو ويندو آهي. هلڪي ڪهاڑي وٽن جون ٽاريون ڪٽڻ ۽ ننڍا ٻوٽا وڍڻ لاءِ ڪم ايندي آهي. انهي جو ڦر 3 کان چار انچ ڊگهو هوندو آهي. هڪ ٻئي قسم جي ڪهاڑي مال لاءِ ڪُتر ڪرڻ

جي ڪم ايندي اهي. انهي کي ڳرو 9 انچ ڊگهو ڦر ۽ تقريباً 9 انچ ڊگهو ڳن هوندو آهي. انهي جي ڪٽ واري ڏار سدائين رُکي جي ٺهيل هوندي آهي.

ڏاڻي کي تقريباً هڪ فوٽ ڊگهو وريل لوهه جو ڦر هوندو آهي. انهي جي ڏار کي ڏندا هوندا آهن.

ربنو هڪ قسم جو چونارو آهي جيڪو گڏ ڪرڻ لاءِ ڪم ايندو آهي انهي جو ڦر تقريباً ست انچ ڊگهو ۽ مُنهن وٽ ٽي انچ ويڪرو هوندو آهي. انهي کي ننڍڙو وريل هٿيو هوندو آهي.

جيڪڏهن ڳوٺ ۾ ڪولوهار رهندو آهي ته هو هارين کي ڏاٽا ۽ رنبا بغير پئسن جي ٺاهي ڏيندو آهي موٽ ۾ ڪيس پيداوار مان ڪا مقرر پتي ملندي آهي.

وچولي سنڌ ۾ اهي ته هاريءَ جا عام روا جي اوزار آهن پر انهن کان سواءِ ڪيترائي ٻيا اوزار به آهن. چنجور جيتوڻيڪ گهٽ ڪم اچي ٿي پر انهي جي نالي کان هر کو واقف آهي. واهولو پاڻون ۽ لاهه ڪٽ جي ڪم ايندو آهي.

نار: پاڻي مٿي چاڙهڻ جي اوزارن ۾ واهن جي ڪنارن تي نار عام آهي. اهو ايراني نار جهڙو ٿيندو آهي. اهو هڪ مضبوط ۽ ڏندن وارو چڪرو هوندو آهي. انهي جا ڏندا هڪ ليٽيل چڪر (wheel) جي ڏندن ۾ ڦاٽل هوندا آهن. سمهيل چڪرن مان هڪ ڊگهو لڪڙو انهي کي هڪ اکيون ٻڌل ڊڳي يا اٽ سان ڳنڍيندو آهي جيڪو بي دلي سان انهي جي چوڌاري پيو ڦرندو ۽ انهي سموري بندوبست کي ڦيرائيندو آهي. چڪرن جا ڏندا به ڪاٺ جا ٺهيل هوندا آهن ۽ گهڙي لسا ڪيل به نه هوندا آهن. انهن مان تمام گهٽي گاٺ پيدا ٿيندي آهي. انهي ۾ حيواني طاقت (animal power) به ضرور تمام گهٽي ضايع ٿيندي هوندي تمام اونهي کوهه مان پاڻي مٿي چاڙهڻ لاءِ چمڙي جا ٿيلها ڪوس يا ٻوڪا ڪتب ايندا آهن. اهو ايراني نار کان انهي لحاظ کان مختلف آهي جو مٿي چاڙهيل پاڻي جواڙ واپس کوهه ۾ نه ٽوڙجي پئي.

گاڏي: ملڪ ۾ چالو گاڏي ايتري عام مشهور آهي جو انهي لاءِ ڪنهن بيان جي ضرورت نه آهي. جنرل جيڪب انهي بابت لکيو آهي: اهي بي زيب هونديون آهن ۽ گوڙ ڪنديون آهن. پهرئين نظر ۾ ته شايد کل جوڳيون لڳن. اهي ڪنهن به ڳوٺ ۾ چئن پنجن ربين جي خرچ سان ٺهي سگهن ٿيون. اهي ايترا بار کڻي سگهن ٿيون جيترا ڏيڪن جي هڪ جوڙي کڻي سگهي ٿي.

اهي ڪراچي ۽ حيدرآباد کانسواءِ ايجا هر هنڌ هلن پيون انهن جا ٽيٽا نهريون ٽالهيون هوندا آهن جن ۾ ٽائر نه هوندا آهن. انهن جي ٺهڻ ۾ لوهه ڪتب نه ايندو آهي. اهي ڪاٺ جي گهڙيل ٽڪرن جا ٺهيل هوندا آهن جن کي هڪٻئي ۾ سار ۽ چوڙون ڪيو ويهاريو ويندو آهي ۽ اهي جيڪڏهن ڪُلي به وڃن ته به انهن کي ڪنهن پٿر سان ٽوڪي سگهبو آهي. انهن کي سکر ۽ شڪارپور ۾ پنهنجي اصلي معصوميت سان ڏسي سگهجي ٿو ۽ انهن جو آواز ٻڌي سگهجي ٿو. انهن گاڏين جي ٽيٽن جا لڳاتار چيڪاٽ ۽ انهن چيڪاٽن جو گاڏي جي هلڻ ۽ اڳتي وڌڻ سان لازمي تعلق مان انهي سوچ کي هٿي ملي ٿي ته اهي چيڪاٽ به اها گاڏي ايجاد ڪندڙ جي رٿا جو حصو هوندا. انهن چيڪاٽن جي بند ٿيڻ سان ننڍ جا جهوٽا ڪائيندڙ ڊرائيور کي بنا دير خبر پئجي ويندي آهي ته سندس ڏِڪا بيهي رهيا آهن.

زراعت کاتي جي ترقي

ڊائريڪٽر انگريڪلچر سن 1953ع ۾ سنڌ انگريڪلچر ڪميشن آڏو پنهنجي بيان ۾ چاڻ ڏيندي سن 1907ع ۾ گزيٽيئر چيڄڻ کان پوءِ زراعت کاتي ۾ ٿيل تمام وڏي ترقي کان آگاهه ڪيو. زراعت کاتي وٽ هاڻي هيڊڪوارٽر اسٽاف، پروپيگنڊا اسٽاف، ريسرچ اسٽاف، ايڊيوڪيشن سيڪشن ۽ انگريڪلچرل انجنيئرنگ سيڪشن آهي. ڊائريڪٽر انگريڪلچر کان جڏهن پڇيو ويو ته هو ڪٻڪ، ڪمند، تيلي ٻج، دالين، مال جي گاهه ۽ سائي پاڻ وارن فصلن جي بهتري بابت پنهنجي کاتي جي خاص ڪردار تي روشني وجهندي هيٺيون ڳالهيون بيان ڪيون.

(1) **ڪٻڪ**: سن 1935ع ۾ ايف- ون جنس تيار ڪئي وئي ۽ سن 45- 1944ع ۾ ايم. فور تيار ٿي. هاڻي زميندارن زمينن ۾ ايم- هنڊريڊ جي چڪاس ٿي رهي آهي. ننڍي ريشي واري جنس ۾ 27- اين- ڊبليو تي ڪم ٿي رهيو آهي.

(2) **ڪڻڪ**: غير بيراجي علاقن لاءِ اي. ٽي 38 فراهم ڪئي پئي وڃي جڏهن ته پنجاب جي جنسن سي. 591 ۽ سي. 518 کي سنڌ جي موسم مطابق ڪيو پيو وڃي جيئن اهي سنڌ جي "ڏنڊي" نسل جي جاءِ والاري سگهن. هاڻي ايڇ. 68 تي زميندارن زمينن تي تجرباتي رهيا آهن.

(3) **ڪمند**: سنڌ جي ڪمند جي جنس سي.او. 312 جي جاءِ تي سي. او 42 ۽ سي. او 213 اچي رهيون آهن. انهن جنسن کي وڌائڻ جي ڪا سهولت موجود نه آهي.

(4) **تيلي ٻج ۽ داليون**: تيلي ٻجن ۽ دالين تي ڪوبه ڪم نه پيو ٿئي چاڪاڻ ته انهن فصلن لاءِ ڪو اسٽاف مقرر ٿيل نه آهي.

(5) **مال جي گاهه ۽ سائي پاڻ جا فصل**: انهيءَ ڪم لاءِ ڪو اسٽاف مقرر ٿيل نه آهي. عام هلي چلي مطابق خريف ۾ گوار ۽ سٽي ۽ ربيع ۾ برسيم کي سائي پاڻ جي فصلن طور ڪم آڻڻ جي طريقن تي ڪم ڪيو ويو آهي.

جيستائين ڦٽي ۽ غذائي فصلن جي بهتر ٻڀايل جنسن جي وڏيڪ پيداوار جو تعلق آهي ته اها ڳالهه مڃيل آهي ته اهي جنسون اڳ ۾ موجود جنسن کان 15 کان 20 سيڪڙو وڌيڪ پيداوار ڏين ٿيون. نئين جنس جي پرک جي فقط پيداوار ئي هڪ ڪسوٽي نه آهي. بيمارين جي خلاف مزاحمت، جلدي پڪڻ ۽ مارڪيٽ ۾ قيمت کي به اهم عنصرن طور نظر ۾ رکيو وڃڻ گهرجي. نيون جنسون مٿين خصوصيتن جي لحاظ کان بهتر آهن.

سن 1955ع ۾ سنڌ حڪومت پاران ڇپيل سرڪاري ڪتابڙي ۾ سڪرنڊ ريسرچ انسٽيٽيوٽ بابت ڇپيل آهي ته اتي ريسرچ جو ڪم ڪيميڪل سيڪشن، انگريڪلچرل سيڪشن، مائيڪولاجيل (Mycological) سيڪشن، بائنيڪل سيڪشن، اينٽا مالا جيڪل سيڪشن ۽ هارٽيڪلچرل سيڪشن ۾ ورهايل آهي. مختلف سيڪشن جدا جدا سيڪشن هيڊ جي ماتحتي ۾ هوندا آهن. ان جي معاونت لاءِ زراعت ۾ گريجوئيٽ ريسرچ اسسٽنٽ هوندا آهن. ريسرچ جا مڪيه ادارا هي آهن.

(1) **ميرپور خاص ۾ گورنمينٽ فروٽ فارم**: اتي ميون جا باغ رکڻ ۽ انهن جي سنڀال جا بهترين طريقا ڳولهڻ لاءِ تجرباتي ڪم هلي رهيو آهي. انهي سان گڏو گڏ سنڌ جي حالتن مطابق باغن لاءِ متبادل موسمون ڳولهڻ، ميون ۽ پاڇين جي فصلن لاءِ آبپاشي ضرورتن جو اڀياس ڪرڻ، انهن جي پوکي سان لاڳاپيل مسئلا حل ڪرڻ ۽ ميون جي وڻن جي پاڙ ۽ سار سنڀال بابت ڪم ٿي رهيو آهي.

(2) **رائيس ريسرچ اسٽيشن ڊوکري**: اتي تحقيق جي مکيه اسمن ۾ عام پلائي جو ڪم ۽ زرعي ڪم ڪار اچي وڃن ٿا.

(3) **ڪاٽن ريسرچ اسٽيشن ميرپورخاص**: سنڌ ۾ ڦٽي قبل تاريخي دور کان پوکي پئي وڃي جنهن جو سلسلو موئن جي دڙي جي تهذيب سان وڃي ملي ٿو.

سنڌ جي مقامي ڦٽي ديسي جي نالي سان سڃاتي وڃي ٿي جيڪا Harlerum Var neglectum جي نوع سان تعلق رکي ٿي پر هاڻي انهي جي جاءِ تي ڇڳي حد تائين آمريڪي جنس .C Hirsutum اچي وئي آهي. ڦٽي جون ديسي توڙي آمريڪي جنسون هٿراڏو آبپاشي نظام تي پوکيون وڃن ٿيون.

کاتي طرفان جيڪي بهتر ٻڌايل جنسون آبادگارن ۾ تقسيم ڪيون ويون آهن انهن ۾ ديسي ۾ 27 ڊبليو. اين ۽ آمريڪي ۾ ايم. فور اچي وڃن ٿيون. آمريڪي ڦٽي ۾ جيتري به ايراضي پوک هيٺ آهي لڳ ڀڳ انهي سموري تي ايم فور جنس ئي آهي. علائقي ۾ مجموعي طور ڦٽي جي بهتر نموني واڌ ويجهه لاءِ پاڪستان سينٽرل ڪاٽن ڪميٽيءَ طرفان هينيون پنج رڪاوٽون جوڙي انهن جي منظوري ڏني وئي آهي.

(1) سنڌ ۾ ڊگهي تاندوري واري آمريڪي ڦٽي جي پيداوار.

(2) هيناهين سنڌ جي ٻيراجي ايراضي ۾ مصري ڦٽي جي افزائش.

(3) سنڌو درياء جي ساڄي ڪپ تي آمريڪي ڦٽي جي مضبوطي.

(4) ڪپهه جي مختلف قسمن جي موجوده دور ۾ ڦٽندڙ ٻوٽن جو نباتات گهر قائم ڪرڻ.

(5) پاڙ جي ذريعي في يونٽ ڪپهه جي وڌيڪ پيداوار.

ميرپورخاص جي ڪاٽن ريسرچ اسٽيشن ۾ پيوندڪاري جي ذريعي آمريڪي ڦٽي جي هڪ وڌيڪ پيداوار ڏيندڙ ۽ اعليٰ قسم جي جنس تيار ڪئي وئي آهي جنهن جو نمبر ايم. هنڌريڊ آهي. انهيءَ زميندار زمينن تي به سٺا نتيجا ڏنا آهن. ٽرپارڪر ضلعي جي هڪ روشن دماغ زميندار مير احمد خان جنهن ايم. هنڌريڊ ۽ ايم فور (تجارتي نالو اين. ٽي. سنڌ) گڏو گڏ پوکيون تنهن رپورٽ ڏني ته ايم. هنڌريڊ في ايڪڙ تي 17 مڻ جڏهن ته ايم فور 13 مڻ ڦٽي ڏني. انهي جنس جو تاندورو به 11/16 جو ۽ اسپننگ ويليو 60/ 40 اٽس. انهي جي پيٽ ۾ ايم فور جو تاندورو 16/ 15 ۽ اسپننگ ويليو 34 اٽس. هي جنس هاڻي مختلف علائقن ۾ آزمائشي طور پوکجي رهي آهي.

سرراجر ٽامس جي ٻوٽا پوکڻ ۾ ٻوٽن جي پيوند ڪاري بابت ڏنل راين مان زراعت ڪاتي جي موجوده دور جي ڪمن ڪارين تي روشني پوي ٿي.

"هن وقت پنهنجي مٿي ڏنل جي پيوندڪاري جو ڪم سڪرنڊ ۾ ڏوڪري وارين ريسرچ اسٽيشنن ۾ ميرپور خاص واري لانگ اسٽيپل ڪاٽن بريڊنگ اسٽيشن ۾ ٿي رهيو آهي. سنڌ جي موجوده حالتن کي مدنظر رکندي چئي سگهجي ٿو ته جيئن ته آمريڪي ڏنل جي تاندوري جي ڊيگهه هڪ انچ کان گهٽ آهي تنهنڪري ويجهي مستقبل ۾ انهن جي جاءِ تي اهڙيون جنسون اچي ويندیون جن جي تاندوري جي ڊيگهه هڪ انچ کان وڌيڪ هوندي ۽ انهن ۾ ٻيون گهربل خصوصيتون پڻ هوندیون. تنهنڪري ڏنل جي جنسن ۾ بهتري ۾ مصروف پيوند ڪارن ۾ وڌيڪ اشتراڪ عمل جي ضرورت آهي. ڏنل جي آمريڪي قسمن جي پيوند ڪاري جو مڪيه ڪم ميرپور خاص ۾ جاري رهڻ گهرجي. جڏهن ته سڪرنڊ ۽ ڏوڪري ۾ ڪم ميرپور خاص ۾ تيار ٿيل بهتر جنسن جي بنيءَ ۾ چڪاس تائين محدود هڻڻ گهرجي. انهي سان سڪرنڊ ۽ ڏوڪري ۾ پيوندڪاري جو ڪم ڪندڙ ڏنل ڪانسواءِ ٻين فصلن جي پيوند ڪاري جي لاءِ پنهنجو وقت صرف ڪرڻ جي قابل ٿي ويندا.

مقصد اهو هڻڻ گهرجي ته جلدي پچندڙ ۽ رتي جي خلاف مزاحمت رکندڙ جنسون تيار ڪيون وڃن. سڪرنڊ ۾ تيار ٿيل تمام بهتر جنسون سيني ضلعي ۽ تعلقي فارمن تي آزمائشي طور پوکيون وڃن جڏهن ته هاڻي فقط 8 ـ اي سي 591، سي 518، پي ـ 125 ۽ پي 228 جهڙيون تجارتي جنسون پوکيون وڃن ٿيون. تجربا هلندي سيني جنسن جي آزمائشن ۾ هر فارم تي پوکائي جون آڳاٽيون، وچوليون ۽ تمام پاڇاتيون تاريخون مدنظر رکيون وڃن. پلاٽن جي ايراضي شمارياتي تجزيي ۽ ڪم ڪار جي سهوليت مطابق گهٽ کان گهٽ رکي وڃي. خاص ڏيان هر جنس جي پوکائي جو بهترين وقت ڳولهڻ تي ڏنو وڃي. انهي ۾ اها ڳالهه مد نظر هجي ته جيئن ربيع ۾ پوکي جو مقدار وڌي سگهي. جيستائين موجوده جنسن جو تعلق آهي ته اهو اهم مسئلو حل ڪرڻ لاءِ ٽن ورهين جو عرصو ڪافي هڻڻ گهرجي. ضلعي فارمن تي آزمائشن ۾ پنجاب ۾ ۽ نئين دهلي ۾ امپيريئل بوٽانسٽ پاران تيار ڪيل واڌو نيون جنسون شامل ڪيون وڃن. هي ڪم زرعي ڪاليج ۾ ڪلاس ون بوٽانسٽ جي حوالي ڪيو وڃي. انهي سان گڏ هر ضلعي فارم تي دائمي پاڻي مهيا ڪندي ڪلاس ٽو پلانٽ بريڊر ڪم ڪري.

"مٿاهين سنڌ جي حالتن سان مطابقت رکندڙ سارين جي بهتر جنسن جي پيوندڪاري ۾ سڀي اڳيرائي ٿي آهي. هيناهين سنڌ ۽ ٿرپارڪر ضلعي ۾ رائيس ڪينالن تي انهيءَ ڪم کي نظرانداز ڪيو ويو آهي. ڪراچي ضلعي ۾ تازو ڪليل شورکي رائيس فارم ۾ سارين جي نين جنسن تيار ڪرڻ جي ڪم لاءِ جلد سهوليتون مهيا ڪري ڏنيون وڃن. سارين جي وڌيڪ پاڻي گهرندڙ ۽ لوڻ خلاف مزاحمت رکندڙ جنسن لاءِ جدا جدا انتظام ضروري هوندو سارين جا اهي ٻئي قسم هن علاقي جون مخصوص خاصيتون اهن. اهو ڪم ڏوڪري ۾ مقرر ڪلاس ون بوٽانسٽ جي حوالي ڪرڻ گهرجي. ان جي معاونت لاءِ هر ڊسٽرڪٽ رائيس فارم تي هڪ ڪلاس ٽو پلانٽ بريڊر هڻڻ گهرجي.

ميرپورخاص فروٽ فارم کي تازو ئي 60 ايڪڙن کان 124 ايڪڙن تي وڌايو ويو آهي. اهو نرسري ٻوٽن جو مکيہ مرڪز آهي. انهي کي مارڪيٽ ۾ تازا ميوا پهچائڻ خاطر پنهنجن وٽن جو تعداد وڌائڻ نہ گهرجي. پر ڪجهہ قلم ۽ ٻوٽا حاصل ڪرڻ لاءِ ڪجهہ جنسن جي وڌيڪ وٽن جي ضرورت پئجي سگهي ٿي. بج ٻوٽا ۽ قلم ورهائڻ وقت سرڪاري فارمن ۽ پي. ڊبليو. ڊي جي بنگلن کي ترجيح ڏيڻ گهرجي. پر ميوبدار وڻ ورهائڻ وقت مختلف جنسن جو انگ گهٽائي انهن چوند جنسن تي ڪم ۾ شدت آڻڻ گهرجي جن پنهنجي برتري ثابت ڪئي هجي.

چوپايو مال: سنڌ جو علائقو اڃا تائين ڳوٺاڻي قسم جو آهي. جيتوڻيڪ هاڻي انهي پيماني تي نہ آهي جيترو ڪنهن وقت هو. سن 1945ع ۾ چوپائي مال جي ڳڻپ ڪئي وئي هئي ۽ انهي جا نتيجا هيٺئين جدول ۾ ڏيکاريا ويا آهن.

مينهون ڍڳيون	26,61,143
گهوڙا	1,05,789
ڪکڙيون	803740
ريڍون	638101
ٻکريون	1414167
اٺ	105469
گڏهہ	125698

سن 1957ع ۾ ڏنل سرڪاري انگن اکرن مطابق انساني آدمشماري جي هرهڪ هزار تي 60 مينهون ڍڳيون سوئا، 56 وهڪيل ۽ 14 اٺ وبامبل آهن. اهي انگ اکر سن 1907 واري گزيٽيئر سان بلڪل مطابقت نہ ٿا ڏيکارين جنهن مان اهو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو تہ يا تہ 1907ع وارن انگن اکرن ۾ تمام گهٽو وڌاءِ هو يا تہ گذريل پنجاهہ ورهين دوران کير جي صنعت جي صورتحال ۾ تمام وڏي تبديلي آئي آهي. يا تہ وري کير جي واهپي بابت ماڻهن جي عادتن ۾ تمام گهڻي تبديلي آئي آهي.

هاڻي اهو چئي نہ سگهبو تہ انهن مان ڪهڙو بيان صحيح آهي. سن 1957ع ۾ هر ڪاهيندڙ جانورن لاءِ سرڪاري طور ڏنل انگ 587,044 هو جيڪو 1907ع واري گزيٽيئر ۾ ڏنل 538,933 جي انگ سان ٺهڪي اچي ٿو. هاڻي اها خبر نہ آهي تہ هر ڪاهيندڙ جانورن جي جاءِ تي هر جا مڪينيڪل طريقا ڪيتري تناسب سان اچي رهيا آهن. انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ سنڌ ۾ ٽريڪٽرن جو تعداد وڌي رهيو آهي ۽ انهي سان گهٽ ۾ گهٽ جيستائين وڻن زميندارن جو تعلق آهي تہ اهي جيڪي هر ڪاهيندڙ ڏور رکيون ويٺا آهن انهن جو تعداد گهٽائڻ ۾ مدد ملندي.

اٺ: سنڌ ۾ باربرداري ۽ اڇ وڇ جو سڀ کان فطري ذريعو هاٿي ٻه ۽ اصل کان اٺ رهيو آهي ۽ انهي ڳالهه جو ثبوت موجود آهي ته هارهن صديون اڳ ٻه اٺ پالڻ ۽ انهن جو نسل وڌائڻ آبادي جي هڪ وڏي حصي جو ڏندو هوندو هو. جڏهن ته خاص طور حيدرآباد، ٺٽي، ٿرپارڪر ۽ لاڙڪاڻي ضلعن ۾ اڄ ٻه ماڻهن جو اهوئي ڏندو آهي. انهي ۾ چونڊ تي ٻه ڪجهه ڏيان ڏنو ويندو آهي ۽ ڪجهه اهم نسل هيين کان جدا سڃاڻپ رکن ٿا. سواري جي انهن (مهري) طور ڏاڍي يا ٿري انهن کان پلو ڪنهن ٻه اٺ کي نه ٿو سمجهيو وڃي. اهي بيڪانير جي انهن جهڙا ٿيندا آهن جيڪي هندوستان ۾ سڀ کان سٺا هوندا آهن. اهي قد جا وڏا ۽ رنگ جا هلڪا ٿيندا آهن. انهن جي کل نرم ٿيندي آهي ۽ هلڻ وقت پنهنجو مٿو مٽي ڪري وڏي شان سان هلندا آهن. انهن جي وک وڏي هوندي آهي ۽ هلندي هيٺ مٽي حرڪت ٻه گهٽ ڪندا آهن. پر اهي جنهن وارياسي علاقي جا رهواسي هوندا آهن انهي کان ٻاهر جالي نه سگهندا آهن. مڪران جي سواري جي اٺ کي ڪجهه ماڻهو ڏاڍي اٺ کان ٻه سٺو سمجهندا آهن. اهو ننڍو وڏي اُن سان ۽ ڳوڙهي رنگ جو هوندو آهي. هلڻ وقت مُنڊي هيٺ ڪندو آهي پر تيز رفتاري سان هلندو آهي البت انهي جي وک ڏاڍي اٺ جي برابر نه هوندي آهي. اهو سخت جان ۽ جفا ڪش هوندو آهي ۽ جابلو علاقن ۾ ٻئي ڪنهن ٻه اٺ کان سٺو هلندو آهي پر انهي جي طبيعت ڏاڍي خوفناڪ هوندي آهي. لاڏو انهن ۾ سڀ کان مضبوط حيدرآباد ضلعي ۽ ٿرپارڪر ضلعي جي اتر جا هوندا آهن. جڏهن ته سانگهڙ تعلقي جي اُنن جي وڏي هاڪ آهي. انهن بابت عام مفروضو اهو آهي ته اهي فطري طور پاڻيءَ کان پري پڇندا آهن ۽ گهميل آبهوا وارن علاقن ۾ وڏي ويجهي نه سگهندا آهن پر درياءَ جي ڀيلٽائي علاقن ۾ اهڙا سوين اُٺ موجود آهن جن جو گذران ئي تمر جي پنن تي ٿيندو آهي اهي گپ ۾ پيا هلندا آهن ۽ کارين ۾ پيا ترندا آهن. انهن ساموندي ڪناري وارن انهن کي هڪ ڌار نسل سمجهيو ويندو آهي. انهن جي قيمت انهن جي خاصيتن ۽ عمر جي لحاظ کان گهٽ وڌ هوندي آهي. هيين سيني شين وانگر انهن جون قيمتون به هن صدي جي پهرئين ڏهاڪي کان گهٽيون وڌي ويون آهن. اڃڪلهه قيمتون سراسري طور 250 کان هڪ هزار روپين جي وچ ۾ آهن. ٽلهي ليکي چار سو روپيا سراسري قيمت سمجهي سگهجي ٿي. لاڏو انهن جي سراسري قيمت سن 1907ع واري گزيٽيئر ۾ ڏنل قيمت کان تقريباً ٽيٽهي يا چوٽهي ٽي وئي آهي.

اٺ پنهنجي عمر جي ٽئين سال کان ڪم ۾ هنيا ويندا آهن ۽ هارنهن سالن تائين پنهنجي ٻوهه جواني ۾ هوندا آهن پر اهي انهي کانپوءِ به ڪيترن ورهين تائين ڪم ڪندا آهن ۽ چاليهن ورهين جي ڄمار تائين زنده رهي سگهن ٿا. ڏاڇي پهريون دفعو ڇٽن ورهين جي ڄمار ۾ ويا مندي آهي پيٽ جو مدو تقريباً هڪ سال هوندو انهن ۽ اها لڳ ڀڳ هر ٻئين سال ٻئي ويا مندي آهي تان جو نويا ڏهه دفعا ويامي وٽي. انهن جي لڳ جي مند ڊسمبر کان مارچ تائين هوندي آهي تڏهن نرمست ٿي ويندو آهي ۽ ڪنهن به طرح وٽ ئي نه ڏيندو آهي. ڏاڇي پنهنجي گوري کي هڪ سال تائين کير ڏارائيندي آهي ۽ چيو وڃي ٿو ته سڀي ڏاڇي ڏينهن ۾ 12 سير کير ڏيندي آهي. جت کير عام جام ڪتب آڻيندا آهن پر جيڪڏهن کوغير جت نئين مان ڪم آڻيندو ته انهي لاءِ اهو قبض ڪشا جو ڪم ڪندو. اهو تِريءَ جي بيمارين لاءِ سڀي دوا سمجهيو ويندو آهي.

اٽ جي سهپ ۽ برداشت ۾ کاڏي پاڻي کانسواءِ رهي سگهڻ وغيره بابت ڪيتريون ئي متضاد ڳالهيون لکيون ويون آهن. انهن ڳالهين ۾ هڪ پاسي ته تمام گهڻو وڌاءَ آهي ته ٻئي پاسي وري ناواجبي ڪندي ڪي ڳالهيون گهٽ ڪري لکيون ويون آهن. هڪ عام درست بيان موجب چئي سگهجي ٿو ته ڪو لاڏو اٽ پنهنجي قد مطابق 300 کان 400 پائونڊ وزن کڻي روزانو 20 ميل سفر ڪري سگهي ٿو. ڪو سنو مهري اٽ 6 ميل في ڪلاڪ جي رفتار سان هلي سگهي ٿو. ڪجهه گهٽ رفتار سان هڪ ڏينهن ۾ چاليهه يا پنجاهه ميل به هلڻ سگهي ٿو. انن هنگامي حالتن ۾ هڪ ڏينهن ۾ هڪ سو ميل به ڪيا آهن. پر انن کان خاص ڪوششون ڪرائيبيون ته انهي لاءِ مناسب گاهه سان گڏو گڏ ڳڙ ۽ اٽي جي خاص غذا جي به ضرورت پوندي. جيڪڏهن ڪو اٽ هيراڪ ٿي ويو ته ڪيترا ڏينهن پاڻي کانسواءِ به هلي ويندو. پر جيڪڏهن اٽ کان واقعي گهڻو ڪم ورتو ويو ته اهو ساڻو ٿي ڪري پوندو ۽ پوءِ شايد مري ويجي. باربرداري جي جانور طور ان جو سڀ کان وڏو فائدو اهو آهي ته چند وٽن هوٽڻ کانسواءِ تقريباً سڀني وڻ ٻوٽن جا پن کائيندو آهي ۽ واٽ ويندي به چرندو ويندو آهي.

گهوڙا: جيتوڻيڪ انهيءَ ڳالهه ۾ ڪوشڪ نه آهي ته سنڌ ۾ اڄ وچ جي ذريعي طور اٽ اڃا به غالب حيثيت ۾ آهي پر اها ڳالهه گهوڙن بابت نه ٿي چئي سگهجي جن جو انگ موٽر گاڏين جي وڌڻ ۽ ميٽلڊ روڊن ۾ بهتري اچڻ سان گهٽبو پيو وڃي. مقامي سنڌي گهوڙو ڏيگهه ۾ ورلي ئي 14 هٿن کان وڌندو آهي. انهي جا هڏا هلڪا هوندا آهن. چيلهه ۽ پويان گوڏا ڪمزور ۽ سڌيون پاسراتيون هونديون اٿس. رنگ به مجموعي طور چڱو نه هوندو اٿس. اهي نقص ٻيڑهي پنيان ٻيڙهي هڪ ئي نسل ۾ ميلاپ ڪرائڻ ۽ ڪچي عمر ۾ ئي سواري توڙي بار ڏوئڻ لاءِ ڪم آڻڻ جو نتيجو آهن. انهن خامين جي باوجود به اهو سخت جان نسل آهي ۽ تمام ٿوري کاڌ خوراڪ تي وڌا فاصلا طي ڪري سگهي ٿو. جيتوڻيڪ ڪيترن ورهين کان اهڙيون ڪوششون ٿيندڙيون رهيون آهن ته ڪجهه وڏيڪ سمجهه رکندڙ زميندارن کي سول وٽرنري ڊپارٽمينٽ پاران رکيل وهڙن ذريعي چونڊ نسلن سان ميڙائڻ ذريعي اعليٰ درجي جا وهٽ حاصل ڪرڻ تي آماده ڪجي پر انهي سلسلي ۾ تمام گهٽ ڪاميابي ملي آهي. زميندارن جي سوچ اها آهي ته سنڌي گهوڙي ۾ بهتري نه ٿي آڻي سگهجي يا گهٽ ۾ گهٽ اهو چئي سگهجي ٿو ته اهو چڱو سنو آهي. انهن ۾ هڪ اها به سوچ آهي ته عربي يا انگريز اعليٰ نسل جي گهوڙي کي وک جي جنهن انداز کي رلو چئبو آهي اهو نه ٿو سيکاري سگهجي. انهي ۾ سوار اهڙي طرح ويٺو هوندو آهي جو سندس پيٽ ۾ پاڻي کي لوڏو ئي نه ايندو آهي. سنڌ ۾ فقط جيڪب آباد ۾ فيبروري جي مهيني ۾ هڪ هارس شو ٿيندو آهي. سال 53/ 1952ع جي سرڪاري رپورٽ ۾ جيڪب آباد هارس شو ۾ موجود گهوڙن جو تعداد ڏنل آهي. انهي انگ ۾ نشان ڏنل گهوڙبون شامل نه آهن: 160 وهٽ پالي تاتي نسل وڏائيندڙن جا ۽ 40 واپارين جا. حقيقت اها آهي ته اڇڪلهه جو جيڪب آباد هارس شو جيتوڻيڪ هڪ رنگا رنگ منظر پيش ڪندو آهي پر هاڻي انهي ۾ انهي دور جي شان و شوڪت جا ڪي چند آثار ئي باقي رهيا آهن جڏهن گهوڙي جي برتري بابت ڪو شڪ شبهو ئي نه هوندو هو.

چوپايو مال: سنڌ جو چوپايو مال پاڪستان جي بهترين چوپائي مال مان هڪ آهي. بهترين سوئا ڍڳيون ڪراچي جي ٽيهن کان چاليهن ميلن جي نيم قطر خاص طور جابلو علائقن ۾ جتي گاهه ۽ پاڻي موجود هجي اتي ڏٺيون وڃن ٿيون. سوئا ڍڳيون جيتريون ٿي سگهن اوتريون ڪراچي جي ويجهو رکيون ويندیون آهن ۽ کير ڏينهن ۾ ٻه دفعا اٽن ذريعي ڪراچي اماٽيو ويندو آهي. ڍڳين جا مالڪ breeding وارن ڍڳن جي چونڊ ڏاڍي ڌيان سان ڪندا آهن ۽ شجرن جو رڪارڊ رکندا آهن. عام رواجي کير ڏينڊڙ ڍڳين جي وهڙن کي خصي ڪري هر ۾ ڪم اچڻ لاءِ وڪرو ڪيو ويندو آهي. سنڌ جي ڍڳين جو نسل ڪنهن خاص قسم يا رنگ مطابق نه وڌايو ويندو آهي پر اهي ڪاڻ کا خاص سيڃاڻپ رکندیون آهن. ڍڳين ۾ ڳوڙهو ڳاڙهو ناسي رنگ عام آهي جن ۾ بعضي بعضي اکين جي آسپاس وڌيڪ ڳوڙهي رنگ جا نشان هوندا آهن. انهن جو قد وڇولو جسم ڊگهو ۽ ٽنگون ننڍيون ٽيندیون آهن. انهن جو پُڇ ڊگهو ٽيندو آهي ۽ تمام سٹيون ڍڳيون پٽين ٽنگن ۽ چيلهه وٽان ڪجهه هيٺ ڍرڪيل نظر ايندیون آهن. انهن جو مٿو ڳرو، ڳچي ننڍي ۽ ڏُهري ۽ غبعب ڇڳو وڌيل هوندو اٽن. ڍڳيون توڙي ڍڳا طبيعت ۾ ڏاڍا ٺڏا هوندا آهن ۽ ويندي اوپرن ماڻهن سان به سولائي سان مانوس ٿي ويندا آهن.

سنڌ جي ڊائريڪٽر آف ائگريڪلچر جي ڪنٽرول هيٺ 1938ع ۾ قائم ٿيل لائيو اسٽاڪ سيڪشن وٽرنري ڊپارٽمينٽ ۾ ضم ڪيو ويو ۽ پهرئين نومبر 1950ع کان ڊائريڪٽر آف اينيمل هسبنڊري جي ڪنٽرول هيٺ رکيو ويو. انهيءَ سيڪشن جي سرگرمين ۾ علائقي جي ڍڳين ۽ مينهن جي ٽن قسمن: ڳاڙهي سنڌي، ٿري ۽ پاڪٻاڻي ۽ ڪنبي مينهن، جي بهتري لاءِ تحقيقي ڪم ڪرائڻ ۽ زميندارن ۽ مالدارن کي جانورن جي گاهه وارا فصل پوکڻ، ڪڪڙين پالڻ ۽ کير مکڻ وڪرو ڪندڙن کي انهي صنعت جي بهتريءَ لاءِ صلاحون ڏيڻ شامل آهي. سن 53/ 1952ع جي اينميل هسبنڊري رپورٽ ۾ ڄاڻايل آهي تہ: ڳاڙهي سنڌي نسل جي سپ کان وٽندڙ قسم جو قد وڇولو رنگ تيز ۽ اوهه وبکرو هڻڻ گهرجي. اها جلدي جوان ٿي وڃي، کير سٹو ڏئي ڦرجهلڻ جي سٹي صلاحيت هجيس ۽ پڙ بيمارين جو مقابلي ڪرڻ ۾ سخت جان هجي. ڏڻ ۾ انهن خصوصيتين کي مضبوط ڪرڻ لاءِ بٽائتن ڍڳن جي چونڊ ڏاڍي ڌيان سان ڪئي ويندي آهي. افزائش نسل جو ڪم رپورٽ لکڻ واري سال تائين ڊائريڪٽر اينيمل هسبنڊري (بريڊنگ ائنڊبريسرچ) جي ذاتي نگهباني هيٺ هلندڙ هو. جڏهن ته حقيقت اها هئي ته فارمن جي تڏهو ڪين حالتن مطابق بهتر نتيجن جي ڪا به اميد نه هئي. البت کير جي پيداوار جي لحاظ کان حاصل ٿيل نتيجا اطمينان بخش هئا. 35 ڍڳين مان کير جو حاصل ڪيل ڪل مقدار 176,163 پائونڊ هو.

جڏهن ته انهي کان گذريل سال 37 ڍڳين مان 148622 پائونڊ کير مليو هو. کير جي روزاني سراسري 13.4 پائونڊ ۽ گذريل سال 12 پائونڊ هئي. اهو مقدار ڦرن کي ڏارائڻ ڪانپوءِ جو نوٽ ڪيل هو. رپورٽ واري سال 41 ڍڳين پنهنجو کير ڏيڻ جو مڪمل عرصو پورو ڪيو ۽ بن ڍڳين مان کير ڏيڻ واري مڪمل عرصي 300 ڏينهن ۾ وڌ ۾ گهٽ 1742 پائونڊ کير مليو. نون وهڙين ادائين کان سواٽن ورهين جي چمار جي وچ ۾ ڦر ڏنا جڏهن ته انهن وهڙين ڦرن کي ڏارائڻ ڪانپوءِ هر روز 24 پائونڊ کير ڏنو.

ٽري نسل: ٽري ڍڳين جو ڏاڙ سڪرندڙ واري ائگريڪلچرل ريسرچ اسٽيشن تي پالنا هيٺ آهي. ٽري نسل ۾ مقصدن وارو جانور آهي. انهن جا نر باربرداري جو ڪم ڏيندا آهن. جڏهن ته مادين کير جي سني پيداوار ڏيندين آهن. لائيو اسٽاڪ ڪاتو وٽرنري ۾ ضم ٿيڻ کانپوءِ ائگريڪلچرل ريسرچ اسٽيشن سڪرندڙ جي انهي بريڊنگ اسٽيشن جي رپورٽ وصول نه ٿي سگهي ۽ اينيمل هسبنڊري ڊپارٽمينٽ جي رپورٽ ۾ شامل نه ٿي سگهي تنهنڪري تفصيل نه ٿا ڏئي سگهجن. البت اها ڳالهه بيان ٿي سگهي ٿي ته ڏاڙ جيتوڻيڪ آهستگيءَ سان پر سني نموني ترقي وٺي رهيو آهي. سڪرندڙ واري انهيءَ ڏاڙ مان يارنهن سنا ٽري ڍڳا جاري ڪيا ويا ۽ پراڻي اسٽاڪ مان پوڙها ڍڳا رد ڪري سڪرندڙ واپس آندا ويا ۽ باربرداري لاءِ ڪتب آندا ويا.

پاڪناڙي نسل: هيءَ متاهين سنڌ جو نسل آهي. انهي جو اصل وطن جيڪب آباد جي اتر ۾ ناري درياء سان لڳو لڳ پاڪ ۽ ناڙي آهي. اهو علائقو خود جيڪب آباد تائين هليو اچي ٿو. دادو وارو گورنمينٽ آگزيلري فارم جتي ڍڳين جو اهو نسل هاڻي بيٺل آهي انهي جو نالو متائي پاڪناڙي ڪيٽل ريسرچ اسٽيشن دادو رکيو ويو ۽ هڪ ڪلاس ٽو آفيسر کي انهي جو انچارج ڪيو ويو. ڏاڙ پنهنجي ڪجهه اڻ وٽندڙ خصوصيتن جي سبب اڀياس هيٺ رهندو آيو.

انهيءَ نسل جي نمايان خصوصيتن کي برقرار رکڻ لاءِ هر ڪوشش ڪئي وئي ۽ اهڙيون ڪوششون پڻ ڪيون ويون جو جن جانورن ۾ متيون اڻ وٽندڙ خصوصيتون هيون انهن کي ختم ڪيو ويو جيئن وڌيڪ غير متوقع نتيجن کان بچي سگهجي.

هيٺ سڀ کان تازا دستياب انگ اکر ڏنل آهن جن ۾ ڳاڙهي سنڌي ڍڳي، ٽري ڍڳي، پاڪناڙي ڍڳي، مينهن ۽ ڪامورين ۾ ڪرين جي سراسري کير جي پيداوار ڏنل آهي.

نسل جو نالو	سوئا هئڻ دوران گهٽ ۾ گهٽ کير	سوئا هئڻ دوران وڌ ۾ وڌ کير	سوئا هئڻ دوران سراسري کير	روزانو وڌ ۾ وڌ کير
ڳاڙهي سنڌي ڍڳي	2000 پائونڊ	8000 پائونڊ	4000 پائونڊ	40 پائونڊ
ٽري ڍڳي	1500 پائونڊ	7000 پائونڊ	3500 پائونڊ	30 پائونڊ
پاڪناڙي ڍڳي	500 پائونڊ	4000 پائونڊ	2000 پائونڊ	20 پائونڊ
مينهن	2000 پائونڊ	8000 پائونڊ	4500 پائونڊ	40 پائونڊ
ٻڪري (ڪاموڏ)	100 پائونڊ	800 پائونڊ	300 پائونڊ	8 پائونڊ

سوئا ڏڳي جي گهٽ ۾ گهٽ قيمت 150 رپين کان وڌ ۾ وڌ 1000 رپين تائين ۽ سراسري قيمت 500 رپيا آهي جڏهن ته مينهن جي وڌ ۾ وڌ قيمت 1500 رپين کان گهٽ ۾ گهٽ 300 رپين تائين ۽ هڪ مينهن جي سراسري قيمت 800 رپيا آهي.

سن 53/ 1952ع جي سرڪاري رپورٽ مطابق ملڪ ۾ ڪيٽل شو منعقد ٿيڻ بابت انگ اکر هي آهن.

ضلعو	شوجو تعداد	ڏڳا	ڏڳيون	مينهون	ٻڪريون	جوان	ٽوٽل	انعام
يو.ايس.ايف	2	48	55	36	47	84	323	800
سکر	1	17	22	20	_	51	110	100
لاڙڪاڻو	1	23	19	36	_	53	131	100
ٿرپارڪر	1	82	170	_	_	40	382	200
نواب شاه	1	37	49	_	_	30	159	100
حيدرآباد	1	64	59	29	_	115	388	300
	7	271	374	211	47	373	1493	1600

مينهون سنڌو درياءَ جي ڪنارن تي ۽ ڊيلٽا ۾ وڏي انگ ۾ موجود آهن. اهو نسل ڌهلي جي نسل جهڙو آهي. انهي جي خصوصيتن ۾ نندا وريل سڱ، ٻين جي پيٽ ۾ ڏگهيون ٽنگون، ننڍو ڏڙ جسم تي چڱا وار ۽ رنگ تقريباً سيني مينهين جو ڪارو هوندو آهي.

بمبئي واري لسي ڏگهي جسم ۽ ڏگهن تلوار جي شڪل جهڙن سڱن واري مينهن سنڌ ۾ ناپيد آهي. پر سنڌ جون مينهون ڪير جون پليون آهن.

ريڊن سنڌ ۾ هر هنڌ خاص طور تي الهندين ٽڪرين ۽ ايرندي ريگستاني علائقي ۾ ٻڪرين سان گڏ ڏٺيون وڃن ٿيون. سنڌ جي انهن ٻنهي علائقن جي لاڏائو ريڊارن جو گذر سفر ئي تقريباً سمورو انهن جي پيداوار تي ٽيندو آهي. اهي ٻڪرين سان گڏ وقت سر ڏٺيون ويندين آهن ۽ انهن جي اُن يا ته وڪرو ڪئي ويندي آهي يا ريڊار ۽ سندس ڪٽنب اها ڪتي ان مان ڪٽا ۽ خرزينون وغيره ٺاهيندا آهن. ٿرپارڪر ۾ غريب لوڪ گهٽو ڪري اهڙو مقامي طرح تيار ڪيل ڪپڙو پهريندا آهن. سنڌ جي ميداني علائقن خاص طور ٿرپارڪر جي ريڊ عام طور رنگ ۾ هلڪي پوري ۽ جانگهي هوندي آهي ۽ ٻنهي جنسن ۾ سڱ نه هوندا اٿن. انهن جي اُن ڏگهي، ججهي ۽ ڪٺالتي جي لحاظ کان تمام بهترين هوندي آهي. اها سنڌ جي ان جي نالي سان ملڪ کان ٻاهر پڻ موڪلي ويندي آهي. اها نارا ان (Nara wool) جي نالي سان سڃاتي وڃي ٿي ۽ گهٽو ڪري فرانس موڪلي ويندي آهي. ٽلهي پُڇ واري ريڊ جنهن کي ڏُنبو سڏيو ويندو آهي اها الهندن جابلو

علائقن جي آهي. اها جسم ۾ مضبوط ۽ ان جون ٽنگون ننڍيون. رنگ اڇو ۽ ٻوٽ ۽ پيرڪارا هوندا اٿس. انهن جي نرن جا ڏڳها وريل سڱ ٿيندا اهن. انهي نسل جي ناماچاريءَ جو مکيہ سبب انهي جو گوشت آهي.

سنڌ جا ڪنڊيدار ٻوٽا ٻکرين لاءِ خاص طور موزون آهن. اهي هر ضلعي ۾ رڍن کان تمام جهجهي انگ ۾ آهن. انهن مان اڪثر ڏگهيون ۽ پٽ کان مٿي هوندیون آهن. انهن جي جسم تي وار گهٽا هوندا آهن. انهن جا مٿا ننڍا، مخصوص نموني وريل ۽ ننڍو جسم ۽ ڪل جوڳا ڏگها ڪن هوندا اٿن. اها ٻ ڏاڍي اڇرج جهڙي حقيقت آهي، تہ انهن جا سڱ پوري طرح واڌ ويجهہ ونڊ ڪانپوءِ بلڪل مار خور جهڙا لڳندا آهن. برخلاف يورپ جي ٻکرين جي سڱن جي جيڪي سڙهہ يعني جابلو ٻکر (ibex) جهڙا هوندا آهن.

سنڌ ۾ حلال پکي تمام عام قسم جا هوندا آهن. ڪي ٽرڪيون. ڪي ڪاز (Geese) يا ڪڏهن ڪڏهن بدڪن جو ڪو ولر ٻ وڻن شهرن ۾ ڏسي سگهبو آهي. سنڌ ۾ حلال پکي تڏهن ئي واڌ ويجهہ ونندا آهن جڏهن انهن کي روايتي ڳوٺن جهڙو آزاد ماحول ڏنو وڃي. پر انهن کي جڏهن بند ماحول ۾ رکبو تہ انهن تي ڪيترين ئي بيمارين جي حملن جو خطرو هوندو آهي ۽ انهن بيمارين جا نقصان ٻ وڏا ٿيندا آهن. سنڌ جا مقامي پکي جن کي شڪار ڪري کائبو آهي اهي سخت جان هوندا آهن ۽ انهن جو گوشت ٻ کائڻ ۾ سٺو ٿيندو آهي پر انهن جون آنا ڏيندڙ مادیون معمولي قسم جون ٿيندیون آهن. مقامي حالتن مطابق حلال پکين جي اصل اهميت انهن جي گوشت بجاء انهن جي آنن جي سبب آهي. رک وارين حالتن ۾ White Leghorn ۽ Rhode Island Red ٻ سنڌ جي شڪار جي پکين جهڙا ئي سخت جان آهن پر آنا ڏيندڙ پکين طور اهي تمام بهترين آهن. زرعي رڀائن ۾ اها ڳالهہ ٻ شامل آهي تہ هر سرڪاري فارم، وٽرنري اسپتال ۽ ڊسپينسري ۾ فائونڊيشن فلاڪ (Foundation Flocks) قائم ڪيا ويندا ۽ هر مرڪز ۾ آنا، ننڍا ٻچا ۽ وڏا پکي تيار ڪيا ويندا جيڪي عام ماڻهن کي سڌي اڳهہ تي ڏنا ويندا.

اينيمل هسبنڊري ڊپارٽمينٽ جي ڪارڪردگي

سنڌ ۾ فارمي جانورن جي سڀ کان نقصان ڪار بيمارين ۾ ٽڏڙي (Rinderpest) ۽ لور فلوڪ (Liver Fluke) عام آهن. انهن ٻنهي بيمارين تي ضابطو آڻي سگهجي ٿو. سمارو (Foot & mouth) وڏي پيماني تي پکڙجندي آهي پر انهي تي ضابطو نہ آڻي سگهبو آهي پر پلين پاڳين اها غير زهري (non virulent) نموني ۾ پکڙبندي آهي ۽ انهي مان ٿيندڙ موت نسبتاً گهٽ هوندا آهن. ٻين وڏين بيمارين ۾ ٿي. بي. ٽٽن جي سوڄ (mastities) ۽ مالڻا بخار (Contagious abortion) اڇي وڃن ٿا. سن 53/ 1952 واري رپورٽ ۾ جانورن جي بيمارين بابت ڪجهہ تفصيل ڏاڍا دلچسپ آهن. جيڪب آباد ڪانسواءِ سيني ضلعن ۾ سمارو پکڙبو آهي. انهي جا 5257 جانورن تي حملا ٿيا جن ۾ 77 جانور مري ويا. حيدرآباد ۽ ٽنڊو نواب شاه ۽ ميرپور خاص جي علائقن ۾ مينهن تي ٽڏڙي جا 402 حملا ٿيا جن ۾ 285 مينهون مري ويون. جيڪب آباد ڪانسواءِ باقي سيني ضلعن ۾ هيمرج سيپٽيسيميا جا 679 حملا ٿيا جن ۾ 158 جانور مري ويا. ٻين وڇڙندڙ ۽ متعدي مرضن جا جملي 5979 حملا ٿيا جن ۾ موت جي شرح 853 رهي. رڍن تي وڇڙندڙ ۽

پيرا سائيٽي مرضن جا جملي 13475 حملا ٿيا جن ۾ 535 رڍون مري ويون. ٻکرين ۾ جيتوڻيڪ اينٿراڪس، گوٽ پوڪس، پليرو نمونيا ۽ سماري جي مرضن سبب ڪجھ موت ٿيا پر سڀ کان وڌيڪ موت ٻين متعدي ۽ وڇڙندڙ مرضن سبب ٿيا: جملي 7704 ٻکرين تي اهڙا حملا ٿيا جن ۾ 421 ٻکريون مري ويون. اٺ بيمارين کان ڇڪي حد تائين محفوظ لڳن ٿا ڇو ته سن 53/ 1952ع ۾ سُرا (Surra) نالي مرض جا 90 ڪيس آيا جن ۾ 15 اٺ مري ويا ۽ مينگي (Mange) نالي مرض جا 41 ڪيس آيا جن ۾ 2 اٺ مري ويا. سنڌ ۾ حلال پکين ۾ گھٽي پاڳي راٽي ڪيت، اسپائيرو ڪائيٽو سس (Spirochaetosis) ۽ فائول پوڪس (Fowl Pox) جا مرض ٽيندا آهن ۽ حيدرآباد، نواب شاھ، ٽڻپارڪر، دادو ۽ ميرپور خاص ضلعن مان انهن جا ڪيس رپورٽ ٿيا. 863 متاثر پکين مان 708 مري ويا.

"سنڌ پيپل ائنڊ پراگريس" نالي سن 1955ع جي سرڪاري ڪتابڙي ۾ اينيمل هسبنڊري جي عنوان تي ڇڪي توجھ ڏني وئي آهي. انهيءَ ۾ هي ڳالهيون درج آهن: مالدارن سستي ڪا هلي ۽ وهمن ۽ سنسن کي ڇڏڻ ۾ گھٽو وقت ورتو آهي پر انهن وٽرنري سروسز جي اهميت محسوس ڪرڻ شروع ڪئي آهي ۽ هاڻي اهي پنهنجا بيمار جانور وٽرنري اسپتالن ۽ ڊسپينسرين ۾ ڪٽي اچن ٿا ۽ وڇڙندڙ مرضن جي منهن ڪيڻ بابت بہ ترت آگاهي ڏين ٿا. في الوقت سڀ کان وڏي رڪاوٽ عام مالوند جي غربت ۽ بي علمي آهي جنهن جي نتيجي ۾ هو پنهنجن جانورن جي سار سنڀال کان اڪثر ڪري ٿو. هاڻي البت مالوندن ۾ وڏي سجاڳي اچي وئي آهي ۽ اهو وقت پري نہ آهي جڏهن اهي ڊپارٽمنٽ مان مڪمل فائدو ونڊ لڳندا. سرڪار کي اميد آهي تہ جيئن ئي انهي ڪم لاءِ ضروري عملو مهيا ٿي ويندو تہ گھٽ درجي وارن ڊڳن کي خصي ڪرڻ جو ڪم بہ وڏي پيماني تي ڪيو ويندو.

اينيمل هسبنڊري ڊپارٽمينٽ پاران 53/ 1952ع ۾ ٽيندڙ ڪم هيٺئين جدول ۾ ڏيکاريل آهي.

وٽرنري اسپتال ۽ ڊسپينسريون 53/ 1952ع

داخل جانور جن جو علاج ڪيو ويو	1003
علاج ڪرائي ٻاهران ئي ويندڙ جانور	52147
جيڪي جانور ڊسپينسرين ۾ نہ آندا ويا فقط دوائون ڏنيون ويون	25521
ڊسپينسرين ۾ خصي ڪيل جانور	9198
گشت دوران خصي ڪيل جانور	3113
گشت دوران غير متعدي مرضن ۾ ورتل جانورن جو علاج	41721
گشت دوران متعدي مرضن ۾ ورتل جانورن جو علاج	7828
وٽرنري ڊسپينسرين ۾ جفتي ڪرايل ڊڳيون	1203
وٽرنري ڊسپينسرين ۾ ميڙايل گھوڙيون	118

ٽڏري جي بچاءَ جا ٽڪا	11688
هيمرجڪ سيپٽيسيما جي بچاءِ جا ٽڪا	11261
اينٿرا ڪس جي بچاءِ جا ٽڪا	1508
راٿي ڪيت کان بچاءِ جا ٽڪا	4954

سرڪار جانورن کي پليرو نمونيا ۽ ٽڏڙي ۽ ٻين وڇڙندڙ مرضن کان بچائڻ لاءِ بهترين سهوليتن واري گشتي ڊسپنسري هلائي ٿي ۽ تمام ڏورانهن علاقن ۾ ب وٽرنري امداد اڳي کان وڌيڪ بروقت ۽ جلد جلد پهچائي وجي ٿي.

سرڪار جي گرانٽ سان هلندڙ ڊسپينسريون	27
سرڪار جون هڪ هنڌ ڪليل ۽ گشتي ڊسپينسريون	13

ڳاڙهي سنڌي ڍڳي جي جسامت ۽ هڏ ڪاٺ ۾ واڌ ويجهه توڙي ڪير جي پيداوار ۾ اضافو اطمينان بخش رهيو. سراسري طور 37 سوئا ڍڳين مان روزانو ڪير جي پيداوار 433 پائونڊ رهي. ڦر کي ڏارائڻ ڪانپوءِ روزاني ڪير جي پيداوار 12 پائونڊ رهي. تقريباً 169 ڍڳا ۽ ٻيانر ضلعن کي ڏنا ويا آهن جيئن اتي موجود نسل ۾ بهتري اچي سگهي. انهن نرن پاران جملي 7945 لڳ ڪيا ويا. انهن ۾ جيڪڏهن 4000 لڳ يا مٿي بيان ڪيل لڳن جو ٪ 50 جمع ڪيو وجي ته جملي ڪيل لڳن جو انگ 11900 ٻيهي ٿو. حڪومت پاران اينيمل هسبنڊري ڊپارٽمينٽ لاءِ نيون ترقياتي رٿائون منظور ڪيون ويون آهن انهن رٿائن ۾ خاص طور سنڌ ۾ گهريلو جانورن ۾ لور فلوڪ (Liver Fluke) ۽ ٻين پيراسائٽي مرضن ٽيڙ ۽ انهن تي ضابطي جون رٿائون ۽ هڪ رٿا طبي امداد ڏيڙ لاءِ گشتي ڊسپينسريون هلائڻ جي پڙ منظور ڪئي وئي آهي. سنڌ ۾ 31_ مارچ 1954ع تائين وٽرنري ڊسپينسرين ۾ لڳ لاءِ ٻيهاريل ڍڳن ۽ گهوڙن جو تعداد 31 هو. سن 53/ 1952 دوران جفتي ڪرايل ڍڳين جو جملي انگ 1203 هو. حڪومت جو تارگيٽ اهو آهي ته جيڪب آباد ۾ گهٽ ۾ گهٽ 67 ڍڳيون ۽ مينهون رکيون وڃن ۽ هر ضلعي هيڊ ڪوارٽر ۾ لڳ لاءِ گهوڙا ٻيهاريا وڃن. رڍن جو نسل وڌائڻ بابت هڪ اهم رٿا پڙ زير غور آهي. انهي رٿا جو مقصد اهو آهي ته مقامي رڍن جي نسل ۾ بهتري آڻي انهن کي دنيا جي بهترين ان واري رڍن جي نسل جهڙوڪ ميرينو (Merino) سان ڪراس بريڊنگ لاءِ تيار ڪجي. رڍن جو اهو قسم هن علاقي جي موسمي حالتن جو مقابلو ڪري سگهي ٿو آزادي سان وڌي ويجهي سگهي ٿو ڪن پک تي گذارو ڪري سگهي ٿو ۽ پڙ مقامي نسلن کان بهتر نسل پيدا ڪري سگهي ٿو.

سول وٽرنري ڊپارٽمينٽ جو ڪم

هيٺئين جدول ۾ سال 5/ 1950ع دوران سول وٽرنري ڊپارٽمينٽ جي ڪارڪردگي ڏيکاريل آهي. سن 1907ع ڪانپوءِ سول وٽرنري ڊپارٽمينٽ ۾ نمايان ترقي ٿي آهي.

علاقو	وٽرنري اسپتالن جو تعداد	نوڪري ڪندڙ وٽرنري ڊاڪٽر	سال دوران اسپتالن ۾ بيماري علاج ڪيل جانورن جو تعداد			
			ڏيگيون	گھوڙا	ٻيا	جملي
سنڌ	40	44	367	420	216	1003
جملي	40	44	367	420	216	1003
1951ع جو ٽوٽل	40	44	230	380	181	791
1950ع جو ٽوٽل	40	44	287	420	222	929

سن 13/1912ع ۾ نئين سر تنظيم جي رٿا تيار ڪئي وئي. سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ وٽرنري اسپتالن ۾ ڊسپينسرين جو جملي انگ 8 هو. سن 1922ع ۾ بلوچستان جو وٽرنري ڪاتو سنڌ کان ڌار ڪيو ويو ۽ تڏهن وٽرنري اسپتالن ۾ ڊسپينسرين جو انگ وڌي 16 ٿي ويو هو. سنڌ کي پهرئين اپريل 1936ع تي بمبئي پريزيڊنسي کان ڌار ڪيو ويو ۽ صوبائي خود مختياري ملڻ ۽ گورنر وارو مڪمل صوبو ٿيڻ کانپوءِ سنڌ جي سپرنٽنڈنٽ آف سول وٽرنري ڊپارٽمينٽ کي ڪاتي جو سربراهه ڪري سندس عهدي جو نالو ڊائريڪٽر آف وٽرنري سروسز سنڌ ڪيو ويو. تڏهن سنڌ ۾ وٽرنري اسپتالن ۽ ڊسپينسرين جو تعداد 19 هو جيڪو 1941ع ۾ وڌي 32 تي پهچي ويو. پهرئين نومبر 1950ع تي لائيو اسٽاڪ سيڪشن کي اينيمل هسبنڊري ڊپارٽمينٽ تحت هلندڙ وٽرنري سيڪشن ۾ ضم ڪيو ويو ۽ ڊائريڪٽر آف وٽرنري سروسز جو نالو مٽائي ڊائريڪٽر آف اينيمل هسبنڊري ڪيو ويو. 23 جولاءِ 1948ع تي ڪراچي کي سنڌ کان عارضي طور ڌار ڪيو ويو تہ سنڌ سرڪار ملير وارو ولنگڊن ڪيٽل فارم حڪومت پاڪستان جي حوالي ڪيو ۽ انهي جو اڏ ڏڻ ميرپور خاص منتقل ڪيو. وري نومبر 1949ع کان زراعت کاتي واري سيڊ فارم کي ريڊسنڊي ڪيٽل فارم ميرپور خاص ۾ تبديل ڪيو ويو. انگريڪلچرل ريسرچ اسٽيشن ڏوکري ۾ بينل پاڳناڙي ڪيٽل هرڊ کي 1949ع ۾ دادو واري آگزبليئري فارم منتقل ڪيو ويو. دادو واري انهي آگزبليئري فارم کي 1950ع ۾ مڪمل با اختيار پاڳناڙي ڪيٽل ريسرچ اسٽيشن ۾ تبديل ڪيو ويو. سن 1939ع کان ٿري ڏيگين جو نسل وڌائڻ جو ڪم ڪنگ جارج iv انسٽيٽيوٽ آف انگريڪلچر ۽ انگريڪلچر ريسرچ اسٽيشن سڪرنڊ ۾ جاري آهي. لائيو اسٽاڪ کي سنڌ جي اينيمل هسبنڊري ڊپارٽمينٽ جي تحت هلندڙ وٽرنري ڊپارٽمينٽ ۾ ضم ڪرڻ سان چوپائي مال جو نسل وڌائڻ ۽ ريسرچ جي ڪم کي ڊپٽي ڊائريڪٽر آف اينيمل هسبنڊري بريڊنگ انڊ ريسرچ جي ماتحت ڪيو ويو آهي جنهن جو اڳوٽو نالو لائيو اسٽاڪ آفيسر فارسنڊ هو.

وٽرنري سهوليتن جي ترقي ۽ اينيمل هسنڊري جي توسيع جي لحاظ کان خيرپور سنڌ کان پٺتي رهيو آهي. شروعات ۾ خيرپور ۾ فقط هڪ سينٽرل وٽرنري اسپتال هوندي هئي. سال 1937ع کان ڪجهه وقت اڳ

گمبٽ ۾ هڪ ٻي وٽرنري ڊسپينسري کولي وئي پر اها بنيادي طور هڪ ڪمپائونڊر هلائيندو هو ۽ ويهه ورهيه اڳ جن جانورن جو علاج ڪيو ويو انهن جو انگ ويهن هزارن جي لڳ ڀڳ هو ۽ حفاظتي ٽڪا هنيا ئي نه ويا هئا. سن 1955ع ۾ 18,3000 جانورن جو علاج ڪيو ويو ۽ 14256 ٽڪا هنيا ويا. آڻن مان چوزا ڦوڙائڻ جو ڪم وٽرنري ڊپارٽمينٽ کي ڏنو ويو آهي جنهن کي هاڻي ڇهه هيچنگ مشينون آهن. انهن جي جملي صلاحيت هڪ وقت ۾ ست سو آڻن جي آهي. في الوقت ٽي چوڻن جي پالنا جا مرڪز بجلي تي هلندڙ بروڊر چار سرڪاري گهوڙا، ٻه لڳ لاءِ گهوڙا، هڪ سان ۽ هڪ ڍڳو موجود آهن. وٽرنري ڊپارٽمينٽ سان پولٽري ڊپارٽمينٽ ۽ ڊيري فارم جو الحاق ڪيو ويو آهي. سنڌ ائگريڪلچرل ڪميشن، اينيمل هسبنڊري جي ضرورتن کي سنجيدگيءَ سان محسوس ڪيو ۽ سرانجام ڏنل ڪم سان لاڳاپيل ڪيترين ئي تجويزون ڏنيون. هڪ تجويز اها هئي ته چوپائي مال جي افزائش جا فارم اڳي کان تمام وڏي پيماني تي کوليا وڃن ۽ اهو ته جانور شماري نسل مطابق ڪئي وڃي. ڪميشن انهي حقيقت بابت راءِ ڏيندي ته جيئن ته جديد انداز ۾ ڊيري صنعت وجود ئي نه ٿي رکي تنهنڪري اهو ضروري هو ته حڪومت کي اپ ٽو ڊيٽ ۽ جديد ڊيري فارم کولي جن ۾ مناسب ليبارٽريون پڻ هجن ۽ جتي ڊيري پيداوار کي پراسيس ڪرڻ ۽ محفوظ ڪرڻ جا ڪم ڪيا وڃن ۽ اتان ملندڙ نتيجن مان خانگي ڪاروبارين کي پڻ فائدو ڏنو وڃي. ڪميشن اهو به لکيو ته بلاشڪ ته علاقي جا ڪجهه حصا جهڙوڪ ڪوهستان جوتلقي تعلقو جانورن جي واڌ ويجهه لاءِ تمام مثالي آهن پر مينهن نه وسڻ جي سبب ڪجهه سالن ۾ گاهه نه ٿو ٿئي جنهن جي نتيجي ۾ گاهه جي قلت پيدا ٿئي ٿي ۽ جانور بکن ۾ پاهه ٿي وڃن ٿا. ڪي اهڙا بندوبست ڪرڻ گهرجن جو جن ورهين دوران جانورن جي کاڌ خوراڪ وارا فصل جهجهاٽين ته انهن کي اهڙي ڪفايت سان ڪتب آندو وڃي جيئن اهي قلت ۽ اَوَسَرِ وارن ورهين ۾ به هلي وڃن. انهي بابت هي ڳالهه ذهن ۾ رکڻ دلچسپي کان خالي نه هوندي ته اينيمل هسبنڊري ڊپارٽمينٽ پاران اڳتي هلي زير عمل آڻڻ لاءِ هڪ رٿا اها پيش ڪئي وئي ته ٽر ۾ ٻهه گڏ ڪري رکيو وڃي. ڪميٽي انهي ڳالهه تي به غور ڪيو ته چوپائي مال جي دولت جو وڏو حصو وبائي ۽ ٻين مرضن ۾ ختم ٿي وڃي ٿو. ڪميٽي لکيو ته جيتوڻيڪ اينيمل هسبنڊري ڊپارٽمينٽ پاران وڏي پيماني تي حفاظتي ٽڪا هنيا وڃن ٿا پر اهو ڪم اڃا به ناڪافي آهي. تمام وڏي پيماني تي ٽڪا هڻڻ لاءِ ڊپارٽمينٽ ۾ توسيع ڪئي وڃي. ائگريڪلچرل ڪميشن هر تعلقي ۾ هڪ وٽرنري ڊسپينسري هلڻ ۽ مڪمل بااختيار اينيمل هسبنڊري ۽ وٽرنري سائنس ڪاليج هلڻ کي پسنديدگي جي نظر سان ڏسندي انهي ڳالهه ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته ائگريڪلچرل ڪميشن جي سفارشن کي وقت اچڻ تي لاڳو ڪيو ويندو.

سنڌو ماٽري ۾ ڏڪار جو ڪنهن نالو تي نه ٻڌو آهي ڇو ته انهي ۾ پوکي راهي جو دارومدار مينهن تي نه آهي پر ٽرپارڪر جي ٽر' واري حصي کي انهي جو ٻير حماڻو تجربو ٽيل آهي. سن 69/ 1868ع ۽ وري 99/ 1898ع ۾ شديد ڏڪار پيو هو. پهرئين ڏڪار ۾ ماڻهو پنهنجو سمورو پئسو ڏوکڙ ۽ تقريباً سمورو الهه تلهه ڪپائڻ کانپوءِ پنهنجو چوپايو مال بچائي ويا هئا جو اهو انهن جي گذر سفر جو واحد ذريعو هو. انهن

پنهنجا ڏڻ الهندي طرف نارا ڏانهن موڪلي چڏيا هئا. پر ڊور ايترا تہ ڏهراتي ويا هئا جو سفر جي ڏکيائين ۽ ماحول جي تبديلين کي منهن نہ ڏئي سگهيا ۽ انهن مان گهٽا مري ويا. سن 99/ 1898ع واري ڏڪار ۾ ڊپٽي ڪمشنر رپورٽ ڏني تہ ڊورن جو 95 سيڪڙو مري ويو هو ۽ باقي بچيلن کي بہ نارايا برڙودا ۽ ٻين سرحدي علاقن ڏانهن موڪلي موت جي منهن ۾ وڃڻ کان بچايو ويو. ٿر تقريباً خالي ٿي ويو ۽ ۽ اتان جا رهواسي آخري پناهہ گاهہ طور نارا ويلي ڊويزن ڏانهن ويا هليا تہ اتي بيشمار مارواڙين ۾ گڏجي سڏجي ويا جن جي پڻ ساڳئي حالت هئي. اهي پنهنجي انهي ڏڪڙيل حالت ۾ بخار پيچش ۽ نمونيا جو شڪار ٿيندا ويا ۽ مئي 1900ع ۾ ڪالراجي وبا پکڙي تہ انهي کان بہ بچي نہ سگهيا.

محنت ڪش طبقي کي مزدوري حاصل ڪرڻ ۾ گهٽي ڏکيائي نہ ٿيندي هئي پر معزز زميندار ۽ مالوند جيڪي مزدورن وانگر ڪم نہ ٿي ڪري سگهيا انهن کي وياج ڪان سواءِ ننڍا قرض ڏئي مصيبت ۽ بيعزتيءَ کان بچايو ويو.

جيئن سرراجرٽامس لکيو آهي تہ ٿر جي ڏکڙ اپرندي علاقي ۾ هر سال جڏهن مون سون جا سٽاوا مينهن پوندا آهن تہ وڏن ٽُڪرن تي جوئر ۽ دالين پوکيون ويندين آهن. انهي ٽڪري ۾ بہ بعضي بعضي شديد ڏڪار ايندا آهن پر اهو ٽڪرو سخت جان ماڻهن ۽ سخت جان ٽرپارڪر جي ڊڳين جو وطن آهي. اهي ٻئي تڏهن اسرندا آهن جڏهن گاهہ ڦٽندا آهن. حقيقت اها آهي تہ جڏهن بہ هن لاڳتين مندن ۾ مينهن نہ پوي تہ اُتي ڏڪاري حالتون پيدا ٿي سگهن ٿيون ڇو تہ اها صورتحال ماضي ۾ بہ ڪڏهن ڪڏهن پيدا ٿي چڪي آهي پر جنهن قسم جو ڏڪار 1869ع ۽ 1899ع آيو اهڙي پيماني جو ڏڪار وري اچڻ جو امڪان گهٽ آهي ڇو تہ جنگ وارن ورهين دوران جيڪا تنظيم ڪاري ڪئي وئي ۽ پاڪستان قائم ٿيڻ ڪانپوءِ وارن ورهين دوران جيڪي سبق سکيا ويا آهن انهن کي ڪم ۾ آندو ويو آهي. اهڙي وقت جڏهن فصل ڦاٽ ۾ هئا تڏهن سرڪار غذائي جنسن جي دستيابي يقيني بنائڻ لاءِ اُپاءَ ورتا هئا ۽ جن علاقن ۾ قلت محسوس ڪئي وئي انهن ۾ اناج جي ورهاست جو هڪ منظم سرشتو لاڳو ڪيو ويو هو. تنهنڪري انهي ڳالهہ جو ڪو امڪان ڪونهي تہ اهڙي انتظامي طور حاصل ڪيل تجربي مان سبق نہ سکيو ويندو ۽ پوءِ جيڪڏهن ٿر ۾ آئيندي بہ بہ لاڳيتيون مندون مينهن نہ پيا تہ بہ انهي ڳالهہ جو امڪان ڪونهي تہ ماڻهن کي اهڙي مصيبت پوڳٽي پوندي جهڙي انهن جي ابن ڏاڏن سٽ يا نوي ورهيہ اڳ پوڳي هئي. جنگ جي ورهين دوران جهڙي نموني غذائي جنسن جي راشن بندي ڪئي وئي انهي سرڪار کي ڏڪار جي آفت جو خاتمو ڪرڻ جو طريقو سيکاريو آهي جيتوڻيڪ اها ڳالهہ پنهنجي جاءِ تي موجود آهي تہ غير سازگار مندن ۾ قلت جي دشوارين کي مڪمل طور ختم نہ ٿو ڪري سگهجي. وڌيڪ اهو تہ جيڪڏهن مستقبل ۾ سٺن ورهين دوران گاهہ کي محفوظ ڪرڻ ۽ ذخيرو ڪرڻ جون رٽائون جوڙيون ويون تہ انهن ڊورن ڊڳن ۾ تمام وڏي پيماني تي موت پوڻ جو خوف گهٽجي ويندو جن تي ٿري ماڻهن جو پنهنجي گذران لاءِ تمام گهٽو دارومدار هوندو آهي.

باب تيرهون

آبپاشي (IRRIGATION)

سنڌ کي جيڪڏهن حقيقتن مطابق نالو ڏجي ته انهي کي درياڏتو يا درياڏنو يعني درياء جي سوکڙي چئي سگهجي ٿو ڇاڪاڻ ته سنڌ سنڌو درياء کانسواءِ ائين ٿيندي جيئن نه مصر کي نيل درياء کان محروم ڪري ڇڏجي. انهي ۾ مينهن صفا ٿورو پوندو آهي ۽ اهو به ڪٽي گهٽو ته ڪٽي ٿورو ۽ اهو به انهي لاءِ ڪافي نه هوندو آهي جنهن تي ڪي اهڙا سٺا باقاعدي فصل پوکي سگهجن جن تي هڪ وڏي آبادي گذارو ڪري سگهي. پر جيئن ته سنڌو درياء جي هيٺاهين ماڻڙي ۾ گذريل پنجن هزارن ورهين کان انسان رهندا پيا اچن تنهنڪري انهي مان اهو نتيجو لازماً ڪڍي سگهجي ٿو ته انهي عظيم درياء جي غير يقيني ۽ پورالي پلائي مان بهتر نتيجا حاصل ڪرڻ لاءِ انساني ذهانت ڪم پئي ڪندي رهي آهي. سنڌو درياء سنڌ جي ماڻهن جي حياتي ۽ انهن جي بهتري ۾ ڪيترو اهم ڪردار ادا ڪري ٿو انهي جو اندازو تڏهن سولائي سان ٿي ويندو جڏهن پهريان انهي ڳالهه تي ڌيان ڏنو ويندو ته سنڌ جي اتر ۾ ساليانو سراسري مينهن فقط 3 انچ ۽ ڏکڻ ۾ 9 انچ پوندو آهي ۽ بين ڳالهه اها ته انهي مينهن جو وڏو حصو جولاءِ ۽ آگسٽ جي مهينن ۾ پوندو آهي. اتر سنڌ ۾ چانو ۾ درجه حرارت 52.7 ڊگري سينٽي گريڊ تي پهچي ويندو آهي ۽ اونهاري جي مند تمام گهٽي ڊگهي ٿي ويندي آهي. آگسٽ ۽ سيپٽمبر جي مهينن ۾ چانو ۾ درجه حرارت گهٽو ڪري 43 ڊگري تائين وڃي پهچندو آهي. آڪٽوبر جو مهينو ڪجهه ٺڏو ٺيندو آهي ۽ نومبر مهيني ۾ چانو ۾ درجه حرارت 37 ڊگري کان مٿي رکارڊ ٿيندو آهي. جيڪڏهن رات جي درجه حرارت کي مدنظر رکبو ته ڳالهه اڃا وڌيڪ خراب ٿي ويندي جو ڪجهه ورهين ۾ اپريل ۽ جون جي مهينن جي وچ ۾ ٿرمامينٽر صبح جو سوير ئي 32 ڊگرين کان گهٽ نه ڏيکاريندو آهي.

سنڌ جي ايراضي خيرپور سميت 56447 چورس ميل (90842.7 ڪ.م) آهي ۽ انهي جي ٽلهي ليکي اڌ تي جبل ۽ واريا سيون ٽکريون آهن. باقي اڌ زمين فصلن جي پيداوار لاءِ مناسب آهي. سن 1951ع جي آدم شماري مطابق سنڌ جي خيرپور سميت آبادي 42,28,057 هئي ۽ تقريباً سموري آبادي سڌي يا اڻ سڌي طرح زراعت ۾ رُڌل آهي. انهي مان پلي پت اندازو ٿي سگهي ٿو ته سنڌ جا ماڻهو پنهنجي گذران لاءِ ڪيتري حد تائين سنڌو درياءَ جي پاڻي تي دارومدار رکن ٿا.

سنڌو درياء جون ٿي نمايان خصوصيتون آهن (الف) انهيءَ ۾ باقاعدگي سان ٻوڏ ايندي رهندي آهي جيڪا پاڻ سان گڏ تمام وڏي مقدار ۾ لٽ آڻيندي آهي. انهي لٽ صديون گذرڻ دوران سنڌو ماڻريءَ جو لٽاسو علائقو ٺاهيو آهي ۽ اڃا تائين درياء جي ڦاٽ وٽ لٽاسي زمين ٺاهي رهي آهي (ب) دريا آهستي آهستي پنهنجي تر جي سطح ۾ هنهي ڪنارن واري لٽاسي مٽي کان مٿي ڪندو وڃي ٿو اهڙي طرح اهو قدرتي توڙي

هٿراڏو آبپاشي لاءِ تمام مناسب آهي ڇاڪاڻ ته درياء سدائين پنهنجن ڪنارن تان اڇلي انهن جي ويجهو هيٺاهين ايراضين ۾ هوڏ آڻيندو رهندو آهي اهڙي طرح قدرتي آبپاشي ٿي ويندي آهي. باقي انهيءَ ڳالهه ۾ به ڪوشڪ نه آهي ته سنڌ ۾ سوين صدين کان هٿراڏو آبپاشي نظام پڻ موجود رهيو آهي (ج) اهو ورن وڪڙن وارو رستو ٺاهي پيو هلندو آهي ۽ صدين کان اهو لاڙو ڏيکاريندو رهيو آهي جو سواءِ ڪجهه موقعن جي سدائين پيو ساڃي پاسي واري زمين پائيندو ۽ ان ۾ ڪاڏ ڪندو ويندو آهي ۽ ڪاهي پاسي واري زمين کي چڏيندو ويندو آهي. انهي ۾ ڪوشڪ نه آهي ته تمام آڪاڻي وقت کان ۽ نسبتاً ويجهي دور تائين سنڌو درياءَ جو وهڪرو ايرندي پاسي رهيو آهي ۽ انهي جا آثار اڃڪلهه گهگهر، هاڪڙي ۽ مهراڻ جي خالي پيٽ ۾ ڏسي سگهجن ٿا. مهراڻ ڪنهن وقت ڪو تمام وڏو درياء هو جيڪو پنهنجي موجوده وهڪري کان گهڻو اوير طرف عربي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هو. اروڙ ڪنهن وقت هاڪڙي جي ڪناري تي هو ۽ مهراڻ جو پراڻو وهڪرو اڄ به نواب شاهه ٽرپاڪر ۽ حيدرآباد ضلعن جي ايرندن حصن ۾ ڏسي سگهجي ٿو. سنڌو درياء جو الهندي طرف سُرڪڻ ايڏا به جاري آهي ۽ انهي کي مٽاهين سنڌ جي سرحد سکر ۽ لاڙڪاڻي ضلعن جي هيٺاهين زرخيز زمينن تي اڇلي پوڻ کان بچائڻ لاءِ مضبوط حفاظتي بند ضروري سمجهيا ويا آهن. اهي ايڏا به خطرناڪ جايون آهن. درياء سيوهڻ ۽ جهرڪن جي وچ ۾ گهڻو اولهه طرف نه ٿو وڃي سگهي ڇاڪاڻ ته ڪيرٿر جبلن جي وڏي قطار انهي جي وهڪري کي هڪ سو ميلن (160 ڪ.م) تائين چڱي طرح بند ڪري چڏيو آهي سنڌو درياء لٽاسي پٽ ۾ گهٽ وڌ وچ ونيون بيو ٿو هلي.

الهندي طرف کيرٿر جبل جي چن جي پٽرن ۾ بند آهي ته ايرندي طرف راجستان جي واري جي پٽن بند ڪري رکيو اٿس. انهي جو پاڻي تقريباً هڪ ڪروڙ ست لک ايڪڙ ايراضي تي پکڙجي سگهي ٿو يا ورهائي سگهجي ٿو. انهي ايراضي جو وڏو حصو هڪ ڪري سڌي سطح آهي جنهن جا فقط ڪي ٽڪرڙيل پکڙيل حصا عام سطح کان چند فوٽ مٿي آهن. سرحد شهر کان پنجاب جي ڊاڪٽين سرحد کان هندي وڏي سمنڊ تائين زمين جولاهه (Gradient) ڇهه سو ميلن ۾ ايڪائي سو فوٽن کان وڌيڪ نه آهي. اهو في ميل تي ڇهن انچن کان به گهٽ بيهي ٿو. تنهنڪري حالتون هر لحاظ کان سائنسي آبپاشي جي حق ۾ آهن جنهن جو اڃڪلهه سنڌ سموري دنيا ۾ هڪ نمايان مثال آهي. سکر کان لڳ ڀڳ 60 ميل (96 ڪ.م) اتر ۾ گدو بيراج جي مڪمل ٿيڻ. هيٺاهين سنڌ ۾ ڪوٽڙي کان به ٽي ميل مٿي غلام محمد بيراج تي اڳيرائي ۽ هاڻي تقريباً مڪمل طور ڪم ڪندڙ سکر بيراج سان تقريباً سموري لٽاسي ايراضي جنهن تي پاڻي وهائي آبپاشي ڪري سگهجي ٿي. اها پيچ ۾ اچي ويندي ۽ تقريباً هڪ ڪروڙ ايڪائي لک ايڪڙن جيتري ايراضي تي سمورو سال پوکي راهي يقيني بڻجي ويندي.

ٽئين هزارين قبل مسيح ۾ اوج تي رهندڙ سنڌو ماٿري جي تهذيب زرعي اقتصاديات تي ٻڌل هئي. انهي هڙپا ۽ موئن جي دڙي جي بن وڏن شهرن کي هٿي پئي ڏني جيڪي لڳي ٿو ته وڏي واپار جا مرڪز هوندا هئا. جيتوڻيڪ ايتري پراهين دور ۾ اسان کي آبپاشي جا ڪي ثبوت نه مليا آهن پر انهي ۾ ڪوشڪ نه آهي

ته کو چگو کارگر ڪينال سسٽم ضرور ڪم ڪندو هوندو. انهي ڳالهه جو به گمان آهي ته انهي دور ۾ سنڌو ماٿري ۾ ڏکڻ بلوچستان ۾ اڄ کان وڌيڪ مينهن پوندو هوندو. فقط مينهن جي پاڻي تي ايتري وسيع پوکي راهي ڪڏهن به نه ٿي ٿي سگهي جنهن سان هٿرادو آبپاشي جي ضرورت ئي ختم ٿي وڃي. ابن حوقل جي منصوره بابت ڏنل بيان مان (جيڪو سن 800 عيسوي ڌاران اوج تي هو) اها ڳالهه چٽي ٿئي ٿي ته انهي دور ۾ آبپاشي نظام وڏي پيماني تي هلندڙ هو ۽ تمام ڪارگر هو. ابن حوقل لکي ٿو ته منصوره تقريباً ڏيڍ ميل ويڪرو آهي ۽ ان جي پاسي ۾ مهراڻ جي هڪ شاخ وهي ٿي. هتي ڪجي جا وڻ ڦٽن ٿا پر انگور صوف ۽ اخروٽ نه ٿاٿين. هتي ڪمند ٿئي ٿو. هتي صوف جي جسامت جيترو هڪ ميوو پيدا ٿئي ٿو جنهن کي ليمون چيو وڃي ٿو اهو تمام ڪنو ٿئي ٿو. هتي شڪل ۽ ذائقي ۾ آڙو سان ملندڙ هڪ ميوو "انبج" پيدا ٿئي ٿو. اهو تمام جهجهو ۽ سستو ملي ٿو. شين جون قيمتون گهٽ آهن ۽ کاڌي جي ڪثرت آهي." مغل بادشاه اڪبر جي حڪمن هيٺ ترتيب ڏياريل مغل سلطنت جي گزيٽيئر آئين اڪبري ۾ ڏنل جي سرڪار جو بيان ڏنل آهي. انهي ۾ لکيل آهي: ملڪ ۾ ڏيل جو تعين فصلن جي ورهاست جي بنياد تي ڪيو ويندو آهي. انهي مطابق اپت جو ٽيون حصو هاري کان ورتو ويندو آهي. ساري گهٽي ۽ سني ٽيندي آهي. چانور ۽ مڇي عام ۽ هر هنڌ واپرايو ويندڙ کاڌو آهي.

سنڌ ۾ آبپاشي نامعلوم وقتن کان وٽي هٿرادو واهن ذريعي ٽيندي آهي. سنڌ ۾ ايندڙ فاتحن کي ائين صدي دوران به ڏيل جي حساب ۾ عوامي واهن تي آباد ٽيندڙ زمينن ۽ خانگي طور هٿرادو ذريعن سان سيراب ٽيندڙ زمينن ۾ فرق رکڻو پوندو هو. جيڪڏهن گهٽي ويجهي دور ۾ اچون ته ڪيپٽن (اڳتي هلي سر اليگزينڈر) برنس الهندي ناري (سنڌو درياءَ جو هڪ پراڻو وهڪرو پرواهه طور ڪم ايندڙ) جو گشت ڪندي 1830ع ۾ هي لفظ لکيا! "انهي جا پاڻي واهه پاڻ ڏانهن ڇڪيندا ۽ ورهائيندا آهن. اهي واهه هن سڌي ۽ زرخيز زمين کي قدرت طرفان عطا ڪيل نعمتن ۾ واڌارو ڪن ٿا. ايرندي ڪناري تي جيتوٽيڪ الهندي ڪناري کان گهٽ نوازشون ٽيل آهن پر انهي تي تمام گهٽي پوکي راهي ٿئي ٿي ۽ اڪثر شهر ۽ ڳوٺ به واهن جي ڪنارن تي آباد آهن جيڪي درياء ۾ وقت بوقت ايندڙ چاڑهه جو پاڻي فياضي سان ورهائين ٿا ۽ رهواسين جي محنت ۽ اورچائي جو ثبوت ڏين ٿا. انهي وقت جا سنڌ جا حڪمران، مير سرڪاري واهن تي آباد ٽيندڙ زمينن تان واڌو محصول ته اڳاڻيندا هئا پر انهن واهن جي مرمت ۽ صفائي بابت پنهنجو فرض تمام اٽپوري نموني پورو ڪندا هئا ايتريقدر جو ليفٽيننٽ پوسٽنس 1841ع ۾ لکيو: اهڙا ڪيترائي مثال آهن جو زرخيز زمينن جا وڏا وڏا ٽڪرا فقط سرڪاري واهن جي خراب حالت سبب بلڪل غير آباد ٿي ويا آهن. انگريزن پاران 1843ع ۾ سنڌ جي فتح کانپوءِ واهن جي حالت ويتر خراب ٿي وئي. انهي جو هڪ سبب اهو هو جو انهن جا ذميوار آفيسر پنهنجي ڪم جي فني ڄاڻ کان اڻ واقف هئا. نيپيئر جيتوٽيڪ بمبئي رائيل انجنيئرز جي ليفٽيننٽ ڪرنل والٽر اسڪاٽ جي زيردستي ۾ ڪينال ڊپارٽمينٽ قائم ڪيو هو پر سندس اسسٽنٽ انجنيئرنگ سان لاڳاپيل نه هئا ۽ انهي ڪاتي پاران ڪوڪارائتو ڪم سرانجام ڏيڻ کان اڳ ئي انهي کي 1849ع ۾ ختم ڪيو ويو.

انهي ڳالهه جي ڪا به ثابتي نه آهي ته مغل انتظاميا سنڌ جي آبپاشي نظام کي هلائڻ يا انهي ۾ ڪا بهتري آڻڻ لاءِ ڪو به قدم کنيو يا نه. پر اها ڳالهه ضرور ذهن ۾ رکي وڃي ته مغل نظام ۾ مقامي اختيارين کي ايتريقدر ئي تسليم ڪيو ويندو هو جيتريقدر اهي مقامي اختيار هلائي سگهندا هئا بشرطيڪ اهي پنهنجي جاگيرداراڻين ذميوارين کي به پورو ڪن. تنهنڪري نتيجو اهو ٿو نڪرندو ڏسڻ ۾ اچي ته مغلن جي دور ۾ واهن، واٽر ڪورسن، بندن ۽ ڪوهن جي سار سنڀال جو ڪم گهٽي پاڻي مقامي سردارن جي حوالي ڪيل هو جيڪي انهن کي نظرانداز ڪرڻ جو جو ڪم نه ٿي ڪڻي سگهيا ڇاڪاڻ ته محصول جو دارومدار سنڌو درياءَ جي پاڻي تي ڪنهن حد تائين ڪنٽرول تي هوندو هو. انهيءَ ڳالهه ۾ ذري برابر به شڪ ڪونهي ته سنڌ ۾ تمام اوائلي دور کان آبپاشي جو ماهراڻو نظام موجود رهيو آهي ۽ واهن جو موجوده سرشتو پوڪي راهي ڪندڙن جي ڪيترين ئي پيڑهين جي ڪم ڪانپوءِ وجود ۾ آيل آهي جيڪي انهن ڏينهن جي محدود عوامي وسيلن ۾ رهندي عوامي تجربن تي آڌاريل طريقن جي بنياد تي پاڻي کي زمينن تائين آڻڻ ۾ ڪامياب ٿيا ۽ پورالي درياءَ جي من موجي طبيعت کي به ڪنهن حد تائين ڪنٽرول ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. ريورٽي جي The Mehran of Shind نالي شاندار ڪتاب ۾ تاريخي دور ۾ سنڌو درياءَ جي وهڪرن جو پيرو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ۽ انهي ڪتاب جي هڪ خصوصيت اها آهي ته انهي ۾ سيني مقامي ماخذن مان همعصر شاهدين جو هڪ خزانو گڏ ڪيو ويو آهي. وري انهي جي پئيرائي ۾ هيناهين سنڌو ماٿري جي جاگرافي جو تمام وسيع اڀياس ڪيو ويو آهي. جديد سنڌ ۾ انهي جي لٽاسي علائقي تي هر هنڌ سنڌو درياءَ جي رولاکين جا نشان موجود آهن جيڪو هميشه پنهنجا پراڻا وهڪرا ڇڏي نون وهڪرن ۾ هلندو رهي ٿو. ملڪ جي ڪيترن حصن ۾ هاڻي به درياءَ جا پراڻا وهڪرا ڏسي سگهجن ٿا ۽ انهي جي ڪنارن تي گهڻو وقت اڳ غائب ٿي ويل ڳوٺن جا آثار به ڏسي سگهجن ٿا. آبپاشي نظام ۾ جهڙي پختگي اڄ آهي اڳ ۾ اهڙي ڪڏهن به نه هوندي هئي. اڳ ۾ پختگي ۽ پڪ بجاءِ غير يقيني واري صورتحال هوندي هئي ڇاڪاڻ ته وهڪرا بدلبا رهندا هئا ۽ وقت بوقت نئين زمين ٻوڏ هيٺ ايندي رهندي هئي.

قديم سنڌي طريقي مطابق اهڙي طرح ٻيلي درياء جي قدرتي وهڪرن کي ڪم آندو ويندو هو انهن مان ننڍا واٽر ڪورس ڪڍي کوهه ڏا ڪوٽيا ويندا هئا جن تي نار هلندا هئا ۽ جن هيناهين جاين تي ٻوڏ جو پاڻي گڏ ٿي ويندو هو کوهن ۽ نارن جي مدد سان انهن جو وڏ ڪان وڏ استعمال ڪيو ويندو هو. انهن هيناهين جاين، جن جا سنڌي زبان ۾ ڪيترائي نالا آهن، ۾ گهٽي پوک ٿي سگهندي هئي ۽ زمين جا اهڙا وڏا ٽڪرا به هوندا هئا جن کي ڇن سڌيو ويندو هو اتي جيڪڏهن حالتن مطابق پاڻي پهچائي سگهبو هو ته اتي جهنگلي گاهه ٻوٽا به تمام جهجهي انداز ۾ ڦٽندا هئا جن تي ان، مينهين ۽ ڏيگين جو وڏو انگ ٽڳندو هو جيڪي وري هڪ وڏي آبادي جي سهائتا ڪندا هئا. اهي ئي جانور ڪير، ڏهي ۽ گيهه جي ڏنڊي ۽ ڪلن ۽ چمڙي جي صنعت جو بنياد هوندا هئا جن جو سياحن ذڪر ڪيو آهي. پراڻي دور ۾ مرڪي تي آباد ٽينڊڙ ايراضي موجوده دور کان گهٽي گهٽ هوندي هئي. هاڻي ته سائنسي اصولن تحت واهه ڪوٽيا ويا آهن ۽ واهن جو سطحون منڊ ڪان پڇڙي تائين

ڏري پرزي ماپيل آهن. اهڙي طرح ساري جيڪا موڪي جو فصل آهي اها فقط اهڙن علائقن تائين محدود هوندي هئي جتي پاڻي بغير دقت جي پهچائي سگهجي. اهڙي طرح هن فصل کي گهربل اونهو ٻيندل پاڻي ڏئي سگهبو هو. اهي علائقا گهٽو ڪري مٺاهين سنڌ جي لاڙڪاڻي ضلعي ۾ هوندا هئا جنهن کي پراڻن رڪارڊن ۾ چانڊوڪو سڏيو وڃي ٿو. اهڙا ٻيا علائقا هيناهين سنڌ جي ڏيلتا جي ويجهو هيناهن علائقن ۾ هوندا هئا انهي علائقي تي هاڻي حيدرآباد ۾ ڦٽي ضلعن جو هيناهون لٺاسو علائقو آهي.

پاٽينجر خيرپور جي پرسان لنگهندڙ هڪ وڏي واهه جو ذڪر ڪري ٿو جنهن جي ذريعي ٻوڏ جي ڏينهن ۾ ننڍيون ٻيڙيون انهي هنڌ جي ويجهو پهچنديون هيون. ٻين وقتن تي واهه ڇڪو سڪي ويندو هو ۽ روڊ طور ڪتب ايندو هو. روهڙي جي چوڌاري باغ هوندا هئا. سنڌو درياء تي ٻيڙيءَ ۾ هلندي پاٽنجر لکي ٿو ڪنارن تي ڪيترائي وڏا شهر ۽ ڳوٺ ڏسڻ ۾ اچن ٿا پر ڪجهه هنڌن تي ملڪ جي حالتن کي ڏسندي اها ڳالهه بلڪل پڌري ٿي پوي ٿي ته ٻوڏن جي ڏينهن ۾ وڏا علائقا پاڻي هيٺ اچي ويندا هوندا. اها ڳالهه به نظر اچي ٿي ته شهر بچاء جي لحاظ کان ڪنارن کان ڪجهه ميل پرپرو اڏيل آهن ۽ انهي بنياد تي ئي ڪجهه سياحن اهو سمجهيو آهي ته سنڌو درياء جي ڪنارن تي ڪيترين جاين تي ملڪ غير آباد ۽ ويران لڳو پيو آهي جيڪا ڳالهه حقيقت کان پري آهي. هو اها ڳالهه به لکي ٿو ته "شڪارپور جي اتر ۽ اتر اولهه ۾ هڪ وڏو علائقو اهڙو به آهي جيڪو هڪ سند ۾ ڪنهن جابلو نئن سبب سمورو پاڻي هيٺ هوندو آهي. اها نئن اتر طرف کان ٽڪرين تان ايندي آهي. انهي علائقي جي پاڻي هيٺ هئڻ هو هڪ سبب ٻوڏ دوران آيل تمام گهٽو پاڻي به هوندو آهي جيڪو سنڌو درياء جي هڪ ڪنڊ وهڪري مان ڏوڪيندو ايندو آهي. درياء جو اهو وهڪرو اڳ ۾ مکيه درياء کان ڏکڻ اولهه طرف بکر جي اتر ۾ هڪ سو ميلن تائين وهندو هو. انهن ٻنهي سرچشمن مان ايندڙ پاڻي کي جيئن ته نيڪال جو ٻيو ڪو ذريعو ڪونهي تنهنڪري اهو تقريباً سموري ملڪ کي ٻوڙي ٿو ڇڏي ۽ ايتريقدر جو هن کي سياري جي مند ۾ گهوڙن ذريعي به ڏکيا ئي سان پار ڪري سگهجي ٿو. هيناهين سنڌ ۾ به ساڳيون حالتون هيون اهو به ساريون پيدا ڪندڙ ڏو علائقو هو.

ڏيل هوست سنڌو درياء جون پراڻ، نارا، اڙل، ڪليلي گوني، پنجاري، گهانگڙو لکي. سيتا ۽ بگهاڙ نالي شاخون ٻڌايون آهن ۽ انهيءَ ڳالهه جو به واڌارو ڪيو آهي ته ٻيا به ڪيترائي اهم واٽر ڪورس ۽ وڏيون ڏندون پڻ هونديون هيون. واٽر ڪورسن ۾ نارا، ڏاهيجي ۽ نورواهه ۽ ڏنڊن ۾ مارئي، منچر، ميرپور ۽ ڪينجهراچي ٿي ويون. هينلٽن 1699ع ۾ سنڌو درياء جي لٽ جي زرخيزي جو بيان ڏنو آهي ۽ ٿئي بابت لکي ٿو ته اهو هڪ ڪشادي پٽ تي اڏيل آهي ۽ "انهن کي درياء مان کوٽيل اهڙا واهه آهن جيڪي شهر ڏانهن پاڻي آڻين ٿا ۽ انهن جو ڪجهه پاڻي سندن باغن لاءِ ڪتب اچي ٿو. اهي حالتون برنيئر ياران مغل دور ۾ هندستان جي مٿانهن علائقن جي بيان ڪيل حالتن کان مختلف آهن. برنيئر اها ڳالهه چٽي طرح محسوس ڪئي هئي ته هڪ ته آبپاشي نظام موجود ئي نه هو ۽ جيڪو ڪجهه هو انهي ۾ سڌارا آڻڻ ڏانهن ڪنهن جو ڌيان نه هو. سچي ڳالهه اها آهي ته سنڌ اصل کان سموري هندستان ۾ آبپاشي جي ڪمن ۾ بانيڪار رهي آهي ۽ انهي

وٽ تاريخي دور جي شروعات کان وٺي واهن ۾ واٽر ڪورسن جو هڪ نظام رهيو آهي جنهن جي سار سنيال اهڙا ماڻهو لهندا هئا جن کي اها جاڻ پلي پت هئي ته قدرت جي نعمت کي ڪهڙي ريت ڪتب آڻڻو هو. هاڻي موجود ڪيترائي قديم واهه سنڌ جي زباني روايت مطابق ڪلهوڙن جي محنت ڏانهن منسوب ڪيا ويڻ ٿا. انهي ڳالهه ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته ڪلهوڙن سنڌين جي حيثيت ۾ انهي نظام کي چالو رکڻ جي اهميت جو ادراڪ ڪري ورتو هو. وري اها ڳالهه محڻ لاءِ به ڪي بنياد موجود آهن ته انهي دور ۾ موجود آبپاشي نظام تالپرن جي حڪومت ۾ موجود آبپاشي نظام کان گهڻو بهتر هو. انهن جا هڪ ته آبپاشي جي ميدان ۾ ڪيل ڪم ايترا گهڻا نه هئا پيو ته اهي آبڪلاڻي واهن ۾ واٽر ڪورسن جي ضروري سالياني صفائي لاءِ پئسو ڏيڻ ۾ به ڪنجوسي ڪندا هئا. ڊاڪٽر ڪينيڊي 1840ع ۾ اڙل واهه بابت لکي ٿو ته "اهو هڪ هٿراڏو واهه آهي جيڪو ڪنهن وساريل دور ۾ ڪنهن محب وطن حاڪم يا ڪنهن ڏاهي نسل کوٽايو هو جن پنهنجو پئسو بادشاهن توڙي عوام واري روايتي ڏيان بجاء ڪارائتي ڪم تي خرچ ڪرڻ کي ترجيح ڏني" جيمس لکي ٿو ته شاه ڪينال جيڪو تالپرن جي دور ۾ زوال جو شڪار ٿي ويو هو اهو نور محمد ڪلهوڙي کوٽرايو جنهن تان ئي انهي تي ۾ شاهپور ڳوٺ تي اهو نالو پيو. انهي جي سموري وهڪري جي پاسن سان وڏي پوکي راهي جا آثار ڏسي سگهجن ٿا. ۾ اميرن جي رکاربن مان پڻ ثابت ٿئي ٿو ته اهو اڳوٽي حڪومت لاءِ ڪيتريقدر اهميت وارو هو. حيدرآباد ضلعي ۾ سرفراز واهه به سرفراز خان ڪلهوڙي ڏانهن منسوب آهي. تنهنڪري اهو فرض ڪرڻ ۾ ڪو اهم ڪونهي ته 1843ع ۾ تالپرن کان ورتل ڪينال سسٽم ڪيترن ئي عوامي ڪمن جو مجموعو هو جيڪي ڪلهوڙن جي دور ۾ ايجا وڏيڪ موثر ۾ ڪارگر هئا.

اسان کي انهي سرشتي جي حالتن بابت بمبئي رڪارڊ آفيس ۾ مڪمل شاهديون موجود آهن جيڪي ليفٽيننٽ ڪرنل اسڪاٽ جي 1853ع واري سنڌ ۾ واهن ۾ ٻيلن جي انتظام بابت رپورٽ ۾ موجود آهن. ڪرنل اسڪاٽ تالپرن کان مليل آبپاشي نظام جو هڪ سائنسي انجنيئر واري تنقيدي نگاه کان جائزو ورتو. هن کي تنقيد لاءِ ڪيترين ئي ڳالهين نظر آيون. "اها ڳالهه سڀ نموني ڄڻئي سگهجي ٿي ته "اهو لکي ٿو"، سنڌ ۾ واهن جو سمورو نظام ڪم ٽپائوءِ وقتي نوعيت جو آهي جيئن وقتي طور خرچ کان بچي سگهجي. اهڙا ڪيترائي پاڻي آهن جن کي هاڻي واهه ڪوٺيو وڃي ٿو پر انهن جي حيثيت شايد سڌاريل برانچن کان وڌيڪ نه هئي. ائين به نه ٿو ڏسڻ ۾ اچي ته اميرن انهن برانچن بابت ڪنهن به قسم جي ڪا تڪليف ورتي هئي. درحقيقت آءُ نه ٿو سمجهان ته هٿ جي محنت ذريعي انهن ۾ ڪو سڌارو اچي سگهي ٿو. مونکي لڳي ٿو ته سنڌو درياء مان گذريل دور ۾ موجوده دور کان وڌيڪ شاخون نڪرنديون هيون ۾ مکيه وهڪري ۾ ڪا وڏي فطري تبديلي نه آئي آهي." ڪرنل اسڪاٽ کي هن سرشتي ۾ هي نقص نظر آيا. (1) درياء کان پري وارن ضلعن کي زندگي جي عام ڪارو هنوار لاءِ به بلڪل ٿوروپاڻي ملي ٿو (2) کوهن جو پاڻي گهڻو ڪري تمام بدبو دار هوندو هو چاڪاڻ ته کوهن جي پتين کي عام طور وٽن جي ٽارين سان ٻڌو ويندو هو. انهن ۾ ڪڏهن ته وڏي مهارت سان لئي جي وڻ جون ٽاريون هڪٻئي سان وٽي ٻڌي ٻيهاريون ويندين هيون. (3) واهن ۾ سرن سان

ناهيل موريون ۽ ناڪص هونديون هيون. جو انهن ۾ دروازا نه پر پاسي وارين پٽين ۾ crossbeams ناهيون ويندڙيون هيون ۽ پاڻي کي ٻڌڻ لاءِ وٽن جون ٽاريون ۽ گندگاهه اڇلايو ويندو هو (4) سنڌ جي آبپاشي نظام جي هڪ عجيب خصوصيت يعني بندن جو نظام ۽ تسلي بخش نه هوندو هو.

انهن بندن بابت وڌيڪ بيان ڏيڻ جي ضرورت آهي ڇاڪاڻ ته اهي گهٽا عام هوندا هئا. "پراڻن واهن جي نشانن مان ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته گذريل دور ۾ انهن تي تمام گهڻو ڏيان ڏنو ويندو هو. سواءِ اهڙين حالتن ۾ جتي زمين کي ڪٽڻ جي پوکي لائق بڻايو ويو هجي. ٻين حالتن ۾ لڳي ٿو ته ٻوڏ جي پاڻي جي بغير رڪاوٽ جي وهڪري کان خوف کاڌو ويندو هو. اهي بند جيڪي مٽي ۽ گاهه جي تهن سان ۽ جيترو ٿي سگهي ايترا اوچا ناهيا ويندا هئا اهي حقيقت ۾ تمام غيرمحفوظ هوندا هئا. انهي جي درياء واري پاسي تي هر سال گاهه ۽ ٽاريون وڌيون ويندڙيون آهن. پر انهي مان به لڳي ٿو ته بچاء خير کوٽيندو آهي. وڌين ٻوڏ وارن ڏينهن ۾ انهن تي ڏينهن رات چوڪسي جي ضرورت هوندي آهي ۽ انهن جي هميشه ڪنهن نه ڪنهن قسم جي مرمت پئي هلندي آهي. انهن بندن منجهان واهن جو پاڻي مٽي بيان ڏنل سِرُن جي موربن ذريعي گذاريو ويندو آهي. اهڙين جاين تي جتي پاڻي تلائن ۽ ڍنڍين جي صورت ۾ گڏ ٿي ويندو آهي اتي پوکي راهي هميشه نار ذريعي ٽيندي هئي جنهن جا سنڌ ۾ ٻه قسم هوندا هئا. هڪ وڏو نار جنهن کي اٽ ڇڪيندا هئا ٻيو ننڍو 'هرلو' جنهن کي ٻه ڪڏهن هڪ ڍڳو هلائيندو هو. اهڙي پوک کي چرخي چيو ويندو هو ۽ انهي طريقي سان ٻاجهري، جوئر، ڪڻي، ڪمند ۽ ٻاجين جهڙا خشڪ فصل پوکيا ويندا هئا. ڪڻڪ ۽ جو عام طور ٻوڏ جي پاڻي تي يا وري اهڙي زمين تي پوکيا ويندا هئا جنهن تي پاڻي لهڻ کان اڳ هڪ دفعو پاڻي اڇي ويندو هو. اهڙي فصل کي 'بوسي' چيو ويندو هو. اهي طريقا اڄ ۽ ڪتب اڇن ٿا ۽ سموري سنڌ ۾ ڏسي سگهجن ٿا جتي ڇيڪاڻ ڪندڙ نار پنهنجي ننڍڙي لانديءِ ونگن ۽ هيرڻ جي وٽن ۽ ٻين ڇانوري وارن وٽن سان هڪ سماجي مرڪز ٻڌيل هوندو آهي.

سنڌو ندي جهڙو دريا جيڪو پاڻ سان گڏ تمام گهڻي لٽ ڪڍي اڇي ٿو ۽ جنهن جو خود ۽ ٻين واهن جو وهڪرو ورووڪڙ ڪائيندو رهي ٿو انهي لاءِ باقاعدگي سان لٽ جي ڪاٽي نهايت ضرورت هوندي هئي. پاڻي جي وهڪري کي برقرار رکڻ آبپاشي جي نظام جو تمام مهانگو حصو هوندو هو. انهي بابت وڏا تفصيلي ناعدا ۽ قانون هوندا هئا. انهي بابت چار مکيه سرشتا هوندا هئا (1) وڏن واهن جي ڪاٽي ڪجهه صورتن ۾ ته فقط سرڪار ئي ڪرائيندي هئي. (2) ٻين حالتن ۾ ڪاٽي ته جيتوڻيڪ حڪومت ڪرائيندي هئي پر خرچ جو ڪجهه حصو آباد گارن کان پرايو ويندو هو انهي کي شراڪتي چيو ويندو هو. (3) ٻين ننڍين واهن بابت حڪومت ڪاٽي جي حصي طور پيداوار مان ني خرار تي ڪجهه ڪاسا مقرر ڪندي هئي. (4) باقي ٻين سيني حالتن ۾ آبادگار واٽرڪورس يا ننڍا چينل جن کي ڪڙيو يا ڪسي چيو ويندو هو انهن جي پنهنجي خرچ سان ڪاٽي ڪرائيندا هئا. ائين ٻه ٽي سگهيو ٽي ته ڪنهن ته سموري علاقي کي واهه جي ڪاٽي لاءِ گهرايو وڃي ۽ انهن کي مزدوري ۾ عام طور ڪاڌي جو ڪو مقدار ملندو هو. ڪرنل اسڪاٽ کي باقاعدي

سالياني ڪاڻي جي ڪا ٿابتي نہ ملي سگهي هئي. تڏهن واهہ جي پراڻن مُنهن جي ڪاڻي ڪرائڻ بجاء نوان منهن کوٽڻ کي پسند ڪيو ويندو هو. اهو عام طور تمام محنت طلب ڪم هوندو هو ڇاڪاڻ تہ اڳ ۾ ڪيل ڪاڻي سبب ڪپر تمام مٽي ۾ اوچا ٽي ويندا هئا جن تان مٽي ٻاهر اڇلائڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو هو. موجوده دور ۾ واهہ بغير ڪنهن سبب جي وڏندا ۾ سُسندا رهن ٿا ۾ سنڌ ۾ اهڙو ڪو واهہ مشڪل سان لبندو جنهن جا ڪپر فقط هڪ ميل تائين بہ سڌا هجن. واهن جو مقامي طور ٽيندڙ انتظام بلڪل تخميني طور ٽيندو هو ۾ واهن کي هڪ سرشتي هيٺ گڏ ڪرڻ جي ڪا بہ ڪوشش نہ ڪئي وئي. واهہ وڏن فاصلن تائين هڪجهئي سان پورو ڇوٽ هلندي ڏسي سگهبا هئا ۾ جاگيرن جي وڏي انگ سبب سرڪار لاءِ ڪنٽرول هڪ هٿ ۾ ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو هو. جڏهن ڪاڻي ۾ خرچ سرڪار پاران ڪرايو ويڙهو هوندو هو تہ ڪاردار کي بہ تفصيل ڏيڻ کانسواءِ جملي گهربل رقم جو هڪ تخمينو ناهيندو هو. امير وٽ پنهنجي علائقي جي واهن جون لسٽون ۾ ڪچا نقشا هوندا هئا ۾ هو زمين جي نوعيت کان بہ ذاتي طور واقف هوندو هو. حساب انهي علائقي جي ربئي ۾ ڪيو ويندو هو ۾ ماپ گزن پيرين ڪئي ويندي هئي. گزجي معياري ماپ تقريباً هر پرڳڻي ۾ مختلف هوندي هئي. ٽيل ڪم جي ماپ لاءِ هڪ سُٽ جي ڏور ڪم آندي ويندي هئي ۾ زمين جي هيٺ مٿاهين کي بہ فقط اک سان جا چيو ويندو هو. امير ايتري ئي رقم جاري ڪندا هئا جيتري مناسب سمجهندا هئا ۾ انهي جو دارومدار ڪم جي ضرورتن بجاء انهي تي هوندو هو تہ هو ڪاردار کي ڪيترو ايماندار سمجهندا هئا. اهڙي طرح ٻئي اختياريون پاڻ کي بچائڻ جو بندوبست ڪندیون هيون ڇاڪاڻ تہ اهڙين حالتن ۾ اهو عين ممڪن هو تہ ڪاردار در حقيقت جيترو ڪم ڪرائڻ چاهيو ٿي تخمينو انهي کان وڌيڪ هٽي. ڪاڻي جو ڪم ڪرائڻ ۾ بہ گهٽي ڪرپشن ٽيندي هئي. حيدرآباد ۾ ڪراچي ضلعن ۾ ڪاڻي جي مزدوري جي ادائيگي لاءِ 56 قسمن جا قاعدا هوندا هئا. عام طور رقم جو اڌ روڪ نہ پر جنس جي صورت ۾ ڏنو ويندو هو. عام طور ڏلهي جي ذريعي ڪيبل مٽي ۾ ڪوڏر ذريعي ڪيبل مٽي ۾ فرق ڪيو ويندو هو. ڏلهو هڪ قسم جي ٽوڪري يا ڪاري هوندي آهي ۾ انهي ۾ ڏاڍي محنت ڪرٽي پوندي آهي ۾ پراڻن واهن جن جا ڪپر اوچا هوندا هئا انهن جي ڪاڻي لاءِ اهو طريقو ضروري هوندو هو. ڪوڏر واري طريقي کي اُڇل چيو ويندو هو. ٻنهي طريقن ۾ مزدوري جي تفاوت لاءِ ڇهہ گز في ربئي جو حساب ڪيو ويندو هو. ڪاردار کا مڙين جي ڪم جي نگراني ڪندو هو ۾ انهي ڪم ۾ امين ۾ مُهيري سندس معاونت ڪندا هئا. امين کوٽائي جي اونهائي ۾ مهيري کوٽائي جي ڊيگهہ ۾ ويڪر جي ماپ ڪندا هئا. انهن کي پنهنجي حساب ۾ مدد ڪرڻ لاءِ واهہ جي پيٽ ۾ ننڍڙا ٽڪرا اصلي حالت ۾ ڇڏيا ويندا هئا. انهن کي تاڪي سڏيو ويندو هو. سنڌ ۾ واهن جي ڪاڻي جي ماپ لاءِ اڄ بہ هوبهو اهوئي طريقو اختيار ڪيو ويندو آهي.

ٽالپر ڪنجوس هوندا هئا ۾ پنهنجن ڪاردارن جي ايمانداري تي اعتماد نہ ڪندا هئا. اهي واهن جي ڪاڻي توڙي آبپاشي جانوان ڪم ڪرائڻ لاءِ ٻئسن جي طلب ۾ ڪٽو تي ڪرڻ لاءِ تيار رهندا هئا. تنهن هوندي بہ انهن پاران ڪجهہ ڪم ٿي ويا جهڙوڪ ڏليلي تي علي بند وارو بند جنهن جو پاڻنجر فتح علي

ٽالپر جي ڪم جي حيثيت ۾ تذڪرو ڪيو آهي. ٽالپرن پنهنجي ملڪ جي پيدا واري صلاحيت کي تباهه ڪرڻ لاءِ جاڻي واڻي کي به قدم نه کنيا هئا. البت اهو چئي سگهجي ٿو ته اهي ڪوتاه انديش هئا ۽ بهتري کي شڪ شبهي جي نظر سان ڏسندا هئا. تنهنڪري عين ممڪن آهي ته انگريزن جيڪا بي ڏياني ۽ ڪنجوسي انهن ڏانهن منسوب ڪئي آهي انهي جو هڪ سبب گهٽ ۾ گهٽ درياء جي وهڪري ۾ ايندڙ تبديلي هجي جنهن سبب درياء جون کي پراڻيون شاخون سڪي وينديون هيون. جيئن ته انهن کي ڪو پبلڪ ورڪس ڊپارٽمينٽ به نه هوندو هو تنهنڪري انهن کان اها اميد ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم هو ته هو انهي ڏس ۾ ويهي مهانگا تجربا ڪندا ته دريا پاران ڇڏيل شاخن ۾ واپس پ ي ڪئين آڻجي ۽ انهن کي ڪارآمد ڪيئن بڻائجي.

سنڌ جي ڪمشنر جي 1848ع ۾ راء هئي ته روينيو نظام اڪثر حالتن ۾ هڪ طرفو ۽ پنهنجي هلائيندڙ هو ۽ ان تي ڪا به رنبروڪ نه هئي: برنس جيڪو انصاف پسند ۽ صحيح ذهن وارو سياح آهي اهو سنڌ جي آخري مقامي حڪمرانن بابت چوي ٿو: انهي جا حاڪم بي علم ۽ زور زبردستي ڪندڙ آهن ۽ انهي جي تاريخ مان خبر پوي ٿي ته انهي تي موجوده دور ڪان بهتر نموني ۾ ڪڏهن به حڪمراني نه ٿي آهي ۽ انهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ اها خوبي ضرور آهي ته انهن انهي کي گذريل ٽيهن ورهين کان سڪون ۽ اطمينان واري حالت ۾ رکيو آهي. تنهنڪري اسين اهو نتيجو ڪڍي سگهون ٿا ته سورهين ۽ سترهين صدين ۾ آبپاشي جي لحاظ کان حالتون 1843ع ۾ انگريزن کي مليل حالتن کان گهڻيون مختلف نه هيون ۽ جيڪڏهن ڪا خرابي آئي به هئي ته به انهي جو سبب ماڻهن جي ناداني بجاءِ سنڌو درياء ۾ آيل تبديليون هونديون. پراڻا سمجهيا ويندڙ واهن مان هيٺين جو تذڪرو غير مناسب نه ٿيندو.

نواب شاه ضلعي ۾ نو لکي واهه کي ڪلهوڙا دور کان پراڻو سمجهيو وڃي ٿو. ساڳئي ضلعي ۾ نصرٽ ڪينال نورمحمد ڪلهوڙي جي دور جو آهي جيڪو 1754ع ۾ فوت ٿيو. حيدرآباد ضلعي ۾ سرفراز واهه بابت چيو ٿو وڃي ته سرفراز خان ڪلهوڙي جي دور جو آهي. مٽين سنڌ سرحدي ضلعي ۾ بيگاري واهه به هڪ پراڻو آبڪلاڙي واهه آهي پر اها خبر نه آهي ته اهو ڪڏهن کوٽايو ويو هو. جيئن انهي جي نالي مان اشارو ملي ٿو ته اهو بيگار جي مزدوري جو نتيجو آهي. سنڌ جي بلڪل اتر ۾ ميرپور ماٽيلي ۽ اوباوڙي تعلقن ۾ درياء جي ڪابي ڪپ وارا آبڪلاڙي وارا سڀ واهه پراڻا آهن. انهن جا نالا آهن لنڊي واهه ڊينگڙو واهه ۽ ڪورائي واهه ڪورائي واهه ڪورائي قبليلي پاران ٽيل ڪم آهي. حيدرآباد ۽ ٺٽي ضلعن ۾ مولچند واهه ميرنصير خان ٽالپرن جي دور جو آهي ۽ علي بند به ٽالپرن جو ٺهرايل آهي جيڪو پراڻ جي پاڻين جي وهڪري کي روڪيندو هو ۽ انهن کي ڪڇ جي زمينن ڏانهن وڏڻ کان روڪيندي سنڌ جي سرحد ڏانهن ڪري ڇڏيندو هو.

انگريزن پاران سنڌ جو الحاق ڪرڻ ڪانپوءِ آبڪلاڙي واهن جي بهتري ڏانهن ڏيان ڏنو وڃڻ لڳو. نيپئر پاران ڪينال ڊپارٽمينٽ قائم ڪرڻ جي ڪوشش انهي ڪري ناڪام ٿي جو هن جو دارومدار فوجي

آفيسرن تي هو جيڪي انجنيئرنگ جي ڪم کان اڻواقف هئا. سندن دور ۾ واهن ۽ ٻيلن جي گڏيل ڪاتي جو سپرنٽنڈنٽ ليفٽيننٽ ڪرنل والٽر اسڪاٽ هو. واهن ۽ ٻيلن جو گڏيل ڪاتو 1849ع ۾ ختم ڪيو ويو پر ٻه يا ٽي ورهيه پوءِ ليفٽيننٽ (پوءِ جنرل) فائيف آر. اي جي ماتحتي ۾ نئين سر ناهيو ويو. گزيٽيئر جي هن اشاعت ۾ سنڌ جي تاريخ واري بيان ۾ انگريزن پاران آبڪلاڻي واهن جي سڌاري ۽ ترقي لاءِ ڪنيل قدمن جو عمومي بيان ڏنو ويو آهي. اوڻيهين صدي جي پنجاه واري ڏهاڪي جي شروعات کان موجوده دور تائين مستحڪم حڪومت ڪانپوءِ آبپاشي جي سائنسي بنيادن تي ترقي برطانوي راج جو سنڌ کي ڏنل تمام قيمتي تحفو آهي. هن عظيم ڪم جا بانيڪار ليفٽيننٽ ڪرنل والٽر اسڪاٽ، جنرل جان جيڪب، مسٽر بارٽل فريئر ۽ ليفٽيننٽ فائيف آر.اي هئا. والٽر اسڪاٽ بابت ته اڳ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته هن آبپاشي جي پراڻي نظام جي مکيه نقصن جي نشاندهي ڪئي ۽ انهيءَ ۾ بهتري آڻڻ جا بهترين طريقا ٻڌايا. ڊزرٽ ڪينال ڪوٽڙ جي ڏس ۾ پهريون قدم جنرل جان جيڪب کنيو. مٿاهين سنڌ جي سرحد جي زرخيزي ۾ واڌاري جي شابس به هوئي لهڻي. انهي سان جيڪب آباد جي شهر جو پايو پوڙ جي راهه هموار ٿي جيڪو هن ٻيڑهين جي دوران سموري ملڪ جي گهٽي پيداوار ڏيندڙ علائقن جو هڪ مرڪز ٿي ويو آهي. مسٽر بارٽل فريئر سنڌ کي ملندڙ شايد سڀ کان وڏو منتظم هو. هن پنهنجيون سموريون قابليتون ۽ مهارتون سنڌ جي آبپاشي نظام کي سائنسي ۽ فائديمند بنيادن تي بيهارڻ لاءِ ڪم آنديون. پر پبلڪ ورڪس جي انهي شاندار نظام جو حقيقي معمار ليفٽيننٽ فائيف ئي هو. هن سنڌ ۾ نه فقط سڀ کان اڳ ننڍي پيماني تي بهترين آنديون ۽ هوئي سڀ کان پهريون آبپاشي انجنيئر هو جنهن سڀ کان اڳ سکر بيراج جي ضرورت محسوس ڪئي. ليفٽيننٽ جي. جي فائيف آر. اي (تڏهن سندس سجاڻپ اها ئي هئي) 1855ع ۾ سموري صوبي جو آبپاشي نظام نئين سر ناهڻ بابت هڪ تمام ماهراڻي رپورٽ پيش ڪئي. انهي رپورٽ جو عنوان هو A Sketch of Irrigation in Sind with proposals for its improvement هن انهي رپورٽ ۾ ڄاڻايو ته صوبي فقط هڪ سال ۾ پنهنجي آبپاشي نظام جي خامين سبب 31 لک وڃايا ۽ هن ڪجهه اصول به ٻڌايا جيڪي سندس خيال مطابق ايندڙ سڀني ڪمن جو بنياد هئڻ گهرجن. هن انهن اصولن مطابق واهن جون چار قطارون تجويز ڪيون. هڪ روهڙي وٽان درياءَ مان نڪري ۽ انهي جي ڪاپي ڪپ سمان 15 ميلن جي فاصلي تي هن سان پورو وڇوٽ هلندي حيدرآباد وبجهو ڪليلي واهه ۾ ڇوڙ ڪري ٻي سکر وٽان درياء مان نڪري ساڄي ڪپ سان ڇڻن ميلن تي پوروڇوٽ هلندي لاڑڪاڻي جي اتراوپر ۾ ڪجهه ميلن تي الهندي ناري (western Nara canal) ۾ پوي. ٽئين ۽ ڇوٽين لائين درياء جي ساڄي ۽ ڪاپي ڪپ مان جهرڪن وٽان نڪرن. اهي ٻئي آخرڪار هلي ڪراچي پهچن. هن هڪ پنجين واهه جي به تجويز ڏني جيڪو به ملڪ لاءِ ڏاڍو لاڀائتو ٿي سگهيو ٿي. اهو منڇائو کان واڪي بازار هلي. انهن رٽائن مان پهرئين يعني روهڙي ڪينال کي انهي وقت تمام وڏو سمجهندي هٽ ۾ نه کنيو ويو. ٻئين رٽا يعني سکر ڪينال کي تمام محدود ۽ ترميمي شڪل ۾ آڻي 1861ع ۾ منظوري ڏني وئي. پنجين ڪينال جي جيتوڻيڪ بنا دير منظوري ڏني وئي پر انهي دور جي مالي مسئلن سبب اهو 1879ع ۾ هلي تڪميل تي پهتو.

جيڪڏهن 1855ع کان (اها ليفٽيننٽ فائيف جي عهد ساز رپورٽ جو وقت آهي) 1932ع يعني سکر ۾ لائيڊ بيراج کلڻ تائين جي وچ واري دور جي تاريخ جو جائزو ورتو وڃي ته ڏهن تي مجموعي تاثر اهو ويهندو ته جڏ ته ٻن مختلف سوچ رکندڙ گروپن ۾ ڪا جنگ هلي رهي هئي. هڪڙا اهي جيڪي سنڌ جي آبپاشي جي مسئلي جي حل طور آبڪلاٽي واهن تي دارومدار رکندا هئا ۽ ٻيا اهي جيڪي وڏي سوچ رکندي سمجهندا هئا ته واحد طويل مدتي ۽ اطمينان بخش حل اهو هو ته دائمي پاڻي وڏ کان وڏ زمين تائين پهچايو وڃي. ڪم ٽپائو سوچ رکندڙ ۽ ڪجهه ٿورن دوراندیش ماڻهن - جيڪي انهي طريقي کي ناڪافي سمجهندا هئا - ۾ هلندڙ انهي جنگ ۾ ڪاميابي سدائين ڪم ٽپائو ماڻهن کي ملي. انهن کي انهي سموري عرصي دوران خزاني وارن يعني گورنمينٽ آف بامبي جي فنانس ڊپارٽمينٽ ۽ گورنمينٽ آف انڊيا جي مضبوط حمايت حاصل رهي جو ته اهي کاتا آئيندي جي ترقي جي وڏين رٿائن تي وڏيون رقمون هڻڻ جو جو ڪم ڪٽڻ نه چاهيندا هئا. پر گذريل صدي جي شروعاتي ورهين ۾ حقيقتن جي منطق دوراندیش ماڻهن جي سوچ جي حمايت ڪرڻ شروع ڪئي. انهي سلسلي ۾ ليفٽيننٽ فائيف پاران سرانجام ڏنل هڪ وڏيڪ خدمت ڏهن ۾ آڻڻ دلچسپي کان خالي نه ٿيندي جيڪو اوٽيهن صدي جي نوي واري ڏهاڪي تائين ليفٽيننٽ جنرل فائيف ٽي ويو هو. بمبئي جي گورنر لارڊ ري (Reay) جيڪو به مستقبل تي نظر رکندڙ دوراندیش ماڻهن مان هڪ هو انهي آبپاشي جي موضوع تي 1890ع ۾ لکيو: "آءٌ هڪ سوال رکارڊ تي رکڻ گهران ٿو آءٌ انهي کي تمام اهم سمجهان ٿو ۽ اهو ڪنهن به لحاظ کان نڪون نه آهي. اهو سوال هي آهي: ڇا اسين آبڪلاٽي واهن جي موجوده نظام ۾ بهتري آڻيندي. وڌائيندي ۽ انهي ذريعي انهي نظام کي برقرار رکڻ ۾ درست آهيون؟ گذريل پنجن ورهين دوران پوکي راهي ۽ دلن مان آمدني ۾ اطمينان بخش واڌارن مان پهرئين نظر ۾ ئي انهي سوال جو جواب ملي ويندو. پر اها ڳالهه اڳ ۾ ئي چئجي چڪي هئي ته انهي واڌاري جو وڏو حصو سرڪار پاران ڪوٽايل نون واهن تي ٿيو هو. پر جيڪڏهن انهن ڪمن کي دائري مان خارج ڪيو وڃي ته منهنجي خيال ۾ ايترو ضرور چئي سگهبو ته سنڌ ۾ ڪينال سسٽم ۾ بهتري آڻڻ لاءِ موثر نموني خير ڪو ڪم ڪيو ويو آهي. پوکي راهي جو وڏو حصو اڃا تائين نار ذريعي پاڻي ٻنين تائين پهچائي ڪيو وڃي ٿو جنهن تي تمام گهٽي سخت ڪرٽي پوي ٿي ۽ اهڙا شايد تن کان وڌيڪ وڏا واهه نه آهن جنهن جي مُنهن (heads) کي ڪنهن به لحاظ کان مستقل چئي سگهجي ۽ انهن کي درپائي وهڪري ۾ تبديلي سبب ڪو نقصان نه پهچي سگهي. جنرل فائيف پاران ڪيترا ورهيه اڳ لکيل شاندار ليک A sketch of Irrigation in Sind with Proposals for it's improvement موجوده نظام جي اوٽاين کي وائکو ڪري ٿو انهن مان ڪيترين ته ايجا به موجود آهن ۽ انهن مان ٿيندڙ نقصانن سان گڏو گڏ انهي ۾ موثر حل به بيان ڪيل آهن. انهي موضوع کي آءٌ جنرل فائيف جي راين جي روشني ۾ وڏيڪ سوچ وبچار ۽ ڪوجنا لاءِ پيش ڪندس. ۽ ليفٽيننٽ جنرل فائيف (جنهن جو پنهنجي رٿا ۾ انهي کي 1855ع ۾ هٽ ۾ ڪٽڻ کان وٺي ڪڏهن به يقين ۾ لوڏو نه آيو). 9 - مئي 1890ع تي بمبئي ۾ سيڪريٽري ٿو گورنمينٽ ڏانهن هڪ خط لکيو جنهن ۾ هن

لاردري جي ياد داشت جو حوالو ڏنو ۽ پڙ سبب ڏنا تہ اهو ڪينال ڇو ٺهڙ گهرجي. اهڙي طرح انهي پيغمبر ڪي 35 ورهيہ گذري ويڙ ڪانپوءِ بہ خود پنهنجي ملڪ ۾ بہ عزت نہ پئي ملي. جنرل فائيف جي خوابن ڪي حقيقت جو روپ ونڙ لاءِ ايڪا ٻيا 42 ورهيہ گذرڻا هئا ۽ تيستائين ڪيس وفات ڪئي بہ گهڻو وقت گذري ويو هو. هاڻي دائمي آبپاشي جي سوپ مڪمل ٿي وئي آهي ۽ ڪجهہ وقت اندر آبڪلاڻي واهہ تاريخ جو حصو ٿي ويندا چاڪاڻ تہ سکر بيراج جي رٿا جي ڪمانڊ مان رهجي ويل ہ وڏا علائقا هاڻي ڪوٽڙي بيراج ۽ گڏو بيراج ۾ اچي رهيا آهن. غلام محمد بيراج جي نالي سان سڏيو ويندڙ ڪوٽڙي بيراج حيدرآباد ۽ ٺٽي ضلعن جي انهن علائقن ڪي دائمي پاڻي ڏيندو جيڪي روهڙي ڪينال جي ڪمانڊ مان رهجي ويا هئا ۽ مٽاهين سنڌ ۾ گڏو بيراج سکر ضلعي ۽ اپرسنڌ فرنٽيئر ضلعي (يعني جيڪب آباد) جي انهن علائقن ڪي پاڻي ڏيندو جن ڪي سکر بيراج مان پاڻي نہ ٿي مليو- گڏو بيراج - جنهن بابت هن باب ۾ اڳتي هلي ڪجهہ ڄاڻ ڏني ويندي اهو- ايڪا ٻهي رهيو آهي ۽ جيستائين اهو ۽ ڪوٽڙي بيراج پنهنجي پوري گنجائش مطابق ڪم ڪرڻ لڳن تيستائين ڪجهہ پوڪي راهي پراڻي نموني جي آبڪلاڻي واهن تي ٽيندي رهندي. سن 1884ع کان 1894ع جي وچ ۾ ڪينالن جو سيپ کان وڏو ڪم اتر سنڌ ۾ انهڙ واهہ جي کوٽائي هو جنهن تي 6 لک روپيا لڳا. پرچارڊ (Prichard) ۽ ڏامراهو نالي بہ ننڍا ڪينال 1894ع ۾ ٺهيا. هر هڪ تي ٽي ٽي لک روپيا خرچ ٿيو. جمڙائو ڪينال پڙ 1894ع ۾ شروع ٿيو. انهي ڪينال جي ڊزائين دائمي ڪينال طور ٺاهي وئي هئي ۽ لائيڊ بيراج جي ڪينالن ۾ پاڻي وهڙ تائين اهو پنهنجي نوعيت جو واحد ڪينال هو. پر ايسٽرن ناراجي هڪ فيڊر چينل طور 1908ع ڏاران ناڪام ٿيڙ سبب ربيع جي مند ۾ پاڻي غير يقيني ۽ اٽپورو ٿي پيو. ليفٽيننٽ فائيف 1860ع ۾ جمڙائو ڪينال رٿا حڪومت ڪي پيش ڪئي هئي. تڏهن سندس ارادو زوربار وجهي انهي تي فوراً ڪم شروع ڪرائڙ جو نہ هو پر هن چاهيو ٿي تہ ائين ڪرڻ سان اها رٿا نظرن کان اوجهل ٿيڙ کان تہ بچي ويندي حقيقت ۾ جمڙائو ڪينال رٿا روهڙي حيدرآباد ڪينال واري تمام وڏي رٿا جي ماتحت هئي ۽ اها 1872ع ۾ نئين سر هٿ ۾ کڻڙ تائين مهمل رهي.

پوءِ هڪ سروي شروع ڪئي وئي ۽ سن 1876ع ۾ پيش ڪيل سروي جي تفصيلن مان هڪ رٿا تيار ڪئي وئي پر انهي ڪي انهي وقت منظوري نہ ملي سگهي. سن 1891ع ۾ پيش ڪيل تجويزن ۾ روهڙي حيدرآباد ڪينال جي حمايت ڪئي وئي ۽ انهن جي نتيجي ۾ سنڌ ايريگشن ڪميشن قائم ڪئي وئي جنهن آخرڪار جمڙائو ڪينال جي رٿا جي حق ۾ فيصلو ڏنو ۽ نظرثاني ٿيل پلان ۽ تخمينو ٺاهڙ جو ڪم مسٽر جي. ٽيٽ (J.Tate) جي حوالي ڪيو ويو. انهن نظرثاني ٿيل رٿائن ۽ تخمينن ۾ 72 لک روپين جو خرچ ڄاڻايل هو ۽ سن 1894ع ۾ ڪم جي منظوري ڏني وئي.

ڪينال سن 1899ع ۾ ڪوليو ويو. جمڙائو ڪينال ڪُلڙ ڪانپوءِ ٽيل سيپ کان وڏو ڪم نصرت ۽ داد ڪينالن جي ري ماڊلنگ هو. جن مان نصرت ڪينال تي 18 لک ۽ داد ڪينال تي 27 لک روپيا خرچ آيو. ڊزرٽ ڪينال جي ري ماڊلنگ پڙ وڏن ڪمن مان هڪ هو. اهي سيئي ڪم 1902ع کان 1904ع جي وچ ۾

مڪمل ٿيا ۽ انهي وقت ۾ لائيڊ بيراج ائنڊ ڪينالز ڪنسٽرڪشن اسڪيم جي منظوري جي وچ دوران ڪو وڏو مڪينيڪل ڪم نه ٿيو ۽ سنڌ تڏهن به ڪنهن خاطريءَ واري دائمي واهه کان وانجهيل رهي. ڪيترائي آبڪلاٽي واهه سنڌو درياء جي سازگار هئڻ وارن ورهين دوران صحيح ڪم ڪندا هئا. پر انهن واهن جي ڪاميابي جو دارومدار فقط انهي تي هوندو هو ته درياء ۾ چاڙهه ڪيترو ٿو اچي ۽ اهو ڪيترو وقت چڱو مٽي رهي ٿو. تنهنڪري دائمي واهن جي ضرورت سخت کان سخت ٿيندي وئي ۽ انهي سان گڏوگڏ لائيڊ بيراج ڪنسٽرڪشن اسڪيم جي منظوري سان سنڌ جي آبادگارن کي چڱو اطمينان ٿيو. سنڌ 1920ع واري ڏاهاڪي تائين سنڌو درياءَ جي رحم وڪرم تي رهي جيڪو انهي سان اڪثر ٻيو ڪيڏندو هو. پنهنجو پنج سو ميل ڊگهو وهڪرو پنهنجي مرضي سان ٻيو مٽائيندو هو ۽ تباه ڪار ٻوڏون آڻي وقت بوقت ٻنيون فصل ٻيو برباد ڪندو هو ۽ پنهنجي ٻنيان ڏک اهنج ۽ گندگي جا نشان ڇڏي ويندو هو. پر لائيڊ بيراج جي اچڻ سان درياء کي پنهنجا هٿيار دنيا جي سپ کان وڏي آبپاشي نظام آڏو ڦٽا ڪرڻا پيا. انهي نظام ۾ 1028 ميلن تي مکيه واهه 1071 ميلن تي برانچون ۽ نون واٽر ڪورسن جي ڊيگهه پنجاهه هزار ميل آهي جيڪي ڏرتي جي گولي جي چوڌاري به دفعا ڦيرو ڏئي سگهن ٿا. انهي نظام ۾ هن هزارن جي لڳ ڀڳ پُليون ۽ ريگيوليٽر آهن. اهو پنجهتر لک ايڪڙ زمين کي پاڻي پهچائي سگهي ٿو جن مان 52 لک پنجاهه هزار ايڪڙن تي پوکي راهي ٿي سگهي ٿي جڏهن ته بيراج کان اڳ فقط 20 لک ايڪڙن تي پوک ٿي سگهندي هئي.

سن 1932ع ۾ لائيڊ بيراج جي ڪلڻ جو مطلب سنڌ ۾ آبپاشي ۾ هڪ مڪمل انقلاب هو. پر لائيڊ بيراج سموري صوبي جي پورت نه ٿي ڪري سگهيو. اتر ۽ ڏکڻ ۾ زمين جا ڇڪا ٽڪر بيراج جي ڪمانڊ کان ٻاهر هئا. انهي جو مطلب ٿيو ته تمام وڏي ايراضي تي پوک کي بيراج کان اڳ وانگر آبڪلاٽي واهن ذريعي پاڻي ملندو. سن 46/ 1945ع جي لئنڊرويني ايڊمنسٽريشن رپورٽ جي ضميمي 18 ۾ بيراجي پاڻي، غير بيراجي پاڻي ۽ مينهن تي ٿيندڙ فصلن جون ايراضيون ڏيکاريل آهن. انهيءَ مان ڏهين ۾ ايندو ته لائيڊ بيراج چالو ٿيڻ کان ٻارنهن ورهيه پوءِ بيراجي پاڻي تي آباد ٿيندڙ غير منتقل ٽيل زمين 2868562 ايڪڙ هئي. غير بيراجي پاڻي تي آباد ٿيندڙ زمين جي ايراضي 1629891 ايڪڙ ۽ مينهن جي پاڻي تي آباد ٿيندڙ زمين جي ايراضي 825428 ايڪڙ هئي. جملي 55.55 لک ايڪڙ آبادي هيٺ آيل ايراضي مان ٽلهي لکي 28.7 لک بيراجي پاڻيءَ تي 16.3 لک ايڪڙ غير بيراجي پاڻيءَ تي ۽ 8.25 لک ايڪڙ مينهن جي پاڻي تي آباد ٿيندا هئا. يعني 45/ 1944ع ۾ بيراج جملي آبادي هيٺ ايراضي جي 52 سيڪڙي لاءِ پاڻي ڏئي رهيو هو جڏهن ته 28.6 سيڪڙو آبڪلاٽي واهن ۽ 14 سيڪڙو مينهن جي پاڻي تي آبادي ٿي رهي هئي. جيستائين منتقل ٽيل زمين جو تعلق آهي ته بيراج تي 117019 ايڪڙن ۽ غير بيراج تي 117905 ايڪڙن تي آبادي ٿيندي هئي. مينهن تي آباد ٿيندڙ 11047 ايڪڙ ته بلڪل نه هئڻ جي برابر آبادي هئي. انهيءَ جو مطلب ٿيو ته منتقل ٽيل زمينن ۾ پوک بيراجي پاڻي ۽ آبڪلاٽي واهن ۾ برابر جي بنياد تي ٿيندي هئي. انهن انگن اکرن ۾ خيرپور شامل نه آهي جو انهي سال جا انگ اکر دستياب نه آهن. سنڌ جي چيف انجنيئر ايريگيشن، سنڌ

ائگريڪلچرل ڪميشن آڏو 10 ۽ 11 نومبر 1953ع تي پنهنجي بيان ۾ چيو ته سکر بيراج جي سيني ڪينالن (خيرپور رياست جي ڪينالن سميت) جو خريف ۾ 46583 ۽ ربيع ۾ 25648 ڪيوسيڪ وهڪرو هوءِ ڪمانڊ هيٺ ايراضي سادا ست هٽ لک ايڪڙ هئي. انهن انگن جو وچور هيٺ ڏجي ٿو.

ڪينال	پوکيءَ لائق ايراضي لک ايڪڙن ۾	وهڪرو	
		خريف	ربيع
1. نارٿ ويسٽرن ڪينال	9.33	5042	3639
2. رائيس ڪينال	4.81	10215	.....
3. دادو ڪينال	4.99	2837	2525
4. خيرپور فيڊرويسٽ	3.89	4000	2625
5. روهڙي ڪينال	25.35	10887	9900
6. خيرپور فيڊر ايسٽ	3.36	4000	2625
7. نارا ڪينال	18.33	13602	6959

گزٽيئر جي 1907ع واري اشاعت ۾ آبڪلاڙي واهن جي 1905ع تائين جو احوال ڇڪي تفصيل سان ڏنل آهي. جيئن ته لائيڊ بيراج ۽ ان ڪانپوءِ ڪونڙي بيراج نهڙ سان صورتحال ۾ وڏي تبديلي اچي وئي آهي ۽ جيئن ته انهن بيراجن ڪانپوءِ گڏو بيراج تي پڙ ڪم هلي رهيو آهي تنهنڪري گزٽيئر ۾ آبڪلاڙي واهن جي طريقي بابت شامل ڇاڙ فقط هن مثالن ڪانسواءِ هاڻي پراڻي ٿي وئي آهي ۽ فقط تاريخي دلچسپيءَ جي آهي. البت انهن هن وڏن علاقن جو مختصر بيان ڏيڻ غير مناسب نه ٿيندو جن تائين لائيڊ بيراج جو پاڻي نه ٿو پهچي.

گڏو بيراج ڪمانڊ: پهريون اتر وارو علاقو آهي جيڪو گڏو بيراج جي ڪمانڊ ۾ شامل ٿيڻو آهي. هن علاقي ۾ جيڪي واهه ايڄا تائين وهي رهيا آهن انهن ۾ ساڄي ڪپ تي ڊزرٽ ڪينال. انهڙ واهه ۽ ان جون شاخون ۽ بيگاري ڪينال ۽ کاهي ڪپ تي شيهر. مهاڙي. مسو مهرو لنڊي. ڊينگڙو مهسيرو ڪورائي. جانب ۽ گرڪڙو واهه اچي وڃن ٿا. جڏهن گڏو بيراج چالو ٿيندو ته اهي سيئي واهه متاثر ٿيندا. گڏو بيراج رٿا ۾ هنن شين جي تعمير ٿيڻي آهي (الف) سنڌو درياءَ تي گڏو وٽ هڪ بيراج (ب) ساڄي ڪپ تي ٻه فيڊر. انهن مان هڪ ڊزرٽ انهر فيڊر جي نالي سان سڏيو ويندو اهو ڊزرٽ ۽ انهر ڪينال سسٽم کي پريندو جڏهن ته ٻيو بيگاري سنڌ فيڊر. بيگاريُ سنڌ راجب ۽ ڇڻي ڪينال سسٽم کي پريندو (ج) کاهي ڪپ تي گهوٽڪي فيڊر سڏيو ويندڙ ڪينال کاهي ڪپ تي سيني ڪينالن کي پريندو. ڊزرٽ انهر فيڊر 50.66 ميل ڊگهو آهي. انهي ۾ مڪمل سپلاءِ تي وهڪرو 12945 ڪيوسيڪ ٿيندو. ڊزرٽ انهر فيڊر مان نڪرندڙ موجود تقريباً سيني واهن کي ڪتب آندو ويو آهي ۽ انهن کي سندن نظرثاني ڪيل وهڪرن مطابق ڪرڻ لاءِ ري ماڊل ڪيو ويو آهي. جتي جتي ضروري هوا تي واهن جي ڪمانڊ ۾ ٻه ڦيرڦار ڪئي وئي

آهي ۽ موجوده چينلن جي ڊيگهه ۾ واڌارو ڪرڻ سان گڏوگڏ نوان چينل پڻ تجويز ڪيا ويا آهن جيئن واٽر ڪورسن جي ڊيگهه ٻن کان ٽن ميلن جي اندر رکي سگهجي. اڏيو واهه اڏيو ڊسٽري بيوٽري ۽ سون واهه جي ڪمانڊ ۾ اهڙا علائقا آهن جتي پاڻي ڏکيو پهچي ٿو. انهن چينلن جي ڊزائين خريف چينل واري رکي وئي آهي. ساڳئي طرح چندر ٽالهو ۽ مالهي ڊسٽري بيوٽرين جي ڊزائين پڻ خريف چينل واري رکي وئي آهي. باقي ٻين چينلن کي ساريالي فصل جي چينل طور ڊزائين ڪيو ويو آهي. پراڻا واهه جن کي ري ماڊل ڪرڻو آهي انهن جي جملي ڊيگهه 473 ميل ۽ نون کوٽائي هيٺ ايندڙ چينلن مان فيڊرن جي ڊيگهه 42 ميل ۽ ٻين چينلن جي ڊيگهه 105 ميل هوندي. بيگاري سنڌ فيڊر جي جملي ڊيگهه 83.9 ميل هوندي ۽ اهو سمورو نئون هوندو. فيڊر جو مُنهن وٽ مڪمل سپلاءِ وهڪرو 15494 ڪيوسڪ هوندو. فيڊر شروعاتي 28 ميلن ۾ پڪي زمين ۾ آهي تنهنڪري ڪنڊ پوڙ جو به ڪو خطرو نه آهي. فيڊر مان نڪرندڙ موجوده واهه تقريباً سيئي ڪتب آندا ويا آهن ۽ انهن کي نظر ثاني ٽيل وهڪري سان برابر ڪرڻ لاءِ ري ماڊل ڪيو ويو آهي. ڪشموربند جي سامهون 20 کان 42 ميل تائين ڪچي جي علائقي کي بند ڪرڻ لاءِ هڪ دريائي بند (river bund) جي تجويز ڏني وئي آهي. ڪشمور بند جي سامهون ميل 0 کان 20 تائين ڪچي جي ٻين علائقن کي اڳيئي frontal bunds جي ذريعي محفوظ ڪيو ويو آهي. ڪچي جي انهي علائقي ۾ آبپاشي لاءِ 74 ميل نون چينلن جي تجويز آهي. پراڻا واهه جيڪي ري ماڊل ڪيا ويڻا آهن انهن جي جملي ڊيگهه 391 ميل آهي ۽ نون کوٽائي هيٺ ايندڙ چينلن مان 89 ميل فيڊر ۽ 232 ميل ٻيا چينل هوندا. گهوٽڪي فيڊر 836 ميل ڊگهو آهي. جنهن ۾ ايل. ايم فيڊر به شامل آهي جيڪو 47/ 1940 ۾ کوٽيو ويو هو. فيڊر جو مڪمل سپلاءِ تي منهن وٽ وهڪرو 8490 ڪيوسڪ آهي. ڪاهي ڪپ تي وڏن علائقن تي غير آباد جهنگ ۽ موجوده ڪينالن جون پچڑيون آهن تنهنڪري ڪيترائي نوان چينل تجويز هيٺ آهن. پراڻا چينل جيڪي ري ماڊل ڪيا ويڻا آهن انهن جي جملي ڊيگهه 380 ميل آهي ۽ کوٽائي هيٺ ايندڙ نون چينلن مان فيڊرن جي ڊيگهه 54 ميل ۽ ٻين چينلن جي ڊيگهه 296 ميل آهي. نون چينلن ۾ اهي وچ وارا لنڪ (Link) به شامل آهن جيڪي خراب وڪڙ ڪيڻ ۽ پراڻ واهن جي واڌارن کي ختم ڪرڻ لاءِ تجويز ڪيا ويا آهن. گڏو بيراج جي ڪمانڊ واري جملي ايراضي ٻيلن سميت 2663184 ايڪڙ (4161 چورس ميل) آهي جنهن مان 198767 ايڪڙ (311 چورس ميل) بلوچستان ۾ اچي ٿي. ڪمانڊ هيٺ ايندڙ پوکيءَ لائق جملي ايراضي ٻيلن کانسواءِ 2144590 ايڪڙ آهي جنهن مان 193459 ايڪڙ بلوچستان ۾ اچي ٿي. ڪمانڊ هيٺ ايندڙ ٻيلن جي جملي ايراضي 1150320 ايڪڙ آهي جيڪا سموري سنڌ جي حدن ۾ اچي ٿي.

ڪوٽڙي (غلام محمد) بيراج ڪمانڊ: ٻيو وڏو علائقو جيڪو لائيڊ بيراج جي ڪمانڊ کان ٻاهر آهي اهو آهي ڏکڻ سنڌ. اهو هڪ وڏو ٽڪنڊو آهي جنهن جي چوٽي ڪوٽڙي وٽ آهي ۽ پايو سنڌو جي ڊيلٽا جي هيٺاهن ڪنارن ۽ ڪڇ رڻ سان لڳو لڳ وڌندو وڃيس ٿو. انهيءَ علائقي ۾ ڪليلي ڪينال سسٽم جو وڏو حصو ۽ پراڻي ڪراچي جا سيئي واهه اچي وڃن ٿا. هونئن هاڻي پراڻي ڪراچي کي ڇڏ

ڪينال ڊسٽرڪٽ چيو وڃي ٿو. ڪليلي سان گڏوگڏ ٻين واهن ۾ امام واهه جنوبي، نصير واهه امام واهه جاگير. گوني واهه ۽ حيدرآباد ضلعي جي حدن اندر حسن علي واهه اچي وڃن ٿا. ٻئي ضلعي جي حدن ۾ مولچند واهه، پنجاري واهه، گهانگهرو واهه، ستار واهه، گهاڙ واهه، بگهاڙ ڪينال ۽ ڪلري ڪينال اچي وڃن ٿا. اهي سيئي واهه ڪوٽڙي وٽ غلام محمد بيراج جي ٺهڻ سان متاثر ٿيا آهن. اهي سيئي واهه جيئن مٿي بيان ڪيو ويو آهن گڏبو بيراج جي واهن وانگر ري ماڊل ٿيا آهن يا اڳتي هلي ري ماڊل ٿيندا. سنڌ حڪومت پاران 1955ع ۾ غلام محمد بيراج ٺهي پورو ٿيڻ تي ڇپيل هڪ ڪتابڙي ۾ لکيل آهي: جيڪڏهن مٿاهين سنڌ ۾ سکر ۾ لائيڊ بيراج موجوده دور ۾ ساڃپيان ماٽيندڙ گذريل دور جو هڪ خواب آهي ته هيٺاهين سنڌ ۾ غلام محمد بيراج اڄ جي هڪ اميد آهي. اهڙي اميد جيڪا پٿر ۽ ڪنڪريٽ جي صورت ۾ امرتا ماٽي چڪي آهي. انهي جي 15 ـ مارچ 1955 تي افتتاحي تقريب هڪ اهڙي عظيم رٿا جي تعمير جو آخري مرحلو هو. جنهن جو اوائلي ڪم 1946ع ۾ ڪلري بگهاڙ فيڊر جي کوٽائي سان شروع ٿيو هو. خود بيراج تي ڪم 1949ع ۾ شروع ٿيو. پاڪستان جي گورنر جنرل خواجه ناظم الدين 12 فيبروري 1950ع تي پيڙهه جو پٿر رکڻ جي تقريب ۾ انهي کي تمام وڏي قومي اهميت جو حامل تمام وڏو منصوبو قرار ڏنو. بيراج تي 1946ع واري رٿا واري اصل ڊزائين مطابق 701 لک روپيا خرچ جو کاٿو هو. انهي مان 680 لک ڪم لاءِ 74 لک عملي لاءِ ۽ 14 لک اوزارن ۽ پلانٽن لاءِ هئا. جڏهن ته اها به پيش بندي ڪئي وئي هئي ته بيراج ٺهي پورو ٿيڻ تي واڌو پلانٽ وڪرو ڪرڻ سان 74 لک روپيا ايندا. سن 1950 ۾ صحيح معنيٰ ۾ ڪم شروع ٿيڻ کان اڳ بيراج کي نئين سر ڊزائين ڪندي خرچ جي کاٽي تي پڻ نظرثاني ڪئي وئي. خرچ ۾ 510 لک ڪم تي 74 لک عملي تي ۽ 8 لک عام رواجي اوزارن ۽ پلانٽ لاءِ رکيا ويا. گڏوگڏ اهو به حساب رکيو ويو ته ڪم پورو ٿيڻ تي ڳري مشينري جي وکري مان 48 لک ملندا. اهڙي طرح ڪجهه ٻيا ننڍا ننڍا خرچ گڏ ائي جملي لاڳت 549 لک روپيا ڪئي وئي. انهي بيراج مان اميد آهي ته سنڌو جي هيٺاهن علاقن ۾ هوڻ تي ضابطو ايندو ۽ اهو حيدرآباد، ٺٽي ۽ دادو ضلعن جي تقريباً 28 لک ايڪڙ آبادي لائق ايراضي کي پاڻي ڏيندو انهن مان 17 لک ايڪڙ زمين پهريون دفعو پوک هيٺ ايندي ۽ انهي جو ڇڪو حصو هارين کي ملندو. ٽيهٽر هزار ايڪڙن تي ٻيلا هوندا. خانگي ملڪيت هيٺ زمينن جي پيمائش 1174000 ايڪڙ هوندي ۽ سرڪاري زمينون 1574000 ايڪڙن تي هونديون. توقع آهي ته هاڻي فصلن مان جيڪا 179000 ٽن اپت ٿئي ٿي اها رٿا بلڪل پوري ٿي وڃڻ تي 750,000 ٽنن تائين وڃي پهچندي جن واهن کي انهي بيراج مان پاڻي ملندو اهي خود تمام وڏا آهن. ساڃي ڪپ تي دائمي ڪلري واهه جنهن جي گنجائش 9100 ڪيوسڪ هوندي اهو ڏاڍي ڏکي زمين مان کوٽيو ويندو. واهه جابلو علاقي مان 8 ملين گذرڻ کانپوءِ هيٺاهين جي هڪ سلسلي مان گذرندو جن کي پاڻي سان پري 20 ميل ڊگهي ڊنڊ ناهي ويندي جنهن جي پکيڙ 45 چورس ميل هوندي. اها ڊنڊ هائڊرو اليڪٽرڪ پاور جي پيداوار لاءِ سهوليتون ڏيندي ۽ ڪراچي جي واٽر سپلاءِ لاءِ پڻ هڪ ڪارائتو ذخيرو ٿيندي. اهڙيون ڊنڊيون ملڪ جي پُر فضا جاين ۾ وڏو واڌارو ڪن ٿيون ۽ سير تفريح ۽ ماهي گيري لاءِ پڻ وڏيون سهوليتون ڏين ٿيون.

ڪلري ڪينال گادي جي هنڌ ڪراچي جي وڌندڙ ضرورتن لاءِ 460 ڪيوسيڪ يا لڳ ڀڳ 23 ڪروڙ گيلن روزانو پاڻي ڏيندو. ڪلري ڍنڍ تي انهي ذخيري (storage) کانسواءِ سال جي ڪجھ وقتن ۾ ايتري سپلاءِ ڏيڻ ناممڪن هوندو. جيڪڏهن اها سپلاءِ بحال رکبي ته زراعت لاءِ پاڻي جي سخت کوٽ ٿي پوندي.

ٻيراج ڪاهي ڪپ تي اڳيئي موجود ڪليلي ڪينال کي پاڻي ڏيندو جنهن مان وڏا ڪڍي سڌو ڪري جديد ٻڌايو ويندو. انهي جي گنجائش موجوده 11000 ڪيوسڪ مان وڌائي 18000 ڪيوسيڪ ڪئي ويندي. ڪليلي مان هڪ نئين گوني برانچ ڪڍي پئي وڃي جيڪا موجوده ڪمانڊ کان ٻاهر زمين جي هڪ وڏي بلاڪ کي پاڻي پهچائيندي.

ڪليلي ڪينال سان لڳو لڳ 114350 ڪيوسڪ گنجائش وارو دائمي پنجاري فيڊر ناهيو پيو وڃي. اهو چينل موجوده آبڪلاٽي واهن کي ڪٽي اڳتي وڌائيندو ۽ انهي ۾ موجوده پنجاري آبڪلاٽي واهه پڻ شامل ٿي ويندو.

ڪاهي ڪپ کان هڪ ٽيون واهه زمين جي ٻن بلاڪن کي دائمي پاڻي پهچائڻ لاءِ نڪري ٿو. انهن زمينن کي هاڻي ڪليلي مان غيردائمي پاڻي ملي ٿو. جيئن ته 4100 ڪيوسڪ گنجائش وارو هي واهه دائمي وهندو تنهنڪري انهي کي سيمنٽ ڪنڪريٽ سان پڪو ڪيو پيو وڃي جيئن سمر جي نقصانن کي گهٽائي سگهجي. سترمليل ڊگهي 44 فوٽ ويڪري پيٽ ۽ 15 ½ فوٽ اونهي چينل جي تعمير سنڌ ۾ هڪ وڏو ڪارنامو ۽ هڪ اختراع هوندي.

ٻيراج ٿهي پورو ٽيڻ سان ڪاهي ڪپ وارن واهن کي خاطري سان پاڻي ڏيڻ ممڪن ٿي ويندو. توقع ڪئي ٿي وڃي ته ڪليلي کي پنهنجي ضرورت آهر پاڻي ڏنو ويندو. پنجاري فيڊر کي به 3/4 وهڪرو (discharge) ڏنو ويندو جيڪو موجوده ايراضين لاءِ ڪافي هوندو. گوني کي 2000 ڪيوسڪ ڏنا ويندا جيڪي انهي جي موجوده ايراضي لاءِ ڪافي هوندا ۽ انهي مان ڪجھ وڌيڪ علاقا پوکي هيٺ آڻڻ جي پڙ گنجائش هوندي. لائينڊ (Lined) چينل هيٺ ميل 22 تائين وهندو ۽ انهي ڪپ تي دائمي زمين جي متئين بلاڪ کي پاڻي پهچائيندو.

انهي ڪانپوءِ پنجاري ۽ گوني کي ويڪرو ڪيو ويندو. دستري بيوٽريون ناهيون ويندين ۽ پراڻن چينلن کي ري ماڊل ڪيو ويندو جيئن اهي نيون زمينون آبادي هيٺ اچڻ جي رفتار جو ساٿ ڏئي سگهن ۽ زمينن جي تخميني نه پر حقيقي ضرورتن جو پورائو ڪري سگهن.

بدقسمتي سان ساڄي ڪپ تي ڪينال ٺهڻ جي ڪم ۾ دير ٿي وئي آهي. انهي جو هڪ سبب ته 8 ميل ڊگهي جابلو ٽڪري مان 40 کان 50 فوٽ اونهو چينل کوٽڻ ۾ درپيش ايندڙ ڏکيائيون آهن ۽ ٻيو ته ضروري مشينري جي به کوٽ آهي جيڪا دير سان حاصل ٿي. تڏهن اها توقع هئي ته اهو چينل 1956ع ۾ وهڻ شروع ڪندو.

پاڪستان جي هن حصي ۾ جيتوڻيڪ الپ ۽ همالين جي جابلو سلسلن جي پيماني تي ته هائڊرو اليڪٽرڪ پاورنه ٿو پيدا ڪري سگهجي پر جيئن اڳ ۾ ٻڌايو ويو آهي هن پراجيڪٽ ۾ ڪلري ڍنڍ ۾ هينئين چيڑي وٽ ويهن فوٽن جي اوچائي تان پاڻي هيٺ ڪرڻ جي هڏ تي هڪ هزار ڪلو واٽ بجلي پيدا ڪرڻ جي گنجائش آهي. پنجاري فيڊر تي به ڏهن فوٽن جي اوچائي تان اونهاري ۾ موسمي بنيادن تي بجلي پيدا ڪرڻ جي گنجائش آهي. بجلي جي سپلاءِ ۾ واڌاري لاءِ ڪلري ڍنڍ جي چنڊڻ ڪينال سياري جي مند ۾ 40 فوٽ اوچائي کي به ڪم آڻي سگهجي ٿو. سنڌ جي ماٿريءَ ۾ انهن ٽنهي ٻيرا جن جي مڪمل طور ڪم ڪرڻ سان ليفٽيننٽ جي. جي فائيف جو 1855ع وارو خواب آخرڪار پورو ٿي ويندو ۽ سنڌ جي پوکي لائق ايراضي جي 2/3 کي ايترو پاڻي ملي ويندو جنهن سان مينهن جي پاڻي کانسواءِ خريف ۽ ربيع ۾ فصل پوکي سگهبا ۽ انهي تي پنجاب جي ڪينالن پاران وڏيڪ پاڻي ڪڍڻ سان به ڪو فرق نه پوندو.

آبڪلاٽي واهن جو وڏيڪ بيان پورو ٽيڻ کان اڳ پڙهندڙ شايد اهو ڄاڻڻ پسند ڪن ته انهن پنهنجي بالا دستي جي ڏينهن ۾ ڇا حاصل ڪيو. سن 74_1873ع کان اڳ پوکي ۽ واهن جي پراڻي رڪارڊ جو پيرو ڪڍڻ ته ممڪن نه آهي پر انهن مان حاصل ٽيندڙ روبنيو جو پتو پوي ٿو. انهي مان خبر پوي ٿي ته 64_1863ع تي پورن ٽيندڙ ڏهن ورهين جي عرصي ۾ سراسري سالياني ايراضي جنهن تان ڏل وصول ڪئي وئي اها تقريباً 14 لک ايڪڙ هئي ۽ 74_1873ع تي مڪمل ٽيندڙ ڏهن ورهين جي عرصي لاءِ اهو انگ 15 لک ايڪڙ هو.

آبڪلاٽي واهن تي پوک 74_1873ع کان لائيد بيراج ڪلڙ تائين

هي انگ اکر بلڪل تزنه آهن. سن 74_1873ع کان 32_1931ع تائين جي انگن اکرن مان آبڪلاٽي واهن تي بتدريج ۽ لڳاتار وڌندڙ پوکي جي خبر پوي ٿي. هيٺ ڏنل جدول مان هر سال ربيع ۽ خريف ۾ آبڪلاٽي واهن تي ٽيندڙ پوک ۽ پڙ جاگيرن ۾ ٽيندڙ آبادي بابت خبر پوي ٿي. موسميات جي شاگردن لاءِ اها ڳالهه دلچسپي جو سبب ٿي سگهي ٿي ته ڏهن ۽ يارهن ورهين جي وقفي کانپوءِ تمام وڏي پيداوار (Bumper Production) جا سال ايندا هئا. ڏسڻ ۾ ايندو ته وڏي پيدا وارا سال هي هئا: 79_1878، 90_1889، 1901_1900، 11_1910، 20_1919 ۽ 30_1929 اهي ورهيه جيڪڏهن واقعي Sun_Spot activity جي وڏ کان وڏ عرصي سان مطابقت رکن ٿا ته انهي مان تمام ڪارائتي شاهدي ملندي جنهن مان Sun_Spot activity ۽ جهجهي مينهن وارن سالن ۾ تعلق جي خبر پوندي انهي جدول مان مجموعي طور اها خبر پوي ٿي ته سن 74_1873ع ۾ واهن تي پوک 19.14 لک ايڪڙن مان وڏي 32_1931ع ۾ 6.30 لک ايڪڙن تي اچي پهتي. اهو واڌارو لڳاتار ۽ مستقل نموني هلي ٿو جنهن ۾ بلڪل ٿوري ڦيرڦار ٿئي ٿي. ائين به ٿي سگهي ٿو ته 18_1917 ۾ 6.31 لک ايڪڙن مان 19_1918 ۾ گهٽجي 17.24 لک ايڪڙ ٿيا ته انهي جو سبب 1918ع جي آخري مهينن ۾ آيل انفلوئينزا جي وبا هئي جنهن پوک هيٺ آبادي ۾ وڏي گهٽتائي ڪري ڇڏي ۽ ڪيترين جي وڏي انگ جي موت جو سبب ٿي.

واهن تي پوک (لک ايڪڙن ۾)					
سال	خريف	ربيع	جملي	جاگير	جملي
1873_74ع	11.96	2.23	14.19		14.19
1874_75ع	12.24	3.73	15.97		15.97
1875_76ع	11.39	2.51	13.90	1.91	15.81
1876_77ع	12.91	4.19	17.10	1.36	18.45
1877_78ع	10.94	2.02	12.96	1.23	14.19
1878_79ع	13.33	5.52	18.85	1.31	20.16
1879_80ع	11.15	2.28	13.43	1.11	14.54
1880_81ع	11.73	1.56	13.29	1.64	14.93
1881_82ع	12.60	1.59	14.19	1.83	16.02
1882_83ع	12.82	2.26	15.08	1.65	16.73
1883_84ع	11.97	1.65	13.62	1.79	15.41
1884_85ع	13.54	2.32	15.86	1.97	17.83
1885_86ع	12.89	2.44	15.33	2.07	17.40
1886_87ع	14.08	1.86	15.94	2.21	18.15
1887_88ع	14.38	2.15	16.53	2.18	18.71
1888_89ع	16.49	2.39	18.88	2.31	21.91
1889_90ع	17.22	3.88	21.10	2.40	23.50
1890_91ع	15.97	3.85	19.55	2.48	22.03
1891_92ع	15.14	4.36	19.50	2.16	21.66
1892_93ع	16.33	5.35	21.68	2.31	23.86
1893_94ع	16.68	4.72	21.40	2.46	23.86
1894_95ع	16.21	7.72	23.93	2.43	26.36
1895_96ع	15.22	3.19	18.41	2.56	20.97
1896_97ع	18.79	3.65	22.44	2.53	24.97
1897_98ع	19.95	5.30	25.25	2.81	28.06
1898_99ع	18.03	3.73	21.76	2.80	24.56

25.69	2.82	22.87	3.42	19.45	1899_1900ع
30.44	3.31	27.13	5.45	21.68	1900_01ع
28.08	2.99	25.09	5.26	19.83	1901_02ع
26.26	3.02	23.24	3.85	19.39	1902_03ع
31.52	3.43	28.09	6.11	21.98	1903_04ع
29.24	3.10	26.14	5.24	20.90	1904_05ع
33.84	3.37	30.11	6.31	23.80	1905_06ع
34.86	3.24	31.62	7.85	23.77	1906_07ع
27.72	2.56	25.16	4.34	20.82	1907_08ع
33.45	3.16	30.29	6.68	23.61	1908_09ع
29.27	2.83	26.44	4.83	21.61	1909_10ع
31.22	2.90	28.32	5.45	22.87	1910_11ع
27.33	2.33	25.00	3.98	21.02	1911_12ع
30.39	2.65	27.74	4.40	23.34	1912_13ع
31.47	2.77	28.70	5.12	23.85	1913_14ع
33.49	3.15	30.34	7.32	23.02	1914_15ع
30.32	2.81	27.51	6.20	21.31	1915_16ع
34.28	3.13	31.15	5.86	25.29	1916_17ع
31.60	2.56	29.04	7.16	21.88	1917_18ع
24.17	1.98	22.19	3.34	18.85	1918_19ع
31.55	2.59	28.96	5.88	23.08	1919_20ع
27.63	2.37	25.26	3.05	22.21	1920_21ع
29.39	2.56	26.83	5.85	20.96	1921_22ع
32.25	2.94	29.31	6.56	22.75	1922_23ع
30.60	2.88	27.72	5.19	22.53	1923_24ع
33.12	2.92	30.20	6.35	23.85	1924_25ع
29.98	2.83	27.15	3.99	23.16	1925_26ع
31.57	2.68	28.80	5.87	23.02	1926_27ع

29.73	2.55	27.18	4.02	23.16	1927_28ع
31.71	2.69	29.02	5.07	23.95	1928_29ع
33.62	2.73	30.89	5.29	25.60	1929_30ع
32.47	2.62	29.85	6.18	23.67	1930_31ع
30.60	2.58	28.02	5.96	22.06	1931_32ع

سيئي سرڪاري ڪينال. ڪينال آفيسرن جي هٿ هيٺ هوندا آهن جيڪي 1879ع جي ائڪٽ vii. سيڪشن iv تحت مقرر ڪيا ويندا آهن. انتظامي مقصد لاءِ سپرنٽنڊنگ ۽ ايگزيڪيوٽو انجينئر ۽ انهن جا ماتحت هوندا آهن. انهن جي ذمي واهن جي نہ فقط تعمير. رواني ۽ مرمت جا ڪم هوندا آهن پر انهن مان پاڻي ڏيڻ پاڻي کي ڏيان کان بچائڻ لاءِ ضروري نگهباني. نيڪال ۽ دستياب پاڻي مان بهترين نتيجا حاصل ڪرڻ به انهن جي ذمي هوندو آهي. ضلعي جا ڪليڪٽر يا ڊپٽي ڪليڪٽر ۽ سب ڊويزنن جا انچارج سنڊس اسسٽنٽ يا ڊپٽي ڪليڪٽر پڻ ائڪٽ تحت مختلف مقصدن لاءِ ڪينال آفيسر جي حيثيت رکندا آهن. جيئن ته ڪنهن به ڪينال تي زمين ڏيڻ جو اختيار لئنڈ ريونيو ڊپارٽمينٽ کي هوندو آهي تنهنڪري ٻنهي کاتن جي آفيسرن کي سنڊ جي ڪمشنر طرفان وقت بوقت جاري ٿيندڙ حڪمن تحت گڏ جي ڪم ڪرڻو پوندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن سرڪاري واهه ۾ سپلاءِ اٽڪيوري هوندي آهي ته انهي کي زمين ڏيڻ جي لحاظ کان پابندي هيٺ رکبو آهي. ٻي صورت ۾ جيڪڏهن زمين اڳ ۾ ئي ڪنهن واهه تي آباد ٿيندڙ هوندي آهي ۽ درخواست ڏيندڙ کي انهي واهه مان اڳيئي پاڻي ملندو آهي ته اها زمين عام طور ڪليڪٽر الاٽ ڪندو آهي. پر جيڪڏهن اها نئين زمين هوندي آهي يا پاڻي جي وڌيل سپلاءِ گهربل هوندي آهي ته هو ڪينال جي انچارج انجنيئر سان مشورو ڪندو آهي. جنهن دور ۾ فقط آبڪلاٽي واهه هوندا هئا تڏهن زمينن جي الاٽمينٽ ۽ پاڻي ڏيڻ بابت عام صورتحال اها هوندي هئي. پر جمڙائو ۽ ڪجهه ٻين ويجهڙائي ۾ نهيل ڪينالن تي پاڻي پهچائڻ لاءِ سخت قاعدا نهيل آهن جن تحت اهو ڏسو ويجي ٿو ته پاڻي جي ورهاست ۾ ڪنهن سان طرفداري نہ ڪجي. پاڻي جي بچت ٿئي. پاڻي جو نيڪال هجي ۽ انهي پاڻي مان وڌ ۾ وڌ فائدو ونجي. پر ڪيترن ئي پراڻن واهن تي اهڙا آدرش لاڳو ٿي نہ ٿي سگهيا ۽ نہ ئي اهي لاڳو ڪرڻ جي ڪا ڪوشش ڪئي وئي. زميندارن پاران پنهنجين زمينن تي واٽر ڪورس ڪڍڻ جي درخواست ايگزيڪيوٽو ۽ اسسٽنٽ انجنيئرن کي ڏني ويندي آهي ۽ اهي ئي منظور ڪندا آهن. درخواست ڏيندڙ پنهنجي خرچ تي واٽر ڪورس ٺهرائيندو آهي ۽ پوءِ انهي کي صحيح حالت ۾ رکڻ به هن جو ئي ذمو هوندو آهي. فقط انهيءَ ۾ ڪلندڙ ماڊول ئي پبلڪ ورڪس ڊپارٽمينٽ طرفان ٺهرايو ويندو آهي. پاڻي جي ڪا جدا قيمت نہ اوڳاڙي ويندي آهي اها زمين تي لاڳو ٿيندڙ ڊل جو هڪ حصو هوندي آهي. پاڻي جيڪڏهن چڱي سطح تي ٻيهندو آهي ته موڪ چڏيو ويندو آهي نہ ته اهو نار چرخي يا هرلي ذريعي مٿي ڪري زمين تائين آندو ويندو آهي. جيئن ته درياءَ ۾ لاهه چاڑهه ايندو رهندو آهي تنهنڪري گهٽو ڪري

هڪ جي بجاءَ ٻيو طريقو ڪم ايندو رهندو آهي. پراڻا واهه اهڙي طرح ٺهيل آهن جو اهي فقط آبڪلاڻي ۾ وهندا آهن ۽ خريف جي پوکي لاءِ پاڻي ڏيندا آهن. ٻنين ۾ پاڻي جون مهيني جي شروعات ۾ پهچندو آهي ۽ سيپٽمبر مهيني ۾ يا ڪجهه پوءِ وهڙ بند ٿي ويندو آهي. پر پاڻي لهڙ ڪان فوراً اڳ زمينن کي پاڻي ڏيڻ سان اهڙن واهن تي ڪنهن حد تائين ربيع جا فصل پڻ پوکي سگهجن ٿا. انهي کي بو سي پوک چيو ويندو آهي. ڪيترن ئي هيناهن علاقن ۾ جتي زمينون هر سال هوڏ جي پاڻي هيٺ ايندیون آهن اتي ساڻگئي ربيع جا فصل ڪيا ويندا آهن. انهي کي سيلابي چيو ويندو آهي ۽ انهي جو آبپاشي نظام سان ڪو تعلق نه هوندو آهي. ويجهڑائي ۾ سائنسي بنيادن تي ٺهيل ڪينال دائمي پاڻي ڏئي سگهن ٿا ۽ خريف ۽ ربيع ٻنهي مندن جي فصلن جون پاڻي جون گهرجون پوريون ڪري سگهن ٿا. سنڌ ۾ ڪوهن ذريعي آبپاشي ڪا ڇڊي پاڊي ٿيندي آهي. ۽ لاڙڪاڻي ضلعي جي لب دريا تعلقي يا درياءَ جي ڪپرن جي ويجهي پٽي ۾ جتي پاڻي سطح جي ويجهو هوندو آهي ۽ ڏينڊن جي ڪنارن کانسواءِ ٻي ڪنهن جاءِ تي نه ٿيندي آهي. اهڙي آبپاشي واهن مان نار واري طريقي کان گهٽي مختلف نه هوندي آهي. پر باغن ۽ واڙين کي عام طور ڪوهن مان پاڻي ڏنو ويندو آهي. لائيڊ بيراج اچڻ سان پاڻي جي ورهاست ۽ پوک لاءِ زمين جي الاٽمينٽ جي انتظام ڪاريءَ ۾ ڇڪي ڦيرڦار ضروري ٿي پئي. هڪ ته بيراج پراجيڪٽ جي جسامت سبب جيڪي تبديليون آيون ٻيو ته جيئن ته انهيءَ جي عملڪاري ۾ هڪ ئي وقت ڪيترن ئي ضلعن ۾ هئي تنهنڪري روبنيو آفيسر بيراج جي ماتحتي ۾ هڪ خاص تنظيم ٺهڻ ۾ آئي جيئن انهن مسئلن کي منهن ڏئي سگهجي جن کي اڳ ۾ ڪليڪٽر يا ضلعن جا ڊپٽي ڪمشنر مقامي ايگزيڪيوٽر انجنيئر جي صلاح سان منهن ڏيندا هئا. نئين بندوبست جا ڪجهه تفصيل اڳتي ايندڙ لائيڊ بيراج پراجيڪٽ جي بيان ۾ ڏنا ويندا. لائيڊ بيراج ۽ انهي جي واهن جو ٺهڻ سنڌ جي تاريخ ۾ هڪ اهڙو عهد ساز واقعو هو جنهن جو هن گزيٽيئر ۾ مناسب نموني نوٽيس وٺڻ ضروري آهي. هي گزيٽيئر به بيراج سسٽم ٺهڻ کان پوءِ پهريون دفعو ڇپجي رهيو آهي.

لائيڊ بيراج جو بيان ۽ تفصيل

هن عظيم عوامي ڪم جو مڪمل بيان Report of the Lloyd Barrage and Construction Scheme Sind, 1934 ۾ آيل آهي. اها رپورٽ ڇهن جلدن تي ٻڌل هڪ تمام وڏو ڪتاب آهي جنهن کي مڪمل نموني پڙهڻ خاص دلچسپي رکندڙ ماهرن جو ڪم آهي. رپورٽ جا ڇهه حصا هي آهن. (1) عام تاريخ رٿا، انتظام ڪاري ۽ تعمير جو احوال صوبائي اڳ ڪٿين ۽ شيڊيولن جي ضميمي سان گڏ (2) لائيڊ بيراج ۽ ڪينالن جا هيڊريگيوليٽر (3) ڪينالن جي ڊزائين ۽ تعمير (4) ساڄي ڪپ وارا ڪينال، منچر ڊرينيج اسڪيم ۽ فلڊ پروٽيڪشن بند اسڪيم (5) روهڙي ڪينال خيرپور فيڊر (6) ايسٽرن نارا سسٽم

مختصر احوال ۾ ـ ڇو ته هن گزيٽيئر ايتري جاءِ ئي ڏئي سگهجي ٿي ـ رٿا جي شروعات، بيراج ۽ ان جا ڪينال ٺهڻ ان جي ڪارڪردگي جي نتيجن ۽ ٺهڻ دوران درپيش آيل آبپاشي جي مسئلن ۽ اڳتي هلي

انهي جي شروعاتي ڪجهه ورهين دوران پيش آيل مسئلن جو مختصر احوال ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي.

لائيڊ بيراج تي سوچ ويچار تمام ڊگهو وقت هلي ۽ اها ڏاڍي تڪليف ده هئي جنهن ۾ ڪيترائي دفعا ائين پئي لڳو جڻ ته اها ناڪام ٿي ويندي. ڪم جو داستان به ڪجهه ڊگهو ۽ دلڪش آهي. انهي داستان ۾ ڏاهپ ۽ دوراندیشي ۽ بنهه نا اهلي جو هڪ مرڪب نظر ايندو. ڪيپٽن لي ميسوريئر (le Mesurier) 1869ع ۾ جڏهن هڪ ڪينال جي تجويز ڏني هئي ۽ انهي تي ٻن ڪروڙن جي خرچ جو ڪاڙهنيو هو ته هن چيو هو: "مون کي يقين آهي ته ايتري وڏي پيماني تي ٺهندڙ ڪينال ملڪ جي لاءِ بيحد لاپائتو ٿيندو ۽ هڪ تمام فائديمند رٿا ثابت ٿيندو. آءٌ انهي کي پر زور سفارش سان موڪليان ٿو ته حڪومت انهي تي همدردي سان غور ڪري" تڏهن سنڌ جو ڪمشنر سر وليم ميري ويدر هو ۽ هن جڏهن تجويز کي اڳتي موڪليو ته گهٽ ۾ گهٽ ايترو سوچيو ته آبپاشي بابت سندس خيال بلڪل غير معمولي هئا. هن لکيو: آءٌ موڪي پوڪ سپ کان گهٽ فائديمند سمجهان ٿو. پر اهو سچ آهي ته اهو طريقو سستو آهي انهي ۾ محنت تمام گهٽ ڪرڻي پوي ٿي. البت انهي ۾ ڪا خاطري نه هوندي آهي پاڻي ڪڏهن تمام گهٽو ته ڪڏهن تمام گهٽ هوندو آهي. تنهنڪري اها هڪ قسم جي جوا آهي ۽ اها عوام جي حالت ۾ بهتري آڻڻ بجاءِ درحقيقت گهٽو نقصان ڪري ٿي. اها انهن جي فطري ڪوتاهه انديشي کي مضبوط ڪري ٿي ۽ انهن کي واڌيي يعني وياج تي قرض ڏيندڙ جي هٿن ۾ ڏڪي ٿي ڇڏي. نار وارو سرتو جنهن جي ذريعي پاڻي کي مٿي چاڙهبو آهي. اهو بيحد سنو آهي ڇاڪاڻ ته اهو وڏيڪ خاطريءَ وارو آهي. مڪيه واهه ۾ پاڻي ڇڪو هجي جيئن زميندار جي ڪڙهي ۾ به پاڻي موجود رهي سگهي ۽ ايترو هجي جو سيپٽمبر جي آخر تائين ڪنگريون ڦرنديون رهن ته فصل سدائين ۽ يقيني تمام پلا ٿيندا رهندا.

سن 1872ع ۾ جڏهن بمبئي سرڪار سنڌ جي سپرنٽنڈنگ انجنيئر کي روهڙي جي هيڊ ورڪس جي متبادل رٿائن لاءِ گهرايو ته اهڙيون رٿائون تيار نه ڪيون ويون ڇو ته انهن کي وائسراءِ لارڊ نارٿ بروڪ جي حڪم تحت ترڪ ڪيو ويو ڇو ته هن سنڌ جي تازي دوري دوران پنهنجي سامهون پيش ڪيل معلومات جي آڌار تي اهو فيصلو ڪري ڇڏيو هو ته اها ڪنهن به لحاظ کان ڏلڏائڪ اسڪيم نه هئي. سن 1877ع ۾ تڏهوڪي سيڪريٽري آف اسٽيٽ فار انڊيا، لارڊ سالسبري سنڌ جي عمومي آبپاشي نظام تي هڪ تحقيق جو حڪم ڏنو هو ۽ بمبئي سرڪار جو ڏيان سنڌ جي آبپاشي نظام جي غير اطمينان بخش حالت ڏانهن ڇڪرايو هو. هن درخواست ڪئي هئي ته انهي تي انڊيا جي حڪومت سان صلاح مشوري سان غور ڪيو وڃي. پر ڪو به وڏو ڪم ڪرڻ جي ڏس کو قدم نه کنيو ويو. ائن ورهين ڪانپوءِ بمبئي جي گورنر لارڊري (Reay) وري حيدرآباد روهڙي پراجيڪٽ کي اڳتي آندو. ڪيس آبڪلاٽي واهن جي سموري پاليسي بابت شڪ شبها هئا. هن روهڙي حيدرآباد ڪينال يا اهڙي ڪنهن بي اسڪيم جي فزيبلٽي ڏيکارڻ لاءِ هڪ انڪوائري جي پڻ تجويز ڏني جنهن اسڪيم ذريعي پوکي لائق اهڙين ايراضين کي مٽئين سطح تي

لاڳيتو پاڻي پهچي سگهي جيڪي هاڻي اهڙن واهن مان نار ذريعي سيراب ٿين ٿيون. جيڪي ملڪ جي سطح کان گهٽو هيٺ آهن "اهڙن واهن ۾ پاڻي جي ڪڍن ۾ پڪ نه هوندي آهي ڇاڪاڻ ته هڪ ته هوڏ ۾ ۽ لاها ڇاڙها پيا ايندا آهن ۽ ٻيو ته انهن واهن جا منهن دريا جي جنهن ڪپر ۾ هوندا آهن اهو ۽ پڪو نه هوندو آهي."

مسٽر جئانر (Joyner) 1891ع ۾ اثرائتن لفظن ۾ سنڌ جي واهن جي افسوسناڪ حالت ڏانهن ڏيان ڇڪرايو ۽ وري انهي تي زور پريو جيئن جنرل فائيف اڳ ۾ زور پري ڇڪو هو ته روهڙي ۽ حيدرآباد جي وچ ۾ چار هزار چورس ميلن تي پوکي لائق ايراضي کي ڪنهن دائمي ڪينال ذريعي پاڻي پهچايو وڃي. پوءِ جيڪو ڪجهه ٿيو اهو اڃڪلهه وسهڻ جهڙو نه آهي. نومبر 1891ع ۾ سرچارلس پريچارڊ، ميمبر ڪائونسل جي صدارت ۾ هڪ اثرائتي ڪاميٽي مقرر ڪئي وئي جيڪا روهڙي پراجيڪٽ ۽ سنڌ ۾ آبپاشي سان لاڳاپيل ٻين مسئلن تي غور ڪري. اها ڪاميٽي مبصرن جي هڪ وڏي انگ کان سوال جواب ڪرڻ کانپوءِ انهي نتيجي تي پهتي ته سنڌو درياءَ مان روهڙي وٽان نڪرندڙ دائمي پاڻي پهچائيندڙ ڪينال جي رٿا مالي طور غير محفوظ ۽ في الحقيقت عمل ۾ اڇڻ جهڙي نه هوندي. تنهنڪري انهن ڪراءِ سفارش ڪئي ته انهي کي ترڪ ڪيو وڃي. پر بمبئي حڪومت ايتري ڪوتاهه انديش نه هئي. اها ڪاميٽي سان انهي ڳالهه تي ته متفق ٿي ته مسٽر جئانر جي اسڪيم مالي لحاظ کان محفوظ نه هئي پر هن اها ڳالهه واضح ڪري ڇڏي ته اها دائمي واهه واري اصول کي هميشه لاءِ ڇڏي ڏيڻ جي صلاح ڏيڻ لاءِ تيار نه هئي. جيڪا ڪاميٽي سفارش ڪرڻ لاءِ تيار هئي نه ئي حڪومت پاڻ کي انهي راءِ سان هڏل رکڻ لاءِ تيار هئي ته روهڙي وٽ مستقل هيڊ (head)رکندڙ دائمي ڪينال لاءِ پئسن جي ادائيگي جي رٿا عمل ۾ اڇڻ جهڙي نه هئي. آخري نتيجو اهو نڪتو جو روهڙي حيدرآباد ڪينال پراجيڪٽ کي وڏيڪ ٽيهن ورهين جي عرصي لاءِ پاسي تي رکيو ويو ۽ پراڻن واهن کي سڌارڻ تي ڇڪو پئسو خرچ ڪيو ويو. جنرل فائيف 1893ع ۾ وري روهڙي حيدرآباد ڪينال جي اشد ضرورت تي زور پريو ۽ خاص طور آبپاشي لاءِ هڪ چيف انجنيئر مقرر ڪرڻ جي ضرورت ڇڻي ڪئي جيڪو حڪومت کي ڪاتي سان لاڳاپيل سڀني مسئلن بابت صلاح ڏئي ۽ سپرنٽنڊنگ انجنيئرن جي ڪمن جي ڇڪاس ڪري ۽ انهن کي صلاح مشورا ڏئي. پر سنڌ جي سپرنٽنڊنگ انجنيئر مسٽر ٽامپسن مارچ 1894ع ۾ جنرل فائيف جي رپورٽ تي راءِ ڏيندي ڇيو ته روهڙي حيدرآباد ڪينال جي مالي طور عمل ۾ نه اڇڻ واري ڳالهه ته سنڌ ايريگيشن ڪاميٽي جي رپورٽ مان مڪمل طور ثابت ٿي وئي هئي پر هن ڪجهه وڏيڪ سبب ۽ ڏنا ته هن ڇو انهي کي انجنيئري لحاظ کان ۽ عمل ۾ اڇڻ جهڙو نه ٿي سمجهيو. اهڙي طرح 1894ع ۾ روهڙي حيدرآباد ڪينال ٽهڻ جو امڪان اڳي کان ۽ گهٽو گهٽ ٿي ويو.

سن 1903ع ۾ انڊين ايريگيشن ڪميشن جي هڪ رپورٽ شايع ٿي هئي جنهن انهن دوراندييشيءَ وارن راين کي ڪجهه هٿي وٺرائي. ڪميشن سنڌ ۾ رکي رٿا (Sind Triple Project) ڏانهن اشارو ڏنو هو

انهي جو مطلب هو هڪ ٻيراج ۽ ساڄي ۽ کاٻي ڪپ تي ڪينالن جي اسڪيم ۽ اهو ٻه ڇيو ته اهڙي قسم جي وڏي اسڪيم عمل ۾ اچڻ جهڙي لڳي ٿي پر انهيءَ ۾ ڪيتريون ئي عملي نوعيت ڳالهيون هيون جن جي سبب انهي جي دائري کي گهٽائڻ شايد بهتر ٿيندو. سنڌ جي سپرنٽنڈنگ انجنيئر ڊاڪٽر سمرس 1904ع ۾ حڪومت کان روهڑي کان خيرپور جي علاقي مان گذرندڙ هڪ ڪينال جي سروي جي اجازت ورتي. ڊاڪٽر انهي جا تمام وڏا فائدا ڳٽائيندي چيو: پنجاب ۾ آبپاشي ۾ لڳاتار واڌ سان آخر ڪار اسان کي مجبوراً بند ناهڻو پوندو پر جنهن ڪينال جي هاڻي تجويز ڏني وئي آهي اهو ايندڙ ڪيترن ورهين تائين انهي ڳالهه جو جواب هوندو ۽ جڏهن بند ضروري ٿي پيو ته ان کي هن ڪينال ۽ ساڄي ڪپ تي هڪ ٻئي ڪينال سان گڏي سگهبو. ڊاڪٽر سمرس جي تجويز جنهن روهڑي ڪينال کي ٻيراج ناهڻ کان جدا ڪري ٿي ٻيهاريو اها ايندڙ ويهن ورهين تائين اسڪيم تي مڪمل غور ۾ ديرجو تمام اهم سبب رهي. پر ڊاڪٽر سمرس اهو پهريون شخص هو جنهن انهي ڳالهه ڏانهن ڌيان ڇڪرايو ته پنجاب ۾ آبپاشي ڪينالن جي تمام وڏي ترقي جا سنڌ ۾ ڳڻيپير اثر محسوس ٿي سگهن ٿا. گورنمينٽ آف انڊيا انهي نقطي کي اهميت ڏني ۽ بمبئي حڪومت کي تجويز ڏني ته پنجاب پاران ٿڏي مند ۾ وڏندڙ ڪٽ سان سنڌ ۾ داخل ٿيندڙ آبڪلاڻي واهن جي سپلاءِ گهٽجي ويڙ جو امڪان هو. حڪومت پوکي لائق علاقن ۾ پاڻي جي پهچ جي سيڪڙي ۽ نار جي وڏي تناسب جي لحاظ کان سنڌ جي غير اطمينان بخش صورتحال ڏانهن ڌيان ڇڪرايو.

ڊاڪٽر سمرس 1910ع ۾ روهڑي ڪينال پراجيڪٽ (1909) پيش ڪيو. ڊاڪٽر سمرس انهي رپورٽ ۾ مڪمل ته رخو پراجيڪٽ پيش ڪرڻ سان گڏو گڏ ٻيراج جي لاڳت ٻه ٻڌائي. اها لاڳت هن 324 لک حساب ڪئي. هن جو خيال هو ته ته رخي پراجيڪٽ مان جيتوڻيڪ موٽ ۾ ايترو فائدو نه ملي ها پر ڪيس پڪ هئي ته اڳ ۾ روهڑي ڪينال ناهي انهي پراجيڪٽ مان ڪيل محنت جيترو فائدو حاصل ڪري سگهجي ٿيو. ورهين تائين بحث مباحثا هلندا رهيا ته چا ٿيڻ گهرجي؟ چا روهڑي ڪينال ناهجي ۽ ٻيراج چڏي ڏجي يا ٻيراج دائمي پاڻي جي جامع رٿا جو ضروري جزو هئڻ گهرجي؟ بمبئي حڪومت 1910ع ۾ فقط ٻيراج ناهڻ جي سفارش ڪئي جنهن جي لاڳت جو انهي 215 لک روپيا ۽ روهڑي ڪينال جو 438 لک روپيا ڪاڻو هنيو. تڏهن ساڄي ڪپ وارن ڪينالن ۽ ايسٽرن نارا تي غور جي تجويز نه هئي. جيئن ته اهي سڀ تجويزون منجهيل هيون تنهنڪري سيڪريٽري آف اسٽيٽ فار انڊيا سن 1912ع ۾ لنڊن ۾ هڪ ڪاميٽي مقرر ڪئي جيڪا ٻيراج ۽ روهڑي ڪينال رٿا بابت رپورٽ ڏئي. انهي ڪاميٽي 1913ع ۾ پنهنجي رپورٽ پڌري ڪئي ۽ انهن جون سفارشون حيران ڪندڙ هيون ۽ انهن جا دليل ته ڏاڍا واهيات هئا. انهن جو چوڻ هو ته پراجيڪٽ هڪ حفاظتي اقدام طور ضروري نه هو. انهي ڳالهه جو ڪو به ثبوت نه هو ته سنڌ ماضي ۾ پنجاب پاران ڪٽ ڪرڻ سبب نقصان ڪنيو هجي ۽ انهي کي آئيندي به ڪا تڪليف نه ايندي. آبڪلاڻي جي مند ۾ ته سنڌ تي ڪوبه هاڃيڪار اثر نه پوندو هو. ٿڏ واري موسم ۾ درياء ۾ پاڻي تي اثر پئجي سگهيو ٿي پر سنڌ جي واهن ۾ ٿڏي موسم ۾ ڪڏهن پاڻي ايندو ئي نه آهي تنهنڪري انهن تي ڪڏهن خراب اثر پيو

ئي نہ آهي. آئيندي جي اثر کي ائين گهٽ ڪري سگهجي ٿو جو سنڌ کي آبڪلاڻي واهن وارو ملڪ سمجهيو ويجي. انهن وڏيڪ اهو به چيو ته بيراج کانسواءِ روهڙي ڪينال ناهڻ جو مطلب اهو ٿيندو ته اهو واهه هڪ اهڙي تمام وڏي ايراضيءَ جي سپلاءِ جو سرچشمو ٻڌبو جنهن کي هاڻي ڪيترن ئي ننڍن واهن منجهان پاڻي ملي ٿو. سڀ ننڍا واهه ڪڏهن به هڪ ئي وقت ناڪام نہ ٿيندا ۽ ڪنهن هڪ جو بند ٿيڻ ايتري اهميت نہ رکندو جڏهن ته روهڙي ڪينال جي ناڪام ٿيڻ جو مطلب سموري علاقي لاءِ تباهي هوندو. ڪاميٽي اهو به سمجهيو ٿي ته پراجيڪٽ ڏلدائڪ نہ هو. پراجيڪٽ جيتوڻيڪ غير ڏلدائڪ ۽ وقت کان اڳ هو ته به ڪاميٽي اها سفارش ضرور ڪئي ته اها مڪمل اسڪيم ناهي وجي ۽ تيار رکي وجي. "سنڌ"، ڪاميٽي چيو "جيتوڻيڪ ماضي ۾ تڪليف کاڻ ڏني هئي پر اها مستقبل ۾ تڪليف ڏسي سگهي ٿي ۽ اهڙي صورت ۾ علاجي اُپاءِ جيتوڻيڪ غير ڏلدائڪ آهن پر اهي اختيار ڪرڻ جو سکر واري جواز موجود هو. هڪ ڪارائتي تجويز اها هئي ته پنجاب جي ڪٽ جي ڏيان سان ڏني وجي ۽ گهاٽيءَ کان هيٺ ۽ وارِي تي بنياد رکندڙ هڪ متبادل بيراج جي سائيٽ جي ڳولها ڪئي وجي. بمبئي حڪومت 1914ع ۾ صورتحال تي ڏاڍي حقيقت پسنداڻي نموني ۾ نظر وڌي. بمبئي حڪومت ڪاميٽي جي رپورٽ سان متفق نہ هئي ۽ گورنمينٽ آف انڊيا کي مخاطب ٿيندي چيو ته دريا ۾ ناسازگار حالتن سان پنجاب جي ڪٽ جو جون ۽ سيپٽمبر جي اهم مهينن ۾ سکر وٽ درياءَ جي سطح گهٽ ڪرڻ ۾ ڇگو اثر ٿي سگهي ٿو ۽ جيتوڻيڪ اهو نہ ٻڌائي سگهيو ته اهو اثر ڪيترو هوندو پر اها ڳالهه چوڻ جا ڪيترائي سٺا سبب ٿي سگهن ٿا ته هڪ بيراج ناهي سنڌ جو بچاءُ ڪجي. پوک ۽ آبپاشي جون موجوده حالتون مناسب نہ هيون ۽ سنڌ انهن ڇگاين ۽ فائدن لاءِ ٻاڪاري رهي هئي جن کان پنجاب ۽ يو. پي. گهٽي وقت کان فائدو وٺي رهيا هئا. سنڌ کي فقط آبڪلاڻي وارو ملڪ سمجهڻ جو مطلب جمود واري پاليسي اختيار ڪرڻ هوندو. بمبئي حڪومت وڏيڪ اهو به چيو ته اها هڪ اهڙي رٽا پيش ڪندي جيڪا اڳئين رٽا کان هنن ٻن نقطن ۾ مختلف هوندي (1) ساڄي ڪپ وارا واهه به رٽا ۾ شامل ڪياوڃن ۽ (2) بيراج جيئن لنڊن ڪاميٽي پاران تجويز ڏني وئي هئي گهاٽيءَ جي مٿان هڻڻ بجاءِ سکر واري گهاٽي کان هيٺ هجي. بمبئي حڪومت درياءِ جي ساڄي ۽ کاٻي ڪپ تي ڪينالن جي ڪچي لاڳت جو تخمينو 1120 لک هنيو ۽ اهو به چيو ته وصول ٿيندڙ ڀل مان تڪميل جي ڏهين سال تائين وياج لاهي سگهبو. هُن انهن بنيادن تي گورنمينٽ آف انڊيا کي درخواست ڪئي ته تفصيلي رٽائن ۽ تخمينن تيار ڪرڻ جي منظوري ڏني وجي. تڏهن سوپ اڪين جي سامهون هئي.

ايگزيڪيوٽو انجنيئر مسٽر اي. اي مسٽو (A.AMusto) (هاڻي سر آرنلڊ مسٽو) کي آڪٽوبر 1915ع ۾ سنڌ جي چيف انجنيئر جي ماتحتي ۾ سکر پراجيڪٽ تي نظرثاني لاءِ اسپيشل ڊيوٽي تي رکيو ويو. تڏهن انهي کي ان نالي سان سڏيو ويندو هو. ۽ هن 1 ـ سيپٽمبر 1916ع تي تازي منظوري مليل عارضي سکر بيراج پراجيڪٽ ڊسٽرڪٽ جي ڪم جي شروعات ڪئي. سن 1917ع ۾ اهو طي ڪيو ويو ته روينيو ۽ پبلڪ ورڪس ٻنهي کاتن ۾ هڪ هڪ آفيسر اسپيشل ڊيوٽي تي مقرر ڪجي جيڪي بيراج

واري ايراضي ۾ دستياب سرڪاري زمين جي ايراضي ۽ حالت جو جائزو وٺڻ ۽ پڙ تجويز ڏنل نون ڪينالن جي intensities ۽ duties بابت تجويز ڏين. مسٽر سي. ايم. بيڪر (آءِ. سي. ايس) ۽ پبلڪ ورڪس ڊپارٽمينٽ مان مسٽر سي. ايم. لين جنوري 1918ع کان انهي اسپيشل ڊيوٽي تي رکيا ويا. انسپيڪٽر جنرل آف ايريگيشن جي تجويز تي اهو فيصلو ڪيو ويو ته ٻيراج جي نئين سر ڊزائين ڪرڻ سان گڏو گڏ سيني ڪينال سسٽمن روهڙي ڪينال، ايسٽرن ناراسسٽم، رائيٽ بئنڪ ڪينال سسٽم ۽ خيرپور ڪينالز جي ٻيهر ڊزائين ڪئي وڃي ۽ اهو ڪم ايگزيڪٽو انجنيئر مسٽر مسٽو جي چارج ۾ ڏنو ويڃي جنهن کي جنوري 1918ع ۾ ڊسٽرڪٽ جي چارج وٺڻ لاءِ فوج مان گهرايو ويو هو. ٻيراج جا پلان ۽ ڪاٽا، ايگزيڪيوٽو انجنيئر سکر پراجيڪٽ ڊويزن پاران آڪٽوبر 1919ع ۾ ۽ ڪينالن جا جولاءِ 1920ع ۾ مڪمل ڪيا ويا. پروپوزل آخرڪار سيڪريٽري آف اسٽيٽ فار انڊيا، گورنمينٽ آف انڊيا ۽ بمبئي حڪومت پاران منظور ڪيا ويا. بمبئي حڪومت پاران سکر ٻيراج ائنڊ ڪينالس پراجيڪٽ جي تعمير جي منظوري جي حڪمن جو اهم قرار داد هڪ تاريخي دستاويز طور هتي ڏجي ٿو جنهن سنڌ ۾ آبپاشي جي هڪ نئين دور جي شروعات ڪئي. پهرئين جولاءِ 1923ع کان اڏاوت جو ڪم شروع ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا ويا. پراجيڪٽ گورنمينٽ آف انڊيا کي پيش ڪرڻ کانپوءِ سپرنٽنڊنگ انجنيئر جي هڪ نئين سرڪل (Circle) قائم ڪئي وئي هئي ۽ پهرئين فيبروري 1921ع تي مسٽر سي. ايس. سي. هيريسن (آءِ سي هلي سرچارلٽن هيريسن سي. آءِ اي) کي هن عهدي تي مقرر ڪيو ويو ۽ انهي عهدي جو نالو سپرنٽنڊنگ انجنيئر سکر ٻيراج پراجيڪٽ رکيو ويو. گورنمينٽ آف انڊيا جولاءِ 1923ع ۾ ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ لاڙڪاڻي جي ڪراءَ ٿهراءِ تي عمل ڪندي اهڙا حڪم جاري ڪيا ته ٻيراج جو نالو بمبئي جي گورنر سرلائيڊ جارج جي نالي پٽيان رکيو وڃي جنهن جي توانائي ۽ ڪوشش هن ٿهراءَ تي تڪڙي عملدرآمد جو سبب بڻي. تنهنڪري انهيءَ ڪانپوءِ اهو پراجيڪٽ لائيڊ ٻيراج ائنڊ ڪينالس ڪنسٽرڪشن اسڪيم جي نالي سان سڏيو وڃڻ لڳو. لائيڊ ٻيراج ائنڊ ڪينالس (1932 ـ 1923) جو افتتاح هزايڪسيلينسي دي ارل آف ويلنگڊن، وائسراءِ ۽ انڊيا جي گورنر جنرل ڪيو. ٻيراج ۽ ان جا ست ڪينال سنڌ، بلوچستان ۽ خيرپور رياست ۾ هر سال 55 لک ايڪڙن کي سيراب ڪرڻ لاءِ ڊزائين ڪيا ويا هئا. اهو پراجيڪٽ انڊين سروس آف انجنيئرز جي مسٽر اي اي مسٽو تيار ڪيو هو. انهي جي منظوري سيڪريٽري آف اسٽيٽ فار انڊيا اپريل 1923ع ۾ ڏني ۽ بامبي ليجسليٽو ڪائونسل جون 1923ع ۾ انهي جي توثيق ڪئي ته فنڊ جاري ڪرڻ لاءِ ووٽ پيا ۽ بنا دير ڪم شروع ڪيو ويو. تعمير اتي ڪم جو افتتاح پهرئين جولاءِ 1923ع تي ڪيو ويو ۽ انڊين سروس آف انجنيئرز جو مسٽر سي. ايس. سي. هيريسن انهي جو چيف انجنيئر مقرر ڪيو ويو. ڪينال جنوري 1925ع ۾ نهڙ شروع ٿيا ۽ هيڊ ورڪس جو ڪم آڪٽوبر 1925ع ۾ شروع ٿيو. سموري دنيا جي سڀ کان وڏي آبپاشي نظام جي افتتاح جي تاريخ 13 جنوري 1932ع آهي.

مختصر طور چئجي تہ هيءَ اسڪيم هنن حصن تي ٻڌل آهي (الف) سکر ۾ لينسڊائون پل کان ٽي ميل هيٺ سنڌو درياء تي بيراج جي تعمير ۽ (ب) ستن ڪينالن جي انهن جي برانچن، ڊسٽري بيوٽرين، مائنرن ۽ واٽر ڪورسن سميت کوٽائي.

مسٽر مسٽوپاران ڊزائين ڪيل بيراج هڪ تمام وڏو درياءِ ريگيوليٽر آهي جيڪو 66 دروازن تي ٻڌل آهي. هر هڪ دروازو 60 فوٽ ويڪرو آهي. بيراج جا اهي لنگهہ اسٽيل جي ڦاٽڪن ذريعي ڪنٽرول ٿيندا آهن. انهن مان هر هڪ جو وزن 50 ٽن آهي. اهي عام حالتن ۾ تہ بجلي تي هلندا پر هٿ سان بہ هلائي سگهبا. انهي ريگيوليٽر جي مٿان بہ پليون آهن. مٿئين جنهن کي گيٽ برج (Gate Bridge) چيو ويجي ٿو اها اسٽيل جي دروازن کي هلائڻ لاءِ ڪم ايندي جڏهن تہ ٻي جنهن کي روڊ برج (Road Bridge) سڏيو ويجي ٿو اها ٽرئفڪ لاءِ ڪم ايندي ۽ درياء جي ساڄي ڪپ واري روڊ کي کاڌي ڪپ واري روڊ سان ملائيندي.

"بيراج لڳ ڀڳ هڪ ميل ڊگهو آهي يعني انهي جي ڊيگهہ لنڊن برج جي ڊيگهہ کان پنجوٽي آهي. اهو ميٽوڙي سفيد لائيم اسٽون مان ٺهيل آهي. انهي جا فقط ونگ مختلف ميٽريل يعني ري انفورسڊ سيمينٽ ڪانڪريٽ جا ٺهيل آهن انهي جي سِل ليول آر. ايل 1770 آهي ۽ اهو پاڻي کي آر. ايل 1945 تائين کڻي اڇڻ لاءِ ڪم ايندو. نوان ڪينال انهي ليول تي پنهنجي گهربل مڪمل سپلاءِ وٺي سگهندا.

ساڄي ڪپ تي چيڑي وارا پنج دروازا ۽ کاڌي ڪپ جا آخري ست دروازا صفائي جي مورين طور ڪتب ايندا. بہ ڊگهيون ڊار ڪندڙ پتيون (Divide Walls) پڻ ٺاهيون ويون آهن. ساڄي ڪپ واري پت جي ماپ 1690 فوٽ ۽ کاڌي ڪپ واري پت جي ماپ 1975 فوٽ آهي. اهي درياءَ کي ڊيگهہ ۾ ٽن حصن ۾ ورهائين ٿيون. بہ پاسي واريون پاڻي جي رفتار (Velocity) ۽ ليول کي ڏيان سان ڪنٽرول ڪرڻ جي صلاحيت رکن ٿيون جيئن پاڻي کي واهن ۾ چڏڻ وارين گهربل حالتن موافق ڪري سگهجي.

واهہ: سکر بيراج مان ست واهہ کوٽيا ويا آهن. ٽي ساڄي ڪپ تي ۽ چار کاڌي ڪپ تي هيٺ انهن سان لاڳاپيل ڪجهہ تفصيل آهن:

		ڀڳ ويسٽرن ڪينال	رائيس ڪينال	ڊاد ڪينال	ايسٽرن نارا	روهڙي ڪينال	خيرپور فيڊر ويسٽ	خيرپور فيڊر ايسٽ
ڪمانڊ هيٺ ايراضي	ايڪڙ	1037395	543614	667534	2326591	2831024	.....	.....
پوکي لائق ايراضي	ايڪڙ	939235	476498	582035	2195384	2545609	.....	.....
سالياني پوکي جي حتمي ايراضي	ايڪڙ	563000	357000	412000	1627000	2043000	298000	...

هيڊ وٽ وڏ ۾ وڏ ڊسچارج	ڪيوسڪس	5152	10215	2837	13649	10883	1936	2094
هيڊ وٽ پيٽ جي ويڪر	فوٽ	165	243	92.5	346	247	79	82
هيڊ وٽ ڪُل سپلاءِ ليول	فوٽ	193.90	194.00	194.04	194.20	50.192	193.50	192.50
مکيہ ڪينال جي ڊيگهہ	ميل	36	82	131	525	208	45	13
برانچن جي ڊيگهہ	ميل	171	5	52	215	277	...	...
ڊسٽري بيوٽرين ۽ مائينرن جي ڊيگهہ	ميل	678	65	441	1212	1937	.....	....
چنڊٽن (escapes) جي ڊيگهہ	ميل	.....	.....	29	9	35	.....	....
واٽر ڪورسن جي ڊيگهہ	ميل	3300	258	2486	5000	20,000	.....	....
هيڊ ريگيوليٽر ۾ 25 فوٽ ويڪرن دروازن جو تعداد		6	13	4	16	12	2	2
هيڊ ريگيوليٽر جي آر ايل سيل		183.75	183.13	184.32	181.54	185.30	185.48	187.48

انهي ۾ پراٽن چينلن جا 305 ميل شامل نہ آهن جيڪي ري ماڊل ڪيا ويا آهن.

سياويڪ طور ڪم جو سڀ کان ڏکيو حصو اهو هو جيڪو هيڊ پاڻي ۾ ڪرڻو هو. اهو ڪم هرسال ڪم واري حصي جي چوڌاري ڪافر- ڊيم (Coffer_ dams) ٺاهي ڪيو ويندو هو ۽ انهي ايراضي مان پمپن ذريعي پاڻي ڪڍيو ويندو هو.

ڪا فرڊيم هڪ ٻئي سان جُڙيل اسٽيل جي Piles تي ٻڌل هوندا هئا جيڪي ڀيڙين تي رکيل Pile drives جي مدد سان درياء جي بيڊ ۾ لاٿا ويندا هئا.

انهي اسٽيل پائلنگ کي اندرئين پاسي واريءَ جي ٽيڪ ڏني ويندي هئي جيڪا درياء ۾ پاڻي جي سطح کان ٿورو مٿي ڊريجرن جي مدد سان لاٿي ويندي هئي. ڪم کي تڪڙو هلائڻ لاءِ انهن ڪپرن لاءِ مٿي ڪڏهن ڪڏهن ٻاهران گڏهن تي آندي ويندي هئي.

بنياد ڊريجرن جي مدد سان کوٽيا ويندا هئا جيڪي ڪافر ڊيمن جي اندر ڪر ڪندا هئا. انهن ڊيمن ۾ وٽيون چڏيون ويندڙيون هيون جيئن کوٽائي جي ڪر جو گھٽو حصو پورو ٿيڻ کانپوءِ انهن کي ٻاهر ڪڍي سگھجي.

اهو ڪر ٿي وڃڻ کانپوءِ ڪافر ڊيم بند ڪري چڏيا هئا ۽ چوديواري وارن حصن مان پاڻي ڪڍڻ لاءِ پمپ ڪتب آڻيا هئا.

جيئن ئي ترو ظاهر ٿيندو هو تہ مزدور ڪر تي هٽي چڏيا هئا جيئن کوٽائي پوري ٿي سگھي ۽ اوپاري ۽ لهواري وهڪري کي آڏ ڏئي فرش ۽ ٿنڀن جي اوساري جو ڪر ڪيو ويندو هو.

پٿر ۽ گچ جهڙي ضروري سامان جو گھربل مقدار اڳي ئي تيار رکيو ويندو هو ۽ برادِ ۽ نير و گيج ريل ذريعي سڌو ڪافر ڊيم ۾ آندو ويندو هو.

مجموعي طور 42 ميل برادِ گيج ۽ 24 ميل ٻہ فوٽ گيج ريل جي پٽي وڌي وئي ۽ انهي ڪر لاءِ ضروري انجڻيون ۽ گاڏا ٻہ لڳايا ويا.

سامان جي باربرداري لاءِ ڪيترين ئي مقامي ٻيڙيون ٻہ ڪر آنديون ويون.

اوساري جو ڪر ڏينهن رات هلندو هو. ڪر جي سموري سرزمين تي رات جو بجلي ذريعي روشني ڪئي ويندي هئي جيڪا خاص اليڪٽرڪ[1] پلانٽ مان ورتي ويندي هئي.

لوهہ جي تري وارا وڏا ڪونر دستياب ڪري ڪافر ڊيم جي اپراضي ۾ ڪولي رکيا ويندا هئا. جيئن ڪر هلندي سيموٽيل پاڻي انهن ۾ گڏ ٿيندو وڃي ٻيڙين تي رکيل بجلي جي پمپن جو وڏو انگ اهو سميل پاڻي ڪافر ڊيمن مان ٻاهر ڪڍي چڏيندو هو.

ڪينال: ڪينالن جي کوٽائي جو ڪر مڪينيڪل ايڪسڪيويٽرن توڙي مزدورن ذريعي ڪيو ويو. مڪينيڪل ايڪسڪيويٽرن ذريعي کوٽائي جو فيصلو هيٺين سببن جي ڪري ڪيو ويو

(1) هڪ لک پنجٽيهہ هزار مزدور سولائي سان دستياب نہ ٿي سگھندا.

(2) مشين جو ڪر سانده هلندو ۽ انهي تي موسمن جو بہ ڪو اثر نہ ٿيندو.

(3) مشينون جنهن رفتار سان ڪر ڪنديون انهي سان مزدورن ذريعي کوٽائي واري لاڳت تي ضابطو رهندو.

(4) مقامي مزدورن جي حد کان وڌيڪ گھرج سان سنڌ ۾ زرعي ڪمن ڪارين تي خراب اثر پوي ها. حاصل ٿيل نتيجي مشينون ڪر آڻڻ کي مڪمل طور حق بجانب قرار ڏنو

کوٽائي جي ڪر جو جملي مقدار 569 ڪروڙ ڪيو بڪ فوٽ هو. جنهن مان 312 ڪروڙ ڪيوبڪ فوٽ يعني 54 سيڪڙي کان وڌيڪ مشينن پاران سرانجام ڏنو ويو.

---

[1] پاڻي جي سطح جي هيٺان پاڻي کي روڪي ٽاميل چار ديواري جنهن مان پاڻي ڪڍي چڏجي جيئن پل جو بنياد ٺاهي سگھجي (سنڌيڪار)

پرزا جوڙي 46 مشينون ٺاهيون ويون جن سيني تي تقريباً هڪ ڪروڙ رپيا خرچ ٿيا. انهن مشينن مان 9 سيپ کان وڏيون 7 وچوليون ۽ 30 ننڍيون هيون. هر مشين ۾ ڪيترو ڪم ڪرڻ جي صلاحيت هئي انهي جو اندازو هنن انگن اکري مان ٿي ويندو. (هر هڪ مشين پاران هڪ مهيني ۾ ڪيل ڪم)

وڏي مشين	56.6 لک (5660000 فوٽ ڪيوبڪ)
وچولي مشين	32.2 لک (3220000 ڪيوبڪ فوٽ)
ننڍي مشين	16 لک (1610000 ڪيوبڪ فوٽ)

اهي انگ بالترتيب 3800، 2100 ۽ 1100 ماڻهن پاران هر روز هڪ مهيني جي ڪم جي برابر آهن.

سيئي مشينون جيڪڏهن گڏ ڪم ڪن تہ انهن جي جملي صلاحيت ٽلهي ليکي في منٽ 74 ٽن مٽي کڻي ڍير ڪرڻ جي برابر هئي. اهو ئي حساب بين لفظن ۾ هيئن ٻڌائبو تہ 1.23 ٽن في سيڪنڈ ڏينهن رات ۽ هفتي ۾ سادا پنج ڏينهن ۽ سال ۾ 250 ڏينهن اهو ڪم لڳ ڀڳ 32 هزار ماڻهن پاران سمورو سال ڪم ڪرڻ يا لڳ ڀڳ 77 هزار مانهن جي سال جي پنجن مهينن جي موسمي عرصي جي ڪم ڪرڻ جي برابر آهي.

ڪجهہ حصن ۾ ڪوٽائي ڪيٽن ذريعي ٿي. ڪيڻ هڪ پراڻو طريقو آهي جنهن ۾ ڍڳن جي جوڙي ڏاتو جي ڪناري وارو هڪ ويڪرو تختو ڇڪي انهي جي مدد سان ڪينال جي پيٽ مان مٽي ڪُرڙي ٻاهر گڏ ڪندي هئي.

توقع مطابق برطانوي علائقي ۾ سالياني پوک هيٺ ايندڙ ايراضي 13.50 لک ايڪڙ هوندي اميد هئي تہ انهي تي مختلف فصل هيٺئين ترتيب موجب هوندا:

ڪڻڪ	2440,000 ايڪڙ
ڪپهہ	790,000 ايڪڙ
ساريون	625,000 ايڪڙ
جوئر ٻاجهري وغيره	695,000 ايڪڙ
دالیون	53000 ايڪڙ
تيلي ٻج	410,000 ايڪڙ

جيڪڏهن انهي کي اُپت جي لحاظ کان ظاهر ڪجي تہ تقريباً هي مقدار ملندا.

ڪڻڪ	1133000 ٽن
ڪپهہ	500,000 هڑون
ساريون	447000 ٽن
جوئر ٻاجهري وغيره	298000 ٽن

دالیون	15000 ٽن
تيلي ٻج	117000

اصلي ڪمن سان گڏوگڏ جيڪا ايراضي ڪينالن ذريعي سيراب ٿيٽي هئي انهي کي چوڪنڊن ۾ ورهائڻ جو ڪم پڻ ٿيو.

زمين کي ايڪڑن جي بلاڪن ۾ ورهائڻ انهي لحاظ کان ڇڪو ڪم ٿيندو جو انهي سان زرعي ڪم ڪار ۾ بهتري ايندي ۽ انهي سان زمين کي ليول ڪرڻ، هر پلاٽ ۾ پاڻي جي صحيح نموني ورهاست ڪرڻ ۽ واٽر ڪورسن جي سائنسي انداز ۾ سڌائي رکڻ جي ڪمن کي هٿي ملندي.

انهي سان زمين جي مالڪ کي وڌيڪ فائدو اهو ملندو جو انهي سان ڏل ۽ آبياني جو يونٽ گهٽجي وڃي هڪ ايڪڙ تي ٻيهندو.

زمين کي چوڪنڊن ۾ ورهائڻ جو مڪمل ڪم يعني 320 ايڪڙن جا چوڪنڊا سروي آف انڊيا پاران ناهيا ويا هئا. انهي کان اڳتي هڪ هڪ ايڪڙ جا چوڪنڊا ناهڻ جو ڪم روينيو آفيسر جي اسٽاف پاران ٿي رهيو آهي.

1. سموري اسڪيم جي جملي سيپ کان تازي	15000000 پائونڊ
روائيز ٿيل تخميني لاڳت	20,03,00,000 رپيا
2. ٻيراج ۽ هيڊ ورڪس جي جملي	4300,000 پائونڊ
تخميني لاڳت	55897000 رپيا
3. هر سائيز جي ڪينالن جي ڏيگهه جيڪي کوٽيا وڃڻا آهن	6166 ميل
4. سموري اسڪيم ۾ کوٽيا ويندڙ ڪينالن، برانچن، ڊسٽريبيوٽرين ۽ مائينرن مان نڪرندڙ مٽي جو مقدار	5900 ملين ڪيوبڪ فوٽ
5. کوٽائي ۾ ڪم آيل 46 ڊريگ لائين مشين جي جملي لاڳت	800,000 پائونڊ
	10666000 رپيا
6. ڊريگ لائينن سميت ڪم آيل	3400,000 پائونڊ
سموري مشينري جي لاڳت	453,33000 رپيا
7. اسڪيم ذريعي سيراب ٿيندڙ جملي ايراضي	74 لک ايڪڙ
8. ٺهندڙ پلين ۽ ريگيوليٽرن جو انگ	1970
9. ايراضي مڪمل طور سڌري وڃڻ ڪانپوءِ سالياني پوک	50 لک ايڪڙ
10. سيرابي هيٺ ايندڙ بلڪل نئين زمين جي ايراضي	سڌا اوٽيهه لک ايڪڙ
11. سنڌو درياءَ تي ٺهيل بيراج کي 60 فوٽ ويڪرا 66 دروازا. گيٽ برج کي 2 وڌيڪ زميني دروازا	

بيراج جي سل ليول	آر. ايل 177.0
فل سپلاءِ ليول	آر. ايل 194.5
گيٽ برج جي ونگن جي اسپرنگ جي آر. ايل	219.0
روڊ برج جي ونگن جي اسپرنگ جي آر.ايل	201.0

گيٽ برج بيراج جي لنگهن ۾ لڳل ڦاٽڪن کي کولڻ بند ڪرڻ جي ڪم لاءِ آهي ۽ روڊ برج ٽرئفڪ جي استعمال لاءِ آهي

12. ڪم جي شروعات	جولاءِ 1923ع
13. (الف) توقع مطابق سڀ ڪم مڪمل	35_ 1934ع
ٽيڊ ۽ ڪاتا بند ٽيڊ	
(ب) ڪينالن جو وهڻ	1932ع
14. سرڪاري زمين جنهن کي پاڻي ملندو.	
اي ڪلاس زمين	1058928 ايڪڙ
بي ڪلاس زمين	602205 ايڪڙ
سي ڪلاس زمين	289400 ايڪڙ

نوٽ: اي ڪلاس مان مطلب تمام سٺي. بي ڪلاس معني چڱي ۽ سي ڪلاس مان مطلب مڙئي سڙئي زمين جيڪا ساريالي فصل لاءِ مناسب هجي

بيراج جي ڊزائين بابت ڪجهه تفصيل ڏيڻ ۾ دلچسپي کان خالي نه هوندو. اهي تفصيل پراجيڪٽ جي ٻئين حصي جي باب ٻئين مان ورتا ويا آهن.

بيراج خود هڪ ويڪري فرش تي مشتمل آهي جنهن جو بنياد درياء جي پيٽ جي واريء تي آهي. اوپاري پاسي پٽرن جي پيش دامن (apron) ذريعي فرش جو بچاءِ ٽيل آهي ۽ لهواري پاسي پٽرن سان گڏوگڏ ڪنڪريٽ بلاڪن جو پيش دامن پيل آهي. فرش جي هيٺان اسٽيل شيٽ پائلنگ جا پردا لڳل آهن پائلنگ جي چوٽي فرش جي ڪم سان جُڙيل آهي. فرش تي ڏهه ڏهه فوٽ ويڪرا ٽنيا هڪٻئي کان 60، 60 فوٽ پري بيئل آهن. ٽنيا ٻن جدا جدا پلين کي ٽيڪ ڏين ٿا. ٽنين جي اوپاري پاسي واري پل يعني گيٽ برج لهواري پاسي واري پل کان مٿاهين سطح تي آهي ۽ ٻن جدا جدا آر. سي. سي ونگن تي مشتمل آهي. انهن مان هڪ اٺ فوٽ ويڪرو ۽ ٻيو پنج فوٽ ويڪرو آهي انهن جي وچ ۾ 13 فوٽ وٿي آهي جنهن جي وچ ۾ بيراج جا دروازا ۽ انهن جا ڏڙا (Counterweights) ڪم ڪن ٿا. انهن کي هلائڻ جاگيئر ۽ ٻيا اوزار به انهي پُل تي رکيل آهن جيڪا ٽرئفڪ ۽ عام ماڻهن جي ڪتب اچڻ لاءِ موزون نه آهي لهواري پاسي وارن نُلهن واري پل يعني روڊ برج به آر. سي. سي ونگن تي نُهيل آهي. انهن جي ويڪر 25 فوٽ آهي ۽ انهن جي اسپرنگنگ

ليول درياء جي سپ کان وڏي تخميني ٻوڏ واري ليول يعني آر. ايل 201 کان ٿوري مٿي آهي. انهن ونگن تي گاڏين جي اڇ وڇ لاءِ 16 فوٽ ويڪرو روڊ آهي روڊ جي ٻنهي پاسن تي سايا ٿي فوٽ ويڪرو فوٽ پاٿ آهي.

درياء جي دروازن جي اوچائي سايا ارڙهن فوٽ ۽ صفائي وارن دروازن جي اوچائي سايا ٻاويهه فوٽ آهي. پاٽي کي آر. ايل 5. 195 تائين ٻه چاڙهي سگهجي ٿو جڏهن ته ڪينالن ۾ فُل سپلاءِ ليولز ۽ ڊسچارج بيراج جي دروازن جي اوپاري پاسي آر. ايل. 5. 194 پائنڊ ليول تي ڊزائين ڪيل آهي.

بيراج هڪ سڌي ليڪ تي ٺهيل آهي جيڪا درياء جي مرڪزي ليڪ (Centre Line) سان گوني ڪنڊ ناهي ٿي. جيئن ته درياء جا ڪپرپوروچوٽ نہ آهن تنهنڪري بيراج جون پشتيون (abutments) درياء جي پيٽ ۾ ٻنهي ڪپرن کان تقريباً 400 فوٽن تي ناهيون ويون هيون. ريگيوليٽر فيس (faces) جي وچ ۾ بيراج جي مڪمل ڊيگهه 4725 فوٽ آهي. جڏهن ته گيٽ برج جي مجموعي ڊيگهه 4925 فوٽ آهي. انهي کي ٻنهي ڇيڙن تي زميني دروازا ۽ ٽرمينل ٽاور پڻ آهن.

بيراج کي 66 دروازا آهن جن مان هر هڪ 60 فوٽ ويڪرو آهي. اهو ٻن ورهائيندڙ پٽين (divide walls) جي ذريعي ٽن سيڪشنن ۾ ورهايل آهي. اهي هيڊ ريگيو ليٽرن لاءِ ائپروچ چينلن جو ڪم ڪن ٿا. انهن ٽن مان ٻن سيڪشنن ۾ ساڄي ۽ کاٻي ڪپ وارا صفائي جا دروازا آهن جڏهن ته ٽئين يعني سينٽرل سيڪشن ۾ درياء جون موريون آهن. کاٻي ڪپ تي ست صفائي جا دروازا ۽ ساڄي ڪپ تي پنج صفائي جا دروازا آهن. صفائي جي آخري دروازي ۽ هر ڪپ تي درياء جي پهرئين موري ۾ 25 فوٽ ويڪرو پشتي جو ٽنب آهي. بيراج جو سينٽرل سيڪشن ڇهن ڪُٽن تي مشتمل آهي جنهن مان هر هڪ ۾ 9 دروازا آهن. انهن مان هر هڪ ڪُٽ جو ڇيڙي وارو ٽنب 25 فوٽ ويڪرو پشتي وارو ٽنب آهي.

درياء جي دروازن جي فرش تي هڪ فوٽ ويڪري اُپريل چائنڪ آهي جنهن جي چوٽي جي ليول آر. ايل 0. 177 آهي. فرش انهي چائنڪ جي چوٽي کان آر. ايل 0. 171 تي هيٺ لهي ٿو. اوپاريون ۽ لهواريون لاهيون بالترتيب 5 ۾ 1 ۽ 10 ۾ 1 آهن.

بيراج ڪجهه اهم ڳالهين ۾ نيل تي ٺهيل اصنع بيراج مطابق ڊزائين ٽيل آهي.

بيراج ۽ ان جي هيڊ ريگيو ليٽرن جي لاڳت	4.04 ڪروڙ
سموري اسڪيم جي لاڳت انهن ڪمن سميت جيڪي 1933ع جي ڪٽان مطابق ٽيٽا آهن	20 ڪروڙ تقريباً
1933/09/30 تائين اصل رقم تي وياج	تقريباً 4.5 ڪروڙ
سيني سائيزن جي چينلن جي جملي ڊيگهه	6473 ميل
واٽر ڪورسن جي مڪمل ڊيگهه	
(الف) نوان	30,000 ميل

(ب) پراڻا 17,800

سموري اسڪيم ۾ مٽي جو مقدار

(الف) ڪينالن ۾ انهن سان لاڳاپيل ڪمن ۾ 628 ڪروڙ ڪيوبڪ فوٽ

(ب) واٽر ڪورسن ۾ 124 ڪروڙ ڪيوبڪ فوٽ

752 ڪروڙ ڪيوبڪ فوٽ

هر سائيز جي پلين، ريگيوليٽرن جو مجموعي انگ 1889

هڪ وقت ڪم تي هنيل مزدورن جو جملي انگ

46 ڊريگ لائين سان گڏ جيڪڏهن ڊريگ لائينون ڪم نه

آڇجن ها تہ ٻيڙ تي مزدور گهربل هجن ها. 60,000

اسڪيم ۾ ڪينالن بابت اهم ڳالهيون

	ايسٽرن نارا	روهڙي
ڊسچارج	13002 ڪيوسڪ	10887 ڪيوسڪ
پيٽ جي ويڪر	346 فوٽ	347 فوٽ
مٿاچري جي ويڪر	369 فوٽ	274 فوٽ
اونهائي	سادا يارنهن فوٽ	12 فوٽ
ڊيگهه	226 ميل	208 ميل

* سيني ڪينالن جي جملي ڊسچارج خيرپور فيڊرن سميت 46617 ڪيوسڪ

* اسڪيم ذريعي سيراب ٿيندڙ سموري ايراضي 75 لک ايڪڙ

* اسڪيم ذريعي آباد ٿيندڙ پوکي لائق ايراضي 61 لک 25 هزار ايڪڙ

* جڏهن سموري زمين مڪمل طور سڌري وبندي تہ هر سال پوکي هيٺ ايندڙ ايراضي سادا ٻاونجاه لک ايڪڙ

* اسڪيم ۾ سرڪاري زمين وڪري لاءِ دستياب

اي ڪلاس (سٽي) 10,59,000 ايڪڙ

بي ڪلاس (چگي) 602000 ايڪڙ

سي ڪلاس (هالو چالو فقط سارين لاءِ مناسب) 289000 ايڪڙ

* سالياني پيداوار	هزار ايڪڙن تي	هزار مٽن ۾
ڪڪ جڏهن سموري	2440	1.1333
زمين آباد لائق ٿي ويندي		
ڏٽي	850	.96

ساربون	625	447
جوئر ۽ باجهري	635	271
تيلي ۽ ڄ	410	117
اسڪيم جي منظوري جو سال		1923ع
* ڪم شروع ٿيڻ جو سال		1923ع
* ڪينال شروع ٿيڻ جو سال		1932ع
ڪينال ٺهڻ ۾ مختلف اسمن تي خرچ جو في سيڪڙو (تقريباً)		
مٽي جو ڪم		49 سيڪڙو
عملو		15 سيڪڙو
پليون، ريگيوليٽر		10 سيڪڙو
زمين		6 سيڪڙو
عمارتون		4 سيڪڙو
شروعاتي سروي		1 سيڪڙو
اوزارن ۽ پلانٽ		1 سيڪڙو
مختلف نندون ۽ متفرق سامان مٿين شين کان نندو		14 سيڪڙو

* اسڪيم جي اثر هيٺ ايندڙ آبادي انگلينڊ جي آبادي جي لڳ ڀڳ چوٿين حصي جي برابر ٿيندي.

* ٽيمس درياء مان لنڊن برج وٽ وڏي ۾ وڏي ڊسچارج 15000 ڪيوسيڪ جڏهن ته ايسٽرن نارا جو ڊسچارج 13602 ڪيوسيڪ آهي.

* سئيز ڪينال جي سطح وٽ ويڪر 200 فوٽ جڏهن ته ايسٽرن نارا جي 370 فوٽ آهي.

* هن اسڪيم تحت ڪتب ايندڙ نوان ۽ پراڻا واٽر ڪورس دنيا جي چوگرد تقريباً ٻه دفعا ڦيرو ڏئي ويندا.

لائيڊ بيراج ۽ ڪينالن جو بيان مڪمل سمجهڻ کان اڳ هن گزيٽيئر ۾ ڪجهه لاڳاپيل مسئلن جو بيان پڙ توجه ڇڪائي ٿو. اهي هي آهن (1) بيراج سڪر کان هيٺئين گهاٽي وٽ ناهڻ جا سبب ڪهڙا هئا؟ (2) بيراج جي سيرابي واري علاقي ۾ زمين جي سروي ۽ ان کي چوڪندن ۾ ورهائڻ (3) بيرا جي ڪينالن مان پاڻي جي ورهاست جو طريقو ۽ فصلن جون پاڻي ۽ جون گهرجون (duties) (4) سرڪار پاران زمين ونڊ جي پاليسي، زمين جو ڪروڙ روينيو آفيسر بيراج جا ڪم (5) بيراج هيٺ خيرپور ڪينال سسٽم جو هلڻ (6) بيراج هيٺ ايسٽرن نارا سسٽم جي پوزيشن (7) وڏين جاگيرن جي موجودگي سبب درپيش ايندڙ ڏکيائيون (8) بيراجي ڪينالن مان ٻيلن کي پاڻي ملڻ

لاڳاپيل مسئلا:

(1)ٻيراج سکر کان هيٺئين گهاٽي وٽ ٺاهڻ جا سبب کهڙا هئا: ڪيترن ورهين تائين انهي مسئلي تي وڏا بحث ٿيندا رهيا ته سکر وٽ سنڌو درياء تي ٻيراج لاءِ سڀ کان بهتر هنڌ کهڙو هوندو. پوءِ چونڊيل هنڌ ڇو سڀ کان وڌيڪ مناسب هو؟ انهي جا سبب سرڪاري طور ٻيراج جي تڪميلي رپورٽن ۾ هي ڏنا ويا آهن:

اهو هنڌ چونڊڻ جا سبب هي هئا:

(الف) درياء جي انهي هنڌ ۾ سکر گهاٽي واري ٽڪري جا ڪپر تڏهن کان ائين ئي ۾ اهڙي ئي حالت ۾ آهن جڏهن کان سروي رپورٽون دستياب آهن. سن 1876ع ۾ ڪيل هڪ سروي ۾ انهي حصي ۾ درياءَ جا ڪپر اهي ئي ڏيکاريل آهن (ب) چونڊيل هنڌ تي درياءَ جي ويڪر ايتري آهي جنهن مان گهربل آبي وهڪرو ٻيراج مان ٽپائي سگهجي ٿو۽ انهي لاءِ فرش کي وڌيڪ اونهو ڪرڻ جي ضرورت نه پوندي

(ج) هن هنڌ تي ٺهيل ٻيراج هوڻ دوران گهاٽي جي مٿان درياء جي قدرتي حالتن ۾ رڪاوٽ يا تبديلي نه آڻيندو۽ انهي ڪري گهاٽي جي مٿان درياء پاران زمين پائڻ جو به ڪو خطرو نه رهندو.

(د) اوپاري پاسي کنهن به هنڌ درياءَ جي ويڪر کنهن ٻيراج لاءِ ناڪافي هئي ۽ انهي جاءِ کان هيٺ درياء ور وڪڙ ڪرڻ شروع ڪري ٿو۽ ان جا ڪپر به گهاٽي واڌي ڪندا ٽا رهن. تنهنڪري سنوت جو تمام گهٽو ڪم ضروري ٿي پوي ها.

(هـ) ساڄي ۽ کاٻي ڪپ جي ڪينالن جي هيڊورڪس جي انهي جاءِ تي پوزيشن انهن جي سيرابي وارين جاين جي تقريباً ٽي ميل وڌيڪ ويجهي آهي جڏهن ته روهڙي ۽ خيرپور ڪينالن جا منهن روهڙي وٽ مضبوط جبلن مان ڪڍڻ جي ڪشالي کان به بچي سگهيو.

ساڳئي طرح ايسٽرن ناراسپلاءِ چينل جو نئون منهن جيتوٽيڪ موجوده منهن کان چار ميل اڳتي هوندو پر اهو سمورو مٽي ۾ هوندو ۽ جبلن مان ڪٽي ويڪرو ڪرڻ جي ڏکئي ۽ مهانگي ڪم کان به بچي سگهيو.

(و) اهو هنڌ گهاٽي کان ڇڪر پري هو تنهنڪري ايستائين درياء جو پاڻي اهڙو يڪسان وهڪرو اختيار ڪري ويندو جو سطح جي پاڻيءَ ۾ لٽ جو غير معمولي طور وڌيڪ مقدار به شامل نه ٿي ويندو.

(ر) انهي هنڌ تي تمام اونهائي تائين به ڪٽي به پٿر نه آهي تنهنڪري ٻيراج ۽ ريگيوليٽرن جي ڊزائين ۾ انهن جو بنياد واري تي رکي سگهبو۽ اهي اصول ڇڪي طرح سمجهه ۾ آيل هوندا. تنهنڪري پٿرن تي بنياد رکندي غير يقيني کان بچي سگهبو.

(ح) ٻيراج جي Alignment درياء جي سينٽر لائين سان گوني ڪنڊ تي ٿي سگهي ٿي. جيڪو انهي ڏانهن ادائي ميلن جي فاصلي کان تمام هلڪو وڪڙ ڪري وهي ٿو.

(2) ٻيراجي ڪينالن مان پاڻي پهچائڻ لاءِ زمين کي چوڪنڊن ۾ ورهائڻ:- لائيڊ ٻيراج ۽ ان جي ڪينالن تحت پاڻي پهچائڻ جو جيڪو سائنسي نظام چالو ڪيو ويو آهي اهو اها گهر ڪري ٿو ته زمين جي

جنهن يونٽ کي پاڻي ڏنو وڃي اهو جيترو ٿي سگهي يڪسان شڪل ۽ سائيز جو هجي. اهو ڪم هڪ جدا سروي ذريعي ڪيو ويو ۽ ڪليل زمينن ۽ ٻنين کي چوڪنڊن ۾ ورهايو ويو. زمين کي چوڪنڊن ۾ ورهائڻ جا فائدا مختصر طور هي ٿي سگهن ٿا:

(1) انهي نظام تحت آبپاشي توڙي ڊل جي وصولي لاءِ موجوده غير مقرر شڪل ۽ سائيز جي سروي نمبر واري يونٽ بجاء هڪ مقرر ۽ معقول ۽ باقاعدي شڪل ۽ سائيز وارو يونٽ ملي وڃي ٿو. سنڌ لئنڈ روينيو نظام تحت زمين جو يونٽ پلي پورو پوکيءَ هيٺ هجي يا ان جو ڪو حصو پر ڊل مڪمل ورتي وبندي آهي.

(2) انهي سان هارين ۾ آبادي۽ لاءِ زمين جي ورهاست جو ڪم سولو ٿي پوي ٿو ۽ انهن ۾ تقاوي جي ورهاست ۾ پڻ سهوليت ٿئي ٿي.

(3) انهي ذريعي حددخليون ڳولهڻ ۾ سهوليت ٿئي ٿي ۽ حدن جي تڪرارن جي روڪٿام ٿئي ٿي.

(4) انجنيئر انهي ذريعي واٽر ڪورسن جو ڪارگر ۽ ڪفايتي نظام ٻزائين ڪن ٿا ۽ پاڻي جي مساوي ورهاست کي هٿي ملي ٿي.

(5) انهيءَ جي ذريعي سيني لاڳاپيل ماڻهن خود مالڪ توڙي سرڪاري عملدارن کي آبپاشي توڙي فصلن جي ڇڪاس ۾ سهوليت ٿئي ٿي.

(6) انهي سان ڊل جو حساب ڪرڻ ۾ سولائي ٿئي ٿي.

(7) انهي سان ڪا تيدار جو حد بندين جي نشانن کي بار بار مرمت ڪرائڻ جو خرچ بچي ٿو.

سنڌ ۾ پراڻن آبڪلاڙي واهن ۽ ورن وڪڙن وارن ڪڙين جي موجودگي ۾ زمينن کي چوڪنڊو ڪرڻ جو مسئلو سپ ڪان اڳ اٽويهين صدي جي نوي واري ڏهاڪي ۾ تڏهن پيدا ٿيو جڏهن زمين جي وڏن غير آباد ٽڪرن کي سيراب ڪرڻ لاءِ جمڙائو ۽ نصرت ڪينال ٻزائين ڪيا ويا. جمڙائو ڪينال جي پيچ ۾ ايندڙ سيئي بنا قبضي واربون زمينون توڙي قبضي هيٺ آيل زمينن جي ننڍن ننڍن ٽڪرن کي 16 ايڪڙن جي چوڪنڊن ۾ ورهايو ويو. اهڙي هر هڪ ٽڪري کي وري هڪ هڪ ايڪڙ جي 16 ننڍن نمبرن ۾ ورهايو ويو.

نصرت واري ٽڪري کي به ساڳئي طرح چوڪنڊن ۾ ورهايو ويو پر 16 ايڪڙن جي چوڪنڊي کي وڏيڪ هڪ هڪ ايڪڙ جي پلاٽ بجاء ڇڻ ڇڻ ايڪڙ جي پلاٽ ۾ ورهايو ويو.

(3) بيراجي ڪينالن مان پاڻي جي ورهاست جو طريقو ۽ فصلن جون پاڻيءَ جون گهُرجون (duties)

مکيه ڪينال، برانچ، ڊسٽري بيوٽري ۽ مائينر جي وصف هيٺ ڏجي ٿي: وصفون ۽ نالا رکڻ جو طريقو:

(الف) مکيه ڪينال بيراج مان پاڻي ڪڍندڙ وڏا چينل آهن. ڪجهه ٻيا مکيه ڪينال به آهن جهڙوڪ ڪپرو جمڙائو ۽ منڙائو ڪينال جيڪي ايسٽرن نارا مان پاڻي ڪڍڻ ٿا جيڪو وري سکر بيراج مان پاڻي ڪڍي ٿو.

(ب) برانچ مڪي ڪينال کانسواءِ ٻيو چينل هوندو آهي جيڪو 200 ڪيوسڪس کان وڌيڪ پاڻي کڻندو آهي. اهو مڪي ڪينال يا ٻي برانچ مان پاڻي کڻي سگهي ٿو. اهو جيڪڏهن ٻئي برانچ مان پاڻي کڻي ته انهي کي مائينر برانچ يا سب برانچ چئي سگهبو.

(ج) ڊسٽري بيوٽري 50 کان 200 ڪيوسڪس کڻندڙ چينل هوندو آهي. اهو مڪي ڪينال، ڪنهن برانچ يا ٻي ڊسٽري بيوٽري مان پاڻي کڻي سگهي ٿو.

(د) مائينر 50 ڪيوسڪ کان گهٽ پاڻي کڻندڙ چينل کي چئبو آهي. اهو مڪي ڪينال برانچ، ڊسٽري بيوٽري يا ٻئي ڪنهن مائينر مان پاڻي کڻي سگهي ٿو. اهو جيڪڏهن ٻئي ڪنهن مائينر مان پاڻي کڻندو ته انهي کي سب مائينر چئبو.

ٻيراج ٺهڻ جي شروعاتي ڪجهه ورهين دوران ڊسٽري بيوٽرين ۽ مائينرن تي عام طور درياء جي ٻنهي ڪپ تي پنهنجي اصل چينل جي هيڊ ريگيوليٽر وٽان شروع ٿي ترتيب وار نمبر رکيو وبندو هو جيئن MIR/ D7L وارهه برانچ جو مطلب ٿيو وارهه برانچ جي کاٻي ڪپ تي ڊسٽري بيوٽري نمبر ستين جي ساڄي ڪپ تي پهرئين مائينر. نالا رکڻ جو اهو طريقو تعمير جي شروعاتي ورهين دوران جيتوڻيڪ سولو هو پر پوءِ جڏهن ورهاست جو نظام طي ٿي ويو ته انهي طريقي کي ترڪ ڪيو ويو. اهڙن سيني چينلن کي نالا ڏنا ويا جيڪي عام طور انهن ڊسٽري بيوٽرين يا مائينرن منجهان سيراب ٿيندڙ ڏيهن جي نالن پٽيان رکيا ويا.

لائيڊ ٻيراج جي دائمي ڪينالن تي ساريا لا علائقا مقرر ڪرڻ:

ڪنهن به دائمي ڪينال تي ساريالي پوک جي وڏن علائقن جي موجودگي ڊزائين کي انهي لحاظ کان پيچيدو بڻائي ٿي ڇڏي جو اهو ربيع ۽ خريف جي ڊسچارج جي اطمينان بخش نموني ۾ برابري لاءِ موزون نه آهي ۽ ڪينالن جي سولائي ۽ ڪفايت سان ڪم جو گهٽي ياڳي دارو مدار وري انهي تي آهي. ميشرز بيڪرائنڊ لين کاٻي ڪپ لاءِ پنهنجي رپورٽ ۾ اهي اصلي سروي نمبر ڏنا هئا جيڪي انهن جي خيال مطابق مجيل ساريالا نمبر هئا. انهن پاران اصلي سروي نمبر ڏيڻ جو ڪشالو ڪرڻ جو سبب شايد اهو هو جو انهن نمبرن ۾ ورهين کان تقريباً لڳاتار سارين جو فصل ٿيندو هو ۽ انهن اصلي نمبرن کان سواءِ ساريالي پوک تمام ٿوري ٿيندي هئي تنهنڪري ريونيو رڪارڊ مان اصل انگ اکر ڪڍڻ کو گهٽو محنت طلب ڪم نه هو. پر ساڄي ڪپ جي دائمي واهن لاءِ انهن ڊزائينن ۾ ساريالي فصل لاءِ رکيل جملي ايراضي جا انگ اکر ڏنا.

انهي ڳالهه جي خاطري ڪرڻ ممڪن نه هو ته انهن ايراضين جو پتو ڪيئن لڳايو ويو هو پر انهي جو بنياد کڻو به هجي جيئن ئي ڊزائين مطابق تفصيلي ڪم شروع ڪيو ويو ته جلد ئي اها ڳالهه محسوس ٿيڻ لڳي ته انهي علائقي ۾ سارين بيڪر لين جي ڏنل ايراضين کان تمام وڌيڪ پوکيون ٿي ويون. کاٻي ڪپ تي پڻ سارين جي پوک واري علائقي ۾ بيڪر لين واري تحقيق جي دور جي نسبت ۾ ڇڪي واڌ اچي وئي هئي. پر انهي ۾ ڪو شڪ نه هو کاٻي ڪپ تي سارين جي پوکي واري علائقي ۾ واڌ جو سبب اهو نه هو ته اهي جنهن

زمين ۾ پوکيو ٿي ويون اها خريف ۽ ربيع جي پوکي لاءِ نه هئي (جيئن ساڃي ڪپ تي صورتحال هئي) پر انهي جو سبب اهو ته ويجهڙائي وارن ورهين ۾ پراڻي آبڪلاڻي واهن واري سرشتي تي حالتون سارين جي فصل لاءِ ساز گار ٿي ويون هيون. جن واهن جي منهن (heads) تي ڪو ضابطو نه هوندو هو انهن جي ڪپرن ۾ ڪنڊ پوڻ سبب اڪثر ٻوڏون ايندیون هيون جنهن سان زميندارن کي مناسب جاءِ تي واقع زمينن ۾ ساربون پوکڻ جو قعو ملي ويندو هو ۽ ڪجهه حالتن ۾ ته انهي کانسواءِ ڪوبيو فصل پوکي ئي نه سگهبو هو. وڏيڪ اهو ته سارين کي خشڪ فصلن جي پيٽ ۾ ٻوڏ کان ۽ بيمارين جو خطرو گهٽ هوندو آهي. دائمي واهن جي ڊزائين ۾ ڪفايت جي لحاظ کان اهو فيصلو ڪيو ويو ته روهڙي ڪينال سسٽم ۾ سارين جي گنجائش نه رکي ويندي ۽ جيڪڏهن اهڙي پوک چينلن جي پڇڙين وٽ رکي ويندي يا سموري سيرابي واري علاقي ۾ ٽيڙي پکيڙي ويندي ته جيستائين ممڪن هوندو زمين جي نوعيت جو لحاظ رکيو ويندو. اهڙي طرح روهڙي ڪينال جي اصل پراجيڪٽ ۾ جيتوڻيڪ سارين جي پاڻي لاءِ 21320 ڪيوسڪ رکيا ويا هئا پر چينل جنهن ڊزائين مطابق ناهيا ويا انهي ۾ فقط 8800 ڪيوسڪ رکيا ويا. ساڳئي طرح ايسٽرن نارا سسٽم جي چينلن جي ڊزائين ۾ اهو فيصلو ڪيو ويو ته فقط اهڙين زمينن لاءِ سارين لاءِ پاڻي رکيو ويندو جيڪي يا ته خراب ڪلر هونديون يا هيٺ هئڻ سبب مينهن جي پاڻي ۾ ٻڏل رهنديون تنهنڪري انهن ۾ سارين کانسواءِ ٻيو ڪجهه نه ٿي سگهندو. ايسٽرن نارا ڪينال سسٽم تي سارين جي فصل لاءِ 26,600 ايڪڙ زمين لاءِ پاڻي رکيو ويو هو. ٻي سموري زمين کي ڊزائين مطابق خشڪ فصل واري زمين سمجهيو ويو هو. مالياتي اڳڪٿي ۾ فقط ايسٽرن نارا سسٽم تي ساريالي فصل جي ايراضي جو ڪاٿو 12000 ايڪڙ ڪيو ويو آهي ۽ تازي تجربي مان ثابت ٿئي ٿو ته ساريالي فصلن جي وڏي حصي جي جاءِ تي خشڪ فصل اچي ويندا.

سنڌ جي چيف انجنيئر ايريگيشن، سنڌ ائگريڪلچرل ڪميشن آڏو پنهنجي بيان ۾ ڪميشن کي آگاهه ڪيو ته بيراجي ڪينالن مان مختلف فصلن لاءِ (dutics) هي هيون.

ساربون	50
خشڪ فصل	100
باغ	100
ٻيلن کي فقط آبڪلاڻي ۾ ملندڙ پاڻي	67
ٻيلن کي دائمي ملندڙ پاڻي	116
ربيع جا فصل	200
ڪمند	75

ساڳئي آفيسر ائگريڪلچرل ڪميشن کي آگاهه ڪيو ته سکر بيراج جي ڪينالن جي سموري ڊسچارج خيرپور رياست سميت خريف لاءِ 46583 ڪيوسيڪ ۽ ربيع لاءِ 25648 ڪيوسڪ آهي جڏهن ته سيرابي هيٺ آيل جملي ايراضي سادا ستهٺ لک ايڪڙ آهي. اهي انگ اکر في ڪينال تي هن ريت ٻيهندا.

ڪينال	پوکي، لائق ايراضي لک ايڪڙن ۾	ڊسچارج خريف	ڊسچارج ربيع
نارٿ ويسٽرن ڪينال	9.33	5042	3639
رائيس ڪينال	4.81	10215	.....
دادو ڪينال	4.99	2837	2525
خيرپور فيڊروبست	3.89	4000	2625
روهڙي ڪينال	25.35	10887	9900
خيرپور فيڊر ايسٽ	3.36	4000	2625
نارا ڪينال	18.33	13602	6959

(4) روينيو آفيسر، ٻيراج جا ڪم

1. لائيڊ ٻيراج ائنڊ ڪينالز ڪنسٽرڪشن جهڙي وسعت رکندڙ اسڪيم جيڪا سنڌ جي ٻن ڪي ڇڏي باقي سمورن ضلعن تي پکڙيل هئي انهي ۾ روينيو جو ڪيترو ئي متفرق ڪم هوندو هو. شروعاتي مرحلي ۾ ئي اهو ضروري سمجهيو ويو تہ اها ڳالهہ ٻيراج جي انجنيئرن توڙي عام روينيو انتظاميہ جي مفاد ۾ هئي تہ اهو ڪم روينيو ڪاتي جي هڪ ئي آفيسر جي هٿن ۾ هجي. اهو روينيو آفيسر لائيڊ ٻيراج ائنڊ ڪينالز اسڪيم جي نالي سان سڏيو ويندو هو.

ٻيراج انجنيئرن کي انهي مان اهو فائدو ٿيو جو انهن کي سيني روينيو معاملن ۾ اڏ ڏڻ ڪليڪٽرن بجاء فقط هڪ آفيسر سان لهہ وچڑ ۾ اچڻو پوندو هو ۽ انهن کي اها بہ خاطري هوندي هئي تہ ساڳئي معاملي کي سيني ضلعن ۾ يڪسان اصولن تحت اڪلايو ويندو. ساڳئي وقت ڪليڪٽر پڻ ٻيراج جي معاملن ۾ سيني ذميوارين کان آجائي وبا چاڪاڻ هاڻي انهن معاملن کي روينيو آفيسر پنهنجي عملي ذريعي اڪلائيندو هو.

2. روينيو آفيسر جي عهدي تي رهندڙ آفيسرن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا.

نالو	ڪان	تائين
مسٽر اين. ايڇ. هي	17/12/1923	12/01/1925
مسٽر سي. ايم. بيڪر	13/01/1925	23/11/1926
مسٽر اي سي. گرين	24/11/1926	02/01/1927
مسٽر ايڇ ڊائو	03/01/1927	03/11/1933
مسٽر اي سي. گرين	04/11/1933	05/12/1933
مسٽر ڊي. گوروالا	06/12/1933	تاريخ رڪارڊ نہ ڪئي وئي
مسٽر اي سي. گرين	مسٽر ڊائو پاران موڪل تي هئڻ دوران آر. او طور ڪم ڪيائين	

هيٺين جدول ۾ سن 33_1932 تائين هر ڪلاس جي نيڪال ڪيل زمين جي ايراضي ۽ وصول ڪيل قيمتون ڏيکاريل آهن.

سال	رعايتي قيمت تي وڪرو		پوري مارڪيٽ اگهه تي وڪرو		ليز	
	ايراضي ايڪڙن ۾	وڪري جي قيمت	ايراضي ايڪڙن ۾	وڪري جي قيمت	ايراضي ايڪڙن ۾	سالياني ليز جي رقم روپين ۾
1928_29	13336	2000040	1580	176234	108	800
1929_30	25468	382020	658	93174	234	2068
1930_31	56407	846105	5411	62972	.....	.....
1931_32	39850	597750	62826	11506610	26881	135990
1932_33	147015	179310	133258	203733	99312	606424
جملي	47015	2205225	203733	1846809	126535	745282

هيٺئين جدول ۾ زمينن جي سال وار وڪري جو تفصيل ڏنل آهي.

39_1938 ڪان اڳ	810539 ايڪڙ
42_1941	112689 ايڪڙ
43_1942	130863 ايڪڙ
50_1949	20188 ايڪڙ
51_1950	53722 ايڪڙ
53_1952	30829 ايڪڙ
54_1953	22058 ايڪڙ
55_1954	22922 ايڪڙ
56_1955	125604 ايڪڙ
57_1956	39842 ايڪڙ
58_1957	33716 ايڪڙ

(5) لائيد بيراج تحت خيرپور ڪينال سسٽم

خيرپور رياست تقريباً 6200 چورس ميلن تي پکڙيل آهي. انهي جي سڀ کان وڏيڪ ڊيگهه 120 ميل ۽ سڀ کان وڏيڪ ويڪر 70 ميل آهي. انهيءَ جي حدن ۾ ڪنگري ۽ منگهڙ واري تپن تي ٻڌل ٽي ننڍا

علائقا اچي وڃڻ ٿا. رياست جو ڏکڻ اوپر وارو واڌ ريگستان آهي جنهن ۾ فقط گند گاهه ئي ٿي سگهي ٿو جڏهن ته الهندن ۽ اترين حصن ۾ جتي پاڻي پهچي ٿو اهي ڏاڍا زرخيز آهن. رياست جو مکيه ڪينال مير واهه (وڏ ۾ وڏ ڏسچارج 2100 ڪيوسڪ) آهي جنهن جي ڪپ تي خيرپور جو شهر آباد آهي. سنيو واهه (وڏ ۾ وڏ ڏسچارج 1850 ڪيوسڪ) رياست جو ٻيون نمبر وڏو واهه آهي جيڪو سنڌو درياء مان ميرواهه جي پرسان ئي نڪري ٿو. اهي ڪينال ريلوي لائين ۽ روهڙي ڪينال جي اولهه ۾ هڪ سوڙهي پٽي ڪي پاڻي پهچائين ٿا. رياست جي آبپاشي جو ذريعو هڪ واهه ۽ انهن جون برانچون آهن. ابل واهه (وڏ ۾ وڏ ڏسچارج 1400 ڪيوسڪ ۽ ٻين ننڍن ننڍن واهن جو وڏو انگ سنڌو درياء مان سڌو سنئون پاڻي ڪڍي ٿو ۽ خيرپور رياست جي الهندن ۽ ڏکڻ الهندن حصن کي سيراب ڪري ٿو. ڪينالن جي ابل واهه سسٽم ۾ پاڻي جي سپلاءِ سدائين گهٽ وڌ هوندي آهي ۽ اها به گهٽي نار ذريعي ٽيندي آهي ۽ رياست اڳيئي انهي جي بهتري جي اها تجويز ڪيي آهي ته ابل واهه کي سنڌو درياء مان ايڏا ڪجهه مٿان ڪڍيو وڃي.

روهڙي ڪينال ٺهڻ سان رياست ۾ حصن ۾ ورهائجي وئي سنيو واهه ۽ انهي جي برانچ فيض واهه وڃان ڪٻيا ويا ۽ روهڙي ڪينال جي اوپر مان خيرپور فيڊر ايسٽ نالي هڪ فيڊر ڪڍڻ جي تجويز ٺاهي وئي جيڪو سکر وٽان بيراج مان نڪري ۽ ميرواهه ۾ ڇوڙ ڪري اهڙي طرح آبپاشي جو نظام به صحيح هلندو رهي ۽ بيراج مان خاطري واري ۽ ڪنٽرول هيڊ سپلاءِ به ملندي رهي. فيض واهه به وچ مان ڪٽيو ويو ۽ اها تجويز ڏني وئي ته انهي جي پڇڙي ۽ ميرواهه جي سنهڙو واهه نالي هڪ برانچ کي هن ٽڪري کي سيراب ڪرڻ لاءِ وسعت ڏني وڃي. روهڙي ڪينال جي الهندي ڪناري تي ابل واهه ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن به چينل کي وچ مان نه ڪٽيو ويو. سنيو واهه ۽ پنهنجي برانچ فيض واهه سميت ميرواهه ڪجهه ري ماڊلنگ ڪانپوءِ پنهنجي ايراضي جي روهڙي ڪينال ذريعي ڪٽيل حصي (جيڪو انهي جي اولهه ۾ هو) کي سيراب ڪرڻ لاءِ اهو سڀ ڪجهه ڪري سگهيا ٿي جيڪو انهن کان گهربل هو. تنهنڪري 1909ع واري پراجيڪٽ ۾ اها تجويز ڏني وئي هئي ته خيرپور فيڊر ويسٽ نالي سان هڪ فيڊر ڪوٽيو وڃي جيڪو بيراج جي مٿان پاڻي ڪڍي ۽ ميل يا ڏيڍ ميل هيٺ ميرواهه ۾ ڇوڙ ڪري روهڙي ڪينال جي اولهه ۾ ڪٽيل علائقن ۽ ميرواهه فيض واهه ۽ سنيو واهه تي دارو مدار رکندڙ علائقن کي اهڙي طرح بيراج مان خاطري لاءِ ۽ اوچي سطح واري سپلاءِ ملندي رهندي. رياست کي جيڪڏهن پنهنجي ڏکڻ واري علائقي (ابل واهه ۽ ننڍن ڪينالن تي) ۾ پنهنجي تمام غير اطمينان بخش آبپاشي نظام ۾ سڌارو آڻڻ جو اونو آهي ته اهو فرض ڪيو ويو ته اها ان علائقي ۾ سيني آبڪلاڻي واهن کي پاڻ ۾ ملائيندڙ هڪ چينل ٺاهي. تڏهن اهو سمجهيو ٿي ويو ته رياست ۾ آبپاشي نظام جي بهتري بمبئي سرڪار جي ذميواري نه هئي ۽ انهي سبب ئي 1909 واري پراجيڪٽ ۾ فقط اهي ئي ڪم رکيا ويا جن جو بيان مٿي ڏنو ويو. جڏهن 20_1919 وارو پراجيڪٽ تيار هيٺ هو تڏهن به رياست پاران ڪرڻ لاءِ بلڪل اهي ئي ڪم شامل ڪيا ويا جيڪي 10_1909 واري پراجيڪٽ ۾ شامل ڪيا ويا هئا. جيئن 100_1909 واري پراجيڪٽ ۾ رياست لاءِ جيڪي ڪم

رکيا ويا هئا انهن کي اعتراض نه ڪيو ويو هو تنهنڪري اهو فرض ڪرڻ سياويڪ هو ته جڏهن پٽيون پراجيڪٽ تياري هيٺ هو تڏهن به رياست جو ساڳيو ئي رايو هوندو.

بيراج جو ڪم شروع ٿيڻ کان هڪ يا ٻه سال پوءِ رياست جا معاملا هلائڻ لاءِ هڪ ڪائونسل مقرر ڪئي وئي. سن 1928ع ۾ انهيءَ ڪائونسل جي پبلڪ ورڪس ميمبر رپورٽ موڪلي ته اهو تمام ضروري هوندو ته ويسٽ فيڊر کي ايستائين وڌايو وڃي جيئن اهو رياست جي تمام ڏاکڻين واهن کي به پاڻي ڏئي سگهي. هن واضح ڪيو ته بمبئي سرڪار جيڪڏهن بيراج ۾ روهڙي ڪينال ناهي رياست ۾ پوکي راهي ۾ ڪارڪاوٽ نه ٿي وجهڻ گهري ته تقريباً 44 ميل ڊگهو خيرپور فيڊرويسٽ ناهڻ به بمبئي سرڪار جي ذميواري هئي جيڪا انهي کي لازماً پوري ڪرڻ گهرجي. هن اهو دليل ڏنو ته فقط 6_1 ميل ڊگهو ڪو به ويسٽ فيڊر رياست جي ڪنهن به ڪم جو نه هوندو ڇاڪاڻ ته اهو جيترو به پاڻي ڪڍندو (جيڪو اصل ۾ روهڙي ڪينال جي اولهه ۾ رياست جي سيني چينلن کي سپلاءِ ڪرڻ لاءِ هوندو) اهو ميرواهه ۾ داخل ڪيو ويندو جيڪو وڏ ۾ وڏ به ڪٽيل ايراضي جي هڪ ننڍي حصي کي سيراب ڪندو. وڌيڪ اهو ته بيراج ٺهڻ سان انهي ڳالهه جو به گهٽو امڪان هوندو ته جن واهن جا منهن انهي جي پر سان هوندا انهن جي ڪارڪردگي تي خراب اثر پوندو ڇاڪاڻ ته انهي سان درياء جي سطح وڌڻ ڪانپوءِ آبڪلاڻي واهن ۾ ايترو چاڙهه ديرسان ايندو جنهن سان چگهي آبپاشي ٿي سگهي ۽ اهو چاڙهه درياءِ ۾ لاٽ اچڻ سان جلد ئي لهي ويندو. تنهنڪري اهو معاملو نئين سرڪلي پيو ته رياست جا ڪهڙا ڪم بمبئي سرڪار جي خرچ تي ٿيڻ گهرجن.

هڪ جامع انڪوائري ڪانپوءِ بمبئي سرڪار اها ڳالهه مڃي ورتي ته 44 ميل ڊگهو ويسٽ فيڊر ضروري ريگيوليٽرن ۽ پلين سميت سندس خرچ تي ٺهڻ گهرجي. اهو فيصلو سن 1931ع جي آخر ۾ ٿيو پر انهي کان اڳ انهيءَ ڳالهه تي اتفاق ٿي ويو ته ڪم ته لائيڊ بيراج ائنڊ ڪينالز ائڊ منسٽريشن پاران ٿيڻ گهرجي باقي اهو فيصلو پوءِ ڪيو ويندو ته انهي جي خرچ جو ڏمو ڪير ڪٽندو.

فيڊر ويسٽ آخرڪار اپريل 1932ع ۾ آبپاشي لاءِ کوليو ويو.

بيراج تحت ايسٽرن نارا سسٽم هلائڻ

ايسٽرن نارا کي هن گزيٽيئر ۾ اڳ ۾ئي چگهي توجه ملي چڪي آهي. لڳي ٿو ته اهو اصل ۾ قدرتي طور ٺهيل اُٽل واري پاڻي جو چينل هو پر تمام گهٽي آبپاشي ٿيڻ سبب بهتر ٿي هڪ دائمي ڪينال ٿي ويو ۽ سنڌ جي آبپاشي نظام ۾ هڪ اهم اسر جي حيثيت اختيار ڪري ويو.

سنڌو درياءَ الائي ڪيترن وقتن کان آبڪلاڻي جي مند ۾ همیشه کابي ڪپ تي ريتي ۽ روهڙي جي وچ ۾ هينانهين هنڌن تي اُٽل کائيندو آهي ۽ ٻوڏ جو پاڻي هلندي هلندي ايسٽرن نارا ۾ اچي پوندو آهي جيڪو ايرندي سنڌ جو هڪ قدرتي نيڪال جو چينل آهي. انهي تي ڪجهه قدر پوکي راهي ۾ ٿيندي هئي. اهو چينل روهڙي کان اڳتي ڏکڻ طرف چگهي حد تائين مقرر جاءِ تان وهندو هو ۽ انگريزن طرفان 1843ع ۾

سنڌ جي فتح کان اڳ انهي جي پاڻي جو ذريعو فقط سنڌوءَ ۾ آيل ٻوڏ هوندي هئي. درياء جي وهڪري ۾ تبديلين ۽ پٽ درياء ۾ هر سال ايندڙ ٻوڏن سبب درياء جا ڪپر ۽ آهستي آهستي مٿي ٿيندا ويا تہ درياء جي ٻوڏن (جن کي گهوٽڪيءَ واريون ٻوڏون چيو ويندو هو) جو مقدار مدو ۽ پٽ اڇو گهٽ ٿيندو ويو. جيئن تہ ايسٽرن نارا جي سپلاءِ گهٽ وڌ ٿي وئي هئي تنهنڪري گورنمينٽ آف انڊيا. ليفٽيننٽ نائيف جي تجويز تي 1852ع ۾ روهڙي پرسان سنڌو درياء مان نارا لاءِ هڪ سپلاءِ چينل کوٽڻ جي پراجيڪٽ جي منظوري ڏني. ٻارنهن ميل ڊگهو اهو چينل 59_ 1858ع ۾ کوليو ويو. انهي جا ٻهريان چار ميل پٿر ۾ هئا. اهڙي طرح نارا کي آبڪلاٽي مند ۾ اهڙو پاڻي ملڻ لڳو جيڪو اڳ ۾ ڪيس فقط انهن ورهين ۾ ملندو هو جڏهن سنڌو درياء ۾ معمول کان وڌيڪ چاڑهہ هوندو هو.

ايسٽرن نارا لاءِ پاڻي ۾ جيتوڻيڪ سپلاءِ چينل ٺهڻ کانپوءِ چگهي بهتري اچي وئي پر سنڌو ۾ چاڑهہ وارين ورهين ۾ گهوٽڪي ٻوڏن کي نارا ۾ داخل ٿيڻ کان ڪير بہ روڪي نہ سگهندو هو ۽ جڏهن ائين ٿيندو هو تہ نارا ۾ لٽ پر جي وڃڻ سان نارا ۾ گڙٻڙ ٿي ويندي هئي. ٻوڏ جي پاڻي کي روڪڻ جا اپاءِ ورتا ويا پر انهن مان بہ ڪنهن حد تائين فائدو ٿيو. سن 1875ع ۾ ٺهيل قاسم پور بند ٻوڏ جي پاڻي کي ڪنهن حد تائين روهڙي وٽ روڪڻ ۾ مدد ڏني. وري سن 1917ع ۾ ٺهيل Flood Diversion Bund کي ترجيح ڏيندي هن بند کي ڪم نہ آندو ويو. انهي نئين بند جو مقصد مکيہ ٻوڏن کي نارا جي ڪاپي ڪپ تي واريءَ جي پٽن ڏانهن موڪلڻ هو. اهو مقصد ڪجهہ ڳالهين جي ڪري پورو نہ ٿي سگهيو ۽ بيراج پراجيڪٽ جي لحاظ کان وڌيڪ اپاءِ ونڊا ٻيا.

ايسٽرن نارا ۾ هيٺ ويندڙ پاڻي جو وڏو مقدار نارا جي ٻنهي ڪپرن تي هيناهين ۾ ڏيان ٿي ويندو هو. نارا پهريان 52 ميل برطانوي علائقي ۽ پوءِ تقريبا 74 ميل خيرپور رياست ۾ وهندي جمڙائو کان 3 ميل مٿي وري برطانوي علائقي ۾ داخل ٿي ويندو هو. نارا انهي علائقي ۾ لٽاسي مٿي جي هڪ نا مهربان ماڻري مان گذري ٿو جنهن جي ٻنهي پاسن تي واريءَ جون پٽون آهن. بيراج اسڪيم سان لاڳاپيل ڪم شروع ٿيڻ کان اڳ نارا هن ايراضي ۾ آبڪلاٽي جي مند ۾ پاڻي جي وڏين لٽن جي صورت ۾ پکڙجي ويندو هو جڏهن تہ سياري ۾ اهي لٽون ٻيئل پاڻي جا ڏُبا ٿي ويندڙ هيون. چينل سان گڏوگڏ ڪيتريون ئي هيناهيون ـ چينل جا فطري ڪپر جتي هيٺ هوندا هئا انهن مان اڪثر پاڻي سان پرجي ويندڙ هيون. اهي هيناهيون پنهنجي ذخيري ۾ خريف جي پوکي لاءِ پٽ ڪجهہ بچائي رکندڙ هيون ۽ ربيع جي مند ۾ انهن جا پيٽ سڪي وڃڻ کانپوءِ ربيع جي ڪجهہ پوکي کي پٽ ٽيڪ ڏيندا هئا پر هيناهين ۾ ويندڙ پاڻي جو وڏو حصو ضايع ٿي ويندو هو.

نارا جي ٻنهي ڪپرن تي واري جون پٽون جمڙائو کان تقريباً 20 ميل هيٺ هليون ويندڙ هيون ۽ پوءِ ختم ٿي ويندڙ هيون. اتي نارا هڪ وڏي لٽاسي پٽ ۾ داخل ٿي ويندو آهي ۽ اوپر ۾ سنڌو درياء ۽ ڏکڻ ۾ ڪڇ جي رڻ تائين پکڙجي ويندو آهي. نارا روهڙي کان 320 ميلن جو فاصلو طي ڪرڻ کانپوءِ ڪڇ جي رڻ ۾ پنهنجو پاڻي ڇڏيندو آهي ۽ پنهنجي رستي ۾ سنڌو جي هڪ پراڻي وهڪري پراڻ ڊوري کي بہ ڪتب

آٽيندو ويندو آهي. گذريل ڪيترن ورهين کان نارا جي ڊسچارج روز بروز گهٽجي پئي وڃي ۽ عملي طور ڪيترن ورهين کان ميل 226 (ٿربند Thar weir) کان هيٺ پاڻي نه ويو آهي.

ايسٽرن نارا مان نڪرندڙ پهريون مکيہ ڪينال جمڙائو ڪينال آهي. اهو 1900ع ـ 1899ع ۾ مڪمل ٿيو ۽ هڪ دائمي ڪينال طور ڊزائين ڪيو ويو هو. مکيہ ڪينال جي اولهہ ۾ ڪجهہ ٽڪرو 17 ميل تائين ۽ ويسٽ برانچ جي اولهہ واري ايراضي جيڪا انهي ڪينال مان سيراب ٿيندي هئي انهي کي ٻيراج اسڪيم تحت روهڙي ڪينال جي ڪمانڊ ڏانهن منتقل ڪيو ويو. مکيہ ڪينال جي اوير واريون ايراضيون جن کي شاهو سانگهرو ۽ ميرواهہ جهڙن آبڪلاٽي واهن مان پاڻي ملندو هو انهن کي جمڙائو ڪينال ڏانهن منتقل ڪيو ويو آهي. جمڙائو ڪينال جي پوڪيء لائق ڪمانڊ انهن تبديلين سبب 836,000 ايڪڙن تائين وڌائي وئي آهي. سموري نظام کي ٻيراج جي ڊيوٽين (duties)ء (intensities) مطابق ري ماڊل ڪيو ويو آهي. انهي مطابق خريف ۾ هڪ ڪيوسڪ تي 100 ايڪڙ ۽ ربيع ۾ هڪ ڪيوسڪ تي 200 ايڪڙ مقرر ڪيا ويا آهن. انهن ڊيوٽين ۽ انٽينسٽيز مطابق مکيہ ڪينال جي هيڊ وٽ ڊسچارج 3400 ڪيوسڪ هئڻ گهرجي جڏهن ته ٻيراج کان اڳ وارين حالتن ۾ انهي جي ڊسچارج 3200 ڪيوسڪ هئي.

اڳ ۾ سانگهرو شاهو ۽ ميرواهہ جهڙن آبڪلاٽي واهن ذريعي سيراب ٿيندڙ ايراضيون جيڪي هاڻي جمڙائو ڪينال ڏانهن منتقل ڪيون ويون آهن انهن کي چوڪنڊن ۾ ورهايو ويو آهي ۽ انهن کي نوان واٽرڪورس ڏنا ويا آهن. جمڙائو ڪينال جي موجوده چينلن مان وڏايل ڊسچارج گذارڻ لاءِ انهن کي ري ماڊلنگ جي ضرورت تمام ٿوري هئي پر نار وارين زمين کي موڪي زمين ۾ مٿائڻ لاءِ فل سپلاءِ ليول کي ڇڪي حد تائين وڌائڻ ضروري هو. اهو ڪم هاڻي هلندڙ آهي ۽ 35 ـ 1934 ۾ ختم ٿي ويندو.

مٿڙائو ڪينال: مٿڙائو ڪينال ايسٽرن نارا مان نڪرندڙ ٻيو واهہ آهي. اهو ٻيراج کان اڳ واري دور ۾ خريف ڪينال هو ۽ ٻيراج اسڪيم ۾ انهي کي ري ماڊل ڪيو ويو آهي جيئن اهو جن زمينن کي ٻيراج کان اڳ سيراب ڪندو هو انهن کي دائمي پاڻي ڏيڻ سان گڏوگڏ انهن زمينن کي بہ پاڻي ڏئي جيڪي ٻيراج اسڪيم تحت انهي جي ڪمانڊ ۾ آنديون ويون هيون. انهي جي ڪمانڊ هيٺ آندل واڌو پوکي لائق ايراضي 223600 ايڪڙ آهي ۽ مٿڙائو ڪينال سسٽم تحت سيراب ٿيندڙ جملي پوکيءَ لائق ايراضي 521200 ايڪڙ آهي.

مکہ ڪينال جي سڌائي ۾ بہ ڪا قيرقار نہ ڪئي وئي آهي سواءِ انهي جي جو (پراٽن ميلن مطابق) ميل 63 ۽ 72 جي وچ ۾ هڪ وڏي وکر کي سڌو ڪيو ويو آهي. انهي سان مکيہ ڪينال جي ڊيگهہ 12600 فوٽ گهٽ ٿي وئي آهي. نئون ڪوٽ برانچ مٿڙائو ڪينال مان ميل 7. 83 وٽان نڪري ٿي. مکيہ ڪينال جي انهي جاءِ کان هينئين ڊيگهہ کي ڇڏي ڏنو ويو آهي ڇاڪاڻ تہ جيڪا ايراضي انهي مان سيراب ٿيندي هئي انهي کي نبي سر ۽ نئون ڪوٽ برانچن مان سڌي نموني سيراب ڪري سگهجي ٿو. اها ڇڏي ڏنل ڊيگهہ آسپاس جي علائقي لاءِ نيڪال جي چينل جو ڪم ڏيندي ڪينال جي ري ماڊلنگ کان اڳ جملي ڊيگهہ 3. 89 ميل هئي. اها هاڻي 7. 83 ميل آهي.

سن 20ـ 1919ع واري پراجيڪٽ مطابق منڇائو ڪينال کي جملي 559000 ايڪڙ ايراضي کي سيراب ڪرڻو هو. حقيقت ۾ اهو جملي 522700 ايڪڙن ۾ پوکي لائق 521200 ايڪڙن کي سيراب ڪري ٿو. هيڊ ريگيو ليٽر وٽ اوپاري ۾ لهواري F.S.L بالترتيب 0. 77 ۽ 05. 73 آر. ايل آهي. هيڊ ريگيوليٽر وٽ لهواري پاسي ٻيراج کان اڳ واري دور ۾ F.S.L 0. 70 آرايل هئي. منڇائو ڪينال جي پڇڙي وٽ هاٿي نئون ڪوٽ برانچ شروع ٿئي ٿي. جتي ٻيراج کان اڳ وارن ڏينهن ۾ پاٿي جي اونهائي ايڊائي فوٽ ۽ پيٽ جي ويڪر 12 فوٽ هوندو آهي. هاٿي منڇائو جي انهي هنڌ اونهائي ڇهه فوٽ ۽ پيٽ جي ويڪر 30 فوٽ آهي جيئن اهو نئون ڪوٽ برانچ کي پاٿي ڏئي سگهي. اوچائي واري F.S.L لاءِ گنجائش پيدا ڪرڻ لاءِ منڇائو ڪينال جا ڪپر منڊ کان پڇڙيءَ تائين اوچا ڪيا ويا آهن. انهي ڪري ئي ڪيترن ئي تعميرن کي پڻ ري ماڊل ڪرڻو پيو هو. منظور ٿيل پراجيڪٽ ۾ هر سال 90,000 ايڪڙ ساربالي فصل جي گنجائش رکيل هئي. ايتري وڏي ايراضي تي ساربالي فصل لاءِ گنجائش رکڻ ضروري نه سمجهيو ويو چاڪاڻ ته اها ڳالهه واضح هئي ته جنهن زمين جي وڏي حصي تي ساربون پوکڻ جو رواج هو انهي ۾ خريف جا فصل به ٿي وجن ها. نتيجي طور فقط 1100 ايڪڙن تي سارين جي پوکي جي گنجائش رکي وئي ۽ هيءَ اها زمين آهي جيڪا يا ته هيٺاهين آهي يا ڪلراٽي آهي ۽ انهي تي سارين کانسواءِ ٻيو ڪجهه نه ٿو ٿي سگهي. سارين جي پوکي لاءِ اجازت مليل ايراضي ۾ تبديليءَ سبب اصل منظوري مليل پراجيڪٽ واري 3025 ڪيوسڪ ڊسچارج کي گهٽائي حتمي ڊزائين ۾ 2024 ڪيوسڪ ڪيو ويو آهي.

ايسٽرن نارا ڪينال سسٽم ۾ ڪپرو ڪينال ٽيون ۽ آخري دائمي واهه آهي. اهو نارا جي ساڄي ڪپ مان نڪي بند جي بلڪل مٿان منڇائو ڪينال جي لهواري پاسي وٽان نڪري ٿو. منظوري مليل پراجيڪٽ مطابق اهو ڪينال منڇائو ڪينال منجهان باکوڙو ريگيوليٽر وٽان نڪرڻو هو پر حتمي ڊزائين ۾ اهو بهتر سمجهيو ويو ته لڳ پڳ اصلي چينل جيتري ڊسچارج رکندڙ چينل کي سنئون سڌو نارا مان جدا هيڊ هئڻ گهرجي. انهي ۾ ڪپرو ڪينال کي 0ـ3 ميلن تائين وڏائڻو پوي ها ۽ انهي سان ٻنهي ڪينالن کي جدا جدا ڪنٽرول ملي ويو. انهي قيرڪار ۾ لڳ پڳ اسي هزار روپين جو خرچ ٿي آيو. ڪينال جي سڌائي ۾ به بي ڪا قير گهير نه ٿي جيئن منظوري مليل پراجيڪٽ ۾ تجويز ڏنل هئي. اهو لڳ پڳ اتر ڏکڻ ۽ ويجهو وهندڙ منڇائو ڪينال سان ڀهريان يارنهن ميل پورو چوٽ هلي ٿو. اهو پوءِ ارڙهين ميل تائين اپرندي طرف هلي ٿو هن ڪينال مان سنجهورو ڪينال هن ڊيگهه مان (ميل 2ـ 14) نڪري ٿو. ڪينال ارڙهين ميل کان 39 ميل تائين ڏکڻ اپرندي طرف هلي پوءِ 6. 49 ميل تائين ڏکڻ طرف هلي ٿو جتي اهو ختم ٿي وڃي ٿو.

ٽر ۽ هيرل ڪينال ايسٽرن نارا سسٽم جا آخري ۽ بلڪل ڏکڻ طرف وارا ڪينال آهن. نارا ڪينال جي ڪابي ڪپ تي انهي جي سموري 217 ميل ڊيگهه مان فقط ٽر ڪينال ئي نڪري ٿو. اهو خريف ڪينال طور اڳ ۾ به موجود رهيو هو ۽ انهي تي ڪيترن ورهين تائين فقط ساربون ٽيندين هيون ۽ 20ـ 1919 واري پراجيڪٽ ۾ اها تجويز رکي وئي ته انهي تي پوک وڏائڻ لاءِ انهي کي ري ماڊل ڪيو وڃي.

بهرحال انهي علائقي ۾ (نارا ڪينال جي ڪابي ڪپ تي) سڀيون زمينون هيون جيڪي موجوده ٽر ڪينال تي سيراب نه ٿيڻ سگهيون ۽ اهي دائمي آبپاشي لاءِ تمام موزون هيون تنهنڪري هڪ نئون چينل (صوفي ڊسٽري بيوٽري) کوٽيو ويو آهي جيڪو ڪابي ڪپ تي انهن زمينن کي دائمي پاڻي مهيا ڪري ٿو جيڪي ٽر ڪينال ذريعي سيراب نه ٿي ٿي سگهيون.

لائيڊ بيراج اسڪيم ۾ جاگير زمينون

لائيڊ بيراج جي وڏن ڪينالن جي رٿابندي ۾ وڏي ايراضي تي جاگير زمينن جي موجودگي سبب تمام وڏي تڪليف درپيش آئي ڇو ته اهي ايراضيون سموري ملڪ ۾ بي ترتيبي سان پکڙيل هيون.

بيراجي ڪينالن ذريعي سيراب ٿيندڙ زمينون ڪنهن جي قبضي ۾ به ٿي سگهيون ٿي ته بغير قبضي جي به ٿي سگهيون ٿي. وري قبضي واريون زمينون جاگيردارن جي ملڪيت به ٿي سگهيون ٿي ته زميندارن يا رعيتين جي هٿن ۾ به ٿي سگهيون ٿي. زميندار جي حيثيت درحقيقت سرڪاري زمين جي قبضيدار جي هوندي آهي جنهن کي ملڪيت جا محدود حق (Limited proprietory rights) هوندا آهن. جاگيردار زمين جو مسواڙ- معاف (rent- free) مالڪ هوندو آهي ۽ انکي پنهنجي زمينن تي مالڪي جو حق عام طور انگريزن پاران سنڌ جي فتح کان ۽ اڳ جي دور جي گرانٽن ذريعي مليل آهي. اهي گرانٽون يا ته نوازش ۽ مهرباني طور يا وري رياست لاءِ قابل تعريف خدمتن کي مدنظر رکندي ڏنيون ويون هيون. سن 1842ع ۾ ميانڻي جي جنگ کانپوءِ سر چارلس نيپيئر هڪ فرمان ذريعي انهيءَ ڳالهه جو اعلان ڪيو ته جيڪي به جاگيردار هڪ مقرر وقت اندر برطانوي حڪومت سان پنهنجي وفاداري جو اظهار ڪندا انهن کي پنهنجي جاگيرن جي قبضي جي توثيق ڪري ڏني ويندي. انهي اعلان تحت تقريباً 2000 جاگيردار پيش ٿيا ۽ انهن جي جاگيرن جي توثيق ڪئي وئي. نون بيراجي ڪينالن تي سيراب ٿيندڙ جاگير زمينن جي ايراضي تقريباً 330000 ايڪڙ يعني پوڪيءَ لائق ايراضي جو تقريباً 5 سيڪڙو آهي.

جاگيرن جو اندروني بندوبست مڪمل طور جاگيردارن جي هٿن ۾ هوندو آهي. جڏهن واٽر ڪورس ٺهڻ شروع ٿيا تڏهن جاگيردارن تي انهي ڳالهه لاءِ دٻاء وجهڻ ممڪن نه هو ته اهي پنهنجين زمينن کي وڏيڪ چوڪنڊن ۾ ورهائين. جيئن ته ڪجهه جاگيردارن کي ڇڏي ٻيا پنهنجين زمينن کي ننڍن چوڪنڊن ۾ ورهائڻ تي راضي نه هئا تنهنڪري واٽر ڪورس ٺهڻ تي ڪجهه اثر پيو. تنهنڪري واٽر ڪورس ٺاهڻ جي لحاظ کان جاگير زمينن کي ڪلاس III زمينن ۾ رکيو ويو. اهي اهڙيون زمينون ليکبيون هيون جن ۾ موجوده واٽر ڪورس ۽ اندروني سروي نمبرن جي حدن کي جيترو ٿي سگهي جيئن جو تيئن رکڻو هو.

هائو پر ايريگيشن ائڪٽ ۽ سنڌ ڪينال رولز جاگير زمينن تي بلڪل اهڙي طرح لاڳو ٿين ٿا جيئن زميندار زمينن تي لاڳو ٿين ٿا ۽ اهڙين زمينن ۾ خالي سرڪاري زمينن لاءِ ڪتب ايندڙ واٽر ڪورسن کي بغير چوڪنڊن واري جاگير زمين مان ٽپايو ويو ۽ انهيءَ مقصد لاءِ جاگيردارن کان به اهڙي نموني زمين حاصل ڪئي وئي جيئن زميندارن کان حاصل ڪئي وئي هئي. جاگير زمينن جي موجودگي جيتوڻيڪ اصولي طور

سرڪار جي مفادن تي ڪو خراب اثر نه ٿي وڌو پر حقيقت ۾ ماضي ۾ ائين ٿي چڪو هو. ڪجھ جاگير زمينن جي سروي ٿيل نه آهي ۽ تنهنڪري ايراضين جا رڪارڊ به ناڪمل آهن. نتيجي طور اهي ٻئي ڳالهيون اڻ چٽيون آهن ته اهي ڪيتري پاٽي جون حقدار آهن ۽ انهن کي ڪيترو حقابو ڏيڻ گهرجي.

جاگيردار پنهنجي زمين يا ته عام هارين کان آباد ڪرائيندو آهي جيڪي فصل مان حصو ونندا آهن يا هاري موروثي به ٿي سگهن ٿا انهن کي جاگيردارن جي بر خلاف زميندارن جي حق هوندا آهن. جاگيردار حڪومت کي حقابو نالي هڪ محصول ڏيندو آهي انهي ذريعي هو حڪومت پاران ڪيس پاٽي پهچائڻ لاءِ آيل خرچ ۾ پنهنجو حصو ادا ڪندو آهي. انهي جي وڌ ۾ وڌ شرح اها ٿي سگهي ٿي جيڪا حڪومت پاران پاٽي پهچائڻ جي لاڳت هجي يا زميندار تي لاڳو شرح جو اڌ پر انهن ٻنهي مان جيڪا رقم وڌيڪ هوندي اها ڏيڻي پوندي سنڌ ۾ برطانوي نظام شروع ٿيڻ سان حقابي جي ادائيگي جنس ۾ ٿيڻ لڳي ۽ جاگيردار کي پنهنجي جاگير جي سموري پيداوار جو پنجون حصو حڪومت کي ادا ڪرڻو پوندو هو پوءِ اڳتي هلي جڏهن ڊل روک رقم ۾ ورتي وڃڻ لڳي ته حقابو تمام گهٽ شرح ۾ مقرر ڪيو ويو ۽ 25_ 1924ع تائين اهو خريف تي اٺ آنا ۽ ساربن تي ڏهه آنا هو. پاٽي پهچائڻ جي لاڳت انهي کان گهٽي وڌيڪ هئي ۽ اڳهه ۾ ڪيترا ورهيه اڳ ئي اضافو ڪرڻ ناواجب نه هجي ها. سن 25_ 1924ع ۾ انهي کي وڌائي خريف تي ٻارنهن آنا ۽ ساربن تي ڏيڍ روپيو ڪيو ويو پر اهو آبڪلاٽي واهن تي ايندڙ خرچ جو نسبتي حصو ڪيڻ لاءِ ناڪافي آهي. جاگيردارن ماضي ۾ حقابي جي انهن گهٽ اگهن مان گهٽو فائدو ورتو آهي. وري وڏي ڳالهه اها ته ڪينالن ۾ آيل بهتري سان انهن جي واٽر ڪورسن جي سپلاءِ ۽ انهن جي زمينن جي قيمت ۾ وڏي واڌ اچي وئي آهي. هتي لاڙڪاڻي ضلعي جي هڪ جاگيردار جو احوال ڏئي سگهجي ٿو. جڏهن شروع ۾ جاگير عطا ڪئي وئي هئي تڏهن انهي جو وڏو حصو باراني هو يعني فقط برسات جي پاٽي تي آباد ٿي سگهيو ٿي جو ڪينال جو پاٽي دستياب نه هو. جاگير جي وڏي حصي کي گذريل ڪيترن ورهين کان آبڪلاٽي واهن جو پاٽي ملي رهيو آهي ۽ گذريل ويهن ورهين کان ساربون عام جام پوکجي رهيون آهن. زمين جي قيمت ۾ باراني زمين طور پنج روپيا في ايڪڙ مان سارياني زمين طور 200 روپيا يا ان کان به وڌيڪ في ايڪڙ ٿي وئي آهي. تنهنڪري ٻيراج ۽ نوان ڪينال نهڻ سان خاطري وارو پاٽي دستياب ٿيڻ سان اهڙي زمين جي مالڪ پاران ادا ٿيندڙ حقابي ۾ واڌ جو ڪيس مضبوط لڳي ٿو.

لائيڊ ٻيراج اسٽنڊنگ ڪاميٽي اگهن ۾ واڌ جي سوال تي غور ڪندي اها تجويز ڏني ته هر جاگير جي حالتن بابت هڪ انڪوائري ڪئي وڃي ۽ لئنڊ روينيو ڪوڊ جي سيڪشن 83 ۾ اهڙي طرح ترميم ڪئي وڃي جيئن جاگيردار وڌايل حقابي جز ڪجھ حصو پنهنجن هارين کان ونڊي سگهي. هاڻي حقابي جي شرح مقرر ڪرڻ جي مقصد کي آڏو رکندي هر جاگير ٻئي حالتن جي انڪوائري ڪرڻ لاءِ هڪ آفيسر مقرر ڪيو ويو آهي. حڪومت مارچ 1944ع ۾ روينيو آفيسر جي اها تجويز منظور ڪئي ته جيستائين حقابي جا نوان اگهه مقرر ٿين تيستائين رعيتي زمينن تي ٻيراج کان اڳ ۽ ٻيراج کانپوءِ هر ديهه جي ڊل جي

اڳهه جي تفاوت جي برابر رقم حقابي جي موجوده اڳهن ۾ شامل ڪئي وڃي. انهي جو ٿلهي ليکي مطلب اهو ٿو نڪري ته موجوده ٻارنهن آنا في ايڪڙ خريف ۾ ڏيڍ روپيو في ايڪڙ سارين وارو اڳهه ٻيڻو ٿي ويندو. اهو فرض ڪندي ته بيراج جي ڪمانڊ وارين جاگيرن ۾ حقابي جي سراسري شرح آخرڪار چار روپيا في ايڪڙ ڪئي ويندي (حڪومت پاران آبپاشي لاءِ پاڻي پهچائڻ تي حقيقي لاڳت موڙي تي پنج سيڪڙو وياج سان) ۽ جاگيردارن پاران ڏني ويندڙ حقابي جي 1933ع وارن اڳهن ۾ چار روپيا في ايڪڙ جي سراسري اڳهه ۾ تفاوت فقط 60 سيڪڙو انٽينسٽي فرض ڪندي پنج لک روپيا سالياني جي برابر ٿيندو ۽ اهو ڪينالن تي محصول لاءِ نقصان هوندو. جاگيرن جي مسئلي تي اڳيراين لاءِ ڏسو هن گزيٽيئر جو باب ارڙهون.

بيراجي ڪينالن مان ٻيلن کي پاڻي جي پهچ

سنڌ جا اڪثر ٻيلا دريائي آهن ۽ تقريباً ست لک ايڪڙ ايراضي تي پکڙيل آهن. درياء ۾ هرسال ايندڙ ٻوڏون دريائي ٻيلن کي مختلف سطح جي پاڻي سان ۽ مختلف عرصي لاءِ پاڻي سان پري ڇڏين ٿيون جنهن جو دارومدار انهي تي هوندو آهي ته درياء ۾ ڪيترو ڇاڙهه اچي ٿو ۽ ڪيترو وقت هلي ٿو. دريائي ٻيلا جيئن ته درياء جي عمل ڪاري جي زد ۾ هوندا آهن تنهنڪري عين ممڪن آهي ته اهي ڪنهن جاءِ تي سمورايا انهن جو ڪجهه حصو پٽجي وڃي جڏهن ته درياء ٻئي هنڌ نئين زمين ناهي ڇڏيندو آهي. جتي ٻيلا ڪنهن متاهين هنڌ تي واقع هوندا آهن اتي ٻوڏ ايترو جلد نه ايندي آهي نه ئي گهڻو وقت هلندي آهي. انهن سببن جي ڪري دريائي ٻيلن مان فقط اهڙي ڪاٺ جي پيداوار ٿيندي آهي جيڪو فقط ٻارڻ لاءِ ڪتب اچي سگهي. اهڙي ڪاٺ ۾ ٻير، ڪنڊي ۽ ٻاهڙ وغيره اچي وڃن ٿا. بيراج ڪانپوءِ وارين حالتن ۾ به انهن ٻيلن جو پاڻي اهڙي طريقي سان ملندو جهڙو هاڻي ملي ٿو ڇاڪاڻ ته جيستائين انهن ٻيلن جو تعلق آهي ته بيراجي ڪينالن جي ڪٽت سالياني ٻوڏن تي وڏي حد تائين اثرانداز نه ٿيندي. دريائي ٻيلن سان گڏوگڏ ڪئي غير دريائي ٻيلا پڻ آهن جيڪي مُنڊ ۾ ائين پيدا ٿيا جو درياء هيناهين وارن جاين تي ٻوڙان ٻوڙڪري ڇڏيندو هو. سنڌو درياءَ تي بندن جي موجوده قطار ٺهڻ کان اڳ ملڪ جي پڪي جي ۽ ڪچي تي ٻوڏون جلدي جلدي ايندیون هيون ۽ انهن ۾ پاڻي به تمام گهڻو هوندو هو پر گذريل لڳ ڀڳ پنجاهه ورهين جي عرصي دوران جيئن درياءَ جا اهي بند وڌندا ۽ مضبوط ٿيندا ڀيا وڃن تئين اهي پڪي تي ايندڙ ٻوڏون گهٽيون پيون وڃن ۽ اڇڪلهه ته عملي طور انهن کي پاڻي ملي ئي نه ٿو پڪي جي ڪجهه سوا ايڪڙن تي ٻيلن ٻيلن کي گذريل ڪجهه ورهين کان آبڪلاڻي واهن منجهان پاڻي ملي ٿو پر مجموعي طور اُهي پڪي جا ٻيلا ختم ٿي ويا آهن ۽ جڏهن 1920ع ۾ سکر بيراج پراجيڪٽ تيار ٿي رهيو هو ته ٻيلي ڪاتي پڪي جي ڪجهه ٻيلن لاءِ نون ڪينالن مان پاڻي جي گهر ڪئي هئي. جنهن ايراضي لاءِ پاڻي گهربل هو انهيءَ ۾ ڪيترائي ڀيرا ردوبدل ٿي پر حتمي طلب اها ٻيني ته درياءَ جي ساڄي ڪپ تي دائمي ڪينالن مان 55000 ايڪڙن لاءِ ۽ ڪاٻي ڪپ تي روهڙي ڪينال مان 17000 ايڪڙن لاءِ پاڻي ڏنو وڃي.

سنڌ جي چيف ڪنزر ويٽر آف فاريسٽس، سنڌ ائگريڪلچرل ڪميشن آڏو پنهنجي بيان ۾ سيپٽمبر 1953ع ۾ چيو ته سکر بيراج آبپاشي هيٺ ٻيلن جي جملي ايراضي 55000 ايڪڙ آهي جن مان ٽيهه هزار ايڪڙن تي اڳيئي وڻ پوکيا ويا آهن ۽ ڪوٽڙي ۽ گدو بيراجن مان هر هڪ تي ڏيڍ ڏيڍ لک ايڪڙن تي ٻيلا پوکڻ جي تجويز آهي. ڪنزر ويٽر چيو ته سکر بيراج نهڙ ۽ هاٽي زير تعمير ڪوٽڙي بيراج رڻا هيٺ اپرسنڌ بيراج نهڙ سان ٻيلي ڪاتي کي پهريون دفعو خاطري ۽ ڪنٽرول وارو پاٽي ملندو جنهن سان موجوده غيرمتوازن ٻيلائي معيشت جو زور بارڻ ۽ ڪوئلي تي آهي جڏهن ته پاٽي ملڻ ڪانپوءِ سنڌ جي ٻيلن ۾ اقتصادي لحاظ کان اهم جنسون متعارف ڪرائي سگهبيون. لوئر سنڌ بيراج جي علائقي ۾ هٽ سان پاٽي ڏئي جيڪي ٻيلا پوکيا ويندا انهي ۾ دائمي پاٽي واري ايراضي ۾ ويهه هزار ايڪڙ اهڙيون جنسون متعارف ڪرائڻ لاءِ مخصوص ڪيا ويا آهن. ڪوٽڙي بيراج جو سرڪاري طور 15 ـ مارچ 1955ع تي پاڪستان جي گورنر جنرل افتتاح ڪيو. انهي بيراج ۽ ان جي فيڊر ڪينالن جي ڪجهه وقت کان ضرورت محسوس ڪئي پئي وئي ڇاڪاڻ ته انهي ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته جيترو شروع ۾ سمجهيو پئي ويو پنجاب جي ڪينالن انهيءَ کان گهٽو وڌيڪ پاٽي پئي ڪنيو. هيناهين سنڌ بيراج کي سرڪاري طور غلام محمد بيراج جو نالو ڏنو ويو آهي ۽ انهي تحت اها رڻابندي ڪئي وئي آهي ته اهو سنڌ جي هيناهين حصي ۽ درياءَ جي ڏيلتا واري حصي لاءِ اهو ڪم ڪري جيڪو لائيڊ بيراج پنهنجي ڪمانڊ واربن ايراضين لاءِ ڪيو آهي.

غلام محمد (ڪوٽڙي) بيراج

اهو پراجيڪٽ جنهن جو بيراج هڪ حصو آهي پاڪستاني انجنيئرن ۽ عملي پاران تعمير ٿي رهيو آهي سواءِ چيف انجنيئر ۽ ڪجهه برطانوي انجنيئرن جي جن جو انگ به پنجن کان وڌيڪ نه هوندو هو ۽ اهي به گهٽو ڪري مڪينيڪل سائيڊ تي گهربل هوندا هئا. خود بيراج جو ڪم ڪاتي طرفان ٿيو هو جنهن ۾ ڪجهه مزدور سنئون سڌو ڪنيل هئا ۽ ڪجهه ڪم تمام ننڍن ٺيڪيدارن کي ڏنل هو. ڪينالن جو سموررو ڪم سواءِ هڪ مثال جي سنئون سڌو ڪاتي طرفان يا پاڪستاني ٺيڪيدارن طرفان ٿي رهيو آهي. هن سسٽم جيتوڻيڪ هرگريڊ جي اهم تعميراتي انجنيئر تي وڏو دٻاءُ وجهي ڇڏيو آهي ان جو پر مجموعي طور معيشت تي سنو اثر پيو آهي. انهي سسٽم ۾ رڪيل لچڪ مان اهو فائدو آهي ته ڊزائين يا ڊزائين تي عملدر آمد ۾ ڪنهن بهتري کي سولائي سان شامل ڪري سگهجي ٿو جوته ڪنهن به رڻا جي چالو ٿيڻ ڪانپوءِ اهڙين ڳالهين جا امڪان ظاهر ٿي ٻيهندا آهن.

بيراج ٿي هزار فوٽ ڊگهو آهي ۽ وڏ ۾ وڏ 875000 ڪيوسڪ پاٽي گذارڻ لاءِ ڊزائين ڪيو ويو آهي. انهي ۾ 60 فوٽ ويڪرا 44 لنگهه رڪيل آهن جن ۾ 21 فوٽ اونها دروازا رڪيل آهن. اهي دروازا پاٽي کي بيراج جي چوٽي کان 20 فوٽ مٿي روڪي ٻيهن ٿا. اوپاري ۽ لهواري پاسي سياري جي مند ۾ وڏ ۾ وڏ فرق تقريباً 31 فوٽ هوندو.

درياڻي آمدو رفت ۾ سهوليت لاءِ بيراج ۾ لاڪ چينل پڻ رکيو ويو آهي. لاڪ چينل جي مٿان روڊ برج جو اهو حصو اهڙي طرح ڊزائين ڪيل آهي جيئن اهو مٽي کڄي سگهي جيئن انهي مان ٻيڙيون لنگهي سگهن. ڪليلي ڪينال جي هڪ حصي ۾ به درياڻي آمدو رفت ٿي سگهندي تنهنڪري انهي ۾ به لاڪ رکيو ويندو. ڪينالن جي هيڊ ريگيوليٽرن وارن حصن کي احاطي ۾ ڪرڻ لاءِ ٻنهي پاسن تي به ڊوائيڊ وال (Divide walls) ٺاهيون ويون آهن. اهي لٽ کي روڪڻ جو ڪم ڪن ٿيون جنهن سان ڪينال ڳري لٽ کان آجو پاڻي ڪڍي سگهندا. لٽ انهن حصن ۾ گڏ ٿيندي ويندي. جڏهن انهن حصن ۾ ڪافي لٽ گڏ ٿي ويندي ته انهن حصن جا دروازا کوليا ويندا ۽ لٽ بيراج مان درياء جي لهواري پاسي موڪلي ويندي.

ٻنهي ڊوائيڊ والس ۾ مڇين جا لنگهه (Fish Ladder or Passes) پڻ ٺهيل آهن. اهي لنگهه حوضن (Pools) جي هڪ سلسلي تي ٻڌل آهن جن مان هرهڪ حوض جي سطح ۾ هڪ فوٽ جو فرق آهي. حوض هڪٻئي سان ڳنڍيل آهن. مڇين جي لنگهن جي ذريعي قيمتي 'پلو' بغير دقت جي لنگهي ويندو.

ٻن ڊوائيڊ والس سان گڏو گڏ ٻيا ٽنيا پڻ ٺاهيا ويا آهن جيڪي عام ٽنين کان وڌيڪ ويڪرا آهن. انهي جو سبب اهو آهي ته جيڪڏهن مستقبل ۾ درياءَ مٿان تمام هاڻ ٽينشن بجلي جي لائين ٽپائڻي پوي ته اهو ڪم به گهٽ خرچ سان ۽ بغير دقت جي ٿي سگهي.

حيدرآباد کي هاڻي ناڪافي ۽ غيراطمينان بخش پاڻي ملي ٿو جيڪو درياء مان بيراج جي لهواري پاسي کان پمپن ذريعي ڪڍيو ويجي ٿو. سرڪار اهڙيون رٽائون ٺاهيون آهن جيئن انهي بيراج مان سال جي ڪجهه حصي ۾ موڪ ۽ سياري ۾ پمپنگ جي ذريعي بهتر ۽ وڌيڪ پاڻي ڏئي سگهجي. درياءَ جي ڪاپي ڪپ تي اهڙيون سهوليتون رکيو ويون آهن.

ساڳئي طرح ساڄي ڪپ تي لوئر سنڌ ٿرمل پراجيڪٽ لاءِ بجلي پيدا ڪرڻ لاءِ تجويز هيٺ 15000 ڪلو واٽ استيم استيشن لاءِ پاڻي پهچائڻ جون سهوليتون پڻ مهيا ڪيون ويون آهن. اهو پراجيڪٽ جيتوڻيڪ غير ملڪي ناڻي جي ڪوٽ سبب اڃا شروع نه ٿيو آهي پر اميد آهي ته اهو تمام ضروري پراجيڪٽ جلد ئي عمل هيٺ اچي ويندو.

هڪ تازي اڳپرائي سئي گئس جي دريافت آهي. اتر طرف کان ڪراچي ويندڙ پائيپ لائين کوٽڻي بيراج مٿان لنگهي ٿي. انهي پائيپ لائين جي به هن بيراج مٿان گنجائش نڪري آئي آهي جيتوڻيڪ اها اصل ڊزائين جو حصو نه هئي. انهي سان تمام گهٽي بچت ٿي آهي ۽ صورت ۾ انهي کي درياءَ مٿان گذارڻ لاءِ وڏو خرچ ضروري هجي ها.

بيراج تي ويهه فوٽ ويڪري روڊ برج ٺاهي وئي آهي، انهي جي ٻنهي پاسي چار چار فوٽ ويڪرا فوٽ پاٿ ٺاهيل آهن. اڄ وڃ جو اهو واڌو ڏربعو عام حالتن سان گڏوگڏ انهي وقت تمام ڪارائتو ٿيندو جڏهن موجوده کوٽڻي روڊ برج جي مرمت ضروري هوندي اها روڊ برج ريلوي برج سان جُڙيل آهي. بيراج

واري روڊ برج پري اسٽريسڊ پري ڪاسٽ بيمن تي بينل آهي. پاڪستان ۾ تعمير جو اهو طريقو پهريون دفعو ڪتب اڇي رهيو آهي.

دروازن کي هلائڻ لاءِ اسٽيل جي هڪ ڏانچي تي اسٽيل اور برج (Over bridge) پڻ ٺاهي وئي آهي. اها جيتوڻيڪ مناسب وزن ۽ طاقت واري آهي جيئن دروازن ۽ ان جي ڏڻن Counterbalances جو وزن کٽي سگهي پر انهي هوندي به ايتري ڳري نه آهي جو ٿنڀن ۽ فرش تي غير ضروري بار وجهي. ڏانچو دروازا ۽ گيئر به کاتي طرفان رکيا وبا آهن.

بيراج ڪنڪريٽ جو ٺهيل آهي جڏهن ته ٿنڀن ۽ پشتين تي ٻاهرئين پاسي کان پٿر لڳل آهي. انهي کي توڙي ڪنڪريٽ لاءِ پٿر نارٿ ويسٽرن ريلوي ذريعي تقريباً 70 ميل پري جنگ شاهي مان آندو ويو هو جتي فرسٽ ڪلاس پٿر دستياب هو.

جيتوڻيڪ آرائشي ۽ نمائشي ڳالهين تي پيسو خرچ نه ڪيو ويو آهي پر بيراج جي ظاهري شڪل جو به وڏو خيال رکيو ويو آهي جيئن ان جي نظري سونهن برقرار رهي. ان جا سمورا حصا ڏار ڏار ڊزائين ڪيا ويا آهن جيئن انهن جا عمل بنير ڪنهن هرج يا ڏيڪ ويڪ جي سرانجام ڏئي سگهجن.

مزدورن جي قلت ۽ انهن جي وڏندڙن اجرتن سبب بيراج جي تعمير انهي کان گهٽي ميڪانيڪي نموني ۾ ٿي جيتري ويجهي ماضيءَ ۾ ٿيندي رهي هئي.

انهي بيراج مان نڪرندڙ ڪينال به پنهنجي سر تمام وڏا ڪم آهن. ساڄي ڪپ تي 9100 ڪيوسڪ گنجائش رکندڙ دائمي ڪلري ڪينال تمام ڏکئي علائقي مان ڪڍيو ويندو. اهو ڪينال اڳتي هلي هيناهين جي هڪ سلسلي ۾ داخل ٿيندو جن کي پاڻي سان تار ڪري ڇڏبو ته تقريباً 45 چورس ميل پکيڙجي هڪ ڏينڊ نهي پوندي. اها ڏينڊ هائيڊرو اليڪٽرڪ پاور جي پيداوار جون سهوليتون ڏيندي ۽ ڪراچي لاءِ واٽر سپلاءِ جو هڪ ڪارائتو ذخيرو ٿيندي اهڙيون ڏينڊون ملڪ جي خوشنما منظرن ۾ وڏو اضافو ڪن ٿيون ۽ سير تفريح ۽ ماهي گيري جا به ڪيترائي موقعا فراهم ڪن ٿيون.

ڪلري ڪينال گادي جي هنڌ ڪراچيءَ وڏندڙ ضرورتن لاءِ 460 ڪيوسڪ يا روزانو 230 ملين گيلن پاڻي مهيا ڪندو. ڪلري ڏينڊ جي انهي ذخيري ڪانسواءِ سال جي ڪجهه وقتن تي زرعي مقصدن واري پاڻي ۾ ڪوٽ ڪرڙ ڪانسواءِ اها سپلاءِ ڏيڻ ناممڪن هوندو.

بيراج ڪاهي ڪپ تي موجوده ڪليلي ڪينال کي پاڻي ڏيندو جنهن کي سڏو ۽ جديد بڻايو ويندو ۽ ان جي گنجائش موجوده 11000 ڪيوسڪ مان وڌائي 13800 ڪيوسڪ ڪئي ويندي. ڪليلي مان هڪ نئين گوني برانچ ناهي پئي وڃي جيئن موجوده ڪمانڊ ڪان ٻاهر نئين ايراضي جي هڪ وڏي بلاڪ کي غير دائمي پاڻي ڏئي سگهجي.

ڪليلي ڪينال سان لڳولڳ 14350 ڪيوسڪ گنجائش رکندڙ غيردائمي پنجاري ڪوٽيو پيو وڃي. اهو چينل موجوده آبڪلاٽي واهن کي پاڻ ۾ شامل ڪندو موجوده پجاري اننڊيشن ڪينال تائين ويندو هليو.

ڪاپي ڪپ تي دائمي آبپاشي لاءِ هڪ ٽيون ڪينال نڪري ٿو. اهو زمين جي انهن ٻن بلاڪن کي سيراب ڪندو جن کي هاٽي ڪليلي مان غير دائمي پاٽي ملي ٿو. جيئن تہ 4100 ڪيوسڪ گنجائش رکندڙ اهو ڪينال دائمي وهندو تنهنڪري انهي کي سيمينٽ ڪنڪريٽ سان پڪو ڪيو پيو وڃي جيئن سمر جي نقصانن کي ختم يا گهٽ ڪري سگهجي. سترميل ڊگهي، 44 فوٽ پيٽ جي ويڪر ۾ سادا 15 فوٽ اونهائي رکندڙ پڪي چينل جي تعمير سنڌ ۾ هڪ تمام وڏو ڪم ۾ هڪ جدت هوندي.

سموري پراجيڪٽ جي لاڳت 24 ڪروڙ روپين کان وڌي ويندي هئي هڪ تمام وڏي رقم آهي ۾ انجنيئر وڏي محنت ڪري رهيا آهن جيئن ڪم کي ڪاٽي اندر پورو ڪري سگهجي. انهي لحاظ کان انهن جي ڪاميابي جو دارو مدار ڪنهن حد تائين اهڙن عنصرن تي هوندو جيڪي انهن جي ڪنٽرول کان ٻاهر آهن. پر جنگ کانپوءِ وارين تعمير اتي ڪمن جي لاڳت جي وڌيل سطحن تي بہ اهو تمام وڏو خرچ ملڪ جي هن حصي کي اوپارين پاسي کان پاڻي جي ڪٽت جي اثرن کان بچائڻ ۾ خوشحالي جي عام سطح کي وڌائڻ لاءِ ضروري آهي.

بيراج مڪمل ٽيڙ سان سن 1955ع ۾ ڪاپي ڪپ وارن ڪينالن کي خاطري سان پاڻي ڏئي سگهندو. اميد ڪئي ٿي وڃي تہ ڪليلي فيڊر کي پنهنجي ضرورت مطابق پاڻي ڏيڻ جي ۾ پنجاري فيڊر کي 3/4 ڊسچارج ڏيڻ جيڪا ان جي موجوده ايراضين لاءِ ڪافي ٽيندي. گوني کي 2000 ڪيوسڪ ڏنا ويندا جيڪي ان جي موجوده ايراضين لاءِ ڪافي ٽيندا ۾ ڪجهہ وڌيڪ علائقن لاءِ پڻ پاڻي بچندو. لائينڊ (Lined) چينل هيٺ ميل 22 تائين وهندو جيئن انهي ڪپ تي دائمي زمين جي مٿئين بلاڪ کي سيراب ڪري سگهي.

انهيءَ ڪانپوءِ پنجاري ۾ گوني کي ويڪرو ڪيو ويندو. نيون ڊسٽري بيوٽريون ناهيون ويندين ۾ پراڻن چينلن کي ري ماڊل ڪيو ويندو جيئن اهي زمينون جنهن رفتار سان آباد ٿي رهيون آهن انهي جو ساٿ ڏئي سگهن ۾ پڻ زمين جي تخميني نہ پر حقيقي ضرورتن جو پورائو ڪري سگهن.

بدقسمتي سان ساڄي ڪپ تي ڪينال جي تعمير ۾ دير ٿي وئي. انهي جو هڪ سبب تہ اهو هو جو 8 ميل ڊگهي جابلو علائقي ۾ 40 کان 50 فوٽ ڊگهو چينل ڪوٽڻ ڏکيو هو پيو تہ ضروري مشينري جي پڻ ڪوٽ هئي جيڪا تمام دير سان پهتي. اميد آهي تہ اهو چينل سن 1956ع دوران وهڻ شروع ڪندو.

پاڪستان جي هن حصي ۾ جيتوٽيڪ ايتري پيماني تي تہ هائڊرو اليڪٽرڪ پاور جي پيداوار ممڪن نہ آهي جيتري الپ يا هماليہ جبلن وارن ملڪن ۾ ٿئي ٿي پر جيئن اڳ ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ هن پراجيڪٽ ۾ ڪلري ڊنڊ جي هيٺئين ڇيڙي وٽان 20 فوٽن جي اوچائي تان ڏهہ هزار ڪلو واٽ جي پيداوار

جي سهوليت موجود آهي. پنجاري فيڊر تي ٻ اونهاري جي مند ۾ ڏهن فوٽن جي اوچائي تان پاور جي پيداوار جا امڪان آهن. سياري جي مند ۾ بجليءَ جي پيداوار وڌائڻ لاءِ ڪلري ڏنڊ جي چنڊڻ چينل جي 40 فوٽ اوچائي کي ٻ ڪتب آڻي سگهجي ٿو.

غلام محمد بيراج پراجيڪٽ جون ڪجهه اهم ڳالهيون

ايراضيون ۽ ڪينال

ڪمانڊ هيٺ مجموعي ايراضي	32 لک ايڪڙ تقريباً
ڪمانڊ هيٺ پوکي لائق ايراضي	23 لک 40 هزار ايڪڙ تقريباً
ڊزائين مطابق ايراضي جنهن کي سالياني پاڻي ڏيڻو آهي	19 لک 10 هزار ايڪڙ
موجوده نظام تحت پوکي هيٺ ايراضي	635000 ايڪڙ
پهريون دفعو ڪمانڊ هيٺ آيل ايراضي	15 لک ايڪڙ
ٽيمس درياءَ جي لنڊن برج وٽ وڏ ڪان وڏ ڊسچارج	15000 ڪيوسڪ
پنجاري فيڊر جي ڊزائين مطابق وڏ ۾ وڏ ڊسچارج ڊزائين مطابق	13420 ڪيوسڪ
سئيز ڪينال جي سطح تي ويڪر	200 فوٽ
پنجاري فيڊر جي سطح وٽ ويڪر	285 فوٽ
ڏليلي فيڊر جي سطح وٽ ويڪر	300 فوٽ

هيڊ ورڪس جون اهم ڳالهيون

هنڌ: ڪوٽڙي کان سڌا چار ميل اوپارين پاسي جامشوري جي نندڙي ڳوٺ پرسان.

پشتين جي وچ ۾ بيراج جي ڊيگهه	2984 فوٽ
گيٽ برج جي مجموعي ڊيگهه	2984 فوٽ
60 فوٽ ويڪرا ڪُل دروازا	44
لاڪ چينل	270 فوٽ ڊيگهه ۽ 60 فوٽ ويڪرو
مچين جا لنگهه	5.5 فوٽ ويڪرا ٻ
ڪينال هيڊ ريگيوليٽرن وٽ فل سپلاءِ ڊسچارج	
پنجاري 14350 ڪيوسڪ	58.6 ميل ڊگهو ڪينال
ڏليلي 13420 ڪيوسڪ	56 ميل ڊگهو ڪينال
ڪلري بگهاڙ 8473 ڪيوسڪ	42 ميل ڊگهو ڪينال
لائينڊ چينل 4100 ڪيوسڪ	70 ميل ڊگهو ڪينال
بيراج جي عام ٽنين جي ويڪر	7 فوٽ

بيراج جي پشتي وارن ٿنڀن جي ويڪر	10 فوٽ
بيراج جي رور (River) گيٽ جي اوچائي	21 فوٽ
بيراج جي لاڪ گيٽ جي اوچائي	34 فوٽ x 50 فوٽ ويڪرو لهواري پاسي
ڪويسٽ ليول (Crest Level)	48.0
پانڌ ليول (Pond Level)	68.0
ڊائون اسٽريم بيڊ ليول	35.0
وڏ ڪان وڏ متوقع فلڊ ليول	80.
ڪنٽري وٽان گذاريل وڏ ڪان وڏ ڊسچارج	710,000 ڪيوسڪ (1948ع)
وڏ ڪان وڏ فلڊ ڊسچارج جنهن مطابق بيراج ڊزائين ٿيل آهي	پوٽا نو لک ڪيوسڪ
روڊ برج جي ويڪر	20 فوٽ 4 فوٽن جا ٻه فوٽ پاٽ

هيڊ ورڪس تي ٿيل ڪم

پيڙهه جو پٽر	12/02/1950
متبادل (diversion) جي تڪميل	01/10/1954
بنياد کوٽائي	52191682 ڪيوسڪ فوٽ
پرمانينٽ پائلنگ	228859 اسڪائر فوٽ
ڪنڪريٽ جو ڪم	8683000 ڪيوبڪ فوٽ
جنگشاهي پٽر	140 لک ڪيوبڪ فوٽ
سرون	74 لک ڪيوبڪ فوٽ
آر. سي. سي. ڪم	133000 ڪيوبڪ فوٽ
تخميني لاڳت	تقريباً ساڍا پنج ڪروڙ روپيا

ڪينالن تي ٿيل ڪم

فيڊرن ۾ جملي ميل کوٽائي لڳ ڀڳ 92 ميل کوٽيل.

1200 ملين ڪيوبڪ فوٽن کان وڌيڪ مٽي کوٽائي

جملي ميل پڪا ٿيل	ساڍا ست ميل
جملي رهيل ميل	60 ميل
وقت جنهن دوران باقي ڪم	ساڃي ڪپ جا فيبر: اپريل 1955ع
پوروٿيڻ جي اميد آهي	ڪاهي ڪپ جا فيبر: اپريل 1956ع

تقريباً 2 ڏڻ روڊ وارين پليون تي ڪم هلندڙ آهي جن مان اڏ ڪان وڌيڪ پوريون ٿي ويون آهن.

ڪجهه ٻيون ٻگالهيون

1 ـ نئين باران تي سپر پيسيج 1500 فوٽ ڊگهي تمام وڏي ڪراس ڊرينيج 7 تمام وڏين پائپين تي مشتمل تخميني لاڳت 50 لک روپيا تقريباً مڪمل

2 ـ ڪلري بگهاڙ جو 8 ميل ڊگهي ٽاڪرو علائقي مان لنگهه. 25 ڪان 50 فوٽ هيٺ ڏماڪا ڪيا ويا.

3 ـ ڪليلي جي وڏن ٽُڪرن کي خاص طور حيدرآباد ويجهو پڇنگ جي ضرورت هئي. اهو ڪم پوروٿي ويو آهي.

گدو بيراج

سنڌ ۾ ٽيون وڏو بيراج زير تعمير آهي. انهي کي گدو بيراج چيو وڃي ٿو. انهي تي اهو نالو گدو ڏنڊ تان پيو. سنڌو درياءَ جي انهي ٽڪري تي بيراج تعمير ٿي رهيو آهي. اهو سنڌو جي وهڪري تي سکر کان لڳ ڀڳ 60 ميل مٿي آهي. گدو بيراج پراجيڪٽ سکر ۽ روهڙي جي اتر ۾ سنڌ ۽ بلوچستان جي ايراضي کي خاطري وارو پاڻي مهيا ڪري ٿو. اها ايراضي هاڻي آبڪلاڻي واهن ذريعي سيراب ٿئي ٿي. ساڄي ڪپ واري ايراضي ڏرڻ، انهڙ، بيگاري سنڌ ۽ راجب ڪينالن سان سيراب ٿئي ٿي ۽ کاهي ڪپ واري ايراضي شيهر، مهر، مسو مهرو لنڊي، ڊينگڙو مهيسرو ڪورائي جانب ۽ گرڪٽو ڪينالن تي آباد ٿئي ٿي. ساڄي ڪپ تي سکر جي بلڪل مٿان واري ڪجهه ايراضي سکر ۽ گڙنگ ڪينالن تي سيراب ٿيندي رهندي چاڪاڻ ته اميد آهي ته اهي ڪينال سکر بيراج جي heading up اثر جي سبب اطمينان بخش نموني ڪم ڪندا رهندا. سکر بيراج گڙنگ جي هيڊ کان 10 ميل هيٺ ۽ سکر جي هيڊ کان 2 ميل هيٺ آهي. جنهن ايراضي کي گدو بيراج مان پاڻي ملندو اها هيٺين روينيو ضلعن ۽ تعلقن تي ٻڌل آهي:

(1) ساڄي ڪپ جي ايراضي

بلوچستان جي نصير آباد تحصيل (ڪجهه حصو)

سنڌ جو اپر سنڌ فرنٽيئر ڊسٽرڪٽ (جيڪب آباد ضلعي جو اڳوٽو نالو)

تعلقو جيڪب آباد

تعلقو ڪنڊ ڪوٽ

تعلقو ٽل

تعلقو ڳڙهي خيرو (ڪجهه حصو)

لاڙڪاڻو ضلعو

تعلقو شهداد ڪوٽ (ڪجهه حصو)

سکر ضلعو

تعلقو سکر (ڪجھ حصو)

تعلقو شڪارپور

تعلقو ڳڙهي ياسين ڪجھ حصو

(2) ڪاپي ڪپ جي ايراضي

سکر ضلعو

تعلقو اباوڙو

تعلقو ميرپور ماٿيلو

تعلقو گھوٽڪي

تعلقو پنو عاقل

تعلقو روهڙي (ڪجھ حصو)

گدو بيراج ذريعي سيراب ٿيندڙ جملي ايراضي 4161 چورس ميل آهي جنهن ۾ 311 ميل بلوچستان جو علاقو شامل آهي. سنڌو درياءَ جي ساڄي ڪپ وارو علاقو اتر اولھ طرف کان ٽڪرين ۽ ڏکڙ اوپر پاسي کان سنڌو درياءَ جي اندر آهي. اتر طرف ۾ ڏکڙ طرف هلندي ٽڪرين جي لھواري پٽ کي ڊزرٽ ڪينال تائين تمام ايڪپري لاهي آهي انهي ڪانپوءِ اهو پکڙجي وڃي ٿو ۽ هڪ ماٿري ناهي ٿو جنهن جو ٻيو ڪنارو خود سنڌو درياءَ آهي.

ساڄي ڪپ وارو علاقو جابلو تيز وهڪرن جي ڪري اثر ۾ هوندو آهي. انهن جي Catchment ايريا اتر جي ٽڪرين ۾ آهي. انهن ٽڪرين ۾ ڏهن ورهين ۾ هڪ دفعو تمام سخت مينهن پوندا آهن ۽ نئين ذريعي هيٺ تمام گھٽو پاڻي آٽيندا آهن جيڪو هيٺ مختلف علاقن ۾ اڏيو واهه سون واهه فرنٽيئر راج واهه اچ راج واهه ۽ ڊزرٽ ڪينال سان ٽڪرائجي ڪري آٽيندو اهي ۽ آخرڪار ڊزرٽ ڪينال جي ڏکڙ ۾ هيٺين علاقن ۾ پکڙجي ڪري آٽيندو آهي. جڏهن ڊزرٽ ڪينال ۾ ڪنڊ پوندا آهن تہ پوک ۽ مال ملڪيتن کي ڇگو نقصان پهچندو آهي جيئن 1929ع ۾ ٿيو هو.

ڊزرٽ ڪينال جي ساڄي ڪپ کي فلڊ پروٽيڪشن بند تائين مضبوط ڪرڻ جي تجويز آهي جيئن انهن ڪري سگھجي ۽ ڊزرٽ ڪينال جي ساڄي ڪپ کي موريون ڏنيون وڃن جيئن پوڻ جو پاڻي نيڪال ٿي سگھي.

هن ٽڪر ۾ سراسري مينهن تمام ٿورو وسندو آهي. انهي جو اندازو هر سال ٻڌڻ کان پنجن انچن جي وچ ۾ هوندو آهي. ايترو مينهن کنهن بہ فصل لاءِ ڪافي نہ هوندو آهي ۽ علاقي کي پنهنجي زراعت لاءِ مڪمل طور ڪينال آبپاشي تي دارومدار رکڻو پوندو آهي.

علاقي ۾ گرمي پد ۾ بہ تمام گھٽي ٿيرقار ٿيندي رهندي آهي. اونهاري ۾ ڇانو ۾ گرمي پد 125 ڊگري فهرنائيٽ تائين پهچي ويندو آهي ۽ سياري ۾ ڪجھ راتين ۾ پارو بہ پوندو آهي.

پاڪستان جي اتر وارن علائقن ۾ سموري سنڌ وانگر هن ٽڪري ۾ به فصلن جون به مندون ٿيندڙيون آهن. گرم مند يا خريف ۾ ٿڌي موسم يا ربيع جي مند. خريف جي مند ٽلهي ليکي 15 ـ اپريل کان شروع ٿيندي آهي ۽ 14 ـ آڪٽوبر تائين هلندي آهي. لڳ ڀڳ چاليهن ڏينهن واري گرم ترين وقت کي چاليهو چيو ويندو آهي جنهن دوران گرم هوائون لڳندڙيون آهن چاليهو ٽلهي ليکي سمورو مئي مهينو ۽ جون جي اڌ تائين هلندو آهي. ربيع جو وقت 15 ـ آڪٽوبر کان 14 ـ اپريل تائين هوندو آهي. ڊسمبر جو اڌ ۽ جنوري جو سمورو مهينو عام طور سڀ کان وڌيڪ ٺڏ وارو هوندو آهي.

ساڄي ڪپ تي ساريون مکيه فصل آهن ۽ جڏهن پاڻي موڪ ٿيندو آهي ۽ ضرورتن پٽاندر هوندو آهي ته اهو فصل پوکيو ويندو آهي. پر جتي پاڻي پهچائڻ ڏکيو هوندو آهي ته جوئر ۽ باجهري جهڙا خريف جا فصل پوکيا ويندا آهن. ڊزرٽ ڪينال ۽ انهن ڪينال تي سارين جي پوک بيگاري راجب سنڌ ۽ چتي ڪينالن جي نسبت گهٽ ٿيندي آهي. ساريون عوام جي پسنديده پوک آهي ڇاڪاڻ ته ان مان پئسو گهڻو ملي ٿو ۽ پاڻ گهٽ گهر جيس ٿو. وري زمينون به ڪجهه قدر ڪلراٽيون هوندڙيون آهن. جيڪي گهٽ پاڻي وارن فصلن بجاء سارين لاءِ وڌيڪ موزون هوندڙيون آهن. اهڙي طرح سارين جي فصل ۾ آهستي آهستي واڌ سان ايتري ئي قدر خريف جي فصلن ۾ گهٽتائي ايندي پئي وڃي. جيئن ته دائمي پاڻي نه آهي تنهنڪري ربيع جي پوک بوسي ٿيندي آهي يعني اهو فصل شروع ۾ زمين کي وڏو ريج اچڻ کانپوءِ انهي ۾ رهجي ويل نمي تي پچندو آهي. زمينن کي اهڙا گهٽا ريج عام طور سيپٽمبر يا آڪٽوبر جي مهينن ۾ ڏنا ويندا آهن تڏهن خريف جي فصلن لاءِ پاڻي جي گهرج چڱي گهٽ ٿي ويندي آهي.

سارين کان سُٽت ئي پوءِ دوباري ربيع سارين وارين ٻنين ۾ ئي پوکيو ويندو آهي ڇو ته ساريون لڙڻ کانپوءِ زمين ۾ نمي باقي هوندي آهي. دوباري فصلن جي ايراضي سارين جي فصلن جي نسبت ۾ 80 سيڪڙو هوندي آهي. سارين جي فصل کانپوءِ دوباري فصل پوکڻ هڪ عام زرعي عمل آهي. مٽر ۽ چڻا عام دوباري فصل آهن. اهي زمين جي زرخيزيءَ ۾ واڌارو ڪرڻ سان گڏو گڏ چوپائي مال لاءِ سٺي چاري جو ڪم ڏين ٿا.

بيگاري ڪينال تي تقريباً 75000 ايڪڙن تي ٻڌل اهڙا وڏا علائقا آهن جن تي سارين جي پوک تمام گهٽي ٿئي ٿي. سارين جي پوک ۾ اضافي سبب هن علائقي ۾ زير زمين پاڻي جي سطح وڌڻ جي اثر جو اپياس ڪيو ويو ۽ اهو ڏسڻ ۾ آيو ته وڏي پيماني تي سارين جي پوک جي باوجود اپريل مهيني ۾ زير زمين پاڻي 6 کان 8 فوٽن تائين رهيو. اميد آهي ته تجويز مطابق سارين جي فصل ۾ واڌ اچڻ سان زير زمين پاڻي جي سطح مٿي نه ٿيندي.

کاهي ڪپ تي زمين گهٽو ڪري وارياسي ڊُسٽ آهي ۽ اها خشڪ ۽ گهٽ پاڻي وارن فصلن لاءِ خاص طور تمام موزون آهي. زير زمين پاڻي عام طور زمين جي سطح کان 15 کان 30 فوٽ هيٺ آهي. کاهي ڪپ تي سموري ڪمانڊ لاءِ هن پراجيڪٽ هيٺ اها تجويز آهي ته خريف جي فصلن لاءِ 60 سيڪڙو

intensity 90 جي ايف.ايس.ايف سان پاڻي ڏنو ويندو البت ڪجھ ٽڙيل پکڙيل سارين جي عام مشهور علائقن ۾ جتي اڳيئي ساريون پوکيون وجن ٿيون ۽ واء ڪلاس (ڪلراٿين) غير سروي زمينن جي چوٽين حصي لاءِ جن تي واري ڦيري سان ساريون پوکڻ جي تجويز آهي انهن کي اهو پاڻي نہ ڏنو ويندو. عام مشهور ساريالو علائقو اهو سمجهيو ويو آهي جنهن جي هر ديهه ۾ 1938ع کان 1942ع واري عرصي ۾ سالياني سيڪ کان وڌيڪ ساريون پوکيون ويون هجن ۽ جنهن جي واٽر سپلاءِ 100 سيڪڙو ۽ 45 ايف ايس ايف هجي. واءِ ناڪلاس زمينن جي چوٽين حصي کي 75 سيڪڙو intensity ۽ 45 ايف ايس ايف تي پاڻي ڏنو ويندو ٻيلن کي ساڄي ڪپ وانگر 100 سيڪڙو intensity ۽ 66 ايف ايس ايف تي پاڻي ڏنو وڃي ٿو. هن ڪپ تي زير زمين پاڻي جي سطح چڙهڻ جو ڪو به خطرو ڪونهي ڇو تہ سارين جي پوک هيٺ علائقو نہ هڻڻ جي برابر آهي.

گدو بيراج پراجيڪٽ ۾ سنڌو درياءَ تي گدو وٽ هڪ بيراج، سڄي ڪپ تي ٻن فيڊرن ڊزرٽ انهر فيڊر ۽ بيگاري سنڌ فيڊر ۽ ڪابي ڪپ تي گهوٽڪي فيڊر ناهڻ جي تجويز آهي.

ڊزرٽ انهر فيڊر: هيءُ فيڊر 66. 50 ميل ڊگهو آهي. فيڊر جي فل سپلاءِ ڊسچارج 12945 ڪيوسڪ آهي. موجوده ڪينالن جي وڏي حصي کي ڪتب آندو ۽ ري ماڊل ڪيو ويو آهي جيئن اهي وڌايل ڊسچارج کڻي سگهن. جتي به ضروري سمجهيو ويو اتي ڪمانڊ ۾ ڦير ڦار ڪئي وئي آهي ۽ موجوده چينلن کي وڌايو ويو آهي يا نوان چينل تجويز ڪيا ويا آهن جيئن واٽر ڪورسن جي ڊيگهہ 2 کان 3 ميلن جي اندر رکي سگهجي

اڏيو واهہ: اڏيو ڊسٽري بيوٽري ۽ سون واهہ جي ڪمانڊ ۾ نار ڏريعي آبپاشي وارا علائقا آهن يا وري اهڙا جن تي موڪ پاڻي ڏکيو پهچي ٿو. اهي چينل گهٽ پاڻي واري خريف چينلن طور ڊزائين ٿيل آهن. ساڳئي طرح چندر ٽالهو ۽ مالهي ڊسٽري بيو ٽريون به خريف چينلن طور ڊزائين ٿيل آهن. پراڻن چينلن جي جملي ڊيگهہ جن کي ري ماڊل ٿيٽو آهي اها 473 ميل آهي ۽ نوان چينل جيڪي ناهيا وڃڻا آهن انهن ۾ فيڊر 42 ميل ۽ ٻيا چينل 105 ميل ٿهندا.

بيگاري ـ سنڌ فيڊر: فيڊر جي جملي ڊيگهہ 4. 83 ميل آهي. اهو سمورو نئون آهي. فيڊر جي هيڊ وٽ ايف. ايس. ڊسچارج 15494 ڪيوسڪ آهي. فيڊر مُنڊ وارن 28 ميلن ۾ سخت زمين ۾ آهي جنهن ۾ ڪنڊ لڳڻ جو ڪو خطرو ڪونهي. موجوده چينلن کي وڌايل ڊسچارج لائق بنائڻ لاءِ اڪثر پراڻن واهن کي به ڪتب آندو ۽ ري ماڊل ڪيو ويو آهي. ڪشمور بند جي سامهون ميل 0 کان 20 تائين ڪچي جي هن علائقن جو اڳيئي فرنٽ بندن ذريعي بچاء ڪيو ويو آهي. ڪچي جي هن علائقي ۾ آبپاشي لاءِ 74 ميل نون چينلن جي تجويز آهي. پراڻا واهہ جن کي ري ماڊل ڪيو وڃڻو آهي انهن جي جملي ڊيگهہ 391 ميل آهي ۽ جيڪي نوان چينل ناهيا وڃڻا آهن انهن ۾ فيڊرن جا 89 ميل ۽ ٻين چينلن جا 232 ميل آهي.

گھوٽڪي فيڊر: هي فيڊر 6. 83 ميل ڊگھو آهي جنهن ۾ ايل. ايم فيڊر جي ڊيگھ به شامل آهي جيڪو 1940ع ۽ 1947ع ۾ ڪوٽيو ويو هو. فيڊر جي هيڊ وٽ ايف. ايس ڊسچارج 8490 ڪيوسڪ آهي. ڪاپي ڪپ تي موجوده واهن جي پڇڙي تي جھنگ جا وڏا ٽڪرا آهن. تنهنڪري ڪيترائي نوان چينل ٺاهيا وڃڻا آهن.

پراڻا چينل جيڪي ري ماڊل ڪيا وڃڻا آهن انهن جي جملي ڊيگھ 380 ميل آهي ۽ نون چينلن ۾ 54 ميل فيڊر ۽ 296 نوان چينل ٺاهيا وڃڻا آهن. نوان چينلن جي ڊيگھ ۾ اهي وچ وارا لنڪ Link پڻ شامل آهن جيڪي ڏکيا وڪڙ ڪيڻ لاءِ تجويز ڪيا ويا آهن.

گڏو برانچ جي ڪمانڊ ۾ ٻيلن سميت جملي 2663184 ايڪڙ ايراضي (4161 چورس ميل) اچي وڃي ٿي جنهن مان 198767 ايڪڙ (311 چورس ميل) بلوچستان جي حدن ۾ اچن ٿا. ڪمانڊ جي پوکي لائق ايراضي ٻيلن ڪانسواءِ 2144590 ايڪڙ آهي جنهن مان 193459 ايڪڙ بلوچستان ۾ اچي وڃن ٿا. ٻيلا 150320 ايڪڙن تي آهن ۽ اها سموري ايراضي فقط سنڌ ۾ آهي.

ايندڙ ڪجھ ورهين ۾ گڏو برانچ پراجيڪٽ مڪمل ٿي وڃڻ ڪانپوءِ سنڌ ڪي لائيڊ برانچ ۽ ڪينال: غلام محمد برانچ ۽ ڪينال ۽ گڏو برانچ ۽ ڪينال هوندا. لائيڊ برانچ ڪينال جي ڪمانڊ ۾ پوکي لائق ايراضي 61 لک 25 هزار آهي. غلام محمد برانچ ڪينالن جي ڪمانڊ ۾ 27 لک 50 هزار ايڪڙ آهن ۽ گڏو برانچ ڪينالن جي ڪمانڊ ۾ 21 لک 40 هزار ايڪڙ آهن. اهڙي طرح اهو سموري دنيا جو سڀ کان وڏو آبپاشي پراجيڪٽ آهي.

سنڌ ۽ خيرپور ۾ سم

لائيڊ برانچ ڪينالن سان آبپاشي هيٺ ايندڙ ايراضي ۾ تمام گھڻي واڌ شروعات ۾ ئي سم جي مسئلي ڏانهن ڌيان ڇڪرائي ڇڏيو هو. پنجاب جي تجربي مان اها ڳالھ ثابت ٿي وئي هئي ته دائمي ڪينالن جي وڏي پيماني تي استعمال سان اها هڪ تمام وڏي ڏکيائي ثابت ٿئي ٿي.

لائيڊ برانچ ائنڊ ڪينالز پراجيڪٽ جي اڏاوت جي شروعاتي زماني ۾ ئي پنجاب ايريگيشن کاتي جي تجربي سم جي مسئلي ڏانهن ڌيان ڇڪرائي ڇڏيو هو. پنجاب جي ڪجھ پراڻن ڪينال سسٽمن تي سم هڪ تمام وڏو مسئلو ٿي وئي آهي ۽ پنجاب حڪومت کي سم جي مسئلن تي تحقيق لاءِ هڪ خاص ادارو قائم ڪرڻو پيو ۽ ڪيترين ئي وڏي خرچ واربون برينچ اسڪيمون شروع ڪرائڻيون پيون جيئن سم وارين ۽ نقصان پھتل زمينن جي بحالي ٿي سگھي ۽ انهي مسئلي جي وڌيڪ پکيڙ جي روڪٿام ٿي سگھي. بمبئي دکن جا ڪينال سسٽم جن کي گڏ ٽيل ذخيرن مان پاڻي ملي ٿو انهن کي به ڪنهن حد تائين سم ۽ زمين جي خرابي جي مسئلن کي منهن ڏيڻو پيو آهي. پنجاب ۽ دکن جي تجربن مان اندازو ٿيو ته ساڳيو مسئلو سنڌ ۾ ڪر ڪڻي سگھي ٿو ۽ انهي جي نتيجي ۾ لائيڊ برانچ ڪينالن جي ڪمانڊ وارين ايراضين تي تحقيق ڪرائي وئي جيئن انهي ڳالھ جو جائزو وٺي سگھجي ته برانچ

ايريگيشن شروع ٿيڻ سان سمر جو ڪيتريقدر امڪان موجود هو. شروعاتي تحقيق جي نتيجي ۾ اها ڳالهه سامهون آئي ته ساڄي ڪپ تي هڪ تمام وڏي علاقي ۾ (3500 چورس ميلن جي پڳ پڳ) جنهن ۾ گهٽو فصل سارين جو ٿيندو هو زير زمين پاڻي جي سطح مٿي ٿي وئي هئي. ڏسڻ ۾ آيو ته هر سال زير زمين پاڻي جي سطح ۾ تبديلي ايندي رهي ٿي. آڪٽوبر مهيني ۾ آبپاشي مند جي آخر ۾ زير زمين پاڻي جي سطح سيم ڪان مٿي ۽ جون ۾ آبپاشي مند شروع ٿيڻ سان سطح سيم ڪان هيٺ رهي ٿي. بيراج مان سيراب ٿيندڙ ٻين علاقن خاص طور درياءَ جي ڪابي ڪپ تي زير زمين پاڻي جي سطح گهڻي هيٺ ڏسڻ ۾ آئي تنهنڪري سمجهيو ويو ته ساڄي ڪپ وارين ايراضين ۾ سمر جو امڪان تمام تڪڙو هو. بيراج ڪان اڳ وارن ڏينهن واري سارين جي سراسري 360000 ايڪڙ سالياني ايراضي بيراج ڪانپوءِ زمينون مڪمل طور سڌري وڃڻ ڪانپوءِ وڌي 560000 ايڪڙ ٿي ويندي ۽ سارين جي پوڪ واري اها ايراضي اتر. اتر اولهه. ڏکڻ ۽ اوپر طرف ڪان نئين ڪينال تحت دائمي پوڪ ۾ گهيريل رهندي. جيئن ته سارين واري علاقي ۾ وقفي وقفي سان زيرزمين پاڻي جي گهٽ ٿيندڙ سطح جو گهٽ ۾ گهٽ هڪ سبب شايد زير زمين پاڻي جي مٿاهين سطح ڪان هيٺاهين سطح ڏانهن چرپر آهي تنهنڪري اها ڳالهه ممڪن نظر آئي ته سارين واري علاقي جي چوڌاري جيڪا نئين دائمي آبپاشي ٿيندي اها زمين جي نيڪال واري صلاحيت تي خراب اثر وجهندي ۽ تنهنڪري زير زمين پاڻي جي سطح ۾ آهستي آهستي چاڙهه جو سبب ٿيندو جنهن جي نتيجي ۾ آخرڪار سم پيدا ٿيندي. بيراجي آبپاشي شروع ٿيڻ جي ڪجهه ورهين جي مختصر عرصي ۾ سارين جي پوڪ جي هن علاقي ۾ هڪ ته سِم جو خطرو بلڪل ڇٽو نظر اچي رهيو هو ۽ ٻيو ته هن مسئلي بابت وڌ ۾ وڌ ڄاڻ مهيا ڪري ڏيڻ لاءِ اهو فيصلو ڪيو ويو ته اڳ ۾ ساڄي ڪپ واري علاقي ۾ زير زمين حالتن تي تحقيق ڪرائي وڃي.

انهي ڪم لاءِ ريسرچ ڊويزن نالي هڪ خاص ادارو قائم ڪيو ويو ۽ 31_ 1930ع جي مند ۾ ساڄي ڪپ واري ايراضي ۾ زير زمين حالتن تي تحقيق ڪرائي وئي ۽ انهي دوران اهو فيصلو ڪيو ويو ته انهي تحقيق کي بيراج جي سموري ڪمانڊ ايراضي ۾ وڌايو وڃي.

نمونن (Samples)جي درجي بندي انهن جي شڪل (appearanae)۽ آڱرين سان ڇهاء جي ذريعي ڪندي انهن کي پنجن قسمن مٽي، مٽي گاڏرلٽ. لٽ. واريا سي لٽ ۽ واريءَ ۾ ورهايو ويو. مٽي جا نمونا گڏ ڪرڻ جو اهو طريقو اختيار ڪيو ويو جو زمين جي سطح کي تقريباً هڪ انچ ڪُرڙي پهرين ڇهن فوٽن مان هر هڪ فوٽ مان هڪ نمونو ڪنيو ويو. انهن نمونن کي ڏاڍي احتياط سان ليبل هنيو ويو ۽ ليبارٽري ۾ تجزيي لاءِ سينٽرل ڊپو ۾ گڏ ڪيو ويو. جيئن ته گڏ ڪيل نمونن جو تعداد تمام گهڻو هو تنهنڪري انهن مان ڪيترن کي اچلائڻو پيو چاڪاڻ ته انهن کي هڪ جاءِ تي رکڻ ۽ تفصيلي ميڪانيڪي ۽ ڪيمياءِ تجزيا ڪرڻ ممڪن نه هوندو. انهن کڏن وارا نمونا رکيا ويا آهن جن ۾ في الوقت سطح تي ڪلر موجود هو ۽ مٽي وارا سيئي نمونا بہ رکيا ويا پلي کڏن جي سطح تي ڪلر نظر اچي يا نہ انهن نمونن تي آهستي آهستي

ليبارٽري ۾ ڪم ڪيو ويندو. جڏهن به ڪنهن کڏ مان پاڻي نڪرندو هو ته ڪيسنگ پائيپ (Casing pipe) ڪتب آڻڻ ضروري هو هوءِ جيئن ئي واري نڪرندي هئي ته Sand pump وڏو ويندو هو چاکاڻ ته فقط انهي طريقي سان ئي کڏ کي 30 فوٽن جي اونهائي تائين کڻي وڃي سگهجي ٻيو.

تحقيق جي انهي اهم ڪم جي ابياس لاءِ تيار ڪيل نقشن مان ڏسڻ آيو ته زمين جا ڪجهه علائقا اهڙا هئا جن ۾ ڪلر وڌيڪ هوءِ انهن ايراضين تي پاڻي جي اثر جو جائزو ونڊ لاءِ اهو فيصلو ڪيو ويو ته ٽن بلاڪن ۾ واقع لڳ ڀڳ 150,000 ايڪڙن جي تفصيلي درجي بندي ڪرائي وڃي. انهن مان 97000 ايڪڙن تي وڏو علائقو ساڃي ڪپ تي شهداد ڪوٽ جي ويجهو ۽ به نندا علائقا ڪاهي ڪپ تي شادي پلي ۽ ملو ماڃي جي پرسان آهن. درجي بندي جي انهي تفصيلي ڪم ۾ (اصلي تحقيق وانگر ساڳئي ترتيب تي) واڌو کڏا کوٽڻ، هر سروي نمبر جي ظاهري شڪل نوٽ ڪرڻ ۽ انهي زمين تي ڦٽندڙ مختلف ٻوٽن گاهن جا نالا لکڻا پون ها. واڌو کڏا انهي ڪري کوٽيا ويا جيئن سطح کان هيٺين حالتن جي وڌيڪ ڇڻي تصوير حاصل ٿي سگهي. مٽاڇري جون علامتون ۽ گل ٻوٽا انهي ڪري نوٽ ڪيا ويا جيئن زمين ۾ ڪلر پيدا ڪندڙ مختلف حل ٿيندڙ لوڻياڻ جي لحاظ کان انهن حالتن جو تجزيو ڪري سگهجي.

زير زمين پاڻي جي نمونن تي ٿيل ڪيتري تحقيق جي نتيجي ۾ اهو ڏسڻ ۾ آيو آهي ته سنڌ ۾ زير زمين پاڻي ۾ سڀ کان گهڻو لوڻ سوڊيم ڪلورائيڊ آهي تنهنڪري تجزيي جي معمول واري طريقي کي ڇڏي هڪ مختصر طريقو اپنايو ويو آهي.

مختصر طريقي ۾ پاڻي جي نمونن جي پسرائڻ جي سگهه Dionic water tester Conudctivity جي مدد سان ماپي وڃي ٿي ۽ نموني ۾ موجود حل ٿيندڙ لوڻن جو سيڪڙو هڪ گراف جي مدد سان ڏنو وڃي ٿو جيڪو چوند نمونن کي بخارن ۾ تبديل ڪري تفصيلي تخمينن جي هڪ وڏي انگ مان ناهيو وڃي ٿو. انهي جي پسرائڻ جي سگهه جانچڻ ڪانپوءِ ٽائٽريشن ذريعي نموني جي اساسيت (alkalinity) ۽ سلفيٽ ۽ ڪلورائيڊ آئن ٽيسٽ ڪيا ويندا آهن.

ريسرچ ڊويزن جي ايگزيڪيوٽو انجنيئر: سنڌ ائگريڪلچرل ڪميشن جي آڏو پنهنجي بيان ۾ ڪلراڻي زمينن ۽ آبپاشي وارن علائقن ۾ زير زمين پاڻي جي سطح ونڊ بابت ريسرچ ڊويزن پاران سرانجام ڏنل ڪم بابت اهم ڄاڻ ڏني. زمينن کي ڪلر ڪان آجو ڪرڻ لاءِ وڏي ۽ نندي پيماني تي تجربا ڪرڻ تمام ضروري آهي پر اهو ڪم صحيح قسم جي عملي ڪانسواءِ نه ٿو ٿي سگهي انهي لاءِ هڪ تجرباڪار ريڪليميشن آفيسر جي ضرورت آهي جنهن کي جيئن مصر، آمريڪا، يورپ ۽ پڻ پنجاب ۾ ڏٺو ويو آهي عملي مسئلن ۽ انهن کي حل ڪرڻ جو وسيع تجربو هجي. انهي لاءِ هڪ مڪمل ڊار ڊويزن جي ضرورت هوندي جيڪا صوبي جي ڊرينيج، سمر ۽ ڪلر جي مسئلن کي منهن ڏئي سگهي.

سنڌ ۾ ڪلراڻيون زمينون عام آهن. اهي آباد زمينن ۾ زمين جي نندين وڏن ٽڪرن جي صورت ۾ موجود هونديون آهن ۽ ڪيترن هزارن ايڪڙن تي ٻڌل غيرآباد زمين جي صورت ۾ پڻ هونديون آهن.

جيڪي لوڻ جي تهن سان ڍڪيل هوندين آهن. ڪلر جي وڌڻ ڪري ڏانهن ڏيان 1930/32 وارن ورهين دوران تڏهن ويو هو جڏهن بيراجي علائقن ۾ سب سائل ليول پائيپ هنيا ٿي ويا. پائيپ هڻڻ کانپوءِ انهن ڪرن جي تفصيلي تحقيق جو ڪم شروع ڪيو ويو جيڪو 1937ع ۾ پورو ٿيو.

تحقيق جو مقصد ڪلر جي مختلف قسمن ۽ ان جي هيٺان زمين جي سطح جي نوعيت جي لحاظ کان زمين جي مٽاچري جي ظاهري شڪل جاچڻ. سطح تي ڪلر جي مختلف قسمن جي ٺهڻ جي سببن جو تعين ڪرڻ ۽ آخرڪار ڪلر جي نقصانڪار اثرن خلاف علاجي اپائن تي غور ڪرڻ جيئن زمين کي پوک لائق بنائي سگهجي.

هڪ ٻي تحقيقي رٽا ۾ زمين تي ڦٽندڙ مختلف گاهن ٻوٽن، زمين جي مٽاچري جي ظاهري شڪل، زمين جي مٽاچري جي اندرين حصن ۽ انهي جي هيٺان پاڻي جي سطح ۾ تعلق جو تعين ڪرڻ هو.

زمين جي مکيه درجي بندي هن ريت ڪئي وئي.

جريان نمبر	درجي بندي	ڪتب آندل علامت
1.	ڪارو ڪلر	B.K
2.	(الف) ڳوڙهو ناسي ڪلر	B.I
	(ب) هلڪو ناسي ڪلر	B.II
3.	(الف) اڇي داڻ داڻ جي نشانن وارو اڇو ڪلر	W.I
	(ب) گهاٽي اڇي داڻ داڻ سان اڇو ڪلر	W.II

انهي سان گڏو گڏ زمين جي نوعيت به نوٽ ڪئي وئي ته اها پکي آهي، ڏريل آهي يا اپا ميل آهي. گاهه ٻوٽا نوٽ ڪرڻ وقت اهو به ڏٺو ويو ته انهن جي ڦوڦڙي جو مقدار ڪيترو آهي.

زمين جي تفصيلي تحقيق کي ٻن مکيه حصن ۾ ورهايو ويو هو.

(الف) اوپر اولهه ۾ هڪجهڙي کان پنج فرلانگ پري ڪڏا ڪوٽڙ ۽ اتر ڏکڻ ۾ هڪجهڙي کان 6/4 فرلانگ پري ڪڏا ڪوٽڙ. عارضي ڪڏا 30 فوٽ هوندا ۽ وچ وارا ڪڏا پاڻي جي سطح کان ٻه فوٽ هيٺ ڪنيا ويندا.

(ب) ٽي فوٽ کڻڻ جي ذريعي عام طور هر هڪ سروي نمبر جي زمين جي اندروني سطح جي تفصيلي درجي بندي ڪئي وئي.

(ج) زمين تي ڦٽندڙ ٻوٽن گاهن جي تفصيلي درجي بندي ڪئي وئي جنهن ۾ وڻ ٻوٽن ۽ گاهن جو ڏار ڏار درجو ناهيو ويو.

زمين تي ٽيل ڪم مان هيٺيان پلان تيار ڪيا ويا.

(1) علائقي جو انڊيڪس پلان

(2) زمين جون باهريون ليڪون (Contours) ڏيکاريندڙ پلان

(3) کڻڻ جي Cross section ڏيکاريندڙ پلان

(4) واري ۽ متي واريون پٽيون (Belts) ڏيکاريندڙ پلان

(5) علائقي جا Hydro_ Iso_ Baths ڏيکاريندڙ پلان

(6) پاڻي جي سطح جا Salinity Contours ڏيکاريندڙ پلان

سينٽرل بورڊ آف ايريگيشن جي سب ڪاميٽي جي سفارش جي روشني سن 1933ع کان 1937ع دوران ڪلراٿن ٽڪرن جي پهرئين درجي بندي ٽيسٽ ڪانپوءِ اهو طي ڪيو ويو ته جتي لوٽيائيون زمينون عام آهن اتي اهو ڏسڻ لاءِ زمين جي مڪمل سروي ڪئي وڃي ته ڇا پوک لاءِ غير مناسب ايراضي ۾ ڪا واڌ ته نه آئي آهي. زمينن جي نئين سر درجي بندي جو ڪم 1937ع ۾ شروع ڪيو ويو.

پبلڪ ورڪس ڊپارٽمينٽ پاران زمينن کي ڪلر کان آجو ڪرڻ جو ڪم اڃا شروع نه ڪيو ويو آهي جيتوڻيڪ ڊرينيج ائنڊ ريسرچ سرڪل ڪلڻ سان (جنهن ۾ زراعت ڪاتي مان ڊيپوٽيشن تي هڪ ريڪليميشن آفيسر پڻ هو) تجويزون ۽ شروعاتي رٿائون تيار ڪيون ويون هيون. تڏهن اهو سمجهيو ويو ته سنڌ جو فوري مسئلو اهو نه هو ته ڪلر اٿين زمينن کي ڪلر کان آجو ڪرائي وڌيڪ ايراضي پوک هيٺ آڻڻ لاءِ نڙيل پکڙيل رٿائون ناهيون وڃن پر فوري مسئلو اهو هو ته زمينن کي وڌيڪ خراب ٿيڻ کان بچايو وڃي. انهي سلسلي ۾ پهرئين قدم طور اهو فيصلو ڪيو ويو ته سال 1932ع ۽ سال 1945ع يا 1946ع لاءِ بيراجي ۽ غير بيراجي علائقن ۾ سارين جي پوک جا انگ اکر گڏ ڪيا وڃا جيئن انهن کي سارين جي عام مشهور ۽ موڪل وارن علائقن سان ٻيٽي سگهجي ۽ انهي ڄاڻ کي رٿائن ۾ شامل ڪري سگهجي. اهي انگ اکر 1947ع ۾ ورهاڱي تائين گڏ نه ٿي سگهيا تنهنڪري سارين ۽ گهٽ پاڻي وارن فصلن جي حوالي سان زيرزمين پاڻي جي سطح جي اڀياس مان اهو نتيجو ڪيڻ کان اڳتي ڪو ڪم نه ٿي سگهيو ته زير زمين پاڻي جي سطح وڌڻ ۾ فقط ساريون ئي ڪو واحد عنصر نه آهن.

ريسرچ ڊويزن جي ايگزيڪيوٽر انجنيئر نومبر 1947ع ۾ چيو ته زمينن جي بحالي جي هڪ تفصيلي پروگرام جي تجويز آهي جيڪو ڊرينيج ڊويزن جي ايگزيڪيوٽو انجنيئر جي نگهداشت هيٺ ريڪليميشن آفيسر پاران هلايو ويندو. تجويز ٽيل بحالي جي نظامن هيٺ ۽ تجرباتي ۽ بحالي فارم ڪُلٽا هڻا هڪ زير زمين پاڻي جي اوچي سطح واري علائقي ۾ ۽ ٻيو زير زمين پاڻي جي هيٺاهين سطح واري علائقي ۾ انهي لاءِ جيڪي هنڌ چونڊيا ويا انهن ۾ ڳري ۽ وچولي ۽ هلڪي ٽنهي قسمن جون زمينون شامل رکڻيون هيون. پر سن 1947ع ۾ ڊرينيج ڊويزن ۽ ڊرينيج سرڪل جي بند ٽيڻ سبب رٿائون ٺهڻ کان وڌيڪ ڪو ڪم نه ٿي سگهيو. بيگاري ۽ شڪارپور جي ڪمانڊ وارن علائقن ۾ اپريل 1950ع ۽ 1951ع لاءِ بيراج جي سموري ڪمانڊ لاءِ پاڻي سطح جي پوزيشن آبي هم عمق خطن (hydroisobaths) جي ٻاهرين حصن جو بيان ڏيندي 1950ع ۽ 1951ع لاءِ زمين جي هيٺان پاڻي جي برابر اونهائي ڏيکاري ٿي. اهو نوٽ بيگاري ۽ شڪارپور جي انهي تحقيق هيٺ آيل علائقي ۽ بيراج ڪمانڊ ۾ ساڄي ڪپ تي نارٿ ويسٽرن ڪينال، رائيس ڪينال ۽ دادو ڪينال ۽ کاٻي ڪپ تي روهڙي ڪينال ۽ ايسٽرن نارا سسٽم بابت آهي. انهي نوٽ مان ڪجهه ٽڪرا هت ڏجن ٿا.

بيگاري ۾ شڪارپور جي تحقيق هيٺ آيل علائقي ۾ بيگاري جي ڪمانڊ ۾ اپريل 1950ع ۽ 1951 ۾ زير زمين پاڻي لڳ ڀڳ 8 فوٽ هيٺ آهي. انهي ۾ ڪينال جي هيٺيان علائقا ۽ ڪينال جي منهن ۽ نور واهه سان گڏوگڏ هڪ ننڍو ٽڪر شامل نه آهي جتي ٻنهي ورهين دوران پاڻي زمين کان 4 کان 8 فوٽ هيٺ موجود هو. مٿئين ٽڪر ۾ پاڻي جي سراسري اونهائي اپريل 1951ع ۾ 8 فوٽ ۽ اپريل 1950ع ۾ 7 فوٽ هئي. ٻنهي سراسرين مان خبر پوي ٿي ته 1951ع ۾ سطح ڪرڻ گهرجي پرائين نه آهي ۽ انهي عدم مطابقت جو اهم سبب ڪجهه جدا جدا پائيپن جي صورت ۾ 1950ع ۾ غير معمولي وڌيڪ چاڑهه هو.

بيراج جي ڪمانڊ هيٺ نارٿ ويسٽرن ڪينال هيٺ وارهه ۽ رتوديرو برانچن جي علائقي ۾ سن 1949ع وارن مشاهدن جي پيٽ ۾ پاڻي جي سطح هيٺ ڪري پئي. اپريل 1949ع ۾ ٺهيل Hydroisobath پلان ڏيکاري ٿو ته پاڻي زمين جي سطح کان 4 کان 8 فوٽ هيٺ هو جڏهن ته 1950 ۽ 1951 ۾ ساڳئي علائقي لاءِ ٺهيل پلان مان خبر پوي ٿي ته پاڻي سطح کان گهٽو ڪري 4 کان 8 ۽ 12 فوٽن جي وچ ۾ رهيو.

رائيس ڪينال لاءِ ٻنهي ورهين جا هائڊرو آئسوبات پلان ڏيکارين ٿا ته پاڻي جي سطح گهٽو ڪري 4 کان 8 فوٽن جي وچ ۾ رهي. سواءِ ڪجهه مقامي ٽڪرن جي جتي پاڻي يا ته چئن فوٽن تائين هيٺ يا 8 کان 12 فوٽ هيٺ آهي. البت ٻنهي پلانن جي پيٽ ڪرڻ سان اهو ڏسڻ ۾ ايندو ته 1950ع جي پلان ۾ ظاهر ٿيندڙ علائقا جيڪي سطح کان چئن فوٽن تائين هيٺ پاڻي ڏيکارين ٿا اهي 1951ع واري پلان ۾ گهٽ ٿي ويا آهن.

دادو ڪينال جي ڪمانڊ ۾ زير زمين پاڻي جي سطح سنڌو درياء جي ساڄي ڪپ جي علائقن جي ڪمانڊ جي پيٽ ۾ گهٽ آهي. سن 1950ع ۾ رڪ کان هيٺ منهن کان نئون ديرو تائين پاڻي زمين جي سطح کان 12 فوٽ هيٺ هو.

اپريل 1949ع جي هائڊرو آئسو باٿس پلان مان خبر پئي ته جمڙائو مٽڙائو ۽ ڪپرو ڪينالن جي ڪمانڊ مان گهٽا انگ اکر موجود نه هئا چاڪاڻ ته پائيپن جو تمام گهٽو انگ يا ته بند ٿي ويو هو يا گم ٿي ويو هو. اها ڏاڍي بدقسمتي جي ڳالهه آهي جو سن 1950ع ۽ 1951 ۾ به ساڳئي صورتحال برقرار رهي جو گم ٿيل پائيپن جي جاءِ تي ٻيا پائيپ نه وڌا ويا نه ئي بند پائيپن کي صاف ڪيو ويو.

جڏهن سنڌ جي چيف انجنيئر ايريگيشن، سنڌ انگريڪلچرل ڪميشن آڏو 10 ۽ 11 نومبر 1953ع تي بيان ڏنو ته هن کان ٽي اهم سوال پڇيا ويا (1) ڇا بيراجي ڪينال سمورو وقت فل ليول تي ڪم ڪن ٿيا؟ جيڪڏهن نه ته گذربل ٽن ورهين دوران ڪينالن جي ڊسچارج ۾ جملي ڪيتري گهٽتائي آئي آهي (2) ڇا بيراج زون ۾ شروعات ۾ سمورن ڪينالن تي فصلن جي پوکي جو جيڪو حصو تجويز ڪيو ويو هو اها حد اچي وئي آهي؟ جيڪڏهن نه ته اها ڪيتري حد تائين حاصل ٿي آهي ۽ پورائو نه ٿيڻ جا ڪهڙا سبب آهي؟ (3) ڇا بيراجي ڪينالن جي ڊسچارج جي ماپ ڪرڻ جو ڪو امڪان آهي؟

جيڪڏهن ها ته ڪيتري حد تائين ۽ ان تي تي اندازاً خرچ ڪيترو ايندو؟ سنڌ جي چيف انجنيئر ايريگشن انهن ٽنهي سوالن جا هي جواب ڏنا (1) ٻيراجي ڪينال سمورو وقت فل ليول تي ڪم نه ٿا ڪن ڇو ته پاڻي جي سپلاءِ جو دارومدار فصلن جي ضرورتن تي هوندو آهي پر ڪجهه وقت اهڙا ايندا آهن خاص طور سياري ۾ جڏهن درياء مان سپلاءِ مقرر حصن کان گهٽ ملندي آهي. جيڪڏهن گذريل ٽن ورهين کي مدنظر رکيو وڃي ته سپلاءِ مقرر حصن کان هيترا ڏينهن گهٽ رهي:

وقت	جنوري	فيبروري	مارچ	جملي
51_1950ع	4	20	21	45
52_1951ع	3	14	23	40
53_1952ع	20	26	31	77

53_ 1952 جي سياري ۾ ڊسچارج ۾ ڪوٽ 25 کان 30 سيڪڙو هئي (2) خريف جي 27 سيڪڙو intensty وڏي حد تائين حاصل ڪئي وئي آهي ۽ ايجا انهي کان ڪجهه واڌ ٻه ٽي آهي. هاڻي ڪوشش ٿي رهي آهي ته انهي کي 30 کان 35 سيڪڙي ۽ پوءِ 40 سيڪڙي تائين وڌايو وڃي. جيستائين ربيع جي 54 سيڪڙو intensity جو تعلق آهي. اها حاصل نه ٿي آهي ۽ انهي کان وڌيڪ شرح حاصل ڪرڻ جو امڪان نه آهي. هاڻي اها ربيع intensity 25 کان 35 سيڪڙي جي وچ ۾ آهي. ڪجهه جاين تي جتي خريف جا گهٽ پاڻي وارا فصل پاڃاتا پوکيا وڃن ٿا اتي 40 سيڪڙي تائين شرح حاصل ڪئي وئي آهي. وقت سان گڏوگڏ جيئن پاڻي جو وڌيڪ ڪفايتي استعمال ڪيو ويندو تيئن انگن ۾ بهتري ايندي ويندي ربيع جي گهٽ intentity جو سبب اهو آهي ته خريف ۾ ٽٽين جو پاڻي پورو ٽيڙ ڪانپوءِ ڪٽڪ جي پوکي جو وقت ٿورو هوندو آهي. اميد آهي ته انهن انگن ۾ بتدريج بهتري ايندي ويندي ۽ اسانکي اميد ڪرڻ گهرجي ته خريف intensity چاليهه سيڪڙي تائين وڌندي ۽ ربيع لاءِ به ساڳيو انگ ٻيهندو (3) ٻيراجي ڪينالن جون ڊسچارجون اڳيئي ٻيراج ڊويزن پاران ماپيون وڃن ٿيون. اهو ڪم عام معمول مطابق ڪيو وڃي ٿو. تنهنڪري اندازاً خرچ جو سوال ئي نه ٿو پيدا ٿئي البت انهن ماپن ۾ 3+ کان 3_ تائين غلطي جي گنجائش رهندي آهي ۽ انهن کان وڌيڪ ٽُر ماپن جي توقع نه ٿي ڪري سگهجي."



سنڌو درياءَ تي سکر بيراج سکر شهر ڏانهن منهن



غلام محمد بيراج ڪوٽري

باب چوڏهون

معيشت

معيشت تي هي باب هيٺين سيڪشنن تي ٻڌل آهي:

(1) سنڌ ۾ خيرپور جي گهٽي حد تائين زرعي معيشت

(2) ڏنڊن جي ترتيب

(3) زرعي معيشت جون خصوصيتون

(4) صنعتون پوڻ جي حد

(5) واپار تجارت ۽ مواصلات

سنڌ ۾ خيرپور جي گهٽي حد تائين زرعي معيشت

ائين چوڻ ڳالهه کي گهٽ ڪري ٻڌائڻ هوندو ته سنڌ ۾ خيرپور جي معيشت گهٽي حد تائين زرعي آهي. ائين چوڻ صحيح ٿيندو ته اها تمام گهٽي حد تائين زرعي آهي. اها ڳالهه هن باب جي ٻئين سيڪشن مان واضح ٿي ويندي جتي ملڪ جي ڏنڊن جي ترتيب بابت بيان ڏنل آهي. هن مرحلي تي اهو چوڻ ڪافي ٿيندو ته سنڌ ۾خيرپور ۾ صنعتون تمام گهٽ پيون آهن ۽ اتي شهرن ۾ آباد ٿيڻ ۾ ڪو وڏو مسئلو نه آهي ۽ سنڌ ۾ خيرپور ۾ 1947ع کان صنعتن جو دائرو وڌائڻ جي ڪوشش ۽ هندستان مان وڏي انگ ۾ پناهگيرن جي اچڻ جي باوجود ۾ جيڪي هنرمند طبقي سان تعلق رکن ٿا ۽ شهرن جا رهواسي آهن ۽ پهراڻي جي زندگي سان ايترا مانوس نه آهن ته به، انهي حالت ۾ ڪا تبديلي نه آئي آهي. زمين جو نظام لئنڊ رفارمز لاڳو ٿيڻ تائين وڏي حد تائين جاگيرداراڻي نوعيت جو هو. سنڌ حقيقت ۾ سموري پاڪستان جي عام حالتن جو مثالي نمونو آهي. 31 مارچ 1958ع تي مڪمل ٿيندڙ سال لاءِ حڪومت پاڪستان جي بجيٽ سان گڏ ايندڙ اڪانامڪ سروي ۾ بيان ٿيل آهي ته ملڪ جي معيشت جي زرعي ڪردار جي تائيد هن حقيقت مان ٿئي ٿي ته مجموعي قومي آمدني ۾ زراعت جو 60 کان 61 سيڪڙو آهي ۽ ملڪ جي آبادي جي 80 کان وڌيڪ سيڪڙي جي گذران جو ذريعو آهي. سن 1947ع کان پاڪستان جي هڪ نمايان خصوصيت غذائي شين جي ڪوٽ آهي ۽ انهي معاملي ۽ سنڌ ۾ خيرپور تمام اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا چو ته هڪ ته انهن ۾ پوکي لائق اهڙيون وڏيون ايراضيون آهن جيڪي في الوقت پوکي هيٺ نه آهن ۽ ٻيو ته ڪوٽڙي وٽ غلام محمد بيراج ۽ سکر جي اتر ۾ گدو بيراج جي مڪمل طور ڪم ڪرڻ سان پاڻي جهجهي انداز ۾ دستياب ٿيڻ لڳندو. پاڪستان ۾ غذائي شين جي قلت کي منهن ڏيڻ وڏي مدي وارو مسئلو آهي چو ته آبادي ۾ لڳاتار واڌارو ٿي رهيو آهي. سن 1951ع کان 1956ع جي وچ ۾ آبادي ۾ سالياني اضافي جو ڪاٽو 1.4

سيڪڙو هو. ملڪ جي غذا جي صورتحال جو توازن ڏاڍو نازڪ آهي ۽ موسمي حالتن جي سبب غذائي جنسن جي پيداوار ۾ تمام ٿوري قير ڦار ۾ رسد جي صورتحال کي ڊانوا ڊول ڪري ڇڏي ٿي. پاڪستان گذريل ڪجهه ورهين دوران غذائي جنسن جي ڇڪي کوٽ کي منهن ڏنو آهي ۽ کيس درآمدات تي دارومدار رکڻو پوي ٿو جيڪي غير ملڪي ناڻي تي وڏي ڇڪ ڪن ٿيون. وقت بوقت کوٽ جو اعلان ڪيو ويندو آهي ۽ انهي جو پورائو ٻيروني ذريعن مان ڪڍڻ ۽ چانورن جي بندوبست ذريعي ڪيو ويندو آهي.

جيستائين خاص طور سنڌ ۽ خيرپور جو تعلق آهي تہ انهن ۾ زرعي زمين جي مسواڙ عام طور فصل جي اُپت جي صورت ۾ ڏني وبندي آهي. روڪ مسواڙ فقط انهن زمينن جي ورتي وبندي آهي جن ۾ محصولي يعني اهڙا فصل پوکيا ويندا آهن جن جي ورهاست سولائي سان نہ ٿي سگهندي آهي. اهڙن فصلن ۾ ڪمند. تماڪ، ڏٽي ۽ پاڇيون اڇي وڻن ٿا. رواج تحت فصلن جي مقرر ٿيل پيداوار آبپاشي جي نوعيت جي لحاظ کان تبديل ٿيندي رهندي آهي. آبپاشي جو دارومدار وري زمين تي هوندو آهي تہ انهيءَ کي ڪهڙي طرح جو پاڻي گهربل هوندو آهي يا ان کي پاڻي ڪهڙي نموني ڏني سگهجي ٿو جتي زمين پاڻي جي سطح کان گهٽي مٿي هوندي آهي اتي پاڻي پهچائڻ تي خرچ وڌيڪ ايندو آهي ۽ آبادگار طرفان ڏني ويندڙ مسواڙ گهٽ هوندي اهي. پر جتي زمين کي نار جي محنت کان سواءِ پاڻي ڏئي سگهبو آهي اتي مسواڙ وڌيڪ هوندي آهي. ڊل ڏيڻ ۽ سرڪاري واهه يا شاخ منجهان جنهن ڪسي ذريعي پاڻي سندس زمينن تائين پهچي ٿو انهي جي ڪائي ڪرائڻ زميندار جو ڏمو هوندو آهي. نار ذريعي آباد ٿيندڙ زمين تي مروج مسواڙ اپت جو ٽيون حصو آهي جڏهن تہ بج ۽ پاڻ هاري پريندا آهن. پر زميندار ڪڏهن ڪڏهن يا بج يا پاڻ يا ٻئي شيون ڏيندو آهي ۽ موٽ ۾ اڌ يا گهٽ ۾ گهٽ ٻہ پنجان حصا ڪٽندو آهي. اهي پاڻ ۾ طي ڪرڻ جهڙا مسئلا هوندا آهن ۽ انهي ڪري مختلف ضلعن ۾ ورتي ويندڙ مسواڙ جي پيٽ ڪرڻ ڏکيو ٿي پوي ٿو. ٻين منجهائيندڙ مسئلن ۾ زمين جي حالت پڻ اڇي وڄي ٿي تہ ڇا اها پوکي لاءِ تيار آهي يا اتان جهنگ صاف ڪرڻو آهي ۽ جيڪڏهن جهنگ صاف ڪرڻو آهي تہ اهو ڪم هاري ڪندو يا زميندار ڪندو. جيستائين پيٽ ٿي سگهي ٿي انهي لحاظ کان ڇڻي سگهجي ٿو تہ لاڙڪاڻي، سکر ۽ اپر سنڌ فرنٽيئر ضلعن (يعني جيڪب آباد) جي وڌيڪ زرخيز حصن ۾ مسواڙون وڌيڪ آهن. اتي زميندار جو حصو ٻہ پنجان حصا يا اڌ ٻہ ٿئي ٿو جيتوڻيڪ بج ۽ پاڻ هاري ڏئي ٿو. وري حيدراباد جي تعلقن ۾ مسواڙ بلڪل گهٽ آهي. پر عام اڳهه ۾ اهڙي قير ڦار عام نہ آهي. هاڻي باوجود انهي جي جو ڪجهه نون واهن جي صورت ۾ ملندڙ فائدو ٻہ هر ڪائيندڙ آهي ۽ اهڙي ٻہ حالت نہ آهي جو هاري موجود هجن ۽ زمين موجود نہ هجي پر صورتحال انهي جي ابتڙ آهي جو هارين کان وڌيڪ زمين موجود آهي تہ ٻہ ٻنهي ڌرين پاران وقتن کان مروج بڻائي واري رواج کي مان ڏيڻ ۾ ڪا گهٽتائي نظر نہ ٿي اچي. ڪنهن محنت کان سواءِ سيراب ٿيندڙ زمين ڀلي موڪي، بوسي يا سيلابي هجي انهي تي ٻہ اگهه تقريباً يڪسان آهي. ڪڙمي جڏهن بج ۽ پاڻ جو خرچ پريندا آهن اهو اگهه اپت جو اڌ هوندو آهي. پر انهي ۾ ڏني ضلعي ۾ ڪجهه قير ڦار ٿيندي آهي، جو اتي جون حالتون ڪڏهن ڪڏهن مخصوص نوعيت جون هونديون آهن.

گهوڑا پاري ۾ شاهه بندر تعلقن جي زمينن ۾ جتي هر ڪاهڙ جي هلاڪيءَ ڪانسواءِ ٻي سارين جو سڀو فصل پوکي سگهبو آهي اتي زميندار جو حصو پنجن مان چار حصا يا ڇهن مان پنج حصا به هوندو آهي پر بج هو پاڻ ڏيندو آهي. جيئن اڳ ۾ چيو ويو آهي جنهن زمين تي محصولي فصل پوکيا ويندا آهن اها گهٽو ڪري مقرر روڪ اڳهه تي ڏني ويندي آهي. هاڻي انهي تي جنهن رقم جي گهُر ڪئي ويندي انهيءَ جو دارومدار سپاويڪ طور فصل ۾ زميندار جي حصي جي تخميني قيمت تي هوندو بشرطيڪ انهي جي ورهاست ٻڌئي تحت ٺيندي هجي. نتيجي طور زمين جي پيداواريت جي لحاظ کان انهي ۾ ڦير ڦار ٺيندي رهي ٿي. پر جڏهن ڪجهه ٻيون حالتون جهڙوڪ مارڪيٽ سان ويجهڙائي مد نظر رکجن ٺيون ته اهڙي ڦير ڦار وڌيڪ ٿئي ٿي. زراعت ۾ جنگ کان پوءِ نئين تعمير بابت حڪومت جي صلاحڪار سر راجر ٽامسن سي. آءِ. اي. سنڌ ۾ زرعي ترقي بابت پنهنجي نوٽس ۾ سنڌ ۾ خيرپور ۾ زرعي مزدوري جي صورتحال ۽ معيشت ۾ زراعت جي اهميت بابت هي رايا ڏنا آهن. هو چوي ٿو: "سنڌ ۾ زرعي مزدوري (Labour) جي قلت تمام شديد آهي. اُپت گهٽ ٺيڻ جو هڪ سبب اهو آهي. سنڌ جي آبادگار جا ڪم انهن حالتن جي مطابق ٺيندا آهن جن ۾ هو رهندو آهي. هو جيڪا زمين کيڙي ۽ آباد ڪندو آهي انهي کي بهتر ڪرڻ يا انهي کي زرخيز ڪرڻ لاءِ هن کي ڪا ترغيب ۽ شاباس نه ٿي ملي. هن کي ڪي به آبياني، محصول، ڏلون، مسواڙون يا ٻيون سرڪاري ادائگيون نه ٺيون ڪرڻيون پون. هو هر سال ڦٽي جا تقريباً اٺ ايڪڙ ۽ ڪڍڪ جا به لڳ ڀڳ ايترائي ايڪڙ کيڙي وڻي ٿو. انهي سان گڏوگڏ هو ڪجهه ايڪڙ مال جي گاهه ۽ گهٽ مد تي فصلن جا به ڪاهي وڻي ٿو. انهي جي متبادل طور هو رائيس ڪينالن تي سارين جا ٻارنهن يا وڌيڪ ايڪڙ ڪاهي سگهي ٿو. ڪنهن به هاري لاءِ اها ڳالهه عملي طور ناممڪن آهي جو هو ڏڳن جي هڪ جوڙي سان ايترن وڏن علائقن مان وڏ مان وڏ اپت حاصل ڪري سگهي. آبپاشي جون جيڪي به نيون رٿائون زبر غور اهن انهن سان آبپاشي نظام ۾ جيڪا وسعت ايندي انهي سان زرعي مزدورن جو مسئلو اڃا وڌيڪ شديد ٿي ويندو. واهن ذريعي سيراب ٺيندڙ علائقن ۾ رهندڙ ڳوٺاڻن علائقن جا رهواسي زراعت جي ۽ خاص طور فصلن جي لاباري وقت مزدورن جي گهرج پوري ڪرڻ لاءِ ناڪافي آهن. ويجهن غير بيراجي علائقن مان مند تي ايندڙ مزدور انهي مسئلي کي ڪنهن حد تائين پورو ڪن ٿا. اهي مزدور هر سال سرءَ جي مند جي آخر ۾ مون سون فصلن جو لاباروڪرڻ کان فوراً پوءِ پهچي وڃن ٿا. انهن مان اڪثر مزدور مارچ کان مئي مهيني تائين ڪڍڪ جي لاباري تائين هتي رهندا آهن. انهي کان پوءِ اهي ٿر پنهنجي وطن واپس وڃي ايندڙ مون سون جي موسم لاءِ زمينون تيار ڪندا آهن. اهي ماڻهو بيراجي علائقن مان جيڪو روڪ پئسو ۽ اَنُ ڪمائي ڪٽي ويندا آهن. انهيءَ مان انهن جي انهيءَ نالي ماتر ڪمائي ۾ ڪجهه واڌارو ٺيندو آهي جنهن جو دارومدار ڪڏهن ڪڏهن نه پوندڙ مينهن تي هوندو آهي ۽ انهي آمدني تي وري ٿر ۾ گاهي ماهي ايندڙ شديد ڏڪارن جو اثر پڻ ٺيندو آهي. اهي پنهنجا عارضي جهڳا پاڻ ئي ٺاهيندا آهن ۽ پنهنجو سامان سڙو گڏهن ۽ اٺن تي کڻي پيا هلندا آهن. دائمي واهن تي زرعي مزدور سمورو سال رُڌل رهندا آهن ڇاڪاڻ ته موسمي فصل هڪٻئي پٺيان تڪڙا تڪڙا پيا

ايندا آهن. جن مان هر هڪ جي تياري لاءِ زمين کي کيڙڻو پوندو آهي ۽ وقت بوقت پاڻي ڏيڻو پوندو آهي. غير دائمي واهن تي صورتحال انهي لحاظ کان مختلف آهي جو ساريال جنهن کي ڪاهل ماڻهوءَ جو فصل چيو ويندو آهي. انهي کي توجهه گهٽي گهٽ کپندي آهي ۽ انهي کان پوءِ ايندڙ سياري جي فصلن کي پاڻي نه ڏيڻو پوندو آهي. غير دائمي واهن تي حقيقي طور ڪم ڪندڙ مزدورن کي تمام ٿوري حصي تي ڪم ڪرڻو پوندو آهي ۽ اهي ٽڪرا به انهن علاقن ۾ هوندا آهن جتي گهريلو صنعتن کي همٿائڻ گهرجي. ساريالي فصل وارن علاقن ۾ زرعي ڪم ڪار ڪندڙ مزدورن لاءِ چوپايو مال پالڻ آمدني جو اهم ذريعو هوندو آهي ۽ زميندار انهن کان مال پالڻ جو ڪو معاوضو به نٿندو آهي. ڇاڪاڻ ته انهي جو گذران گهٽو ڪري جهنگ چرڻ تي هوندو آهي. سنڌ ۾ زمينن جو وڏو حصو وڏين جاگيرن تي مشتمل آهي. پاڻ هارپو ڪندڙن جي ملڪيت واري زمين تمام ٿوري آهي. اڪثر پوڪ اُپٽ مان حصو وٺندڙ هاري ڪندا آهن. جن کي tenant_at_Will چيو وڃي ٿو اهي زمين تي ڪم ڪندڙ مزدورن ۽ هر جي ڏڳن جو بندوبست پاڻ ڪندا آهن موٽ ۾ انهنکي فصل جي اپٽ جو اڌ ملندو آهي. انهي کي بٽئي نظام چيو ويندو آهي. فصل پوکڻ لاءِ بج جو خرچ به هاري پريندو آهي جڏهن ته لاباري، گاهه ۽ واٽر جو خرچ اڌواڌ ڪيو ويندو آهي. هاري هر سال پوک شروع ڪرڻ کان اڳ چگي روڪ ايڈوانس جي گهُر ڪندا آهن. اها رقم انهن جي فصل جي حصي مان ڪٽي وٺندي آهي. ڪجهه بي ضمير زميندار پنهنجن هارين جي اڻ پڙهيل هئڻ جو فائدو وٺندي انهن جي حقي حصي جو ڪجهه حصو ڪٽي وٺندا آهن ۽ انهنکي دائمي قرض ۾ رکندا آهن. فصل جا ڪاتا گهٽو ڪري اهڙي نموني ۽ اهڙي لکت ۾ رکيا ويندا آهن جيڪي لکندڙ کان سواءِ ٻئي ڪنهنکي سمجهه ۾ نه ايندا آهن. روينيو ڪمشنر ۽ حڪومت جي روينيو سيڪريٽري کان سن 1954ع ۾ سنڌ ائگريڪلچرل ڪميشن آڏو بيان ڏيندي سوال ڪيو ويو ته ڇا هن وٽ عام ماڻهن جي معاشي حالت سڌارڻ لاءِ ڪي تجويزون آهن ۽ زمين جي پيداوار وڌائڻ جا ڪهڙا طريقا ٿي سگهن ٿا؟ هن جواب ڏنو ته سرڪاري پاليسي جو بنياد عوام جي حالت بهتر بنائڻ هو. انهي جو به گهٽي حد تائين دارومدار بٽئي تي آهي جيڪا في الوقت اڌواڌ جي بنياد تي ڪئي وڃي ٿي. هن کان پڇيو ويو ته "جيڪڏهن عوام جي حالت ۾ بهتري آڻڻ لاءِ اسين بٽئي جي اڌواڌ بنياد کي وڌائي هاري کي وڌيڪ حصو ڏيون ۽ زمينداڙ کي گهٽ حصو ڏيون ته ڇا توهان انڪي قدم جي حمايت ڪندؤ؟ انهي جو هن جواب ڏنو ته: "انهي سان ڪجهه وقت لاءِ حڪومت جي محصولي نظام ۾ گڙبڙ پيدا ٿي ويندي. ڇاڪاڻ ته پوءِ زميندار به اها دعويٰ ڪندو ته ڏِل جو ڪجهه حصو به هاري ڏئي جيئن پنجاب ۾ ٿئي ٿو. انهي سان آخر ڪاري هاري کي ڪوبه فائدو نه ٿيندو. سر سڊني رڊلي پنهنجي راءِ ڏيندي چيو ته: "سنڌ ۾ زمين جي روڪ مسواڙ جو ڪو سرشتو چالو نه آهي. اها ڳالهه مون کي فقط ملير ۾ نظر آئي آهي. جيڪو خود مارڪيٽ ۽ باغن وارو علاقو آهي جنهن جو وڏو ڪارج ڪراچي شهر جي ياڄين جي ضرورتن جو پورائو ڪرڻ آهي. سر سڊني رڊلي کان جڏهن پڇيو ويو ته هو بٽئي نظام ۽ زميندارن ۽ هارين جي وچ ۾ زمين جي مسواڙ واري نظام مان ڪنهن جو حامي آهي ته هن جو جواب هو ته هو بٽئي نظام جاري رکڻ جو حامي هو ڇاڪاڻ ته اهڙي

صورت ۾ زمين جو مالڪ زمين ۾ دلچسپي برقرار رکي ٿو. هن جو چوڻ هو ته: "توهان جيڪڏهن مسواڙ جي نظام کي هٽي وڃائيندؤ ته انهي سان غير موجود مالڪ وارو نظام زور وٺندو. اسان کي لازماً زميندار جي دلچسپي برقرار رکڻ گهرجي."

گذريل پنجاهه ورهين دوران قيمتن ۾ اجرتن جي اپياس مان ڪو گهڻو فائدو نه ٿيندو چو ته انهي مان به گهڻي حد تائين فقط ناڻي جي ملهه ۾ لاهه چاڑهه جي خبر پوندي. هندستان ۾ برطانوي حڪومت جي آخري نسل جي هڪ خصوصيت هندستاني معيشت جو وڏي حد تائين جنسن جي عالمي رسد سان ڳنڍجي وڃڻ هو. قيمتن ۾ اجرتن جي عام سطح ۾ ڦير ڦار مان فقط اهائي خبر پئي ته هندستاني معيشت ٻنهي عالمي جنگين واري عرصي دوران ڪهڙين مشڪلاتن هيٺ رهي هئي.

سن 1907ع کان موجوده وقت تائين قيمتون ۽ اجرتون مجموعي طور يڪسان رهيون آهن. درحقيقت سن 1900ع کان 1939ع تائين سيني طبقن جي ماڻهن جي زندگي ۾ ڪا وڏي تبديلي نه آئي هئي. هندن سڌاري ڏانهن وک جاري رکي پر مسلمان گهڻو ڪري هڪ هنڌ بيٺل رهيا. انهي جو سبب شايد زندگي بابت نظريي ۾ فرق ۾ ڏسي سگهجي ٿيو. سن 1907ع کان 1930ع تائين قيمتون مجموعي طور مستحڪم رهيون ۽ عمومي طور زراعت سان لاڳاپيل ماڻهن لاءِ ناسازگار نه هيون. سن 1930ع کان 1939ع تائين ۽ خاص طور انهيءَ دور جي وچ واري وقت ۾ زرعي طور سخت ٻاڙائي رهي ۽ زرعي پيداوار جون قيمتون تمام گهٽ رهيون. انهي دوران زراعت سان لاڳاپيل ماڻهن يعني زميندار ۽ سندس هاري سخت دٻاءُ کي منهن ڏنو. پر سن 1939ع کان ۽ ٻين مهاڀاري جنگ شروع ٿيڻ سان زرعي قيمتن ۾ تمام وڏي بهتري اچي وئي ڇاڪاڻ ته جنگ جي ورهين دوران غذائي شين جي طلب وڌي وئي هئي. وڌين قيمتن جي سبب زرعي شعبي سان لاڳاپيل ماڻهو ڏاڍا خوشحال ٿي ويا ۽ وڌين قيمتن جي سبب سنڌ نه فقط پنهنجو بيراج وارو قرض لاهڻ جي قابل ٿي وئي پر نفعو بہ ڪمايائين جنهن مان ڪيترين ئي سرڪاري عمارتون ٺهي سگهيون. خاص طور سماجي دائري ۾ سڌاري جي رڃائن جو وڏو انگ تيار ڪيو ويو. اها ڳالهه شايد انهي وقت دنيا جي انهي عمومي سوچ جو حصو هئي ته جيئن ته هڪ ڪن جنگ پڄاڻي تي پهچي چڪي هئي تنهنڪري آبادي جي تمام پنتي پيل حصن جي مادي حالت ۾ سڌاري لاءِ مضبوط قدم کنيا وڃن. انهن وڏين رڃائن لاءِ پئسو انهن بچتن مان اچڻو هو جيڪي ٻئين مهاڀاري لڙائي دوران گڏ ٿي ويون هيون جو تڏهن نه ئي عام ترقياتي پروگرام شروع ڪري ٻيا سگهجن نه ئي موجود ادارن جي مرمت ۽ سار سنڀال جو ڪم ٿي پئي سگهيو. سن 1947ع کان 1955ع تائين ورهاڱي ۽ ورهاڱي کان پوءِ واري مونجهاري جو دور هو. انهيءَ ئي دور ۾ رياست کي جديد انداز ۾ سڌارڻ لاءِ ٻاهران مدد ملڻ شروع ٿي. انهي سموري عرصي دوران سنڌ حڪومت تمام پُر عزم رهي ۽ ڪيترين ئي رڃائون شروع ڪيائين.

قيمتن جي سطح جي اپياس مان جيتوڻيڪ ڪي غير مربوط نتيجائي ڪڍي سگهجن ٿا ته بہ پڙهندڙ کي برطانوي راج جي شروعات کان وٺي مختلف ورهين ۾ ڪڪ جي هڪ مڙ جي قيمتن جي ٻيٽ

ڀر دلچسپي ٿي سگھي ٿي. برطانوي راج جي شروعات کان انھي ڪري جو اناج جي قيمتن بابت انگ اکر بہ تڏھن کان رکجڻ شروع ٿيا.

مقامي طور ڪڻڪ ۽ چانور جون في مڻ قيمتون

سال	ڪڻڪ	چانور
1844_50	1_0_7	0_15_7 سنڌ (سراسري)
1896_1906	3_11_3	4_3_4 سنڌ (سراسري)
1915	5_10_0	7_8_0 حيدرآباد
سيپٽمبر 1951	9_8_0	11_0_0 دادو
جنوري 1953	15_8_0	13_0_0 دادو
مارچ 1956	11_12_0	14_0_0 دادو

قيمتن جي سطحن جو اڀياس، جن مان ھنن اسمن جي چونڊ اوٺ تي ڪئي وئي آھي، اقتصادي ماھرن ۽ سماجياتدانن جي ڪرڻ جو ڪم آھي. ڇاڪاڻ تہ انھي سان لاڳاپيل ھڪ سوال سماجي سببن جي ڪري ناٿي جو ملھ گھٽ ٽيڙ آھي ۽ اھا ڳالھ نہ فقط سنڌ پر سموري دنيا ڀر ٿي. وري انھي سوال تي بہ غور ٿي سگھي ٿو تہ عالمي لاڙن سبب سنڌ ڀر قيمتن تي جيترو اثر پيو آھي. اھو انھي ڳالھ جو اھجاڻ آھي تہ سن 1843ع جي ڏينھن کان وٺي عالمي معيشت تجارتي طور بہ ايتري ئي حد تائين پاڻ ڀر ڳنڍجي چڪي آھي. سن 1843ع ڀر سر چارلس نيپيئر مياڻي جي جنگ کٽي ھئي.

مٿئين جدول مان اھي عام نتيجا ڪڍي سگھجن ٿا تہ مياڻي جي جنگ کان 50 ورھيہ پوءِ ڪڻڪ ۽ چانورن جي قيمتن ڀر واڌ مان اھو مطلب ڪڍڻ گھرجي تہ اھي انھي ڳالھ جو اھجاڻ آھن تہ عمومي ترقي تي خرچ ڪيترو آيو ۽ پڙ انھي مان اھا بہ خبر پوي ٿي تہ اٽويھين صدي جي پوئين اڌ ڀر ھر قسم جي سھوليتن ڀر واڌ اچي وئي ھئي. سن 1915ع جا انگ اکر اھڙي دور سان تعلق رکن ٿا جڏھن پھرئين جنگ عظيم ڏاڍي ڳنڀير حالت ڀر ھئي ۽ رسد جي ڪوٽ ايتري ئي شديد ٿي وئي ھئي جيتري ٻين جنگ عظيم جي ڳنڀير ڏينھن ڀر ٿي وئي ھئي. جيستائين 1951، 1953ع ۽ 1956ع جي انگن اکرن جو تعلق آھي تہ سن 1953ع کي اھڙو سال سمجھڻ گھرجي جنھن تي ڪيترائي غير معمولي اثر پيا. انھي سال اوپر پاڪستان ڀر اناج جي شديد قلت پيدا ٿي ۽ سنڌ مان اناج حاصل ڪرڻ پيو جيئن انھي ڳالھ کي يقيني بڻائي سگھجي تہ وڌيڪ پيداوار رکندڙ صوبا پاڪستان جي متاثر علاقن جي امداد لاءِ ناھيل ذخيري ڀر پنھنجو حصو ڏين. سن 1956ع جا انگ اکر اھا سطح ڏيکارين ٿا جنھن تي قيمتون ھاڻي گھٽ وڌ استحڪام وٺي چڪيون آھن ۽ اھي ناٿي واڌ جي شرح ڏانھن بہ اشارو ڪن ٿيون. جديد رياست عوامي ڀلائي جي جن ڳالھين کي ضروري ۽ اٽٽر سمجھي ٿي انھن لاءِ ادائگي بہ ٿي رھي آھي.

II_ ڌنڌن جي رٿا (Occupational Scheme)

سن 1951ع واري آدمشماري ۾ ملڪ جي ڌنڌن واري رٿابيان ڪرڻ لاءِ ڪجھ نوان قسم ڪتب آندا ويا. آدمشماري کي اقتصادي حيثيت جي ٻن وڏن قسمن ۾ ورهايو ويو (1) خود ڪفيل ۽ (2) ٻين تي دارومدار رکندڙ. خود ڪفيل کي ورڇ (1) زرعي مزدور (2) غير زرعي شهري مزدور ۽ (3) شهري مزدورن ۾ شموليت نہ رکندڙ فردن وارن درجن ۾ ورهايو ويو. هٿياربند فوجن جا ماڻهو شهري مزدورن جي طبقي مان خارج هئا ۽ انهي ۾ اقتصادي طور سرگرم ٻيا سڀ ماڻهو شامل هئا. اهڙا سڀ ماڻهو جيڪي ٻئي ڪنهن جي نوڪري ۾ هئڻ بجاءِ پنهنجي مٽي ڪم ڪن ٿا، پگهاردار نوڪر، ڏهاڙي ڪمائيندڙ ۽ بغير اجرت جي ڪم ڪندڙ اهڙا ڪٽنبي ڪارڪن جيڪي سنئون سڌو ڪٽنب جي ڪاروبار ۾ ڪم ڪن ٿا اهي شهري مزدور جي اصلاح هيٺ اچي وڃن ٿا. ٻين لفظن ۾ شهري مزدور طبقي ۾ اهڙا سڀ ماڻهو اچي وڃن ٿا جيڪي اقتصادي مُلهہ رکندڙ معاوضو ڏيندڙ سرگرمين ۾ مصروف آهن ۽ انهي ۾ اهي بيروزگار ماڻهو به اچي وڃن ٿا جيڪي جيتوڻيڪ روزگار سان لڳل نہ آهن پر روزگار جي ڳولها ۾ آهن ۽ ڪو روزگار ڪرڻ جي قابل آهن. انهي اصطلاح ۾ ڪو ڪم ڪار نہ ڪندڙ ماڻهو شامل نہ آهي. جهڙوڪ شاگرد، ڪم تان رٽائرڊ ٿيل، جيلن ۽ پاڳل خانن ۾ رهندڙ ۽ فقير. خود ڪفيل ڪنهن حد تائين خود ڪفيل يا اهڙا ماڻهو جن کي ڪنهن روزگار جي ڳولها نہ هجي انهنکي ٻين تي دارومدار رکندڙن جي خاني ۾ رکيو ويو. ٻارهن ورهين کان گهٽ عمر وارن کي ٻ ٻين تي دارومدار رکندڙ فرض ڪيو ويو. انهيءَ بنياد تي هيٺئين جدول ۾ آدمشماري جي في سيڪڙو ماڻهن جي اقتصادي حيثيت ڏيکاريل آهي.

ضلعا	جملي آدمشماري	خود ڪفيل شهري مزدور طبقو			ٻين تي دارومدار رکندڙ	
		زراعت سان لاڳاپيل	زراعت سان اڻ لاڳاپيل	شهري مزدور طبقي ۽ ٻاهر غير سرگرم	12 ورهين کان گهٽ عمر وارا	12 ورهين کان وڌيڪ عمر وارا
سنڌ ۽ خيرپور رياست	4925342	24.1	9.3	0.6	34.4	31.6
سنڌ	4605934	24.0	9.5	0.7	34.2	31.6
خيرپور رياست	319408	25.1	6.9	0.7	37.1	30.2

هن جدول مان اها ڳالهہ ظاهر ٿيندي تہ سنڌ ۽ خيرپور ۾ ٻين تي دارومدار رکندڙ جملي آدمشماري جو 66 سيڪڙو آهن. اهڙي صورت ۾ ملڪ جي پيداواري سرگرمين جو بار ڪٽڻ لاءِ فقط 34 سيڪڙو ماڻهو باقي بچن ٿا. انهن 34 سيڪڙو منجهان 24.1 سيڪڙو زرعي ڪم ڪار ۾ مصروف هئا، 9.3 سيڪڙو غير

زرعي ڪمن ۾ 0.6 سيڪڙو اهڙي طبقي ۾ هئا جيڪو شهري مزدوري ۾ نه هو ۽ غير سرگرم هو. سنڌ ۽ خيرپور جي اقتصادي طبقن ۾ ڪم ڪندڙن جو سيڪڙو هيٺئين جدول ۾ ڏيکاريل آهي.

(هيٺين ست ۾ عورتن جو سيڪڙو ڏيکاريل آهي)

مکيہ اقتصادي طبقا	سنڌ ۽ خيرپور	سنڌ	خيرپور
جملي	1.00	1.00	1.00
	2.2	2.3	0.5
پوکي راهي	68.1	67.1	73.2
	1.7	8.1	0.4
ڇوپايو مال پالڻ	2.0	2.0	2.0
	0.004	0.04	0.005
زراعت سان لاڳاپيل ٻيا ڪم	0.3	0.3	0.3
	0.006	0.01	---
ٻيلو	0.006	0.01	--
مڇي مارڻ	0.6	0.01	--
	0.01	0.01	--
ڪاٽيون ڪوٽڻ	0.03	0.03	0.005
مينوفيڪچرنگ	4.9	5.0	4.0
	0.0	0.7	0.04
تعميرات	0.5	0.5	0.5
	0.002	0.002	
واپار	7.1	7.1	6.2
	0.07	0.07	0.01
ٽرانسپورٽ ۽ جهازراني	1.1	1.2	0.7
	0.003	0.003	0.001
پوسٽ ۽ ٽيليڪميونيڪيشن	0.05	0.05	0.001
تعليم	0.5	0.5	0.7
	0.01	0.01	0.01
طب	0.2	0.2	0.2
	0.03	0.03	0.02

سرڪاري ۽ ميونسپل وغيره	2.6 0.01	2.6 0.01	2.1 0.004
گهريلو ۽ شخصي خدمتون	3.1 0.1	3.1 0.1	3.2 0.02
مذهب، آرٽ، پبلڪ انفارميشن	0.2 0.02	0.2 0.03	0.2 ---
انهن ڪانسواءِ/ ڪنهن طبقي ۾ نه ايندڙ ۽ بيروزگار	6.5 0.2	6.7 0.2	3.2 0.0

مٿيئن جدول مان ڏسڻ ۾ ايندو ته سنڌ ۽ خيرپور ۾ ڪم ڪندڙ آدمشماري جو 68.1 سيڪڙو پوکي راهيءَ ۾ مصروف هو. 7.1 سيڪڙو وڏج واپار ۾، 4.9 سيڪڙو مينوفيڪچرنگ ۾، 2.6 سيڪڙو گورنمينٽ ۽ ميونسپل جي نوڪريءَ ۾ جڏهن ته 6.5 سيڪڙو اهڙا ماڻهو هئا جيڪي ڪنهن خاص طبقي ۾ نه ٿي آيا ۽ بيروزگار ۽ انهي حصي ۾ شامل هئا. جملي 16.44 لک شهري محنت ڪش طبقي مان 11.48 لک پوکي راهي ۾ مصروف هئا ۽ پيا ٿي لک مختلف طبقن ۾ هن ريت ورهايل هئا: 33.1 هزار چوپايو مال پالڻ: 8.2 هزار عمارت سازيءَ ۾، 10.3 هزار مڇي مارڻ ۾، 81.1 هزار مينوفيڪچرنگ ۾، 1.16 لک وڏج واپار ۾، 18.7 هزار ٽرانسپورٽ ۽ جهازراني ۾، 8.2 هزار تعليم ۾، 4 هزار طبي خدمتن ۾، 42.4 هزار گورنمينٽ ۽ ميونسپل نوڪرين وغيره ۾، 51.4 هزار گهريلو ۽ خانگي نوڪرين ۾ جڏهن ته 3.3 هزار مذهب، آرٽ ۽ پبلڪ انفارميشن سان واڳيل هئا، پر تقريباً سڀني غير هنرمند مزدورن سميت 1.13 لک ڪنهن به طبقي ۾ شامل نه آهن.

زرعي انگ اکر في سيڪڙو آبادگار

ضلعا ۽ رياستون	آبادگار	مالڪ		مسواڻي		
		ڪيڙيل سموري زمين	ڪجهه مالڪي واري ڪجهه مسواڻي زمين ڪيڙيل	ڪيڙيل سموري زمين	سموري ڪيڙيل زمين	زرعي مزدور
سنڌ ۽ خيرپور	1147705	15.6	7.9	72.6	1.2	2.7
سنڌ	1069826	14.5	7.4	74.1	1.2	2.8
خيرپور	77879	31.3	14.3	52.4	0.8	1.2

سنڌ توڙي خيرپور ۾ ڪم ڪندڙن جي اڪثريت ڪرمت ڪندڙ آهي. انهيءَ کان پوءِ ماڻهن جو وڏو انگ وڏج واپار، مينوفيڪچرنگ، گورنمينٽ ۽ ميونسپل جي نوڪرين ۽ گهريلو ۽ ذاتي ڪم ڪار ۾

لڳل آهي. مکيہ شهرن ۾ ڪم ڪار ڪندڙن جي اڪثريت وڻج واپار ڪري ٿي. آبادگارن جي زرعي حيثيت بابت ڄاڻ ڪي ورهائڙ سان ڏسڻ ۾ ايندو تہ سنڌ ۾ خيرپور جي مجموعي طور 1147705 آبادگارن مان 15.6 سيڪڙو جيڪا زمين ڪيڙيندا هئا، انهي سموري جا مالڪ هئا. 7.9 سيڪڙو اهڙا مالڪ هئا جيڪي ڪجهہ پاڻ ڪيڙيندا هئا ۽ ڪجهہ مسواڙ تي ڏني هئائون. 72.6 سيڪڙو اهڙا ماڻهو هئا جن وٽ سموري زمين ٻين کان مسواڙ تي ورتل هئي ۽ 1.2 سيڪڙو ماڻهو مسواڙي بہ هئا ۽ اجرت تي ڪم پڙ ڪندا هئا ۽ 2.7 سيڪڙو زرعي مزدور هئا. فقط خيرپور ۾ جملي 77879 آبادگارن مان 31.3 سيڪڙو مالڪ بہ هئا ۽ فصل بہ ڪاهيندا هئا ۽ 14.3 سيڪڙو وٽ ڪجهہ زمين پنهنجي هئي ۽ ڪجهہ مسواڙ تي کنيل هئن ۽ 52.4 سيڪڙو اهڙا هئا جن وٽ سموري زمين مسواڙ تي ورتل هئي. وري 0.8 سيڪڙو ماڻهو زمين مسواڙ تي ڪڍڻ سان گڏوگڏ ڌاڙي تي ڪم پڙ ڪندا هئا. زرعي مزدورن جو تناسب 1.2 هو. انهي جدول مان اهو نتيجو نڪري ٿو تہ سنڌ ۽ خيرپور ۾ مجموعي طور سمورن آبادگارن مان 23.5 سيڪڙو اهڙا آبادگار هئا جيڪي پنهنجي زمين جا مالڪ بہ پاڻ هئا 73.5 سيڪڙو ماڻهو مالڪ نہ هئا پر انهن وٽ مسواڙ تي زمين هئي. يعني ٽلهي ليکي اهو چئي سگهجي ٿو تہ جملي آبادگارن مان هر چئن مان هڪ زمين جو مالڪ هو ۽ ٽن وٽ زمين مسواڙ تي هئي. سن 1951ع جي آدمشماري رپورٽ ۾ ڄاڻايل آهي تہ سنڌ ۾ خيرپور سميت زرعي ڪم ڪندڙ جو جملي انگ 1186247 هو ۽ جملي پوکي لائق ايراضي 14168443 ايڪڙ هئي جن مان 50-1949ع تي ختم ٿيندڙ سراسري طور ٽن ورهين ۾ هر سال حقيقت ۾ 5956620 ايڪڙ زمين پوکيءَ هيٺ ايندي هئي. انهي مان اهو حساب نڪري ٿو تہ زرعي ڪم ڪندڙ هڪ فرد لاءِ پنج ايڪڙ نڪرن ٿا. ايتري زمين اقتصادي طور سڀا نتيجا ڏيندڙ نہ آهي. انهي سراسري حساب جي هن کان وڌيڪ کابہ حيثيت نہ آهي تہ اڳتي هلي جيڪڏهن ڪنهن وقت خود آبادي ڪندڙ آبادگارن ۾ زمين ورهائڻي پئي تہ انهي جي بنياد تي حساب ڪري سگهبو. انهن پنجن ايڪڙن جي انگ مان اهو نتيجو نہ ٿو ڪڍي سگهجي تہ سنڌ ۾ زراعت پيشہ ماڻهن جي اڪثريت مڪمل غربت ۾ رهي ٿي. آدمشماري رپورٽ ۾ زراعت پيشہ ماڻهن جي اقتصادي حالت بابت بحث ڪي سميٽيندي اهو چيو ويو آهي تہ ٽر ۽ دادو جي جابلو علائقن ۽ برسات تي آباد ٽيندڙ علائقن ۾ انهن جي حالت ڏاڍي خراب آهي ۽ سکر بيراج کان ٻاهرين علائقن وارن ماڻهن جي حالت سراسري کان بہ گهٽي هيٺ آهي. البت جيڪي سکر بيراج جي علائقي ۾ رهن ٿا اهي بہ فقط گذران ٻيا ٿا ڪن. اهو جڙ تہ عام قاعدو آهي تہ "آدمشماري سپرنٽنڈنٽ جا لفظ آهن." سنڌ جا ماڻهو پنهنجي پوشاڪ ۽ کاڌي پيتي ۾ گهٽ خرچائو آهن ۽ عام طور سادي زندگي گذارين ٿا. البت صوبي جي مختلف حصن ۾ زندگيءَ جو معيار مختلف آهي. ٽري ماڻهو عام طور ڪچين جهوپڙين ۾ رهندا آهن ۽ انهن جو عام رواجي کاڌو ڏينهن ۾ بہ دفعا کير يا ڏوڻري سان سادي ماني هوندو آهي. عام طور هر زراعت پيشہ ماڻهو وٽ ڪجهہ ڍور هوندا آهن جيڪي کيس نہ فقط کير مکڻ ۽ ڏوڻر و ڏيندا آهن جيڪي ماني سان کاڌا ويندا آهن پر سندس ٻني ۾ ڪم لاءِ ڍڳا بہ پيدا ڪندا آهن. سکر بيراج جي علائقي ۾ ماڻهن جي گهرن جون ڀتيون عام طور متيءَ جون ٺهيل هونديون

آهن ۽ انهن جي پوشاڪ ۽ جيتوڻيڪ سادي پر سٿي هوندي آهي. انهن جي عام رواجي غذا کير، مکڻ، پاڃيون، داليون، چانور ۽ ننڍو گوشت هوندي آهي پر انهن وٽ هر ويلي جي ماني ۾ عام طور فقط هڪ شي هوندي آهي. ٻين علائقن ۾ ۽ ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي جيتوڻيڪ مٽي بيان ٿيل صورتحال کان گهڻي مختلف نه هوندي آهي پر چئجي ته اجا وڌيڪ سادي هوندي آهي ۽ اهي گهڻو ڪري ڪچن گهرن ۾ رهندا آهن. سنڌ جا ڪڙمي سخت زندگي گذارڻ تي مجبور آهن. جيڪڏهن انهن جو فصل نه ٿيندو آهي ته اهي ويجهي شهر ڏانهن هليا ويندا آهن ۽ کين جيڪو به سهنجو اهنجو ڪم ملندو آهي سو ڪندا آهن.

اهو بيان جيتوڻيڪ عمومي طور ڇڪو درست آهي پر انهيءَ مان سنڌ ۽ خيرپور جي پهراڙيءَ وارن علائقن جي حالتن جي تمام اونداهين تصوير نظر اچي ٿي. انهن حالتن کي زندگي جي انهي معيار سان گڏ ذهن ۾ رکڻ گهرجي جنهن تي آبادگار مجبور آهي ۽ اهو اڪثر حالتن ۾ انهي کي جيئن جو تيئن برقرار رکڻ گهرجي ٿو. آبادگار جنهن قسم جا گهر ۽ اجها ڪم آٽين ٿا انهن ۾ به گهڻي حد تائين سهوليت جو خيال رکيو وڃي ٿو. گهڻن علائقن ۾ اهي فقط انهي ڪري اهڙا ناهيا وڃن ٿا جو اهي پهراڙي جي موسمي حالتن جي مطابق آهن. وري اهو تجويز ڪرڻ به صحيح نه هوندو ته ڳوٺاڻي آبادي جي حالت ۾ بهتري آڻڻ جو بهترين طريقو اهو آهي ته مادي آسائشن ۾ ڪنهن قسم جو اضافو ڪيو وڃي خاص طور جيڪڏهن وڌيڪ سهوليتون حاصل ڪرڻ جي تڪڙ ۾ مجيل ادارن ۾ رهڻي ڪهڻي جي طريقن کي تمام تڙ تڪڙ ۾ تبديل ڪيو ويو ته اهو به صحيح نه ٿيندو. اهڙي ڏکي صورتحال دنيا جي اڪثر حصن ۾ واقع ٿي چڪي آهي. جتي مادي حاصلات تي تمام گهڻو زور ڏنو ويو ۽ پراڻين جميل معيشتن جي وند ورهاست تي مناسب ڌيان نه ڏنو ويو

سنڌ ۽ خيرپور زرعي علائقا آهن پر انهن ۾ زرعي پيداوار جي پروسيسنگ ۽ مينوفيڪچرنگ لاءِ ڪنهن به سائيز جا صنعتي ادارا نه آهن سواءِ دادو لاڙڪاڻي، جيڪب آباد، سکر ۽ ٽرپارڪر ضلعن جي سارين وارن علائقن ۾ جتي ساريون چڙڻ جا ڪارخانا آهن ۽ نوابشاهه ٽرپارڪر ۽ حيدرآباد ضلعن جي ڪٽين وارن علائقن ۾ جتي ڪپهه ٽاڻڻ جا ڪارخانا آهن. خيرپور ميرس ۽ حيدرآباد ۾ ٽيڪسٽائيل ملون ۽ سيني شهرن ۾ اٽي جون چڪيون آهن. هڪ نج زرعي معيشت ۾ صنعت انهي حد تائين اڃي سگهي آهي.

جيڪڏهن غير زرعي مزدورن جي ڏنڊن جو جائزو ورتو وبندو ته ڏسڻ ۾ ايندو ته هينئين جدول سنڌ ۽ خيرپور جي مجموعي صورتحال ڏيکاري ٿي. اهي انگ اکر سنڌ ۽ خيرپور جي 1951ع جي آدمشماري رپورٽ جي ٽيبل II- اي تان ورتا وبا آهن ۽ هي انگ اکر هزارن ۾ ڏيکاريل آهن.

غير زرعي مزدور
سنڌ ۽ خيرپور

پيشه ور گروپ	ماڻهن جو مجموعي تعداد
غير زرعي مزدور	458
پروفيشنل ۽ ٽيڪنيڪل	18

انجنيئر، آرڪيٽيڪٽ وغيره	---
ٽرانسپورٽ مئنيجر، پائليٽ وغيره	---
پروفيسر ۽ استاد	8
مذهبي ڪارڪن	2
ڊاڪٽر ۽ ڪارڪن	3
نرس ۽ ٻيا طبي ڪارڪن	1
ليکڪ، ايڊيٽر ۽ صحافي	---
جج، وڪيل وغيره	---
ڪيميادان ۽ ڏاتن جي ڇاڻ رکندڙ	---
ٻيا ڏندا	3
انتظامي	41
ڪاروبار هلائيندڙ وڏا عملدار	5
حڪومت وغيره	---
دفتري ڪارڪن	36
وڪري ڪندڙ ۽ دڪاندار	100
ٻيلن ۾ ڪم ڪندڙ	---
مهاڻا	10
ڪاڻ مزدور	---
ٽرانسپورٽ هلائيندڙ	13
روڊ	8
ريلوي	4
ساموندي ۽ درياٽي ٻيڙا هلائيندڙ	1
هوائي ٽرانسپورٽ	--
مينوفيڪچرنگ جو ڪم ڪندڙ (هنر مند)	76
ڏاتو جو ڪم ڪندڙ	15
ٽيڪسٽائيل جو ڪم ڪندڙ	20
ڪاٺ جو ڪم ڪندڙ	11
ڪوئلي، سيمينٽ، سرن وغيره جو ڪم ڪندڙ	1

شيشي ۽ سرامڪ جو ڪم ڪندڙ	7
ڪيمياڻي رنگ ۽ تيل مل جو ڪم ڪندڙ	1
چمڙي جو ڪم ڪندڙ	13
ڪاغذ جي ڪارخاني ۾ ڪم ڪندڙ	---
ڇپائي جو ڪم ڪندڙ	---
عمارت سازي جي پيشي سان واڳيل	6
بجلي جو ڪم ڪندڙ	1
هنر ذريعي ٻيو پيداواري ڪم ڪندڙ	1
غذا، مشروبات ۽ تماڪ جي پروسيسنگ جو ڪم ڪندڙ	9
غير هنرمند ڪارڪن	130
گهريلو نوڪر	31
ٻين خدمتن (Services) سان لاڳاپيل	17
پوليس، فائر برگيڊ وغيره	12
ڪنهن خاص طبقي ۾ نه ايندڙ	---

عورت مرد غير زرعي مزدورن جو گڏيل انگ 458000 هو. انهي گڏيل انگ ۾ مکيه طبقا هي هئا: پروفيشنل ۽ ٽيڪنيڪل ڏنڏا 18000، انتظاميه 41000، دڪاندار ۽ وڪري وارا هڪ لک مهاٽا ڏهه هزار، ٽرانسپورٽ هلائيندڙ 13000، مينوفيڪچرنگ جو ڪم ڪندڙ 76000، مينوفيڪچرنگ وري هنن مکيه حصن ۾ ورهايل آهي: ڏاتو جو ڪم ڪندڙ پندرهن هزار، ٽيڪسٽائيل جو ڪم ڪندڙ ويهه هزار، ڪاٺ جو ڪم ڪندڙ 11000، چمڙي جو ڪم ڪندڙ 13000، عمارت سازي 6000، شيشو ۽ سرامڪس ست هزار، غذا، مشروبات تماڪ 9000، غير هنرمند مزدور 130,000، گهريلو خادم 31000، ٻين نوڪرين ۾ ڪم ڪندڙ 17000، پوليس ۽ فائر برگيڊ وغيره 12000. سموري سنڌ ۽ خيرپور ۾ انهن طبقن ۾ عورتن جو شمار ڪيل انگ فقط 9000 هو. جيڪو لڳي ٿو ته تمام گهٽو ڏيکاريل آهي. فقط پروفيشنل ۽ ٽيڪنيڪل طبقن ۾ عورت ڪارڪن جو چڱو انگ ڏيکاريل آهي جنهن ۾ 1000 عورتون اڇي وڻن ٽيون، دڪانداري ۽ وڪري ۾ انهن جو انگ ساڳيو هڪ هزار آهي ۽ پڙ ٽيڪسٽائيل ۾ هڪ هزار جي انگ ۾ آهن. غير هنرمند عورت مزدورن جو انگ ٽي هزار ۽ گهريلو خادمائن ۾ انهن جو انگ هڪ هزار آهي. غير زرعي مزدورن ۽ عورتن جي روزگار جي شرح کي زرعي مزدورن ۾ عورتن جي روزگار جي شرح سان پيٽ ڪئي ويندي ته ڏسڻ ۾ ايندو ته زرعي مزدورن ۾ عورتن جو انگ 28000 ڪٽايل آهي. جن مان سڌا ستاويهه هزار ڪڻي ۽ زرعي مزدور آهن ۽ 448 بيروزگار ڏيکاريل آهن. آدمشماري جي جدولن ۾ جن ڪڻين کي بيروزگار ڏيکاريل آهي اهي عام طور اهڙا ڪڻي آهن جيڪي آدمشماري وقت بيروزگار هئا. انهن مان

اڪثريت وٽ ٻ ٽي سگهي ٿو ته زمين پنهنجي يا مسواڙ تي هجي جنهن جو آبپاشي جي لحاظ کان برسات يا درياءِ ٻوڏ تي دارومدار هجي يا انهن کي اهڙن واهن مان پاڻي ملندو هجي جن ۾ خود پاڻي جي ڪوٽ هجي ۽ اهڙي زمين تي پاڻي جي ڪوٽ سبب فصل نه ڪاهيو ويو هجي ۽ انهي ڪري ئي ڪڙمين آدمشماري وقت پاڻ کي بيروزگار ڏيکاريو هجي. اهڙا بيروزگار شخص سمورن ضلعن ۽ خيرپور رياست ۾ پکڙيل هئا پر سڀ کان وڌ ۾ انگ 7065 ٽرپارڪر ضلعي ۾ هو. انهي ۾ ٽر جي سموري ايراضي فقط مينهن جي پاڻي تي آباد ٿئي ٿي. سن 1951ع جي آدمشماري مطابق غير زرعي شهري مزدورن مان ٽلهي ليکي 25 سيڪڙو وڻج واپار سان وابسته هئا. لڳ ڀڳ 25 سيڪڙو اهڙن ڌنڌن ۾ هئا جيڪي ڪنهن خاص طبقي ۾ نه ٽاڪن يا بيروزگار هئا. تقريباً 18 سيڪڙو مينوفيڪچرنگ ۾ هئا. لڳ ڀڳ 11 سيڪڙو گهريلو خادم هئا ۽ 9 سيڪڙو جي لڳ ڀڳ سرڪاري ۽ ميونسپل جي نوڪرين ۾ هئا. ٻيا سڀ طبقا جملي انگ جي تقريباً 12 سيڪڙي جي برابر ٿي ٿيا ۽ انهن ۾ ريلن، مچي مارڻ، ڪاٽيون کوٽڻ، عمارت سازي، ٽرانسپورٽ ۽ جهاز راني، پوسٽ، ٽيليڪميونيڪيشن، تعليم، صحت، مذهب، آرٽ ۽ انفارميشن سان لاڳاپيل ماڻهو اچي ٿي ويا. سنڌ ۽ خيرپور جو گڏ حساب ڪندي ڏسڻ ۾ ايندو ته ٻين سڀني ڌنڌن کان مجموعي طور ٽيڪ تي وڌيڪ ماڻهو زراعت ۾ رُڌل آهن. تنهنڪري سن 1951ع جي آدمشماري مان اها ڳالهه قطعي طور ثابت ٿئي ٿي ته سنڌ ۽ خيرپور جي معيشت تمام گهڻي حد تائين زرعي آهي. سر سڊني رڊلي 1951ع ۾ سنڌ ائگريڪلچرل ڪميشن آڏو بيان ڏنو ته سنڌ ۾ زرعي آبادي تقريباً 80 سيڪڙو هئي. انهي ۾ ٻار عورتون ۽ ڳوٺن جا اهي هنرمند به شامل هئا جن جو دارومدار زراعت تي هو. انهي لحاظ کان سنڌ ۽ خيرپور مجموعي طور سموري پاڪستان جي مخصوص حالتن جي نشاندهي ڪن ٿا. مغربي پاڪستان ۾ مجموعي طور هر زرعي ڪم ڪندڙ زمين جا تقريبا 4-4 ايڪڙ آباد ڪري ٿو جڏهن ته سنڌ ۽ خيرپور ۾ اهو انگ تقريباً 5 ايڪڙ آهي.

III۔ زرعي معيشت جون خصوصيتون

سنڌ ۽ خيرپور جي زرعي معيشت جي خاص نشاني ۽ سجاڻپ زميندار ۽ هاري جو پاڻ ۾ لاڳاپو آهي. اهو لاڳاپو ايجا تائين جاگيرداراڻي قسم جو آهي جنهن ۾ زمين جي مالڪ زميندار ۽ زمين ڪيڙيندڙ هاري جي وچ ۾ مضبوط وفاداريون موجود آهن. اهو لاڳاپو زندگي جو هڪ نظام به آهي ته زرعي پيداوار لاءِ هڪ سهڪاري طريقو به آهي. اهو هڪ شخصي اوڏر جو نظام به مهيا ڪري ٿو جنهن کان سواءِ زراعت جو وڌڻ ويجهڻ ممڪن نه آهي. زميندار نظام وڏي حد تائين تاريخي اثرن جو نتيجو آهي. ڇاڪاڻ ته ماضي ۾ زمين جون وڏيون ايراضيون بااثر ماڻهن جي قبضي ۾ ڏنيون ويون جن انهن کي پنهنجن خادمن ۽ پيروڪارن جي مدد سان آباد ڪرايو آهي. اها ڳالهه ايجا ثابت نه ٿي سگهي آهي ته ڇا سنڌ ۽ خيرپور جي حالتن ۾ هيو کو نظام بهتر نموني هلي سگهندو به يا نه. موجوده دور ۾ کو اهڙو نظام آڻڻ کان اڳ۔ جيڪو ايترو سادو به هجي ۽ جنهن ۾ بينڪنگ نظام جي پيچيدگين ۽ رسمي ڪاروائين کانسواءِ اوڏر تي پئسو مهيا ڪرڻ جي صلاحيت به هجي۔ انهي نظام کي ختم ڪرڻ حماقت هوندي. سر سڊني رڊلي سن 1954ع ۾ سنڌ

ائگريڪلچرل ڪميشن آڏو پنهنجي بيان ۾ چيو: منهنجي خيال ۾ هن نظام ۾ ڦير ڦار ڪرڻ يا وڏيون زميندارين ختم ڪرڻ بهتر نه ٿيندو. منهنجي خيال ۾ ته هيٺئين طبقي جي اقتصادي حالتن تي انهي سان ڪو وڏو اثر نه پوندو. اڪثر حالتن ۾ هاري انهي ننڍي زميندار کان خوش گذاريندو آهي جنهن وٽ زمين جا 20 کان 25 ايڪڙ هوندا آهن ۽ هو زمين پاڻ آباد ڪندو آهي. سندس فصل جيڪڏهن ماڪڙ يا ٻي ڪنهن قدرتي آفت تباهه ڪري ڇڏيو ته ڪيس پنهنجين ضرورتن لاءِ پاڻ هٿ پير هڻڻو پوندو جڏهن ته هاري کي پنهنجي گذران لاءِ عام طور پنهنجي زميندار کان ڪجهه نه ڪجهه ملي ويندو آهي. هاري جي حالت عام طور ننڍي زميندار کان چڱي هوندي آهي. انهي سان گڏوگڏ حڪومت لائيڊ بيراج جي ايراضي ۾ 275000 ايڪڙ زمين رکي آهي جيڪا هارين ۾ في ڪٽنب 20 ايڪڙن جي حساب سان ورهائي ويندي هاڻي زمين ته موجود آهي پر اها سموري اڃا هارين نه ورتي آهي ڇو ته اهي ننڍا آبادگار ٿي 20 ايڪڙ زمين وٺڻ کان هاري ٿي رهڻ کي ترجيح ڏين ٿا.

سنڌ ۾ خيرپور ۾ زميندارين نظام ۾ اهڙيون وڏيون خوبيون آهن جو ڪي موجوده دور جو سڌريل سماجي فڪر نه ٿو سمجهي سگهي يا انهن تي تنقيد ڪري ٿو. انهي نظام تي سڀ کان وڏي تنقيد اها ٿئي ٿي ته هاري پئسي ڏوڪڙ جي لحاظ کان غريب ۽ سدائين قرضي رهي ٿو. پر صورتحال واقعي ايتري خراب نه آهي جيتري جديد مساواتي ۽ سماجوادي فڪر سمجهي ٿو. اهڙي آمدني تي زندگي گذارڻ جنهن تي کوڙ قرض نه هجي اهو ترقي يافته ملڪن جي شاهين ۽ وچولي طبقي جو آدرش ٿي سگهي ٿو جتي ماڻهن کي ثقافتي ۽ ٻين سرگرمين تي خرچ ڪرڻ لاءِ بينڪ بيلينس ۽ واڌارا پئسا هوندا آهن. صنعتن سان لاڳاپيل ماڻهن بابت اهڙي خوشگوار حالت ڪڏهن به درست ثابت نه ٿي سگهي آهي جو اهي ماڻهو سدائين اوڌر تي گذارو ڪندا آهن. مغرب ۾ محنت ڪش طبقي ماضي ۾ سدائين گروي رکندڙ ڪان اوڌر پئي ورتي آهي ۽ ويندي برطانيا ۾ هاڻي به مسواڙي خريد (hire purchase) پنهنجي جوهر ۾ اهو ساڳيو زرعي اوڌر وارو نظام آهي جيڪو سنڌ ۾ صدين کان هاري ۽ زميندار جي وچ ۾ هلندو رهيو آهي. پنهنجي زميندار يا مودي جي سدائين قرض هيٺ رهندڙ هاري کي خرچ پکو مهيا ڪري ڏيڻ جو طريقو پنهنجي جوهر ۾ اڪثر جديد حڪومتن جي طريقه ڪار کان مختلف نه آهي جيڪي قومي قرض لاهڻ لاءِ مستقل طور ادائيگيون ڪرڻ لاءِ پابند هوندیون آهن. ساڳئي طرح هاري کي به سدائين اوڌر ڪنيل رقم لاهڻ لاءِ ادائيگيون ڪرڻيون پونديون آهن انهي لاءِ هو پنهنجي سالياني آمدني جو ڪجهه حصو جمع ڪرائيندو رهندو آهي.

زراعت ۾ قرضداري جي مکيه مسئلي جو ڪوبه حل نه آهي. حقيقت اها آهي ته اها ڪا وڏي سماجي خرابي نه آهي. زمين آباد ڪندڙ هاري وٽ زمين نه هڻڻ جي مسئلي جو حل ڪيڏ به ڪو جواب نه آهي جو ايتري زمين موجود ئي نه آهي جيڪا سنڌ ۾ خيرپور جي سيني هارين کي ڏيڻ لاءِ ڪو اقتصادي يونٽ ٿاهي سگهجي ۽ انهي مسئلي جو حل شايد ڪو آپريٽو فارم به نه ٿي سگهندا ڇو ته اسلامي فڪر مطابق انفرادي ملڪيت کي به سدائين برقرار رکڻو آهي.

ماضي جي قرضداريءَ واري مسئلي تي مکيہ اعتراض سن 1947ع ۾ هندو ساهوڪار ۽ زميندار جي موجود نہ رهڻ سان ختم ٿي ويو. گزيٽيئر جي 1907ع واري ايڊيشن ۾ آهي: "انهي ڳالهہ ۾ تہ ڪو شڪ شبهو نہ آهي تہ هاري طبقن جي وڏي اڪثريت قرض ۾ ڦاٿل آهي ۽ انهي مان لازماً اهو مطلب نہ ٿو نڪري تہ انهن جي مالي حالت بهتر نہ آهي ڇاڪاڻ تہ جن ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي اهڙي هوندي آهي جيڪي پاڻ وٽ پئسو نہ رکي سگهندا آهن يا انهن جي حالت اهڙي هوندي آهي جن وٽ پئسي جي حفاظت نہ ٿي سگهندي آهي انهن لاءِ بهترين عملي بندوبست اهو هوندو آهي تہ اهي في الوقت پاڻ وٽ ڪجهہ بہ نہ رکن ۽ مستقبل ۾ ٽيندڙ آمدني تي گذران ڪندا رهن." سموري هندستان ۾ هيناهين طبقي جي ماڻهن جي گذران جو طريقو اهو هوندو هو. سنڌ ۾ اهڙا ماڻهو انهي لحاظ کان پاڻ وارا هئا جو اهي اهڙن زميندارن سان واڳيل هئا جن کي پنهنجي مذهب اڳواڻ ڏنل رقمن تي وياج وٺڻ کان روڪيو ٿي جيتوڻيڪ اهي اڳواڻ رقمون ڏيڻ ۾ زميندارن جو پنهنجو بہ فائدو هوندو هو ۽ انهن جو رواج بہ اهو ئي هو ۽ جيڪي ماڻهو خوشحال زميندارن جي نوڪري ۾ هوندا هئا اهي انهي سهوليت مان هاڻي بہ فائدو وٺن ٿا. زميندار پاران ڪم جي موسم دوران پنهنجن هارين کي خرچ پکو ڏيڻ ۽ بٽائي وقت پنهنجي پورت ڪري وٺڻ هڪ بلڪل عام هلت آهي. برطانوي حڪومت هيٺ زميندار جي حالت ۾ ڪا بهتري نہ آئي آهي. اها توقع تہ نہ پئي ڪري سگهجي تہ هو پنهنجا جاگيرداراڻي طاقت ۽ سرداري اختيار برقرار رکي ۽ برطانوي پاليسي شروع کان اها هئي تہ غريب هارين جي همٿ افزائي ڪئي وڃي جيئن اهي خود ڪفالت ڏانهن وڌي سگهن پر اها ڳالهہ پاليسي جو حصو نہ هئي تہ ماڻهن جي فطري سردارن کي ڏيوالپٽي ڏانهن ڌڪيو وڃي ۽ انهن کي ابن ڏاڏن کان مليل جاگيرن کان هٿ ڪڍڻ تي مجبور ڪيو وڃي. اهو بهرحال با ضابطي برطانوي حڪومت قائم ٿيڻ جو فوري اثر هو. فتح جي وقت سنڌ جي سموري زمين جاگيرن کان سواءِ يا تہ وڏن زميندار جي قبضي ۾ هئي يا انهن جي حفاظت هيٺ هئي. جيتوڻيڪ زميندار ۽ ڪجهہ ايڪڙن جا مالڪ بہ موجود هئا پر اهي بہ لاپي جي ادائگي ذريعي مڪ سردار جي حقن کي تسليم ڪندا هئا. اهڙي حڪومت هيٺ شايد اهو طريقو ئي ممڪن هو. ننڍا توڙي وڏا زميندار ۽ انهن جا هاري مسلمان هوندا هئا. سنڌ جا هندو زرعي طبقو نہ هئا نہ ئي ميرن هيٺ ڪنهن هندو زميندار جي حيثيت کي تسليم ڪيو وڃي ها. تنهنڪري زميندار توڙي هاري کي جڏهن پئسن جي ضرورت پوندي هئي تہ هو ان ڏانهن ئي ڏسندا هئا ۽ هو بہ زمين جي پيداوار مان جيترو ٿي سگهندو هوس انهن جي ڪل لاهيندو هو تنهنڪري هن کي زمين جي ڪا طلب نہ هوندي هئي. پر سن 1866ع ۾ ديواني عدالتون ڪلهڙ سان اهي سڀ ڳالهيون تبديل ٿي ويون. مسٽر مائونٽ فورڊ قرض ڏيندڙ ۽ قرض وٺندڙ جي لاڳاپن بابت 50 سال اڳ چيپيل پنهنجي پمفليٽ ۾ لکي ٿو. "ديواني عدالتن پاران قرض جي وصولي ۽ ڊڪري جي تعميل لاءِ جبري وڪري جي ڏنل سهوليتن جي ڪري زمين جي قيمتن ۾ واڌ اچي وئي هئي. وري ديواني قانون چالاڪ ماڻهن کي سادڙن ماڻهن کي ٻڌڻ ۽ ڦرڻ جا بہ تمام بهترين موقعا فراهم ڪري ڏنا هئا تہ انهي سان مودي اُن بہ حرص پيدا ٿيو ۽ هوا ۾ ۽ جو فقط زميندار جي واڌو پيداوار جيترو قرض ڏيندو هو. هاڻي

انهي کان گهٽو وڌيڪ قرض ڏيڻ شروع ڪيو. سن 1866ع ۾ برطانوي ديواني عدالتون شروع ٿيڻ کان سُڌت ئي اڳ 1865ع واري نامناسب فرسٽ سيٽلمينٽ اچي چڪي هئي انهي سان واڻين جون اکيون کلي ويون ته انهن جي سامهون خوشحالي جو کڙو نه ڪشادو رستو کلي ويو هو. هاڻي زمين خريد فروخت جهڙي جنس ٿي وئي هئي. هاڻي اهي اُها پاڻ وٽ رکي سگهيا ٿي ۽ زميندار کي نيڪالي ڏئي هاري کي فقط گذاري جيترو حصو ڏئي نه فقط واڌو پر سموري پيداوار پاڻ وٽ رکي سگهيا ٿي. هاڻي هو زميندار جي حصي کي به واڌو حصو سمجهي پاڻ وٽ رکي سگهيا ٿي. هاڻي انهن پاڻ کي مليل نادر موقعن مان فائدو وٺڻ ۽ پاڻ کي امير ڪرڻ ۾ ڪابه سُستي نه ڏيکاري. هاڻي برطانوي حڪومت جي تحفظ هيٺ سماج ۾ وڏي تبديلي اچي وئي هئي. اها اوچتي تبديلي ڪنهن اهڙي قوم لاءِ تمام وڏي هئي جنهن جي سخاوت مثال بڻجي وئي هئي ۽ جنهن وٽ ڪفايت ۽ تعليم جي فائدن بابت به چڱا خيال هئا. پهرئين ديواني عدالت کولڻ جي يارهن ورهين جي اندر ئي پهريون سنڌ انڪمبرڊ استيٽس ائڪٽ لاڳو ڪرڻ ضروري ڏسڻ ۾ آيو. واڻين برطانوي قانون جي فائديمند اثر هيٺ پاڻ وٽ دستياب خام مال ذريعي تمام سٺو ڪم ڪيو هو پر زميندار قرض ۾ تمام گهٽو ڦاٽل هو ۽ نئين حاصل ڪيل ننڍڙي صوبي جي استحڪام جا بنياد ئي لڏي ويا سن 1864ع ۾ شروعاتي ڏينهن مان خبر پوي ٿي ته هندو زميندار تمام ٿور اهئا. پر 1866ع ۾ ديواني عدالتون کلڻ سان زمين قرض وٺڻ ۽ قرض وصولي جي لائق ٿي وئي ۽ جان ۽ مال جي تحفظ ۽ ڏل جو اڳهه گهٽ هئڻ سبب (جيڪو ٽالپرن جي دور ۾ ته مجموعي پيداوار جو ٽيون حصو يا ان کان به وڌيڪ هوندو هو) زمين هڪ قيمتي جنس ٿي وئي. اهڙين حالتن ۾ مودي کي جلد ئي زمين جو چسڪو لڳي ويو ۽ هو وڏي شوق سان زمينون پنهنجي قبضي ۾ وٺڻ لڳو. هاڻي مودي ۽ زميندار ٻنهي ۾ زمين تي قبضي لاءِ مقابلو ٿيڻ لڳو. زميندار ڪوشش ڪرڻ لڳو! جيتري ٿي سگهي زمين هن وٽ رهي ۽ مودي ڪوشش ڪرڻ لڳو ته زميندار ۽ سندس ابن ڏاڏن جي ڪوششن سان جيڪا زمين پوکي لائق ٿي آهي انهي جو بهترين حصو هو پاڻ حاصل ڪري سگهي. مودين کي سول پروسيجر ڪوڊ تحت قرض جي وصولي لاءِ زمين جي وڪري جون جيڪي سهوليتون مليل هيون انهي تحت انهن جلدئي گروي رکيل زمينون زوري وڪرو ڪرائڻ شروع ڪيون ۽ اڳيئي وڏي قرض ۾ ڦاٽل زميندار جيڪو انهي نئين نظام کي چڱي طرح سمجهي ئي نه سگهيو هو اهو حيرانگي مان ڏسندو رهجي ويو ته سندس بهترين زمين مودي جي هٿن ۾ وڃي رهي هئي. ڏلن جي رعيت واري (rayat wari) نظام تحت جيڪو مودين ۽ موروثي هارين ٻنهي تي هڪجهڙو لاڳو هو. مودي پنهنجيون زمينون وڏائڻ جي قابل ٿيندو ويو ۽ سن 1892ع تائين 7620 مسلمانن جي پيٽ ۾ 1771 هندن وٽ 200 ايڪڙ ڪان وڌيڪ زمينون هيون. اهو عمل برطانوي حڪومت جي ڏينهن جي پڇاڙي تائين ڏاڍي زور سان هلندو رهيو تان جو ويهين صدي جي ٽئين ڏهاڪي ۾ مودين وٽ تمام گهڻيون زمينون ٿي ويون جيڪي ٻيا آباد ڪندا هئا ۽ اهي قرضن جي ادائيگي جي مد ۾ ڏنيون ويون هيون. اهو نظام جنهن تحت هندو آباد زمينن تي قابض ٿيڻ جي قابل ٿي ويا هئا انهي جي وڏي خرابي اها هئي جو انهي غير موجود زمينداڻن جو طبقو پيدا ڪرڻ کي هٿي وڙائي جن کي

زمين جي آبادڪاريءَ ۾ خير ڪا دلچسپي هوندي هئي ۽ انهن جو واسطو فقط انهي مان نفعو ڪمائڻ سان هوند هو. پر اها سموري خرابي 1947ع ۾ ختم ٿي وئي جو ورهاڱو ٿيڻ سان هندو وڏي پيماني تي ملڪ ڇڏي ويا ۽ پنهنجين اوڏرن جي اوگاڙي بہ نہ ڪيائون. سڪرنڊ جي K.G.V انسٽيٽيوٽ آف ائگريڪلچر ۽ائگريڪلچرل اڪانامڪس جي پروفيسر مسٽر اي آر. آرائين سن 1953ع ۾ سنڌ ائگريڪلچرل ڪميشن آڏو صوبي ۾ زرعي قرضداري جي حد بابت پڇيل سوال جي جواب ۾ چيو: "سن 1936ع ۾ سنڌ جا مشڪل سان 13 سيڪڙو ڪتنب قرض جي بار کان آجا هئا. قرضن جي حيثيت گهٽو ڪري خانگي اوڏرن واري هئي جيڪي گهٽو ڪري غير پيداواري مقصدن لاءِ مودين کان کنيا ويا هئا. روپنيو ڪاتي جون بقايائون، تقاوبون ۽ ڪو آپريٽو سوسائٽين جا قرض بہ ڪاتيدارن جي ذمي قرضن جو ڇڪو حصو هئا. هن چيو تہ "خانگي اوڏرن جو وڏو حصو هندن جي پاڄ سان ختم ٿي ويو جو قرض ڏيندڙ طبقو بہ انهن تي ٻڌل هو. موجوده وقت ۾ ڳوٺاڻڻ جي ذمي قرض گهٽو ڪري اهو پئسو آهي جيڪو هارين کي پنهنجن روايتي خرچن جي پورائي لاءِ گهربل هوندو آهي. قرض جي حد اها ٿي سگهي ٿي تہ زرعي ڪتنبن جي تقريباً 50 سيڪڙي تي في ڪتنب سراسري طور هڪ سو رپيا قرض آهي. پروفيسر آرائين بيان ڪري ٿو تہ اهڙا ڪي انگ اکر دستياب نہ آهن جن جي مدد سان زراعت پيشہ ماڻهن جي چوپائي مال جا تفصيل معلوم ڪري ڪان سواءِ انهن جي آمدني جو ڪاٿو هڻي سگهجي. جهڙي قسم جو چوپايو مال هوندو جهڙوڪ اٺ، گهوڙا، مينهون، ڍڳيون، ريڍون ۽ ٻڪريون تہ انهي لحاظ کان آمدني ۾ فرق پوندو. وري ڏورن جي انگ ۾ گهٽ وڌائي سان پڻ آمدني گهٽ وڌ ٿيندي. وري چوپائي مال مان ملندڙ پيداوار جهڙوڪ: کير، گيهہ، مکڙ، ان ۽ ڏاس جي قيمت جو بہ آمدني تي اثر پوندو. گوشت جي قيمتن سان ڪوس لاءِ پالجندڙ جانورن جي قيمت تي اثر پوندو. زراعت پيشہ ماڻهن جي گذران جي اهم حصي جي حيثيت رکندڙ انهن انگن اکرن جي غير موجودگي سبب شماریاتي ڪاتن پاران زراعت پيشہ ماڻهن جي آمدني بابت ڪاٿا حتمي نہ ٿا رهن. پروفيسر آرائين اهو بہ بيان ڪيو تہ سندس خيال ۾ سنڌ ۾ في ڪس آمدني تقريباً 215 رپيا سالياني هوندي ۽ خشڪ فصلن واري ايراضي ۾ هڪ هاري ڪتنب جي سراسري سالياني آمدني تقريباً 700 هوندي پر هو پين ذريعن مان 200 رپيا ڪمائي سگهي ٿو. اهڙي طرح ٽوٽل 900 رپيا سالياني تائين پهچي ٿو. زراعت ۾ مستقل ڪم ڪار ڪري ڏهاڙي ڪمائيندڙ مزدور سالياني 450 رپيا ڪمائي وٺندو. انهي جو ڏهاڙي جو حساب سراسري طور سوا رپيو ٿئي ٿو.

انهي مسئلي کي منهن ڏيندي اسان کي اها ڳالهہ هرگز نہ وساريڻ گهرجي تہ سنڌ ۽ خيرپور جي پهراڙين جي وڏي حصي ۾ ايجا تائين بہ روڪ پئسن جي گهٽي ضرورت نہ پوندي آهي ۽ فقط روڪ آمدنين تي توجہ مرڪوز ڪرڻ سان زرعي مزدور جي اقتصادي حالت جي هڪ نامڪمل تصوير آڏو اچي ٿي پوءِ پلي اهو زمين جو مالڪ هجي يا هاري هجي. سن 1947ع واري هارپي جي قانون، جنهن جو اصل مقصد ڪڙمي کي تحفظ ڏيڻ هو جي پڻيان ڪار فرما مقصد تہ تمام ٿورو هو پر انهي جي شقن کان سولائي سان بچي

سگهجي ٿيو. باقي انهي بابت ڪا پڪي پختي ڳالهه چئي نه ٿي سگهجي ته ڇا انهي پاران آڇيل تحفظ انهي نظام کان ڪو بهتر هو جنهن ۾ ڪنٽرول سڌي زميندار وٽ هوندو هو ۽ زميندارن جي اڪثريت پنهنجن هارين کي ڪاوڙائڻ ۽ انهن کي زمينن تان لڏائڻ نه گهرندي هئي جو برطانوي حڪومت جي آخري ڏيهن ورهين دوران مستقل قسم جي زرعي مزدورن جي ڪوٺ پيدا ٿي وئي هئي. اهو لاڙو آزاديءَ کان پوءِ پاڪستان ۾ وڌيڪ نمايان ٿيو آهي. آمدني گهٽ ئي رهي ٿي پر انهي مان اهو ثابت نه ٿو ٿئي ته نظام ۾ خرابي آهي. اهو هلڻ جوڳو آهي ۽ عام طور قبوليت جوڳو آهي. انهي نظام جي خرابين خلاف ڪنهن قسم جي نيم منظم تحريڪ بہ گذريل پندرهن ورهين جي سوشلسٽي هلچل جو نتيجو آهي. ڏٺو اهو ويو آهي ته هارين جي اڪثريت کي انهي ۾ ڪا دلچسپي نه آهي پر انهي لاءِ ضروري آهي ته اهي ڪنهن ڏنڈي سان لڳن ۽ انهن وٽ ڪي اهڙا ذريعا هجن جن جي مدد سان اُهي پنهنجي روايتي زندگي گذاري سگهن. بٽئي تحت مسواڙي نظام گهٽ وڌ ساڳيو ئي آهي. پر هاڻي جڏهن نئين بيراج تحت وڌيڪ زمين دستياب ٿيندي ۽ جيئن ته پاڪستان کي وڌيڪ صنعتي بنائڻ لاءِ آبادي جو لاڙو شهرن ڏانهن آهي. ته اهڙي حالت ۾ زميندار هاري جي پيٺ ۾ اقتصادي طور ڪمزور حالت ڏانهن ڌڪبو پيو وڃي. برطانوي حڪومت ۾ بہ زميندار جي سياسي طاقت ڪمزور ٿي وئي هئي جو تڏهن سرڪاري پاليسي اها هئي ته جمهوري ادارن کي مضبوط بڻايو وڃي جيئن ملڪ ۾ خود حڪمراني جو مقصد حاصل ٿي سگهي. هاڻي تمام گهڻو زور فقط مادي ترقي تي آهي جيڪا مستقبل لاءِ پلاننگ جو نتيجو آهي جنهن جو مقصد فقط اقتصادي آهي. انهي ۾ فقط هن ڳالهه جو ڌيان رکيو ويو آهي ته باهرين زرمبادلي جون وڌيون رقمون اهڙين رڪاڻن تي خرچ ڪيون وڃن جن جي نتيجي ۾ هر مزدور وڌ ۾ وڌ پيداوار ڏئي سگهي ۽ زندگيءَ جو معيار وڌي. انهي جو تجزيو ڪرڻ سان اها ڳالهه سامهون اچي ٿي ته هر شيءِ کي پئسي جي معيار ۾ تبديل ڪري ڇڏجي جنهن جي نتيجي ۾ غريب ماڻهو زندگي جي اهڙين سهوليتن کان فائدو وٺي سگهي جيڪي هن اڳ ۾ ڪڏهن ڏٺيون بہ نه هيون. اها ڳالهه بہ زراعت سان واڳيل سنڌ ۽ خيرپور ۾ هيستائين حاوي جاگيرداراڻي سوچ سان ٺهڪي نه ٿي اچي. اهو عمل جيڪڏهن جاري رهيو ته انهي سان ڳوناڻي زندگي جي ننڍي کان ننڍي ڳالهه تي آفيسراڻو ڪنٽرول وڌي ويندو ڇو ته سموري ملڪ ۾ اسڪولن، اسپتالن، فلاحي مرڪزن، گشتي ڪلينڪن ۽ ڪوٺ لائبريرين جو تعداد وڌايو پيو وڃي ۽ انهن جي سار سنڀال سرڪاري آفيسرن جي هڪ نئين طبقي طرفان ٿي رهي آهي. انهي ڳالهه جو ته مستقبل فيصلو ڪندو ته اهو ڪم صحيح آهي يا غلط پر موجوده دور لاءِ اهو چئي سگهجي ٿو ته اهو ڪم اٽٽر آهي. ڪنهن بہ ڳالهه تي مڪمل سوچ ويچار نه ڪئي وئي آهي ۽ 1960_1955ع جي پاڪستان پلان مان ظاهر ٿئي ٿو ته ڪيترين ئي بهترين شين جي رڪاوٽبندي ڪئي وئي آهي. انهي ڳالهه ۾ ته ڪو شڪ شبهو نه ٿو ٿي سگهي ته موجوده دور واري سوچ گهڻي مادييت پرستي واري آهي ۽ رياست جو وڏي ۾ وڏو آدرش اهو سمجهيو ويو آهي ته هر شخص لاءِ مادي سهوليتون وڌايون وڃن. انهي دوران زميندار سوچ گهٽ وڌ ساڳئي رهي آهي ۽ هاري کي ڪو اندازو ئي نه آهي ته هن جي زميندار يا رياست سان لاڳاپي ۾ ڪا وڏي سماجي

تبديلي اچي سگهي ٿي. زرعي جنسن جي قيمتن ۾ خاص طور گذريل ويهن ورهين دوران وڏي واڌ سان اهو چوڻ غلط نه ٿيندو ته زميندار يا هاري پنهنجي هٿن ۾ ڪڏهن به ايترو پئسو نه ڏٺو آهي جيترو هن وٽ اڄ آهي. انهي جا ڪجهه نتيجا ته بلڪل چٽا آهن. هاڻي ڪيترائي زميندار قيمتي موٽر ڪارون هلائين ٿا ۽ انهن مان ڪجهه وٽ ٽريڪٽر به آهن ۽ هاري جي منهن ۾ پراڻن ٽڪر جي ٽانگون جي جاءِ تي چائنا جا ٺهيل ڪوپ ساسرون ڏسي سگهجن ٿيون. هاڻي زميندار ۽ هاري اڳي کان گهڻو سفر ڪن ٿا جيڪا انهي جي نشاني آهي ته انهن وٽ سفر تي خرچ ڪرڻ لاءِ گهڻو پئسو آهي ۽ هاڻي تمام غريب زراعت پيشه ماڻهو کي به منا معدني پاڻي پيئندي ڏسڻ عام ڳالهه آهي جن جا سموري ملڪ ۾ اشتهار پيا هلندا آهن. اهڙين حالتن ۾ ائگريڪلچرل ڪميشن رپورٽ جي پيرا 231 ۾ ظاهر ڪيل رايو حالتن جي تمام مايوس ڪندڙ رپورٽ پيش ڪري ٿو. رپورٽ ۾ چيل آهي: "سنڌ جا زراعت پيشه ماڻهو پنهنجي روزاني زندگي ۾ خاص طور خوشي جي موقعن تي هٿ کولي خرچ ڪرڻ لاءِ مشهور آهن. جيئن اسين مٿي ڏيکاري آيا آهيون سنڌ جي زراعت پيشه ماڻهن کي زميندار ۽ هاري جي ٻن طبقن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هٿ ڦاڙ خرچ جي عادت ڪجهه مثالن کي ڇڏي ٻنهي طبقن ۾ عام آهي. زميندارن ۽ هارين جي اڪثريت جيئن اسين مٿي چئي آيا آهيون پنهنجي آمدني ۽ خرچ جو ڪوبه حساب نه ٿي رکي ۽ انهن مان تمام ٿورڙن ئي آئي ويل لاءِ ڪجهه پاڇي ڪرڻ جي عادت وڏي آهي. ويندي سنڌ جا ڪجهه تمام وڏا زميندار به قرض ۾ ڏنا ويا آهن ۽ هاري جنهن جي آمدني تمام گهٽ هوندي آهي اهو ته تمام وڏي قرض ۾ هوندو آهي. ٽيننسي ائڪٽ لاڳو ٿيڻ کان پوءِ البت زميندارن هارين کي تقاويون ۽ ٻيا قرض ڏيڻ کان پاسو ڪرڻ شروع ڪيو آهي ڇو ته انهي ائڪٽ جون شقون زميندار کي بٽائي جي وقت اُپت مان سنئون سڌو پنهنجو قرض وصول ڪرڻ کان روڪين ٿيون ۽ هارين کي اهو اختيار ڏين ٿيون ته هج جي جاءِ تي ايترو ئي مقدار اناج جو وٺن يا انهي جي قيمت ڏين. تنهنڪري هاري کي پنهنجين ضرورتن لاءِ لازماً نندي واپاريءَ وٽ وڃڻو پوي ٿو. جيئن ته زميندار عام طور تي هاري کان ڪوبه وياج نه ٿو وٺي پر انهي جي ابتڙ نندو واپاري هن کان ڳرو وياج وٺي ٿو. هاري ضرورت وقت پنهنجو اناج واپاري وٽ کٽي وڃي ٿو جيڪو ڪيس چالو اڳه کان تمام گهٽ اڳه تي اوڏر ڏئي ٿو ۽ هاري کي روڪ پئسا ڏيڻ بجاءِ ڪيس گهربل هي ڪا جنس ڏئي ٿو. ٻئي طرف وري سيني خوشيءَ جي موقعن تي تمام وڏو خرچ ڪرڻ جو مرض به زميندار توڙي هاري ۾ عام آهي. اهي سموري راڄ کي ڪارائڻ لاءِ جنهن ۾ لڳ ڀڳ هڪ هزار فرد به ٿي سگهن ٿا تمام وڏا قرض به کڻڻ ٿا. پيرن جي نذراني ۽ آفيسرن جي رسائي تي به خرچ ٿيڻ ٿا. رسائي جي خرچ کي عام طور هاري نه پر زميندار منهن ڏيندو آهي. البت تپيدار جي ڳالهه جدا آهي جو هو هاڻي پنهنجا دائمي حق رکڻ لڳو آهي. سنڌ ۾ گهڻو عام پيري مريدي نظام به عام ماڻهن لاءِ هڪ مصيبت ٿيڻ لڳو آهي ۽ ڪنهن پير ۽ ان جي پٽيان سندس خليفن ۽ ڪيترن ئي مريدن ۽ دوستن جي آمد سبب هاري مجبور ٿي اوڏر کڻي ٿو جيئن انهن جي رهائش ۽ خاطر تواضع تي خرچ ڪري سگهي. اهو خرچ به سندس آمدني تي وڏو بار آهي. انهي سان گڏوگڏ ڪيس پير کي سالياني چندو به ڏيڻو پوي ٿو."

انهي جي برخلاف سڪرنڊ انسٽيٽيوٽ جي پروفيسر آرائين جو رايو ٻه پڙهڻ جهڙو آهي. "اها عام مڃيل ڳالهه آهي ته سنڌ جو هاري طبقو خوشحال سولي ۽ ڪنهن حد تائين سُست زندگي گذاري ٿو. سامونڊي ڪناري وارن تعلقن ۽ جابلو ۽ ٿر وارن حصن ۾ انهن جي حالت تمام خراب آهي. سامونڊي تعلقن ۾ آبهوا مليريا واري رهي ٿي ۽ زراعت جو دارومدار پوڙ برسات تي رهي ٿو جنهن سبب اهي سدائين وساٽيل رهن ٿا. جابلو ۽ وارياسن علائقن ۾ موسم توڙي زمين ٻئي گڏجي سال جي وڏي حصي دوران سک واري زندگي کي ناممڪن بنائين ٿيون. پر مجموعي طور انهي ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته مقامي ٻنيءَ ۾ ڪم ڪندڙ مزدور جي حالت ۾ گهٽي بهتري ٿي آهي. رهٽي ڪهٽي جي انداز ۾ انهي کان سواءِ ڪو ٻيرو نه آيو آهي جو هو ڪجهه بهتر کاڌو کائي ٿو ۽ وڌيڪ گرم ڪپڙا پهري ٿو. هاڻو باقي سندس ڪمائي ۽ گذران جا ذريعا ڪجهه خاطري وارا ٿي ويا آهن ۽ نون ٻيراجن ٺهڻ سان زمينن جا وڏا ٽڪر آبادي هيٺ اچڻ سبب مزدورن جي طلب تمام وڌي وئي آهي ۽ ٻين ميدانن ۾ به روزگار پيدا ٿيو آهي تنهنڪري هو وڌيڪ آزاد ۽ خود ڪفيل ٿي ويو آهي. ڏل جا نوان اگهه لاڳو ٿيڻ ڪانپوءِ جيئن وڌيڪ ماڻهن وٽ زمين جي مالڪي آئي آهي ته انهي سان اڳتي وڌڻ جو هڪ وڏو دروازو کلي ٻيو آهي جنهن مان محنتي ۽ ڪفايت شعار ماڻهو مڪمل فائدو وٺي رهيا آهن. هاڻي وري زراعت پيشه ماڻهن جي غربت ڏانهن ڏيان ڏيون ٿا ته اڄ اهو سوال ٿو پيدا ٿئي ته: سن 1947ع ۾ هندو مودي جي منظر تان هٽي وڃڻ کان پوءِ قرض ڪيئن ٿو ورتو وڃي؟ ۽ زراعت مان اُپت ڪيئن وڌائي وڃي ڇو ته پاڪستان جي مستقبل لاءِ ٺهندڙ سيني رٽائن ۾ انهي ئي ڳالهه تي وڌيڪ سوچيو وڃي ٿو. "ڪجهه توجه انهن مسئلن تي ڏيڻ به ضروري آهي. پهريون جيستائين اوڏر ملڻ جو تعلق آهي ته هندو ۽ ڳوٺاڻي مودي جي منظر تان هٽي وڃڻ سبب انهي مسئلي ۾ وڏي تبديلي اچي وئي آهي. هو ۽ خود زميندار هاري کي اوڏر ڏيڻ جو وڏو ذريعو هوندا هئا. هاڻي به ٿي سگهي ٿو ته هارين کي گهربل ٿور مدتي قرض جو وڏو حصو زميندار ئي ڏيندو هجي. جيتوڻيڪ انهي ڳالهه جو امڪان گهٽ ٿو لڳي ته هو اهو انهي سبب ڪري رهيا هجن جو اهي پنهنجن هارين کي ٽن ورهين جو هارپ جو قبضو ڏيڻ چاهيندا هجن. جنهن سبب انهن کي سن 1947ع واري قانون تحت تحفظ ملي ويندو. اها ڳالهه به بلڪل سياويڪ لڳي ٿي ته زميندار پنهنجن هارين کي سهوليتون ڏيڻ نه چاهيندا هجن جو متان اهي هاري زميندارن خلاف دائمي حق نه قائم ڪري وڃن. پئسي جي ڏيتي ليتي ڪندڙ نندڙ آبادگار جيتوڻيڪ ايجا به موجود آهي پر اها ڳالهه معلوم نه آهي ته هو زراعت لاءِ انهي انداز ۾ ڪيتري قدر پئسو ڏئي ٿو جيتري قدر هندو مودي ۽ دڪاندار ڏيندو هو. اسلام ۽ رياج کي سخت ناپسند ڪري ٿو پر انهي جو مطلب اهو نه آهي ته ڪو به مسلمان وياج نه ٿو ڪائي. جن زميندارن وٽ وڌيڪ پئسو هٽ ۾ هوندو آهي اُهي پنهنجن هارين کي تقاوي ڏيڻ لاءِ بهتر پوزيشن ۾ هوندا آهن. ۽ عين ممڪن آهي ته هو اُهو ڪم ڪري رهيا هجن. البت اهڙا ڪي انگ اکر موجود نه آهن جن مان خبر پوي ته اڄڪلهه زرعي قرضن ۾ ڇا ٿي رهيو آهي. پروفيسر آرائين چوي ٿو ته زراعت پيشه ماڻهن کي ٿور مدتي، وچ مدتي ۽ ڊگهي مدي وارا قرض گهربل هوندا آهن هو انهن ٽنهي طبقن مان ٿور مدتي قرضن جي مد ۾ موسمي زرعي ڪم ڪار، زرعي اوزار ۽ ٻج رکي ٿو وچ مدتي قرضن لاءِ ڍور ۽ ڍڳا خريد ڪرڻ

خوشي جي موقعن جا خرچ ۽ زمين جو سڌارو اچي وڃي ٿو جڏهن ته هو ڪڏهن مدي وارا قرض پراڻا قرض لاهڻ مهانگي مشينري خريد ڪرڻ ۽ زمين جي سڌاري وارا اهي ڪم ڪرائڻ لاءِ ڪم آڻي ٿو جن تي وڏو خرچ ٿئي ٿو. سڀ کان سخت ضرورت ٿور مدتي قرض جي هوندي آهي ۽ اهو حاصل ڪرڻ جو بهترين ذريعو فصلن ۽ چوپائي مال جي ضمانت تي ڪوآپريٽو بئنڪون آهن. پروفيسر آرائين جي سوچ آهي ته اهڙين کي آپريٽو بئنڪن کي حڪومت جي پئيرائي هئڻ گهرجي ۽ ڪو آپريٽو بئنڪون صوبائي، ضلعي ۽ تعلقي جي انتظام ۾ هئڻ گهرجن. انهي پلان تحت سيني بئنڪن کي حڪومت جي ضمانت حاصل هوندي ۽ سڀ قرض لئندڙ روينيو وانگر اوڳاڙي جوڳا هوندا. بهرحال اهو ممڪن نه ٿو لڳي ته حڪومت انهي پلان کي قبول ڪندي.

پاڪستان ۾ زرعي قرض ڏيڻ جي مسئلي تي تمام گهڻي سوچ ويچار ڪئي وئي آهي ۽ 31 مارچ 1958ع تي ختم ٿيندڙ مالي سال لاءِ حڪومت پاڪستان جي بجيٽ بابت وهائيٽ پيپر ۾ بيان ٿيل آهي ته انگريڪلچرل ڊولپمينٽ فنانس ڪارپوريشن 1956ع جي ڊسمبر جي پڇاڙي ۾ 90.87 لکن تائين قرضن جي منظوري ڏئي پنهنجي عمر جي چوٽين سال ۾ داخل ٿي. انهي پوري ساري رقم جو گهڻو ٿلو سبب اها حقيقت ٿي سگهي ٿي ته ڪارپوريشن ڪجهه رندڪن هيٺ ڪم ڪري رهي آهي. زمين تي قرضن بابت صوبائي قانونن جون ڪجهه شقون. اويڪيوئي (Evacuee) قانون ۽ نئين آبادي هيٺ آيل زمين تي لاڳو ڪجهه شرطن جي سبب زرعي زمين گروي رکڻ تي ڪجهه رڪاوٽون پئجي وڃن ٿيون ۽ انهن ڳالهين جي سبب ڪارپوريشن قرض نه ڏئي سگهي آهي. جيئن ته ڪو آپريٽو سوسائٽين کي ضمانت طور ڏيڻ لاءِ پنهنجا ڪي اثاثا نه هوندا آهن تنهنڪري صوبائي حڪومت کي گذارش ڪئي وئي آهي ته ڪو آپريٽو سوسائٽين کي ضمانتون مهيا ڪري ڏين جيئن اهي ڪارپوريشن کان قرض حاصل ڪري سگهن. ڳوٺاڻن علاقن ۾ قرض جون سهوليتون وڌائڻ لاءِ زرعي بئنڪ قائم ڪرڻ جي رٽا مڪمل ڪئي وئي آهي ۽ بئنڪ قائم ڪرڻ جو بل اڳي ئي نيشنل بئنڪ ۾ متعارف ٿي ويو آهي.[1] زراعت پيشه ماڻهن کي آپريٽو سوسائٽين ۽ بين ادارن کي قرض جون سهوليتون مهيا ڪرڻ سان گڏوگڏ بئنڪ کي آپريٽو سوسائٽي کي فني معاونت مهيا ڪندي ۽ زرعي پيداوار لاءِ گودام ۽ انهنکي وڪرو ڪرڻ جون سهوليتون پڻ ڏيندي. بئنڪ جي شروعاتي (Paid up) موڙي ٽي ڪروڙ رپيا هوندي جنهن مان ۽ ڪروڙ مرڪزي حڪومت ڏيندي ۽ هڪ ڪروڙ صوبائي حڪومت ۽ ڪو آپريٽو ادارن کي حصن ذريعي پيش ڪيو ويندو. هاڻي ڳوٺاڻن علاقن ۾ قرض جي مسئلي لاءِ اهو طريقو اختيار ڪيو ويو آهي. اهو هڪ نئون طريقو آهي ۽ اهو حڪومت پاڪستان طرفان شروعات ڪرڻ کان سواءِ زبر غور نه اچي سگهي ها. انهي سان گڏوگڏ اندروني بچتن کي وڌائڻ جو امڪان پڻ موجود آهي جن جي سيڙپڪاري ڪرڻ جون سهوليتون پوسٽ آفيس سيونگس بئنڪ، پوسٽ آفيس سيونگ سرٽيفڪيٽس ۽ پوسٽل لائيف انشورنس ۾ موجود آهن. صوبائي حڪومتون نيشنل سيونگس سرٽيفڪيٽس جي وڪري کي عوام ۾ مقبول ڪرڻ جي هڪ نندڙي بچت اسڪيم مرڪزي

[1] اها اسڪيم هاڻي حقيقت جو روپ وٺي چڪي آهي. (ايڊيٽر)

حڪومت جي نظرداري هيٺ هلائي رهيون آهن. ڇيو وڃي ٿو ته اها اسڪيم اطمينان بخش نموني اڳتي وڌي رهي آهي. انهن مختلف ذريعن سان انهن مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ جي اميد ڪئي پئي وڃي جيڪي سن 1947ع ۾ مودي واري وياجي نظام جي ڀڃڻ سبب پيدا ٿيون.

سنڌ انڊسٽريل ڪميشن پاران پڇيل سوالن جي جواب ۾ حڪومت سنڌ جي فنانس ڊپارٽمينٽ جي سيڪريٽري مسٽر اي جي. ايم قاضي 1954ع ۾ بيان ڪيو ته عوام جون بچتون ايتريون ته ٿورڙيون هيون جو اهي وڏي پيماني تي صنعتي عمل لاءِ گهربل سرمايه ڪاري لاءِ موڙي (Capital) جي تشڪيل نه ڪري سگهن ها. هن جو چوڻ هو "حقيقت اها آهي ته صوبي ۾ موڙي جي تشڪيل جو عمل تمام سُست رهيو آهي. بدقسمتي اها آهي جو تڙانگ اڪر موجود نه آهن. البت اها ڳالهه پڌري آهي ته خود صوبي جي ماڻهن جي جملي آمدني 100 کان 150 ڪروڙ جي اندر آهي. انهي مان اها ڳالهه صاف ظاهر ٿئي ٿي ته فقط بچتون، جيڪي ترقي يافته ملڪن ۾ به 5 کان 10 سيڪڙو هونديون آهن. شايد ايتري پيماني تي موڙي جي تشڪيل نه ٿيون ڪري سگهن جيڪا جيئن ته ڪميشن سوچ ڪئي آهي انهي سموري آدمشماري کي صنعتن ۾ جذب ڪري سگهي. انهي دوران زرعي ڪمن ڪارين لاءِ سرمايه ڪاري دستياب وسيلن مطابق بهترين نموني ٿي رهي آهي. جيستائين زرعي جنسن جون قيمتون مٿي رهن ٿيون ۽ امڪان به اهوئي آهي ته اهي مٿي رهنديون ۽ آبادي جي واڌ ۽ اناج ۽ ڪپهه مان ٺهيل شين جي دائمي وڌندڙ ضرورت جو پورائو ڪرڻ کي مد نظر رکندي امڪان اهو آهي ته زميندار طبقي کي ڇڪي اطمينان بخش آمدني ٿيندي رهندي جنهن مان هو ڪڙمين کي اوڏر ڏيندو رهندو. في الوقت شايد انهي کان وڌيڪ ڪجهه نه ٿو چئي سگهجي. ڪو آپريٽو سوسائٽين جي اهميت ۽ ڳوٺاڻن علائقن ۾ قرض ڏيڻ بابت سرڪاري راپو گهٽو وٽندڙ نه آهي. سنڌ جي رجسٽرار ڪوآپريٽو سوسائٽيز 1953ع ۾ سنڌ انڊسٽريل ڪميشن آڏو پنهنجي بيان ۾ چيو ته سنڌ صوبي ۾ 331 ڪو آپريٽو سوسائٽيون ڪم ڪري رهيون هيون. انهن مان 187 زرعي قرض ڏيندڙ سوسائٽيون هيون جيڪي هنن درجن ۾ ورهايل هيون: 6 زميندارن بئنڪون، 16 تعلقي انڊسٽريل بئنڪون، 2 ملٽي پرپز سوسائٽيون، 33 ري آرگنائيزڊ سينٽرل سوسائٽيون، 3 فارمنگ سوسائٽيون ۽ 127 ان لميٽيڊ پرائمري انڊسٽريل سوسائٽيون. انهن سان گڏوگڏ شڪارپور گرين سيل سوسائٽي لميٽيڊ نالي هڪ انڊسٽريل نان ڪريڊٽ سوسائٽي پڻ هئي. رجسٽرار چوي ٿو ته انهي هلچل جي شروعات ۾ گهٽو ڏيان انڊسٽريل ڪوآپريٽو ڪريڊٽ کي وڌائڻ جي پاسي هو سنڌ جي مختلف حصن ۾ شروعاتي مرحلن ۾ ناهيل پرائمري انڊسٽريل ڪوآپريٽو سوسائٽيون پنهنجا مقصد حاصل نه ڪري سگهيون. ويهين صدي جي پهرين چئن ڏهاڪن دوران ڪوآپريٽو سوسائٽين جي ڪم جو تجربو ڏيڪاري ٿو ته پرائمري ولیج سوسائٽيون پنهنجين مخصوص حالتن ۾ موزون ثابت نه ٿيون. انهن جي ڪامياب نه ٿيڻ جا ڪجهه سبب هي آهن ته ڪي منظم ڳوٺ ۽ مواصلات جا ذريعا ڪونه آهن. ڳوٺ جي مکي ڪي تمام گهٽو اثر حاصل آهي هو ۽ هن جا مٽ مائٽ اداري تي ڪنٽرول هلائين ٿا. عوام تعليم کان

بلڪل وانجهيل آهي، ۽ نتيجي طور انهي ۾ ڪو جمهوري روح ڪونهي. ڏهه سيڪڙو جيتري گهٽ تعليمي شرح سبب ترقي جو پري پري تائين ڪو امڪان ئي نه آهي. سيڪريٽري طور ڪم ڪرڻ لاءِ تربيت يافتو ماڻهن جي ڪوٽ آهي. سوسائٽيون گهٽ موڙي سبب Head charges جو پورائو پڻ نه ٿي ڪري سگهيون. مناسب نگهداشت جي ڪوٽ، ڳوٺن ۾ ڳوٽ جي زميندار کان آزاد ڪنهن رهائش جو بندوبست نه هڻڻ جنهن ۾ انسپيڪٽر ۽ عملو رهي سگهي. چيئرمئن ۽ ڪاميٽي ميمبرن پاران سوسائٽي جي فنڊن جو غلط استعمال ۽ ٻين جي نالن تي فرضي قرض جاري ڪرڻ. انهن دشوارين کي مدنظر رکندي رجسٽرار چوي ٿو: ڳوٺن ۾ ڪنهن ترقي يافته جمهوري ملڪ جي محفوظ طرز تي پرائمري ائگريڪلچرل سوسائٽيون ناهڻ ممڪن نه آهي. ڇو ته اهڙي قسم جي ادارن جي واڌ ويجهه لاءِ جمهوري سوچ تمام مضبوط سهارو هوندي آهي. ڪو آپريٽو تحريڪ سن 1918ع ۾ سرگرمي سان وجود ۾ آئي. تڏهن سنڌ صوبو بمبئي پريزيڊنسي جو حصو هو. تڏهن کان هر قسم جون 656 نيون سوسائٽيون رجسٽرڊ ٿي چڪيون آهن ۽ 750 سوسائٽيون بند ٿي ويون آهن. تنهنڪري في الوقت ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي ته ڳوٺاڻن علائقن ۾ قرض ڏيڻ لاءِ ڪو آپريٽو سوسائٽين تي گهڻو دارومدار نه ٿو رکي سگهجي. جيستائين زراعت جي مجموعي طور ۽ زرعي ڪارڪن جي انفرادي طور پيداواريت وڌائڻ جي اپائن جو سوال آهي ته انهي بابت ڪيترائي مسئلا غور طلب آهن جهڙوڪ زمين جي ايڪڙن جي لحاظ کان مناسب حد، وڏيون زميندارين پيچي زمينن جي ورهاست، آبادي، جا سڌريل طريقا، آبادي ۾ واڌ جو اثر جنهنجي جي شرح لڳي ٿو ته 1.4 سيڪڙو سالياني آهي. انهي جي نتيجي ۾ ملڪ جي غذائي رسد تي دٻاءُ پوندو ۽ زرعي شين جي قيمت تي پڻ اثر پوندو. پروفيسر آرائين کان پڇيو ويو ته هو زمين جي مالڪي جي ڪفايتي حد ڇاکي ٿو سمجهي ته سندس رايو هو ته خود آباد ڪندڙ هاري لاءِ بيراجي خشڪ فصل لاءِ 64 ايڪڙ ۽ بيراجي سارين جي ايراضي لاءِ 32 ايڪڙ. هن جي راءِ ۾ ڪنهن زميندار لاءِ زمين جي گهٽ ۾ گهٽ حد جنهن جي ذريعي هو رهٽي کهٽي جو سٺو معيار برقرار رکي سگهي ۽ پنهنجن ٻارن کي ڪاليج ۾ تعليم ڏياري سگهي اها آهي بيراجي خشڪ فصلن واري ايراضي ۾ 320 ايڪڙ ۽ بيراجي سارين جي فصل واري ايراضي ۾ 160 ايڪڙ. ظاهر آهي ته ايتري پکيڙ وارين زمينداريون قائم ڪندي جيڪڏهن سنڌ جي سموري زمين پوکي راهي ڪندڙ هارين ۾ ورهائي ويندي ته اها هارين جي ايتري انگ لاءِ گذر سفر جو ذريعو مهيا ڪرڻ لاءِ ڪافي نه ٿيندي جيترا هاٿي ڪم ۾ لڳا پيا آهن. حقيقت اها آهي ته سنڌ حڪومت انهي مفروضي تي ڪم ڪري رهي هئي ته زمين پاڻ آباد ڪندڙ هاري لاءِ زمين جي گهٽ ۾ گهٽ ڪفايتي حد تقريباً 20 ايڪڙ ٿيندي هاٿي سنڌ ۾ جيتري زمين دستياب آهي اها جيڪڏهن انهي تخفيف ڪيل انگ مطابق ورهائي وڃي ته به اها سيني ماڻهن ۾ پوري نه پوندي. تنهنڪري مستقبل ۾ پيلي ڪجهه به ٿيڻو هجي پر في الحال اهڙو ڪو امڪان نه ٿو ڏسڻ ۾ اچي ته موجوده زميندارين کي ورهائي ٽڪرا ڪرڻ جي ڪابه رٿا قومي معيشت لاءِ موجوده نظام کان وڌيڪ فائديمند ٿيندي جنهن ۾ وڏيون، وچوليون ۽ ننڍيون جاگيرون موجود هجڻ سان گڏوگڏ تمام وڏو انگ خود آباد ڪندڙ ڪڙمين جو پڻ آهي. نه ئي انهي

ڳالهه جو ڪو امڪان آهي ته ٿور مدتي زرعي قرض مهيا ڪرڻ لاءِ موجوده هاري زميندار تعلق واري نظام کان ڪو نظام بهتر نتيجا ڏئي سگهي ٿو. پوڪي جي ڪم ۾ سڌارن کان سواءِ، جيڪو شايد سڀ کان وڌيڪ اهم آهي: زراعت جي پيداواريت وڌائڻ لاءِ زرعي ڪمن ۾ مشينون ڪتب آڻڻ ۽ ڪو آپريٽو فارمنگ پڻ مڪيه طريقا آهن. البت فنانس سيڪريٽري مسٽر قاضي انهي راءِ جو آهي ته وڏي پيماني تي مشيني عمل جي ضرورت نه آهي. هن سنڌ ائگريڪلچرل ڪميشن جي آڏو چيو: "اسان کي اها ڳالهه تسليم ڪرڻي پوندي ته ايندڙ ڪيترن ورهين تائين سنڌ جي معيشت وڏي حد تائين زراعتي رهندي ۽ آبادي جي وڏي حصي کي زراعت تي دارومدار رکڻو پوندو. سموري زرعي عمل کي مشيني ڪرڻ جي ڪوشش جي ضرورت نه ٿي محسوس ٿئي ڇاڪاڻ ته انهي سان واڌو بيروزگار زرعي آبادي ۾ اضافو ٿيندو جنهن کي ايندڙ گهڻي وقت تائين صنعت ۾ جذب نه ڪري سگهبو." سنڌ ائگريڪلچرل ڪميشن سنڌ ۾ زراعت ۾ مشيني عمل ۾ واڌارو ڪرڻ بابت محتاط تجويز ڏني. ڪميشن چيو: "بيراجي علاقي ۾ زمين جا وسيع ٽڪرا ايڏا غير آباد پيا آهن ۽ ٻين ٻن بيراجن سان پڻ ڪيتري ئي نئين غير آباد زمين سيرابي هيٺ ايندي. زرعي مزدورن جي ڪوٽ سبب اسان کي خدشو آهي ته انهن ايراضين کي مشينري جي مدد کان سواءِ سڌارڻ ناممڪن هوندو. زرعي ميدان ۾ مشيني عمل متعارف ڪرائڻ سان هڪ آبادگار سولائي سان وڏي زمين آباد ڪري سگهندو ۽ ان جي سار سنڀال لهي سگهندو نتيجي ۾ هن جي ڪم جو وڏو وقت گهٽجي ويندو جنهن سبب هن کي ثقافتي ۽ سماجي ڪم لاءِ ڇڪو وقت ملي ويندو." ڪميشن هن حقيقت ڏانهن به ڌيان ڇڪرايو ته مسلسل ۽ زوردار پوک ڪرڻ سبب زمين تمام سخت ۽ پنجوڙ واري ٿي پئي آهي جنهن کي ڍڳن ۽ پراڻي زماني جي هر سان هر ڏيڑ تمام ڏکيو ٿئي ٿو. اهڙين حالتن ۾ جڏهن هڪ ته ڪوس سبب ۽ وري گهوڙن کي هر ۾ ڪتب نه آڻڻ سبب صوبي ۾ دستياب ڍڳن جي انگ ۾ وڏي ڪوٽ ٿي پئي آهي ته انهن دشوارين کي منهن ڏيڻ لاءِ مشينري ضروري ٿي پوندي. ڊائريڪٽر آف ائگريڪلچر، ڪميشن آڏو پنهنجي بيان ۾ چيو: "ائگريڪلچرل انجنيئرنگ سيڪشن زميندار ۽ هارين کي "نه نفعو نه نقصان" جي بنياد تي مسواڙ تي ڏيڻ لاءِ وڏي هارس پاور وارن ٽريڪٽرن جو هڪ وڏو تعداد دستياب ڪري رکيو آهي انهن جي طلب وڌندي پئي وڃي ۽ ڪاتو ٽريڪٽرن جي محدود انگ سبب ضرورتون پوريون نه ٿو ڪري سگهي جيستائين ننڍن ڪاتيدارن جو تعلق آهي ته انهنکي انهيءَ ۾ دلچسپيءَ نه آهي. چند وڏن زميندارن پنهنجي زمين آباد ڪرڻ لاءِ جزوي طور مشيني عمل شروع ڪيو آهي. انهي پروگرام کي وڏي پيماني تي هلائڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. ڇاڪاڻ ته اهو هڪ پاسي زرعي مزدورن جي جاءِ والاربندو جن جي لاءِ ڪو متبادل ڏنڏو نه آهي ٻئي پاسي وري مرمت، نگهداشت ۽ اسپيئر پارٽس جو ڪو بندوبست ڪونهي جنهن سان آبادگارن لاءِ وڏيون مشڪلاتون پيدا ٿين ٿيون تنهنڪري انهي رخ ۾ ترقي جي رفتار تمام سُست آهي. بهرحال 26 لک رپين جي لاڳت سان وڏي طاقت وارا ٽريڪٽر خريد ڪرڻ جي هڪ رٿا تيار ڪئي وئي آهي. اهو پراجيڪٽ پنجن ورهين تي پکڙيل آهي. پهرئين سال لاءِ گهربل ساز سامان 52-1951ع ۾ خريد ڪيو ويو ۽ ٻئي سامان لاءِ حڪومت کان منظوري

ونڊي هئي." جڏهن سر راجر ٽامس کان سنڌ ۾ خيرپور ۾ زراعت ۾ مشيني عمل شروع ڪرڻ بابت راءِ پڇي وئي ته هن جواب ڏنو: "ڪجهه مغربي ملڪن ۾ جنهن وڏي پيماني تي مشيني عمل شروع ڪيو ويو آهي آءُ اهڙي سطح جو ڪم پاڪستان ۾ ڪرڻ جو حامي نه آهيان. آءُ جزوي مشيني عمل جو حامي آهيان جنهن ۾ فقط وڏا وڏا ڪم مشينن ذريعي ڪيا ويندا اهڙي ريت ٻنين تي موجوده ڪم ڪندڙ به رُڌل رهندا. جزوي طور مشيني عمل شروع ڪرڻ جا فائدا اهي ٿيندا جو زمين سڌي نموني تيار ڪرڻ سان اُپت وڌندي. گند گاهه تي ڪنٽرول ٿيندو هر سڌا ايندا. ڍڳن واري ڪشالي کان بچي وڃبو ۽ انهي جي نتيجي ۾ جيڪي زمينون گاهه لاءِ ڪتب اچن ٿيون اهي غذائي ۽ روڪ فصلن لاءِ ڪم ايندڙ ٿيون ۽ ٻني جي پيداوار جي بار برداري جي خرچ ۾ به بچت ٿيندي. فارم تي محدود انداز ۾ مشيني عمل شروع ٿيڻ جو اهم ۽ واڌو فائدو اهو ٿيندو جو ڳوٺاڻي معيشت ۾ ڪورخنو نه پوندو جو انهي سان موجوده زرعي مزدور غير ضروري طور بيڪار ٿيڻ کان بچي ويندا. نئين زمينن جي ضرورتن جو پورائو اهڙي طرح ڪري سگهجي ٿو جو انهن تي ٽريڪٽرن ۽ ٽريڪٽرن ذريعي هلندڙ مشينري گڏيل طور ڪم آندي وڃي. هيٺاهين سنڌ بيراج ذريعي سيراب ٿيندڙ علائقن ۾ انهي ڳالهه جو خدشو موجود آهي ته پاڻي جو گهٽو مقدار غلط استعمال ۾ ايندو ۽ جيستائين حڪومت انهي آفت کي منهن ڏيڻ جا اپاءَ نه ٿي وٺي پراجيڪٽ جي شروعاتي ورهين ۾ زمين جي وڻن ٽڪرن کي دائمي ۽ ناقابل تلافي نقصان ڏيندو رهندو. انهن زمينن جي وڏي حصي تي مشينون ڪتب آڻڻ نه فقط بهتر پر ضروري ڳالهه آهي جو انهي سان موجوده زرعي مزدورن کي ڪم ۾ سهائتا ملندي. حڪومت کي پنهنجون زمينون عارضي طور ليز تي ڏيڻ لاءِ پنهنجن شرطن ۾ ڪي اهڙيون شقون رکڻ گهرجن جيئن انهن تي طي ٿيل پيماني مطابق مشيني عمل شروع ٿي سگهي."

تنهنڪري لڳي ٿو ته سنڌ ۾ خيرپور ۾ مشيني عمل کي وڌائڻ جا امڪان سڀ آهن بشرطيڪ نئون نظام مرحليوار شروع ڪيو وڃي ۽ ڪم ايندڙ ٽريڪٽرن ۽ بين ميڪانيڪي اوزارن جي صحيح نموني سار سنڀال لاءِ سروس ۽ مينٽيننس ڊپو به کوليو وڃي. سنڌ ۾ خيرپور ۾ پوڪ مان اپت وڌائڻ لاءِ تجويز ڪيل ٻيو اهم طريقو ڪوآپريٽو فارمنگ سان لاڳاپيل آهي. انهي بابت سر راجر ٽامس جا خيال هي آهن: "منهنجي خيال ۾ سنڌ ۾ موجوده حالتن ۾ ڪوآپريٽو فارمنگ جي جنهن واحد نظام جي ڪامياب ٿيڻ جو جيڪڏهن ڪو امڪان آهي ته اهو هي آهي ته حڪومت پنهنجين سرڪاري زمينن تي فصلن پوکڻ ۾ آبادگارن سان گڏجي ڪم ڪري ۽ هڪ بورڊ جي صورت ۾ پنهنجا نمائندا مقرر ڪري يا زمين جي هر رخ کان بندوبست ۾ شامل ٿئي. انهي طريقي سان سوڊان ۾ سڌي ڪاميابي ملي آهي. ڪڙمين کي ڪي به مالڪاڻا حق نه ڏنا ويندا. البت انهنکي ڪفايتي ڪٽنبي زمينن تي آبادي جا حق ڏنا ويندا. حڪومت فارم جي انتظاميه ۾ اسٽيٽيوٽري بورڊ ذريعي شامل ٿيندي جنهن جا فرض ۽ ذميواريون واضح ڪرٽيون پوندیون. ڪنهن به قسم جي ٽئڪس يا آبيانا روڪ صورت ۾ نه ورتا ويندا. زمين تي سرڪاري محصول پوکيل فصلن مان حصي جي صورت ۾ ورتا ويندا. محصول ۾ فارم جي انتظام ڪاري ۾ بورڊ جي ڪم ڪارين تي ايندڙ خرچ پڻ

شامل هوندا." هوانهي نتيجي تي پهچي ٿو ته: "آءٌ پر زور سفارش ڪريان ٿو ته هيناهين ۽ مٿاهين سنڌ بيراج پراجيڪٽن مان سيراب ٿيندڙ سرڪاري زمينن تي وڌي پيماني تي انهي انداز جي ڪو آپريٽو فارمنگ شروع ڪئي وڃي. حڪومت کي انهي قسم جي ڪم مان جيڪو تجربو ملندو انهي سان زميندارن زمينن تي ڪي بهتر لئنڊ ٽينيورئر سڌارا آڻڻ جي راهه هموار ٿيندي" سنڌ ائگريڪلچرل ڪميشن سر ٽامس راجر سان انهي ڳالهه تي اتفاق ڪيو ۽ سندس انهيءَ تجويز سان سهمت ٿيندي سفارش ڪئي ته هيناهين سنڌ بيراج ۾ 50000 ايڪڙ ۽ مٿاهين سنڌ بيراج ۾ 50000 ايڪڙ ڪو آپريٽو فارمنگ نظام تحت تجربو ڪرڻ لاءِ مخصوص ڪيا وڃن. سنڌ ائگريڪلچرل ڪميشن جون تجويزون سنڌ حڪومت ڏانهن موڪليون ويون ۽ هاڻي جيئن ته اها حڪومت مغربي پاڪستان حڪومت ۾ ضم ٿي چڪي آهي تنهنڪري سنڌ ۽ خيرپور ۾ ڪو آپريٽو فارمنگ بابت سفارش تي ڪوبه فيصلو مغربي پاڪستان حڪومت تي ڇڏيو وڃي.

سنڌ ۽ خيرپور جي زرعي معيشت جي مکيه خصوصيتن بابت هن بيان کي پڄاڻي تي پهچائيندي ڪجهه لفظ انهن ڪوششن بابت چوڻ ضروري آهن جيڪي حڪومت گذريل ستر ورهين دوران زميندارن جي قرضداري بابت قانونسازي جي ڏس ۾ ڪيون آهن. زير بحث قانون هي آهن. سنڌ انڪمبرڊ اسٽيٽس ائڪٽ ۽ انهي ۾ مختلف ترميمون ۽ ڪورٽ آف واردس ائڪٽ جيڪي زميندار طبقي جي فائدي لاءِ ٺاهيا ويا هئا ۽ دڪن ائگريڪلچرلسٽس رليف ائڪٽ جيڪو سنڌ ۾ 1901ع ۾ زراعت پيشه ماڻهن جي مالي حالت ۾ بهتري آڻڻ لاءِ عمل ۾ آندو ويو هو. انهي سان گڏوگڏ بالترتيب 1884ع ۽ 1883ع جا ائگريڪلچرلسٽس ۽ لئنڊ امپروومينٽ لونس ائڪٽ زميندارن جي خاص طور دڪن ائگريڪلچرلسٽس رليف ائڪٽ لاڳو ٿيڻ کان پوءِ وڌي مدد ڪئي آهي. انهي ائڪٽ جو اثر اهو ٿيو جو انهي زراعت پيشي توڙي وياج خور ٻنهي جو قرض ختم ڪري ڇڏيو ڇاڪاڻ ته عام حالت ۾ زمين جو مالڪ وياج خور هوندو هو ۽ هڪ زراعت پيشي جي حيثيت ۾ سرمايه ڪار جي برخلاف پنهنجي حيثيت جو فائدو ونندو هو جنهن کان هو پنهنجو ڪاروبار هلائڻ لاءِ اوڌر ونندو هو. انهي جي نتيجي ۾ پئسو هٿ ڪرڻ ۾ جيڪي دشواريون پيش اچڻ لڳيون ڇيو وڃي ٿو ته انهي زراعت کي وڏو نقصان پهچايو پر انهي ڳالهه جو لونس ائڪٽ ڪانسواءِ به اهوئي اثر ٿئي ها. پر اها ڳالهه کنهن به شڪ شبهي کان بالا آهي ته انهن ناجائز پئسو ڪمائڻ ۽ اجائي خرچ کي روڪڻ توڙي غريب زميندارن کي ڏکيائين مان آجو ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. سنڌ انڪمبرڊ اسٽيٽس ائڪٽ جو مقصد زميندارن ۽ جاگيردارن جي غير منقوله ملڪيت جو بندوبست رکي انهن جا قرض ختم ڪرڻ آهي. ڪورٽ آف واردس ائڪٽ جو مقصد انهن مردن توڙي عورتن جي ملڪيت جي نگهداشت ڪرڻ آهي جيڪي پنهنجي عمر يا ذهني يا جسماني نا پختگي سبب پنهنجي ملڪيت سنيالڻ کان قاصر آهن. اهڙي طرح اها ملڪيت ضايع ٿيڻ کان بچي ويندي. هيٺئين جدول مان سنڌ ۾ 1947ع کان سنڌ انڪمبرڊ اسٽيٽس ائڪٽ ۽ ڪورٽ آف وارڊس ائڪٽ جي عملڪاري جي خبر پوي ٿي.

سنڌ ۾ خيرپور ۾ صنعتي عمل جي صورتحال

سنڌ صنعتي عمل ۾ شهري آبادي وڌ ۾ کان ڪيترو پري آهي اها ڳالهه 1951ع جي آدمشماري مان ظاهر ٿئي ٿي. انهن انگن اکرن مطابق زراعت کانسواءِ ٻين ڏنڏن مان روزگار حاصل ڪندڙ آبادي مان هر ويهن ماڻهن مان فقط هڪ ڪنهن صنعت ۾ ڪم ڪيو ٿي ۽ سنڌ ۾ 1951ع ۾ جملي آبادي ۾ شهري آبادي جو تناسب 14.7 هو يعني سڄن مان لڳ ڀڳ هڪ فرد. شهري آبادي جو وڏو حصو خود حيدرآباد ۾ آهي. جنهن جي آدمشماري 1951ع ۾ 241,000 هئي. حقيقت ۾ سموري ريجن ۾ فقط حيدرآباد ئي واحد ڇڪو شهر آهي ۽ 1951ع ۾ انهي جي آبادي هڪ ملين جي چوٽين حصي تائين پهچڻ جو گهٽو سبب اهو هو جو شهرن ۾ رهندڙ پناهيگيرن جو وڏو حصو اتي پهچي ويو جن جي تعداد وڏي تعداد ۾ ترقي يافته هندن جي نڪري وڃڻ جو پورائو ڪري ڇڏيو. اهي هندو واپاري ۽ ڪاروباري طبقن سان تعلق رکندا هئا. جڏهن هن گزيٽيئر جو ڪمپائيلر ٽيهه ورهيه اڳ حيدرآباد جو ڪليڪٽر هو تہ شهر جي حدن ۾ رهندڙ آبادي جو انگ 80,000 کان وڌيڪ نہ هو. جيئن تہ صنعت جو عمل ۽ شهرن جي وڌڻ جا ڪم عام طور گڏوگڏ ٿيندا آهن تنهنڪري اهو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو تہ سنڌ اهي مخصوص صنعتي حالتون حاصل ڪرڻ کان اڃا تمام پري آهي جيڪي مغرب جي ترقي يافته ملڪن ۾ عام آهن. سن 1951ع جي آدمشماري مان خبر پوي ٿي تہ سنڌ ۽ خيرپور جي 458,000 غير زرعي ليبر فورس مان ڪارخانن جي هنرمند مزدورن جي طبقي ۾ فقط 76000 مزدور اچن ٿا جڏهن تہ وڪري ڪندڙ ۽ دڪاندار جيڪي واپارين جي طبقي ۾ اچن ٿا انهن جو انگ فقط هڪ لک آهي. زراعت کانسواءِ ڪارخانن ۽ ڪاروبار ۾ جملي روزگار سان لڳل آبادي جو فقط 12 سيڪڙو آهي. سنڌ ۽ خيرپور جي غير زرعي شهري ليبر فورس جي ورهاست هن جدول ۾ ڏيکاريل آهي:

مکيه اقتصادي شعبا	جملي ڪارڪن
جملي شعبا	457942 8505
ٻيلا	101
ماهيگيري	10314 222
کاڻيون	514
مينوفيڪچرنگ	81139 1184
تعميرات، يوٽيلٽيز	8159 25

واپار، تجارت	116271 1153
ٽرانسپورٽ، جهاز راني، بندرگاهه	18717 52
پوسٽ، مواصلات	751
تعليم	8177 227
طب	4022 482
گورنمينٽ، ميونسپل	42449 135
گهريلوءِ شخصي خدمتون	51380 1684
مذهب، آرٽ، پبلڪ انفارميشن	3447 387
ٻيا ءِ ڪنهن شعبي ۾ نه ايندڙ	112601 2954

انهن ۾ دفاعي ادارن ۾ ڪم ڪندڙءِ اقتصادي طور غير سرگرم فرد شامل نه آهن.

صنعت جي جدول — صوبو سنڌ

سن 1948ع 1949ع ءِ 1950ع

	صنعت جو نالو	1948ع	1949ع	1950ع
.1	ڪڪ جواٽو	5	5	6
.2	رائيس مل	96	95	93
.3	بسڪوٽ ٺاهڻ	6	6	6
.4	شراب ٺاهڻ	1	1	1
.5	ڪاجرو گيهه تيل پيڙهڻ، صاف ڪرڻ	3	3	3
.6	سيمينٽ	1	1	1
.7	شيشوءِ شيشي جو سامان	1	1	1
.8	عام انجنيئرنگ ءِ اليڪٽريڪل انجنيئرنگ	5	5	7

سن 53_1951ع ۾ سنڌ ۾ مينوفيڪچرنگ ادارن جو تعداد

	صنعت جو نالو	1951ع	1952ع	1953ع
	جملي	263	261	285
1.	ڪٽڪ جو ڪارخانو	6	6	5
2.	رائيس مل	94	94	9
3.	بسڪوٽ ٺاهڻ	6	6	0
4.	شراب ٺاهڻ	1	1	5
5.	ڪاجرو گيهه تيل پيڙهڻ صاف ڪرڻ ٺاهڻ	4	4	3
6.	ڪلون رڱڻ	1	1	--
7.	سيمينٽ	1	1	3
8.	شيشو ۽ شيشي جو سامان	1	1	2
9.	ڪپهه ڏاڳو ٺاهڻ ۽ ڪپڙو ٺاهڻ	--	1	3
10.	جنرل ۽ اليڪٽريڪل انجنيئرنگ	6	6	5
11.	جوتا ۽ چمڙي جو سامان ٺاهڻ	1	1	1
12.	زري ۽ بيون اٽت جون شيون	--	--	1
13.	ڪپهه ٽائڻ ۽ پريس ڪرڻ	130	127	125
14.	ريشم ۽ مٽرادو ريشم	1	1	1
15.	بجلي پيدا ڪرڻ ۽ پهچائڻ	3	3	4
16.	ريلوي ورڪشاپ، مرمت ۽ انجڻين جي مرمت	5	5	5
17.	ريل جا گاڏا ٺاهڻ	1	1	1
18.	ڪنهن خاص شعبي ۾ نه ايندڙ صنعتون	2	2	4

مهاجرن جي ڏنڈي وار ورهاست جنهن چٽي نموني مقامي سنڌ جي آبادي جي ڏنڈي وار ورهاست کان مختلف آهي اها هنن انگن اکرن مان ظاهر ٿئي ٿي. مهاجرن جي جملي 550,000 آبادي مان 358,000 غير زرعي ليبر فورس تي دارومدار رکندڙ هئا انهن جو تعداد 130,000 هو. جڏهن ته زرعي ليبر فورس ۾ اهي فقط 6000 جي تعداد ۾ هئا. وڌيڪ تفصيل هن ريت آهي ته 56100 مهاجر زراعت ۾ هئا، 37700 واپار ۽ تجارت ۾، 24200 مينوفيڪچرنگ ۾، 10700 سرڪاري نوڪرين ۾، 9900 گهريلو ۽ خانگي نوڪرين ۾ ۽ 6520 ٽرانسپورٽ ۾ هئا. ٽيڪنيڪل ۽ پروفيشنل ماڻهن جو انگ 36000، انتظامي ۽ مينيجري 1500 ۽ ڪلارڪي ڪم ڪندڙ جو انگ 1120 هو. وڪري جو ڪم ڪندڙ 35100،

هنرمند ڪارڪن 31700 ۽ غير هنرمند مزدور 32700 هئا. جڏهن ته خادم ڪارڪنن جو انگ 14000 هو. انهي عام تصوير مان اهو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو ته جڏهن سنڌ ۾ خيرپور ۾ هر ڏهن مان ست ماڻهو زراعت ۾ ان جي ذيلي ڌنڌن سان لاڳاپيل آهن ته ويهن مان فقط هڪ ماڻهو صنعت ۾ چوڏهن مان فقط هڪ ماڻهو واپار ۾ تجارت ۾ مصروف آهي. زراعت ڏانهن انهي واضح جهڪاءَ جي سبب ئي آزادي کان وٺي حڪومت پاڪستان ۽ سنڌ جي صوبائي حڪومت صنعت کي هٿي وٺرائڻ بابت تمام فڪرمند رهيون آهن ڇاڪاڻ ته مستقبل ۾ آبادي ۾ اضافو ٿيڻ سان پوءِ پلي پوڪي لائق زمين ۾ اضافو ٿيندو وڃي ۽ زمين کي ڪيڙڻ جا بهتر طريقا ايندا ويندا ته به سنڌ جهڙي زرعي معيشت لاءِ ايندڙ ڏهاڪن ۾ اتي رهندڙ سڀني ماڻهن لاءِ گذران جو ذريعو مهيا ڪري ڏيڻ ناممڪن ٿي ويندو.

سنڌ جي ڊائريڪٽر آف انڊسٽريز سن 1953ع ۾ سنڌ انڊسٽريل ڪميشن جي آڏو پنهنجي بيان ۾ رايو ڏيڪاريو هو ته آڌاڻا، ڪلون رڳڙ، جوتا ناهڻ، ڪڙ جا ٽائر ٽاڪ روغن جو ڪم، فائبر جو ڪم صابڻ ناهڻ ۽ پرت جو ڪم سنڌ لاءِ تمام مناسب نئين صنعتون ٿيندڙيون ڇاڪاڻ ته ان لاءِ خام مال جهجهي مقدار ۾ دستياب هو ۽ اهي صنعتون هٽڻ ۽ هلائڻ لاءِ گهٽي سرمايي جي به ضرورت نه هوندي جيئن هن باب جي منڊ ۾ ڏنل بيانن مان سمجهه ۾ ايندو ته سنڌ ۾ جديد انداز تي وڏي پيماني واري صنعت مشڪل سان ڪو وجود رکي ٿي. سر راجر ٽامس جي راءِ ڏني ته سنڌ ۾ وڏي پيماني تي ڪنهي بخش صنعت شروع ڪرڻ جي وڏي گنجائش آهي پر ترجيح اهڙين صنعتن کي ڏيڻ گهرجي جن ۾ زرعي پيداوار ڪم آڻي ٿي ۽ جيڪي انهن مان اهڙيون شيون ناهن جن تي ڪجهه وڌيڪ ڪم جي ضرورت هجي. ڪجهه ٽائر ۽ پريس ڪرڻ جون فيڪٽريون جيڪي سنڌ ۾ تمام گهٽيون آهن انهن جو ڪم مرسي هلندو آهي ۽ اهي سال جا بارهن مهينا ڪل وقتي نوڪري نه ٽيون ڏئي سگهن. زرعي شيون ڪم آڻيندڙ فيڪٽريون اڳيئي موجود آهن جن مان ڪڍڻ جي اڻي جون ڇڪيون 1953ع ۾ 5 هيون. ساڳئي سال ۾ رائيس ملون 90 ۽ بسڪوٽن جون فيڪٽريون 5 هيون. سنڌ ۾ آزادي کان پوءِ البت ڪجهه نوان صنعتن جي ڄمائڻ شروع ڪيا آهن. روهڙي ۾ هڪ خانگي اداري پاڪستان انڊسٽريل ڊيولپمينٽ ڪارپوريشن جي سهڪار سان هڪ وڏو سيمينٽ جو ڪارخانو قائم ڪيو آهي. اهو حڪومت پاڪستان جي ڪنٽرول هيٺ آهي. حيدرآباد ۾ زيل پاڪ سيمنٽ فيڪٽري جيڪا ملڪ ۾ سڀ کان وڏي آهي. انهي جو جنوري 1956ع ۾ رسمي افتتاح ٿيو. انهي فيڪٽري جي سالياني پيداواري صلاحيت 2.4 لک ٽن آهي وري ڊائود خيل ۾ قائم ٿيندڙ ميپل ليف سيمنٽ فيڪٽري جنهن جي پيداواري صلاحيت 1.6 لک ٽن هوندي اهي پئي ملڪ جي سيمينٽ جي وڌندڙ ضرورتن جو پورائو ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندين. سنڌ ۾ خيرپور ۾ ٻيو وڏو صنعتي ڪم بلوچستان ۾ سئي کان ڪراچي تائين 350 ميل ڊگهي پائيپ لائين جي تڪميل هو. اها پائيپ لائين فيڪٽرين جي استعمال لاءِ قدرتي گئس پهچائي ٿي. اهو سمورو ڪم 18 مهينن ۾ پورو ٿيو. انهي ۾ پاڪستان انڊسٽريل ڊيولپمينٽ فنانس ڪارپوريشن، برما آئل ڪمپني ۽ ڪامن ويلٿ ڊيولپمينٽ فنانس

ڪارپوريشن سان گڏجي ڪم ڪيو. ڪراچي ۾ ڪيترائي صنعتي صارف سيپٽمبر 1955ع ۾ نيچرل گئس تي اچي ويا ۽ حيدرآباد ۽ سکر ۾ پڻ صارفين کي گئس ڏيڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن. خيرپورميرس ۾ هڪ وڏي ٽيڪسٽائيل مل پارڻ طور سڀ کان گئس کتب آڻي رهي آهي. سُئي ڪراچي گئس پائيپ لائين تي 8.4 ڪروڙ خرچ آيو ۽ هاڻي اها ڪيترن ئي وڏن صارفين کي قدرتي گئس پهچائي رهي آهي. گئس جي اندروني ورهاست ڪراچي گئس ڪمپني لميٽيڊ ڪراچي ۽ انڊس گئس ڪمپني لميٽيڊ حيدرآباد جي حوالي ڪئي وئي آهي. اها پائيپ لائين ۽ دفعا سنڌو درياءَ جي مٿان لنگهي ٿي. هڪ دفعو سکر وٽ لائيڊ بيراج پُل ذريعي ۽ ٻيو دفعو ڪوٽڙي وٽان غلام محمد بيراج جي پل جي ذريعي. ٽنهنڪري سنڌ ۽ خيرپور انهي قدرتي پارڻ جي بهترين رسد کي ڪتب آڻڻ جي بهترين حيثيت ۾ آهن. سُئي وٽ انهي قدرتي گئس جو ذخيرو ايتري مقدار ۾ آهي جو هڪ سو ورهين کان وڌيڪ عرصو هلي سگهي ٿو. سنڌ ۽ خيرپور ۾ ايندڙ ٽيهن يا چاليهن ورهين دوران جيڪا ٻ وڏي يا وچولي درجي واري صنعت شروع ٿيندي انهي سان انهن لاءِ سستي پارڻ جو مسئلو سولو ٿي ويندو. سنڌ ۽ خيرپور انهي لحاظ کان واقعي خوش قسمت آهن جو اهڙي بهترين قدرتي سهوليت انهن جي در تي موجود آهي. برطانيا ۾ پاڪستاني هاءِ ڪمشنر جي گهر واري بيگم اڪرام الله لنڊن ۾ پاڪستان سوسائٽي جي هڪ تقريب ۾ 1956ع ۾ ڪيل تقرير ۾ چيو: "پاڪستان انهي لحاظ کان ڏاڍو خوش قسمت آهي جو اهو ڪيترن ئي قسمن جي گهريلو صنعتن ۽ دستڪارين جو مرڪز آهي. پاڪستان وٽ دستڪارين جو هڪ سگهارو ۽ گوناگون ورثو موجود آهي. انهي جي نه فقط هر صوبي پر تقريباً هر ضلعي وٽ پنهنجي مخصوص دستڪاري آهي. سنڌ کي ٺڪر جي ٽانون جو مرڪز چئي سگهجي ٿو. اتان جي وادين ۾ پنج هزار ورهيه اڳ بغير چمڪ وارا (unglazed) ٺڪر جا ٽانو ٺاهيا ويندا هئا. اڄڪلهه ٻ انهي قسم جا ٺڪر جا ٽانو آهن. هڪ قسم اهو آهي جيڪو نائين ۽ ڏهين صدي ۾ مسلمان حڪمراني شروع ٿيڻ کان جلد ئي پوءِ متعارف ٿيو. انهي جو مرڪز هالا آهي. اهو عام طور پورو ناسي يا پورڙي پيلي پس منظر سان آهي. انهي تي هڪ ٻئي سان امتزاج ٺاهيندڙ رنگ ڏنل هوندا آهن. ٺڪر جي ٽانون جو اهو قسم ڳرو، هٿ لاهڻ ۾ وٽندڙ ۽ ٻ دفعا پڪل هوندو آهي ۽ انهي جي چمڪ تمام نفيس هوندي آهي. توهان جي لاءِ اها ڄاڻ دلچسپي جو سبب ٿيندي ته هندستان ۾ گجرات اسڪول آف آرٽ جي شروعات ڪندڙ ڪاريگر ٻ هالا مان ئي ويا هئا. پاڪستان ۾ ملندڙ دستڪاري جو ٻيون سڀ کان مشهور قسم مختلف قسمن جو برٽ جو ڪم آهي. سنڌ جي هڪ مشهور برٽ جي خاص نشاني آئينا يا ڪاوا آهي. اهي ٽاڪي جي مختلف قسمن سان پريا ويندا آهن ۽ جيئن توهان کي ڏسڻ ۾ ايندو ته اهي تيز رنگن ۽ ڪُليل نمونن ۾ ڏاڍا دلڪش لڳندا آهن. سنڌي برٽ کان بلوچي برٽ اڃا وڌيڪ دلڪش هوندو آهي جنهن جو ڪم وڌيڪ نفيس ۽ وڌيڪ سهڻو هوندو آهي. برٽ جي انهن قسمن بابت تمام دلچسپ ڳالهه اها آهي ته اهو هارين نارين جو عورتون بغير ڪنهن نموني ۽ بغير ڪنهن ڊزائين جي پنهنجي دلئون ڪنديون آهن. ڏاڳن کي نباتاتي رنگن سان رنگيو ويندو آهي ۽ ڪم هلندي هلندي ڊزائينون ٺاهيون وڃيون آهن. اهو

ڪم تمام غريب عورتون بلوچي ٽڪرين تي تمام سادي خام مال سان ڪنديون آهن." بيگم اڪرام الله چيو گهريلو صنعتون قائم ڪرڻ انهن کي بچائڻ ۽ انهن کي ترقي ونرائڻ تمام ضروري امر هو. هن چيو ته: "اهي ته طرفي مقصد جو پورائو ڪن ٿيون. سيپ کان اهم ۽ پهريون جمالياتي آهي. اهي اسان جي فطرت جي تمام داخلي ضرورت جو پورائو ڪن ٿيون. اها داخلي ضرورت نه فقط انهن جي جيڪي انهنکي ڪتب آڻين ٿا پر انهن جي به جيڪي اهي ناهين ٿا. توهان فقط هنرمندن ۽ ڪاريگرن کي ڪم ڪندي ڏسو توهان سمجهي ويندا ته اها انسانذات جي تمام بنيادي ضرورت کي تسڪين ڏئي ٿي. ٻئين ڳالهه بيگم اڪرام الله چيو: "اها ڳالهه تمام ضروري آهي جو اهي هٿ جون ٺهيل شيون اسان جي ماڻهن کي جز وقتي نوڪري مهيا ڪن ٿيون جنهن مان انهن جي زرعي نوڪري کي ٽيڪو ملي ٿو. ڳوٺ ۾ توهان کي پنهنجو ڪنيار ۽ پنهنجو ڪوري هوندا آهن. انهي ڪم جو جاري رهڻ تمام ضروري آهي ته نه انهي جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ اٽل پٽل ڏاڍي خطرناڪ هوندي. پوءِ وري انهن شين جو علاجي استعمال اچي ٿو. ڇاڪاڻ ته جديد سائنس ثابت ڪيو آهي ته هٿ جي ڪم جا شفائي اثر ٿين ٿا. جنگ ۾ زخمي سپاهين توڙي اعصابي مرض جو شڪار مريضن کي شفايابٽيڙ لاءِ هٿ جو هنر ڪرڻ لاءِ ڏنو ويندو آهي. جديد زندگي جي دباءَ ۽ چڪتاڻ ۾ انسان ۾ اهي شفائي طاقتون هئڻ ضروري آهن. برطانيا، ڪينيڊا ۽ آمريڪا جهڙا تمام وڏا مشيني صنعتي ملڪ معالجاتي ضرورت طور پنهنجين دستڪارين کي همٿائي رهيا آهن ۽ ٽڪر جي ٽانون لاءِ تمام وڏيون رقمون ڏين ٿا. اسان کي گهٽ ۾ گهٽ پنهنجين شين کي محفوظ ڪرڻ گهرجي انهي ڪان اڳ جو اهي نوادرات جي جهان ۾ هليون وڃن. ٽيون مقصد اهو آهي ته گهريلو صنعتن جي هڪ اقتصادي اهميت پڻ آهي. مون کي خبر آهي ته ڪيڻ ۽ سٽي جون ڳنڊيون دستياب ڪرڻ تمام سولو ڪم آهي. هيڏانهن توهان آربر ڏيو هوڏانهن اهي موجود ٿي ويندين پر دستڪارين دستياب ڪري ڏيڻ لاءِ وڏي تنظيم ڪاري گهربل هجي ٿي ۽ اهو ڏکيو ڪم آهي. پر جيڪڏهن صحيح نموني انتظام ڪيو وڃي ۽ تشهير ڪئي وڃي ته اهو پاڪستان لاءِ آمدني جو ذريعو ٿيندو. انهي ڳالهه ۾ اسين ٻين سان مقابلو ڪري سگهون ٿا. اسين صنعتي ملڪن سان مشينن سان ٺهيل شين ۾ ته مقابلو نه ٿا ڪري سگهون پر انهن شاندار هٿ جي ٺهيل شين ۾ مقابلو ڪري سگهون ٿا.

انهي ڳالهه ۾ ڪو شڪ نه آهي ته اڄڪلهه گهريلو صنعتون ڏکين مسئلن کي منهن ڏئي رهيون آهن ۽ انهي ڳالهه حڪومت پاڪستان جي پهرئين پنج سالا پلان 60_1955ع ۾ ڇڪو ڏيان ڇڪرايو آهي جنهن ۾ دشوارين جو تجزيو ڪيو ويو آهي ۽ ملڪ جي اقتصادي پاليسي جي حصي طور گهريلو صنعتن کي بهتر بنائڻ جي ممڪن طريقن تي غور ڪيو ويو آهي. گهريلو صنعتن کي ڪارخاني ۾ ٺهيل شين جي وڌندڙ لهر جي ممڪنه خطري کي مسٽر ايٽڪن گزٽيئر جي 1907ع واري اشاعت ۾ محسوس ڪري ورتو هو ۽ چيو هئائين: "اهڙن لطيف فنن جا ڪاريگر موجود آهن جن سبب سنڌ يا انهي جا ڪي شهر ڪنهن وقت ڏاڍا مشهور هئا. پر اهي فن سواءِ لاک روغن جي سيپ ختم ٿي ويا آهن ۽ ڪاريگر به هنر توڙي تعداد ۾ گهٽجي

ويا آهن." مسٽر اينڪن گزيٽيئر جي 1907ع واري اشاعت ۾ جن گهريلو صنعتن جو خاص طور ذڪر ڪيو هو انهن ۾ جوتا ٺاهڻ، ڪلون رڱڻ، ڪپڙو رڱڻ، ٻيڙيون ٺاهڻ، برٽ جو ڪم، ڪاشي جا ٽانو، چيرولي جو ڪم، ميناڪاري، ٽيل ڏاتو عاج جون شيون ۽ پتل جا ٽانو اچي وڃن ٿا. هن گزيٽيئر ۾ مسٽر اينڪن پاران ڏنل ڪجھ ڪمن جي مڪمل بيان جي گنجائش نہ آهي، پر اڳتي ايندڙ 1951ع جي آدمشماري جي انگن اکرن تي تبصري طور ڪجھ ڳالهيون غير اهم نہ ٿيندیون. گهريلو صنعتن مان هڪ سڀ کان اهم صنعت جوتا ٺاهڻ بابت مسٽر اينڪن ليکي ٿو تہ اهو ڪم گهٽو ٿو موچين ۽ سوچين جي هٿن ۾ آهي. سوچي لفظ سنڌ، ماروار ۽ ڪچ جي هندو جوتا ٺاهيندڙن لاءِ آهي جڏهن تہ موچي لفظ عام طور سنڌ جي مينگهواڙ ذات جي مسلمانن لاءِ ڪتب ايندو هو. ماروار ۾ خاص طور انهن جي پاڪڙن جا چمڙي پوش (نتون) ٺاهيندا آهن. انهي ۾ چمڙي تي برٽ جو ڪم ڪيو ويندو آهي. تمام ڏيان سان برٽ پريل نٽ سموري بمبئي پريزيڊنسي ۾ چمڙي تي فنڪاراڻي ڪم جو بهترين نمونو هوندي هئي. ڪلون رڱڻ جي ڪم جو جوتا ٺاهڻ سان گهٽو ڳانڍيل هو آهي. پر اهو ڪم فقط ڪي ذاتيون ڪنديون آهن. وڏن ڏورن جون ڪلون جاتري، مينگهواڙ ۽ ڪڏهن ڪڏهن مڪراني رڱيندا آهن جڏهن تہ رڍن ۽ ٻڪرين جون ڪلون ڪلال رڱيندا آهن. اهو ڪم تمام سولو آهي. سنڌ جو چمڙو پاڪستان جي اڪثر حصن جي چمڙي کان پلو ليکيو ويندو آهي ۽ يورپ ڏانهن موڪليو ويندو آهي. انهن جون ڪلون ٻه ڏينهن جي ڪلن وانگر ئي رڱيون ويندیون آهن ۽ چمڙو ٻه ساڻين ئي ڪمن ۾ ڪتب آندو ويندو آهي پر انهي کي گهٽ قيمت وارو سمجهيو ويندو آهي. انهن جون اڻ رڱيل ڪلون گيهه ۽ تيل رکڻ لاءِ ڏيا ٺاهڻ جي گهٽو ڪم آنديون ويندیون آهن. هڪ واڌو استعمال جيڪو موجوده دور جي مزاج جي مطابق آهي اهو آهي بجلي جي آرائشي بتين جا پوش ٺاهڻ. ڪپڙو ٺاهڻ سنڌ ۾ ايجا تائين ڪيترن ماڻهن جي روزگار جو ذريعو آهي. انهي مان سٽڻون، ڪيس، ٽوال، مٿي جا رومال ۽ اڇا ٺاهيا ويندا آهن. سٽڻون ٺاهڻ جو ڪپڙو جنهن کي سوسي چيو وڃي ٿو اهو هالا، نصرپور ۽ ٽٺي جي ڪيترين ئي ڪڏين تي ٺهي ٿو. ڪيس عام طور ٻه تهو هوندو آهي تنهنڪري ٻنهي پاسن کان ڊزائين ظاهر ٿيندي آهي. بمبئي ۽ مدراس جي سُٽ مان ٺهيل ڪيس تمام گهٽ قيمت وارو هوندو آهي ۽ انهي لاءِ فقط سفيد ۽ نيرو رنگ ڪم آندا ويندا آهن. جوڙي سڌيو ويندو هڪ کهرو ڪپڙو ٽوال طور ڪتب ايندو آهي. اهو مقامي طور ٺهيل سٽ مان سفيد يا ڳاڙهن ۽ نيرن پٽن سان سفيد تر تي ٺاهيو ويندو آهي. مٿي تي ٻڌڻ جا صافا، لنگيون جيڪي پڙ پٽڪي طور ڪم آنديون آهن يا ڪمربند ڇهن کان ٻارهن والن جي ٽڪرن مان ٺاهيا ويندا آهن. انهن جو ٻر 18 انچ هوندو آهي. سٽڻن لاءِ رنگا رنگي اڇٽ سوسي ۽ ڪيس ٺاهيندڙن جون عورتون ۽ ٻار ٺاهيندا آهن. اهي ڪڏي جي بجاءِ هڪ سادو اوزار ڪم آڻيندا آهن. مقامي طور ٺاهيل اوني ڪپڙن ۾ فراسيون غاليچا، ڪمبل ۽ پورا اچي وڃن ٿا. اُن ۽ ڪپهہ جون فراسيون جتن ۽ بلوچن جون عورتون ڪيترن ئي ننڍن ننڍن ڳوٽن ۾ ٺاهيندیون آهن. اهي شيون اُن يا ٻڪري جي وارن (ڏاس) يا ٻنهي مان ٺاهيون ويندیون آهن. ڪجھ ۾ پيٽو سوٽي جو هوندو آهي. اهي سمهڻ يا نماز پڙهڻ لاءِ ڪم ايندا آهن. اُن يا اُنَ ۽ ڪپهہ مان ٺهيل فراسي سٽي

ڪوالٽي واري سمجهي ويندي آهي. ڏاس مان ٺهيل ڪجهه ڪهري ۽ سستي فراسي ڪرڙسڏي ويندي آهي. ان کي مقامي طور رڳيو ويندو آهي. فراسيون عام طور ڇهه فوٽ ڊگهيون ۽ چار فوٽ ويڪريون هونديون آهن. ايتري ئي سائيز جون ڪرڙيون فراسيءَ جي لڳ پڳ اڌ قيمت تي ملي ويندیون آهن. انهي قسم جون تمام مضبوط فراسيون اٺ ۾ ٻڪريءَ جي اڙ رڳيل وارن مان ٽر پارڪر ضلعي ۾ ٺاهيون ويندیون آهن. سواري جي اٽن جي پاڪڙن جي ٽپڙ لاءِ پڙ فراسيون ٺاهيون ويندیون آهن. اهي بن پڙن ۾ ٺاهيون ويندیون آهن ۽ وچ ۾ ٽوهي لاءِ جاءِ ڇڏي انهن جا ڪنارا پاڙ ۾ سبي ڇڏبا آهن. پورا ڏاس مان ٺاهيا ويندا آهن ۽ گهوڙن جي توپرن، خرزينن، لاڏوانن ۽ ڊڳن ۽ اناج رکڻ لاءِ ڪم ايندا آهن. پورو عام طور ڪاري يا ميرانجهڙي پوري رنگ جو ۽ تمام مضبوط هوندو آهي. ٽرپارڪر ضلعي جي هڪ ٻي صنعت ڪٽا ٺاهڙ آهي. اهي دکن جي ڪمبلي وانگر هوندا آهن. پر اهي سفيد ۽ سٺا ۽ تمام سٺي ان مان ٺاهيا ويندا آهن. ان جا نرم پُر وارا غاليچا بوڪ ۽ اپر سنڌ فرنٽيئر ۾ ٺاهيا ويندا آهن. اهي گهريلو استعمال لاءِ هوندا آهن. هاٿي بوڪ ۾ ڪورين جو انگ تمام گهٽجي ويو آهي. پر اڄا به غاليچا آرڊر تي ٺاهيا ويندا آهن ۽ هن گزيٽيئر جي مؤلف 1952ع ۾ هڪ اڏاوت شخص کان چار غاليچا آرڊر تي ٺهرايا هئا. هن انهي ۾ ڏاڍيون پُر پيچ ڊزائينون پڙ ٺاهيون هيون جيڪي ڪيس ذهن ۾ ياد هيون. بوڪ جا غاليچا ٺاهيندڙ جن حا هاٿي فقط ڪجهه ڪتب ئي باقي بچيا آهن انهن بابت سمجهيو وڃي ٿو ته اهي اصل ۾ ايران مان غلامن طور آندل هڪ وڏي ڪتب جا فرد آهن. هو پنهنجن غاليچن ۾ جيڪي نام نهاد ايراني ڊزائينون ٺاهين ٿا انهن جي اصل ۾ ايراني هڻڙ جو اهو سبب پيش ڪن ٿا. ظاهر آهي ته اهي ڊزائينون بنيادي طور ايراني آهن پر سنڌ ۾ گهٽو وقت ٺهڙ سان پنهنجو هڪ انداز اختيار ڪيو آٿائون. اپر فرنٽيئر ۾ ٺهندڙ غاليچا بلوچي عورتن جو ڪم هوندو آهي. انهن جو انداز ڏاڍو مختلف هوندو آهي ۽ اهي چڱا جهالو هوندا آهن. اهي سولائي سان هٿ نه ڪري سگهبا آهن جو اهي وڪري لاءِ نه هوندا آهن. اهي ڏيئرن جي شادين جي ڏاج ۾ ڏنا ويندا آهن ۽ ورثي ۾ مليل نشاني طور رکيا ويندا آهن. سنڌ ڪنهن وقت ريشم مان ڏاڳو ٺاهڙ. رڳڙ ۽ ڪپڙو ٺاهڙ جي صنعت جي ڪري ڏاڍي مشهور هوندي هئي. ٺٽي جي عروج وارن ڏينهن ۾ چيو وڃي ٿو ته اتي شالون ۽ لنگيون ٺاهڙ جا پنج هزار آڏاٿا هوندا هئا ۽ برطانوي فتح تائين جڏهن ٺٽو بلڪل زوال جو شڪار ٿي ويو هو تڏهن به ملڪ جي واپار ۽ صنعت ۾ ريشم کي اهم حيثيت حاصل هئي. انهيءَ ڳالهه جو ڪيترن ئي آفيسرن جي رپورٽن ۾ به پڪو ثبوت موجود آهي. لنگيون هاٿي جيتوڻيڪ رواج مان نڪرنديون پيون وڃن پر اهي اڃ ۾ هر حيثيت وارو ماڻهو پڏندو هو ۽ سنڌ ۾ ايندڙ اوائلي سياحن انهن جو ميرن جي پوشاڪ جي امتيازي حصي طور ذڪر ڪيو آهي. هاٿي ته ريشمي ڪپڙو ڪنهن به ڪوري پاران آ ڏاٿي تي ٺهيل ڪپڙن کان سٺو ۽ سستو ٻاهران اچي رهيو آهي. بهرحال ريشم مان ڪپڙو ٺاهڙ جو ڪم اڄا به ڪراچي، ٺٽي، روهڙي، جيڪب آباد ۽ ٻين جاين تي ٿي رهيو آهي. هاٿي ڪچي ريشم بجاءِ بمبئي ۽ ملتان مان ريشم جو ڏاڳو آندو وڃي ٿو ۽ قندهار جي روڏنگ، مساڳ ۽ ڪسمبي جي جاءِ تي ڪنهن حد تائين ڪيميائي رنگ اچي ويا آهن. هاٿي ٺهندڙ ڪپڙي ۾ گربي مشروع

لنگيون اچي وڃن ٿيون. گربي ۾ مشرو ريشم ۾ ڪپھ مان ٺھيل ھوندیون آھن ۾ اڪثر پاڪستاني ريشمي ڪپڙي وانگر مضبوط ۾ ڪجھ ڪھريون ھوندیون آھن. انھن جي ڊيگھ تقريباً 30 وال ۾ ٻر تقريباً منو وال ھوندو آھي. بمبئي صوبي جي ڪپھ رڱيندڙن مان چيو وڃي ٿو تہ ٽن چوٽائين جيترو وانگ سنڌ ۾ ھوندو ھو جن ۾ ھندو ۾ مسلمان ٻئي ھوندا ھئا. رنگ جو ڪم ڪندڙ ٻن اھم ذاتين ڪترين ۾ ڪٽين بابت سمجھيو ويندو ھو تہ اھي سنڌ مان بمبئي لڏي ويا ھئا. انھي صنعت جون ٽي شاخون آھن ڪپھ کي رنگ ڏيڻ، ريشم کي رنگ ڏيڻ ۾ بوبڪ جا غاليچا ٺاھيندڙ ان پنھنجن ٻين مقصدن لاءِ پڻ ڪم آڻيندا آھن. ڪپھ رڱيندڙ سيني ضلعن ۾ موجود آھن. ھندو نير سان نہ رڱيندا آھن. نير کان سواءِ ۾ ٻيا سيئي ڪم ايندڙ رنگ ٻاھران گھرايا ويندا آھن. ريشم حيدرآباد ۾ ٽرپارکر ضلعن ۾ پاٽولي رڱيندا آھن. اھا ھڪ ننڍڙي ذات آھي جنھن ۾ ھندو ۾ مسلمان ٻئي شامل آھن. ريشم جو ڏاڪو بمبئي ۾ ملتان مان آندو ويندو آھي ۾ ھتي نير ۾ ٻين ٻاھرين رنگن سان رڱيو ويندو آھي. سموري بمبئي صوبي ۾ نير سان ڇُر ڪئي ويندي آھي پر سنڌ جون ڇُرون ٻين سيني کان بھتر ھوندیون آھن. ڇُر سان ٽپڻ جو ڪم ننڍڙن ڪاٺ جي ٽپن سان ڪيو ويندو آھي اھي پھريان رنگ ۾ ٻڌل ويڙھيل ڪپڙي تي داڻي پوءِ سرڪاري ٽپي وانگر ھنيا ويندا آھن. ڪپڙي کي اڳ ۾ ڏنڪي، ڪوئر ۾ ميٽ جي ٻنڌ ۾ ٻوڙي تيار ڪري ڇڏبو آھي ۾ انھن جي ترتي جيڪڏھن رنگ ڪرٽو ھوندو آھي تہ ٽپن کان فوراً پوءِ ڏڳي جي ڪُٽيل ڇيٽي سان ڇُري ڇڏبو آھي.

اھو گھميل ۾ آبوڪي ڊزائين تي ڇنبڙي ويندو آھي ۾ پوءِ جڏھن مختلف رنگ ۾ ٻوڙيو ويندو آھي تہ ان جي حفاظت ٻہ ڪندو آھي. مقامي رنگ نير جي ڇر لاءِ ڪم آندا ويندا آھن ۾ اھي رنگ پڪا ھوند اآھن. اھي ڇُريل ڪپڙا سنڌي ماٺھو شالن ۾ چادرن طور ڪم آڻيندا آھن پر اھي ميز پوشن ۾ پردن طور ٻہ ڏاڍا سٹا لڳندا آھن ۾ سستا ھوندا آھن. انھن جون ڊزائينون ٻہ ڏاڍيون وٽندڙ ھوندیون آھن.

ٻيون ٻہ ڪيتريون ئي صنعتون آھن جن تي سوين ماٺھن جو گذران آھي پر انھن ۾ ڪا خاص دلچسپي جي ڳالھ نہ ھوندي آھي جھڙوڪ پتل جا رڌ پچاءَ جا ٽانءَ، جنڊَ ۾ ڪجي جي پُوٽن ۾ گاھ مان ٺھيل تڏا ۾ ٽوڪراء سنڌ ماضي ۾ لنگيون ٺاھڻ ۾ بافتي تي ڇُر سان گڏوگڏ سون، چاندي ۾ ريشم جي تارن سان برٽ، سون ۾ چاندي جي جڙاءَ ٽيل زيورن، جنڊي ۾ ڪاشي لاءِ پڻ مشھور ھئي. حيدرآباد جي لوھاٽن سنڌ جي گھريلو صنعتن جي انھن شين کي وڪرو ڪرڻ لاءِ وڏا سفر ڪيا آھن ۾ اڄڪلھ حيدرآباد جيتوڻيڪ انھن کان مڪمل طور خالي ٿي ويو آھي تہ ٻہ اھي بمبئي ۾ پير جمائي ڏسڻ ۾ اچن ٿا. سنڌ جا اھي واپاري اڄڪلھ دنيا جي مختلف حصن ۾ ھزارن جي تعداد ۾ ھوندا. جنھن ٻہ شخص جبرالٽر جي مکيہ بازار ڏني ھوندي ۾ اتي شالون ۾ چادرون وڪرو ڪندڙ سان ڪجھ لفظ سنڌي ۾ ڳالھايا ھوندائين تہ ھن جو خوشي جي مرڪ سان آڏر پاءُ ٿيو ھوندو. حيدرآباد ۾ اھڙا ڪيترائي ڪاريگر آھن جيڪي سون ۾ چانديءَ جي تارن، ڏاڳي ۾ ريشم سان ريشمي ڪپڙي يا بخمل تي برٽ جو ڪم ڪندا آھن. تلوارن، خنجرن ۾ ميانٽن تي سون يا چاندي سان جڙاءَ جو ڪم ڪندڙ ڪاريگر ناپيد ٿي ويا آھن ۾ عورتن جي ڪراين ۾ پيرن جي مُرين جي

سون ۾ چاندي جي زيورن تي ڳاڙهي، سائي ۽ نيري رنگ ۾ جڙاءَ جو ڪم ڪندڙ ڪاريگر جا ٻ 1907ع جي گزيٽيئر وقت چند دڪان ئي بچيا هئا. اهي هنر ته جيتوڻيڪ ايڏا موجود آهن پر پوين پساهن ۾ آهن. سون چاندي ۽ ريشم جي تارن سان برٽ جي ڪنهن وقت وڏي طلب هوندي هئي جو اهو شالن، ڪوٽن، ٽوپين، عورتن جي چولن ۽ ٻارن جي ستڻن جي سينگار لاءِ ڪم ايندو هو. پيشه ور برٽ پريندڙ سڀ مسلمان هوندا هئا ۽ انهن مان ڪجهه ايڏا ٻ حيدرآباد، شڪارپور ۽ ٻين شهرن ۾ موجود آهن. جيڪي ماڻهو ڪنهن ڪپڙي تي برٽ پرائڻ چاهيندا آهن اهي اهو انهن وٽ ڪٽي ويندا آهن ۽ گهربل سامان جي قيمت ۽ محنت جا پئسا ڏيندا آهن. انهي ڳالهه جي ته پڪ ڪونهي ته پيشه ور برٽ پريندڙ ڪي بچائي سگهيو يا نه پر انهي هنر گهرن ۾ پاڙون پختيون ڪري ورتيون آهن ۽ سنڌ مسلمان گهراڻن جون سوين عورتون پنهنجي واندڪائي واري وقت ۾ اهو ڪم ڪن ٿيون. جُتين، گاديلن ۽ ميزپوشن تي هن قسم جو ڪم تمام گهڻو مشهور آهي. انهيءَ مان ڏڻائين جي اهڙي دلڪشي ۽ گونا گوني ظاهر ٿيندي آهي جيڪا سنڌ جي سمورن هنرن جي خاص سجاٽ آهي. برٽ جي هنرجو هڪ ٻيو قسم اتي نظر ايندو جتي ڪنهن کي وهم گمان ٻ نه هوندو. اهو ٽرپارڪر جي ريگستان ۾ نظر ايندو. انهن علائقن جون عورتون چني جي پيٽي ڪوٽن کي تمام گهڻو سينگاريندڙيون آهن. اهو تمام کهرو سوٽي ڪپڙو هوندو آهي جنهنکي ڳاڙهو رنگ ڪيو ويندو آهي ۽ ڪيترن ئي رنگن جي ريشمي ڏاڳي سان برٽ پري ان تي شيشي جون ننڍڙيون ٽِڪون هنيون ويندڙيون آهن. انهي جي ويڪر تقريباً ارڙهن انچ هوندي آهي. انهي جا هڪٻئي جي مٿان ٽي تهه هوندا آهن سڀ کان مٿئين تهه تي برٽ نه هوندو آهي، اهو نه فقط مقامي طور ڪتب اچڻ لاءِ هوندو آهي پر ڪجهه مارواڙ ۾ موڪليو ويندو آهي. ڪائي جي سامان کي لاڪ سان چمڪائڻ جو هنر لڳي ٿو ته تباهه نه ٿيو آهي. جيتوڻيڪ انهي ڪم ۾ ڪتب ايندڙ ڪجهه رنگ حد کان وڌيڪ تيز ۽ بي زيب هوندا آهن. اهو ڪم تمام سهڻو ۽ فنڪاري پريل هوندو آهي. لاڪ سان چمڪائڻ جي طريقي جو بيان هن گزيٽيئر جي ثقافت واري باب ۾ اڳي ويو آهي. انهيءَ ڪري سولائي سان فنڪاراڻي تخليق جو هڪ قسم سمجهي سگهجي ٿو. جيستائين ڪاشيءَ جو تعلق آهي ته مڪلي جي مقبرن ۽ ٽٽي جي مسجدن ۾ جهڙين سرون ۽ ٽائيلون لڳل آهن ته اهو هنر ختم ٿي ويو آهي. ٻه صديون گذري وڃڻ کان پوءِ به اهي ڪنهن ڏاتوءَ وانگر پيون وڃنديون آهن ۽ انهن جا ڪنارا به بلڪل صاف ستڙا هوندا آهن ۽ ڪاشي به اهڙي شفاف پٽي لڳندي آهي جهڙي ٺهڻ جي پهرئين ڏينهن ٿي لڳندي هوندي. پر موجوده دور ۾ سنڌ جي ٺڪر جي ٽانون کي پڄڻ پرڻ ۽ چٽڻين لهڻ کانسواءِ ڪيڏانهن ڪٽي وڃڻ مشڪل آهي. انهن جون ڪيتريون ئي ڏڻائينون هوندڙيون آهن ۽ سڀ تمام سهڻين ۽ هنرمندي سان ٺهيل هوندڙيون آهن پر انهن ۾ خام مال فقط مٽي ئي هوندو آهي ۽ اهي گلن جي ڪوندڙين لاءِ ئي مناسب هوند اآهن. انهن ۾ ڪم ايندڙ مٽي سنڌو درياءَ جي ڏسڙ هوندي آهي ۽ اها چاٽڻ يا ٻيو ڪو عمل ڪرڻ کانسواءِ ئي ڪتب آندي ويندي آهي. اڳ ۾ هڪ ڏاڍو سٺو نيرو رنگ هوندو هو جنهن جي ترڪيب هاڻي گم ٿي وئي آهي. هالا انهي هنر جو مڪيه مرڪز آهي. اهو نصرپور ۽ حيدرآباد ضلعي جي

گوني تعلقي ۾ پڻ ٿئي ٿو. سنڌ ۾ ورهاڱي کان پوءِ اڳوٽي يو پي مان مهاجرن جو وڏو انگ اچڻ کان پوءِ ٿي سگهي ٿو ته سنڌ ۾ ڪجھ نيون گهريلو صنعتون قائم ٿيون. انهن ۾ ٿهندڙ جيڪي شيون ڏسي سگهجن ٿيون انهن ۾ هٿرادو گل ٿي سگهن ٿا جيڪي تمام مهارت سان ڪاغذ مان ٺاهيا ويندا آهن ۽ اهي ايترا ته حقيقي ۽ اصلي هوندا آهن جو اصلي گلن جهڙا لڳندا آهن. وري هاٿي ڏند، جيسم ۽ سنگ مرمر ۾ ڪٽائي جو ڪم به ڏسي سگهجي ٿو. جهڙو دهلي ۽ آگري جي مسجدن جي دروازن تي ٽيل هوندو آهي. پٿر تي اُڪر جو ڪم ڪندڙ به وڏي تعداد ۾ آيا آهن جن پاڻ سان گڏ راجپوتانا ۾ ٽيندڙ اکر جي ڪم جون روايتون آنديون آهن. جڏهن 1951ع واري آدمشماري جو عملو ڳٽپ وارن علائقن جي سروي ڪري رهيو هو ۽ گهراٽن جي لسٽ ٺاهي رهيو هو ته گهريلو صنعتن جي هنڌ ۽ نوعيت بابت به انڪوائري ڪرائي وئي هئي. اهو ڪم سيپٽمبر 1950ع جي اڌ کان جنوري 1951ع جي اڌ تائين پکڙيل هو. آدمشماري جا ڳٽپ ڪندڙ انهي وقت پنهنجن علائقن ۾ سمورن گهراٽن جون لسٽون ٺاهي رهيا هئا ۽ عمارتن تي نمبر هڻي رهيا هئا ته جا اهي لسٽ جي جريان نمبر جي مطابق هئا. انهن ماڻهن کي چيو ويو هو ته اهو ڪم ڪندي هو اها به پڇا ڪن ته جا گهر ۾ ڪاشي ٺاهڙ جو ڪم ٿئي ٿو يا نه؟ جيڪڏهن ها ته انهي جا تفصيل هڪ خاص فارم ۾ نوٽ ڪرڻا هئا. اها انڪوائري سموري ملڪ ۾ ڪنهن حد تائين اطمينان بخش نموني ڪئي وئي ۽ انهي ذريعي گهريلو صنعت جو ايترو هم گير ۽ تفصيلي سروي مليو آهي جيترو ٻئي ڪنهن ذريعي سان نه ملي ها. پر انهي ۾ اڃا ڪافي اوڻايون آهن ۽ انهي کي مڪمل نه ٿو چئي سگهجي. جدولن مان فقط ايترو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو ته انڪوائري جي وقت جدولن ۾ موجود ڪارخانو حقيقت ۾ موجود هو پر اها به حقيقت آهي ته جيڪڏهن اڃا وڌيڪ جامع ۽ تفصيلي سروي ڪرائجي ها ته ڪيترين ئي وڌيڪ صنعتن بابت ڄاڻ ملي ها. سن 1951ع جي آدمشماري مان به ضمني جدولون 1 ۽ 2 مليون آهن. جيڪي گهريلو صنعتن متعلق آهن. پهرئين جدول گهريلو صنعت جو هنڌ ڏيکاري ٿي ۽ ٻين جدول ۾ هر هڪ قسم جي گهريلو صنعت جو انگ ۽ اتي ڪم ڪندڙ ڪاريگرن جو تعداد ٻڌايل آهي. آدمشماري انڪوائري مان سنڌ ۽ خيرپور ۾ گهريلو صنعتن جي حالت بابت عام جائزو هيٺين جدول ۾ ڏنو ويجي ٿو.

	سنڌ		خيرپور	
	ڪارخانا	ڪاريگر	ڪارخانا	ڪاريگر
	5138	15615	894	1656
سُٽ ۽ ڪپڙو		آڏاڻا 4126	545	
	2423	1146	419	840
غاليچا- فراسيون- نوڙيون- هورا ۽ تڏا	443	1146	83	135
پوشاڪون ۽ ڪپڙا	365	669	101	160
زيور ۽ جواهرات	75	181		

شيشو ۽ ٽائر	512	1880		
فائين آرٽ	11	42		
ڪاغذ ۽ لڪڙ پڙهڻ جو سامان	5	24		
ڪاٺ جو سامان ـ نيٽ ۽ بيد جو سامان	351	842	75	191
چمڙو	531	1643	84	137
ڏاتو جو ڪم	253	655	18	20
متفرق	23	78		
ڪاڏ پيٽ ـ تماڪ	146	490	2	2

مکيہ صنعت هيٺ ايندڙ جدا جدا صنعتن کي انهيءَ لحاظ کان ورهائڻ ڏاڍو فائديمند ٿيندو تہ ڪهڙي صنعت ۾ سڀ کان وڌيڪ ڪاريگر ڪم ڪن ٿا. اهڙي طرح ست ۽ ڪپڙي جي پيداوار ۾ هيٺيون خاص صنعتون ڳڻايل آهن: ڪپهہ ٽائڻ، ڪپهہ ۽ اُن ڪتڻ، سوتي ڪپڙو ٺاهڻ، اوني ڪپڙو ٺاهڻ، ريشمي ڪپڙو ٺاهڻ، شالون ۽ ڪٽا ٺاهڻ، ذري، ڏاڳو ۽ ڳوٽا ٺاهڻ، ڏيرا ٺاهڻ، اڳٽ ۽ نواڙ ٺاهڻ، ڪپڙو رڱڻ ۽ ڇرڻ، غاليچن، فراسين، هورن، نوڙين ۽ چارين جي مکيہ صنعتن ۾ هي شيون اچي وڃن ٿيون: غاليچا، فراسيون، ٺاهڻ، دريون ٺاهڻ، تندن وارا تڏا ٺاهڻ، ڪاٻار ۽ ٻين شين مان نوڙيون ٺاهڻ ۽ هورا ۽ ٽيلها ٺاهڻ، پوشاڪن ۽ ٻين ڪپڙن ۾ ٽوپيون ۽ ڪلاهہ ٺاهڻ، سولا ٽوپلا ٺاهڻ، تيار پوشاڪون ٺاهڻ، گنجيون جوراب، زري، ڳوٽا ۽ ٻيو برٽ جو ڪم، سئيٽر ٺاهڻ ۽ سئي جو ڪم ۽ سوتي ۽ ريشمي برٽ اچي وڃي ٿو ڪاني جي ڪم ۾ پيڙيون ٺاهڻ، ٽانگا ۽ رڪشا ٺاهڻ، ڪاشيءَ جو فرنيچر، نڙانديءَ ٺاهڻ گاڏين جا ڦيٽا ٺاهڻ، نيٽ جو فرنيچر ۽ نيٽ واڻڻ، بانس جو فرنيچر، چيريل بانس مان تڏا ٺاهڻ، مرتا، پتي وغيره، ڪاٺ مان ڪوري ٺاهيل شيون، زرعي اوزار ۽ ٻيو ڪاٺ ڪائي ۽ ٽوڪرين جو ڪم اچي وڃي ٿو. چمڙي جي ڪم ۾ ڪلون صاف ڪرڻ، رڱڻ، چمڙي جا جوتا ۽ بوٽ، چمڙي جي تري واريون چپلون ۽ بوٽ. وهٽن جون زينون، ۽ ٻيون چمڙي جون شيون. وري ڏاتو جي شين ۾ هي قسم اچي وڃن ٿا: لوهہ جا زرعي اوزار، پتل جو سامان، شيٽ اسٽيل ۽ ٽين جو ڪم، چريون ڪاٽڻ ٺاهڻ، اليڪٽرو پليٽنگ ۽ اِي پي. اين. ايس جو ڪم. تلف ٺاهڻ هارڊ ويئر، رڊيچاء جا ڏاڪو ٺاهڻ، سون ڳارڻ ۽ چاندي جا ورق ٺاهڻ، اسٽيل جون صندوقون، الماريون، پيتيون ۽ ٻيو مختلف قسمن جو ڏاتو جو سامان ٺاهڻ ڪاڏي پيٽي ۽ تماڪ جون مختلف شيون ٺاهڻ واري سيڪشن ۾ ڪٽمٽڙا ۽ بسڪوٽ، ڳڙ ٺاهڻ، نباتات مان تيل پيڙهي ڪيڻ ۽ ٻيون غذائي شيون ٺاهڻ، پيڙيون ٺاهڻ، سوڊا واٽر ٺاهڻ، ٻيا مشروبات ٺاهڻ، ڪارخاني ۾ ٺهندڙ مختلف متفرق شين جي سري هيٺ، برش ٺاهڻ، بٽڻ ٺاهڻ، راندڪا، پالشون، صابڻ، سينگار جون شيون ٺاهڻ شامل آهن. آدمشماري جي ڳڻپ ۾ گهريلو صنعتن تي ڪيتري حد تائين نوڪرين جي گنجائش موجود آهي. سنڌ ۾ ڳڻپ مان ظاهر ٿيو تہ 5138 ڪپڙي ٺاهڻ جون ڪڏيون هلن ٿيون. خيرپور ۾ 894 ڪارخانا ڳڻپ ۾ آيا جن ۾ 1656 ڪاريگر ڪم سان لڳل هئا ۽ آڏاڻن جو تعداد 454 هو. ڊائريڪٽوريٽ آف انفارميشن سنڌ پاران

1954ع ۾ ڇپل سنڌ پيپل اينڊ پراگريس نالي ڪتابڙي ۾ سنڌ حڪومت جون تازيون حاصلات ڏيکاريندي- جيڪي انهي جون ذري گهڻ آخري حاصلات ثابت ٿيون- ڇيو ويو آهي ته گهريلو صنعتن ڏانهن توجه حاصل ڪئي آهي. ڪتابڙي ۾ گهريلو صنعتن جي سهائتا لاءِ ڪنيل مختلف اپائن جو بيان ڏنل آهي. انهي ۾ ڪڏين بابت ڇيل آهي: اها سنڌ ۾ تمام مقبول صنعت آهي ۽ اڇڪلهه سنڌ ۾ گهڻ ۾ گهڻ هارنهن هزار ڪڏيون ڪم ڪري رهيون آهن. في الحال ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي ته ڪڏين جي صنعت ختم ٿي رهي آهي جو مناسب اڳهن تي ڏاڳو ملڻ ۾ ڏکيائي پيش اچي ٿي. مرڪزي حڪومت پاران يارن ائنڈ ڪاٽن آرڊر 1953 لاڳو ڪرڻ کانپوءِ سنڌ حڪومت فوراً انهيءَ موقعي مان فائدو ونندي ڪورين کي منظم ڪرڻ لاءِ ڪورين جي ڪوآپريٽو سوسائٽي ٺاهي جيئن انهن کي گهڻ ۾ گهڻ اڳهن تي خام مال دستياب ڪري ڏجي. في الوقت سنڌ ۾ سموري ڪورين جو ٽيون حصو يا ان کان به وڌيڪ ڪو آپريٽو سوسائٽين ۾ اچي ويا آهن ۽ انهن سيني کي سڌو سنئون ملن مان ايڪس- مِل اڳهن تي ڏاڳو ملي پيو ۽ ڪين 15 سيڪڙو بچت ٿئي ٿي. يارن ڪاٽن آرڊر هيٺ نفعي جي ايتري حد جي اجازت آهي. ڏاڳي جي انهي موثر ورهاستي نظام جي نتيجي ۾ آڌاڻن جو تعداد وڌي رهيو آهي ۽ آڌاڻن جي صنعت ترقي ڪري رهي آهي. انهي نظام تحت آڌاڻا هلائيندڙ ڪورين کي پنهنجن راشن ڪارڊن تي ڏاڳي جي پنهنجي ماهوار ڪوٽا باقاعدگي سان ملي ٿي. ڪتابڙي ۾ درج ٿيل آهي ته حيدرآباد سکر لاڙڪاڻي ۽ نواب شاه ۾ ڪاٽيج انڊسٽري انسٽيٽيوٽ قائم ڪيا پيا وڃن. انهن ادارن جو مقصد ڪم ڪار جي طريقن تي تحقيق ڪرڻ، ٽيڪنيڪ ۾ اڳيرايون ڪرڻ ۽ پڙ جتي ممڪن هجي نندين اوزارن ۽ مشينري جي استعمال کي متعارف ڪرائڻ هوندو. انهن ادارن ۾ موجوده گهريلو صنعتن جهڙوڪ آڌاڻن، ٽڪر جي ٽانون، فائبر، مراد آبادي پتل جي ٽانون لاءِ سيڪشن هئڻ سان گڏوگڏ ميڪانيڪي راندينڪن، هڏن مان بٽڻ ٺاهڻ، ڪاغذ مشينن، جاپاني ليڪر جا ظروف، جا پاني آٽوميٽڪ آڌاڻن تي نواڙ ٺاهڻ جهڙين نين صنعتن لاءِ سيڪشن پڙ هوندا. ڪتابڙي ۾ سيوهڻ ۽ هالا ۾ هن مرڪزن جو ذڪر ٿيل آهي اهي فنڪاراڻي نموني ۽ ڏاڍن رنگن سان ٽڪر جي ٽانون متعلق آهن. ڪنيار جي ڪم کي جديد انداز ۾ آڻڻ لاءِ حڪومت هالا ۾ هڪ جديد پاٽري پلانٽ هڻڻ جو فيصلو ڪيو آهي جتي مشينري جي استعمال کي متعارف ڪرايو ويندو. رٿا تي ٿي لک روپيا خرچ اچڻو هو ۽ سينٽر قائم ڪرڻ ۽ ڪاريگرن کي سکيا ڏيڻ لاءِ جاپان مان هڪ ماهر گهرايو وڃڻو هو. ڪلن رنگڻ جي طريقن ۾ بهتري آڻڻ لاءِ ڪلون رنگڻ سيڪارڻ جي هڪ گشتي پارٽي انڊسٽريز ڊپارٽمينٽ جي ماتحت ڪم ڪري رهي هئي ۽ انهن کي ننڍي پيماني تي ڪلون رنگڻ جي درست طريقن بابت سکيا ڏئي رهي هئي. منيءَ چاچري ۾ حڪومت طرفان اُوني ڪپڙي جا به مرڪز هلي رهيا آهن. انهن ۾ ڊيمانسٽريٽر ڪورين کي اوني ڪمبل ۽ ٻيون برٽ پريل شيون جهڙوڪ اوني ٽي ڪوزيون، گدا ۽ ميز پوش ٺاهڻ جي سکيا ڏينda هئا. انهن شين جي وڏي طلب پڙ آهي. انهن مرڪزن جي هڪ ٻي خاص ڳالهه اوني ۽ سوتي ڪٽا آهن جيڪي سهڻن ۽ نازڪ نمونن ۾ فيشن جي جديد لاڙي مطابق ٺاهيا وڃن ٿا. انهي جديد لاڙي ۾ مشرقي انداز پڙ موجود آهي. ڪتابڙي ۾ جوتن ٺاهڻ بابت لکيل آهي ته حيدرآباد جوتن، بوٽن ۽ سينڈلن ٺاهڻ

جو مکيہ مرڪز آهي. هٽ سان جوتا ٺاهيندڙ هزارين ڪاريگرن کانسواءِ حيدرآباد شو مينو فيڪچرنگ ڪمپني جي نالي سان هڪ وڏو مڪمل مشيني ڪارخانو پڻ موجود آهي جنهن ۾ فوج لاءِ بوٽ ۽ چپلون ٺهنديون آهن. حيدرآباد ۾ تازو ڪليل بيواهن جي هڪ صنعتي مرڪز ۾ نادار بيواهن کي داخل ڪري سلائي، برٽ ۽ سئيٽر ٺاهڻ جهڙا مقبول هنر سيکاريا وڃن ٿا. انهي صنعتي مرڪز ۾ سئيٽر ٺاهڻ، سلائي ۽ برٽ لاءِ مختلف قسمن جون نندييون مشينون هلائڻ سيکاريون وڃن ٿيون جيئن اهي عورتون جيڪڏهن چاهين ته پاڻ بہ اهڙا اوزار خريد ڪري پنهنجن گهرن ۾ ڪم شروع ڪري سگهن. حيدرآباد ۽ ٽنڊي محمد خان ۾ چوڪرين لاءِ ٽي دستڪاري اسڪول ڪم ڪري رهيا آهن. اتي چوڪرين کي سلائي، سئيٽر ٺاهڻ ۽ برٽ جي سيني قسمن جي سکيا ڏني وڃي ٿي ۽ مڪمل ڪورس ٻن ورهين تي پکڙيل آهي. هڪ ٻي ڪامياب ۽ عام مقبول گهريلو صنعت چوڙي سازي جي آهي جنهن ۾ وڏي تعداد ۾ ماڻهن کي روزگار ملي ٿو. انهي لاءِ خام مال انبس گلاس ورڪس طرفان ملي ٿو. ڪاريگر شيشي جا نامڪمل چلا پنهنجن گهرن ڏانهن کڻي وڃن ٿا ۽ انهن تي ڪم ڪري ڪيترن ئي رنگن ۽ نمونن جون چوڙيون تيار ڪن ٿا. سنڌ انڊسٽريل ڪوآپريٽو سوسائٽي، ڪيس، ڪٽا ۽ ٽوال ٺاهڻ جي صنعت جو ذڪر اهڙين گهريلو صنعتن طور ڪيو آهي جيڪي سنڌ ۽ خاص طور ٽرپارڪر مان ختم ٿيندڙ ٻيون وڃن. اجر ڪون ۽ چادرون ٺاهڻ، ڪپڙو رڱڻ ۽ ڇرڻ بابت بہ ساڳئي ڳالهہ چئي سگهجي ٿي. اهي پراڻيون صنعتون ٽٽي، نصرپور، متياري، هالا، مني، چاچري، لکي، پيرجي ڳوٺ ۽ سعيدپور ۾ اڃا موجود آهن. ڪميشن اها سفارش ڪئي ته انهن کي مارڪيٽنگ ۽ خام مال پهچائڻ جون بهتر سهوليتون ڏنيون وڃن. ڪميشن ڪپڙي سازي بابت سفارش ڪئي ته گهريلو صنعتن کي هٿن ۽ پيرن تي هلندڙ آڏاڻن تي پردن جو ڪپڙو، هنڊن جون چادرون، وهاڻن جو ڇوون، ميز پوش، هر قسم جا ٽوال ۽ ساڙهيون ٺاهڻ گهرجن ۽ ٽيڪسٽائيل ملن کي اهي شيون ٺاهڻ کان منع ڪرڻ گهرجي ۽ آڏاڻن تي ٺاهيل انهن شين جي نيڪال ۾ سهوليت ڏيڻ لاءِ مارڪيٽنگ سينٽر کولڻ گهرجن.

موجوده سنڌ ۾ گهريلو صنعتن جي حالت جي تجزيي مان خبر پوي ٿي ته انهي جي نوعيت بہ۔ رخي آهي. پهرئين ڳالهہ اها ته انهن ۾ گهٽ قيمت واريون شيون ٺهن ٿيون جيڪي هارين نارين جي سادين ضرورتن جو پورائو ڪن ٿيون انهن تي ايجا جديد ذوق جو گهٽو اثر نہ ٿيو آهي ٻيو ته انهن مان جيڪي پُرتڪلف قسم جون شيون ٺهن ٿيون انهن جو وڪرو محدود آهي. پهرئين قسم جون شيون اڇلهہ ڳوناڻن علائقن ۾ هر هنڌ لازماً وڪرو ٿي وڃن ٿيون ڇاڪاڻ ته شلوارن جو ڪپڙو، ڪمبل، غاليچا، بسترن جون چادرون، ڪانڌ ۽ ڪاٻار مان ٺهيل تڏا ۽ جوتا ۽ سينڈل اهڙيون شيون آهن جيڪي هروقت گهرج ۾ رهن ٿيون ۽ وري هارين نارين جي قدامت پسند طبيعت سبب فيڪٽرين ۾ ٺهيل شيون انهن جي جاءِ نہ وٺي سگهيون آهن. ٻئين قسم جون شيون جهڙوڪ هالا جو آرائشي ٽڪر جو سامان، ۽ ليڪر جا آرائشي ظروف ۽ ٽيبل تي سجاوٽ جون شيون اهي ڪنهن مضبوط حيثيت ۾ نہ آهن جو ڪنهن سان مقابلو ڪري سگهن. حقيقت اها آهي ته اهڙي قسم جون شيون بنيادي ضرورت جي شين ۾ نہ ٿيون اچن ۽ مقامي گهرج جي ميدان

کان ٻاهر آهن. انهن جي گهرج ۾ واڌ جي گنجائش گهڻ آهي ۽ اکثر هارين جي سادي سودي سينگاريل گهر ۾ اهڙيون هڪ به تڪلفات جون شيون هوندیون آهن. سنڌ ۾ آرائشي جنڊي جي پلنگن ۽ پينگهن جي ضرورت سدائين رهندي جو اهي سڀي طبقي جي زراعت پيشن ۽ خوشحال زميندارن لاءِ فخر جو نشان هوندا آهن. تڪلفات جون شيون فيشن ۾ تبديلي جي اثر هيٺ رهنديون آهن ۽ سنڌ جي گهريلو صنعتن کي پاڻ پروڙڻ لاءِ شايد سڀ کان بهتر طريقو اهو ٿيندو ته وڏن شهرن ۾ وڪري مرڪزن تي انهن جي خريداري کي همٿايو وڃي جتي اهي سياحن ۽ نوادرات جي واپارين کي پاڻ ڏانهن ڇڪي سگهن ٿيون. اهڙيون شيون پيدا ڪندڙ گهريلو صنعتن جي بقا جو دارو مدار انهي تي آهي. مقامي علاقن کان ٻاهر اهڙين شين جو واپار کيتري حد تائين هلندو رهي ٿو. واڌاري جي گنجائش گهڻ آهي ۽ صنعتون ختم ٿي ويندیون بشرطيڪ ناهي ويندڙ شي ۾ نه فقط هنر پر فنڪاري به موجود هجي. انهن ڳالهين کي مدنظر رکندي ڪي به اپياس ڪندڙ حڪومت پاڪستان جي نيشنل پلاننگ بورڊ جي 1960 _ 1965 جي پهرئين پنج سالي منصوبي ۾ ظاهر ڪيل راءِ سان متفق ٿي سگهن ٿا ته: ننڍي صنعت اقتصادي ترقي ۾ ڪي مخصوص واڌارا ڪري سگهي ٿي. پهرئين ته اها وڏن نون ڪارخانن جهڙي تنظيم ڪاري گهرڻ کانسواءِ گهربل شين جي پيداوار ۾ ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي نه ئي انهي کي ڪي نوان اوزار ٻاهران گهرائڻ لاءِ غير ملڪي ناڻي جي گهرج آهي. ٻيو ته اها محدود شهري مرڪزن کان ٻاهر ڪري جا مرڪوز ٿي سگهي ٿي. آخري ڳالهه اها ته جيئن تاريخ مان به خبر پوي ٿي ته اها منتظمن ۽ مزدورن لاءِ سکيا جو ميدان مهيا ڪندي ۽ وسيع علاقن ۾ صنعتي ڄاڻ کي پکيڙيندي واڌوبجهه (Growth) کي وڌائڻ جو اهم ڪم پڻ سرانجام ڏئي سگهي ٿي. ننڍين صنعتن کي اهڙا ڪي قديم ادارا نه سمجهڻ گهرجي جن کي گم ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ لاڏ ڪوڏ ۽ تحفظ جي ضرورت هجي. جديد صنعتي سماجن ۾ ڪارگر ۽ اڳتي وڌندڙ ننڍي پيماني وارين صنعتن جي مستقل جاءِ آهي. جيئن برطانيا، جرمني ۽ آمريڪا جهڙن ترقي يافته ملڪن جي مثالن مان خبر پوندي جتي تمام وڏين فرمن سان گڏوگڏ هزارن جي تعداد ۾ ننڍا يونٽ پڻ موجود آهن. سنڌ جي گهريلو صنعتن بابت به اها ڳالهه درست آهي پر انهن کي جن دشوارين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو انهن جو بيان مٿي اڇي چڪو آهي. ڪنهن قسم جي سهڪار يا مارڪيٽ کي ختم ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ مستقل نظر داري جي ضرورت پوندي. سڀ کان آخري ڳالهه شايد اها چئي سگهجي ٿي ته سنڌ جي گهريلو صنعت انهي لحاظ کان خوش قسمت آهي جو انهي جي پنج هزار ڪلوميٽر ۾ اهڙي قدامت پسند زرعي آبادي تمام وڏي انگ ۾ موجود آهي جنهن کي اهڙي سادي قسم جي گهڻ ويهه وارين شين جي ضرورت رهي ٿي جن جا اهي پيڙهيءَ کان عادي ٿي ويا آهن ۽ اهي انهن کي پسند ڪرڻ تان دستبردار ٿيڻ جا ڪي به آثار نه ٿا ڏيکارين.

واپار تجارت ۽ مواصلات:

سن 1951ع جي آدمشماري مطابق واپار ۽ تجارت ۾ رُڌل ماڻهن جو انگ فقط 116,271 يا سنڌ ۽ خيرپور جي آبادي جو 7.1 سيڪڙو هو. ٽرانسپورٽ، شپنگ ۽ بندرگاهه جي نوڪرين ۾ 18717 ماڻهو يعني

آدمشماري جو 1.1 سيڪڙو هئا. ٽرانسپورٽ ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهن مان 8224 روڊ ٽرانسپورٽ ۾، 3618 ريلويز ۾، 1105 سامونڊي ۽ درياءِ ٽرئفڪ ۾ ۽ فقط 23 ماڻهو هوائي ٽرانسپورٽ ۾ هئا. پوسٽ ۽ مواصلات ۾ نوڪري ڪندڙ ماڻهن جو انگ فقط 751 هو يعني غير زرعي ليبر فورس جي فقط 05. 0 سيڪڙو جي برابر.

سن 1947ع ۾ هندستان جي ورهاڱي وقت چند قسمن جي ڪاروبار ڪانسواءِ سنڌ جي باقي ٻئي سموري واپار ۽ تجارت تي هندو واپاري طبقن جي هڪ هٿي هئي تقريباً سموري ڪارو باري مينيجر، سموري هڏي ۽ ريزڪي جا واپار ۽ شهري ۽ ڳوٺاڻن علائقن ۾ تقريباً سموري ننڍا دڪاندار هندو هوندا هئا. فقط ٽرپارڪر ضلعي ۾ ورهاڱي سبب ننڍي واپاري طبقي تي گهٽو اثر نه پيو آهي ڇاڪاڻ ته انهيءَ علائقي ۾ ڪاروبار جيڪو گهٽو ڪري ننڍي پيماني تي هو ذات پات وارن هندن نه پر هيٺاهين طبقي وارن هندن جي هٿ ۾ هو. اهي ساڳيائي ماڻهو سنڌ جي سرحد جي ٻئي پاسي ڪچ، گجرات، مارواڙ ۽ راجپوتانا ۾ ننڍا ڪاروبار ڪندا آهن. تنهنڪري انهي علائقي ۾ ڪا وڏي تبديلي نه آئي آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته انهي علائقي ۾ واپار ۽ تجارت تمام ننڍي پيماني تي ٿئي ٿي. انهن ئي ماڻهن انهن هندو واپارين جي جاءِ ورتي آهي جيڪي 1947ع ۾ سنڌ ۽ خيرپور مان لڏي ويا هئا. هاڻي مڪيه مينيجري عهدن تي خوجا، بوهري ۽ ميمڻ وغيره آهن ۽ ملڪ جو بزنيس مينجرن جو طبقو انهن تي ٻڌل آهي. خوجا، بوهري ۽ ميمڻ مسلمان ڪاروباري آهن پر انهن پنهنجين دلچسپين کي خاص شعبن تائين محدود رکيو آهي. انهن سان گڏوگڏ ڪجهه مهاجر نوان شامل ٿيندڙ به هوندا جيڪي ننڍا واپار ۽ دڪانداري ڪرڻ سان گڏو گڏ اهم ڪاروباري منصبن تي پڻ وٺل آهن. جيتروڪاروبار ملڪ جي اندر ٿئي ٿو ۽ وٺندي ملڪ جي باهرين ڪاروبار بابت به پڪا پختا انگ اڪر موجود نه آهن جو نه هاڻي روينيو ڊويزن پاران سنڌ ۽ خيرپور لاءِ جدا انگ اڪر نه رکيا وٺندا آهن جيڪي هاڻي ويسٽ پاڪستان سيٽ اپ ۾ شامل آهن. وٺندي 1936ع تائين جڏهن سنڌ بمبئي پريزيڊنسي جو حصو هئي ۽ 1936ع ڪانپوءِ جڏهن سنڌ برطانوي هندستان ۾ گورنر وارو صوبو ٿي. تڏهن به واپار يا تجارت جا انگ اڪر سنڌ ۽ خيرپور واري حصي جا ٻين کان جدا نه رکيا وٺندا هئا. سن 1947ع ۾ پاڪستان قائم ٿيڻ ڪانپوءِ ڪراچي ۾ وفاقي حڪومت ٺهڻ ڪانپوءِ واپار امپورٽ ۽ ايڪسپورٽ، سمنڊي ڪناري وارو واپار، ريلويز، پوسٽ، ٽيليگراف ۽ مواصلات جا ذريعا سڀ مرڪزي حڪومت جي ماتحت آهن ۽ سنڌ جيتوڻيڪ 1947ع کان 1955 تائين پاڪستان جي رياست هيٺ هڪ گورنر وارو صوبو هئي. پر واپار، ريلوي ۽ مواصلات جي لحاظ کان ان جي حيثيت مرڪزي حڪومت جي ماتحت رهي ۽ شمارياتي آفيسن سنڌ ۽ خيرپور جي اندروني ۽ بيروني واپار جا انگ اڪر عمومي انگن اکرن کان ڌار نه رکيا آهن. تنهنڪري سنڌ ۽ خيرپور جي واپار جي مڪمل تصوير پيش نه ٿي ڪري سگهجي، جيسائين اندروني واپار جو تعلق آهي ته انهي جا ڪي به انگ اڪر نه رکيا ويا آهن ۽ ميونسپالٽين ۽ ٻين مقامي اختيارين پاران چنگي ۽ ٻين محصولن جي اوڳاڻيل رقمن مان ئي اسين ڪجهه اندازو هٽي سگهون ٿا. اندروني واپار جو وڏو حصو پئسي جي ڏيتي ليتي ڪانسواءِ سرانجام ڏجي ٿو تنهنڪري ڪنهن به قسم جي تحريري انگن اکرن ۾ داخل نه ٿو ٿئي. هڪ

ٻيو مونجهارو اهو آهي جو ڪراچي 1947ع کان سياسي طور سنڌ ۾ شامل نه رهي آهي ۽ برطانوي حڪومت جي ڏينهن ۾ به ڪراچي بندر جي انگن اکرن ۾ سامونڊي توڙي خشڪي رستي امپورٽ توڙي ايڪسپورٽ جي واپار جي انگن اکرن ۾ فقط سنڌ کي ڏاڻ لکيو ويو آهي ۽ جيستائين هاڻي رکيا ويندڙ انگن اکرن مان سنڌ جي حصي جو درست ۽ واجبي ڪاڍو نه هنيو ويندو تيستائين سنڌ ۽ خيرپور ۾ انهي واپار جي مقدار جو حساب ڪتاب اوڻ تي ئي ٻڌل رهندو. ساڳئي طرح نارٿ ويسٽرن ريلوي جا انگ اکر اهڙا نه آهن جن ۾ ريلوي جي ٽرئفڪ ۾ سنڌ جي حصي کي اطمينان بخش طريقي سان ٻين کان ڌار ڪري سگهجي. اها ڳالهه ٻڌائيندو هلجي ته مغربي پاڪستان ۾ سموري ريلوي ٽرئفڪ تي نارٿ ويسٽرن ريلوي جي هڪ هٿي آهي. بهرحال هن گزيٽيئر جي 1907ع واري اشاعت ۾ واپار بابت انگ اکر جنهن نموني پيش ڪيا وبا هئا انهن کي هٿي ورجائي نه ٿو سگهجي. ڪراچي جيتوڻيڪ سياسي طور سنڌ جو حصو نه آهي پر اقتصادي طور سنڌ ۽ خيرپور سان ايتري ڳنڍيل آهي جو ڪراچي کي انهن ٻنهي جي معيشت ۾ جيڪا جاءِ حاصل آهي انهي جو ڪجهه بيان ڏيڻ ضروري آهي. ڇاڪاڻ ته مغربي پاڪستان ۾ داخل ٿيندڙ سامان ۽ انهي مان وري جيڪو سنڌ ۽ خيرپور لاءِ هوندو آهي ڪراچي، ته فقط انهي جو مکيه ڊپو آهي پر هيءَ اها جاءِ به آهي جنهن تي سنڌ ۽ خيرپور جي ڪيترن ئي رهواسين جون نفعي بخش روزگار لاءِ اکيون هونديون آهن.

اٺويهين صدي جي شروعات کان وٺي ڪراچي جو بندر نه فقط سنڌ پر اتر اولهه هندوستان، بلوچستان ۽ افغانستان جي وڏي حصي لاءِ ٻاهرئين واپار جو دروازو رهيو آهي. اهو ڪجهه وقت خان آف قلات جي ملڪيت ۾ هو. اهو سن 1795ع ۾ سنڌ جي ميرن ان کان ورتو جن انهي جي اهميت کي سمجهي ورتو ۽ بندر ڏانهن ايندڙ رستي جي حفاظت لاءِ منهوڙي جي راس تي هڪ قلعو جوڙايو. انهن هندو واپارين سان نه فقط رواداري پر مهرباني جو سلوڪ ڪيو. انهن تي ئي بندر جي خوشحالي جو دارومدار هو. سنڌ ۾ ڪسٽمز ڊپارٽمينٽ جي 64-1863ع جي سال جي رپورٽ ۾ چاٽايل آهي: اوپر ۾ سنڌ صوبي کي برطانوي سلطنت جو حصو ٿيڻ کي ويهن ورهين کان مٿي جو عرصو ٿي ويو آهي. تڏهن 48-1847ع ۾ انهي جي واپار جي مالڪيت 600, 21, 12 هئي. پنج ورهيه پوءِ اها 4426000 روپين تائين وڃي پهتي. ايندڙ پنجن ورهين ۾ 000, 92, 215 روپين تائين ۽ هاڻي پڇاڻيءَ تي پهتل سرڪاري سال سان ختم ٿيندڙ پنجن ورهين ۾ انهي جي مالڪيت 8106, 2, 668 جهڙي جهجهي رقم تي پهتي آهي. اهي ڳالهيون تمام پراڻي تاريخ ٿي ويون آهن. ڪراچي برطانوي حڪومت هيٺ هڪ بندر طور تمام وڏي ترقي ڪئي ۽ پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ بندرگاهه جي حيثيت ۾ اڳي کان وڌيڪ وڏو ۽ وڌيڪ اهم ٿي ويو آهي حقيقت اها آهي ته اهو هاڻي دنيا جي عظيم بندرگاهن مان هڪ آهي ۽ هر قسم جو تمام وڏو ڪاروبار هلائي ٿو.

سنڌ ۽ خيرپور جون مکيه برآمدات ڪپهه، تيلي ٻج، اُن، ڪلون، چمڙو ۽ جانورن جا هڏا آهن. غذائي جنسون- خاص طور ڪڻڪ جيڪا برآمدي واپار جو مکيه اسم هوندي هئي- هاڻي انهي ڪري برآمد نه ٿيون ڪيون وڃن جو ويجهڑائي ۾ اوپر ۽ اولهه پاڪستان پنهنجي ٻئي آبادي کي ڪافي مقدار ۾ اناج مهيا نه

ڪري سگهيا آهن. انهي جو هڪ سبب اهو آهي جو ڪيترائي سال زرعي طور سٺا ثابت نه ٿيا آهن. وري آبادي ۾ به تمام گهٽي واڌ ٿي آهي ۽ زراعت به وڌيڪ پيداوار جي ضرورتن سان هم قدم نه ٿي سگهي آهي. ڏٺي جيڪا گهٽو ڪري نواب شاهه حيدرآباد ۽ ٺرپارڪر ضلعن جي پيداوار آهي اها آباد گارن کان خريد ڪري اڳ ۾ جننگ فيڪٽرين ۾ آندي ويندي آهي جتان ٽاٽڻ ڪانپوءِ تقريباً 200 ڪلوگرامن جي اڻ پريس ٽيل ڳنڍين جي صورت ۾ ريل رستي ڪراچي موڪلي ويندي آهي. اها ڪراچي ۾ هائڊرالڪ ڪاٽن پريس ذريعي باهر موڪلڻ لاءِ تيار ڪئي ويندي آهي. تيلي ٻج گهٽو ڪري حيدرآباد، لاڑڪاڻي ۽ اپر سنڌ فرنٽيئر ضلعن ۾ پوکيا ويندا آهن. انهن مان ڪنهن جو به معلوم مقدار روڊ رستي سنڌ ۾ نه ايندو آهي جيتوڻيڪ ڇڪو خاصو مقدار ريل ذريعي ايندو آهي ۽ اهر ۽ ٽرن جو به وڏو حصو سنڌ ۾ پوکيو ويندو آهي. اهي به ڪراچي مان باهر موڪليا ويندا آهن. اُن سنڌ جي درآمدات ۾ اهم جاءِ والاري ٿي ۽ هن قسمن جي ٽيندي هئي هڪ ولايتي ٻي هندستاني.

ميلا: سنڌ ۾ ميلا به ايترائي ڪثير تعداد ۾ ٽيندا آهن جيتريون زيارتون (يعني پيرن فقيرن جو مزارون) آهن. هر مرحوم درويش جو عرس ٽيندو آهي جنهن تي انهي ۾ اعتقاد رکندڙ مڙي اچي پوڄا ڪندا آهن ۽ شيون خريد ۽ وڪرو ڪندا آهن اهڙن ڪجهه ميلن تي چاليهه، پنجاهه هزار ماڻهو به گڏ ٽيندا آهن ته ڪن تي فقط ڪجهه سو ماڻهو گڏ ٽيندا آهن. ڪي ميلا هڪ هفتو ته ڪي فقط هڪ ڏينهن هلندا آهن. هيٺ ڪجهه اهم ميلن بابت تفصيل ڏجي ٿو.

هنڌ	تاريخ	دورانيو ڏينهن	سراسري حاضري	هرسال وڪرو ٽيندڙ شين جي نوعيت
شاهه يقيق شاهه بندر ۾	چيٽ جو پهريون آچر	3 يا 4	14 کان 15 هزار	سون ۽ چاندي جون شيون، پوشاڪون، گوشت، ميوا، مٺايون، فينسي شيون، ٽانو
جاتي مغليين ۾	23 ڦگڻ	6	ڏهه هزار	هر قسم جو سامان ـ جانور نه
اڊيرولال هالا ۾	چيٽ جو پهريون ڏينهن		پنجاهه هزار	گهريلو وکر ـ اٽ ـ سوسي جو ڪپڙو فينسي شيون
بدين	5 ـ ربيع الثاني	15	ڏهه هزار	گڏوڇڻ سامان ـ پتل جون شيون ريشم ـ ڪچ جو چاندي جو سامان، اٽ
بلڙي گوني ۾	پهرئين ذوالقعد	7	ڏهه هزار	متفرق شيون ـ پتل جو سامان، ڪچ جون چاندي جون شيون، اٽ

سيوهڙ	18 شعبان	3	ٽيهن کان چاليهه هزار	غاليچا- ٽانو- ڪپڙا- راندڪا، ڪاڏي پيتي جون شيون، جانور ۽
پٽورو	بڊي جي پهرئين	4	ويهن کان ٽيهه هزار	چاندي ۽ تامي جون شيون، ريشم، ڪيس ۽ سوسيون، برش جو ڪم، سنج، نٽون، راندڪا، منايون، اناج، ڪپڙو، فينسي شيون.

وزن جو ايڪو سدائين چاليهن سيرن جو هڪ مڙ هوندو آهي. سير ۾ 80 تولا ٿيندا آهن. عام مقصدن لاءِ سير کي ٻن پائونڊن جي برابر سمجهيو ويندو آهي 82 پائونڊ 37.17 ڪلوگرام. 45336 129.4=64.714÷7 معياري مڙ جو سرڪاري مقدار $82\frac{2}{7}$ پائونڊ آهي. سموري صوبي ۾ اهو مڙ ڪتب آندو ويندو آهي ۽ جنسن سان تبديل نه ٿيندو آهي. سير جون استعمال ۾ ايندڙ عام پتيون هي آهن.

ڊُڪو = هڪ تولو (هڪ ربئي جو وزن)

چٽانگ = 5 تولا

اڌ پاءُ = 10 تولا

پاءُ = 20 تولا

اڌسير = 40 تولا (انهي کي هيناهين سنڌ ۾ ڪچو سير چيو ويندو آهي)

ڪراچي ۾ ڪنڊي به تورجو هڪ ايڪو آهي جيڪو 8 مڻ جي برابر ٿيندو آهي.

سون ۽ چاندي تولن. ماسن ۽ رتين ۾ تُرندا آهن. اٺ رتيون هڪ ماسي جي برابر ۽ ٻارنهن ماسا هڪ تولو ٿيندو آهي. قيمتي پٿر رتين ۾ توربا ويندا آهن جيڪي سون جي تور واربون ئي آهن. هڪ رتي چٽن مڱن جي برابر ٿيندي آهي. قيمتي پٿرن جو وزن ماسن ۽ تولن ۾ نه پر رتين ۾ ئي ٻڌايو ويندو آهي. موتين جي وزن جو وري ايڏا مختلف ۽ پيچيدو نظام آهي.

کير ماپ ڪري وڪرو ڪيو ويندو آهي. هڪ سير ۽ پاءُ جي گنجائش وارا ماپا ڪتب آندا ويندا آهن. پاڻياڻ سير ۾ پاڻي جا 27 آئونس هوندا آهن ۽ اهو انگريزي ماپ جي 53. 1 پنٽ جي مساوي هوندو آهي. ڪڇ ۾ ٻيو خام مال، غذائي جنسون تيلي بج، پاڄيون، ميوا، ڏاتو گيهه، مقامي تيل وغيره وزن ڪري وڪرو ڪيا ويندا آهن.

اناج ۽ بج ٻن ماپ ڪري وڪرو ڪيا ويندا آهن. انهن جي جدول هي آهي.

4 پوڻايون = هڪ پاٽي

4 پاٽيون = هڪ توبو

4 توبا = هڪ ڪاسو

60 ڪاسا = هڪ خرار

(هڪ خرار انگريزي ماپ ۾ 29 1/2 بشل جي برابر آهي) جوئر، باجهري، ڪڪ، سارين، منگ، چڻن ۽ مٽرن جي صورت ۾ خرار جو وزن 24 مڻ جي برابر سمجهيو ويندو آهي. ترن، تيلي ٻجن ۽ سارين جي صورت ۾ خرار کي ويهن مڻ جي برابر سمجهيو ويندو آهي.

ڪپڙي جي ماپ گز ۽ هٿ ۾ ڪئي ويندي آهي. هڪ گز 36 انچن جي هڪ وال جي برابر ٿيندو آهي پر هٿ صوبي جي مختلف حصن ۾ مقامي رواج مطابق 18 کان 27 انچن جي برابر هوندو آهي.

غاليچا، تڏا ۽ شيشو سطحي ماپ ذريعي ماپيا ويندا آهن. پٽ، اوساري جي ڪم ۽ ڪاٽ جي چورس ماپ ڪئي ويندي آهي. تعميراتي هنڌن لاءِ زمين سطحي ماپ سان وڪرو ڪئي ويندي آهي. زرعي زمين جي صورت ۾ ايڪو ايڪڙ يا جريب هوندو آهي. ٻ جريب هڪ ايڪڙ جي مساوي هوندا آهن.

واهن جي کوٽائي جو تخمينو چورس ماپ سان ڪيو ويندو آهي. انهي جو ايڪو ڇڻ ٿوٽن جو گز ٿيندو آهي يعني 64 چورس فوٽ. هاڻي سنڌ ۽ خيرپور ۾ ويٽس ائنڊ ميزرس ائڪٽ لاڳو آهي. شروع ۾ ائڪٽ کي لاڳو ڪرڻ جو ڪم لوڪل باڊيز جي حوالي ڪيو ويو هو پر پهرئين اپريل 1940ع کان ماپن ۽ تورن سان لاڳاپيل سمورو ڪم ڊپارٽمينٽ آف انڊسٽريز پنهنجي ذمي کنيو آهي. انهي تبديلي کان اڳ يارنهن لوڪل باڊي انسپيڪٽر ۽ يارنهن گورنمينٽ انسپيڪٽر هوندا هئا پر جيئن ته تمام ٿورن لوڪل باڊي انسپيڪٽرن کي گورنمينٽ انسپيڪٽر ڪري کنيو ويو تنهنڪري انسپيڪٽرن جو جملي انگ پندرهن ٿي ويو. انهي تبديلي جي نتيجي ۾ ويٽس ائنڊ ميزرس ائڪٽ سڀني نموني لاڳو ٿيڻ لڳو جنهن جو هاڻي ٻئي ڪنهن تي ب انحصار نه آهي. سن 41ـ 1940ع ۾ وصوليون 77479 روپيا ۽ خرچ 68235 روپيا هو. وري سن 42ـ 1941ع ۾ وصوليون 79963 روپيا ۽ خرچ 56909 روپيا ٿيو. سن 41ـ 1940ع ۾ 26 واپارين ۽ ڊيلرن تي ائڪٽ جي پوئواري نه ڪرڻ تي ڪيسن جي منظوري ڏني وئي ۽ 25 شخصن کي ڏوهي قرار ڏنو ويو. سن 42ـ 1941ع ۾ 43 ڪيس ٿيا جن ۾ 34 کي سزائون مليون جڏهن ته سال جي پڇاڻي تي ڪيترائي ڪيس التوا ۾ هئا. سن 41ـ 1940ع ۾ انڊسٽريز ڊپارٽمينٽ وٽ 89 کارخانا ماپن ۽ تورن جي ناهيندڙن ۽ وڪرو ڪندڙن جي حيثيت ۾ رجسٽرڊ ٿيا. اهو انگ 42ـ 1941ع ۾ 99 تائين وڃي پهتو. انهي ائڪٽ ۾ جيتوڻيڪ اها ڳالهه شامل آهي ته هر ڏيڻي ليڻيءَ ۾ هڪ ئي قسم جا معياري ماپا ۽ وزن ۽ انهن جا ننڍا حصا ڪتب آندا ويندا پر ڪجهه اناج مارڪيٽن ۾ خريد ڪيل مال جي في مڻ تي هڪ ٻ سير واڌو ونڊ جهڙا ڪم ب جاري آهن. انهن ريتن کي بداڻو نمڻ، درمائو رڙ ۽ پچيٽو چيو ويندو آهي. ويٽس ائنڊ ميزرس ائڪٽ جي ڪنهن ب شق هيٺ انهن تي قدم نه ٽو کڻي سگهجي. البت زراعت پيشه ماڻهن کي سمجهايو ويو هو ته اهڙا ڪم سندن فائدي ۾ نه هئا. ڏيڻي ليڻي ڪندڙ عوام جو ڏيان چڪرائڻ لاءِ هڪ پريس نوٽ جاري ڪيو ويو هو ۽ انسپيڪٽرن کي پڻ حڪم ڏنو ويو هو ته پنهنجي گشت دوران خريد فروخت ڪندڙ ماڻهن کي انهي پاسي توجه ڏيارين جيئن انهن کي اهڙا ڪم ختم ڪرڻ بابت آماده ڪجي. پر اهڙا بي قاعدي ڪم اڃاڻ

هارين نارين جي نقصان ۾ اڃا جاري آهن. اها ڳالهه انهي مان به ظاهر آهي جو سنڌ ائگريڪلچرل ڪميشن جي 1953 واري رپورٽ ۾ انهي جو ذڪر ٿيل آهي.

سنڌ ۾ اڇڪلهه اڇ وڇ روڊ، ريل، پاڻي ۽ ويجهڙائي ۾ تمام محدود پيماني تي هوائي جهازن ذريعي به ٿئي ٿي. اڳ ۾ روڊن جي ڳالهه ٿا ڪريون. پاڪستان جي پهرئين پنج سالي منصوبي 60_ 1955 ۾ سنڌ ۾ روڊن جي نظام ۾ ڇڪتائي ترقي جي ضرورت تي زور ڏنل آهي ۽ جيئن ئي اهو منصوبو عمل هيٺ ايندو تہ سنڌ ۾ روڊن جي ڏيگهه ۾ ڇڪتاءُ اضافو ڪيو ويندو. سربارٽل فريئر کي سنڌ ۾ 1851ع ۾ ميٽلڊ روڊ جو هڪ ميل به ڪٿي نظر نہ آيو هو نہ ئي هن کي ڪو اهڙو روڊ جو هڪ ميل نظر آيو جنهن منجهان ڪا پل گذرندي هجي نہ ئي ڪيس ڪنهن قسم جي سرن جي ٽڪيل پُل ڏسڻ ۾ آئي هئي نہ ئي ڪيس پنج ميل ڏگهو ڪو صاف رستو ڏسڻ ۾ آيو هو. سچي ڳالهه اها آهي تہ روڊن جي سنڌ ۾ ڪا روايت ئي نہ آهي. اٺ جي سامهون وارياسو ميدان هوندو آهي پوءِ ان جي مرضي جيڏانهن منهن ڪري هلي. جڏهن ٻوڏ ايندي آهي ۽ اٺ نہ هلي سگهندا آهن تہ سموري ڏرتي تي ٻيڙن يا ڪکن ڪانن ۽ گاهه جي ٽهيل تُرهن لاءِ آبي رستا ٺهي پوندا آهن. پر تڏهن به ڪي معروف رستا هوندا هئا جن ذريعي خشڪ موسم ۾ وڻن شهرن جي وچ ۾ آمد رفت ٿيندي هئي. اهي رستا وڏين رندڪن رڪاوٽن کان پاسي تي گذرندا هئا. ڪراچي کان شڪارپور، ڪراچي کان ڪوئٽي ۽ اتان کان ٻيڙين ذريعي حيدرآباد، حيدرآباد کان ٺٽي لکپت ۽ ملتان اهڙا ئي روڊ هوندا هئا. سنجيدگي سان روڊ ناهڻ جو ڪم سر بارٽل فريئر جي دور ۾ شروع ٿيو. هاڻي ملڪ جي ڏيگهه ۽ ويڪر ۾ روڊن جو ڇار پکڙجي ويو آهي پر انهن مان گهڻا ايڏا به پيچرن جهڙا آهن. اپر سنڌ فرنٽيئر (يعني هاڻوڪي جيڪب آباد ضلعي) ۾ اهي عام طور درياءَ جي گاهه سان ڍڪيل هوندا آهن جيئن ماڻهن جا پير ۽ گاڏين جا ٽيڻا نرم مٽي ۾ پيهجي نہ وڃن. ملڪ جي ڏکڻ ۾ تہ اهي روڊ جڙ تہ مٽي جا ڪنارا هوندا آهن جيڪي سارين جي نصلن جي سطح کان مٿي هوندا آهن پر رستن جي حالت جيڪا به هجي جنهن ملڪ ۾ چوطرف واهه پيا وهندا هجن اتي پليون تمام لازمي هونديون آهن ۽ اهي سون جي تعداد ۾ نهيون آهن. بلاشڪ تہ سنڌ ۾ روڊ ناهڻ جو ڪم ڪوسولو نہ آهي ڇو تہ ڪجهه علائقن ۾ وڏا واريا سا ٽڪرا آهن ۽ وري ماٹري واري پٽ جي وڏي حصي ۾ پٿر موجود آهي. انهي سبب جي ڪري ئي روڊ ناهڻ جو ڪم سنجيدگي سان هٿ ۾ نہ کنيو ويو ۽ ٽيهه ورهيه اڳ تائين به ملڪ ۾ ڇڪتائي سڀي سطح وارا ميٽلڊ روڊ تمام ٿورا هئا. اها صورتحال گذريل ويهن ورهين ۾ تبديل ٿي آهي ڇو جو تڏهن کان موٽر گاڏي به ٽيڻن تي چوطرف اڇ وڇ ڪرڻ لڳي آهي. جيئن ئي موٽر گاڏي منظر تي آئي تہ اها ڳالهه اٽڪر ٿي پئي تہ بس کي چوطرف وڻن ڳوڻن ڏانهن مسافر ڪٽي وڃڻ لاءِ مناسب سطح گهربل هوندي. ميونسپالٽين، ڊسٽرڪٽ بورڊن ۽ ايم. اي. ايس طرفان سارسنڀال ٿيندڙ روڊن کي ڇڏي سنڌ وٽ 1952ع جي آخر ۾ 758 اعليٰ درجي وارا ۽ 1436 گهٽ درجي وارا روڊ هئا. اعليٰ درجي وارن روڊن ۾ 258 روڊ بلئڪ ٽاپ وارا، 145 سيمينٽ ڪنڪريٽ وارا ۽ 355 ڪڪري سان پڪا ٽيل (macadam) هئا. گهٽ درجي وارن روڊن ۾ 100 کهري سطح وارا، 947 قدرتي سطح وارا 292 ڪاري ٽاڪ وارا ۽ 97 پيچرا

هئا. سن 1953ع ۾ سنڌ جي پبلڪ ورڪس ڊپارٽمينٽ جي چيف انجنيئر روڊس ائنڊ بلڊنگس چيو ته پي ڊبليو- ڊي جي چارج ۾ جملي 2376 ميل هئا جن مان 1082.5 ميل پڪا روڊ ۽ 1293.5 ميل ڪچا روڊ هئا. سنڌ ۾ ميٽلڈ روڊ 869 ميلن تي هئا. لوڪل بورڊن جي چارج وارن روڊن جي سار سنڀال جو جملي خرچ پبلڪ ورڪس ڊپارٽمينٽ جي چارج وارن روڊن کان گهٽو گهٽ آهي. لوڪل بورڊن جي چارج وارن روڊن جي صحيح ڏيگهه معلوم نه آهي پر سنڌ ۾ عام راءِ اها آهي ته سڀ روڊ صحيح تعمير ۽ سارسنڀال لاءِ پبلڪ ورڪس ڊپارٽمينٽ جي حوالي ٿيڻ گهرجن.

سنڌ حڪومت ورهاڱي کانپوءِ ڪجهه روڊن کي مسافرن جي آمدرفت لاءِ قوميائي ڇڏيو. سنڌ گورنمينٽ ٽرانسپورٽ جي ڪراچي واري جنرل منيجر 1953ع ۾ چيو ته تڏهن مسافرن جي آمدرفت لاءِ هي روڊ قوميايا ويا هئا: ڪراچي- ٺٽو- حيدرآباد ڪراچي- ٻوهارا: حيدرآباد سٽي- حيدرآباد اسٽيشن- ڪوٽڙي حيدرآباد- مٽياري حيدرآباد- هالا: حيدرآباد- هالاڻي: جنگشاهي- ٺٽي جي وچ ۾ ٻيڙيون: هالاڻي- سکر: سکر- شڪارپور ۽ سکر- جيڪب آباد هن چيو ته پاليسي اها هئي ته سنڌ ۾ اهم هاءِ ويز ۽ وڏيڪ مصروف رستن کي قوميايو وڃي جيئن عوام کي جيترو ٿي سگهي سڀ کان گهٽ اگهه تي بهتر سفري سهوليتون مهيا ڪيون وڃن. سنڌ روڊ ٽرانسپورٽ فقط مسافرن لاءِ ٽرانسپورٽ ڏيندي هئي پر انهي جي پروگرام ۾ سامان جي ٽرئفڪ کي به قومي ملڪيت ۾ ونڊ جو پروگرام هو. ٽرانسپورٽ آرگنائيزيشن وٽ 79 بسون هيون جن مان چاليهه ڪنڊڪٽيون پين کي اسپيئرپارٽس جي ضرورت هئي تنهنڪري روڊ تي نه ٻئي هليون. ٽرانسپورٽ بورڊ پٽ 36 نين گاڏين جو آرڊر ڏنو هو. انهي ٽرانسپورٽ نظام جي انهن روڊن تي هلڻ مان چگو نفعو ٿي مليو. اها ڳالهه سنڌ ائگريڪلچرل ڪميشن رپورٽ جي صفحي 411 تي ڏنل 51-1950, 52-1951ع ۽ 53-1952ع وارن سالن جي انگن اکرن مان ظاهر آهي.

سال	ڪمائي	خرچ	صافي نفعو
51-1950	2694835	2218975	475860
25-1951	3691808	2962288	729520
53-1952	3649237	3111784	537453

لوئر سنڌ مڪينيڪل ڊويزن حيدرآباد سنڌ جي مڪينيڪل انجنيئر 1954ع ۾ چيو ته روڊن لاءِ مٽي جو ڪم ٽريڪٽرن ۽ گريڊرن جي مدد سان ڪيو ويو جنهن تي 8 کان 9 روپيا في ڪيوبڪ فوٽ خرچ آيو. انهي ڪم ۾ جهنگ ڪٽڻ، سطح برابر ڪرڻ، بند ناهڻ ۽ ٽرئفڪ لاءِ متبادل رستا ناهڻ شامل هئا. روڊن کي جمائڻ ۽ سطح صحيح ڪرڻ جو ڪم روڊ رولرن جي مدد سان ڪيو ويو هو ۽ اسفالٽ روڊن تي ٽاربائلر (tar boiler) ۽ اسفالٽ مڪسر ۽ ڪنڪريٽ روڊن تي ڪنڪريٽ مڪسر ڪم آندا ويا هئا. لوئر سنڌ ۾ ويجهڙائي وارن ورهين ۾ ڪيترائي روڊ ناهيا ويا آهن: حيدرآباد- ميرپور خاص روڊ: ميرپور خاص- سنڌڙي روڊ: حيدرآباد- ٽنڊومحمد خان روڊ: ٽنڊو محمد خان- جهوڪ روڊ: ٽنڊومحمد خان- ماتلي روڊ: ماتلي-

ٽنڊو غلام علي روڊ، گهارو- ميرپورساڪرو روڊ، ميرپورساڪرو- ٻهارا روڊ، هالا- شهداد پور روڊ، شهدادپور- ٽنڊو آدم روڊ، نواب شاه- سڪرنڊ روڊ، سڪرنڊ- مڪي ڍنڊ روڊ، سڪرنڊ- نواب شاه روڊ. انهي مان اها ڳالهه واضح ٿي وئي هوندي ته سنڌ ۾ خيرپور موٽر جي دور ڏانهن ڇڪي اڳيرائي ڪئي آهي ۽ انٽرنل ڪمبسشن انجڻين لاءِ مناسب روڊن جي ڏيگهه ۾ تيزي سان اضافو ٿي رهيو آهي. انهي ڏس ۾ سنڌ ۾ سال 1951 ۽ 1952ع ۾ ڪتب ايندڙ گاڏين جا انگ اکر دلچسپي کان خالي نه هوندا: سال 1951ع پرائيوٽ ڪارون 2290، ٽئڪسيون 80، ٽرڪون 1010، بسون 430، موٽر سائيڪلون 302. سال 1952ع: پرائيويٽ ڪارون: تعداد دستياب نه آهي: ٽئڪسيون 89، ٽرڪون 1009، بسون 626 ۽ موٽر سائيڪلون 396. بهرحال سنڌ جي ٻهراڙين ۾ خيرپور جي علائقي ۾ ايجا ۽ تمام وڏا علائقا اهڙا آهن جن ۾ ضرورت آهر روڊ نه آهن. واريا‌سن علائقن ۾ شايد اها ڪا وڏي ڳالهه نه آهي ڇاڪاڻ ته انهن ۾ آدمشماري گهٽ آهي ۽ اتي اٺ ۽ گهوڙا آمدرفت ۽ باربرداري جو تمام سولو ذريعو آهن. اهي علائقا جتي هاڻي گهٽي پوکي راهي نه ٿي ٿئي ۽ جڏهن ٿئي ٻيراج پوري طاقت سان ڪم ڪرڻ شروع ڪندا ۽ انهن ۾ وڏي پيماني تي پوکي راهي ٿيندي ته آدمشماري ۾ ٿيندڙ واڌ ڪي منهن ڏيڻ لاءِ روڊن جي تعمير جي هڪ وڏي پروگرام جي ضرورت پوندي. انهن علائقن ۾ روڊ ناهڻ جو ڪم ايترو سولو نه ٿيندو ڇو ته واهن، شاخن ۽ واٽر ڪورسن جي ڪثرت سبب پُلون ناهڻ جي ضرورت پوندي جڏهن پهرئين پنج سالا پروگرام تي عمل شروع ٿيندو ته سنڌ ۽ خيرپور ڪي گهربل روڊ ناهڻ جي اسڪيمن تي ڪم ٿيندو ته لازماً انهي مسئلي ڪي به حل ڪيو ويندو.

سنڌ ۽ خيرپور ۾ ريلن جا ڇڪا رستا آهن. نارٿ ويسٽرن ريلوي ڪي علائقي ۾ سموري ريلوي ٽرئفڪ تي هڪ هٿي حاصل آهي. اهو هڪ سرڪاري ادارو آهي ۽ انهي لاءِ سرمايو مرڪزي حڪومت ڏيندي آهي. هن گزيٽيئر ۾ سنڌ ۾ ريلوي نظام جي تعمير جي تفصيلي تاريخ ورجائڻ جي ضرورت نه آهي. هتي ايترو چوڻ ڪافي ٿيندو ته سنڌ مان به مڪي ريلوي لائنون گذري هڪ پاسي پنجاب ۽ لاهور وڃن ٿيون ته ٻئي پاسي بلوچستان ۽ ڪوئٽا وڃن ٿيون. ۽ هڪ مڪي لائين سنڌ مان حيدرآباد ۽ ميرپورخاص مان ٿيندي ٽرپارڪر ضلعي مان ڪوڪراپار وٽان هندستاني سرحد ڏانهن وڃي ٿي ۽ انهي ۾ ڪوشش نه آهي ته جڏهن حالتون نارمل ٿي ويندیون ۽ پاڪستان ۽ جمهوريه هندستان جي وچ ۾ لاڳاپا بهتر ٿي ويندا ته مارواڙ منجهان لنگهندڙ اها مڪي لائين هن ننڍي ڪنڊ جي بن ملڪن جي وچ ۾ آمدرفت ۽ مواصلات جو هڪ اهم واڌو ذريعو ٿي ويندي. ورهاڱي ڪانپوءِ اها لائين ڪوڪراپار وٽ ڪٽي وئي هئي ۽ سنڌ مان ڪا به ريل گاڏي هندستان نه ٻئي وئي. جڏهن گزيٽيئر جو 1907ع وارو ڇاپو پڌرو ٿيو ته عملي لحاظ ڪان ريل بند جي تعمير جو مرحلو مڪمل ٿي ويو هو. ريلوي نظام ۾ واڌارا ويهين صدي جي ٽئين ڏهاڪي ۾ ٿيا جڏهن روهڙي ڪينال ٽهڻ سان سنڌ جي وچولي حصي ۾ نئين زمينن کي پاڻي ملڻ لڳو ۽ آبادي ۽ آدمشماري ۾ وڏي واڌ جي مسئلي کي منهن ڏيڻو پئجي ويو. سکر بيراج انگريڪلچرل ڊيولپمينٽ پروگرام تحت ريلوي نظام ۾ هي اضافا ٿيا: ميرپور خاص جنڪشن کان نواب شاه جنڪشن تائين 83 ميلن جي فاصلي تي ميٽر گيج، ميرپور خاص جنڪشن ۽

جمڙائو جنڪشن کان پٽوري تائين 119 ميلن جي فاصلي تي ميٽر گيج ريلوي لائين. پڌ عيدن جنڪشن کان ٽنڊو آدم جنڪشن وايا سکرنڊ جنڪشن 125 ميلن جي فاصلي تي برادِ گيج لائين. سکرنڊ جنڪشن کان نواب شاهه جنڪشن تائين 15 ميلن جي فاصلي تي برادِ گيج لائين. محرابپور وايا ٽارو شاه جنڪشن کان پڌعيدن جنڪشن تائين 46 ميلن جي فاصلي تي برادِ گيج لائين. انهن واڌارن کانسواءِ ٻيو اهم ڪم جيڪب آباد ۽ ڪشمور جي وچ ۾ برادِ گيج جي تعمير آهي. انهي لائين تي اڳ ۾ نئرو گيج هوندي هئي انهي کي متائي برادِ گيج ڪئي وئي. اها توسيع 1955ع ۾ مڪمل ٿي. اهڙي طرح هاڻي ڪشمور وايا جيڪب آباد لاڙڪاڻي وايا شهداد ڪوٽ جي برادِ گيج سان ڳنڍجي ويو آهي. لاڙڪاڻي وٽ سنڌو درياء جي ساڄي ڪپ سان هلندڙ ڪوئيٽا تائين مين لائين ڳنڍيل آهي. پهرئين جنگ عظيم دوران حيدرآباد ۾ بدين واري لائين کي فوجي استعمال لاءِ ڪنيو ويو جيئن ميسو پوٽيميا ۾ ترڪي خلاف مهم ۾ مستقل رستو ڪم آڻي سگهجي. اها لائين پهرئين جنگ عظيم کانپوءِ بحال ڪئي وئي ۽ جيڪو عرصو حيدرآباد ۽ بدين جي وچ ۾ لائين نه هئي انهي دوران حيدرآباد ۽ بدين جي وچ ۾ ڪليلي ڪينال ۾ هالو چالو قسم جي آڪبوٽ سروس هلندي هئي. سنڌ ۾ ريلوي جي ڪم تي تفصيلي روشني وجهڻ هن گزيٽيئر ۾ ضروري نه آهي. جن کي دلچسپي هجي اهي پاڪستان ريلويز جي ڪم بابت رپورٽ ۽ نارٿ ويسٽرن ريلوي پاران ڇپيل پاڻ ۽ ٽائيم ٽيبلن بابت ڇپيل ڪتابڙا ڏسي سگهن ٿا. هاڻي فقط اهو چوڻ باقي آهي ته سنڌ مان لنگهندڙ سيئي ريل گاڏيون تمام وڏي مقدار ۾ مسافر ۽ سامان ڏوئين ٽيون. حقيقت اها آهي ته انهن هڪ اهڙو مثال قائم ڪيو آهي جنهن جهڙو گهٽ ۾ گهٽ گذريل ڏهن سالن جي تجربي مطابق ته ڪيترائي ترقي يافته ملڪ به پيش نه ٿا ڪري سگهن. ڇا پاڪستان سنڌ ۽ خيرپور جي علاقي ۾ ريلوي ۾ ترقي جي انهي مرحلي تي پهچي ويو آهي جتي وڌيڪ توسيع بجاء ريل ۽ روڊ جي ٽرئفڪ جي وچ ۾ ڪنهن قسم جي اشتراڪ عمل جي ضرورت هوندي؟ اها ڳالهه ته انهن اختيارين جي لاءِ فوري توجه طلب مسئلو آهي جن جي اها ذميواري آهي ته اهي اهڙي جديد قسم جي ٽرانسپورٽ کي يقيني بٹائين جنهن جي جديد دنيا متقاضي آهي. وفاقي گادي جي هنڌ واري علائقي جي سنڌ مان ڪجي وڃڻ ۽ ريلوي ورڪشاپ کي سکر مان لاهور ڪٽي وڃڻ سان سنڌ مان ريلوي جا ٻه وڏا ورڪشاپ ختم ٿي ويا آهن. انهي سان ملڪ ۾ ريلوي ۾ ڪم ڪندڙ ملازمن جي تعداد ۾ ڇڪي گهٽتائي آئي آهي. حقيقت ۾ 1951ع جي آدمشماري مطابق ريلوي ٽرانسپورٽ ۾ سنڌ ۽ خيرپور مان گهٽ ۾ گهٽ 7500 ملازم هئا. سنڌ ۾ سنڌو درياء متان بن عاليشان ريلوي پلين جو ڪجهه بيان ضلعي گزيٽيئرن ۾ ڏنل آهي. نارٿ ويسٽرن ريلوي کي روهڙي منجهان بکر واري گهاٽي ٽپائي بکر هيٺ تي آٽيندڙ ڏسڻ ۾ سهڻي لئنس ڊائون (Lansdowne) پُل جو بيان سکر ضلعي واري گزيٽيئر ۾ ڏسڻ ۾ ايندو ۽ نارٿ ويسٽرن ريلوي کي درياءَ ٽپائي ڪوٽڙي مان حيدرآباد آٽيندڙ مضبوط ڪوٽڙي پل جو بيان گزيٽيئر جي حيدرآباد ضلعي واري جُلد ۾ ڏسي سگهيو. سن 1889ع ۾ ڪليل لئنس ڊائون پل جديد ريلن جي وزن مطابق پوري نه ٿي سگهي آهي ۽ پاڪستان جي 1958ع واري بجيٽ ۾ ابتدائي خرچن لاءِ پنج لک رپيا رکيا ويا آهن جيئن سنڌو درياء تي موجوده پل کي متائي سگهجي.

آبي رستا:

سنڌو درياء سنڌ ۾ مواصلاتي ذريعي واري پنهنجي عظيم حيثيت کان گهڻو هيٺ ڪري ڇڏيو آهي. نيويئر جي ڏينهن ۾ انهي کي ملڪ جي هڪ ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين مال برداري جي مسئلي جو سڀ کان سولو حل سمجهيو ويندو هو. پر ملڪ کي هاڻي جيتري وڏي ٽرئفڪ لاءِ سولي ۽ ڪارآمد آبي گذرگاه جي ضرورت آهي درياء اها مهيا ڪرڻ جي بلڪل قابل نه رهيو آهي. برطانيا پاران فتح کان پنج ورهيه اڳ تائين به بمبئي جي حڪومت سنڌو درياء ۾ آمدرفت کي وڏي ڏيان سان ڏسندي رهي هئي جو ملتان ۽ افغانستان فوجي پهچائڻ لاءِ درياء کي رستي طور ڪتب آڻڻ ضروري هو ۽ ڪيترائي آفيسر انهي جي سروي لاءِ مقرر ڪيا ويا هئا. انهن جي رپورٽن ۾ ڪافي دلچسپي جون ڳالهيون آهن. تنهن وقت درياء ۾ هلندڙ باربرداري جون ٻيڙيون (ڊونڊيبون) لڳي ٿو ته ساڳئي نموني ٺهنديون هيون جهڙيون اڄڪلهه ڪتب ۾ اچن ٿيون. اهي سنڌي ڪاٺ جون ٺهيل نه هونديون هيون جو غريب مهاڻن وٽ ڪچ مان ايندڙ ساڳ جي ڪاٺ جيترو پئسو نه هوندو هو. ڇهو وڄي ٿو ته درياء تي "دي انڊس" نالي پهريون اسٽيمر 1835ع ۾ ڏسڻ ۾ آيو. پليٽيت ۽ "سيٽلائيٽ" نالي ٻن اسٽيمرن سنڌ جي الحاق جي آپريشن ۾ حصو ورتو ۽ صوبي تي قبضو مڪمل ٿي وڃڻ کانپوءِ انڊين نيوي جي هڪ آفيسر جي ڪمانڊ هيٺ هڪ ننڍڙو ٻيڙو قائم ڪيو ويو. انهي جو هيڊ ڪوارٽر ڪوٽڙي ۾ رکيو ويو. لڳي ٿو ته 1852ع کان ڪراچي ۽ ملتان جي وچ ۾ انهي ٻيڙي جي مدد سان هڪ قسم جي پندرهن روزا ٽپال سروس شروع ڪئي وئي. البت 1859ع ۾ هڪ ٻيو ٻيڙو ٺاهيو ويو جيئن تڏهن ڪراچي ۽ ڪوٽڙي جي وچ ۾ ٺهندڙ ريلوي سان سهڪار ڪري سگهي ۽ جڏهن 1862ع يا انهي جي آسپاس انڊس نيوي کي ختم ڪيو ويو ته انهي جا اسٽيمر به ان جي حوالي ڪيا ويا. اهو ٻيڙو 1862ع ۾ ريلوي ۾ ضم ڪيو ويو ۽ انهي جي انتظاميا کي لاهور بدلي ڪيو ويو. هندستان جي مکيه دريائن ۾ طاقتور اسٽيمرن جي مدد سان هلندڙ اسٽيمر ٽرينون هلائڻ جي مقصد لاءِ ايڊائي لکن پائونڊن جي موڙي سان شروع ڪيل دي اورئينٽل ان لئنڊ اسٽيم ڪمپني سنڌو درياء ۾ 1858ع ۾ ڪم شروع ڪيو. انهي کي حڪومت طرفان سالياني پنج هزار پائونڊ سبسڊي ملندي هئي. پر اها بد انتظامي سبب ويهجي وئي ۽ انهي جو ٻيڙو 1869ع ۾ وڪرو ڪيو ويو. سن 1878ع ۾ ڪراچي ريل رستي پنجاب سان ڳنڍ جڙ ڪانپوءِ مواصلاتي ذريعي طور درياءَ پنهنجي اهميت وڃائي ويٺو. بهرحال اهو ڪاٺ، جلائو ڪاٺ، ٻهه ۽ هر قسم جي زرعي پيداوار ڊوئڙ لاءِ اڃا به ڪتب اچي رهيو آهي ۽ ڪليلي، نارا ۽ ٻيا واهه جن ۾ ٻيڙيون هلي سگهن ٿيون اهي به ساڳئي ڪم لاءِ ڪتب پيا اچن. ڪٽي به انهي ٽرئفڪ جو مقدار ڏايل نه آهي. بهرحال اهو خدشو به موجود آهي ته سکر بيراج ٺهڻ سبب سنڌو درياء جي ٽرئفڪ ۾ اڃا به گهٽتائي آئي آهي. انهي جو وڏو سبب سکر بندر تي وڏي ڪمائي واري ڪاٺ جي واپار جو بند ٿيڻ آهي ۽ انهي سان اتي درياء جي ڪنارن تي ٻيڙيون ٺهڻ جو ڪم به ختم ٿي ويو. سمجهيو اهو ٿو وڃي ته ڪوٽڙي وٽ غلام محمد بيراج ۽ گڏو وٽ جڏهن گڏو بيراج ٺهي پورو ٿيندو ته نسبتاً ڏکڻي فاصلي واري ٽرئفڪ جي سهوليت طور درياء جي اهميت اڃا

گھٽجي ويندي 1951ع جي آدمشماري مان خبر پوي ٿي ته سمنڊي درياءِ پيڙن جي عملي طور ڪم ڪندڙ ماڻھن جو ڪل تعداد 1105 ھو جن مان 1086 مرد ۽ 19 عورتون ھيون. اھو به انھي حقيقت جو ھڪ اھڃاڻ آھي ته اڇڪلھ ٽرانسپورٽ جي ذريعي طور درياء جو استعمال ڪيتري قدر گھٽجي ويو آھي. سنڌو ۽ جينٽوٽيڪ ڏوندين ايڏا چڱي تعداد ۾ ھلن ٿيون پر خدشو آھي ته اھي به آھستي آھستي ختم ٿي ويندين. حقيقت اھا آھي ته سڀني موسم ۾ سنڌو درياء ۾ ان جي جايون متائيندڙ وارياسن ڪنارن ۽ ڪينجھن سبب رڪاوٽون پيدا ٿي ويندين آھن جنھن سبب پيڙين ھلائڻ ڪجھ خطري وارو ڪم ۽ ڏاڍو آھستگي سان ٿيندو آھي. لھوارو ويندي گھٽو ڪري ماڻھو ڏوبندين کي ڪپرن تان رسن ذريعي ڇڪيندا آھن. اھڙي طريقي سان ھلندي ڇڻي نہ ٿو سگھجي ته ھڪ ميل في ڪلاڪ کان وڌيڪ رفتار ممڪن ھوندي جيئن ته سنڌو درياء جون اھي پيڙين جلد ئي عجائب گھر جي زينت ٿيڻيون آھن تنھنڪري 1907 واري گزيٽيئر ۾ انھن بابت ڏنل بيان ھتي ڏجي ٿو.

"پيڙي جو ڪٽنو ٽن مختلف ٽڪرن کي پاڻ ۾ جوڙي ٺاھيو ويندو آھي. انھي ۾ به ٽڪرا پاسن ۾ ۽ ھڪ تري ۾ ھوندو آھي. اھو طريقو اسانجي نيول آرڪيٽيڪچر جي اصولن جي خلاف آھي جو ٽئي حصا اڳ ۾ جدا جدا مڪمل ڪري پوءِ جوڙيا ويندا آھن. جيئن ڪيبنٽ ٺاھيندڙ صندوق جا ٽي پاسا جوڙيندو آھي. انھن کي پاڻ ۾ جوڙيو اھڙي طرح ويندو آھي جو جڏھن ٽئي پاسا ٺھي پورا ٿيندا آھن ته پاسن کي اڇتي ھلي ڏونڊيءَ جو ترو ٿيندڙ پاسي وٽ آڻي بنا دير ڪاٺ جي وَريل ٽُڪرن سان پاڻ ۾ قابو ڪيو ويندو آھي. آڇيل ۽ پاڇيل کي پاسن جي لاڳاپيل حصن وٽ آڻڻ ايڏا وڌيڪ ڏکيو ھوندو آھي ۽ انھي ڪم ۾ ڪيترائي ڏينھن لازمي گھربل ھوندا آھن. جتي آڇيل ۽ پاڇيل کي مٽي ڪٽڻو ھوندو آھي ته تختن کي ڪنھن خاص مادي سان سٽيو ڪيو ويندو آھي جنھن ڪري انھن ۾ مٽي ورڻ جي صلاحيت پيدا ٿيندي آھي ۽ طاقت ڪم آڻي انھي ۾ ايڏا واڌارو ڪيو ويندو آھي. اھري طرح پاسا مٽي ٽيڻ کانپوءِ انھن جي وچ ۾ ڇڪٽي ٻڌي ويندي آھي ۽ لڳاتار گرم ڪندڙ مڪسچر ھڻڻ ۽ روزانو چرخي ڇڪڻ سان ڪنارا گھربل ڪنڊ تي وَري ايندا آھن ۽ پاسي تي ٻڌي ڇڏبا آھن. انھي طريقي سان پيڙي جي تري جي تختن ۾ گھربل وَر آندو ويندو آھي. ڏونڊي جي آڇيل ھڪ ويڪرو وريل تختو ھوندو آھي جيڪو پاٽيءَ جي سطح سان 200 جي ڪنڊ ٺاھيندو آھي. پاڇيل به ساڳئي شڪل جي ھوندي آھي پر ڪنڊ کان ھيٺ تي وريل ھوندو آھي

ڪوھا مضبوط شھتيرن تي رکيا ويندا آھن جيڪي ڳڙھ جي آرپار ھوندا آھن. ڪوھا انھي ٽيڪ تي ڦرندڙ سولائي سان ھٽ وس رکي سگھبا آھن ۽ انھن کي مرضي سان ھيٺ مٽي ڪري سگھيو آھي. ڏونڊي پنھنجن چورس چيڙن. اوچي آڇيل ۽ پاڇيل سان ڏاڍي منفرد ۽ سھڻي ڏسڻ ۾ ايندي آھي. ڏونڊو مھاڻن طرفان ڪتب ايندڙ ڏونڊي جو ھڪ ننڍو قسم آھي. زال ۽ مڙس ھيڙي سنپالينداآھن جڏھن ته ھار ڪجھ ھِريل ٻگھ يا ماھي خور يا شايد ڪا پيٽ (Pelican) جڙ ته مسافر ٽي ويھندا آھن. ڪونتل به ساڳئي بناوت جي ٽيندي آھي پر ان جي ڪام جي ويڪر وڏي ٽيندي آھي ۽ پنڌڻ تي ماڻھو ڏور ۽ اٽ ڏوئڻ جي ڪم ايندي

آهي. زورڪ ۽ ان جو ٻيو قسم بگو چري پنجاب جون ٽهيل هوندیون آهن. زورڪ شڪل ۾ ڊونڊي کان گهٽي مختلف هوندي آهي ڇو جو انهي جا آڳيل ۽ پاڇيل تري سان ڪنڊ ٽاهڻ بجاء گول هوندا آهن. پر بناوت جي ترتيب ۾ ڪو گهڻو فرق نہ هوندو اٿن. اهي سائيز ۾ ٻہ وڏيون ٽي ويندیون آهن. ٻيڙين جا ٻيا ٻہ ڪيترائي نالا آهن جن مان ڪجهہ نہ ڪجهہ فرق ظاهر ٿيندا آهن جن جي مهاڻن کي خبر هوندي آهي. پر اهي نالا بي ڏياني ۾ گڏو چڙ ڪم آندا ويندا آهن. انهن مان سڀ کان وڌيڪ عام نالو بتيلو آهي. اهو نالو صحيح طور سمنڊ تي ويندڙ ٻيڙن لاءِ ڪتب آندو ويندو آهي. سڙهہ ڪڇ جي صورت ۾ انهن مان ڪابہ ٻيڙي هوا جي 8 کان 9 پئائنٽ جو زور نہ جهلي سگهندي نتيجي ۾ عام طور اهوئي ٿيندو آهي جو لهوارو وڃڻ جو واحد طريقو اهوئي آهي جو عملو ٻيڙي مان لهي ٻيڙي کي رسن سان ڇڪيندو آهي. اهي جيڪڏهن پاڻ ٻلو هوندو آهي تہ ٻہ ميل في ڪلاڪ جي رفتار سان ئي هلي سگهندا آهن. سنڌو درياء جون ٻيڙيون سمنڊ جي مسافري لاءِ بلڪل تيار ٿيل نہ هوندیون آهن ۽ بار جيڪڏهن ملڪ کان ٻاهر وڃڻو هوندو آهي تہ ڪيٽي يا سرگنڍا وٽ سمنڊ تي ويندڙ ٻيڙن تي ڇاڙهيو ويندو آهي. انهن ٻنهي بندرن تي ڪراچي. ڪڇ ۽ ويندي زنجبار جا ٻيڙا ايندا آهن پر انهن تي چورس ٻيڙا ۽ اسٽيمر نہ اچي سگهندا آهن. جن جي لاءِ سنڌ ۾ فقط ڪراچي ئي واحد بندر آهي.

سنڌ ۾ نہ فقط سنڌ ودرياء پر انهي جي وڏين شاخن ۽ وڻن واهن تي ڪيترائي پتڻ آهن. عوامي پتڻن جي آمدني اهي جنهن ضلعي ۾ واقع هوندا آهن انهن جي مقامي فنڊ ۾ داخل ڪئي ويندي آهي. جيڪڏهن کي عوامي پتڻ ٻن ضلعن جي وچ ۾ هوندو آهي تہ آمدني ڪمشنر پاران طي ڪيل تناسب سان ورهائي ويندي آهي. سنڌو درياءَ تي ڪوٽڙي ۽ سکر وٽ پلون ٽهڻ کان اڳ ٻنهي جاين تي سرڪاري اسٽيمر هوندا هئا. هاڻي فقط هڪ آهي جيڪو سجاول تعلقي ۾ ماڇين جي ڳوٺ کان ڏٽي تعلقي ۾ بگهاڙ تائين هلي ٿو سنڌو درياء ۽ ان جي واهن تي پتڻن تي هلندڙ ٻيڙين جو انگ هڪ سو کان وڌيڪ آهي. ڪجهہ ٻيڙيون عارضي طور وقت بوقت بہ هلنديون رهنديون آهن. انهن پتڻن جي لسٽ گزيٽيئر جي ضلعي وار جُلدن ۾ ڏسي سگهبي. سنڌو درياء جو عنوان پورو ڪرڻ کان اڳ انڊس رور ڪميشن بابت ڪجهہ لفظ چوڻ غير مناسب نہ ٿيندا. اهو ادارو چيف انجنيئر ۽ سپرنٽنڊنگ انجنيئرن تي ٻڌل آهي ۽ پبلڪ ورڪس ڊپارٽمينٽ جو وزير انهي جو صدر هوندو آهي. اهو ادارو درياء تي ڪنٽرول بابت پاليسي ٺاهيندو آهي ۽ درياءَ سان لاڳاپيل سيني مسئلن کي منهن ڏيندو آهي. سنڌو درياءَ جي سروي ريسرچ ڊويزن جو سالياني ڪم آهي ۽ اهو رڪارڊ باقاعدگي سان رکيو ويندو آهي جيئن قدرتي آفتن تي نظر رکي وڃي ۽ اهو بہ ڏٺو وڃي تہ واهن ۾ ڪيترو پاڻي ڇڏيو وڃي جيئن جيتري قدر ٿي سگهي ناڪامي کان بچي سگهجي. انهي رڪارڊ مان اهو بہ ڏٺو ويندو آهي تہ ڪهڙي طرح بند ۽ لوپ بند ٺاهي ٻوڏن کان بچي سگهجي. سنڌو درياءَ جي سروي زراعت سان لاڳاپيل ماڻهن لاءِ انهي لحاظ کان مددگار ثابت ٿي آهي. جو درياء جي تباه ڪارين جي ٿيل جائزي مان تجربي ڪار ماڻهن کي درياء جي روش جو اندازو ٿي ويندو آهي. زراعت پيشہ ماڻهن کي انهي لحاظ کان فائدو

ٽيو آهي جو آبڪلاڻي واهن تي مناسب هنڌن تي نوان هيڊ (Head) ٺاهيا ويا آهن اهو ڪم تجرٻيڪار انجنيئرن پاران سنڌو درياء جي سروي جي مدد سان ممڪن ٽيو آهي. نہ فقط اهو پر ٻنهي ڪنارن تي بند ۽ لوپ بند ٺاهي سموري پوکي هيٺ علاقي کي ٻوڏن کان بچايو ويو آهي. انهي ڪم ۾ به اهي سروي ڪم آيا آهن. ريسرچ ڊويزن جي ايگزيڪيوٽو انجنيئر، سنڌ ائگريڪلچرل ڪميشن آڏو پنهنجي بيان ۾ چيو ته انهي اداري جي ڪمن ۾ سنڌو درياءَ جو روجهاڻ کان سمنڊ تائين سالياني سروي ڪرائڻ شامل آهي. سروي جو مقصد درياء جو وهڪرو ڏسڻ هوندو آهي جيئن ڪاڌ وارن هنڌن وٽ وقت سراحتياطي اپاء وٺي سگهجن ۽ جن جاين تي بندن تي درياء ڇُهل ڪري اتي لوپ بند ٺاهي سگهجن. اهو ادارو سکر بيراج ۽ ٻين ايياس هيٺ جاين وٽ واٽر ٽيبل (Water table) جو رڪارڊ رکندو آهي اهو درياء جي ماپن (gauges) ۽ درياء جي مختلف جاين تي ڊسچارج جي ايياس جو رڪارڊ رکندو آهي. ريسرچ ڊويزن جي ايگزيڪيوٽو انجنيئر چيو: سنڌو درياء جي سروي مان اهڙا بنيادي انگ اکر مليا جن جي مدد سان درياء جي آئيندي جي سروي جي روش بابت اڳ ڪٿي ڪري سگهجي ٿئي. دريائي سروي جي سالياني مجموعي ڪانسواءِ اڳڪٿي ممڪن نہ ٿي سگهي ها. سنڌو درياء جي سالياني سروي انهي حد تائين فائديمند آهي. هن جو چوڻ هو ته: پر جيڪڏهن نقطو اهو هجيَ ته سنڌو درياء جي تباه ڪارين جو رڪارڊ رکي انهن تي ڪنٽرول ڪيو وڃي ته اهو چوڻ بيجانہ ٿيندو ته آمريڪا جهڙن ملڪن ۾ جيڪي دريائي ڪنٽرول جي مسئلن کي منهن ڏيڻ ۾ تمام اڳتي آهن اهي به مسي سپي درياء جيَ تباه ڪارين کي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ ڪامياب نہ ٿيا آهن.

پوسٽ ۽ ٽيليگراف ڪاتو هاڻي وفاقي حڪومت وٽ آهي ۽ ٽپال ڪاتي جي ڪارگذاري بابت تفصيل انهي ڪاتي طرفان ڇپيل سالياني رپورٽن ۾ ڏسي سگهجن ٿا. سنڌ ۾ هاڻي پوسٽ آفيسون ۽ ٽيليگراف آفيسون تمام گهڻي انگ ۾ آهن ۽ هاڻي ٽيليفوني نظام به گهڻي استعمال ۾ آهي ۽ خانگي استعمال ڪندڙن طرفان ٽيليفون جي طلب هر سال وڌندي پئي وڃي. سنڌ ۾ هوائي خدمتون ايجا پنهنجي هالڪپڙ ۾ آهن ۽ شايد فاصلا به ايترا وڏا نہ آهن جيڪي ننڍين جهازن ۽ مقامي اڏامن لاءِ ئي مناسب آهن. هوابازي پڙ وفاقي ڪنٽرول وارن ڪاتن منجهان هڪ آهي. دلچسپي رکندڙ ماڻهن کي وفاقي حڪومت جي هوابازي سان لاڳاپيل ڪاتي جون اشاعتون ڏسڻ گهرجن. ڪراچي جو هڪ مددگار هوائي اڈو نواب شاه ۾ تعمير ڪيو ويو آهي پر فقط متبادل طور رکيل آهي. امڪان آهي ته ويجهي مستقبل ۾ هوائي جهازن جي سنڌ ۾ خيرپور جي مٿان استعمال ۾ ڇڪي ترقي ٿيندي.

ماهي گيري:

اهڙا ساموندي ڪنارا شايد ڪي ٿورا ئي هوندا جن تي مڇي سنڌ جي ڪناري کان وڏي تعداد ۾ گهڻن قسمن ۾ ايندي هجي. سنڌو درياء پاڪستان جي انهن ٿورن دريائن مان آهي جيڪي سمورو سال وهندا آهن. اهو پلي جهڙن قسمن کي پاڻ ڏانهن چڪيندو آهي جيڪو تازي پاڻي ۾ آنا ڏيندو آهي. انهي جا ڪيترائي ڦاٽ سمنڊ ۾ بيشمار ننڍيون مڇيون آڻيندا آهن جيڪي وري ٻين ڪيترن ئي قسمن جي مڇين

جي غذا ٿيندڙ آهن. جڏهن ته ٻيون ڪيتريون ئي جيڪي وقت بوقت ٻين سمنڊن مان هجرت ڪري اينديون آهن جهڙوڪ تارلي (Sardine) اهي به ڪثير تعداد ۾ اينديون آهن. انهن ئي سببن جي ڪري ڪراچي جي ساموندي ڪناري تي تمام آڳاٽي وقت کان مهاڻن جو ڏنڏو هلندو رهيو آهي ۽ اهو ايتري وڏي پيماني تي پئي هليو آهي جو مڇي مقامي ضرورتن کان وڌيڪ هوندي آهي ۽ مڇي کي ٻاهر موڪلڻ لاءِ لوٽڻ به هڪ وڏو ڏنڏو ٿي ويو آهي. امير مڇي مارڻ جا حق ٺيڪي تي ڏئي 4000 کان 7000 رپين جو محصول گڏ ڪري ونندا هئا جنهن جي نتيجي ۾ مهاڻا عملي طور واڻين ٺيڪيدران جا غلام ٿي ويا. ٺيڪيدار پنهنجو محصول روڪ يا جنس جي صورت ۾ ونڊندو هو جنهن جي شرح پنهنجي پيچيدگي جي لحاظ کان بلڪل مشرقي انداز جي هوندي هئي ۽ ان جو حساب تمام ڏکيو به هوندو هو جيڪو هتي ڏئي نه ٿو سگهجي. مهاڻن تي ڏهه مختلف گڏيل نوعيت جا محصول پڻ لڳندا هئا جنهن جي گڏ ڪرڻ جي ڪم مان لازماً رت چوسيندڙ جوون جا به ڏڻ پيدا ٿيا هوندا. برطانوي حڪومت 1846ع ۾ ٺيڪا ختم ڪري ڇڏيا ۽ ليسنن جو هڪ نظام لاڳو ڪيو پر جيئن ته انهي مان ڪا اپت نه ٿي ٿئي تنهنڪري مڇي مارڻ جا حق وري 1851ع کان نيلام ذريعي وڪرو ٿيڻ لڳا. اهو نظام وري 1858ع ۾ ختم ڪيو ويو ۽ مڇي مارڻ وارين ٻيڙين کي ليسن ڏنا وڃڻ لڳا. انهن جي في هڪ ٽن واري ٻيڙي تي رپيا ۽ وڏي ٻيڙي تي پنج رپيا في ٽن هوندي هئي. اها في ڏيڻ ڪانپو ٻيڙي مالڪ کي آزادي هوندي هئي ته جتي چاهي ۽ جنهن به طريقي سان گهري مڇي ماري اهو نظام 1884ع تائين هليو ڇو جو تڏهن مهاڻن جو ڏنڏو ڏاڍي افسوسناڪ حالت کي پهچي ويو ۽ انهي کي مدنظر رکندي انهن تان سڀ خاص محصول معاف ڪيا ويا. انهي جي انهي حالت جو هڪ سبب 1867ع ۾ لوٽي مڇي تان سادا ست سيڪڙو امپورٽ ڊيوٽي جو ختم ٿيڻ هو. انهي سبب هو مڪران جي ساموندي ڪناري سان ڏاڍي تباه ڪن مقابلي ۾ اچي ويا هئا ڇو جو اتي لوڻ تي ڪا به ڊيوٽي نه هوندي هئي. انهي جو پورائو ڪرڻ لاءِ 1875ع جي ٽيرف ائڪٽ تحت بمبئي پريزيڊنسي جي سنڌ ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن به بندر تي امپورٽ ٽيندڙ لوٽي مڇي تي في 116 مڻ تي 12 آنا امپورٽ ڊيوٽي مڙهي وئي. انهي سان سنڌين کي بمبئي جي ٻئي ڪنهن به ساموندي ڪناري وارن مهاڻن تي ناواجبي فائدو ملي ويو ۽ هو پنهنجين مارڪيٽين ۾ انهن کان گهٽ قيمت تي وڪرو ڪري سگهي پيو ڇاڪاڻ ته سنڌ ۾ لوڻ تي ڊيوٽي فقط اٺ آنا في مڻ هئي جڏهن ته ٻي سموري پريزيڊنسي ۾ رپيو تيرهن آنا هئي. البت ٿي ورهيه پوءِ بمبئي سالٽ ڊيوٽي جو دائرو سنڌ تائين وڌايو ويو. اها ڊيوٽي به تيستائين به رپيا اٺ آنا في مڻ ٿي وئي هئي ۽ 1882ع وارين شرحن سان مڪران ۽ ٻي ڪٿان جي به لوٽي مڇي تان امپورٽ ڊيوٽي ختم ٿي وئي جنهن جو فوري نتيجو اهو نڪتو جو سنڌ ۾ مڇي لوڻڻ جي صنعت جي عملي طور تباهي کي مدنظر رکندي گورنمينٽ آف انڊيا کي درخواست ڪئي وئي ته اهڙا يارڊ قائم ڪرڻ بابت تجربو ڪيو وڃي جتي مڇي لوٽيندڙن کي لوڻ لاڳت واري قيمت تي ڏنو وڃي. بمبئي جي. آر. نمبر 8895 مورخه 11 ـ نومبر 1884ع اهڙن چئن يارڊن (yards) کولڻ جي اجازت ڏني وئي. انهن مان ٿي نه هلي سگهيا. پر هڪ ڪراچي بندر جي حدن اندر پهرئين مئي تي شروع ڪيو ويو

جيڪو اڄ تائين ڪاميابيءَ سان هلي رهيو آهي جتي سالياني سراسري طور 860 مڙ لوڙ جاري ڪيو وڃي ٿو ۽ مڇي جي پيداوار 5235 مڙ آهي. مئي 1904ع ۾ ڪراچي شهر جي اولهه ۾ مڇي مارڪيٽ جي ويجهو ڪڏي ۾ هڪ ٻيو يارڊ کوليو ويو. انهي سرڪاري سال جي آخري يارنهن مهينن ۾ 959 مڙ لوڙ جاري ڪيو ويو ۽ 14672 مڙ مڇي لوٽي وئي. اهڙا قدم به ڪنيا پيا وڃن جيئن مڇي ڏيوٽي ڏنل لوڙ سان لوٽڻ کي همٿايو وڃي. اهو ڪم گڏري بندر جي اوپر ۾ ڪاريءَ ۾ ريڙهي ۾ منتي چينل ۾ ڪنڊ (Kund) ۾ ـ اهو ڪيٽي بندر کان گهٽو پري نه آهي ـ ۽ مڇي مارڻ وارين ٻيڙين تي ٽيندو آهي. ڪراچي جو ڪليڪٽر، بمبئي سالٽ ائڪٽ جي (2) 38 سيڪشن هيٺ مٿي ڄاڻايل ٻن جاين تي لوڙ ڏخيرو ڪرڻ جي اجازت ڏيندو آهي. ساڳئي اجازت ڪليڪٽر آف ڪسٽمز پڻ ڏيندو آهي. جيڪي مهاڻا پنهنجين ٻيڙين تي مڇيون لوٽڻ گهرندا آهن انهن کي اهڙا اجازت ناما ملندا آهن. هر جاءِ تي آمدرفت کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ هڪ ڪسٽمز منشي مقرر ڪيو ويندو آهي. سن 1905 ـ 1904ع ۾ مڇي مارڻ وارين ٻيڙين کي سراسري طور 838 مڙ لوڙ جا اجازت ناما ڏنا ويا.

مڇي جي صنعت ۾ انهن مالياتي ٽيرين گهيرين جي اثر جو اندازو هيٺين انگن اکرن مان چڱي طرح ٿي ويندو. انهن ۾ ڪراچي بندر تان لوٽيل مڇي جي ايڪسپورٽ جي قيمت ڏيکاريل آهي.

60ـ1855ع	104,508ـ00 روپيا
65ـ1860ع	169,418ـ00 روپيا
85ـ1880ع	247379ـ00 روپيا
05ـ1900ع	626610ـ00 روپيا

انهن انگن اکرن ۾ مڪران مان ري ـ ايڪسپورٽ ٽيل مڇي جي ڪجهه غيرحتمي تناسب شامل ڪرڻ لاءِ گنجائش ضرور ڇڏڻ گهرجي.

اها ڳالهه ڪڏهن به فرض نه ڪرڻ گهرجي ته مٿين انگن اکرن مان جيترو مڇي مارڻ ۽ مڇي لوٽڻ جي صنعت ۾ واڌاري جو ثبوت ملي ٿو ته ساڳئي نسبت سان مهاڻن جي خوشحالي ۾ پڻ اضافو ٿيو هوندو. ڊاڪٽر ڊي (Day) سن 1873ع ۾ جڏهن Sea fish and fisheries in India بابت پنهنجي عاليشان رپورٽ لکي رهيو هو ته کيس ٻڌايو ويو هو ته سنڌ جا سيئي مهاڻا ٻيڙيون ۽ جار خريد ڪرڻ لاءِ مودي کان اوڏر وڃڻ وقت کيس قسم نامو ڏيندا هئا ته هو پنهنجي سموري ماريل مڇي کيس مارڪيٽ جي چالو اگهه کان اڌ اگهه تي ڏيندا ۽ انهن جو اهو شرط موجوده دور ۾ به ساڳيو آهي. انهن جي ٻيڙين جا جيڪڏهن خوجا ۽ واڻيا حقيقي معنيٰ ۾ مالڪ نه هوندا آهن ته به اهي انهن وٽ گروي ضرور هوندیون آهن جن ۾ عام طور اهو شرط به شامل هوندو آهي ته مهاڻن جي سموري محنت جي اپت تي انهيءَ جي مُلهه جي تمام ٿورڙي حصي عيوض انهن جو حق رهندو. سرڪاري ياردن ۾ مڇي لوٽڻ جو سمورو يا تقريباً سمورو ڪم ڪجهه شاهوڪار ماڻهن جي هٿن ۾ هوندو آهي جيڪي مهاڻن جي وڏي حصي کي پنهنجي چنبي ۾ رکندا آهن ۽ حڪومت جي

نيڪ ارادن مان انهي کان وڌيڪ فائدو ونڊندا آهن جيترو حڪومت انهن لاءِ گهريو هوندو آهي. بهرحال مجموعي طور مهاڻن جي حالت ڇڪي آسودگي واري ۽ سٺ سال اڳ ڪڍيل تصوير کان تمام مختلف لڳي ٿي. اهي سڀ ذات جا مهاڻا آهن ۽ ڪراچي، لاڑا، وانگوڙا ۽ بندري ۾ ورهايل آهن. بظاهر ته لڳي ٿو ته اهي سطحي نالا آهن پر لڳي ٿو ته اهي ڪنهن وقت ڏنڏي جي اهڙن فرقن جا اهڃاڻ هئا، جيڪي انهي حد تائين هاڻي موجود نه آهن. هاڻي به بندري ڪنڊي ۽ ڏور سان وڌيڪ مڇي ماريندا آهن جڏهن ته ٻيا ڄار سان وڌيڪ ماريندا آهن. ڪراچي ۽ لاڑين بابت ڇيو وڇي ٿو ته اهي پاڻ ۾ شاديون ڪندا آهن پر ٻين ۾ نه ڪندا آهن. جيئن ڊاڪٽر ڊي لڳ ڀڳ 93 ورهيه اڳ اها ڳالهه لکي هئي ته هرهڪ ذات نه پر هرهڪ ڳوٺ جو هڪ وڏيرو هوندو آهي ۽ ڪيس جيڪي حق ۽ رعايتون مليل هوندا هئا هاڻي انهن مان فقط اهو باقي پڇيو آهي، جو سندس ڳوٺ ۾ جڏهن ڪا شادي ٿيندي آهي ته ڪيس شادي جي ڏن طور ڪجهه رقم ڏيندا آهن. سن 1951ع جي آدمشماري مطابق مڇي ماريندڙ ٻارنهن ورهين جي عمر کان مٿي ۽ خود ڪفيل ماڻهن جو تعداد 10341 هو جن مان 222 عورتون هيون. سموري سنڌ ۽ خيرپور بابت اهي انگ اکر ۽ خاص طور عورتن بابت ته لڳي ٿو ته گهٽائي پيش ڪيا ويا آهن. مهاڻن جو تعداد هڏائڻ ممڪن نه آهي جيئن 1901ع جي آدمشماري ۾ ڪيو ويو هو جو ته 1931ع جي آدمشماري ڪانپوءِ ذاتين جي درجي بندي جو ڪم ختم ڪيو ويو آهي. انهي ۾ ڪوشڪ نه آهي ته ايجا به روزگار ڪندڙ مهاڻن جي اڪثريت سجاول، جاتي، ميرپور بٺوري ۽ شاهبندر جي سمنڊ سان لاڳو تعلقن ۾ آهي جيئن 1907ع جي گزيٽيئر ۾ ڄاڻايل آهي. ڪيترائي مهاڻا سنڌ ۽ خيرپور جي سمنڊ ڪانسواءِ ٻين پاڻين ۾ به مڇي ماريندا آهن پر انهن جي تعداد جو ڪو تخمينو نه ٿو ڏئي سگهجي. مهاڻا تڏهن به هاڻي وانگر ساموندي خلاصي طور ڪم به ڪندا هئا ۽ تمر جو جهنگ وڍڻ جي نوڪري به ڪندا هئا.

ڊاڪٽر ڊي سنڌ جي ساموندي ڪناري تي ڪيس هٿ آيل ساموندي مڇين جا 160 قسم لکيا آهن ۽ اهڙا به ڪيترائي قسم آهن جيڪي هو هٿ نه ڪري سگهيو هو. جن قسمن جي ڪا اقتصادي اهميت آهي انهن جو هت ذڪر ڪجي ٿو. جيڪي قسم ڪاڏي لائق سمجهيا وڃن ٿا انهن مان سڀ کان وڌيڪ مشهور هي آهن. ڪجهه قسمن جي سنڌي نالن کان بازار ۾ مشهور نالن کان ماڻهو وڌيڪ مانوس آهن:

پٽون: (Stromateus Cinereus) **پاپليٽ**: اهي ڪڏهن ڪڏهن هٿ ايندا آهن.

ڦاٽو: ڊاڪٽر ڊي انهي کي پُنر ڇيو آهي (Drapane Punctata)

گور: (Cybium guttatum): انهي کي تمام گهٽي اهميت ڏني ويندي آهي.

سنڌو درياءَ جو پلو: (Clupea ilisha): اهي ڪراچي بندر کان هيٺ مارچ ۽ اپريل مهينن ۾ وڏي انگ ۾ ڄارن ۾ ڦاسايا ويندا آهن. اهي تڏهن انا ڏيڻ لاءِ سنڌو درياءَ ۾ لهڻ کان اڳ گڏ ٿيندا آهن.

سياري: (Polynemus indiaus) انهي کي به تمام سٺي مڇي ليکيو ويندو آهي.

موري: (Mugil Waigie nsis) مارڪيٽ ۾ پوئي سڏبي آهي.

ڪِسي ۽ ڊانڊيو ۽ موئي: انهن مان ڪجھ تمام سٺيون ليڪيون ويندیون آھن.

ڦاٽي ـ چيل ـ حجم: ڪجھ گھٽ قسم جون مڇيون آھن

بمبئي ٻڪ: (Harpodon nehereus) ڪڏھن ڪڏھن تمام گھڻيون ٿيندیون آھن.

ھيٺيان ۾ ڪجھ ٻيا قسم ٻہ مارڪيٽ ۾ وڪرو ٿيندا آھن لوڻ مرائي. ترلي: اھي ڪڏھن ڪڏھن وڏي تعداد ۾ ڪناري تي ايندیون آھن. پانگڙو وڏي تعداد ۾ قيمت ۾ سستي ۾ تمام سٺي ٿيندي آھي.

ڊانگڙو: (Lates Calcarifer) : تمام وڏي مڇي ڊيگھ ۾ پنجن فوٽن تائين ٿي ويندي آھي. اھا درياء جي ڦاڻ وٽ ڦيرا ڏيندي آھي ۽ ڪائڙ ۾ تمام سٺي ٿيندي آھي.

گيسري(Serranus Ianceolatusi): ڏنبو ۽ انهي نوع جا ٻيا ٻہ ڪيترائي قسم ٿيندا آھن.

ڏوڙ: (Pristipoma hasta) ۽ سڏا: مڇي جو اھو قسم سپ ڪان وڌيڪ لوٽيو ويندو آھي.

ايل: اھو ٻہ لوٽي ويندڙ مڇي جو مڪيہ قسم آھي.

چوڏي: مقدار ۾ گھٽي ۽ سستي (Mugildussumieri)

ڪانگو: (Bellone Stongylura)

ڪڇو: ڪڇ فش جي زمري ۾ ۽ منگرو "شارڪ" جي زمري ۾ ايندڙ گھٽ حيثيت رکندڙ پر اھي مھاڻن. مڪرانين ۽ شيدين پاران عام جام واپرايون وڃن ٿيون. منگري جي ماس کي تمام طاقت ڏيندڙ سمجھيو ويندو آھي ۽ جھجھي مقدار ۾ ايڪسورٽ ڪرڻ لاءِ لوڻ ڏنو ويندو آھي.

مٿي ذڪر ڪيل ڪڇو ٻہ قسم جڏھن وڏي مقدار ۾ ھٽ اچي ويو ۽ ترت نيڪال نہ ٿي سگھيو تہ ان کي لوٽي سگھجي ٿو. پررونگي واپار خاص طور ڪجھ قسمن جھڙوڪ سڏا. ايل ۽ ڏوڙ تي دارو مدار رکي ٿو. اھي مارچ کان مئي مھينن تائين ۽ وري مون سون کانپوءِ وڏي تعداد ۾ ڪناري تي اچن ٿيون. چيو وڃي ٿو تہ سڏا ھڪ ڏينھن ۾ 25000 جي انگ تائين ٻہ ڪڏي يارڊ ۾ آئي آھي. ڪڇا ۽ منگرا پڻ وڏي تعداد ۾ لوٽيا ويندا آھن. لوٽن جو طريقو مڪران جي ساموندي ڪناري تي مڇيون لوٽن جي طريقي کان مختلف آھي. ھرھڪ مڇي جو پيٽ مھارت سان چيري صاف ڪري انهي تي لوڻ ڀُرڪيو ويندو آھي. ھڪ رات رکڻ کانپوءِ انهي کي اُس ۾ سُڪڻ لاءِ رکبو آھي. منگرن کي جدا طريقي سان لوٽبو آھي. انهن کي ننڍن ٻيرن ۾ ڳٽبو آھي. مڇي جي قسم ۽ حالت مطابق لوڻ جو مقدار مختلف ھوندو آھي. ڪراچي ۾ جيتري مڇي لوٽي ويندي آھي انهي جو تمام ٿورو مقدار صوبي ۾ واپرايو ويندو آھي. ٿلهي ليکي انهي جو 20 سيڪڙو اوپر آفريڪا ۽ ايترو ئي يا ڪجھ وڌيڪ برما ۽ ڪجھ گھٽ ڪولمبو ويندو آھي ۽ باقي بمبئي يا بمبئي منجھان ٻين ھنڌن تي ويندو آھي.

ساموندي مڇي جي ٻي پيداوار منگرن جون ڪنيڙيون، پيٽ مان نڪرندڙ آنڊا گجيون ۽ لِور آئل (Live roil) آھي. منگرن، سانگوسن ۽ مورمنگرن جي ڪينڙائين کي ڪٽي، لوٽي، اس ۾ سڪائي چين موڪليو ويندو آھي. انهن ۾ جيئن تہ جيلا ٽين گھٽي مقدار ۾ ھوندي آھي تنھنڪري چيو وڃي ٿو تہ انهن

مان مزيدار کاڌا تيار ڪيا ويندا آهن. ڪجھ مڇين جا ڏوڻا (جن مان سريش ماهي يا ٽنيڙ ناهيو ويندو آهي) برطانيا ۾ چين موڪليا ويندا آهن. کارين ۾ ڪجھ مڇيون فقط ڏوڻن جي ڪري ڳاسايون ويندين آهن ۽ ڏوڻا ڪيڏي ٻي سموري مڇي اڇلائي ڇڏبي آهي. اهي مڇيون ڳاسائڻ کانپوءِ بنادير وڌي انهن جا ڏوڻا ڪيڏي ڏوڻن مان هوا ڪيڏي ڇڏبي آهي. منگرن، مورمنگرن ۽ سانگوسن جي جيري مان نڪرندڙ تيل تمام قيمتي پيداوار هوندي آهي پر ڪراچي ۾ اهو سمورو مقامي طور مڇيون مارڻ واربن ٻيڙين جي ترن کي سٽيو ڪرڻ جي انوکي استعمال ۾ آندو ويندو آهي. تنهنڪري انهي کي صاف ڪرڻ جي ڪابه ڪوشش نه ڪئي ويندي آهي. جيرا ڪٽي، ٽورو لوڻ ڏئي اوپاريا ويندا آهن.

کارين ۾ گانگٽ (Prawn) مارڻ ۽ مهاڻن جي ڪم جي هڪ اهم شاخ آهي. گانگٽ جارن ۾ ڳاسايا ويندا آهن ۽ بنا دير اوپاري سڪائي ڪراچي ۾ ٺيڪيدارن جي گدامن ڏانهن اماڻيا ويندا آهن. اتي انهن کي لئين سان ڪُٽي کوپا لاهي ايڪسپورٽ لاءِ بورن ۾ پريو ويندو آهي. بورو ٽيل کوپا ضايع نه ڪيا ويندا آهن پر ڏيان سان ميڙي ڪوچن يا مالابار موڪليا ويندا آهن. اتي انهي کي پاڻ طور ڪم آندو ويندو آهي.

جارن جا قسم

مکيه جارن کي استعمال جي طريقن مطابق هيٺين مختلف طبقن ۾ ورهايو ويو آهي.

1_ **هڪ هنڌ بيٺل جار** (Stationery Nets)

ڏورا: ڏيگهه: هڪ هزار کان 2 هزار فوٽ. ويڪر: 2 کان 5 فيٿوم (هڪ ڦيٿوم = 6 فوٽ) سوتي ڏور مان ٺهيل. انهي سان مڇي جا ننڍا قسم ماريا ويندا آهن.

رڇ: انهي کي جار ۾ ٺُڪري چيو ويندو آهي

ڏيگهه: 20 کان 40 فيٿوم.

ويڪر: 15 کان 20 فوٽ

سوراخن جي سائيز: 2 کان 4 انچ.

سوتي ڏور مان ٺهيل

دربندو: ڏيگهه: 60 کان 70 فيٿوم.

ويڪر: 2 کان ٽي چوڳا

هن جار ۾ جهينگا ماريا ويندا آهن. جار کي هڪ قسم جي ڪاڙهي سان رڱيو ويندو آهي. اهو ڪاڙهو زنجبار مان آندل ڪڙل جي رس مان تيار ڪيو ويندو آهي.

2_ **ين رڇ** (Siene nets)

پکي، ربي ۽ ڏڪ گانگٽن جي جار جا مختلف قسم آهن. انهن جي ڏيگهه ۽ ويڪر بالترتيب 3 کان 8 فوٽ ۽ 2 کان چار فوٽ هوندي آهي. سوراخن جي سائيز هڪ کان ڏيڍ انچن جي وچ ۾ هوندي آهي.

3_ لڙهندڙ ڇار

رچ: انهن جي ڏيگهه 40 ڦيٽوم کان 100 ڦيٽوم جي وچ ۾ هوندي آهي. ۽ اوچائي 6 کان 8 ڦيٽوم جي وچ ۾ هوندي آهي. اهو مٽاچري تي مڇي مارڻ جو ڇار آهي. انهي کي پاڻي جي وهڪري سان لڙهڻ ڏبو آهي. ان جو هڪ ڇيڙو بتيلي سان ڳنڍيل هوندو آهي.

4_ ڪناري تي لڙهندڙ ڇار

گانگٽن جي ڇار کي ڏک. ليون ۽ ڇار سڏيو آهي انهن جي ڏيگهه 15 کان 30 فوٽ ۽ ويڪر 20 کان 25 فوٽ هوندي آهي. سوراخن جي سائيز اڌ کان ڏيڍ انچ تائين هوندي آهي. اهو سٽ جي ڏور جو ٿهيل هوندو آهي.

5_ اڇلايا ويندڙ ڇار

ڇاري: ڏيگهه 5 کان 10 فوٽ اوچائي 15 کان 16 فوٽ. سوراخن جي سائيز هڪ انچ. انهي سان ننڍڙا گانگٽ ماريا ويندا آهن

6_ ٻگهيون ڏوريون

ڏورين جا ٽي مختلف قسم ڪم آندا ويندا آهن. هڪ ڪنڊي واري ڏور. ٻن ڪُنڊيين واري ڏور ۽ سو کان وڌيڪ تائين ڪُنڊيين واري ڏور. هر بتيلي تي ٻه ڏوريون هونديون آهن. اهي ڪناري کان ڏهه ميل پري اونهي سمنڊ ۾ مڇي مارڻ لاءِ هونديون آهن. ڏوري ۾ ڪُنڊيون هڪٻئي کان ڇهه فوٽ پري ٻڌيون ويندیون آهن. ڏوري ڪاٺ جي ترندڙ ٽڪرن سان ٻڌي ويندي آهي جن تي جهنديون لڳل هونديون آهن. ڏوري سان مڇي مارڻ وقت بتيلي جو لنگر ڪيرائي ڇڏبو آهي. گانگٽ ۽ ننڍيون مڇيون چوڪي طور ڪتب آنديون ويندیون آهن. ڏوري ۽ ڪنڊي ذريعي اونهي پاڻي جي مڇين جا سيئي قسم ماريا ويندا آهن.

7_ ڪنڊيون ۽ ڏوريون

مڇي مارڻ لاءِ ڪتب ايندڙ بتيلن ۾ بار ڏوئڙ وارن بتيلن کان سنهيون ڏوريون هونديون آهن. جيڪڏهن ٻيڙي جي پاڇيل ٽڙ وانگر نڪتل هوندي آهي ته انهي ٻيڙي کي ڪيلسي چيو ويندو آهي ۽ جيڪڏهن پاڇيل چورس هوندي آهي ته انهي کي باتيل چيو ويندو آهي. هوڙا گهٽو ڪري کارين ۾ ڪتب ايندا آهن. اهي هر قسم جي سائيز جا هوندا آهن. ڪي ته تمام وڏا ته ڪي ايترا ننڍڙا جن ۾ مشڪل سان هڪ ماڻهو جي ويهڻ جي جاءِ هوندي آهي. اهڙي قسم جون بهترين ٻيڙيون ڪوچن مان ايندیون آهن ۽ هڪ ٽي ٽُڙ مان ڪوري ناهيون ويندیون آهن. پر هتي پهچڻ کانپوءِ گهٽو ڪري انهن جي بار ڪڍڻ جي گنجائش وڌائڻ لاءِ انهن جي پاسن کي وڌايو ويندو آهي.

سنڌي ماڻهو جهينگا (Shell Fish) ته نه کائيندا آهن پر اهي وڪري لاءِ ڪوڏ گڏ ڪندا آهن. ڪراچيءَ جون سپون ڪنهن وقت تمام مشهور هونديون هيون. پر جنهن بي ڏياني سان ڪنارن جي صفائي ڪئي ويندي هئي انهي مان لڳي ٿو ته انهن جو وجود ئي ختم ٿي ويو هوندو چو ته ڪراچي ۾ وڪرو ٿيندڙ سپن جو هاڻي نوي سيڪڙو ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ مان ايندو آهي. سن 03_ 1902ع ۾ درآمد ٿيل مقدار 600.

21 ڏڻ هو. هڪ ٻيڙي هڪ هزار کان ٻه هزار ڏڻ کڻندي آهي ۽ اهي نيڪال ٽيڻ تائين ڪڏي ۾ پاڻي ۾ رکيون ويندیون آهن. جيئن ته سامونڊي سفر ۾ ٽن کان چار ڏينهن لڳي ويندا آهن تنهنڪري ڪراچيءَ جي سپ جي تازگي اڳي وانگر ڪنهن شڪ کان ٻالا نه رهي آهي. ويجهڙائي ۾ اهڙيون ڪوششون ڪيون ويون آهن جيئن مقامي سپن کي ختم ٽيڻ کان بچائي سگهجي. سن 1896ع ۾ هڪ نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو ۽ بن موسمن لاءِ گذري وارا Bed بند ڪري حب منتقل ڪيا ويا. وري 15 اپريل کان 1_ آڪٽوبر تائين رک واري موسم هلائي وڃي ٿي ۽ بن انچن کان گهٽ ۽ ڇهن انچن کان وڌيڪ قطر واري سپ کڻڻ تي پابندي هنئي وئي آهي. سن 1903ع کان اهو طريقو آزمايو ويو جو گذري بندر کان سامونڊي ڪناري جا اوير ۽ اولهه وارا سيڪشن متاسٽا ڪري بن ورهين لاءِ بند ڪيا ويا جيئن سپن کي اهو وقت واڌ ويجهه ۽ نسل وڌائڻ لاءِ ڏئي سگهجي.

سنڌ ۾ سپون Brairi Hain Rocks، ڏٻا، پٽياڻي، ماڙيپور، پٽي، ڪاجر، ڪرنجي، ڳڏي ۽ حب درياء مان گڏ ڪيون ويندیون آهن. سنڌ جي سپن وارن هنڌن مان تمام بهترين سپون نڪرنديون آهن. خودپريزيڊنسي مان ملندڙ سپون گهٽو ڪري ننڍيون هونديون آهن. مسٽر راءِ موجوده دور ۾ سپن جي هنڌن جي حالت مڪمل طور بيان ڪئي آهي ۽ انهي نتيجي تي پهتو آهي ته حد کان وڌيڪ گڏ ڪرڻ سبب اهي ختم ٽيندیون پيون وڃن. سنڌ جي سپن گڏ ڪرڻ بابت مسٽر جيمس هارنيل 1910ع ۾ ساڳئي نتيجي تي پهتو هو. هن به 1909ع ۾ هڪ خاص تفتيشي مهم هلائي هئي. هن پنهنجي تفتيش جا نتيجا The Depletion of the Oyster Beds in Sind نالي رپورٽ ۾ چپرايا هئا. سندس تحقيق جي نتيجن سان سهمت نه ٽيڻ ممڪن ئي نه آهي. موجوده وقت ۾ سنڌ ۾ سپون گڏ ڪرڻ وارا هنڌ ڪليڪٽر آف ڪسٽمز جي ڪنٽرول هيٺ آهن. هو انهن تي نظر داري جو هڪ نظام هلائي ٿو جنهن سبب اهي تمام جلد خاتمي کان بچي رهيون آهن. پيداوار جا انگ اکر هي آهن:

سال	ڏڻ	وصوليون	خرچ
1926ع_27	4998	0_2_924	0_11_786
1927ع_28	983	0_6_172	0_6_172
1928ع_29	5049	6_8_1115	0_10_989
1929ع_30	3887	6_9_857	0_14_86
1930ع_31	3842	9_7_797	0_14_98

انهن انگن اکرن مان خبر پوي ٿي ته مالياتي فائدو معمولي آهي. اها ڳالهه ڪا گهٽي اهميت نه رکي ها جيڪڏهن اهڙي ڪا خاطري هجي ها ته قدرتي ذريعن مان فائدو ونڊڻ لاءِ گهٽو ڪجهه ٿي رهيو هو. بهرحال پڪ سان نه ٿو چئي سگهجي ته صورتحال ائين ئي آهي. اها ڳالهه به ميجيل آهي ته سپن جي رسدجي ماهرن طرفان سائنسي نگراني جو ڪو بندوبست نه آهي ۽ جيڪو چالو نظام هلي ٿو انهي جو مقصد فقط اهو آهي

تہ رسد مستحڪم انداز ۾ هلندي رهي ۽ وڌيڪ ڏيان نہ ٿئي. اها ڳالهہ اڃا ڏيان طلب آهي تہ سنڌ جي سپن جي رسد کي موجوده بنياد تي ترقي ونرائڻ حڪومت لاءِ مالي طور فائديمند ٿيندو يا نہ لڳي ٿو تہ گهٽ ۾ گهٽ ڪجهہ وقت لاءِ لڳندڙ خرچ جيترو مالي فائدو نہ ٿيندو ۽ جيستائين انهي ڳالهہ جي ڪا ڇڪي خاطري نہ ٿي ٿئي تہ جن جاين تان سپون ملن ٿيون اهي اڳوٽي بهتر حالت ۾ اڇي ويندیون تيستائين مسئلي کي هٿ ۾ ڪٹڻ مان ڪو فائدو نہ ٿيندو. مسٽر راءِ پاران سپن جي پيداوار ۾ بهتري آڻڻ لاءِ تجويز ڪيل ڪجهہ اپاءَ تہ عمل ڪرڻ جهڙا نہ آهن ۽ هن جيڪي پابنديون عائد ڪرڻ چاهيون ٿي انهن مان بہ ڪيتريون ئي لاڳو ٿيڻ ۾ مشڪل هيون البت انهي ڳالهہ ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ ٿورڙي سائنسي نموني توجہ ۽ ڪجهہ خرچ سان سنڌ مان سڀي مقدار ۾ سپون حاصل ڪري سگهجن ٿيون جن جي طلب رسد کان گهٽي وڌيڪ هوندي پر حڪومت سنڌ ۾ سپن جي پيداوار ڪيتري حد تائين وڌائڻ چاهي ٿي انهي جو گهٽو دارو مدار انهي تي هوندو تہ حڪومت عمومي طور ماهي گيري جي ترقي لاءِ ڪهڙي پاليسي تي هلڻ گهري ٿي. سائنسي طريقي ڪار ۽ مناسب ضابطن جي ذريعي سپن جي پيداوار ۾ چڱي بهتري جي گنجائش موجود آهي جيتوڻيڪ اها ڳالهہ بہ شڪ کان خالي نہ آهي تہ سپن جي پرورش بابت اهي ساڳيون حالتون بحال ڪري سگهبيون جيڪي جد کان وڌيڪ سپون گڏ ڪرڻ ۽ غير اقتصادي طور ڏيان ڪرڻ کان اڳ هيون.

اصلي موتي واري سپ (Meleagrina) سنڌ جي ساموندي ڪناري تي نہ ٿيندي آهي باقي ونڊواءِسٽر (Placuna Placenta) دري جي شيشي جي متبادل طور انهن ڏينهن ۾ گهٽي استعمال ٿيندي هئي جڏهن اها جنس بمبئي ۾ اٽلپ ۽ مهانگي هوندي هئي. اها گوئا (Goa) ۾ اڃا تائين انهي استعمال ۾ ايندي آهي. انهي تي ونڊواءِسٽر نالو انهي ڪري پيو جو اها سنهي ۽ نيبر شفاف هوندي آهي ۽ ان جا ڪوپا سڏا هوندا آهن. اها ڪراچي جي بندر ۽ اوپر وارين ڪارين ۾ تمام جهجهي مقدار ۾ ملندي آهي ۽ تانگهي پاٽي ۾ تري پر سڏي پئي هوندي آهي. انهي قسم جي تيار (mature) ڪوپن جي تقريباً پنج سيڪڙي ۾ موتي ٿي سگهي ٿو جيڪو جيتوڻيڪ ننڍو ۽ بي ڊولي شڪل جو هوندو آهي پر تور جي لحاظ کان 15 ربيا تولي. جيترو ٿي سگهي ٿو. انهن مان سڀ کان سٺا جوهرين جي ڪم جا هوندا آهن باقي بيا مقامي دوائن ۾ ڪتب آندا ويندا آهن يا انهن کي ساڙي سفوف ناهيو ويندو آهي جيڪو مقامي عورتون پنهنجي ۽ پنهنجن ٻارن جي اکين جي پنبٹين جي سونهن وڌائڻ لاءِ ڪم آڻيندیون آهن. چيو وڃي ٿو تہ ميرن کي انهن سپن جي موجودگي جي خبر 1836ع ۾ پئي هئي. انهن تنهن سال گذري جي اوپر وارين ڪارين ۾ اهي گڏ ڪرڻ جو حق 500 ربين ۾ وڪرو ڪيو هو. ايندڙ سال اڃا وڌي رقم آڇي وئي پر ليزن مان ڪمائي نہ ٿي سگهي تنهنڪري ميرن پاڻ ڪوشش ڪئي پر ساڳين سبب جي ڪري اهو ڪم ترڪ ڪري ڇڏيو. طانوي حڪومت هيٺ ڪنارا وقت بوقت تمام مختلف رقمن تي ليز تي ڏنا ويا هئا. هاڻي موتي ڪڍڻ جي عملي طور ڪا اهميت نہ رهي آهي. موتين جا هنڌ ڪراچي بندر ۾ آهن. جيڪي موتي لين ٿا انهن جي ڪٹائي معمولي ۽ مقدار بہ ٿورو هوندو آهي ۽ اتي ترقي جي بہ ڪا گنجائش نہ آهي ڇو تہ صوبي مدراس مان تمام قيمتي ۽ وڏي مقدار ۾

موتي هٽ اچن ٿا ۽ اهي نفعي جو ذريعو آهن. ڊاڪٽر ڊي ڪي 1872ع ۾ ڪنارا تمام خراب حالت ۾ نظر آيا هئا. هن اها سفارش ڪئي هئي ته اهي ٽن ورهين ۾ هڪ دفعو ليز تي ڏنا وڃن ۽ اهي به سخت بچاء وارن شرطن تي ڏنا وڃن. پر انهن اپائن ۾ اهو فرض ڪيو وڃي ٿو ته انهي لاءِ هڪ نگهباني جو ادارو هوندو. پر انهي کي هلائڻ جيترو خرچ انهي مان نه نڪرندو. ڪنارن کي اهڙي ڪنهن اداري کانسواءِ بغير ليز جي ڇڏي ڏيڻ جو مطلب هوندو انهن کي مقامي مهاڻن جي رحم ڪرم تي ڇڏي ڏيڻ ۽ اهي شايد ته ٺيڪيدار کان به خراب هوندا ۽ حڪومت کي ٽڪو به نه ڏيندا. مجموعي طور سڀ کان بهتر پاليسي اها ٿي لڳي ته ڏگهي مدي لاءِ ٺيڪو ڏجي ۽ سونا آنا ڏيندڙ ڪڙ کي بچائڻ ۾ ٺيڪيدار جي دلچسپي پيدا ڪجي.

سنڌ ۾ وڏي پيماني تي تازي پاڻي ۾ مڇي ماري وڃي ٿي ۽ انهي ڪم تي سرڪار پاران ڏيان ڏيڻ جا ٽي سبب آهن. پهريون ته مڇي امير توڙي غريب سڀني لاءِ غذا جو تمام ضروري سر چشمو آهي ٻيو ته اها ماڻهن جي وڏي حصي جي روزگار جو ذريعو آهي ۽ ٽيون ته انهيءَ مان محصول به ملي ٿو. ٽيون نمبر ڳالهه پهرين ٻين جي اهميت جو هڪ پيمانو آهي. سنڌو درياء ۽ ٻين سڀني سرڪاري واهن ۽ ڊنڊين ۾ مڇي مارڻ جو حق سرڪار پاران وڪرو ڪيو ويندو آهي جيئن مير ۽ برطانوي حڪومت ڪندا هئا. مڇي مارڻ جو ٺيڪو ونڊڻ مڇي مارينڊڙ مهاڻن سان اهو طي ڪندو آهي ته هن کي سموري ماربل مڇي جوٽيون حصو ملندو اهڙي طرح جو هن پاران ورتل مڇي جي سالياني مارڪيٽ قيمت مٿي ڄاڻايل قيمت کان لازماً ڏيڻ تي هجي. انهي سان گڏوگڏ سڀني ٺيڪيدارن جي نفعي کان ڏيڻ تي هجي ۽ مهاڻن کي ٽينڊڙ اپت سرڪاري محصول کان گهٽ ۾ گهٽ ٻيڻ تي هجي. اها ڳالهه صاف ظاهر آهي ته تازي پاڻي جي مڇي سمنڊ واري مڇي کان وڌيڪ انسانن جي ڪنٽرول ۾ آهي ۽ ان کي سڀني سنيال سان بچائي ۽ ان ۾ بهتري آڻي سگهجي ٿي ۽ بي ڏياني ۽ لالچ سان ان کي تباه ۽ ڪري سگهجي ٿو جيئن در حقيقت سموري هندستان ۾ ٿي رهيو آهي. انهي مسئلي ڏانهن سڀ کان اڳ 1867ع ۾ سيڪريٽري آف اسٽيٽ فار انڊيا مدراس حڪومت جي توجه ڇڪرائي هئي ۽ سرجن ميجر فرانسس ڊي- هندستان پاران پيدا ڪيل هڪ ممتاز ترين نيچرلسٽ- کي مقرر ڪيو ويو ته هو انهي پريزيڊنسي ۾ ماهي گيري بابت رپورٽ ڏئي. هن جي تفتيش جي دائري کي پوءِ سنڌ سميت سموري هندستان تائين وڌايو ويو. هو 73- 1872ع ۾ سنڌ آيو. هن کي ڏسڻ ۾ آيو ته اتر ۽ وچولي سنڌ ۾ ننڍي مڇي کي اهڙو غير ضروري خطرو نه هو. انهي جون پهريون سبب اهو هو ته آدمشماري گهٽ هئي ٻيو ته درياءَ جي وهڪري ۾ تيزي هئي ۽ ان جي وهڪري مسلسل ڏگ ٿي مٽا يا ۽ ٽيون سبب اهو هو ته آبڪلاٽي جي مند ۾ ننڍي مڇي کي بچاء ملي ٿي ويو. هو انهي ڳالهه جو به واڌارو ڪري سگهيو ٿي ته سرڪار جي مڇي تي حق سبب اها زهر ۽ ٻين طريقن سبب جيڪي هندستان جي ٻين حصن ۾ ڳوٺاڻا عام طور ڪتب آڻين ٿا، تباهي کان بچيل آهي. بهرحال هن ڪجهه سفارشون ڪيون ۽ پبلڪ ورڪس ڊپارٽمينٽ پاران ٽينڊڙ اهڙين ڪوششن جي سختي سان مخالفت ڪئي ته ڪافي جاين تي مڇي مارڻ تي مڪمل بندش وڌي وڃي ڇو ته سمجهيو ٿي ويو ته ائين ڪرڻ سان مهاڻن پاران بندن کي نقصان ٿي رسايو

ويو. انهي ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته حڪومت پاران هن جون رپورٽون ڇپرائڻ ۾ عام ڪرڻ سان ٺيڪا جن شرطن تي وڪرو ڪيا ويندا هئا انهن تي وڏو اثر پيو.

ڊاڪٽر ڊي سنڊ جي تازن پاڻين ۾ ملندڙ مڇين جا 64 قسمن ڳڻايا آهن ۽ ٻيا به اهڙا ڪيترائي قسم آهن جيڪي هو نه ڏسي سگهيو هو. اهي تقريباً سڀئي ڪنهن نه ڪنهن طبقي طرفان ڪاڌي ۾ واپرايا ويندا آهن ۽ انهن جا مقامي ٻولي ۾ نالا آهن پر اهي مهاڻن ڪانسواءِ چند ماڻهن کي ئي معلوم هوندا آهن ۽ اهي نالا ڪڏهن ڪڏهن ته ڪجهه علائقن سان واسطو رکندڙ هوندا آهن تنهنڪري شناخت مشڪل هوندي آهي. هتي ڪجهه تمام اهم جو ذڪر ڪيو ويندو. پلو هر لحاظ کان تمام اهم آهي. اهو بنگال ۾ هلسا جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. اهو ساموندي مڇي شاهه ماهي (herring) جي زمري (genus) مان آهي ۽ فيبروري ۽ مارچ جي مهينن ۾ آنا ڏيڻ لاءِ وڏي تعداد ۾ سنڌو درياءَ ۾ چڙهندو آهي. اهو انهيءَ موسم ۾ ڪراچي ۾ سمنڊ ۾ ۽ سنڌو درياءَ ۾ هر سازگار هنڌ تي ماريو ويندو آهي. انهي کي جيڪڏهن سموري هندستان ۾ نه ته به سموري سنڌ ۾ ڪائڻ جي لاءِ بهترين مڇي سمجهيو ويندو آهي. اها ڳالهه به ڪنهن شڪ شبهي کانسواءِ چئي سگهبي ته انهي جي بيشمار ڪنڊن جي ترتيب کي ڪو انسان ته نه ٿو سمجهي سگهي. بهرحال پلي جا اهڙا بورچي به چيا وڃن ٿا جيڪي انهي کي پچائي ڪنڊن کانسواءِ کائڻ لاءِ پيش ڪندا آهن. مند جي شروعات ۾ حيدرآباد ۽ سکر ۾ انهي لاءِ وڏيون قيمتون ڏنيون ويندیون آهن. پلو رکي نه سگهبو آهي تنهنڪري اهو بلڪل تازو کائڻ گهرجي. پلي جي وڏن قسمن کي لوڻ ڏئي رکيو ويندو آهي. پلي مارڻ جو سڀ کان عام طريقو سنڌين جي ڪمن جي اصلي ڳالهين مان هڪ آهي. انهي لاءِ ڪم ايندڙ اوزار هڪ ٽيلهي جهڙي جاري هوندي آهي جيڪا هڪ وڏي لڪڙي جي چيڙي تي ٻڌي ويندي آهي. انهي جو هڪ چيڙو ٻياڻي وانگر هوندو آهي. ٻياڻي جون ٻانهون ٻيگهه ۾ تقريباً 5 فوٽ هونديون آهن ۽ جاري کي ڪليل رکنديون آهن. انهي جي وچ مان گذريل رسي چڪيل هوندي آهي ته جار ڪليل رهندي آهي. رسي کي جيئن ئي ڌر ڏٻي آهي ته جار بند ٿي ويندي آهي. مهاڻو سوڙهي منهن سان هڪ ويڪري ۽ تراڪڙي چاڏي ڪٽي پنهنجي پيٽ جي هيٺان رکندو آهي ۽ پاڻي کي ٽنگن سان ٽيلهيندو ڪنهن اڌرنگي ورتل ڪُمي وانگر لهوارو ترندو ويندو آهي. هاڻي جار کي هيٺ عمودي طور انگريزي جي اُبتي اکر واءِ وانگر لاڻو ويندو آهي. ڏور کي ساڃي هٿ سان چڪي جهليو ويندو آهي. جيئن ئي ڪو پلو پاڻي جي تيز ۽ مٿي گاڏڙ وهڪري جي ابتڙ طرف ترندو ايندو آهي ته جار سان ٽڪرائبو آهي. ماڻهو ڏور کي ڌرو ڪندو آهي ته جار ڪري وهڪري سبب ويڙهجي ويندي آهي. ماڻهو پوءِ جار کي مٿي چڪي چيلهه سان هڏل پٽي مان لوهي سوئو ڪڍي پلي کي ٽنبي پلو چاڏيءَ ۾ وجهي ڇڏيندو آهي اهو ڪم پاڻي ۾ هيٺ ڪرڻ ۽ لڏڻ لمڙ ڪانسواءِ ڪئين ٿو سرانجام ڏجي اهو ڪرتب بازي جو هڪ اسرار آهي. مهاڻو ڪڏهن ڪڏهن چاڏي بجاءِ ڪدو مان ٺهيل هڪ قسم جي لائيف بيلٽ (Life Belt) تي لُڙهندو آهي. پر اهو ڪو ايترو وٽندڙ طريقو نه لڳندو آهي. هو جڏهن پنهنجي شڪار واري ايراضي جي آخري حد تائين پهچي ويندو آهي ته ڪناري تي ايندو آهي. پنهنجي چاڏي ۽ جار ڪٽي

وري نئين سر شروع ڪندو آهي. اها ڳالهه ٻ بيان ڪري ڇڏجي ته پلي جي ڇار جي سوراخن جو گهير سادا ست انچ ٿيندو آهي تنهنڪري انهي ۾ فقط ڇڳيءَ وڏي سائيز جا پلا ڦاسندا آهن. شاهه ماهي (herring) جو هڪ ٻيو قسم (Clupea chapra) ٻ سنڌو درياء ۾ ملندو آهي ۽ فقط نو انچ ڊيگهه ٿيندي اٿس. مهاڻا انهي کي پلي جو ٻچو سمجهندا آهن. جڏهن آنا ڏيڻ جو وقت پورو ٿيندو آهي ته پلو درياء مان واپس سمنڊ ڏانهن موٽندو آهي پر تڏهن انهن جي حالت ٻي ٿي ويندي آهي ۽ مارڻ جي لائق نه هوندا آهن. سکر بيراج جي تعمير ۾ جيتوٽيڪ مڇي جو رستو (Fish Ladder) رکيو ويو آهي پر انهي عملي طور پلي پاران بيراج ٽپي هيٺ سکر ڏانهن وڃڻ ۾ رڪاوٽ وڏي آهي. اڳ ۾ روهڙي ۽ بکر جي گهاٽي ۾ پلو مارڻ وڏو نفعي بخش ڪم هوندو هو. اهو هاڻي ختم ٿي ويو آهي پر انهي مان مهاڻن لاءِ هڪ فائديمند نتيجو اهو نڪتو آهي جو هاڻي پلا بيراج کان هيٺ وڏي انگ ۾ گڏ ٿين ٿا ۽ چڱي سولائي سان ماريا وڃن ٿا. ڪوٽڙي کان ٽورو مٿي غلام محمد بيراج ڏهڻ سان شايد پلن جي مٿي اچڻ ۾ وڏيڪ رڪاوٽ پوندي. جيتوٽيڪ بيراج ۾ مڇين جو رستو پڻ ناهيو ويو آهي. بهرحال اهڙا ڪي انگ اکر موجود نه آهن جن مان خبر پوي ته هن بيراج جي ڏهڻ سان پلي جي سنڌو ۾ مٿي وڃڻ ٿي ڪيترو اثر پيو آهي. گهٽو امڪان اهو آهي ته انهي سان سنڌو ۾ سکر ۽ ڪوٽڙي جي وچ ۾ پلي جي انگ ۾ وڏي گهٽتائي ايندي ۽ پلو ڪوٽڙي وٽ رڪجي ويندو جنهن مان اتي رهندڙ مهاڻن کي وڏو فائدو پوندو جيئن اهو سکر بيراج وٽ گڏ ٿيندو هو ته اتي رهندڙ مهاڻن کي فائدو ٿيندو هو.

سنڌ ۾ پلي کانپوءِ سڀ کان اهم مڇي ڏنيرو آهي جيڪا پنجاب ۾ روهو جي نالي سان سڃاتي وڃي ٿي. اها تمام سٺي مڇي آهي ۽ ٽن ٽوٽن تائين وڏي سگهي ٿي. انهي ساڳئي نوع جون ٻيون مڇيون ٻ آهن جن جا سنڊي ۾ نالا سِرهو ڏاهي ۽ ڳاري يا نگاري آهن مڇين جي انهي ڪٽنب جون ٻيون ٻ ڪيتريون جنسون ڪاڏي لاءِ ڪم اچن ٿيون. جيڪي موراکي ۽ ٽيلهي جي نالي سان سڏيون وڃن ٿيون. ڇيو وڃي ٿو ته ٽيلهي جي ڊيگهه ڇهن ٽوٽن تائين ٿي سگهي ٿي. اِهي سڀ جيتوٽيڪ سنڌو ۾ رهن ٿيون پر آبڪلاڻي جي موسم ۾ سموري ملڪ ۾ پکڙجي وڃن ٿيون ۽ سرن ۽ ڪانن وارين ڊنڊين ۾ وڏن وبجهن ٿيون. ڊنڊيون جڏهن پاڻي جي سُڪڻ سبب سُسي ۽ ٻين پاڻين کان جدا ٿي ويندين آهن ته وڏي پيماني تي تباهي سبب انهن ۾ موجود مڇين کي تمام گهڻو نقصان ٿي سگهي ٿو. هر سال ڪيترين ئي مڇيون انسان پاران ڪنهن هاڃي رسائڻ کان سواءِ مري ويندين آهن جو جو اهي واهن ۽ انهن مان نڪرندڙ برانچن ۽ شاخن ۾ وهي ويندين آهن ۽ واپس نه اچي سگهندين آهن. ٻئي پاسي وري انهن مڇين جي ڪجهه قسمن کي تلائن ۾ گڏ ڪرڻ ۽ انهن جي حفاظت ڪرڻ ملڪ جي ٻين حصن ۽ شايد ته سنڌ ۾ ٻ هڪ نفعي بخش ڪاروبار ٿي پيو آهي.

ٻئي طرف مڇين جي هڪ ٻئي طبقي کي اسين جيتوٽيڪ اڻ وٽندڙ ۽ بي سوادي سمجهون ٿا پر عام ماڻهو انهن کي ٻين نفيس قسمن کان وڌيڪ ترجيح ڏين ٿا ۽ اهي انهن جي غذا جو وڏو حصو آهن. اهي Cat fishes جي قسم مان آهن. انهن ۾ تمام وڏي سائيز وارا ڪيترائي قسم اچي وڃن ٿا ۽ منڇر ڊنڊ. ٻين وڏين ڊنڊين ۽ انهن ڏانهن ايندڙ واهن ۾ ماهي گيري جي اهميت وڌائڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪن ٿا. انهن ۾ ڪڇو (rita

(Saccobranchus Fissilis) buchanain) سينگاري (macrones aor) ملي يا پوئڪي (Wallagoattu) ۽ ڏمڙ (Callichnous bimacnlatus) اڇي وڃن ٽيون. انهن مان ڏمڙ کي ڪاڏي لاءِ خاص طور سنو سمجهيو وڃي ٿو. گند گاهه وارن تلائن ۾ ملندڙ جرڪا (Ophiocephalus Straitus) به ڪائڙ لاءِ سٺا سمجهيا وڃن ٿا. گوج (mostace mblus armatus)۔ هڪ گپ جي مڇي۔ گندڙ (Notopterus Kapirat) ۽ ڏندڙ (N.Chitala) به انهي لسٽ ۾ شامل ڪري سگهجن ٿا.

ننڍين مڇين ۾ گهٽ سواد وارا به ڪيترائي قسم آهن جيڪي ڪنديءَ جار يا ٽوڪري سان ماريا ويندا آهن ۽ غريبن جي ڪاڏي ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. اهي سڀ قسم به خود سنڌو درياءَ ۽ رستي جي پاسي وارين ڪڍن مان ماريا وڃن ٿا.

مڇي مارڻ جو ٺيڪو ونڊڙ تقريباً سدائين واڻيا يا ڪنهن ٻي ذات جا ٻڌسي وارا ماڻهو هوندا آهن جيڪي مهاڻن سان حساب ڪتاب طي ڪندا آهن. مهاڻن ۽ ميربحرن جو ڪيتريون ئي ذاتيون هونديون آهن. ٺيڪي جي شرطن ۾ عام طور ٺيڪيدار کي پابند ڪيو ويندو آهي ته انهن ماڻهن کي روزگار ڏئي ۽ هن ياران وري ٻئي ڪنهن کي ٺيڪو ڏيڻ تي پابندي هوندي آهي. ٺيڪيدار ۽ مهاڻن جي وچ ۾ ڳالهين جو بنياد عام طور سموري ماريل مڇي جي ورهاست تي هوندو آهي. ٺيڪيدار جو حصو 1/3 کان 2/5 هوندو آهي. هو مهاڻن کان سندن حصو خريد ڪري پنهنجو حصو وڏائي سگهي ٿو. مهاڻا به عام طور موقعي تي ئي پنهنجو حصو مارڪيٽ جي قيمت کان اڌ کان به گهٽ قيمت تي وڪرو ڪري ڇڏيندا آهن.

سنڌو درياءَ ۾ پلي ڪانسواءِ ٻي مڇي نسبتاً گهٽ ماري ويندي آهي. انهي جو تيز وهڪرو ۽ بدلجندڙ ڪپر مڇي مارڻ لاءِ سازگار نه هوندا آهن. مڇي جي قسم ۽ پاڻي جي لحاظ کان مڇي مارڻ جا ذريعا به مختلف هوندا آهن. پلي جي جار جو بيان اڳي ڇڪو آهي. واهن ۾ مڇي ٻيڙي جارن جي مدد سان ماري ويندي آهي اهي جار ڪلن سان ٻڌل هوندا آهن. ڪلن لاءِ ڇاڇون به ڏڻل هونديون آهن جيڪي ڪلن ۽ گند گاهه جون هونديون آهن انهي جي هڪ ئي ڪليل هنڌ تي ڳوٺري جهڙي جار ٻڌل هوندي آهي يا وري واهن ۾ ڏڳهين جارين سان مڇي ماري ويندي آهي. اها ائين جو به ماڻهو ڏڳهي مستطيل جاري ڪڍي واهه جي پاسن کان اڳتي هلندا ويندا آهن. ڏنيرو ۽ ٻيون مڇيون ٻيڙي جار جي مٿان ٽپ ڏيندیون آهن تنهنڪري انهن کي جهلڻ لاءِ هڪ ٻي مضبوط جار پهرئين جي لڳولڳ ۽ انهي جي پٽيان ڪيسي وانگر هنئي ويندي آهي. اهو هڪ عام طريقو آهي. انهي کي پٽرو چيو ويندو آهي. ڏنڊين ۽ ڏورن ۾ مڪيه جار ڪڏهن ڪڏهن وڪڙن جي شڪل ۾ هوندو آهي جيڪو مڇين کي سوڙهن ڳٽن ۾ آڻيندو آهي اتان مڇي ٽپ ڏئي موتمار ڪيسي ۾ ايندي آهي. مهاڻو وقفي وقفي سان اڇي اهو ڪيسو خالي ڪري ويندو آهي. منجر ڏنڊ تي هاڻي جي ڪڏي وانگر هڪ بند جاءِ ٺاهي هڪ قسم جو جار ٺاهيو ويندو آهي ۽ مرد عورتون ٻار ٻيڙين ۾ چڙهي ٽين جا ڏبا، تختا، ڪاٺيون ڪٽي گوڙ شور ڪنداسوين مڇين کي انهي ڪڏي ڏانهن هڪليندا ويندا آهن. اڇڪلهه منجر ۾ جنهن نموني

مڇي ماري وڃي ٿي انهي جو بيان ڏجي ٿو. اهو بيان هن گزيٽيئر جي مولف پاران لکيل هڪ ليک تان کنيل آهي جيڪو هن 9- اپريل 1951ع تي منچر ريذ جي معائني دوران لکيو هو.

لڳي ٿو ته منچر مان ماري ويندڙ سڀ کان اهم مڇي ڏنيرو آهي. ڏنيرو سهڻي چاندي جهڙن ته ڪڏهن سونهري چمڪندڙ وارو مڇي ٿيندو آهي. اها وزن ۾ هڪ کان ڏهن پائونڊن جي وچ ۾ ٿيندي آهي. مون اڄ جيڪي مڇيون مرندي ڏٺيون اهي وزن ۾ هڪ يا ٻه پائونڊ هيون. مون هڪ مهاڻي جو بهترين فوٽو ڪڍيو جيڪو اهڙي هڪ سهڻي مڇي هٿ ۾ جهليون بيٺو هو. انهي جي چاندي جهڙن چمڪندڙ چمڪي رهيو هو ۽ اها ائين ٻڌي لڳي جڙ ته هڪ وڏو ڏاتو جو ٽڪر هجي. لڳي ٿو ته انهي کي خاص اهميت واري سمجهيو ٿي ويو چو ته اها جڏهن پڪڑي وئي ته اهڙي گفتگو ٿي رهي هئي. مهاڻا ڏاڍا وهمي ماڻهو هوندا آهن ۽ قسمت ۽ نصيب تي وڏو ويساهه رکندا آهن ۽ قسمت کي راضي ڪرڻ جو پنهنجو طريقو هوندو اٿن. انهن انهي ڳالهه کي سنو سوڻ نه ٿي سمجهيو ته انهن پاران شڪار شروع ڪرڻ کان اڳ اسين ماني کائون ۽ اهو ئي سبب هو جو اسين ڪيترو وقت پاڻي تي بيٺا اس ۾ سڙندا رهياسين ۽ هو مڇي مارڻ جون تياريون ڪندا رهيا. انهن جي مڇي مارڻ جي ڏوندين تي ٽن کان چار ماڻهو هٿا جڏهن ته ڪجهه وڌين ڏوندين تي وڌيڪ ماڻهو به هٿا ۽ انهن تي هار ۽ عورتون پڻ هيون. جيڪي نه فقط مردن وانگر مهارت سان ونجهه هلائي رهيون هيون پر انهن مان ڪجهه ته پاڻي ۾ ٽپيون به هڻي رهيون هيون ۽ مخروطي جار تري ۾ وجهي رهيون هيون. انهن مان هڪ تمام پوڙهي اڇن وارن واري عورت به هئي جيڪا به ٻئي ڪنهن به ماڻهو جيتري ئي خوش هئي ۽ هڪ بلڪل ننڍي ڇوڪري به هئي جيڪا به پاڻي ۾ ڪنهن ڇوڪر وانگر ئي لطف اندوز ٿي رهي هئي. مڇي مارڻ جا به طريقا ڦيرو ۽ ٻنو هڪٻئي کان ڇڪا مختلف آهن. پهرئين طريقي ۾ جار جي هڪ ڊگهي قطار ڪجهه وڪڙ تي ڪري رکبي آهي ٻيڙيون انهي ڏانهن هلائي مڇين کي جار ڏانهن ڌڪبو آهي ۽ اهي جڏهن جار جي ويجهو پهچندیون آهن ته مهاڻا پاڻي ۾ ٽُهي ڏيندا آهن ۽ جڏهن مڇين کي پنهنجن پيرن يا ٽنگن جي آسپاس محسوس ڪندا آهن ته پنهنجيون مخروطي جاريون زور سان هيٺ هڻندا آهن. جار جڏهن هيٺ اچلائي ويندي آهي ته انهي جو ترو ڪليل هوندو آهي پر هيٺ اچلائيندي چوٽي جي ويجهو ٻڌل رسي انهي کي ڏنڊ جي تري ۾ مڪمل طور بند ڪري ڇڏيندي آهي ۽ مڇيون اهڙي طرح بند ٿي ويندیون آهن جو ٻاهر نه نڪري سگهنديون آهن. گوڙ ڪري مڇين کي جار ڏانهن هڪلڻ جو ڪم ٻيڙين تي ڪيو ويندو آهي. عام طور ڪو پوڙهو هڪ ڊگهو لڪڙو ڪٽي پاڻي تي سٽڪا ڪندو ويندو آهي ۽ جوڙو سڏيو ويندڙ هڪ عجيب اوزار ذريعي ڪڙڪا ڪندو ويندو آهي. جوڙو ڏاتو جي هڪ ڊش ۽ هڪ ٽالهي تي ٻڌل هوندو آهي. هو اهي پارٽ ۾ ڪڙڪائي جهانجهه جهڙو آواز ڪيندو آهي. اهو ڪم بنا ساهي جي هلندو رهندو آهي ايستائين جو ڏوندي جار وٽ پهچي ويندي آهي ۽ سڀ مهاڻا پاڻي ۾ ٽپيون ڏئي مخروطي جار هڻڻ شروع ڪندا آهن. اسان ڦيڙهي واري طريقي سان مڇي جو شڪار ٿيندي ڏٺو. مڇي پوري ساري مئي. ائين چئجي ته ويهن ماڻهن تقريباً سٺ يا ستر مڇيون ماريون جن مان اڪثر تمام وڏيون هيون ٻني واري طريقي ۾ جهنجهٽ گهٽو ٿيندو

آهي. گوڙ ڪري مڇي کي هڪلڻ جو طريقو ساڳيو هوندو آهي. جوڙي سان ڪڙڪا ڪندو هڪ ٻيڇيدي ڇار ڏانهن وڌبو آهي جيڪا انگڙونگڙ شڪل جي هوندي آهي. اها هڪ مرڪزي ڳڙڪي ڏانهن ويندي آهي. مڇيون هڪلڻ واري ٻيڙي آهستي آهستي انهيءَ ڏانهن وڌندي آهي. ونجهه هلائيندڙ پنهنجي لڪڙي سان نہ فقط ٻيڙي هلائيندو آهي پر انهي کي اڳتي پوئتي ٻہ ڪندو رهندو آهي جيئن مڇين کي ايڌا وڌيڪ ڊيڇاري ۽ انگرونگڙ ڇار منجهان مرڪزي ڇار ڏانهن ڏکي. انهي جا نتيجا ڏاڍا وٽندڙ نڪرندا آهن. ڇار کي هڪ قسم جو هينئيون ڪنارو هوندو آهي جيڪو پاڻي جي سطح کان ٿورو مٿي ٻاهر ڪلندو آهي. مڇيون جڏهن پاڻ کي ڦاٽل ڏسندیون آهن ۽ ڇار کان ٻاهر نہ نڪري سگهنديون آهن تہ اهي هوا ۾ ٽپا ڏيندیون آهن ۽ پاڻ کي هينئين ڪناري ۾ ڦاسائي ڇڏيندیون آهن. اهڙي طرح مڇيون ڇار مان نڪرڻ جي ڪوشش ۾ پاڻ کي ڦاسائي ڇڏيندیون آهن. مڇيون وڏا وڏا ٽپ ڏيندیون آهن ۽ انهن مان جيڪي ڇهن فوٽن کان وڏا ٽپ ڏئي ويندیون آهن اهي بلڪل ٻاهر نڪري ويندیون آهن. مڇين کي چوڌاري ٽپا ڏيندي ڏسڻ ۽ هيٺ ڪرڻ سان ڦاسڻ ۽ نڪرڻ جي ڪوشش ۾ پاڻي جي مٿاڇري تي ترڻ ڏاڍو سهڻو منظر هوندو آهي. انهي مرحلي تي مهاڻا پاڻي ۾ لهي ويندا آهن ۽ ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان مڇين کي پنهنجن هٿن ۾ پڪڙي ڪناري واري ڇار ۾ اڇلائيندا ويندا آهن. اسان جيڪو شڪار ڏٺو اهو تقريباً ڏيڍ ڪلاڪ هليو. انهي ۾ تقريباً ڇهن ٻيڙين حصو ورتو ۽ جملي تقريباً ڇهہ سو وڏيون مڇيون ڦاٽيون. مڇيون جنهن نموني واپس ڪناري تي آنديون ٿي ويون اهو مون کي پسند نہ آيو. انهي جي پٺيان اها سوچ هوندي آهي تہ مڇي مارڪيٽ ۾ پهچائڻ لاءِ وڏ کان وڏ تازي هجي. اهي ڪنڊين ۾ وجهي بانس جي تقريباً ويهہ فوٽ ڊگهن لڪڙن ۾ وڌيون ويندیون آهن. بانس جي لڪڙي جي ٻنهي پاسن تي هر ٻن انڇن تي هڪ مڇي هوندي آهي. اهي لڪڙا ڊگهين رسين سان ٻڌي پاڻي ۾ ٻيڙين جي پٺيان ڇڪيا ويندا آهن. هر لڪڙي تي تقريباً چار سو مڇيون تہ ضرور هونديون ۽ هر روز ڪناري تي گهٽ ۾ گهٽ ويهہ لڪڙا تہ ضرور ايندا هوندا. اسين جڏهن اهو منظر ڏسي رهيا هئاسين تہ اسان اهڙا گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڏزن لڪڙا تہ ضرور ڏٺا هوندا جيڪي سڀ مڇين سان ستيا پيا هئا. هر روز منجهند جو مڇي جو نيلام ٿيندو آهي ۽ خريدارن جا ايجنٽ بوبڪ جي ڪناري تي هولي ڏيڻ ايندا آهن. واڪ ۾ مڇي وارا لڪڙا رکبا آهن ۽ مڇين جي انگ ۽ حالت مطابق ٽيهن کان اسي ريبين تائين هولي لڳندي آهي. چيو وڃي ٿو تہ انهي غير معمولي جاءِ تي هر روز تقريباً ٻہ هزار مڻ مڇي مرندي آهي ۽ ايڏا ٻہ نہ فقط اهو تہ مڇي جي تعداد ۾ ڪوٽ نہ ٿي اچي پر درحقيقت مڇي جي آبادي ۾ واڌ ويجهه اچي رهي آهي. مڇي جو پيٽ چيري تڏي جي تمام وڏن ٿوڪرن ۾ پري انهن ۾ برف وڌي ويندي آهي. ٿوڪرا تقريباً ٽي فوٽ اوچا ۽ منهن وٽ ٽي فوٽ ويڪرا هوندا آهن. ٿوڪرو پرجڻ کانپوءِ ايترو ڳورو ٽي پوندو آهي جو انهي کي مٿي کڻڻ لاءِ ٻہ ماڻهو کپندا آهن. اهڙا ڪيترائي ٿوڪرا روزانو بوبڪ اسٽيشن تان روانا ڪيا ويندا آهن. پر ريل ۾ ريفريجريشن جو ڪو بندوبست نہ هوندو آهي ۽ منڇر ۽ اسٽيشن جي وچ ۾ تقريباً پنجن ميلن جي فاصلي لاءِ ٽرانسپورٽ تمام پراڻي انداز جي آهي.

پلي مارڻ ۾ سن 1907ع ۾ ائٽڪن جو گزيٽيئر چيڄڻ کان پوءِ گهڻيون تبديليون اچي ويون آهن. پلو آنا ڏيڻ لاءِ خاص موسم ۾ سمنڊ مان تازي پاڻي ڏانهن ويندڙ مڇي (anadromous) آهي. اهو سنڌو درياءِ ۾ بغير ڪنهن رڪاوٽ جي هليو ايندو هو ۽ رڪارڊ موجود آهي ته اهو ملتان تائين ويندو هو. سن 1930ع ۾ سکر بيراج ٺهڻ سان انهي جي هجرت جي حد سکر تائين محدود ٿي وئي. غلام محمد بيراج ٺهڻ سان پلي جي ڊوڙ اڌ جا مختصر ٿي وئي آهي. جيتوڻيڪ انهي بيراج تي مڇين جا ٻه لنگهه (Fish ladder) ٺاهيا ويا آهن پر اهي ٻئي بي ڪار ثابت ٿيا آهن جو پلو اهي ٽپي نه ٽوسگهي. علائقي جي معيشت ۽ مختلف قسمن جي حياتيات تي انهي بيراج جي اثرن جو اڀياس ٿي رهيو آهي. تخمينو هنيو ويو آهي ته غلام محمد بيراج کان مٿي مڇي جي ٽيڪن جي قيمت نواب شاه ضلعي ۾ 810/- في ميل. لاڙڪاڻي ضلعي ۾ 540/- روپيا في ميل ۽ سکر ضلعي ۾ (سکر بيراج کان هيٺ) 3664/- روپيا في ميل جي حساب سان ڪري پئي آهي. انهن ضلعن ۾ درياء جي ديگهه نواب شاه 116 ميل، لاڙڪاڻو 78 ميل ۽ سکر 38 ميل آهي. لهواري پاسي جي قيمت ۾ البت تخميني طور سائڊا يارنهن سيڪڙو اضافو ٿيو آهي. جيڪڏهن درياء جي سموري ديگهه جي انگن اکرن کي غور هيٺ آندو وڃي ته محصول ۾ مجموعي طور ڏهه سيڪڙي جو واڌارو ٿيو آهي. اهو واڌارو عام حالت ۾ ٽيهه سيڪڙو هجي ها جيئن سکر بيراج کان مٿي واري حصي ۾ صورتحال آهي چو ته اتي غلام محمد بيراج ٺهڻ جو ڪو به اثر نه ٿيو آهي. اهڙي طرح 1946 کان 1953ع واري دور لاءِ محصول ۾ مجموعي طور ويهه سيڪڙي تائين ٽوٽ پئي آهي.

سمنڊ ڪانسواءِ ٻين پاڻين ۾ مڇي مارڻ جي ٽيڪن جو نيڪال هيٺين ڪاتن جي ڪنٽرول ۾ آهي.

(الف) ڊسٽرڪٽ ۽ لوڪلبورڊ پنهنجن حدن ۾ ايندڙ سنڌو درياء جي ايراضين جي ليز ڪنٽرول ڪن ٿا.

(ب) واهن ۽ ڊنڊين ۾ مڇي مارڻ جي ليز تي آبپاشي ڪاتي جو ڪنٽرول آهي.

(ج) ٻيلو ڪاتو پنهنجين حدن ۾ ايندڙ ڊنڊين ۾ مڇي مارڻ جي ليز نيلام ڪندو آهي.

(د) هاليجي ڊنڊ تي ڪراچي ڊيولپمينٽ اٿارٽي جو ڪنٽرول آهي.

(ح) مٿي ڄاڻايل پاڻين ڪانسواءِ ٻين سرڪاري پاڻين کي روينيو ڊنڊين جي درجي ۾ رکيو ويندو آهي انهن جو نيلام روينيو اختيارين ڪندا آهن.

ٻيلا:

سن 1953ع جي انگن اکرن مطابق سنڌ جا ٻيلا 722,800 ايڪڙن تي پکڙيل آهن. اها ايراضي ميلن ۾ لڳ ڀڳ 1135 ميل ٿئي ٿي. انهيءَ ايراضي مان پکي وارا ٻيلا 246129 ايڪڙن تي ۽ درياءَ جي ڪچي وارا 476671 ايڪڙ ايراضي تي آهن. آبپاشي هيٺ ايندڙ ٻيلن جي ايراضي 52944 ايڪڙ ۽ سکر بيراج مان پاڻي ڪٽندڙ ٻيلن جي جملي ايراضي 50000 ايڪڙ آهي جن مان تقريباً 30000 ايڪڙن تي وڻ جي پوکي ٿي چڪي آهي. تجويز اها آهي ته ڪوٽڙي ۽ غلام محمد بيراجن مان هر هڪ تي ڏيڍ لک ايڪڙن تي ٻيلا

پوکيا ويندا. اهي انگ اکر چيف ڪنزرويٽر آف فاريسٽس سنڌ پاران سنڌ ايگريڪلچرل ڪميشن آڏو 5 ۽ 8 سيپٽمبر 1953ع تي پيش ڪيا ويا هئا. حيدرآباد ۽ خيرپور ڊويزنن ۾ ٻيلن جي ايراضي جا سڀ کان تازا سرڪاري انگ اکر هن ريت آهن. رزروڊ ٻيلا 643656 ايڪڙ يا 1005.3 چورس ميل ۽ پروٽيڪٽيڊ ٻيلا 140860 ايڪڙ يا 218.5 چورس ميل اها ايراضي مجموعي طور 78516 ايڪڙ يا 1223.8 چورس ميل ٿئي ٿي. سنڌ جهڙي ملڪ ۾ هٿراڏو ٻيلا پوکڻ ۾ جيڪي دشواريون پيش اچن ٿيون اهي اتان جي زمين جي نوعيت مان ئي پيدا ٿيون آهن جنهن بابت هن گزيٽيئر جي حياتيات واري سيڪشن ۾ بيان اچي چڪو آهي.

سنڌ جا ٻيلا سنڌو درياءَ جي وهڪري ۽ ان جي سيني حدن سان گڏ هلن ٿا. اتر طرف پنجاب جي سرحد کان ڏکڻ ۾ سمنڊ تائين هليا هلن ٿا. اهي ڪٿي به ڊگ کان پري نه ٿا ٿين سواءِ اُتر جي جتي اولهه ۾ جيڪب آباد تائين ۽ ٻئي طرف ايترو ئي پري اوپر ۾ سڌو پٽ سالياني ايندڙ هوڻن جي پاڻي کي پکڙجڻ ۾ دشواريون پيش ڪندو هو. ٻيلن جو وڏو انگ ڪچي ۾ آهي باقي حصو پڪي تي آهي. جيڪي سکر ضلعي ۽ اپر سنڌ فرنٽيئر ضلعي ۾ آهن. حيدرآباد شهر جي ڏکڻ ۾ هڪ ننڍڙو ٽڪرو ۽ ٽرپارڪر ضلعي ۾ ايستر نارا تي ڪافي وڏو ٽڪر ٻين ٻيلن کان جدا چڙوچڙ ٽڪرن ۾ اچي وڃن ٿا. آبپاشي ڪاتي پاران پوکي راهي لاءِ واهه ۽ تباهه ڪن هوڻن کان بچاءَ لاءِ بند ٺهرائڻ سبب ڪچي جي ٻيلن جا ڪجهه بلاڪ پڪي جي ٻيلن ۾ تبديل ڪيا ويا آهن. برطانيا پاران فتح کان اڳ سالياني هوڻن جو پاڻي عملي طور سموري صوبي ۾ بغير ڪنهن رندڪ روڪ جي وهي ويندو هو. اڳ ۾ پوکي راهي هاڻي جي اڌ جيتري به نه هوندي هئي. آدمشماري به شايد موجوده آدمشماري جي چوٿين حصي جيتري به نه هوندي هئي ۽ جيتري زمين تي پاڻي پهچي سگهندو هو. اها ٻيلن سان ڳڪيل هوندي هئي. ماڻهو ڪاٺ وڍي عارضي آبادين ٺاهي ڇڏيندا هئا ۽ جتي دل ڪندي هئن زمين کيڙي آبادي ڪرڻ لڳندا هئا. سو هاڻي ملڪ ۾ جهنگ ۽ آبادي وارا حصا جنهن ريت ڏار لڳا پيا آهن. انهيءَ جا ڏمبوار اهي اڳلا ماڻهو آهن. ميرن ڪجهه ڪچي جا ٻيلا شڪار لاءِ خاص ڪري ڇڏيا هئا ۽ انهن جي چوڌاري اوڏڪيون پتيون ڏنل هونديون هيون ۽ عوام طرفان انهن ۾ اڇ وڇ روڪڻ لاءِ سخت قانون ٺهيل هئا. اهڙا ٻيلا هاڻي به ڪجهه جاين تي موجود آهن. وٽن جي واڌ ويجهه تي به ڏاڍو ڏيان ڏنو ويندو هو. هاڻي به واهن ۽ بندن جي آثارن مان شاهدي ملي ٿي ته اهو ڪم ڪيتري نه ڏيان سان ڪيو ويندو هو. سن 1843ع ڪانپوءِ اهي شڪارگاهه اهي انهيءَ نالي سان سڏيا ويندا هئا. سنڌ ۾ موجوده ٻيلن جا مرڪز ٻڌيا. هاڻي اهڙي ڪابه ثابتي ڪانهي جنهن مان خبر پوي ته انهن کي پهريون دفعو ڪڏهن ٻيلا سڏيو ويو يا انهنجون ٻيلن طور اهي حدون ڪڏهن مقرر ڪيون ويون. پر 1847ع ۾ ميجر اسڪاٽ کي سنڌ ۾ پهريون فاريسٽ رينجر مقرر ڪيو ويو. ان ڪانپوءِ انهي عهدي تي ڪيپٽن ڪرافورڊ، ڊاڪٽر اسٽاڪس ماهر نباتات ۽ ڪيپٽن ڊالزيل آيا. ڊالزيل به هڪ نامياروماهر نباتات هو. آخري ٻنهي عهديدارن شڪارگاهن کي پتيون ڏياري انهن جون حدون متعين ڪرايون. اُٽويهين صدي جي آخري چاليهن ورهين ۾ آهستي آهستي ٻيلو ڪاتو قائم ٿيڻ لڳو. ايستائين جو اهو ملڪ جي وسيلن جي انتظام جو هڪ باقاعدي حصو ٿي ويو. گزيٽيئر

جي 1907ع واري ايڊيشن ۾ انهي عرصي دوران ٽيل ترقي جي رخ بابت ڪجھ ڳالهيون ڏنل آهن. ڊاڪٽر شلڪ (Schlick) کي 1871ع ۾ سنڌ جو پهريون ڪنزرويٽر آف فاريسٽس مقرر ڪيو ويو. هن ڊپارٽمينٽ کي منظم ڪيو ۽ تڏهوڪي سنڌ سرڪل کي ٽن ڊويزنن ۾ ورهايو. سن 1876ع دوران سرڪل جي نئين سرجوڙجڪ ڪئي وئي ۽ سکر، نوابشاهه، حيدرآباد ۽ جهرڪ جي چئن ڊويزنن ۾ ورهايوويو. انهن سان گڏوگڏ پندرهن رينجز (Ranges) قائم ڪيون ويون.

پهرئين جولاءِ 1912ع کان هڪ ورڪنگ پلان ناهيو ويو. نوابشاهه ڊويزن کي لاڙڪاڻو ڊويزن جو نالو ڏنو ويو ۽ انهي جو هيڊ ڪوارٽر لاڙڪاڻي آندو ويو. پهرئين آگسٽ 1917ع کان لاڙڪاڻي ۽ سکر ڊويزنن کي سکر، شڪارپور ۽ لاڙڪاڻي ٽن ڊويزنن ۾ ورهايو ويو ۽ سن 1918ع دوران جهرڪ ڊويزن جو نالو ڪراچي ڊويزن ڪيو ويو.

ٻئين جنگ عظيم جي پڄاڻي تي اهو ضروري سمجهيو ويو ته موجوده ختم ٽيل اسٽاڪ کي پريو ويجي ۽ ٻيلي ڪاتي لاءِ نئون ترقياتي پروگرام تيار ڪيو وڃي. اهڙي طرح سن 1944ع دوران اسپيشل ڪنزرويٽر ڊيولپمينٽ جو نئون عهدو پيدا ڪيو ويو جيڪو سنڌ جي ٻيلن جي ترقي جون رٿائون تيار ڪري ۽ انهيءَ ئي وهيه دوران سِلوي ڪلچرسٽ ۽ يونٽيلائيزيشن آفيسر جا عهدا پيدا ڪيا ويا. جيڪي ٻيلن جي دولت کي ترقي ونڊائڻ سان گڏوگڏ ريسرچ ۽ يونٽيلائيزيشن جو ڪم هلائي سگهن. البت آزادي کانپوءِ بيشمار ڏکيائين سبب ڪيترن ئي وهين تائين کو وڌو ڪم نه ٿي سگهيو. پهرئين قدم طور موجوده ورڪنگ پلان ڊويزن کي هن ڊويزنن ۾ ورهايو ويو ۽ 1947ع دوران ڪينال ائنڊ فارم پلانٽيشن ڊويزن ناهي وئي. اها ڊويزن اڳتي هلي ختم ڪئي وئي ۽ مالي مسئلن سبب سيڪنڊ ورڪنگ پلان ۽ يونٽيلائيزيشن آفيسر جا عهدا ختم ڪيا ويا. مالي حالت ۾ بهتري کانپوءِ 1954ع جي آخر ۾ غلام محمد بيراج افوريسٽيشن ڊويزن ناهي وئي. سيڪنڊ ورڪنگ پلان ڊويزن کي هڪ سب ڊويزنل فاريسٽ آفيسر جي چارج ۾ ڏنو ويو. انهي ڊويزن کي به 1955ع ۾ نئين سر عمل هيٺ آندو ويو. ساڳئي سال جي آخر تائين هڪ وڌيڪ سب ڊويزنل فاريسٽ آفيسر مقرر ڪيو ويو ۽ ان کي لاڪ ڪليٽويشن اسڪيم جي چارج ڏني وئي.

سن 1955ع دوران سيني صوبن ۽ رياستن جي اولهه پاڪستان جي هڪ صوبي ۾ ضم ٽيڊ سان سرڪاري ڪاتن جي نئين سر تنظيم ڪاري ٽيڊ کانپوءِ موجوده فاريسٽس سرڪل کي ٻن حصن ۾ ورهائڻ ضروري ٿي ٻيو. في الوقت سنڌ جو اڳوڻو صوبو ۽ خيرپور رياست ٻن فاريسٽ سرڪلن تي ٻڌل آهن. ٻنهي سرڪلن ۾ يارهن ڊويزنل فاريسٽ آفيسر ۽ ٽي سب ڊويزنل فاريسٽ آفيسر آهن. انهن کانسواءِ 44 فاريسٽ رينجر، 46 فاريسٽر، 384 فاريسٽ گارڊ، 5 اوورسيئر ۽ 21 سرويئر پڻ آهن.

اهڙو ڪوبه اعتبار جوگو رڪارڊ موجود نه آهي جنهن مان خبر پوي ته انهن ٻيلن جي اهڙي طرح حد بندي ٽيڊ کانپوءِ انهن مان ڪيتري آمدني ٿي آهي. البت اهڙيون رپورٽون موجود آهن جن مان خبر پوي ٿي ته سال 1861ع دوران انڊس فلوٽيلا ڪمپني کي جلائوڪاٺ وڪرو ڪرڻ سان سالياني ڪجھ آمدني ٿي

هئي ۽ پوءِ وري نارٿ ويسٽرن ريلوي کي پڻ جلاؤ ڪاٺ وڪرو ڪرڻ سان آمدني ٿي هئي. تخمينو اهو آهي ته اٽويهين صدي دوران پيداوار جو مقدار هڪ ڪروڙ ڪيوبڪ فوٽن کان وڌيڪ نه هوندو. اهو 18_1914ع واري جنگ کان اڳ ورلي ڏيڍ ڪروڙ ڪيوبڪ فوٽن کان وڌيو هوندو. پر 1916ع ۽ 1919ع کان اڳ فوجي اختيارين کي پارٽ مهيا ڪرڻ لاءِ وڏين ايراضين مان وڻ وڍيا ويا ۽ هر سال ويهه ڪروڙ ڪيوبڪ فوٽن کان وڌيڪ جلائو ڪاٺ ڪڍيو ويو. هيناهين سنڌ جي ٻيلن مان پارٽ جو وڏو مقدار ميسو پوٽيميا ۽ مٿاهين سنڌ جي ٻيلن مان ڪوئيٽا کي فراهم ڪيو ويو. هيناهين سنڌ جي ٻيلن مان سالياني تقريباً 120000 ٽن ۽ مٿاهين سنڌ جي ٻيلن مان ڪوئيٽا کي يارنهن هزار ٽن جلائو ڪاٺ ملندو هو.

پهرئين جنگ عظيم کانپوءِ وٽن جي وادين کي وري محدود ڪيو ويو. پر ٻئين جنگ عظيم دوران تمام گهٽي وادي ڪئي وئي ۽ انهن ٻيلن مان چار ڪروڙ ڪيوبڪ فوٽن تائين جلائو ڪاٺ ڪڍيو ويو جڏهن ته جنگ کان اڳ وڏ ۾ وڏ هڪ ڪروڙ نوي لک ڪيوبڪ فوٽ ڪاٺ ڪڍيو ويو. ڪراچي ۾ ڪوئلي جي وڏندڙ ضرورت ۽ انهي جي وڏي قيمت سبب ٺيڪيدارن کان اهو شرط قبول ڪرايو ويو ته اهي هر هڪ لاٽ مان ڪوئلي جو هڪ طي ٿيل مقدار مقرر اڳهه تي ڪراچي کي سپلاءِ ڪن.

ٻئين جنگ عظيم کانپوءِ موجود استاڪن کي وري محفوظ ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون ويون. جيئن جنگ دوران حد کان وڌيڪ ڪيل وادي جو پورائو ڪري سگهجي. هاڻي اندازو آهي ته جنگ دوران جيڪا به حد کان وڌيڪ وادي ٿي هوندي انهي جو پورائو ٿي ويو هوندو. موجوده ٽ ۾ پيداوار جو سالياني مقدار سالياني ملندي رهندڙ پيداوار جي بلڪل ويجهو آهي. انهيءَ سالياني ممڪ پيداوار ۾ ٽوري ٽير گهير ٿيندي رهي ٿي ۽ جو وادي تي ڪوبه ضابطو نه آهي. پر اها به ڪروڙ ڪيوبڪ فوٽن کان ورلي ئي وڏندي آهي.

سن 1860ع کان اڳ انتظام جو ڪوبه رڪارڊ موجود نه آهي. انهي سال کان ائڊمنسٽريشن رپورٽون موجود آهن جن مان خبر پوي ٿي ته انڊس فلوٽيلا ڪمپني کي جلائو ڪاٺ وڪرو ڪرڻ مان ڪجهه آمدني ٿيندي هئي. اها خبر نه ٿي پوي ته 1860ع کان 1870ع جي وچ ۾ ٻين جي بچاءَ يا تحفظ ڏانهن ڪو ڌيان ڏنو ويو. البت سرڪاري ٻيلن ۾ ڪجهه زمينن جو واڌارو ڪيو ويو ۽ انهن مان ملندڙ شين جي واپار کي هٿي ونرائڻ لاءِ ڪوششون ڪيون ويون. لڳي ٿو ته پيش نظر واحد مقصد فقط آمدني ئي هئي. باضابطه طور ڪم ڪرڻ جي سڀ کان پهرئين رٿا مسٽر ڪيمبيل 1875ع ۾ پيش ڪئي ۽ پندرنهن ورهين جي ٽير گهير سان ايريا پلان مان فائدو وٺڻ، ڪاٺ جا ڪي معيار مقرر ڪرڻ ۽ مال چرڻ بابت ڪجهه قاعدا ناهڻ جون تجويزون پڻ پيش ڪيون. باضابطا طور ڪم جو نظام متعارف ڪرائڻ جو سبب اهو ٿيو جو لڳ ڀڳ انهيءَ وقت نارٿ ويسٽرن ريلوي انڊس فلوٽيلا ڪمپني جي جاءِ ورتي جنهن کي تمام وڏي مقدار ۾ جلائو ڪاٺ گهربل هوندو هو ۽ اها به پڪ نه هئي ته ٻيلا سدائين ايترو مقدار پيدا ڪندا رهندا. مسٽر دسائي فاريسٽ ڪوڊ جي شقن تحت ورڪنگ پلان ناهڻ لاءِ 1896ع ۾ حڪومت جي منظوري ورتي. ڪم بنا دير شروع ڪيو ويو ۽ سڪر ڊويزن ۽ حيدرآباد، جهرڪ ۽ نوشهري لاءِ ورڪنگ پلان رپورٽون ناهيون ويون. انهن ڇهن

ڊويزنن ۾ سال 1901ع، 1902ع، 1903ع ۽ 1906ع ۾ ورڪنگ پلانن کي عملدرآمد شروع ڪرايو ويو. انهن پلانن جو بنياد ايريا سسٽم تي هو جنهن ۾ مکيه قسمن لاءِ ٽيهن ورهين ۽ ٻين لاءِ ڇهڻ عرصي جي ڦير گهير (Rotation) رکيل هئي. جيڪڏهن ڪاٽ جي مکيه ضرورت پارڻ لاءِ هئي تہ پلان جي تجويز ۾ وڏا وڻ پوکڻ کي ڪا جاءِ نہ ڏني وئي هئي. ريلوي کي فقط جلائو ڪاٽ گهربل هوندو هو پر جڏهن ريلوي ڪاٽ جي بجاءِ ڪوئلو ڪم آڻڻ لڳي تہ حالتون مختلف ٿي ويون.

ورڪنگ سرڪل انتظام ڪاريءَ جو هڪ ايڪو (Unit) هوندو آهي ۽ ان جي ايراضي مقرر ڪئي وئي آهي. جيئن هڪ چونڪڙي هڪ سال مقرر ڦيرگهير سان ڪم ايندي رهي. اهڙو هڪ ايڪو هڪ بيٽ (Beat) تشڪيل ڏيندو آهي. جيڪا هڪ گارڊ جي چارج ۾ هوندي آهي. چونڪڙيون ڪجهه سالن لاءِ اڳواٽ مقرر ڪيون وينديون آهن. ورهين جو انگ مقرر نہ هوندو آهي. ورهين جي اهڙي هر هڪ انگ کي پيرڊ چيو ويندو آهي. سنڌ ۾ ورڪنگ پلان کي باضابطي طور هلائڻ ۾ ڪي دشواريون آهن. اهي دشواريون اٽڪر آهن جو تہ ڪچي جا ٻيلا هر سال ڪاڌ جو شڪار ٿيندا رهندا آهن ۽ درياءَ جي وهڪري ۾ ٻہ وقت بوقت ايندڙ وڏين تبديلين سبب ٻيلن تي اثر پوي ٿو. هاڻي ٿيندو ائين آهي جو ٻوڏ دوران ڪيترن ورهين جون چونڪڙيون انهن جي وادي جو وارو اچڻ کان اڳ ئي لڙهي ختم ٿي ويندیون آهن. ڪڏهن ڪڏهن تہ ڪو سمورو ٻيلو ئي منظر تان غائب ٿي ويندو آهي. جيتوڻيڪ اها ڳالهہ صحيح آهي تہ ٻيلن جي ڪاڌ جو وري ٻيلن جي ايراضي وڌڻ ذريعي پورائو ٿي ويندوآهي. پر اهي لڳاتار ايندڙ تبديليون نظام لاءِ فائديمند نہ آهن ۽ تنهنڪري ڪنهن بہ مدي لاءِ ورڪنگ پلان جي نتيجن يا ٻيلن جي پيداوار جي مقدار جي ٽُڙ اڳڪٿي ڪرڻ ممڪن نہ آهي. ٻيلن مان ملندڙ شين ٺيڪيدار جي ذريعي ڪم آنديون وڃن ٿيون. انهي سال جون چونڪڙيون ڪاٽي ٻاران ملندڙ پارڻ جي تخمينن جي آڏار تي عام نيلام ذريعي وڪرو ڪيو وڃن ٿيون. ٺيڪيدار شهرن، ڪارخانن ۽ ملن جي ڪاٽ، پارڻ ۽ ڪوئلي جي مقامي ضرورتن جو پورائو ڪري ٿو ۽ انهي جو ٿورو حصو ڪوئٽا ۽ بلوچستان ۽ سامونڊي ڪناري رستي ايراني نار جي بندرگاهن ڏانهن موڪلي ٿو. پر في الوقت اهڙي ڪابہ ايڪسپورٽ نہ ٿي ٿئي جو ملڪ جون اندروني ضرورتون سموري پيداوار جي کپت ڪري وڃن ٿيون. ٽرانسپورٽ جا مکيه رستا درياءَ، واهہ ۽ ٻيا ٻيندل پاڻي آهن جيڪي معمولي روڊن ۽ ٺيڪيدار پاران ناهيل عارضي پيچرن سان گڏيل آهن. خشڪي تي اٺ ۽ گڏهہ ڪم ايندا آهن ۽ پاڻي تي ٻيڙين ڪم ايندیون آهن. ڪاٽ رسين نوڙين ذريعي پاڻ ۾ هڏي پاڻي تي تارڻ جو ڪم نہ ڪيو ويندو آهي. سکر ڊويزن ۾ بعضي بعضي ڏڳي گاڏين ڪم آنديون ويندیون آهن. وادیءَ جو ڪم چوهاڻ، بروهي ۽ ڪچي ڪندا آهن.

چيف ڪنزرويٽر آف فاريسٽس سنڌ، سنڌ ايگريڪلچرل ڪميشن آڏو اهو رايو ڏيڪاريو هو تہ سکر بيراج ۽ لوئر سنڌ بيراج ۽ زير تجويز اپر سنڌ بيراج جي نتيجي ۾ ٻيلي ڪاٽي وڃ پهريون دفعو خاطري سان ۽ ضابطي سان ياڻي دستياب هوندو. انهي سان ٻيلن جي موجوده غير متوازن معيشت جو تدارڪ ٿي ويندو. ڇو

تہ هاڻي انهيءَ ۾ ٻارڻ ۽ ڪوئلي تي زور آهي. سنڌ جي ٻيلن مان مال چارڻ جي في ڏنڊ طور 51_1950ع ۾ 99038 رپيا، 52_1951ع ۾ 91099 رپيا ۽ 53_1952ع ۾ 94372 رپيا وصول ٿيا. سنڌ جي ٻيلن ۾ سال ۾ مال چارڻ جون ٻ مندون هونديون آهن. هڪ ڦهرئين فيبروري کان 31 جولاءِ تائين ۽ ٻين ڦهرئين آگسٽ کان 31 جنوري تائين. سموري سنڌ ۾ مال چارڻ جا اڳهه هي آهن. اٺ: ادائي رپيا، مينهن اٺ آنا، ڏڳي چار آنا، ٻکري ٻ آنا، رڍ هڪ آنو گهوڙو ڇهه آنا ۽ گڌهه چار آنا. پر ٻيلو کاتو هن ريت اڳهه وڌائڻ جي حق ۾ آهي. اُٺن ۽ ٻکرين لاءِ موجوده اڳهه پنج رپيا آهي. کاتو اهو وڌائي اَٺ رپيا ڪرڻ گهري ٿو ۽ ٻکرين جو موجوده اڳهه چار آنا آهي کاتو اهو وڌائي هڪ رپيو ڪرڻ گهري ٿو ڇو تہ اهي جانور ٻيلن لاءِ هاڃيڪار آهن. هيٺين جدول ۾ سال 47_1946ع کان 56_1955ع تائين ٻيلي کاتي جي آمدني ۽ خرچ ڏيکاريل آهي.

سال	پيداوار جو مقدار ملين ڪيوبڪ فوٽ ۾	آمدني	خرچ
1946_47	18.5	1998383	887671
1947_48	9.9	1526638	999301
1948_49	16.4	2367051	932577
1949_50	15	2027064	867918
1950_51	24	2249595	864460
1951_52	13	2357433	855829
1952_53	17.5	2719008	1053550
1953_54	16.2	2919441	1087012
1954_55	16.2	3962818	1144843
1955_56	11.9	3805095	1331527

ٻيلن جي مکيہ پيداوار ڪاٺ مان جملي آمدني جو 84 سيڪڙو ملي ٿو. ننڍا ٻيلا چار سيڪڙو ۽ گڏوڇڙ 12 سيڪڙو. خرچ جي پاسي کاتو هلائڻ تي 78 سيڪڙو خرچ ٿئي ٿو جڏهن تہ باقي 22 سيڪڙو ٻيلن سڌاري تي خرچ ڪيووڃي ٿو. ڊويزنل فاريسٽ آفيسر کاڌ وارين پٽين مان جدا آمدني ڪين ٿا. تخميني طور 35 سيڪڙو کاڌ وارين پٽين مان ۽ 65 سيڪڙو ٺيڪيدار کان چونڪ ڙين ۽ ٻيو ڪاٺ وڍڻ تي ورتو ويڃي ٿو. ٻيلي جون زمينون ليز تي آباد ڪرڻ تي سال 52_1951ع ۾ تخميني طور 402399 رپيا، سال 53_1952ع ۾ 407070 ۽ سال 54_1953ع ۾ 462242 رپيا آمدني ٿي.

چيف ڪنزرويٽر آف فاريسٽس. سنڌ ايگريڪلچرل ڪميشن آڏو پنهنجي بيان ۾ چيو تہ سنڌ فاريسٽ ڊپارٽمينٽ جي ماضي ۾ نظر انداز ڪيو ويو هو ۽ اهو هاڻي تڪڙي ترقي ڪري رهيو هو. سنڌ جي ٻيلن جي سيٽلمينٽ جو ڪم 1895ع ۾ ئي مڪمل ڪيو ويو هو. ڪجهه علائقا جن جو سال بسال اضافو

ڪيو ويو انهن جي ۾ وقت گذرندي سيٽلمينٽ ڪئي وئي. سموري ايراضي اڌ چورس ميل جي خانن ۾ ورهائي وئي آهي ۽ انهن ۾ ويهه ويهه فوٽ ويڪريون ليڪون ڪڍيون ويندڙيون آهن. اهي ليڪون انسپيڪشن پاٿ طور پڻ ڪم ڏين ٿيون. ٻيلن جي بلاڪن جي حد بندي مٽي جي ڏڻ ذريعي ڪئي ويندي آهي، جن جي وچ ۾ ڪاٺي جا ڪلا لڳل آهن. اهي ڪلا ويهه فوٽ ويڪرن پيچرن تي مقرر وٿين تي لڳل هوندا آهن. هاٿي اها تجويز آهي ته سمنڊ جي ڪناري ڪانسواءِ باقي ٻين سيني ٻيلن جي حد بندي لاءِ سرن جي اوساري جا ٽلهه ٽاهيا وڃن. ڪيترين ئي ڊيولپمينٽ اسڪيمون زير عمل اچڻ لاءِ تيار آهن. فقط لوئر سنڌ بيراج زون ۾ ئي پندرهن آبپاشي ذريعي تيار ٿيندڙ وٽن جي ايراضين لاءِ ٽن واڌو ڊويزنن جي ضرورت پوندي. انهي سان گڏوگڏ ڪوهستان ۽ ريگستان جي علاقن ۾ پڻ ترقياتي ڪم ڪرڻا پوندا. رزرورڊ ٻيلا (Reserved) 643656 ايڪڙ ۽ پروٽيڪٽيڊ ٻيلا 140860 ايڪڙ آهن ۽ ٻيلن جي آمدني جو مکيه ذريعو ڪاڌ وارين پٽين جي نيلام ۽ سڙيل ختم ٿيل وٽن جي سالياني آمدني هئي گڏوگڏ وٽن جي اقتصادي طور اهميت رکندڙ جنسون متعارف ڪرائڻ ۽ نوان بيراج ٺهڻ جي نتيجي ۾ واهن جي پاٿي تي ٿيندڙ ٻيلن جي ايراضي وڌائڻ سان به آمدني ۾ اضافو ٿيو آهي.

ٻيلن ۾ چئن مکيه قسمن جا وڻ ٿين ٿا: ٻير (Acacia Arabica)، ڪنڊي (Prosopis Spicigera)، ٻاهڑ (Populus enphratica) ۽ تمرسڪ جا ٻه قسم انهن مان هڪ لئو (Tamarix gallica) ۽ جهاڙو (dioica). انهن مان ٻير تمام ڪمائتو آهي ۽ گهڻو ڪري حيدرآباد ۽ جهرڪ جي ٻن ڊاڪٽين ڊويزنن ۾ ٿيندو آهي. پر اهو سکر ۽ نوشهري ۾ به ڇڱي تعداد ۾ ملندو آهي. انهيءَ مان تمام سٺو ڪاٺ ملندو آهي جيڪو ٽيڪٽن، زرعي اوزارن، جاين ۽ ٻارڻ طور وڏي پيماني تي ڪتب ايندو آهي. انهي مان ڪوئر ملندي آهي، جيڪا سچي gum_arabic ڪان ڪڍالڻي ۾ ٿوري گهڻ ٿيندي آهي. انهي جو ڪارو ڇوڏو رنگڻ ۽ ڪلون صاف ڪرڻ جي ڪم ايندو آهي. انهي جا پلڙا هر قسم جي ڇوپائي مال لاءِ بهترين عذا آهن. اهو شروعات ۾ گهاٽي هڪ ڪري فصل جي صورت ۾ ڦٽندو آهي ۽ زمين کي بلڪل ڏکي ڇڏيندو آهي، جنهن مان بنهه ٿوري اُس زمين تي پوندي آهي پر پوءِ وڌڻ سان گڏوگڏ قدرتي طور ڇڏو ٿيندو ويندو آهي. ٻير ٻج مان ٻنا دير ڦٽندو آهي ۽ ان جي پکيڙ جو بهترين طريقو هٿراڏو طور ٻج ڇڻڻ آهي. ان جي وڏ ۾ روڊ ڏيگهه 60 کان 80 فوٽ ٿيندي آهي ۽ مڪمل واڌ اچڻ تي ۽ سازگار حالتن ۾ ان جو گهير نو کان ٻارهن فوٽ ٿيندو آهي. ڪنڊي اهميت جي لحاظ کان ٻير کانپوءِ آهي ۽ ان جي خصوصيت اها آهي ته درياءَ کان تمام ڏورانهين زمينن تي ٿيندي آهي. اها سکر ڊويزن جو مکيه وڻ آهي. اها ٻارڻ لاءِ سٺو ڪاٺ ڏيندي آهي. پر اهو عمارتن لاءِ ڪنهن ڪم جو نه هوندو آهي. انهي جا پلڙا به ٻير جي پلڙن وانگر ڇوپائي مال ۽ ٻڪرين ۽ اٺن لاءِ چاري طور ڪم ايندا آهن. ٻاهڑ پڻ سکر ڊويزن ۾ تمام گهڻو ٿيندو آهي ۽ هوڏ وارن علاقن ۾ ڦٽندو آهي. انهي مان عمارتن ۽ جندي لاءِ ڪاٺ ملندو آهي. لئو گهڻو ڪري درياءَ جي ڇڏيل نين زمينن تي ٿيندو آهي ۽ سموري صوبي ۾ هڪ جيترو ورهايل آهي. انهيءَ مان ٻارڻ جي لاءِ سڀ کان سان گڏوگڏ زرعي اوزارن ۽ جندي جو سامان

ٻاهڑ لاءِ ڪاٺ ملي ٿو. لئو ۽ باهڑ ٻئي ڪچي جي زمينن تي ڏاڍا گهاٽا ڦٽندا آهن ۽ پهرئين سال ته گهاٽائي ۾ دالين جي فصل وانگر لڳندا آهن. اهي درياء ۾ وهي آيل ٻجن مان قدرتي طور ڦٽندا آهن. لئي کي گهٽ نقصان پهچندو آهي جو اهو قدرتي طور سنهو ٿيندو ويندو آهي. جڏهن ته باهڑ زندگي جي وچ ۾ چڱو ڪلي ويندو آهي ۽ پنهنجي وجود جو آخري دور ويجهو پهچڻ تي بلڪل ڪُلي ويندو آهي. لئو ڏاڍي ڏکيائي سان وڏو قد ڪندو آهي. جڏهن ته باهڑ سڀ قطر ۽ چڱي ڏيگهه وارو وڻ ٿي ويندو آهي. ڪنڊي تي ڪٺجڻ ڪانپوءِ فوراً جيتن جو حملو ٿي ويندو اهي ۽ جڻاءُ نه ڪندي آهي. لئي تي به سائو هوندي ساڳين حملن جو خطرو هوندو آهي ۽ ٻيلن ۾ انهي قسم جو ڪو محفوظ وڻ مشڪل سان ملندو آهي. ڇئي سگهجي ٿو ته سنڌ جا ٻيلا ٽن پٽن ۾ ورهايل آهن. پهريون باهڑ- لئي وارو پٽ. ٻيون ٻهر وارو پٽو انهن جي درياء جي ڦاصلي جي لحاظ کان ۽ ٽيون ڪنڊي وارو پٽو. ڪنڊي سدائين ڪليل ترتيب ۾ ڦٽندي آهي ۽ تمام اوچي ۽ سڀ کان خشڪ زمين تي ٿيندي آهي ۽ مجموعي طور ٽنهي مان سڀ کان وڌيڪ ايراضي تي آهي.

ٻيلن ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڦٽندڙ ٻيو وڻ ٽالهي (Dalbergia aissoo) آهي. ۾ اهو سنڌ جو مقامي وڻ نه آهي. اهو روينيو زمينن تي ڳوٺن ۽ ڪوهن جي ويجهو ۽ خاص طور سکر ۾ ٿيندو آهي ۽ لڳي ٿو ته اهو ماڻهن انهي جي قيمتي ڪاٺ جي ڪري پوکيو هوندو. اهو خاص طور خيرپور رياست ۾ گهڻو آهي. ٻيلي ڪاتي ويهه ٽيهه ورهيه اڳ سکر ۾ ڪجهه جاين تي اهي وڻ پوکيا هئا جن مان اڪثر وڏي وڏا ٿيا آهن جيتوڻيڪ انهي ۾ ڪجهه بي ڏياني به ٿي آهي. انهن مان هڪ هڪ وڻ هاڻي ويهن ۽ ٽيهن ريين جو ڇيو وڃي ٿو. گذريل ڪجهه ورهين ۾ انهن وڻن جي پوکي جي ايراضي وڌائي وئي آهي ۽ انهيءَ جا تمام سٺا نتيجا نڪتا آهن. انهي جو ڪاٺ تمام پائيدار آهي ۽ مارڪيٽ ۾ وڏو ملهه ڪري ٿو ۽ rose_wood جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو.

ڪونئر (acacia Senegal) مان سڃي gum_Arabic ملي ٿي ۽ اهو حيدرآباد ڊويزن جي تمام الهندن ٻيلن جي وٽ سان ۽ سنڌ جي جابلو سلسلي جي ننڍڙين ماڙين ۽ نالن ۾ ملي ٿو. اهو ننڍي ضلعي ۾ ملير جي چوطرف پڻ ملي ٿو. لڳي ٿو ته هيستائين هن وڻ جي موجودگي ڏانهن نباتاتي طريقي کانسواءِ ٻئي ڪنهن نموني ۾ ڪنهن ڌيان نه ڏنو آهي.

ٻيلن جي حدن ۾ ڪيترن ڪمائتن ٻوٽن سان گڏ هي وڻ به نظر اچن ٿا. ٻير (Zizypnus jujuba) انهي مان ٻڪرين ۽ اڻن لاءِ چارو ملي ٿو. نم (Azadirachta indica) مان ڪاٺ ملي ٿو. سرس (Albizzia Lebbek)، ٻڙ (بنيان) (Ficus bengalensis)، پيپل (F. religiosa)، گدامڙي (Tanarind indica)، ولايتي ٻهر (Acacia Farnesiana)، ليسوڙي (Cordia Myxa)، لبار (C. Rothi)، ولايتي ڪرڙ (Parkinson aculeate) ۽ ڪٻڙ (Salvadoran persica).

آخري به جيتوڻيڪ ٻوٽا آهن، پر انهن مان عمارتن ۾ ڪم اچڻ لاءِ ننڍڙا پيچر ملندا آهن. ڪرڙ ميوو ۽ مکڙيون ڏيندو آهي. جيڪي وڪرو ٿيندڙيون آهن ۽ ڪائڻ جي ڪم ايندا آهن. ڪٻڙ جو ميوو ڏڪار جي

ورهين ۾ ڪائڙ لاءِ ڪم ايندو آهي. اهي ٻئي ٻوٽا خشڪ ۽ بي آب زمين جي نشاني آهن. ڪڙ خاص طور ڪلرائين زمينن ۾ گهڻو ٿيندو آهي.

اها ڳالهه بحث طلب آهي ته لاک کي حيواني پيداوار ۾ شمار ڪجي يا نه ڇو؟ ته اها هڪ جيت پنهنجي پيٽ مان ڪيندو آهي، پر جيئن ته اها ٻيلي جي پيداوار آهي تنهنڪري انهي جو هتي ذڪر ڪري سگهجي ٿو. لاک جو ڪيڙو (Carteria lacca) کو ڪيڏا ڪٽنب جو ننڍڙو سهڻو ڪيڙو آهي. جيڪو گرين فلاءِ ٽرپ، ڪڪو اسپٽ ۽ ٻين باغ جي ڪيڙن وانگر ٻوٽن جي رس تي گذران ڪندو آهي. لاک هڪ پڪو ڳاڙهي رنگ جو خليي دار (cellular) مادو هوندو آهي جيڪا انهي جيت جي مادي پنهنجي ۽ پنهنجن آنن جي حفاظت لاءِ ڪيندي آهي. اها جڏهن مرندي آهي ته ان جو جسم هڪ ڳاڙهي مادي سان پريل هوندو آهي، جنهن مان تجارتي "لاک رنگ" ٺهندو آهي. اهو مادو سندس ٻچن جي پهرئين غذا هوندو آهي. جيڪي اهو ڪائڙ ڪانپوءِ پاڙ کي چوڌاري ويڙهيل لاک جو کوپو پيچي ٻاهر نڪري ايندا آهن ۽ سپ کان ويجهن نرم مکڙين تي ويهي پنهنجي لاک ڪيڙ شروع ڪندا آهن. اهي انهي وقت تمام ننڍڙا هوندا آهن. انهن جي ڏيگهه هڪ انچ جو چاليهون حصو هوندي آهي ۽ انهن جو رنگ ايترو ته جهجهو هوندو آهي جو ائين لڳندا آهن جڙ ته سنهڙين ٽارين تي ڳاڙهو پائوڊر ٻُرڪيو پيو هجي. ٻچا هڪ دفعو جولاءِ وري جنوري ۾ نڪرندا آهن. تنهنڪري لاک جون ٻه ٻه منڊون هونديون آهن.

هن صوبي ۾ لاک جا جيت ٻير، ڪنبي ٻير، سرنهن، بڑ ۽ لئي تي رهي انهن مان غذا ونڊندا آهن پر لاک گهڻو ڪري ٻهر تان گڏ ڪئي ويندي آهي. اهي ڪجهه سببن جي ڪري جن جو اڃا پتو نه پئجي سگهيو آهي تمام محدود علائقن ۾ واڌ ويجهه ونڊندا آهن ۽ اهڙن علائقن ۾ نظر نه ايندا آهن. جيڪي انهن جي لاءِ سازگار نمونو مناسب ڏسڻ ۾ ايندا آهن يا وري اهڙن علائقن ۾ تمام ڇڙوڇڙ ۽ هتي هُتي نظر ايندا آهن جو لاک گڏ ڪرڻ جي محنت بي فائدي لڳندي آهي. لاک جي رسد جو وڏو ذريعو سنڌو درياءَ جا ٻهر جا ٻيلا ۽ حيدرآباد کان 20 يا 25 ميل پري ڪليلي ڪينال تي ٻهر جا ٻيلا آهن. لاک ايسٽرن نارا ايريگيشن ڊويزن ۾ واهن، ٽرپارڪر ضلعي جي ڪجهه حصن ۽ ٺٽي جي ڪوٽڙي تعلقي ۾ پڻ ٿيندي آهي.

جن سنهڙين ٽارين تي لاک جا ٽهه چڙهيل هوندا آهن اهي ڇانگي لاک گڏ ڪئي ويندي آهي. انهن کي وري ننڍي ڏيگهه وارن ٽڪرن ۾ ڪٽيو ويندو آهي. انهن کي تجارتي طور stick lac چيو ويندوآهي. لاک ٽارين تان روڙي لاهي ڏيان سان صاف ڪري رنگ محفوظ ڪرڻ ڪانپوءِ ان کي سنهن پٽرن جي صورت ۾ رجائي ويندي آهي. لاک جا اهي ٻئي قسم گهٽي پاڳي بنگال جي روانگي واپار جي نفعي ۾ شامل ٿيندا آهن، پر سنڌ جي لاک جيڪا گهٽ درجي واري ٿيندي آهي اها گهڻو ڪري صوبي ۾ ئي يا پنجاب ۾ ڪاٽ جو ڪم ڪندڙ ڪتب آڻيندا آهن. اها ڪچي حالت ۾ ٽارين تان روڙيل حيدرآباد ۾ وڪامبي آهي. رنگ لڳي ٿو ته سنڌ ۾ محفوظ نه ڪيو ويندو آهي. لاک مان چوڏو ۽ مٽي ڌار ڪرڻ لاءِ اها ڏاڍو گهڻو وقت ۽ تمام ڏيان سان وائريو ۽ چڙيو ويندو آهي، پوءِ جنڊ ۾ ٻيهي وري چاڙيو ويندو آهي. انهيءَ ڪانپوءِ پاڻي جي ٻيپن ۾ وجهي

پيرن سان لتاڙيو ۽ ڏوتو ويندو آهي تان جو انهي مان سموري مرمٽي ۾ رنگ وارو مادو نڪري ويندو آهي. پوءِ اهو ڪتب اڇڻ لاءِ تيار هوندو آهي. لاک ٻيلن جي هڪ ثانوي پيداوار آهي ۽ خاص طور ٻهر ۽ ٻير جي وڻن تي ٿيندي آهي. سن 1919ع، 1922ع ۽ 1923ع دوران انهي جي هٿراڏو طور پکيڙ جا تجربا ڪيا ويا هئا. هڪ نہ ٻئي سبب جي ڪري اهي تجربا ڪامياب نہ ٿيا. يا تہ لاک جي رکيل ڪيڙن ۾ نقص هوندو هو يا تہ اهي ايترا ٻورڙا هوندا هئا جو پکڙجي نہ سگهندا هئا يا تہ اهي جن وڻن تي رکيا ويندا هئا انهن کي اڳواٽ تيار نہ ڪيو ويندو هو. بهرحال سبب کهڙو بہ هجي تجربا ڪامياب نہ ٿيا ۽ پوءِ انهن مان هٽ ڪڍيو ويو. وري سال 1924ع ۽ 1925ع ۾ بہ ڇڙوڇڙ تجربا ڪيا ويا پر نتيجا همٽ افزا نہ نڪتا. لاک جي هٿراڏو افزائش جو مسئلو 1954ع ۾ وري هٽ ۾ ڪنيو ويو ۽ حيدرآباد ڊويزن جي ڪٽر ٻيلي ۾ سلويڪلچرسٽ (Silviculturist) ڪجهہ تجربا بہ ڪيا. سن 1954ع دوران هڪ سب- سلويڪلچرسٽ فاريسٽ آفيسر لاک بہ مقرر ڪيو ويو جيئن هو ڪم جاري رکي ۽ انهي سال حڪومت پاران منظور ٿيل لاک جي افزائش جي تجرباتي اسڪيم تي عملدرآمد ڪرائي. انهن تجربن جا نتيجا همٽ افزا ثابت ٿيا آهن ۽ حڪومت هلندڙ سال تجارتي بنيادن تي لاک جي افزائش جي هڪ اسڪيم منظور ڪئي آهي. اميد آهي تہ اسڪيم ڪامياب ٿيندي ۽ حيدرآباد سرڪل ۾ لاک جي افزائش وڌندي.

لاک ٻيلن جي هڪ ڪارائتي پيداوار آهي جيڪا شيلاڪ، لاک جو رنگ، وارنش، پالشون، سيلنگ وئڪس، گوليون بارود، بجليءَ جو سامان، ليٿوگرافي جي مس، گراموفون رڪارڊ، ليکر ۽ لاک جا راندیڪا وغيره ٺاهڻ جي ڪم ايندي آهي.

لاڱ هڪ لڱلڱدار ڇلر آهي جيڪا هڪ ڪينئين (Laccifor Lacca/ Laxadia Sindhica) جي مادي پيدا ڪندي آهي. اهو ڪينئون پنهنجي حياتيءَ جي شروعات هڪ تمام ننڍڙي ڳاڙهي رنگ جي لار واجي صورت ۾ ڪندو آهي. اهو جڏهن جولاءِ ۽ نومبر جي مهينن ۾ وڻن جي رس سان پريل ٿارين تي رکيو ويندو آهي تہ اهو ان تي سُرندي هڪ جاءِ تي قرار ڪري ويهندو آهي ۽ پنهنجي سوند سنهڑي ٽڙ ۾ داخل ڪري ان جي رس پيئڻ شروع ڪندو آهي. اهو جيئن وڌندو ويندو آهي تيئن لاک ڏيندو ويندو آهي. لاروا وڏي انگ ۾ گڏ ٿيڻ شروع ڪندا آهن ۽ ائين لڱندا آهن جڙ ٿارين تي ڳاڙهي رنگ جو سفوف ٻُرڪيل هجي. اهي جڏهن لاک ڏيڻ شروع ڪندا آهن تہ هڪ لاروا جي لاک پاڙيسري لارواجي لاک سان ملي جمي ويندي آهي ۽ پوءِ لاک جو هڪ تقريباً پاڻ ۾ جڙيل تهہ ٺهي ويندو آهي. ڪينئن ۾ نر ۽ مادي ٻئي ٿيندا آهن پر ماديون وڏيڪ هونديون آهن. نر پنهنجي چوڌاري هڪ سنهو سگار جي شڪل ۾ سيل ٺاهيندو آهي ۽ مادي هڪ گهاٽو بيضوي سيل ٺاهيندي آهي. نر جلدي پختگي کي پهچي باهر نڪري ايندو آهي. مادي پنهنجي سيل ۾ جمي ويئي هوندي آهي ۽ ان تي ئي بار آور ٿيندي آهي. مادي وڻن جو رس چوسي واڌ ويجهہ وٺندي رهندي آهي ۽ لاک ڏيندي آنا ڏيندي رهندي آهي. آنا پختگي کي پهچندي سيل ۾ هڪ نارنگي زردي رنگ جو نشان ظاهر ڪندا آهن. پڪل آنن کي ڪينئون incubating chamber ۾ ڏيکيندو آهي

جتان اهي پوءِ ٻاهر نڪرندا آهن. ٻاهر نڪرڻ ۾ انبوهه ڪرڻ جو عمل هڪ ئي وقت ٿيندو آهي. اهڙي طرح هڪ سال ۾ حياتي جا ٻه چڪر مڪمل ٿيندا آهن.

لاک اصل سنڌ جي ڏاکڻين حصي جي پيداوار آهي. لاک جي ڪيڙن جو مڪيه ميزبان وڻ (host tree) ٻير آهي، لاک ٻير، پيپل، ڦولهاڙي، ديوي، لئي، ٻاهڙ ۽ ڪنڊي جي وڻن تي ٻه ڇڻي طرح ڦٽي ٿي.

لاک مان ٿيندڙ سالياني آمدني هيٺ ڏيکاريل آهي.

سال	آمدني رپين ۾	سال	آمدني
1928_29	12223	1949_50	2586
1929_30	2732	1950_51	2125
1930_31	137	1951_52	2390
1931_32	409	1952_53	2400
1932_33	385	1953_54	2400
1947_48	ڪجهه به نه	1954_55	1000
1948_49	400		

حڪومت پاڪستان جي فوڊ اينڊ ائريڪلچرل ڪائونسل چئن سالن جي مدي لاءِ هڪ لک پنج هزار روپين جي لاڳت سان لاک جي افزائش جي هڪ تجرباتي اسڪيم جي منظوري ڏني. انهي جي لاءِ سرمايو صوبائي ۽ مرڪزي حڪومت اڌواڌ جي بنياد تي ڏنو هو. تجربي جي مدي دوران هيٺيان ٽيڪنيڪل انگ اکر گڏ ڪيا ويا.

1. لاک جي پيداوار لاءِ ننديا وڻ خاص طور 8 کان 10 ورهين وارا بلڪل مناسب آهن.
2. جن وڻن تي لاک جا ڪيڙا رکيا ويڙن انهن جي اڳوات تياري ضروري آهي جنهن ۾ انهن جي ڇانگ ۽ ٽڻن ۽ ٽارين جي صفائي شامل آهي.
3. هن علاقي ۾ لاک جي لاروا جي ڪثرت جولاءِ جي ٻئين هفتي ۽ نومبر جي پهرئين هفتي ۾ شروع ٿئي ٿي.
4. لاروا جي ڪثرت شروع ٿيڻ ڪانپوءِ پهريان پندرهن ڏينهن هٿراڏو نموني آنا رکڻ لاءِ بهترين وقت آهي.
5. لاک جو ڪيڙن روشني جو شوقين سمجهيو ويڙي ٿو. تنهن ڪري ان لحاظ کان سازگار حالتون پيدا ڪيون ويڙن.
6. جولاءِ جي چوٿين ۽ ڊسمبر جي ٻئين هفتي کان اڳ لاک ڪيڙ جي موڪل نه ڏني ويڙي.
7. لاک جا لاروا فقط مٽي ئي سُرندا آهن.

پلاننگ بورڊ حيدرآباد ڊويزن جي ڪٽر ٻيلي ۾ ڪمرشل پراڊڪشن آف لاڪ جي نالي سان سن 59_1958ع کان ست لک چار هزار روپين جي لاڳت سان هڪ ٻي اسڪيم جي منظوري ڏني جيڪا ايجا هلي رهي آهي. ٻيلي کاتي طرفان 56_1955ع کان اڄ تائين گڏ ڪيل محصول هن ريت آهي.

سال	محصول ربين ۾
1955_56	8924
1956_57ع	1035
1957_58ع	20660
1958_59ع	19000
1959_60ع	اُميد آهي ته 16000 ربيا. 213 مڻ لاک ايجا وڪرو نه ٿي آهي.

ڪجهه سببن جي ڪري جن جي ايجا صحيح نموني خبر نه پئجي سگهي آهي لاک تمام محدود علاقن ۾ وڌي ويجهي ٿي ۽ ان جا پرپاسي وارا علاقا جيڪي به ساڳئي طرح مناسب ڊسٽ ۾ ايندا آهن. اتي لاک نه هوندي آهي.

ٻيلي مان ملندڙ ٻي ننديي پيداوار ۾ سر (Saccharum spontaneum) ۽ ڪانهن (Arundiaceum) اچي وڃن ٿا. سرن جا ڪانا چڪون ۽ پترون ٺاهڻ لاءِ ۽ سرن جو گاهه ٽوڪريون، موڙا ۽ نوڙيون ٺاهڻ لاءِ ڪم ايندو آهي. ٻيا گاهه جانورن جي چاري طور ڪم ايندا آهن. ٻيلي جي ڊنڊين ۾ مڇي مارڻ جا ٽيڪا به سڀ نفعي سان ڏنا ويندا آهن. پاسن (Passes) تي مال چارڻ مان به وڏي آمدني ٿيندي آهي ۽ مالدارن کي هر ٻيلي ۾ گهٽ وڌ مستقل پن هوندا هئا جتي انهن جي ڍڳين، مينهن، ٻڪرين ۽ اٽن جي کاڌ خوراڪ جي هر هڪ شيءِ موجود هوندي هئي. انهن مان اڪثر مالدار اصل ۾ جابلو علاقن جا رهواسي هوندا آهن، جن ورهين ۾ جبلن تي مينهن نه پوندو آهي ته ڏڪار جو وقت گذارڻ لاءِ مال هيٺ ٻوڏ وارن علاقن ۾ آندو ويندو آهي ۽ اهڙن وقتن ۾ ردين، ٻڪرين ۽ ڍڳين جا ڏڻ جبلن ۽ سنڌو جي ماڙين جي وچ ۾ ايندي ويندي ڏسبا آهن.

ٻيلن کي نقصان جا اهم سبب چانگ ۽ باهيون آهن ۽ انهيءَ نقصان جي وڏي حصي جا ذميوار مال چارندڙ آهن. انهن آزارن کي گهٽ ڪرڻ طرف مستقل ڏيان ڏنو پيو وڃي پر انهن تي ڪوبه اثر وجهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. ڇاڪاڻ ته باهين سان گاهه جلد ڦٽي ٿو ۽ چانگ به ڏورن جي کاڌ خوراڪ جو تمام سولو طريقو آهي جيئن مٿي بيان ڪيو ويو آهي درياءَ ڪجهه سالن ۾ وٽن واري زمين جا ڇڪا ٽڪرا پائيندو رهندو آهي ۽ نقصانن جو سبب ٿيندو رهندو آهي ۽ انهي کي روڪڻ به ممڪن نه هوندو آهي، ڇاڪاڻ ته درياءَ جي ڪپرن وارا وڻ ڪٽڻ جو سرشتو هلندڙ آهي.

نقصان جي نندين سببن ۾ Cerambycida ڪٽنب جا ٽنڊڙ ڳٽائي سگھجن ٿا انهن جا لاروا لئي جي ٽڙن کي پورو ڪري ڇڏيندا آهن ۽ ٻهر جهڙي سخت ڪاٺ تي ٻه حملو ڪندا آهن. پتنگ جا لاروا جيڪي cossidee ڪٽنب سان تعلق رکن ٿا اهي ٻه خاص طور لئي جي وڻ تي ٽنڊڙن وانگر حملو ڪندا آهن ۽ ڪندي لئي ۽ باهڙ جي سڪل وڻن کي چٽ ڪري ڇڏيندا اهن. وري ماڪڙ ڪنهن ڪنهن سال وڏين ايراضين تي بيئل فصلن کي تباهه ڪري ڇڏيندي آهي. وري ڪڏهن سخت پارو ورهين کان پوکيل وڻن کي بيڪار ڪري چونڪڙين ۾ بيئل نندين هوڻن کي ساڙي ڇڏيندو آهي.

سنڌ جي فاريسٽ سيٽلمينٽ سن 1895ع ۾ مڪمل ڪئي وئي. جيئن جيئن واڌاري جو موقعو ايندو آهي تہ سال بسال ايراضيون وڌايون ويندیون آهن ۽ وقت اچڻ تي انهن جي سيٽلمينٽ ڪئي ويندي آهي. سموري صوبي ۾ حدن جي ماپ ڪري نشان هنيا ويا آهن. اهي نشان مٽي جي دڙن تي مشتمل هوندا آهن جن جي وچ ۾ ڪاٺ جا ڪلا لڳل هوندا آهن. اهي دڙا ٻاهرين حدن تي مقرر وٽين تي ٽيهن فوٽن جي ليڪن تي هوندا آهن. اهي دڙا هڪ چورس ميل جي خانن جي اندروني حدن تي ٻه هوندا آهن. هر ٻيلو انتظام جي سهولت لاءِ انهن خانن ۾ ورهايل هوندو آهي. سنڌ حڪومت ٻئين جنگ عظيم ڪانپوءِ ڪيترين ئي وڏيون جنگ ڪانپوءِ واريون ترقياتي اسڪيمون شروع ڪيون. بهرحال 1947ع ۾ هندستان جي ورهاڱي جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل افراتفري ۽ سياسي مشڪلاڻن سبب انهن ۾ رخنو پيو آهي. انهن جنگ ڪانپوءِ واريون ترقياتي اسڪيمن ۾ سنڌ جي ٻيلن جي حالت جي سڌاري تي ٻه ڇڪو ڏيان ڏنو ويو هو. پهريان تمام سٽي نموني ۾ هڪ رٽا ناهي وئي هئي جيڪا پوءِ عمل ۾ نہ آندي وئي پر هاڻي اها پاڪستان جي 60_1955ع جي پنج سالا پلان ۾ ٻيلي ڪاتي جي زير تجويز رٽائن ۾ شامل ڪئي ويندي سن 48_1947ع جي پوسٽ وار ڊيولپمينٽ پلان ۾ سنڌ جي ٻيلن جي ترقي بابت هي رمارڪ ڏنل آهن: "ماضي ۾ آبادي جي گهٽ گهاڻائي سبب صوبو پنهنجي ڪاٺ جي ضرورتن خاص طور جلائو ڪاٺ ۽ ڪوئلي ۾ خودڪفيل هو. جيتوڻيڪ سٽي ڪٽالتي جي عمارتي ڪاٺ ۾ اها صورتحال نہ هئي. ڳوٺاڻا علاقا خاص طور وڻن جهنگن ۽ غير آباد زمينن مان قدرتي پيداوار ڪتب آڻين ٿا. جڏهن تہ سرڪاري ٻيلا جن جي جملي ايراضي جيتوڻيڪ فقط يارنهن سو چورس ميل هئي پر اهي نہ فقط وڻن شهرن جون ضرورتون پوريون ڪندا هئا پر صوبي جي حدن کان ٻاهر نندي پيماني تي پر باقاعدي روانگي واپار لاءِ ٻه مال ڏيندا هئا. اهي سيئي سرڪاري ٻيلا سنڌو درياءَ جي ٻنهي ڪپرن تي هڪ سوڙهي پٽي ۾ واقع آهن ۽ پاڻي جي ضرورتن لاءِ انهن جو تقريباً سمورو دارومدار سالياني ٻوڏ تي هوندو آهي. ٻوڏ ۾ درياء ۾ پاڻي وڌي ويندو آهي. آبپاشي واهن ۾ واڌ اچڻ ۽ حفاظتي بندن ٽهڻ سبب ٻوڏن تي ڪنٽرول سبب هڪ تہ غير آباد زمينون گهٽجي ويون آهن جن ۾ قدرتي وڻ ٽڪندا هئا ۽ ٻيو تہ سرڪاري ٻيلن جي زمينن مان تقريباً ٽيون حصو سالياني ٻوڏن کان ڪٽجي ڌار ٿي ويو آهي. خاص طور سکر بيراج ٽهڻ ڪانپوءِ پوکي راهي ۾ واڌارو ٿيو آهي ۽ نتيجي طور صنعتن ۽ آبادي ۾ ٻه تڪڙي واڌ آئي آهي. وڌيڪ بيراجن جي رٽائن سان انهن ۾ ويتر واڌ ايندي جلائو ڪاٺ ۽ ڪوئلي جي طلب اڳيئي موجود رسد

کان ڇڪي وڌي وئي آهي ۽ جنگ وارن ورهين دوران ته سرڪاري ٻيلن وارين جاگيرن کي ڪم آڻي انهي کوٽ کي منهن ڏنو ويو هو. سنڌو ماٿري ۾ کوٽ سبب ريگستان ۽ ڪوهستان جي مختصر وسيلن تي وڏو دٻاءُ پيو هو. اهي علائقا پنهنجي زمين ۽ جاگرافيائي حالتن جي سبب پاڻي ۽ هوا جي ذريعي ٽيندڙ تباهه ڪار ڪاڏ جي اثر هيٺ هوندا آهن ۽ انهن تان گاهه وڻ ۽ ٻوٽا ختم ٿي ويندا آهن. جن ذريعي ئي انهن جي زمينن کي مستحڪم رکي سگهجي ٿو. اهي گاهه ٻوٽا ۽ مال جي چاري طور اهميت رکن ٿا ۽ جيتوڻيڪ وٽن جي واڌ ويجهه ۽ آهستگي سان ٿئي ٿي ته ۽ اهي ٻارڻ ۽ ڪاٺ جون مقامي ضرورتون پوريون ڪرڻ جي صلاحيت رکن ٿا. وٽن جي واڌ ويجهه جي فطري حالتن ۾ سخت انتظام ڪاري جي نتيجي ۾ پيدا ٽيندڙ دشوارين جي سبب سنڌو جي ڪپرن سان لاڳو سرڪاري ٻيلن ۾ وٽن جي پوکي مان في ايڪڙ ٿي وڌيڪ پيداوار حاصل نه ٿي سگهي آهي. اهي ٻيلا درياء جي ٻنهي ڪپن تي حفاظتي بندن جي اندر جملي ايراضي جي جيتوڻيڪ ٽئين حصي تي آهن ته ۽ انهن ۾ واڌ آڻڻ ۽ صوبي جون ٻارڻ جون موجوده ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ ڪافي نه ٿيندو. جيڪي زمينون دائمي آبپاشي هيٺ آهن ۽ سخت انتظام ذريعي في ايڪڙ ٿي وڌيڪ پيداوار ڏئي سگهن ٿيون انهن کي وٽن جي پوکي لاءِ ڏار ڪري رکيو ويو هو جيئن ٻارڻ جي ڏڪار کان بچي سگهجي ڇو ته اهو ۽ غذا جي ڏڪار جيتروئي تباهه ڪار ٿي سگهي ٿو.

زمينن کي وٽن جي پوکي لاءِ خاص ڪرڻ جو هڪ سبب شهري ۽ صنعتي ضرورتن جي گهربل رسد کي يقيني بنائڻ پڻ هو. سنڌو جي وسيع ماٿري ۾ ٻيلا ٻارڻ ۽ ڪاٺ جون ضرورتون پوريون ڪرڻ سان گڏوگڏ پاڻي جي کوٽ ۽ زمين جي سطح جي تيز ۽ گرم هوائن سبب ڪاڏ کان ۽ بچاءُ جو ذريعو ٿين ٿا. انهي ڪم جي لاءِ وڏا هٿراڏو ٻيلا جيڪي ونڊ بريڪ (wind break) ۽ شيلٽر بيلٽ (shelter belt) طور ڪم ڏين اهي وڏي اهميت وارا آهن. گهٽا وڻ پوکي زير زمين پاڻي جي سطح کي تمام گهٽي وڌڻ کان ۽ روڪي سگهجي ٿو. سيني واهن ۽ شاخن جي ڪنارن تي سرڪاري زمين تي منظم نموني وڻ پوکڻ سان ۽ اهي مقصد حاصل ڪرڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي. فاريسٽ ڊپارٽمينٽ جي جنگ ڪانپوءِ واري ترقياتي پلان تحت تيار ڪيل اسڪيمن ۾ هي مقصد حاصل ڪرڻ تي خاص ڌيان ڏنو ويو هو. (1) ڪونٽور سروي (contour survey) (2) زمينن جي درجي بندي (3) ٻيلن جي حدن جو تعين (4) ايريگيٽيڊ پلانٽيشن ريسرچ (5) زمين ڪم آڻڻ بابت ريسرچ (6) ڪوهستان، ريگستان ۽ سامونڊي ڪناري وارن علائقن ۾ زمين ۽ روئيدگي جو بچاءُ (7) ۽ نئين فاريسٽ ڊويزن جي تشڪيل جيڪا مختلف ٻيراجي علائقن ۾ وڻ پوکڻ جي مسئلي تي ڌيان ڏئي ۽ ڪوهستان، ريگستان ۽ سامونڊي ڪناري وارن علائقن ۾ وڻ گاهه ۽ ٻوٽا پوکڻ ۽ زمين جي تحفظ جو ڪم ڪري انهن مان هي پنج اسڪيمون پاڪستان جي ترقي جي پنج سالا پلان ۾ شامل ڪيون ويون آهن. (1) لوئر سنڌ ٻيراج زون ۾ نئين سرڪاري زمين تي ڏيڊ لک ايڪڙن تي آبپاشي وڻ رکرائڻ (2) گدو ٻيراج زون ۾ نئين زمين تي هڪ لک ايڪڙن تي آبپاشي وڻ رکرائڻ (3) فاريسٽ يوٽيلائيزيشن اسڪيم

(4) ڪوهستان ۾ سئائل ائنڈ ايريگيشن ڪنزروبشن ڊويزن جي تشڪيل (5) ريگستان ۾ سئائل اينڈ ويجيٽيشن ڪنزور ويشن اسڪيم جي تشڪيل.

سنڌ ۾ خيرپور ۾ معدنيات ۾ ڪاٽيون ڪوٽڙ

جيالاجيڪل سروي آف پاڪستان جي جيالاجسٽ ڊاڪٽر ايم. ايڇ. خان سنڌ ائگريڪلچرل ڪميشن آڏو 14 ـ ڊسمبر 1953ع تي سنڌ ۾ خيرپور ۾ نڪرندڙ معدنيات جي موضوع تي بيان ڏنو. هن چانيهو عمارتي پٿر، آتشي مٽي (fireclay)، ميٽ (fuller's earth) جپسم، گلاس سينڈ، لگنائيٽ، چن جي پٿر، آئرن آڪسائيڊ ملهل رنگ سازي ۾ ڪم ايندڙ سٽيي مٽي (red ochre) ۽ لوڻ جا نالا ڳڻايا ۽ اهو ٻڌائڻ ڪيو تہ ڪاٽين مان سيليسٽائين ڳولهي لهڻ ۽ تيل ڳولها جا پڙ امڪان موجود هئا. چانيهو خيرپور ۽ اوپر سنڌ جي سوڊا جي ڊنڊن مان ڪڍيو وڃي ٿو. عمارتي پٿر، جنگ شاهي، ڪلفٽن جي ويجهو ۽ ٻين جاين تان ڪڍيو وڃي ٿو. اهو جيتوڻيڪ ڇڪي ڪڍڻي جو هوندو آهي، پر انهيءَ کي وڌين سرڪاري عمارتن لاءِ گهٽو سڏو نہ سمجهيو ويندو آهي. آتشي مٽي نٽي جنگشاهي جي علاقي ۾ تمام محدود پيماني تي ڪڍي ويندي آهي. ڊاڪٽر خان چيو تہ: اهو نہ ٿو چئي سگهجي تہ اهو ڪيترو موجود آهي، پر اسين جيڪڏهن انهيءَ جي ڳولها ۾ زمين جي هيٺ وڃون تہ شايد گهٽو هوندو ڇاڪاڻ تہ هيستائين فقط سطح ئي کوٽي وئي آهي.

ميٽ: خيرپور ۾ انهي جا وڏا ذخيرا موجود آهن. اهو ڇڪي پيماني تي ڪڍيو وڃي ٿو انهي جا نمونا لنڊن موڪليا ويا آهن جيئن رايو ولي سگهجي تہ ڇا انهي جي ڪٽائي ۾ بهتري اچي سگهي ٿي. پر تجربن مان اهو اشارو ملي ٿو تہ اهو ڪم مشڪل ۽ شايد غير ڪفايتي ٿيندو.

گلاس سينڈ: گلاس سينڈ جنگشاهي جي پرسان ڪڍي ويندي آهي ۽ ٽاٽي بولا خان، ميٽنگ ۽ شايد ٻين جاين تي ٻہ ملي ٿي. انهي جي ڪٽائي ٻہ ڇڪي سڏي آهي.

جپسم: ڊالميا سالٽ ورڪس لاءِ جپسم سنڌ جي ريگستان مان ڪيترين جاين تان ڪڍيو وڃي ٿو. اهو مٽي ۾ سنهين ليڪن جي صورت ۾ ملي ٿو ۽ بلڪل خراب حالت ۾ هوندو آهي ۽ فقط سيمينٽ ناهڻ ۾ ڪم اچڻ لاءِ مناسب هوندو آهي. سنڌ ۾ جيڪڏهن سيمينٽ سازي ۾ گهٽي توسيع ٿيندي تہ پوءِ جپسم شايد بلوچستان مان ايندو.

لگنائيٽ (Lignite): لگنائيٽ ميٽنگ جي ويجهو هڪ کان اڍائي فوٽ گهاٽي تهہ جي صورت ۾ ملي ٿو. خبر ناهي تہ اهو زمين ۾ هيٺ ڪيترو وسيع هوندو. جيالاجيڪل سروي آف پاڪستان وارا دستياب لگنائيٽ جو مقدار جاچڻ لاءِ هڪ سو فوٽ اونها کڏا هٽي رهيا آهن. انهن کي ڪجهہ ڪاميابي ملي آهي، پر اهي اونهن کڏن ۾ موجود لگنائيٽ تائين نہ پهچي سگهيا آهن چو تہ اتي زهريلي گئس هجي ٿي. مڪمل نتيجا حاصل ڪرڻ لاءِ ڊرلنگ ڪرڻي پوندي.

چن جو پٿر (Lime stone): روهڑي ويجهو ائسوسيئيٽڈ سيمينٽ ڪمپني ۽ ڊرگ روڊ وٽ ڊالميا وارا چن جو پٿر ڪڍندا آهن. اهو جهجهي مقدار ۾ آهي ۽ مقامي طور سڀ کان ٿالٿي جو آهي. حيدرآباد جي چن جي پٿر جي ڪيميائي جاچ مان خبر پئي ته اهو سيمينٽ سازي لاءِ تمام مناسب آهي.

آئرن آڪسائيڊ ملیل سٽي مٽي (Red Ochre): انهي جو ٿلي جي پرسان وقت بوقت ٿورو مقدار ڪڍيو ويندو آهي.

لوڻ (Salt): لوڻ ڪراچي جي آسپاس وڏي پيماني تي ۽ ڪڇ جي رڻ جي ويجهو ڪجهه گهٽ مقدار ۾ ڪڍيو ويندو آهي. اها خبر نه آهي ته ڪراچي ۾ پيداوار وڌائڻ جا ڪيترا امڪان موجود آهن. ڇيو وڃي ٿو ته رڻ جي ويجهو وڏي پيداوار ممڪن آهي. پر اهو ٽرانسپورٽ جي دشوارين سبب مهانگو پوندو.

سيليسٽائين: تقريباً خالص اسٽرونشيم سلفيٽ جون ڪجهه سٿيون ليڪون ڪل ڪهار ۽ ٽاڻي بولا خان جي ويجهو ملن ٿيون. اهو رنگن ۾ لاپي طور ڪارائتو ڏسڻ ۾ آيو آهي. انهي کي مٽي جي ڊرلنگ ۾ به آزمايو ويو. پر گهٽي ڪامياب نه ٿي. انهي جو حقيقي ڪارج ڏڪاڪن ۾ آهي پر في الحال پاڪستان ۾ انهي جي گهرج نه ٿي ڏسڻ ۾ اچي.

تيل (Oil): تيل جو سنڌ ۾ امڪان موجود آهي، پر لاڪڙا ۾ وڏو خرچ ڪرڻ ڪانپوءِ ناڪامي ٿيڻ ڪانپوءِ انهي جو امڪان گهٽ ٿو ڏسڻ ۾ اچي ته تيل ڪمپنيون ويجهي مستقبل ۾ انهي ڪم ۾ هٿ وجهنديون. سئي مان گئس جي دريافت انهن کي پنهنجي سوچ مٽائڻ تي آماده ڪري سگهي ٿي. جنگ ڪانپوءِ وارين ترقياتي رٿائن ۾ ڪاٽيون ڪوٽڻ جي شعبي کي ترقي ونڊائڻ جي موضوع تي وڏيڪ ڳولها ڪولها کي زير غور رکيو ويو هو. رٿا جي رپورٽ ۾ چيو ويو هو ته: "ڪاٽيون ڪوٽڻ جي ڪم کي ترقي ونڊائڻ تي ايڏا تائين ڪابه اسڪيم نه ٺهي آهي. سنڌ جي معدني وسيلن کي ايڏا مڪمل طور ڪتب نه آندو ويو آهي ۽ نه ئي انهن جي ايڏا مڪمل سروي ٿي آهي. جيالاجيڪل سروي آف انڊيا، صوبائي حڪومت جي درخواست تي سنڌ جي معدني وسيلن جي هڪ منظم سروي کي هلندڙ سال لاءِ پنهنجي پروگرام ۾ شامل ڪيو آهي. ڪراچي کان 160 ميل پري لاڪڙا وٽ ڊرلنگ 12666 فوٽن جي اونهائي تائين وئي پر ناڪام ثابت ٿي ۽ 1950ع ۾ ڪم مان هٿ ڪڍيو ويو.

سن 1907ع واري گزيٽيئر ۾ معدنيات بابت ڏنل احوال جو گهڻو حصو اڄ به درست آهي ۽ انهي جو ڪجهه حصو هٽي ڏيڻ جي قابل آهي.

ٽڪي (Alum): ڪيرٿر جي جبلن ۾ مختلف جاين تي چن جي پٿر سان گڏ هڪ قسم جي شيل (Shale: سليٽ جهڙو پر ڪچو پٿر) سان گڏ ملندي آهي. جنهن مان هڪ سادي طريقي سان ٽڪي ٺاهي ويندي آهي. ٽڪي ٺاهڻ جي جاين طور رني ڪوٽ، ٽاڻي شاهه بيگ کان 12 ميل پري ۽ ڪجهه ٻيا هنڌ ٻڌايا وڃن ٿا. پر انهي جو مقدار ٿورو ۽ ڪٿالٿي ردي هوندي آهي.

عمارتي پٿر: سنڌ جي سيني جابلو علاقن ۾ سڀي کٹالتي جو عمارتي پٿر ملي ٿو. سڀ کان سٺو هلکو زردي مائل پوروزني کوٽ جي تهن سان تعلق رکي ٿو. اهي سنڌ ۾ سڀ کان قديم سيڊيمينٽري جبل آهن. اهو پٿر جهرڪ ۾ مسلمانن جي مقبرن ۾ گهڻو ڪتب آندل آهي. انهي پٿر تي ٽيل اُکر جو ڪم ڪيو انهن تي نقش ٽيل تحريرون انهي پٿر جي کٹالتي جو سرٽيفڪيٽ آهن. کيرٿر جو nummulitic چن جو پٿر گهڻو ڪيبو وجي ٿو ڇ سکر، حيدرآباد ۽ کونڙي ۾ جايون ٺاهڻ جي ڪم آندو وجي ٿو. مسامدار (porous) زرداري مائل چن جو پٿر جنهن مان ڪراچي جا گهر ٺاهيا وجن ٿا اهو گذري ۽ ٻين جاين تان ڪڍيبو وجي ٿو. انهي چن جي پٿر جي رنگ ۽ کٹالتي ۾ گهڻو فرق آهي. پلي ڪٹي اهو ساڳئي جيالاجيڪل گروپ سان هجي تہ بہ پٿر ۾ فرق آهي.

ڪاربونيٽ آف سوڊا: اوپر سنڌ جي ريگستان ۾ لوڻ جون ڏنڊون موجود آهن. ڪجهہ حالتن ۾ انهن ڏنڊن جي پاڻي ۾ عام لوڻ بجاءِ يا ان سان گڏ ڪاربونيٽ آف سوڊا موجود هوندو آهي. گرم موسم ۾ جيئن پاڻي سُڪندو آهي تہ تري ۾ ٽُلهي تهہ جي صورت ۾ الڪلي (alkali) گڏ ٿي ويندو آهي. انهي کي بس کوٽي ڪڍي سُڪائڻو هوندو آهي. اهو سموري سنڌ ۾ چانيهي جي نالي سان وڪامبو آهي ۽ واشنگ سوڊا طور ڪتب ايندو آهي. سڀ کان سڀي کٹالتي (جنهن کي ڦلي بہ چيو ويندو آهي). دال- بسڪوٽن يا ڪري ويفر (curry wafers) ۾ پوندي آهي. اهي بسڪوٽ سنڌ ۾ پنهنجي مراٹي نالي پيپر جي نالي سان سجاتا ويندا آهن. اڳئين گزيٽيئر جي وقت حيدرآباد ضلعي جي مختلف هنڌن تان چانيهو ڪيڙ جو ٽيڪو سالياني 1700 ربين ۾ ڏنو ويندو هو. نڪرندڙ چانيهي جو مقدار گرمي ۽ موسم جي خشڪي جي لحاظ کان تبديل ٿيندو رهندو هو ۽ 500 کان 2000 مٹن جي وچ ۾ هوندو هو. ٽرپارڪر ضلعي مان بہ ساڳئي ذريعي مان چگي آمدني ٿيندي هئي. بهرحال اهاڳالهہ جڏهن سالٹ ڊپارٹمينٹ جي ڌيان ۾ آئي تہ ڪجهہ نڪرندڙ چانيهي ۾ 80 سيڪڙو تائين ڪلورائيڊ آف سوڊيم هوندو آهي ۽ اهو شايد تہ عام لوڻ طور ورتو وجي ٿو تہ- سالٹ ۽ لئنڊ روينيو اختيارين جي وچ ۾ ڪجهہ تڪرار ڪانپوءِ- حڪومت اهو طي ڪيو تہ جڏهن بہ ڪلورائيڊ آف سوڊيم جو تناسب 50 سيڪڙي کان وڌي وجي تہ انهي تان لوڻ طور محصول اڳاڙيو وجي انهي آرڊر هيٺ ٺيڪيدار جي اسٹاڪ جو وڏو حصو ممنوعہ شي جي زمري ۾ اچي ويو ۽ ڏيتي ليتي رکجي وئي. چانيهي جي نج کٹالتي خيرپور رياست ۾ جهجهي مقدار ۾ ٿئي ٿي ۽ بمبئي رواني ڪئي وجي ٿي. هڪ خام ڪاري رنگ جو ڪاربونيٽ آف سوڊا بہ سنڌ ۾ گهڻو ڪتب آندو وجي ٿو. اهو کار جي نالي سان سجاتو وجي ٿو ۽ ٻوٽن جي سڙيل خاڪ مان ٺاهيو وجي ٿو. صوبي ۾ Salsola, Sueda ۽ ٻين زمرن (genera) جا ڪيترائي ٻوٽا ٿيندا آهن جن ۾ الڪلي گهڻي ٿيندي آهي ۽ سوڊا ۽ صابڻ عام جام ٺهڻ لڳو هو پوءِ آمدورفت جي ذريعن ۾ بهتري اچڻ سبب پنجابي پهچي ويو ۽ مقامي طور ٺاهيندڙ کان گهٽ قيمت ۾ وڪرو ڪرڻ لڳو. پر شاهبندر ۽ ٻين جاين تي کار اڃا بہ ٺاهي وجي ٿي.

سيليسٽائين (Celestine): اها جيالاجيڪل سروي آف انڊيا جي مسٽر فيبن دريافت ڪئي هئي. جيڪا ڪوهستان جي چن جي پٿر جي ٽڪرين خاص طور انهي سلسلي جي اوپر ۾ سطح تي اکروٽ جيترن بلوري ڳنڊين جي شڪل ۾ پکڙي پئي هئي.

ڪوئلو: 1857ع ۾ ڪوٽڙي کان 27 ميل اتر ـ اتر اولهه ۾ ليلان نالي هڪ جاءِ تي ڪوئلو دريافت ٿيڻ تي سنڌ ۾ چڱو جوش خروش پيدا ٿيو هو. زمين کان فقط 40 فوٽ هيٺ پهريون تهه 8 فوٽ ٿلهو چيو پئي ويو. هڪ ٻيو تهه ان کان هيٺ هو. لنڊن موڪليل نمونن جي تجزيي جي نتيجي ڪي تمام اطمينان بخش ڪوئيو ويو. البت لگنائيٽ جي ڪٿالٽي وڏي مدي ۾ اطمينان بخش ثابت نه ٿي ۽ شافٽ هڻڻ لاءِ جيڪو ماهر مقرر ڪيوويو هو ان کي ڏسڻ ۾ آيو ته تهه ايترو جلدي سنها ٿي ويا جو ٻيون شافٽ پهرئين شافٽ کان فقط 100 وال هيٺ لٿو ۽ اهو هڪ اهڙي سنهڙي تهه وٽ اچي ٻيٺو جيڪو منڊ ۾ پهريون شافٽ لاهڻ وقت ڏيان ۾ اچڻ کان گُسي ويو هو. بهرحال ماهر انهي نتيجي تي پهتو ته "اهڙي ڪا شيءِ ئي ڪانهي جنهن کي صحيح نموني ڪوئلي جو تهه چئي سگهجي. بس لگنائيٽ جو ڍڳ آهي جيڪو ڪنهن به طرف ۾ 50 والن کان نه ٿو وڏي ڪٿالٽي به گهٽ هئس. معدني لحاظ کان اهو ٽاڪوٽو لگنائيٽ هو جنهن ۾ Iron pyrites وڏي مقدار ۾ هئا تنهنڪري باهر نڪرڻ سان جلد ڊي ڪمپوزيشن جو عمل شروع ٿي ويندو ۽ ازخود ٻري پوڻ Spontaneous combustion جو امڪان موجود هو." تنهنڪري سنڌ ۾ ڪوئلي جي صنعت جي اڳڪٿي ختم ٿي وئي. سن 1951ع جي آدمشماري رپورٽ ۾ البت اهو ڄاڻايل آهي ته سنڌ ۾ واحد ڪول (coal) فيلڊ جهمپير اسٽيشن کان 6 ميل اوپر ۾ موجود آهي. اها نارٿ ويسٽرن ريلوي تي ڪراچي کان 50 ميل ۽ حيدرآباد کان به لڳ ڀڳ ساڳئي فاصلي تي آهي. اهي ذخيرا نسبتاً سڏا سنوان ۽ پُر پرا آهن ۽ لگنائيٽي نوعيت رکندڙ آهن. فيلڊ جو ايڏا جيالاجي نقطه نظر کان مڪمل سروي نه ڪيو ويو آهي. في الوقت جيالاجيڪل سروي آف پاڪستان جي هڪ ٽيم اها چندڇاڻ ڪري رهي آهي ته جيڪي ذخيرا ڪيڏي سگهجن انهن جو مقدار ڪيترو آهي. سال 1951ع ۾ پيداوار 7000 ٽن ٿي. ننڍي ضلعي ۾ جنگشاهي ۽ جهمپير وارو علائقو معدنيات جي لحاظ کان تمام سازگار ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ ٿي سگهي ٿو ته سنڌ جو مستقبل جو صنعتي زون ٿئي.

ميٽ: روهڙي جي ڏکڻ ۾ جبلن جي الهندي لاهي ۽ پڻ حيدرآباد جهرڪ ۽ ننڍي وٽ ڪجهه جاين تي چن جي پٿر سان سليٽ جهڙو پر ڪچو پٿر (shale) به وچ ۾ پيو آهي. انهي ۾ هڪ نرم زردي مائل مٽي ٿئي ٿي جيڪا ڪيڏي سموري سنڌ ۾ ميٽ جي نالي سان وڪرو ڪئي وڃي ٿي. سڀ کان سٺو ميٽ حيدرآباد جي ڏکڻ ۾ ڇهن ميلن تان گنجي ٽڪر مان ملي ٿو. اهو چن جي پٿر جي هڪ مٿاهين تهه جي هيٺان ملي ٿو ۽ پٿر ۾ 10 کان 15 فوٽ اونها شافٽ هٽي ڪڍيو وڃي ٿو. ميٽ ۾ مڙ مٽي صاف ڪرڻ جون صلاحيتون هوندين آهن ۽ هتان جا رهواسي انهي کي صابڻ جي متبادل طور گهٽو ڪتب آڻيندا آهن.

جپسم: جپسم سنڌ ۾ گهٽو ملي ٿو. اهو ماڙي پور سالٽ ورڪس ۾ لوٽي پاٽي جي ڪنڊن جي ڪنارن تي بلوري ڳنڊين جي صورت ۾ ٿهي ٿو. ڪير جبل ۾ ڪيترين جاين تي چن جي پٿر ۾ تقريباً 3 کان 4 فوٽ ٿلها تهه ملن ٿا.

سنڌ ۾ لوهه جي ڪچ ڌاتو (iron ore) جو هڪ قسم ڪيترن هنڌن تي ملي ٿو. بعضي بعضي اهو ايتري ڇڪي مقدار ۾ هٿ ايندو آهي جو باقاعدي ڳاڙهڻ رجائڻ جي به ضرورت پوندي آهي. اهڙو لوهه ڪونڙي تعلقي ۾ ڪونڙي جي اتر اولهه ۾، بندوير و جي اولهه ۾ ۽ پٽ جهرڪن جي اولهه ۽ ڏکڻ اولهه ۾ ٽڪرين ۾ ملي ٿو. پر اهڙين جاين تي جيڪو ٿورو گهڻو مينو فيڪچرنگ جو ڪم ٿيندو هو اهو به گهٽو وقت اڳي يورپ مان ايندڙ سستي لوهه جي سبب بيهي ويو.

چن ڻاهڻ لاءِ مناسب چن جو پٿر سنڌ ۾ جتي به جبل ٽڪريون آهن اتان حاصل ٿي سگهي ٿو سواءِ ٺٽي ضلعي جي ڪجهه حصن جي جتي فقط سينڈاسٽون عام آهي. تنهنڪري جتي ضرورت پيدا ٿيندي اتي چن ساڙڻ جو ڪم ڪيو ويندو آهي. سکر انهي صنعت جو هڪ مکيه مرڪز آهي. بمبئي ۾ سمورو چن سامونڊي ڪوڏ (sea shell) ساڙي حاصل ڪيو ويندو آهي. اهي سنڌ ۾ مهاڻن کانسواءِ ڪوبه انهي مقصد لاءِ ڪم نه آڻيندو آهي. انهن کي پنهنجين جارن کي پڪو ڪرڻ لاءِ جيڪو ٿورو چن کپندو آهي اهو هي ڪوڏيون ساڙي حاصل ڪندا آهن.

سالٽ: ملڪ جي اڪثر حصن ۾ ڪلراٹي زمين تمام گهڻي آهي، جيڪا لوڻ جي سپلاءِ جو مکيه سر چشمو آهي. انهي مان لوڻ ڪڍڻ جو سادو طريقو اهو آهي ته انهيءَ تي پاڻي وجهبو ۽ پوءِ پاڻيات کي بخارن ذريعي خشڪ ڪبو آهي. قانوني طور لوڻ ٺاهڻ جو هڪ وڏو ڪارخانو ڪراچي جي ويجهو ماڙي پور ۾ 1878ع ۾ ڪوليو ويو هو پر ملڪ جي ڪيترن حصن ۾ ننڍي پيماني تي غير قانوني نموني ڪلر مان لوڻ ٺاهيو وڃي ٿو. سنڌ ۾ جتي به سمنڊ زمين ۾ سيمو ڪري ٿو يا پاڻي زمين ۾ نمي ٿو اتي لوڻ جا وڏا ذخيرا ملن ٿا. پر انهي لوڻ جي ڪٽائي مختلف هوندي آهي. ڪٽي ته اهو فقط لوٽياڻي داڻ داڻ ۽ ٻُر ٻُر جي شڪل ۾ هوندو آهي ۽ ان ۾ ميگنيشيم سلفيٽ ۽ ٻين لوڻن جي موجودگي سبب انساني استعمال لاءِ غير مناسب هوندو آهي ته ڪٽي بلڪل نج سوڊيم ڪلورائيڊ جي بلوري نهري ڇڪي جي صورت ۾ هوندو آهي. اهڙا ذخيرا صوبي جو تمام قيمتي سرمايو آهن. اهي سر ڪريڪ جي منهن کان لڳ پڳ ڏهن ميلن تي انهي جي ٻنهي پاسن تي ڪيترن ئي چورس ميلن جي ايراضي تي آهن ۽ چيو وڃي ٿو ته ڪجهه جاين تي به ٻوٽ اونها آهن. بلور تمام وڏي سائيز جا هوندا آهن ۽ جيڪو لوڻ قدرتي نموني يا هٿراڏو طور سمنڊ جي پاڻي کي ٻاڦ ڪري اڏائڻ ذريعي ملي ٿو انهي جي بجاءِ پنجاب جي جابلو لوڻ جهڙا هوندا آهن. اهي لوڻ جون ڏنڊون هونديون آهن جن کي چشمن جو يا مينهن جو پاڻي ملندو آهي. اهو پاڻي جڏهن لوٽي ٿه منجهان گذرندو آهي ته انهي ۾ تمام وڏي حد تائين لوڻ شامل ٿي ويندو آهي، پوءِ ٻاڦ اٿڻ سبب پاڻي جمي ويندو آهي ۽ تري ۾ لوڻ اهڙي ٿه جي شڪل اختيار ڪري ويندو آهي جيڪو ڪيترا ڦوٽ اونهو به ٿي سگهي ٿو. اهو ٽيڪم ۽ بيلچي جي مدد سان کوٽي ڪڍي ڪناري تي گڏ ڪيو ويندو آهي. جيئن اتي سُڪي پوي. سن 1878ع ۾ جڏهن سنڌ سالٽ ڊپارٽمينٽ کي سرڪاري طور ته. ليمر ڪيو تڏهن هن جاين کانسواءِ باقي سيني جاين تي لوڻ جي کوٽائي تي بندش وڌي وئي. اتان حڪومت ذريعي کوٽائي اڄ تائين جاري آهي ۽ اتان لڳ پڳ

سموري ٽرپارڪر ضلعي ۾ حيدرآباد جي ڪجھ حصن کي سپلاءِ ٿئي ٿي. انھن مان ھڪ جاءِ ڈيپلي ويجھو سارڻ ۾ ڪپري ويجھو ڊلیار ۾ آھي. لوڻ سنڌ مان ھڪ ڪمائتو ايڪسپورٽ جو اسر آھي. ھاٽي لوڻ جو بندوبست مرڪزي حڪومت ڪندي آھي. سنڌ جا مقامي حڪمران لوڻ ٺاھڻ تي ٽيل نفعي مان حصو ونڊندا ھئا. انھي کي ھو بٽئي سڏيندا ھئا، اھا خبر نہ آھي تہ ھن ذريعي مان انھن کي ڪيتري آمدني ٿيندي ھئي. جڏھن سنڌ برطانوي حڪومت ھيٺ آئي تہ بٽئي ختم ڪئي وئي ۽ لوڻ تي 1848ع تائين ڪابہ ٽيڪس نہ رھي، تڏھن جيڪڏھن کي وڏا ڪاروباري سرگندا جي وسيع ذخيرن مان لوڻ ڪڍڻ ۽ باھر موڪلڻ جي موڪل ونڊندا ھئا. تڏھن بمبئي ۾ ايڪسائيز ڊيوٽي جي شرح ٻارھن آنا في ھندستان مڻ ھوندي ھئي تہ اھي بہ اھائي ڈيندا ھئا. اڳتي ھلي سن 1861ع ۾ ھندستان جي حڪومت سنڌ ۾ واپرائجندڙ لوڻ تي ڊيوٽي ھڻڻ جي تجويز ڈني. طريقہ ڪار بابت ڪجھ بحث مباحثن کانپوءِ ليسن جو نظام اختيار ڪيو ويو. ليسن کان سواءِ لوڻ ٺاھڻ ممنوع قرار ڈنو ويو ۽ اھو شرط رکيو ويو تہ نڪرندڙ لوڻ جي ھڪ مڻ تي اٺ آنا محصول ڈنو وبندو. پاڙيسري ضلعن مان ايندڙ لوڻ تي بہ ساڳيو محصول ھنيو ويو. ٽرپارڪر جي لڳ پڳ سموري ضلعي کي انھي علائقي جي ڪيترين ئي ڊنڊين مان سپلاءِ ٿيندي ھئي ۽ اڳوٽن ڪراچي ۽ نٽي ضلعن کي جاتي، شاھبندر ۽ بدين تعلقن جي ذخيرن مان سپلاءِ ٿيندي ھئي. جڏھن تہ ڪراچي جي ويجھو مواڇ جي ميدان جي لوٽن کوھن تان بہ لوڻ ٺھڻ جو ڪم جاري رھيو. 1907ع واري گزيٽيئر ۾ جاڻايل لوڻ ٺاھڻ جو طريقو ھن وقت چالو نہ آھي. دنيا جي اڪثر حصن وانگر جتي لوڻ سج جي گرمي ذريعي ٻاڦ ذريعي ٺاھيو وڃي ٿو تيئن ھاٽي ھتي بہ کوھن ۽ پيپن ذريعي ٺاھيو وڃي ٿو.

15 ـ آڪٽوبر 1959ع جي "دي پاڪستان نيوز ڊائجسٽ" ۾ رپورٽ ٿيل آھي تہ اولھ پاڪستان ۾ سکر ۽ خانپور جي وچ ۾ ماڙي ۾ سئي جھڙي ئي گئس سان پرپور گئس فيلڊ دريافت ٿي آھي. اھا گئس 2300 کان 2450 فوٽن جي اونھائي تي لڌي آھي ۽ اھڙا اشارا موجود آھن تہ اتان روزانو پنجاھ لک ڪيوبڪ فوٽن تائين گئس نڪري سگھي ٿي. شروعاتي تخمينن مطابق انھي ذخيري ۾ 700 کان 800 ملين ڪيوبڪ فوٽن جي وچ ۾ گئس ھوندي.

ابتدائي ماپن مان خبر پوي ٿي تہ گئس 67 سيڪڙو ۽ ٻرندڙ ۽ 33 سيڪڙو INERT مادن تي ٻڌل آھي.

لوڻ ۽ آبڪاري Salt & Excise

اڳوٽي سنڌ صوبي ۾ آبڪاري کاتي جون ذميواريون گھٽو ڪري شراب، آفيم ۽ سيني نشي آور شين جي امپورٽ، ايڪسپورٽ، ٽرانسپورٽ، ٺاھڻ، پاڻ وٽ رکڻ ۽ وڪرو ڪرڻ جي معاملن تي اڪ رکڻ تائين محدود ھيون. محصول سان لاڳاپيل انتظام ڪاري وري روينيو ڊپارٽمينٽ جا ڪليڪٽر سنياليندا ھئا. انھن شين جي وڪري تي ڪنٽرول ۽ نظرداري ۽ انھن سان لاڳاپيل ڈوھن جي تفتيش جو ڪم ايڪسائيز آفيسرن جي حوالي ٿيل ھوندو ھو جيڪي آبڪاري قانونن تي عملدرآمد ڪرائڻ ۾ ڪليڪٽرن جي معاونت لاءِ مقرر ڪيا وبندا ھئا. اولھ پاڪستان ٺھڻ سان آبڪاري کاتي جي انتظام ۾ وسعت آندي وئي ۽

روينيو ڊپارٽمينٽ جي ڪليڪٽرن جاڪم آبڪاري ڪاتي جي آفيسرن کي ڏنا وبا ۽ سيني صوبائي مالياتي معاملن ۾ ٻين ڪاتن جون ذميواريون به آبڪاري ڪاتي کي ڏنيون ويون جيڪو هاڻي ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن ڊپارٽمينٽ سڏجي ٿو.

لوڻ جو انتظام البت مرڪزي حڪومت وٽ رهيو پر 1956ع ۾ حڪومت پاڪستان طرفان آئين ناهڻ کانپوءِ لوڻ جي ذميواري صوبائي حڪومت کي ڏني وئي ۽ هاڻي اهي ڪم ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن ڊپارٽمينٽ طرفان سرانجام ڏنا پيا وڃن.

لوڻ: اڳوڻي سنڌ صوبي ۾ ڪلراٺي زمين تمام گهڻي هوندي هئي ۽ صوبو ڪنهن وقت لوڻ جي سپلاءِ جو هڪ مکيه ذريعو هوندو هو. ٿرپارڪر ضلعي ۾ لوڻ جا ڪيترائي ذخيرا آهن. اهي ذخيرا سمنڊ جي ڪناري وارن ذخيرن کان بنيادي طور مختلف آهن جيڪي سمنڊي لوڻ جي بخارجڻ سبب پيدا ٿيا آهن. اهي قدرتي ڏنڊيون هونديون آهن جن کي چشمن يا مينهن جو پاڻي ملندو آهي. اهو پاڻي جڏهن لوڻي تهه منجهان گذرندو آهي تہ انهي ۾ تمام وڏي حد تائين لوڻ شامل ٿي ويندو آهي. پوءِ ٻاڦ سبب پاڻي جمي ويندو آهي ۽ تري ۾ لوڻ اهڙي تهه جي شڪل اختيار ڪندو آهي جيڪو ڪيترائي فوٽ اونهو به ٿي سگهي ٿو. اهو ٽيڪر ۽ بيلچي جي مدد سان کوٽي ڪڍي ڪناري تي سُڪڻ لاءِ رکيو ويندو آهي. ٿرپارڪر ضلعي جي ٿر واري علاقي ۾ ڪي لوڻ جا ذخيرا اهميت وارا آهن. (1) سارڻ سالٽ ڊپو: سارڻ ۾ اهو ڏيپلي کان 6 ميلن جي فاصلي تي آهي، جيڪو ضلعي ۾ تعلقي جو هيڊ ڪوارٽر آهي. (2) ڪپري جي ويجهو ڊلیار سالٽ ڊپو. اهو به ضلعي ۾ تعلقي جو هيڊ ڪوارٽر آهي. اهي ٻئي سالٽ ڊپو سرڪاري ادارا آهن ۽ سينٽرل ايڪسائيز ڊپارٽمينٽ پاڻ هلائيندي آهي. سينٽرل ايڪسائيز ڊپارٽمينٽ پاران 56_1955ع لاءِ جاري ٽيل سالياني ايڊمنسٽريشن رپورٽ ۾ هيٺيان انگ اکر ڏيکاريل آهن.

ڊپو	سال	لوڻ جو مقدار (مٽن ۾)	جملي آمدني
سارڻ	1952_53	16000	41923
	1953_54	14300	33561
	1954_55	12800	30775
	1955_56	13000	30096
ڊلیار	1952_53	43114	38774
	1953_54	6493	52608
	1954_55	13444	32997
	1955_56	16400	23472

مٿي ذڪر ڪيل ٻن ڪارخانن سان گڏوگڏ ٻئي ضلعي ۾ واقع ٽي خانگي ڪارخانا آهن جن جا نالا هي آهن: (1) هر جينا سالٽ ورڪس (2) قريشي سالٽ ورڪس ۽ (3) ڏاڍيجي سالٽ ورڪس. لوڻ جا اهي

ڪارخانا وڏي پيماني تي ڪم پيا ڪن ۽ اتي ٺهندڙ لوڻ گهٽو ڪري اوپر پاڪستان ۾ ٻين ملڪن ڏانهن ايڪسپورٽ ٿيندو آهي.

آبڪاري (Excise)

ديسي شراب (Country Liquor): سن 1920ع کان اڳ ملڪ ۾ واپرائڻ لاءِ ديسي شراب امرتسر ۽ ڪانپور جي شراب خانن مان امپورٽ ڪيو ويندو هو. سن 1920ع ۾ سنڌ صوبي ۾ شراب ٺاهڻ ۽ ان جي ٽيڪي جي بنياد تي ريزڪي دڪانن کي سپلاءِ جو نظام متعارف ڪرايو ويو. شراب ذخيرو ڪرڻ ۽ اتان ريزڪي دڪانن کي جاري ڪرڻ لاءِ ڪوٽڙي حيدرآباد، سکر ۽ لاڑڪاڻي ۾ گودام کوليا ويا جيئن دڪاندارن کي اهو حصو ونڊ ۾ سهوليت ٿئي. گڏوگڏ راشن جو نظام متعارف ڪرايو ويو جنهن تحت گذريل ٽن سالن جي کپت جي بنياد تي هر دڪان جو راشن مقرر ڪيو ويو. ٻين لفظن ۾ چئجي ته ڪنهن به دڪاندار کي غير محدود راشن نه ٿي ڏنو ويو. اهو نظام انهي ڪري لاڳو ڪيو ويو جيئن آهستي آهستي شراب تي پابندي جي پاليسيءَ کي هٿي وٺرائي ۽ پوءِ لاڳو ڪري سگهجي. اهڙن دڪانن کي وڪري جا حق سالياني نيلام ڪيا ويندا هئا. شراب جو واهپو گهٽو ڪري هندو ڪميونٽي تائين محدود هوندو هو تنهنڪري انهي جي واپار تي به هندن جي هڪ هٿي هوندي هئي ۽ ڪوبه مسلمان مذهبي لحاظ کان انهي واپار ۾ داخل ٿيڻ جي جرئت نه ڪندو هو. سن 1920ع کان 1938ع تائين ٻن قسمن جي شراب يعني 25UP ۽ 40UP ٺاهڻ جي اجازت هوندي هئي. شراب ڀڙ ۽ شيري مان ٺاهيو ويندو هو. سن 1938ع کان شراب جي طاقت ۾ اضافو متعارف ڪيو ويو ۽ 25 UP شراب کي 15UP تائين وڌايو ويو. ٻنهي قسمن جي شراب ۾ فرق ڪرڻ لاءِ 40UP شراب رنگين هوندو هو. انهي سان گڏوگڏ امرت جيوٽي نالي هڪ ٽئين قسم جو شراب پڻ ٺاهڻ جي اجازت ڏني وئي. اهو خوشبودار ۽ مصالحيدار هوندو هو. ۽ شراب جي طاقت 15UP تي رکڻ جي ئي اجازت هوندي هئي. آزادي کانپوءِ هندن جي وڏي پيماني تي لڏپلاڻ جي نتيجي ۾ ديسي شراب جي وڪري ۾ چڱي گهٽتائي آئي ۽ انهي ڪاروبار کي وڏو ڌڪو آيو. تنهنڪري حڪومت لاءِ دڪانن جو نيلام ڪرڻ ڏکيو ٿي پيو. اهڙين حالتن ۾ شراب جا دڪان ڪميشن جي بنياد تي نيڪال ٿيڻ لڳا ۽ ڪميشن ايجنٽن کي مقرر اڳهه تي پنهنجو راشن کڻڻ ۽ وڪري جي مقرر اڳهه تي نيڪال ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي. اهو نظام تسلي بخش ثابت نه ٿيو ۽ 52_1951ع ۾ نيلامي وارو نظام بحال ڪيو ويو.

هندن جي وڏي لڏپلاڻ سبب- جيڪي ئي شراب جا مڪيه واپرائيندڙ هئا- ضلعن ۾ پکڙيل شراب جي دڪانن مان اڪثر کي بند ڪرڻ بهتر سمجهيو ويو.

هيٺ شراب جي جملي وڪري ۽ ان مان ٿيندڙ آمدني جا انگ اکر ڏيکاريا ويا آهن.

سال	واهپو گيلن ۾	آمدني رپين ۾
1936_37	116008	1595095
1937_38	135873	1817972

1733024	112695	1938_39
1817540	101691	1939_40
2217540	102484	1941_42
2931842	117031	1942_43
5434677	115779	1943_44
5017306	110243	1944_45
5869874	117331	1945_46
5733372	124019	1946_47
3968121	84923	1947_48
172321	18794	1948_49
98588	16222	1949_50
119907	17589	1950_51
280845	21287	1951_52
525472	13418	1952_53

انفرادي استعمال ڪندڙ لاءِ پاڻ وٽ رکڻ جي حد 1_ اپريل 1946ع کان ۾ ڪٿارٽ بوتلن تائين محدود ڪئي وئي ۽ اها حد ايندڙ تائين اڳوڻي سنڌ صوبي جي حدن ۾ لاڳو آهي.

عوامي جاين تي شراب جي واهپي تي بندش وڌي وئي ۽ اهڙين جاين ۾ مذهبي جايون ۽ تفريحي هنڌ وغيره شامل ڪيا ويا هئا.

شراب ناهڻ تي لاڳو محصول ۾ وقت بوقت اضافو ڪيو ويندو آهي جيئن انهي جي واڌ کي محدود ڪري ۽ ان مان وڌ مان وڌ آمدني حاصل ڪري سگهجي. هيٺين جدول ۾ وقت بوقت في بئي تي لڳل محصول جا اڪهه ڏيکاريل آهن.

سال	15UP	25UP	40UP
1921_22	____	7 رپيا	4.8
1922_23	____	8 رپيا	6.4
1937_38 تائين	____		
1938_39	9	8	6.4
1940_41	9	8	6.4
1941_42	10	____	7

1943_44	12	ختم ڪيو ويو	8.8
1944_45 تائين	15	= = =	10.8
1947_48	18.12	= = =	12.10
1956_57	28.2	= = =	18.15
1957_58			

نشوڏيندڙ شيون

(الف) چرس: هي ينگ جي ٻوٽي جي پيداوار آهي. انهي کي غريب طبقي جي ماڻهن جي واهپي لاءِ سستي نشي آور شيءِ سمجهيو ويندو هو. اها هوشيارپور مان امپورٽ ڪئي ويندي هئي ۽ هر سال دڪانن جي نيلام ڪانپوءِ سرڪاري گدامن ۾ ذخيرو ڪئي ويندي هئي. جتان ليسن رکندڙ دڪاندارن کي وڪرو ڪئي ويندي هئي.

هيٺين جدول ۾ چرس جي وڪري، محصول جي شرح، گهٽ ۾ گهٽ ريزڪي وڪري جون قيمتون ۽ صوبي ۾ هلندڙ دڪانن جو تعداد (ڪراچي سميت) ڏيکاريل آهي.

سال	وڪرو سيرن ۾	في سير تي محصول	گهٽ ۾ گهٽ ريزڪي قيمت آنن ۾	دڪانن جو تعداد
1910_11	17500	8.0	3	506
1911_12	15000	12.0	4_1/2	432
1912_13	10550	16.0	6	216
1913_14	7200	20.0	7	156
1914_15	7000	20.0	7	110
1915_16	7300	20.0	7	90
1916_17	6100	20.0	7	72
1917_18	4300	30	9	33
1918_19	4800	30	9	32
1919_20	5800	30	9	29
1920_21	4700	40	11	29
1921_22	6000	40	11	29
1922_23	5000	50	13	22
1923_24	5900	50	13	22

1924_25	4600	60	15	14
1925_26	4200	60	15	14
1926_27	3200	60	15	14
1928_29	2558	60	15	14
1929_30	6964	20	---	14
1930_31	7180	20		14
1931_32	6884	20		14
1932_33		25		14
1937_38	10179	25		14
1938_39	7861	40	1_2_0	14
1939_40	---	60		14

جيئن ته چرس کي هاجيڪار شيءِ سمجهيو ويندو هو تنهنڪري سنڌ حڪومت 1939_10_1 کان انهي جي امپورٽ، واهپي ۽ پاڻ وٽ رکڻ تي بندش وجهي ڇڏي.

(ب) گانجا

گانجا نالي هڪ ٻي نشو ڏيندڙ شيءِ جي آبڪاري دڪانن تي وڪري جي اجازت ڏني وئي ۽ اهڙن دڪانن جو هر سال نيلام ٿيندو هو. هيٺين جدول ۾ گانجي جي وڪري ۽ ان تي ورتي ويندڙ محصول جو اڳهه ڏيکاريو ويو آهي:

سال	وڪرو سير ۾	في سير محصول	سال	وڪرو سير ۾	في سير محصول
1923_24	1189	20/_	1938_39	532	20/_
1924_25	1146	22/8	1939_40		30/_
1925_26	1211	22/8	1940_41		30/_
1926_27	1154	25/_	1941_42		40/_
1927_28	828	25/_	1942_43		60/_
1928_29	582	25/_	1943_44		80/_
1929_30	500	20/_	1944_45		100/_
1930_31	287	20/_	1945_46		120/_
1937_38	554	20/_			

انهيءَ شيءِ کي به نقصانڪار سمجهيو ويو ۽ حڪومت طرفان 30/4/1946 کان ان جي امپورٽ، واهپي ۽ پاڻ وٽ رکڻ تي بندش وڌي وئي.

(ج) ڀنگ (Hemp)

• هن شيءِ کي عام طور غريب طبقي جا ماڻهو گرم موسم ۾ ٺڏ ڏيندڙ مشروب طور ڪم آڻيندا آهن. ڀنگ ضلعي دادو تعلقي سيوهڻ ۾ ٻوبڪ ۾ سڌو سنئون حڪومت جي نظرداري هيٺ پوکي ويندي آهي. فصل لٺ ڪانپوءِ گودامن ۾ رکيو ويندو آهي، جتان اڳوٽي صوبي سنڌ جي سمورن ليسن رکندڙ دڪاندارن کي محصول جي مقرر اگهه تي ڏني ويندي آهي. دڪانن جو وڪرو نيلام ذريعي ٿيندو آهي.

هيٺ ڀنگ جي وڪري ۽ ان تي لڳندڙ محصول جا انگ اکر ڏنا ويا آهن.

سال	وڪرو سير ۾	محصول في سير	سال	وڪرو سير ۾	محصول في سير
1923_24	108461	هڪ روپيو اٺ آنا	1941_42	69360	
1924_25	106713		1942_43	76760	
1925_26	84727	ٻه روپيا	1943_44	91440	
1926_27	81578		1944_45	90520	ٻه روپيا اٺ آنا
1927_28	80281		1945_46	83960	
1928_29	81481		1946_47	88380	
1929_30	72613		1947_48	74960	
1930_31	65951	گهٽائي روپيو 8 آنا ڪيو ويو	1948_49	26960	3 روپيا 2 آنا
1931_32	60591		1949_50	14200	
1937_38	70925		1950_51	8720	
1938_39	72104		1951_52	18760	
1939_40	57480	ٻه روپيا	1952_53	18800	
1940_41	68520				

آفيم (Opium)

هي شيءِ هندستان ۾ يو. پي. جي غازي پور آفيم فيڪٽري مان امپورٽ ڪئي ويندي هئي ۽ ان جون ڪيپون ٽريزري ۽ سب- ٽريزري آفيسن ۾ رکيون ويندیون هيون، جتان لسٽ رکندڙ دڪاندارن کي مقرر اگهن تي ڏني ويندي هئي، جنهن ۾ آفيم جي قيمت ۽ محصول شامل هوندا هئا. ماڻهن کي وڪري جو حق نيلام

ذريعي ڏنو ويندو هو. موالين کي آفيم پاڻ وٽ رکڻ جي حد هڪ تولو هوندي هئي جيڪا اڳتي هلي ٻہ تولا ڪئي وئي. سنڌ حڪومت 54_1953 دوران (1/4/53) بندش جي پاليسي آندي جنهن تحت آفيم جو وڪرو فقط گورنمينٽ ميڊيڪل آفيسرن پاران سرٽيفڪيٽ ڏنل حقيقي موالين تائين محدود ڪيو ويو. نردن جو راشن ٻہ طبي مشوري تحت مقرر ڪيو ويندو هو ۽ هر موالي کي هڪ راشن ڪارڊ جاري ڪيو ويندو هو جنهن تي سندس مستقل ائڊريس ۽ هن کي هر مهيني ملندڙ راشن درج ٿيل هوندو هو. هو جنهن دڪان تي پنهنجي راشن لاءِ رجسٽرڊ ٿيل هوندو هو راشن ڪارڊ ۾ اهو ٻہ لکيل هوندو هو. موالي کي آفيم 6 رپيا 13 آنا جي چگي گهٽ اگهہ تي ڏني ويندي هئي. سرڪاري آفيم جا دڪان هلائڻ لاءِ ڪميشن ايجنٽ مقرر ڪيا ويندا هئا ۽ انهن کي هڪ رپيو في تولو ڪميشن ڏني ويندي هئي. ٽريزري مان جاري ٿيڻ جو اگهہ 5 رپيا 13 آنا في تولو هوندو هو. وري اها ٻہ ڀڳ ڪئي وئي هئي تہ انفرادي راشن هر سال طبي مشوري هيٺ 10 سيڪڙو تائين گهٽائي سگهجي ٿيو. سنڌ صوبي ۾ اهو نظام 1955ع ۾ اولهہ پاڪستان نهڙ تائين هلندو رهيو انهيءَ ڪانپوءِ بندش جي پاليسي ختم ڪئي وئي ۽ پراڻو طريقو بحال ڪيو ويو.

هيٺ آفيم جي وڪري ۽ ان مان ٿيندڙ آمدني جا انگ اکر ڏنل آهن:

سال	وڪرو سير ۾	سرڪاري قيمت	آمدني
1937_38	5682		502630
1938_39	6085		493367
1939_40	3356	75_0_0	461405
1940_41	3563		462898
1941_42	3783		505591
1942_43	4050	80_0_0	585196
1943_44	3747	100_0_0	804633
1944_45	4775		1019376
1945_46	5235		1200999
1946_47	4093	120_0_0	1667656
1947_48	2947		1252286
1948_49	1443		703203
1949_50	1344		701150
1950_51	1560		744499
1951_52	1649		517769
1952_53	1704		460727

ڏوڏي: سنڌ صوبي ۾ ڏوڏي جو واهپو ڪڏهن بہ وڏي پيماني تي نہ رهيو آهي. مُنڊي ۾ سموري صوبي ۾ فقط چار دڪان هوندا هئا ۽ اهو انگ گهٽائي 2 ڪيو ويو هو. سال 39_1938 دوران حڪومت پهريون دفعو ڏوڏي پيدا ڪندڙ وٽن تي ٽيپنگ چارج لاڳو ڪئي. ٽيڪس جي شرح 2 کان 7 رپيا في وڻ سالياني جي وچ ۾ هوندي هئي. انهي سان گڏوگڏ ڏوڏي وڪڻڻ جو حق هر سال نيلام ڪيو ويندو هو.

ولايتي شراب: سن 1930ع ۾ اڳوٽي سنڌ صوبي ۾ بمبئي پريزيڊنسي جهڙي Foreign Liquor Scheme متعارف ڪرائي وئي. تڏهن آبڪاري دڪانن جو تعداد هن ريت هو.

ضلعا	هوٽل	ريفريشمينٽ	Off	On	ڪلب	بيئر	ڊائننگ ڪار
حيدرآباد	1	...	5	3	4	1	1
نوابشاهہ	...	...	2	...	...	...	...
ٿرپارڪر	...	...	2	...	...	...	...
سکر	...	1	5	...	6	4	...
لاڙڪاڻو	...	...	2	...	...	1	...
جيڪب آباد	...	...	1	...	...	1	...

مٿئين اسڪيم مطابق "آف" دڪانن جي درجي بندي ۽ مقرر ٿيل فيس جو نظام ختم ڪيو ويو. انهي جي بجاءِ حقيقي وڪري تي حڪومت پاران تجويز ڪيل اڳهن تي اسسيمينٽ ڪري ورتي ويندي هئي. بشرطيڪ حيدرآباد، سکر ۽ شڪارپور ۾ گهٽ ۾ گهٽ وڪرو -/250 رپيا ۽ باقي ٻين جاين تي -/100 رپيا هجي.

ولايتي شراب جا بار ('on' دڪان) هميشہ سالياني بنيادن تي نيلام ڪيا ويندا آهن ۽ انهي سان گڏوگڏ حقيقي وڪري تي گُڊ ول في ۽ اسيسمينٽ في ورتيون ويندیون آهن.

هوٽل ۽ ريفريشمينٽ روم جن وٽ مستقل ليسن هوندا آهن انهن کان حقيقي وڪري تي اسيسمينٽ في سان گڏوگڏ سالياني ليسن في ورتي ويندي آهي.

ڪلبن، ڪينٽينن، ريلوي ريفريشمينٽ رومز ڊائننگ ڪارن تان پڻ مقرر سالياني ليسن في سان گڏوگڏ اسيسمينٽ في ورتي ويندي هئي.

گهٽ قيمت وارن شرابن (پاڪستان ۾ ٺهيل ولايتي شراب) جي حقيقي وڪري تي اسيسمينٽ في ولايتي شرابن کان 50 سيڪڙو مٿي ورتي ويندي هئي. هاڻي انهن حڪمن ۾ ترميم ٿي وئي آهي ۽ في ڊزن بوتلن تي -/120 رپين جي يڪسان اڳهہ سان اسيسمينٽ في تجويز ڪئي وئي آهي.

هيٺ ولايتي شراب جي وڪري جا انگ اکر ڏجن ٿا.

سال	اسپرٽس (Spirits) گيلن ۾		وائينز (Wines) گيلن ۾		بيئر (Beers) گيلن ۾	
	ولايتي	ديسي	ولايتي	ديسي	ولايتي	ديسي

1792	39313		255	97	5515	1937_38
1458	32790		247	44	4170	1938_39
747	30824		182	60	4883	1939_40
1674	23228		184	185	4413	1940_41
5625	16823		136	919	3491	1941_42
5352	7392	10	207	5609	3801	1942_43
3145	4667		218	3956	5015	1943_44
2792	4487		254	7595	6954	1944_45
3386	351	40	456	16324	4360	1945_46
7954	9356	27	365	15736	9022	1946_47
4139	26296	17	208	5055	6353	1947_48
2326	4714		92	1396	1524	1948_49
2402	5296		32	1118	1816	1949_50
2232	6288		14	1373	2204	1950_51
2854	9735		16	1840	2091	1951_52
2371	11195		15	2005	2085	1952_53

انهيءَ معلومات ۾ ڪراچي جي علائقي جو وڪرو پڻ شامل آهي. ولايتي شراب پاڻ وٽ رکڻ جي ڪابہ حد نہ آهي.

پاڪستان ۾ ٺهندڙ ولايتي شراب جي بہ سرڪاري نظرداري هيٺ موڪل ملندي آهي. اوورپروف (over_proof) شراب جي تياري وسڪيءَ برانديءَ جي صورت ۾ U.P 25 ءَ جن ءَ لڪر (Liquor) جي صورت U.P 35 جي تجويز ٿيل طاقت تائين محدود رکي وئي آهي. انهي کي پوءِ بليند ءَ ڪمپائونڊ ڪري ذائقو شامل ڪري بوتلن ۾ پريو ويندو آهي. اهي پوءِ مقرر ڊيوٽي ءَ پاس ڪي جي ادائيگي تي ليسن رکندڙ دڪاندارن کي ڏنا ويندا آهن. اڳوٽي سنڌ صوبي ۾ ڪوبہ شراب جو ڪارخانو نہ هوندو هو تنهنڪري واپار جو دارومدار گهٽو ڪري امپورٽ ڪيل بيئر ءَ مري بريوري جي مقامي پيداوار تي هوندو هو.

باب پندرهون

لوڪل گورنمينٽ

عمومي تاريخ ۽ نوعيت: برطانيا جي قبضي کان پوءِ هڪ سو سالن کان به وڌيڪ عرصي جي تجربي کانپوءِ سنڌ ۾ مقامي خود حڪومت (Local Self government) جي ڪارڊ کي متاثر ڪندڙ نه ٿو چئي سگهجي. اهو ڪارڊ در حقيقت ڪنهن ننڍي ۽ گستاخ چوڪري جهڙو لڳي ٿو جيڪو ڪيترين ئي شرارتون ڪندو رهيو آهي ۽ ڪلاس ۾ سڀ کان آخر ۾ رهندو آهي. مقامي خود حڪومت جي نسبتاً گهٽ ڪاميابي جا سبب بلڪل واضح آهن. انهن سببن جو پس منظر تاريخي ۽ سياسي آهي. ملڪ جو مزاج ۽ سياسي جوڙجڪ اصل کان بلڪل جاگيرداراڻي رهي آهي.

پنچايتي نظام ته سنڌ ۾ جڙ موجود ئي نه رهيو آهي نه ئي ان جي موجوده صورتحال مان اها اميد ڪري سگهجي ٿي ته ان جي بنياد تي اهڙي راءِ عام (Public opinon) جوڙي سگهجي ٿي جيڪا لوڪل خود حڪومت جي ڪامياب هلڻ لاءِ ضروري آهي.* ميونسپالٽين ۽ لوڪل بورڊ جي تاريخ جو جائزو وٺڻ سان خبر پوي ٿي ته انهي نظام ۾ ڪيترائي دفعا رخنا پيا آهن ۽ هڪ نظام جي جاءِ تي ٻيا نظام ايندا رهيا آهن ۽ اهم نقصن جو بنيادي ڪارڻ اهو آهي ته ماڻهو يڪ راءِ نه آهن. ڪير عوامي رٽائن تي پئسو خرچ ڪرڻ لاءِ راضي نه آهي ۽ وڏن ڪمن جون ذميواريون وٺڻ لاءِ تيار نه آهي. موجوده صورتحال جي غيراطمينان بخش هئڻ کي 60_ 1955ع جي پهرئين پنج سالا پلان ۾ پڻ تسليم ڪيو ويو آهي جيڪا نيشنل پلاننگ بورڊ پاڪستان پاران ڊسمبر 1957ع ۾ شايع ڪئي وئي آهي.

مقامي خود حڪومت بابت رپورٽ ۾ بيان ٿيل آهي ته پاڪستان کي گڏيل هندستان کان مقامي خود حڪومت جا جيڪي ادارا مليا هئا انهن برصغير جي ماڻهن جي زندگي مان خودبخود واڌ ويجهه نه ورتي هئي اهي ضلعي آفيسرن پاران سرانجام ڏنا ويندڙ ڪجهه اوائلي انتظامي تجربن جي مٿان لاڳو ڪيا ويا هئا. اهي ضلعي آفيسر سرڪاري طور حاصل ڪيل مدد سان شهري سهوليتون ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. تنهنڪري اهي جنهن قانون سازي تحت وجود ۾ آيا انهي جو بنياد انهي مفروضي تي هوندو هو ته انهن کي چڱي سرڪاري ڪنٽرول ۽ رهنمائي جي ضرورت پوندي ۽ اهو ڪنٽرول ۽ نظرداري انتظامي ڪنٽرولن ذريعي مهيا ڪئي ويندي جن جو اصل مقصد موثر ڪارڪردگي هوندو ۽ مکيه مقصد مقامي سهوليتن جهڙوڪ روڊن، اسڪولن، ڊسپينسرين، پاڻي جي تلائن ۽ نڪاسي جي نظام وغيره جي فراهمي ۾ اڳيرائي هو. انهي جو نتيجو اهو نڪتو جو جيستائين سرڪاري چيئرمين ۽ ٽائيل ميمبر لوڪل باڊيز جو

---

* بي. ڊي. نظام لاڳو ٿيڻ سان لڳي ٿو. انهي صورتحال ۾ بهتري اچي وئي آهي. ايڊيٽر

ڪم هلائيندا رهيا تيستائين ڇڪو فائديمند ڪم ٿيندو رهيو. پر پوءِ هڪ ته عوام جي طرفان اها طلب ٿي رهي هئي ٻيو ته ضلعي اختياريون بہ وڏ ڪان وڏ پنهنجين ڏميوارين ۾ رڌل ٿي رهيون. تنهنڪري لوڪل باڊيز جي ڪمن ۾ سرڪاري شراڪت بند ٿي وئي ته اهي اڪيلي سر شهري انتظام ڪاري کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار ٿي نہ هيون ڇو جو اهو ڪم بہ انهي دوران وڏي سماجي ۽ اقتصادي ترقي ٿيڻ سبب تمام گهڻو وڏي ڇڪو هو. وري انهي ۾ بدقسمتي اها ٿي جو سرڪاري شراڪت ختم ٿيڻ سان جلد ئي سرڪاري نظرداري ۾ بہ ڏر ٿي وئي. رهنمائي جي بجاءِ وري اهو ٿيڻ لڳو جو هڪ پاسي زور زبردستي ۽ ٻئي پاسي وري ڏميوارين کان دستبرداري ٿيڻ لڳي.

لوڪل فنڊ قائم ٿيڻ: برطانيا پاران 1843ع ۾ ڪنٽرول هٽن ۾ ونڊ کي گهڻو وقت نہ ٿيو هو جو اهڙيون باقاعدي ڪوششون ٿيڻ لڳيون ته برطانوي انداز تي ٿهيل مقامي ادارن کي سنڌ جي ٻهراڙين ۾ موجود حالتن سان هم آهنگ ڪجي. انهي جو مقصد بهرحال اهو هو ته هڪ اهڙي راءِ عام جي اداري جي واڌ ويجهہ کي هٿي ونڙائجي جيڪو ننڍي پيماني تي نمائندي حڪومت جا اهڙا نمونا هلائڻ جو اهل هجي جيڪي اميد هئي ته اڳتي هلي سموري ملڪ جي حڪومت تي لاڳو ڪيا ويندا. سنڌ ۾ 1863ع کان اڳ عوامي پلائي جي مقامي ڪمن تي خرچ ڪرڻ لاءِ ڪي جدا فنڊ نہ رکيا ويندا هئا. تالپرن پاران واپارين تي هنيل متفرق ٽيڪس برطانوي الحاق هيٺ ختم ڪيا ويا جيتوڻيڪ خيرپور جي حاڪم جي ماتحتي وارا جيڪي علاقا نو ورهيہ پوءِ ورتا ويا انهن ۾ ٽيڪس جو اصول بحال رکيو ويو. انهن علاقن ۾ ٽيڪس بحال رکڻ تي مُنڊ ۾ جيڪا مخالفت ڏسڻ ۾ آئي هئي اها تڏهن ڏيري ٿي وئي جڏهن ٽيڪس ڏيندڙن اهو ڏٺو ته اهو پئسو حقيقت ۾ مقامي ضرورتن تي خرچ ٿي رهيو هو ۽ انهن کان جيڪو وقت بوقت عوامي ڪمن لاءِ ڪڍهن پئسو ٿي گهريو ويو ڪڍهن انهن کان محنت ٿي ڪرائي وئي يا انهن جو وقت ٿي سيڙايو ويو هو. انهن سڀني ڳالهين کان بچي ٿي ويا ۽ وقت گذرڻ سان جڏهن انهي نظام جون بنيادي خرابيون منظر تي اچڻ لڳيون ته ٽيڪسن جي نوعيت تبديل ڪئي وئي. شهر ۽ چنگي جا محصول ختم ڪيا ويا ۽ انهي جي جاءِ تي لئنڊ روينيو جي هڪ رپئي تي نو پايون محصول آندو ويو. جزيو (Poll tax) ۽ پروفيشنل ٽئڪس جي بجاءَ مستقل دڪانن تي چار آنا درماهو ۽ مڇي ۽ پاڻين جي عارضي دڪانن تي بہ آنادرماهو جو هلڪو ٽئڪس هنيو ويو. تڏهن کان ٽئڪس خلاف هر قسم جي مخالفت ختم ٿي وئي ۽ اهي انهي صورت ۾ 1860ع تائين جاري رهيا تان جو انڪم ٽيڪس ائڪٽ پاس ٿيڻ تي اُهي ختم ڪيا ويا.

حڪومت سن 1863ع ۾ سموري بمبئي پريزيڊنسي ۾ لوڪل فنڊ قائم ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو. اهو فنڊ هرهڪ ضلعي ۾ زرعي زمينن جي ڊل جي هڪ رپئي تي هڪ آنو راهدارين ۽ پٽڻن جي آمدني، مال جي ڏڪ مان واڌو آمدني ۽ ٻين اسمن تي ٻڌل هوندو هو. انهي محصول جو ٽيون حصو ٻهراڙي وارن علاقن ۾ تعليم لاءِ خاص ڪيو ويندو هو ۽ باقي حصو روڊن جي تعمير ۽ مرمت، ڪوهن ۽ عمارتن، روڊن جي پاسن تي وڻ پوکڻ ۽ ٻين عوامي ڪمن تي خرچ ڪيو ويندو هو. اهو نظام شروعات ۾ ڪنهن قانون

سازي جو سهارو ونڻ کانسواءِ هلايو ويو. پر آخرڪار ٽيڪسن جي وصولي کي قانوني شڪل ڏيڻ ضروري سمجهيو ويو. ٽيڪسن کي جائز قرار ڏيندڙ قانون جيڪو سنڌ تي لاڳو ٿئي ٿو اهو 1865ع جو بمبئي ائڪٽ آهي جنهن جون غير ترميم شده شقون اڄا به بحال آهن. انهي ائڪٽ تحت هنن شين تي هن شرح سان محصول جو اختيار ڏنو ويو آهي. (1) عام زرعي زمين تي لاڳو ٿيندڙ ڏل جي هڪ رپئي تي هڪ آني کان وڌيڪ نه (2) جيڪڏهن جاگير يا منتقل ٽيل زمينون هجن ته انهن تي لاڳو ٿيندڙ ڏل جو پنج سيڪڙو (3) جيڪڏهن ڪو سرڪاري ٺيڪو ڏنل آهي ته ٺيڪيدار کي ٿيندڙ آمدني جي هر هڪ رپئي تي هڪ آني کان وڌيڪ نه ۽ دڪانن تي سالياڻو ڏهن رپين کان وڌيڪ نه. البت آخر ۾ بيان ٽيل شق ائڪٽ پاس ٿيڻ کانپوءِ ڪڏهن به لاڳو نه ٿي ۽ آبڪاري محصول جي ٺيڪيدارن تي لڳندڙ ٽيڪس به 1874ع کانپوءِ منقطع ڪيو ويو. پر زمين منتقل ٽيل هجي يا نه ان تي لڳندڙ ٽئڪس اڄا لاڳو آهي ۽ لوڪل فنڊن ۾ ويندڙ آمدني جو وڏو حصو اهو مهيا ڪري ڏئي ٿو. اها ڳالهه 1863ع جي اسڪيم جي هڪ نهايت اهم خصوصيت هئي ته ٽيڪس ڏيندڙن کي فنڊن جي ورهاست ۾ سگهارو آواز ملڻ گهرجي. پر جڏهن اهڙي راءِ گهري وئي ته ٽيڪس ڏيندڙن وٽان ڪو جواب نه مليو ۽ اهو سمجهيو ويو ته جيڪي ڪاميٽيون تشڪيل ڏنيون ويون هيون انهن ورلي ئي ڪا گڏجاڻي ڪئي ۽ ڪو به ڪم شروع ڪرڻ جو اختيار انهي تي ڪنٽرول ۽ انهي جي ذميواري ڪليڪٽرن ۽ انهن جي ڊپٽين وٽ رهي. سن 1882ع ۾ مقامي خود حڪومت کي وسعت ڏيڻ لاءِ لارڊ ليٽن جي اسڪيم ٺاهي وئي ۽ به ورهيه پوءِ 1884ع جي بمبئي ائڪٽ ۾ شامل ڪئي وئي جنهن جي ذريعي سموري بمبئي پريزيڊنسي ۾ لوڪل فنڊن جي بندوبست جا قاعدا ٺاهيا ويا هئا. انهي قانون هيٺ هر ضلعي ۾ مقامي معاملن جو انتظام هڪ ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جي حوالي ڪيو ويو جنهن کي سموري ضلعي تي اختيار حاصل هوندو هو گڏو گڏ تعلقي لوڪلبورڊن کي به اختيار ڏنا ويا. ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ. اپرسنڊ فرنٽيئر ۽ ٽرپارڪر ضلعن کانسواءِ ويهن کان ٽيهن ضلعن تي مشتمل هوندو هو جن مان صدر کانسواءِ اڌ چونڊيل هوندا هئا ۽ اڌ ڪمشنر سنڌ طرفان ٿاڦيل هوندا هئا. چونڊيل ميمبر تعلقي لوڪلبورڊن. ميونسپالٽين ۽ انعامدارن جي نمائندگي ڪندا هئا. انعامدار سمورو ڳوٺ سنياليندا هئا ٿاڦيل ميمبرن ۾ ڪليڪٽر. اسسٽنٽ ۽ ڊپٽي ڪليڪٽر. ضلعن جا ايگزيڪيوٽو انجنيئر. ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر. ريڊپٽي سينيٽري انسپيڪٽر ۽ سول سرجن شامل هوندا هئا. سول سرجن هيلٿ آفيسر هوندو هو ۽ ان کي گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿيڻ ۽ سوچ ويچار ۾ حصو ونڻ جو حق هوندو هو پر هو ووٽ نه ڏئي سگهندو هو. تعلقي لوڪلبورڊ تقريباً پندرهن ميمبرن تي ٻڌل هوندو هو جن مان اڌ چونڊيل ۽ اڌ ٿاڦيل هوندا هئا. تعلقي جي اسسٽنٽ يا ڊپٽي ڪليڪٽر کي اوس ميمبر ۽ تعلقي بورڊ جو صدر نامزد ڪيو ويندو هو. اهڙين حالتن ۾ بورڊ کي هڪ ميمبر کي وائس پريزيڊنٽ چونڊڻ جو حق حاصل هوندو هو. عملي طور اهو منصب هر حال ۾ مختيارڪار کي ڏنو ويندو هو. ووٽ ڏيندڙن ۾ بن طبقن جا ماڻهو شامل هوندا هئا. هڪ اهو جن جي انهي تعلقي ۾ جائيداد ۽ ملڪيت هوندي هئي جنهن تي سالياڻو 48 رپيا ڏل هوندي هئي يا جنهن جي قيمت پنج

هزار روپيا هوندي هئي ۽ ٻئي طبقي ۾ تعلقي جا اهي رهواسي شامل هوندا هئا جن جي سالياني آمدني 500 روپين کان گهٽ نه ياجن جي ماهياني پينشن 50 روپين کان گهٽ نه هوندي هئي. هاڻي لاڳو نظام تحت ڊسٽرڪٽ بورڊ جون عام طور سال ۾ ٻه گڏجاڻيون ٿيندڙيون آهن. هڪ آڪٽوبر ۾ جڏهن اينڊ مالي سال لاءِ بجيٽ تيار ٿيندي آهي ۽ ٻي جون ۾ جڏهن گذريل سال جي بجيٽ رپورٽ ٿيندي آهي ۽ ڪمن لاءِ مخصوص ڪئي ويندي آهي. بورڊ جو رواجي وهنوار هلائڻ جو ڪم ڇهن ميمبرن تي ٻڌل هڪ ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي جي حوالي ڪيو ويندو آهي. جيتوڻيڪ تعلقي بورڊن جي گڏجاڻين لاءِ ڪي قائدا نه ٺاهيا ويا آهن پر انهن کان اميد ڪئي ويندي هئي ته اهي سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ چار گڏجاڻيون ڪن. ڪجهه حالتن ۾ اهي هر مهيني گڏجاڻيون ڪندا هئا. تعلقي لوڪلبورڊ پنهنجي بجيٽ پاڻ ٺاهيندا هئا. اها منظوري لاءِ ڊسٽرڪٽ بورڊ ۾ پيش ڪئي ويندي هئي جيڪو ضروري نظر ثاني ڪانپوءِ انهي جي منظوري ڏئي سموري ضلعي لاءِ هڪ بجيٽ ٺاهيندو هو. سن 1936ع ۾ تعلقي لوڪلبورڊن کي غير ضروري سمجهي ختم ڪيو ويو ۽ انهن جو ڪم خود ڊسٽرڪٽ بورڊن پنهنجن هٿن ۾ کڻي ورتو.

بورڊ پنهنجي آمدني ڪانون ذريعي انهن کي ملندڙ محصولن مان حاصل ڪندا هئا. انهن جي آمدني ۾ حڪومت طرفان انهن جي حوالي ڪيل وصوليون، حڪومت ۽ ميونسپالٽين طرفان ملندڙ گرانٽون ۽ انهن جي ذمي ڪيل ڪم سرانجام ڏيڻ مان ملندڙ رقمون اچي ٿي ويون. پهرئين اسم ۾ زمين تي ٽئڪس، عوامي پٽڻن، ميونسپل جي حدن ۾ نه اينڊ علاقن ۾ زهر وڪرو ڪرڻ جي ليسن في ۽ رينٽ ۽ پٽر ڪٽڻ تي لاڳو ٿين مان ٿيندڙ آمدني شامل هئي. ٻئي قسم جي وصولين ۾ مال جي ڏڪن، مڇي مارڻ جا حق وڪرو ڪرڻ تي وصول ٿيندڙ ٽئڪسن ۽ ڪاٽين مان ميٽ ڪيڻ تي حاصل ٿيندڙ وصوليون شامل هيون. حڪومت طرفان سالياني گرانٽن ۾ هي اسم شامل هوندا هئا (1) اڳ ۾ آبڪاري محصول جي ٺيڪيدارن کان ورتو ويندڙ هڪ آنو محصول جي جاءِ تي يڪمشتي رقم (2) پرائمري ۽ ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن لاءِ گرانٽون ۽ (3) عوامي ڪمن لاءِ گرانٽ لوڪل فنڊ مان مقرر ٽيل وئڪسينيٽرن جي پگهار لاءِ آسپاس جون تقريباً سيپ ميونسپالٽيون حصو ڏينديون آهن. بورڊ جي پي ڪمائي ۾ سيڙپڪارين تي وياج، امتحانن ۽ اسڪولن جون فيون، ٽيڪنيڪل اسڪولن، ڊسپينسرين، جانورن جي ڊسپينسرين، تجرباتي فارمن، ميلن، روڊن تي لڳل وڻن، ڊاڪ بنگلن، باغن ۽ سامان جي وڪري مان ٿيندڙ آمدني شامل آهي. جڏهن تعلقي لوڪلبورڊ موجود هوندا هئا ته ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ زمين جي محصول ۽ آبڪاري جي گرانٽن مان تعليم لاءِ مختص ڪيل حصو ڪيڻ ۽ پنهنجي ضرورتن جي پورائي ڪانپوءِ باقي رقم انهن ۾ ورهائي ڇڏيندا هئا. تعليم لاءِ مختص ڪيل فنڊ جو حصو تعليمي ادارن مان ٿيندڙ وصولين ۽ خاص گرانٽن سان گڏوگڏ هنن اسمن تي ٻڌل هوندو هو. (1) زمين تي ٽئڪس مان ٿيندڙ آمدني جو ٽيون حصو (2) ۽ جاگيرن تي لڳندڙ ٽئڪس جو ٽيون حصو يا ٻه پنجان حصا. مارشل لا ائڊمنسٽريشن جو 1958ع جي جاگيرون ختم ڪرڻ جي تازي فيصلي سبب حڪومت ۽ ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊن وچ ۾ مالياتي بندوبست ۾ ڪي تبديليون ڪرڻ ضروري ٿي پونديون.

لوڪل فنڊ جي اڪائونٽ تي پوندڙ مالي بار ڊسٽرڪٽ بورڊ ڪي لاهڻو پوندو آهي جنهن جي ذمي ضلعي ۾ موجود حڪومت جي روڊن ڪانسواءِ ٻين وڏن روڊن جي تعمير ۽ مرمت ۽ سرڪاري وڪسينيٽر ۽ ڊسپينسريون هلائڻ پڻ هوندو آهي. ڊسٽرڪٽ بورڊ انهن خدمتن سان گڏوگڏ ڪوهه ڪوٽائيندو آهي ۽ جانورن جون ڊسپينسريون، تجرباتي فارم، نباتاتي باغ هلائيندو آهي ۽ ضلعي ۾ ٻيا عوامي ڪارج جا ڪم ڪرائيندو آهي. تعلقي بوردن جي صوابديدتي رکيل فنڊ گهٽو ڪري تعلقي ۾ موجود روڊن ۽ ٻين جاين جي مرمت ۽ مقامي واٽر سپلاءِ ۽ صفائي جي ڪمن تي خرچ ٿيندا هئا. بورڊ پروفيشنل سهائتا ڪانسواءِ ڪهڙي قسم جي ڪمن تي ڪيترو پئسو خرچ ڪري سگهن ٿا، انهي بابت قاعدا قانون موجود آهن. جن ڪمن تي ڪنهن خاص رقم کان وڌيڪ خرچ ٿئي انهن لاءِ حڪومت پاران لازمي قرار ڏنل آهي ته اهي پبلڪ ورڪس ڊپارٽمينٽ کي ڏنا وڃن ۽ جن روڊن جي رٿائن تي ني ميل تي خرچ هڪ مخصوص رقم کان مٿي اچي ته انهن لاءِ به ايگزيڪيو ٽو انجنيئر جي منظوري ضروري آهي.

لوڪل گورنمينٽ مڪيم نقص: موجوده لوڪل گورنمينٽ نظام جي هڪ مکيه خامي 1957ع ۾ چيپل لوڪل گورنمينٽ رويو ۾ ڇاڻائي وئي آهي. انهي رويو ۾ اها تنقيد ڪئي وئي آهي ته جيستائين مرڪزي ۽ صوبائي حڪومتن جو تعلق آهي ته انهن ۾ بجيٽ ۽ ٽيڪسيشن جون تجويزون هڪ ئي وقت ٻاهيون ويندڙون آهن ۽ ٽيڪس تجويزون بجيٽ پاس ٿيڻ کان فوراً پوءِ لاڳو ڪيون ويندڙون آهن جڏهن ته لوڪل باڊيز ۾ بجيٽ ۽ ٽيڪس تجويزن ۾ اشتراڪ عمل (co_ ordination) نه هوندو آهي. اشتراڪ عمل جي انهي کوٽ سبب لوڪل باڊيز جو مالياتي نظام غير مستحڪم رهندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن بجيٽون انهي توقع تي ٻاهيون ويندڙون آهن ته ڪي ٽيڪس تجويزون ايندڙ سال کان لاڳو ٿي ويندڙون جڏهن ته اڪثر حالتن ۾ اهڙيون اميدون حقيقت جو جامو نه پهري سگهنديون آهن ۽ نتيجي ۾ لوڪل باڊيز جو آمدني وارو پاسو ڏاڍو متاثر ٿيندو آهي. هن وقت لوڪل باڊيز سال جي عجيب غريب وقتن تي ٽيڪس تجويزن تي غور پيون ڪنديون آهن. اهڙيون ٽئڪس تجويزون جيئن ته بجيٽ جي توقعات کان به عاري هونديون آهن تنهنڪري عوام انهن کي اهميت نه ڏيندو آهي ۽ انهن کي لاڳو ڪرڻ وقت سدائين مخالفت سامهون ايندي آهي.

ٽيڪس تجويزن جي منظوري ۽ انهن کي لاڳو ڪرڻ جو طريقي ڪار ڏاڍو ڏکيو آهي. ڪجهه حالتن ۾ ته تجويزون ورهين تائين عمل ۾ نه اچي سگهنديون آهن. اهڙو ڪو نظام ٻاهڻ گهرجي جنهن تحت سموريون ٽيڪس تجويزون گهٽ ۾ گهٽ وقت ۾ منظور ٿي سگهن.

اڇڪلهه لوڪل بوردن پاران جنهن نموني روڊن جي مرمت جو ڪم ٿي رهيو آهي عام راءِ ان مان مطمئن نه آهي ۽ لڳاتار اها گهر ٿي رهي آهي ته روڊن جو سمورو ڪم بوردن کان وٺي تعمير، مرمت ۽ بهتري لاءِ حڪومت جي پبلڪ ورڪس ڊپارٽمينٽ جي حوالي ڪيو وڃي. اڇڪلهه ملڪ ۾ وڏا روڊ پبلڪ ورڪس ڊپارٽمينٽ جي ڪنٽرول ۾ آهن ڊسٽرڪٽ بورڊ وڏن روڊن سان جُڙيل ننڍين ۽ ڏيلي روڊن جا نگران آهن.

ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊن ۾ ووٽ ڏيڻ جو حق، چيف آفيسر جا اختيار ۽ تعليم جو ڪنٽرول:

هيٺئين پيراگراف ۾ ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ ۾ ووٽ جي حق جي نوعيت، ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊن جي چيف آفيسر جي اختيارن ۽ ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊن هيٺ تعليم تي ڪنٽرول بابت وضاحت ڏيل آهي.

(i) ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊن جي چونڊن ۾ انهن ۾ ووٽ وجهندڙن بابت موجوده صورتحال اها آهي ته بورڊ ۾ في الوقت سيني بالغن کي ووٽ ڏيڻ جو حق مليل آهي. ايڪويهه ورهيه جمار رکندڙ هر اهو ماڻهو جيڪو گذري ويل جنوري مهيني جي پهرئين تاريخ تي جڏهن لسٽ ڇپي هئي انهي حلقي ۾ رهائش رکندو هو اهو پنهنجو نالو ووٽر رول ۾ لکرائڻ جو اهل آهي. ڪليڪٽر هر ڳوٺ جون ووٽر لسٽون جدا جدا پنهنجي رکارڊ ۽ گذريل فيصلن جي آڌار تي ٺهرائيندو آهي. اهڙيون لسٽون چونڊن لاءِ مقرر ڏيل تاريخ کان گهٽ ۾ گهٽ ٽي مهينا اڳ مقامي هولي ۾ ڇپرايون ويندیون آهن. ضلعي جو ڪليڪٽر بوقت ضرورت انهن لسٽن تي نظرثاني ڪندو آهي. هر حلقي جي ووٽر لسٽن ۾ مسلمانن ۽ غير مسلمانن جا نالا ڌار ڌار هوندا آهن. چونڊ جا سيئي مرحلا جهڙوڪ ووٽرلسٽن جي ڇپائي، عوام آڏو پيش ڪرڻ، انهن جو جائزو ۽ نامزدگي فارمن جي حتمي منظوري، ووٽن جي تاريخ، ووٽن جي ڳڻپ، نتيجن جو اعلان ۽ ڇپائي ڪليڪٽر ڪرائيندو آهي ۽ چونڊون به هوئي ڪرائيندو آهي.

(ii) چيف آفيسر وڏو انتظامي آفيسر هوندو آهي جيڪو بورڊ جي ماتحت ڪم ڪندو آهي. هن کي بورڊ پاران پاس ڪيل سيني حڪمن ۽ ٺهرائن کي عمل هيٺ آڻڻو هوندو آهي. بجيٽ تخمينا ٺاهڻ ۽ صدر ذريعي بورڊ کان انهن جي منظوري وٺڻ به هن جوئي ڪم هوندو آهي. هن کي بورڊ جي سموري عملي جي ڪمن تي نظرداري ۽ ڪنٽرول رکڻو پوندو آهي. بورڊ ۽ صدر جي پاران سموري خط ڪتابت ـ پر حڪومت سان نه ـ هن کي ئي ڪرڻي پوندي آهي. هن کي مهيني جا ڏهه ڏينهن گشت ڪرڻو پوندو آهي جنهن ۾ هو لوڪل بورڊ جي فنڊن تي هلندڙ سمورن ادارن جو جائزو وٺندو آهي ۽ چڪاس ڪندو آهي.

(iii) ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊن کي حڪومت پاران تعليمي گرانٽون فقط ثانوي تعليم لاءِ ملنديون آهن. گرانٽن جي توثيق انسپيڪٽر آف اسڪولز ڪندو آهي ۽ اهي مالي سال جي آخر ۾ ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جي فنڊن جي حساب ۾ داخل ڪيون ويندیون آهن. ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ ثانوي تعليم لاءِ حڪومتي گرانٽ جو انتظار ڪرڻ ڪانسواءِ پنهنجا فنڊ خرچ ڪندو آهي. پرائمري تعليم لاءِ گرانٽون ڊسٽرڪٽ انسپيڪٽر آف اسڪولز ورهائيندو آهي.

پرائمري تعليم تي ڪنٽرول حڪومت جو هوندو آهي، اسڪول بورڊ پهرئين اپريل 1948ع کان ختم ڪيا ويا آهن. هاڻي ڪي به اسڪول بورڊ نه آهن.

ميونسپالٽين ۾ ووٽ جو حق

لوڪل گورنمينٽ سينٽري ڪميٽيون: مقامي خود حڪومتن جا ڊسٽرڪٽ بورڊن کانسواءِ ٻيا ايڪا وليج سينيٽري ڪميٽيون، ميونسپالٽيون، نوٽيفائيڊ ايرياز Notified Areas ۽ ڪينٽونمينٽس آهن.

وليج سينيٽري ڪميٽيون: سن 1889ع جي ائڪٽ 1 ذريعي ڳوٺن جي گندگي لاءِ قانوني طريقہ ڪار مهيا ٿيڻ کان اڳ انهي مسئلي جي حل لاءِ ڇگو وقت غور وفڪر ٿيندو رهيو. انهي ائڪٽ جو ٻيون حصو چوندڙ ڳوٺن ۾ لاڳو ڪري شروعات ڪئي وئي. حڪومت 1894ع ۾ پنهنجي انهي خواهش جو اظهار ڪيو تہ ائڪٽ فقط اتي لاڳو ڪيو وڃي جتي انهي خواهش جو اظهار ڪيو وڃي ۽ تڏهن کان انهي اصول تي عمل ٿي رهيو آهي. انهي سان ائڪٽ جي عملڪاري جي دائري ۾ وسعت تي روڪ نہ پئي آهي ۽ هاڻي اهڙا 136 ڳوٺ آهن جن ۾ سينيٽري ڪميٽيون موجود آهن. اهو ائڪٽ ۽ انهي تحت ٺهندڙ قاعدن ۾ حالتن مطابق هلڻ جي ڇگي آزادي موجود آهي تنهنڪري ڪاميٽين جي تشڪيل ۽ انهن جي هلي چلي ۾ ڇگو تنوع ڏسي سگهجي ٿو. ڪاميٽي جي ميمبرن جو انگ ٽن کان ستن جي وچ ۾ هوندو آهي. تعلقي جو مختيار ڪار ۽ مقامي ميڊيڪل آفيسر جيڪڏهن هجي تہ عام طور ميمبر هوندا آهن. مختيارڪار چيئرمين هوندو آهي. پر ڪي اهڙيون ڪاميٽيون به هونديون آهن جن ۾ سرڪاري ميمبر نہ هوندو آهي. انهن ڪاميٽين جي عام طور مهيني ۾ هڪ ڳڏجاڻي ٿيندي آهي انهي هوندي به ڪجهہ ڏرين طرفان عدم دلچسپي ۽ بي ڏياني جون شڪايتون اچن ٿيون. جيستائي آمدني جو تعلق آهي تہ قانون اهو آهي تہ انهي جو اڌ ڳوٺ منجهان ڦوڙي ذريعي گڏ ڪيو ويندو آهي. لوڪل فين مان ٿيون حصو ڏنو ويندو آهي ۽ حڪومت ڇهون حصو ڏيندي آهي پر ڪجهہ ڳوٺن ۾ ڏنو ويو آهي تہ اڌ کان وڌيڪ رهواسي پريندا آهن جڏهن تہ ڪجهہ ڳوٺن ۾ اتان جو حصو گڏ ڪرڻ ۾ مشڪل ٿي ويندو آهي. اهو پئسو ڳوٺ کي صاف رکڻ لاءِ جمعدارن جي پگهارن، روشني جو انتظام ڪرڻ، جهنگ صاف ڪرڻ، پاڻي جا تلاءَ صاف ڪرائڻ، ڪوهہ ڪوٽائڻ ۽ ٻيا اهڙا صفائي سان لاڳاپيل ننڍا ننڍا ڪم ڪرائڻ تي خرچ ڪيو ويندو آهي. انهي ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ سينيٽري ڪاميٽين پنهنجن ڳوٺن جو صفائي جو معيار وڌايو آهي پر ايڏا گهٽو ڪم ٿيٽو آهي ۽ سينيٽري ڪاميٽين بابت اهو ئي فيصلو ڏئي سگهجي ٿو تہ اهو مجموعي طور گهٽو متاثر ڪندڙ نہ آهي ۽ ڪاميٽين ۾ به عام طور اهي ئي خاميون آهن جيڪي ميونسپالٽين ۽ لوڪل بورڊن ۾ آهن جتي شخصي رقابتون، گروهہ بندين ۽ مائٽ نوازي انهي ڇگي ڪم جي راهہ ۾ حائل ٿيندين آهن جنهن لاءِ اهي ادارا ٺاهيا ويا هئا.

لوڪل گورنيمنٽ ميونسپالٽيون:

سنڌ ۾ ڊسٽرڪٽ ميونسپل گورنمينٽ ٽن دورن ۾ اچي ٿي. پهريون 1878ع/ 1852ع کان جنهن دوران 1850ع جو ائڪٽ xxvi لاڳو رهيو. ٻيون 1878ع کان 1901ع جي دوران آهي. انهي دور تي 1873ع جو بامبي ائڪٽ vi (انهن ۾ وري 1884ع جي ائڪٽ ٻئين ذريعي ترميمون ٿيل) لاڳو آهي ۽ ڊسٽرڪٽ ميونسپل گورنمينٽ جو ٽيون دور سن 1901ع جي ڊسٽرڪٽ ميونسپل ائڪٽ iii متعارف ٿيڻ سان شروع ٿئي ٿو. انهي دور ۾ هڪ چوٽون مرحلو 1947ـ 1933ع به شامل ڪري سگهجي ٿو جو هندستان جي ٻين وڏين ميونسپالٽين جهڙوڪ بمبئي ۽ ڪلڪتي وانگر ڪراچي کي به 1933ع ۾ ميونسپل ڪارپوريشن ڪيو ويو. اهو دور 1947ع تائين هليو جو تڏهن ڪراچي کي پاڪستان جي مرڪزي سرڪار پنهنجي قبضي ۾ ورتو.

جيستائين پهرئين دور جو تعلق آهي تہ سن 1843ع ۾ سنڌ جي فتح کانپوءِ سرچارلس نيپيئر 1841ع جي ائڪٽ xxi تحت ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ Boards of Conservancy ناميا جيڪي گورنر کي قدرتي وسيلن جُي تحفظ بابت مشورا ڏئي سگھن. باقي سموري سنڌ ۾ شهرن کي صاف ڪرڻ جي ذميواري رهواسين ۽ مقامي عملدارن تي هئي. اها گڏيل ذميواري 1827ع جي بامبي ريگيوليشن xii جي شق 19 تحت ادا ڪري سگھبي هئي ۽ تڪليف پيدا ڪندڙ ماڻهن تي ڏنڊ وجهي سگھبا هئا. پر روڊ ناهي ڏيئ روشني، شهرن ۾ واٽر سپلاءَ جهڙا وڏا ميونسپل ڪم پنچايتن ۽ شهري ماڻهن لاءِ ڇڏيا ويا. خود حڪومت 1850ع ۾ ٿوري رقم مهيا ڪري ڏئي جيڪا ڪليڪٽر ۽ ڊپٽي مئجسٽريٽ ڏربعي روڊن، ڏرمشالائن ۽ کوهن جهڙن عوامي استعمال جي ڪمن تي خرچ ڪئي وڃڻي هئي. پر اهڙي سرڪاري امداد بلڪل ٿورو نائدو ڏئي سگھي. ترقي جي مڪيہ رڪاوٽ فنڊن جي کوٽ هئي. ڪجهہ شهرن جهڙوڪ حيدرآباد ۾ رواج هو تہ پنچايتون شهر ۾ ايندڙ سموري اناج تي ٿورو محصول وٺنديون هيون. ڪجهہ جاين تي معمولي پول ٽئڪس يا شادين تي ڏن ورتو ويندو هو ۽ انهي مان ٿيندڙ آمدني قدرتي وسيلن جي تحفظ تي خرچ ڪئي ويندي هئي. 8 ـ سيپٽمبر 1852ع تي 1850ع جو ائڪٽ xxvi پهريان ڪراچي ۾ لاڳو ڪيو ويو پوءِ انهي جو دائرو حيدرآباد، سکر، شڪارپور ۽ بين ڪيترن ئي شهرن تائين وڌايو ويو. اهو ائڪٽ ڪنهن بہ شهر تي اتان جي رهواسين جي اڪثريت جي واضح خواهش کانسواءِ نہ پيو لاڳو ڪري سگھجي. شهر جي مئجسٽريٽ ۽ مڪيہ رهواسين کي حڪومت ڪمشنر مقرر ڪري سگھندي هئي. پوءِ گهر ٽئڪس جو اختيار ورتو ويو ۽ اهڙن فنڊن کي خرچ ڪرڻ جو اختيار مڪمل طور ميونسپالٽين کي ڏنو ويو. عوامي آزار ڇاکي ٿو ڇڏجي انهي جي تشريح ۽ جيڪڏهن ضروري هجي تہ اهڙو ڏوهہ ڪندڙ کي سزا ڏيڻ جو اختيار پڻ ورتو ويو. سمورو اختيار سرڪاري آفيسرن جي هٿن ۾ ويڙهڻ کان بچڻ لاءِ سرڪار هدايت ڪئي تہ فقط اهي رٿون ئي بحال ڪيون وڃن جن جي حمايت ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٽي پاڪي چار اڪثريت هجي ۽ کو بہ اهڙو ڪم کان جنهن مئجسٽريٽ منع ڪري ۽ ڪمشنر جو گهٽ ۾ گهٽ چوٿون حصو اهو ڪم ڪرائڻ گهري تہ انهي بابت حڪومت کي آگاهي ڏني وڃي. اسڪول مهيا ڪري ڏيڻ ميونسپالٽين جي ڪم جو حصو نہ هو ڇاڪاڻ تہ گورنمينٽ جو رايو هو تہ اسڪولن کي اهڙا ميونسپل ادارا نہ سمجهيو وڃي جن جا خرچ ميونسپل جي انهن فنڊن مان پريا وڃن جيڪي عام ميونسپل ڪمن لاءِ گڏ ڪيا وڃن ٿا. پر ڊسپينسرين هلائڻ تي کو بہ اعتراض نہ اٿاريو ويو ڇاڪاڻ تہ اهي سيني طبقن جي ماڻهن لاءِ دستياب هيون ۽ عام استعمال جي ڪارج جون هيون. گهر ٽيڪس جيڪو سڀني غير مقبول رهيو هو انهي جي منڊ ڪان ئي ڪيترين ميونسپالٽين مخالفت ڪئي. آمدني جا مکيہ ذريعا چنگي (Octroi) ۽ ان ٽئڪس (Wool Tax) هئا. ڪيترائي اسم جهڙوڪ آئيم لوڻ ۽ ديسي شراب جن کي هاڻي خاص تحفظ مليل آهي انهن تي ٽئڪس لڳندو هو. سن 1872ع تائين امپورٽ توڙي ايڪسورٽ تي چنگي محصول ڪيدارن کي ڏنل هوندو هو. انهي سان گڏوگڏ هينين سيني يا ڪجهہ اسمن جي آمدني ميونسپالٽين کي

ڏني ويندي آهي. ڪنهن متعين رقم تائين لاءِ دعويٰ ملڪيت جي وڪري مان ٽيندڙ آمدني، ريگيوليشن xii ۽ 1841ع جي ائڪٽ xxi تحت ميونسپل ڊنڊ، رجسٽريشن فين مان بچت سن 1850ع جي ائڪٽ xxvi ۽ 1871ع جي ۽ بامبي ائڪٽ I ذريعي ترميم ڪئي وئي انهي ذريعي ميونسپالٽين تي اهو محصول لاڳو ڪيو ويو ته هو پنهنجي مجموعي آمدني جو هڪ حصو جيڪو ويهه سيڪڙي کان وڌيڪ نه هجي. ٽائون پوليس جي خرچن جي مد ۾ ادا ڪن. انهي قانون کي 1873ع جي بامبي ائڪٽ vi منسوخ ڪيو جيڪو سنڌ صوبي ۾ پهرئين آڪٽوبر 1878ع کان لاڳو ڪيو ويو.

سڀ کان آخري قانون تحت ميونسپالٽين کي سڌي ۽ ٽائون ميونسپالٽين ۾ ورهايو ويو هو. سڌي ميونسپالٽيون جن ۾ فقط چونڊ جو اصول لاڳو هوندو هو اهي نسبتاً ٿوريون هونديون هيون ۽ ٽائون ميونسپالٽيون مڪمل طور ٽاڪيل ميمبرن تي ٻڌل هونديون هيون. نئين قانون تحت ڪجهه سرڪاري ملڪيت به ميونسپالٽين کي ڏني وئي هئي جن کي وڌيڪ اختيار ڏئي ٽيڪسن ذريعي فنڊ گڏ ڪرڻ جو حق ڏنو ويو هو. اهي فنڊ عوامي صحت، تحفظ ۽ سهوليت جي ڪمن تي خرچ ڪيا وڃڻا هئا. ميونسپالٽيون جيڪي پوليس جا خرچ پريندڙ هيون اهي به پوليس جي خرچن جي اڌ تائين محدود ڪيا ويا. 1875ع جي بامبي ائڪٽ vi (1884ع جي بامبي ائڪٽ II جي ذريعي ترميم ڪيل) ميونسپل حڪومت ۾ ڪجهه اهم تبديليون متعارف ڪرايون. انهن مان سڀ کان اهم تبديلي اها هئي جو چونڊ واري اصول کي وسعت ڏني وئي هئي. ميونسپالٽين کي پوليس جا خرچ پرڻ کان آجو ڪيو ويو هو ۽ انهن کي مدل ۽ پرائمري اسڪول کولڻ ۽ هلائڻ کان به آزاد ڪيو ويو هو. موجوده 1901ع واري ميونسپل ائڪٽ III جي عمل ۾ اچڻ سان ميونسپل جي واڌ ويجهه ۾ هڪ نئون مرحلو آيو. هن ائڪٽ ۾ ٻين مسئلن سميت انهن ميونسپل ڪائونسلرن بابت به شق رکيل هئي جيڪي ميونسپالٽي طرفان موڪل ڪانسواءِ چئن مهينن تائين هڪ شريڪ نه ٿي سگهن ۽ گڏوگڏ بلحاظ عهده (ex_ officio) ڪائونسلرن ۽ صدرن جي چونڊ، ٽرسٽ جو انتظام ڪرڻ ۽ هاجيڪار بيمارين ۽ ميونسپل جي ٽئڪس بابت جاڻ عام ڪرڻ بابت به صراحتون ٿيل هيون. هاڻي ميونسپالٽيون انهي لاءِ پابند هيون. پنهنجا قانوني فرض پورا ڪرڻ لاءِ ڪافي بچاءِ جوگو بندوبست ڪن ۽ جيڪڏهن حڪومت انهن کان اهڙي گهر ڪري ته ميونسپل جي حد جي ڪنهن به اسپتال يا پاڳل خاني ۾ ڪوڙهين ۽ چرين جي علاج جو بندوبست ڪن. انهي قانون جي پنجاب ائڪٽ مان اڌاري ورتل هڪ خصوصيت اها هئي ته جيڪي علائقا ايترا وڏا يا اهم نه هجن جتي ميونسپالٽيون ناهي سگهجن تہ اتي (Notificd area) ناهڻ جو اختيار ڏنو ويو هو. هاڻي سنڌ ۽ خيرپور ۾ اڌ ميونسپالٽيون آهن. وقت گذرڻ سان ڪيتريون ئي ننڍيون ميونسپالٽيون ختم ٿي ويون ۽ ڪجهه نيون ناهيون ويون. اهڙي طرح 1884ع کان 1894ع واري ڏهاڪي دوران نو ننڍيون ميونسپالٽيون ختم ڪيون ويون ۽ هڪ وڌيڪ وري 1904_ 1894ع واري ڏهاڪي ۾ ختم ڪئي وئي. چونڊ لاءِ ووٽ وجهڻ جو حق 85/ 1884ع ۾ ڪراچي، حيدرآباد، شڪارپور ۽ سکر تائين ۽ 86/ 1885ع ۾ ڪوٽڙي ۽ جيڪب آباد تائين وڌايو ويو.

ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن: سن 1933ع ۾ قائم ٿيل ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن ميونسپل جي اوسر جي چوٽين دور سان تعلق رکي ٿي. جيئن ته اها ڪارپوريشن 1947ع تائين سنڌ جو حصو هئي تنهنڪري هن گزيٽيئر ۾ هن بابت ڪجهه بيان ڏيڻ ضروري آهي. ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن کي اهو وڏايل درجو 1933ع ۾ ڏنو ويو جو تڏهن انهي لاءِ هڪ جدا ائڪٽ عمل ۾ آندو ويو. اڳ ۾ اها ميونسپالٽي هوندي هئي جيڪا 1901 جي بامبي ڊسٽرڪٽ ميونسپل ائڪٽ تحت هلندي هئي ۽ انهي ۾ هيٺيون اختياريون هونديون هيون.

1. ڪائونسل (صدر نائب صدر ۽ چونڊيل ۽ ٽائيل ڪائونسلرن تي ٻڌل)

2. چيف آفيسر: ميونسپالٽي جي عملدارن کي بامبي ڊسٽرڪٽ ميونسپل ائڪٽ 1901 تحت مليل اختيارن جي لسٽ ضميمي ۾ ڏنل آهي.

سٽي آف ڪراچي ميونسپل ائڪٽ 1933ع لاڳو ٿيڻ جي نتيجي ۾ انتظام ۾ مکيه تبديليون اهي آيون جو هاڻي ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن هڪ خود مختار سرڪاري ادارو آهي جيڪو هيٺين اختيارين تي ٻڌل آهي:

1. ڪارپوريشن: هڪ سو ميمبرن تي ٻڌل آهي (ميمبر، ڊپٽي ميئر، 94 چونڊيل ميمبر ۽ ڪراچي پورٽ ٽرسٽ، ڪراچي امپرو ومينٽ ٽرسٽ، ڪراچي جنائنٽ واٽربورڊ ۽ پورٽ حج ڪاميٽي مان هڪ هڪ نمائندو.)

2. اسٽئنڊنگ ڪميٽي: 16 ميمبرن تي مشتمل.

3. چيف آفيسر: صوبائي حڪومت جي منظوري سان ڪارپوريشن پاران مقرر ڪيل انتظامي سربراهه.

حڪومت پاڪستان 1948ع ۾ هڪ آرڊيننس جاري ڪيو ته ڪارپوريشن کي جيڪڏهن ڪنهن به وقت پنهنجي ڪم ڪار ۾ نا اهلي ڪندي ڏنو ويو يا اها انهي ائڪٽ تحت عطا ڪيل ذميوارين جي ادائيگي ۾ لڳاتار ناڪام ٿيندي نظر آئي ته انهي ائڪٽ تحت صوبائي حڪومت ڪارپوريشن کي توڙي (dissolve) ڇڏڻ جو اختيار رکي ٿي. جڏهن ڪارپوريشن ٽٽي وئي ته سڀ ڪائونسلر پنهنجو عهدو ڇڏي ڏيندا ۽ ڪارپوريشن، اسٽئنڊنگ ڪميٽي ۽ چيف آفيسر جا سڀ فرض ۽ اختيار صوبائي حڪومت پاران مقرر ڪيل ميونسپل ڪمشنر سرانجام ڏيندو.

قائونني ذميواريون

(1) عام گهٽين، جاين ۽ عمارتن ۾ روشني جو بندوبست ڪرڻ

(2) گهٽين ۽ عوامي جاين تي پاڻي جو بندوبست ڪرڻ

(3) عام گهٽين جاين ۽ نالين ۽ اهڙين سيني جاين جي صفائي سترائي جو بندوبست ڪرڻ جيڪي ڪنهن جي خانگي ملڪيت نه آهن ۽ جيڪي عوام جي تفريح لاءِ کليل آهن. پلي اهڙيون جايون

ميونسپالٽي جي ملڪيت هجن يا نہ نقصانڪار گند گاهه پٽرائڻ ۽ عوام کي آزاريندڙ شين، ڳالهين کي ختم ڪرڻ.

(4)باهيون وسائڻ ۽ جڏهن به باهه لڳي ته جانين ۽ ملڪيتن جو تحفظ ڪرڻ.

(5) هاڪيڪار واپار ۽ هاڪيڪار ڪمن کي روڪڻ يا انهن لاءِ ڪي قاعدا جوڙڻ.

(6) عوامي جاين، گهٽين ۽ اهڙين جاين جيڪي ڪنهن جي خانگي ملڪيت نہ هجن اتان رڪاوٽون ختم ڪرڻ پوءِ پلي اهڙيون جايون ميونسپالٽي يا هزميجسٽي جي دائره ڪار ۾ نہ هجن.

(6) خطرناڪ عمارتن کي هٽائڻ، خطرناڪ جاين کي محفوظ بنائڻ ۽ غير صحت بخش علائقن ۾ سڌارا آڻڻ.

(7) مردا ساڙڻ يا دفنائڻ جون جايون حاصل ڪرڻ، هلائڻ، تبديل ڪرڻ ۽ انهن کي قاعدي سان هلائڻ.

(8) گهٽيون، موريون، ميونسپل بائونڊري نشان مارڪيٽ، ڪوس گهر، ڪاڪوس، پيشاب جون جايون، نالين، نيڪال جا تلاءَ، حمام ڏوبي گهاٽ، پاڻي جا چشما، کوهه ڊيم ۽ ٻيا اهڙا ڪم ڪرائڻ انهن ۾ ردوبدل ڪرائڻ ۽ انهن کي هلائڻ.

(9)اهڙي پاڻي جي واڌو سپلاءِ حاصل ڪرڻ جيڪو رهواسين جي صحت لاءِ هاڪيڪار نہ هجي جڏهن اهڙي واڌو سپلاءِ واجبي قيمت تي ملي سگهي.

(10) گهٽين جا نالا رکڻ ۽ گهرن تي نمبر هڻڻ.

(11) جنم ۽ موت جو رکارڊ رکڻ.

(12) ٽڪا هڻڻ

(13) ٽڪن (vaccination) جي تياري لاءِ گهربل طوبت (Lymph) حاصل ڪرڻ لاءِ ميونسپل جي حلن ۾ ڳئون مينهون ۽ ڦر دستياب ڪري رکڻ.

(14) سرڪاري اسپتالون ۽ ڊسپينسريون قائم ڪرڻ ۽ هلائڻ ۽ عوام کي طبي امداد پهچائڻ

(15) پرائمري اسڪول کولڻ ۽ هلائڻ

(16) ضلعي جي ميونسپل جي بابت اهڙيون سرڪاري رپورٽون ڇپرائڻ جيڪي حڪومت عام يا خاص حڪمن تحت ميونسپالٽي کي پيش ڪرڻ لاءِ چوي.

(17)پگهار ڊيڊ ۽ اهڙن اتفاقي خرچن جو پورائو ڪرڻ جيڪي حڪومت بامبي ڊسٽرڪٽ پوليس ائڪٽ 1890ع جي سيڪشن 77 هيٺ حڪومت چوي.

(18) خطرناڪ بيمارين جي وقت خاص طبي امداد ۽ رهائش فراهم ڪرڻ ۽ اهڙا اپاءَ وٺڻ جيڪي بيماري کي منهن ڪيڻ کان روڪين ۽ ان کي دٻائي ڇڏين

(19) ڏکار يا آن جي کوٽ جي وقت ميونسپل ضلعي جي حدن اندر نادار ماڻهن کي امداد ڏيڻ ۾ امدادي ڪم هلائڻ.

(20) کوڙهين ۾ چرين جو علاج

صوابديدي ڪم

(1) ڪا ايراضي جنهن تي اڳ ۾ اڏاوتون هجن يا نه اتي عام لنگهه جي لاءِ گهٽيون ناهڻ ۾ انهي مقصد لاءِ زمين وٺڻ

(2) پبلڪ پارڪ، باغ، ڪتب خانا، پاڻل خانا، آفيسن جون عمارتون، ڏرمشالا، ريسٽ هائوس ۽ ٻيون عوامي عمارتون ٺهرائڻ

(3) تعليمي مقصدن کي اڳتي وڌائڻ ماسواءِ انهن جي جيڪي سيڪشن 54 جي ذيلي شق (p) ۾ ڏنا ويا آهن.

(4) روڊن جي پاسن توڙي ٻين جاين تي وڻ پوکرائڻ.

(5) آدمشماري ڪرائڻ ۽ اهڙي جاڻ فراهم ڪرڻ تي انعام ڏيڻ جنهن سان اهم انگن اکرن جي درست داخلا ٿي سگهي

(6) سروي ڪرائڻ.

(7) ڪنهن به وظيفي خوريا اعزازي مئجسٽريٽ جي پگهار، الائونس، مسواڙ ۾ ان جي عدالت هلائڻ تي ايندڙ خرچ يا انهن جو ڪو حصو فراهم ڪرڻ.

(8) ميونسپل حدن جي اندر ڪتا مارڻ بند ڪرڻ يا بچائڻ جا انتظام ڪرڻ.

(9) سيڪشن 151 جي سب سيڪشن (1) ۾ ذڪر ٿيل اڻ وٽندڙ واپار لاءِ مناسب جايون وٺڻ يا وٺڻ ۾ مدد ڏيڻ.

(10) سينيٽري بورڊ طرفان منظور ٿيل عام نظام سان مطابقت رکندڙ نل، پائيپ، فٽنگ ڏيڻ، ناهڻ يا هلائڻ جن جي ذريعي گندو پاڻي خانگي جاين مان نڪري ميونسپالٽي جي ڪنٽرول وارين نالين ۾ اچي.

(11) ٻيا اهڙا ڪي قدم کڻڻ جن جي سيڪشن 54 ۾ صراحت ٿيل نه آهي جن ذريعي عوام جي صحت، تعليم، سهوليت ۽ بچاءَ کي هٿي ملي سگهي.

(12) ميونسپل حدن ۾ ڪمشنر يا ٻين حالتن ۾ ڪليڪٽر جي رضامندي سان ڪنهن عوامي آجيائي تقريب، تفريح يا نمائش جو بندوبست ڪرڻ.

(13) مٿي ڳالهايل ڪمن سان گڏوگڏ ائڪٽ ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن جي دائري ڪار ۾ ايندڙ ڪي وڌيڪ ڪم به ڪرائڻا آهن.

هدايتي ڪم

1. هيٺين ادارن جي تنظيم، بندوبست ۽ هلائڻ.

(الف) شهر يا شهر کان ٻاهر بيمارن يا لاعلاج مريضن جي نگهداشت جا ادارا يا نابينن ۽ ٻين جزوي طور معذور ماڻهن يا ٻارن جي نگهداشت يا تربيت جا ادارا.

(ب) ويمر گهر يا اجها، ڊسپينسريون، اسپتالون ۽ ٻارن لاءِ کير جا ڊيپو.

(ج) شهريا شهر کان ٻاهر پاڻي، غذا يا دوائن جي ڇڪاس ۽ تجزيي لاءِ کيميا وي يا بيڪٽريائي ليبارٽريون قائم ڪرڻ جيڪي بيمارين جي کوجنا ۽ عوامي صحت سان لاڳاپيل تحقيق ۾ مدد گار ٿين.

(د) عوامي حمام يا ٻيا کي ادارا جن جو مقصد عوام جي صحت جي بهتري هجي.

(هه) عوامي صحت، کارپوريشن جي فائدي يا جانورن جي افزائش يا پوک ۽ فصلن ۾ تجربن لاءِ شهريا شهر کان ٻاهر کيرجا واڙا يا فارم ٺاهڻ.

(2) تعليمي مقصدن جي واڌويجهه ماسواءِ انهن جي جيکي سيڪشن 34 جي فقري 26 ۾ بيان کيا ويا آهن.

(3) هيٺين قسمن جون جايون ٺهرائڻ، خريد ڪرڻ ۽ هلائڻ.

(الف) ميونسپل آفيسرن يا نوڪرن جو رهائشون.

(ب) غريب ۽ محنت ڪش طبقن لاءِ مناسب رهائشون.

(ج) عام رواجي سوارين يا گاڏين ۾ ڪتب ايندڙ گهوڙن يا عام رواجي وهٽن لاءِ صاف ستڙا طنبيلا يا سوئا ڏيڪين لاءِ صاف واڙا ٺهرائڻ.

(4) عوام جي سهوليت لاءِ ٽرام وين ٽرئڪ ليس ٽرامون، يا موٽر ٽرانسپورٽ ونڊ، ٺاهڻ، هلائڻ ۽ انهن جو بندوبست رکڻ.

(5) پبلڪ پارڪ، باغ، تفريحي ميدان تيار ڪرڻ، هلائڻ ۽ روڊن جي پاسن يا ٻين جاين تي وڻ پوکڻ ۽ انهن جي سنيال ڪرڻ.

(6) عام رستن تي انسانن جي پيئڻ لاءِ سبيلون ۽ جانورن جي پيئڻ لاءِ پاڻي جا حوض ٺهرائڻ ۽ هلائڻ.

(7) عام لنگهه جون نيون گهٽيون ٺاهڻ.

(8) ڪتب خانن، عجائب گهرن، آرٽ گيلرين، نباتاتي يا حيواني ذخيرا قائم ڪرڻ، هلائڻ ۽ انهن لاءِ عمارتون ٺهرائڻ يا خريد ڪرڻ.

(9) زرعي، صنعتي، سائنسي ميلا ۽ نماشون يا ورزشي راندين جا معرڪا ڪرائڻ.

(10) عوامي يا ٻارڙن جي پلائي جي ڪمن کي هٿي وٺرائڻ

(11) ڏکار جي وقت زندگي لاءِ ضروري شين جا دڪان يا اسٽال هلائڻ.

(12) جانورن تي بي رحمي جي روڪٽام ڪرڻ. پروينشن آف ڪروئلٽي ٽو اينيملز ائڪٽ 1890ع جي سيڪشن (6) سب سيڪشن (2) تحت بيمار ۽ معذور جانورن لاءِ جايون ٺهرائڻ ۽ هلائڻ.

(13) تڪليف ڏيندڙ پکي، جانور يا جيت ختم ڪرڻ ۾ رولو ڪتا ڪنهن جاءِ ۾ بند ڪرڻ يا مارڻ.

(14) شهر يا شهر کان ٻاهر تڪليف ۾ ورتل انسانن جي امداد لاءِ گڏ ٿيندڙ عوامي فنڊ ۾ حصو ڏيڻ

(15) عام جاين يا عوامي تفريحي جاين تي موسيقي.

(16) عوامي تقريبون ۽ تفريحون بشمول نامياري ماڻهن کي سپاسنامو پيش ڪرڻ.

(17) ڪو بينيوولينٽ فنڊ يا بينيفٽ سوسائٽي ٺاهڻ، ان جي واڌ ويجهه ۾ حصو وٺڻ يا ان جي سهائتا ڪرڻ جنهن جي مقصدن ۾ غريبن يا محنت ڪش طبقن لاءِ ڪا رهائش گاهه ٺاهڻ، هلائڻ يا ان جي بهتري هيٺين مان ڪنهن هڪ يا سيني ذريعن سان:

(الف اهڙي ڪنهن سوسائٽي کي زمين وڪرو ڪري يا ليزتي ڏيڻ لاءِ زمين حاصل ڪرڻ.

(ب) انهي کي گرانٽ يا قرض ڏيڻ.

(ج) انهي ۾ ڪنهن Share_ Capital لاءِ حصو ڏيڻ.

(د) اهڙي ڪنهن سوسائٽي پاران قرض طور ورتل رقم تي وياج جي ادائيگي جي ضمانت ڏيڻ.

(د) اهڙي ڪنهن سوسائٽي پاران قرض طور ورتل رقم تي وياج جي ادائيگي جي ضمانت ڏيڻ.

(18) ايمبولينس سروس هلائڻ.

(19) ڪا ڪيمپ ٿهرائڻ.

(20) بجلي يا گئس سپلاءِ لاءِ ڪجهه خريد ڪرڻ يا اهڙي ڪابه شي شروع ڪرڻ يا ان جي سهائتا ڪرڻ جيڪا عوام جي عام فائدي ۾ هجي.

(21) ميونسپل جي ملڪيت جي تحفظ لاءِ فائر انشورنس فنڊ قائم ڪرڻ.

(22) ورڪ مين ڪمپينسيشن فنڊ قائم ڪرڻ ۽ هلائڻ.

(23) مٿي ذڪر ڪيل ڪنهن به مقصد لاءِ غير منقوله جائيداد حاصل ڪرڻ يا اهڙي ڪنهن جائيداد جي سروي يا چڪاس جي قيمت ڏيڻ يا اهڙن مقصدن لاءِ ضروري عمارتون ٿهرائڻ يا انهن ۾ رد بدل ڪري ضرورت مطابق ڪرائڻ.

(24) اسڪالرشپ ڏيڻ بشرطيڪ جيڪڏهن اهڙي ڪا اسڪالرشپ شهر کان ٻاهر ڏيڻي پوي ته اها جملي ڪائونسلرن جي اڌ تعداد پاران پاس ڪيل ٺهراء ڪانپوءِ ڏني وڃي.

(25) ڪارپوريشن جي اهڙن ملازمن کي جايون ٿهرائڻ لاءِ قرض ڏيڻ جيڪي 200 روپيا ماهوار کان وڌيڪ پگهار نه ڪڍندا هجن يا اهڙن شرطن هيٺ جيڪي پوءِ تجويز ڪيا وڃن.

25(الف) اهڙو ڪو اقدام جنهن جي سيڪشن 34 ۾ صراحت نه ٿيل هجي ۽ اهو عوام جي صحت، سهوليت ۽ تحفظ ۾ معاون هجي.

لوڪل گورنمينٽ سڌارا: پاڪستان جي نهڙ کان وٺي لوڪل سيلف گورنمينٽ جي دائري ۾ حالتون تمام جلد پئي تبديل ٿيون آهن ۽ انهي مسئلي تي تمام گهڻو ڏيان ڏنو ويندو رهيو آهي ته اهڙو ڪو نظام پروان چڙهائجي جيڪو گذريل صدي کان موجود نظام کان وڌيڪ اطمينان بخش هجي حڪومت پاڪستان جي 60 ـ 1955ع واري پهرئين پنج سالا پلان مطابق لوڪل سيلف گورنمينٽ ادارن جي ڪار وهنوار خصوصاً انهن جي مالیات ۽ انهن جي ملازمن جي حالتن بابت هڪ انڪوائري ڪرائي ويچي جنهن جو مقصد بهتري جا اپاءَ تجويز ڪرڻ هجي. غلط انتظام جا ٻه مکيه سبب آهن: اهم عهدن تي رهندڙ ماڻهن جي تعليم، تجربي ۽ سکيا جو نسبتاً گهٽ معيار ۽ روزاني ڪاروهنوار ۾ ميمبرن جي مداخلت جنهن جو محرڪ ٻه شخصي يا گروهي مفاد هوندا آهن. انهي ڳالهه تي ٻه زور ڏنو ويو آهي ته صوبائي حڪومت سيڪريٽرين، ايگزيڪيوٽو آفيسرن، ميونسپل انجنيئرن، پبلڪ هيلٿ آفيسرن، ملڪيتن جي قيمتن جي ڪٽ ڪندڙن ۽ اڪائونٽس آفيسرن جهڙن عهدن لاءِ مناسب سکيا ورتل صوبائي ڪيڊر تيار ڪرڻ ۾ لوڪل باڊيز جي مدد ڪري. ٻيو طريقو جيڪو مددگار ٿي سگهي ٿو اهو هي آهي ته اهم آفيسرن جي اختيارن جي وضاحت ۽ تعين ڪرڻ گهرجي. انهي سان ميمبرن پاران اهڙن ڪمن ۾ مداخلت ڪرڻ جي حوصلہ شڪني ٿيندي جن سان انهن جو ڪو واسطو نہ آهي. جديد رياست ۾ حڪومت جي وڌندڙ پيچيدگي سبب لوڪل باڊيز ۽ صوبائي حڪومت جي وچ ۾ مناسب لاڳاپن تي سنجيدگي سان ڏيان ڏنو پيو وڃي. پنج سالا پلان ۾ ڪيترين ئي تجويزون ڏنل آهن. ضلعي آفيسرن ۽ ترقياتي ڪاتن جي سربراهن کي لوڪل باڊيز جي جلدي جلدي چڪاس واري روايت کي نئين سر جيارڻ گهرجي ۽ پنهنجا انسپيڪشن نوٽ سندن رهنمائي لاءِ لوڪل باڊيز ڏانهن موڪلڻ گهرجن. لوڪل باڊيز جي بجيٽ جي انگن اکرن کي ڏسندي آفيسرن کي ترقياتي ڪاتن کان رايا وٺڻ گهرجن جيئن اها خاطري ٿي سگهي ته بجيٽ تجويزون عام پاليسين ۽ پروگرامن سان هم آهنگ آهن. ضلعن ۾ مختلف سطحن تي جيڪي ترقياتي ۽ مشاورتي ادارا ٺهڻا آهن لوڪل باڊيز کي انهن ۾ نمائندگي ملڻ گهرجي. صوبائي حڪومت کي پنهنجا سوشل سروس جا پروگرام جهڙوڪ پرائمري ۽ سيڪنڈري اسڪول، پبلڪ هيلٿ اسڪيمون، ڳوٺاڻيون ڊسپينسريون، جانورن جي علاج جا مرڪز ارين ڪميونٽي ڊيولپمينٽ سينٽر ۽ معذورن جي ادارن لاءِ لوڪل باڊيز کي وڌ ۾ وڌ ڪتب آڻڻ گهرجي.

• **لوڪل گورنمينٽ چانوٽيون:** لوڪل سيلف گورنمينٽ جو ڇوٽين قسم جو ايڪو چانوٽي (Catonment) آهي. برطانوي فتح جي وقت قائم ٿيل فوجي چانوٽين مان فقط ڪراچي واري اڄ تائين موجود آهي. هڪ چانوٽي 1847ع ۾ جيڪب آباد ۾ قائم ڪئي وئي هئي جو ميجر جيڪب کي تڏهن سرحد جو انچارج مقرر ڪيو ويو هو ۽ هن اتي پنهنجو هيڊڪوارٽر ٺاهيو هو. منوڙي کي 1903ع ۾ ڪينٽونمينٽ ٺاهيو ويو. اهي سيئي هاڻي 1889ع جي ڪينٽونمينٽ ائڪٽ xii جي ماتحت آهن ۽ انهن جو ڪنٽرول 1899ع جي ڪينٽونمينٽ ڪوڊ تحت ٺاهيل ڪميٽين وٽ هوندو آهي. اهي ائڪٽ تحت

لاڳو ڪيل ٽئڪسن مان پنهنجي آمدني حاصل ڪندڙن آهن ۽ اها آمدني قدرتي ماحول جي تحفظ روڊن جي سار سنڀال ۽ ٻين ضروري ڪمن تي خرچ ڪئي ويندي آهي. ڪراچي ۽ اڳ ۾ حيدرآباد ۾ به ڪينٽونمينٽ ڪميٽيون ميونسپالٽي سان هڪ قسم جو بندوبست ڪري چڏيندڙن هيون جنهن تحت ڪينٽونمينٽ ۾ رهواسين پاران ادا ٿيندڙ ڪجهه محصولن جو حساب ميونسپالٽي ڪينٽونمينٽ ڪميٽي کي ڪا سالياني ادائيگي ڪري برابر ڪري چڏيندي هئي.

سن 1957ع جي لوڪل گورنمينٽ رويو ۾ ڪينٽونمينٽ بورڊن ۽ ميونسپل ڪميٽين جي وچ ۾ لاڳا پن کي ڪجهه توجهه ڏني وئي آهي. انهي رپورٽ ۾ آهي ته پاڪستان جي آئين تحت لوڪل سيلف گورنمينٽ مرڪزي معاملو آهي. ڪينٽونمينٽ بورڊ سڀ کان اڳ انهي لاءِ قائم ڪيا ويا هئا جيئن جن علائقن ۾ فوجي سپاهي رهن ٿا اتي سهوليتون ڏنيون وڃن. وقت گذرڻ سان چانوڻين جون حدون وڌايون ويون جيئن انهن ۾ اهڙا سول علائقا به شامل ڪري سگهجن جيڪي فوجي مقصدن جي لاءِ گهٽي اهميت وارا نه هئا. برطانوي دور ۾ ميونسپل ڪميٽيون گهٽيون سگهاريون نه هونديون هيون ۽ تنهنڪري اها ڳالهه ميونسپل جي مقصدن جي لحاظ کان اهميت واري نه هئي ته اڪثر چانوڻين جون حدون ڪيئن وڌايون ٿي ويون. پاڪستان جي جنم ڪانپوءِ صورتحال ۾ قيرواچي ويو آهي. هاڻي ميونسپل ڪميٽين کي وڌندڙ شهري ادارن جي صورت ۾ اوسر وٺي پوندي ۽ ترقي جي عمل ۾ هاڻي اها ڳالهه محسوس ڪئي وڃڻ لڳي آهي ته ميونسپالٽين ۽ انهن سان لاڳو چانوڻين جي وچ ۾ غير سائنسي سرحدن سب کي رڪاوٽون درپيش اچي رهيون آهن. چانوڻين جون حدون ڪيترا سال اڳ مقرر ڪيون ويون هيون ۽ اهي حدون مقرر ڪرڻ وقت تڏهوڪين احتيارين جي ذهن ۾ جيڪي ڳالهيون هيون اهي اڄ جي تبديل ٿيل حالتن ۾ اهميت نه ٿيون رکن. اها ڳالهه ڪينٽونمينٽ بورڊن ۽ پڻ ميونسپل ڪميٽين جي فائدي ۾ ٿيندي ته ڪنهن منطقي اصول جي بنياد تي حدون نئين سر مقرر ڪيون وڃن. هن گزيٽيئر جو مرتب سنڌ ۾ فوجي چانوڻين بابت هڪ بيان لاءِ سرپيٽرڪ ڪيڊل سي. ايس. آءِ. وي. ڊي. جو نهايت ٿورائتو آهي. اهو بيان هيٺ ڏجي ٿو:

سنڌ جو صوبو هندستان جي ڪمپني جي حڪومت جي علائقن ۾ ضم ٿيڻ تائين سموري صوبي ۾ گهمندڙ فوجين جون ڪيمپون ۽ اڏا عارضي نوعيت جا هوندا هئا. انهن مان ڪيترائي ننڍي جهڙن غير صحت بخش علائقن ۾ هوندا هئا ۽ خاص طور بمبئي واريون رجمينٽون بخار سبب ڪنهن ڪم جون نه رهنديون هيون. فتح ڪانپوءِ به جڏهن سر چارلس نيپيئر گورنر هو، ٻارنهن کان سورهن هزارن تائين فوج رکي ويندي هئي. انهي جو هڪ سبب ته اهو هو ته افغانستان مان ڪاهه جو اٽلڪو خدشو موجود هوندو هو جڏهن ته اصل سبب پنجاب جي طاقتور سک فوج جو خطرو هو. ڪيترائي فوجي اڏا غير صحت بخش جاين تي هوندا هئا ۽ سڪر جهڙين جاين تي ته تمام گهٽي گرمي هوندي هئي. 78 هين هائلينڊرز ته بخار ۽ ڪالرا سبب ڏاڍو پوڳيو. سکن جو زور ٽٽڻ سان سنڌ ۾ وڏي فوج رکڻ جي ضرورت ختم ٿي وئي. نيپيئر پاران قائم ڪيل اڏن مان فقط ڪراچي ۽ حيدرآباد ئي چانوڻين جي حيثيت ۾ موجود آهن. شڪارپور واري چانوڻي

اٽويهين صدي جي سٺ واري ڏهاڪي ۾ ختم ڪئي وئي (شڪارپور اپرسنڌ جو اصلوڪو گادي جو هنڌ هو) اها جاءِ اصل کان غير صحت بخش رهي هئي ۽ سرحد جي حفاظت جو بندوبست جان جيڪب پاران 1847ع ۾ خانڱڑھ ۾ قائم ڪيل اسٽيشن ذريعي ٿي ويو. خانڱڑھ تي پوءِ جان جيڪب جو نالو پيو. انهي جاءِ تي چڱي فوج رکي وبندي هئي جيڪا بلوچستان ۾ ڪوئيٽا کي مکيہ طاقتور مرڪز ٺاهڻ سان گهٽائي وئي. پهرئين جنگ عظيم کانپوءِ جيڪب آباد ۾ ملٽري اسٽيشن ختم ڪئي وئي.

ڪراچي کي جيئن ته صوبائي حڪومت جو گادي جو هنڌ چونڊيو ويو هو تنهنڪري رجمينٽل لائينز اسلحہ خاني ۽ آفيس ۽ بنگلن لاءِ وڏي ايراضي الاٽ ڪئي وئي. بالائي هندستان جي اسٽيشن ڏانهن ويندڙ ۽ سمنڊ ذريعي پهچندڙ ۽ سمنڊ ذريعي واپس ويندڙ يورپي سپاهين لاءِ ڊپو لائينز (Depot Lines) پڻ ڪوليو ويو. ڊپو 1871ع تائين انهي مقصد لاءِ ڪتب ايندو رهيو پوءِ ريلوي نظام جي برتري سبب بمبئي جو بندرگاهہ ترجيحي طور ڪم اچڻ لڳو. ايندڙ ورهين ۾ ۽ خاص طور ٻنهي مهاپاري جنگين دوران بندرگاهہ طور ڪراچي جي وڏي استعمال سبب ڪراچي کان ٻاهر ڊرگ روڊ تي هڪ ڇانوٽي قائم ڪرڻ ضروري ٿي پيو.

حيدرآباد جيئن ته ميرن جو گادي جو هنڌ رهيو هو ۽ انهي ۾ چڱو طاقت وارو هڪ قلعو بہ موجود هو تنهنڪري اهو فوجين جي هڪ وڏي تعداد لاءِ ڇانوٽي ٿي پيو. سنڌ جو مکيہ اسلح خانو بہ هتي هوندو هو. سر چارلس نيپيئر ڪراچي ۽ حيدرآباد ٻنهي ۾ سپاهين جي لاءِ اسپتالون ۽ بيرڪون ٺهرائڻ جو بندوبست ڪيو جيڪي انهي وقت هندستان ۾ انهن مقصدن لاءِ ڏنل عمارتن کان گهٽيون سٽيون هيون.

باب سورهون

تعليم

عمومي تاريخ ۽ نوعيت: جڏهن برطانيا سن 1843ع ۾ سنڌ جو الحاق ڪيو تہ ٿٽو ۽ روهڙي جيڪي سورهين، سترهين ۽ ارڙهين صدي جي اوائل ۾ پنهنجي عروج تي هئا انهن جي عظمت ۽ برتري گهٽو وقت اڳ موڪلائي چڪي هئي. تالپر سنڌ جي ماٿهن ۾ تعليم کي هٿي وٺرائڻ جون ڪڏهن بہ ڪي خاص ڪوششون نہ ڪيون هيون. ڪي مير جيتوڻيڪ خود وڏا عالم ۽ شاعر بہ هئا پر انهن علم جي سرپرستي نہ ڪئي. البت انهن سيدن تي ڪجهہ هٿ رکيو جيڪي عالم هوندا هئا. ٽٽي، روهڙي، مٽياري ۽ ٻين جاين کان ٻاهر جتي بہ ڪو عالم پڙهيل لکيل سيد رهندو هو اتي اها عام ڀالهہ هوندي هئي تہ ڪو امير ماٿهو انهي کي پنهنجن ٻارن لاءِ آخوند يا اتاليق مقرر ڪندو هو ۽ پاڙيسري غريب ماٿهن جي ٻارن کي بہ ان مان فائدو وٺڻ جي موڪل ڏيندو هو. اهڙا ڪي نيڪوڪار عالم بہ هوندا هئا جيڪي جمعي جي ڏينهن تي فقط الله ڪارڻ ادبيات يعني فارسي ۽ عربي جي تعليم ڏيندا هئا ۽ معاوضي طور ٻار جيڪو ڪجهہ ڏيندا هئن اهو قبول ڪندا هئا. انهن جي آمدني ۾ عيدن تي مليل سوڪڙين سان واڌارو ٿيندو هو ۽ ٻار جڏهن نماز جا پهريان ڏهہ سبق ياد ڪري وٺندو هو تہ هو ان جا هٿ ريشمي ڪپڙي سان ٻڌي ڳوٺ ۾ موڪليندا هئا تہ جيئن استاد لاءِ ڪي فائديمند شيون گڏ ڪري اچي. ادب ۽ ڪاروبار جي زبان فارسي هوندي هئي ۽ نہ فقط مسلمان پر جيڪي هندو بہ سرڪاري نوڪري ڪرڻ جا خواهشمند هوندا هئا اهي انهي ئي ذريعي سان اها ٻولي سکندا هئا. انهي سان گڏوگڏ ڳوٺن جي مسجدن جي آڪرن ۽ وٽن جي هيٺان سوين مولوي ويٺا ٻارن کي- ڇوڪرا ڇوڪريون- بغير مطلب سمجهڻ جي قرآن پاڪ پڙهائيندا هئا انهن کي معاوضي طور فصل جي لاباري تي ڪجهہ ان ۽ ٻيا معمولي فائدا ملندا هئا. سن 1853ع ۾ ڪراچي، حيدرآباد ۽ شڪارپور ڪليڪٽوريٽن ۾ ننڍين اسڪولن جو تعداد 600 کان مٿي ٻڌايو ويو هو. مير کان مهاڻي تائين عام زندگي جي زبان سنڌي هوندي هئي ۽ انهي کي علم پرائڻ ۽ شائسته خط ڪتابت لاءِ مناسب ذريعو سمجهيو ويندو هو. هندو واپاري پنهنجو سمورو ڪارو بار انهي ۾ هلائيندا هئا ۽ پنهنجو حساب ڪتاب انهي ۾ رکندا هئا. هو واڻڪا اکر ڪم آڻيندا هئا جنهن جو بنياد ديوناگري تي هوندو هو ۽ انهي جون ڪيتريون ئي صورتون هونديون هيون. انهي جي سکيا لاءِ چند هندو اسڪول هوندا هئا پر لڳي ٿو تہ گهٽي پاڻي واپارين جا پٽ ڪاروباري سکيا گهر ۾ يا پاڙيسرين کان وٺندا هئا. تالپرن جي دور ۾ تعليم جي حالت اها هئي.

برطانوي حڪومت ٽٽي جي سيدن جون ملڪيتون ضبط ڪري ڇڏيون ۽ وظيفا بند ڪري ڇڏيا ۽ برطانوي اثر اهي خودبخود ڦٽي پوندڙ چشما بہ وڏي حد تائين سڪائي ڇڏيا جيڪي مقامي تعليمي ادارن کي تقويت پهچائيندا هئا. انهي کي افسوسناڪ واقعي ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ نہ ٿو چئي سگهجي. برطانوي الحاق

ساڻئي وقت اهڙن اسڪولن جي ضرورت پيدا ڪئي جن ۾ انگريزي زبان پڙهي سگهجي. ڪيترين ئي دشوارين هيٺ ڪم ڪندڙ مخلص انتظامي آفيسرن اها ضرورت سڀ کان اڳ محسوس ڪري ورتي ۽ انهي جي پورائي لاءِ ڪوششون ڪيون. برطانوين اهو ئي تعليمي سرشتو متعارف ڪرايو جيڪو اڳيئي برطانوي هندستان ۾ اخذ ڪيو پئي ويو ۽ انهي جا رهنما اصول گهٽي ياڳي اهي ئي هئا جن جي روشني ۾ ميڪالي هندستان ۾ تعليم بابت پنهنجي مشهور يادداشت مرتب ڪئي هئي. اها ڳالهه ضرور ذهن ۾ رکي وڃي ته جڏهن برطانيا سنڌ تي قبضو ڪيو ته ڪجهه هندن کان سواءِ ٻيا بلڪل غير اهم حالت ۾ هئا. انهن هندن به ٽالپرن جي نوڪرن طور انتظامي عهدن تي رهي دولت ۽ مرتبو حاصل ڪيو هو. پر انهن چند مراعات يا فتح فردن کانسواءِ هندو هڪ پنٽي پيل قوم هئا ۽ آبادي جي وڏي اڪثريت جيڪا مسلمان هئي انهن ۾ علم پرائڻ جو ڪو وڏو لاڙو نه هو. هو انهي وقت چالو علم جي مقامي نمونن کان به پري هئا. اهو رجحان جيتوڻيڪ سنڌ ۾ گهڻو مضبوط نه هو ته به مسلمانن ۾ تعليم جي برطانوي معيار ۽ نظام کي تسليم ڪرڻ کان واضح هڪ موجود هئي. اهو نقطو مسٽر هيمپٽن جي Biographical Studies in Modern Indian Education ۾ بلڪل چٽو ڪيو ويو آهي. هيٺيون ٽڪرو به انهي تان ورتو ويو آهي جو انهي ۾ ان وقت مسلمان آبادي جي ذهني حالت جو بيان ڏنو ويو آهي جڏهن برطانويون پنهنجي تعليمي طريقه ڪار جي شروعات ڪئي ۽ پنهنجي انهيءَ سوچ جو اظهار ڪرڻ شروع ڪيو ته تعليم شروع ڪندڙ ٻارن کي ڇا پڙهائڻ گهرجي. جيڪڏهن اسين سمجهون ته برطانيا جو هندستان تي ڪنٽرول 1757ع جي پلاسي جي جنگ کانپوءِ شروع ٿيو ته اسان کي مسٽر هيمپٽن جي لفظن سان سهمت ٿيڻو پوندو ته برطانوي بالا دستي جي شروعاتي ڏينهن ۾ فارسي يا عربي علم جي جاءِ تي مغربي علم آڻڻ لاءِ ڪي وڏيون انتظامي تبديليون نه ڪيون ويون هيون نه ئي ڪي اهڙيون ڪوششون ڪيون ويون هيون نه ئي جميل تعليمي سرشتي جون پاڙون پٽڻ جي ڪا ڪوشش ڪئي وئي. مسٽر هيمپٽن لکي ٿو ته: برطانوي حڪومت جي شروعاتي سترورهين ۾ ته سول انتظاميا هلائڻ لاءِ عملدارن کي تربيت ڏيڻ لاءِ اهو نظام ئي ڪتب آندو ويو ۽ هندن به فارسي تعليم جاري رکڻ کان ڪا به هڪ نه ڏيکاري پوءِ بتدريج عوامي تعليم جو هڪ نئون نظام متعارف ڪرايو ويو ۽ مغربي علم جي پکيڙ جو هڪ نتيجو اهو نڪتو جو سرڪاري ڪم ڪار جي زبان طور فارسي جي جاءِ تي انگريزي اچي وئي. مسلمان فارسي جي منظر تان هٽڻ کي مايوسي سان ڏسندا رهيا ۽ پاڻ کي ان تحريڪ کان پري ڪري ڇڏيائون جنهن انهن جي ثقافت کي وڏو ڏڪ هنيو هو ۽ انهي ۾ ته انهن جي دين کي ڪمزور ڪرڻ جا اسباب موجود هئا. ٻئي پاسي وري هندو وڌيڪ دوراندیش هئا ۽ جلد ئي پاڻ کي نين حالتن مطابق ڪري ونڊندا هئا. انهن مغربي علم جي حاصلات لاءِ فراهم ڪيل سهوليتن مان بنادير فائدو ورتو ۽ انتظامي ۽ عدالتي عهدن مان به غير متناسب حصو وٺڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. نتيجي ۾ مسلمانن ۽ هندن جي هڪٻئي جي لحاظ کان حيثيت تبديل ٿي وئي. هندو اثر رسوخ، دولت ۽ علم ۾ وڌندا ويا. مسلمان پنٽي ٿيندا ويا. "مسٽر هيمپٽن بيان جاري رکندي چوي ٿو"، پاڻ جي انهي ڦيري هڪ حساس ۽ مستقل مزاج قوم

کي حيران ۽ مايوس ڪري ڇڏيو. ۽ اهي پاڻ کي هڪ اهڙي قوم سمجهڻ لڳا جيڪا برطانوي حڪومت هيٺ تباهه ٿي وئي هئي انهن بجا طور اها شڪايت ڪرڻ شروع ڪئي ته عوامي تعليم جونئون نظام انهن جي روايتن جي برخلاف هو. انهن جي ضرورتن لاءِ نامناسب هو ۽ مسلمانن جي مذهب جي نظر ۾ قابل نفرت هو. انهن کي اها ڳالهه ياد هئي ته نسبتاً ٿورو وقت اڳي خود انهن جو پنهنجو نظام تعليم انهن جي فڪري ۽ مادي برتري جو بنياد هوندو هو ۽ انهي جي ذريعي ئي هندو اها ڳالهه ثابت ڪري چڪا هئا ته هو پنهنجي ملڪ ۾ به اختيار نه ٿا هلائي سگهن. سر وليم هنٽر هنن لفظن ۾ مسلمانن جي نقطه نظر جي حمايت ڪئي: سچي ڳالهه اها آهي ته اسان جو نظام تعليم مسلمانن جي ٽن تمام طاقتور دلي جذبن کي نظر انداز ڪري ٿو. پهرئين ڳالهه اها ته اهو تعليم مقامي زبان ۾ ڏئي ٿو جنهن کي پڙهيل لکيل مسلمان عزت جي نگاه سان نه ٿا ڏسن. وري اها تعليم هندو استادن ذريعي ڏني وڃي ٿي جن کان سموري مسلمان ڪميونٽي نفرت ڪري ٿي. ٻئين ڳالهه ته اسان جا اصلي اسڪول ورلي ئي مسلمانن کي انهي قابل ڪن ٿا جو اهو اهي زبانون سکي سگهن جيڪي زندگي ۾ ڏمیوار حيثيت حاصل ڪرڻ ۽ سندس مذهبي فرضن جي ادائيگي لاءِ ضروري آهن. ٽئين ڳالهه ته اسان جي تعليمي نظام ۾ مسلمانن جي نوجوانن لاءِ مذهبي تعليم جي ڪابه گنجائش نه آهي. جي .اين پارڪر Modern Religious Movement in India, 1929 ۾ نتيجن بابت لکندي انهي راءِ جو اظهار ڪري ٿو ته ماٺهن جا مذهبي اڳواڻ يعني مولوي اسلام لاءِ پنهنجي غلط فهمي تي ٻڌل عقيدتمندي جي بنياد تي پنهنجن ماٺهن کي فرنگين جي تعليم حاصل ڪرڻ کان روڪين ٿا. انهي جا نتيجا تباه ڪن نڪتا جو ته جڏهن هندو يورپ جي آرٽس ۽ سائنس کان تحريڪ ۽ اتساهه وٺي هڪ فڪري ۽ اخلاقي نشاة ثانيه مان گذري رهيا هئا ته انهي وقت سموري هندستان جا مسلمان مادي بي عملي ۽ فڪري زوال جي حالت ۾ ڪري رهيا هئا. سنڌ ۽ خيرپور ۾ اهو اثر مضبوط هو ۽ مسلمان آبادي برطانوي راج هيٺ ملندڙ تعليم کي جنهن بي دلي ۽ آهستگي سان قبول ڪيو انهي جو سبب به وڏي حد تائين اهو هو. اڳتي هلي دوراندیش مسلمانن جي ڪوششن سان انهي تنگ نظري جو خاتمو ٿيو جيڪي اڳواڻ ئي اندازو ڪري ويا ته مستقبل ڇا پيو ڪٽي اڇي. هندن پنهنجي تعليم جي مدد سان نوڪري، اثر رسوخ ۽ سرڪاري ڪمن ڪارين ۾ اهي فائدا حاصل ڪري ورتا جيڪي مسلمان پنهنجي نظر انداز ڪيل تعليم سبب حاصل ڪرڻ جي قابل نه هئا. مسلمانن جي تعليم جي بانيڪارن ۾ سيد احمد خان اڇي وڃي ٿو جنهن عليگڙهه مسلم يونيورسٽي جو پايو وڌو ۽ سموري هندستان ۾ مسلمانن ۾ تعليم لاءِ وڏو اتساهه پيدا ڪيائين. سنڌ ۾ اهو ڪم حسن علي آفندي ڪيو. هن 1885ع ۾ سنڌ مدرسه بورڊ قائم ڪيو. خان بهادر حسن علي جديد تعليم جي جيڪا رٿا تيار ڪئي انهي مطابق سنڌ جي 52 تعلقن مان هرهڪ مان هڪ هوشيار شاگرد کڻي انهي کي تعليم ڏيڻي هئي ۽ ان جي کاڌي خوراڪ جو بندوبست ڪرڻو هو. هن پاران ڪورس مڪمل ڪرڻ تي ان جي جاءِ تي ٻيو چوڪرو اچڻو هو. اڳتي هلي اهو دائرو وڌايو ويو ۽ تعليم کي سيني لاءِ عام ڪيو ويو. اهو ادارو تڏهن کان مسلمانن جي نامور شخصيتن کي تعليم ڏيندو رهيو آهي. انهن مان سي

کان نامور هئا قائداعظم محمد جناح پاڪستان جو پهريون گورنر جنرل، سر غلام حسين هدايت الله جيڪو سنڌ جو پهريون سنڌي گورنر ٿيو ۽ ڊاڪٽر يو. ايم. دائود پوٽو تمام قابل سنڌي اسڪالر جنهن جي ويجهڑائي ۾ وفات هڪ اهڙو خال پيدا ڪري ڇڏيو آهي جيڪو ڪيترن ورهين تائين پورجڻ ڏاڍو مشڪل آهي.

تعليمي تاريخ ۾ دور: سنڌ جي تعليمي تاريخ تمام سولائي سان ٽن دورن ۾ اچي وڃي ٿي: پهريون برطانوي راج جو دور سر چارلس نيپيئر کان 1936ع تائين جڏهن سنڌ پنهنجي مٿي گورنر وارو صوبو بڻي. ٻيون دور 1936ع کان وٺي 1947ع ۾ هندستان جي ورهاڱي تائين تڏهن پاڪستان هڪ آزاد ملڪ بڻيو ۽ ٽيون دور آزادي کان پوءِ 1947ع کان اڄ تائين جو تڏهن کان اسلامي جمهوريه پاڪستان کي اتهاس مهيا ڪندڙ تعليمي آدرش تعليمي پاليسي جو سرچشمو رهيا آهن. ٽنهي دورن جون نمايان خصوصيتون هي آهن. پهرئين دور ۾ برطانوي فتح کان 1936ع تائين جو تڏهن سنڌ بمبئي پريزيڊنسي جو حصو هوندي هئي ۽ خيرپور هڪ مقامي رياست هوندي هئي تڏهن تعليمي ڪم ڪار برطانوي منتظمن پاران تعليمي دائري ۾ مقرر ڪيل نشانن مطابق هلندو هو. جڏهن سنڌ جدا گورنر وارو صوبو ٿي ته اسلامي قسم جي تعليم وڌائڻ تي زور ڏيو. ورهاڱي کانپوءِ انهي لاڙي زور ورتو آهي ۽ هاڻي اهو ئي ملڪ جي تعليمي ادارن جو رهنما اصول آهي ڇو ته پڙهيل پڙهيل هندن جي منظر تان هٽي وڃڻ سبب هاڻي تعليمي نظام ۾ غير مسلمانن لاءِ گنجائش رکڻ جي ڪا وڏي ضرورت نه رهي آهي. حڪومت پاڪستان جي 60ـ 1955ع واري پهرئين پنج سالا پلان جي ايجوڪيشن ۽ ٽريننگ واري سيڪشن ۾ آهي ته آزادي حاصل ڪرڻ کان فوراً پوءِ ملڪ کي ڪيترن ئي وڏن مسئلن کي منهن ڏيڻو پئجي ويو. تعليمي ميدان ۾ ان کي فوري مسئلو اهو هو ته تعليمي نظام کي ڌهڙ کان بچايو وڃي اهو ڪم نگهداشت ڪندڙ ۽ تدريسي عملي جي ڪوٽ سبب ڏکيو ٿي ٻيو. اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽيون بحال رکيون ويون ۽ بنا مالڪي جي ڇڏيل ادارا نئين سر جياريا ويا ۽ انهن کي تسليم ڪيو ويو. تڏهن کان وٺي تعليمي ادارن جي انگ ۽ انهن ۾ داخل ٻارن جي تعداد ۾ چڱو اضافو ٿيو آهي. جڏهن ته 49/ 1948ع ۾ پاڪستان ۾ تعليم تي خرچ سموري سرڪاري خرچ جو 5.3 سيڪڙو هو ۽ 55ـ 1954ع ۾ تعليم تي هڪ تمام وڏي رقم جو 7.7 سيڪڙو خرچ ٿيو. تعليم جي اوائلي برطانوي بانيڪارن مان هڪ حيدرآباد جو ڪليڪٽر ڪئپٽن راٽبورن هو جنهن 1845ع ۾ هندستان جي حڪومت کي تعليم لاءِ سال ۾ ٽي هزار روپيا منظور ڪرڻ جو چيو ۽ پيو ڪئپٽن پريڊي (Preedy) ڪراچي جو ڪليڪٽر هو جنهن جو نالو اڄ ڏينهن تائين ڪراچي جي هڪ مکيه شاهراهه تي آهي. هن پنهنجي خرچ سان ڪراچي ۾ اسڪول جو بنياد وڌو ۽ 1846ع ۾ انهي شرط تي هڪ مقامي ڪميٽي جي حوالي ڪيو ته جيستائين مضمون جي لحاظ سان ممڪن ٿي سگهي سموري تعليم عيسائي مذهبي ڪتابن جي ذريعي ڏني وڃي ۽ انهي ۾ سمورو بائيبل به شامل هجي. اهو اسڪول 1853ع ۾ ساڳئي شرط تي چرچ مشنري سوسائٽي جي حوالي ڪيو ويو. ۽ اهو ايڊوانس تائين هلي ٻيو. شڪارپور ۾ ڪئپٽن گولڊ اسمٿ جي فياضي سان هڪ انگريزي اسڪول کوليو ويو. ڪجهه وقت کانپوءِ بمبئي بورڊ آف ايجوڪيشن سنڌ ۾

ڪنهن تعليم اداري جي تنظيم جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو ۽ تقريباً ساڳئي وقت سنڌي ڪي صوبي جي سرڪاري زبان ڪرڻ جي حمايت ۾ تحريڪ هلي جنهن ۾ مقامي ٻولي ۾ تعليم جو مسئلو پڻ شامل هو.

چند انگريز عملدار ئي سنڌي ڳالهائي سگهندا هئا ۽ انهن جي منشين مان ڪو به اها لکي نه سگهندو هو. سرڪاري ڪم ترجمانن ذريعي ڪيو ويندو هو ۽ رڪارڊ گاڏڙ فارسي ۾ رکيو ويندو هو. مسٽر بارٽل فريئر (اڳتي هلي سر بارٽل فريئر) 1851ع ۾ هڪ سرڪيولر جاري ڪري سول سروس آفيسرن کي روزمره واري سنڌيءَ ۾ هڪ امتحان پاس ڪرڻ جو پابند ڪيو. پر اها زبان تيستائين خط ڪتابت لاءِ ڪتب نه ٿي اچي سگهي جيستائين ان کي الف. ب نه هجي. ڪئپٽن (اڳتي هلي سر) رچرڊ برٽن عربي الف. ب. جي گهٽي حمايت ڪئي. انهي ۾ سنڌي جي مخصوص دماغي، حلقي ۽ صدري آواز ڏيکارڻ لاءِ جتي ضروري هجي اتي ٽپڪا ۽ نشانيون وڌايون وڃن. ايسٽ انڊيا ڪمپني جي ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس جڏهن 1853ع ۾ عربي کي آزمائشي موڪلڻ جو فيصلو ڪيو ۽ ساڳئي وقت تعليمي مقصدن لاءِ ڏهه هزار رپيا سالياني خرچ جي منظوري ڏني ته مسٽر بارٽل فريئر فوراً ڪم کي لڳي ويو. سندس عمل جي ذريعي ٻولي جي تاريخ جو هڪ اهم ڪارنامو سرانجام ڏجي ويو. مسٽر (پوءِ سر) بيرو ايلس ڪجهه مقامي عالمن جي مدد سان هڪ الف. ب. ترتيب ڏني ناهي جيڪا عربي جي 29 اکرن مان وڌي 52 اکرن تائين وڃي پهتي. اها الف. ب ڇپائي جولاءِ 1853ع ۾ جاري ڪئي وئي جنهن ڪانپوءِ فارسي، اردو مرائي ۽ گجراتي ٻولين مان ترجمي جي ذريعي اسڪولي ڪتابن جي تياري زور ورتو. مسٽر ايلس ڊسمبر 1854ع ۾ رپورٽ ڏني ته انگي حساب، تاريخ، جاگرافي ۽ ٻين موضوعن تي ڏهه ڪتاب تيار ٿي ويا هئا. اهڙي طرح سنڌي ٻولي هڪ صدي کان به وڌيڪ عرصي کان ڇپائي هيٺ آهي ۽ انهي لحاظ کان اردو کان گهٽي اڳتي آهي جيڪا ايڏا تائين عام طور ڇپائي هيٺ نه ايندي آهي پر ليٽو گراف پليٽن جي محنت طلب عمل ذريعي عوام تائين پهچندي آهي. ڪراچي ۾ انگريزي اسڪول آڪٽوبر 1855ع ۾ ڪوليو ويو جنهن ۾ 68 شاگرد هئا. حيدرآباد ۽ شڪارپور ۾ هڪ اسڪولي عمارت ۽ هارهن ٻين شهرن ۾ مقامي ٻولين جي اسڪولن لاءِ ننڍين عمارتن جي منظوري ڏني وئي. تڪڙي ترقي جي راهه ۾ سڀ کان وڏي مشڪلات استادن جي کوٽ هئي. انهي کوٽ جو پورائو ڪرڻ لاءِ پوءِ ڪراچي ۾ 1854ع هڪ نارمل اسڪول ڪوليو ويو جنهن ۾ مقامي اسڪولن جي استادن کي گهربل سکيا ڏني ويندي هئي. اهو اسڪول پوءِ حيدرآباد منتقل ڪيو ويو ۽ انهي کي هاڻي ميل ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج سڏيو وڃي ٿو. ڏهه ورهيه پوءِ 65ـ 1864ع ۾ انهن شروعاتي قدمن جو نتيجو اهو نڪتو جو صوبي ۾ چار هاءِ اسڪول، ٽي مڈل، ڇاونجاهه پرائمري اسڪول ۽ هڪ ٽريننگ ڪاليج ٿي ويا جن مان ٽن کي گرانٽ ملندي هئي ۽ باقي سڀ حڪومت هلائيندي هئي. سن 1863ع ۾ هڪ لوڪل فنڊ قائم ڪيو ويو ۽ زمين تي محصول جو ٽيون حصو تعليم لاءِ مختص ڪيو ويو جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو ايندڙ ڏهاڪي ۾ پرائمري اسڪولن جي تعداد ۾ وڏو اضافو ٿيو. مالي سهائتا سان هلندڙ پرائيويٽ اسڪول به منظر تي اچڻ شروع ٿي ويا ۽ گرلس اسڪول به کلڻ لڳا. سن 75ـ 1874ع ۾ انهن جو انگ 20

هو. انهي سال تسليم ٿيل ادارن جو جملي انگ 230 هو جن ۾ 14299 شاگرد داخل هئا. جنوري 1887ع ۾ سنڌ ۾ تعليمي صورتحال جي مڪمل موضوع تي رپورٽ ڊيڙ لاءِ مسٽر چارلس کي اسپيشل ڊيوٽي تي مقرر ڪيو ويو. ايندڙ جولاءِ ۾ جنرل جان جيڪب جي پائيٽي مسٽر پي. ايڇ. جيڪب کي سنڌ ۾ ايجوڪيشنل انسپيڪٽر مقرر ڪيو ويو ۽ تڏهن کان وٺي تعليمي تجربو رکندڙ آفيسر ڪاتو هلائيندا رهيا آهن. مسٽر جيڪب واري انتظام واري ڏاهڪي (85ـ 1884ع کان 1895ـ 1894ع) ۾ تعليمي ڪمن ۾ تمام وڏي واڌ آئي. تسليم ٿيل اسڪولن جو تعداد 375 کان 166 ۽ شاگردن جو تعداد 59 241 کان 62595 تائين وڃي پهتو. ترقي جي راهه ۾ ٻيا قدم هئا: 1887ع ۾ ڪراچي ۾ آرٽس ڪاليج ڪلڻ، ايڊ تي هلندڙ ٻن اسڪولن جو بنياد پوڻ، ڪيترن ئي پرائمري ۽ مڊل اسڪولن جو ميونسپالٽين ڏانهن منتقل ٿيڻ ۽ عورتن لاءِ ٽئن نارمل يا ٽريننگ ڪاليجن جو ڪلڻ.

پرائمري تعليم

مٿين ڳالهين مان اها ڳالهه واضح ٿي وئي هوندي ته برطانوي راج جي شروعات کان ئي تعليمي سکيا جو عمل برطانوي تعليمي ماهرن جي سوچ مطابق پئي هليو ۽ انهي جو بنياد برطانيا ۾ رائج نظام تي هو. جيڪڏهن انهي نظام تي ڪا عام نوعيت جي تنقيد ڪري پئي سگهجي ته اها هيءَ هئي ته انهن مقامي اسڪولن تي گهربل توجهه نه ڏني وئي هئي جيڪي اسلامي سماج ۾ اصل کان موجود رهيا هئا. وقت گذرڻ سان برطانوي نظام ۾ انهي خامي کي تسليم ڪيو ويو ۽ تعليم ڪاتي به ڪُسندي مرندي ملا اسڪولن کي تسليم ڪري ورتو. پر انهي سموري عرصي دوران ملا اسڪولن يا مڪتبن سان تعليمي دنيا جي اڇوتن وارو سلوڪ ٿيندو رهيو. تعليم ڪاتي جي آفيسرن پاران ملا مڪتبن جي مخالفت جو بنياد اهو هوندو هو ته انهن وٽ طي ٿيل نصاب مطابق تعليم ڊيڙ جي فني صلاحيت نه هئي ۽ انهن جي مخالفت جو ٻيو مرڪز اهو هوندو هو ته ملن جي گهٽي قدر استاد طور ڪا به تربيت ٿيل ڪانه هئي ۽ انهن جو تعليم جو طريقو جديد معيارن مطابق قابل قبول نه هو. سن 1936ع ڪانپوءِ واري دور ۾ جڏهن سنڌ گورنر جو صوبو هوندي هئي ته تعليم ڪاتي ملا مڪتبن ۾ وڏي دلچسپي ونڻ ۽ انهن جي وڏي مدد ڪرڻ شروع ڪئي ۽ پاڪستان پاران 1947ع ۾ آزادي حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ ملا مڪتبن جي وجود کي اهڙي بنياد طور تسليم ڪيو ويو آهي جنهن تي هر ماڻهو لاءِ بهترين سرڪاري تعليم جو بنياد رکي سگهجي ٿو. پاڪستان جي 60ـ 1955ع واري پنج سالا پلان ۾ برطانوي راج ۾ پرائمري تعليم جي نوعيت تي عام تنقيد ۾ انهي نقطي تي زور ڏنو ويو آهي. انهي ۾ چيو ويو آهي ته برطانوي راج کان اڳ واري دور ۾ مسلم هندستان ۾ مڪتب تعليم جو سيٽ کان ننڍو ايڪو (Unit) هوندو هو. اهي ايڪا جن مان ڪيترن ۾ مخلوط تعليم هوندي هئي هڪ مذهبي رجحان رکندا هئا. انهن جو ڇڪو خاصو تعداد ته مسجدن ۾ هلندو هو. انهن جي خاص اهميت واري ڳالهه شايد اها هوندي هئي ته اهي شاگردن جي دلچسپي ۽ لاڙن کي گهڻو مدنظر رکندا هئا. هرهڪ ٻار پنهنجي مٿي اسڪول جو هڪ ڪلاس هوندو هو جيڪو پنهنجي جاءِ تي ڪم ڪندو هو. ٻار مڪتب ۾ تعليم مڪمل

ڪرڻ کان پوءِ يا ته ثقافتي ۽ پيشه وراڻي تعليم لاءِ مدرسي ويندو هو يا ڪنهن هنر جي سکيا لاءِ هنرمندن جي ڪنهن ٽولي ۾ شامل ٿيندو هو. مقامي ماحول سان هم آهنگ ٿيل اهو مُلڪي نظام اٽويهين صدي جي آخري چوٿين حصي تائين جاري رهيو پوءِ انهي جي جاءِ تي سرڪاري پرائمري اسڪول اچي ويا. سرڪاري پرائمري اسڪولن ۾ارن کي موروثي ثقافت ۽ ماحول کان جدا ڪري ڇڏيو. انهن جو زور ۽ تاڪيد فقط لکڻ پڙهڻ ۽ انگي حسابن تي هوندو هو. تعليم جو طريقو پيرا ڏيڻ ۽ مشق ڪرڻ هوندو هو. اهو نظام اوائلي دور ۾ جيتوڻيڪ ٽن ورهين جي عرصي تي لوئر پرائمري اسڪولن ۽ ٻن ورهين جي عرصي تي اپر پرائمري اسڪولن تي ٻڌل هوندو هو پر پوءِ انهي ۾ ترميم ڪري ان کي فقط چئن ورهين جو پرائمري اسڪول پروگرام ڪيو ويو. پرائمري تعليم انهي نسبتاً بي نتيجي پروگرام ذريعي آزادي تائين جاري رهي ۽ ڪنهن به اهم سڌاري کانسواءِ پوءِ به انهي ذريعي هلي رهي آهي. ملا اسڪول يا مڪتبن جو (جن جي اهميت سنڌ حڪومت پاران 1936ع ۾ برطانوي نظام ۾ ترميم ڪرڻ کانپوءِ اڃا وڌيڪ محسوس ڪئي پئي وئي ۽ اها اهميت ورهاڱي کانپوءِ پاڪستان جي تعليمي پاليسي هيٺ اڃا وڌيڪ نمايان ٿي پئي آهي) ڊاڪٽر گيلاني Sind People and Progress نالي ڪتابڑي ۾ هنن لفظن ۾ ذڪر ڪيو آهي: ملااسڪول انهن پراڻن اسڪولن، خانقاهن ۽ مسجدن جا وارث آهن جيڪي صوفي، درويش ۽ ٻيا مخير ماڻهو هلائيندا هئا. تعليم جو دائرو بنيادي هوندو هو يعني پڙهڻ، لکڻ ۽ مذهبي تعليم ڏيڻ. اهي ادارا اختيارين جي توجه ۽ تحفظ کانسواءِ هلي رهيا آهن برطانوي فتح کانپوءِ عدالتي زبان طور فارسي جي جاءِ تي جديد سنڌي اچي وئي جنهن سبب ضرورت جو پورائو ڪرڻ لاءِ حڪومت طرفان سنڌي اسڪول کولڻ ضروري ٿي پيو. ملا اسڪولن سيارڪ طور سنڌي زبان جي سکيا متعارف ڪرائي. ملا اسڪولن کي 1886ع ۾ انهن سادن ۽ لچڪدار شرطن تي گرانٽون ڏنيون ويون ته سنڌي کي لازمي سبجيڪٽ طور رکيو ويندو. سنڌ ۾ تڏهوڪي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر 1889ع ۾ سيئي شرط نرم ڪري ڇڏيا ۽ ملا اسڪولن جي رجسٽريشن لاءِ فقط اهو هڪ شرط رکيو ويو ته اهي قرآن پاڪ پڙهائيندا. مسٽر رائيٽ 1901ع ۾ اسڪولن کي گرانٽ ڏيڻ لاءِ هڪ واضح پاليسي تيار ڪئي. هن جو مقصد اهو هو ته انهن اسڪولن کي ترقي ونرائي پرائمري اسڪول ڪجي. تعليم جو هڪ نصاب تيار ڪيو ويو ۽ هر ڪلاس ۾ شاگردن جي انفرادي حاصلات جي بنياد تي گرانٽ ڏني وڃڻ لڳي. مسٽر شيخ عبدالله جي چوڻ تي حڪومت 1914ع ۾ سڀ ملا اسڪول پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيا. هاڻي ملااسڪول يا ملن جا خانگي اسڪول هيٺين شرطن تي گرانٽ — ان- ايڊ ادارن طور رجسٽرڊ ٿيل آهن: اهي قرآن پاڪ پڙهائيندا. اهي هر ڪلاس ۾ چوڪرن جي صورت ۾ گهٽ ۾ گهٽ پندرهن ۽ چوڪرين جي صورت ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڏهن جي ماهوار سراسري حاضري برقرار رکندا. اهي ڪاتي طرفان تجويز ڪيل سيئي رجسٽرڊ رکندا ۽ جوڳي گهربل جاءِ جو بندوبست ڪندا. ڊاڪٽر گيلاني جو رايو آهي ته انهن اسڪولن ملڪ جي ڏورانهن حصن ۾ پرائمري تعليم جي پکيڙ ۾ ڇڪي خدمت سرانجام ڏني آهي.

ملا اسڪول: ملا اسڪول هڪ پرائمري اسڪول هوندو آهي جنهن جو انچارج مُلا هوندو آهي. جنهن ۾ غير مذهبي پرائمري تعليم جو عام رواجي ڪورس پڙهايو ويندو آهي. انهي سان گڏگڏ قرآن شريف جي تعليم پڻ ڏني ويندي آهي. انهن اسڪولن کي هر سال سئي گرانٽ ملندي آهي ۽ پڻ سرڪاري پگهار ڪٽندڙ نائب ماستر ملندا اٿن. اتي پڙهندڙ هندو شاگردن لاءِ پڻ گرانٽ ڏني ويندي آهي بشرطيڪ ملا اسڪول جي چوڌاري هڪ ميل جي نيم قطر جي ايراضي ۾ ڪو پرائمري اسڪول نه هجي. انهن اسڪولن ۾ شاگردن جي اڪثريت مسلمان هوندي آهي. انهيءَ سان گڏوگڏ ملا اسڪولن کي ٻين ڪمن لاءِ گرانٽ ملندي آهي جهڙوڪ ڪيپيٽيشن گرانٽ، اڪومو ڊيشن گرانٽ، ايڪئپمينٽ گرانٽ، لنگيون ۽ ٻيا ايوارڊ. سئي حاضري تي انعام ڪتاب ۽ لکڻ جو سامان ۽ انعامي ڪتاب. سن 54/ 1953ع ۾ ملا اسڪولن جو تعداد ۽ انهن ۾ پڙهندڙ شاگردن جو انگ هن ريت هو: چوڪرن جا اسڪول 544، چوڪرين جا اسڪول 43، چوڪرن ۾ شاگردن جو تعداد 2220. انهي سال دوران ملا اسڪولن تي جملي خرچ 837203 رپيا آيو. جنهن مان 558136 رپيا ڊائريڪٽ خرچ ۽ 279667 رپيا اِن ڊائريڪٽ خرچ ٿيو. جملي خرچ مان 81823 رپيا صوبائي فنڊن مان پريا ويا جڏهن ته باقي خرچ ٻين ذريعن مان ڪيو ويو.

پرائمري تعليم تي ڪنٽرول: هن صدي جي شروعات کان وٺي پرائمري تعليم جو انتظام ۽ ڪنٽرول صوبائي حڪومت ۽ حڪومت جي مدد سان هلندڙ لوڪل باڊيز وٽ رهيو آهي. سنڌ جي علحدگي کان اڳ فقط هڪ لاڙڪاڻي تعلقي ۾ لازمي تعليم جو نظام متعارف ڪرايو ويو. حڪومت کي سموري سنڌ ۾ لازمي تعليم شروع ڪرائڻ جو اونو هو پر انهي سلسلي ۾ عملي قدم 1940ع ۾ وڃي کڄي سگهيا. ورهاڱي کان جلد ئي پوءِ حڪومت سنڌ پرائمري ايجوڪيشن ائڪٽ تحت پرائمري تعليم جو ڪنٽرول پنهنجن هٿن ۾ وٺي ڇڏيو. نئين قانون تحت لوڪل بورڊ لوڪل فنڊ جو ٽيون حصو پريندا هئا جيڪو وڌ ۾ وڌ ڦي هڪ رپئي تي هن آنن جي شرح سان پرائمري اسڪول هلائڻ لاءِ حڪومت جي حصي طور ورتو ويندو هو. ميونسپالٽيون پرائمري تعليم تي خرچ جو تقريباً اڌ حصو حڪومت کي ڏينديون آهن. لازمي تعليم جي اسڪيم 1938ع ۾ شروع ڪئي وئي هئي. هاڻي اها ٻي تعلقا ڦي سال جي حساب سان لاڳو ڪئي پئي وڃي. ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ۽ اردو ٻنهي ٻولين کي پرائمري کانپوءِ (Post_Primary) واري نصاب جو لازمي جزو بڻايو ويو آهي. اردو اڳ ۾ ئي صوبي جي علاقائي زبان هئي پر ورهاڱي کانپوءِ واري دور ۾ هڪ يڪسان آبادي پيدا ڪرڻ لاءِ سنڌي اسڪولن ۾ اردو کي متعارف ڪرائڻ ضروري سمجهيو ويو.

سنڌ ۽ خيرپور ۾ تعليمي ماهر جنهن وڏي مسئلي کي منهن ڏيندا رهيا آهن اهو هي آهي ته پرائمري تعليم جي ڏيان کي ڪئين روڪجي ۽ پرائمري چوٿين درجي تائين پهچندڙ ٻارن کي اسڪول ۾ وڌيڪ ڪيئن رکجي. بهرحال اهو سيني مشرقي ملڪن جو عام مسئلو آهي ۽ سنڌ سان خاص نه آهي ۽ حقيقت اها آهي ته سنڌ انهي لحاظ کان پاڪستان جي ڪجهه ٻين علاقن کان گهڻو بهتر آهي. بهرحال اها ڳالهه ضرور تسليم ڪرڻي پوندي ته ملڪ جي ڪجهه علاقن خاص طور پنڌتي پيل علاقن ۾ تعليم جي خلاف

هڪ لاڙو موجود آهي ۽ اهو اپرسنڌ فرنٽيئر جهڙن علائقن ۾ ته واضح ڏسي سگهجي ٿو جتي بلوچي عنصر سگهارو آهي ۽ جتي قبيلن جا سردار ويهه ورهيه اڳ تائين به تعليم جا انهي بنياد تي مخالف هوندا هئا ته اها ماٹهو کي زندگي ۾ پنهنجي اصلي مقام جي لاءِ غيرموزون بٹائي ٿي ڇڏي ۽ اهو اصلي مقام اهڙو هو ته هو تمن ۾ بلوچ قبائلي جو شان مان برقرار رکي ۽ پنهنجيون ذميواريون پوريون ڪري هن گزيٽيئر جي مولف جي ذهن ۾ ڪيترين ئي يادگيرين محفوظ آهن جو ڪيترن ئي بلوچ سردارن کيس ٻڌايو هوندو ته تعليم ته ماٹهن کي فقط بابو ۽ ڪلارڪ بنائڻ جو ڪم ئي ڪري ٿي. هو انهن کي انهن لفظن سان سڏيندا هئا. ۽ هو انهي ڏنڊي کي حقارت جي نگاه سان ڏسندا هئا. زناني تعليم جي خلاف لاڙو ايڏا وڏيڪ مضبوط هوندو هو جو ڪجهه وقت اڳ تائين به اڪثر بلوچ سمجهندا هئا ته ڇوڪرين کي تعليم ڏيڻ سان اهي زندگي ۾ پنهنجي حقيقي ڪم جي قابل نه رهنديون. انهي ۾ ڪوشڪ ڪونهي ته اهڙي قسم جا احساس ايڏا به سنڌ جي وڏي حصي ۾ پکڙيل آهن ۽ سموري آبادي ۾ تعليم جنهن سُست رفتاري سان اڳتي وڌي رهي آهي انهي جو سبب به اهو ئي آهي. اختيارين هاڻي انهي مسئلي جو ادراڪ ڪري ورتو آهي ۽ پنج سالا پلان جي نتيجي طور تعليم دشمن لاڙن کي ختم ڪرڻ ۽ وڏيڪ اطمينان بخش تعليمي نتيجا حاصل ڪرڻ لاءِ سخت ڪوششون ڪيون ويندیون.

ثانوي تعليم Secondary Education

برطانوي دور ۾ روايتي سيڪنڈري اسڪول سسٽم تشڪيل ڏئي ان کي پروان چڙهايو ويو جيئن انگريزي ڳالهائيندڙ ڪلارڪن ۽ آفيس ڪارڪن تيار ڪرڻ جي ضرورت کي پورو ڪري سگهجي. سيڪنڈري تعليم تي يونيورسٽين جو پڻ غلبو هوندو هو جو ته ميٽريڪيوليشن امتحان اهي ونڊيون هيون ۽ انهن کي نصاب ۽ درسي ڪتابن بابت مشورو ڏيڻ جو اختيار پڻ هوندو هو. تنهنڪري سيڪنڈري ايجوڪيشن کي پنهنجي مٿي ڪنهن تعليمي پروگرام طور ڪا وڏي اهميت نه هوندي هئي. انهي سان محدود پيماني تي سرڪاري نوڪري ملندي هئي يا اها اعلي تعليم لاءِ پاسپورٽ جو ڪم ڏيندي هئي. سيڪنڈري ايجوڪيشن هڪ پنج سالا پروگرام آهي جيڪو ڇهين درجي کان شروع ٿي ڏهين درجي تي پڄاڻي تي پهچي ٿو. سيڪنڈري اسڪولن ۾ لوئر ۽ اپر مڊل اسڪول ۽ هاءِ اسڪول شامل آهن. مڊل اسڪولن ۾ پرائمري ڪلاس به شامل هوندا آهن. لوئر مڊل اسڪول جن ۾ ڇهون درجو به پڙهايو ويندو هو انهن جو انگ تڪڙو گهٽ ٿيندو پيو وڃي انهي جو وڏو سبب اهو آهي ته پرائمري اسڪول هاڻي ڇٺن جماعتن بجاء پنجن جماعتن جو ٿيندو پيو وڃي ۽ ٻيو سبب اهو به آهي ته ڪجهه حالتن ۾ لوئر مڊل اسڪولن ۾ ستون ۽ اٺون درجو به شامل ڪيو ويو وڃي. هاءِ اسڪولن ۾ نائين ۽ ڏهين جا ڪلاس ته هوندا ئي آهن پر انهن سان گڏوگڏ پنجين ڇهين کان اٺين درجي تائين به ڪلاس هوندا آهن. آزادي جي وقت ڪجهه صوبن ۾ مڊل اسڪول ٻن قسمن ورنيڪيولر ۽ اينگلو ورنيڪيولر اسڪولن ۾ ورهايل هوندا هئا. انهي سان تعليم جي ڪورس ۽ شاگردن ۾ غير منصفاڻو فرق پيدا ٿيو. ڇاڪاڻ ته ڪجهه شاگردن جي اڳتي وڌڻ ۽

ڪجھ جي نہ وڌڻ بابت طي ڪيو ويندو ھو. پرائمري تعليم جي برخلاف جنھن جي گھٽي پاڻي حڪومت سھائتا ڪندي آھي سيڪنڊري تعليم تي خانگي انجمنون لوڪل باڊيز جھڙوڪ ميونسپالٽيون ۽ مذھبي تنظيمون يڪسان طور خرچ پريندڙيون آھن. انھي جو مطلب اھو آھي تہ خانگي ادارن توڙي پنھنجي ھڙان خرچ ڪندڙن جا اسڪول دستياب ھوندا ھئا ۽ انھي جو نتيجو اھو نڪتو جو ھاءِ اسڪولن جي تقسيم جاگرافيائي لحاظ کان درست نہ ھئي يعني اھي ڪنھن مخصوص علاقي ۾ تمام گھٽا تہ ڪٽي وري بلڪل ٿورا ھوندا ھئا. گرلس اسڪولن جي تمام ٿوري انگ جو بہ ڪنھن حد تائين اھو ئي سبب ٿي سگھي ٿو. پاڪستان ۾ مجموعي طور ڇوڪرن جا اسڪول ڇوڪرين جي اسڪولن کان ڇوڏھن دفعا وڌيڪ آھن ۽ سيڪنڊري اسڪولن ۾ ڇوڪرا ڇوڪرين کان ڏھوڙ تي وڌيڪ آھن. سيڪنڊري تعليم جي موجوده نظام پٺيان بنيادي سوچ اھا آھي تہ تعليمي نظام ۾ ڪي بنيادي تبديليون ضروري ھيون جيئن ادبيات، سماجي علمن ۽ اسلامي ثقافت جي عظيم اصولن ۽ ان جي تاريخ تي زور ڏيندي پروگرام کي مضبوط بڻايو وڃي ۽ ان جي نتيجي ۾ نوجوانن ۾ انفرادي ڪردار نيڪوڪاري واري زندگي ۽ وقار کي پروان چڙھائڻ سان گڏوگڏ انھي بنيادي وطن پرستي جي جذبي کي بہ مضبوط ڪجي جنھن جو بنياد قوم جي تاريخي ڪردار تي آھي. ثانوي تعليم جي نصاب ۾ مکيہ مسئلو زبان جو آھي پرائمري، مڊل ۽ ھاءِ اسڪولن ۾ ذريعہ تعليم مادري زبان آھي جڏھن تہ ڪاليج ۽ يونيورسٽي ۾ ذريعہ تعليم انگريزي آھي. تاريخ، ادب ۽ ملڪ جي عظيم ثقافتي روايتن جي ڄاڻ مادري زبانون آھن جڏھن تہ حڪومت، صنعت ۽ وڏي سطح واري واپار جي زبان ايجا بہ انگريزي آھي. انھي سان سيڪنڊري اسڪول نظام تي وڏو دباءِ پيو آھي. پر انھي دباءِ کي برداشت ڪرڻ بہ ضروري آھي. ھندو ۽ مسلمان آبادين برطانوي راج ۾ سيڪنڊري تعليمي نظام مان ڪيتري مختلف مقدار ۾ فائدو ورتو انھي تي اڳ ۾ ئي تبصرو ٿي چڪو آھي. مسلمانن ھن صدي جي اوائل ۾ ڪراچي واري مدرسي سان گڏوگڏ لاڙڪاڻي ۽ نوشھري ۾ پڻ مدرسا کوليا ھئا جيڪي تعليمي ميدان ۾ اھم ڪم ڪري رھيا ھئا جڏھن تہ ھندن وٽ ٽي مڪمل آرٽس ڪاليج، ھڪ لاڪاليج ۽ ھڪ انجنيئرنگ ڪاليج ھو ۽ مسلمان ايجا فقط ھاءِ اسڪول کولڻ جي تيارين ۾ ھئا. بمبئي حڪومت سنڌ ۾ ڪو بہ ڪاليج نہ کوليو ھو ۽ سيڪنڊري ٽريننگ ڪاليج ۽ ميڊيڪل ڪاليج جي ضرورت محسوس ڪئي پئي وئي.

سنڌ جي بمبئي پريزيڊنسي کان ڌار ٿيڻ وقت سنڌ ۾ تعليم جي صورتحال ھن ريت ھئي: مجموعي طور ھر قسم جي اسڪولن جو تعداد 3748 ھو. مسلمانن جي شرح خواندگي 3.7 سيڪڙو ھئي. ھاءِ اسڪولن جو انگ 30 ھو جن ۾ داخل شاگردن جو تعداد 5661 ھو. ڪاليجن ۾ مسلمان شاگردن جو تعداد 300 ھو. اسڪالرشپن جي صورتحال بہ مسلمانن جي فائدي ۾ نہ ھئي. ٽيڪنيڪل ڪاليج فقط ھڪ اين.اي.ڊي.سول انجنيئرنگ ڪاليج ھو. سنڌ جي علحدگي سان عام ۽ تعليمي ترقي جو ھڪ نئون دور شروع ٿيو. تعليم جي رفتار ۾ واڌ آئي ۽ ڊائريڪٽر پبلڪ انسٽرڪشن سنڌ جي نئين پيدا ڪيل عھدي تي سيپ کان پھريان خانبھادر غلام نبي قاضي مقرر ٿيو. انھي کانپوءِ 1939ع ۾ ڊاڪٽر يو. ايم. دائودپوٽو آيو

جنهن تعليم ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو. گورنمينٽ هاءِ اسڪولن ۾ مسلمان ۽ هندو شاگردن جو سيڪڙو 60 ۽ 40 مقرر ٿيل هو. پرائمري تعليم جي رفتار کي اڳتي وڌيڪ تيز ڪيو ويو. ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊن ۽ ميونسپالٽين جو تعليم تي ڪنٽرول اطمينان بخش نه هو. ڪنٽرول جي تبديلي سان لازمي پرائمري تعليم لاڳو ڪئي وئي. ملا اسڪولن ۽ زناني تعليم کي تحرڪ ڏني ويو. سن 1939ع تائين سيڪنڊري تعليم بابت حڪومت جي پاليسي اها هئي ته ڪجهه ضلعي هيڊ ڪوارٽر شهرن ۾ گورنمينٽ ماڊل هاءِ اسڪول قائم ڪيا وڃن ۽ سموري سيڪنڊري تعليم کي خانگي ادارن جي هٿن ۾ ڇڏيو وڃي جن جي حڪومت مالي مدد ڪري پر اها ڳالهه محسوس ڪندي ته مسلمانن ۾ خاص طور پهراڻين ۾ سيڪنڊري تعليم ترقي نه ڪري سگهندي انهي ڪري حڪومت کي سڌارا متعارف ڪرائڻا پيا. انهن سڌارن مان ڪجهه هي هئا ته چوڪرن ۽ چوڪرين لاءِ سيڪنڊري اسڪول کوليا ويا ۽ انهن کي بتدريج هاءِ اسڪولن جي درجي تائين پهچايو ويو. ڪجهه اسڪولن کي حڪومت پنهنجي تحويل ۾ ورتو رياست جي مالي سهڪار سان پراويڊنٽ فنڊ قائم ڪيو ويو جيئن ماٺهن ۾ تعليم کي ڏنڊي طور اختيار ڪرڻ ۾ ڇڪ پيدا ٿئي. نوان اسڪول کوليا ويا ۽ پگهارن جي اسڪيل ۾ اضافو ڪيو ويو ۽ پڙهڻ اسڪالرشپن ۾ واڌارو ڪيو ويو. خانگي ادارن کي وڌيڪ سيڪنڊري اسڪول کولڻ تي همٿائڻ لاءِ حڪومت گرانٽ- ان- ايڊجي سيڪڙي ۾ واڌارو ڪيو ۽ پڙهڻ سيڪنڊري اسڪولن ۾ لازمي فوجي تعليم متعارف ڪرائي. هاڻي ڪالیجن جو تعداد 15 آهي. هاڻي پنج غير سرڪاري ڪاليج آهن جن کي حڪومت زرتلافي (Subsidy) ڏئي ٿي. غريب شاگردن کي ڪاليجي تعليم ڏانهن مائل ڪرڻ لاءِ اسڪالرشپون ۽ وڏي انگ ۾ فري اسٽوڊنٽ شپس ڏنيون ويون آهن. هيٺين مختصر بيان ۾ سنڌ جي مکيه ڪاليجن جو ذڪر ڏجي ٿو:

گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد: ڇهه ورهيه ٿيا آهن جو سنڌ حڪومت هن ڪاليج کي پنهنجي تحويل ۾ ورتو آهي. هن تڏهن کان تمام وڏي ترقي ڪئي آهي. انهي چند استادن ۽ هڪ سو کان ڪجهه وڌيڪ شاگردن سان شروعات ڪئي هئي. هاڻي اهو صوبي جو بهترين تعليمي ادارو ٿي ويو آهي جتي آرٽس ۽ سائنس جي مضمونن ۾ آنرس تائين پڙهائي جو انتظام آهي. سن 54/ 1953ع ۾ شاگردن جو جملي انگ 755 تائين پهچي ويو ۽ ڪيترن ئي شاگردن کي فرسٽ ييئر سائنس ۾ داخلا نه ملي سگهي. سائنس سيڪشن ۾ تدريسي عملي جو انگ لڳ ڀڳ ٽيٽو ٿي ويو آهي ۽ سال 1953ع دوران 3 پروفيسر، 3 ليڪچرار ۽ ست ڊمانسٽريٽر ڪاليج ۾ دخل ڪار ٿيا آهن. آرٽس سيڪشن ۾ به ٿي نوان ليڪچرار مقرر ٿيا.

اين. جي. وي. گورنمينٽ هاءِ اسڪول، ڪراچي: ڪراچي انگلش اسڪول کي جڏهن 1863ع ۾ هاءِ اسڪول جو درجو ڏنو ويو ته انهي جو پهريون هيڊ ماسٽر مهاديو شاستري هو. ڪيس هڪ تمام وڏي ڪمر کي منهن ڏيڻو پيو جو هولي ۽ رسم الخط ٻئي هن لاءِ نوان هئا. ڪراچي هاءِ اسڪول کي 1874ع ۾ مسٽر نارائڻ جڳن ناٿ جي گرانقدر خدمتن جي مڃتا ۾ نارائڻ جڳن ناٿ هاءِ اسڪول

(اين.جي.هاءِ اسڪول) جو نالو ڏنو ويو. نارائڻ جڳن ناٿ سنڌ جو پهريون ڊپٽي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر هو. سندس بمبئي ۾ رهندڙ پوٽي بئريسٽر سي. ڊي. وڊيا سنڌ حڪومت کي درخواست ڪئي ته اسڪول جي نالي ۾ ڪٽنب جو نالو وڊيا شامل ڪيو ويجي. نتيجي ۾ سنڌ حڪومت سن 1939ع ۾ اسڪول تي نارائڻ جڳن ناٿ وڊيا هاءِ اسڪول جو نئون نالو رکيو. جيڪي نامياريا تعليمدان هن تعليمي اداري سان منسلڪ رهيا آهن انهن ۾ مسٽر پي. سي. رين به هڪ آهي جنهن Bean Geste نالي ناول لکي ڇڪي مشهوري ماڻي ۽ ٻيو مسٽر وليم گريو ايم. اي. بي ايس. سي. انڊين ايجوڪيشنل سروس آهي جيڪو اڳتي هلي پنهنجي ڪيريئر جي پڄاڻي تي ڊائريڪٽر آف پبلڪ انسٽرڪشن بمبئي ٿيو.

سنڌ گورنمينٽ ڪاليج آف ڪامرس اينڈ اڪانامڪس ڪراچي: هن ڪاليج جو بنياد جون 1945ع ۾ رکيو ويو ۽ سنڌ حڪومت جون 1948ع ۾ هن جو ڪنٽرول سنياليو. شروع ۾ اها رڳا هئي ته ڪاليج لاءِ هڪ جدا عمارت ٺاهجي ۽ ان جي پنهنجي هاسٽل به هجي پر اها رڳا عملي جامو نه پهري سگهي ۽ ڪاليج ايجا تائين ڊي. جي ڪاليج جي عمارت جي هڪ حصي ۾ هلي ٿو. جاءِ جي ڪوٽ سبب شاگردن جو انگ 300 تائين محدود ڪيو ويو آهي. اها جيتوڻيڪ ننڍي آهي پر تمام سني نموني پئي هلي ۽ هن ۾ بيچلر ان ڪامرس جي ڊگري تائين تعليم ڏني وڃي ٿي.

انجنيئرنگ اسڪول: صوبي ۾ فقط هڪ تسليم ٿيل انجنيئرنگ اسڪول آهي. اهو Subordinate Engineering Diploma Classes جي نالي سان اين. اي. ڊي انجنيئرنگ ڪاليج ڪراچي سان منسلڪ آهي. هن ۾ سول. اليڪٽريڪل ۽ مڪينيڪل انجنيئرنگ ۾ تعليم ڏني وڃي ٿي.

انڊسٽريل اسڪول: ٽيڪنيڪل ۽ انڊسٽريل اسڪولن جو تعداد ٻه آهي. انهن مان گورنمينٽ وي. جي. ٽيڪنيڪل اسڪول سکر. گورنمينٽ طرفان هلندو هو ۽ ٽيڪنيڪل اسڪول جيڪب آباد هڪ خانگي ادارو هلائيندو هو.

ڪمرشل اسڪول: صوبي ۾ 3 ڪمرشل اسڪول آهن: ڊپلوما ٽريننگ ڪاليج سکر. اسلاميه ڪمرشل ڪاليج سکر ۽ رائل ڪمرشل ڪاليج سکر ڪمرشل اسڪولن ۾ داخل شاگردن جو تعداد 120 هو. انهن ۾ ڪي به چوڪريون نه هيون. جملي 120 شاگردن مان 107 مسلمان ۽ 13 هندو هئا.

اورئينٽل اسٽڊيز اسڪول: ڪيترائي ادارا مشرقي علمن جي تعليم ڏيندا هئا. هڪ پائشالا سنسڪرت جي تعليم ڏيندو هو ۽ عربي جي تعليم ڏيندڙ 34 مدرسا هئا. پائشالا ۾ 81 شاگرد هئا ۽ مدرسن ۾ شاگردن جو انگ 683 هو. پائشالا ٽرپارڪر ضلعي ۾ عمرڪوٽ ۾ آهي ۽ هڪ خانگي اداري پاران هلايو وڃي ٿو.

چوڪرين ۽ عورتن جي تعليم: سن 54/ 1953ع ۾ چوڪرين جي تسليم شده ادارن جو تعداد 235 مان وڌي 260 تائين پهتو ۽ زير تعليم چوڪرين جو تعداد 28808 مان وڌي 30734 ٿي ويو.

هيٺين جدول ۾ ڏيکاريل آهي ته سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ ڪيتري حد تائين چوڪريون ۽ عورتون زير تعليم هيون.

ادارا	زير تعليم چوڪرين جو تعداد	ادارا	زير تعليم چوڪرين جو تعداد
يونيورسٽي	29	مڊل اسڪول	922
آرٽس ڪاليج	201	پرائمري اسڪول	27107
پروفيشنل ڪاليج	23	ٽريننگ اسڪول	46
هاءِ اسڪول	2413	ٻيا خانگي اسڪول	02

گورنمينٽ گرلس ڪاليج حيدرآباد: هي ادارو جولاءِ 1953ع ۾ وجود ۾ آيو. هي نصابي ۽ غيرنصابي سرگرمين ۾ فائديمند ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. ڪاليج جون شاگرديائيون پنهنجي معمول واري پڙهائي سان گڏوگڏ ٻين اهم سرگرمين ۾ پڻ مصروف آهن. لاهور ۾ ٿيل انٽر ڪاليجيئيٽ مباحثن ۾ شاگرديائين جا نندا جٽا موڪليا ويا ۽ اتي مس بلقيس عباسي انعام حاصل ڪيو. شاگرديائين جي جسماني واڌوبجهه تي خاص ڌيان ڏيندي انهن کي ڪاليج جي عمارت اندر بيڊمنٽن، ٽروبال، باسڪيٽ بال ۽ رنگ ٽينس جهڙين راندين ۾ حصو وٺڻ تي اپاريو وجي ٿو. ڊومسٽڪ سائنس جي سکيا کي به ساڳئي اهميت ڏني وجي ٿي.

سروري اسلاميه ڊگري ڪاليج هالا: سروري اسلاميه ڪاليج هالا جو بنياد هڪ وڏي تعليمي مخير شخصيت مرحوم مخدوم غلام حيدر سن 1951ع ۾ وڌو. هن ڪاليج پنهنجي مختصر زندگي ۾ تڪڙي ترقي ڪئي آهي ۽ ڊگري ڪاليج جو درجو حاصل ڪيو آهي جيڪو ان جي بانيڪار جو مقصد ۽ آدرش هو.

بي. جي. سنڌ. سائنس ڪاليج ڪراچي: هي سنڌ جو سڀ کان پراڻو ڪاليج آهي جيڪو جنوري 1887ع ۾ قائم ٿيو. شروع ۾ اهو گڏيل آرٽس ۽ سائنس ڪاليج هو. سنڌ حڪومت 20 جون 1948ع تي ڪاليج جو ڪنٽرول پنهنجي هٿن ۾ ورتو. پوءِ آرٽس سيڪشن ختم ڪيو ويو ۽ ڪاليج نجو سائنس ڪاليج ٿي ويو. هن وقت فرسٽ ييئر سائنس کان بي.ايس.سي تائين مختلف ڪلاسن ۾ هڪ هزار کان وڌيڪ شاگرد زير تعليم آهن. جولاءِ 1953ع کان سائنس ۾ پوسٽ گريجوئيشن جي تعليم ڪراچي يونيورسٽي مڪمل طور پنهنجن هٿن ۾ ورتي آهي ۽ ڪاليج وٽ فقط بي.ايس.سي. تائين تعليم جو ڪم باقي رهيو آهي.

سي اينڈ ايس گورنمينٽ ڪاليج شڪارپور: هن ڪاليج جو ڪنٽرول حڪومت سنڌ پاران پنهنجن هٿن ۾ وٺڻ ڪانپوءِ اهو ڪجهه وقت بي يقيني ۽ تاريڪي ۾ رهڻ ڪانپوءِ لڳاتار ترقي ۽ خوشحالي جي راهه تي هلي رهيو آهي. سن 49/ 1948 ۾ شاگردن جو انگ جيڪو فقط 48 هو اهو پنجن

ورهين جي ٿوري وقت ۾ تقريباً 400 تائين پهتو آهي. ۽ تعداد وڌڻ سان شاگردن جي تعليمي ۽ ثقافتي ترقي ۾ پڻ اضافو ٿيو آهي. تدريسي عملو اعلي تعليم يافته ۽ تجربيڪار ماڻهن تي ٻڌل آهي. ڪاليج ۾ آرٽس ۾ بي. اي آنرس تائين ۽ سائنس ۾ انٽرميڊيئيٽ تائين تعليم ڏني وڃي ٿي.

شاهه عبداللطيف گورنمينٽ آرٽس ڪاليج، ميرپور خاص:

جون 1952ع ۾ ڪليل شاهه عبداللطيف آرٽس ڪاليج ميرپور خاص ڏگري ڪاليج طور ڪم ڪري رهيو آهي. اهو خانگي ڪاليج طور شروع ڪيو ويو هو پر سنڌ حڪومت صوبي ۾ تعليمي سهوليتن ۾ بهتري آڻڻ جو عزم ڪندي. آگسٽ 1953ع ۾ ان جو ڪنٽرول پنهنجن هٿن ۾ ورتو.

نذرت ڪاليج حيدرآباد: حيدرآباد جو هي ادارو امريڪن مشن طرفان فقط ڇوڪرين لاءِ هلايو پيو وڃي. ان جو الحاق سنڌ يونيورسٽي سان آهي. ان ۾ بي.اي آنرس تائين آرٽس جا سبجيڪٽ ۽ انٽر تائين سائنس جا سبجيڪٽ پڙهايا وڃن ٿا. خاص ڪوششون ڪيون پيون وڃن ته جيئن تعليم جي دائري ۾ وسعت آندي وڃي ۽ انهيءَ لاءِ ڊومسٽڪ سائنس ۽ جاگرافيءَ جا سبجيڪٽ شامل ڪيا ويا آهن جن لاءِ ليبارٽري ۽ پريڪٽيڪل ڪم جي ضرورت پوندي آهي.

ٽريننگ انسٽيٽيوٽ ۽ سيڪنڊري استادن جي تعليم

سيڪنڊري اسڪولن جي گريجوئيٽ استادن جي ٽريننگ لاءِ فقط هڪ ادارو گورنمينٽ ايس. سي. ڪاليج ڪراچي آهي. انهي سان گڏوگڏ پنج پرائمري ٽريننگ انسٽيٽيوٽ پڻ آهن جن جا نالا آهن. گورنمينٽ ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد، گورنمينٽ ٽريننگ ڪاليج فار ويمن حيدرآباد، گورنمينٽ ٽريننگ اسڪول لاڙڪاڻو، گورنمينٽ ٽريننگ اسڪول سکر، گورنمينٽ ٽريننگ اسڪول ميرپورخاص، انهن پنجن ئي ادارن ۾ سڪيا ونندڙ شاگردن جو تعداد 983 هو جن مان 940 مرد ۽ 43 عورتون هيون.

پروفيشنل اسڪول ۽ ڪلاس: هيٺين جدول ۾ ٽيڪنيڪل ۽ پروفيشنل اسڪولن جو تعداد ۽ هر هڪ ۾ پڙهندڙ شاگردن جو وانگ ڏيکاريل آهي:

اسڪول جو قسم	ادارن جو تعداد	شاگردن جو تعداد
ميڊيڪل	1	70
انجنيئرنگ	1	356
ٽيڪنيڪل ۽ انڊسٽريل	2	44
ڪمرشل	3	120
جملي	7	590

سنڌ حڪومت 1955ع ۾ پاڪستان جي نئين آئيني تنظيم ۾ منظر تان غائب ٿيڻ کان اڳ ڪيترائي بهترين ڪارنامه سرانجام ڏنا هئا. جيڪو ڪجهه ٿي رهيو هو انهي جي هڪ جهلڪ مسٽر عبدالستار پيرزادي، وزير اعلي سنڌ جي هڪ تقرير ۾ بيان ٿيل آهي جيڪا هن سنڌ ليجسليٽو اسيمبلي ۾ 55-1954ع جي بجيٽ

پيش ڪندي ڪئي هئي. وزير اعلي پنهنجي بجيٽ تقرير ۾ چيو: پرائمري تعليم ۾ واڌاري سان ڀهراڙين مان مڊل ۽ هاءِ اسڪول قائم ڪرڻ جون گهرون ٿي رهيون آهن. منهنجي حڪومت ڏوڪري، ٽنڊو جان محمد، ميرپور خاص، ڪنڊ ڪوٽ، دادوءِ ميرپورماٿيلي ۾ هاسٽلن جي جلد مڪمل ٿيڻ کي وڏي اهميت ڏئي رهي آهي. انهن جي تعمير موجوده مالي سال ۾ شروع ٿي وئي آهي. انهي مقصد لاءِ بجيٽ ۾ سادهن ۽ارهن لکن جي رقم رکي وئي آهي. ايندڙ مالي سال ۾ سنجهوري ڪارا ۽ ننگرپارڪر تعلقن ۾ لازمي پرائمري تعليم شروع ڪئي ويندي. لازمي پرائمري تعليم صوبي جي 2/3 حصي ۾ شروع ڪئي ويندي ۽ باقي رهيل غير لازمي تعليم واري علاقي ۾ ۽ 145 نوان پرائمري اسڪول شروع ڪيا پيا وڃن جيئن اهي ڀهراڙين جي آبادي جي وڏندڙ تعليمي ضرورتن جو پورائو ڪري سگهن. پرائمري تعليم جي واڌاري جي انهن قدمن ٿي تقريباً سادا اٺ لک روپيا واڌو خرچ ٿيندا. پرائمري تعليم جي واڌاري ۾ اهم رڪاوٽ تربيت يافته پرائمري استادن جي ڪوٽ آهي. منهنجي حڪومت زير تربيت پرائمري استادن کي مڪمل پگهار ۽ الائونس ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي جيئن انهن لاءِ تربيتي ادارن ۾ داخلا ونڊ وڌيڪ ڪشش جو سبب ٿي سگهي. بجيٽ ۾ ميرپور خاص ۾ پنج لک روپين جي لاڳت سان پرائمري استادن جو تربيتي ادارو تعمير ڪرڻ لاءِ فنڊ رکيا ويا آهن. ايندڙ مالي سال ۾ فقط پرائمري تعليم تي خرچ هڪ ڪروڙ تائين وڃي پهچندو جيڪو اڳ ۾ ڪڏهن نه پهتو آهي. اهڙي طرح صوبي ۾ فقط پرائمري تعليم تي في ماٿو تي ٻن روپين کان وڌيڪ خرچ ٿيندو. منهنجي خيال ۾ اها رقم پاڪستان جي ٻين صوبن کان وڌيڪ آهي. ماضي ۾ ڪجهه وقت کان حيدرآباد ۾ صوبائي لائبريري ۽ عجائب گهر ٺاهڻ جي مسئلي تي لڳاتار سوچ ويچار ٿي رهي آهي. لائبريري ۽ عجائب گهر لاءِ هنڊ به چونڊجي ويو آهي. اهو فيصلو ٿي ويو آهي ته ادارو پيربخش گارڊنس ۾ ٺهندو. تعمير جو ڪم جلد ئي شروع ٿيندو. تخمينو آهي ته عمارت تي ٽي لک روپيا لاڳت ايندي. حڪومت ڪجهه وقت اڳ سنڌي ادب جي واڌويجهه لاءِ سنڌي ادبي بورڊ قائم ڪيو آهي. بورڊ تمام ڪارائتو ڪم ڪيو آهي. بورڊ جي نظر داري هيٺ سنڌي زبان جي هڪ جامع لغات تيار ٿي رهي آهي. لغات جو پهريون جلد مڪمل ٿي چڪو آهي. بورڊ وٽ اڻ جلد ۾ سنڌ جي تاريخ لکڻ جي هڪ عظيم الشان رٿا پڻ تيار پئي آهي. ڪيترن ئي معروف ليکڪن کي اها تاريخ لکڻ جي آڇ ڪئي وئي آهي ۽ اڻ مان به جلد مڪمل ٿي ويا آهن. اميد آهي ته بورڊ ايندڙ مالي سال دوران پنهنجين سرگرمين جو دائرو وڌائيندو. بنيادي سماجي ۽ طبعي سائنسن ۽ عالمي ادب مان ڪيترائي ڪتاب غير ملڪي زبانن مان سنڌي ۾ ترجمو ٿي ويا آهن. بورڊ کي پنهنجين سرگرمين جو دائرو وڌائڻ لاءِ هن بجيٽ ۾ هڪ لک روپين جي گرانٽ ڏني وئي آهي. هاڻي اهڙي رٿاتي عملدرآمد ڪرائڻ اولهه پاڪستان حڪومت جي ذميواري آهي جيڪا اولهه پاڪستان جي صوبن جي نئين سر تشڪيل کانپوءِ سنڌ، پنجاب ۽ اتر اولهه سرحدي صوبي جي صوبائي حڪومتن جي جاءِ وٺي چڪي آهي.

يونيورسٽي تعليم

سنڌ لاءِ جدا يونيورسٽي جون رٿائون سن 1937ع کان ٺهڻ شروع ٿيون ۽ انهي سموري مسئلي جو تدريسي، انتظامي ۽ مالي رُخن کان جائزو وٺڻ لاءِ سنڌ يونيورسٽي ڪميٽي ٺاهي وئي. ڪميٽي 1942ع ۾

هڪ جامع رپورٽ چپرائي ۽ گهٽي دير ڪانپوءِ انهي جي نتيجي ۾ 1947ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ائڪٽ پاس ڪيو ويو. ائڪٽ پاس ٿيڻ سان ئي يونيورسٽي 3- اپريل 1947ع تي ڪراچي ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ۽ ڪراچي جو گورنر هزايڪسيلينسي سر فرانسس مودي انهي جو پهريون چانسلر ٿيو ۽ سرغلام حسين هدايت الله پهريون پرو- چانسلر ٿيو. مسٽر اي بي. حليم پهريون وائيس چانسلر ۽ خان صاحب آغا تاج محمد پهريون رجسٽرار ٿيو. انهن پاران چارج ونڊڻ کان فوراً پوءِ مختلف ادارا جهڙوڪ سينيٽ، سنڊيڪيٽ، اڪيڊمڪ ڪائونسل، فئڪلٽيون، مختلف بورڊس آف اسٽڊيز جي جوڙجڪ ڪئي وئي. انهي جي وجود جي شروعاتي ڪجهه مهينن ۾ ئي سنڌ يونيورسٽي جي اختيارين بدليل حالتن کي مدنظر رکندي نوان ڪورس ۽ سليس ٺاهڻ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو. اپريل 1951ع ۾ علامہ آءِ آءِ قاضي کي سنڌ يونيورسٽي جو وائس چانسلر مقرر ڪيو ويو. ڪراچي جي سنڌ صوبي کان جدا ٿيڻ ۽ ڪراچي جي علائقي لاءِ ڪراچي يونيورسٽي قائم ٿيڻ سبب سنڌ يونيورسٽي جو هيڊ ڪوارٽر 4- مئي 1951ع تي حيدرآباد منتقل ڪيو ويو. انهي تبديلي سبب يونيورسٽي سنڌ صوبي جي هڪ مرڪزي جاءِ تي اچي وئي. يونيورسٽي کان سنڌ صوبي جي مفادن لاءِ ئي ڪم ڪرڻ جي اميد ڪئي پئي وئي. پوسٽ گريجوئيٽ يونيورسٽي ٽريننگ ڊپارٽمنٽس ٺهڻ سان يونيورسٽي جي ترقي جي رفتار ۾ وڏيڪ تيزي آئي. انهن ڊپارٽمينٽس جو انگ هاڻي وڌي 15 ٿي ويو آهي يونيورسٽي سان الحاق ٿيل ادارن جي تعداد ۾ به وڏي واڌ آئي آهي جو ڪاليجن جو انگ 1947ع ۾ ٽن کان وڌي 1954ع ۾ 12 تائين پهچي ويو آهي. يونيورسٽي اختيارين تدريس جي انداز ۽ معيار ۾ بهتري آڻڻ ۽ الحاق ٿيل ادارن ۾ تعاون جو سگهارو جذبو پيدا ڪرڻ ۾ خاص دلچسپي ورتي آهي. مئٽريڪيولیشن جي نئين رٽا جيڪا ڪيترن ورهين کان غور هيٺ هئي انهي کي تڪميل تي پهچائي 1- اپريل 1954ع کان متعارف ڪرايو ويو آهي. لائبريري ۾ ڇڪي واڌ ڪئي وئي آهي. انهي جي ذخيري ۾ سيني وڻن موضوعن تي ڪتاب موجود آهن ۽ اها يونيورسٽي جي پوسٽ گريجوئيٽ ڊپارٽمينٽس جي گهرجن جو پورائو ڪرڻ لاءِ ڇڪي نموني ليس آهي. هن وقت ذخيري ۾ ڪتابن جو مجموعي تعداد 22000 آهي ۽ اهي ڪتاب هن انگ ۾ شامل نہ آهن جن جو آرڊر ڏنل آهي ۽ پهچڻ وارا آهن. شاگردن جي تعليم سان گڏوگڏ عام ماڻهن کي به زندگي جي مختلف رخن بابت تعليم ڏيڻ ضروري آهي. تنهنڪري يونيورسٽي جي سرپرستي هيٺ اسلامڪ اسٽڊي سرڪل قائم ڪيو ويو آهي ۽ يونيورسٽي جو وائس چانسلر علامہ آءِ آءِ قاضي باقاعدگي سان ليڪچر ڏيندو آهي. ميڊيڪل ڪائونسل آف پاڪستان، سنڌ يونيورسٽي جي ايم بي. بي ايس جي ڊگري تسليم ڪئي آهي. سنڌ يونيورسٽي جي سيني ڊگرين ۽ امتحانن کي پنجاب يونيورسٽي تسليم نہ ڪيو آهي ۽ هندستان جي به ڪيترين ئي يونيورسٽين متاسٹا جي بنياد تي سنڌ يونيورسٽي جي امتحانن ۽ ڊگرين کي تسليم ڪيو آهي. سنڌ يونيورسٽي جي ڊگرين کي برطانيا ۽ آمريڪا جي به اهم يونيورسٽين به اتان جي قاعدن ۽ طريقہ ڪار مطابق تسليم ڪيو آهي. سنڌ يونيورسٽي جي 55/ 1954ع جي سالياني رپورٽ ۾ چيو ويو هو تہ آرٽس ۽ رليجن جون فيڪلٽيون مڪمل ٿي ويون هيون ۽ سائنس فيڪلٽي ۾

مئٽميٽڪس ۽ ٻاڻني جا تدريسي شعبا قائم ڪيا ويا هئا. انهي سان گڏوگڏ سائنس فيڪلٽي ۾ زولاجي، فزڪس، ڪيمسٽري ۽ جيالاجي جا شعبا جلد قائم ڪرڻ جي تجويز هئي. رپورٽ ۾ چيو ويو هو: اهو چوڻ غلط نه هوندو ته سنڌ يونيورسٽي پنهنجي سنئين سڌي انتظام ۽ ڪنٽرول هيٺ آرٽس، رليجن ۽ سائنس جي ٽن فيڪلٽين ۾ پوسٽ گريجوئيٽ تعليم شروع ڪئي. انهي ڳالهه تي به غور ٿي سگهي ٿو ته ايندڙ سال ڪان فيڪلٽي آف لا ۾ پوسٽ گريجوئيٽ تعليم شروع ڪئي وڃي. پوسٽ گريجوئيٽ تعليم ۾ هينيان شعبا شامل آهن: تعليم، رليجن، اسلامڪ ڪلچر، مسلم هسٽري، عربي، سنڌي، اردو، اڪانامڪس، فلسفو فارسي، انگريزي، جنرل هسٽري، نفسيات، پوليٽيڪل سائنس، مئٽميٽڪس ۽ ٻاڻني. هينئين جدولن ۾ 57-1951ع ڪان ڇهن ورهين دوران سنڌ يونيورسٽي جي ڪار گذاري بيان ٿيل آهي. انهي ۾ 4- مئي 1951ع تي ڪراچي ۾ يونيورسٽي قائم ٿيڻ وارو دور پڻ شامل آهي. جدولن ۾ الحاق ٿيل هاءِ اسڪولن ۽ ڪاليجن جو انگ، يونيورسٽي جي امتحانن ۾ ويهندڙ شاگردن جو تعداد ۽ پوسٽ گريجوئيٽ تدريسي شعبن جو تعداد ڏيڻ آهي.

	اسم	4- مئي 1951ع حيدرآباد منتقل ٿيڻ ڪان پوءِ ڪراچي ۾ 1951ع	حيدرآباد منتقل ٿيڻ ڪانپوءِ 4 مئي 1951ع	حيدرآباد ۾ 57-1955
1	الحاق ٿيل هاءِ اسڪولن جو انگ	59	34	87
2	الحاق ٿيل ڪاليجن جو انگ	16	05	22
3	يونيورسٽي جي امتحانن ۾ ويهندڙ شاگردن جو انگ	6074	2776	7790
4	پوسٽ گريجوئيٽ تدريسي شعبن جو تعداد	نه	نه	24

هينئين جدول ۾ 1951ع ۽ 57/ 1956ع جي وچ ۾ هاءِ اسڪولن ۽ ڪاليجن جي انگ ۾ آيل واڌ جو ڏيکاريل آهي.

الحاق ٿيل اسڪولن ۽ ڪاليجن جو تعداد

سال	هاءِ اسڪول	ڪاليج	سال	هاءِ اسڪول	ڪاليج
1950_51	36	5	1954_55	59	16
1951_52	43	11	1955_56	59	17
1952_53	48	11	1956_57	87	22
1953_54	53	12			

هيٺئين جدول ۾ 52/ 1951 کان 57/ 1956 جي وچ ۾ يونيورسٽي جي امتحانن ۾ ويهندڙ ۽ امتحان پاس ڪندڙ شاگردن جو تعداد ڏيکاريل آهي.

سال	مٽرڪ		ٻيا امتحان		ڏگري		جملي	
	ويٺا	پاس ٿيا	ويٺا	پاس ٿيا	ويٺا	پاس ٿيا	ويٺا	پاس ٿيا
52_ 1951	1757	753	887	376	135	98	779	1227
53_ 1952	2050	1256	887	488	191	144	3128	1888
54_ 1953	2412	1408	1128	685	284	216	3824	2309
55_ 1954	3385	1592	1500	852	423	289	5308	2733
56_ 1955	3650	1680	3480	1762	660	414	7790	3856
57_ 1956	4553	2026	3250	1690	1017	645	8820	4367

اهو طي ڪيو ويو آهي لوئرسنڌ بيراج ۽ ڪوٽڙي ريلوي اسٽيشن جي وچ ۾ هڪ جاءِ تي سنڌ يونيورسٽي شهر اڏيو وڃي. يونيورسٽي ٽائون شپ اسڪيم تيار ڪئي وئي آهي ۽ ان تي 6 ڪروڙ 30 لک رپيا خرچ جو ڪاڙو آهي. سنڌ جي وزير اعلي 1954ع واري پنهنجي بجيٽ تقرير ۾ چيو "سنڌ يونيورسٽي شروع ۾ فقط هڪ امتحان ونڊڙ ادارو هو. هاڻي سنڌ يونيورسٽي ۾ پوسٽ گريجوئيٽ تدريس پڻ ٿي رهي آهي ۽ اها تيزي سان هڪ مڪمل رهائشي تدريسي يونيورسٽي ٿيندي پئي وڃي. سنڌو درياءِ جي ساڃي ڪپ تي ڪوٽڙي بيراج ڪان هيٺ حيدرآباد شهر جي آڏهون سامهون هڪ نئون يونيورسٽي شهر ٺاهڻ جي تجويز آهي. انهي لاءِ جاءِ جي چونڊ اڳيئي ٿي وئي آهي. سنڌ يونيورسٽي لاءِ ڪم شروع ڪرائڻ لاءِ هلندڙ مالي سال ۾ ويهن لکن جي گرانٽ منظور ٿي چڪي آهي. ايندڙ سال جي بجيٽ تخميني ۾ وڌيڪ ويهه لک رپيا رکيا ويا آهن جيئن يونيورسٽي ٽائون شپ اسڪيم تي وڌيڪ اڳيرائي ٿي سگهي. ڇڻن لکن جي واڌو گرانٽ پڻ رکي وئي آهي جيئن يونيورسٽي سائنسي ۽ ثقافتي اهميت وارا ڪتاب ڇاپڻ لاءِ هڪ جديد پرنٽنگ پريس قائم ڪري سگهي. انهي گرانٽ سان يونيورسٽي کي پنهنجي لائبريري ۾ واڌ آڻڻ جو پڻ موقعو ملندو جيڪا پنهنجي موجوده حالت ۾ هن اداري جي وڌندڙ ضرورتن جو پورائو ڪرڻ لاءِ ناڪافي آهي. سنڌ حڪومت هن سال 1954ع ۾ انهي ڳالهه کان مڪمل طور آگاهه آهي ته صوبي ۾ طبي سهوليتن جي ڪوٽ آهي. صوبي کي

طبي امداد جي ميدان ۾ جن بنيادي مسئلن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. اهي آهن طبي عملي جي سکيا، ان ڊور ۾ آوٽ ڊور مريضن لاءِ اسپتالن ۾ جڳهه ۾ واڌارو ۽ اسپتالن لاءِ دوائن جي فراهمي. حڪومت سکيا واري شعبي ۾ حيدرآباد ۾ لياقت ميڊيڪل ڪاليج کوليو آهي. اهو ادارو ضرورتن مطابق پوري جاءِ ۽ تدريسي عملي جي کوٽ سبب مسئلن جو شڪار هو. ڪاليج عارضي طور حيدرآباد سول اسپتال جي احاطي ۾ هڪ عمارت ۾ ڪم ڪري رهيو آهي. اداري جي فوري ضرورتن جي پورائي لاءِ ويجهو ئي هڪ نئين عمارت تعمير ڪئي وئي آهي. لياقت ميڊيڪل ڪاليج جي نئين عمارت جي تعمير سنڌو درياء جي ساڄي ڪپ تي حيدرآباد شهر جي سامهون مجوزه يونيورسٽي ٽائون شپ ۾ ڪم اڳيئي شروع ٿي ويو آهي. انهي ڪاليج تي خرچ جو تخمينو تقريباً ڏيڍ ڪروڙ آهي ۽ ڪاليج جي عمارتن جي ايندڙ سال تعمير لاءِ 55/ 1954ع جي بجيٽ ۾ 30 لک روپيا رکيا ويا آهن.

خواندگي (Literacy): سنڌ ۽ خيرپور جي 1951ع جي آدمشماري مان خبر پوي ٿي ته سنڌ ۽ خيرپور جي آبادي تعليم يافته ليکجڻ جي منزل کان گهڻو پري آهي. آدمشماري ۾ خواندگي جو جيڪو معيار مقرر ڪيو ويو هو اهو بلڪل ابتدائي قسم جو هو. جنهن به شخص اها دعويٰ ٿي ڪئي ته هو پڙهي سگهي ٿو انهي لاءِ اهو ضروري نه هو ته هو هٿ جي لکيل تحرير پڙهي سگهي پر هن لاءِ صاف پرنٽ ئي پڙهي سگهڻ ڪافي هو. جنهن شخص چيو ٿي ته هو لکي سگهيو ٿي انهي کي به فقط هڪ سادو ۽ سولو خط لکي ڏيکارڻو هو. گذريل آدمشمارين ۾ ورتل خواندگي جي معيار سان ڪو مناسب نموني مقابلو ٿي نه ٿي سگهيو ڇاڪاڻ ته 1951ع جي آدمشماري ۾ خواندگي جو هڪ مختلف درجو ڪم آندو ويو هو. سنڌ ۽ خيرپور رياست ۾ جملي پڙهيل لکيل ماڻهن جو تعداد 652587 هو. اهو جملي آبادي جو 2. 13 سيڪڙو هو. جڏهن ته 1941ع واري آدمشماري ۾ پڙهيل لکيل ماڻهن جو جملي انگ 352552 هو جيڪو جملي آبادي جو 8 سيڪڙو هو. انهن مان سڀ ماڻهو هڪ يا وڌيڪ ٻولين ۾ پرنٽ ٿيل مواد پڙهي سگهيا ٿي جيتوڻيڪ کجهه ته فقط قرآن پڙهي سگهندا هوندا.

باب سترهون

پوليس ۽ امن امان: انصاف، جيل خانا ۽ پبلڪ هيلٿ

تالپرن جي ڏينهن ۾ ملڪ جو انتظام ڪاردارن جي حوالي هوندو هو. اهي مختلف ضلعن جا انچارج هوندا هئا ۽ هڪ ئي وقت روينيو ۽ عدالتي آفيسر جو ڪم ڪندا هئا. اهي جنهن قانون مطابق نظم ضبط هلائيندا هئا اهو قرآن هوندو هو البت انهي ۾ قرآن جي مجيل نظرين مطابق تفسير جو لحاظ رکيو ويندو هو. ميار ظالم نه هوندا هئا. اهي موت جي سزا کي ناپسند ڪندا هئا. تمام بچڻن ڏوهن جي سزا جسم جو ڪو عضوو ڪٽڻ هوندي هئي ۽ اهڙو ڏوهه به جيڪڏهن مراعات يافتا طبقي جو ڪو فرد ڪندو هو ته اهڙي سزا کي عمر قيد ۾ تبديل ڪيو ويندو هو. ٻين سزائن ۾ ڏنڊ، ڏاڙهي ڪوڙڻ، منهن ڪارو ڪرڻ، لڪ ڇڻ ۽ ڪاٺ ۾ وجهڻ شامل هوندو هو. تڏهن کي خاص قيد خانا به نه هوندا هئا ۽ نه ئي قيدين جي ڪاڏي پيتي ۽ ٻين ضرورتن جو ڪو بندوبست ڪيو ويندو هو. اهو ڪم انهن جي مٿن مائٽن ۽ نيڪي جو جذبو رکندڙ عوام جي حوالي هوندو هو. ايذاء تڪليفون ڏئي ڏوهه باسرائڻ جي موڪل هوندي هئي. اهو اڻ لکيل بلوچاڻو قانون به عام مروج هوندو هو جنهن تحت مڙس کي پنهنجي ٻيوفا زال کي ماري ڇڏڻ جي موڪل هوندي هئي. پوليس ڪاتو ڪجهه ويچارڻن سوارن تي ٻڌل هوندو هو جيڪي به وڏن شهرن ۾ هوندا هئا. پر جتي هر ڪو ماڻهو هٿيار کڻيو گهمي پنهنجي حفاظت پاڻ ڪري ۽ پنهنجا پلاند به پاڻ وٺي اتي پوليس وارن جي ته ڪا ضرورت نه هئي. ڏوهه جو پتو لهڻ لاءِ انهن وٽ هڪ شاندار نظام هوندو هو. برطانوي راج هيٺ انهي نظام کي منسوخ ڪرڻ تي ڪيترن آفيسرن کي افسوس ٿيو هو. چوري ٿيل مال جو سمورو ذمو انهي ڀوٽ يا جاگير تي پوندو هو. تنهنڪري اها ڀالهه هر ڪنهن زميندار جي فائدي ۾ هوندي هئي ته هو پنهنجين حدن ۾ ڪنهن چور کي رهڻ نه ڏئي. موت جي سزائن جا فيصلا ميار خود ڪندا هئا ۽ پنهنجن ڪاردارن خلاف فيصلن جون اپيلون به اهي ئي ٻڌندا هئا. بهرحال اصيل توڙي جوابدار ٻنهي کي اهڙي ٻڌڻي لاءِ وڏي قيمت ڏيڻي پوندي هئي ۽ فيصلي وٺڻ لاءِ ته هيڪاري وڌيڪ قيمت ادا ڪرڻي پوندي هئي.

ملڪ ۾ منظم پوليس سروس برطانوي حڪومت آندي هو. ميرن پاران پوليس جون ذميواريون ڪاردارن ۽ جاگيردارن کي سونپيل هونديون هيون. انهي جي ماتحتي ۾ چوڪيدار مقرر ٿيل هوندا هئا جيڪي ڏينهن جو شهر جي ڪنڊن جي حفاظت ڪندا هئا ۽ رات جو گشت ڪندا هئا جڏهن ته ڳوٺن جا پنهنجا چوڪيدار ۽ پيري هوندا هئا جن کي ڳوٺ جي ٻين مزدورن وانگر فصل جي لاباري وقت اجورو ڏنو ويندو هو. حيدرآباد ۾ پوليس جي اختيارن سان هڪ ڪوتوال يا ستي مئجسٽريٽ مقرر ٿيل هوندو هو.

ان وٽ ويهن پٽيوالن تي مشتمل سپاهه هوندي هئي انهي کي به معاوضي ۾ مير جي ٻئي عملي وانگر جزوي طور کي حق ۾ رعايتون ملنديون هيون. سموري ملڪ ۾ اهو اڻ لکيل دستور لاڳو هوندو هو ته جنهن به زميندار جي حد ۾ ڪنهن ڏوهاري جا پيرا لڳا ته انهي لاءِ جوابده به هو پاڻ هوندو يا ته هو پنهنجي حدن مان پيرا ٻاهر ڪيڊي ڏئي. انهي نظام جي پٽيرائي لاءِ فوري ۽ سخت سزائون مقرر ٿيل هونديون هيون تنهنڪري اهو تمام موثر هوندو هو ۽ انهي ڳالهه جون ثابتيون موجود آهن ته برطانوي طور طريقا رائج ٿيڻ سان عام رواجي ڏوهن ۾ چڱي واڌ آئي. نيپيئر ملٽري پوليس جو نظام متعارف ڪرايو هو. هن جيئن ته پنهنجي فوج کي عوام سان گهري رابطي ۾ نه ٿي آڻڻ گهريو تنهنڪري هن ملٽري آفيسر جي ماتحتي ۾ ۽ ڪليڪٽر جي ڪنٽرول کان بلڪل آزاد 2400 هٿياربند سپاهين تي ٻڌل سپاهه ترتيب ڏني. حقيقت اها آهي ته هندستاني پوليس ۾ اڳتي هلي جيڪي سڌارا آيا انهن جي وڏي حصي جو ماڊل نيپيئر جي نظام کي سمجهيو ٿي ويو. هن ۾ سندس انتظام جي ٻئي ڪنهن به شاخ کان گهٽ تبديليون آيون آهن.

هن نظام جا ٻه مکيه اصول هي هوندا هئا ته پوليس آفيسر عدليا کان آزاد هئڻ گهرجي ۽ ساڳئي وقت هن کي ڪي به عدالتي ڪم سرانجام نه ڏيڻ گهرجن. سنڌ پوليس جي ڪمان هڪ ملٽري آفيسر کي سونپي ويندي هئي جنهن کي ڪئپٽن آف پوليس چيو ويندو هو. ان جي ماتحت ٽي ليفٽيننٽ هوندا هئا اهي به ملٽري آفيسر هوندا هئا. اهي ڪراچي، حيدرآباد ۽ شڪارپور جي ضلعي سپاهه (District Force) کي ڪنٽرول ڪندا هئا. پوليس جو ٻيون ڪئپٽن ليفٽيننٽ اِي. سي. مارسٽن هو جنهن ميانڻي جي جنگ ۾ نيپيئر جي جان بچائي هئي. هو اهو عهدو ختم ٿيڻ تائين ڪاتي جو سربراهه رهيو. پوءِ جنرل مارسٽن فتح کان 52 ورهيه پوءِ 1902ع ۾ پنهنجي وفات تائين ڪراچي ريس ڪورس جي هڪ جاتل سجاتل شخصيت رهيو. سن 1861ع ۾ ڪئپٽن جي عهدي کي متائي ڪمانڊنٽ ڪيو ويو ۽ ليفٽيننٽ. پوليس ڪئپٽن ٿيڻ لڳا. سن 1865ع ۾ جڏهن ڪمانڊنٽ ۽ ڪئپٽن جون پوسٽون ختم ڪيون ويون ته پوليس جو ڪنٽرول ڪمشنر اِن سنڌ جي هٿن ۾ ويو هليو ۽ ضلعي سپاهه سپرنٽنڈنٽ جي ڪنٽرول ۾ ڏني وئي. سن 1905ع ۾ پوليس جي ساز و سامان، نظم ضبط ۽ ڪارڪردگي تي ڪمشنر جي نظرداري سنڌ جي ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل آف پوليس کي ڏني وئي.

انڊين پوليس فورس جي عام جوڙجڪ 1861ع جي قانونسازي ۾ واضح ڪئي وئي. انهي ۾ صوبن جي انتظام هيٺ هلندڙ پوليس بابت قانون ٺهيل هو جيڪا گورنر جنرل جي عمومي ڪنٽرول هيٺ نه هئي. هاڻي چالو عام نظام هيٺ ضلعي جو سپرنٽنڈنٽ آف پوليس ٻڌي ڪنٽرول هيٺ هوندو آهي. هن وٽ جنهن فورس جي ڪمان هوندي آهي. اها ضلعي ۾ قانون جي عملداري ۽ نظم ضبط جي بحالي جي معاملن بابت ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ جي ڪنٽرول هيٺ هوندي آهي. پر فورس جي ڪارڪردگي ۽ ڪاتي جو ڪاروهنوار ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل آف پوليس ۽ انسپيڪٽر جنرل آف پوليس تي ٻڌل ڪاتي جا عملدار هلائيندا آهن. عمومي طور چئي سگهجي ٿو ته ضلعي سپرنٽنڈنٽس آف پوليس عدالتي ۽ مئجسٽريٽي مسئلن تي ڊسٽرڪٽ

مئجسٽريٽ سان لکپڙهه ڪندا آهن ۽ فورس جي اندروني ڪاروهنوار بابت پنهنجن ڪاتي جي سربراهن سان رابطي ۾ ايندا آهن. سن 1902/03ع واري ڪرزن پوليس ڪميشن پوليس جي ڪم ڪار ۾ نوان آندي انهي ڪميشن پڙهيل لکيل هندستانين جي سنئون سڌو پوليس اسٽيشن آفيسر طور پرتي جي گنجائش رکي هر مقامي حڪومت هيٺ مخصوص ڪمن جي اهليت رکندڙ پوليس ايجنسيون تشڪيل ڏنيون جيڪي خاص نوعيت جي ۽ پروفيشنل ڏوهن جي تفتيش ڪري سگهن. ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل جي ماتحتي ۾ ڪم ڪندڙ ڪرمنل انويسٽيگيشن ڊپارٽمينٽ جي شروعات اهڙي طرح ٿي. فنگر پرنٽ آئڊينٽيفڪيشن بيورو جهڙن سائنسي محڪمن جي ڪم ڪار کي به ڪرمنل انويسٽيگيشن ڊپارٽمينٽ ڪنٽرول ڪن ٿا. گورنمينٽ آف انڊيا جي هوم ڊپارٽمينٽ جي ماتحتي ۾ هڪ انٽيليجنس بيورو به وجود ۾ آيو جيڪو سيني صوبائي ڪرمنل انويسٽيگيشن ڊپارٽمينٽس کان معلومات گڏ ڪندو هو ۽ بين الصوبائي سهڪار جا معاملا اُڪلائيندو هو. موجوده دور ۾ پوليس جي تنظيم هن ريت آهي.

هر ضلعي جي مکيه شهر ۾ سپرنٽينڈنٽ آف پوليس جي آفيس، سندس هيڊڪوارٽر، پوليس لائين ۽ پريڊ گرائونڈ هوندو آهي. ضلعي جي پوليس اسٽيشنن ۽ پوسٽن لاءِ وردين، هٿيار بارود ۽ ٻيو سازسامان گڏ ڪرڻ ۽ ورهائڻ جو مکيه مرڪز به اهو ئي هوندو آهي. اسلحه خانو ۽ اسٽور به هتي ئي هوندا آهن. سپرنٽينڈنٽ پاران نون پرتي ٽيل سپاهين کي ڊرل، ڪي خاص هنر ۽ ڊيوٽي ڪرڻ جا طور طريقا به هتي ئي سيکاريا ويندا آهن ۽ پوءِ انهن کي خالي جاين تي موڪليو ويندو آهي. پوليس لائين ۾ هٿياربند پوليس پڻ هوندي آهي جيڪا ضلعي ۾ خزاني آفيسن تي پهرو ڏيندي آهي ۽ قيدين ۽ خزاني کي اسڪارٽ ڏيندي آهي پوليس جي هٿيارن ۾ به بهتري آندي وئي آهي. مکيه هٿيار 410 بور جي بندوق ۽ 303 [ٽري ناٽ ٽري] رائيفل آهن. اڪثر هيڊ ڪوارٽرن ۾ رزرو هٿياربند پوليس هوندي آهي ۽ وڏي آبادي وارن شهرن ۾ هڪ پوليس اسٽيشن (ٿاڻو) ۽ پوليس اسٽيشن آفيسر (ٿاڻيدار) هوندو آهي. عوام جو پوليس سان پوليس جو عوام سان وڏ ۾ وڏ رابطو به ٿاڻي ۾ ٿيندو آهي. وڏو شهر هجي يا ڪو ڏورانهون ڳوٺڙو عوام پنهنجون تڪليفون ۽ شڪايتون ٿاڻي تي ئي ڪٽي ايندا آهن. اهڙا ڏک سور ڪٽي ايندڙ لاءِ ٿاڻيدار ۽ ٻيا سڀ پوليس وارا ٿاڻي تي موجود رهڻ گهرجن ۽ اهڙن مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ ٿاڻيدار کي ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر جي چوڏهين باب ۽ انهي ڪوڊ جي آخر ۾ ڏنل سيڪنڈ شيڊيول مان رهنمائي ملندي آهي. انهي شيڊيول ۾ تقريباً سڀ قابل تعذيز ڏوهه ڄاڻايل آهن ۽ اهو به ڄاڻايل آهي ته اهي قابل دست اندازي پوليس آهن يا نه چوڏهين باب ۾ اهو واضح ٿيل آهي ته پوليس جي دست اندازي جي قابل شڪايتون ڏڻي تي ئي درج ڪيون ويندين انهن بابت جاءِ واردات ويڃي ڏسي اچڻي ۽ تفتيش ڪئي ويندي جيڪا شڪايت پوليس جي دست اندازيءَ جي قابل نه هوندي اها هڪ جدا ڪتاب ۾ درج ڪئي ويندي پر شڪايت ڪندڙ کي پوءِ به ڪورٽ وڃڻو پوندو. جنهن شڪايت ڪندڙ جي شڪايت پوليس جي دست اندازي جي قابل هوندي اهو نه فقط پنهنجي شڪايت درج ڪرائيندو پر بغير ڪنهن فيس جي ادائيگيءَ جي ان جي تفتيش پڻ ڪرائيندو. ٿاڻيدار

جيڪڏهن ظاهر ثابتين جي آڌار تي جوابدار خلاف ڪيس ناهڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ٿو ته ڪورٽ ۾ سرڪاري وڪيل طرفان مفت ۾ ڪاروائي هلائي ويندي. سرڪاري وڪيل کي پوليس آفيس هوندو آهي پوليس جو ضلعي سپرنٽينڊنٽ ذاتي انسپيڪشن ۽ نظرداري تي اها خبر رکندو آهي ته سندس ماتحت صحيح نموني ڪم ڪن پيا يا نه سن 1860ع ۾ جڏهن پوليس ڪميشن پوئيس لاءِ پلان ٻڌي جوڙيو جيڪو اڄا تائين لاڳو آهي. تڏهن پوليس جي گهربل نفري لاءِ به معيار ناهيا ويا هئا. هڪ اهو هو ته في هڪ چورس ميل تي هڪ پوليس وارو هجي ٻيو اهو هو ته في هزار آدمشماري تي هڪ پوليس وارو هجي. شهرن ۾ ته اهائي ڳالهه ڪافي آهي ته سموري دستياب نفري ٽاٽي تي گڏ ڪري رکجي. پر ڏورانهن علائقن ۾ ٽاٽو اڪثر ڪري پنهنجين حدن کان پنجاهه پنجاهه ميل پري هوندو آهي. اهڙين حالتن ۾ ٽاٽي جي نفري جي ڪجهه حصي کي هڪ هيڊڪانسٽيبل جي ماتحتي ۾ ڪنهن آئوٽ پوسٽ تي تعينات ڪرڻ فائديمند هوندو آهي جتي شڪايتون درج ڪري ۽ تفتيش شروع ڪري سگهجي ۽ متاثر ڏر کي وڏو سفر نه ڪرڻو پوي. پوليس پاران عام حالتن ۾ چڱي ڪارڪردگي جو راز نفري جي پکيڙ آهي. ڪو پوليس ڪانسٽيبل پوليس اسٽيشن آفيسر يا اڄا به وڏي عهدي وارو آفيسر ٽيڙ جي آس رکي سگهي ٿو. سڌوسنئون پرتي ٽيل اميدوار جيڪو پوليس ٽريننگ اسڪول ذريعي ٽاٽيدار تي ايندو آهي. اهو ظاهر آهي ته گريجوئيٽ هوندو آهي. گهٽو ڪري انسپيڪٽر يا ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ يا ڪڏهن ڪڏهن ته سپرنٽينڊنٽ جي عهدي تائين به پهچي ويندو آهي. سڌوسنئون ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ پرتي ٽيل جي سپرنٽينڊنٽ يا شايد ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل ٽيڙ جا امڪان هوندا آهن. سڌوسنئون اسسٽنٽ سپرنٽنڊنٽ پرتي ٽيل سپرنٽينڊنٽ ته ضرور ٽيندو آهي پر ويهن روهين جي نوڪري ڪانپوءِ ان جي ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل ٽيڙ جا امڪان به هوندا آهن. سيني عهدن لاءِ مڪمل پينشن حاصل ڪرڻ لاءِ نوڪري جو مدو ٽيهه ورهيه آهي ۽ جيڪڏهن کو آفيسر مڪمل پينشن ونڻ جي مدي دوران فوت ٿي وڃي ته هن جي پينشن به هن سان گڏ ختم ٿي ويندي. برطانوي حڪومت جي ڏينهن ۾ پوليس فورس جا ماڻهو ڏڳهي ۽ قابل قدر نوڪري يا نمايان بهادري جي ڪارنامن تي ڪنگس پوليس ميڊل ۽ انڊين پوليس ميڊل جا حقدار ٽيندا هئا. هن گزيٽيئر جي 1907ع واري ڇاپي ڪانپوءِ گذريل اڌ صديءَ دوران سنڌ پوليس جي ڪار گذاري تي روشني وجهڻ لاءِ جاءِ جي قلت سبب فقط مختصر بيان ئي ڏئي سگهجي ٿو. اُها اڌ صدي پوليس جي نقطه نظر جي لحاظ کان ڏاڍو ڏکيو دور هو جو انهي ۾ به مهاپاري جنگيون لڳيون. پهرئين مهاپاري جنگ جي پڄاڻي تي پوليس جي نفري ۾ وڏي ڪوٽ ڪئي وئي. وري اقتصادي ٻاڙائي جو وڏو دور آيو. انهي ئي صدي جي ٻئي ۽ ٽئين ڏهاڪي ۾ شين جون قيمتون بلڪل گهٽ ٿي وبون ۽ ٽئين ڏهاڪي ڪانپوءِ سياسي ۽ نسلي ڇڪتاڻ ۾ وڏي واڌ آئي جن جي نتيجي ۾ اڪثر شديد وڳوڙ ۽ بدانتظامي منهن ڏيندي هئي. انهي ئي ڏهاڪي ۾ اهو وڳوڙ پيدا ٿيو جنهن جي نتيجي ۾ پاڪستان وجود ۾ آيو ۽ 1947ع ڪانپوءِ جن آئيني تبديلين، انتظامي سرشتن ۾ رخنو پئي پيدا ڪيو آهي انهن به اهڙا مسئلا پيدا ڪيا جن جي نتيجي ۾ پوليس جي ڏکيائين ۾ واڌارو ٽيو. ورهاڱي ڪانپوءِ جڏهن ڪيترن ورهين

تائين ڪاڏي جي ڪوٽ رهي هئي تہ سمگلنگ جا مسئلا بہ تمام ڳنڀير ٿي ويا انهي سان گڏوگڏ بليڪ مارڪيٽنگ جا ڏوهہ بہ وڌندا ويا. انهن سڀني مسئلن بہ امن امان قائم ڪرڻ ۾ پوليس جي ذميوارين ۾ اضافو ڪيو.

زير جائزي دور ۾ پوليس رپورٽن تي هڪ نظر وجهڻ سان خبر پوندي تہ سنڌ ۾ خيرپور ۾ ڏوهن جي انداز (Pattern) ۾ ڪا وڏي تبديلي نہ آئي آهي ۽ ڏوهن جو مقدار هڪ اهڙي انداز مطابق آهي جنهن ۾ هڪ ڏاڪي کان ٻئي ڏاڪي تائين معمولي ٿير گهير نظر اچي ٿي. زير جائزي دور ۾ پوليس رپورٽن جون مکيہ ڳالهيون هي آهن. سموري ملڪ ۾ چوپائي مال جي چوري عام آهي. خون ۽ خون خرابي وارا ڏوهہ عام طور عورتن تي ٿيل تڪرارن جي نتيجي ۾ ٿيندا آهن. ڪجهہ قبيلن جي سياڻ جو غير اطمينان بخش ورتاءُ نسلي ڇڪتاڻ جي نتيجي ۾ پوليس جي ڏيوٽين ۽ ذميوارين ۾ واڌ. ڪڏهن ڪڏهن شديد نوعيت جا فساد بہ ٿيا جهڙوڪ ڪراچي ۽ سکر ۾ ۽ 1942ع واري حر بغاوت بہ انهي دور جي اهم ڳالهہ آهي ۽ آرمس ايڪٽ ۽ موٽر وهيڪلز ايڪٽ لاڳو ٿيڻ سان پوليس جي ڪم ڪار ۾ وڏو اضافو ٿيو. تقريباً انهي سموري عرصي دوران پوليس فورس جي انچارج اعليٰ عملدارن جون اهي ئي شڪايتون هوندیون هيون تہ حڪومت ڏيوٽين لاءِ گهربل پوري تعداد ۾ پوليس نفري مهيا نہ ٿي ڪري. پوليس جون ڏيوٽيون هڪ تہ نفري جو انگ گهٽائڻ سبب وڌي ويون هيون ٻيو تہ آدمشماري بہ وڌي وئي هئي. پوليس لاءِ رهائش ۽ سهوليتون ناڪافي هيون. خاص طور ملڪ جي مختلف حصن ۾ پوليس سپاهين لاءِ رهائش جون جايون يڪجاءِ نہ پر ٿڙيل پکڙيل هوندیون آهن. عوام جو تعاون خاص طور 1936ع ڪانپوءِ حاصل نہ آهي ڇو تہ پوءِ حڪومت جي ذميواري وزيرن جي هٿن ۾ اچي وئي هئي جن کي انتخابي نظام ذريعي طاقت ملندي هئي. اها تعاون ۽ سهڪار جي ڪوٽ وڌيڪ چٽي تڏهن ٿي وئي جڏهن زميندار سهڪار ڪرڻ کان ڪنڌ ڪيائڻ لڳا ڇو تہ ان کان اڳ برطانوي حڪومت جي ڏينهن ۾ چالو آفيسر شاهي نظام ۾ زميندار بنا دير سهڪار ڪندا هئا.

گذريل اڌ صدي دوران سنڌ ۽ خيرپور ۾ امن امان جي مسئلي کي سمجهڻ لاءِ پوليس ايڊمنسٽريشن رپورٽن مان مختصر ٽڪرا ڏيڻ شايد ڪافي ٿيندو. انهن مان اها بہ خبر پئجي ويندي تہ پوليس پاڻ کي درپيش ڏکيائين کي ڪيئن منهن ڏيندي هئي. سال 1924ع جي پوليس ائڊمنسٽريشن رپورٽ ۾ بيان ٿيل آهي:" صوبي جي آبادي 1921ع جي آدمشماري مطابق 3279377 آهي جنهن ۾ حقيقي ڏوهن جو انگ 9047 ٻيهي ٿو. انهي ۾ حقيقي ڏوهہ جو تناسب جيڪو بہ ڪراچي هيڊڪوارٽر پاران ڏيڪاريل آهي اهو 907ع 1 جي نسبت سان ٻيهي ٿو.

رپورٽ ۾ ڇپيل آهي تہ گذريل سال يعني 1923ع جي رپورٽ ڏسڻ سان واضح ٿيندو تہ في هڪ هزار ماڻهن جي آدمشماري تي رپورٽ ٿيل ڏوهن جو تناسب برما کانسواءِ ٻئي ڪنهن بہ صوبي کان سنڌ ۾ وڌيڪ آهي. برما ۾ اهو تناسب 4.15 آهي. ٻئي نمبر تي سڀ کان گهٽ ڏوهن جو تناسب سينٽرل پراونسز (سي. پي) ۾ آهي جيڪو سنڌ جي 3.61 جي پيٽ ۾ 2.81 آهي. جيستائين في هڪ پوليس واري تي ڏوهن

جو تناسب آهي تہ انهي لحاظ کان ٻہ سنڌ 3.88 جي شرح سان لسٽ ۾ سڀ کان مٿي آهي. انهي کانپوءِ 3.64 جي شرح سان سي. پي اڇي ٿو. بمبئي لسٽ ۾ تمام هيٺ آهي جو اتي اهو تناسب 2.58 آهي. سنڌ ۾ 9.55 چورس ميلن تي هڪ پوليس وارو آهي جڏهن تہ بمبئي پريزيڊنسي جي اترئين ڊويزن ۾ اهو تناسب 2.66، مرڪزي ڊويزن ۾ 5.58 ۽ ڏاکڻين ڊويزن ۾ 6.01 آهي. وري في پوليس واري تي ڏوهن جي لحاظ کان ٻہ سنڌ آخر ۾ آهي ۽ اهو تناسب 2.28 آهي. جڏهن تہ اترئين ڊويزن ۾ 1.28، مرڪزي ڊويزن ۾ 1.54 ۽ ڏاکڻين ڊويزن ۾ 1.29 جو تناسب آهي. انهي بابت ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل آف پوليس جو رايو هي آهي." منهنجي خيال ۾ تہ مٿين انگن اکرن مان اها ڳالهہ ثابت ٿي ويندي تہ سنڌ ۾ پوليس جي نفري تمام گهٽ آهي يا ائين چئجي تہ پريزيڊنسي ۾ پوليس نفري تمام وڌيڪ آهي ۽ واڌاري جي درخواست اڻ واجب نہ آهي." ساڳئي سال جي ائڊمنسٽريشن رپورٽ ۾ چوپائي مال جي چوري بابت لکيل آهي: "اها ٻہ هن سال جي ڏوهن جي مکيہ ڳالهہ رهي آهي. جيڪڏهن صورتحال اها نہ هجي ها تہ سراسري سنڌي پوليس واري لاءِ ڪرڻ لاءِ ڪو ڪم ئي باقي نہ هجي ها.

سخت ايڪشن جي هر لهر کانپوءِ چوپائي مال جي چوري گهٽ ٿي وڃي ٿي پر وري پنهنجي اصل حالت تي موٽي اچي ٿي ۽ ڪنهن برجستي پوليس اسٽيشن آفيسر کان انتڪ محنت ۽ وڏي اميد پسندي جي تقاضا ڪري ٿي. مون پنهنجي گذريل سال جي رپورٽ ۾ چوپائي مال جي چوري تي سخت سزا بابت راءِ ڏيڻ کانپوءِ هي ڳالهيون لکيون هيون جيڪي ورجائڻ جي قابل آهن. چوپائي مال جي چوري جي مسئلي ۾ سموري ڳالهہ ڦري گهري پوليس وٽ رپورٽ ڪرڻ جي سهوليتن ۽ عدالتن ۾ ڪيس هلڻ تي اچي ٻيهي ٿي. مال جي چوري گهٽي انهي ڪري آهي جو جن جو مال چوري ٿئي ٿو اهي ورلي ئي پوليس وٽ رپورٽ ڪن ٿا. انهي جا سبب هي آهن جو هڪ تہ پوليس چوڪي پري هوندي آهي ٻي ڳالهہ تہ عدالتن جو ڪاروهنوار ايترو تہ ڊگهو وقت وڃي ٿو جو پوليس پاران هٿ ڪيل ملڪيت هن کي واپس ملڻ کان اڳ هو تمام وڏي اهنج ۽ چڱي خرچ ۾ اچي وڃي ٿو. تنهنڪري هو سياويڪ طور سهنجو ڊگ وڌڻ کي ترجيح ڏيندي پنگ ڏئي پنهنجو مال واپس موٽرائي ٿو. پنگ جي موجودگي قانون جي ناڪافي هئڻ جو چٽو ثبوت آهي. واڌو پوليس پوسٽون قائم ڪرڻ سان شڪايت ڪندڙ جو پهريون مسئلو حل ٿي ويندو. انهي جو جيڪڏهن ڪو ثبوت گهربل هجي تہ اهو هي آهي تہ جنهن ٻہ علاقي ۾ پوليس چوڪي نئين قائم ٿيندي آهي اتي ڏوهہ سان سهڪار وڏي ويندو آهي. پر پوليس چوڪي قائم ڪرڻ سان ٻہ حقيقي متاثرن جي فقط ڏهين پتي کي فائدو ٿيندو جو باقي ماٺهو عدالتن ڏانهن اڇ وڇ ۾ سفرن تي پئسو وڃائڻ بجاءِ پنهنجو نقصان گهٽائڻ کي ترجيح ڏيندا.

سنڌ ۾ ڏوهاري قبيلن جي مسئلي بابت سنڌ جي ڪمشنر 30 اپريل 1926ع واري پنهنجي رپورٽ ۾ لکي ٿو: ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل آف پوليس جي رپورٽ چڱي اطمينان جوڳي آهي. انهيءَ مان خبر پوي ٿي تہ انهي سال ڪُرن جي هلت چلت چڱي رهي آهي جڏهن تہ جاگيراٽي ٻہ في الحال تہ پنهنجي ڇڏيل ڏوهاري عادتن ڏانهن موٽڻ جو ڪو لاڙو نہ ٿا ڏيکارين. پر اها ڳالهہ واضح آهي تہ اسين في الحال انهي موضوع کي

مٿاچرو زير بحث آڻي رهيا آهيون ۽ مجموعي طور نه ئي آبادي جي ڏوهاري عنصرن کي زير ڪرڻ جي ڪا حقيقي ڪوشش ٿي رهي آهي ۽ نه ئي انهي ننڍڙي عنصر ۾ سڌارو آڻڻ جي ڪوشش ٿي رهي آهي جيڪي مشاهدي هيٺ آهن.

مختلف ورهين دوران ڏوهن جو اندازهن جدول مان واضح ٿي ويندو.

انڊين پينل ڪوڊ جي دائري ۾ ايندڙ ڏوهه	1923ع	1924ع	1925ع	ٽن ورهين جي سراسري	1926ع
خون	175	173	158	169	186
اقدام قتل ۽ تفصير وار مردم ڪشي	127	85	108	107	88
ڏاڙا (Dacoities)	19	27	22	23	21
ڦرون (Robberies)	101	89	100	97	77
ڏوهه جي ارادي سان گهر ۾ گهڙڻ	2990	2546	2659	2732	2589
چوريون (چوپائي مال جي چوري سميت)	4010	3669	3612	3864	3628
چوري جو مال وٺڻ	412	306	360	359	411

پوليس کي سڌائين انهن ڪيسن جي انگ بابت ڳڻتي رهي آهي جن جو ڪو ڪُر پير نه ٿو لڳي ۽ پڙ انهن ڪيسن جي تناسب بابت ڳڻتي رهي ٿي جن ۾ ڏوهارين کي سزا نه ٿي ملي. سال 1926ع ۾ انڊين پينل ڪوڊ جي دائري ۾ ايندڙ حقيقي ڪيسن جو تعداد 8119 کان وڌي 8384 ٿي ويو ۽ اهڙا ڪيس جن جو ڪو ڪُر پير نه ٿو لڳي انهن جو تناسب 50.12 کان 47.26 تي اچي پهتو. عدالت ۾ هليل ڪيسن مان جن ڪيسن ۾ ڏوهارين کي سزا ملي انهن جو سيڪڙو 76.45 مان هيٺ ٿي 68.28 تي اچي پهتو. اها صورتحال بلاشڪ ڪا اطمينان جوگي نه آهي. چوري ٿيل مال واپس ملڻ جو سيڪڙو 37.05 کان ڪري 32 ٿي ويو. سال 1926ع ۾ 693623 رپين جي ملڪيت چوري ٿي وئي جڏهن ته سال 1925ع ۾ 672,466 رپين جي مال ملڪيت چوري ٿي. پوليس پاران ڏوهارين کي گرفتار ڪري سزائون ڏيارڻ جو سيڪڙو 46.44 مان 43.54 تي اچي پهتو. اهو انگ 1922ع کان شروع ٿيندڙ پنجن ورهين دوران سڀ کان گهٽ هو. جيستائين مئجسٽريٽي ڪيسن جو تعلق آهي ته جن ماٺهن تي ڪيس هليا انهن مان وري جن کي سزائون آيون انهن جو سيڪڙو 17.83 مان هيٺ ٿي 16.99 تي پهچي ويو. اهي نتيجا ڪمشنر جي نظر ۾ غير اطمينان بخش آهن. سيشن ڪورٽن ۾ انهن کان سٺا نتيجا حاصل ڪيا ويا. جن ماٺهن تي ڪيس هليا انهن مان جن کي سزائون آيون انهن جو سيڪڙو 6633 مان وڌي 69.28 تي پهچي ويو.

سن 1927ع جي پوليس ائڊمنسٽريشن رپورٽ ۾ اپر سنڌ فرنٽيئر ضلعي (جيڪب واري علاقي جو اڳوڻو نالو. سنڌيڪار) جي ڊسٽرڪٽ سپرنٽينڊنٽ آف پوليس چيو: بلوچن پنهجي سوچ بدلائي ڇڏي آهي. منهنجي نوٽيس ۾ اهڙا ڪيترائي ڪيس آيا آهن جن ۾ بيگناهه عورتن کي قتل ڪيو ويو آهي. ماٺهو

پنهنجين زالن کي ڪنهن پڪي ثبوت کان بنا ڪاري قرار ڏئي سولائي سان ڇڏي سزا کان بچي ويندا آهن. انهي وحشياڻي عمل جي حوصلہ شڪني جي ضرورت آهي. اڳي کان وڌيڪ ڇڏي سزا ڏئي انهي عمل جي حوصلي شڪني ڪري سگهجي ٿي.

سن 1930ع پوليس لاءِ خاص طور ڏکيو سال هو. ڪمشنر جي راءِ ۾ انهي سال جي خاص ڳالهہ تمام ڏکين حالتن جي باوجود پوليس فورس جي وفاداري ۽ سرفروشي هئي. سال جي پهرئين اڌ ۾ ڪنگري جي پير کي گرفتار ڪيو ويو. هو حُرن جو روحاني سربراهہ آهي ۽ سڀ مسلمان ڪيس تمام عزت جي نگاهہ سان ڏسندا آهن. سال جي ٻئين اڌ ۾ سول نافرماني تحريڪ پوليس کي تمام خراب حالت ۾ وجهي ڇڏيو. انهي تحريڪ ۾ اختيارين کان نفرت جو پرچار ڪيو ٿي ويو. پوليس تي خاص طور ڪراچي ۾ چٽرون ٽوڪون ٽيندیون هيون ۽ پوليس وارن سان تمام بيڄڙو ورتاءُ ڪيو ويندو هو. پوليس نہ فقط مستقل مزاجي جو مظاهرو ڪيو پر انهي سموري عرصي دوران نظم ضبط جو تمام سٺو معيار برقرار رکيو. انهي سال سکر ۾ وڳوڙن تمام ڳنڀير شڪل اختيار ڪري ورتي. جڏهن ٻوڏن جو زور هو تڏهن به سکر ۾ نسلي فساد شروع ٿي ويو جيڪو وقفي وقفي سان ٽي ڏينهن هلندو رهيو ۽ نتيجي ۾ ٽيهہ ماڻهو مارجي ويا ۽ ٻہ سو زخمي ٿي ٻيا. انهي فساد جو سبب اهو ٽيو هو جو هڪ سياسي جلوس ۾ ڪجهہ واڌين هڪ مسلمان ٽانگي واري کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. واڌيا وڏي انگ ۾ سکر مان پڄي وبا ۽ ضلعي جي ٻين هنڌن تي وڃي پناهہ ورتائون. پوءِ اهو افواهہ پکڙجي ويو تہ سرڪار مسلمانن کي حڪم ڏئي ڇڏيو هو تہ پلي وڃي واڌين جي قرلٽ ڪن. اها ڳالهہ ويساهہ وسوڙيل ڳوناڻن کي تہ ڏاڍي دل سان لڳي. ڳوناڻن علاقن ۾ لٽ مار شروع ٿي وئي ۽ هڪ هفتي جي اندر پنجن تعلقن ۾ پکڙجي وئي. پوليس کي برطانوي ۽ هندستاني انفنٽري جي ڪمک پهچائي وئي. پر هِتي هُتي لٽ مار جا واقعا 16 ـ سيپٽمبر تائين ٽيندا رهيا. پوليس وچولي ۽ مٿاهين سنڌ جي گرم موسم جي وچ ۾ تمام ڏکين حالتن ۾ واڌين کي سنڀالڻ سياسي سرگرمين جي فطري نتيجن کان بچائڻ لاءِ ڪم ڪندي رهي. انهي سموري آپريشن دوران پوليس جي ڊسٽرڪٽ سپرنٽنڈنٽ مسٽر ري(Ray) وڏي توانائي ۽ خوش تدبيري جو مظاهرو ڪيو. خون جا ويهہ ۽ ڏاڙن جا ٽن سون کان مٿي ڪيس رڪارڊ ڪيا ويا.

ساڳئي ئي سن 1930ع دوران چوپائي مال جي چوري اڳي کان وڌي مصيبت ثابت ٿي. اپر سنڌ فرنٽيئر ڊسٽرڪٽ جي ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ جو رايو اهو هو تہ مال ملڪيت بابت ڏوهن ۾ وڏو واڌارو اچڻ جو سبب اهو هو جو سکر ضلعي ۾ آيل ٻوڏن ۾ گهٽوئي چوپايو مال پاڻي ۾ ٻڏي ويو هو تنهنڪري چوپائي مال جي چوري ۾ وڏي واڌ اچي وئي هئي. زرعي ڪمن ڪارين ۾ ٻہ چوپايو مال گهربل هوندو هو. ملڪ جي اڻ ٽانيڪي صورتحال سبب چوپائي مال جي چوري اڳي کان گهٽي عام ٿي وئي هئي. "انهي قسم جي ڏوهہ ۾" پوليس جو ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل پنهنجي رپورٽ ۾ لکي ٿو. " پوليس کي گهٽو ڪم نہ ٿو ڪرڻو پوي چاڪاڻ تہ چوري ٿيل چوپائي مال جا مالڪ گهٽو ڪري چورن سان ناهہ ڪري پنهنجو مال موٽرائي ايندا آهن ۽ پوليس کي پريشان نہ ڪندا آهن.

پهرئين نظر ۾ تہ اها ڳالهہ انتظاميہ تي هڪ ٻڪو محسوس ٿي سگهي ٿي تہ عوام کي چوپائي مال جي چوري کان محفوظ نہ ٿو رکيو وڃي پر صورتحال ائين نہ آهي. جيڪا صورتحال آهي اُها در حقيقت صوبي جي زميندار طبقي جي وڏي حصي جي اخلاقي قدرن جو عڪس آهي. چوپائي مال جي چوري کي ڪو اهڙو ڏوهہ سمجهيو ئي ناهي ويندو جنهن ۾ اخلاقي بگاڙ شامل هجي جلد ئي انهي ڏنڈي کي منظر ڪندڙن تي وار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي جنهن سان ڏوهہ جي هن قسم ۾ چگي گهٽتائي اچي ويندي. جڏهن آخرڪار چوپائي مال جي چوري ختم ٿي ويندي تہ پوليس فورس کي چگو مضبوط ڪيو ويندو ڇو تہ تڏهن بدڪردار ماڻهو وري وري ڏوهن جي ٻين قسمن جهڙوڪ روڊن تي ڦرون ۽ گهرن ۾ ڪاٽ ڏانهن لاڙو رکندا ۽ ڏوهن جي انهن قسم جا شڪار ماڻهو سنڌ جي گهٽي وقت کان پوءِ گنا ڪٽيندڙ آبادگارن کان وڌيڪ زوردار نموني پنهنجو آواز اٺارينداً.

پوليس جي ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل پنهنجي سال 1934ع جي رپورٽ ۾ چيو تہ اپر سنڌ فرنٽيئر ڊسٽرڪٽ ۾ ڏوهن جي واڌ کي عام اقتصادي ٻاڙائي سان جوڙيو ٿي ويو. انهي جا ٻيا سبب زرعي قرضن جي گهٽتائي ۽ انهي جي نتيجي ۾ زميندارن وٽ گڏ ٿيل وسيلن جو ڪُٽي وڃڻ ۽ تازن ربيع ۽ خريف جي فصلن جي جزوي ناڪامي هئا." سنڌ ۾ ڏوهن جو ڀيرو ميٽر لٽل فصل جي ڪٽالتي مطابق لهندو ۽ چڙهندو رهندو هو. اڄڪلهہ صورتحال ايڏا پيچيده ٿي وئي آهي. لائيڊ بيراج نهر ڪانپوءِ اڪثر ضلعن کي يقيني طور دائمي پاڻي ملڻ لڳو آهي. پر نون آبپاشي هيٺ آيل علاقن جي سڌاري سبب ٻين علاقن خاص طور پنجاب مان تمام گهٽا زرعي مزدور اچي ويا آهن جن بابت مقامي پوليس کي ڪابہ ڄاڻ نہ آهي. پنجاب پوليس اسان کي مزدورن جي روپ ۾ سنڌ ايندڙ پنهنجن ڏوهاري ماڻهن کان خبردار ڪري چڏيو آهي ۽ اهڙي ڪوشش ڪئي پئي وڃي تہ زميندارن جي سهڪار سان سيني نون ايندڙن جي ماضي جي رڪارڊ کي چيڪ ڪيو وڃي. سنڌ جي آدمشماري ۾ تمام تڪڙي واڌ ايندي پئي وڃي جڏهن تہ پوليس جي انگ ۾ انهي تناسب سان واڌارو نہ ٿيو. چوپائي مال جي چوري جي مسلسل جاري رهڻ جو سکر جي ڊسٽرڪٽ سپرنٽنڈنٽ آف پوليس بہ سال 1937ع جي ائڊمنسٽريشن رپورٽ ۾ نوٽيس ورتو آهي. هو چوي ٿو: ضلعي ۾ ڦرنگ اڃا بہ چالو آهي." ۽ ميجر ڊنسٽروائيل جي هڪ ڳالهہ ڏانهن اشارو ڪري ٿو. ميجر صاحب سکر ضلعي ۾ ستر ورهيہ اڳ مئجسٽريٽ هو. اها هڪ پريشان ڪندڙ حقيقت آهي تہ اڃا بہ انصاف يا تدارڪ کي رد ڪندي ڦرنگ جي تڪڙي ۽ سولي نظام جي حمايت ڪئي وڃي ٿي ۽ آئون هن مسئلي بابت پنهنجون تجويزون پيش ڪندي ڪجهہ هيڪ محسوس ڪري رهيو آهيان. اهو مسئلو اڃا تائين حل نہ ٿي سگهيو آهي ۽ شايد تہ سماجي سڌاري جي تنظيمن پاران رسائي. لاڀي ۽ چيڙ جي براين کي ختم ڪرڻ ڪانپوءِ اهو مسئلو انهن جو ڏيان پاڻ ڏانهن چڪرائي وٺي." سال 1937ع جي پوليس ائڊمنسٽريشن رپورٽ ۾ ڪراچي ڪانسواءِ ٻين سيني ضلعن ۾ پوليس جي دست اندازي جي قابل ڏوهن ۾ واڌ ڏيان طلب هئي. ڊپٽي سپرنٽنڈنٽ آف پوليس چوي ٿو: پوليس جي دست اندازي جي قابل ڏوهن ۾ واڌ جو ڪنهن حد تائين سبب اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ اختيارين

جي عزت روز بروز گهٽبي پئي وڃي ۽ ڏوهاري لاڙا رکندڙ ماڻهو اهو محسوس ڪرڻ لڳا آهن ته قانون جا هٿ ايترا ڊگها ناهن رهيا جيترا اڳي هوندا هئا. پوليس سان لڳاتار جيڪو خراب ورتاءُ ڪيو ويندو رهيو آهي ۽ انهي جي خلاف ڪوڙن يا وڌاءَ تي ٻڌل الزامن جي باوجود آءٔ نه ٿو سمجهان ته پوليس جي حوصلي ۾ ڪاگهٽتائي آئي آهي. بالا آفيسر مسلسل انهي ڪوشش ۾ رُڌل آهن ته ڪرپشن ۽ ٻين برائين جي پاڙ پٽڻ بابت حڪومت جي پاليسي کي عمل هيٺ آندو وڃي. اسين تنقيد جي آڇيان ڪريون ٿا پر اها عوام ۽ پريس طرفان مناسب نموني ٿيڻ گهرجي. پوليس جي نقطه نظر کان سال جو تمام ڳڻيڀير واقعو دادو ضلعي جي هڪ ڳوٺ ڪائياڙ ۾ قلات رياست جي بروهين جي هڪ ٽولي پاران حملو هو. انهن قلات واپس ويندي آرڪيالاجيڪل سپرنٽنڊنٽ مسٽر مجمدار جي ڪيمپ ۾ ڦرمار ڪئي ۽ ڪيس قتل ڪري ويا. هن گزيٽيئر جي آرڪيالاجي واري باب ۾ مسٽر مجمدار جي ڪم کي سٺن لفظن سان ياد ڪيو ويو آهي. هن جو قتل آرڪيالاجي لاءِ هڪ وڏو نقصان هو. ڊپٽي سپرنٽنڊنٽ آف پوليس سال 1937ع جي رپورٽ ۾ چوي ٿو ته جمهوري حڪومت جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ تفتيشي آفيسرن کي زميندارن پاران ملندڙ سهڪار آهستي آهستي ختم ٿي ويو آهي. عوام کان انهي جذبي جي کوٽ جيتوڻيڪ افسوسناڪ آهي پر مون کي اميد آهي ته انهي جي نتيجي ۾ پوليس اسٽيشن آفيسر تفتيش جي اعليٰ معيار تي پهچندا. جن ضلعن ۾ زميندارن جي مدد تي گهٽو دارومدار رکيو ويندو هو اتي تفتيش اٽپوري ۽ بي ڊياني سان ٿيندي هئي ۽ ان جو نتيجو اهو نڪرندو هو جو ڪيترن ئي ڪيسن ۾ ڏوهاري ماڻهو بري ٿي ويندا هئا.

ٻئين مهاڀاري لڙائي دوران لڳندڙ اقتصادي بندشن 1947ع ۾ هندستان جي ورهاڱي ۽ ان کان پوءِ پيدا ٿيندڙ وڳوڙ جيڪو ڪيترائي ورهيه هليو انهي پوليس جي ذميوارين ۾ واڌارو ڪيو ۽ پڻ پوليس جي نظم ضبط ۽ ايمانداري جي پرک ڪئي. خدشو آهي ته جن فورسز تي امن امان قائم ڪرڻ جي ذميواري آهي انهن جي حوصلي ۽ ايمانداري ۾ ڪجهه کوٽ ٿي آهي ڇاڪاڻ ته ملڪ گذريل ڏهن ورهين کان جن انتشار وارين حالتن مان گذري رهيو آهي انهيءَ سبب انهن کي ڪيترين ئي لالچون ۽ ترغيبون پڻ ملي رهيون آهن. سنڌ حڪومت سن 1953ع ۾ Sindh Pople and Progess نالي پنهنجي ڪتابڙي ۾ لکيو ته قانون ۽ امن امان جي داستان جو تمام روشن رخ اهو آهي ته حرن جي ڏوهن جو مڪمل خاتمو ٿي ويو آهي. ڏوهن جي لحاظ کان اپر سنڌ فرنٽيئر، ٿرپارڪر ۽ نوابشاهه ڪانسواءِ سمورن ضلعن ۾ واڌ آئي ۽ سال 1953ع ۾ مجموعي طور ڏوهن جي انگن اکرن ۾ واڌ ڏسڻ ۾ آئي. انهي واڌ جو سبب اهو آهي جو هڪ ته بدڪردارن کي ڪراچي ۽ پنجاب مان نيڪالي ڏني وئي آهي ٻيو ته آدمشماري ۾ به واڌ آئي آهي. ٿر وارين ايراضين جا به حصا آهن، اپرندو ۽ اُلهندو انهن ٻنهي جا مسئلا مختلف آهن.

اپرندي سرحد: هن علائقي جي مسئلن کي ٽلهي ليکي ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: (1) حرن جا ڏوهه (2) سرحد پار حملا ۽ (3) اسمگلنگ. پير پاڳاري جي سڏ تي حُرن پاران آڻ مڃڻ ۽ وريام هنگوري جي خاتمي کان پوءِ حرن جي ڏوهن ۾ ناپر اچي وئي آهي. اسمگلنگ کي روڪڻ لاءِ هر ڪوشش

ڪئي پئي وڃي. هاڻي اچون ٿا اُلهندي سرحد طرف انهي سرحد تي قبيلائي جهيڙن جهڻن ڪانسواءِ ٻي خاموشي هوندي آهي. بلوچستان ۽ سنڌ جي نمائندن جي سن 1951ع ۾ گڏجاڻي ڏوهن کي گهٽ ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي آهي. اميد آهي ته بلوچستان جي رياستن جي يونين، سنڌ ڪراچي ائڊمنسٽريشن ۽ بلوچستان جي وچ ۾ هڪ وڏيڪ ڪانفرنس سان قبيلائي تڪرار اڇا وڏيڪ گهٽجي ويندا. ڪولمبو پلان جي فور پئائنٽ پروگرام تحت پوليس آفيسرن کي مختلف ڪورسن ۾ ٽريننگ لاءِ فوج ۽ ٻاهرين ملڪن ڏانهن موڪلڻ جو ڪم پڻ هلندڙ آهي. سانگهڙ ضلعو ٺهڻ سبب پوليس ٽريننگ اسڪول کي سن 1953ع ۾ سانگهڙ مان شهدادپور منتقل ڪيو ويو. اتي سپاهين، جمعدارن ۽ اي. اي. ايس. آئيز جي ٽريننگ سان گڏوگڏ ڊي ايس پيز جي تربيت لاءِ پڻ انتظام موجود آهن. اي ايس آئيز ۽ سب انسپيڪٽرن کي پڻ ريفريشر ڪورسن لاءِ باقاعدگي سان پوليس ٽريننگ اسڪول موڪليو ويندو آهي.

سنڌ پوليس جي آءِ.جي. جي جنوري 1954ع ۾ سنڌ ائگريڪلچر ڪميشن جي آڏو بيان ۾ ڪجهه پريشان ڪندڙ ڳالهيون موجود آهن. آءِ.جي چيو ته پوليس جو موجوده اسٽاف خاص طور صوبي جي وسيع ڳوٺاڻن علائقن ۾ تحفظ فراهم ڪرڻ لاءِ ناڪافي آهي. جيتوڻيڪ ڏوهه ۽ عام حالتون نارمل نه هيون ته به پوليس ڪاتي ۾ سن 1951ع ۾ نئين سر تنظيم ڪاري ڪئي وئي ۽ نفري جو انگ گهٽو گهٽايو ويو. آءِ جي جي راءِ مطابق ورهاڱي ڪانپوءِ عملي طور هر ڪاتي بشمول پوليس ۾ عام بگاڙ پيدا ٿي ويو هو ۽ ڪارڪردگي ۾ گهٽتائي آئي هئي. هن تجويز ڏني ته پوليس کي سختي سان پارٽي سياست کان پري رکيو وڃي ۽ جيڪو به آفيسر طرفداري ڪندي نظر اچي ان کي سخت ۽ مثالي سزا ڏني وڃي. هن آفيسرن ۾ موجود انهي وڏندڙ رجحان کي به نڏيو ته هنن جي سوچ مطابق اهي بااثر زميندارن کي خوش رکي ۽ انهن جي خوشامد ڪري پنهنجا ٽرانسفر ۽ پروموشن ڪرائي سگهن ٿا. هن جي اها به راءِ هئي ته نه فقط آفيسرن ۾ سپاهين جو تعليمي معيار وڌايو وڃي. انهي لاءِ سپاهين جو تعليمي الائونس واڌايو وڃي ۽ آفيسرن جي پرتي لاءِ تعليمي قابليت وڌائي وڃي. هن هيٺين اسٽاف جي بهبود ۽ سهوليتن جهڙوڪ رهائش، ٻارن لاءِ مفت اعليٰ تعليم، مفت ۽ مناسب طبي توجهه ۽ اسپتال جي ڪاڏ بيت ۾ اضافي جي پڻ حمايت ڪئي. آءِ.جي. انهي راءِ جي به حوصلا افزائي نه ڪئي ته ڪو چوپائي مال جي چوري ۾ روڪٿام ۾ ڪاميابي ملي آهي. هن چيو ته چوپائي مال جي چوري جي ڳولها جو موجوده نظام ڪامياب نه ٿيو آهي. حڪومت پاران سنڌ ۾ چوپائي مال جي چوري جي مسئلي تي غور وفڪر لاءِ مقرر ڪيل ڪاميٽي ۾ پڻ انهي نظام تي تفصيلي بحث ڪيو ويو.

پوليس ڪاتي ۾ ڪرپشن هڪ ڳنڀير مسئلو هئڻ بابت هن چيو: "هائوا پوليس فورس به ايتري ئي ڪرپٽ آهي جيترا ٻين ڪاتن جهڙوڪ پبلڪ ورڪس ڊپارٽمينٽ، روينيو ڊپارٽمينٽ وغيره جا ماڻهو. آءِ هن برائي جي وجود کي ته تسليم ڪريان ٿو پر انهي ۾ بهتري آڻڻ لاءِ کو ٿورمدتي حل تجويز نه ٿو ڪري سگهان. تجربي مان اهو ثابت ٿيو آهي ته ڪرپشن جي پاڙ پٽڻ جو واحد حقيقي حل تعليم ۽ ثقافت جي پکيڙ آهي. اها توقع ڪرڻ ئي اجائي آهي ته پوليس ۾ سندس چوگرد موجود عوام کان اعليٰ اخلاقي معيار

موجود هوندا ۽ تمام برجستا ضلعي آفيسر به پنهنجن ماتحتن مان بي ايماني ختم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ڪامياب نه ٿي سگهيا. آءِ جي. سمجهي ٿو ته پوليس ڪاتي ۾ نااهلي ۽ ڪم چوري، ڪارڪردگي، شڪايتون درج ڪرڻ ۽ ڏوهن جي تفتيش ۾ رخنو وجهن ٿيون. هو چوي ٿو ته: " پوليس ڪاتي ۾ نااهلي ۽ ڪم چوري موجود آهن ۽ انهن جو مکيه سبب ورهاڱي کانپوءِ واري دور جون پيدا ڪيل حالتون آهن. هر گري گنجي کي پروموشن ملي ويو آهي. اهڙا آفيسر جيڪي ڊسٽرڪٽ سپرنٽنڈنٽ آف پوليس ۽ سپرنٽنڈنٽ آف پوليس جي عهدن لاءِ موزون نه ليکيا ويڻ ها ۽ جيڪي انگريزي ۾ هڪ جملو به نه ٿا لکي سگهن انهن کي اهڙي وڏي ضلعي آفيس جو انتظامي سربراهه بڻايو ويو آهي جتي لکپڙهه فقط انگريزي ۾ ٿيندي آهي. انهن آفيسرن وٽ پنهنجن ماتحتن کان سڀي نموني ڪم وٺڻ جو نه ئي جذبو آهي نه ئي کوکم پنهنجي سر شروع ڪرڻ جي صلاحيت اٿن. شڪايتون درج نه ٿيڻ ۽ ڏوهن جي تفتيش نه ٿيڻ جا به مکيه سبب اهي ئي آهن.

ڪرپشن: پاڪستان جي 60_ 1955ع جي پنج سالا پلان ۾ لکيل آهي: ملڪ ۾ اهو احساس وڏي پيماني تي پکڙيل آهي ته ويجهڙائي وارن ورهين ۾ ايمانداري جو معيار ڪري پيو آهي. اهو احساس خود سرڪاري ڪاتن ۾ پڻ موجود آهي. ملڪ انقلابي حالتن مان گذري رهيو آهي ۽ ان جي تاريخ جي موجوده دور کي ورهاڱي کان اڳ واري دور جو هڪ تسلسل سمجهڻ غلطي هوندي. اڳوڻا معيار هڪ لحاظ کان ٻاهران ٽاڪيا ويا هئا جڏهن ته آزادي واري دور ۾ فقط سماج جون اخلاقي ۽ سماجي طاقتون ئي ايمانداري جو اعليٰ معيار برقرار رکي سگهن ٿيون. ملڪ رٽابندي واري ترقي جي جنهن ميدان ۾ داخل ٿيو آهي انهي ۾ سرڪاري ڪاتن کي به نئين ڪردار جي تقاضائن کي منهن ڏيڻو پيو." انهي ۾ اڳتي لکيل آهي: "اسين جيتوڻيڪ انهي راءِ کي ته تسليم ڪريون ٿا ته ويجهڙائي وارن ورهين ۾ ايمانداري ۽ ڪارڪردگي جا معيار گهٽ ٿيا آهن انهي هوندي به اسان جو خيال آهي ته برطانوي راج پاران مليل پبلڪ ائڊمنسٽريشن جو نظام ۽ ڏانچو سڀي نموني ڪم ڪن پيا. سياسي ۽ اقتصادي بحران آزادي کانپوءِ واري دور جون نمايان خصوصيتون رهيا آهن پر تجربيڪار آفيسرن جي ٽوري انگ جي باوجود سرڪاري ڪاتا حاصلات جو هڪ شاندار رڪارڊ رکن ٿا ۽ ملڪ پاران سڀي سلوڪ جا حقدار آهن. بين مهاپاري لڙائي واري دور ۾ ضروري ٿي ويل پابندين کانپوءِ ڪرپشن هڪ ڳنڀير مسئلو ٿي وئي آهي. اهي پابنديون مختلف اسمن جي قلت سان لاڳاپيل هيون ۽ رعايت يافتا طبقن جي فردن کي پاڻ کي شاهوڪار بنائڻ جي موقعن جون جيڪي ترغيبون ۽ لالچون ملنديون آهن هو گهٽوڪري انهن کي هٿان وڃائڻ نه ڏيندا آهن. آزادي کانپوءِ اناج جي سخت کوٽ پيدا ٿي وئي هئي انهي جي نتيجي ۾ وڌيڪ قاعدا قانون لاڳو ڪيا ويا جن بي ايمان ماڻهن کي سنئون سڌو همٿايو ته هو انهن قاعدن قانونن کي پنهنجي فائدي لاءِ ڪم آڻين. قانون سازي جو تعلق اناج حاصل ڪرڻ ان جي ڇڙپر ۽ ان تي ڪنٽرول سان هو. جيئن ته سنڌ جي سرحد وٽان هندستاني سرحدن مان اناج جي لاڳيتي طلب موجود هئي تنهنڪري انهي اناج جو وڏي پيماني تي سمگلنگ جو ڪاروبار ٿيڻ لڳو ۽ اهو خدشو

موجود آهي ته انهي جي نتيجي ۾ رشوت ۽ ڪرپشن پيدا ٿي چاڪاڻ ته سمگلنگ هڪ نفعي بخش ڪاروبار ٿي ويو هو. ورهاڱي کان اڳ وارن ڏينهن ۾ ڪرپشن ڪجهه سرڪاري ڪاتن جي هيٺين عهدن وارن عملدارن ۾ موجود هوندي هئي ۽ ڪنهن به ڪاتي جا اعليٰ عملدار ورلي ئي انهي قسم جي بي ايماني ۾ ملوث هوندا هئا. برطانوي حڪومت جي ڏينهن ۾ جن سرڪاري ملازمن جي رشوتون وٺڻ جي لحاظ کان شهرت خراب هوندي هئي انهن ۾ روينيو ڪاتي جا تپيدار، پبلڪ ورڪس ڊپارٽمينٽ جا داروغا، پوليس ڪاتي جا سب انسپيڪٽر ۽ سپاهي، ٻيلي ڪاتي جا فاريسٽ رينجر ۽ گارڊ، ايڪسائيز ڊپارٽمينٽ جو هيٺيون عملو ۽ هر سرڪاري ڪاتي جا پٽيوالا اچي ٿي ويا. ننڍا عملدار به گهٽو ڪري ننڍي ٻيماني جي ڪرپشن ۾ ملوث هوندا هئا. اعليٰ عملدارن جي ڪرپشن جا ڪيس ڪنهن قضاني ئي منظر تي ايندا هئا. در حقيقت ڪي چند ڪيس ئي ثابت ٿي سگهيا چاڪاڻ ته عوام اهڙو ڪو ثبوت نه ڏيندو هو جيڪو ڪيس ثابت ڪرڻ ۾ مددگار ٿي سگهي چاڪاڻ ته اهي به عام طور رشوت ڏيڻ ۽ غير قانوني طريقن سان فائدا وٺڻ جي ڪوشش ۾ پاڳي پائيوار هوندا هئا.

جنگ جي حالت واريون پابنديون لاڳو ڪرڻ سان ڪيترين ئي بداعمالين وجود ۾ اچي ويون. انهن ۾ گهٽو ڪري بلئڪ مارڪيٽنگ ۽ ڪيترن ئي قسمن جون ڳجهيون ڏيتيون ليتيون اچي ٿي ويون. بلئڪ مارڪيٽنگ ۾ گهٽو ڪري دوائن، واڇن، پينن، موٽر گاڏين ۽ اناجن جهڙا اسم اچي ٿي ويا. برطانوي حڪومت جي ڏينهن ۾ بعضي بعضي مختيارڪارن، ڊپٽي ڪليڪٽرن، اسسٽنٽ انجنيئرن ۽ پوليس جي انسپيڪٽرن جي صورت ۾ ڪي ڪاريون رڍون موجود هونديون هيون. پر ورهاڱي ڪانپوءِ جيڪي حالتون پيدا ٿيون انهن جو گهٽو تعلق اعليٰ عملدارن ۾ ايمانداري جي زوال سان هو. سنڌ ايگريڪلچرل ڪميشن آڏو 54-1953ع ۾ ڏنل بيان مان سرڪاري ملازمن جي ڪيترن ئي طبقن ۾ وڏي ٻيماني تي ڪرپشن موجود هئڻ بابت ڪو شڪ شبهو باقي نه ٿو رهي. ڪرپشن کي ايترو ته گنڀير مسئلو سمجهيو ٿي ويو جو سنڌ حڪومت سن 1948ع ۾ ئي انهي مسئلي کي منهن ڏيڻ لاءِ هڪ اسپيشل ڪمشنر جي ماتحتي ۾ اينٽي ڪرپشن ڪاتو قائم ڪيو. سنڌ ايگريڪلچرل ڪميشن وقت اينٽي ڪرپشن ڊپارٽمينٽ جو آفيسر انچارج- جنهن کي اينٽي ڪرپشن آفيسر چيو ويندو هو- مسٽر اي ڊبليو پرائيڊ اڳ ۾ آءِ جي پوليس رهيو هو. مسٽر پرائيڊ پنهنجي بيان ۾ چيو ته سال 1953ع ۾ 948 شڪايتون موصول ٿيون، 283 ڪيس رجسٽرڊ ڪيا ويا ۽ 104 ڪيس چالان ٿيا. ساڳئي سال 113 ڪيسن جا ڪورٽ ۾ فيصلا ٿيا جن مان 44 ڪيسن ۾ ملزمن کي سزائون آيون. مسٽر پرائيڊ چيو ته اينٽي ڪرپشن انسپيڪٽر جن دشوارين جي موجودگي ۾ ڪم ڪري رهيا هئا انهن کي مدنظر رکندي هيستائين حاصل ٿيل نتيجا ڏاڍا همٿ افزا هئا. گڏ ڪيل انگن اکرن مان خبر پوي ٿي ته جون 1948ع کان انهي مهيني ۾ اينٽي ڪرپشن ڊپارٽمينٽ قائم ٿي. 31 ڊسمبر 1953ع تائين 6049 شڪايتون موصول ٿيون. 1637 ڪيس رجسٽرڊ ٿيا، 651 ک ں چالان ٿيا، 179 ڪيسن ۾ ملزمن کي سزائون مليون ۽ 190 ڪيسن ۾ ڊپارٽمينٽل ايڪشن جي سفارش ڪئي وئي. البت مسٽر پرائيڊ جي خيال ۾ ڪاتو ڪيترين ئي

دشوارين کي منهن ڏئي رهيو هو. هن اهڙين کجهه ڏکيائين جو ذکر ڪيو آهي. هن چيو:" سموري صوبي ۾ 17 اهڙا آفيسر آهن جيڪي اينٽي ڪرپشن ڪيسن جي تفتيش ڪري سگهن ٿا پر انهن لاءِ ٽرانسپورٽ جو ذريعو ريل گاڏيون ۽ عام مسافرن واريون گاڏيون هونديون هيون يا وري الا ماشاءالله جيڪڏهن دستياب ٿي سگهي ته پوليس جون گاڏيون. جيڪڏهن ڪو اينٽي ڪرپشن انسپيڪٽر ضلعي هيڊڪوارٽر کان پري ڪنهن جاءِ تي ڪيمپ ڪري ويٺو هوندو هو ۽ ڪيس کا انفارميشن ملندي هئي جنهن مطابق فوري قدم کڻڻ ضروري هوندو هو ته ڪيس پنهنجي منزل تي پهچڻ لاءِ ريل گاڏي يا عام مسافر بس کانسواءِ ٻي کا سواري نه هوندي هئي. انهي ۾ ملازمن کي ڏگهو وقت لڳندو هو ۽ ريل گاڏي يا بس ۾ سفر ڪندي سندس وقت ضايع ٿي ويندو هو. ڪڏهن ته کا بس ۽ ٿي ميل هلڻ کانپوءِ خراب ٿي پوندي هئي ۽ وڏي جوش خروش سان سفر شروع ڪندڙ آفيسر ڪيترا ڪلاڪ رستي تي بيٺو هوندو هو. اينٽي ڪرپشن ڊپارٽمينٽ جي آفيسر جون ذميواريون فقط تفتيش تائين محدود نه هونديون هيون. ڪيس ڪرڻ آفيسرن. انهن سان سازباز ڪندڙ ماڻهن ۽ سرڪاري ملازمن کي لالچون ڏيندڙن بابت چاڻ پڙ گڏ ڪرڻي پوندي هئي. هو جن ڪيسن جي تفتيش ڪندو هو انهن جا ثبوت پيش ڪرڻ لاءِ ڪورٽ ۾ حاضر ٿيڻو پوندو هو. گڏوگڏ شاهدن کي ڪورٽ ۾ حاضر ڪرڻ ۽ شاهدن پاران ڪٺهڙي ۾ ويهڻ کان اڳ انهن جي ياد داشت کي تازو ڪرڻ ۽ سندس ذميوارين ۾ شامل هوندو هو. ڊپارٽمينٽ جي آفيسرن کي پنهنجي ٽرانسپورٽ نه هڻڻ جو هڪ نقصان اهو ٿو ٿئي جو اهي جڏهن ۽ سفر تي نڪرن ٿا ته ماڻهو انهن جي ڇُرپر کان واقف ٿي وڃن ٿا. جيئن ئي ڪو اينٽي ڪرپشن انسپيڪٽر ۽ اينٽي ڪرپشن کاتي جو ڪو ٻيو آفيسر ريل گاڏي جي ٽڪيٽ خريد ڪن ٿا ته سندن منزل بابت پتو پئجي وڃي ٿو ۽ ريلوي ٽيليگراف ذريعي چاڻ موڪلي وڃي ٿي. هو جيڪڏهن پوليس ٽرانسپورٽ طلب ڪري ٿو ته هن کي گاڏي ملڻ ۾ لازماً گهڻي دير ٿي وڃي ٿي ۽ انهي دوران بروقت چتاءُ موڪلجي وڃي ٿو ۽ سندس رٽائرن ناڪام ٿي وڃن ٿيون. هو جڏهن عام بس ذريعي سفر ڪري ٿو تڏهن ۽ ساڳئي ڳالهه واقع ٿئي ٿي. وڌيڪ انهي ڳالهه جي ۽ نشاندهي ڪئي وئي ته هر هڪ آفيسر ايتري علائقي جو انچارج هوندو آهي جيڪو هڪ ضلعي جي مساوي هوندو آهي. انهن جون ذميواريون انهن کان اها تقاضا ڪنديون آهن ته اهي تمام اوچتي اڳواٽ اطلاع تي پنهنجي چارج واري علائقي جي تمام ڏورانهين ڪنڊ ۾ ۽ پهچي وڃن. ڪنهن مقرر جاءِ تي وقت سر نه پهچي سگهڻ يا ڪنهن طئي ٿيل ملاقات واري جاءِ تي حاضر نه ٿي سگهڻ سان ڪو سٺو ڪيس هٿان وڃي سگهي ٿو ۽ مڪينيڪل ٽرانسپورٽ کانسواءِ کاتي جو ڪو ۽ آفيسر ڪيس ملندڙ ڪيترن ئي سڏن تي ڏيان نه ٿو ڏئي سگهي." سال 1956ع ۾ 1141 شڪايتون درج ڪيون ويون. 281 ڪيس رجسٽرڊ ڪيا ويا. 103 ڪيس ڪورٽن ڏانهن موڪليا ويا ۽ 62 ڪيسن ۾ ملزمن کي سزائون مليون.

انهي ڳالهه ۾ ڪو ۽ شڪ شبهو نه ٿو ٿي سگهي ته فوڊ ۽ ايگريڪلچرل ڊپارٽمينٽ ۾ سول سپلائيز ريگيوليشنز تي عملدر آمد ڪرڻ سان ۽ ڪرپشن کي وڏي هٿي ملي. کاتي جي ڪمن ڪارين ۾ هي ڳالهيون شامل هيون ته اناج جهڙوڪ ڪڻڪ ۽ چانور خريد ڪري ۽ انهن جي ورهاست جا انتظام ڪري،

مرڪزي حڪومت پاران صوبي لاءِ مختص ڪيل ڪنڊ جي ورهاست ڪري ۽ پڙ ٻين ضروري جنسن جي مساوي تقسيم جا انتظام ڪري اهو ڪاتو 1942ع ۾ شروع ڪيو ويو. غذائي اناج جي خريداري سنڌ فوڊ گرينس نيشنلائيزيشن بورڊ ذريعي ڪئي ويندي هئي. اهو هڪ سرڪاري ادارو هو جيڪو خاص انهي مقصد لاءِ قائم ڪيو ويو هو. اهو پنهنجن ايجنٽن ذريعي يا سنئون سڌو غذائي اناج خريد ڪندو آهي. ڪنڊ جي ورهاست سنڌ شگر ڊسٽريبيوشن موومينٽ ائنڊ پرائس ڪنٽرول آرڊر آف 1947ع تحت ٿيندي آهي. ضلعن ۾ ڪنڊ جي ورهاست ڪليڪٽرن جي حڪمن تحت ٿيندي هئي. ڪڪ، چانور ۽ چڻن ۽ انهن مان ٺهيل شين جي چرپر تي پابنديون هونديون هيون ۽ مال جي چاري طور ڪم ايندر مختلف اسمن جهڙوڪ ڪوپري، بوهي چڻن، اهر ۽ جانيي جي ڪڍ پلڙا، ٻهه ۽ لوسڻ وغيره جي صوبي کان ٻاهر روانگي تي پابندي هوندي هئي. سنڌ فوڊ گرينس نيشنلائيزيشن بورڊ جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر جنوري 1954ع ۾ سنڌ ايگريڪلچرل ڪميشن آڏو چيو ته سنڌ فوڊ گرينس نيشنلائيزيشن بورڊ سنڌ حڪومت پاران غذائي اناج خريد ڪرڻ لاءِ قائم ڪيو ويو هو ۽ انهي سڳداسي، گانگڙا، جوشي ۽ ڳاڙها چانور ۽ ڪڪ خريد ڪئي ٿي. خريداري بورڊ پاران مقرر ٿيل ايجنٽن ذريعي ۽ پڙ سڌو سنئون آبادگارن ۽ وڪرو ڪندڙن کان ڪئي ويندي هئي. بورڊ وٽ 54_1953ع ۾ چانورن جي خريداري لاءِ 46 ايجنٽ ۽ ساڳئي ئي سال لاءِ ڪڪ جي خريداري لاءِ 31 ايجنٽ هئا. 50_1949ع کان 53_1952 تائين هر سال چانورن جي هر جنس جي 9 پايون في مڻ ڪميشن ڏني وئي جڏهن ته ڪڪ تي 52_1951 ۽ 1953_1952 وارن سالن ۾ هڪ آنو في مڻ ۽ 54_1953ع ۾ 2 آٽا في مڻ ڪميشن ڏني وئي. سال 54_1953 ۾ ايجنٽن لاءِ چانور جي فصل تي هڪ آنو في مڻ ڪميشن مقرر هئي. انهي ۾ ڪوشڪ ڪونهي ته اناج جي خريداري جي نظام ۾ ڪيترائي ڪانچا هئا جن مان بي ايمان ماڻهو فائدو وٺي ويندا هئا ۽ سنڌ ۾ اهي ڳالهيون عام هيون ته ڪاتي ۾ خريداري نظام ۾ وڏي ڪرپشن موجود هئي. حڪومت سنڌ فوڊ گرينس نيشنلائيزيشن بورڊ ذريعي سڀي ڪٽالتي واري ڪڪ نو روپيا چار آنا في مڻ جي حساب سان خريد ڪندي هئي ۽ اهم ريلوي اسٽيشنن تي خريداري جا ايجنٽ مقرر ٿيل هوندا هئا. انهي ڪانسواءِ سنڌ حڪومت آبادگارن جي سهائتا لاءِ 25 هزار ٽن ڪڪ وڪرو ڪندڙن کان سنئون سڌو خريد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ انهي لاءِ حيدرآباد ۾ ڪڪ خريداري ڊپو قائم ڪيو. جڏهن ته غذائي اناجن جي صورتحال بهتر ٿي ته حڪومت سموري مغربي پاڪستان ۾ ڪڪ جي صوبي کان ٻاهر چرپر تي پابندي کي ڪجهه نرم ڪيو پر سرحد ۽ Provisioned علائقن ۾ اها پابندي برقرار رهي. سن 1952ع وارو سنڌ فوڊ گرينس ڪنٽرول آرڊر به منسوخ ڪيو ويو ۽ تڏهن سنڌ ۾ غذائي اناجن جو ڪاروبار ڪرڻ لاءِ ڪي به ليسن گهربل نه هوندا هئا ۽ نه ئي صوبي ۾ واپارين يا عام ماڻهن مٿان غذائي اناج پاڻ وٽ رکڻ جي ڪنهن خاص مقدار جي پابندي هوندي هئي. جيستائين سرڪاري ڪاتن ۾ عمومي طور ڪرپشن جو تعلق آهي ته آءِ. جي پوليس ڪميشن جي آڏو پنهنجي بيان ۾ جيڪو ڪجهه چيو اهو غلط نه آهي ته پوليس فورس جا ماڻهو ايترائي ڪرپٽ آهن جيترا ٻين سرڪاري ڪاتن جهڙوڪ پبلڪ

ورڪس ڊپارٽمينٽ ۾ ريونيو ڊپارٽمينٽ وغيره جا ماڻهو. درحقيقت اها ڳالهه غلط نه آهي ته جيستائين عوام ۾ ايمانداري ۽ اخلاقيات جو معيار بلند نه ٿيندو تيستائين ڪرپشن جي برائي ختم نه ٿيندي. ورهاڱي جي وقت وڏي تعداد ۾ مهاجرن جي اچڻ سان سنڌ ۾ ڪيترائي ڏوهاري لاڙا رکندڙ ماڻهو پڻ اچي ويا جن مان ڪيترن کي هندستان جي جيلن مان ڇاڻي واڻي آزاد ڪيو ويو هو جيئن اهي پاڪستان هليا وڃن. ڪيترن ئي ضلعن جي ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽن سندن ضلعن ۾ پرتجي پوندڙ مهاجرن جي ڪردار بابت وڏي، آواز ۾ شڪايتون ڪيون هيون. هڪ ته اڳي ئي اهڙيون حالتون وري ضروري شين ۽ ڪاڏي جي قلت ۽ هزارين مقامي ماڻهن جي ڇُرپر جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل وٺ سٽ ملڪ جي سرڪاري ڪاتن ۾ ڪرپشن جي واڌ جا شايد جوڳا سبب آهن. انهي مسئلي کي اڃا منهن ڏنو ويڙهو آهي ۽ پاڪستان جي نئين حڪومت انهيءَ عزم جو اظهار ڪيو آهي ته جيڪو به سرڪاري ملازم بداعمالين جو مرتڪب ڏنو ويندو يا عوام کان ناوا جبي پئسا اوڳاڙيندو انهي جي خلاف سخت قدم کنيا ويندا. سنڌ ۾ ته انهي ڳالهه جو فيصلو ڪرڻ سڀني هڪ مشڪل مسئلو رهيو آهي جتي جي مقامي رسمن رواجن ۾ ڪيتريون ئي اهڙيون ادائيگيون شامل آهن جيڪي نوڪري جي حقن ۽ رشوت جي وچ ۾ اچن ٿيون.

سنڌ ۾ وليج پوليس جو ڪو وجود ڪونهي. سنڌ ۾ جيڪڏهن ڪا وليج پوليس آهي ته اها وڏيري ۽ پيرين تي ٻڌل آهي. اڳ ۾ بارٽر فريئر پاران متعارف ڪرايل نظام تحت وڏيري کي مئجسٽريسي ۽ پوليس پاران زمين جو هڪ ننڍو ٽڪر ڏيل جي معافي سان ڏنو ويندو آهي. اهڙي قسم جون گرانٽون موروثي نه هونديون آهن ۽ جنهن کي ڏنيون ويندیون آهن ان جي فوت ٿيڻ تي ختم ٿي ويندیون آهن. حڪومت جنهن وڏيري جي خدمتن جو اجورو ڏيڻ ضروري سمجهندي آهي يا جنهن جو تعاون حاصل ڪرڻ ضروري هوندو آهي ته انهي بابت هاڻي سنڌ وليج آفيسرز ائڪٽ 1881ع ۾ شق رکي وئي اهي ۽ انهن کي روڪ رقم ڏيڻ جي بجاءِ اها رقم اهڙي شخص جي ڏيل جي ڪجهه حصي جي ادائيگي لاءِ رکي ويندي آهي. جن ماڻهن کي اهڙي طرح اجورو ڏنو ويو سن 1905ع ۾ انهن جو تعداد 88 هو. ۽ هر ڪيس ۾ سراسري سالياني اجورو 48 روپيا هو. هاڻي ڳوٺن ۾ پوليس جا معاون فقط پيري آهن. پيري جي فرضن ۾ هي ڳالهيون شامل هيون ته جڏهن به پوليس يا ڳوٺ جو وڏيرو چوي ته حملي آورن يا چورايل چوپائي مال جو پيرو کڻڻ. مشڪوڪ ڪردار جا ماڻهو نظر اچن يا جنهن مال بابت چوري جو هڻڻ بابت شڪ هجي انهي بابت اطلاع ڏيڻ يا اهڙي ڪا ڄاڻ ڏيڻ جيڪا ڪنهن به ڏوهه ٿيڻ کي روڪڻ ۾ مدد ڪري. سنڌ جا پيري جنهن هنرمندي سان انسانن ۽ جانورن جا ڊگهن فاصلن تائين پيرا کڻڻ ٿا اها ڳالهه ڪنهن باهرين ماڻهو کي ڪرشماتي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. انهن جي مدد سان پير جو نشان "پگ" به آڳوٺي جي نشان وانگر ئي سچاٽپ جو رکارڊ بڻجي پوي ٿو ۽ حرن جي ڪاروائين دوران مکيه باغين جي چرپر ۽ انهن جي ڪنهن خاص ڏوهه ۾ شموليت بابت پڪ به گهٽو ڪري هن ذريعي سان ٿيندي هئي. سنڌ جي پيرين جي مهارت ۾ ڪنهن به وڌاءُ جي گنجائش نه آهي.

هن گزيٽيئر جي مرتب کي هڪ واقعو ياد آهي جنهن ۾ مرحوم جي .اي چيٽ فيلڊ هو تڏهن ٽرپارکر ضلعي جو ڪليڪٽر هو جو تجربو هن خاص قسم جي مهارت جو هڪ تپرس ۾ وجهندڙ مثال آهي. ٽيوائين جو مسٽر چيٽفيلڊ جي اونار پنهنجي مالڪ جواڻ هلائيندي اوچتو وٽي رڙ ڪئي ته هن زمين تي پنهنجي هڪ سال اڳ چوري ٿي ويل اٺ جو پير ڏئو آهي. هو ايترو وقت گذري وڃڻ ڪانپوءِ به پنهنجي اُٺ جو پير سڃاڻي ويو۽ انهي جي مدد سان ڪيترا ميل اُٺ جو پير و ڪٽي اهو واپس ڪرائي ورتائين.

جيل:

ميرن جي دور ۾ ڪنهن ڏنڊ يا چٽي جي رقم نه پري سگهڙ سبب بنديخاني ۾ وجهڻ عام ڳالهه هوندي هئي. جڏهن ڪو چور پڪڙ ۾ ايندو هو ته ان تي چورايل مال جي چوڻ تي ڏنڊ وڌو ويندو هو۽ ان جي چوڻين پتي فريادي کي ڏني ويندي هئي ۽ باقي حصو حڪومت کٽندي هئي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو غربت سبب چٽي نه پري سگهندو هو ته ڪيس قيد ۾ وڌو ويندو هو ايستائين جو سندس دوست عزيز هن پاران ادائيگي ڪن. پر ڪيس ڪاڏو پيتو به رياست جي خرچ تي نه ڏنو ويندو هو. هن کي روزانو قيد مان ڪڍي پنهنجي ڪاڏي پيتي لاءِ پنايو ويندو هو۽ ڪيس جيڪو ڪجهه پنهنجين واجبي ضرورتن کان وڌيڪ ملندو هو اهو بحق سرڪار ضبط ڪيو ويندو هو. اهڙي طرح هو حڪومت لاءِ ڪمائي جو ذريعو ٻڌجي پوندو هو خون جي سزا ۾ غير معين مدت لاءِ قيد ۾ رکڻ به عام هوندو هو. پر انهي مان اهو ثابت نه ٿو ٿئي ته تڏهن ڪيترائي جيل هوندا هئا. ڏوهارين کي گهاٽ ۾ وڃايو ويندو هو ڪاٺ ۾ وڌو ويندو هو يا زنجيرن ۾ ٻڌي رکيو ويندو هو. تنهنڪري جديد تهذيب وارا جيل سنڌي ماڻهو لاءِ هڪ عجيب ڳالهه هئا. نيپيئر حيدرآباد، شڪارپور ۽ ڪراچي ۾ وڏا جيل ۽ بين ڪيترن هنڌن تي ننڍا جيل قائم ڪيا. انهن مان پهرئين جو بندوبست پوليس جي ليفٽيننٽ ۽ بين جو ڊپٽي مئجسٽريٽن جي حوالي ڪيوويو. پوليس جو ڪپتن انهن سيني کي ڪنٽرول ڪندو هو. ڪرمنل پروسيجر ڪوڊ متعارف ٿيڻ ۽ انصاف ڪاتي جي ڪاروهنوار کي نئين انداز مطابق ٺاهڻ ڪانپوءِ جيلن جو بندوبست پوليس جي ڊيوٽين جي دائري مان نڪري ويو. ننڍي ڪنڊ ۾ جيلن جو انتظام عام طور پرزنس ائڪٽ آف 1894 ۽ انهي تحت گورنمينٽ آف انڊيا ۽ صوبائي حڪومتن پاران جاري ٿيندڙ قاعدن تحت هلندو آهي. انڊين پينل ڪوڊ مطابق سزا يافتا قيدين کي قيد بامشقت ڏئي سگهجي ٿو جنهن ۾ ٿوري مدي لاءِ قيد تنهائي به ڏئي سگهجي ٿي يا فقط قيد ۾ رکي سگهجي ٿو. جيلن ۾ ديواني ڪيسن ۽ زير سماعت ڪيسن وارن قيدين لاءِ جاءِ پڻ فراهم ڪئي وڃڻي آهي. پهرئين اپريل 1937ع کان گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ لاڳو ٿيڻ سان جيل صوبائي معاملو ٿي ويا آهن ۽ جيلن جي بندوبست بابت قانون سازي جو اختيار صوبائي حڪومت جي هٿ ۾ آهي ۽ مرڪزي حڪومت فقط صوبائي حڪومتن سان گڏجي ڪنڪرنٽ قانون سازي جو اختيار استعمال ڪندي جنهن ۾ ملزمن ۽ قيدين کي هڪ يونٽ کان پئي يونٽ ڏانهن منتقل ڪرڻ جا معاملا حل ڪيا ويندا.

ويجهڙائي وارن ورهين ۾ ٽيندڙ سمورن جيل سڌارن جو بنياد 1889ع جي جيل ڪميشن آهي. ڪميشن جي سپ کان اهم سفارش اها هئي ته هر پريزيڊنسي ۾ جيلن جا ٽي ڪلاس هئڻ گهرجن. پهرئين ڪلاس ۾ وڏا سينٽرل جيل اهڙن قيدين لاءِ جن کي هڪ سال کان وڌيڪ قيد جي سزا آيل هجي. ٻئين ڪلاس ۾ ڊسٽرڪٽ هيڊڪوارٽرن ۾ ڊسٽرڪٽ جيل ۽ ٽئين ڪلاس ۾ ننڍا جيل ۽ لاڪ اپ جن ۾ اهڙا قيدي رکيا وڃن جن جا ڪيس زير سماعت هجن يا جن کي ٿور مدتي قيد جي سزا مليل هجي. هر صوبي ۾ جيل ڪاتو هڪ انسپيڪٽر جنرل جي ماتحت هوندو هو جيڪو عام طور انڊين ميڊيڪل سروس جو آفيسر هوندو هو ۽ ان کي جيلن جو به تجربو هوندو هو. ڪجهه جيلن جا سپرنٽنڈنٽ به عام طور ساڳئي سروس مان پرتي ڪيا ويندا هئا. ٻئين مهاڀاري لڙائي دوران جيل ڪاتي ۾ انڊين ميڊيڪل سروس آفيسرن جو تعداد بلڪل گهٽايو ويو. ڊسٽرڪٽ جيل سول سرجن جي ماتحت هوندي آهي ۽ ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ اڪثر انهي جي انسپيڪشن ڪندو رهندو آهي. سپرنٽنڈنٽ جي ماتحت عملي ۾ وڏين سينٽرل جيلن ۾ ڊپٽي سپرنٽنڈنٽ به شامل هوندو آهي جيڪو جيل ۾ ٺهندڙ شين جي نظرداري ڪندو آهي. سينٽرل ۽ ڊسٽرڪٽ جيلن ۾ هڪ يا هڪ کان وڌيڪ ميڊيڪل آفيسر پڻ هوندا آهن. ايگزيڪيوٽو اسٽاف ۾ جيلر ۽ وارڊن شامل هوندا آهن. سيني سينٽرل ۽ ڊسٽرڪٽ جيلن ۾ سزا يافته قيدين مان پيٽي آفيسر مقرر ڪيا ويندا آهن. قيدي اهڙي ڪنهن عهدي تي ترقي ملڻ تي لالچ ۾ سني هلت ڏيکارينداآهن. سن 1863ع کان بمبئي پريزيڊنسي جي انسپيڪٽر جنرل آف پرزنس جي عملداري جي حد ۾ سنڌ کي پڻ شامل ڪيو ويو. اها صورتحال 1936ع ۾ سنڌ جدا گورنر جو صوبو ٽيڻ تائين جاري رهي. هاڻي صوبي ۾ به سينٽرل جيل آهن هڪ حيدرآباد ۽ ٻيو سکر ۾. نارا جيل ۾ گهٽ عمر وارن قيدين لاءِ تربيتي مرڪز آهي. انهن کانسواءِ تعلقن ۽ ضلعن ۾ 66 ٽئين ڪلاس جا ننڍا جيل پڻ آهن. حيدرآباد سکر ۽ خيرپور ۾ سينٽرل جيل آهن. سکر ۾ ڊسٽرڪٽ جيل پڻ آهي. هڪ ايڪسٽرا ميرول جيل ۽ هڪ ٽريننگ سينٽر آهي.

گذريل ڪجهه ورهين کان اهڙيون ڪوششون ڪيون ويون وڃن ته جيئن جيلن جو ٽيڪس ڏيندڙ عوام تان بار گهٽايو وڃي. انهي لاءِ جيلن جي صنعتن، باغن ۽ روزگار جي ٻين طريقن کي هٿي وٺرائي وڃي. انهي پاليسي جي نتيجي ۾ خيرپور کانسواءِ باقي سنڌ جي جيلن مان 1953ع ۾ وصوليون 233922روپيا، سن 1954ع ۾ 381714 روپيا ۽ 1955ع ۾ 438052 روپيا ٿيون. باغن ۾ ميويدار وڻ ۽ گل پوکي انهن ۾ بهتري آندي وئي آهي. انهي قدم سان جيل وڌيڪ وٽندڙ تصوير پيش ڪندا ۽ انهن جي اندروني بي رنگ زندگي جو به ڪجهه ٽوڙ ٿي سگهندو.

31_ ڊسمبر 1951ع تي ننڍين جيلن ۾ قيدين جو جملي تعداد 1625 هو جيڪو 31_ ڊسمبر 1952ع تي 2626 ٿي ويو. انسپيڪٽر جنرل آف پرزنس 1954ع ۾ سنڌ ائگريڪلچرل ڪميشن آڏو ڳالهائيندي چيو ته اڪثر جيلن خاص طور سب جيلن ۾ گنجائش ناڪافي آهي ۽ انهن ۾ گنجائش کان وڌيڪ قيدي رکيل آهن. عدالتن پاران ڪيس آهستگي سان هلڻ سبب به قيدين کي وڌين ڏکيائين کي منهن

ڏيڻو پوي ٿو. سب جيل سنئون سڌو ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽن جي ڪنٽرول هيٺ هوندا آهن ۽ فقط انهن تي ايندڙ خرچ جيل ڪاتو پريندو آهي. انهن کانسواءِ سنڌ گينگ نالي هڪ ايڪسٽرا ميورل (Extra Mural) جيل به هوندو هو جنهن جي قيدين جي جتي ضرورت هوندي هئي انهن کي اوڏانهن موڪليو ويندو هو. سنڌ گينگ کي گهٽو ڪري پبلڪ ورڪس ڊپارٽمينٽ جي ڪمن جهڙوڪ واهن جي کوٽائي ۽ صفائي، بند ٻڌڻ ۽ ريلوي جي ڪمن لاءِ ڪم آندو ويندو هو. ورهاڱي کانپوءِ اهو ممڪن نه رهيو ته انڊين ميڊيڪل سروس جي جيل جو تجربو رکندڙ آفيسرن کي پرزن ڊپارٽمينٽ جو انچارج ٻڌايو ويجي. سنڌ ۾ موجوده انسپيڪٽر جنرل آف پرزنس بي.ايس.سي. جي تعليمي قابليت رکندڙ ۽ وڪيل آهي. سنڌ ۾ طبي عملي جي ڪوٽ سبب جيل کاتي جي نوڪري لاءِ مناسب انگ ۾ ميڊيڪل آفيسر ملڻ ڏکيو ٿي پيو آهي. جيتوڻيڪ اهو ڪم ٽيڙ ڏاڍو فائديمند ٽيندو. سزا يافتا قيدي جيڪي ڪم ڪندا آهن اهي گهٽو ڪري جيل جي چوديواري اندر ئي ٽيندا آهن پر اهڙن قيدين کي ڪڏهن ڪڏهن- جيئن سنڌ گينگ جي صورت ۾- جيل جي چوديواري کان ٻاهر ڪم آڻڻ جي به موڪل هوندي آهي. قيدين کي جيل ۾ جيل جي ڪمن ڪارين، مرمتي ڪمن ۽ ورڪشاپن تي ڪم آندو ويندو آهي. جيل ۾ ٺهندڙ مصنوعات لاءِ پهريون اصول اهو آهي ته ڪم صنعتي ۽ سزا جي نوعيت جو هجي. جيتري قدر ٿي سگهي اهڙيون صنعتون هنيون ويندیون آهن جن جي پيداوار سرڪاري کاتن جي گهرجن مطابق هجي. پرنٽنگ، تنبو ۽ ڪپڙو ٺاهڻ جا ڪم عام طور ڪيا ويندا آهن. قيدين کي ڪار آمد ۽ فائديمند صنعتن تي ڪم آڻڻ سنڌ جي جيلن ۾ پراڻي روايت آهي پر انهي کي ڪجهه وقت اڳ تڏهن شديد ڏڇڪو پهتو جڏهن ڏاڍو وڪوڙ ٿيو ته جيل جون مصنوعات خانگي ڪارخانن جي ڪم ۾ رخنو ٿيون وجهن. تڏهن کان قيدين کان فقط ڪپڙي ۽ ڪاڌي جي اهڙين شين جي پيداوار ۾ ڪم آندو ويجي ٿو جيڪي انهن جي پنهنجي ۽ ٻين ننڍين جيلن جي قيدين جي ڪم اچن پر ڪي اهڙيون شيون به ٺاهيون وجن ٿيون جن بابت سمجهيو وجي ٿو ته اهي ڪنهن به مقامي صنعت سان مقابلي ۾ نه ايندیون. اهي شيون ٻين سرڪاري کاتن ۽ عوام ۾ وڪري لاءِ آنديون وجن ٿيون، اهڙين شين ۾ سپ کان اهم آهن سو ٽي ۽ اوني غاليچا، ڪاهر جا تڏا، ٽوال، ميز پوش ۽ ٻيا سوٽي ڪپڙا. بيد ۽ ڪانن جون شيون جهڙوڪ ڪرسيون، ٽوڪريون، چڪون، مڇ مان ٺهيل تڏن جي به ڪجهه وقت کان گهٽي طلب آهي. قيدين کي گهريلو صنعتن جي تربيت ڏيڻ لاءِ ڪيترائي ڪار آمد ڪم ڏنڏا پڙ چالو ڪيا ويا آهن جهڙوڪ ڪتون واڻڻ جا پٽا ٺاهڻ، اڳڻ ٺاهڻ، ڏکاڻو ڪم، لوهار ڪو ڪم، ڪمبل ٺاهڻ، جارين جا ٽيلها ٺاهڻ، سُٽ رڱڻ، جوتا ٺاهڻ ۽ ڪپڙا سبڻ. روزاني استعمال جي شين جهڙوڪ ويڙڻ، ڪارن ۽ ڪجي جي پوڻن جي ٺهيل تڏن جي سنڌ ۾ وڏي طلب آهي. سکر جي سينٽرل جيل ۾ انهن جي ٺهڻ جو آربر ڏنو ويو آهي جو اتان جي آسپاس ڪجي جا وڻ به ڪثرت سان آهن ۽ شيون سستيون ٺهي سگهن ٿيون. جيل جي بندوبست جي هڪ خوبي اها آهي جو جيلن جي باغن کي سڌاريو ويو آهي. انهي سان هڪ ته تازيون پاڇيون ملن ٿيون ٻيو ته جيلن جي خرچ ۾ به گهٽتائي اچي ٿي.

هاڻي سزا جي اصلاحي نوعيت تي بہ زور ڏيڻ ۾ اچي رهيو آهي. قيدين کي مولوي مذهبي مسئلن تي ليڪچر ڏيڻ اچن ٿا ۽ سيني وڏين جيلن ۾ اسڪول جا ڪلاس باقاعدگي سان هلن ٿا. قيدين ۾ ناخواندگي ختم ڪرڻ لاءِ بہ ڪوششون ڪيون پيون وڃن. سب جيلن ۾ جتي عام طور اهڙا قيدي هوندا آهن جن جا ڪيس عدالتن ۾ زير سماعت هوندا آهن يا جن قيدين کي هڪ مهينو يا ان کان بہ گهٽ سزا آيل هوندي آهي اتي باقاعدي استاد مهيا ڪرڻ ممڪن نہ آهي. پر ڪجهہ سب جيلن ۾ قرآن پاڪ ۽ سنڌي ترجمو پڙهائڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو آهي. شروعاتي سنڌي ڪتاب پڻ مهيا ڪيا ويا آهن جيئن اهڙين حالتن ۾ جيتري ٿي سگهي ايتري تعليم ڏئي سگهجي.اختياريون ضلعن ۾ Released Prisoners Aid Society شروع ڪرڻ تي ڏيان ڏئي رهيون آهن. سن 1953ع ۾ انسپيڪٽر جنرل آف پرزنس کي انهي ڳالهہ تي ڏاڍي ڳڻتي هئي تہ سنڌ ۾ جيل هلائڻ تي وڏو خرچ اچي رهيو هو ۽ هن چيو تہ اهو خرچ ستاويهہ لک سالياني تي وڃي پهتو هو جڏهن تہ جيلن ۾ هلندڙ گهريلو صنعتن. باغن ۽ قيدين کان ڪرايل پورهيي مان سراسري سالياني آمدني تقريباً ڏيڍ لک هئي. نتيجي طور هن گهريلو صنعتن ۽ باغن جي پيداوار کي وڌائڻ گهربو ٿي جيئن صوبي ۾ جيلن کي پنهنجو خرچ پاڻ ڪيندڙ بڻائي سگهي. پر جيلن جي خرچ پکي ڪيڻ لاءِ گهربل شين جي پيداوار تڏهن ئي ٿي سگهندي جڏهن جيلن ۾ صنعتي سرگرمين تي لاڳو انهي اصول تان ئي دستبردار ٿجي ۽ جيڪو انهن سفارشن مان هڪ آهي جن تي جيلن جي جديد انتظام ڪاري جو بنياد آهي تہ جيلن جي صنعت اهڙي پيماني تي يا اهڙي انداز سان نہ هلائي وڃي جيئن اها ٻاهرين خانگي ڪارخانن سان مقابلي ۾ اچي. اها سوچ تہ هاڻي سنڌ جي جيلن کي پنهنجو خرچ پاڻ ڪيڻ گهرجي. جيڪڏهن عمل ۾ اچي وئي تہ ان جو عملي طور مطلب ٿيندو جيلن جي انتظام ڪاري کي ميرن جي ڏينهن واري اصول ڏانهن وڃي وڃڻ جڏهن قيدين کي پنهنجي گذران لاءِ پنڌو پوندو هو ۽ رياست تي ڪابہ ذميواري نہ هوندي هئي.

سب جيلن جون حالتون مجموعي طور اطمينان جوڳيون نہ آهن. سب جيلر عام طور تعلقي جو مختيارڪار هوندو آهي پر سب جيل جو آفيسر انچارج عام طور مختيار آفيس جو هيڊ منشي هوندو آهي ۽ سيني مسئلن کي بہ هوئي ڏسندو آهي. هو عام طور پنهنجي رواجي روينيو ڪم ۾ ئي ڏاڍو مصروف هوندو آهي ۽ جيل جي ڪم لاءِ نسبتاً ٿورو وقت ئي ڪڍي سگهندو آهي ۽ انهيءَ ڳالهہ جو بہ خدشو ٿي سگهي ٿو تہ هو انهيءَ ڪم کي پنهنجين ذميوارين جو تمام ننڍو حصو سمجهندو هجي. سب جيلن جي نظام ۾ بهتري آڻڻ لاءِ گهڻو ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي ۽ موجوده انسپيڪٽر جنرل آف پرزنس جي پاليسي اها آهي تہ ڏورانهن علائقن جي سب جيلن جي حالتن جي پکي پختي ڄاڻ حاصل ڪئي وڃي. انسپيڪٽر جنرل کان جيترو ٿي سگهندو آهي سب جيلن جا ذاتي طور دورا ڪندو آهي. سب جيلن ۾ قيدين جون مکيہ شڪايتون انهن جي ڪيسن جو فيصلو ٿيڻ ۾ غير واجبي دير بابت هونديون آهن پر عام طور سب جيلن ۾ رهڻ جو بندوبست ڏاڍو ڏکيو ۽ پراڻي قسم جو هوندو آهي. جيلن ۾ صحت جون سهوليتون عام طور سنيون هونديون

آهن ۽ اهو به هڪ اصول آهي ته جيلن ۾ علاج معالجي سبب قيدين جي جسماني صحت سڌي ٿي پوندي آهي. جيلن ۾ تعليم جو طريقو اهو آهي ته پرائمري تعليم جيل ۾ هلندڙ باقاعدي ڪلاسن ۾ سرڪاري استاد ڏيندا آهن ۽ قرآن پاڪ جي سنڌي ۽ اردو معنيٰ سان تعليم پڻ ڏني ويندي آهي. جيلن ۾ موڪلن جي ڏينهن تي مقامي مولوي اخلاقي ۽ مذهبي تعليم پڻ ڏيندا آهن. جيلن ۾ قيدين جي تفريح لاءِ ويجهڑائي ۾ ان ڊور گيمز شروع ڪرڻ جا حڪم ڏنا ويا آهن جيئن قيدين کي واندڪائي واري وقت ۾ خوش ۽ مصروف رکي سگهجي. شروع ڪرايل راندين ۾ لوڊو نانگ ۽ ڊاڪ، چيس ۽ ڪيرم شامل آهن. ڪتاب ۽ اخبارون پڻ پڙهڻ لاءِ ڏنا وڃن ٿا. سنڌ ۽ خيرپور ۾ جيلن جو انتظام جيل مينيوئل مطابق هلي ٿو. مقرر ڪيل معيار اهو ئي آهي جيڪو هندستاني برصغير جي جيلن ۾ رائج آهي. حڪومت سزا جي اصلاحي نوعيت تي وڌو ڏيان ڏيڻ جي ضرورت کان مڪمل طور باخبر آهي ۽ انهي ۾ ڪو شڪ نه آهي ته ايندڙ ڪجهه ورهين ۾ انهي لحاظ کان ڇڪي بهتري ايندي

انصاف (Justice)

جڏهن سنڌ جو 1843ع ۾ الحاق ڪيو ويو ته برطانوي هندستان ۾ برطانوي انصاف جو نظام اڳيئي پير پختا ڪري چڪو هو. ميرن جي نظام جي جاءِ نيپيئر جي نظام ورتي. ميرن جي نظام جو بيان هن باب جي پوليس واري سيڪشن ۾ اڳي چڪو آهي. نيپيئر جو نظام 1849ع جي منڊ تائين جاري رهيو. تڏهن باقاعده ٽريبيونل قائم ڪيا ويا ۽ اهڙا احڪامات جاري ڪيا ويا ته ڪيسن جا فيصلا 1827ع جي ڪوڊ جي روح مطابق ڪيا وڃن. ڪرمنل ڪيسن جي صدارت سنڌ جو ڪمشنر ڪندو هو ڪيس ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽن ۽ ڊپٽي مئجسٽريٽن منجهان هڪ جڊيشل اسسٽنٽ ڏنو ويندو هو. ۽ ورهيه پوءِ ڪاردارن- موجوده مختيارڪارن- کي ڪرمنل ڪيس ٻڌڻ جو اختيار ڏنو ويو. ڪاردار جي عام رواجي اختيارن مطابق هو 15 رپيا ڏنڊ يا 20 ڏينهن قيد جي سزا ڏئي سگهندو هو پر ڪيس هڪ سو رپيا ڏنڊ، چئن مهينن تائين قيد ۽ 25 تائين لڪڻ هڻڻ جو اختيار ٿي سگهيو ٿي. ڪاردارن جي غير موجودگي ۾ انهن جي هيڊ منشين کي به اختيار ڪتب آڻڻ جو حق حاصل هوندو هو. ڊپٽي مئجسٽريٽن کي اهڙا اختيار حاصل هئا جو اهي ڪمشنر جي توثيق کانسواءِ ئي هڪ سال قيد، ڏنڊ ۽ لڪڻ هڻڻ جي سزا ڏئي سگهيا ٿي. ڪمشنر جي توثيق سان قيد جي سزا ستن سالن تائين ٿي سگهي ٿي. ايڪسٽرا اسسٽنٽ مئجسٽريٽن کي به توثيق کانسواءِ اهڙا ئي اختيار هوندا هئا جهڙا ڊپٽي مئجسٽريٽ کي هوندا هئا. ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ ست ورهيه قيد جي سزا توثيق کانسواءِ ئي ڏئي سگهندو هو. انهي کان وڌيڪ مدي جي سزا ڪمشنر جي توثيق سان ڏئي سگهندو هو. موت جي سزا يا تاحيات ملڪ نيڪالي جي سزا ڪهڙو به جج ڏئي انهي لاءِ حڪومت کان منظوري وٺڻ ضروري هوندو هو. جلد ئي اها ڳالهه ثابت ٿي وئي ته عدالتي ڪم ڪار سان ڳڏوگڏ انتظامي ذميواريون سرانجام ڏيڻ (جيئن هاٿي سيشنز ڪورٽ سرانجام ڏئي ٿي) ڏاڍو مشڪل هوندو تنهنڪري 1855ع ۾ هر ضلعي ۾ هڪ جڊيشل ڊپٽي مئجسٽريٽ مقرر ڪيو ويو جنهن وٽ ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ کان وڌيڪ

اختيار هوندا هئا ۽ هو فقط عدالتي ڪم ڪار ڪندو هو سنڌ ۾ عدالتي نظام جي اوسر انهي ئي انداز سان ٿي جنهن انداز سان برطانوي هندستان ۾ ديواني ۽ فوجداري قانون جي اوسر پنهنجي ترتيب ۽ تدوين ۽ باقاعدگي سان لاڳو ٿيڻ جي شروعاتي ڏينهن ۾ ٿي. سن 1947ع جي انڊين ايئر بڪ ۾ بيان ٿيل آهي ته هندستان تاج برطانيا ڏانهن منتقل ٿيڻ کان اڳ قانون تمام منجهيل حالت ۾ هو. هينري ڪننگهام انهي بابت لکيو آهي ته اهو تمام منجهيل، الجهيل ۽ ڪم آڻڻ ۾ ڏاڍو ڏکيو هو. عام تدوين ڏانهن پهريان قدم 1833ع ۾ پينل ڪوڊ ٺاهڻ لاءِ هڪ ڪميشن قائم ڪرڻ سان کنيا ويا. انهي ڪميشن جو روح روان لارڊ ميڪالي هو. پينل ڪوڊ کي قانون جي حيثيت ونڊ ۾ 22 ورهيه لڳي ويا. انهي عرصي دوران انهي تي لارڊ ميڪالي جي جانشينن ۽ خاص طور سپريم ڪورٽ ڪلڪتي جي لارڊ چيف جسٽس بارنيس پيڪاڪ پاران نظرثاني ٻه ٽيندي رهي. سن 1860ع ۾ قانون جو درجو حاصل ڪندڙ پينل ڪوڊ ڪانپوءِ ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر آيو. برطانوي هندستان جي سموري ڪرمنل لا جو تت انهن ٻنهي ڪوڊن (Codes) ۾ شامل آهي. هندستان ايندڙ هڪ تمام نامياري وڪيل جيمس اسٽيون چيو: انڊين پينل ڪوڊ جي وصف هيئن بيان ڪري سگهجي ٿي ته اهو انگلينڊ جو ڪرمنل لا آهي جنهن مان سڀ فني ۽ زائد ڳالهيون حذف ڪيون ويون آهن ۽ ان کي برطانوي هندستان جي حالتن مطابق بنائڻ لاءِ ان کي باضابطه طور ترتيب ڏئي ان ۾ تمام ٿورين جاين تي ترميم ڪئي وئي آهي ۽ اهي ترميمون حيرت انگيز طور تي تمام ٿوريون آهن. ڪوڊ مان ڪا غلط معني ڪيڻ يا ان کي سمجهڻ ۾ ڪا غلطي ڪرڻ عملي طور ممڪن ئي نه آهي. سول پروسيجر جا قاعدا ڪوڊ آف سول پروسيجر ۾ شامل ڪيا ويا آهن. ڪوڊ آف سول پروسيجر کي 1908ع ۾ ۽ ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر کي 1898ع ۾ نئين سر ترتيب ڏنو ويو. وقت بوقت ترميمون ٿيل اهي ڪوڊ هاڻي لاڳو آهن. برطانوي هندستان ۾ 1870ع کان 1885ع جي وچ ۾ تمام گهٽي قانونسازي ڪئي وئي ۽ قانون جي ڪيترين ئي شاخن جهڙوڪ ايويڈنس، ڪانٽريڪٽ، ٽرانسفر آف پراپرٽي، ٽرسٽ ۽ negotiable instruments کي هندستاني قانون ساز اسيمبلي جي ائڪٽن جي شڪل ۾ مدون ڪيو ويو. اهي سموري برطانوي هندستان تي لاڳو آهن. انهن قانونن ۾ وقت بوقت ترميمون ٿيندیون رهيون ۽ ڪيترن ئي فيصلن مان اخذ ڪيل قاعدن جي صورت ۾ انهن ۾ اضافو پڻ ٿيندو رهيو. برطانوي هندستان ۾ ورهاڱي جي وقت تائين لاڳو قانون جو وڏو حصو انهن تي مشتمل هو. ورهاڱي کانپوءِ قانون جي جوهر توڙي ان جي لاڳو ٿيڻ جي انداز ۾ ڪا وڏي تبديلي نه آئي آهي. پاڪستان جي قانوني نظام جو بنياد برطانوي نظام کي بڻايو ويو آهي اهو ئي اڃڪلهه سنڌ ۽ خيرپور ۾ لاڳو آهي.

جيستائين سنڌ جو تعلق آهي ته اتي 1860ع جي انڊين پينل ڪوڊ، ائڪٽ xxxv ۽ 1861ع جي ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر ايڪٽ xxv لاڳو ٿيڻ سان فوجداري انصاف جي سرشتي کي بهتر بنياد ملي ويو. انهن ائڪٽن جون شقون صوبي ۾ باترتيب پهرئين جنوري ۽ پهرئين نومبر 1862ع کان لاڳو ڪيون ويون. ٻئين قانون هيٺ مئجسٽريٽن جي عملداري کي ننڍو ڪري اهم ڪيسن جي فيصلي لاءِ

سيشن ڪورٽ قائم ڪئي وئي ۽ جڊيشل ڊپٽي مئجسٽريٽ جي جاءِ تي سيشن جج اچي ويو. ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ يا مڪمل اختيار رکندڙ مئجسٽريٽ جي اختيارن کي گھٽائي ۽ سال قيد ۽ ڏنڊ تائين محدود ڪيو ويو. فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ کي ڇهن مهينن تائين قيد جي سزا ڏيڻ جو اختيار هوندو هو ۽ سيڪنڊ ڪلاس مئجسٽريٽ هڪ مهينو قيد جي سزا ڏئي سگھندو هو. سن 1866ع ۾ سنڌ جي ڪمشنر جا فوجداري ڪيسن ۾ سماعت جا اختيار ختم ٿي ويا. اهو تيستائين ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر تحت صدر ڪورٽ جا اختيار استعمال ڪندو هو ۽ بمبئي ائڪٽ XII ، 1866ع تحت جڊيشل ڪمشنر مقرر ڪري جڊيشل اسسٽنٽ جو عهدو ختم ڪيو ويو. جڊيشل ڪمشنر سنڌ جي صدر ڪورٽ جي صدارت ڪندو هو ۽ صوبي جي عدالتي ڪاروهنوار جي نگهداشت ڪندو هو. سن 1872ع جي ائڪٽ X تحت فوجداري عدالتن جي ڪاروهنوار هلائيندڙ قانون کي مضبوط ڪندي ان ۾ ترميمون ڪيون ويون. انهي ائڪٽ اڳئين ڪوڊ ذريعي متعارف ڪرايل مئجسٽريٽن جي جاءِ تي فرسٽ، سيڪنڊ ۽ ٿرڊ ڪلاس مئجسٽريٽن جا عهدا آندا. ڊويزن ۽ ضلعن جي انچارج مئجسٽريٽن کي اضافي انتظامي اختيار ڏنا ويا. انهي ڪانپوءِ ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر ۾ ٻه ترميمون ڪيون ويون. پر ضلعن ۾ قائم ٿيل ڪورٽن ۾ ڪا وڏي تبديلي نه آئي آهي. البت صوبي جي مکيه ڪورٽ ۾ بامبي ائڪٽ I آف 1906ع جي ذريعي اهم تبديلي آندي وئي جيڪو 25 ـ جون 1906ع تي عمل ۾ آيو. صدر ڪورٽ ۽ ڪراچي ڊسٽرڪٽ ڪورٽ يا سيشن ڪورٽ جي جاءِ تي هاڻي ڪورٽ آف جڊيشل ڪمشنر آهي جيڪا ديواني ۽ فوجداري معاملن ۾ صوبي جي سپ ڪان وڏي اپيل ڪورٽ آهي. اها ڪورٽ ٽن يا گورنمينٽ آف انڊيا جي منظوري سان وڌيڪ ججن تي مشتمل هوندي آهي. انهن مان هڪ جڊيشل ڪمشنر ۽ ٻيا ائڊيشنل جڊيشل ڪمشنر هوندا آهن. ائڊيشنل جڊيشل ڪمشنرن مان هڪ لازماً بئريسٽر هجي جنهن وٽ گهٽ ۾ گهٽ پنجن ورهين جو تجربو هجي. سيني ججن وٽ ڊسٽرڪٽ ڪورٽ جي جج ۽ سيشن جج جهڙا اختيار هوندا آهن ۽ انهن جي عملداري جي حد ڪراچي ضلعو هوندي آهي. ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن ڪورٽ ڪانسواءِ اپيل يا نظرثاني جو حق اهڙي بينچ وٽ هوندو آهي جنهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻه جج هجن. انهن جي يڪ راءِ نه هڻڻ جي صورت ۾ جڊيشنل ڪمشنر ڪيس ڪنهن ٽئين جج ڏانهن يا ٽن ججن واري بينچ ڏانهن موڪلينڊو آهي.

ڪورٽ آف جڊيشل ڪمشنر جي ماتحت سيشن جج، ائڊيشنل سيشن جج، اسسٽنٽ سيشن جج، فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ، سيڪنڊ ڪلاس مئجسٽريٽ ۽ ٿرڊ ڪلاس مئجسٽريٽ هوندا آهن. انهن سيني جا اختيار چٽي نموني واضح ٿيل آهن. هر ضلعي ۾ ڪليڪٽر يا ڊپٽي ڪمشنر کي ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ جو عهدو هوندو آهي. سب ڊويزن جا انچارج اسسٽنٽ ڊپٽي ڪليڪٽر سب ڊويزنل مئجسٽريٽ هوندا آهن. انهن کي فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ جا اختيار هوندا آهن. تعلقن جا انچارج آفيسر يا هيڊ منشي پڻ پنهنجين حدن وارن علائقن ۾ مئجسٽريٽ هوندا آهن. انهن کي به ڪي مخصوص اختيار مليل هوندا آهن. جتي انهن کي گهٽو ڪم هوندو آهي. اتي مختيارڪارن جي رتبي جي برابر

ائڈيشنل ريزيڈنٽ مئجسٽريٽ مقرر ڪيا ويندا آهن. انهن سان گڏوگڏ ستي ۾ ڪنٽومينٽ مئجسٽريٽ، هاربر مئجسٽريٽ ۽ اسپيشل مئجسٽريٽ پڻ هوندا آهن جن کي ڪمشنر مقرر ڪندو آهي. هاٿي آنريري مئجسٽريٽن جا عهدا ختم ڪيا ويا آهن. سيڪنڊ ۽ ٽرڊ ڪلاس مئجسٽريٽ جي فيصلن تي اپيلون انهن جا ڊسٽرڪٽ ۽ سب ڊويزنل مئجسٽريٽ ٻڌندا آهن بشرطيڪ انهن کي اهڙا اختيار مليل هجن. پر فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ ۽ اسسٽنٽ سيشن ججن جي فيصلن تي اپيلون سيشن ڪورٽ ۾ هلنديون آهن. سيشن ڪورٽ ۽ ائڈيشنل سيشن ججن جي فيصلن تي اپيلون جڊيشنل ڪمشنر جي ڪورٽ ۾ هلنديون آهن. سن 1892ع جي سنڌ فرنٽيئر ريگيوليشن نمبرIII مطابق جيڪڏهن ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ سمجهي ته ڪنهن اهڙي ڏوهه جي سزا موت يا تاحيات ملڪ بدري هجي، جو ڪيس سيشن ڪورٽ ۾ هلڻ مصلحت جي خلاف آهي ته هو سنڌ ۾ ڪوهستان کان ونڊي ڪشمور تائين سمورن سرحدي علائقن ۾ عام رواجي فوجداري ڪورٽن کي معطل ڪري سگهي ٿو. اهڙن ڪيسن ۾ هن کي اختيار آهي ته هو اهو مسئلو فيصلي لاءِ جرگي ۾ موڪلي ۽ جيڪڏهن جوابدار تي ڏوهه ثابت ٿي وڃي ته هن تي ڏنڊ هڻي يا ستن ورهين جي اندر ملڪ بدري جي سزا ڏئي.

فرسٽ ڪلاس جي سب ججن کي سيڪنڊ ڪلاس سب ججن وارا رواجي اختيار هوندا هئا. سيڪنڊ ڪلاس جي سب ججن کي اهڙن مقدمن ۾ فيصلو ڏيڻ جو اختيار هوندو آهي. جن جي مالیت 5000 رپين کان وڌيڪ نه هجي. معاملات دار ڪورٽن کي اهو اختيار هوندو آهي ته بروقت قبضو ڏيارين ۽ 1906ع جي معاملات دار ائڪٽ جي ڪارجن جي لحاظ کان تعلقن جا انچارج مختيارڪار هوندا آهن.

ڪورٽس آف سمال ڪازز:

ڪراچي جي سمال ڪاز ڪورٽ کي اهڙا ڪيس ٻڌڻ جو اختيار آهي جن جي مالیت 2000 رپين کان وڌيڪ نه هجي. ڪراچي ڇانوٽي جي سمال ڪاز ڪورٽ 200 رپين تائين جا ڪيس ٻڌي سگهي ٿي. فرسٽ ڪلاس سب آرڊينيٽ جج 500 رپين مالیت تائين جا ۽ سيڪنڊ ڪلاس سب آرڊينيٽ جج 200 رپين مالیت تائين جا ڪيس ٻڌي سگهن ٿا.

سن 1892ع جي سنڌ فرنٽيئر ريگيوليشن نمبر III مطابق ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ کي سرحدي تعلقن ۾ ديواني ڪيسن ۾ اهڙا خاص اختيار آهن جهڙا فوجداري ڪورٽن بابت مٿي بيان ڪيا ويا آهن. هن کي جڏهن به اهو اطمينان ٿي وڃي ته اهڙو ڪو تڪرار موجود آهي جنهن مان خوني تڪرار، خون، مردمرڪشي، بدمعاشي يا نقص امن پيدا ٿي سگهي ٿو ته هو اهو تڪرار جرگي ۾ موڪلي سگهي ٿو ۽ جرگي جي تحقيق جي نتيجي مطابق ڊڪري ڪڍي سگهي ٿو پر هو انهن جي تحقيقات کي تسليم ڪرڻ جو پابند نه آهي.

گزيٽيئر جي 1907ع جي اشاعت ڪانپوءِ ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن ڪورٽن جي جوڙجڪ ۾ هيٺيون ڦالهيون واقع ٿي چڪيون آهن. پهرين اپريل 1913ع کان ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشنز ڪورٽ لاڙڪاڻو شروع ٿي وئي آهي. انهي جون حدون لاڙڪاڻي جي رونيو ڊسٽرڪٽ تي ٻڌل آهن.

ٻين جون 1942ع تي ڊسٽرڪٽ ائنڈ سيشنز ڪورٽ نوابشاهه وجود ۾ آئي جنهن جون حدون نواب شاهه جي روينيو ڊسٽرڪٽ تي ٻڌل آهن.

ڊسٽرڪٽ ائنڈ سيشنز ڪورٽ دادو 18 جولاءِ 1952ع تي وجود ۾ آئي جنهن جون حدون دادو جي روينيو ڊسٽرڪٽ تي ٻڌل آهن.

ڊسٽرڪٽ اينڈ سيشنز ڪورٽ جيڪب آباد 8 ڊسمبر 1942ع تي ٺهي جنهن جون حدون انهي روينيو ڊسٽرڪٽ تي ٻڌل آهن جيڪو اڳي اپر سنڌ فرنٽيئر جي نالي سان مشهور هو.

سنڌ 3ـ اپريل 1936ع تي جدا صوبو ٻڌي تڏهن گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ 1935ع جو پارٽ 3 عمل هيٺ آيو ۽ جڊيشل ڪمشنر سنڌ جي ڪورٽ جا جج رائل وارنٽ آف هز ميجسٽي دي ڪنگ طرفان مقرر ڪيا ويا. البت جڊيشل ڪمشنر سنڌ جي ڪورٽ جي اندروني تنظيم ۾ ڪراچي جي وڏي ۽ وڏندڙ ۽ بندرگاهه ۽ ايئر پورٽ واري شهر جي ضرورتن کي پورو منهن ڏيڻ لاءِ ڦيرڦار جي ضرورت هئي ۽ سنڌ جي جدا صوبو ٿيڻ سان اها ضرورت اڃا وڌيڪ شديد ٿي وئي هئي تنهنڪري اهو محسوس ڪيو ويو ته صوبي جي فوري ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ سنڌ ڪورٽس ايڪٽ 1926ع جي ايڪٽ VII کي عمل هيٺ آڻيندي سنڌ جي جڊيشل ڪمشنر جي ڪورٽ جي حيثيت وڌائي ان کي سنڌ جي چيف ڪورٽ ڪيو وڃي.

سنڌ جي چيف ڪورٽ سنڌ صوبي لاءِ اپيل ۽ نظرثاني لاءِ سڀ کان اعليٰ ديواني ۽ فوجداري ڪورٽ ۽ ڪراچي جي سول ڊسٽرڪٽ لاءِ سڌو ديواني ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ مڪيه ڪورٽ هئي. سنڌ جي چيف ڪورٽ ڪراچي جي سيشنز ڊويزن ۾ سيشنز جج جا اختيار ڪتب آڻيندي هئي ۽ ان جون ذميواريون سرانجام ڏيندي هئي. ڊسٽرڪٽ ۽ سيشنز ڪورٽ کانسواءِ اپيل ۽ نظرثاني جا اختيار گهٽ ۾ گهٽ ٻن ججن ٿي ٻڌل بينچ وٽ هوندا آهن ۽ جيڪڏهن اهي يڪراءِ نه هجن ته ڪيس سنڌ جي چيف ڪورٽ جي چيف جج ڏانهن موڪليو ويندو آهي جنهن کي اختيار آهي ته يا ته ڪيس جو پاڻ فيصلو ڪري يا اهو ڪيس ڪنهن ٻئين جج ڏانهن موڪلي يا گهٽ ۾ گهٽ ٽن ججن ٿي ٻڌل بينچ ڏانهن موڪلي.

سيشنز ڪورٽن جي سزائن ۽ ڪراچي جي سيشنز ڊويزن ۾ عملداري رکندڙ مئجسٽريٽن جي آردرن خلاف اپيلون سنڌ جي چيف ڪورٽ ۾ اينديون آهن.

اها ڳالهه اڳ ۾ بيان ڪئي وئي آهي ته ٺرپارڪر جي ڊسٽرڪٽ ۽ سيشنز ڪورٽ 18ـ ڊسمبر 1946ع تي قائم ڪئي وئي هئي. اها ضلعي جي مڪيه سول ڪورٽ آهي. پر اوريجنل سول ورڪ جي لحاظ کان ڊسٽرڪٽ ڪورٽ تان ڪم جو بار گهٽائڻ لاءِ ضلعي لاءِ ساڳئي تاريخ يعني 18 ڊسمبر 1946ع تي فرسٽ ڪلاس سب آرڊينيٽ سول ڪورٽ قائم ڪئي وئي جنهن 10ـ جنوري 9147ع تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. ميرپروخاص ۾ واقع فرسٽ ڪلاس سب آرڊينيٽ جج جي ڪورٽ جي ديواني معاملن ۾ شروعاتي ڪيس داخل ڪرڻ جي لحاظ کان عملداري سموري ٺرپارڪر ضلعي ۾ آهي.

ٽرپارکر جو ڊپٽي ڪمشنر هاڻي ڊسٽرڪٽ جج نہ رهيو آهي ۽ هاڻي ڊپٽي ڪليڪٽر، مختيارڪار ۽ هيڊ منشي به ٽرپارکر يا سنڌ جي اڳوڻي صوبي جي ڪنهن به ضلعي ۾ ديواني ڪيس ٻڌڻ جو اختيار نہ ٿا رکن. ديواني ڪيس ٻڌڻ جو اختيار فقط ڊسٽرڪٽ جج ۽ سب آرڊينيٽ جج استعمال ڪن ٿا. جيڪي چيف ڪورٽ سنڌ جي انتظامي ڪنٽرول هيٺ هوندا آهن.

اپر سنڌ فرنٽيئر تي لاڳو سنڌ فرنٽيئر ريگيوليشنز کي جنهن جو گزيٽيئر جي 1907ع واري اشاعت جي صفحي نمبر 450 تي ذڪر آيل هو اهو 21_ مارچ 1952ع تي منسوخ ڪيو ويو ۽ سنڌ جو جيڪو حصو اپر سنڌ فرنٽيئر جي نالي سان سڏيو ويندو هو اهو هاڻي جيڪب ضلعي تي ٻڌل آهي. سنڌ فرنٽيئر ريگيوليشنز جي منسوخ ٿيڻ سان ديواني ۽ فوجداري عدالتي نظام تہ ديواني ۽ فوجداري عدالتن ذريعي هلندو هو باقي جيڪب آباد جو روينيو ضلعو سکر جي ڊسٽرڪٽ ۽ سيشنز ڊويزن جي عملداري هيٺ ايندو هو.

پبلڪ هيلٿ Public Health

برطانيا پاران قبضي کانپوءِ به ڇڪو وقت اهو سمجهيو ويندو هو تہ سنڌ جي آبهوا بلڪل غير صحت بخش هئي. پر برطانوي فوج جو انهيءَ بابت پهريون تجربو ناخوشگوار هو. سن 1843ع جي سرءَ جي موسم ۾ نيپيئر جي فوج جو به پاڻي ٽي کان ٻہ وڌيڪ حصو بيمار ٿي پيو هو. پر ڇڪي آزمودي کانپوءِ اهو ثابت ٿي ويو آهي تہ سنڌ مجموعي طور هڪ صحت افزا ملڪ آهي. سال جو وڏو حصو سج جي طاقت ۽ خشڪ آبهوا کي ذهن ۾ رکندي اها ڳالهہ ايتري حيران ڪن نہ ٿي لڳي. فقط ٻوڏ هيٺ آيل علاقن ۽ ساريالي فصل وارن ٽڪرن ۾ آبڪلاڻي موسم جي پڄاڻي کان سياري جي موسم شروع ٿيڻ تائين سال جا ٽن کان چار مهينا مليريا جو آزار رهندو آهي. جيستائين سنڌ ۽ خيرپور جو تعلق آهي تہ انهن بابت جمر ۽ موت جا انگ اکر اعتبار جوگا نہ آهن. سن 1931ع تائين آدمشماري ۾ جسماني نقصن بابت انگ اکر ڏنا ويندا هئا پر 1931ع کانپوءِ اهي ختم ڪيا ويا ڇاڪاڻ تہ ماهرن جي راءِ ۾ جسماني نقصن بابت انگ اکر بلڪل اعتبار جوگا نہ هوندا هئا. انهن بابت فقط اهو چئي سگهجي ٿو تہ هڪ ڏهاڪي کان ٻي ڏهاڪي تائين انهن ۾ غلطي جي يڪسان شرح هوندي هئي. پر انهي شرح جو تعين ڪرڻ ناممڪن هوندو هو. ميونسپل ايڪٽ جي هڪ باءِ لا مطابق وڏن شهرن ۾ جمر ۽ موت جي شرح جي رجسٽريشن ڪرائڻ لازمي ڪيو ويو آهي پر انهن تي عمل نہ ڪرڻ جي صورت ۾ مقرر ڪيل سزائون ورلي ئي لاڳو ڪيون ويندیون آهن. ڪارڪردگي جو معيار اڃي ئي پورو سارو هوندو آهي. وري عهدي جي لحاظ کان (ex_officio) رجسٽرار به ميونسپل سيڪريٽري يا چيف آفيسر هوندو آهي جنهن کي ٻيا به ڪيترائي ڪم ڪرڻا هوندا آهن. ڳوٺاڻن علاقن ۾ تہ ايترو به نہ ٿيندو آهي. ڪوبہ ماڻهو گهرجي ڪاب ڳالهہ رپورٽ نہ ڪرائيندو آهي ۽ ڪنهن به انگ اکر جو سرچشمو ڳوٺاڻي ٻڌ سڌ هوندي آهي. اهي انگر اکر گڏ ڪرڻ تپيدار جو ذمو هوندو آهي پر هو انهي ذميواري تي ذاتي طور ڌيان نہ ڏئي سگهندو آهي تنهنڪري پنهنجي ڪوٽار جي حوالي ڪندو آهي. ڪجهہ ڳوٺن ۾ اسڪولن جا استاد يا دڪاندار رجسٽر رکندا آهن ۽ جنهن به جمر يا موت بابت خبر پوندي اٿن اهو درج

ڪري ڇڏيندا آهن. اهڙي طرح گڏ ڪيل ڄاڻ ٽپيدار هر مهيني گڏ ڪري پبلڪ هيلٿ اٿارٽي ۾ جمع ڪرائي ايندو آهي. هن گزيٽيئر جو مرتب جڏهن سنڌ ۾ ضلعي آفيسر هوندو هو تہ هن پنهنجي حد جي ڳوٺن جا جم ۽ موت جا رجسٽر چيڪ ڪرڻ تي ڪيترا دفعا اهو ڏنو هو تہ ڳوٺن جي رجسٽرن ۾ ٻن ٽن مهينن تائين ڪو اندراج ئي نہ هوندو هو پر هڪ ئي مهيني ۾ ٽيهہ چاليهہ دا خلائون رکيون ويندیون هيون ڪنهن بہ ڳوٺ جي آدمشماري مطابق اتان جي جم ۽ موت جو سراسري حساب ڪرڻ سان انهن داخلائن جو غير حتمي هئڻ ثابت ٿي ويندو. انهن انگن اکرن جي غير مڪمل هئڻ جا بہ سبب اهي بہ هوندا هئا جو هيٺين طبقي جي ماڻهن ۾ ڪي وهم سنسا ۽ شڪ شبها هوندا هئا ۽ وڏي طبقي جا ماڻهو وري زناني ڳالهين بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ کان لنوائيندا هئا.

پاڪستان جي 60_1955ع جي پنج سالا پلان ۾ لکيل آهي تہ اڳوڻن ڏينهن ۾ صحت جا معيار گهٽ هئا. اٽپوري غذا، گندگي واريون حالتون، ناقص طبي سهوليتون ۽ والدين طرفان نہ هئڻ جي برابر ڏيان سبب بيمارين ۽ وبائون عام هوندیون هيون ۽ ڪير پياڪ ٻارن ۾ موت جي شرح بہ وڌيڪ هوندي هئي. موت جي شرح ترقي يافتا ملڪن کان ڀيٽي ۽ ڪير پياڪ ٻارن جي موت جي شرح پنجوڻ تي هئي. دستياب طبي عملي جو تعداد آدمشماري ۽ مسئلي جي مقدار جي لحاظ کان ناڪافي هو. پنج سالا پلان ۾ پاڪستان جي ڊاڪٽرن، نرسن، تربيت يافتا دائين ۽ هيلٿ وزيٽرن جي انگ جي برطانيا جي ڊاڪٽرن، نرسن، تربيت يافتا دائين ۽ هيلٿ وزيٽرن جي انگ سان پيٽ ڪيل آهي. ڊاڪٽرن جو پاڪستان ۾ تناسب 13,500 ماڻهن تي هڪ ڊاڪٽر جڏهن تہ برطانيا ۾ هڪ هزار ماڻهن تي هڪ ڊاڪٽر هو. پاڪستان ۾ نرسن جو جملي انگ 1600 هو ۽ اهو تناسب 50700 ماڻهن تي هڪ نرس جڏهن تہ برطانيا ۾ 300 ماڻهن تي هڪ نرس هئي. پاڪستان ۾ هيلٿ وزيٽرس جو تعداد 200 هو. اهڙي طرح انهن جو تناسب 40600 ماڻهن تي هڪ هيلٿ وزيٽر، جڏهن تہ برطانيا ۾ اهو تناسب 4800 تي هڪ هو. ساڳئي ريت پاڪستان ۾ جملي تربيت يافتا دائين جو انگ 1040 هو جن مان 78000 عورتن لاءِ هڪ دائي جو حساب ٻيٺو ٿي، جڏهن برطانيا ۾ 600 عورتن لاءِ هڪ دائي هئي. پنج سالا پلان ۾ پاڪستان جي حالتن بابت مجموعي طور ڳالهائيندي لکيل آهي تہ پيئڻ جي پاڻي جون سهوليتون فقط ڇهہ سيڪڙو ماڻهن لاءِ دستياب آهن ۽ اهو بہ مقدار ۽ معيار جي لحاظ کان ناڪافي آهي. گندي پاڻي جي نيڪال جو بندوبست ايجا وڌيڪ غير اطمينان بخش آهي. زير زمين نيڪال جي بندوبست جي سهوليت فقط بہ سيڪڙو ماڻهن لاءِ دستياب آهي. نتيجي طور جراثيمي بيمارين عام هيون، مليريا سبب ڪيترائي ماڻهو بيمار رهن ٿا ۽ ڪيترائي فوت ٿي وڃن ٿا. انهي سبب لکين ماڻهو سال جي انهن مؤسمن ۾ ڪم کان بيڪار ٿي وڃي ويهي رهن ٿا جڏهن زرعي ڪم ڪار عروج تي هوندو آهي. مائرن ۽ ڪيرپياڪ ٻارن ۾ موت جي شرح سموري دنيا ۾ وڌيڪ شرح رکندڙ ملڪن جي برابر آهي. اهي انگ اکر ڪجهہ گهٽ وڌائي سان سنڌ لاءِ بہ درست آهن تہ پاڻي جي سپلاءِ مجموعي طور سموري ملڪ ۾ ناڪافي آهي تنهنڪري ٻيا ڪيترائي وسيلا ڪتب آندا وڃن ٿا. جن ۾ لازماً گدلاڻ بہ هوندي آهي ۽ پاڻي

کي پيئڻ کان اڳ اپارڻ جي عادت به عام نه ٿي آهي. ڪنهن به ڳوٺ ۾ اهو منظر ڏسي سگهجي ٿو ته جتان مينهون ۾ ٻيو مال پيو پاڻي پيئندو هوندو ۾ گپ اڏائيندو هوندو اتان ئي پيئڻ ۾ رڌ پچاڻ لاءِ پاڻي جا پانو پربا پيا هوندا. پنج سالا پلان ۾ لکيل آهي ته تولیدي ۽ هارن جي صحت جي خدمتن جي ميدان ۾ احتياطي (Preventive) ۽ علاجي (Curative) لحاظ کان گهٽي ڪم جي ضرورت آهي. کيرپياڪ هارن جي موت جي شرح هر هڪ هزار زنده جاول هارن ۾ 100 کان 130 آهي ۽ زچگي دوران فوت ٿيندڙ مائرن جو تناسب هر هڪ لک پيدائشن تي 440 کان 680 آهي. اها شرح ترقي يافتا ملڪن جي شرح کان تقريباً پنجوڻ تي آهي. مسئلي جو گهٽي ياڳي حل بهتر غذا، بهتر گهرن ۽ صحت جي اصولن جي وڌيڪ ڄاڻ ۾ آهي. پلان واري عرصي دوران اها گنجائش رکي سگهجي ٿي ته جن علاقن ۾ ميٽرنٽي اسپتالون کافي انگ ۾ نه آهن اتي انهن جو تعداد وڌايو ويجي ۽ ڪجهه موجوده ادارن کي بهتر بڻايو ويجي. پر ڪنهن وڏي پروگرام کي هلائڻ لاءِ گهربل ڊاڪٽرن، نرسن، هيلٿ وزيٽرس ۽ ٻئي عملي جو تعداد گهٽ آهي. پنج سالا پلان ۾ جيترن فنڊن جي سفارش ڪئي وئي آهي اهي حيدرآباد ۽ خيرپور ڊويزن ۾ تقريبن 36 ميٽرنٽي ۽ چائلڊ هيلٿ سينٽر ٺاهڻ لاءِ کافي ٿيندا. پلان ۾ انهي حقيقت ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي ته احتياطي (Preventive) ۽ علاجي (Curative) سروسز کي هڪ انتظام هيٺ هلائڻ وارو مسئلو جيڪو ماضي ۾ ڪافي ڳنڀير هو اهو هاڻي گهٽي حد تائين حل ٿي ويو آهي. مرڪزي حڪومت ۽ مغربي پاڪستان اهو انضمام مڪمل ڪري چڪيو آهي. پر لوڪل باڊيز هيلٿ پروگرام تي عملدر آمد ڪرائڻ ۾ جنهن قانون بابت شڪايت ڪن ٿيون اهو مسئلو ايڏا حل نه ٿيو آهي. اڪثر مقامي ڊسپينسريون ايڏا به ڊسٽرڪٽ بورڊن ۽ بين لوڪل باڊيز طرفان هلايون وڃن ٿيون، پر لڳاتار اها ڪوشش ٿيندي رهي آهي ته ڪنٽرول صوبائي حڪومت ڏانهن منتقل ڪيو ويجي ڇاڪاڻ ته فنڊ گهٽ هوندا آهن، سياسي مداخلت ٿيندي رهندي آهي ۽ مجموعي طور بدانتظامي رهندي آهي البت پلان ٺاهيندڙن جو خيال اهي ته لوڪل باڊيز کي مضبوط ڪيو ويجي ۽ انهن کي وڌيڪ اختيار ڏنو ويجي پلي جو انهي جي نتيجي ۾ وقتي طور ڪارڪردگي گهٽ ٿي ويجي.

"سنڌ پيپل ائنڊ پراگريس نالي 1954ع ۾ ڇپيل ڪتابڙي ۾ لکيل آهي ته پبلڪ هيلٿ ۾ سال 54_1953ع ۾ ڪا وڏي تنظيمي تبديلي نه آئي آهي. صوبي ۾ صحت جي صورتحال مسلسل اطمينان بخش رهي آهي. سال 1953ع تي پچاڻي تي پهچندڙ پنجن ورهين دوران ڪالرا جا ڪي به ڪيس منظر تي نه آيا آهن ماتا به ڪو ڳنڀير مسئلو پيدا نه ڪيو آهي جو سمورو سال وئڪسينيشن جاري رهي آهي. وئڪسينيشن جي مهم کي اثرائتو بنائڻ لاءِ جيئن آبادي جو جيترو وڌيڪ حصو ٿي سگهي ايترو مهم هيٺ آڻي سگهجي انهي لاءِ وئڪسينيشن استيشنن ۽ وئڪسينيشن لاءِ خاص ڏينهن جي تعداد ۾ واڌارو ڪيو پيو ويجي ۽ هر وئڪسينٽر لاءِ مقرر ٿيل سراسري تي به نظرثاني ٿي رهي آهي. مليريا کي سنڌ لاءِ مصيبت چوڻ ۾ ڪو وڏاءُ نه ٿيندو. اهو صوبي جو شايد واحد وڏو مسئلو آهي. صوبي جي پروانشل مليريا آرگنائيزيشن گذريل ڪيترن ورهين کان پاڻ وٽ دستياب وسيلن جي مدد سان مسئلي کي منهن ڏئي رهي آهي ۽ علاقي

۾ مرض ٽيئ کي گھٽائڻ ۾ وڏي حد تائين ڪامياب ٿي آهي. سن 1949ع کان ڏي ڏي ٿي جا ڦوهارا بہ ٽيندا رهيا آهن. پراونشل اينٽي ملیريا آرگنائيزيشن ملیريا بابت بنيادي سکيا ڏيڻ جا ڪلاس هلائي رهي آهي سال ۾ ٻن سيشنن جا انتظام موجود آهن. ڊسپينسرين جي سولي پهچ کان پري وارن ڳوٺن ۾ طبي مدد پهچائڻ لاءِ هر ضلعي ۾ ٻن جي حساب سان سورهن موبائيل هيلٿ يونٽ ڪم ڪري رهيا آهن حڪومت دائپي جي خدمتن لاءِ عملي کي سکيا ڏيڻ جي پاليسي بہ جاري رکيو پئي اچي جنهن ۾ ٻن ليڊي هيلٿ وزيٽرز پنجن دائين ۽ ٽيهن معاون داين کي اسڪالرشپون، وظيفا ڏنا پيا وڃن. لوڪل باڊيز پاران تربيت يافتا ميٽرنٽي سروسز مهيا ڪرڻ کي همٿائڻ لاءِ حڪومت ڪل خرچ جي ٽئين حصي تائين گرانٽ ان- ايڊ ڏئي رهي آهي. جيتوڻيڪ تشهير لاءِ ڪا جدا تنظيم موجود نہ آهي تہ بہ عوام کي ڇاڻ ڏيڻ لاءِ هر موقعي مان فائدو ورتو پيو وڃي. مختلف هنڌن تي ٽيندڙ شوز (Shows) ۽ نمائشن ۾ پبلڪ هيلٿ پاران استال هنيا پيا وڃن، صحت جا عالمي ڏينهن وڏي جوش جذبي سان ملهايا وڃن ٿا. جڏهن تہ تقريباً هر تعلقي ۾ تقريبون منعقد ڪيون وڃن ٿيون. حيدرآباد ۽ سکر انهن تقريبن جا مرڪز آهن. صحت جو عالمي ڏينهن ملهائڻ لاءِ هر مختيارڪار کي ٽيهه هزار پيلو ڊرين(Paludrine) ملیريا جي علاج جون) گوريون ورهائڻ لاءِ ڏنيون ويون آهن. حڪومت يوناني حڪيمن کي زرتلافي (Subsidy) ڏيڻ جي اسڪيم پڻ ٽئين سر شروع ڪئي آهي ۽ سن 1954ع ۾ اها تجويز پيش ڪئي وئي تہ سنڌ جي مختلف ڳوٺن ۾ زرتلافي جي بنياد تي پنجاهہ حڪيم مقرر ڪيا وڃن. سوشل اپ لفٽ اسڪيم تحت 1954ع ۾ حيدرآباد ۾ هڪ تربيتي اداري ڪم ڪرڻ شروع ڪيو جنهن ۾ نرسن، داين ۽ معاون داين کي تربيت ڏني وڃي ٿي. حيدرآباد سنڌ ۾ شاگردن جي هاسٽل لاءِ چرچ مشن جو بورڊنگ هائوس حاصل ڪيو ويو. سنڌ حڪومت جي نامزد اميدوارن طور ڪراچي جي ٽي. بي. هاسپيٽل ۾ ايڪسري ۽ ليبارٽري ڪورسن لاءِ ٻارهن اميدوارن جي منظوري ڏني وئي. فقط سنڌ ۽ خيرپور ۾ اها خوبي موجود آهي تہ اهي وڏين وبائن کان پاڪ آهن. گذريل صدي جي آخر ۾ پليگ ۽ 19- 1918ع ۾ انفلوئينزا جي وڏي وبا کانسواءِ جنهن بابت هن گزيٽيئر جي تاريخ واري باب ۾ اڳيئي بيان اچي چڪو آهي) سنڌ ۾ ڪا وڏي وبا نہ آئي آهي.

وئڪسينيشن Vaccination

سنڌ ۾ وئڪسينيشن جو ڪنٽرول ڊائريڪٽر آف پبلڪ هيلٿ ورڪ آهي جنهن جي مدد لاءِ انسپيڪٽرس آف سينيٽيشن اينڊ وئڪسينيشن هوندا آهن. ڪراچي جي شهر ۾ هڪ خاص قانون بامبي ائڪٽ 17 آف 1879ع تحت وئڪسينيشن کي لازمي قرار ڏنو ويو جنهن مطابق شهر کي پبلڪ وئڪسين استيشنز، وئڪسينيٽر ۽ هڪ سپرنٽنڈنٽ ڏنا ويا. اهي سڀ ڊپٽي ڪمشنر آف سينيٽيشن جي ماتحت هوندا هئا. سکر روهڙي ۽ لاڑڪاڻي جي شهرن ۾ پوءِ ميونسپالٽين طرفان درخواست تي نوٽيفڪيشن ذريعي وئڪسينيشن لازمي ڪئي وئي ۽ 1892ع جي ائڪٽ I کي عمل هيٺ آندو ويو. عام طور وئڪسينيشن جي عمل ۾ واڌ ويجهہ جو دارو مدار وئڪسينٽر پاران ريهڙ ريبڙ جي فن تي هوندو آهي. انهي ۾ ڳوٺ جو

وڏيرو سندس مدد ڪندو آهي. وئڪسينيٽرن کي پگهار لوڪل فنڊن مان ملندي آهي پر ميونسپالٽيون پنهنجا وئڪسينيٽر پڻ رکنديون آهن. وئڪسينيشن جي ڪيترا سال مخالفت هلڻ کانپوءِ اِها آهستي آهستي گهٽ ٿي آهي ۽ شايد ته ذات پات واري نظام ۾ يقين رکندڙ هندن جي هليو وڃڻ سان به ماتا جي تباهه ڪارين کان بچاءُ طور وئڪسينيشن جي پير پختا ڪرڻ کي هٿي ملي آهي. اڃا اڪثر هندو مذهبي بنيادن تي وئڪسينيشن تي اعتراض ڪندا هئا.

سي. ايم. ايس جوڪم

سنڌ ۾ طبي ترقي جو بيان سنڌ جي گوناڻن علائقن ۾ چرچ مشن هاسپيٽل پاران سرانجام ڏنل نمايان خدمتن جي بيان کانسواءِ اٽڪل ورندو. انهي جو هيڊڪوارٽر ڪوئيٽا ۾ هو. هن گزيٽيئر جو مرتب سرهينري هالينڊ سي. آءِ اي. جو ٿورائتو آهي جنهن پنجاهه ورهين کان به مٿي عرصي کان پاڻ کي دنيا جو ممتاز ترين اکين جو ماهر ڊاڪٽر ثابت ڪيو آهي. هن پنهنجي ڪيريئر جو بيان آتم ڪهاڻي واري نموني ۾ "فرنٽيئر ڊاڪٽر" نالي ڪتاب ۾ ڏنو آهي جيڪو 1959ع ۾ ڇپيو. سر هينري هالينڊ هن گزيٽيئر لاءِ هي نوٽ ڏنو آهي. هن سنڌ جي ماڻهن لاءِ جيڪي بي بها خدمتون سرانجام ڏنيون آهن انهن جي تذڪري لاءِ هي نهايت موزون جاءِ آهي.

"ڊاڪٽر سٽن (Sutton) پهرئين مشن هاسپيٽل 1885ع ۾ بلوچستان ۾ قائم ڪئي. چرچ مشن سوسائٽي جو پهريو سمورو طبي ڪم ڪوئيٽا ۾ هن اسپتال مان شروع ٿيو. ڊاڪٽر سٽن جو جانشين 1897ع ۾ ڊاڪٽر سمرهيز(Summer Hayes) ٿيو ۽ آءِ 1902 کان انچارج ٿيس جيتوڻيڪ آءِ چرچ مشن سوسائٽي اسپتال ۾ 1900ع کان دخلڪار ٿيل هوس. تنهن وقت اها 28 بسترن جي هڪ ننڍي اسپتال هوندي هئي.

انهي جلد ئي اکين جي علاج سبب شهرت حاصل ڪري ورتي ۽ 1908ع ۾ جيڪب آباد جي ڪجهه هندو دڪاندارن مون کي هڪ مندر پرسان هڪ جاءِ ۾ آپريشن ڪرڻ جي ڪوٽ ڏني. آءِ اتي تقريباً ٻه هفتا رهيس ۽ چاليهن جي لڳ پڳ مريضن جون آپريشنون ڪيون.

ٻه ورهيه پوءِ سيٺ هيرانند مينديا مون کي شڪارپور اچڻ جي دعوت ڏني. هن سمورا خرچ برداشت ڪرڻ ۽ اسان کي رهائڻ ۽ خاطر تواضع ڪرڻ جي پڻ آڇ ڪئي. هن اسپتال کان ٻاهر پنهنجي بنگلي جو سامهون وارو ويرانڊو اسان جي استعمال لاءِ واندو ڪري ڇڏيو ۽ اهو هر قسم جي مريضن سان سڃاڻي ويندو هو. آءِ مريضن جي انبوهن کي منهن نه ٿي ڏئي سگهيس تنهنڪري معاونت لاءِ ڊاڪٽر نيو(Neve) کي تار ڪئي. هو تڏهن پنجاب ۾ هو. اسان 250 موتين جي آپريشن سميت 600 جي لڳ پڳ آپريشن ڪيا.

ڪلينڪ جو ڪم پورو ٿيڻ کانپوءِ مون ڏهن ورهين جو معاهدو ڪيو ته هر سال جنوري ۽ فيبروري جي مهينن ۾ ڇهن هفتن کان ٻن مهينن لاءِ شڪارپور ايندس. سيٺ هڪ تمام بنيادي سهوليتن واري اسپتال ٺهرائي ۽ انهي سان لاڳاپيل سمورو خرچ پريندو رهيو. ڪلينڪ 1935ع تائين ڪم ڪندي رهي. انهي سال

ڪوئيٽا ۾ تمام وڏو زلزلو آيو هو. پر عمارتون تمام خراب ۽ انسانن جي رهڻ لاءِ غير مناسب هونديون هيون. اسين حڪومت جي مهرباني سان ريلوي اسٽيشن جي ڏکڻ ۾ هڪ نئين جاءِ ونڊ ۾ ڪامياب ٿي وياسين.

سرهيو ۽ ليڊي ڊائون ۽ انهن جي دوستن ۾ لک روپيا گڏ ڪري ورتا جنهن مان هڪ هزار مريضن جي رهڻ لاءِ هڪ ڪنڪريٽ جي عمارت ۽ هڪ سنو آپريشن بلاڪ ٺهي وبا.

شڪارپور اسپتال کي هاڻي سرهينري هالينڊ هاسپيٽل سڏيو ويجي ٿو جتي هر سال وڏيون آئي ڪلينڪس لڳن ٿيون. شڪارپور جي اسپتال ۾ آپريشن جو تجربو حاصل ڪرڻ 180 سرجن اچي چڪا آهن. موجوده وقت ۾ ڊاڪٽر رونالڊ هالينڊ هن ڪم جو انچارج آهي. سن 1909ع ۾ ڪم شروع ٿيڻ کان موتيي جون ستر هزار آپريشنون ٿي چڪيون آهن. اهو جڙ ته مقرر قاعدو هو ته ڇهن هفتن ۾ 1800 کان 2000 آپريشن ٿيندا هئا. فقط هڪ ڏينهن ۾ 200 آپريشن ڪيا وبا آهن. انهن ۾ 109 آپريشن موتيي جا هئا.

مون کي تقريباً 37 ورهيه اڳ ڪراچي جي پوئر پيشنٽس رليف سوسائٽي پاران ڪراچي ۾ ڪلينڪ هلائڻ جي درخواست ڪئي وئي آهي. آءٌ ڇهه ست ورهيه ڪراچي ويندو رهيس ۽ ڪيترين ئي آپريشنون ڪيون. اسان ڪيترائي ورهيه خيرپور رياست ۾ سالياني ڪلينڪ هلائيندا هئاسين جتي هر سال 600 يا ان کان به وڌيڪ آپريشنون ڪيون ويندیون هيون.

چرچ زنانا مشن سوسائٽي جو ڪم (C•Z• M•S Work)

سنڌ ۽ خيرپور ۾ پبلڪ هيلٿ جي ڪم جو بيان چرچ زنانا مشن هاسپيٽل جي ۾ن تمام همٿ وارين عورتن مس راشيل پگٽ (Miss Rachel Piggott) ۽ مس اليس وارڊ (Miss Alice Ward) پاران ۾ن پيڙهين دوران ڪيل ڪم بابت ڪجهه لفظ چوڻ کانسواءِ اڏورو رهندو. هن گزيٽيئر جي مرتب کي انهن بي خوف عورتن سان سن 1927ع ۾ اپر سنڌ فرنٽيئر ضلعي جي ڪنڊڪوٽ تعلقي جي وارياسن پٽن ۾ ٽيل ملاقات جي چٽي يادگيري آهي. هو تڏهن اتي بلوچن جي اڪثريتي آبادي واري علاقي ۾ ڪوناٽين داين لاءِ سڪيا جا مرڪز قائم ڪري رهيون هيون. هو انهن ڏينهن ۾ سنڌ جي ڏورانهن ڀهراڙين وارن علاقن. وارياسن پٽن ۽ جهنگن جهرن ۾ پنهنجي انسانيت جي مشن تي عملدار آمد لاءِ هڪ پراٽي فورڊ ڪار تي پيون گهمنديون هيون. انهي ڪار کي عام طور Tin Lizzie سڏيو ويندو هو. هن گزيٽيئر جو مرتب مس وارڊ جو ٽورائتو آهي جو هن انهي عام پلائي واري ڪم جي ڪار گذارين جو هڪ مختصر بيان لکي ڏنو. انهي ڪم ذريعي اڳتي هلي ڀهراڙي واري سنڌ ۾ دائين ۽ ميٽرنٽي نرسن جي سڪيا جي ڪم جو بنياد پيو. مس وارڊ ايجا به حال حيات آهي ۽ سندس عمر جيتوڻيڪ اسي ورهين کان به مٿي آهي ته به پنهنجي زندگي ۾ ڪيل ڪم ۾ دلچسپي اٽس ۽ هر سال حيدرآباد ايندي آهي جتي اصلوڪو زنانا مشن شروع ڪيو ويو هو. اها ڳالهه بيجانه ٿيندي جو هن قسم جي ڪارڪردگي کي هن گزيٽيئر ۾ مناسب توجهه ڏني وڃي.

مس وارڊ جو بيان:

چرچ آف انگلينڊ زنانا مشنري سوسائٽي پاران حيدرآباد ۾ طبي ڪم ڪار جي شروعات مس ڪامپٽن پاران گذريل صدي آخري ڏهاڪي جي شروعاتي ورهين ۾ ڪئي وئي هئي جڏهن مس ڪامپٽن ڪوئيٽا ۾ هڪ

گاڏي جي حادثي ۾ مري وئي تہ مس راشيل پگٽ سنڊس پيروي ڪئي. راشيل جي لفظن ۾ سنڊس ڪم جو وڏو حصو مقامي دائين پاران ڪيل نقصان جو ازالو ڪرڻ هوندو هو. انهن کي ڪابہ سکيا نہ هوندي هئي ڪين فقط پنهنجين مائرن کان ڇاڻ ورثي ۾ ملندي هئي. تنهنڪري هن اها ڪوشش شروع ڪئي تہ انهن عورتن کي گهٽ هاجيڪار ڪجي. انهن لاءِ ڪلاس شروع ڪيا ويا ۽ انهن کي هر حاضري لاءِ اٺ آنا ڏنا ويندا هئا. اهو ڏاڍو ڏکيو ڪم هو ڇاڪاڻ تہ عورتون سمجهنديون هيون تہ انهن کي پنهنجي استاد کان وڌيڪ ڇاڻ هئي جوان جي ماءُ تہ اڻ ڇاڻ هئي جڏهن تہ انهن جون عورتون تہ پيڙهين کان اهو ڪم ڪنديون هيون. دهلي ۾ طبي هيلپ ڪوارٽر کي بہ انهي ڪم ۾ دلچسپي هئي ۽ انهن راشيل پگٽ جي هر طرح سان همٿ افزائي ڪئي. اهڙي طرح سن 1918ع ۾ سرڪاري طور (Dais Improved Scheme) شروع ڪئي وئي. ڪلاس هڪ شاگرديائي کان وڌندي وڌندي انهن جو انگ 33 تائين وڃي پهتو. انهن سيني کي سکڻ ۽ پرائيوٽ جوڏاڍو شوق هوندو هو. دائين جي هڪ ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي. جنهن ۾ بمبئي جي تڏهوڪي گورنر جي گهرواري شرڪت ڪئي.

موت جي شرح:

سنڌ جي آبادي جي هندستان جي آبادي وانگر خصوصيت اها آهي تہ انهي ۾ جنم ۽ موت جي شرح وڌيڪ آهي انهي خصوصيت سان لاڳاپيل هڪ بي خصوصيت ڪيرپياڪ هارن جي موت جي وڏي شرح آهي. اهڙي طرح جنم جي شرح، موت جي شرح ۽ ڪيرپياڪ هارن جي موت جي شرح مغربي ملڪن جي اهڙين شرحن کان وڌيڪ آهي جتي آدمشماري ۾ واڌ جي شرح گهٽجي رهي آهي ۽ جنم ۽ موت جي شرح گهٽجي رهي آهي. ٻئي طرف وري پنجن ورهين جي عرصي دوران موت جي شرح ۾ واڌ پڻ يڪسان نہ رهي. حقيقت ۾ جنگ کان اڳ واري پنج سالي ۾ برطانوي هندستان لاءِ انگ اکر 22 ۽ 24 في هزار جي وچ ۾ تبديل ٿيندا رهيا. سن 1940ع ۽ 1942ع ۾ 21 في هزار ۽ 1941ع ۾ 22 في هزار هئي. اها شرح فقط 1943ع ۽ 1944 ۾ وڏي 24 في هزار تائين پهتي. برطانوي هندستان لاءِ ڪيرپياڪ هارن جي موت جي شرح 1935ع ۾ في هڪ هزار زنده جاول هارن تي 164 کان هيٺ لهي 1989ع ۾ 156 تي پهتي پر 1940ع ڪانپوءِ انهن انگن مٿي چاڙهہ ڪاڏو

سنڌ ۾ 1952ع کان 1956ع تائين جنم، موت ۽ ڪيرپياڪ هارن جي موت جي شرح

سال	علائقو	جنم جي شرح في هزار آبادي تي	موت جي شرح في هزار آبادي تي	ڪيرپياڪ هارن جي شرح في هزار آبادي تي
1952	سنڌ	5.59	3.46	85
1953	سنڌ	5.74	3.01	74
1954	سنڌ	4.31	2.05	75
1955	سنڌ	4.19	2.24	74
1956	سنڌ	5.31	3.02	86

خيرپور رياست ۾ جڏهن به موت جي رجسٽريشن جو نظام موجود نه هو. اهو علائقو هاڻي خيرپور ريجن جي خيرپور ضلعي ۾ اچي ٿو.

سن 1952ع کان 1956ع تائين سنڌ ۾ مختلف بيمارين سبب ٿيندڙ فوتين جا انگر اکر

سال	علائقو	ڪالرا	ماتا	پليگ	بخار	دست ۽ پيچش	سامهون بيماريون	زخم ڏڪ	ٻيا سبب
1952	سنڌ	.....	263	.....	11,200	217	2207	.....	2332
1953	سنڌ	.....	19	.....	10803	231	1077	.....	2144
1954	سنڌ	.....	14	.....	5656	88	1217	89	2750
1955	سنڌ	.....	66	.....	6748	136	2108	71	1747
1956	سنڌ	.....	95	.....	9970	162	2404	113	2104

سال 60ـ 1955ع لاءِ پاڪستان جي پهرئين پنج سالا پلان جي هڪ بيان مطابق ڪيرپياڪ هارن جي موت جي شرح 110 کان 130 في هزار سمجهي وڃي ٿي ۽ ويم دوران مائرن جي موت جي شرح في هزار تي 4.4 کان 6.8 جي وچ ۾ آهي. هاڻي انهي حقيقت کي مدنظر رکندي ته جڏهن جي شرح ۾ گهٽتائي جي باوجود سنڌ ۽ خيرپور جي آدمشماري في ڏهاڪي ۾ 10 سيڪڙي جي شرح سان وڌي رهي آهي. انهيءَ مان اهو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو ته عام ماڻهن ۾ زندگي جي بچاءَ جي اپائن سٺو اثر ڏيکاريو آهي. سال 1947ع لاءِ انڊين ييئر بوڪ ۾ زچگي ۽ هارن جي چگهيلائي جي موضوع تي لکيل آهي ته هندستان جو صحت جي ميدان ۾ سڀ کان شديد مسئلو مائرن ۽ ڪيرپياڪ هارن جي تمام گهٽي موت جي شرح آهي. جيتوڻيڪ مائرن جي موت جا انگ اکر پڪي طرح معلوم نه آهن پر هر سال تقريباً ٻه لک مائرون حمل ۽ ويم جي نتيجي طور پنهنجين زندگين تان هٿ کٽي ويهن ٿيون. هار جڙڻ جي نارمل عضوياتي عمل جي نتيجي ۾ بيمار ٿيندڙ ۽ وقتي يا مستقل طور معذور ٿي ويندڙ مائرن جو انگ سالياني مائرن جي فوت ٿيڻ جي تعداد کان ويهوڻ تي آهي. هر سال پنجويهن لکن کان وڌيڪ هار پنجن ورهين جي عمر تي پهچڻ کان اڳ فوت ٿي وڃن ٿا جڏهن ته زنده بچي ويندڙن مان ڪيترائي ڪيرپياڪي ۽ هاروتڙ جي عمر ۾ آسپاس جي غير صحت بخش حالتن سبب ڪمزور ۽ نبل رهجي وڃن ٿا.

اسپتال ۽ ويلفيئر ڊپارٽمينٽ:

زچگي ۽ هارڻ جي چگهيلائي جي تحريڪ جنهن جو مقصد ماءُ ۽ هار جي صحت بهتر بنائڻ ۽ موت گهٽائڻ آهي. آل انڊيا مئٽرنٽي اينڊ چائلڊ ويلفيئر ليگ جي ٻوراڻتي آهي جيڪا 1918ع ۾ ليڊي چيمسفورڊ پاران شروع ڪئي وئي هئي. اها تحريڪ انڊين ريڊ ڪراس سوسائٽي جي به زير بار احسان آهي. انهن ٻنهي ادارن جي 1931ع ۾ انضمام سان انڊين ريڊ ڪراس سوسائٽي بلاشڪ ڪم ڪي وڌائي ۽

ان کي بهتر صورت ۾ آندو آهي. هن اهم موضوع تي سنڌ ۾ خيرپور لاءِ ڌار انگ اکر موجود نه آهن. اهو نتيجو ڪڍڻ غلط نه هوندو ته هندستان ۾ عمومي طور ٽيل ترقي جو بلاشڪ ته سنڌ ۾ به ورجاءِ ٿيو آهي. هن باب ۾ بحالي واري باب ۾ ڪافي ڳالهيون لکجي چڪيون آهن. جن مان اهو يقين ڪري سگهجي ٿو ته اختياريون اهڙين سرگرمين کي جاري رکڻ ۽ وڌائڻ جي اهميت کان پلي پت واقف آهن جن جو مقصد مائرن ۽ ننڍين ٻارن لاءِ حالتن کي بهتر بنائڻ هجي. هاڻي جيئن ته طب جون احتياطي ۽ علاجي شاخون هڪ انتظاميا هيٺ گڏ ٿي ويون آهن. تنهنڪري گذريل اڌ صدي دوران اسپتالن ۽ ڊسپينسرين جي ڪار گذاري جي تاريخ تي تفصيلي روشني وجهڻ ضروري نه آهي. في الوقت موجود اسپتالن ۽ ڊسپينسرين بابت انگر اکر هن گزيٽيئر جي ضلعي وار جلدن مان ملي ويندا. گذريل ڏهن ورهين دوران رڪابندي جو هڪ مکيه مقصد طبي سهولتن ۾ بهتري آڻڻ آهي. سنڌ حڪومت Sindh People and Progress نالي پنهنجي ڪتابڙي ۾ لکيو آهي ته سوشل اپ لفٽ پروگرام جو هڪ نقطو اکين جي اسپتال قائم ڪرڻ آهي. حيدرآباد ۾ هڪ مڪمل ۽ خود مختيار اکين جي اسپتال قائم ڪرڻ جي تجويز آهي. اها اسپتال اکين جي مرضن جي انهي شعبي کان ڌار هوندي جيڪا پنجاهه بسترن واري انهي ڪلينيڪل هاسپيٽل جو حصو هوندي جيڪا لياقت ميڊيڪل ڪاليج حيدرآباد جي مستقل هنڌ تي تعمير ٿيڻي آهي. آخر ۾ اهو به طيءِ ڪيو ويو ته لياقت ميڊيڪل ڪاليج جون نيون عمارتون ۽ ان جي 500 بسترن واري ٽيچنگ هاسپيٽل سنڌو درياءِ جي ساڄي ڪپ تي يونيورسٽي شهر ۾ اڏايون وڃن. انهي لاءِ 20 ايڪڙ زمين مختص ڪئي وئي آهي. هڪ تعميري رٿا جي فائنل پلان جي منظوري ٿي وئي آهي جنهن تي جملي خرچ هڪ ڪروڙ پنجونجاهه لک روپيا ايندو. ڪاليج جو پيڙهه جو پٿر 6 جنوري 1954ع تي هز ايڪسيلينسي گورنر جنرل پاڪستان رکيو. هن اسپتال ۾ جن بلاڪن کي اوليت ڏني وئي اهي هئا 250 چوڪرن لاءِ هاسٽل ۽ 50 چوڪرين لاءِ هاسٽل ۽ عملي لاءِ رهائشگاهون. هڪ ٽي. بي. سينيٽوريم جو پيڙهه جو پٿر هز ايڪسيلينسي گورنر سنڌ رکيو. ساڳئي پروگرام تحت سنڌ جي اسپتالن ۽ ڊسپينسرين جي توسيع، بهتري ۽ نئين سر تنظيم جي به هڪ اسڪيم آهي. انهي ۾ نوابشاهه دادو ۽ ميرپورخاص جي سول اسپتال جي عمارتن جي توسيع ۽ حيدرآباد ۾ مينٽل هاسپيٽل کي 152 واڌو بسترن جي گنجائش، 33 تعلقي ڊسپينسرين جي عمارتن جي توسيع ۽ آرائش ۽ نئي ۾ هڪ سؤ بسترن جي گنجائش واري نئين سول اسپتال جا اسر شامل آهن. صوبي ۾ طبي سهولتن جي توسيع جي مٿي بيان ڪيل سوشل اپ لفٽ اسڪيمن سان گڏوگڏ سنڌ حڪومت لاڙڪاڻي، سکر ۽ جيڪب آباد ۾ نين سول اسپتالن جي تعمير جي هڪ اسڪيم پڻ منظور ڪئي آهي. انهن مان لاڙڪاڻي واري اسپتال ۾ 126، سکر واري اسپتال ۾ 200 ۽ جيڪب آباد واري اسپتال ۾ هڪ سو مريضن جي گنجائش هوندي. انهن تي خرچ جو ڪاٿو 53,61,000 روپيا هنيو ويو هو.

سول اسپتال حيدرآباد ۾ بسترن جي گنجائش 132 مان وڌائي 500 ڪرڻ ۽ ويهه لک روپين جي تخميني لاڳت سان پيا ضروري اضافا مهيا ڪرڻ جي تجويز پڻ زير غور هئي. سکر، لاڙڪاڻي ۽ جيڪب آباد ۾ نين سول اسپتالن جي تعمير جو ڪم 1954ع ۾ تڪميل جي ويجهو هو. حيدرآباد جي سول اسپتال ۾

288,000 رپين جي خرچ سان واڌارن ۾ تبديلين جو ڪم ڪرايو ويو آهي جنهن ۾ نرسن جا ويهه ڪوارٽر، پرائيويٽ وارڊ، ڪينٽين بلاڪ ۾ باٿ روم شامل آهن. سنڌ حڪومت پنج سالا ڊيولپمينٽ پلان ۾ هي واڌو رٿائون تيار ڪيون هيون جيئن اهي نئين پنج سالا ڊيولپمينٽ پلان 1960 ـ 1955 ۾ شامل ٿي سگهن. هر ضلعي ۾ ٽي. بي اسپتال قائم ڪرڻ، حيدرآباد ۾ پراونشل ميڊيڪل اسٽورز ڊيپو قائم ڪرڻ ۽ ان جي نئين سر تنظيم، ضلعي هيڊڪوارٽر اسپتالن جو سڌارو ۽ انهن ۾ اکين، نڪ ڪن ڳلي، ڏندن ۽ چمڙي جي بيمارين ۽ عورتن ۽ ٻارن جي خاص مرضن جي علاج بابت سهوليتون مهيا ڪرڻ، سموري صوبي ۾ 64 نيون ڊسپينسريون قائم ڪرڻ، اسپتال جي عملي جي تعداد ۾ اضافو ڪرڻ ۽ ٻاهرين ملڪن توڙي پاڪستان ۾ پوسٽ گريجوئيٽ سکيا مهيا ڪرڻ.

دماغي مرضن جون اسپتالون (Mental Hospital)

سنڌ ۾ خيرپور ۾ فقط هڪ مينٽل هاسپيٽل آهي. اها حيدرآباد جي ويجهو گدو بندر وٽ ڪائوسجي جهانگير مينٽل هاسپيٽل جي نالي سان سڏجي ٿي. اها سن 1871ع ۾ قائم ٿي. انهي لاءِ بمبئي جي سر ڪائوسجي جهانگير ريڊي مني اڏ لک روپيا ڏنا هئا. دماغي مرضن جي اها سپتال سموري سنڌ لاءِ آهي. انهي ان کان اڳ لاڑڪاڻي ۾ موجود اسپتال جي جاءِ ورتي. عمارت تي 68,441 پئسا خرچ آيو. باقي پئسا حڪومت پريا. اها 25 ايڪڙن تي پکڙيل آهي ۽ مريضن جي مختلف درجن (Classes) لاءِ ڇهن ايوانن (Yards) تي ورهايل آهي. انهي ۾ شروع ۾ 180 مردن ۽ 20 عورتن جي گنجائش هئي. انهي سان ملحق اسپتال ۾ ڇهن مريضن جي جاءِ هئي. پوءِ علاج گهرندڙ ذهني طور متاثر ماڻهن جي انگ ۾ واڌاري کي ڏسندي واڌارا ڪرڻا پيا. حيدرآباد جي سول سرجن کي سرنتنڊنٽ جي حيثيت آهي ۽ هن جا به اسسٽنٽ اسپتال ۾ رهندا آهن. اسپتال جو مهيني ۾ هڪ دفعو سرڪاري عملدار دورو ڪندا آهن.



زیل پاک سیمینٹ فیکٹري حیدرآباد

باب ارڙهون

پناهگيرن جو مسئلو ۽ بحالي، ترقي ۽ سماجي پلائي

پناهگيرن جو مسئلو آگسٽ 1947ع ۾ هندستان جي ورهاڱي جو سنئون سڌو نتيجو هو. انهي ورهاڱي جو سبب بالائي هندستان ۾ مذهبي ۽ سياسي تفرقا هئا. متاثر علاقي ۾ وڏو خون خرابو ۽ بدحالي پيدا ٿي. انهيءَ ۾ سنڌ جي سرحدن تي پنجاب جو علاقو شامل هو. انهي کان پوءِ آبادي جي وڏي پيماني تي لڏ پلاڻ شروع ٿي. ماڻهن پاران لڏ پلاڻ جو وڏو سبب جدا مذهب وارن ماڻهن پاران خراب ورتاءَ جو ڊپ هو. لڏپلاڻ 1947ع کان گهٽ ۾ گهٽ چار ورهيه پوءِ به جاري رهي ۽ سنڌ ۾ خيرپور جي علاقي ۾ 1952ع تائين لڏ پلاڻ اهميت وارو مسئلو رهي. ترقي جي نقطه نظر کان ورهاڱي جا وڏا اثر اهي ٿيا جو آبادي جي وڏي پيماني تي هيڏانهن هوڏانهن ٿيڻ سان تمام وڏي اٿل پٿل پيدا ٿي. واپار ۽ تجارت، مواصلاتي ذريعن، واپاري لڳ لاڳاپن ۽ صنعتي ۽ واپاري تنظيم کاري ۾ رخنا پيدا ٿيا ۽ نيون مرڪزي ۽ صوبائي حڪومتون قائم ڪرڻ جي ضرورت پڻ منهن ڪڍيو. ڪاڦو هنيو ويو آهي ته ورهاڱي کان پوءِ 60 لک پناهگير هندستان مان آيا. انهن وٽ پنهنجا ڪي اثاثا ۽ مال ملڪيت نه هئڻ جي برابر هئا. انساني تاريخ ۾ اڳ ۾ ڪڏهن به ايتري ٿوري وقت ۾ ايترين ناسازگار حالتن ۾ آبادي جي ايتري وڏي پيماني تي لڏ پلاڻ ورلي ئي ڪڏهن ٿي هوندي. پناهگيرن وٽ نه ڪو اجهو هو نه گذر سفر لاءِ ڪو روڪ پئسو هو. سن 1948ع جي شروعاتي مهينن ۾ انهن جي ڪاڌ پيت جو خرچ ڪروڙن کي وڃي لڳو هو. وري انهن کي معاوضا ڏيڻ، انهن جي نئين سر آباد ڪاري ۽ بحالي جا عظيم مسئلا به ڪر ڪنيو بيٺا هئا. پاڪستان ايندڙ مسلمان پناهگيرن جو پسمنظر هتان ويندڙ سڪن ۽ هندن کان مختلف هو. هندن ۽ سڪن جي اڪثريت شهرن جي رهاڪو هئي ۽ واپار، ڪاروبار ۽ وياج تي پئسو ڏيڻ جو ڪم ڪندي هئي ۽ وڪالت، ڊاڪٽري، انجنيئرنگ ۽ ڪاروباري انتظام ڪاري جي ڏندن سان واڳيل هئي. پر پاڪستان ايندڙ مسلمان پناهگير گهٽو ڪري زراعت پيشه ۽ هنرمند هئا. غير مسلمانن جي وڏي پيماني تي هليو وڃڻ سان ڪيترن ئي اهم ميدانن ۾ اهڙو خال پيدا ٿيو جيڪو مختلف ڏندن سان واڳيل مسلمان پناهگير پري نه ٿي سگهيا. بينڪون، انشورنس ڪمپنيون، مينوفيڪچرنگ ۽ ڪمرشل فرمون مفلوج ٿي ويون ڇاڪاڻ ته انهن کي هلائيندڙ هندو وڏي تعداد ۾ هليا ويا ۽ پٺيان فقط اڻ تجربيڪار ۽ هيٺين گريڊ جو عملو ڇڏي ويا. ڳوٺن ۾ وياج تي پئسو ڏيندڙن ۾ جيتوڻيڪ ڪيترين ئي خرابيون هيون پر اهي آبادگارن کي گهربل پئسو اوڏر تي ڏيندا هئا اهي جو وڏي پيماني تي ويا هليا ته ڳوٺن ۾ اوڏر ملڻ جو سهوليتون ختم ٿي ويون. اهو مسئلو اڄ ڏينهن تائين موجود آهي.

پاڪستان جي حڪومت ورهاڱي کان پوءِ فوري طور پيدا ٿيندڙ مسئلن ۾ رُڌل هئڻ جي باوجود شروع کان ئي ترقي جي اهميت کي محسوس ڪري ورتو. قومي تعمير جي رٿائن ۾ رابطو پيدا ڪرڻ ۽ انهن جي ترجيحن جو تعين ڪرڻ لاءِ سن 1948ع ۾ ئي ڊولپمينٽ بورڊ، پلاننگ ايڊوائيزري بورڊ ۽ ايڪنامڪ ڪميٽي آف دي ڪيبنيٽ قائم ڪيون ويون. اڳتي هلي مختلف وزارتن جي اقتصادي سرگرمين ۽ رٿابندي کي مربوط ڪرڻ لاءِ 1949ع ۾ منسٽري آف ايڪنامڪ افيئرز قائم ڪئي وئي. هڪ ڇهه سالا ڊولپمينٽ پلان جوڙيو ويو جيڪو 1951ع جي وچ ۾ عمل هيٺ اچڻو هو. حڪومت پاڪستان ڇهه سالا پلان کي عمل هيٺ آڻڻ لاءِ خودمختيار انتظامي مشينري قائم ڪئي جيڪا ايڪنامڪ ڪائونسل، پلاننگ ڪميشن ۽ ڪيترين ئي سب ڪميٽين تي ٻڌل هئي. انهن اڳ ۾ موجود ڊولپمينٽ بورڊ، پلاننگ ايڊوائيزري بورڊ ۽ ايڪنامڪ ڪميٽي آف دي ڪيبنيٽ جي جاءِ ورتي. آزاديءَ کان پوءِ جيتوڻيڪ ڪجهه ميدانن ۾ غير معمولي ترقي ٿي ته به صنعتي بنياد تمام نندو هو. زرعي پيداوار ناڪافي هئي ۽ غير ملڪي ناڻي جي مٽا سٽا جي حالت خطري واري هئي. زرعي ۽ صنعتي ترقي ۾ هم آهنگي نه هئي جنهن سبب غذائي اناجن جي قيمتن ۽ ادائيگين جي توازن (Balance of Payments) تي ڏاڍو هو. ٽيڪسن جي دائري ۾ ايندڙ فرد ۽ ادارا ٿورا هئا ۽ قومي آمدني ۽ زندگي جا معيار لڳاتار هيٺ وڃي رهيا هئا. ۽ تعمير جي گنجائش تمام ٿوري هئي ۽ هر قسم جي فني مهارت جي وڏي کوٽ هئي. ملڪ جي وڏن اقتصادي مسئلن جهڙوڪ گهٽ في ڪس آمدني، غذا جي سخت کوٽ، ادائيگين جي توازن جي غير محفوظ صورتحال ۽ غير متوازن اقتصادي جوڙجڪ رٿابندي ۽ ترقي جي لحاظ کان وڌيڪ جامع، وسيع ۽ مربوط انداز جي تقاضا ڪئي ٿي. ترقي جي شرح ڪي ايڏا وڏائڻ لاءِ ماضي ۾ ٿيل ترقي مان فائدو وٺڻو هو چاڪاڻ ته 55_1954ع ۾ ترقي جي شرح، ملڪ جي ضرورتن لاءِ ناڪافي هئي. اهي ويچار پهرئين پنج سالا پلان جي تشڪيل تي اثر انداز ٿيا. جنهن جو مقصد استحڪام سان گڏوگڏ صحتمند اقتصادي واڌ ويجهه ڪي هٿي وٺرائڻ آهي. تنهنڪري پهرئين پنج سالا منصوبي ڪي هڪ اهڙي پڪي ارادي واري ڪوشش جي شروعات ڪري ڏسڻ گهرجي جيڪا پاڪستان ۾ مربوط ۽ متوازن ترقي آڻيندي ۽ ان پاڪستان کي عوام جي مادي ۽ ثقافتي طور مطمئن زندگي جي حاصلات ڏانهن وڌڻ گهرجي.

سنڌ ۽ خيرپور جيتوڻيڪ انهي خون خرابي ۽ ماراماريءَ وارن ڏوهن جي ڏهڪاءُ کان بچي ويا جن پنجاب ۽ بالائي هندستان جي ڪجهه حصن کي داغدار ڪري ڇڏيو ته به اهي ڏڪيل آبادي جي تڪڙي لڏ پلاڻ ذريعي پيدا ٿيل پريشان ڪندڙ وارتا کان پاڻ نه بچائي سگهيا ۽ سنڌ ۽ خيرپور ۾ آباد ٿيندڙ پناهگيرن جو تناسب ايترو ئي هو جيترو مجموعي طور پاڪستان ۾ آباد ٿيندڙ پناهگيرن جو هو. سنڌ ۾ اهو انگ جملي آبادي جي بارنهن سيڪڙي کان ٿورو مٿي هو. جنهن جو مطلب اهو ٿيو ته اڃڪلهه سنڌ ۽ خيرپور ۾ هر ڏهن ماڻهن مان هڪ پناهگير يا مهاجر آهي جنهن جو پنهنجي اباڻي وطن سان تعلق ختم ٿي ويو آهي ۽ اهو پاڻ کي سنڌ ۽ خيرپور جي مروج حالتن سان هم آهنگ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. درحقيقت هو انهن حالتن کان بلڪل نامانوس آهي. جڏهن اها ڳالهه ذهن ۾ رکي وڃي ٿي ته 1951ع جي آدمشماري مطابق سنڌ ۾ آباد ٿيندڙ مهاجرن

جو تعداد پنج لک هو تہ انهي ڳالهہ جو چڱي طرح اندازو ٿي ويندو تہ اختيارين کي پريشان حال ۽ گهٽي ياڳي مفلس ماڻهن جي ايتري وڏي لشکر کي منهن ڏيڻ ۾ ڪيترن ئي انتظامي مسئلن کي منهن ڏيڻو پيو هوندو. برصغير پاڪ و هند جي ورهاڱي کان فوراً پوءِ آبادي جي وڏي پيماني تي ہ طرفا لڏ پلاڻ شروع ٿي وئي. سموري سک آبادي ۽ هندن جي اڪثريت وڏي وٽ سٽ ۾ هندستان لڏي وئي. هندن جي نڪري وڃڻ سان سرڪاري ملازمتن جا بنياد ئي لڏي ويا چاڪاڻ تہ انهن ۾ گهٽي ياڳي هندو ئي ڪم ڪندا هئا. تنهنڪري صوبائي حڪومت لاءِ سڀ کان فوري مسئلو انتظاميہ جي مٿان کان هيٺ تائين نئين سر تنظيم هئي. لڏ پلاڻ ڏريعي صوبي کي ڏک هٽندڙ پيو تمام اهم مسئلو بزنس اڪانامي هو. لڏي ويندڙ هندو جيڪي روايتي طور سرمائيڪار هئا اهي انهي شعبي جو ڪرنگهي جو هڏو هئا. واپار ۽ تجارت جا عام رواجي ذريعا ختم ٿي ويا ۽ بينڪنگ سسٽم تقريباً مفلوج ٿي ويو. صوبي جي اقتصادي جوڙجڪ ۾ اهڙي طرح پيدا ٿيل خال کي پرڻ جو ڪم ٻين ڪيترين ئي اڳيرائين کانسواءِ تڪميل تي نہ پهچي سگهي ها. تنهنڪري سنڌ جي مسلمانن لاءِ ضروري ٿي پيو تہ هو واپار ۽ تجارت کان پنهنجي جهجڪ ختم ڪن. پوءِ هنن پنهنجو مزاج ڪاميابي سان واپار تي ناهي ڏيکاريو. حڪومت پاران ڪو آپريٽو بينڪنگ سسٽم ۾ توسيع ڪرڻ ۽ واپاري طبقن سان لاڳاپيل مهاجرن جي اچڻ سان مسلمانن جو اهو جوش ۽ جذبو گڏجي پيو تہ صوبي جون اقتصادي حالتون وڏي حد تائين بحال ٿي ويون. سنڌ صوبي ۽ خيرپور رياست ۾ سال 1941ع ۾ سڪن جي جملي آبادي بالترتيب 31011 ۽ 6616 هئي. اهي سڀ ورهاڱي کان فوراً پوءِ لڏي ويا. مهاجرن جي پهرئين ٻوڏ 1947ع ۾ ورهاڱي کان فوراً پوءِ آئي. انهي وقت وڏي عمر وارن ۽ تجربيڪار هندو سرڪاري ملازمن جي هليو وڃڻ سبب حڪومتي مشينري ڪمزور ٿي وئي هئي. تعداد ۾ گهٽ عملو اڃا پنهنجي مرضي سان سنڌ ايندڙ مهاجرن جي آبادڪاري ۾ ئي وڌين ڏکيائين کي منهن ڏئي رهيو هو جو مرڪزي حڪومت 1948ع ۾ پنجاب جي ڪيمپن مان بن لکن کان وڌيڪ مهاجرن کي سنڌ منتقل ڪري ڇڏيو. انهيءَ دوران سموري هندستان مان وڏي تعداد ۾ مهاجر پرتبا رهيا. اهي مهاجر اڃا آباد ئي مس ٿيا هئا جو 1950ع جي شروعات ۾ هندستان ۾ وري نسلي وڳوڙ شروع ٿي ويا. اهي مهاجر گهٽو ڪري پاڻ مٽا ٽڪر ڏئي يا سرڪاري منصوبي تحت هندن جي ڇڏيل زرعي زمينن تي ۽ شهري علاقن ۾ آباد ٿيا هئا. سن 1950ع وارن وڳوڙ ۾ وڏي تعداد ۾ مسلمان ٽرپارڪر ضلعي ۾ ڪوکرا پار رستي سرحد ٽپي پاڪستان ۾ پناهہ ورتي. انهن جو اچڻ ڪيترائي ورهيہ جاري رهيو ۽ آبادڪاري جي مسئلي کي تمام منجهيل ۽ دشوار بنائيندو رهيو.

هندستان مان پوءِ ايندڙ ماڻهن جي وڏي حصي جو تعلق شهري طبقن سان هو ۽ جيڪي ڳوٺاڻن علاقن مان آيا انهن ۾ هڪ حصو واپارين ۽ اهڙن زميندارن جو هو جيڪي زمينون خود آباد نہ ڪندا هئا. انهن هتان جي واپار ۽ صنعت ۾ جذب ٿيڻ چاهيو پئي. پر واپار ۽ صنعت جي سنڌ ۽ خيرپور ۾ اڃا به گنجائش گهٽ آهي. صوبي ۾ هندن ۽ سڪن جي ڇڏيل زمين گهٽي ياڳي مهاجرن جي نئين سر آبادڪاري ۾ ڪتب آندي وئي ۽ باقي بچيل زمينن ۾ ڪجهہ يا تہ آبادي ڪرڻ جي قابل نہ آهي يا ان کي برڪي راهي لائق بنائڻ لاءِ ان تي ڇڪو خرچ ڪرڻ جي ضرورت آهي. انهيءَ مان ڪجهہ زمين اهڙن هندن تي آهي جيڪي مهاجرن کي

تمام اڻ وٽندڙ لڳن ٿا. سنڌ جي خاص حالتن ۾ مهاجرن کي هندو زميندارن جي چڏيل زمين تي آباد ڪرڻ کي سولو ڪم نه هو جو اتي گهٽي پوکي راهي درحقيقت مسلمان هاري ڪندا هئا ۽ زمين جي پيداوار مان حصو ڪٽندا هئا. زمينن جي ڪنهن حد تائين نئين سر ورهاست ۽ هارين جي زمينن ۾ گهٽتائي ضروري هئي ۽ انهيءَ عمل سياسي طور مقامي مخالفت پيدا ڪئي. بهرحال مسئلا آهستي آهستي حل ٿي رهيا هئا ۽ آدمشماري ۾ مهاجر هارين پاران پاڻ کي بيروزگار ڏيکارينڊڙن جون انگ تمام ٿورو هو. جيڪي مهاجر زمين تي پاڻ پوکي ڪن ٿا ۽ واقعي زراعت پيشه طبقي سان تعلق رکن ٿا اهي پنهنجي پاڻ بخت مان چڱيءَ حد تائين مطمئن نظر اچن ٿا. مهاجرن جي ايندڙ ٻوڙ ۾ سڀ مڪمل ڪتب نه آيا آهن. انهن ۾ ڪيترين بيواهون ۽ هٿين خالي عورتون پڻ آيون آهن جن وٽ پنهنجي گذران جو ڪو وسيلو ڪونهي. اهڙين عورتن لاءِ صنعت گهر (Industrial Homes) تائر ڪرڻ جون ڪوششون ٿي رهيون آهن. جيڪي سڪيا سان گڏ پيداوار (Training_cum_production) جي بنياد تي هلايا ويندا. مهاجرن جو تقريباً ٻه ٽيون حصو شهري علائقن ۾ آباد آهي ۽ ڪيترين حالتن ۾ ته انهن کي هندستان ويل هندن جي خالي چڏيل گهرن، دڪانن ۽ صنعتي فرمن تي قبضو ڪرڻ جي موڪل ڏني وئي آهي. انهي سان گڏوگڏ حڪومت حيدرآباد، نوابشاهه ۽ ميرپورخاص ۾ سيٽلائيٽ ٽائون ٺاهڻ ضروري سمجهيو آهي جيئن گهٽو ڪري مهاجرن جي وڏي تعداد ۾ اچڻ سبب شهري آبادي ۾ تڪڙي واڌ کي منهن ڏئي سگهجي. سن 1951ع جي آدمشماري موجب سنڌ ۾ شهري علائقن ۾ مهاجرن جو تناسب 64 سيڪڙو ۽ پهراڙي وارن علائقن ۾ 36 سيڪڙو هيو. جڏهن ته خيرپور رياست ۾ اهو تناسب 48 ۽ 52 سيڪڙو هو.

مهاجرن جي ورهاست

ضلعا	جملي مهاجر		شهري علائقن ۾		ڳوٺاڻن علائقن ۾	
	تعداد	سيڪڙو	تعداد	سيڪڙو	تعداد	سيڪڙو
سنڌ	540278	100	344720	63.9	195558	36.1
دادو	20720	3.8	9194	1.7	11526	2.1
حيدرآباد	205641	38.0	177180	33.0	28461	5.0
لاڙڪاڻو	25682	4.8	16501	3.0	9181	1.8
نوابشاهه	93345	17.3	41136	7.6	52209	9.7
سکر	93739	17.3	66336	12.3	27103	5.0
ٿرپارڪر	88765	16.4	28323	5.2	60442	11.2
ٽنڊو	5851	1.4	1813	0.3	4038	0.8
يو. ايس. ايف	6535	1.3	3937	0.8	2598	0.5
خيرپور رياست	100013	...	4889	48.2	5124	51.8

آدمشماري جي انگن اکرن موجب سادا پنج لک مهاجرن مان ٽي لک 39 هزار ٻين تي دارومدار رکندڙ آهن، ست هزار زرعي مزدوري ڪن ٿا تيرهن لک غير زرعي مزدوري ڪندڙ آهن ۽ فقط چار هزار شهري محنت ڪش طبقي ۾ شامل نه آهن. انهن مان به ڪي ته ڪوبه ڪم نه ڪندا آهن. ٻه لک 54 هزار مهاجر عورتن مان فقط 1436 خود ڪفيل آهن. مهاجرن جي محنت ڪش طبقي ۾ سڀ کان وڏو انگ 56100 زرعي شعبي ۾ ڪم ڪري ٿو 37700 واپار ۽ تجارت ۾ آهن. 24200 مينو فيڪچرنگ ۾ 10700 سرڪاري نوڪرين ۾ 9900 گهريلو ۽ شخصي خدمتن ۾ ۽ 6500 ٽرانسپورٽ جي شعبي ۾ آهن. محنت مزدوري ڪانسواءِ ٻين ڌنڌن جي لحاظ کان 3500 مهاجر ٽيڪنيڪل ۽ پروفيشنل ڌنڌن ۾ 1500 انتظامي ۽ مينيجري ڌنڌي ۾ 11200 ڪلارڪي ڪمن ۾ 35100 وڪري جي ڪم ۾ 58400 زراعت ۽ ماهي گيري جي ڪمن ۾ 31700 هنرمند، 32700 غير هنرمند محنت ڪش ۽ 14000 خدمت جي شعبي ۾ آهن.

پناهگيرن جي نئين سر بحالي جي رٿائن کي پاڪستان جي عمومي ترقياتي رٿا کان ڌار ڪري نٿو سگهجي، ٻين جنگ عظيم جي پڄاڻي کان پوءِ ترقي جي تاريخ ڏاڍي پيچيدي رهي آهي ڇاڪاڻ ته سن 1946ع ۾ گورنمينٽ آف انڊيا پاران ويلفيئر ۽ ڊولپمينٽ تي خرچ لاءِ تمام وڏيون رٿائون جوڙيون ويون. انهن رٿائن تي صوبائي حڪومتن پاران اها رقم خرچ ڪئي وڃڻي هئي. جيڪا جنگ وارن ورهين دوران وڏا ڪم ٻيهجي وڃڻ سبب بچي پئي هئي. هڪ ٻي پيچيدگي سنڌ ۽ خيرپور تي 1946ع کان اثر انداز ٿيندڙ تڪڙيون آئيني تبديليون هيون. هندستان جي ورهاڱي ۽ پاڪستان جي آزادي کان پوءِ ٻه سنڌ گورنر وارو صوبو رهي جنهن کي پاڪستان جي وفاقي حڪومت هيٺ مڪمل صوبائي اختيار هئا. اها صورتحال 1955ع تائين جاري رهي جو پوءِ پاڪستان جي انتظامي ورهاست اولهه پاڪستان ۽ اوپر پاڪستان جي ٻن يونٽن ۾ ڪئي وئي ۽ ٻين صوبائي حڪومتن وانگر سنڌ حڪومت ٻه منظر تان غائب ٿي وئي. ساڳئي طرح 1955ع ۾ ون يونٽ پاليسي لاڳو ٿيڻ سان خيرپور رياست ٻه حيثيت وڃائي ويٺي. اها اولهه پاڪستان ۾ ضم ٿي وئي ۽ خيرپور جي حاڪم کي پنهنجا سرداريءَ وارا حق ختم ٿيڻ ۽ رياست مان پنهنجي آمدني نه ملڻ جي معاوضي طور سرڪاري وظيفو ڏنو ويو. انهن سيني ڳالهين جو ترقي بابت اهو نتيجو نڪتو جو ٻين جنگ عظيم کان پوءِ ترقي جون جامع رٿائون تيار ڪيون ويون. پر اهي هندستان جي ورهاڱي جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل ابتري ۽ ان کان پوءِ پيدا ٿيل وگوڙن جي سبب اهي سنڌ ۽ خيرپور ۾ لاڳو نه ٿي سگهيون. سنڌ حڪومت جو 1955ع ۾ جڏهن هڪ خودمختار ۽ حڪومت هلائيندڙ اختياري طور وجود ختم ٿي ويو ۽ ترقياتي معاملن ۾ بنيادي ذميواري مرڪزي حڪومت تي اچي وئي جيڪا پاڪستان جي 60_1955ع واري پنج سالي منصوبي مطابق زير غور ۽ عمل هيٺ ترقياتي رٿائن متعلق وڏي حد تائين ذميوار آهي.

سنڌ حڪومت 1955ع ۾ پاڪستان جي نئين انتظامي جوڙجڪ ۾ ضم ٿي وڃڻ کان اڳ صوبي جي بهتري ۽ پنهنجي عوام جي سماجي ۽ اقتصادي حالتن جي بهتري لاءِ ڪيترائي وڏا پروگرام جوڙيا هئا.

مکيہ زير غور ترقياتي اسمن جي لسٽ تي هڪ نظر وجهڻ سان ئي خبر پئجي ويندي تہ اهي پروگرام ڪيتري نہ وڏي نوعيت جا هئا. انهن مان ڪجهہ هي هئا: گهڻ مقصديون آبي گذر گاهون، آبپاشي ۽ بجلي جي ترقي، زراعت ۽ ان سان لاڳاپيل ڪم، ويٽرنري ۽ لائيو اسٽاڪ، ٻيلا، ڪاٽين جي ترقي، تعليم ۽ فني تعليم، طبي خدمتن ۽ پبلڪ هيلٿ سروسز ۾ بهتري، روڊن ۽ روڊ ٽرانسپورٽ ۾ وسعت، صنعتون ۽ صنعتي سکيا، سمنڊي ۽ درياٽي ماهي گيري جي ترقي، نئين سر آباد ڪاري ۽ نئين سر ملازمتون ڏيڻ، تعاون باهمي، ڳوٺاڻي ترقي ۽ ڳوٺن ۾ سهوليتون ڏيڻ، هائوسنگ ۽ ٽائون پلاننگ، ليبر، ليبر ويلفيئر ۽ سائنسي تحقيق. جيئن مٿي بيان ڪيو ويو تہ 1947ع جي ورهاڱي جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل ابتري جي سبب انهن رٽائن تي عملدار آمد نہ ٿي سگهيو. پاڪستان ۾ حقيقي ترقي تڏهن ئي ٿي سگهي جڏهن روس ۽ اوپر پاران ڪميونزم جي يلغار خلاف مغربي ملڪن جي جنگ جي سياسي پاليسي جي حصي طور پاڪستان کي وڏي بيروني امداد ملڻ لڳي. باهرين حڪومتن پاران امداد جي نتيجي طور پاڪستان انتظامي، اقتصادي ۽ سماجي ترقي جي تقريباً هر ميدان وڏيون اڳيرايون ڪرڻ جي قابل ٿي ويو. سن 1955ع کان پوءِ حاصل ڪيل ترقي اهڙين رٽائن تي عملدرآمد جو نتيجو آهي. جيستائين سنڌ ۽ خيرپور جو تعلق آهي تہ اهي بہ مرڪزي حڪومت پاران اولهہ پاڪستان حڪومت کي الاٽ ٿيل ڪم ۾ پاڳي پائيوار ٿي سگهن ٿا. پر جيڪي ڳالهيون زير غور هيون انهن جي عمومي نوعيت سنڌ جي وزيراعليٰ طرفان سال 55_1954ع جي بجيٽ پيش ڪندي ڪيل اعلان مان چٽي ٿي وڃي ٿي. وزيراعليٰ پنهنجي تقرير ۾ ترقي جي عظيم الشان پروگرام جا مکيہ نقطا پيش ڪيا. وزيراعليٰ نئين سر بحالي بابت ڳالهائيندي چيو: منهنجي حڪومت نون سنڌين جي نئين سر بحالي کي اوليت ڏيندي اهو مسئلو تمام وڏو آهي ۽ انهيءَ ۾ ڪيترين ئي پيچيدگيون آهن. صورتحال کي پنهنجا مفاد رکندڙ مختلف جماعتن مختلف سببن جي ڪري وڌيڪ ڏکيو بڻائي ڇڏيو آهي جو اهي پراڻن سنڌين ۽ نون آباد ٿيندڙن جي وچ ۾ تفرقو پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيون آهن. نون آباد ٿيندڙن جيڪڏهن پاڻ کي سنڌي ڪري سمجهيو ۽ پنهنجو ڌار وجود برقرار رکڻ کان باز رهيا تہ ان سان نئين سر بحالي جا ڪم گهٽي حد تائين سولا ٿي ٻوندا.

فرقن تي ٻڌل ۽ سماجي ۽ سياسي تنظيمن جي خاص طور نون آباد ٿيندڙن لاءِ تشڪيل پراڻن سنڌين ۾ مخالفت کي جنم ڏنو آهي ۽ تنهنڪري نئين سر بحالي جا مسئلا تمام ڏکيا ٿي ويا آهن. نئين سر بحالي جو بنيادي مسئلو اهو آهي تہ نون آباد ٿيندڙن کي صوبي جي اقتصادي زندگيءَ ۾ جذب ڪيو وڃي ۽ اهي جيستائين اقتصادي طور پيرن تي بيهڻ سگهن تيستائين انهن کي سڀ کان اڳ جهو ۽ امداد ڏني وڃي. [illegible] ڪيون ويرن جتي اهي وڏي تعداد ۾ رهي سگهن. انهي لاءِ پناهگيرن کي شهرن ۾ مناسب رهائش فراهم ڪئي وئي. حڪومت اڳيئي نوان شهر آباد ڪرڻ لاءِ ٿي رٽائين لاڳو ڪري رهي آهي. حيدرآباد واري نئين شهر جڳهي اڳيرائي ڪئي آهي. روڊ ٺهي رهيا آهن. عارضي [illegible] ڪري ڏني وئي آهي [illegible] جا نشان لڳي ويا آهن انهن کي سڌو ڪري گند گاهہ صاف ڪيو

ويو آهي. نون آباد ٽيندڙن لاءِ ڪيترائي پڪا گھر ٺهي ويا آهن. بجيٽ ۾ هن مقصد لاءِ جملي 91 لک رپين جي رقم رکي وئي آهي. ٻي اهڙي قسم جي شهر آباد ڪرڻ جي رٿا ميرپورخاص ۾ لاڳو ڪئي پئي وڃي جنهن لاءِ 22 لک رپيا رکيا ويا آهن. نواب شاهه ۾ پڻ شهر جي ڪجهه حصن کي نون سنڌين کي آباد ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو ويندو. هن رٿا تي ڪم ايندڙ سال جي منڊ ۾ شروع ٿيندو. سماجي ترقي جي جنهن عظيم الشان پروگرام جو خاڪو پيش ڪيو ويو آهي. انهي تي لڳ ڀڳ 17 ڪروڙ رپين جي موڙي خرچ ايندي.

سنڌ کي 1952/53ع تائين فقط 60 لک رپين جا ترقياتي قرض ڏنا ويا هئا. ترقياتي ڪمن جو طريقه ڪار پراونشل ڊيولپمينٽ بورڊ پاران مهيا ڪيو ويندو هو. انهي جي سهائتا لاءِ ڪيترين ئي ماهرن جون ڪميٽيون هونديون هيون. انهي ڊيولپمينٽ بورڊ جون 75ع ماهرن جي ڪميٽين جون 51 گڏجاڻيون ٿيون. انهي جي غور و فڪر جي نتيجي ۾ هڪ مجموعي صوبائي ڇهه سالو منصوبو هٿ ۾ ڪنيو ويو. اهو منصوبو جڙ ته ملڪ جي ڇهه سالي منصوبي جي ڏانچي ۾ رهندي صوبي جي لاءِ ڪمن ڪارين جو مجموعو هو. منصوبي جي مقصدن ۾ صوبي جي قدرتي وسيلن کي مڪمل گنجائش جي حد تائين ترقي ونڊرائڻ، سماجي خدمتن جو دائرو وڌائڻ بشمول هڪ واجبي معيار تائين صحت ۽ تعليم جون سهوليتون مهيا ڪرڻ ۽ صوبي جي عمومي اقتصادي حالت ۾ بهتري آڻڻ شامل هئا. مختلف شعبن سان لاڳاپيل 59 ترقياتي اسڪيمن تي ٻڌل هڪ پلان تيار ڪيو ويو. انهن جي مڪيه اسمن تي نظر وجهڻ سان اسڪيمن جي وسعت جو اندازو ٿي ويندو. انهن اسمن ۾ اهڙي فني سهائتا (Technical assistances) مهيا ڪرڻ شامل هو جنهن جو مقصد اوور سيئر، پبلڪ ورڪس ڊپارٽمينٽ جي مڪينڪس، ٽريڪٽر هلائيندڙن، ڊريگ لائين هلائيندڙن، فٽرن، تربيت يافته استادن، دائين، نرسن ۽ ڊاڪٽرن جهڙن خاص قسم جي ڏنڊن لاءِ عملي کي تربيت ڏيڻ شامل هو. جيستائين آبپاشي جو تعلق آهي ته لوئر سنڌ بيراج، غلام محمد بيراج کي تيز رفتاري سان تڪميل تي پهچايو ٿي ويو ۽ گڏو ۽ اپر سنڌ بيراج جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو ٿي ويو. حيدرآباد ۽ ان جي مضافاتي شهر شاهه لطيف آباد لاءِ واٽر سپلاءِ ۽ پاڻي جي نيڪال جي هڪ گڏيل اسڪيم مهيا ڪرڻ سان گڏوگڏ لوئر سنڌ ڊئمر يا گرڊ پراجيڪٽ پڻ تيار ٿي رهيو هو جيڪو 15000 ڪلو وات ٽرمل اسٽيشن لاءِ بجلي ڏيندي موجوده 5000 ڪلو وات حيدرآباد اسٽيم اسٽيشن سان مربوط ٿي وڃي ها. روڊن جي وڏي پروگرام ۾ 39 روڊن تي 235 لک رپيا خرچ ڪرڻ جي تجويز شامل هئي. انهن روڊن جي تعمير پوسٽ وار ڊيولپمينٽ پروگرام تحت شروع ٿي چڪي هئي. پاڪستان ڊيولپمينٽ ڪارپوريشن طرفان حيدرآباد ۾ هڪ سيمينٽ فيڪٽري جو ڪم شروع ٿيڻو هو ۽ پبلڪ ورڪس ڊپارٽمينٽ جي بنيادي ڪمن لاءِ 204 لک مهيا ڪيا ويا هئا.

زراعت ۾ مشينون متعارف ڪرائڻ بابت غور ويچار ڪيو ويو ۽ اهڙي پروگرام کي هٿي ونڊرائڻ لاءِ وڌيڪ مشينون خريد ڪرڻ لاءِ بندوبست ڪيو ويو. مکي ڊنڊ ۾ تقريباً ڏيڍ لک ايڪڙ زمين سڌارڻ ۽ ان کي آباد ڪرڻ لاءِ هڪ ڪروڙ پنج لک رپين جي لاڳت سان هڪ رٿا شروع ڪئي وئي.

ٻين اهم رڳائن ۾ ڳوٺاڻي زرعي ترقياتي اسڪيم لکي ۽ ڪوٽڙي جي وچ ۾ زمين لاءِ پمپنگ اسڪيم. زرعي ڪاليج سڪرنڊ کي حيدرآباد جي ويجهو ٽنڈو جام منتقل ڪرڻ جي اسڪيم شامل هئي. ٽنڈي جام واري زمين کي ڪاليج جي مقصد لاءِ مناسب سمجهيو ٿي ويو. سلفيٽ آف امونيا جي امدادي اگهه تي ورهاست جي منظوري ڏني وئي ۽ سال 1953/54ع دوران 13000 ٽن ورهايا ويا. ٻين اهم منصوبن ۾ لياقت ميڊيڪل ڪاليج لاءِ حيدرآباد ۾ جديد رهائش گاهون تعمير ڪرڻ، ڪاٽيج انڊسٽري لاءِ حيدرآباد، سکر، نوابشاهه ۽ لاڙڪاڻي ۾ انسٽيٽيوٽ ڪولڻ، غريب پناهگيرن لاءِ گهرن جي تعمير ۽ شاهه لطيف آباد ۾ سيٽلائيٽ ٽائون جي تعمير شامل هئا. حيدرآباد ۾ نرسن لاءِ هڪ تربيتي ادارو زير غور هو جتي مستقل طور انسٽيٽيوٽ قائم ڪرڻ لاءِ چرچ مشن کان 14000 رپين جي ادائيگي ٿي هڪ عمارت حاصل ڪئي وئي هئي. پاڪستان انڊسٽريل ڊولپمينٽ ڪميشن پڻ لوئر سنڌ بيراج جي ايراضي ۾ ڪمند جي ٻج جي پوکائي جي هڪ فارم جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو. اها رٿا ٽن مختلف رڳائن ۾ ورهايل هئي انهن مان هڪ رٿا مطابق ڏيڍ لک ايڪڙ سروي ڪيل زمين مان پنجاهه هزار ايڪڙ چونڊي ڏار ڪيا ويا. ٻي هڪ رٿا تحت جلد پوکائي جو ڪم شروع ٿيڻو هو ۽ ٽئين رٿا تحت شگر ملون قائم ڪيون وڃڻيون هيون. انهي بابت پاڪستان انڊسٽريل ڊيولپمينٽ ڪميشن پاران تفصيل طي ڪيا ٿي ويا. بجلي جي تنصيبات کي قومي ملڪيت ۾ وٺڻ ۾ غور هيٺ آهي. انهي ۾ حيدرآباد وارو بجلي پيدا ڪرڻ وارو ڪارخانو پڻ اڳيئي قومي ملڪيت ۾ وڃي چڪو آهي. جنهن جي بجلي پيدا ڪرڻ جي صلاحيت 3500 ڪلو واٽ تائين وڌائي وئي آهي جنهن سان علاقي کي بهتر ۽ وڌيڪ باقاعدگي سان بجلي ملي ٿي.

جيستائين صنعتي ترقي جو سوال آهي تہ وڌيون ترقياتي رڳائون مرڪزي حڪومت جو معاملو هو چاڪاڻ تہ ڊيولپمينٽ آف انڊسٽريز فيڊرل ڪنٽرول ائڪٽ 1949ع جي تحت تقريباً سڀ وڌيون صنعتون قائم ڪرڻ، انهن بابت رڳابندي ۽ اهي هلائڻ جا معاملا مرڪزي حڪومت جي ڪنٽرول هيٺ هئا. هن اسر جا معاملا مرڪزي حڪومت جي ڪنٽرول هيٺ هئا. هن اسر سان لاڳاپيل شيڊيول ۾ 27 صنعتن جا نالا لکيا ويا آهن. مرڪزي حڪومت جي ڪنٽرول هيٺ ايندڙ 27 صنعتن مان هيٺيان يونٽ سنڌ لاءِ مختص ڪيا ويا آهن:

ڪاٽن ٽيڪسٽائيل جي صنعت 250,000 چرخيون. ٽن ٽيڪسٽائيل ملن پيداوار شروع ڪئي آهي ۽ چار وڌيڪ لڳي رهيون آهن.

اُن ڪتڻ: سنڌ جي حصي ۾ 4000 چرخيون ڏنيون ويون درخواستن لاءِ اشتهار ڏنا ويا. گنجين جورابن لاءِ سنڌ جي حصي ۾ هڪ يونٽ آيو جيڪو بجلي تي هلندڙ گهٽ ۾ گهٽ 20 وڌين مشينن ۽ هٿ سان هلندڙ ننڍي قطر وارين هڪ سو مشينن تي ٻڌل هو. ڪارپيٽ ٺيڪرين ۾ سنڌ کي هڪ يونٽ مليو جيڪو گهٽ ۾ گهٽ 20 پاور لومز تي ٻڌل هو. انهي ۾ آڏاڻا تنهن کان سواءِ هئا. ٺڪر جي ٽانون جي ڪارخانن بابت ڪائونسل آف انڊسٽريز فيصلو ڪيو تہ سنڌ ۾ ٺڪر جا ٽانو ٺاهڻ جو هڪ جديد يونٽ

قائم ڪيو ويو. انهيءَ لاءِ هالا ۽ سيوهڙ جي آسپاس مٽي ڏاڍي مناسب هئي. سنڌ کي شڪار جي ننڍن هٿيارن جو هڪ يونٽ مليو. پنج يونٽ ڪنڊ جا مليا. انهن پنجن يونٽن کي روزانو هڪ هزار ٽن ڪٽائي جي گنجائش هئي انهن مان هر هڪ يونٽ سان ڏهه هزار ايڪڙن تي ٻڌل فصل جي ايراضي هوندي. پاڪستان انڊسٽريل ڊيولپمينٽ ڪارپوريشن هن ڏس ۾ سروي جو ڪم شروع ڪرائي ڇڏيو آهي. سنڌ کي ڪاغذ گتو ۽ مليدو ٺاهڙ لاءِ هڪ اسٽرا بورڊ مينو فيڪچرنگ يونٽ مليو آهي. پاڪستان انڊسٽريل ڊيولپمينٽ ڪارپوريشن اهو ڪارخانو زرعي بچت مال ڪتب آٽيندي ٺاهڙ تي پڙ غور ڪيو پوءِ زرعي بچت مال سنڌ ۾ جهجهو هو.

سيمينٽ: روزانو 400 ٽن پيداواري گنجائش رکندڙ هڪ فيڪٽري سنڌ کي ڏني وئي جيڪا خام مال جي دستيابي کي مد نظر رکندي پاڪستان انڊسٽريل ڊيولپمينٽ ڪارپوريشن جي تعاون سان حيدرآباد ۾ قائم ڪئي وئي. اها سيمينٽ فيڪٽري چالو آهي ۽ 20 ٽن روزانو پيداوار ڏئي رهي آهي. صوبي جي صنعتي ترقي کي هٿي وٺرائڻ لاءِ جيڪا ماضي ۾ گهٽي حد تائين زرعي معيشت هئي. سنڌ حڪومت صنعتون هڻڻ جي خواهشمند ماڻهن لاءِ چار ٽريڊنگ استيٽس قائم ڪيون آهن.

ٽريڊنگ استيٽس جي رٿا موجب رٿابندي سان ٺهيل صنعتي علاقا (Zones) قائم ڪيا ويندا جتي ريل ۽ روڊ جون سهوليتون، بجلي ۽ محنت ڪشن جي رهڻ جون جايون مهيا ڪري سگهبيون. انهن سان گڏوگڏ اتي واٽر سپلاءِ، فيڪٽرين جون ماڊل عمارتون ۽ گودام پڻ هوندا. ٻين جنگ عظيم کان پوءِ امن امان ٽي وڃڻ ۽ بحالي جي رٿائن جي سخت ضرورت سبب اهو فيصلو ڪيو ويو ۽ جيڪي به صنعتڪار صوبي ۾ اچڻ گهرن انهن لاءِ ڪشش پيدا ڪرڻ لاءِ هر قسم جي ڪوشش ڪئي ويندي عملي طور همٿائڻ لاءِ اهو طي ڪيو ويو ته ٽريڊنگ ڊيولپمينٽ استيٽس رٿا کي برٽش بورڊ آف ٽريڊ جي طرز تي هلايو ويندو. اهڙي طرح صوبي جي هڪ ابتدائي صنعتي سروي ڪئي وئي ۽ سڀ کان اڳ اهو فيصلو ڪيو ويو ته ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر ۾ ٽي ٽريڊنگ استيٽس قائم ڪيون وڃن. سنڌ حڪومت ويجهڙائي ۾ ٽنڊي آدم ۾ هڪ ٻي ٽريڊنگ استيٽ قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ڪراچي واري استيٽ هاڻي مرڪزي حڪومت جي ڪنٽرول ۾ آهي ۽ سنڌ سان واسطو نه ٿي رکي. حيدرآباد ۾ استيٽ قائم ڪرڻ جو مقصد اهو هو ته اها اهڙين صنعتن لاءِ ڪم ايندي جن لاءِ خام مال پسگردائي وارن ضلعن مان دستياب ٿئي ٿو. اهڙين صنعتن ۾ مثال طور ڪاٽن ٽيڪسٽائيل، چمڙو رڱڻ، تيلي ٻج پيڙهڻ ۽ صاف ڪرڻ ۽ نباتاتي ڪاڇرو تيل ٺاهڻ شامل هيون. انهن صنعتن سان گڏوگڏ اتي ميون جي شربتن ۽ جئم (Jam) ٺاهڻ جي موسمي صنعتن جي پڻ گهٽي گنجائش موجود هئي. سکر ۾ استيٽ ٺاهڻ جو مقصد پڻ مقامي طور حاصل ٿيندڙ خام مال ڪتب آٽڻ لاءِ صنعتون قائم ڪرڻ هو. اهڙين مکيه صنعتن ۾ اُن جون ملون، تيلي ٻجن جون صنعتون ۽ چمڙي ۽ ڪلن جون صنعتون شامل هيون. ٽنڊي آدم واري ٽريڊنگ استيٽ جو مکيه مقصد ٽيڪسٽائيل انڊسٽري لاءِ سهوليتون مهيا ڪرڻ آهي. اهي گوناگون رٿائون ڪيتري حد تائين تڪميل تي پهچن ٿيون

انهي جو دارومدار انهي تي آهي ته اولهه پاڪستان حڪومت، سنڌ حڪومت پاران 1954ع ۾ وضع ڪيل جنرل پاليسي آئوٽ لائينز جي ڪيتري قدر توثيق ڪري ٿي. مرڪزي حڪومت پاران قائم ڪيل مختلف ڪارپوريشنون ڪيتري قدر سهائتا ڪن ٿيون ۽ حڪومت پاڪستان انهن رٿائن کي عملي شڪل ڏيڻ لاءِ ڪيتري قدر فنڊ مهيا ڪري ٿي. پنج سالہ منصوبو لاڳو ڪرڻ جي تمام وڏي لاڳت ٻيروني امداد ذريعي پوري ڪئي پئي وڃي جيڪا ڊسمبر 1956ع جي آخر تائين 640 ملين ڊالر يعني 306 ڪروڙ روپيا هئي (انهي حساب سان ان وقت ڊالر جو اڳهه 4.78 روپيا ٿئي ٿو. سنڌيڪار) انهي رقم جو 80 سيڪڙو يونائٽيڊ اسٽيٽس آف آمريڪا مان ٿي آيو. امداد ڏيندڙ ٻين وڏن ملڪن ۾ ڪينيڊا 55 ملين گرانٽ طور، آسٽريليا تقريباً 27 ملين ڊالر گرانٽ طور برطانيہ 30 ملين ڊالرن کان وڌيڪ رقم جنهن مان 28 ملين ڊالر قرض جي بنياد تي هئا. 640 ملين ڊالرن جي مجموعي امداد مان 89 ملين ڊالر قرضن جي شڪل ۾ هئا ۽ 120 ملين ڊالر آمريڪا جون واڌو زرعي جنسون پاڪستاني ربين ۾ وڪري جي صورت ۾ هئا. جيڪي به بهرحال پاڪستان ۾ واهپي لاءِ دستياب هجن ها. انهيءَ امداد ۾ نيوزيلينڊ جو حصو سنڌ لاءِ خاص دلچسپي لائق هو. 4.2 ملين ڊالر هو جنهن مان 3.1 ملين ڊالر حيدرآباد ۾ زيل پاڪ سيمينٽ فيڪٽري لاءِ مليا. انهي فيڪٽري ۾ 000,240 ٽن سيمينٽ جي پيداوار جي گنجائش آهي. انهي فيڪٽري نه فقط ڪراچي ۽ حيدرآباد پر اوپر پاڪستان جي سيمينٽ جي ضرورتن جو پورائو ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. اولهه پاڪستان جي صوبائي حڪومت جي تعاون سان حڪومت پاڪستان پاران عمل هيٺ ايندڙ وسيع ترقياتي رٿا مان سنڌ ۽ خيرپور جن مکيہ اسمن مان فائدو ورتو آهي اهي آهن: ڪاٽن ٽيڪسٽائيل. سيمينٽ ۽ بلوچستان جي علاقي سئي مان نڪري ڪراچي ويندڙ گئس پائيپ لائين جنهن جو وڏو حصو سنڌ ۽ خيرپور مان گذري ٿو. جيڪو ڪجهه سنڌ ۽ خيرپور ۾ ٿي رهيو آهي فقط انهي جو جائزو ونڊ سان سنڌ ۽ خيرپور ۾ ترقي جي دائري جو پوري طرح اندازو نه ٿو ٿي سگهي ڇاڪاڻ ته ترقي جو سمورو ڪم مرڪزي حڪومت پاران پنهنجين مختلف ترقياتي ڪارپوريشنن ذريعي صوبائي حڪومت سان هڪ وسيع سهڪاري نظام تي بيٺل آهي. پر 60_1955ع واري پنج سالہ منصوبي ۾ مختلف اسمن لاءِ رکيل رقمن مان خبر پوي ٿي ته پاڪستان لاءِ مجموعي طور رقمن جو هي سيڪڙو خرچ جي جن مکيہ اسمن لاءِ رکيو ويو آهي انهن ۾ ڳوناٽي، زرعي ۽ صنعتي ترقي ۽ ڳوٽ جي دائري کان ٻاهر ڳوناٽي ترقي، زرعي ۽ صنعتي ترقي جا شعبا 3.2 سيڪڙو زراعت بشمول نين زمينن جي آبادڪاري، اينيمل هسبنڊري ۽ ماهيگيري 12.9 سيڪڙو واٽر اينڊ پاور ڊيولپمينٽ 28.8 سيڪڙو صنعت بشمول ٻارڻ (Fuels) ۽ معدنيات 17.4 سيڪڙو ٽرانسپورٽ ۽ مواصلات 17.8 سيڪڙو هائوسنگ ۽ آبادڪاري 9.2 سيڪڙو تعليم ۽ سکيا 6.2 سيڪڙو صحت 3.1 سيڪڙو سماجي بهبود ۽ ٻيا اسر 1.4 سيڪڙو جيستائين پبلڪ سيڪٽر ۾ مختلف شعبن ۾ ترقياتي رقمون رکڻ جو تعلق آهي ته 1957/1960ع لاءِ سنڌ ۽ خيرپور لاءِ جدا انگ اکر دستياب نه آهن باقي مرڪزي ۽ اولهه پاڪستان لاءِ صوبائي رٿائن لاءِ گڏيل طور رکيل رقمن جو وچور هن ريت آهي: ولڊ ايڊ (Aid) ۽ ڳوناٽي ترقي 13

ڪروڙ زراعت 47 ڪروڙ واٽر اينڊ پاور ڊيولپمينٽ 133 ڪروڙ صنعت، ٻارڻ ۽ معدنيات 38 ڪروڙ ٽرانسپورٽ ۽ مواصلات 65 ڪروڙ هائوسنگ ۽ آبادڪاري 21 ڪروڙ تعليم ۽ سڪيا 22 ڪروڙ صحت 12 ڪروڙ سماجي ڀهبود، محنت، روزگار ۽ متفرق 2 ڪروڙ سنڌ کي واٽر پاور ڊيولپمينٽ جي لاءِ رکيل رقمن مان تمام گھٽو فائدو مليو آهي. ڇاڪاڻ ته ڪوٽڙي واري غلام محمد بيراج ۽ گڏو بيراج جون رقمون سنڌ ۾ خرچ ٿيون آهن. سوئي کان ڪراچي گئس پائيپ لائين پڻ هڪ تمام وڏو ڪم آهي. اها پائيپ لائين آگسٽ 1955ع ۾ تڪميل تي پهتي ۽ هاڻي تقريباً 12500 ملين ڪيوبڪ فوٽ گيس سالياني سپلاءِ ڪري ٿي. هاڻي تقريباً سڀ وڏا صنعتي صارف ٻين ٻارڻن (Fuels) بجاءِ قدرتي گئس کتب آڻي رهيا آهن. سوئي ڪراچي زون ۾ گئس جي ورهاست جون رٿائون ڪراچي گئس ڪمپني لميٽيڊ ۽ انڊس گئس ڪمپني لميٽيڊ پاران مڪمل ڪيون ويون آهن ۽ ورهاست جون مين لائينون وڇائڻ جو ڪم اڳ ۾ ئي شروع ٿي ويو آهي.

سماجي ڀهبود (Social Welfare)

جيستائين برصغير پاڪ و هند جو تعلق آهي ته اتي سوشل ويلفيئر جو تصور هڪ مڪمل نئون نظريو آهي. برطانوي حڪومت جي دور ۾ سوشل ويلفيئر پنهنجي ٻاروتڻ ۾ هئي ۽ سماجي حالتن ۾ بهتري آڻڻ جا مکيه ذريعا طبي امداد جو دائرو وڌائڻ ۽ مليريا کي ڊڪ لاءِ مفت ۾ ڪونين ورهائڻ ذريعي ڳوٺاڻن ڊسپينسرين جي پهچ وڌائڻ هوندو هو. وري تعليم جي شعبي ۾ اهو ڪم نصاب ۾ جسماني ورزش ۽ راندين لاءِ باقاعدي ڪلاڪ مقرر ڪرڻ ذريعي ڪيو ويندو هو. جيئن ٻارن جي جسماني بناوت بهتر ٿي سگهي. سماجي ڀهبود جي شروعاتي ڏينهن ۾ ٻيو مکيه طريقو ڪو آپريٽو سوسائٽين ذريعي ڳوٺن ۾ قرض ڏيڻ جي سهوليتن کي همٿائڻ هوندو هو. انهن اپائن ذريعي ڪجهه بهتري ٿي پر سماجي ڀهبود جي رٿائن جو اهو عظيم مقصد حاصل ڪرڻ ۾ ڪابه اڳيرائي نه ٿي ته ساڳئي ڳوٺ ۾ رهندڙ ماڻهن ۾ انهن جي گڏيل مفادن وارن مسئلن بابت انهن ۾ سهڪار جي فضا ڪيئن پيدا ڪجي. سنڌ ۽ خيرپور جي ٻهراڙين جي سماجي ۽ مذهبي جوڙڪ ۾ مغربي يورپ جي علائقن جهڙيون حالتون نه آهن جن ۾ سماجي ڀهبود جي رٿائن ته ڪاميابي سان عملدرآمد ٿي سگهيو هو. انهي جو سبب اهو آهي ته سنڌ ۽ خيرپور جي سماجي جوڙڪ جو بنياد ساڳئي علائقي ۾ رهائش تي نه پر ساڳئي مذهب يا ساڳئي قبيلي سان تعلق هڻڻ تي آهي. اهو چوڻ به درست نه ٿيندو ته عام ڳوٺ ۾ هر ڳوٺاڻو ٻئي کي سڃاڻندو هوندو هو. ٿي سگهي ٿو ته هن جي ساڳئي ڳوٺ ۾ رهندڙ ماڻهن سان واقفيت هجي پر هن جون دوستيون ڪنهن منظم مذهب يا مقرر قبيلائي يا ذات پات جي جوڙجڪ جي تقاضائن کان اڳتي نه وڌنديون هيون. تنهنڪري سماجي ڀهبود جي اُپائن جي ڪامياب ٿيڻ لاءِ ضروري آهي ته موجوده تنگ نظري واري گروهه بندين جي جاءِ تي ڪا تبديل ٿيل سوچ اچڻ گهرجي.

پنج سالا منصوبو 60_1955ع

پاڪستان جي 1955/1960ع واري پنج سالا منصوبي ۾ انهي حقيقت کي تسليم ڪيو ويو آهي جنهن ۾ ڳوٺاڻن علائقن لاءِ ڳوٺاڻي زرعي ۽ صنعتي ترقي جي رٿا (Agricutltural and Industiral Development: AID) ۽ ڳوٺاڻن جي ترقي ۽ بهتري تي زور ڏنو ويو آهي. منصوبي ۾ لکيل آهي ته ملڪ جي معيشت جو بنياد ڳوٺ تي آهي. جتي پاڪستان جي آبادي جو 80 سيڪڙي کان وڌيڪ ڪ لک ڳوٺن ۾ رهي ٿو. انهن ڳوٺن ۾ موجود افرادي قوت ملڪ جو مکيه اثاثو آهي. منصوبي ۾ لکيل آهي ته ڳوٺن جا لکين ماڻهو پنهنجين زندگين ۾ بهتري آڻڻ لاءِ انهي کان گهٽو ڪجهه پاڻ ڪري سگهن ٿا جيتروحڪومت ڪجهه وڌي پيماني وارين رٿائن ذريعي ڪري سگهي ٿي. حڪومت جي سهائتا جو طريقو اهو ٿي سگهي ٿو ته اها زراعت، صحت، تعميرات ۽ سماجي تنظيم جي ميدان ۾ ماهر مهيا ڪري، ڳوٺن ۾ اهڙا طبعي وسيلا مهيا ڪري ڏئي جيڪي اڳ ۾ موجود نه هجن ۽ سڀ کان وڌي ڳالهه اها ته ڳوٺ جي AID ڪارڪن کي اهڙو صلاحڪار مهيا ڪري ڏئي جنهن سان سهوليت سان ملي سگهجي ۽ هو ڳوٺاڻن سان لڳاتار رابطو رکي سگهي، انهن جي مدد ڪري انهن جا مسئلا سمجهي سگهي ۽ سرڪاري فنڊن ذريعي دستياب ٿيل ماهرن جي خدمتن مان فائدو وٺي سگهي. وليج ايڊ پروگرام جو بنيادي نظريو اهو هو ته اهڙا وسيلا مهيا ڪري ڏجن جن جي ذريعي حڪومت جي فني ۽مالي سهائتا کي ڳوٺن ۾ موجود مهارت (Skill) توانائي (Energy) ۽ پئسي (Money) وارن وسيلن (Resources) کي باهر ڪڍڻ لاءِ ڪم آڻجي ۽ انهن کي پيداواري ڪارجن ۾ لڳائجي ۽ اهڙا ذريعا پيدا ڪيا وڃن جن جي مدد سان انهن کي بتدريج وڌائي سگهجي. ڳوٺاڻي ترقي لاءِ ڪيل تمام و ڏين ڪوششن مان به محدود ڪاميابي ملي آهي. ڇاڪاڻ ته ڪوششن جو دائرو ناڪافي هو ۽ مسئلي کي مڪمل طور هٿ ۾ نه ڪنيو ويو هو. انهي رويي ڳوٺاڻن ۾ لاتعلقي ۽ عداوت کي جنم ڏنو. ڳوٺاڻن سان نه صلاح مشورو ڪيو ويو نه لڳاتار رابطو رکيو ويو. انهي ڪم لاءِ رقمون تمام ٿوريون رکيون ويون ۽ سڀ کان وڌي ڳالهه اها حڪومت ڳوٺاڻي ترقي کي پروگرامن ۽ پاليسين جو مکيه مقصد نه بڻايو. انهي راهه ۾ رڪاوٽون به وڌيون آهن ۽ سڀ کو انهن کان واقف آهي جهڙوڪ: تعليم جي ڪوٽ، صحت جي اڻ هوند، مواصلات ناڪص، ٽيڪنيڪل عملو اڻ پورو، مقامي ادارا خاص طور ڳوٺاڻي حڪومت ۽ سهڪار لاءِ قرض ڏيندڙ پنٽي پيل، ڳوٺاڻن جا رويا بي روح ۽ غير همدرداڻا ۽ تمام پنٽي پيل حالتون. اهي سڀ ڳالهيون پنهنجي جاءِ تي درست آهن پر ڪاميابي جي راهه ۾ سڀ کان وڌي رڪاوٽ خود ڳوٺاڻي جو رويو آهي ۽ جيستائين نيم جاگيرداراڻي، نيم قبيلائي ۽ نيم فرقيواراڻي سوچ ۾ ڪنهن حد تائين گهٽتائي نه ٿي اچي تيستائين وڃجهي مستقبل ۾ ڪاميابي جا ڪي وڏا امڪان نه هوندا. ٻين جنگ عظيم دوران سماجي بهبود ۾ اڳيرائي جي وڏين رٿائن کي هلائڻ ممڪن نه هو. پر آزادي کان پوءِ ۽ پاڪستان جي هڪ آزاد رياست طور وجود ۾ اچڻ کان پوءِ شين ۾ بهتري اچڻ شروع ٿي آهي.

وليج ايڊ پروگرام ۾ بنيادي يونٽ ترقي واري ايراضي (Development Area) هوندي جنهن ۾ عام طور 150/200 ڳوٺ هوندا. جن جي آدمشماري لڳ ڀڳ هڪ لک هوندي. ترقيءَ واري ايراضي جو عملو ڳوٺاڻن کارکنن، سپروائيزرن، هڪ ڊيولپمينٽ آفيسر ۽ مختلف کاتن جي ماهرن تي ٻڌل هوندو. هر پنجن کان ستن ڳوٺن جي هڪ گروپ لاءِ هڪ ڳوٺاڻو کارکن هوندو. ڳوٺاڻا کارکن ڳوٺاڻن سان لڳاتار رابطي ۾ رهندا ۽ انهن جي رٿابندي ۽ ترقياتي سرگرمين ۾ انهن جي رهنمائي ڪندا. تعلقي ۽ سب ڊويزن هيڊ ڪوارٽرن ۾ ڪجهه علائقن کي ڇڏي باقي عام طور ٽيڪنيڪل اسٽاف ڇڪي تعداد ۾ هوندو آهي. جڏهن پروگرام کي توسيع ڏني ويندي جيئن اهو ڪنهن به انتظامي ايراضي جو مڪمل طور احاطو ڪري سگهي ته تعلقي سب ڊويزن ۾ زرعي انجنيئرنگ، پلانٽ پروٽيڪشن، وليج انڊسٽريز فاريسٽري، ماهيگيري، باغباني، سئائل ڪنزرويشن ۽ رينج مينيجمينٽ جي شعبن ۾ ماهرن جي ضرورت پوندي. ماهر ڳوٺاڻن کارکنن کي هنن ٽيڪنيڪل شعبن ۾ صلاح مشورو ۽ سهڪار ڏيندا. زراعت، فارم مينيجمينٽ، اينيمل هسبنڊري، ڪو آپريشن اينڊ مارڪيٽنگ، هيلٿ اينڊ سينيٽيشن، ورڪ سپرويزن، مردن لاءِ سماجي تعليم، عورتن لاءِ سماجي تعليم، ڪاٽيج ۽ سمال انڊسٽريز ٻيلا ۽ رينج مينيجمينٽ. پنج ساله منصوبي ۾ اولهه پاڪستان ۾ جيڪي ايراضيون ڪوليون ويون آهن يا ڪوليون وڃڻيون آهن انهن جي سال وار ترتيب هن ريت آهي: 55_1954ع ۾ ڇهه ايراضيون، 56_1955ع ۾ تيرهن ايراضيون 57_1956ع ۾ يارهن ايراضيون 58_1957 ۾ اٺويهه ايراضيون 59_1958ع ۾ ايڪويهه ايراضيون ۽ 60_1959ع ۾ 23 ايراضيون.

سنڌ حڪومت پاران ورهاڱي کانپوءِ سماجي بهبود جا آڌار

سنڌ جي وزير اعليٰ سن 1954ع ۾ پنهنجي بجيٽ بابت تعارفي ڳالهيون ڪندي سنڌ ۾ سماجي بهبود جي ميدان ۾ ٿيل پيش رفت بابت هي رمارڪ ڏنا: ڳوٺاڻن علائقن ۾ حڪومت جي سمورين سرگرمين کي مربوط ڪرڻ ۽ انهن جي وچ ۾ سهڪار پيدا ڪرڻ لاءِ ۽ ڳوٺن جون سماجي ۽ ثقافتي ۽ اقتصادي ميدان ۾ حالتون بهتر بنائڻ لاءِ حڪومت وليج ايڊ اسڪيم لاڳو ڪرڻ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو آهي. بجيٽ ۾ هن اسڪيم تي تقريباً ڇهن لکن جي خرچ جو ڪاتو ڪيو ويو آهي. البت جيئن پراجيڪٽ واري ايراضي وڌندي ويندي ته سال بسال خرچ به وڌندو ويندو. هن تقرير جاري رکندي ڇيو ته "مون کي توهان کي اها ڳالهه ٻڌائيندي خوشي ٿي رهي آهي ته مرڪزي حڪومت اهو اصول تسليم ڪري ورتو آهي ته اها اسڪيم جي صاف لاڳت جو 50 سيڪڙو پريندي فورڊ فائونڊيشن پڻ ٽريننگ سينٽر هلائڻ ۾ ڇڪي مالي امداد ڏئي رهي آهي. حڪومت جي پاليسي اها آهي ته زمين ڪيڙبندڙن، هارين جي بهبود تي مڪمل ڌيان ڏنو وڃي جن تي ئي اسان جي ملڪ جي زرعي معيشت جو دارومدار آهي. حڪومت هارين جي حقن جو مڪمل بچاءَ ڪندي ۽ انهي ڳالهه کي يقيني بڻائيندي ته هو جيڪا زمين ڪيڙين ٿا انهيءَ کان ڪبن غير قانوني نموني اٿاربو نه وڃي. ٽيننسي ائڪٽ جي شقن جو نئين سر جائزو ورتو پيو وڃي جيئن هارين جي حقن جي وڌيڪ بچاءَ لاءِ ان ۾ مناسب ترميمون ڪيون وڃن. سموري صوبي ۾ هارين جا بهبود مرڪز کوليا ويندا. پهرئين مرحلي ۾

اهڙو مرڪز هر ضلعي هيڊ ڪوارٽر ۾ ڪوليو ويندو. انهن مرڪزن ۾ وڏن شهرن ۾ ڪاروباري مرڪزن ۾ ايندڙ هارين کي هاسٽل جون سهوليتون ڏنيون ويندين. هر مرڪز ۾ هڪ ويلفيئر آفيسر مقرر ڪيو ويندو ۽ اهڙن مرڪزن تي ايندڙ هارين کي بصري سکيا (Visual training) ڏيڻ جا انتظام ڪيا ويندا. انهي مقصد لاءِ تعليم، پبلڪ هيلٿ، زراعت ۽ چوپائي مال بابت فلم ۽ خبرن تي ٻڌل ڪيستون مهيا ڪيون ويندين. اهڙن مرڪزن تي هارين کي طبي امداد پڻ ڏني ويندي.

سنڌ حڪومت، سنڌ جي زراعت سان لاڳاپيل ماڻهن جي حالت بهتر بنائڻ جي مقصد کي مد نظر رکندي 24 جولاءِ 1953ع کان غير سرڪاري ميمبرن تي ٻڌل سنڌ ايگريڪلچرل ڪميشن مقرر ڪئي. ائگريڪلچرل ڪميشن جا ٽرمس آف ريفرنس (TORs) هي هئا. سنڌ ۾ زراعت سان لاڳاپيل ماڻهن جي غربت ۽ ابتر حالتن جا سبب ڳولهڻ، انهن جي زندگي جي معيار ۽ اقتصادي حالتن ۾ بهتري آڻڻ ۽ انهن جي مناسب نموني آبادڪاري جا طريقا تجويز ڪرڻ، رولاڪ قبيلن ۽ ٽڙيل پکڙيل گهرڻن ۾ رهندڙ ماڻهن جي آبادڪاري ۽ زراعت سان لاڳاپيل سيني ماڻهن کي مناسب سرمايو مهيا ڪرڻ لاءِ دڳ ۽ واٽون ڳولهي ڏيڻ. انهي ڪميٽي 1955ع ۾ پنهنجي رپورٽ هڪ تمام ڪارائتي دستاويز جي صورت ۾ چپرائي. انهي رپورٽ ۾ ملڪ ۾ انهي سال مروج حالتن تي چڱي روشني وڌل آهي. ائگريڪلچرل ڪميشن پاران ڏنل مختلف تجويزون عمل هيٺ نه آيون آهن پر تہ سنڌ حڪومت خود 1955ع جي آخر ۾ اولهه پاڪستان جي نئين سر تنظيم ۾ منظر تان گم ٿي وئي ۽ جيڪي تجويزون سڀيون سمجهه ۾ اچن انهن جي لاڳو ڪرڻ جو معاملو لاهور ۾ اولهه پاڪستان حڪومت جي هٿن ۾ آهي. پر جيئن هاڻي اها حڪومت پاڪستان جي پنج سالا منصوبي کي لاڳو ڪرڻ ۾ مڪمل طور پاڻي پائيوار ٿي رهي آهي تنهنڪري جيڪي تجويزون ڪارائتيون سمجهه ۾ ايندين انهن کي وقت اچڻ تي لاڳو ڪيو ويندو. رپورٽ ۾ ملڪ جي انهيءَ وقت جي حالتن بابت ڪجهه دلچسپ انگ اکر پڻ ڏنل آهن جهڙوڪ صوبي جي سموري آبادي جي 71 سيڪڙي جو دارومدار زراعت تي هو ۽ 13.6 سيڪڙو آبادي واپار تجارت ۽ صنعت سان وابسته هئي. پر جيتوڻيڪ تز انگ اکر موجود نه هئا تہ بہ اها ڳالهه واضح هئي تہ زراعت سان لاڳاپيل آبادي جي تقريباً 50 سيڪڙو صحيح نموني جميل زندگي نہ پئي گذاري. انهن جي اڪثريت يا تہ عارضي نموني ٽڪيل هئي يا رولاڪن يا نيم رولاڪن وانگر ٽڙيل پکڙيل گهرڻن ۾ زندگي گذاري رهي هئي. انهي آبادي جو انگ تقريباً 160,000 ٿيو ٿي. باقي 50 سيڪڙو ڳوٺن ۾ رهندڙ هئا جيڪي بہ جڏ تہ بغير ڪنهن ترتيب جي ۽ نهايت پراڻي نموني تي ٺهيل هئا جن ۾ صحتمند نموني زندگي گذارڻ جون ڪي بہ سهوليتون نہ هيون. صوبي ۾ خواندگي جو تناسب 10.8 سيڪڙو هو جنهن مان اعليٰ تعليم جو 1.25 سيڪڙو هو. باقي 89.2 سيڪڙو اڻ پڙهيل هئا.

سماجي بهبود جي ٻين اپائن مان پبلڪ هيلٿ جي ميدان ۾ ٿيل اپاءَ ذڪر جڳ قابل آهن. سال 54-1953ع ۾ چيو ويو تہ صحت جي صورتحال اطمينان جوڳي هئي. سال 1953ع تي پورا ٽيندڙ پنجن ورهين ۾ ڪالرا جا ڪي بہ ڪيس سامهون نہ آيا آهن. ماتا (Small Pox) کو ڪنهيبر مسئلو نہ رهي هئي ڇاڪاڻ تہ

وئڪسينيشن سمورو سال هلندي رهي هئي. مليريا، جنهنڪي بجا طور سنڌ لاءِ عذاب ڇئي سگهجي ٿو سا صوبي جو شايد واحد سپ کان وڏو مسئلو آهي. مليريا جو صوبائي ادارو پاڻ وٽ موجود سپني وسيلن سان مسئلي کي منهن ڏئي رهيو هو ۽ علاقي ۾ مرض گهٽائڻ ۾ وڏي حد تائين ڪامياب ٿي ويو هو. سن 1949ع کان ڊي ڊي ٽي. جا ڦوهارا ٽيندا رهيا هئا. صوبائي اينٽي مليريا آرگنائيزيشن مليريا بابت ڄاڻ ۾ بنيادي سکيا جا ڪلاس هلائيندي هئي. سورنهن موبائيل هيلٿ يونٽ هر ضلعي ۾ گشت ڪندا هئا ۽ ڊسپينسرين کان پري واقع ڳوٺن ۾ ڪم ڪند اهئا. دائيپي جي خدمتن لاءِ عملي کي تربيت ڏيڻ ۽ وظيفا ڏيڻ جي پاليسي نتيجا ڏئي رهي هئي ۽ ۽ ليڊي هيلٿ وزيٽرز پنج دايون ۽ چالیهه معاون دايون تربيت وٺي نڪتيون. لوڪل باڊيز کي تربيت يافته ميٽرنٽي خدمتون مهيا ڪرڻ تي همٿائڻ لاءِ حڪومت پاران خرچ جي ٽئين حصي تائين گرانٽون ڏنيون ويون. تشهير لاءِ جيتوڻيڪ کو جدا ادارو نه آهي پر عوام کي پبلڪ هيلٿ بابت آگاهي ڏيڻ لاءِ هر ڪا ڪوشش ڪئي ٿي وئي. نمائشن ۽ شوز (Shows) ۾ پبلڪ هيلٿ جا اسٽال هنيا ويندا هئا. ڪراچي ۾ نيشنل انڊسٽريز فيئر ۾ پبلڪ هيلٿ جو هڪ اسٽال سيني جي ڏيان جو مرڪز رهيو."

ميڊيڪل ڊپارٽمينٽ جو به پبلڪ هيلٿ ڊپارٽمينٽ سان گهاٽو تعلق هو ۽ ان کي جڙ ۾ مڪمل ڪرڻ جو ڪردار ادا ٿي ڪيائين حڪومت سنڌ ميڊيڪوليگل ڪم تي اک رکڻ لاءِ ۽ ڊسپينسرين ۽ ضلعي اسپتالن جي انچارج ميڊيڪل آفيسر پاران غلط سرٽيفڪيٽ جاري ڪرڻ کي روڪڻ لاءِ ميڊيڪل ليگل سپروائيزري بورڊ قائم ڪيو. سنڌ حڪومت يوناني حڪيمن کي زرتلافي (Subsidy) ڏيڻ جي اسڪيم تي پڻ نظرثاني ڪئي ۽ 1955ع ۾ سنڌ جي مختلف ڳوٺن ۾ زرتلافي بنياد تي 50 حڪيم مقرر ڪيا ويا. سال دوران سوشل اپ لفٽ پروگرام تحت حيدرآباد ۾ نرسين، دائين ۽ معاون دائين جي تربيت لاءِ هڪ ادارو کوليو ويو. حڪومت شاگردن جي هاسٽل طور چرچ مشن بورڊنگ هائوس جي عمارت حاصل ڪئي. حڪومت ڪراچي ٽي. بي. اسپتال ۾ سنڌ حڪومت جي نامزد اميدوارن طور ايڪسري ليبارٽري ڪورس ۾ 12 اميدوارن جي سکيا جي منظوري ڏني. حيدرآباد ۾ هڪ ساز سامان سان ليس ۽ خود مختيار اکين جي اسپتال قائم ڪرڻ جي تجويز هئي. اها اسپتال اکين جي مرضن جي انهيءَ شعبي کان سواءِ جدا هوندي جيڪو اڳتي هلي لياقت ميڊيڪل ڪاليج حيدرآباد جي مستقل جاءِ تي ٺاهيو ويندو ۽ اهو 50 بسترن واري ڪلينيڪل هاسپيٽل جو حصو ٿيندو. اسپتالن ۾ ڊسپينسرين کي جديد ۽ اپ ٽو ڊيٽ اوزار مهيا ڪرڻ لاءِ حڪومت ايڪسري ۽ ليبارٽري جو ساز سامان خريد ڪرڻ لاءِ 253,000 رپين جا آردر ڏنا ۽ سترهن لک ٽي هزار رپين جون ايڪسري مشينون، فزيو ٿيراپي جو سامان، ليبارٽري جو سامان ۽ سرجيڪل اوزارن ۽ اسپتال جي فرنيچر جي خريداري جو معاملو زير غور هو. اپ لفٽ پروگرام هيٺ سنڌ جي اسپتالن ۽ ڊسپينسرين جي توسيع، بهتري ۽ نئين سر تنظيم جي هڪ اسڪيم هلي رهي هئي. انهي ۾ نواب شاهه، دادو ۽ ميرپورخاص جي سول اسپتالن جي عمارتن جي توسيع ۽ تزئين ۽ نئين ۾ هڪ سو بسترن جي گنجائش واري نئين سول اسپتال قائم ڪرڻ جون رٿائون شامل هيون. سنڌ ۾ طبي سهوليتن جي توسيع جي مٿين

اسڪيمن سان گڏوگڏ حڪومت لاڙڪاڻي سکر ۽ جيڪب آباد ۾ باترتيب 126,200 ۽ 100 بسترن جي گنجائش وارين نين سول اسپتالن جي عمارتن جي تعمير جي اسڪيم منظور ڪئي. انهن تي خرچ جو ڪاٿو 5,361,000 رپيا هو. سول اسپتال حيدرآباد ۾ بسترن جي گنجائش 132 مان وڌائي 500 ڪرڻ ۽ انهي لاءِ گهربل پيون ضروري توسيعون ڪرڻ جي به هڪ اسڪيم هئي جنهن تي خرچ جو ڪاٿو 20 لک رپيا هو.پنج سالا ترقياتي منصوبي 60-1955ع ۾ هيٺيان اسر رکيا ويا آهن: هر ضلعي ۾ هڪ ٽي. بي. اسپتال قائم ڪرڻ، حيدرآباد ۾ صوبائي اسٽورز ڊپو جو قيام ۽ نئين سر تنظيم، ضلعي هيڊ ڪوارٽر اسپتالن جي بهتري جيئن انهن ۾ اک، ڪن، نڪ، ڳلي، ڏندن، چمڙي جي بيمارين جي علاج جون سهوليتون ۽ ويم گائني ۽ ٻارن جي علاج جون سهوليتون دستياب ٿين، صوبي ۾ 64 نيون ڊسپينسريون کولڻ، اسپتالن جي عملي جو تعداد وڌائڻ، ملڪ ۾ ۽ ملڪ کان ٻاهر پوسٽ گريجوئيٽ ٽريننگ.

"ڪو آپريشن جي ميدان ۾ پڻ ڪجهه ترقي ٿي. سال 1955ع ۾ اهو ارادو ڪيو ويو هو ته ڪو آپريٽو سوسائٽين کي منظم ڪيو وڃي جيئن اهي صوبي ۾ سيڪنڊري تعليم جي ذميواري کڻن. هدف اهو رکيو ويو هو ته شروعاتي مرحلي ۾ صوبي ۾ هر هڪ ضلعي ۾ هڪ سوسائٽي هجي. هيستائين اهڙيون 5 سوسائٽيون رجسٽرڊ ٿي چڪيون آهن ۽ ٻين ضلعي وارن شهرن ۾ پڻ اهڙيون سوسائٽيون ٺاهڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن. ڪو آپريٽو بنيادن تي ڏهه ڪنزيومر اسٽورن کا گهٽي ڪارڪردگي نه ڏيکاري آهي جنهن جو مکيه سبب عوام جي جهالت ۽ بي لوث قيادت جي کوٽ آهي. سنڌ پراونشنل ڪو آپريٽو هول سيل سوسائٽي لميٽيڊ حيدرآباد جي نالي سان ڏهه لک رپين جي authorized capital سان ويجهڑائي ۾ هڪ صوبائي هول سيل سوسائٽي قائم ڪئي وئي آهي. انهي اقدام جي پٺيان اها سوچ هئي ته جيئن واهپي وارين شين جي سخت قلت کي منهن ڏئي سگهجي ۽ گهريلو ۽ ٻين صنعتن لاءِ خام مال مهيا ڪري سگهجي. صوبي ۾ صنعتون پڻ ڪو آپريٽو بنيادن تي قائم ڪيون پيون وڃن. صوبي جي ڪو آپريٽو تاريخ ۾ سنڌ انڊسٽريل ڪو آپريٽو ڪارپوريشن حيدرآباد جي تشڪيل هڪ اهم جدت آهي. پنجاهه لک رپين جي authorized capital سان شروع ڪيل اهو ادارو پنهنجي قسم جو هڪ نئون ادارو آهي. انهي جي پٺيان اها سوچ هئي ته ڪو آپريٽو بنيادن تي صنعتون قائم ڪيون وڃن ۽ انهن جي شروعات حيدرآباد جي سنڌ انڊسٽريل ٽريڊنگ اسٽيٽ ۾ ٽيڪسٽائيل ملون هٽڻ سان ڪئي وڃي. هن قسم جي ڪو آپريشن جي خاص ڳالهه سرمايي (capital) ۽ محنت (Labour) ۾ مفاد جي هم آهنگي آهي. انهي جي لاءِ هن جي آئين ۾ اهڙي شق رکي وئي آهي. سرمائيدار پنهنجي نفعي ۾ محنت ڪشن کي حصيدار بڻائين ٿا ۽ پنهنجي نفعي جو هڪ حصو ليبر ويلفيئر اسڪيمن تي خرچ ڪن ٿا. گهريلو صنعتن کي پڻ ڪو آپريٽو بنيادن تي هلائڻ تي ڏيان ڏنو پيو وڃي. ڪجهه اهم صنعتي ڪو آپريٽو سوسائٽيون هي آهن: سکر بلينڪيٽ پروڊيوسرز ڪو آپريٽو سوسائٽي، گلاس ڪاٽيج انڊسٽريل سوسائٽي لميٽيڊ حيدرآباد ۽ ويجهڑائي ۾ ٽيهن ڪان وڌيڪ ويورز (Weavers) ڪو آپريٽو سوسائٽيون قائم ڪيون ويون آهن جيئن صوبي ۾ آڏاڻي جي

صنعت کي هٿي وٺرائي سگهجي. هن صنعت لاءِ گهربل خام مال جي پوري مقدار ۾ سپلائي کي يقيني بنائڻ لاءِ ٽيهه لک رپين جو سوتي ڏاڳو هانگ کانگ ۽ اٽلي مان گهرايو ويو جيئن ڪورين (Weavers) ۾ ورهائي سگهجي. حڪومت پاران صوبي ۾ سيٽلائيٽ ٽائون قائم ڪرڻ جي فيصلي جي اعلان سان عوام پنهنجون گهرن جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ پاڻ ئي کو آپريٽو هائوسنگ سوسائٽيون ٺاهڻ شروع ڪيون. صوبي ۾ اهڙيون پندرهن سوسائٽيون رجسٽرڊ ٿي چڪيون آهن. انهن ايڏا ڪم ڪرڻ شروع نه ڪيو آهي جو حڪومت رپورٽ لکجڻ تائين انهن کي زمين جا پلاٽ الاٽ نه ڪيا هئا.

واپار ۽ صنعت جي حالتن ۾ بهتري لاءِ هيٺيان قدم کنيا ويا. سنڌ شاپس ائنڊ استيبلشمينٽس ائڪٽ 1940ع دڪانن، ڪاروباري ادارن ۽ عوامي تفريحي جاين تي ماڻهن جو احاطو ڪري ٿو انهيءَ ائڪٽ ۾ ڪم جي مقرر ڪلاڪن، ساهي جي وقفن، ڪم جي پڪيڙ ۽ مقرر وقت کان وڌيڪ ٽيل ڪم لاءِ شقون رکيل آهن. ڪارڪنن کي اوور ٽائيم لاءِ اجرت جي عام رواجي اڳهه کان سواڻ تي اڳهه ملندو آهي. ائڪٽ ۾ هفتيوار موڪل ۽ هڪ سال نوڪري تي 14 ڏينهن جي حقي موڪل (Privilege leave) جي به شق آهي. ٻارهن ورهين کان گهٽ عمر وارن ٻارن جي نوڪري تي پابندي آهي ۽ سترهن ورهين کان گهٽ عمر وارن فردن کي روزانو اٺن ڪلاڪن ۽ هفتيوار 42 ڪلاڪن لاءِ ڪم تي ٻيهاري سگهجي ٿو. ائڪٽ جي شقن کي لاڳو ڪرڻ لوڪل باڊي جي ذميواري آهي ۽ صوبائي حڪومت ڪمشنر آف ليبر جي ذريعي انهن لوڪل باڊيز جي ڪم تي نظرداري ڪندي آهي. ڪمشنر آف ليبر پنهنجي عهدي جي لحاظ کان (Ex_officio) سموري صوبي لاءِ چيف انسپيڪٽر آف شاپس ائنڊ استيبلشمينٽ طور ڪم ڪندو آهي. سن 1955ع ۾ هنن 15 لوڪل باڊيز ائڪٽ جي شقن کي لاڳو ڪرڻ جي ذميواري ڪنئي هئي: حيدرآباد، حيدرآباد جي ڇانوٽي وارو علاقو شڪارپور، جيڪب آباد، لاڙڪاڻو، شهدادپور، ڪوٽڙي، دادو، ميرپورخاص، ٽنڊو الهيار، ٽنڊو آدم، قمبر، نوابشاهه ۽ ٽنڊو. ٽريڊ يونين ائڪٽ سنه 1926ع کان هلي پيو. سن1955ع ۾ صوبي ۾ 12 ٽريڊ يونينون هيون. پر انهن مان فقط ڇهن 31 مارچ 1953ع تي ختم ٿيندڙ سال لاءِ سالياني رپورٽون موڪليون. انهن مان خبر پئي ٿي ته سال جي پڇاڻي تي ميمبرن جو جملي تعداد 1585 هو جنهن مان 101 عورتون هيون. انڊسٽريل ايمپلائيمينٽ آرڊرس ائڪٽ 1946ع هيٺ هڪ سو يا ان کان وڌيڪ ملازم رکندڙ ڪنهن به صنعتي اداري لاءِ ضروري هو ته نوڪري جا شرط ڪولي ٻڌائي ۽ اتي ڪم ڪندڙ ملازمن کي به اهي شرط ٻڌائي ۽ ڳڏوگڏ اهو به واضح ڪري ته ڪم ڪهڙي قسم جو هوندو ملازمن جي درجي بندي ڪيئن ٿيندي، شفٽن ۾ ڪم ڪيئن ٿيندو ۽ حاضري، نوڪري تان معطلي، برطرفي ۽ برخواستگي ڪهڙن شرطن تحت ٿيندي. حڪومت Model Standing orders ناهي ڇڏيا آهن ۽ هر اداري جا استينڊنگ آرڊرس جيترو ٿي سگهي انهن ماڊل استينڊنگ آرڊرس جي موافق هئڻ گهرجن. ادارن جا مالڪ اهڙا استينڊنگ آرڊرس ناهي انهن تي سرٽيفڪيٽ ونڻ کان اڳ اهي ملازمن جي نمائندن کي ڏيکارين ۽ انهن کان انهن بابت رايا ونن. سن 1955ع ۾ سنڌ ۾ 84 صنعتي ادارا ائڪٽ هيٺ آيا ٿي انهن

مان 13 دائمي ۽ باقي 71 موسمي هئا. اهڙن موسمي ادارن ۾ ڪاٽن جننگ ۽ پريسنگ فيڪٽريون اچي ٿي ويون، جيڪي سال ۾ تقريباً چئن کان ڇهن مهينن تائين ڪم ڪنديون هيون. ايڪٽ هيٺ ايندڙ ملازمن جو جملي تعداد 19000 هو جن مان 3000 مستقل بنياد تي ڪم ڪندا هئا ۽ ٻيا يا ته عارضي متبادل هئا يا سيڪڙات هئا. ففٿ اينيوئل ڪانفرنس آف دي ويسٽ پاڪستان فيڊريشن آف ليبر 25 کان 27 ڊسمبر 1953ع تائين سکر ۾ منعقد ٿي. سموري پاڪستان جي ٽريڊ يونينن ڪانفرس جي ڪاروائي ۾ شرڪت لاءِ وڏي انگ ۾ نمائندا موڪليا. حڪومت پاڪستان ملازمن سان سٿي سلوڪ جي پنهنجي پاليسي جي پوئواري ڪندي انٽرنيشنل ليبر آفيس مان ماهرن جي ٽيم گهرائي جيئن اها پاڪستان ۾ محنت ڪشن جي مسئلن جو سروي ڪري. انهن ماهرن محنت ڪشن جي ڪم ڪار ۽ رهائش جي حالتن بابت پڪي پختي ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ مختلف صنعتي مرڪزن جا دورا ڪيا. حڪومت پاڪستان محنت ڪشن متعلق انتظام ڪاري جو معيار بهتر بنائڻ لاءِ انٽرنيشنل ليبر آفيس جي ماهرن جي مدد سان محنت ڪشن جي معاملن متعلق ڇهه ماهي ڪلاس هلرايا. سنڌ حڪومت انهي موقعي مان مڪمل فائدو ورتو ۽ پنهنجا ٻه ماڻهو سڪيا لاءِ موڪليا. ٻنهي ماڻهن سڪيا جي تڪميل تي ٽيل متحان ۾ سيڪنڈ ڪلاس حاصل ڪيو. انهن ماڻهن مان هڪ ڪي محنت ڪشن جي معاملن بابت وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪولمبو پلان تحت برطانيا موڪليو ويو آهي. حڪومت، عوام ۽ سرڪاري مشينري ۾ ويجهو تعلق قائم ڪرڻ لاءِ صوبي جي مختلف ضلعن ۾ محنت ڪشن لاءِ ڊسٽرڪٽ ايڊوائيزري بورڊ قائم ڪيا. ڪليڪٽر انهي بورڊ جو چيئرمئن هوندو آهي. ٻين ميمبرن ۾ ڪمشنر آف ليبريا ان جو نمائندو ۽ حڪومت طرفان نامزد ٽيل غير سرڪاري ميمبر هوندا آهن. بورڊ جو ڪم اهو آهي ته عام لاڳو ٽيندڙ مسئلن تي بحث ڪري ۽ محنت ڪشن جي فلاح بهبود بابت حڪومت کي صلاح مشورا ڏئي. محنت ڪشن جي مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪنهن قسم جي فيلڊ اسٽاف جي ضرورت محسوس ڪندي حڪومت ليبر آفيسر جو عهدو منظور ڪيو آهي ۽ اڳتي هلي اهڙو ٻيو عهدو پيدا ڪرڻ جي پڻ تجويز آهي. انهي کان سواءِ ليبر ويلفيئر سينٽرن جي مسئي تي ڏيان ڏنو ويو. حڪومت سنڌ ڪينٽين جا قاعدا قانون پڻ تشڪيل ڏنا جن مطابق 250 يا ان کان وڌيڪ ملازم رکندڙ ادارن لاءِ ملازمن لاءِ ڪينٽين جي سهوليت ڏيڻ لازمي آهي. اهي ڪينٽينون مالڪن ۽ ملازمن جي گڏيل بندوبست تحت هلڻيون آهن. ڪينٽين جي عمارت ۾ صفائي ستڪائي جي حالت، اتي ڪم ايندڙ ساماڻ ۽ ڪاٽن جا ضروري رجسٽر رکڻ بابت به قاعدا قانون موجود آهن. اهي رجسٹر حڪومت پاران انهي ڪم لاءِ مقرر ڪيل آفيسرن پاران چيڪ ڪيا ويندا.

1953ع جو انقلاب

آڪٽوبر 1958ع جي انقلاب پاڪستان قائم ٿيڻ کان وٺي ملندڙ پارليماني ادارن کي ختم ڪري ڇڏيو. انهيءَ تبديلي کي سمجهڻ لاءِ [illegible] پاڪستان ۾ پارليماني ادارن جي [illegible]

ملڪ جي صحيح ترقي جي راهه ۾ رڪاوٽ ٿي پئي ۽ ان جي شهرين جي تحفظ ۾ رخنو ٿي پيو. نئين صدر جنرل محمد ايوب خان جي سربراهي ۾ حڪومت اهڙيون تبديليون آڻڻ شروع ڪيون جيڪي پارليماني آئين تحت عمل ۾ نه اچي سگهن ها. هن گزيٽيئر جي لينڊ روينيو واري باب ۾ بيان ٿي چڪو آهي ته سنڌ حڪومت اولهه پاڪستان ۾ ضم ٿيڻ کان ٿورو وقت اڳ سنڌ ۾ جاگيرداري نظام ختم ڪرڻ جو قرارداد پاس ڪيو هو. پر انهي تي عملدرآمد نه ٿي سگهيو چاڪاڻ ته ان جي جواز ۽ معقوليت (Validity) کي عدالتن ۾ چيلينج ڪيو ويو. اهڙا اعتراض نئين حڪومت پاران منسوخ ڪيل آئين تحت ٺهيل ڪوڙي سگهن ها پر اهي بدليل حالتن ۾ بي وزنا ثابت ٿيا جو نئين حڪومت عوامي رضامندي سان اهڙي حيثيت ۾ هئي جو اها اهڙيون تبديليون به آڻي سگهي پئي جن کي انقلابي کانسواءِ ڪوبه نالو نه ٿو ڏئي سگهجي. سنڌ حڪومت پاران 1955ع ۾ جاگيرداري نظام ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪرڻ کان اڳ جيڪي دليل هٿ اهي به انهي سوچ جي حق ۾ هٿا ته لئنڈ روينيو جي سموري نظام کي مڪمل طور نئين سر ترتيب ڏنو ويڃي. انهي ۾ جيڪي جاگيرداري نوعيت جا عنصر آهن انهن کي مڪمل طور ختم ڪيو ويڃي ۽ دستياب زمين اها ڪيڙبندڙ هارين ۾ بهتر انداز ۾ ورهائي ويڃي. صدر محمد ايوب خان جي حڪومت ڪجهه ئي هفتن ۾ سموري ملڪ جو قانون تبديل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي. انهن تبديلين جي نوعيت در حقيقت پاڪستان جي پنج سالا منصوبي ۾ لئنڈ رفارمس لاءِ ڪيل سفارشن ۾ اصلاح جي هئي. انهي منصوبي ۾ انهن ڳالهين جي چٽي ريت وضاحت ٿيل هئي ته لئنڈ روينيو نظام کي ڪهڙي ريت نئين سر ترتيب ڏنو ويڃي. نئين حڪومت پاران 1958ع ۾ جاري ڪيل لئنڈ رفارمس برصغير ۾ آيل تمام انقلابي قانوني تبديلي جي حيثيت رکن ٿا. پر اڪثر ماڻهن جي، ويندي پارليماني حڪومت جي ڏينهن ۾ پڙهه اها راءِ هوندي هئي ته هاڻي وقت اچي ويو هو جو سپني لاءِ برابر موقعا فراهم ڪيا ويڃن. ويهين صديءَ جي پنجاهه واري ڏهاڪي ۾ راءِ عامه جو جهڪاءُ ان طرف ٿي ويو هو ته هاڻي وقت اچي ويو هو جو جاگيرداري نظام جي انهن ڳالهين کي ختم ڪري ڇڏجي جيڪي سماجي انصاف جي موجوده نظرين سان ٽڪراءَ ۾ هجن. جيستائين سنڌ ۽ خيرپور جو تعلق آهي ته انهن ۾ فقط زمين جي مالڪي جو سوال نه هو پر انهي سان گڏوگڏ اتي زمين جي مالڪي تي قبيلائي سردارن جي حاڪميت جي تسلسل جو پڙ مسئلو هو. سنڌ ۾ جاگيرداري نظام جا بنياد ۽ طرفا هئا: هڪ ته زمين جي مالڪي ۽ زمين تي بنياد رکندڙ قبيلائي سرداري. اها ڳالهه به مدنظر رکڻ اهم آهي ته نئين حڪومت جي فرمان ۾ زميندار ۽ هاري جي لاڳاپن کي ختم ڪرڻ تي غور نه ڪيو ويو هو چاڪاڻ ته اها ڳالهه تسليم ٿيل هئي ته زميندار هاري جي لاڳاپن ۾ جيڪڏهن ڪجهه خرابين کي ختم ڪيو ويڃي ته انهي نظام ۾ ڪيتريون ئي چڱايون موجود هيون.

لئنڈ رفارمز

60_1955ع جي پنج سالا منصوبي ۾ چيو ويو آهي ته لئنڈ رفارمز جو مسئلو قوم کي درپيش اهڙي سپ کان اهم ۽ فوري مسئلن مان هڪ هو جن کي آزادي حاصل ڪرڻ کان پوءِ ملڪ کي حل ڪرڻو هو.

اولهه پاڪستان ۾ مسلم ليگ اگريرين (Agrarian) رفارمز ڪميٽي 1949ع ۾ ٿور مدتي ۽ طويل مدتي اپائن جو هڪ سلسلو تجويز ڪيو هو. ٿور مدتي تجويزن ۾ قبضن ۽ جاگيرن کي ختم ڪرڻ هارين کي زمين جي ڪيڙي بابت تحفظ ڏيڻ، هارين پاران ڏني ويندڙ مسواڙ گهٽائڻ ۽ انهن تي زميندارن پاران لاڳو غير قانوني اوگاڙيون ختم ڪرڻ هو. وڏي مدي وارين تجويزن ۾ زميندارن جي مالڪيءَ تي حد مقرر ڪئي وئي گڏوگڏ انهن لاءِ معاوضا تجويز ڪيا ويا ۽ اهڙي طرح جيڪا زمين واڪزار ٿئي اها زمين ڪيڙيندڙ هارين ۾ ورهائي وڃي. سنڌ ۾ ٽيننسي لاز ڪميٽي 1945ع ۾ رپورٽ پيش ڪئي ۽ انهي جي پٽيان 1948ع ۾ هاري ڪميٽي رپورٽ ڏني. اهو دور ڪيترين ئي انڪوائريز جي لحاظ کان اهميت رکي ٿو جو انهن مان اهو ثبوت ملي ٿو ته آزادي حاصل ڪرڻ کان پوءِ عوام ۾ بهتر زندگي گذارڻ جي اميد پيدا ٿي هئي. سنڌ ۾ زمين جي ورهاست هڪ ڪري نه هئي: جملي مالڪي هيٺ آيل زمين جو 30 سيڪڙو مجموعي مالڪن جي تعداد جي هڪ سيڪڙي وٽ هو جن مان هر هڪ وٽ 500 ايڪڙن کان وڌيڪ زمين هئي. ان جي برخلاف جملي مالڪن جي 60 سيڪڙي مان هر هڪ وٽ 1.5 ايڪڙن کان به گهٽ زمين هئي ۽ انهن جي زمين مجموعي ايراضي جو فقط 12 سيڪڙو هئي. جملي زمين جو 80 سيڪڙو هاري آباد ڪندا هئا جن جي لاءِ انگريزي ۾ لفظ tenants at will ڪتب ايندو هو. ٽيننسي لاز ڪميٽي جنهن 1945ع ۾ پنهنجي رپورٽ ڏني انهي هن ڳالهه جي حمايت ڪئي ته هاريءَ جي حيثيت سان قبضي جا حق انهن هارين کي ڏنا ويڃن جن زمين جا گهٽ ۾ گهٽ 4 ايڪڙ لڳاتار 8 ورهين تائين هڪ ئي زميندار وٽ آباد ڪيا هجن. جن هارين کي اهڙي طرح حق ملندا انهن کان زمين خالي نه ڪرائي سگهبي سواءِ انهي جي جو اهي اها زمين خود آباد نه ڪن. سڀي نموني آباد نه ڪن يا مڪمل طور آباد نه ڪن يا ٻني جي هڪ ميل جي اندر ڪنهن تسليم ٿيل ڳوٺ ۾ رهن يا زمين جي مسواڙ نه ڏين يا ڪجهه ڏوهن ۾ سزا اچي ويجين. انهي رپورٽ تي ڪوبه قدم نه ڪنيو ويو.

هڪ ٻي ڪميٽي مارچ 1947ع ۾ هاري ڪميٽي جي نالي سان هڪ مقامي زميندار سر راجر ٽامس جي چيئرمينيءَ هيٺ مقرر ڪئي وئي. جنهن جنوري 1948ع ۾ پنهنجي رپورٽ پيش ڪئي. انهي ڪميٽي کي ڏنل ٽرمس آف ريفرنس ۾ اها ڳالهه شامل هئي ته اها اهڙا سڌارا تجويز ڪري جيڪي ڳوٺاڻي اقتصاديات ۾ خلل وجهڻ کان سواءِ عمل هيٺ اچي سگهن. ڪميٽي پنهنجي رپورٽ ۾ اها ڳالهه تسليم ڪئي ته هاريءَ جيتوڻيڪ ڏکي زندگي گذاري ٿي پر انهن جي خيال ۾ سندس ڏکن ڏاکڙن جو سبب اهي قدرتي ڳالهيون هيون جن تي ڪنهن جو بس نه ٿي هليو يا ته انهن جو سبب سرڪار جي بي ڌياني هئي يا ته سندس پنهنجيون بي ايماني ۽ ڪوتاهه انديشي واريون عادتون هيون. رپورٽ ۾ زميندار کي هاري جي بهترين دوست ۽ پيار ڪندڙ ماءُ پيءُ جي صورت ۾ پيش ڪيو ويو آهي جيڪي سندس مدد ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار رهن ٿا. پنج ساله منصوبي ۾ چيل آهي ته صورتحال جو اهڙو تجزيو قابل قبول نه آهي. ڪميٽي جي هڪ ميمبر مسٽر ايم. مسعود C.S.P پنهنجي اختلافي نوٽ ۾ انهيءَ راءِ کي چيلينج ڪيو ۽ انهي چيلينج جي غير جانبدار ماڻهن حمايت ڪئي. بهرحال ڪميٽي جي اها راءِ هئي ته حڪومت کي ڪنهن ٽيننسي

رائيٽس ائڪٽ ذريعي قانون سازي ڪرڻ گهرجي جيئن اها فصلن جي بٽئي بابت ڪي قاعدا جوڙي سگهي ۽ هارين کي حق ڏئي سگهي. سن 1950ع ۾ سنڌ ٽيننسي ائڪٽ 1950ع پاس ڪيو ويو. جنهن ۾ وقت بوقت ترميمون ٽيندين رهيون. جيڪو هارين کان غير قانوني نموني ٽيندڙ اوڳاڙين، چٽين ۽ مسواڻن کي ختم ڪري ٿو ۽ جن هارين هڪ ئي زميندار وٽ گهٽ ۾ گهٽ ٽي ورهيه لڳاتار گهٽ ۾ گهٽ چار ايڪڙ زمين آباد ڪئي هجي، انهن کي دائمي حق ڏئي ٿو. هاري جتي زمين جو ساڻيو ٽڪر ٽن ورهين تائين آباد ڪيو آهي ته کيس ان خاص ٽڪر تي دائمي حق ۽ هارپي جا حق حاصل ٿي وڃن ٿا پر جيڪڏهن هن ساڻئي زميندار وٽ زمين جا مختلف ٽڪر آباد ڪيا آهن ته کيس اهو حق حاصل ٿي وڃي ٿو ته جيتري زمين کي خانداني زمين چئي سگهجي اوتري آباد ڪندو رهي. دائمي آبادگارن کانسواءِ ٻيا سڀ زمين آباد ڪندڙ هاري ليکيا ويندا. ايڪٽ مطابق انهن کي فصل جي پچاڻي کان اڳ زمين تان اٺاري نه ٿو سگهجي. فصل جي پچاڻي جي ڪا تاريخ مقرر ڪري سگهجي ٿي. منصوبي ۾ اهو به چيل آهي ته انهي ڳالهه جي به ڪا خاطري نه آهي ته ايڪٽ ۾ تحفظ مليل هاري (Protected tenant) کي به ڪو چڱو خاصو بچاءُ مليل آهي يا نه. سنڌ جي هڪ اڳوڻي وزير سان هيءَ ڳالهه منسوب آهي ته هن چيو هو ته ڪو به زميندار ڪنهن به هاري کي زمين جو ڪو خاص ٽڪرو لاڳيتو ٻن ورهين کان وڌيڪ آباد ڪرڻ نه ڏيندو چاڪاڻ ته انهي سان هاري کي هارپي جا دائمي حق ملي ويندا. وڌيڪ اهو ته اهي چند هاري جن کي اهڙا حق ملي ويندا آهن اهي به پنهنجي اڻ ڄاڻائي، بي خبري ۽ زميندار جي سياسي ۽ سماجي اثر رسوخ جي موجودگي ۾ اهڙن حقن مان فائدو نه وٺي سگهندا. هاري ڪميٽي انهي خطري کي تسليم ڪيو آهي ۽ انهي جي سرمالڪ ڊارلنگ به توثيق ڪئي آهي. هن ويجهڙائي ۾ پاڪستان ۾ زرعي محنت ڪشن جي حالتن بابت هڪ انڪوائري ڪئي هئي. هن پنهنجي رپورٽ ۾ لکيو: "پهرئين ڳالهه ته هاري ايترو ته بيوس آهي جو هو انهي ائڪٽ مان ڪو فائدو حاصل نه ٿو ڪري سگهي وري اڪثر حالتن ۾ ته هن کي پنهنجي بي علمي سبب انهي بابت ڪڏهن ڪا خبر ئي نه پوندي آهي." هن وڌيڪ چيو: "رسمي طور زمين تان اٺارڻ ضروري ڪونهي، ڪوبه زميندار ڪنهن هاري لاءِ حالتون ايتريون مشڪل ڪري سگهي ٿو جو هو پنهنجي مرضي سان زمين تان اٿي ويندو. ڪو بچڙو زميندار انهي اٽڪل تي ئي هر ڪجي پوندو. هڪ ڪليڪٽر چيو ته اٽپوري يا غلطين تي ٻڌل روينيو رڪارڊ سبب انهي ڳالهه جو فيصلو ڪرڻ مشڪل هوندو آهي ته ڪڏهن ٽن ورهين ۾ زمين ڪنهن ٻئي آباد ڪئي. حقن جي رڪارڊ ۾ هارين جا نالا نه ڏيکاريا ويندا آهن. انهي جو سبب بظاهر شايد اهو آهي ته ڪوبه تپيدار لکت ۾ درخواست ڪانسواءِ دائمي هاري طور ڪنهن جو به نالا داخل نه ڪندو آهي." آخري ڳالهه اها ته هڪ کان وڌيڪ اختيارن مطابق ايجا به هڪ کان وڌيڪ قانوني اوڳاڙيون ٿي رهيون آهن. اهڙي طرح صورتحال قانون سازي کان اڳ واري حالت کان مشڪل سان ئي ڪجهه بهتر ٿي هوندي. سن 1954ع ۾ تڏهوڪي سنڌ حڪومت جاگير حق منسوخ ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا پر انهن کي ڪورٽ ۾ چيلينج ڪيو ويو ۽ اهي ڪڏهن لاڳو ئي نه ٿيا. پنج سالا منصوبي ۾ لکيل آهي ته تازو آيل آئيني

تبديلين- جن جي نتيجي ۾ ملڪ جي اولهائين حصي جا مختلف صوبا ۽ رياستون هڪ "يونٽ ۾ ضم ٿي ويا آهن- هڪ بهترين موقعو فراهم ڪري ڏنو آهي جنهن جي مدد سان هن علاقي ۾ هاڻي جي مختلف قانونن کي هڪ بنياد تي ٻيهاري سگهجي ٿو ۽ هڪ جهڙي قانونسازي ڪري سگهجي ٿي. هن انتظامي تبديلي ملڪ ۾ نيون اميدون پيدا ڪري ڇڏيون آهن جن ۾ لئنڈ رفارمز بابت اميدون پڻ شامل آهن.

سنڌ ائگريڪلچرل ڪميشن پاران 1955ع ۾ ڏنل پنهنجي رپورٽ مطابق زمين جي مالڪي بابت صورتحال اها هئي جو 3283634 ماڻهن جي جملي زرعي آدمشماري منجهان 495606 ماڻهن وٽ 19.2 سيڪڙو زمين هئي يعني 1,11,00,000 ايڪڙ زمين مان 2130280 ايڪڙ زمين جو باقي 80.8 سيڪڙو يعني 9899553 ايڪڙ زمين جي مالڪ 25 سيڪڙو يعني 198556 ماڻهن وٽ هئي. بي زمين زراعت پيشه ماڻهو جملي زرعي آبادي جو 7.9 سيڪڙو يعني 2588905 ماڻهو هئا. وڏيڪ اهو ته 954237 ايڪڙ جاگيردارن جي قبضي ۾ هئي جنهن تي آبپاشي وارن علاقن ۾ ڊل جو فقط اڌ ڏنو ويندو هو. تنهنڪري سنڌ حڪومت 1955ع ۾ قانوني ۽ انتظامي اداري طور وجود وجائڻ کان اڳ معاوضا ڏئي جاگيرداري ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪري پاڻ کي مستقبل ۾ ٽيندڙ ترقي جو پيشوا ثابت ڪيو هو. جيئن مٿي بيان ٿي چڪو آهي سنڌ حڪومت جو فرمان لاڳو نه ٿي سگهيو ۽ شايد ته جيستائين پارليماني نموني جي حڪومت رهي ها تيستائين عمل هيٺ نه اچي سگهي ها. بهرحال جيڪڏهن گذريل سنڌ حڪومت اهو سمجهيو پئي ته اها هڪ نئون ورق ورائي رهي هئي ۽ اها جيڪڏهن انهي وقت اهڙي سوچ رکندي غلط فهميءَ ۾ هئي ته هاڻي انقلابي تبديلي جي ڪتاب جو مهاڳ لکي داد حاصل ڪري سگهي ٿي.

سنڌ حڪومت پاران جاگيرداري جي منسوخي

سنڌ حڪومت جي 1955ع واري فيصلي کي تاريخي اهميت وارو واقعو سمجهي سگهجي ٿو. انهي فرمان جا ڪجهه حصا بجا طور هن گزيٽيئر ۾ جاءِ ونڊي سگهن ٿا. جنهن ڏينهن اهو فرمان جاري ٿيو انهي ڏينهن سنڌ جي ريونيو واري وزير پير علي محمد راشدي پنهنجي هڪ نشري تقرير ۾ چيو: "آءُ اڄ توهان کي هڪ تمام اهم خبر ٻڌائڻ گهران ٿو. سنڌ ڪابينا پنهنجي اڄوڪي ڪڇاڻي ۾ آخرڪار سنڌ مان جاگيرداري ختم ڪرڻ جو تاريخي فيصلو ڪيو آهي." سنڌ جي گذريل ارڙهن يا اوٽيهن وزارتن لاءِ جيڪو ڪم سرانجام ڏيڻ ممڪن نه هو اهو اڄ الله جي مهرباني سان سرانجام ڏجي ويو آهي. اڄ جي ڪابينا جي گڏجاڻي جي صدارت منهنجي ليڈر ۽ وزيراعليٰ مسٽر ايم. اي کهڙي ڪئي ۽ انهن ۾ سندس رفيق آءُ ۽ حاجي مولا بخش سومرو شريڪ ٿياسين. اسان جڏهن گذريل نومبر ۾ واڳون سنڀاليون هيون ته اسان واعدو ڪيو هيو ته اسين جاگيرداري ختم ڪنداسين ۽ انهي برائي کي هميشه لاءِ ختم ڪري ڇڏينداسين. اڄ اسان اهو واعدو پاڻي ڇڏيو آهي. اڄ کان پوءِ سنڌ جي مالڪي هيٺ آيل زمين جي ڏهين پٽي دائمي طور جاگيرداري جي مرض کان آجي ٿي ويندي"

سنڌ حڪومت جو فيصلو هنن لفظن ۾ رڪارڊ ٿيل آهي جنهن مان هڪ ٽڪرو هت ڏجي ٿو. "سنڌ حڪومت ڪيترن ورهين کان جاگيرون ختم ڪرڻ جي مسئلي تي سوچ ويچار ڪري رهي هئي. سڀ کان اڳ جاگيرون جن سندن ذريعي عطا ڪيون ويون هيون. انهن جي جائزي توڙي گذريل حڪمرانن پاران انهن سندن جي توثيق ۽ پڙ ڪيس جي قانوني رخن جي بغور جائزي وٺڻ کان پوءِ اها ڳالهه بغير ڪنهن شڪ جي ثابت ٿي وڃي ته سنڌ حڪومت کي جاگيرن جا حق موقوف ڪرڻ جي اهليت آهي. اها ڳالهه مشاهدي ۾ آئي آهي ته برطانوي حڪومت سنڌ جي فتح وقت اٺڙيون ڪيتريون ئي جاگيرون منسوخ ڪري ڇڏيون هيون ۽ ڪي نيون جاگيرون پيدا ڪرڻ سان گڏوگڏ گذريل حڪومتن دوران عطا ٿيل ڪجهه جاگيرن جي توثيق ڪئي هئي. پر اڪثر جاگيرن جي جاري رهڻ جو دارومدار انهن جاگيردارن ۽ انهن جي اولاد جي وفاداري ۽ سٺي چال چلت تي رکيو هو. برطانوي حڪومت ختم ٿي وڃڻ سان جاگيرون هڪ تاريخي ڏکوسلو ٿي ويون آهن. اها ڳالهه هڪ آزاد رياست جي قوت ۽ طاقت ۽ وقار سان ڪڏهن به ٺهڪي نه ٿي اچي ۽ اها ڳالهه خود جاگيردارن جي حب الوطني ۽ عزت نفس تي هڪ وڏو داغ آهي ته هن دور ۾ هڪ اهڙو نظام جاري رکجي جنهن جو ڪهڙي به لحاظ کان مطلب اهو ٿو نڪري ته رياست کي مادي ادائيگيون ڪري پنهنجن شهرين جي هڪ ننڍي حصي جي وفاداري خريد ڪري. تهنڪري سنڌ جي حڪومت سنڌ جي روينيو ڪمشنر کي اها هدايت ڏيندي خوشي ٿي محسوس ڪري ته صوبي ۾ انهن سڀني ماڻهن ڏانهن نوٽيس جاري ڪيا وڃن جن جو نالو رڪارڊن ۾ جاگيردار طور داخل آهي ۽ 8 فيبروري 1955ع کان انهن جون اهي سندون منسوخ ڪيون وڃن جن تحت انهن کي اهي جاگيرون عطا ڪيون ويون هيون. اهي نوٽيس جاري ٿيڻ سان حڪومت انهن سڀني زمينن تان مڪمل ڌل وصول ڪندي ساڻئي وقت پر عارضي طور انهن سڀني زمينن کي انڪوائري مڪمل ٿيڻ تائين حقن جي رڪارڊ ۾ ائين لکيو وڃي ته اهي لئنڊ روينيو ڪوڊ تحت Ordinary occupancy tenure تي آهن ۽ انهن تي ڌل جي چالو اڳهه مطابق ادائيگي ٿيندي. جاگيري زمينن تي مالڪيءَ جا حق اڳتي هلي حقن جي رڪارڊ ۾ انهن ماڻهن جي نالي تي لکيا ويندا جن کي مناسب انڪوائري کان پوءِ اهڙين زمينن تي زميندراري حقن جو مستحق ڏٺو ويندو.

روينيو ڪمشنر انهي ڳالهه جي به خاطري ڪندو ته ساڻئي وقت موروثي يا ٻين سڀني هارين جا نالا روينيو ڪاتي پاران جاري ٿيل حڪمن مطابق مقرر ٿيل طريقه ڪار مطابق فيلڊ بڪس ۾ درج ٿين. جيڪڏهن جاگيردار يا انهن جا مٽ مائٽ يا انهن تي دارومدار رکندڙ فردن وٽ گذران جو ٻيو ڪو وسيلو نه بچيو آهي يا اهي بيمار يا معذور ٿي ويا آهن يا جاگيردار تي دارومدار رکندڙ عورتون باقي بچيون آهن ته سرڪار انهن جو اهو حق محفوظ رکي ٿي ته انهن جي گذر سفر لاءِ انهن کي صوبي جي آمدني مان ڪو واجبي روڪ وظيفو ڏئي.

نئين حڪومت پاران اقتدار ۾ اچڻ کان فوراً پوءِ لينڊ رفارمز پروگرام ۾ ڪيترائي اسر شامل ڪيا ويا. انهن ۾ هي نقطا شامل هئا: جاگيرداري جي منسوخي. مالڪي تي حدون مقرر ڪرڻ. مالڪيءَ هيٺ

زمين کي ٽڪرا ٿيڻ کان بچائڻ، مالڪي ۾ آيل زمينن جي اقتصادي سائيز جو تعين ڪرڻ، مالڪي ۾آيل موجوده زمينن کي مضبوط ڪرڻ، هارين کي مڪمل حق عطا ڪرڻ ۽ اهڙيون قانوني شقون رکڻ جن تحت هاري ڪجهه مقرر وقت کان پوءِ پنهنجين زمينن جا مالڪ ٿي سگهن. پاڪستان جي صدر جنرل محمد ايوب خان 26 جنوري 1959ع تي ريڊيو پاڪستان تان نشر ٿيل هڪ تقرير ۾ اولهه پاڪستان ۾ لئنڊ رفارمز جي دائري جو اعلان ڪيو. هن پنهنجو اعلان ڪندي چيو: "لئنڊ رفارمز ڪميشن مقرر ڪرڻ پٺيان منهنجو مقصد اهو آهي ته جيئن حڪومت ڪا اهڙي معقول لئنڊ ٽينيوئر (Tenure) پاليسي ٺاهي سگهي جيڪا هڪ پاسي سماجي حيثيت ۽ برابر موقعن جي سماجي ضرورت جو پورائو ڪري سگهي ۽ ٻئي طرف زرعي پيداوار وڌائڻ جي اقتصادي ضرورت جو پورائو ڪري جيئن زمين مان آيل اپت جي وڌيڪ برابري واري ورهاست جي ذريعي ڳوٺاڻن ماڻهن جي زندگي جي معيار ۾ بهتري آڻي سگهجي." صدر چيو "ڪميشن جن نتيجن تي پهتي آهي ان مان مڪيه هي آهن ته ڳوٺن جي آدمشماري جي نسبت سان زمين محدود اقتصادي موقعا فراهم ڪري ٿي. زمين جي مالڪي پڻ ڪيترن علاقن ۾ يڪسان نه آهي. زراعت کان سواءِ مستقل موقعا نسبتاً گهٽ آهن ۽ زمين تي ڌاءُ وڌندو پيو وڃي. وري وراثت جا قانون به مسئلو آهن جن جي نتيجي ۾ زمين اقتصادي طور غير نفعي بخش ٽڪرن ۾ ورهائجي وڃي ٿي. ضروري انفرادي قوت دستياب هڻڻ جي باوجود وڏيون زميندارين پروان نه ٿيون چڙهن ۽ آباد ٿي سگهندڙ زمين جو ڇڪو وڏو حصو پنهنجي پوري گنجائش مطابق ڪتب ۾ نه ٿو آڻي سگهي. جيئن ته زمين جي محدود دستيابي سبب موقعا ٿورا آهن تنهنڪري انفرادي قوت به مڪمل طور ڪم نه ٿي آڻي. هاري زمين تي عام طور غير محفوظ هوندا آهن ۽ انهن کي پنهنجي محنت جي تناسب سان صلي کان محروم رکيو ويندو آهي. تنهنڪري اڳتي وڌي ڪجهه ڪرڻ جو حوصلو ناپيد هوندو آهي ۽ زراعت ۾ پيداواري سرمائيڪاري گهٽ ٿئي ٿي. جيئن ته زمين جي وڏن ٽڪرن تي مالڪي جي سبب خاص رعب تاب ملي ٿو تنهنڪري سياسي طاقت به چند مراعات يافتا ماڻهن جي هٿن ۾ مرتڪز رهي ٿي. طاقت جي اهڙي ارتڪاز جي سماجي نتيجن کي ڇڏي به انهي سان سياسي حقن جي آزادي سان استعمال ۾ رڪاوٽ پوي ٿي ۽ آزاد سياسي ادارن جي واڌ ويجهه جو دڳ بند ٿئي ٿو. ڪميشن انهن خامين کي دور ڪرڻ لاءِ لئنڊ رفارمز جي محدود پروگرام ۾ رهندي کي خاص اپاءَ تجويز ڪيا آهن. منهنجي حڪومت ڪميشن جي تجويز تي ڏاڍي ڌيان سان غور فڪر ڪيو آهي ۽ ڪيترائي فيصلا ڪيا آهن. اهي هي آهن: پهريون ڪنهن به شخص جي مالڪي ۾ آبپاشي وارن 500 ايڪڙن ۽ غير آبپاشي وارن 1000 ايڪڙن کان وڌيڪ زمين نه هوندي البت موجوده زمين جي مالڪن کي اهڙي اجازت ڏني ويندي ته هو ايتري واڌو زمين به پاڻ وٽ رکي سگهن جنهن جا اهي تڏهن حقدار هجن ها جڏهن مالڪي جي حد 36000 پروپيوس انڊيڪس يونٽن جي مساوي هجي ها. اهي باغن واري زمين جا واڌو 150 ايڪڙن تائين پاڻ وٽ رکي سگهيا ٿي ۽ محدود ايراضي تحفي طور پنهنجن وارثن ڏانهن منتقل ڪري سگهيا ٿي.

ٻي ڳالهه اها ته اهڙي طرح مقرر ٿيل مٿاهين حد کان وڌيڪ زمين حڪومت پنهنجي قبضي ۾ وٺندي ۽ هارين يا ٻين حقدار ماڻهن ۾ ورهائيندي موجوده هارين جي لڌ پلاڻ ۽ پيداوار ۾ رندڪ پوڻ کان بچڻ لاءِ اهو قدم کنيو ويندو جو جيڪي هاري سرڪاري ملڪيت ۾ ورتل زمين اڳيئي آباد ڪري رهيا هوندا انهنکي اختيار ڏنو ويندو ته اهي اها زمين 25 ورهين تي ٻڌل قسطن ۾ خريد ڪن.

ٽئين ڳالهه اها ته زميندارن کي سرڪاري ملڪيت ۾ ايندڙ زمين جو چڱو معاوضو ڏنو ويندو. اهو معاوضو وياج ناهيندڙ بانڊن جي صورت ۾ هوندو جيڪي 25 ورهين ۾ ڪٿي ٽي سگهندا.

چوٿين ڳالهه سموري اولهه پاڪستان ۾ قبضو رکندڙ هارين کي مڪمل مالڪن ۾ تبديل ڪيو ويندو.

پنجين ڳالهه ڳٽيل علاقن ۾ جيتريقدر ٿي سگهندو هارين کي سرڪاري زمينن جي آباد ڪاري واري پروگرام ۾ جاءِ ڏني ويندي.

ڇهون نقطو هارين کي هر جاءِ تي اها خاطري هوندي ته انهنکي وقت کان اڳ نه اٿاريو ويندو. انهن کي جيڪڏهن قانوني طريقه ڪار مطابق زمين تان اٿاريو ويندو ته انهن کي زمين بهتر ڪرڻ ۽ قبضي تان اٿارڻ جو چڱو معاوضو ڏنو ويندو. مسواڙون وڌائڻ تي بندش وڌي ويندي ۽ روڪ توڙي ونگار جي صورت ۾ غير قانوني اوگاڙيون ختم ڪيون ويندیون.

ستون نقطو سڀ جاگيرون (مغل حاڪمن توڙي ٻين پاران تحفي ۾ ڏنل جاگيرون) ڪنهن به معاوضي جي ادائيگي کانسواءِ سرڪاري ملڪيت ۾ ورتيون ويندیون ۽ ٻيا ٽالٿي مفاد ختم ڪيا ويندا.

اٺون نقطو زمينن کي آهستي آهستي ٽڪرن ۾ ورهائجڻ کان بچائڻ لاءِ زمينن جي ڪنهن خاص اقتصادي يا گذاري لائق سطح کان هيٺ ورهاست ممنوع هوندي ۽ اهڙين زمينن جي گڏيل انتظام ۾ قانون ذريعي سهوليت ڏني ويندي.

نائون نقطو زمين جي ننڍين ٽڪرن کي لازمي طور يڪجاءِ ڪرڻ لاءِ سموري صوبي تي ٻڌل اسڪيم متعارف ڪرائڻ لاءِ فوري قدم کنيا ويندا.

"انهن قدمن کي فوري طور عمل هيٺ آڻڻ لاءِ ترت هڪ مارشل لا ريگيوليشن جاري ڪيو ويندو. انهي ۾ هڪ پراونشل لئنڈ ڪميشن قائم ڪرڻ جي گنجائش رکي ويندي. گورنر انهي جو ايڪس آفيشو چيئرمين هوندو جيڪو اهي قدم لاڳو ڪرائيندو.

"توهان کي ڏسڻ ۾ ايندو ته انهن قدمن مان سڀ مان سڀ کان اهم انفرادي مالڪي جي گهٽ ۾ گهٽ حد لاڳو ڪرڻ ۽ مقرر حد کان وڌيڪ زمين جي ٻنهي صورتن ۾ ٻي زمين هارين ۽ انهن ماڻهن ۾ ٽئين سر ورهاست آهي جن وٽ زمين پيداواري حد کان گهٽ آهي. انهن کي اهي زمينون مناسب قيمت ۽ آسان قسطن تي ڏنيون ويندیون. انهي قدم سان سموري اولهه پاڪستان ۾ زميني دولت جي چهن هزارن جي لڳ ڀڳ زمينداري جي هٿن ۾ ارتڪاز ختم ڪرڻ ۾ وڏي مدد ملندي. انهي سان موجوده موقعن جي اڻ برابري

گهٽ ٿيندي ۽ زمين جي وڌيڪ گهاڻي استعمال سان گڏوگڏ زمين جي حقيقي ڪيڙيندڙن پاران پيداواري سرمائيڪاري ڪي هٿي ملندي

لئنڊ رفارمز: جذباتي نہ پر سائنسي حل

مون جڏهن سپ کان اڳ لئنڊ رفارمز شروع ڪرڻ بابت پنهنجي ارادي جو اعلان ڪيو هو تہ مون اها ڳالهہ واضح ڪري چڏي هئي تہ اسين انهي مسئلي جي ڪنهن جذباتي نہ پر سائنسي حل جي ڳولها ۾ هئاسين. اسان هاڻي سڌارا آڻڻ بابت جيڪي قدم کڻڻ جو فيصلو ڪيو آهي اهي هن حڪومت پاران هيستائين کنيل قدمن مان سڀ کان دور رس آهن. تنهنڪري اها ڳالهہ تمام اهميت واري هئي تہ اسين انهي مسئلي جو بلڪل غير جذباتي نموني ۾ جائزو وٺون ۽ اهڙا فيصلا ڪريون جيڪي سماجي ۽ اقتصادي ناانصافي ختم ڪرڻ سان گڏوگڏ هڪ ترقي ڪندڙ زرعي معيشت قائم ڪرڻ ۾ اثرائتو ڪردار ادا ڪن. آءٌ دعويٰ سان چوان ٿو تہ منهنجي حڪومت جي فيصلن جو بنيادي مقصد اهو ئي نتيجو حاصل ڪرڻ آهي.

زميندار کي سٺو معاوضو ملندو

"زميندارن کي اهي قدم سخت نظر اچي سگهن ٿا. پر مون کي يقين آهي تہ اهي وقت جي ضرورتن جو ادراڪ ڪندا. ٻين ملڪن جي تاريخ اسان جي سامهون آهي ۽ اسان کي انهي مان سبق وٺڻو آهي. اسين مسلمانن جي حيثيت ۾ سماجي انصاف جي جن تقاضائن تي يقين رکون ٿا انهن کي هڪ پاسي رکندي بہ آءٌ سمجهان ٿو تہ انهن سڌارن جو متعارف ٿيڻ انهي نظام ۽ قدرن جي بقاءَ لاءِ اشد ضروري آهي جن کي اسين پيارو رکون ٿا ۽ جن پاڪستان کي هڪ آزاد رياست طور وجود ۾ آندو هو. مون لئنڊ رفارمز ڪميشن قائم ڪرڻ جو اعلان ڪندي چيو هو تہ اسين ڪنهن کان انتقام نہ وٺنداسين ۽ هر ڪنهن سان انصاف ڪنداسين. اسان جي انهي ڳالهہ تي نظر آهي تہ زميندارن کي مناسب معاوضو ملي ۽ اهي محدود زميندارين جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل تبديل ٿيل صورتحال سان ڪنهن دقت کي منهن ڏيڻ کان سواءِ مانوس ٿي وڃن. هاڻي اها ڳالهہ انهن تي چڏيل آهي تہ هو انهي تبديليءَ کي جيترو ٿي سگهي سولو بڻائين. آءٌ انهن کي خبردار ٿو ڪريان تہ اها ڳالهہ انهن جي فائدي ۾ ٿيندي.

سڌارا بهتر پيداوار ۽ سماجي انصاف کي يقيني بڻائين

اها حقيقت آهي تہ زمين جي مالڪي ۽ استعمال بابت قانون، ريتون ۽ ادارا اسان جهڙي زرعي سماج ۾ پيداوار جي ترغيبن تي اثر وجهندا آهن ۽ زراعت سان لاڳاپيل ماڻهن جي سماجي روين جو تعين ڪندا آهن پر لئنڊ رفارمز ۽ اقتصادي ترقي ۽ سماجي واڌ جو پاڻ ۾ سڌو سنئون تعلق آهي. ڪجهہ وقت کان مون کي اهو احساس ٿي رهيو آهي تہ اسان جي گهٽ زرعي پيداوار ۽ پهراڙي جي ماڻهن جي عام بي گانگي جو سبب اسان جي زرعي جوڙجڪ ۾ ادارا جاتي نقصن ۽ زمين جن شرطن تي زرعي مقصدن لاءِ ڪم آندي ويندي هئي انهن سان عدم مطابقت هو.

آزادي کان وٺي سياستدان اولهه پاڪستان ۾ لئنڈ رفارمز آٽرڊ جون ڳالهيون ڪندا رهيا آهن جيئن اهي نقص دور ڪري سگهجن ۽ ڳوٺاڻي سماج ۾ نئون روح ڦوڪي سگهجي پر ڪجهه سببن جي ڪري جن کان اوهين سڀ باخبر آهيو ڪوبه اثرائتو ڪم نه ٿي سگهيو. ٻئي طرف وري انهن پاران سڌارن جي اجاين ڳالهين ڪوڙيون اميدون ۽ بي بنياد خوف پيدا ڪيا جن جي نتيجي ۾ زميندار ۽ هاري جا لاڳاپا خراب ٿيا ۽ زميندارن توڙي هارين ۾ زمين جي مالڪي ۽ استعمال بابت ايندڙ دور ۾ حقن ۽ ذميوارين جي لحاظ کان شڪ شبها پيدا ڪيا. مون کي پڪ آهي ته زرعي پيداوار ۾ موجوده جمود ۾ انهن شڪن شبهن ڪنهن حد تائين ڪردار ادا ڪيو آهي.

باب اٺويهون

آئين ۽ انتظام (Constitution and Administration)

هن گزيٽيئر جو گذريل ڇاپو نڪرڻ کان پوءِ جيڪا اڌ صدي گذري آهي انهيءَ جي هڪ خاص ڳالهه ڳوڙهيون آئيني تبديليون آهن. انهي عرصي دوران سنڌ ۾ سياسي پيش رفت جو ڪجهه احوال ڪنهن گذريل باب ۾ ڏنو ويو آهي. سن 1843ع کان 1847ع تائين جڏهن سر چارلس نيپيئر سنڌ جو انتظام سنڀالائيندو هو تڏهن سنڌ جو سرڪاري طور جيتوڻيڪ بمبئي پريزيڊنسي سان تعلق هوندو هو پر عملي طور اها هڪ خود مختيار صوبو هوندي هئي. سر چارلس نيپيئر جي وڃڻ کان پوءِ بمبئي سان تعلق وڌيڪ حقيقي ٿي ويو ۽ ڪمشنر ان سنڌ مڪيه مقامي آفيسر هوندو هو. سنڌ انتظامي طور بمبئي جي ماتحت پريزيڊنسي جي هڪ ڊويزن ٿي وئي جيتوڻيڪ ڪمشنر ان سنڌ کي ڪي اهڙا اختيار هوندا هئا جيڪي بمبئي پريزيڊنسي جي ٻين ٽن ڊويزنن جي ڪمشنرن کي نه هوندا هئا. قانوني طور ڪمشنر ان سنڌ ۽ بمبئي پريزيڊنسي جي ٻين ڪمشنرن جي رتبي ۾ ڪو فرق نه هوندو هو. حقيقت ۾ ڪمشنر ان سنڌ کي جيڪو اهم اثر رسوخ هو ۽ ان جي بنياد تي بظاهر لڳندو هو ته انکي بمبئي پريزيڊنسي جي ٻين ڪمشنرن کان وڌيڪ اختيار آهي اهو هو سنڌ جي بمبئي کان جاگرافيائي دُوري ۽ ٻنهي علائقن ۾ تيز مواصلات ۾ درپيش مشڪلاتون. بمبئي پريزيڊنسي حقيقت ۾ هڪ صوبائي حڪومت هئي جيڪا فقط صوبائي اختيار ئي ڪتب آڻيندي هئي ۽ سنڌ حقيقت ۾ فقط صوبي جي هڪ ڊويزن هئي جيڪا صوبائي اختيار استعمال ڪندي هئي جڏهن ته گورنمينٽ آف انڊيا مرڪزي حڪومت هئي جنهن پاڻ وٽ خارجي معاملن، دفاع، ڪسٽمز، ريلويز ۽ اهڙا معاملا رکيا هئا. سن 1936ع تائين سنڌ جي حيثيت بمبئي پريزيڊينسي جي صوبائي حڪومت جي فقط هڪ ڊويزن واري هوندي هئي.

سن 1936ع واري دور تائين سنڌ جي حيثيت تي اثر انداز ٿيندڙ ٻي اهم قدم ڪنيا ويا. اهي هئا ٽرڊ انڊين ڪائونسلس ائڪٽ 1909ع جيڪو عام طور منٽو مارلي اصلاحات جي نالي سان مشهور آهي. ٻيون گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ 1919ع ۽ ٽيون گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ 1935ع. سن 1930ع ۽ 1931ع وارين گول ميز ڪانفرنسن ۾ بحث مباحثن جي نتيجي ۾ اهو فيصلو ڪيو ويو ته سنڌ کي بمبئي کان ڌار ڪري گورنر جي ماتحت هڪ خودمختيار صوبو ناهيو وڃي ۽ گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ 1935ع ۾ اهڙي قسم جي شق رکي وئي ۽ اهو فيصلو 1 اپريل 1936ع کان عمل ۾ آيو. سن 1909ع وارن منٽو مارلي سڌارن جو سنڌ ۾ ٻنهه ٿورو اثر پيو جو جيئن اڳ ۾ تاريخ واري باب ۾ وضاحت ڪئي وئي آهي ته سنڌ انهي وقت بمبئي پريزيڊنسي جي ٻين ڊويزنن کان سياسي طور گهٽي پوئتي پيل هئي. منٽو مارلي سڌارن، صوبائي

قانون ساز اسيمبلي جيڪا بمبئي ۾ هئي. ڪي ٻيٽو ڪري چڏيو ۽ اقليتن کي جدا نمائندگي ڏني. پراونشل ايگزيڪيوٽو ڪائونسل ۾ هڪ هندستاني کي داخل ڪيو ويو پر وزير جيڪو ممبئي ۾ ميمبر آف ڪائونسل ٿيو ان جو سنڌ سان تعلق نه هو. انهي وقت اليڪٽوريٽ محدود هئي ۽ منٽو مارلي سڌارن جوا ثر بلڪل معمولي هو. مونٽيگ چيلمسفورڊ نالي مشهور سڌارن کي وائسراءِ ۽ سيڪريٽري آف اسٽيٽ پاران 1918ع ۾ ڏنل رپورٽ جي آڌار تي گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ 1919ع ۾ شامل ڪيو ويو. صوبائي ايگزيڪيوٽوز جي لحاظ کان هن ائڪٽ جي مکيه نوڙ ۾ سطحي نظام (diarchy) هو جنهن تحت ڪجهه قلمدان جهڙوڪ پبلڪ ورڪس، ايڪسائيز ۽ تعليم انهن وزيرن ڏانهن منتقل ڪيا ويا جيڪي ليجسليچر ڏانهن جوابده هوندا هئا. جڏهن ته لا ائنڈ آرڊر ۽ دفاع کي گورنر ۽ سندس ايگزيڪيوٽو ڪائونسلرز لاءِ محفوظ رکيو ويو جيڪي سيڪريٽري آف اسٽيٽ ۽ پارليامينٽ ڏانهن جوابده هئا. گورنرن کي پڻ ايمرجنسي پاور ڏنا ويا جيڪي آئيني بحران وقت ڪم اچڻ لاءِ هئا. نئين آئين پهرئين جنوري 1921ع تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ۽ ان جو افتتاح هز رائل هائينيس دي ڊيوڪ آف ڪننگهام 10 جنوري 1921ع تي يونيورسٽي آف بمبئي جي ڪانووڪيشن هال ۾ ڪيو. هن گزيٽيئر جي مولف کي انهي تقريب ۾ شرڪت ڪرڻ جو اعزاز حاصل آهي جو هو تڏهن گورنمينٽ آف انڊيا ۾ هوم ڊپارٽمينٽ ۾ انڊر سيڪريٽري هو. نئين سيٽ اپ ۾ سنڌ کي ڇڪي خاصي دلچسپي هئي جو هڪ نئون وزير مسٽر غلام حسين هدايت الله هو جنهنکي لوڪل گورنمينٽ جو قلمدان مليو هو. اها مسٽر غلام حسين هدايت الله جي سياسي ڪيريئر جي شروعات هئي. هن گزيٽيئر جي مولف جي هن سان ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ حيدرآباد جي ساڻي ميمبر طور اڳ ۾ واقفيت هئي مسٽر غلام حسن کي اڳتي هلي سر جو خطاب مليو بمبئي ايگزيڪيوٽو ڪائونسل جو ميمبر ٿيو ۽ ايا اڳتي هلي جڏهن سنڌ کي گورنر جي صوبي واري حيثيت ملي ته هوان جو پهريون وزير اعليٰ ٿيو ۽ نيٺ آخر سنڌ جو پهريون سنڌي گورنر ٿيو. سن 1930/31ع دوران گول ميز ڪانفرنس ۾ اهي بحث مباحثا ٿيندا رهيا ته گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ پنهنجي نئين ۽ نظرثاني ٿيل شڪل ۾ ڪهڙو هجي ۽ انهن بحث دوران ئي اهو فيصلو ٿي ويو ته سنڌ کي گورنرو وارو صوبو ناهيو وڃي. سنڌ کي پنهنجي اڪثريتي مسلمان آبادي سان انهي ئي وقت نئين ناهيل هندو صوبي اڙيسا جو مد مقابل سمجهيو پئي ويو. سن 1930ع جي سياري جي مند ۾ لنڊن ۾ ٿيل پهرئين گول ميز ڪانفرنس ۾ مسلمان وفد اها گهُر ڪئي هئي. اهو مسئلو هڪ ڪميٽي ڏانهن موڪليو ويو جنهن علحدگي جي اصول کي تسليم ڪندي ماهرن کان اها انڪوائري ڪرائڻ جي تجويز ڏني ته علحدگي جي مالياتي رخ جو جائزو ورتو وڃي ۽ اهڙي طرح علحدگي کي ممڪن ثابت ڪرڻ جو بار به انهن مٿان وڌهي چڏيو جن ان جي گهُر ٿي ڪئي. ماهرن جي انڪوائري به ويني ۽ ان سنڌ جي مالياتي مستقبل جي اونداهين تصوير پيش ڪئي. ان جي نتيجن جو بهترين اختصار سندس ئي هن رمارڪ ذريعي پيش ڪري سگهجي ٿو: هاڻي اها ڳالهه واضح آهي ته مسئلو اهو نه آهي ته ڇا سنڌ بيراج جي ضمانت ڏيندي پر مسئلو اهو آهي ته ڇا بيراج سنڌ جي

ضمانت ڏئي سگھندو" سنڌ جي ماڻھن جي نمائندن جي ھڪ ڪانفرنس 1932ع ۾ ٿي جيئن علحدگي جي مالياتي اعتراضن کي دور ڪرڻ جا اپاءَ ڪيي سگھجن. ھن ڪانفرنس ۾ ماڻھن جا رايا ھڪٻئي کان تمام مختلف رھيا پر چيئرمئن آخرڪار ڪانفرنس جي رپورٽ پيش ڪري ڇڏي جنھن مطابق نئين صوبي جي زندگي جي پھرين ڇھن ورھين ۾ سالياني خسارو 80 لک رپيا ٿيندو جڏھن تہ بيراج مان ٿيندڙ آمدني ويڃ جي ادائيگي ۾ ھلي ويندي اھو حساب ڪيو ويو تہ ٽلھي ليکي 1945ع کان پوءِ بيراج مان بچت ٿيندي جنھن مان صوبي جي مدد ٿيندي اختيارين ھن مفروضي تي بنياد رکندي نئين حڪومت جي افتتاح جي تيارين لاءِ انتظامي مشينري کي مڪمل ڪرڻ شروع ڪيو. اھڙي طرح نئين صوبي جي ظھور لاءِ استيج تيار ٿي وڃڻ کان پوءِ جنوري 1936ع ۾ ڪائونسل ۾ آرڊر جاري ڪندي اعلان ڪيو ويو تہ نئون صوبو ٻوڙئين اپريل 1936ع تي پنھنجي سفر جي شروعات ڪندو ۽ جيستائين گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ 1935ع جي شقن مطابق صوبائي خودمختياري شروع ٿي سگھي تيستائين حڪومت ھلائڻ لاءِ عبوري مشينري ٺاھي وئي. انھي ائڪٽ ذريعي صوبن ۾ مڪمل ڪابينا نظام لاڳو ڪيو ويو.

صوبائي گورنرن کي ھر وقت خاص ذميواريون نيائڻ جو حق ڏنو ويو جيئن اھي امن امان کي يقيني بڻائين. اقليتن جي حفاظت ڪن ۽ پڙ ھنگامي حالتن ۾ آرڊيننس ذريعي قانون سازي ڪن ۽ ائڪٽ پاس ڪن. ائڪٽ جو دائرو صوبائي راءِ ڏھندن کان اڳتي ھو پر ملڪيت ۽ تعليمي قابليتون باقي رھيون ۽ عام اليڪٽوريٽ جي موجودگي جي باوجود نسلي بنيادن تي اليڪٽوريٽ ورھ باقي رھيون. جيستائين مرڪزي حڪومت جو تعلق آھي يعني گورنمينٽ آف انڊيا (جنھنکي نئين ائڪٽ جي روء سان فيڊرل گورنمينٽ چيو ٿي ويو) تہ انھي ۾ اختيارن جو ٻہ سطحي نظام (diarchy) متعارف ڪرايو ويو جيڪو صوبن ۾ ختم ڪيو ويو ھو. دفاع ۽ خارجي معاملا گورنر جنرل ان ڪائونسل لاءِ مخصوص ڪيا ويا جيڪو ليجسليچر بجاءِ سيڪريٽري آف اسٽيٽ فار انڊيا ڏانھن جوابدہ ھو. گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ 1935ع مطابق سنڌ کي ڪائونسل آف اسٽيٽ جي 150 مان 5 سيٽون ڏنيون ويون. انھن 5 سيٽن مان 2 عام سيٽون ۽ 3 مسلمان سيٽون ھيون. ليجسليٽو اسيمبليءَ ۾ سنڌ کي 250 مان 5 سيٽون مليون. انھن مان ھڪ جنرل، ھڪ يورپي ۽ 3 مسلمان سيٽون ھيون. سنڌ گورنر واري صوبي واري حيثيت انھن حالتن ۾ شروع ڪئي ۽ ھڪ سال جو عبوري دور انھن شروعاتي ڳالھين ۾ گذري ويو جنھن ۾ سنڌ ليجسليچر جون چوندون ٿيون. انھي 1937ع کان ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. پھريون گورنر سر لانسيلاٽ گراھم آءِ. سي. ايس ھو جيڪو ورھين جا ورھيہ گورنمينٽ آف انڊيا ۾ قانون کاتي ۾ سيڪريٽري رھيو ھو ۽ پھريون وزير اعليٰ سر غلام حسين ھدايت الله ٿيو جيڪو سنڌ جي نئين سياسي آڪاڙي ۾ داخل ٿيڻ لاءِ گورنمينٽ آف بمبئي ۾ ايگزيڪيوٽو ڪائونسلر جي منصب تان دستبردار ٿيو. نئين انتظامي سيٽ اپ ۾ ڪمشنر ان سنڌ جو منصب ختم ٿي ريونيو ڪمشنر سنڌ ۾ بدلجي ويو. انھي عھدي مان اھو اختيار ختم ٿي ويو جيڪو ڪمشنر ان سنڌ کي مليل ھو. اھو عھدو ھاڻي فقط سيڪريٽريٽ ۾ ھڪ ڊپارٽمينٽ جي سربراھي تائين محدود ٿي ويو جيڪو وقت جي

چونڊيل حڪومت ڏانهن جوابده هوندو هو. آخري ڪمشنر ان سنڌ مسٽر آر. اي گبسن هو جنهن جي سنڌ بابت تمام گهري ڄاڻ سبب گهٽن ماڻهن سمجهيو پئي ته هو پهرئين گورنر جي عهدي جو خاص طور حقدار هو. هن کي اهو عهدو نه ملڻ تي گهڻا ماڻهو مايوس ٿيا. مسٽر گبسن جي تمام وڏي خصوصيت اها هئي جو هو هر طبقي جي سنڌين ۾ ڏاڍو مقبول هو ۽ عام محاوري واري سنڌي جي پنهنجي ماهراڻي ڄاڻ سبب انهي ٻولي ۾ تمام سولائي سان پوڳ چرچا ڪري سگهندو هو. انهي صلاحيت ڪيس سيني ڳوناڻن ماڻهن جو تمام پيارو ٻڌائي ڇڏيو. هو انهن سان باقاعدگي سان رابطي ۾ رهندو هو. سنڌ جي گورنر جي صوبي واري حيثيت پهرئين اپريل 1936ع کان ٽين آڪٽوبر 1955ع تائين فقط اوٽيهه ورهيه رهي. هن گزيٽيئر ۾ انهي حڪومت جي ٿوري مدي دوران ڪيل ڪم جو جائزو وٺڻ جي گنجائش نه آهي. اميد آهي ته دير سوير هڪ خاص مونوگراف لکي انهي حڪومت جي ڪارگذاري جو بيان ڏنو ويندو. گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ 1935ع مطابق سنڌ، گورنمينٽ آف برٽش انڊيا جي انتظامي سيٽ اپ ۾ هڪ خودمختيار يونٽ ٻڌي ۽ 1947ع ۾ هندستان جي ورهاڱي تائين سندس اها حيثيت برقرار رهي. پوءِ 1955ع تائين سنڌ فيڊرل گورنمينٽ آف پاڪستان جو هڪ صوبائي يونٽ رهي. 3 آڪٽوبر 1955ع تي ويسٽ پاڪستان ائڪٽ 1955ع لاڳو ٿيڻ سان سنڌ اولهه پاڪستان جي يونٽ ۾ ضم ٿي وئي. انهي يونٽ ۾ سنڌ سان گڏ پنجاب جو گورنر وارو صوبو نارٿ ويسٽ فرنٽيئر جو گورنرو وارو صوبو بلوچستان ۽ ڪراچي جا چيف ڪمشنر وارا صوبا، بهاولپور ۽ خيرپور جون رياستون ۽ بلوچستان اسٽيٽس يونين، بلوچستان جا قبائلي علاقا، پنجاب ۽ نارٿ ويسٽ فرنٽيئر ۽ امب، چترال، دل ۽ سوات جون رياستون شامل هيون. اهو انضمام 14 اڪٽوبر 1955ع کان عمل ۾ آيو. نئين انتظام ۾ سنڌ جدا صوبي واري انفرادي حيثيت وڃائي ويٺي ۽ حيدرآباد ۽ خيرپور جي نالن سان اولهه پاڪستان جي ٻن ڊويزنن جي حالت ۾ اچي وئي جنهن جو هيڊ ڪوارٽر لاهور ۾ ٿيو. تنهنڪري هاڻي صورتحال وڃي اها ٻيئي جو سنڌ 1955ع کان اولهه پاڪستان ۾ انهي پوزيشن تي اچي وئي جنهن ۾ اها 1936ع تائين هئي يعني بمبئي ۾ پريزيڊنسي جي هڪ ڊويزن. سنڌ وانگر خيرپور جي آئيني حيثيت تي پڻ گزيٽيئر جو گذريل ڇاپو منظر تي اچڻ کان پوءِ واري اڌ صدي دوران آيل تبديلي وڏو اثر وڏو آهي. خيرپور 1955ع ۾ اولهه پاڪستان ۾ ضم ٿيڻ تائين هڪ خودمختيار رياست رهي. اتان جا حاڪم مسلمان ٽالپر بلوچ هئا جن جو تعلق شيعا فرقي سان هو. سنڌ جي ڪلهوڙا خاندان جي 1783ع ۾ زوال ۽ هن خاندان جي حڪومت ۾ اچڻ کان اڳ رياست جي تاريخ سنڌ جي عمومي تاريخ سان لاڳاپيل هئي. انهي سال مير فتح علي خان ٽالپر سنڌ جو حڪمران ٿيو ۽ ان کان پوءِ سندس پائيٽي مير سهراب خان ٽالپر، انهي خاندان جي خيرپور واري شاخ جو پايو وڏو. برطانوي حڪومت 1882ع ۾ خيرپور رياست جي جدا حيثيت تسليم ڪئي. اتان جو حاڪم فرسٽ ڪلاس جو شهزادو هوندو هو ۽ هو رياست جي حدن کان ٻاهر پندرهن ۽ رياست جي حدن اندر سترهن توپن جي سلامي جو حقدار هوندو هو. رياست برطانوي حڪومت يا ٻئي ڪنهن رياست کي ڪو به ڏن نه ڏيندي هئي سن 1932ع تائين بمبئي حڪومت، گورنمينٽ آف انڊيا جي

ايجنٽ طور سياسي ڪم سر انجام ڏيندي هئي ۽ تيستائين سکر جو ڪليڪٽر خيرپور رياست لاءِ پوليٽيڪل ايجنٽ طور ڪم ڪندو هو. انهي نظام ۾ 1932ع ۾ تبديلي آندي وئي جو سرڪار سياسي ذميواريون به پنهنجن هٿن ۾ ورتيون. خيرپور گورنمينٽ آف انڊيا جي پوليٽيڪل ڊپارٽمينٽ جي سنئين سڌي نگراني هيٺ آئي.

پاڪستان ٺهڻ تي خيرپور رياست ۽ پاڪستان جي وفاقي سرڪار جي وچ ۾ پاڪستان جي فارئين افيئرز ڊپارٽمينٽ جي ذريعي رابطو رهيو. اهو نظام 1955ع ۾ اولهه پاڪستان ۾ انضمام تائين جاري رهيو. انهيءَ آخري تبديلي جو نتيجو اهو نڪتو جو رياست جو وجود ختم ٿي ويو ۽ مرڪزي حڪومت جيڪا هاڻي اسلامڪ ريپبلڪ آف پاڪستان ٿي وئي هئي ان اتان جي حڪمران لاءِ اڳوٽي خيرپور رياست واري علاقي ۾ پنهنجن حقن تان دستبردار ٿيڻ جي مجوتي طور سرڪاري وظيفو مقرر ڪري ڏنو. نتيجي طور هاڻي خيرپور وارو علاقو خيرپور واري روينيو انتظامي ڊويزن جو حصو آهي جيڪو اولهه پاڪستان جي انتظام واري علاقي ۾ شامل آهي. جنهن جو هيڊ ڪوارٽر لاهور ۾ آهي.

سيڪشن 2:

انتظامي جوڙجڪ ۽ حڪومت جون ذميواريون

انتظامي ڍانچي جو بنياد ايجا تائين برطانوي نظام تي آهي. اهڙي ڪرنگهي جي هڏي کان سواءِ ورهاڱي ۽ پناهگيرن جي افراتفري وارن ڏکين ڏينهن جي نتيجي ۾ مڪمل بي انتظامي پيدا ٿي وڃي ها. موجوده حڪومت برطانيا پاران هندستاني برصغير تي ڪنٽرول ختم ڪرڻ وقت هلندڙ حالت ۾ ڇڏيل انتظامي مشينري جي ڪيتري قدر ٽورائتي آهي، انهي جي مجوتي پهرئين پنج ساله منصوبي 1955/60ع ۾ ڪئي وئي آهي. موجوده انتظامي سرشتي جي خوبين توڙي خامين جو سرچشمو اها حقيقت آهي ته اهو هڪ بينڪي طاقت جو ورثو آهي جنهن ڪجهه مقامي ادارن جي مٽان هڪ اهڙي وڏي انتظامي عمارت کڙي ڪئي جنهنڪي ڪنهن محڪوم ملڪ مٽان حڪومت هلائڻ جي ضرورتن سان هم آهنگ ڪيو ويو هو. انهن ٻنهي نظامن جي ميلاپ سان سرڪاري انتظاميه جو هڪ اهڙو سرشتو وجود ۾ آيو جيڪو اهڙي حڪومت جي ضرورتن جي لاءِ تمام مناسب هو جيڪا وڏي حد تائين وصوليون ڪرڻ، انصاف جو نظام هلائڻ ۽ امن امان قائم ڪرڻ جي بنيادي ڪمن ۾ مصروف هئي. جيستائين وصوليون ڪرڻ، انصاف جو نظام هلائڻ ۽ امن امان قائم رکڻ جو تعلق آهي ته اهو نظام ايجا تائين ملڪ جي سڀني نموني ڪم اچي رهيو آهي. بهرحال انهي جي انهن بنيادي شعبن ۾ موثر هئڻ مان انهي بابت اهو تاثر عام ٿي ويو آهي ته اهو رٽابندي تحت ٽيندڙ ترقي جهڙي اهم ڪم سميت سڀني ڪمن لاءِ ڪافي آهي. اها تنقيد واجبي آهي ڇاڪاڻ ته حڪومت هاڻي جيڪي ڪم سرانجام ڏئي ٿي انهن ۾ اهڙيون سرگرميون پڻ شامل آهن جيڪي انهيءَ شروعاتي رٽا ۾ شامل نه هيون جن تي برطانيا ائيڊمنسٽريشن جو هڪ اهڙو نظام پروان چڙهايو هو جنهنڪي هڪ صدي تائين انهي مقصد لاءِ هلائي ان کي نقصن ۽ خامين کان آجو ڪيو ويو. سن 1907ع ۾ هن

گزيٽيئر جو آخري ڇاپو ڇپجڻ کان رياست جي ذميوارين ۾ وڏو اضافو ٿيو آهي. حڪومت جي سيني پراڻن کاتن سان گڏوگڏ ڪيترائي نوان کاتا کولڻ ضروري ٿي پيو ڇاڪاڻ ته هڪ ته عوامي ڪمن کارين لاءِ ڏياڻ وڏندو پئي ويو ٻيو ته وڌيڪ پڙهيل لکيل عوام جي طرفان هر قسم جي سهوليتن لاءِ به تقاضائون ٿي رهيون هيون. پر جيڪي جديد ترين کاتا صوبائي دائري ۾ شامل نه ڪيا ويا آهن اهي آهن هوا بازي، ٽيلي ڪميونيڪيشن ۽ براڊ ڪاسٽنگ. ظاهر آهي ته اهي صوبائي حدن کان وڌيڪ وسعت رکندڙ معاملا آهن. پر موٽر گاڏين جو دور اچڻ سان موٽر گاڏين کي ڪنٽرول ڪرڻ صوبائي لسٽ ۾ هڪ تمام وڏي نئين ذميواري جو اضافو ٿيو آهي. ٻئين جنگ عظيم سان جيئن ته هر قسم جي سرڪاري ۽ خانگي ڪمن کارين ۾ وڏي تنظيم ڪاري آئي ته انهي سان آفيسر شاهي حڪومت ۾ اضافو ٿيو ۽ ڪيترائي نوان خاص قسم جا عهدا پيدا ڪيا ويا. ورهاڱي ۽ ان کان پوءِ آبادي جي نئين سر بحالي سان ڪيترن ئي قسمن جي سرڪاري عملدارن جي گهرج پئي. پاڪستان جي آزادي جي شروعاتي ورهين جي خاص ڳالهه ڪاڏي جي شين جي کوٽ هئي انهي ڪري غذائي اناجن جي ورهاست ۽ ڪنٽرول لازمي ٿي پيو. انهن سيني ڳالهين ڪڏيل ٽيهن ۽ خاص طور ويهن ورهين ۾ حڪومتي مشينري کي ڏاڍو منجهائي ڇڏيو. حڪومت جون ذميواريون ۽ ڪم ڪيترا وڏي ويا آهن انهن لاءِ فقط اهو ڊيڪارڊ ڪافي آهي ته سنڌ ائگريڪلچرل ڪميشن آڏو 1953ع 1954ع ۾ گوناگون قسمن جا عملدار بيان ڏيڻ آيا. ڪجهه غير رواجي قسم هي آهن: لوڪسٽ ڪنٽرول آفيسر، ٽائون پلاننگ ائنڈ ويليويشن آفيسر، رجسترار ڪوآپريٽو سوسائٽيز، سئائل ڪلاسيفڪيشن آفيسر، ڊائريڪٽر آف اينمل هسبنڊري، پروفيسر آف ائگريڪلچرل اڪانامڪس، ائگريڪلچرل مڪينيڪل انجنيئر، ڊپٽي ريهبيليٽيشن ڪمشنر، ڪمشنر آف ليبر، اسسٽنٽ سيڪريٽري ٽو گورنمينٽ ريفيوجي ريهبليٽيشن ڊپارٽمينٽ، مئنيجنگ ڊائريڪٽر سنڌ فوڊ گرينس نيشنلائيزيشن بورڊ، ائنٽي ڪرپشن آفيسر ۽ گورنمينٽ هارٽيڪلچرسٽ.

سيڪشن 3: مالڀات

سنڌ 1936ع تائين بمبئي پريزيڊنسي جي هڪ انتظامي ڊويزن هئي ۽ ڪو هلي سگهڻ جهڙو اقتصادي يونٽ نه هئي. ڇاڪاڻ جو فقط صوبائي وصوليون علاقي کي مالي طور پاڻ پرو بنائڻ لاءِ ڪافي نه هيون. ساڳئي عمومي صورتحال 1955ع کان هلندي آئي آهي جو تڏهن سنڌ خيرپور سميت اولهه پاڪستان جي صوبائي معيشت ۾ هڪ انتظامي يونٽ بڻي ۽ اها معيشت مرڪزي حڪومت طرفان ملندڙ رقمن ۽ اولهه پاڪستان جي سموري علاقي تي لاڳو مرڪزي ٽيڪسن مان فنڊن جي ملندڙ حصي کانسواءِ پاڻ پرو ٽيڻ جي قابل نه هئي. تنهنڪري سنڌ جون سال 1936ع تائين بجيٽون بمبئي پريزيڊنسي جي بجيٽن جو فقط هڪ حصو هونديون هيون ۽ ساڳئي طرح 1955ع کان پوءِ سنڌ ۽ خيرپور بجيٽ اولهه پاڪستان جي بجيٽ جو هڪ حصو هوندي آهي. سنڌ جڏهن گورنر جو صوبو هئي فقط انهن ئي ورهين بابت انهي علاقي جي آمدني ۽ خرچ جي ڪا مڪمل تصوير جوڙي سگهجي ٿي. خود سنڌ جي علاقائي

حدن مان جيڪا آمدني حاصل ٿيندي هئي انهي جا مکيه اسر هي هئا: لئنڊ روينيو پراونشل ايڪسائيز پراونشل اسٽئمپس، فاريٽس، رجسٽريشن، موٽر وهيڪلز ائڪٽ انڪم ۽ پيا محصول ۽ واجبات. بي آمدني سول ائڊمنسٽريشن کاتن ۽ سول ورکس بشمول بجلي ۽ متفرق ايتري اهميت نه ٿي رکي. جيئن ته پاکستان ٺهڻ سان مرڪزي حڪومت کي مرڪزي ٽيڪس مڙهڻ جا اختيار ملي ويا تنهنڪري سنڌ جي وصولين کي سينٽرل ايڪسائيز ڊيوٽيز انڪم ٽئڪس ۽ سيلز ٽئڪس مان ملندڙ حصي مان فائدو پيو آهي. سنڌ جي وصولين کي سپليمينٽري فائننس ائڪٽ 1950ع تحت وصول ٿيندڙ ٽيڪسن ۽ واجبات مان ملندڙ حصي مان پڻ مدد ملي آهي. انهي ائڪٽ جو مقصد پناهگيرن جي آبادڪاري لاءِ فنڊ حاصل ڪرڻ هو. صوبن کي سينٽرل ايڪسائيز ڊيوٽيز انڪم ٽئڪس ۽ سيلز ٽئڪس مان ملندڙ حصي مان فائدو پيو آهي. سنڌ جي وصولين کي سپليمينٽري فائننس ائڪٽ 1950ع تحت وصول ٿيندڙ ٽئڪسن ۽ واجبات مان ملندڙ حصي مان پڻ مدد ملي آهي. انهي ائڪٽ جو مقصد پناهگيرن جي آبادڪاري لاءِ فنڊ حاصل ڪرڻ هو. صوبن کي سينٽرل ايڪسائيز ڊيوٽيز آمدني تي ٽئڪسن ۽ سيلز ٽئڪس مان حصا ملندا آهن ۽ انهن جي ورهاست Raisman Award تحت ٿيندي آهي. جنهن مطابق آمدني تي لاڳو ٽيڪس مان ٿيندڙ آمدني جو 50 سيڪڙو صوبن کي واجب الادا هوندو آهي. جڏهن ته ڪارپوريشن ٽئڪس، سينٽرل سر چارج ٽئڪس ۽ سينٽرل امالیو مينٽس تي ٽئڪس ۽ ڪراچي جي مرڪزي انتظام سان لاڳاپيل ٽئڪس انهيءَ ۾ شامل نه آهن. سينٽرل ايڪسائيز ڊيوٽيز گاڏين جي تيل، گاسليٽ، ڪنڊ، ماچيس جي تيلين، تماڪ، چانهه ڪپڙي ۽ بين شين تي ورتيون ويندیون آهن. ريس مين ايوارڊ تحت تماڪ تي لڳندڙ ڊيوٽين مان آمدني جو اڌ اوبر ۽ اولهه پاکستان جي صوبن لاءِ واجب الادا هوندو آهي.

سن 1930ع ۾ گول ميز ڪانفرنس جي دور کان هاڻي مالي پوزيشن ۾ وڏي تبديلي اچي وئي آهي جو تڏهن سنڌ کي گورنر وارو صوبو ٿاهڻ جو فيصلو ڪرڻ کان سنڌ جي مالي حيثيت وڏي ڳڻتي جو سبب هئي. سنڌ پاران بيراج لاءِ ورتل قرض لاهي سگهڻ جي صلاحيت بابت ڪميٽي آف انڪوائري ڏاڍي مايوسي واري سوچ رکي هئي. 1930ع واريون مايوسي واريون سوچون بي بنياد ثابت ٿيون. جيتوڻيڪ جنهن وقت سنڌ بيراج تعمير ٿي رهيو هو ۽ 1932ع ۾ اهو چالو ٿيڻ وقت به مالي حالتون سازگار نه هيون جو 1929ع ۾ وال اسٽريٽ ڪريش ٿيڻ کان پوءِ جيڪو سختي وارو دور شروع ٿيو ۽ زرعي پيداوار جون گهٽ قيمتون ٿيهن واري ڏهاڪي جي اڌ کان ڇڪو پوءِ به جاري رهيون ته به بين جنگ عظيم شروع ٿيڻ سان حالتون مڪمل طور بدلجي ويون. انهي سان زرعي جنسن جي قيمتن ۾ فوراً چاڙهه ڏسڻ ۾ آيو ۽ سنڌ جي مالي حالت ۾ اينري بهتري اچي وئي جو اها نه فقط ڪجهه ورهين ۾ سکر بيراج جو قرض لاهي وئي پر واڌو آمدني مان ڪراچي ۾ ڪي شاندار سرڪاري عمارتون به ٺهرائڻ جي قابل ٿي وئي. پاکستان ٺهڻ کان پوءِ ڪراچي ڪي نئين ملڪ جو گاديءَ جو هنڌ ٻڌايو ويو ته اهي عمارتون مرڪزي حڪومت لاءِ تمام ڪارائتيون ثابت ٿيون. بين جنگ عظيم جي پڄاڻي تي سنڌ جون مالي حالتون تمام سازگار هيون. پر هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ

جيڪي دشواريون پيدا ٿيون انهن مالياتي رخنو جهي ڇڏيو ۽ وري مالي حيثيت متعلق وڏا مسئلا پيدا ڪري ڇڏيا.

مستقبل قريب ۾ ٿي بيراج چالو ٿيڻ سان جيڪي سنڌ جي درياڻي پٽ جي وڏي حصي کي پاڻي پهچائيندا سنڌ خيرپور غذائي جنسن ۽ ڪپهه جي لحاظ کان تمام وڏي زرعي دولت جا سر چشما ٿي پوندا. تنهنڪري اها سوچ انتهائي مايوسي واري ٿيندي ته سنڌ جو آئيندو خوشگوار ثابت نه ٿيندو. اها اڳ وانگر اولهه پاڪستان جي وڏي اناج گودام جو حصو ٿيندي. جيئن ته خيرپور سکر بيراج جي آبپاشي مان تناسب کان وڌيڪ فائدو ورتو آهي تنهنڪري ان جو آئيندو به سنڌ وانگر ئي دلجاءِ وارو آهي. سن 1944/45ع ۾ رياست جي سيني ذريعن مان آمدني 52.77 لک رپيا هئي.

سيڪشن 4: سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن

گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ 1935ع ۾ پهريون دفعو اها شق شامل ڪئي وئي ته هر هڪ صوبي کي ڌاريا ٻئي صوبي سان گڏ هڪ پبلڪ سروس ڪميشن هوندي. بمبئي ۽ سنڌ صوبن گڏيل پبلڪ سروس ڪميشن ٺاهڻ جو فيصلو ڪيو. ٻئي صوبا انهي تي راضي ٿيا ته ڪميشن هڪ چيئرمن ۽ ٻن ممبرن تي ٻڌل هجي. انهن جي تقرري بمبئي جو گورنر سنڌ جي گورنر جي مشوري سان ڪري ۽ هڪ ميمبر سنڌ مان هجي. پهرئين ڪميشن پهرئين اپريل 1937ع کان پنجن ورهين جي مدي لاءِ مقرر ٿي. پهرئين ڪميشن جو چيئرمن هو سر هيوبي ڪليٽن سي. آءِ. ايءِ. ايم. اي (آڪسفورڊ) آءِ. سي. ايس رٽائرڊ ۽ ميمبر هئا: سر شاهنواز خان غلام مرتضيٰ خان سي. آءِ. اِي: او. بي. اِي سنڌ مان ۽ مسٽر سي. ڊبليو. اِي. آربوٿ ناٽ سي. آءِ. اِي: بي. اِي. بي. اي: آءِ. ايس. اي. پنجن ورهين جو مدو پورو ڪرڻ تي نئين ڪميشن تشڪيل ڏني وئي جنهن جو چيئرمن هو سر جي. اي. مڊن. سي. ايس. آءِ: سي. آءِ. اِي. آءِ. سي. ايس (رٽائرڊ) ۽ هڪ ميمبر مسٽر ايڇ. وي. هيمپٽن ايم. اي. آءِ. اِي. ايس (رٽائرڊ) ۽ سنڌ مان ميمبر سر شاهنواز خان پٽو. انهي ٻئين ڪميشن پهرئين اپريل 1947ع تي پنهنجو پنجن ورهين جو مدو پورو ڪيو ۽ نئين ڪميشن وجود ۾ آئي جنهن جو چيئرمئن ٿيو مسٽر واءِ. اي. گاڊبيل سي. ايس. آءِ. سي. آءِ. اِي. آءِ. سي. ايس (رٽائرڊ) ۽ ميمبر خان بهادر محمد دائم صديقي سنڌ مان ۽ مسٽر پي. جي. شاهه سي. بي. اِي. آءِ. اي. ايس (رٽائرڊ). اهو بمبئي جي گورنر پاران مقرر ٿيل هو. اها نئين ڪميشن پهرئين آگسٽ 1947ع تائين ڪم ڪندي رهي. پوءِ سنڌ صوبي لاءِ جدا ڪميشن قائم ڪئي وئي. سن 1947ع ۾ سنڌ پنهنجي لاءِ جدا پبلڪ سروس ڪميشن ٺاهڻ جو فيصلو ڪيو. جيئن مٿي بيان ڪيو ويو اها ڪميشن پاڪستان جي نئين رياست ٺهڻ کان ڪجهه ڏينهن اڳ پهرئين آگسٽ 1947ع تي ٺهي. خانبهادر محمد دائم صديقي جيڪو گڏيل بمبئي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو ميمبر هو ان کي هن نئين سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو چيئرمئن مقرر ڪيو ويو. ٻيا ٻه ميمبر ايڇ. بي. هنگوراڻي. بي. اي. ايل. ايل. بي. ۽ مسٽر ايم. اي. صديقي بي. اي. هئا. چيئرمئن 10 جنوري 1948ع تي فوت ٿي ويو ۽ ان جي جاءِ تي مسٽر ايڇ. بي. هنگوراڻي چيئرمئن ٿيو. مسٽر هنگوراڻي سنڌ

صوبي جي اولهه پاڪستان ون يونٽ ۾ ضم ٿيڻ تائين چيئرمئن رهيو. مسٽر ايم. اي صديقي 31 مارچ 1949ع تي فوت ٿي ويو ۽ مسٽر جي. ايڇ. ڪي آغا کي 3 جولاءِ تي ميمبر مقرر ڪيو ويو. هو جولاءِ 1954ع ۾ پنهنجو مدو پورو ٿيڻ تي رٽائر ٿيو. مسٽر يار محمد ميمڻ کي هن جي جاءِ تي 12 مئي 1955ع کان ميمبر مقرر ڪيو ويو. مسٽر شمس العلماء يو. ايم. دائودپوٽو ايم. اي. پي. ايڇ. ڊي (ڪيمبرج) کي 5 آڪٽوبر 1955ع تي ٻئين ميمبر جي خالي جاءِ تي ميمبر مقرر ڪيو ويو. هن جو مدو هڪ سال وڌايو ويو. اهڙي طرح هو سنڌ جي اولهه پاڪستان ۾ انضمام تائين ميمبر طور ڪم ڪندو رهيو.

سنڌ ڪميشن اهڙيون ئي ذميواريون سرانجام ڏيندي هئي جهڙيون گڏيل ڪميشن سرانجام ڏيندي هئي پر انهي جي افاديت کي وڌائڻ لاءِ ڪجهه واڌو ذميواريون به ان جي ذمي ڪيون ويون. ڪنهن آفيسر جي پينشن گهٽائڻ، يا اسپيشل ايڊيشنل پينشن ختم ڪرڻ يا گهٽائڻ بابت تجويزن تي ڪميشن کان صلاح مشورو ڪيو ويندو هو. ٻاهرين ملڪن ۾ وظيفن ۽ فيلوشپ لاءِ اميدوار چونڊڻ لاءِ به ڪميشن کي چيو ويندو هو ساڳئي طرح آفيسرن کي مستقل ڪرڻ کان اڳ به معاملو ڪميشن ڏانهن موڪلڻ ضروري هوندو هو. ڪميشن کي ڏنل غير Statutory ڪمن ۾ خاص طور اڳواٽ سرڪاري نوڪري ڪندڙ ماڻهن لاءِ زبان جا ۽ ڊپارٽمينٽل امتحان منعقد ڪرڻ هوندو هو. گڏيل ڪميشن کي ڪجهه ڳالهين ۾ ڪجهه صوبائي ڪميشن کان وڌيڪ اختيار هوندا هئا. مثال طور ڪنهن عهدي لاءِ تعليمي قابليت مقرر ڪرڻ بابت ان کان صلاح ورتي ويندي هئي ۽ هڪ ئي ڪاتي ۾ ترقين بابت به ان کان مشورو ورتو ويندو هو. انهي طريقه ڪار سان گڏيل ڪميشن کي نه فقط ڪنهن نوڪري لاءِ سرڪاري پرتي پر آفيسرن جي ڪيريئر ۾ هر مرحلي تي ترقين جي معاملي ۾ چگو اثرائتو ڪنٽرول حاصل هوندو هو. سنڌ پبلڪ سروس جي ڪيل ڪم جو ڪجهه اندازو سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي ڪارڪردگي بابت سال 54_1953ع جي رپورٽ ۾ آيل ڪجهه ڳالهين مان ٿي ويندو. انهي ۾ بيان ٿيل آهي ته ڪميشن انهي سال دوران تقريباً 5645 ريفرنس اڪلايا. ڪميشن سال دوران 51 رسمي گڏجاڻيون ڪيون جيڪي اڪثر ڪميشن پاران نوڪرين جي اشتهار ڏنل اميدوارن جي انٽرويوز لاءِ هيون. ڪميشن سال دوران 311 عهدن لاءِ اشتهار ڏنا ۽ 263 اميدوارن کان انٽرويو ورتا. ڪميشن سال دوران ترقين، بدلين ۽ مستقلين جا 129 ڪيس اڪلايا ۽ انهن عهدن لاءِ 153 اميدوارن بابت سوچ ويچار ڪئي وئي. گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ جي سيڪشن 266 جي سب سيڪشن 3 جي پيراگراف سي تحت ڪميشن ڏانهن 19 ڪيس موڪليا ويا انهن مان اڪثر ڪيس هندو آفيسرن بابت هئا جيڪي پنهنجيون نوڪريون ڇڏي ويا هئا. ڪميشن ورهاڱي کان پوءِ ريفيوجي ۽ ريهيبيليٽيشن ڊپارٽمينٽن ۾ گزيٽيڊ عهدن تي پرتي جي قاعدن قانونن، ليبر آفيسر جي پرتي جي قاعدن قانونن، سنڌ ٽريزري سروس ۾ پرتي جي قاعدن قانونن، اسسٽنٽ ڪليڪٽرن جي سکيا بابت قاعدن قانونن ۾ ترميم ۽ هندستاني هائير اسٽئنڊرڊ ڪمرشل ايگزامينيشنز لاءِ درسي ڪتابن جي نظرثاني جي معاملن بابت مشورا ڏنا. اهم مقررين (appointments) کي اڪلائڻ لاءِ حڪومت جي ضابطن جي

معيار کي بهتر بنائڻ ۾ سرڪاري ملازمن جي حقن جو تحفظ ڪرڻ ۾ مجموعي طور پبلڪ سروس جي ڪارڪردگي تمام ڪارائتي رهي آهي. حڪومت ۽ ڪميشن جي وچ ۾ مجموعي طور لاڳاپا اطمينان بخش ۽ دوستاڻا رهيا آهن. ڪميشن کي وقت بوقت حڪومت پاران پاڻ کي باءِ پاس ڪرڻ جو لاڙو نظر ايندو رهيو آهي. اها صورتحال خاص طور انهن مقررين جي معاملي ۾ ٿيندي آهي جيڪي شروعاتي طور عارضي طور ڇهن مهينن لاءِ ڪيون ويندیون آهن ۽ پوءِ ڪميشن کي انهنکي مستقل ڪرڻ جو چوڻ کان بغير ئي انهنکي جاري رکيو ويندو آهي. بهرحال اهي ننڍا معاملا آهن. حڪومت جي ڪارڪردگي ۾ ڪميشن جي خدمت سبب جيڪا بهتري آئي آهي انهي بابت کنهن مبالغي کان ڪم نه ٿو وٺي سگهجي.

سيڪشن 5

ٽريڊ يونين ۽ محنت ڪش جا معاملا

سنڌ ۾ ٽريڊ يونينون ايجا واڌ ويجهه جي تمام ابتدائي مرحلي ۾ آهن ۽ گذريل پندرهن ورهين کان ۽ خاص طور 1947ع ۾ پاڪستان ٺهڻ کان وٺي ملڪ ۾ صنعتون هٽڻ جي مختلف ڪوششن جي باوجود ٽريڊ يونينن جي سرگرمي جو دائرو وڌائڻ بابت تمام ٿورو ڪم ٿيو آهي. ٽريڊ يونينن جو اثر ايجا به آبادي جي تمام ٿوري حصي تي آهي. سنڌ جو علاقو تقريباً سمورو زرعي آهي ۽ جيئن هن گزيٽيئر جي شروعاتي باب ۾ اڳ ۾ ئي بيان ڪيو ويو آهي ته في الوقت اهڙا آثار گهٽ نظر اچن ٿا ته ملڪ جي غالب زرعي حيثيت ۾ ويجهي مستقبل ۾ ڪو وڏو قير و ايندو. انڊين ييئر بڪ 1947ع ۾ انهي ورهيه ۾ هندستان ۾ ٽريڊ يونينن جي اجوڪي صورتحال بابت به وڏي حد تائين صحيح آهي. جيستائين پاڪستاني صنعتن ۾ ڪم ڪندڙن جو تعلق آهي ته انهن جو ٽريڊ يونين سرگرمين سان ايترو تعلق نه آهي جيترو مغربي ملڪن جي صنعتي ڪارڪنن جو هوندو آهي. ڪارڪنن جي ذهنن ۾ انتقامي ڪاروائي ۽ بدلو وٺڻ جو خوف ايترو ته مضبوطي سان ويڙهل آهي جو هو پنهنجن مفادن جي بچاءَ لاءِ ناهيل گروپن ۾ آزادي سان شامل نه ٿا ٿي سگهن. ٽريڊ يونين ڪارڪنن کي جنهن وڏي دشواري کي منهن ڏيڻو پوي ٿو اها آهي ميمبرن کان چندو گڏ ڪرڻ. گذريل هڪ ڏهاڪي جي تجربي مان خبر پوي ٿي ته اڪثر يونينون انهي ڪري غير فعال ٿي ختم ٿي ويون جو انهن جا عهديدار چندو گڏ ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي ويا.

احمد آباد ٽيڪسٽائيل ليبر يونين جي طرز تي هلندڙ يونينون تمام ٿوريون آهن. کي مفاد رکندڙ باهرين ماڻهن جي شوق سبب زنده يونينن جي اڪثريت خالي بي جان ڍانچن وانگر آهي جن وٽ کي به نڊ نه هوندا آهن ۽ ميمبر شپ جو تعداد به وڌائي بيان ٽيل هوندو آهي. انهن جو واسطو فقط پنهنجي حيثيت سرڪاري طور مجرائڻ سان هوندو آهي. پاڪستان جي پنج سالا منصوبي 1960-1955ع ۾ آهي ته ملڪ ۾ ٽريڊ يونين تحريڪ ايجا نسبتاً ننڍي پيماني تي آهي. يونينون ايجا ٿورن ڪارخانن ۽ ادارن ۾ آهن ۽ جيڪي موجود آهن انهن مان به سڀ پنهنجي ميمبرن جي نوڪري جي شرطن بابت ڪو اثر رسوخ نه ٿيون هلائي سگهن. اجرتن ۽ ڪمن جي حالتن بابت اڪثر فيصلا نوڪري ڏيندڙ ۽ نوڪري ڪندڙ جي وچ ۾

انفرادي لاهو گاهو جي بنياد تي ٽين ٽا جنهن ۾ نقصان اوس ملازم جو ٿئي ٿو. ٽريڊ يونينن جي واڌ ويجهه کي سرڪاري پاليسي جي حمايت ۾ حاصل آهي. حڪومت پاڪستان 1955ع ۾ اها ڳالهه واضح ڪئي ته سندس پاليسي حقيقي ۽ صحتمند ٽريڊ يونينن جي واڌ ويجهه کي هٿي وٺرائڻ هئي. پر سنڌ ۾ انهي لحاظ کان کي تبديليون آڻڻ ۾ ڪو ڪم نه ٿيو آهي. ٽريڊ يونينس ائڪٽ 1926ع جي ڪارگذاري بابت 31 مارچ 1955ع تي مڪمل ٽيندڙ سال جي رپورٽ مان هيٺيون حقيقتون سامهون اچن ٿيون. سال جي آخر تائين رجسٽرڊ ٿيل ٽريڊ يونين جو تعداد 15 هو جن مان 5 کي ائڪٽ جي سيڪشن B_10 تحت شوڪاز نوٽيس ڏنو ويو ته هو بن مهينن جي اندر لکت ۾ جواب ڏين ته هنن جيئن ته سالياني رٽرن جمع نه ڪرايو آهي تنهنڪري چو نه انهن جي رجسٽريشن منسوخ ڪئي وڃي. 31 مارچ 1955ع تي مڪمل ٽيندڙ سال ۾ ائڪٽ تحت رجسٽرڊ يونينن جي جملي ميمبرن جو تعداد فقط 2474 هو. سال جي شروعات تائين رجسٽرڊ ٿيل ڏهن ٽريڊ يونينن جا جملي روڪ اثاثا 7586 رپيا 2 آنا هئا. حيدرآباد صراف ايسوسيئيشن جا روڪ اثاثا سيني کان وڌيڪ يعني 2638 رپيا هئا. ڪنهن به ٽريڊ يونين وٽ جيئن ٽريڊ يونينز ائڪٽ 1926ع جي سيڪشن 16 هيٺ گهربل هو کي به Securities نه هيون نه ئي ڪو سياسي فنڊ رکيل هو.

سنڌ ۾ مارچ 1951ع ۾ هڪ ليبر آفيس قائم ڪئي وئي جيڪا هن پارٽ تائين آفيسرن تي مشتمل هئي. انهن مان ڪمشنر آف ليبر ان سنڌ، ڊائريڪٽر آف انڊسٽريز پڻ هوندو آهي ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر آف ليبر جيڪو وارڊن آف ويٽس اينڊ ميزرس پڻ هوندو آهي. اسسٽنٽ ڪمشنر آف ليبر، سنڌ ائگريڪلچرل ڪميشن جي آڏو ڊسمبر 1953ع ۾ پنهنجي بيان ۾ چيو ته ليبر ڪمشنر جي ڊپارٽمينٽ جي ڪمن ۾ هنن قانونن تي عملدرآمد ڪرائڻ اچي ٽي ويو: انڊسٽريل ڊسپيوٽز ائڪٽ، انڊسٽريل ايمپلائيمينٽز اسٽينڊنگ آرڊرس ائڪٽ 1946ع، سنڊشاپس ائينڊ اسٽيبلشمينٽس ائڪٽ 1940ع، ٽريڊ يونينز ائڪٽ 1926ع ۽ انڊسٽريل اسٽيٽسٽڪس ائڪٽ. هن ڊپارٽمينٽ جي وڌيڪ ذميوارين ۾ انٽرنيشنل ليبر آفيس ڪانوينشنس بابت مشورا ڏيڻ ۽ انهن بابت حڪومت کي تجويزون ڏيڻ شامل هو. ڪمشنر آف ليبر کي انڊسٽريل ڊسپيوٽز ائڪٽ تحت ڪنسيليئيشن آفيسر جي حيثيت حاصل آهي. هو ٽريڊ يونينز ائڪٽ تحت رجسٽرار آف ٽريڊ يونينز آهي، انڊسٽريل ايمپلائيمينٽ اسٽينڊنگ آرڊرز ائڪٽ تحت سرٽيفائينگ اٿارٽي آهي ۽ انڊسٽريل اسٽيٽسٽڪس ائڪٽ تحت اسٽيٽسٽيڪل اٿارٽي آهي. البت فيڪٽريز ائڪٽ لاڳو ڪرڻ چيف انسپيڪٽر آف فيڪٽريز جي ذميواري آهي ۽ پيسنٽ آف ويجز ائڪٽ پڻ ساڳيو آفيسر لاڳو ڪندو آهي. انڊسٽريل ڊسپيوٽز ائڪٽ 1947ع صنعتي تڪرارن جي تفتيش ۽ ٺهراءَ ڪرائڻ بابت آهي. ڪمشنر آف ليبر هن ائڪٽ جي ڪارج مطابق ڪنسيليئيشن آفيسر آهي جو جتي به ڪو صنعتي تڪرار جنم وٺي ته اهو حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ سندس ذميواري آهي. جيڪڏهن ڪو ٺهراءَ نه ٿئي ته مسئلو حڪومت ڏانهن موڪليو ويندو. حڪومت تڪرار جي حل لاءِ ڪنسليئيشن بورڊ، ڪورٽ آف انڪوائري يا ٽريبونل مقرر ڪندي. سال 1953ع دوران ڇهه تڪرار پيدا

ٿيا. جن جي نتيجي ۾ ڪم ٻيهجي ويو. اهڙي طرح ڪم ٻيهارڻ ۾ جملي 931 فرد ملوث هئا ۽ 7228 ڪم ڪرڻ جي ڏينهن (Man days) جو نقصان ٿيو.

سنڌ شاپس اينڈ استيبلشمينٽس ايڪٽ 1940ع دڪانن، ڪاروباري ادارن ۽ عوامي تفريح جي جاين تي ڪم ڪندڙ ماڻهن جو احاطو ڪري ٿو ۽ ان ۾ ڪم جي وقت، ساهي جي وٺين، ڪم جي پکيڙ ۽ اوور ٽائيم بابت قانون سازي ٿيل آهي. اهو انهن صنعتي ادارن تي لاڳو ٿئي ٿو جتي هڪ سو يا ان کان وڌيڪ ماڻهو ڪم ڪندا هجن. انهن ادارن تي لازم آهي ته هو چٽي ريت ٻڌائين ته اتي ڪم ڪار جون حالتون ڪهڙيون آهن ۽ هو انهن کان اتي ڪم ڪندڙ ماڻهن کي ٻه آگاهي ڏين. ڪم جي حالتن ۾ هڪ ته ملازمن جي درجي بندي واضح هجي ته اهي مستقل آهن يا ڪچا يا اجا ڪنهن ٻئي طبقي ۾ آهن. وري شفٽن ۾ ڪم حاضري، نوڪري تان معطلي، موتوفي يا برخواستگي ۽ ٻيا معاملات واضح هجن. حڪومت نموني جا Standing Orders ۽ هر اداري جا Standing Orders تجويز ڪري چڏيا آهن. هر اداري لاءِ لازمي آهي ته جيتري قدر ٿي سگهي انهن Standing Orders جي مطابق هلي. سنڌ ۾ 1953ع ۾ 84 صنعتي ادارا هن ايڪٽ جي دائري هيٺ آيا جن مان 13 دائمي هلندڙ جڏهن ته باقي 71 موسمي هئا جيڪي سال ۾ چئن کان ڇهن مهينن لاءِ هلن ٿا. انهن ۾ ڪائٽن پريسنگ ۽ جننگ فيڪٽريون اچي وڃن ٿيون. ايڪٽ جي دائري ۾ ايندڙ جملي ملازمن جو تعداد 19000 آهي. جن مان تقريباً 3000 مستقل بنياد تي ڪم ڪن ٿا جڏهن ته ٻيا ڪي متبادل يا سيڪڙوات آهن.

حڪومت پاڪستان ملازمن سان چڱي سلوڪ جي پنهنجي پاليسي تي هلندي پاڪستان جي مسئلن جي سروي لاءِ آءِ ايل او. ماهرن جي هڪ ٽيم گهرائي. انهن ماهرن ڪيترن ئي صنعتي مرڪزن جو دورو ڪرڻ کان پوءِ مرڪزي حڪومت کي پنهنجي رپورٽ پيش ڪئي. حڪومت پاڪستان ليبر ايڊمنسٽريشن جي معيار ۾ بهتري آڻڻ لاءِ آءِ ايل او. ماهرن جي مدد سان ليبر معاملن بابت ڇهه ماهي اپياسي ڪلاس هلايا. سنڌ حڪومت پڻ موقعي جو فائدو ونندي ۽ ماڻهو سکيا لاءِ موڪليا. جن ٻنهي سکيا جي تڪميل تي ورتل امتحان پاس ڪيو. اڳتي هلي انهن مان هڪ کي ليبر معاملن بابت اپياس لاءِ ڪولمبو پلان تحت برطانيا موڪليو ويو. سنڌ حڪومت عوام ۽ سرڪار مشينري ۾ ويجهو تعلق قائم ڪرڻ لاءِ صوبي جي ضلعن ۾ ڊسٽرڪٽ ايڊوائيزري بورڊ فار ليبر قائم ڪيا. انهن بورڊ ن جي جوڙ جڪ اهڙي طرح هئي جو ڪليڪٽر بورڊ جو چيئرمن ۽ ڪمشنر آف ليبر يا ان جو ڪو نمائندو ۽ سرڪار طرفان نامزد ٿيل غير سرڪاري ماڻهو ان جا ميمبر هوندا هئا. بورڊ جي ذميوارين ۾ عمومي اطلاق جي مسئلن تي بحث ڪرڻ ۽ ليبر ويلفيئر جي معاملن بابت حڪومت کي مشورو ڏيڻ شامل هوندو هو. اسسٽنٽ ڪمشنر آف ليبر سنڌ انڊسٽريل ڪلچرل ڪميشن آڏو 1953ع ۾ پنهنجي بيان ۾ چيو ته هن جي ڊپارٽمينٽ جي طرفان فقط انهن ئي محنت ڪشن جي ويلفيئر جا ڪم ڪيا وڃن ٿا جيڪي ليبر قانونن جي دائري ۾ اچن ٿا ۽ انهي کان سواءِ محنت ڪشن جي ويلفيئر جو خاص ڪم نه ٿو ڪرايو وڃي. هن اهو به چيو ته فقط سنڌ سيمينٽ ورڪس

روهڙي ۾ انڊس گلاس ورڪس حيدرآباد ۾ فيڪٽري جي احاطي اندر ئي طبي سهوليتون مهيا ڪيون ويون ٿيون ۾ ٻي ڪنهن به فيڪٽري ۾ ڪارڪنن جي طبي امداد لاءِ ڪو به بندوبست موجود نه آهي. فيڪٽري ڪارڪنن مان بيروزگارن جي ڪابه انشورنس ٿيل نه آهي نه ئي پيرسني يا معذوري جي پينشن جو ڪو بندوبست آهي ۽ نه ئي مختلف فيڪٽرين ۾ ڪا گهٽ ۾ گهٽ پگهار مقرر ٿيل آهي. تنهنڪري اها ڳالهه واضح آهي ته سنڌ فيڪٽري ڪارڪنن جي سماجي ڀهبود جي راهه ۾ ڪا گهڻي ترقي نه ڪئي آهي. سنڌ جيئن ته 1955ع ۾ اولهه پاڪستان جي ون يونٽ انضمام ۾ منظر تان غائب ٿي وئي ته ليبر معاملن جو ڪنٽرول لاهور ۾ اولهه پاڪستان جي ليبر ڊائريڪٽوريٽ ڏانهن منتقل ٿي ويو آهي جيڪا حڪومت پاڪستان پاران 60_1955ع واري پنج سالا منصوبي لاءِ منظور ٿيل مختلف تجويزن تي عملدرآمد ڪرائي رهي آهي. سنڌ حڪومت منظر تان غائب ٿيڻ کان اڳ ڪينٽين رولز تشڪيل ڏنا هئا جن مطابق 250 يا ان کان وڌيڪ ڪارڪن رکندڙ سيني صنعتي ادارن کي پنهنجن ڪارڪنن کي ڪينٽين جو سهوليتون ڏيڻيون هيون. اهي ڪينٽينون مالڪن ۽ ملازمن جي گڏيل بندوبست تحت هلڻيون هيون ۽ انهن قاعدن ۾ ڪينٽين جي احاطي ۾ صفائي ستڪائي جي حالتن، ڪم ايندڙ ساز سامان ۽ ضروري اڪائونٽ بڪ رکڻ بابت شقون رکيل هيون. انهن اڪائونٽ بڪن جي حڪومت پاران مقرر ٿيل آفيسر چڪاس ڪن ها. سنڌ ۾ جنهن سماجي قانون بابت چئي سگهجي ٿو ته انهي جون پاڙون مضبوطي سان ڪتل آهن ته اهو آهي سنڌ شاپس اينڊ اسٽيبلشمينٽس ايڪٽ.

سيڪشن 6: سنڌ ۾ آرمي

سنڌ جي تاريخ ۾ جيتوڻيڪ خون خرابي ۽ ويڙهاند جا به ڪيترائي بيان ملن ٿا پر مقامي سنڌي آبادي جنگجو فوجي نسل نه آهي. گذريل دورن ۾ ملڪ ۾ جيڪي جنگيون وڙهيون ويون انهن جو وڏو حصو ٻاهران آيل ماڻهن ڪيو. هاڻوباقي ڪجهه جنگيون ڪڙيل راجپوت قبيلن پاران ڪيون ويون جن هيٺاهين سنڌ جي ڪجهه حصن تي قبضو ڪيو ۽ تمام وڏي فوجي بهادري جو مظاهرو ڪيو. مقامي سنڌ جي پر امن طبيعت جو مظاهرو پهرئين جنگ عظيم جي پڄاڻي وقت ڏسڻ ۾ آيو جڏهن سنڌين کي هڪ بلوچي ريجمينٽ ۾ پرتي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. انهي ڪوشش کي 1918ع ۾ بي فائدي سمجهي ترڪ ڪيو ويو جو نوان پرتي ٿيل سپاهي ڪنهن فوجي نظم ضبط جو ڪو اثر ئي نه پيا وٺن ۽ انهي کي سمجهڻ کان ئي پڙ ڪيڊي ٻيهي رهيا. مستقبل ۾ جيڪڏهن ملڪ جي ترقي جي هڪ اقدام طور لازمي فوجي پرتي جي نظام تحت سموري آبادي جي جبري پرتي ضروري ٿي پئي ته ڇا ٿيندو؟ اهو هڪ اهڙو مسئلو آهي جيڪو مستقبل پاڻ حل ڪندو. هن گزيٽيئر جو مولف سر پيٽرڪ ڪيڊل سي.ايس.آءِ.وي.ڊي بمبئي آرمي جي مؤرخ ۽ اڳوڻي ڪمشنر ان سنڌ جو سنڌ جي جديد فوجي تاريخ جي هن بيان بابت ٿورائتو آهي جنهن ۾ هيٺاهين سنڌو ماٽري جي ماڻهن جي فوجي معاملن ۾ طاقت ۽ پڻ ڪمزوريون ڏيکاريل آهن:

"سنڌ جي تاريخ هڪ اهڙي قوم جو داستان آهي جيڪا بنيادي طور غير جنگجو قوم آهي جنهن جي حدن ۾ عربن، مغلن، بلوچن ۽ افغانين جهڙيون وڏيڪ طاقتور ۽ وڏيڪ متحد قومون دخل اندازي ڪنديون رهيون آهن. سنڌين بابت جيتوڻيڪ اڪثر اها ڳالهه چئي ويندي آهي ته اهي اولهه هندستان جي بهترين پاڙيتو سپاهين مان هڪ آهن پر ٽي سگهي ٿو ته اهي سنڌ جا اصلوڪا رهواسي نه پر بلوچ يا مڪران جي صوبي جا هجن. سنڌ ڪڏهن دهلي ته ڪڏهن ايراني يا افغاني سلطنت جو هڪ ڏورانهون صوبو هوندي هئي. تنهنڪري ان جي حالت به ان جي ڏورانهن حاڪمن جي قسمت مطابق تبديلي ٿيندي رهندي هئي. اولهه هندستان ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني جي آبادين سان ان جا رابطا فقط واپار تائين محدود رهيا جن جو دارومدار به مقامي حاڪمن جي خوشنوديءَ تي رهندو هو.

جيتوڻيڪ ارڙهين صدي جي پوئين اڌ ۾ اهڙن امڪانن جو احساس ٿي ويو هو ته سنڌو درياء ذريعي اتر اولهه هندستان ۽ پوءِ وچ ايشيا تائين پهچي سگهجي ٿو پر يورپ جي ڪنهن به واپاري ڪمپنيءَ دخل اندازي جي ڪابه ڪوشش نه ڪئي. برطانوي اختيارين جو سنڌ جي حڪمرانن ۽ عوام سان پهريون رابطو مٽي بيان ٿيل مختصر ڪاروباري ڪوشش کي چڏي، گجرات، ڪاٺياواڙ ۽ ڪچ ۾ برطانوي اثر پکڙجڻ سبب ٿيو. برطانوي اثر جي پکيڙ جا وري هي سبب هئا: دهلي جي شهنشاهن جو اثر ڪمزور ٿيڻ، انهن جي جاءِ تي ايندڙ مرهٽن ۾ اندروني اختلاف ٿيڻ ۽ ڪچ ۽ ڪاٺياواڙ جي ساموندي ڪنارن جي ساموندي ڦورن ڦاران واپار کي نقصان پهچائڻ. انهن جي حملن بمبئي حڪومت کي انهن خلاف تاديبي ڪارروايون ڪرڻ تي مجبور ڪيو ۽ جيئن ته مرهٽن جي طاقت گهٽ ٿيندي پئي وئي تنهنڪري بمبئي پريزيڊنسي جي اترئين حصي ۾ نظم ضبط قائم ڪرڻ پڻ ضروري هو. سنڌ جي رهواسين سان سڀ کان اوائلي هٿياربند ٽڪراء بلوچن، خاص طور سنڌ جي ڏکڻ ايرندي حصي مان ننگر پارڪر جي ڪوسا قبيلي جي مداخلت سبب ٿيا. هن ايراضي ۽ ڪچ وچ ۾ سموري رڻ ڪچ مان سرحد بابت ڪابه چٽائي نه آهي ۽ اهو اڄ تائين به هڪ تڪراري مسئلو رهيو آهي. سنڌ مان انهن مداخلتن بمبئي حڪومت کي مجبور ڪيو ته پنهنجي اتحادي ڪچ جي راجا جي مدد لاءِ فوجون موڪلي. هڪ دفعي ته بمبئي حڪومت جا فوجي ڦورن جي پٽيان سنڌ جي علاقي ۾ ڪاهي پيا ۽ هڪ قلعي تي قبضو ڪري ورتائون. انهيءَ جي نتيجي ۾ سنڌ جي ٽالپر حڪمرانن احتجاج ڪيو ۽ افغانستان جي حاڪم ڏمڪيون موڪليون جو هو تنهن وقت تائين سنڌ تي حاڪميت جون دعوائون ڪندو هو ۽ سنڌ کان ڏن وٺندو هو. اهو مسئلو خوش اسلوبيءَ سان حل ٿي ويو پر ڪچ ۾ مقرر ٿيل ريزيڊنٽ پنهنجي Irregular Horse دستي جي مدد سان سنڌ جي ننگرپارڪر واري ايراضي ۾ نظم و ضبط قائم ڪيو ويندو هو. هاڻي اها ڳالهه واضح ٿي وئي ته سنڌ گهڻو وقت واپار ۽ پرامن مقصدن لاءِ ايندڙن لاءِ پنهنجا دربند نه ڪري سگهندي ڇاڪاڻ ته سنڌو درياء ذريعي اتر اولهه هندستان ۽ ان کان به اڳتي ٻين ملڪن لاءِ تمام سولو رستو ملي ٿي ويو. پنجاب جي سکن پاران به ڪاهه يا فتح جو امڪان هو ۽ افغاني به نئين سر مداخلت ڪري سگهيا ٿي جڏهن ته روسين پاران هندستان جي ميدانن تي ڪاهه به

بعيد از امڪان نہ هئي. انهي آخري سبب جي ڪري 1838ع واري پهرئين افغان جنگ لڳي. نہ فقط اهو تہ بمبئي مان سمنڊ رستي هڪ طاقتور فوج موڪلي وئي ۽ ڪراچي ۾ اڏو قائم ڪيو ويو پر برطانوي فوج جو مکيہ حصو جيڪو بنگال آرمي تي ٻڌل هو اهو جيئن تہ سکن جي غير جانبدار علائقي مان لنگهي نہ ٿيو سگهي تنهنڪري اهو مٿاهين سنڌ ڏانهن پنڌ روانو ٿي ويو ۽ بمبئي جي فوج جي تعاون سان بلوچستان جي جابلو لڪن منجهان قندار ذريعي افغانستان ۾ داخل ٿي ويو. سندن ملڪ جو اهڙي طرح استعمال سنڌ جي تالپر حڪمرانن کي پسند نہ هو پر انهن سان معاهدا ڪيا ويا ۽ ڪابہ مزاحمت نہ ڪئي وئي.

تالپر ميرن پنهنجن پيشرو ڪلهوڙن تي آخرين فتح کان پوءِ پنهنجي طاقت کي وسعت ۽ استحڪام ڏنو عمرڪوٽ تي قبضي ذريعي ريگستان تي ڪنٽرول ڪيو سنڌو درياء جي ڪپ تي سکر تي قبضو ڪيو ۽ آخرڪار 1824ع ۾ ٻاٽن کي ريهي ربي بغير جنگ جي شڪارپور خالي ڪرائي ورتائون. پر اهي ڪاميابيون فوجي عمل ذريعي حاصل نہ ڪيون ويون هيون. انهن فوجي طرز تي جيڪا واحد ڪوشش ڪئي انهي ۾ ڪين ذلت آميز شڪست ملي. افغانستان جو جلا وطن امير شاهہ شجاع پنهنجو تخت تاج ٻيهر حاصل ڪرڻ جو خواهشمند هو. اها شڪست ان جي تمام نندڙي فوج سکر جي ويجهو 1833ع ۾ سنڌي بلوچ فوج ڏني هئي. جڏهن برطانوي هندستاني فوج افغانستان ڏانهن پيش قدمي شروع ڪئي تہ سنڌ جي سرحد تي فسادي بلوچ قبيلن کي جان جيڪب خانڱڑهہ ۾ پنهنجي تازي تيار ڪيل اريگيولر هارس جي مدد سان ڪنٽرول ۾ رکيو هو. خانڱڑهہ پوءِ سندس نالي پٺيان جيڪب آباد ٿيو.

اهو چوڻ بيواجبي ٿيندي تہ ميرن هندستاني حڪومت جي فوجين جي ڪابل ۾ تباهي جو ناواجب طريقي سان فائدو ورتو. افغانستان جي صورتحال کي جنرل پولاڪ ۽ جنرل ناٽ جي ڪاميابي سنيالي ورتو ۽ ايڪسپيڊ يشنري فورس جو هڪ حصو قندار مان مٿاهين سنڌ موڪي آيو. هندستاني حڪومت جون فوجون هاڻي نيپيئر جي ڪمانڊ هيٺ هيون. هو فوجي اعزاز حاصل ڪرڻ جو وڏو خواهشمند هڪ سان گڏوگڏ هندستاني حالتن کان اڻ ڄاڻ هو. تالپرن جو پائيپي وارو نظام جنهن تحت سنڌ کي ڪٽنب جي شاخن ۾ ورهايو ويو هو، پڄي پري رهيو هو ۽ ان جي هڪ نوجوان فرد خيرپور جي مير علي مراد کي سندس حوصلي مندي هر ڪايو تہ هو مٿاهين سنڌ تي ڪنٽرول حاصل ڪري. هن نيپيئر کي ڏاڍي سولائي سان دلبي ۾ آڻي ورتو تہ سندس دعويٰ برحق هئي ۽ جنرل ڏاڍي سولائي سان اها ڳالهہ مڃي ورتي تہ جڏهن هندستاني فوج افغانستان ۾ مشڪلات ۾ هئي تہ حيدرآباد جي ميرن جو ورتاء مناسب نہ هو ۽ اهي ايران مان مدد وٺڻ جون ڪوششون ڪري رهيا هئا. مير لڙائي لاءِ آماده ۽ تيار نہ هئا پر نيپيئر سنڌ ڏانهن پنهنجي پيشقدمي روڪڻ کان نابري واري ٻيٺو. جنگ جو پهريون قدم جيتوڻيڪ بلوچن ياران نيپيئر جي نمائندي تي حيدرآباد جي ويجهو حملو هو پر نيپيئر جي لڳاتار پيشقدمي ۽ ميرن ۽ انهن جي بلوچ قبيلائين جي انهيءَ يقين سبب تہ نيپيئر ڪنهن بہ حالت ۾ جنگ کان نہ مڙندو. جنگ کي اٽڪر بڻائي ڇڏيو. اهڙي طرح سنڌ ۾ هڪ مختصر ڪاروائي جي شروعات ٿي جنهن جا بہ اهم معرڪا ميانڊي ۽ دبي ۾ ٿيا. انهي مهم برطانوي

جنرل جي جاندار ڪردار سندس فصيح خطن ۽ سندس باصلاحيت پاءُ سر وليم نيپيئر پاران لکيل تاريخ سبب مشهوري ماڻي ورتي آهي. ميانڻي جي پهرئين لڙائي ۾ ٻنهي ڌرين جي جوانمردي ۽ تعداد ۾ وڏي اڻ برابري سبب شديد مقابلو ٿيو. بهرحال جنرل پاران پاڻ کان وڏي تعداد واري فوج تي هوڙياڻي سان حملو ڪرڻ جي پڪي پهه ۽ سندس سپاهي جنهن دليري سان وڙهيا انهي جي مجوتي ته ڪرڻ گهرجي پر اها ڳالهه به ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته ميرن جي فوج وٽ پنهنجي بهادري ۽ وڏي انگ کانسواءِ لڙائي جي ڪابه تربيت نه هئي. جڏهن ته ٻين هندستاني حڪمرانن جهڙوڪ سنڌيا ۽ هولڪر ۽ وڏي ڳالهه ته پنجاب جي رنجيت سنگهه وڏيون مضبوط فوجون ٺاهيون هيون جن کي ٻاهرين مختلف قومن جي آفيسرن سکيا ڏني هئي ۽ انهن جي ڪمان به انهن آفيسرن جي هٿن ۾ هئي ۽ انهن سڀي تربيت ورتل توپ خاني (artillary) تي به خاص ڏيان ڏنو هو پر ميرن کي پيشيور سپاهي رکڻ يا انهن جي تربيت ۽ اڳواڻي لاءِ تجربيڪار غير ملڪي آفيسر رکڻ جي ڪڏهن به ڪوشش نه ڪئي هئي. ميرن وٽ جيڪي چند قديمي توپون هيون اهي به ڪمپني جي فوج جا ڀڳوڙا سپاهي هلائيندا هئا جن کي ميرن جي فوج ۾ ڪو اثر رسوخ ڪونه هو. بلوچ گهوڙيسوارن کي گهوڙي تي ويهي جنگ جي ڪا خبر ئي نه هئي جڏهن ته انهن جي پيٽ ۾ مرهٽن ۽ سکن جي گهوڙيسوار فوج ڏاڍي مضبوط هئي. ميرن جي فوج ۾ جنهن واحد اڳواڻ جو نالو ملي ٿو اهو آفريقي نسل جو ميرن جو هڪ ذاتي غلام هو جنهن وٽ ڪابه فوجي سکيا نه هئي. بلوچ تربيت يافته سپاهين وانگر نه پر قبيلائي سردارن هيٺ قبيلائين وانگر وڙهيا. وري خود ميرن ۾ به ڪا ڀڏي نه هئي.

هاڻي هڪ پاسي ٽالپرن جي حيدرآبادي شاخ ميانڻيءَ وٽ نيپيئر سان مهاڏو اٽڪيون بيٺي هئي ته ٻئي پاسي ميرپور واري شاخ جو مير شير محمد فقط ڇهه ميل پرتي ڏهه هزار فوج سان گڏ بيٺو هو. هن يا ته ٻي شاخ سان حسد ۽ ساڙ سبب يا ته ڪيس جيئن ته هندستاني حڪومت سان ڪو ذاتي جهيڙو نه هو تنهنڪري پنهنجن مائٽن سان اچي شامل ٿيڻ جي ڪابه ڪوشش نه ڪئي.

نيپيئر ميانڻي ۾ پنهنجي فتح ۽ ڪجهه ڪمڪ ملڻ کان پوءِ مير شير محمد تي ڪاهه ڪري ويو ۽ ڪيس حيدرآباد کان ڇهه ميل پري ڊهي وٽ شڪست ڏنائين. بلوچ جيتوڻيڪ جوانمردي سان وڙهيا پر هتي کين هندستاني حڪومت جي فوجن خلاف ميانڻي کان به گهٽ وجهه مليو جو انهي جي گهوڙيسوار فوج توڙي توپ خانو پئي نهايت تربيت يافتا هئا. انهن ٻنهي لڙاين کان پوءِ به معمولي جهڙپون ٿيون هڪ سيوهڻ ويجهو پير آري وٽ ۽ ٻي شهدادپور ويجهو ۽ صوبي جي الحاق کان پوءِ جلد ئي امن امان بحال ڪيو ويو. پوءِ سموري صوبي ۾ امن ٿي ويو ۽ 1857ع ۾ بنگال آرمي جي اٽندڙ بغاوت به ڪو خلل پيدا نه ڪيو. پوءِ ننگرپارڪر جي راجپوت قبيلن جي معمولي بغاوت کي ڇڏي صوبي ۾ امن امان جاري ٿي ويو. انهي بغاوت تي به سنڌ ۾ هڪ نئين تيار ڪيل رجمينٽ ذريعي ڪنٽرول ڪيو ويو.

صوبي جي رهواسين برصغير جي فوجن ۾ ڪو وڏو ڪردار ادا نه ڪيو آهي جو سنڌين ۾ ڪا فوجي روايت ڪانهي ۽ بلوچ رواجي فوجي نظم ضبط کي ناپسند ڪن ٿا. سن 1878ع کان 1881ع تائين ٻين

افغان جنگ دوران صوبو ڪارواين لاءِ ڪارائتو اڈو رهيو جو تڏهن مهم جي ڪاميابي لاءِ سرحد تائين ريلوي جي تکڙي تعمير لازمي هئي. برطانوي اختيار جي بلوچستان تائين توسيع ۽ ڪوئيٽا ۾ فوجي مرڪز ٺهڻ سان سنڌ جي هندستان جي هڪ سرحدي صوبي واري حيثيت ختم ٿي وئي. بهرحال پوءِ انهي جي پوزيشن ۽ ڪراچي جي هڪ وڏي بندرگاهه طور واڌ ويجهه ٻنهي عظيم جنگين دوران تمام اهميت واري رهي."

1958ع جي انقلابي حڪومت دوران تکڙيون تبديليون

هن گزيٽيئر جي تاليف دوران هڪ سڀ کان وڏي ڏکيائي تبديلين جو تکڙو اڇڻ آهي. اهي تبدليون خاص طور 1958ع کان پوءِ ايتري حيرت انگيز رفتار سان اڇڻ شروع ٿيون جيتري رفتار پارليماني گورنمينٽ ۾ ممڪن ئي نه هوندي آهي جنهن ۾ بحث مباحثي ۽ ڪجهه ڏيو ڪجهه وٺو تي زور هوندو آهي ۽ مختلف ٽولا پريشر گروپ ذريعي سياسي طاقت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. هن گزيٽيئر لکڻ جي شروعات 1957ع جي سرءِ جي مند ۾ ٿي. جيتوڻيڪ مواد گڏ ڪرڻ جي شروعات 1955ع کان ٿي وئي هئي. سن 1957ع کان هاڻي تائين سنڌ ۽ خيرپور ۾ ايترين تبديليون اچي ويون آهن جو مند ۾ جيڪو ڪجهه لکيو ويو هو انهي جي وڏي حصي تي وڏي نظرثاني ڪرڻي پئي ۽ ڦير ڦار ڪرڻي پئي. 27 آڪٽوبر 1958ع جي انقلاب جي نتيجي ۾ پارليماني حڪومت جو اهو قسم موقوف ٿي جنهن ۾ سنڌ گورنر وارو صوبو هڻڻ دوران رهي هئي. نئين حڪومت پاران آندل تبديلي جا ڦهريان اثر سڀني سياستدانن جو رد ٿي وڃڻ ۽ پارليماني نظام جي جاءِ تي هڪ مستحڪم حڪومت اچي وڃڻ هو. انهي ۾ ڪوشش ڪونهي ته اها تبديلي پاڪستان جي آبادي جي وڏي اڪثريت جي رضامندي سان آئي. جنهن انقلاب جي نتيجي ۾ پارليماني صدر جنرل اسڪندر مرزا برطرف ٿيو انهي جي نتيجي ۾ جنرل محمد ايوب خان رياست جو سربراهه ٿيو. صدر محمد ايوب خان انقلابي حڪومت پاران پهرئين سال ۾ ڪيل ڪم تي تبصرو ڪندي 27 آڪٽوبر 1959ع تي قوم کي ڪيل هڪ نشري تقرير ۾ نئين حڪومت جا آدرش بيان ڪيا. هن چيو ته انقلاب جي شروعاتي ڏينهن ۾ جڏهن اسين ڪيترن ئي فوري توجه طلب مسئلن کي منهن ڏئي رهيا هئاسين ۽ تڏهن ايندڙ واقعن بابت ڪا اڳڪٿي ڪرڻ ايترو سولو ڪم نه هو تڏهن مون توهان سان ڪجهه واعدا ڪيا هئا. مون اهي واعدا ڏاڍي عجز انڪساري سان پر اعتماد سان ڪيا هئا ته اسان جيڪو انقلاب آندو هو ان جو پهريون ڪم اسان جي عوام لاءِ آزادي ۽ ترقي آڻڻ هو. اسين هتي پاڻ کي مستقل طور رکڻ يا فقط پنهنجي لاءِ اختيار استعمال ڪرڻ نه آيا آهيون. انقلاب ته فقط هڪ مقصد تي پهچڻ جو ذريعو هو قومي ۽ انفرادي نئين تشڪيل جي علامت هو ۽ اسان جي زندگي ۽ سرگرمي جي هر ميدان ۾ تعميري جدوجهد جو مهاڀ هو. اهو هڪ اهڙي جمهوريت لاءِ راهه هموار ڪرڻ آيو هو جيڪا جمهوريت جو ڪِل جوڳو مثال نه هوندي جنهن وقت اسان جي سياستدانن جي اڪثريت شخصي مفادن لاءِ ملڪي وسيلن جو سودو ڪري رهي هئي ۽ هر طرف سمگلنگ، ذخيره اندوزي ۽ بليڪ مارڪيٽنگ جي گهڻ منهين بلا جو راج هو انهي وقت ان جو مٽو چٽيو ويو هو.

هاڻي انقلابي حڪومت هيٺ پاڪستان ۾ جاري نظام افلاطون واري ريپبلڪ جي محافظن وارو نہ پر ڏاهن جي حڪومت وارو آهي. هاڻي اها ڳالهہ تہ مستقبل ڏيکاريندو تہ نئين نظام ۾ پائيداري جون ڪي خصوصيتون آهن يا دير سوير ڪي منحرف قوتون انهي جي بنيادي نوعيت کي تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪنديون ۽ اهڙيون ڪي برائيون واپس آڻيندیون جن جي انقلابي حڪومت پاڻ پٽي هئي. آڪٽوبر 1958ع کان پاڪستان ۾ جيڪي بنيادي تبديليون آيون آهن انهن جو گهڻو تڻو تعلق زميني سڌارن، قانوني سڌارن، آئيني سڌارن، انتخابي سڌارن ۽ لوڪل گورنمينٽ سڌارن سان آهي. اهي سموري پاڪستان لاءِ عام آهن ۽ سنڌ پنهنجي حيدرآباد ۽ خيرپور جي ٻن ڊويزنن جي صورت ۾ جيڪو ڪجهہ ٿيو آهي انهي ۾ شريڪ آهي.

هن گزيٽيئر ۾ انهن عظيم سڌارن جو اختصار ڏيڻ ٻيجا نہ ٿيندو. جيستائين زميني سڌارن جو تعلق آهي تہ هن گزيٽيئر جي گذريل بابن ۾ انهن بابت لکجي چڪو آهي ۽ هاڻي انهي موضوع تي وڌيڪ ڪجهہ نہ ٿو چئي سگهجي. جيستائين قانوني سڌارن جو تعلق آهي تہ پاڪستان لا رفارم ڪميشن هڪ خودمختيار عدليہ ذريعي سپني لاءِ سستو ۽ تڪڙو انصاف يقيني بنائڻ لاءِ دُور رس تجويزون ڏنيون آهن. هن ڪوناٽن علاقن ۾ عدالتي پنچائتون قائم ڪرڻ جي تجويز ڏني آهي. انهن پنچائتن کي ديهاتي عدالت يا رورل ڪورٽس چيو ويندو آهي. اهي ننڍڙن فوجداري ۽ ديواني ڪيسن جا فيصلا ڪنديون. ساڳئي طرح شهري علاقن لاءِ وارڊ ڪورٽس جي تجويز ڏني وئي آهي. ڪميشن جي هڪ ٻي اهم تجويز اسلامڪ لا ڪميشن جي طرز تي هڪ بااختيار ادارو تشڪيل ڏيڻ آهي. پاڪستان جي گذريل آئين ۾ انهي جو نقشو پيش ڪيو ويو هو. ڪميشن فيملي لاز لاڳو ڪرڻ لاءِ اسپيشل ڪورٽون قائم ڪرڻ جي تجويز ڏني آهي. اهڙي ئي تجويز ڪميشن آف مئريج اينڈ فيملي لاز پڻ ڏئي چڪي آهي. ڪميشن فوجداري ڪيسن ۾ دير کان بچڻ لاءِ آنريري مئجسٽريٽن جي اداري کي جيارڻ ۽ موبائيل ڪورٽون قائم ڪرڻ جي تجويز ڏني آهي. جيڪي مخصوص ۽ ڪجهہ ننڍين ڪيسن جا فيصلا ڪنديون. ڪميشن جي رپورٽ ۾ آهي: ملڪ ۾ چالو عدالتي قانوني چاره جوئي جي نظام بابت ڪڏهن ڪڏهن اها تنقيد ٻڌڻ ۾ ايندي آهي تہ اهو تمام منجهيل آهي ۽ اسان جي ماڻهن جي مخصوص مزاج جي موافق نہ آهي. ڪجهہ نقادن جي راءِ آهي تہ اهو نظام بلڪل ختم ڪيو وڃي ۽ ان جي جاءِ تي بلڪل سادو نظام آندو وڃي. جديد دنيا ۾ زندگيءَ جون حالتون پيچيديون ٿي ويون آهن ۽ اها پيچيدگي انهي ملڪ کي هلائيندڙ چلائيندڙ قانونن ۾ بہ ڪنهن حد تائين نظر اچڻ گهرجي. اسان کي ورثي ۾ مليل قانونن جي طريقہ ڪار جو اڪثر غلط استعمال ٿيو آهي. پر انهي جو گهڻو سبب انهي کي لاڳو ڪندڙ انساني عنصر يا ان جي تشريح آهي. انهن قانونن جي تشڪيل جو بنيادي مقصد ڪنهن خوف يا مهرباني کانسواءِ ٻن انسانن جي وچ ۾ يا محڪوم ۽ رياست جي وچ ۾ انصاف کي يقيني بنائڻ هو. هن قانون جي فني ۽ ٽيڪنيڪي ڳالهين جو عادي ٿي وڃڻ ۽ انهن ۾ وڏيون ۽ دور رس تبديليون آڻڻ هڪ تمام وڏو انقلابي قدم ٿيندو جنهن کي دانشور طبقي ۾ عام مقبوليت نہ ملندي ڪنهن بہ قانوني نظام سان گڏ ڪجهہ قدر دستوري ضابطن جي پوئواري ضروري هوندي آهي.

جيستائين آئيني ۽ انتخابي سڌارن جو تعلق آهي تہ شايد سڀ کان اهم تبديلي جو خاکو 27 آڪٽوبر 1959ع تي جاري ٿيل بيسڪ ڊيموڪريسيز آرڊر ۾ موجود آهي. آرڊر اهو قانون لاڳو ڪيو تہ يونين ڪائونسلن جون چونڊون بالغ حق راءِ دهي جي بنياد تي ٿيندڙيون. اميدوارن جي نامزدگي ۾ اقليتن، عورتن جي تنظيمن ۽ زرعي، صنعتي يا ڪميونٽي ڊيولپمينٽ جي مفادن جي نمائندگي جو لحاظ رکيو ويندو. يونين ڪائونسلن جي ذميوارين جو دائرو وسيع هوندو. اهي پنهنجي چيئرپرسن جي چونڊ ڪنديون، پنهنجيون بجيٽون ٺاهينديون، انهن کي لوڪل فنڈ هوندو ۽ ڪمشنر جي اجازت سان ٽيڪس هڻي سگهنديون. آرڊر تحت هي ڪائونسلون ٺاهيون ويندڙيون. پهريون، ڳوٺاڻن علاقن ۾ هڪ يونين لاءِ هڪ رورل ڪائونسل ۽ شهري علاقن ۾ ٽائون لاءِ هڪ ٽائون ڪميٽي يا يونين لاءِ هڪ يونين ڪميٽي ٻيون، اوپر پاڪستان ۾ هڪ ٽاڙي لاءِ ٽاڙا ڪائونسل ۽ اولهہ پاڪستان ۾ تحصيل لاءِ هڪ تحصيل ڪائونسل ٽيون، هڪ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل. چوٿون، هڪ ڊويزنل ڪائونسل، پنجون، ۽ صوبائي ڊيولپمينٽ ايڊوائيزري ڪائونسلون، هڪ اولهہ پاڪستان لاءِ هڪ اوپر پاڪستان لاءِ يونين ۾ زرعي، صنعتي ۽ ڪميونٽي ڊيولپمينٽ جا ڪم يونين ڪائونسل جي ذمي هوندا. انهن جي ڪم جو دائرو ڏاڍو وسيع هوندو. مثال طور ڪو آپريٽو تحريڪ جي واڌ ويجهہ ۽ ترقي، ڳوٺاڻين صنعتون، ٻيلا لائيو اسٽاڪ ۽ ماهي گيري، غذائي پيداوار وڌائڻ جا اپاءَ وٺڻ، ڪوهہ نلڪا، حوض، تلاءَ ۽ واٽر سپلاءِ جا ٻيا ذريعا مهيا ڪري ڏيڻ ۽ انهن جي سار سنيال، نقصانڪار شين جي واپار کي نظم ضبط ۾ رکڻ، صفائي ستڪائي، يونين جي صفائي لاءِ ٻيا اپاءَ وٺڻ، عام لنگهہ جا رستا ۽ گهٽيون مهيا ڪري ڏيڻ ۽ انهن جي سار سنيال ۽ ٻيا اهڙا اپاءَ وٺڻ جن ذريعي يونين جي رهواسين ۽ يونين ۾ ايندڙ ٻاهرين ماڻهن جي بهبود، آرام، صحت ۽ سهوليت ۾ واڌارو اچي. شهري علاقن ۾ ٽائون ڪميٽي يا يونين ڪميٽي ڪمشنر پاران مقرر ٿيل تعداد ۾ چونڊيل يا نامزد ٿيل ميمبرن تي مشتمل هوندي ڳوٺاڻن علاقن وانگر نامزد ٿيل ميمبرن جو انگ چونڊيل ميمبرن جي اڌ کان وڌيڪ نہ هوندو. انهن ڪميٽين جون چونڊون پڻ بالغ حق راءِ دهي جي بنياد تي ٿيندڙيون. بنيادي جمهوريتن جو انهن کان مٿيون درجو اوپر پاڪستان ۾ ٽاڙا ڪائونسل ۽ اولهہ پاڪستان ۾ تحصيل ڪائونسل هوندو ٽاڙا ۽ تحصيل ڪائونسلون ڪنهن بہ ٽاڙي يا تحصيل ۾ سيني يونين ڪائونسلن ۽ ٽائون ڪميٽين جي سرگرمين کي مربوط بڻائينديون. ٽاڙا يا تحصيل ڪائونسل ڪجهہ قاعدن پٽاندڙ ۽ جيڪڏهن ڊسٽرڪٽ ڪائونسل گهُر ڪئي تہ ٽاڙي يا تحصيل ۾ اهڙا سڀ ڪم سرانجام ڏيندڙيون جيڪي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ضلعي ۾ ڪرڻ جي اهل آهي. گورنمينٽ پڻ وقت بوقت اهڙا حڪم ڏئي سگهي ٿي. ڪنهن بہ تحصيل يا ٽاڙي ۾ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل يا ڪنهن يونين ڪائونسل يا ٽائون ڪميٽي جي حوالي ٿيل ڪم ٽاڙا يا تحصيل ڪائونسل سر انجام ڏئي. ٽاڙا يا تحصيل ڪائونسل ڪمشنر پاران مقرر ٿيل تعداد ۾ نمائنده ميمبرن ۽ سرڪاري ميمبرن تي ٻڌل هوندي يونين ڪائونسلن ۽ يونين ڪميٽين ۽ ٽائون ڪميٽين جا چيئرمئن عهدي جي لحاظ کان هن ڪائونسل جا نمائنده ميمبر هوندا. هن ڪائونسل جي سرڪاري ۽ نامزد ٿيل

ميمبرن جو جملي انگ انهي جي نمائنده ميمبرن جي جملي تعداد جي اڌ کان وڌيڪ نه هوندو. سب ڊويزنل آفيسر عهدي جي لحاظ کان ڪائونسل جو ميمبر ۽ چيئرمئن هوندو. ايجا مٿيون طبقو ڊسٽرڪٽ ڪائونسل هوندو. ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ضلعي ۾ سڀني لوڪل ڪائونسلن، ميونسپل ادارن ۽ ڪينٽونمينٽ بورڊن جي سرگرمين کي مربوط ڪندي. ڪنهن به ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي نامزد ٿيل ميمبرن جو جملي انگ انهي جي سرڪاري ميمبرن جي جملي انگ کان گهٽ نه هوندو ۽ گهٽ ۾ گهٽ اڌ ضلعي جي يونين ڪائونسلن ۽ ٽائون ۽ يونين ڪميٽين جي چيئرمينن مان چونڊيل هوندو. ڪليڪٽر ڪائونسل جو عهدي جي لحاظ کان ميمبر ۽ ان جو چيئرمئن هوندو. ڊويزنل ڪائونسل ڪنهن به ڊويزن جي سڀني لوڪل ڪائونسلن، ميونسپل ادارن ۽ ڪينٽونمينٽ بورڊن جي سرگرمين کي مربوط ڪندي. ڊويزنل ڪائونسل جي نامزد ميمبرن جو جملي انگ ان جي سرڪاري ميمبرن جي جملي انگ کان گهٽ نه هوندو ۽ ان جي نامزد ٿيل ميمبرن مان گهٽ ۾ گهٽ اڌ ڊويزن جي يونين ڪائونسلن، ٽائون ۽ يونين ڪميٽين جي چيئرمينن مان چونڊيل هوندو. ڪليڪٽر ڪائونسل جو عهدي جي لحاظ کان ميمبر ۽ ان جو چيئرمئن هوندو. ڊويزنل ڪائونسل ڪنهن به ڊويزن جي سڀني لوڪل ڪائونسلن، ميونسپل ادارن ۽ ڪينٽونمينٽ بورڊ جي سرگرمين کي مربوط ڪندي. ڊويزنل ڪائونسل جي نامزد ميمبرن جو جملي انگ ان جي سرڪاري ميمبرن جي جملي انگ کان گهٽ نه هوندو ۽ ان جي نامزد ٿيل ميمبرن مان گهٽ ۾ گهٽ اڌ ڊويزن جي يونين ڪائونسلن، ٽائون ۽ يونين ڪميٽين جي چيئرمينن مان چونڊيل هوندو. ڪليڪٽر ڪائونسل جو عهدي جي لحاظ کان ميمبر ۽ ان جو چيئرمئن هوندو. ڊويزنل ڪائونسل ڪنهن به ڊويزن جي سڀني لوڪل ڪائونسلن، ميونسپل ادارن ۽ ڪينٽونمينٽ بورڊ جي سرگرمين کي مربوط ڪندي. ڊويزنل ڪائونسل جي نامزد ميمبرن جو جملي انگ ان جي سرڪاري ميمبرن جي جملي انگ کان گهٽ نه هوندو ۽ ان جي نامزد ٿيل ميمبرن مان گهٽ ۾ گهٽ اڌ ڊويزن جي يونين ڪائونسلن، ٽائون ۽ يونين ڪميٽين جي چيئرمينن مان چونڊيل ويندو. ڪمشنر عهدي جي لحاظ کان ڪائونسل جو سرڪاري ميمبر ۽ چيئرمئن هوندو. ڪنهن به لوڪل ڪائونسل جو مدو اختيار سنيالڻ جي ڏينهن کان پنجن ورهين تائين هوندو. ڪنهن به يونين ڪائونسل يا ٽائون ۽ يونين ڪميٽي جي اليڪشن لاءِ يونين يا ٽائون وارڊن ۾ ورهايا ويندا. هر هڪ وارڊ ۾ مقرر طريقي مطابق هڪ رجسٽر رکيو ويندو جنهن ۾ قابليت رکندڙ فردن جا نالا لکيا ويندا. جيستائين لوڪل گورنمينٽ ۾ تبديليون جو تعلق آهي تہ لوڪل گورنمينٽ جي نظام کي بنيادي طور تبديل ڪيو ويو. ٻيسڪ ڊيموڪريسيز آرڊر ۾ لکيل آهي تہ يونين کان وٺي ڊويزن سطح تائين هر لوڪل ڪائونسل لاءِ هڪ لوڪل فنڊ ٺاهيو ويندو ۽ انهي ۾ اهو به ڄاڻايل آهي تہ ڪهڙا اسر لوڪل فنڊ جي ڪريڊٽ تي لازماً رکيا ويندا. آرڊر ۾ چيل آهي تہ هر لوڪل ڪائونسل پنهنجي سالياني بجيٽ منظور ڪرائڻ جي تياري ڪندي ۽ سالياني اسٽيٽمينٽ آف اڪائونٽ ڪنٽرولنگ اٿارٽي تائين پهچائڻ لاءِ تيار ڪيو ويندو. انهي جي هڪ ڪاپي ۽ ٻيا ڪي اسٽيٽمينٽ لاڳاپيل لوڪل ڪائونسل جي آفيس ۾ عام ماڻهن جي ڏسڻ لاءِ نمايان جاءِ تي هنيا ويندا جيئن انهن اڪائونٽس بابت عوام کان مليل اعتراضن ۽ تجويزن تي لوڪل ڪائونسل غور ڪري سگهي ۽ اهي آڊٽ اٿارٽي جي نوٽيس ۾ آندا وڃن. هر لوڪل ڪائونسل جي اڪائونٽ جي اهڙي اٿارٽي پاران تجويز ٿيل طريقي مطابق آڊٽ ڪرائي ويندي هر لوڪل ڪائونسل پنهنجي مرضي سان يا جيڪڏهن حڪومت اهڙي تقاضا ڪري تہ مقرر مدي ۽ طريقي ڪار مطابق ترقياتي رٽائون تيار ڪندي ۽ لاڳو ڪرائيندي اهڙين

رٿائن جي مجوز اٿارٽي کان منظوري لازمي هوندي. ضلعي ۾ سموري زمين جنهن تي اوپر پاڪستان ۾ رينٽ ۽ اولهه پاڪستان ۾ لينڊ ريونيو لاڳو ٿي سگهي ٿو ان تان هڪ اهڙي محصول جي ادائيگي ٿيندي جنهن کي لوڪل ريٽ سڏيو ويندو. هر ضلعي ۾ لوڪل ريٽ ضلعي جي رينٽ يا لينڊ ريونيو سان حڪومت پاران وقت بوقت مقرر ڪيل تناسب سان هوندو بشرطيڪ اهو لوڪل ريٽ لينڊ ريونيو يا رينٽ جي 50 سيڪڙو کان تجاوز نه ڪري. لوڪل ريٽ ڳوٺ جو ريونيو عملو رينٽ ۽ لينڊ ريونيو سان گڏ وصول ڪندو ۽ ان جي آمدني ضلعي جي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ۽ يونين ڪائونسلن جي لوڪل فنڊ ۾ حڪومت پاران وقت بوقت مقرر ڪيل تناسب سان داخل ڪئي ويندي. ڪابه ڊسٽرڪٽ ڪائونسل حڪومت جي اڳواٽ منظوري سان ۽ ڪابه يونين ڪائونسل ڪمشنر جي اڳواٽ منظوري سان آرڊر ۾ بيان ٿيل ٽيڪس، محصول ۽ فيون وصول ڪري سگهندي.

اهو نظام جڏهن لاڳو ٿيندو ته سنڌ ۾ چالو لوڪل گورنمينٽ جي سموري سرشتي ۾ انقلاب آڻي ڇڏيندو. اها ڳالهه ته مستقبل ئي ڏيکاريندو ته 1958ع جي انقلابي حڪومت پنهنجي لاءِ جيڪي اعليٰ مقصد مقرر ڪيا آهن آرڊر انهنکي عمل هيٺ آڻڻ ۾ ڪيتريقدر ڪامياب ٿيو آهي.

انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته سموري تاريخ ۾ اهڙي قسم جي ڪنهن به انقلاب عام رواجي شهري زندگي ۾ بغير ڪنهن رخني وجهڻ ۾ ايتريون ڪاميابيون حاصل نه ڪيون آهن. انقلاب دوران ڪوبه خون خرابو نه ٿيو ۽ عوام مجموعي طور مطمئن ڏسڻ ۾ آيو ته برطانوي طرز تي قائم پارليماني جمهوريت جي بي قاعدي ڪم ڪار کي هاڻي وڌيڪ هلڻ نه ڏنو ويندو.



ایوب پُل سکر

بسم الله الرحمن الرحيم

ضميمو: 1

اڳوٽي سنڌ ۾ خيرپور جي پکين جي لسٽ

(نظرثاني ٽيل ۾ جون 1954ع تائين اپ ٽو ڊيٽ ڪيل)

از: ڪي. آر. ايٽس اڳوٽو ڊي. آءِ. جي پوليس، سنڌ ريجن

جريان نمبر	سنڌي نالو	انگريزي نالو	رمارڪس
.1	روڙ ڪانگ	Sindhi Raven	ٻچا ڏيڻ لاءِ ٻاهران ايندڙ.
.2	ٽاڪرو ڪانگ	Brown necked Raven	ڪيرٽر جبل ۾ رهندڙ.
.3	وڏو ڪارو ڪانگ	Indian Jungle Crow	اپرندي سرحد تي رهندڙ.
.4	ڪانگ	Sindh House Crow	مقامي.
.5	ملنگ متاهه	Sindh Tree Pie	مقامي.
.6	نالو ڏنل نه آهي	Penduline Tit	ٻاهريون.
.7	ليلو	Straited Babbler	مقامي.
.8	هيڙهو	Common Babbler	مقامي.
.9	هيڙهو	Afghan Babbler	ڪيرٽر ۾ رهندڙ.
.10	ساٺ ٻائي	Large Grey Babbler	مقامي.
.11	ساٺ ٻائي	Sindh Jungle Babbler	مقامي.
.12	نالو ڏنل نه آهي	White Eyed Babbler	مقامي.
.13	نالو ڏنل نه آهي	Sindh grass Babbler	مقامي.
.14	نالو ڏنل نه آهي	Grey Hypocolius	ٻاهريون.
.15	بلبل	White eared Bulbul	مقامي.
.16	ٽري بلبل	Red vented Bulbul	مقامي.
.17	نالو ڏنل نه آهي	Nuthatch	ٻاهران اچي گهٽو وقت رهي پوندڙ.

.18	ڪاري ٽينچي	Drougo	مقامي.
.19	نالو ڏنل نہ آهي	Grey Eyed Warbler	ٻاهريون.
.20	نالو ڏنل نہ آهي	Turkestan Grass hopper warbler	ٻاهريون.
.21	چٽ چير	Eastern Amorous Reed warbler	مقامي.
.22	نالو ڏنل نہ آهي	Blyth's Reed warbler	ٻاهريون.
.23	نالو ڏنل نہ آهي	Paddy field warbler	ٻاهريون.
.24	نالو ڏنل نہ اٿس	Tailor Bird	مقامي.
.25	نالو ڏنل نہ اٿس	Mustached Sedge Warbler	ٻاهريون.
.26	نالو ڏنل نہ اٿس	Fan_tailed Warbler	مقامي.
.27	چيهو	Rufus_fronted Wren_Warbler	مقامي.
.28	سر ـ چيهو	Burne's Grass Warbler	مقامي.
.29	نالو ڏنل نہ اٿس	Bristle_faced Grass Warbler	ٻاهريون.
.30	نالو ڏنل نہ اٿس	Syke's Tree_ Warbler	مقامي.
.31	نالو ڏنل نہ اٿس	Booted Tree_ Warbler	مقامي.
.32	نالو ڏنل نہ اٿس	Eastern Common White throat	ٻاهريون.
.33	نالو ڏنل نہ اٿس	Eastern Orphan Warbler	ٻاهريون.
.34	نالو ڏنل نہ اٿس	Desert Warbler	ٻاهريون.
.35	نالو ڏنل نہ اٿس	Hume's White throat	ٻاهريون.
.36	نالو ڏنل نہ اٿس	Indian Lesser White throat	ٻاهريون.
.37	نالو ڏنل نہ اٿس	Hume's Lesser White throat	ٻاهريون.
.38	نالو ڏنل نہ اٿس	Siberian Chiffchaff	ٻاهريون.
.39	نالو ڏنل نہ اٿس	Sindh willow warbler	ٻاهريون.
.40	نالو ڏنل نہ اٿس	Lain willow wren	ٻاهريون.
.41	نالو ڏنل نہ اٿس	Green willow_ warbler	ٻاهريون.
.42	نالو ڏنل نہ اٿس	Streaked Scrub_ Warbler	مقامي.
.43	نالو ڏنل نہ اٿس	Eastern Cetti's Warbler	ٻاهريون.
.44	نالو ڏنل نہ اٿس	Long_ tailed oil_ warbler	مقامي.

.45	نالو ڏنل نہ اٽس	Streaked Wren_ Warbler	مقامي.
.46	نالو ڏنل نہ اٽس	Yellow_ vented wren_ warbler	مقامي.
.47	نالو ڏنل نہ اٽس	Indian Wren_ warbler	مقامي.
.48	وڏو ہوڙو	Great Grey Shrike	مقامي.
.49	نالو ڏنل نہ اٽس	Allied Grey Shrike	ہاھريون.
.50	ہوڙو	Bay_ backed Shrike	مقامي.
.51	ننڍو ہوڙو	Rufous_ backed Shrike	مقامي.
.52	ہوڙو	Red_ backed Shrike	ہاھريون.
.53	ہوڙو	Rufous Shrike	ہاھريون.
.54	ملھالو	Pale Brown Shrike	ہاھريون.
.55	ہوڙي	Sindh Wood_ Shrike	مقامي.
.56	نالو ڏنل نہ اٽس	Short_ billed Minivet	ہاھريون.
.57	نالو ڏنل نہ اٽس	Rosy Minivet	ہاھران اچي رھي پوندڙ
.58	نالو ڏنل نہ اٽس	Sindh Wandering Minivet	مقامي.
.59	نالو ڏنل نہ اٽس	White_ breasted Oinivet	ہاھران اچي رھي پوندڙ
.60	نالو ڏنل نہ اٽس	Large Cuckoo_ Shrike	ہاھران اچي رھي پوندڙ
.61	نالو ڏنل نہ اٽس	European broken Oriole	ہاھريون.
.62	نالو ڏنل نہ اٽس	Oriole	ہاھريون.
.63	ڪبرو وھيو	Rosy Pastor	ہاھريون.
.64	ڪارو وھيو	Finsch's Starling	ہاھريون.
.65	ڪارو وھيو	Common Starling	ہاھريون.
.66	ڪارو وھيو	Dresser's Starling	ہاھريون.
.67	ڪارو وھيو	Central Asian Starling	ہاھريون.
.68	ڪارو وھيو	Hume's Starling	ہاھريون.
.69	ڪارو وھيو	Sind Starling	مقامي.
.70	مينا	Black_ headed Mina	مقامي.
.71	مينا	Common Mina	مقامي.

.72	مينا	Bank Mina	مقامي.
.73	نالوڏنل نه اٽس	Spotted Fly Catcher	ٻاهريون.
.74	نالوڏنل نه اٽس	Red_ breasted Fly catcher	ٻاهريون.
.75	نالوڏنل نه اٽس	Turkistan Paradise Fly catcher	ٻاهران اچي رهي پوندڙ
.76	نالوڏنل نه اٽس	Black_ napped Blue Fly catcher	ٻاهريون.
.77	مک مار	White browned Fan tailed Fly catcher	مقامي.
.78	پدي	Red Bush_ chat	مقامي.
.79	نالوڏنل نه اٽس	Stonechat	ٻاهريون.
.80	نالوڏنل نه اٽس	White tailed stonechat	مقامي.
.81	نالوڏنل نه اٽس	Stolicz ska's Bush_chat	ايرندي سرحد جو مقامي
.82	نالوڏنل نه اٽس	Hooded chat	کيرٽر جي هيٺاهين حصي ۾ رهندڙ
.83	نالوڏنل نه اٽس	Hume's chat	کيرٽر جي مٿاهين حصي تي رهندڙ
.84	نالوڏنل نه اٽس	Pied chat	مقامي.
.85	نالوڏنل نه اٽس	Gould's Chat	ٻاهران اچي رهي پوندڙ
.86	نالوڏنل نه اٽس	Strickland's chat	ٻاهران اچي رهي پوندڙ
.87	نالوڏنل نه اٽس	Siberian chat	ٻاهريون.
.88	نالوڏنل نه اٽس	Isabelline Chat	ٻاهريون.
.89	نالوڏنل نه اٽس	Gould's Desert Chat	ٻاهريون.
.90	نالوڏنل نه اٽس	Red_ tailed chat	ٻاهريون.
.91	نالوڏنل نه اٽس	Reastart	ٻاهريون.
.92	نالوڏنل نه اٽس	Red spotted blue throat	ٻاهريون.
.93	ڪهري پُسري	Brown backed Robin	ٻاهريون.
.94	نالوڏنل نه اٽس	Magpie Robin	ٻاهران اچي رهي پوندڙ
.95	نالوڏنل نه اٽس	Black_ throated Thrush	ٻاهريون.

.96	نالو ڏنل نہ اٿس	Blyth's Blue Rock_ Thrush	ٻاهريون.
.97	نالو ڏنل نہ اٿس	Eastern Blue Rock Thrush	ٻاهران اچي رهي پوندڙ
.98	نالو ڏنل نہ اٿس	Rock Thrush	ٻاهريون.
.99	نالو ڏنل نہ اٿس	Blue headed Rock Thrush	ٻاهريون.
.100	سرچير	Common Weaver	مقامي.
.101	سرچير	Streaked Weaver	مقامي.
.102	سرچير	Black throated Weaver	مقامي.
.103	چتلي	White throated Munia	مقامي.
.104	سُرڪ چتلي	Red Munia	مقامي.
.105	نالو ڏنل نہ اٿس	Eastern Desert Finch	کيرٿر جي مٿاهن حصن ۾ رهندڙ
.106	نالوڏنل نہ اٿس	Common Rose Finch	ٻاهريون.
.107	ٻوڙي	Sind Yellow throated Sparrow	مقامي.
.108	جهرڪي- چيلي	House Sparrow	مقامي.
.109	جهرڪي	Kashmir House Sparrow	ٻاهرين
.110	جهرڪي	Spanish Sparrow	ٻاهرين.
.111	جهنگ جهرڪي	Sind Jungle Sparrow	مقامي.
.112	نالو ڏنل نہ اٿس	Reed Bunting	ٻاهرين.
.113	ٻوڙي	White Crapped Bunting	ٻاهرين.
.114	ٻوڙي	Red headed Bunting	ٻاهرين.
.115	ٻوڙي	Grey_ necked Bunting	ٻاهرين.
.116	ٻوڙي	Black headed Bunting	ٻاهرين.
.117	ٽڪر ٻوڙي	Striated Bunting	کيرٿر جي مٿاهن حصن ۾ رهندڙ
.118	نالو ڏنل نہ اٿس	Crested Bunting	ٻاهران اچي رهي پوندڙ
.119	ابابيل	Pale Sand Martin	ٻاهريون.
.120	ابابيل	Small Sand Martin	مقامي.

.121	ابابيل	Pallid Crag Martin	مقامي.
.122	ابابيل	Common Swallow	ٻاهريون.
.123	ابابيل	Wire tailed Swallow	مقامي.
.124	ابابيل	Red rumpled Swallow	ٻاهران اچي رهي پوندڙ
.125	ابابيل	European Red rumpled Swallow	ٻاهريون.
.126	نالو ڏنل ٽاٽس	White Wagtail	ٻاهريون.
.127	نالو ڏنل ٽاٽس	Masked Wagtail	ٻاهريون.
.128	نالو ڏنل ٽاٽس	Large Red Wagtail	ٻاهران اچي رهي پوندڙ
.129	نالو ڏنل ٽاٽس	Grey Wagtail	ٻاهريون.
.130	نالو ڏنل ٽاٽس	Indian Blue headed Wagtail	ٻاهريون.
.131	نالو ڏنل ٽاٽس	Black headed Wagtail	ٻاهريون.
.132	نالو ڏنل ٽاٽس	Yellow headed Wagtail	ٻاهريون.
.133	نالو ڏنل ٽاٽس	Hodgson's Yellow headed Wagtail	ٻاهريون.
.134	نالو ڏنل ٽاٽس	Tree pipit	ٻاهريون.
.135	نالو ڏنل ٽاٽس	Tawny pipit	ٻاهريون.
.136	نالو ڏنل ٽاٽس	Brown pipit	ٻاهريون.
.137	نالو ڏنل ٽاٽس	Jordon's Brown Pipit	ٻاهريون.
.138	ننڍو چنڊول	Pipit	مقامي.
.139	نالو ڏنل ٽاٽس	Red throated pipit	ٻاهريون.
.140	نالو ڏنل ٽاٽس	Water Pipit	ٻاهريون.
.141	نالو ڏنل ٽاٽس	Japanese Water pipit	ٻاهريون.
.142	نالو ڏنل ٽاٽس	Desert Lark	ٻاهريون.
.143	نالو ڏنل ٽاٽس	Calandra Lark	ٻاهريون.
.144	ننڍو چنڊول	Sky_ Lark	مقامي.
.145	چنڊول	Short_toed Lark	ٻاهريون.
.146	ننڍو چنڊول	Indus Sand_ Lark	مقامي.

.147	چنڊول	Singing Bush_ Lark	مقامي.
.148	چنڊول	Sind Red Winged Bush Lark	مقامي.
.149	چوٽير	Franklin's Crested Lark	مقامي.
.150	چوٽير	Large Crested Lark	مقامي.
.151	ٽکر ڊولر	Desert Finch_ Lark	مقامي.
.152	ڊولر	Ashy_ Crowned Finch Lark	مقامي.
.153	ڊولر	Black Crowned Finch_ Lark	مقامي.
.154	چشمو پکي	White eye	مقامي.
.155	نالو ڏنل نـ اٽس	Baluchistan Purple sun bird	مقامي.
.156	ڪاٺ ڪٽو	Sind Red Wood pecker	مقامي.
.157	ڪاٺ ڪٽو	Yellow fronted Pied wood pecker	مقامي.
.158	ڊڪڙ	Sind Golden_ backed wood pecker	مقامي.
.159	نالو ڏنل نـ اٽس	Wryneck	ٻاهران اچي رهي پوندڙ
.160	نالو ڏنل نـ اٽس	Crimson_ breasted Barbet	ٻاهران اچي رهي پوندڙ
.161	چاهـ چري	Roller	مقامي.
.162	چاهـ چري	Kashmir Roller	ٻاهريون.
.163	ننڍو ٽيڪلو	Sind Little Green Bee eater	مقامي.
.164	وڏو ٽيڪلو	Blue tailed Bee_ eater	ٻاهريون.
.165	وڏو ٽيڪلو	Persian Bee eater	ٻچا ڏيڻ لاءِ ٻاهران ايندڙ
.166	وڏو ٽيڪلو	European Bee eater	ٻاهران اچي رهي پوندڙ
.167	ڪينگر	Pied King fisher	مقامي.
.168	ننڍو بلبل	Central Asian King fisher	ٻاهريون.
.169	ننڍو بلبل	Common Indian King fisher	مقامي.
.170	دليل	White breasted King fisher	مقامي.
.171	هُد هُد	European Hoopoe	ٻاهريون.

.172	چمڙو	Common Swift	مقامي.
.173	نالو ڏنل نہ اٽس	Alpine Swift	ٻاهريون.
.174	چمڙو	Pallid Swift	ٻاهريون.
.175	چاپاڪو پکي	Syke's Nightjar	مقامي.
.176	چاپاڪو پکي	Unwin's Nightjar	ٻاهريون.
.177	چاپاڪو پکي	Common Nightjar	مقامي.
.178	نالو ڏنل نہ اٽس	Common Cuckoo	ٻاهريون.
.179	ڪوڪر	Pied Crested Cuckoo	ٻچا ڏيڻ لاءِ ٻاهران ايندڙ.
.180	ڪوئل	Koel	مقامي.
.181	نالو ڏنل نہ اٽس	Southern Sirkeer Cuckoo	ٻاهران اچي رهي پوندڙ
.182	ڪوڪر	Chinese Crow_ Peasant	مقامي.
.183	ٽاڪرو	Large Indian Parroquet	مقامي.
.184	چتون	Rose Ringed Parroquet	مقامي.
.185	ننڍو ڳگ	Barn Owl	مقامي.
.186	ڳگ	Short_ eared owl	ٻاهريون.
.187	ڳگ	Long_ eared owl	ٻاهريون.
.188	مڇ مار ڳگ	Arabistan Brown Fish_owl	مقامي.
.189	ٻيلي جو ڳگ	Dusky Horned Owl	مقامي.
.190	ٽٻ جو ڳگ	Rock Horned Owl	مقامي.
.191	ننڍو ڳگ	Striated Scops Owl	مقامي.
.192	ننڍو ڳگ	Sind collared scops owl	مقامي.
.193	ننڍو ڳگ	Eastern Scops Owl	ٻاهريون.
.194	چهرو	Spotted Owlet	مقامي.
.195	مڇ مار- پوٽي	Osprey	ٻاهريون.
.196	ڳجهه	Griffon Vulture	مقامي.
.197	ڳجهه	Long_billed Vulture	ٻاهران اچي ٻچا ڏيندڙ
.198	راڄ ڳجهه	Cinereous Vulture	ٻاهرئين.

.199	ڪاري ڳجهه	Black Vulture	مقامي.
.200	ڳجهه	White backed Vulture	مقامي.
.201	هِل ـ گونهه خور	Egyptian Vulture	مقامي.
.202	خرگيز	Lammergeyer	ڪيرٿر جي مٿين حصن ۾ رهندڙ.
.203	پرمار	Himalayan Golden Eagle	ڪيرٿر جي مٿانهن حصن ۾ رهندڙ.
.204	عقاب	Imperial Eagle	ٻاهريون.
.205	عقاب	Tawny Eagle	مقامي.
.206	عقاب	Great Spotted Eagle	مقامي.
.207	عقاب	Steppe Eagle	ٻاهريون.
.208	پرمار	Bonillo's Hawk Eagle	مقامي.
.209	ڪارو باز	Booted Eagle	ٻاهريون.
.210	عقاب	Short toed Eagle	مقامي.
.211	راڄ عقاب	Crested Serpent Eagle	ٻاهران ايندڙ ڪڏهن ڪڏهن رهي پوندڙ.
.212	باز	White eyed Buzzard Eagle	مقامي.
.213	ڪنڊل باز	Palla's Fish_ Eagle	ٻاهريون.
.214	بحرباز	White tailed sea Eagle	ٻاهريون.
.215	پليو ـ رتا عقاب	Brahminy Fish Kite	مقامي.
.216	سرنهن	Common House Kite	ٻاهرئين.
.217	سرنهن	Black eared Kite	ٻاهرئين.
.218	ڪوئامار	Black winged kite	مقامي.
.219	ڪوئا باز	Pallid Harrier	ٻاهريون.
.220	ڪوئا باز	Montagu's Harrier	ٻاهريون.
.221	نندو پرمار	Marsh Harrier	ٻاهريون.
.222	باز	Long Legged Buzzard	ٻاهريون.

.223	باز	Goshawk	ٻاهريون.
.224	باز	Asiatic Sparrow Hawk	ٻاهريون.
.225	شڪرو	Shikru	ٻاهريون.
.226	شڪار	Severtzov's Shikra	مقامي.
.227	باز	Crested Honey Buzzard	ٻاهران اچي ٻچا ڏيندڙ.
.228	پرباز	Peregrine Falcon	ٻاهريون.
.229	پرباز	Red Capped Falcon	ٻاهريون.
.230	لغڙ_جهگڙ	Luggar Falcon	مقامي.
.231	چرغ	Cherrug Falcon	ٻاهريون.
.232	ترمتي	Merlin	ٻاهريون.
.233	باز	Hobby	ٻاهريون.
.234	تورورتي	Red_headed Marlin	مقامي.
.235	ڪوٽا مار	Kestrel	ٻاهريون.
.236	لق لق	White Stork	ٻاهريون.
.237	لق لق_ طور	Black Stork	ٻاهريون.
.238	نالو ڏنل نہ آهي	White necked Stork	ٻاهران اچي رهي پوندڙ
.239	لق لق_ تاڙ	Black necked Stork	مقامي.
.240	نالو ڏنل نہ اٿس.	Adjutant	ٻاهران اچي رهي پوندڙ.
.241	چٽوڙ	Painted Stork	مقامي.
.242	لمبڪ	Open_billed Stork	مقامي.
.243	چمچو پکي	Spoon_bill	مقامي.
.244	ننڍو ڪانئيرو	Glossy Ibis	مقامي.
.245	ڪانئيرو	Black Ibis	مقامي.
.246	ددورو	White Ibis	مقامي.
.247	سانهہ_ ڪبرو بگلو	Common Grey Heron	مقامي.
.248	جهاهہ	Purple Heron	مقامي.
.249	اچو بگلو	Eastern Large Egret	مقامي.

.250	اڇو بگلو	Smaller Egret	مقامي.
.251	ٻراڙو	Little Egret	مقامي.
.252	ڪارو-بگو	Reef_Heron	مقامي.
.253	بگو- بگلو	Pond Heron	مقامي.
.254	ڪرڪ پکي	Cattle Egret	مقامي.
.255	تندر	Little Green Bittern	مقامي.
.256	ڪوڪڙات	Night Heron	مقامي.
.257	چورپائي	Little Bittern	مقامي.
.258	چور پائي	Yellow Bittern	مقامي.
.259	چورپائي	Chestnut Bittern	مقامي.
.260	چورپائي	Black Bittern	مقامي.
.261	چورپائي	Bittern	مقامي.
.262	لکا-لکي جاني	Flamingo	ٻاهريون.
.263	ننڍو لکا	Lesser Flamingo	ٻاهريون.
.264	نالو ڏنل ن اٽس	Mute Swan	ٻاهريون.
.265	نالو ڏنل ن اٽس	Whooper Swan	ٻاهريون.
.266	نالو ڏنل ن اٽس	Berwick's Swan	ٻاهريون.
.267	هنج	Grey Lag Goose	ٻاهريون.
.268	هنج	White fronted Goose	ٻاهريون.
.269	راج هنس	Bar_ headed Goose	ٻاهريون.
.270	ڪارو هنج	Comb Duck or Nukta	ٻاهريون.
.271	ٻيهر- ڪڙاهي	Cotton_ Teal or Pigmy Goose	ٻاهريون.
.272	لالو-منگ- ڪنياڻ	Ruddy Sheldrake	ٻاهريون.
.273	ٽرجو نيرڱ	Sheldrake	ٻاهريون.
.274	نيرڱي	Mallard	ٻاهريون.
.275	هنج هر	Spot bill	مقامي.
.276	ٽگوش- ڪوڪراڻي	Pin tail	ٻاهريون.

.277	برد- ٻوڙي- بوهر	Gad wall	ٻاهريون.
.278	ڦرائو	Wigeon	ٻاهريون.
.279	چوئي	Marbled Duck	مقامي.
.280	نالو ڏنل نہ اٿس	Falcated Teal	ٻاهريون.
.281	نالو ڏنل نہ اٿس	Baikal or Clucking Teal	ٻاهريون.
.282	ڪرڙو- چيڪلو	Common Teal	ٻاهريون.
.283	ڳراڙو	Garganey	ٻاهريون.
.284	گنو-لنگهو- الي پٽ	Shoveler	ٻاهريون.
.285	رتابو	Red crested Pochard	ٻاهريون.
.286	توراندو	Common Pochard or Dunbird	ٻاهريون.
.287	ٻرٽو	White eyed Pochard	ٻاهريون.
.288	توراندو- رناڙو	Tufted Pochard	ٻاهريون.
.289	نالو ڏنل نہ اٿس	Scamp	ٻاهريون.
.290	نالو ڏنل نہ اٿس	Golden_ eye	ٻاهريون.
.291	وڏورو	Large whistling Teal	مقامي.
.292	چيهو-چڪو	Common tailed Teal	مقامي.
.293	نالو ڏنل نہ اٿس	Stiff tailed Duck	ٻاهران اچي رهي پوندڙ.
.294	نالو ڏنل نہ اٿس	Merganser OR Goosander	ٻاهريون.
.295	نالو ڏنل نہ اٿس	Red breasted Merganser	ٻاهريون.
.296	جالي	Smew	ٻاهريون.
.297	وڏو سلي	Large cormorant	مقامي.
.298	ڪامبو	Little cormorant	مقامي.
.299	ننڍو سلي	Shag or Green cormorant	مقامي.
.300	سيري	Darter	مقامي.
.301	نالو ڏنل نہ اٿس	Red sea masked booby	ٻاهريون.
.302	نالو ڏنل نہ اٿس	Short_tailed tropic Bird	ٻاهريون.
.303	پيٽ	Eastern Rosy Pelican	ٻاهريون.

.304	پيٽ	Dalmatian Pelican	ٻاهريون.
.305	نالو ڏنل نہ اٿس	Wilson's Petrel	ٻاهريون.
.306	نالو ڏنل نہ اٿس	Persian Shearwater	ٻاهريون.
.307	نالو ڏنل نہ اٿس	Great Crested Grebe	ٻاهريون.
.308	نالو ڏنل نہ اٿس	Black_ necked Grebe	ٻاهريون.
.309	ٽٻٽو	Little Grabe	مقامي.
.310	نالو ڏنل نہ اٿس	Southern Green Pigeon	ٻاهران اچي رهي پوندڙ.
.311	نالو ڏنل نہ اٿس	Lesser Orange breasted Green	ٻاهران اچي رهي پوندڙ
.312	ڪبوتر	Hume's Blue Rock Pigeon	مقامي.
.313	وڏو ڪيرو	Stock Dove	ٻاهريون.
.314	وڏو ڪيرو	Eastern wooden Pigeon	ٻاهريون.
.315	ڪيرو	Ring Dove	مقامي.
.316	نالو ڏنل نہ اٿس	Rufous turtle Dove	ٻاهران اچي هتي رهي پوندڙ.
.317	طوطن ڪيري	Little Brown Dove	مقامي.
.318	ڳاڙهي ڪيري	Red Turtle Dove	مقامي.
.319	ڇُر	Imperial Sand Grouse	ٻاهريون.
.320	گُتو	Large Pintail Sand Grouse	ٻاهريون.
.321	گُتو	Spotted Sand Grouse	مقامي.
.322	ڪتنگا	Coronetted Sand Grouse	مقامي.
.323	بوتابر	Common Sind_ Grouse	مقامي.
.324	سسي سانگرس	Close barred Sand_ Grouse	مقامي.
.325	ڪرواناڪ ـ ڪربان	Sind Stone_ Plover	مقامي.
.326	ڪرنڊ	Great Stone_ Plover	مقامي.
.327	اڇو پارنگو	Cream coloured Courser	ٻاهريون.
.328	پارنگو	Courser	مقامي.
.329	ڳاڙهو وات	Collared Pratincole	ٻاهران اچي ٻچا ڏيندڙ.

.330	ڳاڙهو وات	Large Pratincole	ٻاهران اچي ٻچا ڏيندڙ
.331	اتارڻ	Small Pratincole	مقامي
.332	پيهوڙي	Peasant_ tailed Jacana	مقامي
.333	ننڍو ٽيٽيهر	Little Ringed Plover	ٻاهريون
.334	ننڍو ٽيٽيهر	Jerdon's Little Ringed Plover	مقامي
.335	ٽيٽيهر	Eastern Ringed Plover	ٻاهريون
.336	ننڍو ٽيٽيهر	Kentish Plover	مقامي
.337	نالوڏنل نہ آهي	Mongolian or Pamirs Lesser sand	ٻاهريون
.338	نالوڏنل نہ آهي	Large Sand_ Plover	ٻاهريون
.339	ڪارو ٽيٽيهر	European Golden Plover	ٻاهريون
.340	ڪارو ٽيٽيهر	Eastern Golden Plover	ٻاهريون
.341	ٽيٽيهر	Western Grey Plover	ٻاهريون
.342	چوٽير ٽيٽيهر	Lapwing, Peewit or Green Plover	ٻاهريون
.343	ٽيٽيهر	Sociable Plover	ٻاهريون
.344	ٽيٽيهر	White_ tailed Plover	ٻاهريون
.345	ٽيٽري	Makran Red_ Wattled Lapwing	مقامي
.346	ٽيٽري	Yellow wattled Lapwing	مقامي
.347	نالوڏنل نہ اڻس	Turnstone	ٻاهريون
.348	نالوڏنل نہ اڻس	Dunlin	ٻاهريون
.349	نالوڏنل نہ اڻس	Curlew_ Sand piper	ٻاهريون
.350	نالوڏنل نہ اڻس	Little Stint	ٻاهريون
.351	نالوڏنل نہ اڻس	Temminck's Stint	ٻاهريون
.352	نالوڏنل نہ اڻس	Eastern Knot	ٻاهريون
.353	نالوڏنل نہ اڻس	Broad billed sandpiper	ٻاهريون
.354	نالوڏنل نہ اڻس	Sanderling	ٻاهريون

.355	نالو ڏنل نہ اٽس	Ruff and Reeve	ٻاهريون.
.356	نالو ڏنل نہ اٽس	Dusky Redshank	ٻاهريون.
.357	نالو ڏنل نہ اٽس	Red shank	ٻاهريون.
.358	نالو ڏنل نہ اٽس	Green shank	ٻاهريون.
.359	نالو ڏنل نہ اٽس	Marsh sand piper	ٻاهريون.
.360	نالو ڏنل نہ اٽس	Green sand piper	ٻاهريون.
.361	نالو ڏنل نہ اٽس	Wood sand piper	ٻاهريون.
.362	ڪچو اشنف	Common sandpiper	ٻاهريون.
.363	گسلنگ	Terek sandpiper	ٻاهريون.
.364	نالو ڏنل نہ اٽس	Red necked Phalarope	ٻاهريون.
.365	نالو ڏنل نہ اٽس	Stilt	مقامي.
.366	نالو ڏنل نہ اٽس	Avocet	ٻاهريون.
.367	نالو ڏنل نہ اٽس	Godwit	ٻاهريون.
.368	نالو ڏنل نہ اٽس	Bar tailed Godwit	ٻاهريون.
.369	بوڙبندو سلند	Eastern Curlew	ٻاهريون.
.370	ننڍو سلند	Whinbrel	ٻاهريون.
.371	نالو ڏنل نہ اٽس	Woodcock	ٻاهريون.
.372	لِڪ پکي- اشنف	Common Snipe	ٻاهريون.
.373	اشنف	Pintailed Snipe	ٻاهريون.
.374	اشنف	Jack Snipe	ٻاهريون.
.375	ڪچو اشنف	Painted Snipe	مقامي.
.376	دوبہ	Oystercatcher	ٻاهريون.
.377	نالو ڏنل نہ اٽس	Grab Plover	ٻاهريون.
.378	نالو ڏنل نہ اٽس	Whiskered Tern	ٻاهريون.
.379	ڪنائي- ڪنائي	Gull billed Tern	مقامي.
.380	ڪيڪڙا	Caspian Tern	مقامي.
.381	وڏو ڪنائي	Makran Large Crested Tern	مقامي.

.382	ڪنائي	Lesser Crested Tern	مقامي.
.383	ڪنائي	River Tern	مقامي.
.384	ڪنائي	Sandwich Tern	ٻاهريون.
.385	ڪنائي	Common Tern	ٻاهريون.
.386	ننڍو ڪنائي	Black Bellied Tern	مقامي.
.387	ڪنائي	White cheeked Tern	ٻاهريون.
.388	ڪنائي	Lesser Sooty Tern	ٻاهريون.
.389	ڪوڙي	Little Tern	مقامي.
.390	ڪوڙي	Black Shafted Little Tern	مقامي.
.391	ڪوڙي	Mesopotamian Ternlet	مقامي.
.392	وڏو ڍُٻائي	Yellow_ legged Herring_ Gull	ٻاهريون.
.393	وڏو ڍُٻائي	Eastern Herring_ Gull	ٻاهريون.
.394	ڍُٻائي	Black headed Gull	ٻاهريون.
.395	ڍُٻائي	Brown headed Gull	ٻاهريون.
.396	ڍُٻائي	Great Black_headed Gull	ٻاهريون.
.397	ننڍو ڍُٻائي	Slender_ billed Gull	مقامي.
.398	جهُڏي	Sooty Gull	مقامي.
.399	پٽ چير	Scissors bill	مقامي.
.400	نالو ڏنل نہ اٽس	Richardson's Skua	ٻاهريون.
.401	نالو ڏنل نہ اٽس	Eastern Great Bustard	ٻاهريون.
.402	گرهڙو	Great Bustard	مقامي.
.403	ڪرمهڙ	Lesser Florican or Likh	ٻاهران اچي ٻچا ڏيندڙ
.404	تلور	Boubara or Maqueen's Bustard	ٻاهريون.
.405	ڪراڪلي	Eastern Common Crane	ٻاهريون.
.406	نالو ڏنل نہ اٽس	Great White or Siberian Crane	ٻاهريون.
.407	سارس	Sarus Crane	ٻاهريون.
.408	ڪونج	Demoiselle Crane	ٻاهريون.

.409	ڏاريو	Turkestan Water rail	ٻاهريون.
.410	ٿوس ڏاريو	Little Crake	ٻاهريون.
.411	ٿوس ڏاريو	Baillon's Crake	ٻاهريون.
.412	ٿوس ڏاريو	Spotted Crake	ٻاهريون.
.413	ڊنڊ ککڑ	Indian Moorhen	مقامي.
.414	آڙي	Coot	ٻاهريون.
.415	ڪرکي ڪناتي	Chinese white breasted water hen	مقامي.
.416	ڪارو ککڑ	Water cock or Kora	مقامي.
.417	ڪونج	Purple Moorhen	مقامي.
.418	ڪارو تتر	South Persian Black Partridge	مقامي.
.419	اڇو تتر	MakranGrey Partridge	مقامي.
.420	ڪبڪ	Persian Chukar	ڪيرٿر ۾ رهندڙ.
.421	سسي	Seesee Partridge	ڪيرٿر ۾ رهندڙ.
.422	ٽٽيرو	Common Grey Quail	ٻاهران اچي ٻچا ڏيندڙ.
.423	ٽٽيرو	Black breasted or Rain Quail	ٻاهران اچي ٻچا ڏيندڙ.
.424	مور	Pea_fowl	مقامي- ٻاهران آندل.
.425	طوطو ٽٽيرو	Little Button Quail	ٻاهران اچي ٻچا ڏيندڙ.
.426	ننڍو ٽٽيرو	Button Quail	ٻاهران اچي ٻچا ڏيندڙ.

ضميمو نمبر: 2

هتي هن گزيٽيئر جي باب ائين ڏانهن ڏيان ڇڪرائجي ٿو جيڪو نسلن، ذاتين ۽ قبيلن بابت آهي. برصغير پاڪ و هند ۾ سن 1931ع جي آدمشماري کانپوءِ قبيلن ۽ ذاتين جي سرڪاري طور ڪا ڳڻپ نه ٿي آهي. سن 1941ع واري آدمشماري ۾ به آبادي جي ڪجهه ذاتين بابت بي ترتيب ۽ خاص انڪوائري ڪئي وئي هئي. انهي جي پٺيان به گهٽو ٿو سماجياتي ۽ بشرياتي (anthropological) سبب هئا. سن 1941ع واري آدمشماري وقت مسٽر ايڇ. ٽي. لئمبرڪ، تڏهوڪي پراونشل سپرنٽينڈنٽ آف سينسس، سنڌ جي ڪجهه قبيلن بابت ڪيتري حد تائين جاچ ڪئي هئي اها ڳالهه به مٿي بيان ٿيل باب ۾ چٽي ڪئي وئي آهي. سموري آدمشماري جي تفصيلي جاچ ڪانسواءِ سنڌ ۽ خيرپور جي ذاتين ۽ قبيلن جي ڪنهن جامع جائزي جو ته هاڻي سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي. سن 1951ع واري آدمشماري ۾ به قبيلن ۽ ذاتين جي ڳڻپ يا مجموعي طور سموري آدمشماري جي قبيلائي جوڙجڪ جي درجي بندي ڪرڻ جي ڪابه ڪوشش نه ڪئي وئي هئي. اهڙين حالتن جي مدنظر جيڪي ماٺهو هن پيچيدي مسئلي تي وڌيڪ اڀياس جا خواهشمند آهن انهن جو ڏيان سن 1931ع واري انڊيا جي آدمشماري رپورٽ جي جلد ائين- حصي پهرئين جي ضميمي ايف- ڏانهن ڇڪرائجي ٿو. اها رپورٽ هندستان، پاڪستان ۽ باهرين ملڪن جي سرڪاري ۽ وڏين خانگي لائبريرين ۾ ڏسي سگهجي ٿي. ضميمي ايف جي صفحن 497 ۽ 498 تي سيڪشن 6، 7 ۽ 8 ڏانهن خاص ڏيان ڏيڻ گهرجي. جيستائين اڇڪلهه سنڌ جي هندو آبادي جي جوڙجڪ جو سوال آهي ته اها 1931ع واري دور کان تمام مختلف آهي ۽ هن گزيٽيئر ۾ انهيءَ جا سبب پوريءَ ريت سمجهايا ويا آهن. هن جلد جي آدمشماري بابت باب ستين ۾ سن 1947ع ۾ پاڪستان جي آزاد رياست جي تشڪيل ڪانپوءِ آدمشماري ۾ آيل وڏين تبديلين جي نوعيت ڇڪي تفصيل سان سمجهائي وئي آهي.

مٿي حوالو ڏنل 1931ع واري آدمشماري جي رپورٽ جي ضميمي ايف ۾ 499 کان 536 تائين صفحن تي آيل هندو ذاتين جي ڏسٽي مان سن 1931ع ۾ سنڌ ۾ هندن جي قسمن بابت ڇڪي خبر پوي ٿي. هاڻي مستقبل ۾ جيڪڏهن ڪنهن سماجياتي جاچ (enquiry) ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو وڃي ته انهي جو بنياد لازماً انهي ڏسٽي کي ٺاهڻ گهرجي. سن 1931ع جي آدمشماري رپورٽ جي هندو ذاتين جي ڏسٽي جي ڪالم 2 مان خبر پوندي ته سنڌ ۾ سن 1931ع ۾ هندن جون مختلف ذاتيون ڪهڙن علائقن ۾ موجود هيون.

ضميمو نمبر: 3

مختلف فصلن، پاڇين ۽ ميوي جي وٽن تي حملو ڪندڙ عام موجود جيتن جي لسٽ. ٻيلي جي وٽن جي سروي نه ڪئي وئي آهي.

جريان نمبر	فصل	جيتن جا عام نالا	سائنسي نالا
.1	ڪپهه	اسپاٽيڊ بال ورم	Earias insulana E. fabia
		پنڪ بال ورم	Platyedra gossy piella
		جيسڊس	Empoasea devastans
		ڪاٽن سيمي لوپر	Tarache notabilis
		وهائيٽ انٽ	Microtermes sp. Nasutitermes sp.
		ڪاٽن سيمي لوپر	Aphis gossypli
		ڪاٽن ليف رولر	Aphis gossypli
		ڪاٽن ليف رولر	Sylepta derogata
		بلئڪ هيڊڊ ڪرڪيٽ	Gryllulus domesticus
		ڊزرٽ لوڪسٽ	Schistocerca gregaria (polyphygus pest)
.2	ساريون	رائيس اسٽيم بورر	Shoenobious bipunctifer Sesamia inferna scirpophaga S.
		ڊيلفا سڊ بگ	Sogata distinces
.3	ڪڪڙ	وهائيٽ اسٽيم فلاءِ	Atherigona sp.
		ڊزرٽ لوڪسٽ	Schistocerca gregaria
.4	ڪمند	ٽاپ بورر	Scripophaga monstigamas
		اسٽيم بورر	Argyria sticticraspic
		روٽ بورر	Emmalocera depressella
		بلئڪ شگر ڪين بگ	Macropes excavatus
		وهائيٽ آنٽ	Microtermes sp.
		شگر ڪين مائيٽ	Palatetranychu s.ndicus
.5	جوئر ۽ مڪئي	اسٽيم بورر	Chilo zonellu: Sesamica sp

Schistocerca gregoria	ڈزرٹ لوکسٹ		
Heliothis armigera (obsoteta) polypnagus pests	گرام پاڈ بورر	دالیون	.6
Antigastra Catalaunalis	تِل لیف رولر	تیلي بجَ	.7
Plusia Crichalcia	کیبیج سیمي لوپر	پاچیون	.8
Bagrada picta	پینٹیڈ بگ		
Athalia proxima	مسترڈ سا فلاء		
Leucinodes orbonalis	برنجال فروٹ بورر		
Euzophera particella	برنجال اسٹیم بورر		
Unentius sentis	برنجال لیس۔ ونگ بگ		
Aulacophera abdominalis Aatripennis	ریڈ پمپکن بیٹل		
Thrips tabaci	اونین ٹرپس		
Chrotogonus sp.	سرفیس گراس ہوپر		
Agrotis ypsilon (polyphagus) Dacus cucurbitae D. zonatus.	کٹ ورم		
Prodenia litura (polyphagus)	ٹوبیکو کیٹر پلر	تماکے	.9
Gnorimoschema heliopa	ٹوبیکو اسٹیم بورر		
Laphygma exigua	لیف ایٹنگ کیٹر پلر	لوسڑ	.10
Aleuro anthus woglumi	سٹرس بلئک فلاءِ	میویدار وٹ	.11
Diaphorina citri	سٹرس سائلا		
Papilio demoleus	لیمن بٹر فلاءِ		
Dia leurodes citri	سٹرس وھائیٹ فلاءِ		
Phyllocinistis vitrella	سٹرس لیف مائنر		
Idiocerus atkinsoni I. dypealis	مینگو ہوپر		
Carpomyia vesuviana	بیر فروٹ فلاءِ		
Eupoctis sp.	ہیئري کیٹر پلر		

ضميمو نمبر: 4

اڳوڻي سنڌ جا ڪمشنر

جريان نمبر	نالو	عهدو	سال
.1	رابرٽ ڪيٽ پرنگل	ڪمشنر	1847_1850
.2	سر ايڇ. بارٽل ايڊي فريئر (پوءِ بمبئي جو گورنر)	ڪمشنر	1851_1859
.3	جنرل جان جيڪب	ائڪٽنگ ڪمشنر	1856_1857
.4	جوناٿن ڊنڪن انويرارٽي (مسٽر انويرارٽي جي دور ۾ ڪمشنرن کي ليفٽيننٽ گورنر جا اختيار عطا ڪيا ويا)	ڪمشنر	1859_1862
.5	سموئيل مينسفيلڊ	ڪمشنر	1862_1867
.6	ميجر جنرل سر وليم لاڪير ميري ويدر	ڪمشنر	1867_1877
.7	وليم هينري هيولاڪ (جنرل ميري ويدر جي حبشه ۾ هٿڙ دوران)	ائڪٽنگ ۽ وقتي ڪمشنر	1867_1868
.8	فرانسس ڊيوس ميل ول	ائڪٽنگ ڪمشنر	1877_1878
.9	سر جيمس بريٽ ويٽ پيلي	ائڪٽنگ ڪمشنر	1878_1879
.10	هينري نيپيئر بروس ارسڪائين	ائڪٽنگ ڪمشنر	جون 1879 1882_1887 آڪٽوبر
.11	چارلس بريڊ لي پريچارڊ	ائڪٽنگ ڪمشنر	اپريل 1887 آگسٽ 1888
.12	آرٿر چارلس ٽريور	ائڪٽنگ ڪمشنر	مئي 1889
.13	مسٽري هينري اينا ب مرچيسن (پوءِ سر جيمس)	ڪمشنر	1891_1900

.14	سر چارلس آليفنٹ	ائکٹنگ کمشنر	.
.15	سر اینڈریو ونگیٹ مسٹر رابرٹ گائیلس	ائکٹنگ کمشنر ائکٹنگ کمشنر	
.16	مسٹر رابرٹ گائیلس ایم. اي	کمشنر	1900_1902
.17	مسٹر اي. کيو مائين	کمشنر	1902_1903
.18	مسٹر جان وليم پٹ مئير ميکنزي	کمشنر	1904_1905
.19	مسٹر آرتھر ڈيلانل ينگ هسبنڈ	کمشنر	1905_1913
.20	مسٹر وليم هينري ليوکاس	کمشنر	1913_1916
.21	مسٹر ريجينالڈ پوکاک بيرو	ائکٹنگ کمشنر	1914_1916
.22	مسٹر هينري استينلي لارينس	کمشنر	1916_1920
.23	مسٹر جين لوئيس ڈوبو	کمشنر	1920_1925
.24	مسٹر پي. آر. کيبل	کمشنر	1925_1926
.25	مسٹر والٹر نرئنک هاپسن	کمشنر	1926_1929
.26	مسٹر جي. اي ٹامس	کمشنر	1929_1934
.27	مسٹر آر. اي گبسن	کمشنر	1936

ضميمو نمبر: 5

اڳوڻي سنڌ جا گورنر

1. ليفٽيننٽ جنرل سر چارلس نيپيئر، گورنر 1847_1843
سن 1847ع ۾ سنڌ صوبي کي گورنمينٽ آف بامبي پريزيڊنسي جي ماتحت بڻايو ويو.
وري 1936ع ۾ سنڌ صوبي کي بمبئي پريزيڊنسي کان جدا ڪري گورنر وارو صوبو ڪيو ويو.

2. سر لانسيلاٽ گراهم	1941_1936 اپريل
3. سرهيو ڊو	1946_1941 اپريل
4. سر فرانسس مودي	جنوري 1946
5. مسٽر غلام حسين هدايت الله	1947.

ضمیمو: 6

اگوٹي خیرپور ریاست جي حاکمن جي لسٹ

.1	میر علي مراد خان تالپر	1843_1894
.2	میر فیض محمد خان تالپر	1894_1909
.3	میر امام بخش خان تالپر	1909_1921
.4	میر علي نواز خان تالپر	1921_1935
.5	میر فیض محمد خان تالپر	1936_13/07/1947 اپریل
.6	میر علي مراد خان تالپر	24/07/1947_13/10/1955

اگوٹي خیرپور ریاست جي ایڈمنسٹریٹرن جي لسٹ

وزیر

.1	خان بهادر قادر داد خان پنهاڑ	1894_1903
.2	سردار محمد یعقوب خان	1903_1907
.3	شیخ صادق علي خان	1907_1912
.4	خان بهادر محمد ابراهیم خان	1912_1919
.5	شیخ محمد قادر خان	1920_1925
.6	محمد یعقوب خان	19261925

ایگزیکیوٹو کائونسل جا صدر

.1	مسٹر هالیفیکس صدر فنانس میمبر ۽ هزهائینس جو چیف ایدوائیزر	1927_1927
.2	مسٹر آءِ. ایچ. ٹانٹن صدر ۽ فنانس میمبر	1927_1930

منسٹرز

.1	مسٹر آءِ ایچ ٹانٹن	1930_1932
.2	مسٹر جي. ايم. سليڊين	1932_1937
.3	ايس اعجاز علي	1937_1947

ايڈوائيزري کائونسل جي مشوري سان

.1	مسٹر ممتاز حسين قزلباش	1947_1955

ڈسٹی

(آ)

آدم شاهه: 171، 317.

آر. ايڇ. ڪينيڊي: 324.

آغا خان: 246، 247.

آفريقا: 49، 65، 108، 129.

آڪلئنڊ: 183، 184.

آئين اڪبري: 165، 166، 273، 410.

(الف)

ابدالي قبيلو: 170.

ابن بطوطه: 158، 322.

ابن حوقل: 247، 308، 310، 410.

احمد شاهه (دراني يا ابدالي): 170 ، 172، 174، 321.

اردو: 259، 260، 264، 266، 596، 599، 608، 631.

اروڙا: 255.

اسٽوارٽ پگٽ: 108، 109، 117، 122، 131، 133، 134.

اشوڪ: 137، 138، 141، 148، 262، 263، 305.

افغان: 166، 172، 175، 218، 221، 236، 264، 275، 354، 688، 690.

افغانستان: 40، 65، 88، 132، 172، 173، 177، 179، 180، 181، 182، 183، 184، 235، 245، 261، 265، 317، 520، 590، 687، 688.

افغانن: 170، 234، 241، 687.

اڪبر: 160، 161، 164، 165، 166، 167، 271، 315، 316، 318، 323، 326، 410.

الادريسي: 308، 310.

الور يا اروڙ: 49، 86، 138، 143، 146، 148، 149، 151، 153، 156، 237، 254، 305، 306، 307، 308، 314، 316، 409.

اليگزينڈر برنس: 24، 60، 70، 324، 410.

امام حسينؑ: 244.

انڊس: 13، 39، 295، 318، 508، 517، 528، 530، 548، 549، 657، 686.

انڊيا: 29، 229، 434، 713.

انسائيڪلوپيڊيا برٽينيڪا: 131، 209.

انگريزي: 247، 260، 372، 379، 388، 522، 523، 541، 593، 593، 595، 596، 600، 601، 608، 622، 666.

انگلينڈ: 216، 363، 386، 443، 632.

اورنگزيب: 160، 161، 168، 169، 170، 173، 306، 316.

اي. ايڇ. ائٽڪن: 61، 67، 68، 171، 176، 235.

ايڇ. ٽي. سورلي: 47، 225.

ايڇ. ٽي. لئمبرڪ: 60، 61، 234، 239، 242، 243، 244، 248، 713.

ايبٽ: 307، 316، 322، 323.

ايسٽ انڊيا ڪمپني: 168، 170، 174، 175، 181، 183، 188، 307، 596، 687.

اي. گهوش: 116.

ايلنبرو: 183، 184، 188.

ايم.ڪي.گانڌي: 197، 198، 199، 200، 201، 202، 203.

اين. اي. فاروقي: 8.

اين. ايس. گدواڻي: 6.

اين. جي. مجمدار: 114، 117، 131، 132، 296، 298، 299، 307، 308.

ايليٽ: 272.

(ب)

بدايوني: 158، 322، 323.

براهوي: 241، 259، 274.

برهمڻ: 139، 146، 148، 149، 247، 271.

برهمڻ آباد: 113، 138، 143، 148، 149، 151، 156، 254، 304، 305، 306، 309، 310، 311، 312، 313، 314، 377.

بکر: 15، 17، 18، 19، 158، 164، 165، 166، 167، 168، 169، 174، 176، 183، 184، 245، 271 314، 316، 371، 412، 527، 542.

بلقرنامہ: 272.

بلوچستان: 14، 15، 40، 56، 65، 101، 102، 109، 110، 114، 116، 122، 129، 131، 132، 133، 135، 148، 188، 198، 206، 207، 211، 212، 216، 219، 220، 231، 232، 235، 239، 241، 242، 243، 295، 296، 297، 299، 300، 405، 410، 422، 434، 464، 465، 468، 507، 520، 526، 550، 560، 591، 621، 640، 656، 677، 688، 680.

بلوچي: 45، 52، 241، 249، 259 260، 261، 274، 284، 289، 290، 292، 508، 509، 511، 600، 686.

بلو کوکر: 270.

بمبئي: 26، 47، 54، 63، 95، 112، 172، 181، 183، 194، 197، 198، 207، 208، 212، 220، 221، 225، 233، 237، 251، 255، 279، 324، 325، 335، 369، 383، 401، 413، 418، 430، 431، 433، 450، 468، 510، 511، 512، 528، 532، 535، 539، 562، 564، 565، 581، 590، 591، 601، 603، 616، 642، 645، 674، 675، 677، 681، 686، 687، 688.

بنگال: 41، 166، 197، 199، 201، 206، 207، 208، 209، 541، 554، 688، 689

بنو اميہ: 151

بني عباس: 245.

بوريحان البيروني: 311.

بهاولپور: 14، 16، 25، 54، 74، 100، 116، 143، 165، 173، 190، 198، 212، 213، 220، 237، 238، 246، 247، 293، 343، 677.

بهاءالدين زكريا: 275.

بيلاسس: 311، 312.

(پ)

پُڈ ڈرم: 136، 137، 138، 139، 141، 143، 147، 148، 149، 244، 254، 303.

(پ)

پيل: 74، 75، 218، 232، 234، 253، 256، 257، 258.

(ت)

تاريخ طاهري: 272.

تاريخ فرشتہ: 237.

تاريخ فيروز شاهي: 158، 323.

تاريخ معصومي: 158، 270، 271، 272، 305، 316، 322.

تحفةالكرام: 151، 159، 164، 236، 237، 270، 272، 282، 291، 292، 306، 309، 322، 325، 328.

ترخان: 158، 159، 160، 161، 167، 173، 265، 272، 275، 325، 326، 327، 328.

ترخان نامہ: 272.

تركي: 160، 161، 216، 527.

(ٹ)

ٹاٹو بولاخان: 36، 39، 49، 560، 561.

ٹرپارکر: 14، 16، 25، 29، 54، 64، 69، 88، 100، 138، 194، 217، 234، 241، 257، 280، 301، 338، 359، 365، 366، 376، 379، 388، 390، 394، 395، 397، 401، 403، 406، 407، 409، 487، 490، 511، 512، 513، 517، 519، 521، 526، 547، 554، 562، 565، 566، 573، 577، 603، 620، 627، 635، 636، 649، 650.

(ٹ)

ٹالپر: 145، 172، 173، 174، 175، 176، 177، 178، 179، 180، 186، 239، 241، 245، 247، 253، 257، 264، 269، 272، 292، 301، 317، 324، 333، 338، 339، 344، 354، 415، 416، 592، 677، 687، 688، 719.

ٹلٹي: 159، 406.

(ڈ)

ڈارو ٹکري: 296.

ڈنو: 15، 21، 25، 39، 90، 150، 155، 164، 166، 173، 245، 263، 272، 281، 308، 317، 322، 323، 325، 326، 364، 381، 511، 525، 592، 650، 663.

(پ)

پاکستان: 13، 14، 17، 29، 40، 42، 45، 49، 51، 64، 65، 86، 98، 101، 108، 109، 112، 113، 114، 116، 119، 121، 122، 128، 132، 134، 135، 136، 139، 145، 198، 199، 203، 204، 205، 206، 207، 208، 209، 211، 212، 213، 216، 217، 218، 219، 221، 223، 224، 228، 229، 232، 234، 238، 243، 251، 274، 285، 288، 293، 322، 349، 357، 358، 359، 360، 383، 391، 394، 399، 405، 407، 423، 425، 458، 460، 461، 466، 477، 478، 482، 490، 495، 497، 498، 502، 503، 507، 508، 509، 510، 512، 518، 519، 520، 524، 526، 527، 531، 548، 556، 558، 559، 560، 561، 563، 565، 566، 567، 572، 573، 574، 575، 581، 584، 589، 590، 595، 597، 598، 599، 601، 605، 606، 607، 614، 622، 625، 626، 632، 637، 638، 643، 644، 645، 647، 648، 649، 651، 652، 653، 654، 655، 656، 658، 659، 660، 664، 665، 666، 667، 670، 671، 672، 673، 677، 678، 679، 680، 681، 682، 683، 684، 685، 686، 690، 691، 692، 694، 713.

پناڻ: 168، 172، 173، 174، 217، 233، 237، 286.

پنجاب: 14، 40، 45، 54، 57، 63، 66، 74، 81، 109، 112، 113، 117، 134، 146، 148، 153، 170، 182، 183، 192، 194، 198، 207، 209، 212، 219، 220، 231، 235، 246، 250، 254، 261، 263، 264، 343، 349، 368، 372، 387، 389، 390، 393، 395، 409، 425، 432، 433، 458، 468، 480، 526، 528، 530، 542، 547، 554، 562، 564، 583، 590، 606، 607، 619، 620، 640، 647، 648، 649، 677، 687، 689.

پوٹنگر: 283، 285، 324.

پیٹرک کیڈل: 6، 590، 686.

(ج)

جامع مسجد: 164، 315، 318، 325، 326، 328.

جت: 148، 149، 217، 218.

جنرل ایم. آر. هیگ: 305، 312.

جنرل جان جیکب: 230، 241، 417، 591، 597، 688، 716.

جنرل سمپسن: 190.

جنرل کننگهام: 113.

جنرل هنٹر: 190.

جواهر لال نهرو: 209.

جهانگیر بادشاهہ: 160، 164، 326.

جهرڪ: 20، 31، 39، 83، 138، 191، 305، 548، 549، 562، 563.

جي. ڈبليو. سمٹ: 72، 301، 314.

جيسلمير: 57، 255، 321.

جيڪب آباد: 25، 27، 41، 44، 46، 47، 61، 68، 69، 70، 71، 83، 86، 101، 190، 217، 240، 260،

279، 280، 286، 289، 290، 355، 398، 400، 402،
404، 417، 419، 464، 478، 487، 511، 524، 525،
527، 547، 573، 583، 589، 591، 603، 635، 636،
640، 644، 662، 663، 688.

جين ڏرم: 147، 228.

(چ)

چام نظاالدين: 158، 159، 323، 325، 327.

(چ)

چانڊڪو پرڳتو 158، 171، 187، 317.

چچ: 138، 149، 237، 261، 274، 306، 308.

چچ نامو: 236، 237، 254، 271، 305، 306، 312، 316.

چنگيز خان: 159.

چين: 108، 131، 133، 153، 308، 535، 536.

(ح)

حب ندي: 15، 22، 56، 69، 70، 74، 91، 92، 97، 99.

حضرت ابوبڪر صديقؓ: 246.

حضرت اسماعيل بن امام جعفر صادقؑ: 246.

حيدرآباد: 15، 22، 25، 28، 29، 39، 43، 44، 45، 48،
49، 58، 60، 63، 69، 70، 71، 79، 82، 101، 112، 113،
138، 146، 149، 175، 176، 177، 179، 180، 181، 182،
184، 185، 186، 189، 190، 191، 192، 194، 195، 196،
209، 217، 218، 219، 220، 240، 241، 245، 255، 257،
260، 263، 279، 283، 285، 301، 311، 323، 324، 345،
349، 350، 352، 364، 365، 372، 376، 377، 379، 381،
382، 383، 392، 397، 401، 402، 403، 409، 412، 413،
415، 416، 417، 419، 423، 430، 431، 459، 464، 478،
482، 487، 504، 507، 508، 512، 513، 516، 517، 521،
524، 525، 526، 527، 541، 547، 548، 549، 552، 553،
554، 555، 557، 561، 562، 563، 565، 567، 573، 582،
583، 590، 591، 593، 596، 602، 604، 605، 606،
607، 608، 609، 610، 611، 612، 625، 627، 628، 638،
639، 641، 644، 645، 650، 652، 653، 654، 655، 656،
661، 662، 663، 675، 677، 684، 686، 688، 689، 691.

(خ)

خليفو مامون: 151.

خيرپور: 13، 14، 15، 17، 25، 39، 40، 44، 46،
49، 51، 53، 55، 56، 58، 59، 66، 67، 71، 73، 76،
80، 81، 82، 83، 89، 90، 97، 104، 108، 109، 131،
152، 177، 180، 184، 198، 211، 214، 219، 223،
225، 228، 245، 251، 259، 271، 279، 283، 317،
331، 332، 343، 346، 349، 360، 361، 362، 363،
364، 373، 386، 405، 408، 412، 420، 421، 429،
432، 434، 435، 442، 443، 444، 447، 448، 449،
450، 451، 452، 468، 477، 478، 479، 483، 484،
485، 486، 487، 489، 490، 491، 494، 495، 502،
503، 504، 507، 508، 514، 515، 518، 519، 520،
523، 526، 527، 531، 534، 547، 548، 553، 560،
562، 576، 583، 594، 595، 599، 610، 615، 628،
631، 632، 636، 638، 639، 641، 643، 644، 645،
647، 648، 649، 650، 651، 652، 656، 657، 665،
677، 678، 679، 681، 688، 690، 691، 696، 613،
619.

(د)

دادو: 16، 69، 70، 71، 101، 104، 146، 239، 240،
245، 260، 298، 299، 359، 364، 369، 370، 400،
403، 405، 421، 423، 435، 448، 472، 473، 482،
486، 487، 571، 606، 620، 635، 644، 650، 661،
663.

دارا شڪوهه: 168، 316.

درگاهه علي: 315.

دهلي: 145، 154، 155، 156، 157، 158، 159، 160، 161، 164، 165، 166، 170، 171، 172، 174، 205، 207، 208، 209، 220، 245، 316، 323، 327، 345، 395، 401، 514، 642، 687.

ديبل: 143، 148، 150، 151، 158، 281، 307، 308، 309.

(ڊ)

ڊيوي ايم. وي: 8.

ڊاڪٽر ايچ. ايم. گربخشاڻي: 70.

ڊاڪٽر ايس. زيڊ. حسنين: 5.

ڊاڪٽر اين.اي. بلوچ: 6.

ڊاڪٽر يو. ايم. دائودپوٽ: 6، 265، 601، 682

(ذ)

ذخيرة الخوانين: 275.

(ر)

راجا ڏاهر: 149، 150، 306، 307، 308، 312، 314.

راجپوت: 114، 148، 150، 155، 157، 158، 168، 218، 219، 233، 234، 235، 236، 237، 238، 247، 253، 255، 256، 257، 263، 276، 355، 686، 689

راجپوتانا: 23، 40، 45، 58، 116، 134، 167، 220، 256، 263، 276، 289.

راجستان: 58، 102، 104، 116، 153، 259، 409.

راجستان: 14، 361، 362.

رالنسن، ايچ. ايل.: 167، 229.

راڻي وڪٽوريا: 179.

رند: 238.

رني ڪوٽ: 29، 33، 34، 325، 561، 562.

روهڙي: 15، 16، 17، 23، 39، 45، 46، 54، 59، 67، 100، 110، 111، 113، 146، 169، 191، 193، 194، 245، 255، 266، 279، 296، 306، 307، 314، 315، 316، 317، 319، 320، 343، 345، 369، 412، 417، 419، 421، 429، 430، 431، 432، 433، 434، 435، 442، 444، 447، 448، 450، 451، 452، 453، 457، 464، 465، 472، 507، 511، 526، 527، 542، 561، 563، 592، 639، 686.

(ز)

زدونيا: 126.

زنده پير: 316.

زردشتي: 216، 228.

زميندار (زمينداري): 47، 63، 67، 93، 189، 240، 244، 247، 254، 257، 282، 283، 284، 289، 317، 335، 340، 343، 344، 345، 347، 350، 351، 352، 372، 393، 394، 455، 456، 490، 491، 495، 499، 503، 669.

زوب: 110، 131.

زهمر: 276.

زيلگٽ: 276.

(س)

ساموئي: 158، 159، 236، 237، 328.

سانگهڙ: 101، 156، 359، 364، 397، 321.

سراسٽئفورڊ ڪرپس: 202، 204.

سر آريل اسٽائين: 133.

سر بارٽل فريئر: 190، 192، 328، 354، 417، 524، 596.

سر چارلس نيپيئر: 58، 145، 184، 185، 198، 482، 590، 591، 674، 718.

سر رچرڊ برٽن: 141، 142، 266، 274، 289، 318.

سر مارٽيمر ويلر: 116، 133.

سُر آسا: 269.

سُر بلال: 269.

سُر ڪلياڻ: 267.

ستلج: 22، 23، 100، 305.
سسئي: 308، 309.
سڪرنڊ: 61، 86، 87، 393، 395، 400، 405، 494، 497، 526، 527، 654.
سڪندر اعظم: 23، 68، 134، 136، 137، 158، 250، 266، 307.
سکر: 17، 25، 43، 45، 48، 54، 59، 60، 61، 63، 66، 69، 77، 81، 101، 110، 168، 171، 185، 210، 240، 254، 260، 271، 279، 286، 293، 314، 316، 317، 318،343، 345، 348، 350، 363، 364، 359، 369، 392، 401، 409، 417، 418، 421، 423، 433، 434، 435، 443، 444، 445، 447، 450، 457، 458، 464، 465، 475، 477، 478، 486، 487، 508، 516، 525، 526، 527، 528، 530، 531، 541، 542، 546، 547، 548، 549، 550، 552، 553، 558، 562، 564، 565، 567، 573، 582، 583، 590، 603، 605، 615، 618، 619، 628، 629، 636، 639، 644، 650، 654، 655، 662، 664، 678، 681، 688، 695.
سکربئراج: 14، 23، 101، 104، 210، 214، 219، 348.
سما: 157، 158، 159، 173، 217، 234، 235، 236، 237، 325، 327، 328.
سنڌ: 13، 14، 15، 16، 17، 18، 22، 23، 24، 25، 26، 27، 28، 29، 30، 31، 32، 33، 35، 36، 37، 38، 39، 40، 43، 44، 45، 47، 49، 50، 51، 54، 56، 59، 60، 61، 63، 64، 65، 68، 69، 70، 71، 72، 77، 80، 82، 83، 86، 93، 100، 102، 108، 109، 110، 112، 131، 136، 143، 148، 151، 155، 165، 172، 176، 185، 190، 194، 198، 203، 208، 212، 215، 220، 231، 238، 239، 241، 243، 245، 247، 248، 250، 255، 257، 259، 260، 265، 266، 270، 271، 274، 279، 281، 285، 289، 292، 296، 299، 300، 301، 305، 306، 308، 314، 318، 323، 331، 332، 334، 335، 336، 338، 339، 342، 343، 344، 346، 347، 348، 349، 350، 353، 355، 356، 357، 358، 359، 360، 361، 362، 363، 365، 366، 368، 369، 370، 371، 372، 373، 374، 376، 378، 380، 381، 382، 383، 384، 385، 386، 387، 308، 389، 390، 392، 393، 394، 395، 396، 397، 398، 399، 400، 401، 402، 403، 404، 405، 406، 408، 409، 410، 411، 412، 413، 414، 415، 416، 417، 418، 419، 420، 421، 422، 423، 424، 425، 428، 429، 430، 431، 432، 433، 434، 437، 445، 447، 448، 451، 452، 455، 456، 457، 458، 461، 464، 466، 467، 468، 470، 472، 473، 474، 477، 478، 479، 480، 481، 482، 483، 484، 485، 486، 487، 489، 490، 491، 492، 493، 494، 495، 496، 497، 499، 500، 501، 502، 503، 504، 505، 506، 507، 508، 509، 510، 511، 512، 513، 514، 515، 516، 517، 518، 519، 520، 521، 522، 523، 524، 525، 526، 527، 528، 530، 531، 532، 533، 534، 538، 539، 540، 541، 542، 546، 547، 548، 549، 550، 551، 553، 554، 556، 558، 560، 561، 562، 563، 564، 565، 566، 567، 568، 570، 571، 572، 573، 574، 575، 576، 577، 581، 582، 583، 584، 590، 591، 592، 593، 594، 595، 597، 598، 599، 600، 601، 602، 603، 604، 605، 606، 607، 609، 610، 612، 614، 615، 616، 617، 618، 619، 620، 621، 622، 625، 626، 628، 629، 630، 631، 632، 633، 634، 635، 636، 637، 638، 639، 640، 641، 642، 643، 644،

645، 647، 648، 649، 650، 651، 652، 653، 654،
655، 656، 657، 659، 660، 661، 663، 665، 666،
667، 668، 669، 674، 675، 676، 677، 679، 680،
681، 682، 683، 684، 685، 686، 687، 688، 689،
690، 691، 694، 696، 713، 716، 718.

سنڌي ادبي بورڊ: 7، 606.

سنسڪرت: 144، 261، 263، 270، 314، 373، 603.

سني: 155، 238، 241، 290، 291، 686.

سوڍا: 218، 235، 257، 355، 560.

سومرا: 145، 154، 155، 157، 237.

سهتا: 236، 254، 255.

سي. آر. ائٽلي: 207.

سيد جمال شيرازي: 272.

سيلون: 41، 42، 153.

سيوهڻ: 6 ، 17، 22، 23، 29، 37، 70، 100، 137،
139 ، 146، 148، 149، 150، 154، 157، 158 ، 159،
164، 165، 168، 178، 193 ، 236، 245، 279، 283،
289، 306، 409، 5 6 ، 522، 571، 655، 689.

(ش)

شاهه بيگ ارغون 158، 159، 160، 161، 164

شاهجهان: 160، 164، 165، 168.

شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ : 265، 266، 267، 269،
272، 273، 274، 275.

شجراع: 246

شڪارپور: 16، 17، 22، 25، 41، 43، 49، 60، 165،
171، 173، 175، 176، 177، 180، 182، 189، 190، 192،
195، 217، 241، 251، 263، 276، 279، 317، 343، 353،
354، 369، 392، 412، 465، 472، 473، 499، 513، 524،
525، 548، 573، 582، 583، 590، 591، 592، 595، 596،
604، 612، 627، 640، 641، 663، 688.

(ع)

عباس: 171.

عباسي: 151، 155، 165 ، 215، 264، 311، 604.

عبدالله سفاح: 151.

عامل: 197، 253، 254.

عرب (حڪومت): 149، 154.

عربي (بولي): 144.

عطر خان ڪلهوڙو: 174.

علاءُ الدين جلجي: 322، 323.

علي بن حامد: 271.

عمرڪوٽ: 24، 167، 176، 180، 272، 603، 688.

(غ)

غزني: 153، 156، 316.

غلام حسين هدايت الله: 208، 595، 607، 675،
676، 718.

غلام شاهه خان: 174.

(ف)

فادر مانرق: 323.

فارسي: 144، 154، 195، 259، 260، 262، 263،
264، 265، 266، 269، 270، 310، 315، 318، 327،
592، 593، 596، 598، 608.

فتح نامه: 272، 274.

فدا حسين: 8.

(ق)

قائداعظم محمد علي جناح: 202، 205، 207، 208، 209.

قرآن مجيد: 266، 269، 287، 290، 291، 292، 315

قلات: 102، 171، 173، 174، 177، 180، 300، 520، 620.

(ڪ)

ڪابل: 172، 174، 182، 183، 688.

دیاوار: 26، 92، 104، 148، [illegible] 270، [illegible] 487، 537.

کافرستان: 249.

کمبي: 114.

کچ: 14، 23، [illegible] 38، 39، [illegible] 156، 157، [illegible] 181، [illegible] 255، [illegible] 365، [illegible] 521، [illegible] 530، 537، 550، [illegible] 561.

کچي: 75، 97، 254، 260، 520.

کراچي: [illegible] 17، 20، 22، 26، [illegible] 42، [illegible] 56، [illegible] 70، 71، 80، 85، 101، 110، 116، 145، [illegible] 188، 195، [illegible] 205، 212، 220، 227، [illegible] 246، [illegible] 270، 283، 295، 299، 308، 309، 317، [illegible] 379، 381، 383، 387، 388، 392، 395، [illegible] 405، 415، 417، 422، [illegible] 423، 424، 459، 460، [illegible] 520، [illegible] 524، [illegible] 528، [illegible] 532، [illegible] 538، [illegible] 541، 546، [illegible] 562، [illegible] 569، 574، [illegible] 581، [illegible] 589، [illegible] 591، 592، 595، [illegible] 603، [illegible] 605، 607، 608، [illegible] 627، [illegible] 680، 688، 690.

کريس مشن: 196.

کريمر [illegible]

کشمير: [illegible] 305.

کلهوڑو: 115، [illegible] 173، 174، [illegible] 247، 253، [illegible] 324.

کوئٹہ: [illegible]

کوٹڑي: 18، 19، 20، 22، 33، 45، 50، 70، 109، [illegible] 299، 293، 240، 210، 117، 101، [illegible] 419، 421، 422، [illegible] 462، [illegible] 508، 524، 525، 527، 528، [illegible] 542، 546، 554، 562، 563، 564، 567، 583، 609، [illegible] 654، 657، 663.

ڪوري ٽاپو: 16.

کولي: 500.

ڪنڊيالا: 102، 131، [illegible] 212، [illegible] 383، [illegible] 526، [illegible] 549، 552، 591، 640، [illegible] 690.

کوهستان: 14، [illegible] 17، 49، 56، 58، [illegible] 276، [illegible] 338، 349، 361، 362، 406، [illegible] 559، 560، 563، 634.

کيپٹن الیگزینڈر هئملٹن: 323، 381.

کي. آر. اينڈ: 6، 696.

(گ)

گاپار: [illegible] 8، [illegible] 649.

گبول: 239.

گدوبئراج: 17، 370.

(ل)

لارڈ ربڈ کلف: 28.

لارڈ مائونٹ بیٹن: 207، 208.

لارڈ ویول: 114، 207.

لاڑکاٹو: 16، 23، 25، 41، 49، 69، 70، 89، 101، [illegible] 187، [illegible] 196، 240،

241، 244، 249، 251، 260، 283، 286، 293، 317، 359، 364، 401، 464، 546، 548، 573، 634، 650، 663.

لائيڊ بئراج: 197، 198، 347.

لاهور: 113، 145، 168، 169، 203، 204، 205، 213، 254، 323، 526، 527، 528، 604، 660، 677، 678، 686.

لعل شهباز قلندر: 156، 263، 306.

لکي: 16، 17، 29، 33، 35، 36، 37، 51، 68، 100، 654، 706.

لنڊن: 168، 432، 433، 435، 443، 462، 508، 560، 563، 675.

لوهاڻا: 148، 179، 218، 234، 237، 246، 253، 254، 255، 385.

ليفٽيننٽ پوسٽنس: 250، 276، 410.

ليلا: 269.

(م)

ماچي: 256، 470.

مانٽيگو- چيلمفورڊ: 201.

محمد اڪرم: 8

محمد بن قاسم: 113، 149، 150، 151، 154، 235، 271، 306، 307، 308، 309، 310، 311، 312.

محمد تغلق: 323.

محمود غزنوي: 154، 155، 156، 159، 311.

مرزا جاني بيگ: 161، 164، 165، 275، 323، 326.

مرزا طغرل بيگ: 327.

مرزا عيسيٰ خان ترخان: 161، 167، 325، 326، 327، 328.

مرزا غازي بيگ: 164، 275، 326.

مرزا قليچ بيگ: (d)، 266، 270، 274.

مسلمان: 150، 153، 154، 155، 156، 158، 161، 180، 195، 197، 199، 200، 202، 203، 204، 205، 206، 216، 228، 233، 235، 236، 237، 238، 245، 256، 266، 279، 281، 284، 287، 305، 309، 310، 312، 321، 481، 492، 493، 497، 508، 512، 513، 519، 567، 592، 593، 594، 599، 601، 602، 603، 618، 642، 649، 650، 675، 676، 677.

مسلم ليگ: 202، 203، 204، 205، 206، 207، 666

مصر: 114، 128، 133، 297، 368، 408، 470

مغل: 145، 154، 159، 160، 161، 165، 166، 168، 169، 170، 171، 172، 173، 176، 178، 179، 218، 233، 234، 236، 247، 272، 273، 276، 281، 292، 328، 339، 410، 411، 412، 671.

مڪران: 42، 50، 53، 56، 59، 65، 92، 98، 114، 117، 146، 148، 165، 188، 238، 241، 250، 297، 306، 310، 397، 532، 533، 553، 687.

ملکي جي ٽڪري: 15، 43، 46، 49، 158، 159، 161، 322، 325، 326، 327

ملاح: 250.

ملتان: 148، 149، 151، 153، 154، 155، 156، 157، 161، 164، 165، 171، 182، 245، 247، 254، 275، 310، 311، 317، 328، 511، 512، 524، 528، 546.

ملير: 22، 47، 68، 78، 79، 80، 244، 296، 381، 405، 480، 553.

منٽو مارلي: 201، 674، 675.

منصور الحلاج: 269.

منصوره: 153، 306، 310، 311، 312، 313، 410.

منگهوپير: 36، 72، 244.

منوچي: 168، 169.

موئن جو دڙو: 114، 116، 117، 118، 131، 132، 135، 136، 293، 294، 295، 296، 297، 298، 299، 300، 301.
مهاراجا رنجيت سنگهه: 182، 183، 689.
مهاڻا: 46، 52، 53، 73، 84، 93، 94، 95، 99، 137، 148، 178، 217، 234، 235، 250، 251، 488، 489، 532، 533، 534، 542، 543، 544، 545.
مهر: 165، 173، 464.
مهران: 305، 306، 308، 310، 331، 409، 410.
مياڻي جي جنگ: 179، 189، 353، 455، 482، 612
ميرپورخاص: 101، 138، 139، 177، 180، 184، 185، 260، 301، 305، 394، 396، 526، 644، 650، 653، 661، 663.
ميجر آئوٽ رام: 184، 185.
مير سهراب خان ٽالپر: 180، 677
مير فتح علي خان ٽالپر: 177، 180، 181، 272، 677.
مير محمد: 156، 159، 17
ميسوپوٽيميا: 119، 121، 133، 23
ميهڙ: 209.
[illegible]: 15، 23.

نادر شاهه: 168، 170، 172، 174.
ناصرالدين قباچه: 171.
نبي ڪريم (حضرت محمدؐ): 149، 157، 171، 226، 244، 245.
نصرپور: 156، 281، 311، 510، 513، 517.

نوابشاهه: 45، 48، 69، 79، 82، 83، 101، 194، 217، 219، 244، 249، 260، 314، 349، 359، 364، 487، 548، 573، 62[illegible]، 635، 644، 650، 654، 663.
نظام الدين: 157.
نندرا: 131، 390.
ننگرپارڪر: [illegible]، 24، 29، 38، 83، 349، 366، 606، 687، 689.
نئين ڪيتي: 271.

وزارتي مشن: 198.
وون آرلچ: 281.

هارون الرشيد: 151.
هالا: 15، 22، 280، 281، 328، 508، [illegible]، 513، 516، 517، 521، 525، 526، 604، 655.
هانبحي: 60، 70، 98، 101، [illegible]4.
هڙاپ: 110، 112، 113، [illegible]، 122، [illegible]، 125، 128، 130، 132، 135، [illegible]، 46.
هنالي: 23، 40، [illegible]، 198، 289، [illegible]، 46.
هندستان بادشاهه: 160، 161، [illegible]، 326.
هندو ڪش جبل: 110، 137، [illegible]، 302، 305، 310، [illegible]2، 318.

يونان: 126، 362.
يار محمد ڪلهوڙو: 173.

ڊاڪٽر هربرٽ ٽاور سورلي جو تعلق برطانيہ سان هو سندس جنم جي تاريخ 12_ اپريل 1892ع آهي. انگريزن جي راج ۾ 1915ع ڌاري، نندي کنڊ جي سِول سروس ۾ چونڊجڻ سان هُو اسسٽنٽ ڪمشنر مقرر ٿيو. سُڌت ئي بامبي سرڪار سندس خدمتون سنڌ ڪمشنريءَ جي حوالي ڪيون، جتي هُن ٻين ڪيترن ئي اعليٰ انتظامي عهدن تي ڪم ڪرڻ سان گڏ جيڪب آباد، حيدرآباد، نوابشاهہ، سکر ۽ ٽرپارکر ۾ ڊپٽي ڪمشنر/ڪليڪٽر جي حيثيت ۾ خدمتون بجا آندیون. بعد ۾ 1952ع تائين، پاڪستان سرڪار جي سينٽرل بورڊ آف روينيو ۾ ميمبر جي حيثيت ۾ ڪم ڪيائين.

ڊاڪٽر سورلي سنڌ ۾ پنهنجي مصروف ملازمت جي دوران وقت ڪڍي، سنڌ جي ٻين متعدد علمي موضوعن سان گڏ خاص طور تي شاهہ عبداللطيف جي ڪلام تي ڳوڙهي تحقيق ڪرڻ جو قصد ڪيو.

1926_1927ع ۾ جڏهن هُو حيدرآباد ۾ ڪليڪٽر هو تڏهن هر جمعرات تي، پابنديءَ سان هُو ٻٽ شاهہ تي پهچي پريات تائين لطيفي راڳ ٻُڌڻ ۽ اُن تي تحقيق ڪرڻ سان گڏ سگهڙن ۽ سالڪن کان شاهہ صاحب بابت معلومات جمع ڪندو هو. شاهہ عبداللطيف جي شاعريءَ سان پنهنجي والهانہ عشق جي بنياد تي، پنهنجي پي.ايڇ.ڊيءَ لاءِ شاهہ صاحب کي ئي تحقيقي ٿيسز جو عنوان مقرر ڪيائين، جنهن تي آڪسفورڊ يونيورسٽي ڪيس ڊاڪٽريٽ جي ڊگري ڏني. "شاهہ عبداللطيف آف ٻٽ" جي نالي سان سندس اهو ڪتاب 1940ع ۾ لنڊن مان شايع ٿيو. جنهن جي اشاعت سان شاهہ صاحب جي آفاقي پيغام کي عالمي ليول تي، پهريون ڀيرو، پرپور تعارف حاصل ٿيو.

53_1952ع ڌاري جڏهن هُو ڪراچيءَ ۾ پنهنجي منصبي خدمتن کان فارغ ٿيو، تڏهن سنڌ جي اُن وقت جي منسٽر، آنربل پير علي محمد راشديءَ جي تحرڪ تي، سنڌ سرڪار ڪيس "سنڌ گزيٽيئر" لکڻ جو ڪم سونپيو. جنهن تي سورلي صاحب ورهين جا ورهيہ جيڪا عرقريزي ڪئي، سا انهيءَ جامع جلد مان ظاهر آهي. بعد ۾ هو روڊيشيا (زمباوي) لڏي ويو. جتي سالسبري (حراري) ۾ ڊسمبر 1959ع ۾ سونپيل تحقيق مڪمل ڪيائين. سنڌ جي محسن ڊاڪٽر ايڇ.ٽي.سورلي 7_ آگسٽ 1968ع تي وفات ڪئي.

مارچ 1975ع ۾ ڪراچيءَ ۾ منعقد ڪيل بين الاقوامي "سنڌ صدين کان" سيمينار جي پڃاڻيءَ بعد حيدرآباد ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ طرفان هڪ اسپيشل ڪانووڪيشن ۾ ممتاز مستشرقہ ڊاڪٽر اَنيمري شِمل سان گڏ ڊاڪٽر ايڇ.ٽي سورلي کي (بعد از مرگ) ڊاڪٽريٽ جي اعزازي ڊگري ڏني ويئي. جا لنڊن مان آيل سندس نياڻي وصول ڪئي. ـ ن.ا.ش

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.
© 2015 AutoNavi